مهراڻ

شاعر نمبر



سنڌي ادبي بورڊ
جام شورو/ حيدرآباد
١٤١١هـ/ ١٩٩٠ع

مہراٹ

مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽ ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

شاعر نمبر

[حصو پهريون]



١٤١١ھ/١٩٩٠ع

سنڌي ادبي بورڊ

جام شورو/ حيدرآباد

چپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم

چاپو	پهريون ۱۹۶۹
	ٻيو ڊسمبر ۱۹۹۰ع
تعداد	ٻه هزار
[redacted]	[redacted]
چپيندڙ	آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
چپائيندڙ	سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو


ملڻ جو هنڌ

سنڌي ادبي بورڈ جو بوڪ اسٽال
تلڪ چاڑهي حيدرآباد سنڌ.

Published with the affiliation of Academy of Letters, Islamabad

Kitab [illegible] Hyderabad.
Price 300

All rights are reserved for the Publisher
MEHRAN (SHAIR NUMBER)
First Edition: 1969
Second Editon: 1990
Copies: 2000
[redacted]
Printed by: Azad Communication,
B-24 National Auto Plaza Marston Road, Karachi. Ph. 7737290
Published by :Mr. Wali Muhammad Roonjho, Secretary Sindhi Adabi Board,
Jam Shoro, Sindh Pakistan.


مولانا رومي

فهرست

ناشر جونوت : ولي سروري

گذارش : غلام محمد گرامي

[۱]

صفحو

۱- مخدوم محمّد زمان "طالب المولیٰ" ۱

۲- آغا عبدالنّبي خان "آغا" ۲۵

۳- ډاکټر اسدالله شاه "بیخود" حسیني ۳۴

[۲]

۴- ډاکټر نبي بخش خان بلوچ ۴۸ الف کان ....ذ (۲۴ صفحا)

۵- ډاکټر شیخ محمّد ابراهیم "خلیل" ۴۹

۶- رشید احمد لاشاري "رشید" ۶۴

۷- "فیض" بخشاپوري ۷۳

۸- عبدالله "خواب" حیدرآبادي ۸۲

۹- سردار علي شاه "ذاکر" ۹۲

۱۰- ا.ح. جئسنگهاڻي "سام" ۱۰۸

۱۱- شیخ عبدالرزّاق "راز" ۱۱۷

۱۲- "سلیم" هالائي ۱۲۵

۱۳- محمّد اسماعیل عرساڻي "فدا" ۱۲۸

۱۴- مرزا اسد بیگ "اسد" ۱۳۹

۱۵- سیّد نجف علي شاه "کمتر" نقوي ۱۴۶

۱۶- سیّد لطف علي شاه "منظور" نقوي ۱۵۰

۱۷- عبدالفتاح "عبد" عاقلي ۱۶۰

۱۸- سیّد "اظهر" گیلاني ۱۶۴

۱۹- مظفّر حسین "جوش" ۱۷۳

۲۰- عبدالقیّوم "صائب" ۱۸۰

۲۱- بلاول "پرديسي" ۱۸۶
۲۲- "معمور" يوسفائي ۱۹۱
۲۳- عمرالدين "بيدار" ۲۰۱
۲۴- "قلندر" لكياري ۲۰۶
۲۵- حبيب‌الله "حبيب" پتو ۲۱۱
۲۶- نور "شاهين" ۲۱۳
۲۷- رضيه "ناز" پتي ۲۴۰

[۳]

۲۸- مولانا دين محمّد "اديب" فيروز شاهي ۲۴۷
۲۹- حافظ محمّد "احسن" ۲۵۱
۳۰- مولانا الحاج سيّد علي اكبر شاه ۲۶۱
۳۱- مولانا حاجي احمد ملاح ۲۶۹
۳۲- مولانا محمّد عظيم "شيدا" ۲۷۶
۳۳- مولانا دُر محمّد "خاك" كانڈلوي ۲۷۹
۳۴- "سليم" گاڑهوي ۲۸۷
۳۵- مولوي عبدالرّحمان "ضيائي" ۲۹۳
۳۶- مولوي نورالدين "نور" ۲۹۸
۳۷- محمّد موسيٰ "راز" ۳۰۳
۳۸- لطف‌الله بدوي ۳۰۹
۳۹- "سليم" سرهندي ۳۱۸
۴۰- "خليل" سرهندي ۳۲۱
۴۱- گل حسن شاه "مجذوب" ۳۲۵
۴۲- رحيم بخش "قمر" ۳۲۸
۴۳- حافظ ضياءالحق "اسلم" ۳۳۱
۴۴- مولوي عبدالله "اثر" ۳۳۵
۴۵- ميو خان "موج" لغاري ۳۳۸
۴۶- رحيمداد خان "مولائي شيدائي" ۳۴۱
۴۷- "اضعف" هالائي ۳۴۵
۴۸- "منصور" ويراڻي ۳۴۸
۴۹- مير حاجي محمّد بخش خان تالپور "مير" ۳۵۱

۵۰- نواب نور احمد خان لغاري "مسكين" ۳۵۷
۵۱- نواب بهاول خان لغاري "بهاول" ۳۶۳
۵۲- الحاج خليفو محمد اسماعيل "قاسم" پلي ۳۶۸
۵۳- فقير ولي بخش راجڑ ۳۷۱
۵۴- داغ تكڑائي ۳۷۴
۵۵- محمّد عثمان ڈيپلائي "شائق" ۳۷۶
۵۶- "مسكين" ملا كاتياري ۳۷۸
۵۷- آخوند فضل صدّيق "فضل" ۳۷۲
۵۸- "افضل" مصرپوري ۳۸۸
۵۹- مولوي عبدالحميد منگريو ۳۹۰

[۴]

۶۰- مخدوم محمّد امين "فهيم" صديقي ۳۹۵
۶۱- پير شاهنواز شاه "عارف المولیٰ" ۴۰۴
۶۲- سيد احسن الهاشمي "احسن" ۴۱۰
۶۳- سيد حافظ شاه "ناطق" حسيني ۴۱۶
۶۴- شبيّر "هاتف" ۴۲۱
۶۵- "محبوب" سروري ۴۲۷
۶۶- "راز" بلڑائي ۴۳۳
۶۷- "نشتر" ناڻنشاهي ۴۳۷
۶۸- حسين بخش "خادم" سروري ۴۴۲
۶۹- "جليل" سروري ۴۴۷
۷۰- "ولي" سروري ۴۴۹
۷۱- "مائل" سروري ۴۵۲
۷۲- عبدالخالق "شهيد" ۴۵۷
۷۳- حامد علي "انور" احمدزئي ۴۵۹

[۵]

۷۴- شيخ اياز ۴۶۷
۷۵- عبدالكريم "گدائي" ۴۸۳
۷۶- حيدربخش "حيدر" جتوئي ۴۸۸

۷۷-"تنوير"عباسي ۴۹۵
۷۸-"نياز"همايوني ۴۹۸
۷۹-شمشيرالحيدري ۵۰۶
۸۰-"امداد"حسيني ۵۱۶
۸۱-"محسن"ککڑائي ۵۲۵
۸۲-"پروانو"پٹي ۵۳۵
۸۳-"بردو"سنڌي ۵۳۹
۸۴-سروپچندر"شاد" ۵۴۵
۸۵-"سرويچ"سجاولي ۵۵۰
۸۶-عبدالکريم"کريم"پلي ۵۶۰
۸۷-فتّاح‌ملک ۵۶۷
۸۸-"ذوالفقار"راشدي ۵۷۲
۸۹-شيخ‌عبدالحليم"جوش" ۵۷۹
۹۰-علي‌محمّد"مجروح" ۵۸۷
۹۱-"تاج"بلوچ ۵۹۲
۹۲-غلام‌احمد"بيدم" ۵۹۷
۹۳-"استاد"بخاري ۶۰۰
۹۴-"انور"هالائي ۶۰۹
۹۵-"نديم"انصاري ۶۱۳
۹۶-شفيع‌محمّد"اوج"علوي ۶۱۷
۹۷-مصطفيٰ‌حيدرجتوئي ۶۲۲
۹۸-عبدالفتّاح"عبد"بٹورائي ۶۲۵
۹۹-قيوم"طراز" ۶۳۰
۱۰۰-قمر"شهباز" ۶۳۴
۱۰۱-جوٹيجوعبدالجبار"شام" ۶۳۹
۱۰۲-محمّدعلي"جوهر" ۶۴۳
۱۰۳-احمدخان"آصف" ۶۴۸
۱۰۴-احمدخان"اختر" ۶۵۳
۱۰۵-محمّدعثمان"ناطق" ۶۸۵
۱۰۶-محمّدحسين"کاشف" ۶۶۱

١٠٧-عبدالغفور"عابد" ٦٦٥
١٠٨-"آثم"ناڻنشاهي ٦٦٧
١٠٩-"وفا"ناڻنشاهي ٦٧٢
١١٠-"راز"ناڻنشاهي ٦٧٨
١١١-راج محمّد"جمال"پلي ٦٨٣
١١٢-ولي محمّد"وفا"پلي ٦٨٥
١١٣-"نظير"ٽڪڙائي ٦٨٩
١١٤-"نثار"بزمي ٦٩٣
١١٥-صوفي"ساجد"سرشاري ٦٩٨
١١٦-"تاج"صحرائي ٧٠١
١١٧-مقبول احمد پٽي"دانش" ٧٠٥
١١٨-نواب جان علي خان لغاري"جان" ٧٠٩
١١٩-شيخ محمّد سومار ٧١٤
١٢٠-غلام حسين رنگريز ٧١٧
١٢١-حيدر علي ٽالپر ٧٢١
١٢٢-"غازي"ٽڪڙائي ٧٢٤
١٢٣-قلب علي"قلب" ٧٢٦
١٢٤-"رشيد"پٽي ٧٢٨
١٢٥-دوست محمّد چانڊيو"دوست" ٧٣١
١٢٦-مير غلام الله ٽالپر"امير" ٧٣٤
١٢٧-محمّد يعقوب"آرزو" ٧٣٦
١٢٨-پرڪاش"ديپ" ٧٣٨
١٢٩-علي بخش"رضا" ٧٤١
١٣٠-مدد علي"سانگي" ٧٤٩
١٣١-امتياز حسين قاضي"خيّام" ٧٥١
١٣٢-"ناشاد" ٧٥٣
١٣٣-غلام محمّد"گرامي" ٧٦٣
ضميمو ـــــــــــ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ ٧٧٩

ناشر طرفان

لافاني تحريرن جي هر دور ۾ آگهي آهي." سنڌي ادبي بورڊ" جي بنيادي فرائض ۾ اِها ڳالهه شامل آهي ته لافاني ادب کي وري وري شايع ڪري، نسل در نسل کي انهن تحريرن کان آگاهه رکندو اچي. هِن مقصد لاءِ کيترائي مطبوعه ۽ غير مطبوعه ڪتاب زيور طباعت سان آراستو ٿيندا رهيا آهن.

زير نظر ڪتاب جو پهريون چاپو ۱۹۶۹ع ۾ آيو هو. ان وقت هن ڪتاب کي پڙهندڙن ۽ ادب سان چاهه رکندڙن هٿو هٿ کٽي ورتو. اِها ڪتاب جي مقبوليت جي وڏي ثابتي آهي ته ٿوري ئي عرصي بعد مهراڻ جو شاعر نمبر (۱۹۶۹) ڳولئي به هٿ نٿي آيو.

پهريون پيرو چاپڻ وقت هِن ڪتاب کي جلد-۱ جو نالو ڏيڻ لاءِ ڪابه سوچ ڪانه هئي، پر اڄ جڏهن هِن نايابه نسخي کي ٻيهر چاپڻ جو وقت آيو آهي، تڏهن اِهو محسوس ڪيو ويو آهي ته رکي رکي هِن قسم جا تذڪرا آڻجن ۽ انهن کي جلد وار ڪٽپ جو تعداد ڏيندو ويجي، ته جيئن آئيندہ جي محققن لاءِ وڏي وٽ بنجي ۽ اسانجي خدمت کي تاريخ ۾ نمايان جاءِ ملي.

جڏهن هِن چاپي کي جلد پهريون ڪري چپائي پڌروٽا ڪيون تڏهن لامحالہ آسين اِن ڳالهه جي گنجائش ٿا ڏيون ته ساڳي خطوط تي جلد ٻيو ۽ علیٰ هذا القياس جلد پويان جلد شايع ڪرڻ جو سلسلو هلندو رهي.

هِن ڪتاب جي ٻيهر طباعت ۽ خرچ جي خساري کي متوازن رکڻ ۾ سنڌي ادبي بورڊ سان "اڪيڊمي ادبيات پاڪستان" جو سهڪار وسارڻ جهڙو نه آهي، جنهن علم دوستيءَ جو ثبوت ڏيندي هٿ وڌايو.

سنڌي ادبي بورڊ جي روح روان قبلہ چيئرمين صاحب ۽ سندن فاضل رفيقن (بورڊ آف گورنرس جي ميمبرن) جون هِن ڏس ۾ رٿون هدايتون ۽ دلچسپي، مان ظاهر آهي ته ڪتاب جي اهميت جي پيش نظر باهران چاپائڻ جي اجازت ملي. آزاد ڪميونيڪيشن جي محنت کي به وساري نٿو سگهجي.

اُميد ته هي ءَ محنت قبوليت جو درجو حاصل ڪندي ۽ اهڙيءَ طرح جلد ٻيو لاءِ به راهه هموار ٿيندي.

ولي محمد رونجهو ولي سروري

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

۷- ڊسمبر ۱۹۹۰ع

گذارش

"مهراڻ جو "شاعر نمبر" پنهنجي صوري ۽ معنوي زيبائش سان تيار ٿي علم دوست بزرگن، عالمن ۽ اديبن جي خدمت ۾ حاضر آهي.

هن قسم جي علمي ڪاوش ۽ فني جدوجهد جي ڪاميابي اصل ۾ انهن شاعرن ۽ فنڪارن جي نوازش جي مرهون منت آهي، جن اسان جي گذارش تي پنهنجي ڪلام جو شاهڪار انتخاب موڪلي ڏنو.

هي ضخيم ۽ مصوّر نمبر فني ۽ تاريخي افاديت تي مشتمل آهي، جنهن ۾ هن دور جي زنده شعراءِ ڪرام جو نه فقط منتخب ڪلام ڏنو ويو آهي، پر ان سان گڏ سوانح، فوٽو ۽ فني تجزيو به ڏنل آهي؛ جن جي مطالعي سان شعراءِ ڪرام جي ڪلام جي ادبي ۽ فني حيثيت کان به آشنائي ٿئي ٿي، ۽ ان سان گڏ اهو به پتو پوي ٿو ته هن وقت ڪهڙا شاعر آهن، جي پنهنجي فن سان؛ ادب جي خدمت ڪري رهيا آهن، ۽ جن جو ڪلام قابل مطالعو به آهي ۽ سانديڻ جهڙو به آهي.

هن نمبر ۾، شعراءِ ڪرام مان هر مڪتبِ فڪر جي قادر الڪلام ۽ پختہ گو شاعرن جو معياري ڪلام آيل آهي. گويا هي نمبر جديد ۽ قديم فن تي مشتمل شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو، ۽ باقي مواد ٻئي حصي لاءِ زير ترتيب آهي.

هن سلسلي ۾ اهو يار رهي ته ڪن بزرگن پنهنجي سوانح حيات پاڻ لکي آهي، ان ڪري اهڙي حصي کي خود نوشت سوانح ڪري پيش ڪيو ويو آهي، ۽ ڪن شاعرن جي سوانح ٻين لکي آهي، اهڙو مواد انهن جي نالي ۾ ڏنو ويو آهي. باقي مواد اداري طرفان تيار ڪيل آهي.

ظاهر آهي ته شعراءِ ڪرام جي ڪلام مان انتخاب ڪرڻ ۽ انهن کي نقل ڪرڻ ۽ قابل اشاعت بنائڻ، انهن جي سوانح تيار ڪرڻ ۽ سندن ڪلام جو فني تجزيو تيار ڪرڻ، نهايت فني ۽ دقت پسند مرحلا هئا، جي الله جي فضل ۽ ڪرم سان طئي ڪيا ويا آهن.

ترتيب ۽ تدوين، اشاعت ۽ ڇپائي جي سلسلي ۾ پڻ نهايت محنت سان ڪم ڪيو ويو آهي، تاهم اگر ڪا فني فروگذاشت نظر اچي ته اها نظر انداز ڪرڻ گهرجي. هن قسم جي ضخيم نمبر جي سلسلي ۾ سهو ۽ خطا جو پيدا ٿيڻ لازمي امر آهي. بهرحال، اسان پنهنجي طرفان نهايت مخلصانہ طور تي خدمت ڪئي آهي. شال قبول پوي.

سنڌي ادب ۾ هن نمبر جي افادي ۽ تاريخي حيثيت انشاءَالله صدين تائين قائم ۽ دائم رهندي. ايندڙ دور جو مورّخ ناقد جڏهن سنڌي ادب جي تاريخ تي قلم کڻندو، تڏهن "مهراڻ" جو هي جامع ۽ قدر لائق تذڪرو سندس رهنمائي ڪندو. هن تذڪري جي مطالعي کان سواءِ ڪو به تذڪرو يا ڪو به ادبي تاريخ نه مستند رهندي، ۽ نه مڪمل ٿي سگهندي.

آخر ۾ اداره "مهراڻ" هنن بزرگن جو شڪريو ادا ڪرڻ واجب ٿو سمجهي، جن جي فني مشورن، هن علمي ڪم کي پايه تڪميل تي پهچڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولا" چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، ۽ ڊاڪٽر سيد اسدالله شاه "بيخود" حسيني اعزازي سيڪريٽري، مواد جي انتخاب ۾ مدد ڪئي؛ ۽ چپائيءَ جي سلسلي ۾ مسٽر غلام رباني استنٽ سيڪريٽري مفيد مشورا ڏنا.

محترم علي بخش احمد زئي مئنيجر س.ا.ب. پريس ۽ سندس عملي خلوص ۽ فنڪارانه انداز سان چپائي ڪئي آهي، ان لاءِ هي شاهڪار نمبر شاهد آهي.

ان طرح ترتيب، نقل، پروف بينيءَ ۽ تصحيح جي اهم ۽ نازڪ مسئلن ۾ مسٽر 'ناشاد' تعاون ڪيو آهي.

شاعري

شاعريءَ جي فني تعريف ڪري سگهڻ اسان جي محدود علم ۽ مطالعہ کان گهڻو مٿي آهي. مولانا روم رح ته شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو جزو سمجهي ٿو.

شاعري جزويست از پيغمبري،
جاهلانش کفر دانند از خري.

ان ڪري ئي شاعر کي "تلاميذ الرحمان" پڻ چيو ويو آهي، ۽ ان ئي سلسلي ۾ شاعرن جي زبانن کي عرش الاهي جي خزانن جون ڪنجيون چيو ويو آهي. ايتريقدر جو محققن ۽ ناقدن، پيغمبريءَ ۽ شاعريءَ جي وچ ۾ لطيف فرق پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيئي تاويلات ۽ تعبيرات ڪيا آهن، جي پڙهڻ وٽان آهن.

زباندان عربن ته قرآن کي ٻڌندي حضور لاءِ چئي ڏنو ته "هي شاعر ته نه آهي!" اهو التباس ڪين ڪلام جي فصاحت ۽ بلاغت، عظمت ۽ اثر پذيري جي ڪري ٿيو. ڪين يقين هو ته "شاعر" کان سواءِ اهڙو پرتاثير ڪلام کو پيش ئي ڪري نٿو سگهي. قرآن ان جي تردید ڪئي؛

وَمَاهُوَبَقولِ شَاعِر!
(قرآن شاعر جو قول نه آهي!)

ان سلسلي ۾ 'وحي' ۽ 'الهام' تي جي بحث لکيا ويا آهن، انهن ۾ 'واردات' ۽ 'ڪيفيات' جي حقيقت کي بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته اهي به 'الهام' جي هڪ صورت آهن. دفعة ۽ سوچ ويچار کان سواءِ، وهب ۽ عطا طور، جي 'واردات' ۽ 'ڪيفيات' پيدا ٿين ٿيون، سڀ سراسر خارجي آهن. انهن جي مقابلي ۾ 'داخلي جذبات' ۽ 'دماغي خيالات' اڪتسابِ فن، مطالعہ ۽ مشاهدي، تجربي ۽ غور و فڪر مان پيدا ٿين ٿا.

مثال طور 'وحي' جي سلسلي ۾ آيل 'معاني' ۽ 'الفاظ' متعلق عام طرح سان اهو سمجهيو ويو ته معاني ۽ 'مطالب' ته 'وحي' آهن، پر 'الفاظ' 'وحي' ناهن. 'الفاظ' صاحب الوحي جي طرفان آهن، جي 'وحي' کي لباس طور پهرايا ويو ٿا. ظاهر آهي ته اهو خيال بلڪل غلط آهي.

ٻيو ته 'وحي' کي فقط معاني جي خيال کان 'وحي' ميڙ، ۽ 'الفاظ' کي 'غير وحي' سڏڻ جديد نفسيات جي اصولن جي به خلاف آهي. قرآن جي تصريحات جي قطع نظر، هيءَ بلڪل واضح حقيقت آهي ته قلب ۾ محض معانيءَ جي القاءَ ٿيڻ جي ڪا به معنيٰ نه آهي؛ جيئن معانيءَ جو اظهار لفظن کان سواءِ ڪو وجود نٿو رکي، تيئن قلب ۾ 'معاني' جو ظهور ۽ ان سان گڏ 'معاني' جو تشخص ۽ تعيّن به لفظن کان سواءِ ناممڪن آهي.

جديد محققن جي تحقيق اها آهي ته جديد علم النفس جي محققن جڏهن هن جديد دور ۾ پيدا ٿيل مسئلن نفسياتي تحليل، شعور، لاشعور، تحت الشعور، فوق الشعور، وغيره جي اصولن جي روشنيءَ ۾ "صوفيانه شعور" ۽ "قلبي واردات" جي حقيقت جي چنڊ چاڻ ڪئي، تڏهن تسليم ڪيو ٿن ته ان بلا واسطي شعور ۽ آگهيءَ جي وسيلي سان سالڪ، حقيقت کي ان طرح ئي ڄاڻي سڃاڻي ٿو، جيئن اسان عام چيزن کي ڏسي سڃاڻون ٿا.

اهڙو شعور ۽ احساس بلڪل ناقابل تجزيه آهي. اهڙي تجربي جي اسان تحليل نٿا ڪري سگهون. اهو سڀ ڪجهه ڪنهن "خارجي وجود" جي پالوٽ جو نتيجو ڇئي سگهجي ٿو. ان شعور ۽ احساس، ڪيفيت ۽ واردات کي ڪو ٻيو انسان بيان ئي نٿو ڪري سگهي!

ذوقِ اين مي نه شناسي به خدا تا نه چشي!

ان طرح پيغمبر جو اهو 'احساس' پاڻ ۾ فهم ۽ ادراڪ جو عنصر به رکي ٿو. چنانچه اهو ئي ڪارڻ آهي جو پيغمبر جو اهو 'احساس'، 'خيال' جي صورت اختيار ڪري ٿو. ان 'احساس' جي خصوصيت بلڪ انفرادي حيثيت اها آهي، جو اهو 'احساس' واردات ۽ ڪيفيات تي مشتمل ٿي ڪري، لفظن جو لباس پهري، نبوت جي زبان تي اچي ٿو.

ان ڪري تسليم ڪيو ويو آهي ته خود 'احساس' به خارجي چيز آهي، جو قلب تي وارد ٿئي ٿو، ۽ 'خيال' ان جي اظهار جو هڪ ذريعو آهي. غير لفظي ۽ گنگو احساس پنهنجي منشا ۽ مطلب کي 'خيال' جي صورت ۾ ادا ڪري ٿو، ۽ 'خيال' لفظن جو لباس پهري ظاهر ٿئي ٿو. گويا ايئن چوڻ رڳو استعارو نه آهي ته 'خيال' ۽ 'لفظ' ٻيئي هڪ ئي وقت تي 'احساس' مان پيدا ٿين ٿا. بلڪ حقيقت هيءَ آهي ته 'خيال' الفاظ کان نه جدا آهي ۽ نه خالي ٿي سگهي ٿو. پنهنجي ابتدا ۽ پيدائش جي لحاظ سان ٻيئي هڪ ئي درجو رکن ٿا. گويا 'خيال' به الهام آهي ته 'لفظ' به الهام آهن. ان طرح ئي تسليم ڪيو ويو آهي ته 'وحي' ۾ آيل معاني ۽ الفاظ، واردات ۽ ڪيفيات جي ذريعي سان به يڪ وقت پيدا ٿين ٿا. انهن ۾ زمان ۽ مڪان جو ڪو به فرق ناهي. ڇو ته خيال ۽ جذبي، لفظ ۽ معنيٰ ۾ اگر 'زمان' جي حيثيت سان علحدگي ۽ فرق تسليم ڪيو ويندو ته پوءِ ٻنهي مان هڪ معدوم ٿي ويندو، ۽ جڏهن هڪ معدوم ٿيو، تڏهن ٻئي جو وجود به لازمي طرح سان نه رهندو! مطلب ته 'خيال' ۽ 'الفاظ' پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن؛ نه انهن ۾ انقطاع ۽ جدائي آهي ۽ نه انهن جي پيدائش جو زمانو ڪو علحده علحده آهي. 'وحي' جي ان مفهوم کي خيال ۾ رکي "شاعريءَ" کي به الهام چيو ويو آهي.

هون ۽ به ڪنهن بيساخته ۽ چيندڙ شعر کي ٻڌي اهل ذوق چوندا آهن ته "هي شعر ته الهامي آهي!" ته چا ايئن چوڻ مان سندن مطلب اهو هوندو آهي ته ان شعر جي فقط 'معنيٰ' الهامي آهي، هرگز نه، بلڪ حقيقت اها اهي ته 'معاني' ڪيتري به عمدي ۽ بلند هجي، پر جيستائين لفظن جو لباس حسين ۽ جميل نه آهي، تيستائين اهڙي شعر کي ڪڏهن به الهامي ڇئي نه سگهبو. اهو ئي سبب آهي جو انبياءَ ڪرام جڏهن 'معاني' کي سمجهن ٿا، تڏهن ان حالت ۾ سمجهن ٿا ته 'معاني' ۽ 'الفاظ' ۾ اهڙو ته ربط آهي، جو انهن ۾ 'زمان' جي حيثيت سان ڪو به تقدّم ۽ تاخر آهي ئي ڪين! بلڪ ايئن ئي ڇئي سگهجي ٿو ته جنهن گهڙيءَ ته 'معاني' جو القاءَ ٿئي ٿو، ٺيڪ ان گهڙيءَ ته 'الفاظ' جي شموليت به رهي ٿي. ۽ انهن لفظن جو مُلهم (الهام ڪندڙ) به اهو ئي آهي، جنهن قلب تي معاني جو القاءَ ڪيو آهي. بلڪل ان طرح شاعريءَ ۾ به الفاظ و معاني ٻنهي کي بيڪ وقت احساس جي صورت ۾ الهام ڪري تسليم ڪيو ويو آهي، ۽ اها آهي شرح "شاعري جزويست از پيغمبريءَ" جي.

ان سلسلي ۾ علم ڪلام جي ڪتابن ۾ شرح ۽ بسط سان بحث ڪيا ويا آهن. خاص طرح سان امام غزاليءَ ۽ شاه ولي الله جي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ ڪافي آهي. ان مختصر تشريح مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته شعر و شاعري جي حيثيت اهڙي معمولي ناهي، جهڙي اڄڪلهه ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان ڪري هر شاعريءَ کي شاعري چوڻ مناسب ناهي. شاعري اها آهي جا واقعي واردات ۽ ڪيفيات جي صورت ۾، احساس ۽ خيال جي معاملات کي الهام ۽ القاءُ جي رنگ ۾ پيش ڪري ٿي، باقي سڀ ڪجهه 'اڪتسابِ فن' جي پيدا وار آهي. اهوئي سبب آهي جو الهامي شاعري دل ۽ جگر کي چيري ٻاهر نڪري ٿي، ۽ ٻڌندڙ جي دل تي فوراً وجد انگيز ڪيفيت طاري ڪري ٿي؛ پر ان جي مقابلي ۾ 'اڪتسابِ فن' مان پيدا ٿيل شاعري، لفظن جي پيچ، گهڙ ئي معلوم ٿئي ٿي. نه ان ۾ اثر آهي ۽ نه ولولہ انگيز ڪيفيت. اها شاعري محض 'لفظ' ٿين ٿا، جي جذبات جي شدّت ۽ واردات جي ڪيفيت کان خالي ٿين ٿا.

فلسفہ و شعر کي اور حقيقت هي کيا،
حرف تمنّا جسي کهه نه سکين روبرو!

شاعري اهو حرف تمنا آهي، جو ڪنهن جي روبرو ظاهر ڪري نٿو سگهجي. ان ڪري ئي چيو ويو آهي: "شاعري جي تعريف مون کان نه پڇو ته پوءِ مون کي معلوم آهي، پر جي پڇو ٿا ته پوءِ مان نٿو ڄاڻان!" ڪنهن چيو آهي: "شاعري هڪ سريلو خيال آهي." ڪنهن جو چوڻ آهي: "شاعري قوت تخيل جو عجيب انڪشاف آهي." ڪو چوي ٿو: "شاعري سيني علمن جو نچوڙ آهي." ڪنهن جو خيال ته "شاعري سائنس ۽ رياضي جو ضد آهي." ڪنهن جو چوڻ ته "شاعري حيات جي تمثيل آهي، ان تي جڏهن ڪيفيت طاري ٿي ٿئي، تڏهن واندڪائيءَ جي وقت ۾، خلوت گزيني اختيار ڪري، پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ ٿي شروع ڪري." ڪو چوي ٿو ته شاعري خيال جي تاريخ آهي." ڪنهن چيو آهي: "شاعري ابدي حقيقتن جي تصوير آهي." ڪنهن چيو آهي ته "شاعري انسان جي مادري زبان آهي." ڪو چوي ٿو: "شاعري الاهي آواز آهي." ڪو چوي ٿو: "شاعري آهي غير مانوس چيزن کي مانوس چيزن ۾ داخل ڪرڻ". اهي سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي فڪر انگيز تعريفون آهن، پر جي ڪو مون کان پڇي ته پوءِ مان جيڪر هن طرح چوان: "شاعري، انساني ضمير جي بين الاقوامي زبان آهي!" ۽ شاعر اهو آهي جو لفظ جي پيچ، گهڙ تي اڪتفا نه ڪري، قافيہ پيمائيءَ ۽ دماغ سوزيءَ ۾ عمر نه وڃائي، رڳو گل ۽ بلبل جي استعارن ۾ قوت کي صرف نه ڪري، معمولي ۽ رواجي خيال کي ٻڌي اڄائي هرزه سرائي نه ڪري؛ پر شاعر اهو آهي جو فطرت جي حقائق جي عقده ڪشائي ڪري، جو جذبات جو ڏٺي هجي، نفسيات جو ڄاڻو هجي، حسن و محبت جي معاملات کان آگاه هجي، ڪائنات جي راز ۽ اسرار کان واقف هجي، قدرت جي حسين مظاهر کان متاثر ٿيو هجي، پنهنجي تاثرات کي لطيف ۽ بليغ انداز بيان ۾ بيان ڪري سگهڻ جهڙي صلاحيت جو صاحب هجي. ڇو ته شاعريءَ کي علم ۽ حڪمت جو جوهر چيو ويو آهي، ۽ شاعر ٿيو ان جوهر جو ڏٺي. ان ڪري شاعر گويا مختلف علوم ۽ فنون جو ڄاڻو به هڻڻ گهرجي. ان طرح شاعر صاحبِ بصيرت به هجي. سندس غور و فڪر جي دنيا رڳو اڪتسابِ فن ۽ عقلي نقلي علوم تائين محدود نه هجي، پر هو علوم عقليہ جي سرحدن کان ٻاهر به ليئو پائي سگهندو هجي. تڏهن ته چيو ويو آهي: "شاعريءَ جي عالم جون سرحدون علوم عقليہ ۽ نقليہ جي حدن کان ماورا ٿين ٿيون. شاعر پنهنجي بصيرت واري دل سان اهو ڪجهه ڏسي، ٻڌي ۽ سمجهي ٿو، جتي اڪتسابِ فن وارا پهچي به نٿا سگهن." اهوئي سبب آهي جو معقولات تي، محسوسات کي ترجيح حاصل آهي.

مثلاً ،انسان وٽ حقيقتن کي پرکڻ لاءِ زاويہ نگاھ جا ٻہ- ٽي قسم موجود آھن. ھڪ علمي ۽ فني، ٻيو سائنسي ۽ رياضي ۽ ٽيو شاعرانہ ۽ حڪيمانہ.

مثال طور تي، ڪڪرن جي گجگوڙ، گنگھور گھٽا جي حسن و زيبائش، بجليءَ جي ڪڙڪي صبح جي سحرانگيزي ۽ شام جي رنگيني، بھار جي دلاويزي ۽ خزان جي چانيل افسردگي کي ھڪ سائنسدان، نباتات جو ماھر، رياضيدان ۽ شاعر، جدا جدا نگاھ سان ڏسي ٿو، سمجھي ٿو ۽ پرکي ٿو. ٻيا سڀ انھن جي طبعياتي تحليل ۾ لڳي ويحن ٿا، پر شاعر انھن مان پنھنجي نفسياتي ۽ جذباتي فطرت آھر، وجداني نموني ۾ تاثرات اخذ ڪري ٿو. حقيقتون ته بھرحال ساڳيون رھيون، ھر ڪنھن جو عمل ۽ رد عمل بہ غلط نہ رھيو، ھر ھڪ جو فيصلو ۽ نتيجو بہ پنھنجي جاءِ تي درست ڇٻو، البتہ تعبيرات ۾ فرق ضرور پيدا ٿيندو. ان طرح جنھن مقام تان تعبيرات جي اختلاف جي سرحد شروع ٿي، ان ھنڌ تان شاعريءَ جي حد شروع ٿئي ٿي، فرق ھي آھي تہ مادي علوم، ان جي چنڊ چاڻ، ڄاڻ ۽ سڃاڻ، ڪندي وري بہ پوئتي رھجي ٿا ويحن، پر انھن جي مقابلي ۾ شاعري اڳتي وڌي ٿي ويحي. ڇوتہ شاعريءَ جو تعلق براہ راست "انساني حسّيات" سان آھي ۽ انساني حس ۽ وجدان جي دنيا، علم ۽ فن جي اڪتسابي ذريعن کان بھرحال اعليٰ ۽ بلند بہ آھي ۽ درست ۽ قابل قبول بہ آھي.

ان طرح شاعر جو فن پنھنجي جاءِ تي متنوع ۽ ھمہ گير ٿئي ٿو. ان جي فن ۾ ھڪ حسين ۽ رنگين دنيا رقصان ۽ پيچان رھي ٿي.

ھڪ باڪمال شاعر جي ڪلام ۾ فن ۽ فڪر جا ڪيئي متنوع پھلو ملي سگھن ٿا، جن تي صوري ۽ معنوي خيال کان اھو ڪلام مشتمل ٿئي ٿو. ڪٿي سوز و گداز ٿئي ٿو تہ ڪٿي زندگي جو راز و نياز ٿئي ٿو، ڪٿي حسن ۽ عشق جي آويزش رھي ٿي تہ ڪٿي زندگي جي لاينحل مسئلن جي عقدہ ڪشائي ٿئي ٿي. ڪٿي زندگيءَ جا ڪيئي لطيف پھلو، رمزيت ۽ ايمائيت سان بيان ٿين ٿا. ڪٿي نغمہ ۽ عيش ملي ٿو تہ ڪٿي صداي ماتم بڌ جي ٿي. ڪٿي خيال جي ندرت ۽ جذبات جي شدت ملي ٿي تہ ڪٿي محاڪات جي طلسم بندي ملي ٿي. ڪٿي ڪائنات جا اسرار واشگاف ڏسجن ٿا تہ ڪٿي ماحول جي ترجماني ملي ٿي. ڪٿي منظر نگاري ۽ جذبات نگاري جو خوشڪن ۽ پرجوش انداز ملي ٿو تہ ڪٿي تھذيب ۽ تمدن جا ڪارنامہ ملن ٿا ۽ ڪٿي باطل شڪنيءَ ۽ حق پرستيءَ جا خيالات ملن ٿا. بھرحال شاعر ۽ ان جو غور ۽ فڪر، خيالات ۽ جذبات جي ھڪ لامتناھي دنيا تي حاوي نظر اچي ٿو.

ٿورن لفظن ۾ اگر چئجي تہ پوءِ فقط ھن طرح چئي سگھجي ٿو تہ "شاعر کي حقيقت ۽ انسانيت جو ترجمان ھئڻ گھرجي. ايتريقدر جو ڪيس اھو بہ خيال ۾ نہ رھي تہ ھو ڪھڙي زبان جو شاعر آھي؟ ڪھڙي ملڪ جو شاعر آھي، ڪھڙي ڪھڙي تھذيب جو ترجمان شاعر آھي، ڪھڙي تاريخ جو شاعر آھي، ڪھڙي قوم جو شاعر آھي، ڪھڙين روايتن جو شاعر آھي! شاعر ۾ جزالت ۽ اصليت جا عناصر پڻ ھئڻ گھرجن. سندس اڳيان نہ سعدي ھجي نہ حافظ، نہ غالب نہ اقبال! شاعر جي اڳيان الوھيت جا اھي عناصر ۽ اسرار ھئڻ گھرجن، جن مان ھستي ٺھي آھي؛ جنھن جي تلاش ۽ ڳولا جي آرزو، انسانييت لاءِ شرف ۽ عظمت جو دليل آھي، جنھن کي حاصل ڪرڻ انساني زندگي جو نصب العين چيو ويو آھي. ٻين لفظن ۾ شاعر جي اڳيان ٻين جا ديوان ۽ مجموعا نہ ھئڻ گھرجن، پر صحيفہ فطرت ھئڻ گھرجي. لفظن ۽ جملن جي ترتيب ۽ پيچ گھڙ جي بدران زنده واقعات جا تنقيدي جائزا ھئڻ گھرجن. محاورن ۽ اصطلاحن جي جاءِ تي زماني جي نشيب و

فراز ۽ بحر حيات جي مدو جزر کي لحاظ ۾ رکڻ گهرجي. رديف ۽ قافيي جي انتخاب کان زياده خيالات ۽ جذبات جي موزونيت خيال ۾ هجي. رقص ترڪيب ۽ ترنم الفاظ جي بدران اهو خيال رهي ته آيا لفظ ۽ معنيٰ ۾ باهمر توازن برآهي يا نه؟ اگر انهن معيارن ۽ قدرن جو خيال نٿو رهي ته پوءِ ظاهري طرح سان واه واه جي پڪ ته ملندي، پر بقائي دوام جي خلعت کان محروم رهجي ويجبو"

هن جديد دور جي شاعري ذرا تلخ ۽ تيز ٿي چڪي آهي. هر شاعر پنهنجي فڪري ۽ شعوري مشاهدي ۽ تجربي کي تلخ ۽ ترش، لب ولهجي ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، سبب ظاهر آهي. زندگيءَ جا حقائق ۽ عوامل، قدر ۽ معيار، جيئن پوءِ تيئن تلخ ٿيندا ٿا وڃن. زندگيءَ جا سماجي عوامل، مادي ۽ مذهبي، فڪري ۽ سائنسي تاثرات کان متاثر ٿي اڄ اهڙي مرحلي تي پهتا آهن، جتي انساني شعور ۽ ان جو تنقيدي زاويه نگاه پراڻي تقليد کان مايوس ٿي چڪو آهي. انساني فڪر ۽ عمل، اڄ جدت پسندانه اجتهاد ۽ تجربي کي زندگي جي نون قدرن آهر صحتمند اصولن تي پرکي رهيو آهي. پر اهو به اعتدال ۾ رهي ته چڱو!

ادب ۽ شعر جي موجوده دور ۾ نه فقط هيئت جي اعتبار سان پر مواد ۽ انداز بيان جي لحاظ سان به وڏو انقلاب آيو آهي، اهو انقلاب قابلِ قدر آهي ۽ زندگي بخش به.

انساني شعور جو اهو انقلاب آور معيار بتدريج ارتقا ڪندو آيو آهي. انساني فڪر جي ترقي پذير قدرن، فڪري اثرن، علمي لاڙن ۽ ادبي نتيجن ٻي انسان جي نطق و بيان ۽ شعر ۽ سخن کي نوان نوان اسلوب عطا ڪيا آهن. اڄ ڪلهه جي بلند مرتبه شاعرن 'روايت' جي بيروني ۽ بيرنگ، بيڪيف ۽ غير افادي هيئت ۽ اسلوب، مواد ۽ موضوعات کي جنهن فنڪارانه مهارت سان، زنده جاودان، حقيقت افروز ۽ بصيرت افزا ڪيو آهي؛ ان کي تنقيدي نظر سان جاچڻ کان پوءِ، ان راءِ تي پهچڻ لازمي امر آهي ته اڄ جي شاعرن جي تخليقي قوت، فڪري مطالعه ۽ نڪته آفريني، قديم دور جي شاعرن کان فني خيال سان گهٽو اڳتي وڌي چڪي آهي. اهو به چوڻ مناسب آهي ته اڄ جي شاعرن جو فن، هن دور جي شعوري رجحانات ۽ ارتقاپذير شعري قدرن سان گهٽي يا گڏ هم آهنگ ٿي چڪو آهي. البت ان ۾ حسن اعتدال قائم رکجي.

ان طرح جديد ادب يا جديد فن متعلق اسان جي قومي زبان توڙي ٻين علاقائي زبانن ۾ ڪجهه اهڙا به چار تجربا مس ملي سگهن ٿا، جن کي تجرباتي حيثيت سان علمي مقام حاصل ٿي سگهيو آهي.

چند اردوءَ جي شاعرن، هيئت، فن، موضوع ۽ مواد جي پراڻين روايتن ۾ ڪي جدت آميز ۽ ترقي پذير تبديليون آڻي، ڇڳيون چيزون لکيون آهن، پر انهن جي ابهام، انتشار ۽ نومشقيءَ کي ڏسي اندازو ئي نٿو لڳائي سگهجي ته آيا ان شاعريءَ کي چا چئون؟ آيا نظم معريٰ آزاد شاعري، بلينک ورس! يا ٻيو ڪجهه؟

ان طرح ڪجهه اسان وٽ به آزاد نظم ايڏا مشقي ۽ تجرباتي دور ۾ آهي. آزاد نظم ۾ قافيي، رديف ۽ بحر جي مقرر ارڪانن جي نه هوندي به نغمي ۽ ترنم کي نظر انداز ڪرڻ نه جڳائي. ڇا لاءِ ته مسموعات لاءِ نغمي ۽ ترنم جي اثر پذيريءَ کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. محض خشڪ ۽ نثري لفظن سان نڪو تاثر پيدا ٿئي ٿو ۽ نڪو جمالياتي ذوق ئي نشو و نما حاصل ڪري سگهي ٿو. هر حال ۾ شعر کي نغمي سان لازم و ملزوم سمجهڻ گهرجي. نغمي کان سواءِ 'شعر' جي ڪا به تعريف صحيح نه ڇئي سگهبي. بهرحال شاعريءَ لاءِ ترنم ريزيءَ ۽ نغمه سنجيءَ کي صوتي اثرات ۾ وڏي اهميت مليل آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو نغمي ۽ خوش ادائگيءَ کان محروم شاعرن جي شاعري بيرس ۽ بيروح ٿئي

ٿي. انساني جذبات ۽ وجدانيات لاءِ 'صوتي اثرات' ۽ نغمہ ريز ترڪيبون زياده تر افادي ۽ اثر انگيز ثابت ٿين ٿيون. اسان وٽ نون شاعرن ۾ اهڙا تمام ٿورا شاعر نظر اچن ٿا، جي ان بنيادي اصول کي سمجهي سگهن ٿا. پر اها به حقيقت آهي ته اسان وٽ اهڙا شاعر تمام گهٽ آهن، جن وٽ صحتمند مواد سان گڏ حسنِ اسلوب به موجود آهي.

اسان جي شاعريءَ ۾ ڪافي، وائي، بيت، گيت ۽ آزاد نظم، غزل وغيره جنهن ڪمال تي پهتا آهن، ان جو ڪوبہ مثال ٻيءَ زبان ۾ ملڻ مشڪل آهي. ان طرح باقي اصناف سخن تي به بهترين مواد موجود آهي. اهڙا شاعر، هن دور جو روح آهن.

'مهراڻ' جي هن شاهڪار نمبر لاءِ، مختلف اصنافِ سخن تي، مستقل طرح سان مفصّل علمي بحث ڏيڻ جو ارادو هو، پر ضخامت جي لحاظ سان اڳيئي نظم جو حصو ڪافي گهڻو ٿي ويو آهي، تنهن ڪري في الحال هن مختصر ۽ جامع تحرير تي اڪتفا ڪئي ويئي آهي. اميد ته ٻئي ڪنهن موقعي تي 'مهراڻ' جو 'اصناف سخن' نمبر پڻ شايع ڪيو يندو. انشاءَالله-

غ. م. گ.



مخدوم محمد زمان
"طالب المولیٰ"

اسم گرامي: مخدوم محمد زمان، تخلص: "طالب المولیٰ"
پيدائش: ۹- محرم ۱۳۳۸ھ مطابق ٦- آڪٽوبر ۱۹۱۹ع، آچر، هالا نوان.

ٻاڻ مخدوم غلام محمد سائين رحہ، حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور رحہ جي ٻندرهين سجاده نشين جا فرزند آهن ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح صديقي سهروردي جي اولاد مان آهن، جي خليفہ اول حضرت ابوبڪر رضہ جي اولاد مان آهن. حضرت مخدوم نوح رحہ، ٻنهنجي زماني جو غوث ۽ مجدد هو. سندن معاشرتي اصلاح، سلسلي ۽ طريقت جي تبليغ جا تجديدي ڪارنامہ، سندن جي قدير تصنيفات، حديقة الاوليا، ارشاد الطالبين، دليل الذاڪرين، رسالہ فتوحات سنڌي عرف رسالہ فتحي ۽ تحفة الڪرام ۾ تفصيل سان موجود آهن. حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحہ جو اهو جاري ڪيل سلسلو، سروري سهروردي سلسلي جي نالي سان ملڪان ملڪ مشهور آهي. ان سلسلي سان وابستہ تعداد، سندن زماني ۾ نَوَ (۹) لک شمار ڪيو وڃو، ان ڪري هن سلسلي کي نولکي ڪوڙي ٻڌ سڏيو ويو آهي.

اشاعت: هن سلسلي جي اشاعت ۽ مقبوليت سنڌ جي چڻي ڪنڊن ۾ ٿي، ٻاڪ ان جي حدن کان ٻاهر: اتر ۾ ٻهاولپور، پنجاب، ملتان ۽ ٻلوچستان تائين؛ ڏکڻ ۾، ڪچ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات. ان طرح جودڻپور ۽ جيسلمير تائين پکڙيل آهي. ڪيئي ڪاديون هن درگاهہ سان وابستہ آهن.

تعليم: اول قرآن ڪريم پڙهيا، ان کان پوء فارسي جي تعليم ورتائون. زياده تر سندن تعليم ۽ تربيت، سندن والد حضرت غلام محمد سائين جي خدمت ۾ ٿي.

سجاده نشيني: سندن والد ماجد حضرت مخدوم غلام محمد سائين، ۳۰- ذوالحج ۱۳٦۳ھ مطابق ۱٦- ڊسمبر ۱۹۴۴ع تي وفات ڪئي، ۽ ٻاڻ ۱۹۴۵ع جي اوائل ۾ حضرت نوح سرور جي سلسلي جا (۱٦) سجاده نشين ٿيا.

شاعري ۽ راڳ: شعري ۽ راڳ سان شغف ۽ ادب سان ذوق کين ننڍپڻ کان گويا ورثي ۾ مليو. ۱۹۳۰ع ۾ ناري جي سفر تي، شاعراڻ ذوق تکميل تي پهتو. اول ٻيوس، ٻوه فراقي، زمان شاهه ۽ ٻوه 'طالب' تخلص ڪيائون. ۱۹۴۹ع کان 'طالب المولا' تخلص اختيار ڪيائون.

علمي ۽ ادبي خدمات: علم ۽ ادب جي فروغ لاءِ، هالا ۾ الزمان پريس قائم ڪيائون ۽ هفتيوار 'الزمان' ۽ 'پاسبان' اخبارون ڪڍ عرصي تائين هليون. ۱۹۵۰ع ۾ سنڌ سرپرستيءَ ۾ ماهنامو 'فردوس'، ۱۹۵۲ع ۾ ماسٽر جمعي خان 'غريب' جي ادارت ۾ 'طالب المولا'، ۱۹۵۶ع ۾ رسالو 'شاعر' ڪڍيو. ۱۹۵۲ع کان ڀاڻ جمعيت الشعراء سنڌ جا صدر منتخب ٿيا، ۽ اڄ تائين ان جا صدر آهن. ۵۴-۱۹۵۵ع ۾ اداره روح ادب سنڌ ٻاران هالا ۾ راڳ ڪانفرنس ٿي، جتي 'روح ادب' ماهنامي جي اشاعت جو سنگ بنياد رکيو ويو. ۱۹۵۵ع ۾ حيدرآباد ۾ 'بزم طالب المولي' جو ٻاهو ٻيو، جنهن جا ڀاڻ سرپرست ٿيا. ان جون سوين شاخون موجود آهن. مارچ ۱۹۵۵ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر چونڊيا ويا. نومبر ۱۹۵۵ع کان لطيف يادگار ڪميٽي جا ميمبر ٿيا. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مشاورتي ڪميٽي جا ٿي ميمبر آهن.

تعليمي خدمات: ان سلسلي ۾ طالب المولي هاسٽل هالا ۽ طالب المولي هاءِ اسڪول دادو، يادگار آهن.

ملڪي خدمات: ڀاڻ ون يونٽ کان اڳ سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر هئا. ان کان پوءِ، قومي اسيمبلي جا ٻ ڀيرا ميمبر منتخب ٿيا.

تصنيفات: (۱) امام غزالي جا خط، (۲) اسلامي تصوف، (۳) خودشناسي، (۴) شيطان، (۵) بهار طالب، (۶) رباعيات طالب، (۷) باد رفتگان، (۸) مثنوي عقل و عشق، (۹) ڪڇڪول، (۱۰) ڪافي، (۱۱) سنڌ جو شڪار، (۱۲) بياض طالب المولي، (۱۳) مصريءَ جون ترڙون، (۱۴) مضامين طالب المولي، (۱۵) سماع العاشقين في سُرور الطالبين، هن وقت تائين ۱-۱۰ تائين ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. سنڌن ڪلام جو تازو مجموعو "چپ ۾ چڙيون" ڇپجي رهيو آهي. ڀاڻ نومبر ۱۹۶۱ع ڪان 'سنڌي ادبي بورڊ' جا چئرمن مقرر ٿيا، ۽ اڄ تائين ان علمي ۽ ادبي منصب تي فائز آهن.

اعزاز: سنڌن علمي ۽ ادبي، ملڪي ۽ سماجي خدمتن جي قدر ڪندي، پاڪستان سرڪار کين 'تمغۂ پاڪستان' جو اعزاز ڏنو آهي.

ڀاڻ هن وقت، ملڪي ۽ سماجي خدمات سان گڏ، شاهه جي رسالي جي صحت، ترتيب ۽ تدوين جو ڪم ڪري رهيا آهن.

فن ۽ تجزيو:

اعليٰ حضرت مخدوم محمد زمان صاحب 'طالب المولي' بنهنجي مختلف النوع علمي، ادبي، قومي، تعليمي ۽ ثقافتي خدمتن جي سلسلي ۾ جا شهرت، دوام حاصل ڪئي آهي، اهائي سنڌن تعارف لاءِ ڪافي آهي. سنڌن محبوب ۽ جامع صفات شخصيت ۽ فن، ڪنهن بہ رسمي تعارف جا محتاج ناهن.

جيستائين سندن فني مقام جو تعلق آهي، افسوس آهي جو اڄ تائين ڪنهن ب ناقد محقق، ان متعلق علمي ۽ فني لحاظ سان تنقيدي جائزو نه ورتو آهي؛ ڪنهن ب اهل قلم، سندن فن جي خصوصيات تي بحث نه ڪيو آهي. ورنه سندن شعر و شاعري، سندي ادب ۾ جو مقام حاصل ڪيو آهي، اهو ائين نظرانداز ڪرڻ جهڙو ناهي. هن قسم جي مختلف النوع اصناف تي مشتمل رنگين ۽ دلنشين، فڪر انگيز ۽ رقت خيز، روان ۽ دوان، چست ۽ برمحل، پختہ ۽ شستہ ڪلام اگر يورپ تائين پهچي ها ته پوءِ هوند ڪيئن ۽ ٻاڻن جي جمالياتي شاعري سان مقابلي ۾ آڻجي ها. ذوق جماليات جي لطيف ڪان لطيف خيالات، واردات، ڪيفيات ۽ حسيات جي عڪاسي ۽ ترجماني جا حضرت طالب المولىٰ جي ڪلام ۾ موجود آهي، ان جو مثال نٿو ملي سگهي. نه فقط ٻاڻ ڪلاسيڪي اصناف، دوهي، بيت، ڪافي ۽ وائيءَ کي نئين سر اوجر ڏيئي، ان جي ٻرائن قدرن ۽ ٻرائن معيارن ۾ جديد فن ۽ جديد ماحول جي اثرات کي سموهيو ائين، ۽ ان سان گڏ، تغزل جي صنف ۾ ب پنهنجي جدت افڪار ۽ جدت فن سان استادانہ اضافو ڪيو ائين. سندن ڪلام جو مجموعي تاثر، ذوق جماليات جي تشڪيل ب آهي، نه انسان جي اخلاقي قدرن جي تڪميل ب آهي؛ سندن ڪلام ۾ زبان جي سلاست ۽ روانيءَ سان گڏ، بيان جي رنگيني ۽ شيريني ب آهي. اهل دل ۽ اهل نظر لاءِ خيال آفريني ۽ نڪته طرازي ب آهي. زباندانن لاءِ سندي زبان جي لغوي صحت ۽ درست استعمال لاءِ نادر مثال ب آهي، ۽ منجهس خيالات جي افاديت سان گڏ، محاورات ۽ اصطلاحات جو وافر ذخيرو ب موجود آهي، ۽ هڪ صاحب ذوق ۽ شعر فهم جي اعليٰ ۽ آڇي شعري معيار جي تسڪين لاءِ جاذب نگاهہ عنصر ب آهي.

طالب المولا جي فن کي مخلص ۽ محقق فنڪار جي حيثيت سان، جديد ۽ قديم معيارن ۽ قدرن تي پرکڻ ۽ پرجهڻ کان پوءِ، ڪلام جي تاثر ۽ جذب کي ڏسي، ائين ٿو معلوم ٿئي ته اها شاعري جڏ ته تصنع ۽ تڪلف جي پيداوار ئي ناهي؛ پر شاعري سندن فڪر ۽ فن، ذوق جماليات ۽ روحاني واردات سان ائين وهڪرا ڪري نڪتي آهي، جيئن پهاڙ مان ڏارا! ان طرح، بقول علامہ قاضي مرحوم جي ته "شاعري اها آهي، جا ڳائي سگهجي ۽ ڪائي وڃي". ان معيار موجب، طالب المولا جو ڪلام نغمہ ريز، سريلو، اثرانگيز ۽ دلڪش آهي. اگر تحت اللفظ پڙهيو وڃي ته ب ان جي رنگينيءَ ڪان ڪيفيات جو حصول ٿئي ٿو، ۽ جي ساز ۽ آواز جي هم آهنگيءَ سان پيش ڪيو وڃي ته پوءِ انسان جي روح ۾ وجدآور ۽ وجداني واردات جو نزول محسوس ٿئي ٿو. لفظن جي جڙاوت، تراشيل ۽ صاف ڪيل هيرن جي ڪڻين وانگر آهي ـــ بعض اشعار ته الهامي رنگ ۾ آهن.

جديد دور ۾، شاعريءَ جي اها ب وصف بيان ڪئي وئي آهي ته "شاعريءَ جو ڪمال اهو آهي ته اها سادہ دل عوام جي خيالات ۽ جذبات جي ترجماني ب ڪري، ۽ ان سان گڏ انهن جي ذهني ۽ قلبي طابن ۽ تقاضائن کي ب پيڙي" ـــ ان خيال سان ب طالب المولا جو فن عوامي چئي سگهجي ٿو. ـ ادارو

* * *

بيت

(۱)

ڏسڻ کان جو ڏور، سو ويجهو آهي وجود کان،
ڪڪ ۾ ڪريم جو، نسورو ٿي نور،
ذرڙو، ذرڙو، ذرڙو، لڳ ڪاملن کوه طور،
جو ڏسي نٿو ڏيهه ۾، تنهن قلب جو قصور،
دريون دنيا واريون، اٽي ٻڏي ٻور،
'طالب مولا' جاڻ تون، هرجا اٽي حضور،
هو دل کان ناهي دور، هردم آهي هنج ۾.

ڪراچي، ۱۶-۵-۱۹۵۶ع

(۲)

ڪٿي سُنبل سهڻا، ڪٿي مبارڪ مُک،
ڪٿي چهرو چند جو، ڪٿي جبين جادو،
ڪٿي شعاع شمس جو، ڪٿي رهبر رُخ،
ڪٿي تلوارون تير ٽيا، ڪٿي احمد جا ابرو،
ڪٿي اکيون عجيب جون، ڪٿي ساغر ۽ سبو،
ڪٿي گل گلاب ۽، ڪٿي بدن جي بو،
لبن لعل لڄائيا، ڏندن لڪ لُولو،
هلڻ تان حبيب جي، عجب ۾ آهُو،
ڪٿي فضيلت فردوس جي، ڪٿي ڪامل سندي ڪُو،
حبيب آهي هُو، 'طالب مولا' تنهنجو.

ڊاڪا، ۲۳-۱۲-۱۹۶۳ع

(۳)

تقويٰ سان طاعتون، ڪي عاشق اجارين،
"خيار ڪُم احسن ڪُم اخلاقاً"، ۾ اها بارين،
"مُوتوا" واري ملڪ ۾، جي جيءِ ڪي جيارين،
'طالب مولا' مرد سي، مرڻ کي مارين،
گهڙيون ٽا گهارين، عاشق رُوز الله سان.

هالا، ۲۸-۹-۱۹۵۷ع

(۴)

عبادتون آهين، ۾هيزگار ڪرڻ لاءِ،
'طالب مولا' مرد اهي، جي سينو نه ساهين،
اوڙون ڏيٽي عشق سان، قلب کي ڪاهين،
اندر واري آگ ۾، پاڻ کي پاهين،
رمز سان راهين، قريب ۾نهنجو قلب ۾.

هالا، ۲۷-۱۰-۱۹۵۷ع

(۵)

عشق نہ بيت المال، جو ملي محتاجن کي،
عشق آهي ان سندو، جنهن کيو قرب ڪمال،
'طالب مولا' طلب ۾، جو رکي خاص خيال،
جانب جو جمال، اهو مائيندو عشق سان.

حيدرآباد، ۱۹-۵-۱۹۵۷ع

(۶)

اڃا تائين آهر، تو ۾ خيال خودي ۽ جو،
دل تان ٻڪ ٻائي ۽ جو، لحظي اندر لاهر،
محبت اٽي محبوب سان، تہ سينو هڏ ۾ ساهر،
قدمن ۾ قريب جي، ڪاهيو ڪاهيو ڪاهر،
'طالب مولا' مرد ٽي، رمز انهيءَ سان راهر،
واهيو واهيو واهر، آب اکين مان عجز جو.

راڻو ٻگهيو، ۳-۹-۱۹۵۷ع

(۷)

هنيو جن حبيب سان، دعويٰ وارو دم،
سو ڪٽي سگهندو ڪينڪي، قرب جو قدم،
ڪائي ڇڏيندو ان کي، غصو ۽ ٻيو غم،
'طالب مولا' تنهن کان نہ ٽٽي ڪارائتو ڪر،
اهو ٻلڪل ۾، ٻڏي ٽو ٻائي ۽ جو.

راڻو ٻگهيو، ۳۰-۸-۱۹۵۸ع

(٨)

حبيبي حضور ۾، جي اوچي ڳالهه اچن،
۽ هنيئون دم دوست سان، سي موڻايا محبن،
اهي خان ڪني ويا، جي ٿي ٻيزارن،
'طالب مولا' تن، ساڻيو محبوبن ڪي.

هالا، ٢٢-٦-١٩٥٨ع

(٩)

حجت هلائڻ حبيب سان، ڏاڍو آهي ڏوهه،
'طالب مولا' امڙي، عادت ڪبي ڪوهه،
سڏائين ستّوهه، اڳيان ڪيو ان جي.

حيدرآباد، ٢-١١-١٩٥٩ع

(١٠)

هنيو جن حبيب سان، ڏعويٰ وارو دم،
تن محبت جي ميدان ۾، ڪنبي نه رکيو قدم،
جن وڙهي وهو وهر، سي 'طالب' رسيون نه توڙ ڪي.

راولپنڊي، ١١-٨-١٩٦١ع

(١١)

محبّت جو متاع آهه، محب وت مٽي،
ٻئي ٻاجهاريون يار ٿو، اکيون روز ڪٽي،
'طالب مولا' ڪيترا، ڳڻ سندس ڳٽي،
هن ٿي هڪ ڇٽي، ڪروڙن ڪي قيد ڪيو.

هالا، ١٦-١١-١٩٥٧ع

(١٢)

ڪامل ڏسي ڪينڪي، ڪنهن جون ڪچابون،
ڳٽي ڪنهن جون ڪوڙ کو، عجيبُ اڳلابون،
دلبر ٻنهنجي ديد سان، ميٽي مدابون،
'طالب مولا' تنهن جا، ڳڻ وڏا ڳابون،
ٿو ڏئي واڌايون، وربو وربو وصال جون.

هالا، ١٦-١١-١٩٥٧ع

(١٣)

ڪهڙي منهنجي ڪل، 'طالب' طبيبن ڪي،
هئي هئي منجهه هڪل، نڪا ٻهڻن ٻل ۾.

هالا، ٢١-١٢-١٩٥٧ع

(١٤)

مٺا اڄ موٽي، سڄڻ ساريان ٿو گهٽو،
'طالب' جي طلب ۾، چوٽ آهي چوٽي،
دل ڪي ڏي دل سان، آميري اوٽي،
ستان ڪرين ڪوٽي، اچڻ ۾ عجيب ڪا.

حيدرآباد، ١٣-٩-١٩٥٨ع

(١٥)

اٽي پهر اون، عجيب آهي آهنجي،
ٻيو ڪندي ڪير ڪون، تو زيَ سهڻا سپرين.

٢-٩-١٩٥٩ع

(١٦)

سڄڻ پيارا سپرين، تو ۾ سندم ساهه،
مون ۾ وري محب تون، ناهي وٺين ناهه،
هردم منهنجي حال کان، آهين تون آگاهه،
'طالب مولا' تو سندو، چيتَ ۾ رکي چاهه،
ڄاڻي ٿو اللهُ، حقيقت هن حال جي.

حيدرآباد، ٣-١١-١٩٥٩ع

(١٧)

اهو دم حرام، جنهن ۾ ياد نه تون هجين،
لرمل تنهنجو نام، اٽي پهر اندر ۾.

لنڊن، ٢٨-٧-١٩٥٩ع

(١٨)

ساکي خوب سٽي، تون سٽو ساکيءَ کان،
مون ڪڏهن کاءِ ڏٽي، کا سڻائي ستّ تنهنجي.

هالا، ٢٠-٩-١٩٥٨ع

(١٩)

پيهر ۾ هڪ تون ٻاڻ، جيئن ٻهريون هنيئي پيار سان،
هاڪو هڪ حبيب کر، ساڳي صورت سڻ،
'طالب مولا' تنهنجو، سورهه آهه سڃاڻ،
پري نه ڪندس ٻاڻ، هرهر حاضر آهيان.

حيدرآباد، ٣-٨-١٩٥٥ع

(٢٠)

وٺي وهامي وٽيون، راتين جون راتيون،
ڪٿهندي ڪٿهندي قرب ۾، برهه جون باتيون،
لاتيون عشق اندر ۾، طلب جون تاتيون،
جهاتين ۾ تي جهاتيون، پاڻ پنهنجي ٻاڻ ۾.

ڪاشريف، ٢٧-١١-١٩٥٥ع

(٢١)

راتيون ڪير ڏينهن، سارينديِ سڃڻ ڪي،
'طالب مولا' طلب جا، محبت وسايا مينهن،
نسنگ ڪيو نينهن، جڙيو جانب جيءَ ۾.

ايري، ٢٠-١-١٩٥٦ع

(٢٢)

مٽن محبوبن، دل ۾ ديرا لائيا،
ٻاروٽڻ کان ٻاجهه ٻڌي، سنياليو سڃڻ،
ٻرين پراهان کين ٽيا، ٻيا هينڊي منجهه هڙن،
'طالب مولا' تن جا، ٽا ٻيل ٻور ٻون،
سي ڪيئن ياد اچن، جي ڪهين ويل نه وسريا.

لنڊن، ١٥-٨-١٩٥٩ع

(٢٣)

ويراڳن ورونهن ۾، آهيان ويچاري،
سڃڻ سهڻا سهرين، تنهنجي ماڻ جي ماري،
وساري نه ويهه تون، ٽٽي نرمل نيزاري،
ملڻ ۾ مون ساڻ کا، گهوٽ نه وجهه گهاري،
'طالب' چوي طلب ۾، تنهنجي ٿي تاري،
کوجهي جي ڪاري، ته ۾ ڪاند ڪميٽي ناهيان.

(٢٤)

جي ورُ نه ڪن هڪڙو، سي ڪميٽيون سڏجن،
در در لائي دل کي، وَرَ وَرَ ڏيو وجن،
حبيب جي حضور مان، توڙڻون ٽيون تڙجن،
'طالب' تن جون کهڙيون، ڀالهيون ڪٽي ڪڍجن،
سي سنياليون سڃڻ، جي ڪيڏهن وٻون ڪينڪي.

(٢٥)

رڙهه تنين سان رڙهه، رڙهي جي جائن،
متان ساڻ ٻين، رڙهي ريجهه ڦٽائين.

حيدرآباد، ٥-٥-١٩٥٦ع

(٢٦)

وري شال وطن ۾، سي آديسي اچن،
رنگ لڳي راهوند ۾، محبّت مڃ مچن،
'طالب مولا' مرد سي، ڏسي اکيون ٺرن،
واحد مانَ ورن، رمي اهي راهوند ڏي.

ڪاشريف هالا، ٢٧-١١-١٩٥٥ع

(٢٧)

اکين کي آئون، روکيان جيئن رٽڻ کان،
تيئن تيئن تنهن جي تات ۾، رهي رُنائون،
مُٽِين ماڻ نه اڇي، جو ٻرين ٻچائون،
'طالب مولا' طلب ۾، سهڻو سوجهيائون،
هنجون هاريائون، سڃڻ سارينديِ گهٽو.

حيدرآباد، ٢٣-٩-١٩٥٨ع

(٢٨)

وَسيو ٽيون وسڻ، اکيون اوهيرا ڪريو،
کهڙي مجال مينهن کي، جو اينهين ٽي اچن،
'طالب مولا' طلب ۾، ٽميو روز ٽمن،
جيڪر محب ميليُن، ته ۾ رهنديون کين رٽڻ کان.

حيدرآباد، ٥-٨-١٩٦١ع

(٢٩)

چو ٿو ڪرين مينهنَ، مون سان ريس رٽڻ جي،
'طالب مولا' سان ته ڪيا ناحق وڏا نينهن،
تنهنجا ٻني ڏينهن، منهنجي موسم سيڪا.

ڪوه مري، ٩-٨-١٩٦١ع

(٣٠)

مينهن وسن ٿا سُندَ تي، اکيون روز وسن،
هو پَرَوس ويچارا ٿيا، هي وس ۾ ڪين رهن،
هُنِ جي موسم هڪڙي، هي ٽيو ٽيو ٽمن،
هو رهُو ٻارهين ماهه ٿا، سُڪا ساوا ڪن،
هي دمدم ٿيون دِلِين ڪي، اڇو آب ڏين،
هو وسيو نٿ وڃن، هي 'طالب' وڃن ڪينڪي.

ڪوه مري، ٩-٨-١٩٦١ع

(٣١)

ڇڻ ڇڄن ٻاڻ ۾، اڻن ڪُجها ڪاروڙا،
جانيءَ لاءِ جڏن ڪي، جيءَ ۾ جاکوڙا،
ٻنهنجي اڻن ٻاڻ ۾، ٽمڻ ٽاکوڙا،
گونگن مينهن وانگيان، ڪن ايرپو آروڙا،
سَٽِين مائيڻ جا، سُڃن نه ساکوڙا،
'طالب' چوي طلب ۾، پِٽِين پانچوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، گونگيون ڪوه ڪني ويون.

راولپنڈي، ١٠-٨-١٩٦١ع

(٣٢)

ٿو چُمان ٻنهنجا پيرَ، جو وٽي تو وٽ آئيا،
'طالب مولا' تي ڪيئون، پلائيءَ جا پيرَ،
اوبر ۽ سوبرَ، قدمن تان قربان ٿيان.

چار صاحب، ٢٦-٣-١٩٦٤ع

(٣٣)

اکيون ۽ آهن اکيون، ۽ پيرن سان نه ڇڻن،
هو رُڻن ٿيون رت ڙوَا، هي ڦٽيو ٿا ڦٽجن،
هو ٻيوس آهن برهه ۾، هي هيڄئون اٽيو هلن،
هو نهارين نجيب ڪي، هي تِيرُ نٽا ترسن،
هو آهاڪيون عجيب ڏي، هي رَندن منجهه رُلن،
احسان ڪيا اکين تي، ٻرت منجهان ٻيرن،
'طالب مولا' طلب ۾، چميو چميو چمجن،
جهلي نٽا جهلجن، هلندي ٻنهنجي حبيب ڏي.

ڪوٽ ساجن گاهو، ٤-٣-١٩٦٤ع

(٣٤)

روبو روبو اکيون، اچو ٻيرن مٽي ٻُون،
چميو تن کي چاهه. مان، ڏوڙسندن ٿيون ڏُوَن،
اينهين اشارن ۾، چريون گونگيون چُون،
ته هي سلامت هُون، اسان سندا آسرا.

راولپنڈي، ٢٠-٣-١٩٦٤ع

(٣٥)

اکيون ته اکين سان ملیو، وڇيو وصال نه ڪن،
رُڻن ته عجيب آڳهن ٿا، هرهر سان هٽن،
لاڙيو لڙڪ لهوءَ جا، ٻرين سان ٻرچن،
ٻر ويندي ٻيرَ ڏي، جُتي نه ڪاڻ وڃهن،
ڦٽيل ويچارا فراق جا، صحت نه ناسنيرن،
مجروح ٿين مخب لڳ، ته به حڪيمن وٽ نه وڃن،
'طالب مولا' تن ڪي، ڪيو ننگو نصيبن،
رحم نه آندو روح ۾، مٽن محبوبن،
سي ڇيو ڇو نه چمجن، جي ڪجن ڇڻ ڪينڪي.

لاهور، ٢١-٣-١٩٦٤ع

(٣٦)

جي اکيون ٻير هجن، ته ٻتو ٻوين ٻڌ جو،
ته آڳهاڙا عشق ۾، ڪٽن ٿا سور سهن،
ڪٽن ٿا ڦٽ فراق جا، چکيو ۽ چکن،
رت ٿين جي راهه ۾، ته به هيڄئون ٻيا هلن،
ڪنجهن ڪُرڪن ڪينڪي، توڙي ٻُون ٿيو ٻون،
ٻهچن جڏهن ٻرين وٽ، ته به ڏوراپا نه ڏين،

'طالب مولا' طلب ۾، ٻڌ اها صحت سندن،
ڪڏهن ڏٺو ڪينڪي، هُن ڏي حبيبن،
سنيرن ڪڏهن ڪونہ ڪو، ته ڪا ٿي ٻڌين ٻرين،
ته ٻ رڙهيو رڙهيو رڙهن، حبيب جي حضور ڏي.

راولپنڈي، ۲۲-۳-۱۹۶۴ع

(۳۷)

ٻيرن ٻڃائيون ڪيون، ٻاڙون ٻڌ ٻيٽون،
هلندي حبيبن ڏي، سيئي سڪ سٽيٽون،
ٿي زخمي ٻنهنجو ٻاڻ ڪي، لٽ ۾ خوب لٽيٽون،
وڏا ورواڻن جا، ڪري ڪاهہ ڪٽيٽون،
ڪڏهن جاني يار کان، جدا ڪونہ جٽيٽون،
وري در دوست جو، مورهٽون کين سٽيٽون،
عجيب لاهہ اکين سان، رهي راند ڪٽيٽون،
ڏٽي روز ڏٽيٽون، ٽيريون 'طالب' ٻانهنجون.

صادق آباد، ۲۸-۳-۱۹۶۴ع

(۳۸)

اکين ڪري عاجزيون، ٻيرن تي ٻيٺي،
ڪيٽون التجا انهن کي، ڏهہ ڏهہ چميون ڏيٺي،
ته ٻچايو ٻريت مان، لرمل وٽ نيٺي،
سدا سيڪون جن ڏ سڄڻ ڏسون سيٺي،
'طالب مولا' تن کي، جانب ملايا جيٺي،
قربائتن ڪيٺي، اکين تي احسان ڪيا.

مدينہ منوّره، ۱۳-۹-۱۹۶۴ع

(۳۹)

ڏوڙي ڏوڙي ٻهتا، عجيب جي آستان،
ٻسايئون ٻرينء جا، مڙئي ماڳ مڪان،
ڏسي نُور لرمل جو، ڪيٽون اطمينان،
'طالب' قدمن کي ڏنا، الله وڏا ايمان،
اهي سڀ احسان، اکين ڄيا آن جا.

مدينہ منوّره، ۱۴-۹-۱۹۶۴ع

(۴۰)

ڪيا ڪرم ڪريم ار، ٻير ڪٽي ٻُريار،
ٻچي در ٻرينء جي، چاهہ منجهان چمياڙ،
ڏ ڏ تنين جي تهدليئون، لڳن سان لاتيار،
ميرا ٻيٽي محبتي، چشمن تي چاياڙ،
آئي جهير اکين کي، ته ٻرين خود ٻسياڙ،
ٽيس سرخرو سڄڻ وٽ، جو منهن سان ٻيٽي سلياڙ،
لڙکن سان لاڻ جي، ڏوڙ سيٽي ڏوتياڙ،
اکين سندي آب سان، ڇهڪ سندن ڇيٽياڙ،
مڙيٽي مجياڙ، 'طالب' احسان انهن جا.

اربعہ، ۱۰-جمادي الاول ۱۳۸۴ھ
فجر نماز بعد، حرم شريف مدينہ منوّره

(۴۱)

ٻير ٻ آهن ٻير، ٻر سر نہ رکي سالکو،
ڪلا غيبت جو ڪٽي، ڪهوڙ ڏٽي ڪهانکو،
نڪري نرمل ڪاڻ ٿو، نينهن ۾ ٽي نالکو،
ٻي مڙيٽي ماڪ ۾، ٽٽي متو مهالکو،
سر ٽٽي سهانکو، سڄڻ وٽ 'صديقي' چوي.

اسلام آباد، ۱ ۽ ۲-مارچ ۱۹۶۷ع

(۴۲)

ٻير ويچارا ٻرت مان، ڪهوٽي ڪي ٽا ڪن،
سر ٽين جت صدقي، ات ڪٽي ٻير ٻجن،
ٻير وڍيا ته مٽي ۾، ڏهجيو ٽين دفن،
سر شهادت بعد ٻڌ، نيزن تي چڙهن،
ٻير ٻ 'طالب' طلب ۾، مورهٽون کونہ مڙن،
ٻر سرويچ ٽي 'صديقي' چوي، صديق ٽا سڏجن،
ٻير قربو ڦٽجن، ۽ سر سدائين سٽ ۾.

اسلام آباد، ۱ ۽ ۲-مارچ ۱۹۶۷ع

(۴۳)

ٻير ٻ اهڙي ذات، جو سر متن ڏي سجدا،
ٻير نہ وڍجن ٻرينء وٽ، سر ٽٽي ڪهاتو ڪهات،

مر جي 'صديقي' چوي، مقتل ۾ ئي بات،
بت اڏي ۽ ڪات، ات ٻيرن پيٽي ناھ ڪا.

(۴۴)

ٻير ٻري ئي تا رھن، سر سُولھن لالڻ لڳَ،
ٻيرن ڏني سَندُ ملي، سرن ڏني ٻئي جڳَ،
ٻير سدائين ٻنڌ ۾، سر ڏين تا سڳَ،
جنھن کي الله اوراھون، سر ۾ سائي رڳَ،
'طالب مولا' طلب ۾، سر ڏين چاھنون چڳَ،
سر ته آکاڙا ٻ ٿھن، ۽ ٻير نہ ٻڌن ٻڳَ،
سر سوريَ جي سامھون، ھو دمدم ڪولن دڳَ،
ھو مارڳ ۾ ئي مڳ، ھي ڪچيو قربانيون ڏين.

(۴۵)

ٻير ٻ ٻوريون ڪن تا، ۽ سر چڑھن تي چوتَ،
جت ٻير ٻچن ئي ڪينڪي، ات سر وڻن تا ووتَ،
ٻير ٿين تا ڪوٽ ۾، سر ٻچن تا ڪوتَ،
ٻير ته موٽي ٻ سگھندا، ۽ سر آھن اٽموتَ،
سرويچ ئي سدائين، جتَ ٻ ٿين جاموتَ،
ھي 'طالب مولا' طلب مان، ڪئي ٻرت اندر ٻالوتَ،
ته ٻير نہ ٿين ڪھوتَ، سھرا ٻڌجن سرن تي.

(۴۶)

صدقي سر تان سونَ ٿين، ۽ چاھ منجھان چانديون،
سرويچن لءِ سورميون، محبت ۾ ماندیون،
جن جن ڪيون سرن سان، رڻ ۾ راندیون،
انھي وَرَ جي ورُونھن کان وَھُون نہ ڪي واندیون،
سر جنين جا صدقي، تن لءِ ٻلن ھيکاندیون،
سر ڏئي سھاڳيون، بلڪل ٿيون باندیون،
سر ڏيئي سوکڙيون، انھن ئي آندیون،
محبت پلي مٽين ھجي، ته ٻ ٻيرن ٻيراندیون،
سرن سيرالديون، سدائين 'صديقي' چوي.

(۴۷)

ڪئي ٻير ٻچن، سرن سان 'صديقي' چوي،
ٻيرن ۽ ٻيزار تان ٻ، ٿا صدقي سر ٿين،
ٻيرين ٻون ٻڙيون، سير سُرھا گل چڑھن،
ٻير ته ڪائيَ جا ٻ ٿا، ٽنگن منجھ وجھن،
ٻر ڪتان ملن ڪونہ ڪو، جي ٿا سر وڃن،
ٻير فقط چمڙن ٿا، ۽ سرين ٻڪ ٻون،
سڄڻ سدائين سرن کي، ٿا سيني رکيو سمھن،
ٻير ٻيراندیَ ئي ھجن، ڪئي ھنڌ ٻلنگ ھجن،
ٻر سرن ھيٺ اچن، ٻانھون ٻانھيارن جون.

(۴۸)

ڪڏھن ڪونہ ٻُڌو، ته ٻيرن سُوريون ماڻيون،
سر فدا ٿي سڄڻ کي، ڪٽن ساڻ ڳڌو،
ٻيٽو ٽئي ٻين سان، ٻر سڄڻ وٽ سڌو،
"الانسان سري و اناسره"، مورھئون کين مُنڌو،
سر وڃي سوريَ تي، ٻنھنجي لالڻ کي لڌو،
سر ٿو 'صديقي' چوي، ڪري نہ ڪُڌو،
سر سوريَ ساڻ وڌو، ٻير آھي ئي ٻَٽ تي.

(۴۹)

سيسين جي سدا ٽئي، رڻ ۾ ئي راند،
ٻير ويڙجن ته ٻري ٻون، سيسي ٻوي ٻلاند،
سچ ٻچ 'صديقي' چوي، وقت نہ ڏئي ويساند،
ھٽيو ٽي ھنڌ ڪري، سسي نہ وڃي وڙواند،
اھا اصلئون آھ ڪا، خاوند سندي خاند،
ته سسيون نيزي ھاند، ۽ ڏڙَ ويچارا ڏوڙ ۾.

(۵۰)

ٻير ڳولين ٻنڌ ۾، وريو وريو وات،
ٽنجيو ٽاکون جي ٿين، ته اٽڻ کان ڏين آت،
سر ڪڏھن نہ سرکيا، جي قرب مان ٿين ڪات،
چڑھن نيزي نوڪ تي، ته ٻ اوچا انھن ڳات،

سچ پچ 'صديقي' چوي، ڪُڏن جئن ڪنوات،
لُڏن لہ اڳيان لات، مٿا مٽيرن جا.
اسلام آباد، ۱ ۽ ۲- مارچ ۱۹۶۷ع

(۵۱)

سر برابر ڪيترا، بيحد بارَ ڪٽن،
مهل اهي جي مورهئون، تہ مڇيو مٿا ڏين،
مورهہ سامهون جي ٽيا، تہ ڏڻ ڪان ڏار ٿين،
دل گهرجي درياه جئن، نہ تہ سر ٽيو بار ٿون،
ناها ٻڪا تہ بُندَن تي ٻ، هڏيو ٽا سگهجن،
'طالب مولا' طلب ۾، دلبر ٻ دل ڏسن،
تيهان ٿيو عاشق کي، ٽا ٻيٽا ٻکَ وجهن،
سر سوين هجن، تہ ٻ درجا آهن دِلين تي.
داڪا، ۹-۱۲-۱۹۶۷ع

(۵۲)

رکو ڪعبي اڳيان، جي سکٽا سِرَ جهُڪَن،
۽ هلي احرام آجرا، ٻٽا ڪٽي ٻڌجن،
ليٽ ليڪ لہ آهہ جي، ۽ نمازون پڙهجن،
چمجي چالٹ رسول جي، روزا ٻڌ رکجن،
تہ ٻ مولا ۽ محبوب ٻڌي، دائر دليون ڏسن،
قلب جڏهن ٽو قلب ٽئي، تہ دُهرا دانَ ملن،
'طالب مولا' طلب سان، محبت رکبي من،
حجّ هزار ڪجن، تہ ٻ درجا آهن دلين تي.
داڪا، ۹-۱۲-۱۹۶۷ع

(۵۳)

آهي برابر سر ۾، رمزن واري رڳ،
دل لہ ڏني جنهن داوَر کي، تنهن وجايا ٻڌي جڳ،
ليٽ ڪيي نيڪ ٽي، جنهن جا دل ۾ آهن دڳ،
ان مان وري ڪنهکي، جي سکٽي ٻڌ ٻي ٻگ،
'طالب مولا' دل ڏني، وٺيا سيٽي سڳ،
چاهئون ڏجي چڳ، تہ ٻ درجا آهن دلين تي.
داڪا، ۹-۱۲-۱۹۶۷ع

(۵۴)

سر ۾ سودا ٽي ٻوي، تہ ٻ ماٹهو جالَ جيئن،
جنونَ جيڪر ٽو ٽئي، تہ ٻ هڙئي ٻيا هلن،
جي هجن مالیخوليا، تہ ٻ گهمن ۽ ڦرن،
وسواس ٽي وڏي وڃي، تہ ٻ ڪائن ۽ ٻيٽن،
منڊڙا، ٽنڊڙا، لولڙا، تہ ٻ رستن تي رڙهن،
دل ٻيٽي تہ دلگ ٽيو، هڪدم مريو ٻون،
حڪيم هيڪا لدا اچن، تہ ٻ ڪري ڪجهہ نہ سگهن،
ڪرن ۽ ڪوٽن جي ٻ، دليون خبر ڏين،
'طالب مولا' سر ڪي، ٻرين ٻوء ٻچن،
دلبر دل ڪُهرن، ٻي ٻولي ناهہ ڪا.
داڪا، ۹-۱۲-۱۹۶۷ع

(۵۵)

ماٹهو مري تہ مريو وڃي، ٻر دل ٻڌي ٻوء ٻ جئي،
ڪيو وجهن ڪنهن ٻڌي ۾، تہ هو جيرو ٽو ٽئي،
ججهو هلي جهان ۾، ٻيو ڪائي ۽ ٻئي،
'طالب مولا' تنهن کي، ڏاتر ٻ ڏان ڏئي،
سرُ وڊيل ڪنهن ٻي تي، جي لڳي تہ نهڙ نٹي،
کو اهڙي عمل ڪئي، ايا تہ ڪامل ڪوٺ ٽيو.
داڪا، ۱۰-۱۲-۱۹۶۷ع

(۵۶)

سر تہ وڃيو ٽا سڃڻ جي، سين تي ٻ سمهن،
اکيون ٻڌ عجيب کي، ڏسيو نيٹ وٹن،
ٻير ٻ ٻنهنجيَ بَرِ ۾، هليو ات ٻچن،
جسر ٻ آخر ٽا وڃو، لالڻ سان لڳن،
'طالب مولا' طلب ۾، دلڙيون درد سهن،
انٹي ٻهر عشق کان، ڏڙکيو ٽيون ڏڙکن،
سڪ ڪري لہ سمهن، هو سدائين سيکڻ ۾.
داڪا، ۱۰-۱۲-۱۹۶۷ع

(٥٧)

"اَلْقَلْبُ" مرأة المؤمنين"، اتان رباني راهه،
جنهن مان الاهي عشق جا، اجهاسن نہ آڙاهه،
ان تي كرم كريو جو، ۽ نوراني نگاهه،
'طالب مولا' چا كري سگهندو سندس ساراهه،
دل ئي سا درگاهه، جت الله آهي اوڏڙو.

داكا، ١١-١٢-١٩٦٧ع

(٥٨)

دل كي مڃن كينكي، اجوكا انسان،
هو مائل رکڻ مغز ڏي، جت عقل جا امكان،
هر آهي هيئن فرمائيو، كريم منجهه قرآن،
"إِنَّ اللّٰهَ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَ قَلْبِهٖ"،
چيو مالك مهربان،
تنهن جي لبي تائيد هه، ڏنا بلكل هي بيان،
"إِنَّ فِي الْجَسَدِ مُضْغَةً اِذَا صَلُحَتْ..." جا،
آهن صورت اندر سامان،
"إِنَّ اللّٰهَ لَا يَنْظُرُ إِلٰى صُوَرِكُمْ وَ لٰكِنْ يَنْظُرُ إِلٰى قُلُوْبِكُمْ"، هي فائق جا فرمان،
ركن ايمان ان تي، محكم مسلمان،
جي مورهئون نہ مڃن دل كي، سي نسورا نادان،
'طالب مولا' تون بہ إت، آڻج كي ايمان،
جو رسول صه ۽ رحمان، بہ درجا ڏنا دلين كي.

هالا، ٢٠-١٢-١٩٦٧ع

(٥٩)

دل تہ هراهر آهه دل، هر ركو آهي ماس،
اچي ٿيو آنَ هه، ويتر جي وسواس،
تہ هوئي هك گهڙيَ هه، نكرو كندس ناس،
'طالب مولا' طلب سان، ركَ اصلئون هي احساس،
كبو جي قياس، تہ رمزون آهن روح جون.

(٦٠)

دل تہ هراهر آهه دل، هر نيت گهرجي نيك،
كيڏيون كوري قلب مان، اكلاپون انيك،
ڏس هردم هيج مان، سكَ صبر جا سيكَ،
'طالب مولا' تنهن كي، چڏي نہ ڏهو چيك،
هي حقيقت هيك، تہ رمزون آهن روح جون.

(٦١)

دل تہ هراهر آهه دل، هر 'طالب' ٿئي تمثيل،
هي خزانو خون جو، امر سواء عليل،
رمز آهي راز جي، جاڻي ربّ جليل،
كو صوفي صفا سمجهندو، واحد جو وكيل،
'طالب مولا' تنَ سان، كجئين دور دليل،
ٻيو ركو قال ۽ قيل، رمزون آهن روح جون.

٢٥-جمادي الثاني ١٣٨٨هـ ١٩-٩-١٩٦٨ع
اسلام آباد

(٦٢)

دل تہ هراهر آهه دل، هر جڏهن ٿئي صاف،
وجي ان كان وسري، صفا لاف گزاف،
چڙهي مٿس مورهو، غيرت سندو غلاف،
نہ تہ كندي خطائون خيال جون، جي مور نہ ٿين معاف،
ات طالبُ 'طالب مولا' اكثر ٿيندو آف،
هوء توڙي كري طواف، تہ بہ رمزون آهن روح جون.

(٦٣)

دل تہ هراهر آهه دل، هر روح نہ كري رحلت،
نيوڙيل هجي نياز سان، ۽ پريل سان بركت،
هجي هر كنهن ويل هه، شامل شريعت،
قبولي هوء قرب كان، طريقو طريقت،
رهي هميشه حق سان، ركي هردم حقيقت،
'طالب مولا' ٿي وجي، سا ماهر معرفت،

اهڙا عمل ٻيا مڙئي، ڪريس واحد وَدِيعت،
نالو ان مجموع ڪي، قلب ڏئو قدرت،
ان ۾ امر الله جو، ويٺو سان وحدت،
جنهن ۾ سڀ جرات، سي رمزون آهن روح جون.

٢٥-جمادي الثاني ١٣٨٨ هـ لاهور، ٢٠-٩-١٩٦٨ع

(٦٤)

دل ته برابر آهه دل، پر ان جي هڪڙي حد،
ان ۾ رکيو روح ڪي، وحدت سان واحد،
'طالب مولا' راز هي، آندو ات احد،
هيڪي ويهي چا ڪبو، هتي شدّ نه مد،
ڏسبا هرگز ڪينڪي، فقط خال ۽ خد،
ڳالهه ڪبي انصاف جي، ڪڏهن نه ٻڌبا قد،
رکڻي نه ڏبا رد، رمزون آهن روح جون.

(٦٥)

دل ته برابر آهه دل، ٻر روح ٻنا ٻيرنگ،
ڏڙڪي برابر پاڻ ٿي، ٻر ڇڙي منجهس ٻيو چنگ،
معنيٰ واري ملڪ ۾، فرحي له ڪو فَرهَنگ،
ڪر اچي ان جاه تي، عشق وارو انگ،
'طالب مولا' ان ۾، ڏولڻ رکيو ڏنگ،
سمجهي انهيءَ راز کي، ڪو مولائي ملنگ،
دَوڙَ ڪيو هي دنگ، ته رمزون آهن روح جون.

(٦٦)

دل ته برابر آهه دل، جي رمز ڏئيس نه ربّ،
ته ٻويس هوند پلاند ۾، رکو ڪوڙ ڪسبُ،
وڃائس وڃي نڪري، الاهي ادبُ،
'طالب مولا' مورکو، ڪو لڳيس ٻيو لقبُ،
ڪر اچي ڪينڪي، هتي حسب نسبُ،
قلب ڪبو ڏئي تڏهن، جي واحد ڪري وَهبُ،
نه ته سڏجي اهو شخص ڏو، لاشڪ ابولَهبُ،
ٻيو سيوئي سببُ، رمزون آهن روح جون.

(٦٧)

دل ۾ تڏهن ٿي دل ٿئي، جي تقويٰ ڪري تمام،
تقويٰ تڏهن تمام ٿئي، جي عشق ٿئيس امام،
عشق ۾ تڏهن امام ٿئي، جي روح بنائيس رام،
روح ته امر الله جو، ٿئس متائون مقام،
'طالب مولا' طلب جو، جوڙي ٻيو جام،
ٻو هر هنڌ، هر مقام، رمزون ڏسبيون روح جون.

(٦٨)

رمزون ڏسبيون روح جون، ٻر روح ۾ امر الله،
ٻنهنجي حقيقت پاڻ ٿيو، منجهه وحدانيت واهه،
الهيءَ بحر عميق ڪي، ووڙيندا چا واهه،
لاحد واري لڪ ڏي، رڙهي ٿي هيَ راهه،
ٿيڙيو ٻير ته سرُ ويو، ٻرور ڏئي ٻناهه،
پتو ٻيو ته ۽ تيرَ جو، ٻر ساهه ڪي ڏيبي ساهه،
انهيءَ ڪان آگاهه، 'طالب مولا' ماڻ ۾.

(٦٩)

آهي هر ڪنهن علم جي، هڪڙي حد نشانُ،
عقل، فهم ۽ فڪر سڀ، منجهه پَهَڻَ پريشانُ،
هتي منزل هن ۾، حيرت خود حيرانُ،
ته سيڪجهه آهي هُن ۾، هو سڀ ۾ ٿي سبحانُ،
خبر جي نه خبر ڪا، نه بيخبريءَ بيانُ،
'طالب مولا' تون ۽ رک، ڏريئون اهو ڏيانُ،
آهي ماڻ ٻڪان، ڇڏي ڇڏبو ڪيترو.

(٧٠)

ڇڏي ڇڏبو هيترو، ٿا جنهن ڪي سمجهن جو نه،
اهو آهي اصل ڪان، ڪنهن ڪي ٻيو ٻَرو نه،
ڪجهه ۽ جڏهن هو ڪونه ڪو، تڏهن ۽ هُو هو ڇو نه،
اڪيلائيَ ان ۾، هُڻي نسبت ۽ نالو نه،

"ٿي" چيئين تہ "ٿي" ٿيو، جو حقيقت ۾ هو، نہ
ٿو لڳو نہ سو رڳو، پرورُ ڪنهن ٻرکيو نہ،
جيڪي سمجهن ٿا سيئي، صاحب آهي سو ٿو،
رمزون انهيءَ راز جون، ڪوئي سمجهي ڪو نہ،
'طالب مولا' تو نہ، ڪهڙي ڪجهڙي ڳالهہ ڪئي.

(٧١)

"ونجن" وارو ويجهڙو، ٻتو جو ٿيوم،
تہ سموري سنسار مان، نينهن ڪيڙي نيوم،
'طالب مولا' تڏهين، ووڙڻ سڀ ويوم،
قلب انهيءَ قرار ۾، ٽڪو ٽاڻہ ٽيوم،
حيرت لڳي هن ڳالهہ جي، تہ ڪيئن ٻي ٻڌ ڪيوم،
ڪڪ ٻنُ، ڪُل ڪُل، گاهُ ۾، ٻي وڻُ ٽنُ واجهايوم،
آلا! هُو تہ هيوم، وَرِيُدن کان ويجهڙو.

(٧٢)

ويهي ڪيم وجود ۾، جوڙي جستجُو،
تہ آهي لقا اَن کي، ٻي خالي نقط خو،
گُل گهٽا گلزار جا، ۽ ٻلڪل هڪڙي ٻو،
ٻيو هرڪو بحر عميق ۾، حبابُ هوبهو،
ماڻهن کي منجهائيو، مورهئون "ما" ۽ "تو"،
'طالب مولا' ذات سا، سدا سو ٻُسُو،
هڙئي آهي هُو، ٻيو ڪجهہ آهي ڪينکي.
٢٨- جمادي الثاني- ١٣٨٨هـ
ڪراچي، ٢٢-٩-١٩٦٨ع

(٧٣)

هو جيئن ڪالهہ هئا، اڄ نہ ساڪيا سپرين،
ڪهڙو ٻَهُہ ٻين جو، وريا کين، وئا،
دور ڪيائون دل کان، نڪ ڪنهن ليئا،
ورهہ ويهي تن سان، مون وڏا قرب ڪئا،
اڳ ها حبيب هڪڙا، هاڻ ٻهڪڻ ٽيا ٻئا،
وڃي ٽاڪ ٽئا 'طالبُ' جڏي طلب ۾.
ٽنڊو ٻڌا خان، ٣-١-١٩٦٢ع

(٧٤)

ڪيئي ٻائن ٻاڻ ڪي، چوڙيون ۽ چُنيون،
وَرُ انهن کي ويجهڙو، جي لاکُس روز رُنيون،
ٻي وَڻِ جو وَرُ نہ ٽئي، هوڪوڙين ڪن ڪنيون،
'طالب مولا' طلب ۾، ٽيون ڪُسن ٻي ڪُنيون،
جن جون پيرن کان نہ ٻُنيون، تن جون پرينءَ سيءِ پچائيون.
ڪراچي، ٣١-٨-١٩٦١ع

ڪافيون

*

تو دلڙي يار ڏتاري، هو يَرَ کانہ ڪيئي ٻوٽواري!

تنهنجا ڪيس پيارل ڪارا، آهن ٻيچ انهن جا ٻارا؛
ڪن ونگ وجهڻ لهہ وارا، ٻانڻ ڳٽ ڳچيءَ ۾ ڳارا؛
ڪن قيد سياڻا سارا، مهميرن تي سي مارا؛
ٽين ويرہ ات ويچارا، ٽا شاهہ پرن شوڪارا؛
منهنجي لرمل آہ نيزاري! الا...

تنهنجي ٻاڪ ٻرين ٻيشاني، آهي لرمل نور نيشاني؛
سڄ چنڊ ڪي لڳي حيراني، ناهي تنهنجي ثريا ثاني؛
ٿيا تنهنجا مٽ نه ٿاني، ڪر اچڻ سندي احسالي؛
وٺ محب سڻا مهماني، اچ اڳڻ ستي دل جاني؛
تنهنجي محبت دلڙي ماري! الا...

تنهنجون اکڙيون ٻڌي ميخانا، يا ٻُر ٽيل ٻيمانا؛
يا محب! ٻڌي مستانا، ڪن درد وارا ديوانا؛
اتي جُٽنگ پرن ٿا جانا، تون شمع ٻيا پروانا؛
تنهنجا شوق آهن شاهانا، هي راز آهن رندانا؛
تنهنجي اکڻون توبه زاري! الا...

تنهنجي قرب ڪرايون ڪيهون، شب روز رڻان ڪري رهون؛
ڏٺيون ٻرت ٻارل ٻيهون، ويون ورهن ڪذري ويهون؛
ٿي دلڙي ڇهون ڇيهون، ٻيون لال لڳن ۾ ليهون؛
تنهنجي فڪر سُڪايون ڏيهون، اچ برهه ۾ گڏجي ٻيهون؛
ڪئي ڪوندر آ ڪلزاري! الا...

محبوب ٿڻا ڪر ماڻا، هيءَ رمز سڪئين ڪيئن راڻا؛
تنهنجي گهُور گهمايا گهاڻا، لٽا سورهئون وڻن وهاڻا؛
تنهنجي صدمن ڪيا سندَ ساڻا، اچي ٻرت ٻُجهائج ٻاڻا؛
وجهان ٽپٽا روز ۽ ٽاڻا، تنهنجا سور آهن سيبهاڻا؛
تنهنجي تات طلب ۽ تاري! الا...

اچ واعدا ٻرت جا ٻاڙيون، هڪئي سان سور سلهاڙيون؛
دل دل ڏي لالڻ لاڙيون، ٿا سور وجن سندَ ساڙيون؛
ٿيو چيتو آهي چيهاڙيون، دل درد وجن ڏونڊاڙيون؛
اچ ورهَ وسايون واڙيون، تنهنجي در جون مٽ نه ماڙيون؛
ڪر سهٽا يار ستاري! الا...

تنهنجو 'طالبُ مولا' آهي، ٻي سانڀ ٻيو چاهي؛
رس تنهن ڪي قرب مان ڪاهي، ٻيا لڳ لاڳاپا لاهي؛
ڇڏ ويڑ ورهَ جي واهي، ڪهڑ سينو توسان ساهي؛
اها طاقت ڪنهن ڪي ناهي، اچ سون وٽ گاهي ساهي؛
لاه برهه جي يار ٻهاري! الا...

هالا، ٨-١١-١٩٥٥ع

سهڻل جا سينگارَ- وهوا- دل کي وڻن ٿا،
دل کي وڻن ٿا، ڏاڍا نهن ٿا، ڏاڍا نهن ٿا، من کي موهن ٿا!

کارا کارا، کنڊڙا کنڊڙا، سهڻا سهڻا، سنهڙا سنهڙا،
وانگوڙي ۾ وار- وهوا- دل کي وڻن ٿا!

تيل، قليل، ٽيون، ٽوکارا، ڏوهيلَ، واسيلَ، کيس هوکارا،
کهنڊ بدار- وهوا- دل کي وڻن ٿا!

ابرو عجيبُ، ڏنگا ۽ ڏوڙا، ڏهه ڏسيو کن گهوڙا گهوڙا،
تيزُ ڪَنان تلوار- وهوا- دل کي وڻن ٿا!

ٻئي اکيون جڻ باز ۽ بحري، مار ڪرڻ لڳ ٻون ٽيون ٻهري،
ڪن شاهاڻا تـ شڪار- وهوا- دل کي وڻن ٿا!

لڪُ نجيب جو لنڊڙو ننڊڙو، سنهڙو سنهڙو، ڪُنڊڙو ڪُنڊڙو،
رلڳ ٻ-ريا رخسار- وهوا- دل کي وڻن ٿا!

لبَ لالنَ جا سُرڪيو سُرڪن، ڏند موتن جيان جهرڪيو جهرڪن،
ڪونجَ-ڪُڇيءَ ۾ هار- وهوا- دل کي وڻن ٿا!

روز چُمان، چشمن تي چايان، لائق سمجهي لبن سان لايان،
ٻربنِ جا ٻيزار- وهوا- دل کي وڻن ٿا!

گڏ گذارڻ، اڻ ۽ ٻهڻ، 'طالبَ مولا' رُسڻ ۽ ٻرچڻ،
محبت جا معيار- وهوا- دل کي وڻن ٿا!

حيدرآباد ۽ هالن جي وچ ۾ لکيل، ۱۳-۷-۱۹۵۵ع

*

جيڪي منهنجي ڪُڇيءَ جا هار ٿيا، اهي کارا کُنڊڙا وار چمان!
جيڪي ڪوپَ ڏئي ٽي دام ٻيا، سي خاصا خوشبودار چمان!

جنهن کان شمس و قمر شرمائن ٿا، جنهن کان تارا کٽيون گهبرائن ٿا،
اها لورَ پري جا ٻيشالي، ڪري همٽ سا هڪوار چمان.

جن آڏو هلال کا شئي لاهي، جن آڏو ڪمان ٻ- چا آهي،
جن آڏو خنجر خم ٿا ٽين، اهي خوشتر ٻئي خمدار چمان.

جي چرڪ چڏايو خوب چڏن،
۽ ٻنڌيون مورهئون ماريو وڃن،
اهي چپرَ چنيڙ سان چيهه ٽا ڪن،
وهوا تن جا اکن سان وار چمان؛
جڙ سي جا ڪٽورا ٻئي پريل،
يا ساڳنهن آهن خود ٻيتل،
اهي مست و مست قلندر ٻئي،
ڪري ڏاڍا ادب، ڏئي پيار چمان.
سو آهي ڪنولَ جو ديلگ ڪٽي،
سو آهي گلاب جو رنگ ڪٽي،
جتي بلبل پنهوارا خود بيخود،
اهي رمز پريا رخسار چمان.
جڙ لعل، ۽ موتي صدف ۾ بند،
قربان سڄاڻَ تان تن جي قند،
سي لال لٻاٻي لالڻ جا،
لب سرخ ٻٽي ٻمهار چمان.
ڪٽي ڪونج نه ٻنهنجو ڪنڌ مٽي،
جي سامهون سڄڻ ٻئي ان کي ڪٽي،
منهنجي ڳٽن پرئي جي ڳچي تڏسو،
جا چوڪي چڳي چوڏار چمان.
هو ٻرين هٽين ٽيو هڪجهڙو،
جو ٿاني سڏائي، سو ٽٽي کهڙو!
تنهن جي لقش قدم جي خاڪ ڪٽي،
اها غيرت عنبر ٻار چمان.
جيڪي در تي سندس هليا مون کي ولي،
ڏيان تن کي ترت ميٺ تي ميٺي،
اهي "طالب مولا" ٻٽي تهدل،
ٻنهنجا ٻير چمان ٻيزار چمان.

اسلام آباد، ٨-٨-١٩٦٦ع

*

تولاءِ کوڙين ڪانگ آڏايان ٻئي،
تنهنجا ٻانڊي روز ٻچايان ٻئي!
ٽو صبح اچي نوان درد ڪٽي،
ٽي رات ٽٽي مون لئه گهنگهر گهٽي،
سَوَ سور سندءِ سان هڪڙي ڇٽي،
تنهنجا آهن، تن سان نياڻان ٻئي.
ٽي روز سنجهي منهن ويڙهيو سمهان،
وريو آڏي ڏيو ٽي عجيب آڻان،
ٻايو سُڻهن سُولن ۾ رويو روڻان،
لکيو لوڪان لڙڪ وهايان ٻئي.
ٽيئن لرمل شل ناراض مرَ تون،
تنهنجا هٿڙا هجن منهنجون چار جڏُون،
منهنجون محب اکيون تنهنجون لالڻ لتون،
ولين وانون تولاءِ واجهايان ٻئي.
سَنُ منهنجو سُڻو سمجهي ٻه نڙو،
سُڻو ماريو مون کان پرچي ٻه نڙو،
رُڻو رمزن سان ريجهي ٻه نڙو،
ته ٻه ڪيس سڄڻ سمجهايان ٻئي.
تنهنجي ياد ۾ هڻ مان مست آهيان،
ٻنهنجي ٻاڻ کي "تون" سمجهو ٽي وهان،
اهڙي محبت ۾ ٽيو سحو وجان،
جو پاکر ٻاڻ کي ٻايان ٻئي.
تو چا ٽي چيو ٻلا چا هي ڪيئي!
سڀا محب وچوڙو ڏايو ڏنئي،
ٻنهنجي 'طالب' کي چو وساري چڏيئي،
تنهنجا مان ته ايا گڻ گايان ٻئي.

*

تون چا هُئين، چا مان چا ٿي وئين،
جڏهن تنهنجو ٿيس تہ جدا ٿي وئين!

هيءَ گاله سچ تون ٻڌاءِ تہ کا، کهڙو ڏوهہ کيہ ۽ آهي چا،
،ون کان کهڙي پلا ٿي اربعا خطا، جو بلڪل بيپرا ٿي وئين!

مون کي منهنجي نينهن نهوڙي ڇڏيو، مون کي منهنجي وِرهہ وکوڙي ڇڏيو،
مون کي منهنجي عشق آلوڙي ڇڏيو، مون کي گهرجي دوا تون دعا ٿي وئين.

ٻاڻهي ٻنهنجو توکي خريدار ڪيو، ۽ ٻاڻ کي مفت ۾ وڪڻي ڇڏيو،
تڏهن تو وٽ ڪجهہ بہ نہ قدر ٿيو، آنءَ ادنيٰ تون اعليٰ ٿي وئين.

هڪجهڙا هياسون تہ چا نہ هيو، جو بيمار ڪيو پچتايان بيو،
وچ فرق مراتب پئجي ويو، آنءَ ٻُس جهُڪي تون خدا ٿي وئين.

هن حيرت ۾ ٻيو روڙ هَڇان، ڪٿ حجت رکان، توکي چا چوان،
توکي پيار ڏيان، تنهنجا ادب کيان، آءٌ 'طالب'، تون مولا ٿي وئين.

اسلام آباد، ٢٣-٦-١٩٦٧ع ١٥-ربيع‌الاول ١٣٨٧هـ

*

نشيلون نشيلون اچن جو اورهاڻيون،
تہ چوهئون چڏن ٿيون گهورن سان گهوماڻيون.

سي شاهين وانگر جو پرواز ڪن ٿيون، مثل باز بحري لاسارا ڏين ٿيون:
هڪي دل جو هڪڙن، چنبن ۾ چيڀاڻيون.

نہ آڇيون، جي آڇيون تہ واپس نہ وڃيون، جي چُهڻن ۽ چنڙن تہ ڏاڍيون ٿي ڏنگيون:
ڏئي وِرهہ وِرهہ جو وڃن ٿيون وهاڻيون.

ٻئي حسن واريون اداسي اداسي، محبّت جي مي لءِ بياسي بياسي:
اهي عشق جي اڄ اصل کان آڻيون.

جي نکريو نقابن سان باهر پون ٿيون، تہ ويتر وڌا ڏنگ ڏاهيو وڃن ٿيون:
نہ ڪن تہ تفاوت، سڏيون ۽ سَڏاڻيون.

بظاهر نظر ٿيون اچن خوب چَرڙيون، مگر درحقيقت ڪاريهر کان ڪَرڙيون:
اي 'طالب' ٿيون مارن گهورون ڏيئي گهاڻيون.

ڪراچي، ٢-٧-١٩٦٥ع

*

اکيون عاشقن جون مدامي موالي،
پسڻ لاءِ پرَ وت سدائين سوالي.

رکي ٻيٽي اکثر عجيبن آيايون، مڙئي گالهيون تن کي محبن مچايون:
انهن کي ڏئي خوب وعدا وصالي.

هو هڪڙي سڄڻ جون، نه ٻئي ڏي نهارن، رکو ٻاڻ هر پنهنجو دلبر وهارن:
سي پرهور بلکل رهن کين خالي.

هميشه هو پنهنجي سڄڻ لاءِ ستيون، محبّت هر مورهئون رهن مست متيون:
هو عامل آمر تي نه کن بيخيالي.

هو پنهنجي پرين ري ڪٽي ڪونه اٽکن، پَراين دَرن تي نه بلکل سي پٽکن:
سدا ٻيمياري، سدا لاٻالي.

اي 'طالب' ڪڏهن کا هلائن نه حجّت، تڏهن تا نه ڪن محب تن سان مرڙت:
ڪئي تن جي قسمت نصيبن نرالي.

ڪوهه مري، ١٠-٧-١٩٦٥ع

*

منهنجي سر جو آهي گهمنڌ پرين، آءٌ چوڏهين، منهنجو چنڌ پرين!

هو صاحب، ان جي آءٌ منزل، هو درد دل ٿيو ۽ آءٌ دل،
هو حل سندم ۽ آءٌ مشڪل، آءٌ کير، ۽ مون هر ڪنڌ پرين.

آءٌ نغمو ۽ هو نغمه سرا، آءٌ سوز ٿيس، هو ان جي صدا،
آءٌ آهيان ادا، هو حسن ادا، آءٌ محبت، ان جو منڌ پرين.

تقسيم ازل هر جيڪا ٿي، محبوب آيو منجهه منهنجي ٻٽي،
آءٌ سڪئو، هوئي مال مڌي، ونڌ ورج هر آيم ونڌ پرين.

آءٌ رات، هو منهنجو صبح ٿيو، آءٌ قالب، هوئي روح ٿيو،
آءٌ ٻيڙي ۽ هو نوح ٿيو، آءٌ اڻ تارو، منهنجو سنڌ پرين.

آءٌ بيخود، هوئي منهنجي خُو، آءٌ گل ۽ ان جي هو خوشبو،
آءٌ دريا، منهنجي رواني هو، آءٌ آهيان صدف، ۽ سمنڌ پرين.

آءٌ 'طالب'، منهنجو هو مولا، آءٌ عشق ۽ منهنجا هو جذبا،
آءٌ آهيان خطا، هو سراپا عطا، آءٌ ڏوهه، ۽ منهنجو ڏنڌ پرين.

ڪراچي، ١٣-اپريل ١٩٦٩ع

غزل

●

رشکِ بختِ سیه، رشکِ تاریک شب،
هُن جا زلفِ دوتا خوشنما خوشنما،
اللّٰه اللّٰه جبین، ضوفشان ضوفشان،
جلوه گر جلوه گر، یاخدا یاخدا.

تیغ برّان فگن، غیرتِ سیف زن،
خنجرِ صف شکن، ابروئِ جانِ من،
رشکِ مستیءِ چشمِ قلندر نظر،
دلربا دلربا، کیفزا کیفزا.

روحِ جادوگري هن جا شرم و حیا،
عشوه و ناز و انداز سي معجزا،
گفتگو مظهرِ خرقِ عادات تي،
هُن جي هر هک ادا اولیا اولیا.

هُن جي رمزِ خموشي ۾ دنیا بہ گم،
ءِ تبسّم سان عالم کري زیر و بَر،
هُن جي گفتار ۾ زندگي زندگي،
هُن جي رفتار ۾ کربلا کربلا.

جنهن تان دیر و کلیسا همیشه فدا،
جنهن تي سجده کُنان روز شب بتکدا،
جنهن تي هرکنهن جبین کي سکون ٿوملي،
منهنجي محبوب جو نقشِ پا نقش پا.

هن جي شیرین زباني تان صدقي ٿین،
دمبدم مطرب و بربط و چنگ و نے،
هن جي طرزِ تکلّم تان نفس فدا،
لحنِ دائود چئي واه وا، واه وا.

هن جي آذو صبا آهِ جاروب کش،
نکهتِ گل اچیو خیرمقدم کري،
هو چمن ۾ اچي، گل جهکیو ٿا پون،
ءِ عنادل چون مرحبا مرحبا.

هن جا درد و الم سائه دوستي،
هن جا جور و جفا باعثِ دلکشي،
هن جا قهر و غضب دل جي آسودگي،
هن جو دیرینه درد آشنا آشنا.

هن جي رمزِ ادا تان تصدّق ٿیان،
هن جي طرزِ محبّت تان قربان مان،
هن جا ظلم و ستم باوفا باوفا،
هن جا مهرو وفا بیوفا بیوفا.

صوفي و محتسب، واعظِ هیرسن،
منهنجي ساقي اکیان سي بہ مجبور تر،
هو کُپایو نظر جو نهاري کٹي،
هرکو کهپرایو چئي 'ڈي پلا، ڈي پلا'.

میکدي ۾ مسرّت کري رقص تي،
کیف و مستي تي طاري ٿئي بیخودي،
آن جي آمد تي ساغر ٿین خنده زن،
ءِ صراحي کري قهقها قهقها.

'طالب المولیٰ' جور و جفائي صنم،
غیرتِ ظلمِ چنگیزي و نادري،
هُنَ جي هر هک نظر زلزلا زلزلا،
هن جو تابِ نگه فیصلا فیصلا.

کوئٹا، ۳۰-سپتمبر ۱۹۶۲ع

●

آءُ پڇي ٿي وڃي بادِ سحر کان اڳ ۾
سڀ ٿو معلوم ٿئي هن کي خبر کان اڳ ۾.

رقّتِ قلب کڻي ديدهٔ تر کان اڳ ۾
دردِ دل پيدا ٿئي دردِ جگر کان اڳ ۾.

تا ٿين اشکِ ندامت ٿي سبب بخشش جو
جي ٿا مقبول پون درّ و گُهرَ کان اڳ ۾.

آهي ويرانيءَ گلشن ۾ ٿي اميّدِ بهار
ٿو اچي دورِ خزان برگ و ثمر کان اڳ ۾.

مان ته ان کي ٿي ٿو غمخوار ۽ مونس جاڻان
جو ته مون وٽ ٿي اچي شام، سحر کان اڳ ۾.

مون کي هن جي ٿي جمالِ رخِ تابان موهيو
دل هٽان وئي هلي دز ديده نظر کان اڳ ۾.

سر ته سر آهه مگر يار جبين آهه جبين
جو ته هر نقشِ قدم ٿي چمي سر کان اڳ ۾.

جادهٔ عشق ۾ هر وقت جنون ٿو گهرجي
هت کڻي عزمِ سفر رخت سفر کان اڳ ۾.

منزلِ عشق ۾ دشمن ٿا ٿين عقل و خرد
خوب هشيار ٿجي فتنهٔ و شر کان اڳ ۾.

خوشه مقصد اميّد ٿئي ٿو پڙمرده
ٿيندي ناڪامي ضرور آهه ثمر کان اڳ ۾.

آهه قانون هي فطرت جو هميشه قائم
هر صدف خالي ٿي هوندي آ گُهرَ کان اڳ ۾.

اي دلِ نادان خبردار، مستان ڏوکو اچئي
حسنِ ظن کر ٿو کري حسنِ نظر کان اڳ ۾.

غم نه کر 'طالبِ مولا' تون پريشانين کان
هوندبون آهن اهي هر فتح و ظفر کان اڳ ۾.

ڪوئٽا، ۲۵- نومبر ۱۹۶۱ع

٥

شبِ فرقت ۾ سان تنها ۽ سون سان منهنجو غم تنها،
کيان ٻيو جادهٔ منزل جو طي هر پيچ و خم تنها.

وري فصلِ بهار آئي، وري صحرا نوردي ٿي،
بيابان ۾ فقط پنهنجا ڏسڻ نقشِ قدم تنها.

هجومِ غم، خيالِ يار، سوزِ عشق، دردِ دل،
خدا جي ذات کڏ آهي مگر پي چشم نم تنها.

زماني کان نرالو آهِ مشرب لاابالن جو،
اسين تاريَ تگون پنهنجي، ڪٿون پيا پنهنجو در تنها.

هميشه عالمِ بيگانگي ۾ ٿي رهيو دلبر،
رکيائين هڪناري ۾ ٻه اسان کي دمبدم تنها.

اها نرقه پرستي جيڏهن رهندي ته ٻو آخر،
هي ٻڪ آهي، وجي رهندو فقط شيخِ حرم تنها.

اهو هرچيز جو پنهنجي بنائٽ ٿو گهري هڪدم،
ٿئي جنهن جو جنم تنها ونيِ راهِ عدم تنها.

اهو هر لفظ ٿي تاريخ جانِ زندگي ٿي ويو،
جو ڪنهن جي ياد ۾ دل سان ڪيم ويهي رقم تنها.

هي چٽبي خوبيءَ قسمت يا سڏبي بخت جي بازي،
جو آخر ٿي ويا هڪ ڏينهن دل تنها صنم تنها.

متان بيواجبي گستاخ کو اهلِ قلم سان ٿئي،
هزارن جا ڪري ٿي سر قلم تيغِ قلم تنها.

سندس احسانَ، ٻوجَ زلفِ مشڪينُ سان نوازي ٿي،
پُڄي ٿي سون اڪيلي وت نسيمِ صبحدم تنها.

اسان رندن فقط پيرِ مغان جي دست بوسي ڪئي،
زماني سان کڏ هوندي به آهي دمقدم تنها.

ڪٿي جيڪر ڏسڻ چاهيو ڪڏهن هو 'طالب المولىٰ'،
نظر ايندو سَونِ ۾ صاحبِ درد و الم تنها.

ڊاڪا، ١٥- ڊسمبر ١٩٦٦ع

ڪنهن جي سختين سهڻ واسطي اڄ وري دل ڪي مغموم ۽ چشم پرنم ڪجي؟
ڪنهن جي قدمن تي هرهر ڏڻن ڪي چميون، ڪنهن جي در تي وري ٻنهنجو سرخم ڪجي؟
راهِ الفت ۾ ثابت قدم جو ڏٺئين تنهنڪري دلربا ڪاب پروا لڳ ڪئي،
مون ڪي منهنجي وفائن شڪستون ڏيون، ٻنهنجي جاني جو کڻو پلا غم ڪجي.
هڪ تمنّا جي بربادي جيڪر هجي، ٻو تہ ان لاءِ ڇيڪجھ ڪجي همنشين،
هت هزارين تمنّائون برباد ٿيون، کڻي کڻي تمنّا جو ماتم ڪجي.
ٻنهنجي زخمِ جدائي ڪي لڙڪن سان اڄ، ڏوئي ڏوئي چڪائي چڪائي ڇڏيو،
دل ڪهري ٿي تہ اڄ کو لمڪپاش ٿئي، سوزشِ غم جو ان لاءِ مرهم ڪجي.
دل جهلي عارضِ گل ڪي وهي چُمان، هن جي اڄ سرد مهريءَ ڪي گرمائيان،
آرزوئن جي آهي تقاضا اها، هن جي جذبات ڪي خوب برهم ڪجي.
تون فرشتي سان انسان ٿي اڄ وري، آءٌ مَلڪ سان ڦري آدمي ٿو ٿيان،
اڄ محبّت جا ٻيئي گنهگار ٿيون، اڄ وري تازه تقليدِ آدم ڪجي.
اي جنونِ وصالِ صنم هن ڪهڙي، هل هلي بختِ خفته ڪي جاڳائيون،
هاڻ حملي جوابي جو بس وقت ويو، پيشقدمي ڪري کو تصادم ڪجي.
ٻنهنجي هستي سان ٿي آهه هن جي بقا، 'طالب المولىٰ' ان ۾ لڳ ٿيبو فنا،
ٻائي آغوش هن سان باهم ٿجي، ٻاڻُ ان ۾ ڪڏهن ڪين مدغم ڪجي.

لاهور، ۲۵- اپريل ۱۹۶۵ع.

نظم

ڪوهِ مريءَ جي شام

ڪوهِ مري جي دلربا ۽ خوشگوار شام، پرلطف، دلنواز، عجب، غمگسار شام،
ڇا رنگ ڍنگ ان جو، ڇا رشڪِ بهار شام، گلهائي رنگ رنگ سان گڏ مشڪبار شام،
سا شام، جنهن جو لمحو به رشڪِ بهار صبح،
سا شام، جنهن تان صدقي شهرِ ذي وقارِ صبح.

سا شام دلفريب، مگر رشڪِ سومنات، بيجان هُتِ صنم ۽ هتي زيست و حيات،
قربان دمبدم ٿا ٿين لات ۽ منات، ڇا چنجي دستڪاريِ مولائي ڪائنات،
هيت عابدن جون ڪيئي نمازون قضا ٿين،
هرهڪ جبين جا روز ٿا سجدا فدا ٿين.

سا شام، جنهن ۾ زهد شڪن خوبرو هزار، سا شام، جنهن ڪان صنعتِ آذر به شرمسار،
سا شام، جنهن تان جلوتِ شب ڪي ڪجي نثار، سا شام، رشڪِ قصرِ سلاطينِ روزگار،
سا شام، جنهن جي لاءِ پريشان عروسِ شب،
سا شام، جنهن تي قربان ٿئي رات جي ڪلب.

بيچين جنهن جي واسطي خورشيد جي نظر، قربان جنهن تان روز ٿئي جلوهٔ قمر،
جنهن تي نثار عقدِ ثريا به تا سحر، جنهن لاءِ شيدا چرخِ ڪهن آهه سربسر،
جلوه نما ٿين جو حسينانِ روزگار،
هن سبزه زار کي ٿا بنائين لالهه زار.

هيڏهن ڏسو ته حسن جي ڪشورجا سي ملنگ، هوڏهن ڏسو ته قلب و نظر لاءِ ڄڻ ٻلنگ،
هيڏهن ڏسو ته عشق جي درياءِ جا لهنگ، هوڏهن ڏسو ته رشڪِ خدنگ غيرتِ تفنگ،
مُرڪن ڪٽيو ته خوب ٿو شرمائي جاترنگ،
ڇا قهقهن جي لئي، ڪٽي آهنگِ عود و چنگ.

هر چهرو دلنواز ۽ هرشڪل دزدِ هوش، هر غمزو راهزن آهي هرچشم مي فروش،
هرهڪ حسين، خدا جو قسم رشڪِ نظمِ 'جوش'، هرشخص مست و محوِ حيرت به ٿئي خموش،
هرهڪ نگهه فسون ۽ هرهڪ نظر جنون،
هر هر قدم تي حشر ۽ هر هر قدم تي خون.

هڪ هڪ نگاهه مست قلندر جي بارگاهه، هڪ هڪ اشارو لادر و چنگيز جو سپاهه،
هڪ هڪ نظر جي تاب ڪان الله جي پناهه، هڪ هڪ تبسّم آه خطا بخش بادشاهه،
هئي هئي هتي جي 'مانيء' و 'بهزاد' ٻئي هجن،
والله سندن هٿن مان قلم ٿي ڪري پون.

هڪڙو سياه پوش، سر رهگذر ڏٺم، سمجهيم قمر، مگر نه، هو رشڪِ قمر ڏٺم،
پنهنجي جمال و حسن ڪان هو بيخبر ڏٺم، حيران ان تي ٿيندو اتي هربشر ڏٺم،
تلميح و استعارا به صدقي مٿس ڪجن،
تشبيهه ۽ مثال انهي تان فدا ٿين،

سامهون اچي ته ڪافر و ملحد به ڪن سلام، ويجهو ٿئي ته رعب ڪان گردن جهڪن تمام،
پر مان گذر ڪري ته معطّر ٿين مشام، اڳ هر هلي ته هرڪس و ناڪس جو پيش امام،
سيرت هر لاجواب ۽ صورت هر بيبدل،
سرتاپا هُو هو 'سعدي' و 'خسرو' جو ڄڻ غزل!

جيڪر هلي تہ ان تان تياست فدا ٿئي، بيهي تہ ڪائنات تي سڪتو اچيو وڃي،
جيڏهن سڙي تہ اوڏي زمانو مڙيو هوي، جنهن کي ڏسي سوهوش و حواس ئي چڏيو وهي،
هن جو عجب طرح سان نهارڻ حجاب سان،
جهاتيون قمر وڏيون ٿي ان جي نقاب سان.

هن جي جبين اهڙي ضياءِ ضوفشان، ۽ ان جي سامهون هيچ تجلّي ڪهڪشان،
رشڪِ جمال و حسن حسينانِ مهوشان، هر قلب ۽ نگاهہ انهي ڏي ڪشان ڪشان،
حورانِ خلد ان جي غلاميءَ تي نازڪن،
غلمان هُن جي آڏو لہ ڪردن فراز ڪن.

هو زلف پيچدار بلا جٹڪ دربلا، ابرو جي هڪ اشاري ۾ تصوير ڪربلا،
هرهڪ نگاهِ ناز ۾ پوشيده زلزلا، هڪ هڪ نظر ۾ عشق و محبّت جا فيصلا،
۽ پُرخمار اکين اڳيان ميخانا شرمسار،
جن تان ڪلامِ 'حافظ' و 'خيام' ٿئي نثار.

هيچ ان جي تمڪنت اڳيان 'اقبال' جي خودي، مضمر انهي جي رمز ۾ 'روميءَ' جي مثنوي،
قربان مٿس 'نظيري' و 'غالب' جي شاعري، صدقي مٿس ٿيو 'شاهہ' جو روحِ سخنوري،
مستي ڏسو تہ غيرتِ ديوانِ 'بوعلي'،
هستي ڏسو تہ رشڪِ شجاعانِ 'سرمدي'.

رخسار ان جا صبحِ درخشان کان زيبوَر، تن جو جمال برگِ گلِ تر کان خوبتر،
لبهاي لعل کن جي تبسّم ڪٹي اگر، صدقي سوين هزار ٿين لعل ۽ گُهرَ،
گفتار هن جي رشڪِ سخنهاي 'انوري'،
رفتار هن جي غيرتِ رقصِ قلندري.

ساري "سري" اي 'طالبِ مولا' گهمي ڏٺيم، ان سرزمين تي هڪ بہ نہ جهڙس نظر پيم.
جيڪي لکيو اٿم، اهو والله سچ لکيم، ياد آيو يار پنهنجو تہ دل ۾ وري چيم:
منهنجي حبيب جهڙو سراسر بہ ڪونہ هو،
پر دلربا جي پير برابر بہ ڪونہ هوا

مري ۱۰- آگسٹ ۱۹۶۳ع



آغا عبدالنبي خان «آغا»

محترم آغا عبدالنبي خان "آغا"، پنهنجي علمي ۽ ثقافتي خدمتن جي سلسلي ۾، سنڌ جي هڪ متعارف شخصيت جو مالڪ آهي. هاڻ پٺاڻ درالي خالدان ۾، ۱۶-مارچ ۱۹۰۳ع ۾، شڪارپور ۾ ڄائو. سندن والد ماجد آغا گل حسن خان، شڪارپور جو مشهور ۽ معزز شخص شمار ٿئي ٿو.

سندن ابتدائي تعليم، گمبٽ (خيرپور) ۾ شروع ٿي. ان کان پوء خيرپور ميرس ۾ انگريزي تعليم ورتي، ۱۹۱۹ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائون. اعليٰ تعليم لاء، علي گڙھ ڪالج ۾ داخل ٿيا، جتان ۱۹۲۴ع ۾ بي. اي. (آنرس) ڪري، پنهنجي وطن شڪارپور آيا.

علمي ۽ ادبي ذوق جي ڪري، سڀ کان اول شڪارپور هاء اسڪول ۾ فارسيء جا استاد مقرر ٿيا، جتان جلد مختيارڪاريء جي عهدي تي منتخب ٿيا. ان دور جي مختيارڪاري هڪ ذميدارانه عهدو هو، جو هاڻ خوش اسلوبيء سان هلائي، اڳتي هلي، ترقي ڪندي، وڏن وڏن عهدن کي ماڻي، آخر سال ۱۹۵۵ع تي ڪمن ريونيو سيڪريٽري جي اهم جڳهه تي آندو ويو. جتان آخرڪار، ڪمشنر جي عهدي تان پينشن تي لٿا. پينشن تي اچڻ کان پوء به گورنمنٽ جي صلاحڪار جي حيثيت ۾، لاهور ۾ رهي ڪم ڪيائون، جتان ڪين صوبائي پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر ڪري ڪنيو ويو.

علم ۽ ادب جو ذوق سليم کين ايام طفلگي کان هو، جو تعليم جي دور ۾ وڌي وڻ ٿيو. ملازمت جي دور ۾، کين راڳ، صحبت ۽ ڪچهري، ڊراما، شعر و شاعريء سان

کافي دلچسپي رهندي آئي. آغا صاحب جتي به رهيا، اتي علمي ۽ ادبي محفلن جو سينگار ٿي رهيا. شعر و شاعريءَ جي شروعات يارهن سالن جي عمر ۾، پنهنجي وڏي ڀاءُ ۽ صوفي بزرگ آغا غلام نبي خان جي تربيت هيٺ ٿي، جو پنهنجي دور جو وڏو مصنف، عالم، محقق ۽ صوفي بزرگ هو.

سندن شايع ٿيل ڪتاب هي آهن: (۱) افڪار عليگ (نظم)، (۲) سسئي پنهون ڊراما، جو ڪولمبيا ڪمپنيءَ رڪارڊ ڪيو آهي، (۳) حريص پٽلو عرف وفا جي ڏهوي ڊراما (پيو ايڊيشن سندي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.)، (۴) ايڪتا فلم جا ڊائلاگ، (۵) افسانا ۽ مقالا.

هي تحريرون غير مطبوع آهن: (۱) ڪليات آغا، (۲) حضرت خسرو دهلوي تي هڪ نظر، (۳) جنون عليگ، (۴) اقوال عليگ، (۵) علمي ۽ ادبي مقالا، (۶) عبرت ڊراما.

سندي ادبي بورڊ جي جهوني ميمبر جي حيثيت سان، سترهن سالن ڪان مٿي، سندي ادب ۽ فن جي خدمت ڪئي اٿن. ٽياسوفيڪل سوسائٽيءَ جي پراڻي ڪارڪن جي حيثيت سان، تصوف ۽ فلسفه جي خدمت ڪندي، هن وقت ان تحريڪ جا صدر آهن. سچل ايڪيڊمي ۽ سچل ثقافتي مرڪز جو قيام ۽ سچل تي ادبي ڪانفرنسون ڪرڻ، سندن اهم خدمتون آهن.

سندس ڪلام ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندو رهي ٿو. ان طرح سندن اصلاحي ۽ ادبي تقريرون پڻ نشر ٿيندبون رهن ٿيون. علمي ۽ تعليمي ادارن جي قيام ۽ بقا لاءِ به سندن خدمتون قابل قدر آهن. سياست سان سندن ڪو، واسطو نه رهيو آهي. هن وقت شڪارپور ڪان باهر هڪ باغ ۾ گوشه تنهائيءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ جا باقي ڏينهن علمي ۽ ادبي مشغلن، راڄ رهاڻ ۽ مطالعه ۾ بسر ڪري رهيا آهن.

شعر و شاعري ۾ غزل ۽ قطعا سندن پسنديده صناف آهن. سندن غزل نهايت رنگين ۽ تغزل جي قدرن جا حامل آهن. سچل بادشاهه ۽ لطيف ڪان علاوه، خسرو سندن پسنديده شاعر آهي، جو سائن هروقت ڪڍ رهي ٿو. ٻاڻ خسرو جي فن تي تحقيق ڪري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ خسرو تي مطبوع ۽ غير مطبوع ڪتابن ۽ مقالن جو ڪافي ذخيرو جمع ڪيو اٿن.

تصوف ۽ فارسي شاعريءَ جي مطالع ۽ ذوق جي ڪري، سندن غزل ۾ تصوف جي چاشني، هجر و وصال، عشق ۽ جذب جا دلڪش نمونا ملي سگهن ٿا. سندن شاعري ۽ فن، عرياني ۽ ابتذال ڪان دور آهي.

آغا صاحب پنهنجي رنگين ۽ دلڪش طبيعت جي ڪري، هڪ شگفته رو، شگفته مزاج ۽ شگفته دماغ شخصيت جا مالڪ آهن، جنهن جي رهاڻ ۽ ورونهن ۾ دلڪشي ۽ سادگي سمايل آهي. تڪلف ۽ رسمي معاملن ڪان مٿي، هڪ مخلص انسان آهن. ـ ادارو.

* * *

غزل

●

آ منهنجي اکيان جلوهٔ جانانہ ڪنهين جو،
مان مضطرو مدهوش هان مستانہ ڪنهين جو.

دانهون ته ڏي منهنجون، شب وصل چيائين،
ڏڪ ٻو نہ وري ٻيهر، افسانہ ڪنهين جو.

مون وٽ نہ ڪڍي ايندو، ڪنهن جو ته وڃي ٽيندو،
آباد ڪندو آخر، ڪاشانہ ڪنهين جو.

ميخوار سڙيا آهن، اڄ پير، مغان اکيان،
ٻرڻا ته اتي ٽيندو، ميخانہ ڪنهين جو.

رهم دل ۾ خدارا تون، اي لالہ سوزآور،
ويران نہ ڪري وڃ هي بتخانہ ڪنهين جو.

منهنجو ٻڌ ٽيو چرچو، دنيا جي زبان تي،
مشهور ويو ٽي جي، افسانہ ڪنهين جو.

هي دل آ ڪٽي توکي ڏيان، اي بت، ڪافر،
ٽي روز، ازل کان وئي، نذرانہ ڪنهين جو.

اکين ۾ رکيو دم آ، بيمار محبّت جو،
ڇڏندو نہ ڪڏهن اهڙو، ديوانہ ڪنهين جو.

هر حال ۾ خم ڪردن تسليم و رضا آ،
هر وقت زبان تي ٽيو، شڪرانہ ڪنهين جو.

غيرت جي تقاضا آ، هر وقت اي 'آغا'،
احسان نہ ڪڻ همّت، مردانہ ڪنهين جو.

●

(حمد و مناجات)

جُرمن کي منهنجي ڏس نہ، تون چاره ساز آهين،
طاعت نہ گهُر تون مون کان، تون بي نياز آهين.

رحمت ۾ تنهنجي مولا، منهنجو يقين آهي،
رازق رحيم بيشڪ، تون ڪارساز آهين،

عيبن کي ڏس نہ منهنجي، ڪر عفو سڀ مدايون،
مونسن، رفيق منهنجو، بنده نواز آهين.

ڪنهن کي ڏيان وجي هي، اڄ حال ٻڌنجي دل جو،
هت بيڪسن جو تون ئي، هڪ دلنواز آهين.

ڦيرائي منهنجي آقا، خوش رنگ ڪر تون قسمت،
تون ڪائنات رنگين جو رنگ ساز آهين.

●

هي داغ جو منهنجي دل آزرده ۾ آهي،
سو آهه ڏاڍل ڪنهن جو، چا هن کي خبر ناهي.

ٿي ماه مٿا تابان، شرمياو وبو هڪدم،
دلدار جي رخ تان جو پردو مون وڏو لاهي.

اي باد صبا تو جي، آلدو آ سنيهو ڪو،
چئو جلد، ٻڌان هن جو، مان حڪم پلا چاهي؟

آهون هي ٻڌي 'آغا'، ڇيائين رقيبن ڪان،
ٿي انڌ ڏئي منهنجي، هيءَ ڪنهن جي فغان آهي؟

●

عشق تنهنجي ۾ صنم، اڄ دل کي مستي ٿي وئي،
راهه ۾ سهڻن جي، منهنجي خاڪ هستي ٿي وئي.

خلدگاهه عشق منهنجو، ٿا چون آهي مقام،
تنهنجي الفت ۾ هتي، آبود هستي ٿي وئي.

وبو ڪٿي حسن بتان، اڄ دين و ايمان ناصحا!
منهنجو شيوو منهنجي عادت، بت پرستي ٿي وئي.

عقل و هوش ۽ زهد تقويٰ، سڀ ويا مون کي ڇڏي،
منهنجو مذهب، منهنجي ملت، مئي پرستي ٿي وئي.

مون کي اول يار، 'آغا'، مفت ساقيءَ ٿي ڏني،
بو پريندي، قيمت مئي، تنگ دستي ٿي وئي.

●

اڄ ياد منھنجي، ھون ٿا، ڪڏري وڃل زمانا،
زخم، جگر تي منھنجي، لٽرن جا تازيانا.
اھا مرڪ تنھنجي مڙي، اھا تنھنجي دلربائي،
اھي منھنجون منٽون ۽ تنھنجا رڳا ٻھانا.
ھن بيقرار دل جي، آھ و فغان ۽ زاري،
اھي ظلم جا جي تنھنجي گھر گھر ھٿ فسانا.
منھنجي التجا ۽ آزي، تنھنجي بيرخي ستمگر،
تير، نگھہ سان دل تي، تنھنجا چٽ نشانا.
شل ياد تنھنجي دائم، دل ۾ رھي تہ منھنجي،
پل داغ دل جا 'آغا' تازا رھن توانا.

●

درد سر، دوستان، آھ و فغان، آھ، ھي،
ڪاھش، جان، طبيب، درد نھان، آھ، ھي.
نالش، عشاق جو سوز، جگر ڪان ڪري،
قطرہ، نا آب آھ، شعلش جان آھ، ھي.
دل جو ڦري سون ڪان وئي، منھنجو گمان تو ۾ آ،
سون ڪي يقين آ اھو، منھنجو گمان، آھ، ھي.
ٿي وئي سون ڪان خفا، منھنجي ٿي فرياد تي،
ڪين سو ايندو وري، عمر روان آھ، ھي.
ٿو سڏي اڄ دلربا، منھنجا غلام آھيو،
مرتبو عالي ملي، شرح، گران آھ، ھي.
خون سان 'آغا' رڳي، پنھنجي ڪلي دلربا،
واہ عيان، منھنجو ڪيو، نام و نشان آھ، ھي.

●

بزم ۾ اڄ رند، خواب آلوده، ھين،
مست سي خوشگو، شراب آلوده ھين.
چشم، مئے گون يار، ساقيء جون سدا،
آتشين آھن، ۽ آب آلوده ھين.

ڪير نظرن ۾ وڃي نظرون سگهي،
چشم دلبر، مست خواب آلوده هين.
ڪٽن نگاه، جان نزا، مون تي ٿوي،
چشم ساقي مست خواب آلوده هين.
واه! خوشبو، ڪاڪل سيمين بدن،
برگ گل، "آغا" گلاب آلوده هين.

●

مان شراب عشق جو ميخانو هان،
عشق وارن لاءِ هڪ پيمانو هان.
حسن جي ٻوجا ڪيو، مدهوش ٿيو،
حسن وارن تي سدا ديوانو هان.
هجر تنهنجي جو ڪيو برباد آ،
سو سڄڻ تنهنجو ڦريو ويرانو هان.
شمع رو مرڪي ڇيو، ڇو ٿو جلين،
مون ڇيو، تنهنجو مٿي پروانو هان.
عاشقن جي محفلن ۾ عشق جو،
اڄ عزيزو، مان ٿيو افسانو هان.
مون وٽو ٻوسو، خطا ٿي، ڇا ڪيان،
حسن تنهنجي اڄ ڪيو مستانو هان.
پل رهن دل ۾، بتان سيمتن،
خوبيءَ قسمت! بٽيو بتخانو هان.
مان ڪڏهن 'آغا' هئس، هڪ مشت خاڪ،
دست دلبر ۾ ته اڄ پيمانو هان.

●

سدا مستان مان روئي نگار آهيان،
اسير دام گيسوئي نگار آهيان.
مڙي ڪٽن سير مٿي منهنجو قضا ڪان،
شهيد تيغ ابروئي نگار آهيان.

کیو عشق صنم تارک آ دلیا کان،
فدائی ناز خوش خوئی نگار آهیان.

مکان منهنجو ته آهي لامکان 'آغا'،
مگر هیت ساکن کوئی نگار آهیان.

●

زلف کافر تي آ دل دیوانہ ٹي،
چشم چشم مست تي مستانہ ٹي.

مثل مون هن شمع رو دلدار تان،
آهہ قربان جان هر پروانہ ٹي.

منع ناصح ٹي کئي مون کي مگر،
هن کي ڈسندي دل سندس مستانہ ٹي.

خاک منهنجي جسم جي اي دوستو!
آ غبار کوچہ جانانہ ٹي.

عشق 'آغا' جي کهاڻي سربسر،
هر گلي کوچہ م آ افسانہ ٹي.

●

کاڏا مان عرض حال تي خنجر نگاه جا،
ارمان نکتا واه دل داد خواه جا.

رهبر طریق عشق م مون کوڻہ کو ڈئو،
رهزن ملیا هزار محبّت جي راهہ جا.

روز جزا ۾ ڈوم سان ایندس ته تو اڳیان،
ٹیندا جلوس خوب ته فوج گناهہ جا.

سهشا کندا سلام اچي قبر جو ضرور،
آهیون شهید ناز اسان رشک ساهہ جا.

تیغ نگاه نال کیو وار خوب آهہ،
هرزا ویا آڏي دل فریاد خواهہ جا.

اهل زمين ۽ اهل فلڪ زخم خورده هن،
هي تو سندي نگاهه جا، هو منهنجي آهه جا.

'آغا' اندوه و رنج و آلام، درد ۽ فراق،
آهن شريڪ حال سي حال تباهه جا.

●

اي ماه جبين ڇڏ ظلم و ستم، توکي ٻڌايان پيار ادا جو قسم،
اي سرو سهي، ڏس سون ڏي مٿا، توکي منهنجي آه و بڪا جو قسم.

اي محب سٽا، اڄ لالي خدا ڪيان جان هي توتان مال فدا،
ٿي ڪين خفا، ڇڏ شرم و حيا، توکي ٻڌايان هرين آ حيا جو قسم.

تنهنجا چشم صنم هن چشم بقا، ٻيڪ پاڪ دهن جي آب شفا،
ٻي آب شفا بيمار بچا، سون ڪي سهٽا تنهنجي دوا جو قسم.

تنهنجي تيغ، جورو ظلم و ستم، سون کي تنهنجو قسم آ ابر ڪرم،
ڪر جلد روان، ڪر جلد صنم، توکي عاشق جي ته رضا جو قسم.

نڪو درد 'آغا' دلگير ڪيو، نڪي هجر و فراق زهير ڪيو،
هڪ تير نظر دلهير ڪيو، سون ڪي تنهنجي آهِ جفا جو قسم.

●

ڪين آغا آ اڪيلو، مصطفيٰ سان ساڻ آهه،
جو نبيءَ جو عبد آهي، ڪبريا سان ساڻ آهه.

ڇا ڪري سگهندا تنهين کي، ڪينه پرور ڇا ڪندا،
خوف هن کي ناهه کو، خيرالورا سان ساڻ آهه.

ڪالهه دل ۾ آهه کا حسرت، يد بيضا سندي،
منهنجو هٿ ٿيو دامن آل عبا سان ساڻ آهه.

رحمةاللعالمين سان، حشر ۾ سينو ڏنو،
خلق ساري، شافع روز جزا سان ساڻ آهه.

دامن حضرت جهلي، جنت اندر جڏهين ويو،
هل ٿيو 'آغا' ٻه محبوب خدا سان ساڻ آهه.

●

دلبر سفيد رو، ۽ سيہ چشم، لال رنگ،
بيمثل محب منهنجو، دنيا ۾ شوخ و شنگ.

زلف، سيہ کي ٻار جي، رخ تي ڏسي چمر،
شام، حبش تہ چين ۾ ڪئي مات آهہ جنگ.

ٿي سير سنگ ۾ ٿي ملي، هي عجب ڏسو،
سيمين بدن جي سيني ۾، دل آهہ مثل سنگ.

جادو سياه چشم ۽ ابرو ڪمان آهہ،
آ قد ڪشيده، هن سندو، قامت مثل ترنگ.

شوق، شڪار عاشقان، آهو صفت کي آ،
آهوئي شيرگير جون، نظرون بثل پلنگ.

مستي ڏسي هي منهنجي، ٿي رنج اي صنم،
'آغا' چڏيا هي شوق ۾، تنهنجي تہ لار و ننگ.





ڊاڪٽر اسدالله شاهه "بيخود" حسيني

جديد دور جي جوان همٿ ۽ باحوصلا نوجوان اديبن ۽ شاعرن ۾ ڊاڪٽر حسيني پنهنجي فن ۽ مطالعه جي حيثيت سان انفرادي مقام حاصل ڪري چڪو آهي، جو کنهن بہ رسمي تعارف جو محتاج ناهي.

ڊاڪٽر صاحب، سنڌ جي علمي ۽ مذهبي، تهذيبي ۽ ديني مرڪز ٺڪڙ جي مردم خيز سرزمين جو هڪ هيرو آهي. هن جوان همٿ ۽ جوان حوصلا عالم، عمر ۽ علم جي لحاظ سان جي مرحلا طئي ڪيا آهن، اهي اسان جي نوجوان طبقي لاءِ عمدو مثال آهن. شاهه صاحب سنڌ جي برگزيده روزگار، عالم دين، اهل دل، قومي خدمتگذار، خلافت تحريڪ جي برڪ اڳواڻ، علامه قاضي سيد امدالله شاهه حسيني 'فدا' رحه ٺڪڙائيءَ جو پوٽو آهي. شاهه صاحب نہ فقط 'اسم' جي حيثيت سان پنهنجي برگزيده روزگار ڏاڏي جو 'مسمي' آهي، پر ان سان گڏ 'علم' جي حيثيت سان بہ پنهنجن بزرگن جي علم جو وارث آهي.

ڊاڪٽر حسيني، مشرقي ۽ مغربي علوم جي تحصيل ۽ تڪميل جي سلسلي ۾، سنڌ ۽ انگلنڈ جي بين الاقوامي شهرت يافته علمي ادارن کان مستفيد ٿيو آهي. هڪ طرف ڊاڪٽر حسينيءَ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي. اي ڪئي آهي، ۽ ٻئي طرف لنڊن يونيورسٽيءَ مان ڪلاسيڪي فارسي ۾ آنرز ڪئي آهي.

ان سلسلي ۾ ڪيمبرج يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ جي امتيازي ڊگري ۽ حاصل ڪيائين؛ سندس ڊاڪٽريٽ واري مقالي جو عنوان آهي: "ايران ۾ تيموري دور ۾ مذهبي طبقن جو معاشري ۽ سياست تي اثر".

ان عنوان تي، ڊاڪٽر صاحب، لڳاتار سالن جا سال علمي خزانن، مطبوع ۽ غيرمطبوع ذخيرن، دستاويزن ۽ علمي آثارن جي چنڊچاڻ ڪري، ان موضوع تي محققانہ ۽ عالمانہ تاريخي

۽ دستاويزي چيز پيش ڪئي آهي. اهو موضوع، نهايت اهم تاريخي، مذهبي، معاشرتي ۽ سياسي مباحث ۽ مسائل تي مشتمل آهي. ڪاش! ان کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو وڃي.

تعليم ۽ تدريس، تحقيق ۽ مطالعي جي سلسلي ۾، ڊاڪٽر صاحب، ۵۸-۶۰ع تائين، 'ريسرچ اسسٽنٽ سنڌي' جي عهدي تي، اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز، لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪيو آهي؛ ۽ اتي، زبان، لغت، گرامر ۽ فلالاجي تي وڏو علمي ۽ فني ڪم ڪيو اٿس. سندس ذهانت ۽ قابليت کي خود سندس استادن ۾ ساراهيو آهي؛ سي استاد ڪيس پنهنجو قابل فخر شاگرد سمجهندا هئا.

ڊاڪٽر حسيني هن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي شعبهٔ فارسيءَ ۾ ليڪچرار آهي.

ڊاڪٽر حسيني، هڪ صاحب اسلوب انشاپرداز جي حيثيت سان به وڏي خدمت ڪئي آهي. سندس زبان ۽ انداز بيان، سليس، دلڪش، رنگين ۽ جاذب نظر آهن. سندس نثر ۾ لکيل مقالا، جي لطيف جي فن ۽ فلسفي جي تشريح جي سلسلي ۾ لکيل آهن، اهي زبان جي سلاست ۽ انداز بيان جي دلاويزيءَ ڪري سنڌي نثر ۾ انفرادي اسلوب تي مشتمل ڇڻ سگهجن ٿا. جيئن: 'شاهه جي سسئي'، 'شاهه جي سهڻي'، 'شاهه جي مومل'، ۽ 'شاهه جي مارئي' وغيره.

ڊاڪٽر حسينيءَ جي زبان ۽ انشاء جو پيو شاهڪار سلسلو آهي ــ 'خاڪ نگاري'. ان سلسلي ۾ 'منهنجا آٿنا اديب' جي عنوان تي اهڙا ته دلڪش ۽ دلاويز خاڪا لکيا اٿس، جن کي پڙهندي ائين محسوس ٿيندو ته جڻ اهل قلم، لفظن جي تصوير ۾ 'شخصيت' کي هوبهو ٻيهاري ڇڏيو آهي. اهو 'فن' پنهنجي جاءِ تي ڏاڍو مشڪل فن آهي. سندس ان قسم جا خاڪا نه فقط پسند ڪيا ويا، پر ان سان گڏ ڪانئس اها تقاضا ڪئي وئي ته هو ان سلسلي کي اڳتي به هلائي، مڪمل ڪري. ان طرح 'لنڊن ۾ ايائي سال' ۾ معلومات افزا مقالو آهي، جو تسطوار 'نئين زندگي' ڪراچي ۾ ڇپيو. انگريزيءَ ۾ 'اويس القرني ۽ اويسي صوفي' (مسلم ورلڊ آمريڪا ۾ ڇپيل) تي لکيل مقالو بلند پايه تحقيق جو شاهڪار آهي. ان طرح 'ايران ۾ جديد ادب جي ارتقا'، 'مهران' رسالي ۾ ڇپيل مضمون ۾ محققانه چيز آهي، جنهن ۾ ان فني مسئلي تي، قديم دور کان وٺي جديد دور تائين تاريخي ۽ علمي تبصرو ڪيو ويو آهي.

تاليفات: ۱- "پيام غمگسار"- حافظ شاهه مرحوم ٽڪڙائيءَ جي ڪلام جو مجموعو.

۲- "تذڪره شعراء ٽڪڙ"- ٽڪڙ جي شاعرن جي سوانح، ڪلام ۽ فن تي تبصرو.

۳- "ڪليات دلگير"- حافظ محمد هارون 'دلگير' ٽڪڙائيءَ جي سنڌي ۽ فارسي ڪلام ۽ سوانح تي مشتمل.

۴- "تاريخ جو فلسفو"- مشهور مورخ ابن خلدون جي مقدمي جو انگريزيءَ تان ترجمو.

۵- ڪتاب اول فارسي، ۶- ڪتاب دوم فارسي- ڊاڪٽر قاضي لبي بخش صاحب، صدر شعبه فارسي سنڌ يونيورسٽي ۽ حضور احمد سلير سان گڏ لکيل آهن.

سوانح: ڊاڪٽر حسيني صاحب پنهنجو مختصر تعارف هن طرح لکيو آهي:

"منهنجو نالو اسدالله شاهه ولد الله بخش شاهه تاريخ تولد ۱۲-اپريل ۱۹۳۱ع، ڳوٺ ٽڪڙ.

"مون کي ڪيترن نالن سان سڏيو ويندو آهي؛ ڏاڏي مرحوم جو مون تي نالو آهي، ۽ ڪيس قاضي سڏيندا هئا، انهيءَ ڪري ڳوٺ ۾ ۽ ويجهن دوستن ۾ 'سائين قاضي' ۽ 'قاضي' سڏيو آهيان. حج ڪرڻ ڪان پوءِ والدين مون کي 'حاجي' سڏيندا هئا، ۽ پائٽيا ۽ پاڙيجا وغيره 'حاجي بابا' سڏيندا آهن. ٻئي هنڌ 'اسدالله شاهه' ادبي دنيا ۾ 'اسد' ۽ 'بيخود' ۽ لنڊن ۾ 'حسيني'".

شاعري: "فيبروري ۱۹۵۳ع ۾ غني صاحب جن مون کي ادبي دنيا ۾ اچڻ جي ترغيب ڏني. آهستي آهستي گرامي صاحب جن سان تعلق وڌندو ويو، ۽ سندن آڏو زانوئي تلمذ ڪوڙيو. آڪٽوبر ۱۹۵۳ع ۾ حضرت 'طالب المولا' قبلہ جن سان ملاقات ٿي، انهيءَ کان پوءِ رفته رفته سندن ويجهڙائي نصيب ٿيندي وئي. سندن الفت ۽ شفقت، محبت ۽ صحبت، ۽ سندن مست ڪُن مجلس ۽ محفل، راڳ ۽ رهاڻ جي رس ۽ چس، حرص ۽ هوَس جي بنيادن کي پچي پوري ڇڏيو. ٻاڻ منهنجي ڪافين ۽ بيتن جي اصلاح به ڪندا آهن، ۽ سندن ئي فيض ۽ ڪرم آهي، جو ۵۷ع ۾ بي. اي پاس ڪيم ۽ ساڳئي سال لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ ۾ ريسرچ اسسٽنٽ ٿيس، ۽ ان سان گڏ بي. اي آنرز ڪيم".

ڊاڪٽر حسيني صاحب، نومبر ۱۹۶۷ع کان 'سنڌي ادبي بورڊ' جو اعزازي سيڪريٽري ٿيو آهي. شاهه صاحب جنهن مخلصانه انداز سان سنڌي ادب جي خدمت ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ اعزازي طور پنهنجون خدمتون آڇيون آهن، اهي تعريف جي لائق آهن.

فني تجزيو: ڊاڪٽر حسيني، نثر ۽ نظم تي استادانه دسترس رکي ٿو. سندس نثر به رنگين آهي ته ڪلام به پختو ۽ شيرين آهي. سندس ڪلام تي زندگيءَ جي مسائل کي حل ڪرڻ لاءِ تجسس ۽ تلاش جو عنصر غالب آهي. قطعا فلسفانه انداز ۾ چوي ٿو. ان طرح ذوق جماليات مان پيدا ٿيل جذبات به سندس ڪلام لاءِ طرهٔ امتياز آهن. غزل، نظم، آزاد نظم، رباعي، قطعا، ڪافي، بيت، بهرحال هر صنف تي طبع آزمائي ڪري ٿو. سندس غزل مرصّع ۽ رنگين، حشوو زوائد کان پاڪ، خيال آفرين ۽ معنيٰ خيز ڪنايات ۽ استعارات تي مشتمل آهن.

عشق ۽ محبت جي پاکيزه جذبات جي فراواني، سندس فن کي هن دور ۾ وڏو مقام ڏيو آهي. ابتذال کان سندس ڪلام ڪوهين دور آهي. سندس ڪافيون سريليون آهن ۽ بيت محبت آفرين جذبات جي پيداوار آهن. حضرت 'طالب المولا' جن جي صحبت، ڊاڪٽر حسيني جي فن ۽ فڪر لاءِ پارس جو ڪم ڪيو آهي. بقول اقبال: "پير رومي خاڪ را اکسير کرد!"
ـ ادارو

*　　*　　*

بيت

(۱)

ڪامل ڪرين تو ڪين، هيڻيءَ سان هيڏيون،
مٺا هن مسڪين کي، جٽ ڪندين جيڏيون،
خبر اٿئي ڪاڻين جي، ته ڪندين هو ڪيڏيون،
کي طعنن سان تنيدين، کي هٽندين، پري
پيڏيون،
مون رهي وڃايون راندين، تو ڪيون جي
ڪيڏيون،
جيڏو جانب تون آهين، اٿم اميدون ايڏيون،
هجن ڪاوڙيون ڪيڏيون، ته به ڪجي بخش
'بيخود' کي.

(۲)

ڏسڪي ڏينهن آياريم، روئي ڪيم رات،
تنهنجي ور رهه وهائيو، سور ڏلي سڪرات،
مٺا هن مهجور کي، محبت ڪيو مات،
'بيخود' تنهنجي ٻات، ڪندو ويو قرب سان.

(۳)

مٺا هن مهجور سان، متان مٽين سُنهن،
توکي تنهنجو سُنهن، رهي ڪر رهاڻيون.

(۴)

مٺا هن مهجور سان، متان سُنهن مٽين،
ريجهي رات رُليءَ سان، ڪامل ڪا ڪٽين،
لاڳاپو لٽين، متان اي منهنجا پرين.

(۵)

متان اي منهنجا پرين، ڪرين ڏوٽ ڏمر،
ساجن تنهنجيءَ سڪ جو، سانديءِ ڪنيم سمر،
اکين سان اداس ٿم، جام وهي تو جر،
آهين تون ازل کان، 'بيخود' سندو پر،
ور تون سگهو وَرُ، نه ته مري ويندين مفت ٿم.

(۶)

نڪون ناهيان نينهن ٿم، آءٌ پراڻو پازي،
ڪن عاشق چيو 'اسد' کي، ڪن ڪانيارو 'قاضي'،
کي ٿا چون ڪٽي ويو، 'بيخود' سپ بازي،
پر منهنجي آهه اصل کان، اکيان تو آزي،
هاڻ ترت ڪر تازي، کا عنايت عليل تي.

(۷)

عنايت عليل تي، تو ريءَ ڪير ڪري،
غيرن کان غريب کي، رکج پير ٻري،
ٻوءِ جيئي جي مري، ته به 'بيخود' ٻلي تنهنجي.

(٨)

'بيخود' ٻلي تنهنجي، ازل کان آهي،
محب متان مسڪين تان، ڇڏين هٽ لاهي،
متان مون کي سيکو، ٻوءِ سوٽن سان ساهي،
جاني! جهڙوئي آهي، تهڙوئي توکي برتو.

(٩)

'بيخود' ٻلي تنهنجي، ٻي واهر نه کو وس،
لوڪ لوڏي ڪيو، گوندر نيو کس،
يا هٽ رکي هيٺ ۽ تي، ڪر کا رهان رس،
نه ته کو ٻيو ڏس، تو جهڙو جهان ۾.

(١٠)

تو جهڙو جهان ۾، هجي ته ٻڌائيج،
توکي قسم تنهنجو، لالڻ نه لکائيج،
نه ته نئي ليائيج، ناتو هن نڏر سان.

(١١)

تو جهڙو جهان ۾، ڪڏهن کو ٽيندو!
جو ڳولڻ لڻ ويندو، سو موٽي ايندو ماڳ تي!

(١٢)

تو جهڙو جهان ۾، جڏهن جاني! ناهي،
ڇڏي ڪيڏانهن ڪاهي، 'بيخود' تنهنجي پر کي.

(١٣)

توکان، توکي ٿو ڳهران، ڪونه گهرجن مال،
'بيخود' جا برهه ۾، ڏيڻا ٿيا حال،
جهوري جيءُ جڏو ڪيو، جهوريءَ ۽ جنجال،
سچ ٿو سوال، ڪڏهن موٽايو ڪونه ڪو.

(١٤)

توکان، توکي ٿو ڳهران، شاهه! نه گهرجي شان،
تنهنجي نالي سڏجان، مون لڻ اهو مان،
توريءَ ائين ٿو رهان، جئن جسر هجي بيجان،
يا ڪر اچڻ جو اعلان، يا موڪل ڏي ته مري وڃان!

(١٥)

توکان، توکي ٿو ڳهران، ناز پريا نوري،
جڳائي نه جڏيءَ سان، داتا! هيءَ دوري،
يا هرت رکج پوري، يا موڪل ڏي ته مري وڃان.

(١٦)

توکان، توکي ٿو ڳهران، منهنجا پرين پيارا،
ڪهڙي ڏوهه ڪُنڊ سان، ڪيئي ڪنارا،
توکان سوا، تنهنجن جا، چڪيا سڀ چارا،
يا ڪر ورڻ جا وارا، يا موڪل ڏي ته مري وڃان.

ڪافيون

*

توسان گڏجي رهڻ، وري ڏار ٿيڻ—
نڪي آهه جيڻ، نڪي آهه مَرڻ.

منهنجي حالت تي جي تون غور ڪرين،
نڪي ڪائين ڪلين، رڳو سڏڪا پرين،
منهنجا سور سُٽي، ويٺو سور چَرين:
چو ته توئي سيکاريو، قرب ڪرڻ.

اهي ڏينهن تہ کهڙا ڏينهن هئا،
رڳو محبّت جا ئي مينهن هئا،
پنهنجا شوق تہ جڏ کي شينهن هئا:
نکي کنهن کان ڊڄڻ، نکي کاڻ کيڻ.

تنهنجي فرقت ۾ لکين لفظ لهيو،
منهنجي سَن مان نکرن، لڇيو ڦٽکيو،
سُر، تار، سرود جا ويس وڃهيو:
ڪن ڳائڻ وڄائڻ، سوز سڙڻ.

اهڙو محبّت ۾ مجبور آهيان،
پنهنجي هاڻ لئي هاڻ ئي پور آهيان،
ڪڏهن ڇهڪ آهيان، ڪڏهن چور آهيان:
ڪڏهن خوب خوشيون، ڪڏهن روڄ رڙڻ.

اڄ، رسم و رواج جا بند ٻڌون،
هڪٻئي سان هم آغوش ٿيون،
ٻوءِ 'بيخود' اهڙا ٿي تہ وڃون:
نکي عقل اچڻ، نکي هوش هجڻ.

*

وکر وهائي نکتا، ساءُ! سُٽيءِ کي ماري،
مون کي وساري ويٺا، سال سوين ٿيم ساري!

روکيم روئي تن کي، گرهہ لڳي ڪيم دانهون،
پاند ڳڇيءِ ۾ هائي، ٻئي ٻڌيون مون پانهون:
ويل نہ ويٺا هڪڙي، ڪيپ ڪٽي ويا ڪاري!

آءٌ تہ اڀالي آهيان، چيڙهہ چٽن ۾ ٻيڙو،
ڪڙا کهڙا پابان، هوش حُسن سڀ ويڙو:
هاءِ! وڃوڙي ويڙا، باهہ برهہ جي ٻاري!

مولي سندن تي آيا، وڃارا ٻنهنجي وطن،
محب نہ منهنجا موٽيا، تانگهه ڏني آهه تڙن:
سرتيون! سيارا آيا، ٻاهه ڪيس آءٌ ٻاري!
مون کان ٿيو ٿن ڪي، سودو سير ۽ سفر،
پيٽي پيٽي ٽڪيس، 'بيخود' روز ٻندر:
واڪ انهن جي واري، شال وطن تي واري

نظم

هلي آ مون ڏي دلربا

هي ياد ڪر ڪي راتيون، هو مڙيون مڙيون ٻاتيون،
جي تنهنجي منهنجي وچ ٿيون، نہ دل تان منهنجي سي ويون...
هو عيش و ڪيف جو مزو، هو منهنجو تنهنجو ڇهڻو،
هو تنهنجو مون تي پروسو، هو منهنجو توتي آسرو،
هو ناز سوز ساز جو، آٽيل دلين ۾ ولولو،
نہ هوش جنهن ۾ ڪو رهيو، هو ڏينهن جو ۽ رات جو-
ٿين نہ مون کان دور ٻري، نہ تنهنجا ٻيچ و خم ٻري،
هو رنج و غم، الم ٻري، ۽ غير جو قدر ٻري:
هي چا ڪيئي جو وٽين ڇڏي، غمن ۾ مون کي تون ڪڏي،
سڏي ٿي، توکي دل، سڏي،
هلي آ مون ڏي دلربا!

سدا رهي ٿي جستجو، رلان ٿو تولڻ ڪُو ٻڪُو،
حرام عيش ۽ طرب، مدام رنج ۽ تعب-
جڏهن کان توسان اک اڙي، نہ چين ڪير کوٻل ڪهڙي،
هي زخم دل جو ٻيو چڙي، ٻڌي نڙو ٻيڻه ڪڙي،
حريص دل جو نور تون، مجسمہ سرور تون-
دل حزين کي چا ڪيان! ڪري وجهي نہ ڪو زبان؟،
هي راز آه جو نهان؟، ٿئي نہ خلق تي عيان؟:
مچان ٿو مون ڪئي خطا، گهٽي آ تنهنجي هڙ عطا،
نفس نفس، ڪري صدا،
هلي آ مون ڏي دلربا!

جتي ڪٿي بهار آ، بغل ۾ سڀ جي ٻيمار آ،
هٿن ۾ سڀ جي جام ڏس، خوشي ٻ عام جام ڏس-
وسي ٿو قرب جو ڪڪر، هوا ٻ ٻُو سان، تر ٻ تر،
چمن ڏي ڪر ذرا نظر، جمي وڃو رنگ آ دگر،
رسي جتي ٻ ديڻ ٿي، اتي ڪلن ۾ عيد ٿي،
زمين ٻ سبزپوش ڏس، ٻيرو جوان ۾ جوش ڏس-
صبا جون مٹڑيون لوليون، ڪلن جون ڏس هي هوليون،
هي بلبلن جون ٻوليون، هي آب جُو جون چوليون،
۽ هي چمن ۾ چهچها، وٹن نہ سون کي ٹا صفا،
بغير تو اي مه لقا:
هلي آ، سون ڏي دلربا!

اي مه لقا، اي دلبرا، ملي ٿو توکي چا پلا،
رهين ٿو مون کان جو جدا، چوان ٿو توکي برملا،
وفا جفا جي ڳالهه ڇڏ، عطا خطا جي ڳالهه ڇڏ،
سزا جزا جي ڳالهه ڇڏ، فنا بقا جي ڳالهه ڇڏ،
رهين ٿو موج ۾ مگن، اي سيمتن اي گلبدن،
اکيون اهي نہ لنڊ ڪن، لڳي آ تنهنجي جن لڳُن،
لڳي آ جن کي تار ڏس، سي روڪش هزار ڏس،
سي وقف التظار ڏس، سي چشم اشکبار ڏس،
نہ ڪر تون هاڻ رَدّ وڪي، آ سڪ دري سندئي 'آسي'،
تون جان هو سندئي جسّي،
پلي تہ غير ڪن حسّه
هلي آ سون ڏي دلربا!

آزاد نظم

يار کي التجا ٿو ڪريان، من ٻڌي!

ماهُرو، مه لقا، ماهوش، ماه سا!
دلربا، باوفا، کار جودو عطا ڪر، هليا، التجا
ٻڌ منا مهربان!

ٿو ڪريان مان بيان، دل سندو داستان،
غور ڪر، ڪر نظرا ور، اي رشڪ قمر، سمر بَر،
فيضور، بابصرا!

مهربان!

ساھ سر، بيخطر، ٻلَ ۾ تو تان، ميڙا،
مان، خدا جو قسم، کھوري کھوري ڇڏيان!
تنھنجي ھجر و فراق و الم، سوز و غم، دمبدم
کيا ٿئي، اي صنم! سو ستم؛
سپ سڀ، ھاسون ھاسيم، ڇپ:
من وري دلبري مون سان رشڪ ٻري، ھڪڙو
پيرو ڪري،
پرٽئون پيرا پري، وھلو مون ڏي وري؛
دل جون ڳالھيون ڪريان، ڪجھ چوان، ڪجھ ٻڌان،
پرت جون، سوز جون، ساز جون، راڳ جون، ناز
جون، نياز جون،
ھاتيون ٻُرنسون:
دل جون دل ۾ رھيون، تون ڏ آئين، مڙا!
ـ ھاڻي ڀھر، خدا، غور ڪر، ڪر نظر، وَرُ!
جان، من، سيمتن، ضوفگن، گلبدن، اي چمن
ذر چمن!
ڏس چمن ۾ سمن، نسترن، ياسمن،
تازه تن، غم فگن، عيد ڪن، خوش ٿين؛
آب جُو موجزن، گل ۽ ڦاڙيو ڪفن؛
ڏس تہ ڪارا ڪر ٻيل تن، ٿا گڙن، ۽ گجن
۽ وسن،
سبز دشت و دمن!
ھي چيھن، بلبلن، قمرين جي صدا،
سيڪو ماڻي مزا.

ٻيوفا ٻا وفا گڏ ٿيا، وچ مان وڃا وڃا،
ڪي مليا، ڪي ڪليا:
مان رڳو دل-پکو ھوس، ساڻي نہ ڪو ھو، سڏي
جو وڃاري ڪري ڳالھيون؛
لڙڪ ھاري لکين، توڪي ڳولي ٽکس، ٻاڻ
رولي ڇڏيم:
دل جون دل ۾ رھيون، تون ڏ آئين، مڙا!
ـ ھاڻي ڀھر، خدا، غور ڪر، ڪر نظر، وَرُ!
ياد ڪر، اي ھرين! محفلون مجلسون، راڳ جون،
رنگ جون،
جت ڏ 'تون' ھئي، نہ 'مون':
تو چيو، مون ڏٺو؛ تو ڏٺو، مون چيو؛
ھڪ نئون ھو جھانُ، جنھن ۾ ھر ھر لوان قرب
جا داستان،
تو اڳيان مون ڪيا ٿي بيان؛
سيڻي وڃا ڇڏي، مون ڪي، ساجن! سڏي، گوڏو
گوڏي گڏي،
ڪجھ ڪٽن ۾ چيڙي، ياد ڪر!
تو رقيبن، عزيزن، قريبن جي وچ ۾ وڃي،
مون کي ٻنھنجو ڪيو، مون کي ٻنھنجو سڏيو،
تو ڪيليو، مون ڪليو:
اوچتو تون جدا، مان جدا ٿي وياسون، مڙا!
ـ ھاڻي ڀھر، خدا، غور ڪر، ڪر نظر، وَرُ!

غزل

●

تنھنجو حسن، بيڪرانُ، رشڪ، ٻتان سيمتن،
منھنجو عشق جاودان، آب خضر تي خنده زن.
تنھنجي يادن جي بھار ۽ تنھنجي دردن جي خزانُ،
زندگي و موت ۾ ھڪ ڪشمڪش آھي ڪٺن.

تون خوشين جو دادلو ۽ مان غمن جو ماريل،
تون سدا زيب چمن، ۽ مان سدائين خسته تن.

سمجھ وارن توکي سمجھي، مان جو روزو رکيو،
توکي ٻي سمجھي کان ڏس، ظاھر کيو ڪئن جاھلن.

تو ھر ئي منعکس منھنجي، جدّت تخليق ئي،
منھنجي حسن ذوق جو مظھر، تون آھين جان من.

ٻنھنجي زلفن جي انڌيري ۾ لڪائي ڇڏ مون کي،
آھ ھي دار و رسن جو دور، ٻرشور و فتن.

منھنجو غم مون کان ۽ منھنجي يار کي آھي عزيز،
ان ڪري ئي وقف حزن و غم ڪيو مون جان و تن.

رند آھيون، ٻر خراباتي نہ آھيون، اي سجن،
ڪوبہ ذوق خمر ناھي کڻ لگام مشي فگن.

يار ھر ڪنھن سان لٽو سڪ سوز جون ڳالھيون ڪري،
نينھن جي لاتي رکڻ جي لڳ ٻہ ڪي مالھو ڪين.

ھي گداي ڪوي جانان، عرش اعظم تي دماغ،
ھاڻ کي 'بيخود' ٿا سمجھن، جم فگن، دارا شکن.

•

ازل کان آھ اسان سان، فلک جو ڏاڍو ڪست،
اسين تہ ھاڻ ئي، ٻنھنجو ڪريون ٿا، بندوبست.

چمن چمن ۾ خزان جو ٻيمار آھ عيان،
قدم قدم تي اميدن کي اعتراف شکست.

ھميشہ تازگي، عھد ٿو ڪرين، دلبر،
اسان جي لاھ نٿون روز، جڏ روز الست.

خدا ڪري نہ رھي، دم نگاہ ساقيءَ ۾،
کي تشنہ کام رھن ٿا ۽ کي سدائين مست.

عجب نہ آھي جو محبوب ٻاڻ ٿيو عاشق،
حسين شخص ٿئي نظرتاً ٿو حسن پرست.

جي عشق لاھ ته موت ۽ حيات جو خطرو،
جي عشق آھ ته قبضي ۾ آھي ھود و ھست.

ٻئي رستن ٿا حقائق جي ٿوڙ تائين پر،
فقيه سال گھوڙي، ۽ رلدن کي ھڪڙي جست.

رھ وفا ۾ اھوئي قدم کٻي، 'بيخود'،
ٿئي نہ خوف و خطر کان جنھين جي ھمت پست.

●

رئڻ ۾ رات ٿي گذري، ڏکن ۾ ڏينھن ٿو لبري،
لٽين سڄ نينھن وارن لئي لٽون کو سور ٿو لسري:

وساريئين آشيان اھڙو، نہ پرواہ برق و باران جي،
ڪيء کي دور ٻنھنجن کان، ڪيو ٻارن سندي پچري.
سيڻي سانديء ٽيڻون سگھجن، سوين سيڪ سوز جون ڳالھيون،
ڪڏھن ھڪ ڳالھ ياد آئي، تہ ٻو ٻي ڳالھ ٿي وسري.
جڏھن ويري وبا ويڑھي، تڏھن ھڪ انقلاب آيو،
گھٽا چنگيز چٽ ٿيندي، لماڻن جي ڏنا نجھري.
پلي ٻيو ظلم ڪر جاني، پلي ليڻ جون ھڻ نوڪون،
مجال آھي، اسان جي وات مان ٻاجي ٻ آڪ نڪري.
انھيء ئي آس تي، واڻن تي ٻنھنجو گھر بنايو سون،
غبار راھ سان 'بيخود'، متان تاصد اچي لڪري.

قطعا

(۱)

دشمن جون ٻٽي چڏيو ٻاڙون،
دوستن ساڻ دل کي ھيرايو؛
ٻاڻ ۾ ٿي جھڪي جھڪي ملبو،
غير جو سر ڪجي ته ڪيرايو.

(۲)

سڀ ڏيو آھ ڪجھ نہ ونيو آھ،
قرب ۾ ڪس ٿي ڪائنبي آھي؛
سيڪو ان وقت ٿو سکي 'بيخود'،
جڏھن کا شئي وڃائنبي آھي!

(٣)

دوست سان گالهه صاف صاف ڪجي،
غير ڪي ٻي ٻڌائجي آهي؛
جيڪا آخر ٻڌائڻي هوندي،
گالهه سائي لڪائجي آهي.

(٤)

هار ۾ آهه جيت جو ٻيغام،
جو ڪيرئو ناهه، سوار ٿي ناهي؛
هو ٿو لٽجي ۽ مات ۾ آهي،
منهنجي دل ڪي قرار ٿي ناهي.

(٥)

سور سهندي ٻه سال ويا گذري،
هڪ ٻ وعدو نه ٿيو ڪڏهن پورو؛
تون ته گالهيون ڪرين ٿو چاهيءَ تي،
جئن ڪو ٻولي ٿو هار سان پورو.

(٦)

جو ٿهيل آهه تنهن کي ڏاهيو ڏاڍو،
جو ڏنل آهه، چو لٽا اڏيو؛
غير کي سڏ ڪري وهارئو ڏاڍو،
ويڻن کي چئو: پڇو، لڏيو!

(٧)

هڪ ڏڻڻ ۽ ٻيو تڏو آهي،
چو جو 'ٻيخود' چون ٿا شاهه آهيان؛
ملڪ ۾ سيڪو شاهه ٿي آهي،
شڪر آهي سان هيڪلو ناهيان.

(٨)

تون اسان کان سواء خوش آهين،
جو ڪٽئي سو ڪسي ڦري ورتئي؛
جيڪو ڏيندو اچئي، سو يار اٽئي،
جيڪو توکان ڪٽي گهري، ورتئي.

(٩)

ورنه ڏاڍو ڏکيو سڃڻ ٿيندين،
منهنجون گالهيون ٻڌي، چريو چئجئين؛
ڪوڙ اهڙا ڪجئين جو سچ سمجهن،
سون سوا ٻيو ڏٺا سٺا هڻجئين.

(١٠)

چور آهي جو شاهه ٿو سڏجي،
سڪ ڏسڻ وارو سور ويٺو سهي؛
اڳ نرڙ ۾ لکيل ئي ٿيندو هو،
اڄ ڪيڙيءَ متان قلم ٿو وهي.

(١١)

منهنجا ماروُ ٻڌي ڏجي ويٺا،
ڪوٽ آهن ۽ لوهه جون ڪڙيون؛
مات اهڙي جو جڙ ته ڪونه هٿا،
ورنه راڄن ۾ هون ها رڙيون.

(١٢)

عقل گهرجي، جو سير تي چاڙهي،
هي هوس آ، ڦرهو ڪيي ويندئي؛
مات پنهنجن سان ٿي ته جيي ٿوندين،
غير سان گڏ نه جيي، جو سير لينديئي.

(١٣)

سپ چڏي ڏي ته ٻوه ٿيو مومن،
هٽ ڪٽڻ کي سلام چئجي ٿو؛
مارجي مات ۾ رهي جيڪو،
خاص ۾ سو عوام چئجي ٿو.

رباعيات

(۱)

مائهن تہ چئي، تون لہ وسارين تہ چگو، هڪ پيرو فقط، ڪڍجي گذارين تہ چگو؛
مشهور سندئي آهي، مسيحا نفسي، دل منهنجي مثل آهي، جيارين تہ چگو.

(۲)

سرد آهون، جگر زخمي، اکين ۾ ڳوڙها، دردن جا ڏلل، دل ۾ لک آهن لوڙها؛
ٽيهه سال، جوالي، جي بهار آهي، مگر، سورن جي ڪري بهار لهڪون ٿا ٻوڙها.

(۳)

ڪيڏي نہ وئين يارا! تون امداد ڪري، 'بيخود' جي مجال آهي جو فرياد ڪري؛
غم، سوز و الم، درد، فراق ۽ حرمان، سيني سان لڳاياسون، سڀ اولاد ڪري.



٢



ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

جناب ڈاڪٽر نبي بخش خان ولد علي محمد خان بلوچ، ٻنهنجي علمي، تعليمي، ادبي ۽ ثقافتي خدمتن جي سلسلي ۾ متعارف شخصيت آهي. سنڌي لوڪ ادب ۽ لغت، سنڌ جي تاريخ ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ تي سندس تحقيق بلند معيار تي ٻڌل آهي.

ڈاڪٽر صاحب، بلوچ خاندان مان لغاري شاخ جو ٿمر شيرين آهي. سندس ولادت ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقي سنجهوري، ضلعي سانگهڙ ۾ ٿي.

اوائلي تعليم ۽ تربيت، ٻنهنجي خانداني روايات موجب ٻنهنجي گهر کان شروع ڪيائون. مدرسہ نوشهرو فيروز مان مٽرڪ پاس ڪري، ٻهاوالدين ڪاليج جهوناگڙهه مان بي. اي. فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائون، ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ۱۹۴۱ع ۾ ٽيون نمبر آيا. ان کان پوءِ ۱۹۴۳ع ۾، مسلم يونيورسٽي عليگڙهه مان ايم. اي. فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪري سڄي يونيورسٽيءَ ۾ ٻهريون نمبر آيا. ساڳئي سال مسلم يونيورسٽيءَ مان ايل. ايل. بي. ٻڌ فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائون. سنہ ۱۹۴۶ع ۾ تعليم ۽ تربيت (ايڊيوڪيشن) ۾ اعليٰ مطالعي لاءِ ولايت روانا ٿيا، ۽ ڪولمبيا يونيورسٽي (آمريڪا) مان ايڊيوڪيشن ۾ ايم. اي. ۽ ڈاڪٽريءَ جي اعليٰ ڈگري حاصل ڪيائون.

اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ۱۹۴۹ع ۾ پاڪستان آيا. ڪجهہ وقت وزارت داخلہ، حڪومت پاڪستان جي انفرميشن ۽ براڊڪاسٽنگ ڊويزن ۾ آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي طور ڪم ڪيائون، جتان مرڪزي پبلڪ سروس ڪميشن ڪين ڪلاس ون ۾ چونڊيو. ان کان پوءِ ست ڪين پاڪستان طرفان مشرق وسطيٰ ۾ 'تعلقات ۽ اطلاعات عامہ' جي سلسلي ۾ مقرر ڪيو ويو، ۽ ڈاڪٽر صاحب جن تعليم ۽ تربيت جي خدمت کي ترجيح ڏيندي اهڙي اعليٰ عهدي تان استعفا ڏني، ۽ ڪين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ 'صدر شعبہ تعليم' طور ٻهريون پروفيسر مقرر ڪيو ويو. ۱۹۵۱ع کان اڄ تائين ڈاڪٽر صاحب جن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تعليمي خدمت سرانجام ڏيئي رهيا آهن، ۽ هن وقت 'انسٽيٽيوٽ آف ايڊيوڪيشن' جا ڈائريڪٽر ۽ صدر آهن.

تصنيفات ۽ تاليفات جي سلسلي ۾ علم ادب، لغت، شاعري، تاريخ، ثقافت، موسيقي ۽ آثار قديمہ تي بيش بها ڪتاب ۽ مقالا، انگريزي، عربي، فارسي، سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ لکيا اٿن، جن کي علمي دنيا ۾ تحسين جي نگاهہ سان ڏنو وڃي ٿو.

هڪ محقق ۽ عالم، دانشور ۽ مبصر جي حيثيت سان يورپ ۽ مشرق جي تعليمي ۽ ثقافتي اجلاسن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي اٿن. ان سلسلي ۾ آمريڪا، ڪئناڈا، فرانس، انگلينڈ، سڪاٽلينڈ ۽ مغربي يورپ کان علاوه جاپان، فلپائن، ترڪي، لبنان، عراق، ايران، سعودي عرب جو سفر ڪري چڪا آهن. هن وقت سنڌي ادب جي ڪلاسيڪي دور ۽ لوڪ ادب تي ڪم ڪري رهيا آهن.

سنڌن علمي، ادبي ۽ تعليمي خدمتن جو اعتراف ڪندي، ڪين حڪومت پاڪستان طرفان "تمغۂ پاڪستان" ڏنو ويو آهي. —ادارو.

مفيد شاعري

"شاعري هر زبان يا بوليءَ جي ادب جو بنياد آهي، پوءِ تہ شاعر پنهنجي شعر کي ملکي زبان جي نهايت پيارن ۽ انوکن محاورن جو جامو پهرائي ٿو. دنيا جي نهايت دلکش، وسيع ۽ زنده زبان عربي جو سرمايو، درحقيقت عربي شاعرن جو رهين منت آهي. افسوس جو سنڌي زبان جي شاعريءَ جو سرمايو يا تہ کُهڻن ۽ قلمي کتابن ۾ قابو ٿيو پيو آهي، يا تہ وري سگهڙن جي دلين ۾ سانڍيل آهي. ويچارا وڃن ٿا تہ اهي صدري خزانا ب پاڻ سان کنيو ٿا وڃن.

اڄ جا کي شاعر تہ رکو ڪڇ پيا مٿين. البت کي بزرگ آهن، جن ۾ کا مٽيا آهي: انهن کان سواءِ تہ سکڻي سڄ لڳي پئي آهي. بلند ۽ بليغ شاعريءَ جو تہ دؤر ختم ٿي ويو. اڇلهءِ جي عام مروج نظمن ۾ انوکن الفاظن يا سنڌي بوليءَ جي سلوڻن اصطلاحن کي گولڻ عبث ۽ اجايو آهي. مگر جنهن صورت ۾ انوکا محاورا ۽ نوان لفظ نظم جي ذريعي آسانيءَ سان رائج ٿين ٿا، اسان سنڌي زبان جي ب-اکرن ۽ ڏ-اکرن لفظن مان کن انوکن کي نظم جي ڏاڪي ۾ پوئي، 'مفيد شاعري' جي نالي سان پيش کريون ٿا. هن ڏس ۾ سنڌ جي هڪ نامعلوم دهقاني شاعر پنهنجي بيت ۾ اکيڻي شروعات کري ڇڏي آهي. آءٌ اهو بيت سُٹي حيران ٿي ويس تہ کيئن نہ ويچاري بهراڙيءَ جي شاعر هي نئون خيال گولي کڌيو، جنهن جي ذريعي سنڌي زبان جي عجيب و غريب لفظن جي تشريح نهايت عمدي سليقي سان ٿي سگهي ٿي. سندس بيت هي آهي:

هُٹُ ڇڄي ٻکري، ريڍ ڇڄجي هُڙ،
ڪڙ پوي ان" ۾، تنهن کي ڇڄي ڪُڙ،
اپ ۾ جي ڪر ٽين، تن کي ڇڄي جهُڙ،
پُڙ رکي پُڙ تي، جنڊ کي ڇڄي جُڙ،
سڄڻ ملڻيا سڄڻين، ڳالهيون مڙيئي ڪُڙ.

اسان انهيءَ نهج ۽ نموني تي، سنڌي الف-بي جي هرهڪ اکر تي قافيا ٻڌي، "مفيد شاعريءَ" جو ديوان مرتب کرڻ گهرون ٿا. انهيءَ ديوان جي ابتدا 'ر' جي قافيہ تي ٻڌل نظم سان، سنڌ مسلم کالیج مخزن ۾ کئي وئي آهي."

مٿيون مهاڳ 'ن' جي قافيي تي جوڙيل نظم لاءِ لکيو ويو هو، جو سماهي 'مهراڻ' (کراچي) مئي، جون، جولاءِ- ۱۹۴۶ع ۾ شايع ٿيو. ان کان اڳ هن سلسلي جو ٻہ ٻيون نظم 'ر' جي قافيي تي سن ۱۹۴۵ع ۾ لکيو ويو، جو پوءِ سنڌ مسلم کالیج مخزن (کراچي) ۾ شايع ٿيو. ان بعد 'ل'، 'م' ۽ 'پ' جي قافين تي لکيل نظم ۱۹۴۶ع - ۱۹۴۷ع ۾ سماهي 'مهراڻ' ۾ ڇپيا.

ان کان پوءِ راقم جيتوڻيڪ پنهنجي وندرءِ ورونهن خاطر 'مفيد شاعري' جو ديوان مرتب ڪندو رهيو، مگر انهن الوکن نظمن جي ڇپائڻ جي نوبت ڪانه آئي. هن وقت سماهي 'مهراڻ' (حيدرآباد) جي فاضل ايڊيٽر جي اصرار تي اڳيان ڇپيل نظم پ، ل، م، ن جي ترتيب سان دوباره اشاعت هيٺ اچن ٿا. ان سان گڏ اسان هن ديوان مان ٻهريون نظم (قافيو الف) جو جڏ هن مفيد شاعريءَ جو مقدمو آهي، ۽ ٻويان و، هه، ء، ي جي قافين تي چيل نظم (ڀنا تشريح جي) ٻڏ ناظرين جي دلچسپي خاطر ڏجن ٿا. 'ي' وارو آخري نظم تاريخ ۱۳- نومبر ۱۹۶۱ع تي پورو ٿيو.

قافيو الف

(خيال)

ڪيڙت ڪٽا
ويٺي هٽا،
سورن سٽا
جملي جٽا
مردن مٽا-
هيڪن لٽا،
ڪهرا ڪٽا
قاتل ڪٽا-
مڙسن مٽا،
ڪڏندي لٽا.

قافيو پ

۱- ڏيئي شاها، ڪرن ٽهڪ، ڏايڏيون ٻيون ٻڌي ٻپ
۲- ٽهڪ جن جو ٻڌن تپ، تنين اڇي وڃي تپ
۳- ڪين جا لڳي وڃن طاق، ڪين جا ڏري وڃن ٽپ.
۴- ٻڙهي سور، وڻي سڄ، ڏيئي ڪنڌيون، ٻڌن تپ.
۵- سڪل ٻانڊ، سنهو تند، ٽلهو بند، ٻوڙهو ٻپ.
۶- زميندار ڪارائي ڪي چون: راهه وڃي ٽپ
۷- ٻيئي ٻير، ويندي ويرِ، ٿهه ٻهه، ٿهه ٽپ.
۸- ڏين ٽيپ، توڙي ٽپ، ڏينگر ڏاري چون ٽپ.
۹- ڪليل هٽ سان چمات، چوين ٽڦ، توڙي ٽپ.
۱۰- ڪري خيال، رکج ٻير، ڏسين ڇيڪ جتي ڪپ.

۱۱- چون ڇپ، توڙي ڇپ، ڳنڍ ڳوپ ڪرن ٻڌ.
۱۲- ڪپو ڪاڻ اندر ڪپ، ڪپ ڪپ توڙي ڳهپ.
۱۳- خوشبوءِ چڱي؛ باس بدبوءِ ٻُري ڏپ.
۱۴- تازو ڇپ، ڳر، ڳپ، سُڪي ڦَلُ ڇڏي ڏپ.
۱۵- زوراور لاڻن زور ڪري وات منجهه چپ.
۱۶- چپي ڇاپاکو، ڇاپوڻيو، هٽن چُپ، توڙي چَپ.
۱۷- مونباهه، ڪُڙهه، سار واري سار اندر چَپ.
۱۸- ڪر ڪام بدنام، سخت ٻت ٻوڙو رَپ.
۱۹- ڪارو ناڻگ وسيهر، زهري زور سيَهه سپ.
۲۰- ابو، ڊج، ٻوڙ، ٻاڻ، خطر، خوف، ڊر، ڊپ.
۲۱- چون: ڪين ماري سَپ، ماري سپ سندو ڊپ.
۲۲- سندي واهَ، ٻيڪ، ٻَر، ڪپر، ڪنڊي، توڙي ڪپ.
۲۳- مانجهي مڙس ڪوڙ ساڻ، هڏن شوپ شپاڻ شپ.
۲۴- ڪانڊو مڙس هٽن لاڻ، ڪرن ڪوڙ ڪپ شپ
۲۵- ڪائن مال مفت منجهه، ڪرن هضم هڙپ هپ
۲۶- ڪسن زور هٽن ساڻ، ڊيئي جهت جهڙپ جهپ.
۲۷- سهڻي صاف سونهاري، ڪهڻا وار ڪهاڻا، جهپ.
۲۸- ٿئي عزت جو تنهن خيال، جنهن کي ديد، لَڪ، چپ.
۲۹- ٿئي ڦري بدخواه، مرد جيڪو ٻئي چَپ.
۳۰- لست مرد نا اميد، ٻاڙو ڏور چَڙي چپ.
۳۱- آهي غريبن گذران، سُڪي ماڻي، ڏڏ لپ.
۳۲- ڪري عشق اندر منجهه، وڏا گهاءِ، وڏا گهَپ
۳۳- سڙين ڪين اچي سُک، جَلين ڪين اچي جپ
۳۴- حب، سارَ سڃڻ جي، سيڪ، تانگهه، طلب، ڪپ.
۳۵- آهي ٻنهن ڪَپر ناڻگ، تنهن کي ٻيهي نر لَپ.
۳۶- ڏُڻي نام ڏڻيءَ جو، تون رڳو نام ڏڻي، جپ.

حاشيه ۽ تشريح

۱- شاها ڊيڻ، يعني پڙڪائڻ ۽ ورغلائڻ. ٻيون ٻڌڻ، توڙي ٻيون ٻڌڻ مقلوب محاوري مان آهي، جنهن جي تشريح اسان رساله مهراڻ ماه جنوري ۱۹۴۶ع ۾ ٻنهنجي مضمون ۾ ڪئي آهي: معنيٰ لڙڻ ٻڌڻ، خوشامد ۽ حرفت سان پيش اچڻ ۽ دلبا ڊيڻ.

اصل محاورو ٻي ٻڌڻ آهي جو سڀ کان وڌيڪ ٻڌڻ جي حرفت ۽ انگ ماڻ وارتل آهي. سڳهو سڀاڻ جيڪڏهن ٻيڙ ڇڏائي، مٿي ڪٽي ڪهائي ته ڪهائڻ جو بچاءُ آهي ٻڌ ڏيڻ، ٻي ڏيڻ يا ٻڌ ٻڌڻ، يعني ٻيڙ جو ٻڌ، ڪُڇ ۾ يا ڇڏي ۾ ڦهاڙڻ، ۽ اتان نڪري ته وري سندري ۾ سوگهو ڪرڻ، ۽ ان بعد ٻيڙ کوڙي وڃان ٻوڙ ۽ وارا ڪرڻ. هوشو شيديءَ جي وچان ٻڌي، مشهور آهي.

۲-۴- تپ ٻڌڻ، ٻڌي ڇڏڻ، ٻڌي وڃڻ، اصطلاحي معنيٰ ۾ ڦري ٽڪي وڃڻ ۽ صدمو ٻوڇاڙڻ؛ مگر اصلي معنيٰ ۾ تَپ ٻڌڻ، يعني تپ جو سوڻ ڪرڻ. اهو دعا جو سوڻ آهي، ۽ هن ريت ڪندا، جو اڪثر مسجِ جي نوڙي (بعضي ڏينِ جي نوڙي) وٽي، ان تي قرآن شريف جي الم نشرح الخ، سوره پڙهندا، ۽ هر ڪاف تي ڪنڌ ڏيندا ويندا. سوره ختم ٿيڻ تي اها نوڙي سائي وڻ ۾ ٻڌندا، ۽ ڪنڌ ڏيڻ وقت سوڻ ڪندڙ، تپ واري کان پڇندو ته: فلاڻو ٻٽ فلاڻي جو تنهن جو ٻيڙ ٻرو ٻڌان؟ مريض جواب ۾ چوندو: ٻڌ. اهڙيءَ طرح ٽي دفعا پڇندا ۽ ٽي ڪنڌيون ڏيندا. هي تپ جو سوڻ، اڪثر پهرئين پهر ۾ ڪندا. نوئي هن سوڻ جي اجازت اصلي سوڻ ڪندڙ کان وٺندو. چوندا: هُڏو وٺ، يعني اجازت وٺ، جو اصل ۾ عهد وٺ آهي.

۳- طاق لڳي وڃڻ يا ٽپ ٽري وڃڻ، معنيٰ اوچتو ڪنهن خبر ملڻ تي حيران، سرگردان، پريشان يا ٻيمان ٿيڻ، يا صدمو ٻوڇڻ. طاق ماڻ مراد ڪنن جا طاق يا تاڙيون آهي. زور سان چمات يا ڏڪ تي، ڪنن جون طاقيون لڳي وڃڻ يا تاڙيون چڙهي وڃڻ ۽ حوصلا خطا ٿي وڃڻ. در جا طاق لڳڻ ۽ زور سان ٽڪاءُ ٿيڻ جو گمان ٻ نڪري سگهي ٿو. ٽپ ٽرڻ جو اصل محاورو شايد لوهار جي ڏنڊي تان وارتل آهي، ته لوهار هميشه اوزار باهه ۾ تپائي، گاڙهو ڪري، ٻوء ٽيندا، مگر جي تتل اوزار ٽري ويو ته ڇڻ ٻيٽي پريشاني وڏي.

۸- وڏو ۽ ڏکهو سکل ڏينگر، ان کي تارو، ڏارو، توڙي ٽپ چون. شاعر الهڏني فقير ٻنهنجي هڪ ست ۾ چيو آهي ته

آکيڏنسي آواز ڪيو تـ ڪو آن ۾ افعال آهي؟
ماکڙ جي مـارڻ جـو اوهان وٽ نمولو ئي ناهي:
تَپُ هـٽـو تـاريـن ۾، چـانـيـن ۾ چـاهـي؟

يعني اهو ڏکهو ڇانيو يا تپ وڌائي، مٿي وڻ جي تارين ۾ هٽو ته ماکڙ هيٺ ڪرن، باقي هيٺ ڇانين ۾ ڇاهي، جو اوهين ٻيا اجايا ڏڪ هٽو؟

۱۱- عام محاورو، ڪنڌ ڪوپ ڪرڻ، يعني هر ممڪن طريقي ڪنڌي ناهي سولو ڪرڻ. ڪوپ، هڪ خاص ڪنڌ جو نالو آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ (ريف نات) چئجي ٿو. ڪوپ، پرت جو به هڪ قسم آهي. ڪوٻڻ يعني ملائڻ، جڙڻ، ڪڙو ڪڙي سان پيڇائڻ.

۱۲- چيڻ ماڻ اسم فاعل جي دائمي عمل موجب لالا: چاهاڪو ۽ چاهوڪيو، يعني چيندڙ يا چپ هٽندڙ؛ مگر هميشه لاءِ دائمي وصف. چاهاڪو نالو مشهور ٻڪي جو آهي، ۽

چاهاتيو نالو هڪ جيڏ يا جيت جو آهي، جو واريءَ جي ڏرنءَ ۾ رهي. اهلِ سنڌ جو گمان آهي ته جنهن شخص چاپاڪو ماري، ان جي رت سان هٿ ملايا آهن، تنهن جي هٿن ۾ حڪمت ٿئي ٿي جو جنهن شخص کي چاپاڪو نڪري (چاپاڪو انهيءَ عارضي کي چولدا، جنهن ۾ بت سجي تي گاڙها ڏيڙ ڏيڙ ٿي پوندا آهن، جن ۾ سخت خارش هوندي، ۽ اڪثر چاپاڪي ۾ سخت تپ اچي ويندو) ان کي جيڪڏهن هو ٻاڻيءَ جي وٽيءَ ۾ ٻنهنجا هٿ ڏوئي ڏيندا، ته مريض کي انهيءَ ٻاڻيءَ ۾ ٻيڙ سان ۽ ٻت کي لائڻ سان شفا ٿيندي.

چاهوٽيي جو مثال، جناب پير صاحب پاڳاري، ڪوٽ واري صاحب، ٻنهنجي مريدن کي نصيحت ڪندي، هن طرح ڏنو ته

مومن کي چهري توڙي چاهوٽيي کان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي: چهرو دنيا جي گلا غيبت کان گوشائتو ۽ خلوت نشين آهي، ۽ پکين ۾ جيڪ عابد زاهد آهي. چاهوٽيو جو هڪ نيڏڙو جيت آهي، ۽ واريءَ جي شاهي ڏرنءَ ۾ زندگي گذاري ٿو، سو ڪفايت ڪري، واريءَ جو هڪ هڪ ڪڻو وقت تي کائيندو، ته ستان واري ڪُٽي نه وڃي! مومن کي گهرجي ته چاهوٽيي مثل ڪفايت ڪري ۽ ٻنهنجي ضرورت آهر خرچ ڪري.

۱۷- ريڍ، ٻکريءَ جي مونڍاهه، گهوڙيءَ جي ڪڙهه، سينهن يا ڪُڻن جي سار ۽ ماڻهوءَ جو چَپ: مخفي ۽ پرده وارا نالا آهن.

۱۸- رپ يعني سخت ۽ پڪو ڪرڙو. اڪثر پوڪ جي وچ ۾ ڪلرائا ٿڪر، جي ٻاسلن آهائڻ جي خالي رهجي ويندا آهن؛ نهايت سخت پوڻي توڙي ڪرڙي کي رپ ٿو چئبو. اسان سان شاعر الهڏني فقير خبر ڪئي ته، لاباري وقت اهڙي هڪ صاف ۽ سخت ٻَٽ تي اسان مالي ڪائي پوري ڪري، باقي بچيل ماني ڪٽي ٻيرن جي جانوري ۾ رکي. ڪنهن ڪتيءَ کي ماليءَ جي ٻالس آئي، سا اچي اسان وٽ پهتي؛ ۽ مانيءَ ڏي ڏسڻ لڳي.

هن موقعي تي، فقير الهڏني چيو ته سون هي بيت ڏنو:

ڪُتيءَ کي ڪَنليءَ جي، ڏرئون آئي ڏپ،
هن کي طلب تائيو، ۽ ڪٽي ڏنيي ڪپ،
سا ڪاهي آئي ڪانگڑ ۾، رڙهي سڪي رپ،
پر مالي هن کان منڱي ٿي، بيٺي چڱي چَپ،
هاڻي گارو ۽ گَپ، ڪائي وڃي هن ڪَنڌ ۾.

ڪُنڌلي يعني ماني (ماڃين جو محاورو). رپ جو استعمال ظاهر آهي، ۽ معنيٰ اڳتي بيان ڪري آيا آهيون.

۱۹- وسير يا وسيهر، ٻڏيهر، آليهر، تَليهر، سيسيهر، وغيره جملي ڪاري نانگ جا نالا آهن، ۽ صرف لهجي جي بدل سدل سبب پهريان ٽي مخفف اچار ٻڌا آهن.

پيلي جو شاعر شيخ ابراهيم ٿو چوي تہ

'ستنها پانء مر سپ، اٿي وڃ وسيهر وات ۾.'

بشيهر، اکثر سنڌ جي شاعرن، سرائڪي زبان جي دوهرن ۾ آندو آهي. عرضي فقير ساري چوي ٿو تہ

زلف سياه سڃڻ دے سهڻے جون اکيان بشيهر ٿوتي.

سچل چوي ٿو تہ

کالے ناڱ بشيهر وانگے، زلفان چلي چلي.

شاعر نور محمد چوي ٿو تہ

زلف سياه سڃڻ دے سهڻے، ٻيڇ بشيهر ٻاون، نينهن نياون.

حضرت جلال رنگريز وري اڇهر سان محبوب جي ڪارن وارن کي مشابهت ڏني آهي.

جيئن هي ابر بهار، تيئن آهن ڪنول ڪيس قريب جا
اڇهر واڱي اڇيا، اڇي ڏريا بدن ڏار.

سکهڙ شاعر غلام الله جوکيو چوي ٿو

جلوو وڌ جانب جو آهي قمر ڪوڻ ڪٽر،
ڪيس برسيا قريب تي، ڪيو تجلو تليهر.

شاعر قادربخش پنهنجي هڪ بينظير بيت ۾ محبوب جي وارن کي 'تليهر' سان مشابهت ڏئي ٿو، ۽ اڪثر هلي سسيهر جو لفظ استعمال ڪري ٿو، جنهن جي وڌيڪ معنيٰ تحقيق طلب آهي. قادر بخش چوي ٿو تہ

تفنگ تليهر تيئن، جيئن ڪيس بنيا هن ڪاٽي،
سرو قد، سوڌا ٻرين منهنجا حورن کان بہ حسين،
ان جو هلڪ ٻرين ڪون اڳرو، جلوو وڌ جبين،
هڪ ڏڙ ڪورا سپرين، اڇي ڪاف برابر ڪين
هڪ سيسيو سسيهر سڻيو، ٻي جا بدن بنائين بين،
جي اچن ساجن سرزمين، تہ آڳ بادل باغ بهاريان.

سنڌيء ۾ تليهر نانگ جو نالو مشهور آهي. مٿين بيتن ۾ شاعرن بہ ڪارن وارن کي تليهر سان مشابهت ڏني آهي، تاهم 'تليهر' سان گڏ ابر ۽ بادل جو ذڪر آهي؛ ۽ 'ڪيو تجلو تليهر' جو استعمال ڏيکاري ٿو تہ شايد سکهڙ تليهر کي وڇ يا ڪنوڻ جي معنيٰ ۾ آند هجي. انهيء ساڳيء معنيٰ ۾ شاعر سليمان جو هڪ بيت آهي تہ

تليهر ترنگ، ايي جهاڙي جهاڙ ٻر،
ان جا ورق وصالون وترا، انبلڻ جهڙس انگ.

لسان جي خيال ۾ تلهار بمعنيٰ ڪنوڻ، اصطلاحي آهي ۽ نہ حقيقي، ڇاڪاڻ جو ڪنوڻ کي ۽ واسينگ وارا ور آهن، انهيءَ ڪري اصطلاحاً مٿس تلهار جو نالو اچي سگهي ٿو.

۲۱- مشهور پهاڪو: 'سپ نہ ماري، سپ جو سراپ ماري.'

۲۷- ڏاڙهي، سونهاري، لونواري، سڀ هڪ معنيٰ آهن.

سونهاري يعني سونهن واري، ۽ اهڙيءَ طرح لون واري يعني اها سونهاري جا نئين جوانيءَ ۾ رهڻ ڪري اچي لهي.

۳۵- نپ: نپڻ مان امر.

۳۳- جپ، معنيٰ ماڻ يا آرام. چوندا: فلاڻي کي جپ ٿي نہ ٿي اچي، يعني ماڻ ٿي نہ ٿي اچي.

۳۶- جپڻ، پوڄڻ ۽ بندگي ڪرڻ جي معنيٰ ۾ آهي.

۳۶- سڀ هڪ معنيٰ ۾ آهن.

[مهراڻ - پراڻو دور: آڪٽوبر، نومبر، ڊسمبر ۱۹۴۷ع ص ۷۱-۷۸]

قافيو ل

۱- ڪي مرد ڪري قول، ڪپي ڪنُ، وڃن ال.

۲- ڪن ڪي ناناڻيءَ نکَ منجهه، چون: آهي ال.

۳- ڪَڇو ڇڇو ڪاڻ سندو، تنهن ڪي سڏن ال.

۴- سنڌي چون پر، تنهن ڪي هندي چون ہل.

۵- ہڙ ہڙ ڪوات چوين، توڙي، ہل ہل.

۶- هڪ قوت جو، ٻيو ڪاڻين جو، ٽيو ٽڙن سندو ہل.

۷- گهوڙي سندي زين جي هڪ تَلي ٻيو تل.

۸- رنڊ، روڪ، جهل ہل، ڪن، ہلڪ، گهوڙي، پل.

۹- لنڊي ڪَسيءَ 'ڪُڇه' چون، نڊي ڪڙي 'ہَل'.

۱۰- ہير سندو ٻور، ڪري چانگ، ڇاڻن ہَل.

۱۱- لڻن ٻوڪ سندي ہل، ٿاهن ڪاج ڪارڻ ہَل.

۱۲- سهڻا سونهن سنج، ہَر جي گهوڙي هجي پَل.

۱۳- پختي پيڙه ۽ بنياد، سندي معنيٰ ۾ آ، ٿل.

۱۴- ٽڙا، ٽاهو، ڪافي توڙي ڳالهه سندو ٿل.

۱۵- وٽن سندو قَل، ملي ڪَٽيءَ سندو قل.

۱۶- ڪناوچون مال جو، ۽ تنهن مان گهٽي ڪل.

۱۷- دَلَ معنيٰ گهٽ، ماڻهن مانين سندا دَل.

۱۸- ٻيا سمات سندي ذات، ٿا دلير ٻُڌهن دَل.

۱۹- ڏرتي ڌڻ منجهان ڌل، ٻي آ ڳائي ٻگي ڏک.
۲۰- توڙي چوين سرکو، يا توڙي چوين خٽ.
۲۱- ڳٽا توڙي ميڻون، رخسار توڙي ڳل.
۲۲- هڪ ٻاڻي، جر، جل، ٻيو سور سندو جٽ.
۲۳- چون سنڌيءَ منجهه هل، چون هنديءَ منجهه چٽ.
۲۴- ميڙي مڙس گڏ ٿين، مچي تڏهن هل-چل.
۲۵- سندي ٻاڻي چٽر، چٽ، چوين ڪنجي توڙي چل.
۲۶- ملهه جوان ٻهلوان، ٻيا مانين سٽندا سٽ.
۲۷- چلو چيرٽون ٻٽياٽون، لوهون لوڏ ماهان مل.
۲۸- اصل نر يا ناهر، هاڻي لڇي چون، نل.
۲۹- للڪارن، ڏتارن، ڪنهن لاهه ٻڌي لٽ.
۳۰- ڪري جوان ججهو ڪر، ٽين ٻگهر منجهه ٽل.
۳۱- ڏرتي ولڻ منجهان ول، گاهه ٻوٽي سندي ول.
۳۲- هان، چاب چون ڏاب، چون آڏ توڙي جهل.
۳۳- هڪ شڪار ڪارڻ جهل، ٻي آ جهنگ سندي جهل.
۳۴- ٻاڳيا ٻل ساري سار، ڇڻ مينهن سندي جهل.
۳۵- آهي ڳهڻ منجهان ڳهل، ڳهڻ چورن سندي ڳهل.
۳۶- ڪنهين ڪٽر يا خبر، ڪنهن ڪڙڪ، ڪنهين ڪٽل.
۳۷- آهي مرض وڏو مال لاءِ ٻاڻي ماريل ڪل.
۳۸- مقبول ٻوي مرد، ڪنهين لڇڻ، ڪنهين لل.
۳۹- ڏڏي ۽ فساد ڪان ٽي منهنجي وڃي ڪل.
۴۰- سنگت حاسد ۽ ڪٽڇور جي ڪان ٻاڙ وڃي ٻل.
۴۱- مڪر مونجهه منڊل مار ڪي ڪي مرد ڪرن حل.
۴۲- مرَ ٽي ڪاهل، مرَ ڪي ويهه، همت ٻڌي هليو هل.
۴۳- نڪي ڪُڇُ، نڪي ڪينجهه، نڪي سور ڪنهن ڪي سل.
۴۴- ٻورو ٻورهيو ٻولڏي صاب، ملندئي محنت سندو ڦل.

[مهراڻ - پراڻو دور: آڪٽوبر، نومبر ۱۹۴۶ع ص ۱۹-۲۰]

حاشيه ۽ تشريح

۵- چوندا: ڪهڙي بڙبڙ ڪٽي لاتي اٽئي، يا ٻڌي اٽئي؟ چوندا: فلاڻي جي ٻل ٻل ٻئي ٻوي. سرائڪيءَ ۾ ٻل ٻل جو عام استعمال آهي. حمل خان ٻنهنجي هير رانجهي جي بيت ۾ چوي ٿو ته.

هل هل تيڏي، هل هل هووي، ول ول اهي قصي ڪر ٻڌي.

٦- هل معنيٰ زور. محاوري ۾ چوندا ته ادا فلاڻي کي ڏسي جو هل کونهي، قوت جو هل کونهين، مڙسن جو هل کونهي. چوندا ته مڙس سياري لاءِ ڪاڻين جو هل ڪري چڏيو آهي. هل کي هلي ٻئر ۾ ڪري ڪم آڻيندا آهن. چوندا ته: 'غريب کي هل نه ڪو ٻر'. شاعر نم جي بيت جي هڪ تڪ ۾ آهي ته: "جهڙو نينهن نشو، نم چڻي، ٻيو ڪونه تهڙو ڪو هل".

٧- ڪوڙي جي سنج جو نالو تل آهي، چاڪاڻ جو ٻين سنجن جي ٿر ۾، يعني هيٺان هوندو آهي. سمجهڻو سوار تل جي هيٺان ملخورو (يعني مٿر کي ڪاڻيندڙ ۽ صاف ڪندڙ) وجهندا. سنجن ۾ ملخورو اڻين آهي، جيئن ماڻهوءَ جي هوشاڪ ۾ ڪنجي. تلي، يعني ترائي، جنهن جي چوڌاري مٽاهين زمين هجي، ۽ ٿر ۾ جنهن جي چوڌاري پيتون هجن؛ الهيءَ تلي يا ترائيءَ ۾ برسات جو پاڻي اچي ڪڏ ٿئي. تلي ننڍي، تل وڏو. تليءَ ۾، توڙي تليءَ جي چوڌاري، پٿن جي پاسن تي باراني ٻوڪون ٿين. خليفي نبي بخش مارئيءَ جي سر ۾ چيو آهي ته

ميها، مگر تلئين، ٻيون پاسارن.

الهيءَ لحاظ سان ڇڻ جبلن جي ماٿري ۽ پٿن جي ترائي.

٩- ننڍي کسي، واهي يا ڪُور، تنهن کي ڪُجهه چون (سنجهورو). ننڍو ڪڙيو مگر کسيءَ کان وڏو، تنهن کي هل چون (ننڍو ٻاکو-لاڙ).

١٠- هل چاڻڻ، ان چاڻڻ يا ٻُري ڪرڻ، سڀ هڪ معنيٰ ۾ آهن.

١١- ڪٽڪ جا سلا جڏهين وڏا ٿي ساوڪ ڪندا، تڏهين انهن جي هل لٿندا، يعني ان لٿندا، يعني سان جون چوٽيون ڏاڻي سان لٿندا ته سندن هاڙون مضبوط ٿين ۽ وڏيڪ واڌ ڪن، اوپر ۽ اوسر ڪن، يا منگهه هٽن.

ڪنهن شاديءَ يا ڪاج تي پٽ جو هل ڪندا، يعني ته ڪٽ جي مٽان تڏو ڏوڻي صاف ڪري وجهندا ۽ ان جي مٽان ديگين سان چانور ڪيي، هل ڪندا، يعني ڍڪ ڪندا، ۽ اهڙيءَ طرح ديگيون چنديندا، يعني خالي ڪندا، صاف ڪندا.

١٢- جڏي ڪوڙي تي سونا سنج ڇڻ ڪڏهه تي آٿر ۽ ڊينگرن تي اٿو.

١٣، ١٤- ٽل معنيٰ ٻيڙه يا بنياد. ڪوڙي جا سنج 'ٽڙا' ۾ سنجن جي ٻيڙهه آهن. ٽلهو ۽ ٻيڙهه ۽ پختگي جي معنيٰ ۾ آهي. ممڪن آهي ته ٽل بدل هجي تل جو، يعني تر يا ٻيڙهه. والله اعلم. ڪافي جو ٽلهه يعني منڊ يا ٻيڙه. ڳالهه جو ٽلهه ٻڌڻ، يعني بنياد ٻڌڻ.

١٦- ڳلو معنيٰ ڏڻ: اڪثر اڻن جو ڳلو يا وڪ چوندا. شاهه صاحب چيو آهي ته

'جاءِ نه سجو ڏينهن، هنڙو اوني وڪ جڻ'. (رپ)

ريڻ، ڪرين ۽ مينهن جو ڏڻ، ڏاندن جي گوهر، ڪڏهن جو ولر ۽ اڻن جو ڳلو يا وڪ، سڀ هڪ معنيٰ ۾ آهن.

۱۷- يعني مانين جا ڏکڻ ۽ ماڻهن جا حشر.
۱۹- زمين ڌڻ يعني سٽين ڪرڻ. انهيءَ تان اسر ڏلي، جنهن کي ڪيڙ نه چون.
۲۲- سور جو جل، جلڻ (سڙڻ) مان آهي، يعني ساڙو.
قافيي جي لحاظ سان درويش صادق فقير پنهنجي ڪلام ۾ 'جلاو' آندو آهي:

اوهان کي جيڏيون ناهه جلاو،

جلو يعني سور يا درد يا ايذاءُ. سور جو جل چئبو، مگر ڪڏهن استعاري طور جل معنيٰ سور يا درد به آڻين. انهيءَ حالت ۾ جل ۽ وجل جي وچ ۾ فرق ڪرڻ ضروري آهي. معنيٰ پنهي جي هڪ آهي، يعني سور يا ايذاءُ، مگر وجل لفظ عربي آهي. شاه صاحب فرمائي ٿو:

سون کي وجل وڌيو (الخ)

وجل زبان زد عام ٿي ونجهل جي صورت اختيار ڪئي آهي. اهل سنڌ شاه صاحب جو ٻيون بيت، عام طور:

سون کي ونجهل وڌيو،

ڪري پڙهندا آهن. بعضي ونجهل مونث طور ڪم آندل آهي. ڪنهن شاعر:

ونجهل ويڙهيچن جي (الخ)

استعمال ڪيو آهي.
۲۵- چر، توڙي چل، تالڪهي ٻاڻيءَ جي ابراڻيءَ کي چون. مفيد شاعريءَ جي (ر) جي قافيي ۾ اسان ان جو تفسير ڪيو آهي ته تالڪهي ٻاڻيءَ جي ٻکيڙ کي چون، چچ، چاچر، چر. شاه ڪريم جو قول آهي ته

چاچر چڳيرن ۾ (الخ)

ٻار راند ڪندا آهن ته چوندا: چچر ٻاڻي ڪيڏو؟ چچ جي معنيٰ درياءَ جون اهي تالڪهيون ڏيئون، جن ۾ مڇي مري، ان کي اڪثر چچي مڇي چون، جو 'بدل' جي صورت ۾ ڦري ڪکي مڇي ٿيو آهي. والله اعلم. ڪٿي ڪان هيٺ اهڙيون ڪيئي ڏيئون آهن. مثلاً چچ سيراڻورو، چچ ورهياڪو، چچ ساهڙڪو چچ عاقل ناهيو وغيره. چچ ڪان سواءِ ٻئي ٻاڻيءَ جي ڪهري يا لاڙ جي تلفظ موجب ڪونهري، جنهن ۾ درياءَ ويرو ڪري، ٻاڻيءَ جي جهول ڇڏي وڃي. مير واري ڪونهري ۽ جمن شاه واري ڪولهري مشهور آهن. بهرحال چچ تالڪهي ٻاڻيءَ جي ڏيئ کي چئبو. شاه صاحب جو بيت آهي ته

جئن جهينگا ٻائين جهول ۾، ايئن نه مرن مڇ،
سهر ڏار سمونڊ جا، راوان رگيون رچ،
هي چارون ۽ چچ، ايا اوڙاه اڳاهون ٿيو.

ڪُنجي، چل (ٻاڻيءَ جي، جنهنکري اهو نالو پيو) ۽ آبخورو سڀ هڪ معنيٰ ۾ آهن. ڪنجي ۽ آبخورو اڪثر مٽيءَ جو ڪُپو، ٻاڻيءَ ٻيٽ جو. چل نالو اڪثر ٽين جي ڪپي تي آڻندا.

۲۷- لوهار سنگهر جي ڪڙين کي ڳنڍڻ لاءِ لوهو ڇلو وجهندا، جنهن کي مل يعني مضبوط ڪڙي چون. اهو مل بن قسمن جو ٿيندو آهي: هڪ چيرٽون، ٻيو ٻٽيائون. آن" جي ڳاهه ۾ ميڙه (مٽي) ۾ جو ڇلو وجهندا آهن، انهيءَ کي به ملهو چون. هي ڇلو ڪاٺ جو يا لوهه جو هوندو آهي. ملهي مان به ڪاڄ سرن ٿا: هڪ ته ڏاندن کي ميڙه جي چوڌاري ڦرڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي، ٻيو ته ملهي ۾ ٻڌل واجهه جو به بچاءُ ٿئي ٿو. هاري ڳاهه هڪليندي ڏاندن کي ٻاهاڻو ڏيندا ته

هلر هلي، هلي ملهي!

۲۸- چوندا ته نل آهين يعني لڇو آهين، يعني وڏو ڪو ڪاڪو لڇ آهين. هتي نل شايد بدل آهي، نٿر جو. چوندا: فلاڻو نرمرد آهي، يعني وڏي همت وارو، دليرِ. انهيءَ کري نرلڇو، يعني وڏو بدمعاش. ٻئي هڪ محاوري ۾ اهل سنڌ چوندا ته وڏو ڪو ناهل (ناهر) آهين! ناهر ذات سنڌ ۾ ملتان جي تاريخ ۾ وڏي سرڪش قوم ٿي گذري آهي. لهذا، استعاري طور مٽيون محاورو رائج آهي. ڪنهن دوست چيو ته ناهل جو اصل نااهل آهي؛ مگر اهو خاص علمي محاورو آهي جنهن کي اسان جي خيال ۾ هن عام محاوري ۾ ڪو دخل ڪونهي.

۲۹- چوندا: فلاڻو لاهه ٻڌي، لل ٻڌي يا لڙڙيون ٻڌي، ڦري ويو.

۳۱- زمين ولڻ يا ڪڍڻ يا اٽلائڻ سڀ هڪ معنيٰ ۾ آهن.

۳۲- چاپ، ڏاپ، آڏ يا جهل، يعني ٻاڦ جي اڏڪ يا روڪ. ٻان معنيٰ ٻڌڻ. هي لسٻيلي جو محاورو آهي. شاعر نور، زنگي خان برفت جي تعريف ۾ چوي ٿو ته

هيڏانهن چورنگ چڻن جڻن سان، ٻنجون ٻاڻ ٻيهي ٽيو ٻان.

(ٻان اصل ۾ ٻاڦ جي ٻڌڻ) يعني ٻڌڻ، روڪ يا سپر ٿي ٻيٽو. (ڏسو لسٻيلي جو سفر، 'مهراڻ' جولاءِ ۱۹۴۶ع).

۳۳- شڪار واسطي وڻ تي مٽي ٻن ڏارن ۾ ٻينگهي مثل جهولي ٻڌلدا، جنهن کي لاڙ طرف جهل چون. زمين تي شڪار واسطي کڏو جوڙيندا، جنهن کي لاڙڪاڻي طرف اودي ٻ چون. ٻيلي ۾ جهنگ جي گهاڻي ڪنڊِ ۽ مور، جنهن مان گذرڻ مشڪل ٿي ٻوي، انهيءَ کي اتر طرف جهلي چون؛ ۽ لاڙ طرف جهل.

۳۴- اها ٻکري جا لڇ يا ٻوڪ نه ڪري، يا لڇ ڪري مگر ڦر نه ڪري، يا ڦر نه جهلي، ته ان کي مٽاوڻ چئبو. اهڙيءَ ڳڻن کي به مٽاوڻ چئبو. پاڳين جو چوڻ آهي ته اهڙي مينهن کي به سار ۾ جهل يا هڪ قسم جو ٻردو هوندو آهي، جنهن کي جيستائين نه ڇڇبو تيستائين ٻج نه جهلينديِ. قابل ۽ چاڻو پاڳيا ٻنهنجو هٿ سار ۾ نيٽي، اها جهل ڇڏندا آهن. سار شب ۽ ٻردي وارو نالو آهي. مينهن ۽ ڳڻنءَ جي سار، ريڍ ٻکريءَ جي مونڍاه، ۽ گهوڙيءَ جي ڪڙهه، سڀ هڪ معنيٰ ۾ آهن.

۳۵- گهاڻ يعني قاصد هڻڻ نياهو سوڪاڻ. گهل اسر آهي ۽ ورلي ورلي اسر طور بمعنيٰ نياهي جي به ڪن ڪر آندو آهي. چورن سندي. گهل معنيٰ گهڻ. گهل بدل آهي گل جو، يعني گلو يا ميڙ.

مراد فقير زنگيجي جو بيت آهي:

اندر گهڻ چورن جي گهل، باهر سانگ ڪرين ساڏن جا،
ڪر جي 'مراد' چئي، سنهن کي ڏوڙ مَ مَل،

۳۶- چوندا: فلاڻي کي ڪڙڪ پئجي ويئي؛ باک پئجي ويئي؛ ڪَرَ، خبر يا ڪل پئجي ويئي؛ يعني سُڌ پئجي ويئي.

ڪڏهن ڪڙڪ جي بدلي ڪُڪ به ڪر آڻيندا.

چوندا: فلاڻي کي ڪُڪ پئجي وئي؛ يا ڏاهه پئجي وئي.

حمل خان جي هير رانجهي جو بيت آهي:

ڪاڻي ڪڪ پئي کيڙي خان کون، جو منڊئون سونجهه ڪنون ماني ڪاوندا نهين،
دل تنگ ٿيا، وتا جهنگ گهمي، اڃ پنگ کيڙا، گهر آوندا نهين.

ڏاهه پئجي ويئي، يعني هري کان خبر پئجي وئي؛ پچار پئجي ويئي. ڏاهه، عربي لفظ 'داهية' مان آهي يعني مصيبت يا آفت جنهن جي خبر هري هري وڃي پهچي. دين محمد لغاري جي بيت ۾ آهي ته

سرون جو مڪيءَ جو سو هو توت ساڻ ڪندار،
پيئي ڏاهه پٽن ۾، سندي سور ۽ چار.

۳۷- ڪَل گاهه جو قسم آهي. شاعر چوي ٿو ته

ٿيو ايمان عالم ۾، گاهن ڪيا گلزار،
هڪ پيڙي پٽر پيا، لنب ڪيا للڪار،
ڪيهه ڦُٽي، خوشبوءَ ڪري، ۽ گهر گاهه ڪنديار،
ڪل، گهوبي، ڪڙو، ساوڙيءَ ڪيا سينگار.

ڪاڻيءَ ۾ بيٺل يا ڪاڻيءَ ۾ ماريل ڪَل کي جي مال کائيندو ته سال کي ريج جو مرض لڳندو، جا جيري جي بيماري آهي. اڪثر ڪَڇي ۽ درياءَ جي وٽ سان ڪل يا ڪَڇو کانهه جو ڪاڻي جو ماريل هوندو آهي، انهيءَ کي کائيندي ئي خصوصاً مينهن کي هي مرض وکوڙي ويندو آهي. درويش روحل چوي ٿو:

ڪَڇو جي چارين، بيٺ چٽائي ڪانهنجي،
'روحل' چوي ريج ۾ مينهون سپ مارين.

قافيو ۾

۱- امان، مائي، ماءُ، چوين آمڙ، توڙي آ۾.
۲- ڪي چپ ۽ خاموش، ٻڌي ويهي رهن، ٿا۾.
۳- ڪي ڪوڙا هٿن کوڙ جو، ٺڪاءُ وڏو ٿا۾.
۴- جاهان ڪي برباد ڪيو، تازو ائٽم ٿا۾.
۵- ڪم ٿئي ٿيو تمام، ڪن جو ساهه ٽٽي ٿو.
۶- سيءَ ساڙ، هالونار، توڙي ننڍ توڙي ٿو.
۷- پرهور ٻيالو تار، ٽمٽار ٿيو ٿو.
۸- ڳجهو ٽام توڙي ٽاڪ، توڙي ٽان، توڙي ٿو.
۹- ڪري جوڙ آندو ڪم، گوپانگ: ڪنير ڪو.
۱۰- جٽن ماڻهوءَ لاءِ مٽاڻ، ڪائي مال، منو ڪو.
۱۱- ڪامڻ منجهان ڪام، امر، ڪمڻ منجهان ڪو.
۱۲- ڪام برهو هاري چوي ڪتيندڙ ڪي، ڪو.
۱۳- درياءَ توڙي ندي، يا مهراڻ توڙي يو.
۱۴- ڪٿي بيماريءَ جو دم، ڪٿي وڏائيءَ جو دو.
۱۵- سياڻا جهلي ويهن دو، صوفي سوکهو ڪرن دو.
۱۶- سخي مرد روزان روز، چاڙهي ديگ ڏين دو.
۱۷- گلا، نيلا، لائي چائي، آ ٻچار ٻُري، ڏَو.
۱۸- مچي ڏو ڏمان ڪاچ، ميلو زور ڏما ڏو.
۱۹- لائي زور ڏين سَٽ، توڙي چڪ توڙي ڏو،
۲۰- ڪري دهل ڏو ڏو، چون درهو ڪي ٻ ڏو.
۲۱- ٽئي اوچتو آواز، ڪري ڏان، توڙي ڏَو.
۲۲- ٻُجٽن مرَ٘ ٽيو جيو، گهٽو، جام توڙي جَو.
۲۳- ڪرن ڏوُ، ڏين چيٽ، توڙي چاهه توڙي جَو.
۲۴- چڱو سَلي سندو جَو، چڱو وياءُ، چڱو چو.
۲۵- سُڪي ڏور ٽين ڏانڀ، سُڪي ڪنل، سُڪو چَو.
۲۶- چاچو ٻيءُ سندو پاءُ، چوين ڪاڪو توڙي عَو.
۲۷- چَوَن ڪارو جهڙو رُو، چَوَن رمندو ٽي، رَو.
۲۸- جاهل ٻار ڏيچارين، چئي: ڪوريت، مَو!
۲۹- ڏئي زير توڙي زبر چوڻ نيو توڙي نَو.

۳۰- ڪوٽا يار ڪسڪن، ڏيئي لمندي ۽ لسر.
۳۱- ٻُري ٻاڻيءَ سندي سير، پلو فَصل سندو سَر.
۳۲- ٽين شل، ٽين شر، ٽئي اوندهه، ٻارن شر.
۳۳- ميل، جوڙ، ڪيڏ ڪوپ، لڳو لڳ، ڪرڻ ڏر.
۳۴- چَوڻ جهر جهميل جوءِ، جهتِ جهار ڏين جهَر،
۳۵- چڏي "آءٌ تون" مرد، ڪنِ هَر نه ڪا تَر،
۳۶- خُر، سَتُ، پرون خُر، هر وار ڏنگو خَر،
۳۷- قربدار آڏو سيرُ سَؤ وار ڪجي خَر،
۳۸- چر چر بَدن چير، ڪٽن ناز منجهان چَر.
۳۹- ٽيو سهڻيءَ کي ساهڙ سوا ڏيهه سارو ڏَر.
۴۰- پيو لينهن کي نباهه، ڪيڏي ڪاڻِ، ڪائي غر.
۴۱- پَر، تون بندي تي نه پاڙِ، سچڻ مولي تي رک ڪَر.

حاشيه ۽ تشريح:

۱- امڙ هن وقت عام آهي، مگر شاهه ڪريم جي بيت ۾ آهي ته:
آمڙ ڪوءِ گهروءِ، مونٽيا ساڻڙو وڃي نڳئو،
امڙ ۾ 'ڙ' تصغير جي آهي. امڙ توڙي امڙي چون.
اصل لفظ 'آم' عربي آهي، جنهن مان 'آمر' عام اچار آهي.

۲- چوندا فلاڻو 'امر' ٻڌي ويهي رهيو، يعني ماڻ ڪري ڪوڙو رعب رکي ويهي رهيو.

۹- شاعر ٻنگو فقير گوهانگ، مارئيءَ جي سُرَ ۾، بندوق جي هرڻ تي هڪ هنر ٻڌو آهي، جنهن ۾ چوي ٿو تہ
ڪر ڪنڊيَر ڪوهانگ چٽي، ڪي نال نيشان هڻا،
جنهن جا ڪه ۾ ڪيت هڪا، تنهن جا هاري بخت 'ٻنگو' چوي.

۱۰- ڪاهن ۾، ڪاما، ڪر، ڪنديور، عام سنڌي شاعر جي ڪلام جو ورد وظيفو آهن. ڪر ڪي ڳائو مال اڪثر ڪهڙو ڪائيندو آهي. ڪر ڳاهه، گريون گريون ٽي، مٽي ٻوڙو ٻڌي اسرندو. ان جا ٻَن، سائين جهڙا ۽ سنگ ۽ سائين جهڙا ۽ ڪرنگهه وانگر. ڪَڇو هوندو تہ مال ڪائيندس، ڪو ٽيو تہ مال ڪهڙو ويجهو ڪونہ ويندس.

۱۱- ڪامڻ يعني سڙڻ يا جاڻ، مگر راند ۾ ڪامڻ يا ڪامجي ٻوڻ، يعني خارج ٿي وڃڻ. ڪمڻ جدا فعل آهي، معنيٰ ڪٽڻ (ڪوڙ سان زمين ڪُٽڻ)؛ الهيءَ سان اسر، ڪامو (ڪٽيل ڪڏ) ۽ ڪامڙيو (ڪُٽيندڙ) مشهور آهن. 'ڪام ٻربو' هاري اهو، جنهن کي سڪ اچي (ڪامڻ ۽ ٻرڻ) يا ڪهڪاءُ اچي؛ جنهن کي ڪر جي اون، يا ڪُٽي هجي؛ جو ڪر ۾ غرق هجي، ۽ ڪر کي سهڙي، سنياري سولو ڪري؛ جو تتيءَ ڏيءَ ڏي نہ ڏسي، ۽ ڪر کي لڳي چڙهي.

۱۳- 'بر' عربي لفظ آهي ۽ سنڌيءَ ۾ درياءَ توڙي سمنڊ تي آڻيندا. مگر 'بَدل' جي لغوي خصوصيت موجب، سنڌيءَ ۾ 'بر' جو اچار ڦري 'ور' ۽ ٿيو آهي.

شاعر امين رلگريز مورڙو ڳايو آهي ۽ پنهنجي هڪ بيت ۾ چوي ٿو:

ڪالهه ڪلاچيءَ ڪُن تي ويا جولي چار ڪٽي،
رنڊين رڄ، 'امين' چٽي، وٺڻ وَر، وٽي،
اڪثر ايـــرادت جـي، وڏا هـــول هـٽـي،
ڪهاتوٺڻ گهٽي، ٿـي ڏلگيري دل ۾.

وٺڻ ور وٽي يعني 'بر' يا سمنڊ وٽي وين.

۲۱- گهٽو پري کان دهل جو آواز اڪثر "دم-دم" طور ٻُڌڻ ۾ ايندو. بازيگرن جو دهل اڪثر ٻول ڏيندو ته: "نن نن نن نن". مگر انهيءَ جي اها معنيٰ ناهي ته کو دهل جي وڄت تارمڪان کان سواءِ آهي. سنڌ جا استاد مڱٿهار، هٿ جا سچا ۽ سدا ملوڪ آهن. شادمانو، نوشاهي، بندرا ٻاني، اولنگهه، آڙو، توڙي جپ جون اهي وڄتون وڄائيندا، جو واه واه! انهيءَ کان سواءِ جهمر، هنبوچي، سَنج، توڙي ملاکڙي جي دهل کي پنهنجون وڄتون آهن. جنج چڙهڻ وقت، توڙي ڪن جابن تي عيد نماز جي جان ڏيڻ وقت، وري دهل 'سجون' ڏيندو، يعني وڄتو دهل جون 'سجون' ڏيندو. سَنج گويا سنبت جو اهڃاڻ ۽ سڏ آهي.

سَجون ڏيڻ، کاتب الحروف جي هڪ بيت ۾ هن طرح آيل آهي:

سَجون ڏين سور، آءٌ ڪُن وهان ور ري؟
ٻُڌڻ انهيءَ پار ڏي، مون کي ٿيـو منظور،
ڏوريان ڏونگر ۾ ٻئي، کارڻ هوت حضور،
جي ميلان تان مانائتي، ڪر مَران تان معذور،
دردمندن دستور، شل ٻڌي جام ٻنهل سين!

'درهم' سنڌ ۾ عربي حڪومت جي دؤر جو عام مشهور سيڪو هو. ان جو سنڌي اچار، ڪجهه آڪاڻي وقت تائين 'دم' هو. شاهه ڪريم جي بيت ۾ آيو آهي ته

پنجين ڏسين ڏم، ڪيڏي ڪي سڃڻين،
ته ٻڌ توهين ڪٽئو، جي سو سره ڪم.

ضلعي حيدرآباد جي بدين تعلقي ۾ جهونو شهر 'ٻدمي' جو مشهور آهي. اتي آڪاڻي دؤر ۾ پراڻ درياءَ هو، ۽ 'ٻدمي' جو ماڳ هڪ اهم ٻڌ هو. ٻڌ پاڙو يا شايد مقرر چونگي ۽ دم (۽ درهم) هئي، جنهنڪري هن ماڳ تي نالوئي 'ٻدمي' پنجي ويو. اهل سنڌ وٽ هن نالي متعلق ڪيتريون ئي روايتون مشهور آهن.

ماموين جي بيتن مان هڪ ۾ آهي ته.

وسي وسي آر، جڏهن وڃي ڦندو،
تڏ هاروچاڻو هار، پنجين ڏمين وڪيو.

موجوده مصنفن، 'ڏمين' جي بدلي 'درمين' لکيو ڪيو آهي. مگر مون هڪ ڪهڙ بزرگ کان اهو لفظ 'ڏمين' جي اچار سان ٻڌو جو ،نهنجي خيال ۾ وڌيڪ مناسب آهي. پنجن جي عددي صفت اهل سنڌ وٽ بلڪل عام آهي. موجوده دؤر ۾، 'ڏم' جو اچار ايان بہ زياده هلڪو ٿي، 'دم' جي صورت ۾ رائج آهي. 'دمڙو' توڙي 'دمڙي' عام رائج آهن. سنڌ جي امير جي وقت ۾ 'دمڙو' عام چالو سڪو هو. ميرن جي وقت جا 'دمڙا' پراڻن ٻڌن مان برسات جي مند ۾ ڳوليا لين ٿا. 'دمڙو' اسر تصغير آهي، مگر سنڌ وارا هن تصغير کي بہ تصغير بنائيندا ۽ چوندا: 'دمڙڪ'، ۽ اهڙي طرح ڪسيرڪ ۽ ٽڪڪ (ڪسيري ۽ ٽڪي مان). حقارت ۽ نفرت مان واتراڏيون زالون اڪثر چونديون تہ

'اي ماريا دمڙڪ ڪسيرڪ ٽڪڪ.'

۲۵- چوندا چڱن جو 'وياڻ' آهي، يلن جو ٻڌ آهي. جمع 'وياڻ'. شاعر شيخ ابراهيم چيو تہ:

سنهان ياڻ ۾ سَپَ، اٿي وياڻ واسينگن جا.

انهيءَ مان مشتق 'ويارا' يعني ٻَريون، ٻڙهيون، ڪُڙ، قبيلا.

هن موقعي تي اسان جي جهولي ادبب مسٽر پيرومل جي رسالي 'مهران' (آگسٽ-آڪٽوبر ۱۹۳۶ع ص ۵۶) ۾ "گل" تي ڪيل تنقيد ڏانهن اشارو ضروري آهي. سندس بحث جو موضوع 'ولهن ڪهڙا ويارا' جي معنيٰ آهي. سندس خيال ۾، 'ويارا' معنيٰ رات جي ماني آهي، جنهن جي ثابتي، پلٽس صاحب واري هندستاني ڊڪشنري آهي. هي ڇڪو خاصو دليل آهي، مگر سنڌي زبان جي عام محاوري ۽ استعمال کان گهڻو پري آهي. مانيءَ کاڌي يا ڏوڪ جي معنيٰ ۾ لفظ 'وَنيَر' آهي ۽ نہ 'ويارا'. چوندا: فلاڻن 'ولير' ڪري ڇڏيا، يعني ڏوڪري ڇڏيا. طعام يا دعوت ڏانهن اشارو ڪري چوندا: وڃي ڪرينس کو ونير: يا وڃي ڪر کا جج! 'ويارا' لفظ خاص طرح جَٽَ، ٻڌَ، ٻَري ۽ اولاد سان مخصوص آهي. چوندا تہ "ميان هي ڪر توکي 'ويارؤن ڀارؤن' ڪرٽو هوندوا" يعني تہ عزازت ۽ مائٽيءَ جي لحاظ سان، توڙي شخصي محبت ۽ لڳاءَ جي لحاظ سان ڪرٽو هوندو.

مسٽر پيرومل خاص طرح 'ولهو' معنيٰ مفلس ۽ غريب تي زور ڏنو آهي. بيشڪ 'ولهي' جي اصلي معنيٰ مفلس آهي. جيئن تہ 'ونهيو ۽ ولهو' جي استعمال مان ظاهر آهي؛ مگر 'ولهي' جي اصطلاحي معنيٰ، جڙو چاند بہ جائز آهي؛ يعني اهو سچو جنهن کي گهر-هار نہ هجي؛ يعني تہ نڪي گهر تہ نڪي زال ۽ هار هجنس.

ڪنهن سڳهڙ چيو آهي تہ "مڙس سچو هوند ريءَ، ور ريءَ ولهي جوءَ" يعني مڙس کان سواءَ زال بہ سچي سڪي ۽ اڪيلي آهي.

پهراڙيءَ جي اصطلاح ۾ چڙو مڙس ٻنهنجي گهر تڙ کان سواءِ اکثر ڏکيو ٻکيو هوندو آهي. 'ولهي' جي هن اصطلاحي معنيٰ قبول ڪرڻ سان 'ويارا' جي صحيح معنيٰ ۾ بہ چڪتائ ڪرڻ جي ضرورت پيش نہ ايندي، ۽ مٿين غزل جي ست جو مطلب بہ زياده فصيح ٿيندو. والله اعلم.

۲۷- 'چاچو' سنڌ جو عام استعمال آهي. 'ڪاڪو' اکثر شهرن ۾ ۽ خاص طرح هندن تائين محدود آهي. لفظ هوبهو ساڳيو آهي؛ صرف 'چ' ۽ 'ڪ' ۾ جا قلب ۽ بدل جي لغوي خصوصيت آهي، ان موجب ٻن صورتن ۾ رائج آهي. اسان 'چ' ۽ 'ڪ' جي خصوصيت قلب تي رسالي مهراڻ جنوري ۱۹۴۶ع ۾ روشني وڌي آهي.

۲۸- چوندا: 'ڪارو جهڙو دونهن'؛ 'ڪارو جهڙو پڙنر'؛ 'ڪارو جهڙو ڪٺ' (ڪالهي يا ڪنهن وڻ جي ڪاڙ)؛ ڪارو جهڙو رس (؟) ۽ 'ڪارو جهڙو رُمر'. 'رس' جي معنيٰ تحقيق طلب آهي، باقي 'رمر' جو مطلب سوج. ڪٺ توڙي ڏڪ جي سوج نير (يا نيل) ڪري ڪاري ٿي ٻيهندي. شاهد هيءَ تشبيهہ اتان ورتل آهي، والله اعلم.

۲۹- جاهل ماءُ ٻيءَ نندڙن ٻارن کي کيترن ٿي جڙتو ڏين مان هڪڙو ڊپ ڪورهٽ يا سَمَ جو ڏيندا. ڪورهٽ يعني کورهٽ يا قبر کوٽيندڙ. هتي ڪ، گ جو بدل آهي ۽ سنڌي زبان ۾ عام رائج آهي. کي تڪي طبع واريون زالون وڏو وات ڪري چونديون تہ: 'ها ساريا! تنهنجي ڪور تي ڪتلو.' يعني تہ مُٽي پچائان ہ. تنهنجي قبر تي ٻاڏرا ڪورهٽ تي هي نالو انهيءَ ڪري ٻيو آهي، جو هي ٻکيو جانور بعضي وڃيو مُڙدن جي ماس لاءِ قبرون کوٽي. مگر جيئرن لاءِ هن جانور جو ڊپ اجايو آهي؛ چو تہ سنڌس ندين، سيڙه يا لومڙ جيترو مس آهي، ۽ جيڪر هڪ موچڙي سان مري ٿوي.

ڪورهٽ جو نر نالو 'ڪورنر' آهي ۽ مونث 'ڪورناري'، ناري، يعني مادي. لاڙ ۾ اکثر تلفظ 'ڪورناري' آهي، ۽ هيٺين وچولي ۾ اکثر 'ڪورنهاري': يعني زائد 'ه' سان، جا 'ه' اکثر لفظن ۾ الف سان گڏ (الف جي خفيف اچار جي ٽيڪ واسطي) زائد هوندي آهي.

شاعر دين محمد لغاري ٻنهنجي هڪ سيٽ ۾ (ٺ سان) هڪ ڪانئر ۽ ڊڇي شخص ڪي نندڻو آهي، جو ٻنهنجي ساٿيءَ ڪي سوئر سان وڙهندي ڇڏي ڀڳو. مون اهي سٽون خود شاعر جي زبان مان ٻُڌيون، جنهن ۾ هن 'ڪورنهاري' ڪري اچاريو، ۽ ٻوءِ ان جو مطلب بہ سمجهايو.

شاعر، هُن ٻني ڏيڻي ڇنڊڙ ساٿيءَ کي هن طرح نندڻو آهي تہ

سو مردود ڀڳو منهن ڪري، وڃي ٻوءِ نهارينڊو نادان،
تہ متان اچي مون ٻنهان، شل ات ريجهائيس رحمان!
سو لڏڪ ڪيريو وڃي لالي ۾، جت هما ڪپن جا ڪهمسان،
ٻ-وءِ لٽوڙجي لُڏڙو ٿيو، جن سوَر ليئي اٿيو، سان،
آيو 'ڪورنهاريءَ' جان ڪوٽ ۾، آڻي ڪتن ٻاريس قيام.

باقي 'سَر' يا 'سڙي' جو صحيح مطلب تحقيق طلب آهي. اهل سنڌ وٽ ڪيئن خيالي روايتون، هن جانور جي باري ۾ مروّج آهن. انهن سموري راين کي سوچيندي، اسين هن مطلب تي پهچون ٿا ته 'سَر' سنڌي نالو آهي، 'نسناس' جانور جو، جنهن کي علم الحيوانات جي آڳاڻن مسلمان عالمن، نسل انساني جي گذريل ارتقا جي قبل انسان واري ڪڙي قرار ڏنو آهي. نظامي عروضي جي تصنيف، 'چار مقاله'، ۾ ڪن ٻين تصنيفن مان معلوم ٿئي ٿو ته اڪل ست-اٺ سؤ ورهيه اڳ 'نسناس' جانور جي جنس کي وڃ ايشيا ۾ ڪن ڏنو هو.

سنڌ ۾ ڪي روايتون چون ٿيون ته 'سَر' جيڪڏهن انسان جي سَنڊن کي چٽيو ته ٻوه هو چُري نه سگهندو: جڏ ته سَر جو رفيق ٿي رهندو.

نديي هوندي اسان کي ٻيڙڻ 'بڪان لغاريء' ۾ سَر جو قصو' ٻڌايو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته 'سَر' انسان سان مشابهه آهي. والله اعلم. ڪن روايتن موجب 'سَر' جو اطلاق وڃ تي ٿئي ٿو. سنڌ ۾ سر کي 'ٻانڀ' ٻڌ چون.

۲۹- فعل 'نمڻ'، 'ن' جي زير توڙي زبر سان رائج آهي. اسر، لمندي (ن جي زبر توڙي زير سان) معنيٰ هيٺاهين، ترائي يا جهر، جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو.

۳۰- 'لر' مخفف آهي لاماري جو.

۳۱- چوندا: فصل ۾ 'سر' ڪونهي. ووٽن تي هي اطلاق عام آهي. يعني ته ووٽن ۾ گل ٻاڦي وغيره ڪين آهي. 'سر' اڪثر فصل پڇڻ کان اڳ، ڪڇ ۽ پور جي ٻلائي ڏلائي تي آڻيندا.

۳۲- شر ٻارڻ، اصل ۾ شمع ٻارڻ؛ يعني 'ع' حذف ٿيل آهي.

۳۳- ضم ڪرڻ، يعني لڳو لڳ ملائڻ. ان مان اسم تضمير. جهڙيءَ طرح تڪليف، تعليم، ترتيب، تشبيه.

۳۴- نر، نمندي، جهر، جهمندي، جهول، مڙيئي اسم آهن: معنيٰ هيٺانهين ۽ نشيب واري ايراضي. اڪثر اهي نالا ڇڇهي ايراضيءَ سان لاڳو آهن. ٿوري ٽڪر کي هيٺانهين، ترائي، تلي، تل، جهڪائي وغيره چوندا. پهريان چار اسر نمڻ، ۽ جهمڻ فعلن سان مشتق آهن. باقي جهول مفرد ۽ مستقل اسر آهي، يعني ٻاڦيءَ جي جهولي يا جهول. اسان جي خيال ۾ شايد هي اسر اصل جهولڻ سان مشتق هجي، جنهن جي ڪماني (؟) معنيٰ هيٺيون هيٺ ٿيڻ يا ڪهڙو يا اونهو ٿيڻ. 'جهول' ڪٿي ۽ ٽڪي وهندڙ ٻاڦي ۾ ٿيندي، وهڪري ۾ ڪُنڊ جي وچ ۾ ٻاڦيءَ جي سطح ۾ عارضي اونهائي يا جهولي يا جهول نظر ايندي. ٻاڦيندڙ درياءَ ۾ ويرو ڪري جهول ٻاڦيءَ جي ڇڏي ويندو، ۽ شاهي ڏنڊ ناهي ويندو. ڇڇ اڪثر تانگهي ڏنڊ ۽ جهول اونهي ڏنڊ کي چون. اها ٻي معنيٰ آهي. چوندا ته "هي ڏنڊ ته جهول لڳي ٻيٺي آهي، ٻاڦو ڪهڙي ته جهولجي جهولجي مري وڃي."

جهول، سجاول کان ايرندي طرف، ڪٿي ايراضيءَ ۾ هڪ ڏنڊ آهي انهيءَ سڄي ديهه جو نالو جهول آهي. اهو نالو سنڌ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي رائج آهي. اصل ۾ انهن سڀني

جاين تي ڏينڊون هيون. اهڙي ڏنڊ شهداد پور کان سر اپرندي، انڪل ٻندرهن ميل ڪن هئي. اتي شهر 'جهول' ايا تالهن مشهور آهي. جهول لڳ ميرن ٻهرين دفعو ڪلهوڙن جي لشکر کي شڪست ڏني. جهول لڳ 'لياري' واري هن لڙائيء سنڌ ۾ ميرن جي حڪومت جو بنياد رکيو.

'جهر' ۽ جهول جو مترادف آهي، ۽ قدري ٻئي لفظ هم معنيٰ آهن. 'جهر' معنيٰ جهميل، ابراضي يا جڏوه. جهميڙ يعني جهر واري هيٺانهين جڏوه جو ٻير. 'فتحنامه سنڌ' ۾ جاڻايل آهي ته محمد بن قاسم ۽ جهر واري جوه کان درياءَ ٽپي، اپرندي طرف ٽيو. 'جهر' نالي ڏنڊ سجاول کان اپرندي طرف انڪل ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي.

۳۸- 'چر' بلوچڪي زبان ۾ چشمو جي بگڙيل صورت آهي، ۽ معنيٰ اٿس اک. سنڌ جي دانهاڻ سگهڙ رمضان وادي (نه ڪنير) پنهنجي هڪ ڪافيءَ جي ٽلهه ۾ چيو آهي ته:

"دو چر ڏسي من مڙتو"

بلوچڪيءَ سان هي لفظ سنڌ جي سرائڪي توڙي سنڌي زبان پنهنجو ڪيو آهي. حمل خان لغاري، مولوي لطف علي بهاولپوريءَ جي هڪ بيت جي تتبع ۾، اندروني قافي جي شاعراڻ ملوڪت سان بيت ڏنو آهي، جو اسان دلچسپيءَ جي لحاظ کان سجو هيٺ ڏيون ٿا. هن بيت جي ٽنهنءَ سيٽ ۾ 'وڪالي چر' يعني 'چشم ڏيکاري' آيل آهي.

سيڏا دلدار، سڻا سڻسار، آوي غمخوار، سڀان ڪر ڪار،
ويڪان سڪ يار دا

اکين پُرنور، سدا مخمور، ڪهيندبان گهور، ڪرن دڪ دور،
بسره بيمار دا

'وڪالي چر'، جڏان جاڻن دم، وجن سيپ غم، جي ڪولي خم،
زلف دي تار دا

جڏان رڪ شان، ٻوڙي بان، چٽن ٻڪان، ڪهتن گهمسان،
برابر ٻيڪار دا

ڏري جب ڏور، لڳاوي مور، دلين دا چور، ليوي ڪس زور،
اهو اختيار دا

جڏان ٻهه ڪول، زبان ڪون ڪول، هوليندا هول، ڪران سر گهول،
سڻي گفتار دا

'حمل' دا حال، سڻي في الحال، ڪري ڪو پال، ملي مين نال،
وڃي دڪ ڏار دا.

سنڌيءَ ۾ چَر، سگهڙ شاعرن عام استعمال ڪيو آهي. شيخ ابراهيم، مارئيءَ جي سَر ۾ چوي ٿو ته

چوڻ 'چر' ڪٽي، جان نرتان ڪمر نهار،
تان ڏيهه ون ڏسڻ ڪان ڏور ٽيا، پانور ۽ پنهوار،
مون ڪي ونجهل ويڙهيچن جي، جي ريل رهن ريڌار،
ٻنئر ڪين 'براهر' چئي، سهجڻ ۽ سينگار،
ساهه نه وجهان سوسرا! ڪه موتي، ٻن مروار،
هت وجهندس هار، وڃي ڏهرين ڏاجورن جا.

هتي هي اشارو ڪائي ٿيندو ته بدل جي خصوصيت موجب، چ ۽ ش جو منجن مسلئر ۽ مثبت آهي، ۽ لاڙڪاڻي طرف جي بوليءَ ۾ عام آهي. لاڙڪاڻي ضلعي جي نامور شاعر چتي فقير سانگي چيو آهي ته

چڇيربون 'چتو' چوي ان جون رخ پيربون ريفي

چڇيربون، يعني شمشيرون.

سکهڙ شاعر 'نر' جي بيت ۾ آهي ته

تنهنجو قدر قرين آهي، پاچاون ۾ پڌرو

يعني بادشاهن ۾ پڌرو.

ٻي هنڌ چوي ٿو ته

پاچا پاچايون پانهنجون، ائين اونڌايون ڪن.

يعني: بادشاهه، بادشاهيون پانهنجون.

شيخ ابراهيم جو قول آهي ته

"سا سڀا ويندباه وسري، پاچائي پر"

يعني: بادشاهائي.

شاهه صاحب به چيو آهي ته

پاچائي نه پاڙبان، سرتيون سڀ ساڻ

قافيو ن

۱- رڄ چوين، پاڻو چوين، توڙي چوين يڻ.
۲- ڪيڙي چوين، ٻاڪ چوين، توڙي چوين ڪڻ.
۳- عمر ۾ جو هڪجيڏو، تنهن ڪي سڏن سڻ.
۴- ڪڏا ايا گاهه جا، سي سڀي ناهن دڻ.
۵- هڪ نيڇ سندو، ٻيو اڪڙ ٻي ڪسيءَ سندو ڳڻ.
۶- ٻن، رڻ ٻڌ، ڪنهن جڏهه سڏن چڻ.
۷- ڪٽ ڪيڙ يا چڙ، ڪٽ لانڊي ڪيڙ چڻ.

۸- ويرن سندي ٻين، تنهن کي عام چون ڏن.
۹- سون، رڻي، چاندي، سوا ٻئي لڙ سڏن ڏن.
۱۰- ٻوراني جا ٻوڙا، تن کي ٻرس آکين ٻن.
۱۱- وٽن ٻوٽن سندا ان، ڏکي ڳالهه، رکن ٻن.
۱۲- چوين ٽاڪ توڙي 'ٽاه'، توڙي 'ٽان' منجهان 'ڻ'.
۱۳- مڙس- مڻي، وات- ٻڌي، اوچي آئي رڻ
۱۴- زال، توڙي جوءِ، توڙي عورت، توڙي زن.
۱۵- پاڪيا سنهي مال سندا، ڪٽي ڏين ڪن.
۱۶- ڪٽر ٻوي مڙس کي ۽ مڙس رکن ظن.
۱۷- فقيريءَ جو ڦند آهي ڦورن سندو فن.
۱۸- محب مٽان کهور، مردا! تن توڙي من
۱۹- لڳ ڳلي، ان جي تون، ٻيون ڏيئي ٻن.

حاشيه ۽ تشريح

۱- ريڇ، ٻانڊو ۽ ين سڀ هڪ معنيٰ آهن: يعني مڇي ڦاسائڻ جو هڪ خاص جار. ۳- چوندا فلاڻو منهنجو سن آهي، يعني منهنجو همعمر آهي. ٻيرسن يعني ٻيرمرد. ۴- سڪل ڪاٺ جا ٻند آيا لڳو لڳ گولائيءَ ۾ ستبا آهن، انهيءَ کي دن چون (نواٻشاه ضلع ڏاکڻو ياڳو وغيره.) ۵- نيڇ يعني اوزار جو ڳڻ؛ ٻيو ڪڙٻي يا واهه جو منڊ، تنهن کي ڳڻ چئبو. چولدا آهن فلاڻو ڪڙٻي جي ڳڻ ۾ آڻ ٻوچڙي ۽، انهيءَ کري هن کي ٻاڻي ملي تو ۽ مون تائين رسي ٿي نڻو. ۶- ويڙ؛ جُوءِ؛ کوچُو؛ ڪُجو؛ ٻيلهاڙو؛ ڇن وغيره مختلف معنائن ۾ مختلف جُوڻن جا نالا آهن. شهرن جا نالا ڇن ۽ ڇني به هن ٿي معنيٰ ۾ آهن، والله اعلم. ۷- جنڊي تي ڪکائون ڇپر ٻڌندا. ڇپر کي ڪڙ به چون. لاڙ طرف ڇپر کي لانڊي سڏين. لانڊي اکثر ڇتين واري ڇپر کي چئبو. لاڙ ۾ ڪٿي ڇپر کي ڇنو به سڏين. مگر ڏورائين ڇني کي، لاڙ ڪاٿي طرف وري ڇن چون. لانڊيءَ جو نالو سنڌين ڇت واري سنهه تي به آٿي سگهبو. ڇنو به درحقيقت سنهه جو نالو آهي، جو ڇپر اڳيان اڏيندا آهن. ٻرحال 'ڇنو ۽ ڇپر' به مختلف شيون آهن.

شاعر چوي ٿو: سدا سونهن ان جا ڇنا ۽ ڇپر.

ڇپر ٻنهين پاسي لهوارو ٿيندو ۽ نهين ڏيئي ٻڌبو. 'ڇپر ٻڌڻ' چئبو، ۽ ڇنو يا سنهه. 'آڏڻ' چئبو. شاديءَ جو ڇنو يا سنهه مشهور آهي چوندا: 'مينهن وسي به ٻهر، ڇنو وسي ڇهه ٻهر'. ڇپر معنيٰ 'آجهو' به آهي. چوندا ته 'فلاڻو رڳو ڪڙا اڏي ڇپر کري ويهي

رهيو. پٽائي صاحب جيو آهي ته "تون اوڀر، تون آڇکو، تون ڇپر، تون ڇان."
۱۰- پَرس، يعني ماڻهو. ٻوراني جي ٻَن لڙي، سَنهه تي وڇندا، ٻترون ۽ پٽيون ٺاهيندا، ۽ هيڻيان فرش وڇائيندا. ۱۵- سنهو مالِ يعني ريڍ، ٻکري.

[مئي، جون، جولاءِ ۱۹۴۶ع- 'مهراڻ' ص ص ۵۵-۵۶
مهراڻ جو اڳيون پراڻو دؤر]

قافيو واو

ڪَنَ، ٻلڪ، ڪهڙي، هَوَ.
ٿوري نرت، دَنُ، دَوَ.
سوڙ ٻوش ڇون ڇَوَ.
ڪَٻ، گهب، ڪَٻ، ڪَوَ.
گريل لاڪ، ڇؤ، ڇَوَ.
جُڇون، جَرُ، ٿوتَ، ڏَوَ.
ڊپ، ڏاءِ، وڏا ٻَوَ.
ڪن جوان ڪُڏَ، رَوَ.
ٽڪ ٽاب وڏا ٽَوَ.
ٻوڪين جَوَ لٽين جَوَ.
دل صاف سڄڻ سَوَ.

قافيو غم

ڪنڙا! ڪير ڪنهن سان ڪَهُ.
ڪري ٻهنش ڪير بَهُ.
ڪائي ٺاهه ڪير ٿهه.
پنهنجي ڇالهه ٿان ڪي لهه
ڇڏي گوڙ، ڇڏي گهه
ڪري ٺاهه ڪجهه ٿهه.
ڪري ڏؤ ڪين ڏهه
ڪجهه ڪاءِ، ڪجهه وهه
ڪجهه ويهه، ڪجهه ڪهه
ڪجهه سڻ، ڪجهه سهه
ڪري ٻهنش ڪير ٻهه.

قافيو ء

آءُ سجن آءُ.
وريو دل سندو داءُ.
لڳو هير ڪنڌ واءُ.
ڇڏ تڪ تڪڙ تاءُ.
جنهن ۾ لاءُ نڪو ساءُ.
نڪي سير، نڪي پاءُ.
مٿو ڪ سندو ساءُ.
سڻي آهه اسڙ ماءُ.
پلدو آهه پيڙو پاءُ
لهي سور ۾ سماءُ.

قافيو ي

اول 'الف'، پوءِ 'بي'
پڙهن پار الف-بي.
سهڻو سڏ 'ادا اي'
پاڙو پول 'ڙي' 'اڙي'
پولي ٻڪري جي 'ٻي'
رڙي ريڙ ڪري 'ٽي'
ڳائن 'يار'، 'ميان'، 'وي'.
ڇوڙن ريءَ ٽوڙ ري
سوا، ٻيگر، ٻنا، ٻي.
اٽون، تان، ٽوڙي ٽي؛
ڇڻو حرف جر 'ڪي'.
'جهاڻ' ٻنهين سندي 'جهي'.
سڏي 'وٽ'، هندي 'لي'
ڪٽي وڃ، ٽمٽي، ٿهي.
ڪي وٽ، ڪي ڏي
سڀا پار آهن ڪي
ڏُربون ڏُڻُ وڃي سي
سڻي سڏ ڏين جي.



ڈاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل"

ڈاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل"، ولد محمد يوسف شيخ، سنڌي ۽ جو ڪهڙ مشق ۽ قادرالڪلام شاعر آهي. هاڻ ۲۴- ڊسمبر ۱۹۰۰ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾، ۽ قرآن شريف، مولوي محمد عثمان نورنگزاده وٽ حاصل ڪيائين. نولراءِ هيرانند اڪيڈمي ۾ پڙهڻ ڪان پوءِ ڊنارائن جگنناٿ هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان ۱۹۱۷ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. ڊي. جي. سنڌ ڪالج ڪراچيءَ ۾ ب. متعلم رهيو. سائنس ۽ ڊاڪٽري، ۱۹۲۵ع ۾، بمبئيءَ ۾ پڙهيو. فارسي تعليم مولوي ميانجي عبدالحق وٽ ورتائين. ويانا (آسٽريا)، رانچي ۽ بهار مان دماغي مرض جو ايياس ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب هن وقت انهيءَ فن ۾ ماهر آهي. حيدرآباد ميڊيڪل اسڪول، ڊؤ ميڊيڪل ڪالج ڪراچي، ۽ لياقت ميڊيڪل ڪالج حيدرآباد ۾ پروفيسر ٿي رهيو. سر سي. جي. مينڊل هاسپيٽل ڪدو (حيدرآباد) ۾ چوڏهن سال سپرنٽينڊنٽ ٿي رهيو، ۽ ۱۹۵۵ع ۾ اسسٽنٽ ڊئريڪٽر هيلٿ ٿي رٽائر ڪيائين. ۱۹۱۳ع ۾ شعر لکڻ شروع ڪيائين. پهريائين 'غافل' تخلص هوس، پوءِ 'خليل' اختيار ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب جو سنڌي شاعريءَ ۾ استاد حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مرحوم هو، ۽ اردوءَ ۾ جناب عبدالله ميان 'فضا' ڈڪني تلميذ حضرت داغ دهلوي هو. ۱۹۴۶ع ڪان ۱۹۵۷ع تائين 'جمعيت الشعراء سنڌ' جو صدر رهيو. ان طرح ڊاڪٽر صاحب، سنڌي ٽيڪسٽ بوڪ ڪميٽي، ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي ٽيڪسٽ بوڪ ڪميٽيءَ تي ب- ڪم ڪيو. يونيورسٽيءَ جي 'السٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي' جو پڻ ميمبر آهي. شاهه عبداللطيف يٽائي يادگار ڪائونسل جو شروع ڪان ئي رڪن آهي. تصنيف تاليف جي سلسلي ۾ 'رهنمائے شاعري' (۳ حصا)، 'بيت الله شريف جي تاريخ'، 'ادب ۽ تنقيد'، 'بلبلِ سنڌ'، 'عبرت ڪده' (۲ حصا چپيل آهن. 'رهنمائے شاعري' (چوٽون حصو)، 'عبرت ڪده' (ڏيون حصو)، 'سنڌي مثنويون'، 'سنڌي رباعيون'، شاهه يٽائيءَ تي مضمون ۽ ڪئين علمي مقالا، سنڌي افسانا، انتخاب خليل، 'ڪليات خليل'، ايڈٽ ڪيل آهن. ڊاڪٽر صاحب جي صدر بازار حيدرآباد ۾ اسپتال مشهور آهي.

جناب ڈاڪٽر خليل صاحب، علم ۽ فن جي خدمات جي سلسلي ۾، جو ڪجهه عملي طرح سان ڪم ڪيو آهي، اهو نظرانداز ڪرڻ جهڙو ناهي. سڀ کان اول سندس تاليفات جو مقام آهي: ان دؤر ۾، جڏهن سنڌي شاعريء ۾ ايجا ڏ-حرفا لفظ اعرابن سان استعمال ڪيا ويندا هئا، ۽ وڏن وڏن شاعرن کي عروض جي ابتدائي مسئلن جي به خبر نه هئي، تڏهن "رهنمائي شاعري" جا ٽي جلد تاليف ڪري ڇپايا ويا. رهنمائي شاعري، حصه اول ۾، مقدمه حالي جي طرز تي، شاعريء جي فن ۽ اصناف جو تعارف ڪرايو ويو، ۽ پين ٻن حصن ۾ مثالن سان بحث ڪيو ويو. اهي ٽئي ڪتاب نه فقط نوآموز شاعرن لاءِ معلومات افزا آهن، پر ڪهڙ مشق بزرگن لاءِ به ڏاڍا ڪارائتا آهن.

شعر و شاعري جي سلسلي ۾، هر انجمن ۽ هر مجلس ۾ شرڪت ڪرڻ سندس فرض آهي. سندس مخلصانه تعاون سان 'اديب سنڌ' جو اجراء ٿيو، جنهن سنڌي زبان، ادب ۽ شاعريء جي وڏي خدمت ڪئي آهي. ان طرح 'جمعيت الشعراء سنڌ' جي تشڪيل ۽ تعمير ۾ ڈاڪٽر صاحب جي ڪوشش سان ٿي، جنهن جو ٻهريون صدر ٿيڻ ۽ ٻوءِ سالن جا سال صدارت جا فرائض انجام ڏيندو رهيو.

'جمعيت الشعراء سنڌ' ٻهريون علمي ادارو آهي، جنهن جي انتظام هيٺ، سنڌ جي سڀني وڏن شهرن ۾ سال بسال عظيم الشان ادبي ڪانفرنسون ٿي گذريون آهن. انهن ڪانفرنسن جو ليڪچرر، مرحوم خادم لاڙڪاڻوي، ساڻ سان سانيندو آيو؛ سندس وفات کان پوءِ، اهو سارو دفتر ضايع ٿي ويو. ان طرح سنڌي ادب سان هڪ تاريخي باب ختم ٿي چڪو آهي.

اهڙيءَ طرح بزم خليل، انجمن ترقي اردو حيدرآباد، ڈاڪٽر صاحب جي خدمات جا تاريخي شاهد آهن.

ڈاڪٽر صاحب جامع الفنون آهي — اديب، نقاد، شاعر، اهل قلم، مقرّر ۽ انشاپرداز. سندس ڪلام، پختو ۽ شستو، عروض جو پابند، عروض جي نازڪ ترين اصولن جو پابند، زبان جي لحاظ سان درست، ۽ فني لحاظ سان پختو ۽ زوردار آهي. هر صنف ٿي لکيو اٿس: غزل، رباعي، قطعو، نظم، مثنوي، گيت، بلڪ ڪافي ۽ سندس ڪلام ۾ موجود آهي. سندس فن ٿي فارسي ۽ اردو ادب جو وڏو اثر آهي، تاهم الفراديت ۽ افاديت ٿي مشتمل آهي.

سندس تاليفات ۾ 'عبرت ڪده' هڪ افسانوي مجموعو آهي، جو سندس 'مشاهدات' ٿي مدار رکي ٿو. ڀاڻ جڏهن گدو بندر اسپتال جو سپرنٽينڈنٽ هو، تڏهن هزارن دماغي مريضن جي صحتيابيءَ لاءِ جيڪي نفسياتي طرح ٿي ڪوششون ڪيائين، اهي سڀ 'عبرت ڪده' ۾ افسانوي انداز ۾ بيان ڪيل آهن؛ اهو ڪتاب پنهنجي افاديت ۽ اهميت جي لحاظ سان نئين چيز آهي.

اهڙيءَ طرح افسانا، ڊراما ۽ ڈائلاگ ۾ ڪافي انداز ۾ لکيا اٿس. ان طرح سنڌي ادب جي سڀني علمي رسالن ۾، سالن کان، سندس علمي ۽ ادبي مقالا شايع ٿيندا رهن ٿا.

بهرحال، ڈاڪٽر صاحب جو مقام، سنڌي ادب جي معمارن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. — ادارو

ڪافي

*

هڪو وقت ايا ڪجهه ياد اٿم، صحبت ۾ گذر جو تنهنجي ڪيم،
اي ڪاش، اچين هڪوار وري!

ڳولينديِ وڃايم عمر سڄي، هر مون کان وڻين هر هر تون ڀچي،
معصوم وڃي هي دل نه ڪچي، پرچائي اچي ڪجهه يار وري.

مون عمر ۾ هي ڪاڏو ڏوکو، هر رحم نه آيو توکي ڪو،
اڄ اڄ اي سڻا هاڻي ٻه سگهو، تا جيرو ڪريون سنسار وري.

ڪيئن آڏي آڏي رات جو تو، خاموش فضا ۾ تات جو تو،
ٿي ذڪر ڪيو هر بات جو تو، ڪر محب اهو اظهار وري.

ڪيئن پنهنجو لکي ٿيندو هو ملڻ، ۽ چانوَ ۾ تارن جي ٻه ڏاڻ،
هر گفتي تي ڪيئن تنهنجو ڪيڻ، اڄ تنهنجي ٻڌان گفتار وري.

تارن جي دلڪش جهڪمڪ ۾، ٿو زهر لڳي سيڪجهه جگ ۾،
جا باهه ٻري ٿي رگ رگ ۾، سا ٺار اچي سنڀار وري.

هر هاڻ ٻراڻي بات ڪٿي، ٻُڌ ڪيف اها برسات ڪٿي،
ساوڻ جي 'خليل' اڄ رات ڪٿي، جو پنهنجو ڏسان دلدار وري.

گيت

ساقي

ساقي ساقي، پيارا ساقي، ٻُڌ ڪر سنهنجو پيمانو:
مون کي بنائي مستانو!
رخ تي تو گيسو لٽڪايا، توسان مينا ساغر آيا،
ميخاني تي بادل ڇايا، مئي جا تو ۾ مينهن وسايا،
ٻالا برتر ذات ته تنهنجي، اعليٰ تنهنجو ميخانو:
ٻُڌ ڪر منهنجو پيمانو،
مون کي بنائي مستانو،
ساقي ساقي، پيارا ساقي، ٻُڌ ڪر سنهنجو پيمانو!

ساقي ساقي، پيارا ساقي، هر ڪر منهنجو پيمانو:
مون ڪي ٻنائي مستانو!
تنهنجي صدقي تنهنجي قربان، منهنجو مشڪل ڪر تون آسان،
بخشش جو ڏيڪاري ساسان، سپ ڪي پياري بادهٔ عرفان،
اڄ تون پياري مست بنائي منهنجو ٻا ڪر ٻيگانو:
هر ڪر منهنجو پيمانو،
مون ڪي ٻنائي مستانو،
ساقي ساقي، پيارا ساقي، هر ڪر منهنجو پيمانو:
مون ڪي ٻنائي مستانو!

ٻار ۾ در ڪي نُور ٻنائي، ميخاني ڪي طُور ٻنائي،
حق ٻولڻ دستور ٻنائي، رندن ڪي منصور ٻنائي،
دنيا تنهنجي عاشق آهي تنهنجو 'خليل' اڄ ديوانو،
هر ڪر منهنجو پيمانو،
مون ڪي ٻنائي مستانو،
ساقي ساقي، پيارا ساقي، هر ڪر منهنجو پيمانو!

نيٺن ۾ روپ

روپ وسي نيٺن ۾:
روپ جي ٻجلي نيٺن مان نڪري نيٺن سان ٿي ماري ٽي،
هجر جي آتش اندر ٻنجي ڪيٺن جان ڪي منهنجي ٻاري ٽي:
ٻاهه لڳي ڪيٺن تن ۾ پيارا،
روپ وسي نيٺن ۾!
ڪومل سوسن، نرمل ڪليون، سهڻا گل جي پيارا آهن،
تن ۾ روپ نهارڻ وارا تنهنجا نيٺ تہ ڪارا آهن:
روپ تہ ڏس جوپن ۾ پيارا،
روپ وسي نيٺن ۾!
پي، نيٺن سان نيٺ ملائي، نريئر جو ٻائي مان ٽي پران،
ڪهڻي روپ جو ڏوڪو ڪائي هائي مان ٽي جيان نہ مران:
ڏيرج آهي من ۾ پيارا،
روپ وسي نيٺن ۾!

سنڈو جي هن هار

سنڈو جي هن هار:
منا اڇ،
سنڈو جي هن هارا
هريت جا ٽوها، هريت جا دريا، هريت جا مانجهي، هريت جا پيڙا،
اڇ ڪري سڀ هار:
منا اڇ،
سنڈو جي هن هارا
سنڈو جي هن هار:
منا اڇ،
سنڈو جي هن هارا
ٻوڙها جاڳيا، ٻالڪ جاڳيا، منهنجا ياڳ نہ سالڪ جاڳيا،
جاڳي ٻيو سنسار:
منا اڇ،
سنڈو جي هن هارا
سنڈو جي هن هار:
منا اڇ،
سنڈو جي هن هارا
هريم پُڇاري اڇ تون ٻڌجي، ڪالهه اڇي ڪر منهنجي من جي،
سارو ڇڏي سنسار:
منا اڇ،
سنڈو جي هن هارا
سنڈو جي هن هار:
منا اڇ،
سنڈو جي هن هارا
هن دنيا کان دور رهن سان، هريم نشي هم چور رهن سان،
گڏجي ڪريون پيار:
منا اڇ،
سنڈو جي هن هارا

سنڌو جي هن ٻار:
مٿا اڇ،
سنڌو جي هن ٻار!
ٻريم جي هڪ سهڻي بستي ۽، ٻريم ۽ پيت پريل مستي ۽،
تياڳي اڄ گهر ٻار:
مٿا اڇ،
سنڌو جي هن ٻار!
سنڌو جي هن ٻار:
مٿا اڇ،
سنڌو جي هن ٻار!
ڏينهن ٽيا توکي هت آئي، ڪوبہ نہ سڪ هي من ٽو ٻائي،
ٻريم جو ڏک تہ ٻار:
مٿا اڇ،
سنڌو جي هن ٻار!

نظم

نوجوانن کي پيامِ انقلاب

آڻي عزيز نوجوان،
پيام انقلاب ڏي:
پيام انقلاب ڏي، آڻي عزيز نوجوان!
نظر اڳيان پيو وڃي حيات نؤ جو ڪاروان، ڦري سگهي ٽو حرڪت وعمل سان دورِ آسمان،
چڙهي ٽو جوشِ زندگيءَ جو هڪڙو بحرِ بيڪران، مٿي تي تنهنجي تيز برق چمڪي ٽي، ڊڄين متان؛
آڻي عزيز نوجوان،
پيام انقلاب ڏي:
پيامِ انقلاب ڏي، آڻي عزيز نوجوان!
شفق ٽي تنهنجي لئي پربو تہ آهہ جامِ احمرين، رڳن ۾ تنهنجي ڏس لڪل عمل جو روحِ آتشين،
شباب تنهنجي جون تجلّيون حيات آفرين، لڳو پيو فلک تي آهہ تنهنجي عزم جو نشان:
آڻي عزيز نوجوان،
پيام انقلاب ڏي:
پيام انقلاب ڏي، آڻي عزيز نوجوان!

سنڌ نشاطِ زندگي جي رَوڻي باعثِ سرور، سنڌ حياتِ تازه تي ته آهه ملڪ جو غرور،
سنڌ شباب مادرِ وطن جي اک جو آهه نور، ڪٽي هي عهدِ ڪارزار ٿي وڃي لڙ رائگان:
آڻي عزيز نوجوان،
پيام انقلاب ڏي:
پيام انقلاب ڏي، آڻي عزيز نوجوان!

ٿو ڏيکي ڪان ڏٽڪي ڪيئن لروحِ مادرِ وطن، خزان جا جُور هيٺ، جڏهن بهار آفرين چمن،
وطن جي نونهال کي ٻه جنسيات ٿا ڏسن، جڏهن ٽين نظر اڇيان ٿا تنهنجي نحس هٽ ٻيان:
آڻي عزيز نوجوان،
پيام انقلاب ڏي:
پيام انقلاب ڏي، آڻي عزيز نوجوان!

پيار سُرده حس کي تون ڀري ڪو جام حريت، ٻڪي جو ڪفر لوڏي تنهن کي ڏي پيام حريت،
همالہ جي چوٽين کي ڏڪ سلام حريت، سنڌ لوا کان گونججي تمام عرصہ جهان:
آڻي عزيز نوجوان،
پيام انقلاب ڏي:
پيام انقلاب ڏي، آڻي عزيز نوجوان!

وڏائي پنهنجا حوصلا سدا، نئين امنگ سان، حياتِ نوَ جو درس ڏي پريل هجن جي ڏنگ سان،
لڙ واسطو ڪو رک ڪڏهن تون ڪفر جي نهنگ سان، پياري ساغرِ خودي بنائي سڀ کي سرگران:
آڻي عزيز نوجوان،
پيام انقلاب ڏي:
پيام انقلاب ڏي، آڻي عزيز نوجوان!

لشانِ زندگي ڪٽي عمل جا تاجدار آٿ، سڪونِ تلخ جي فضا ۾ هنجي اضطرار آٿ،
هوا جي مثل تيز و تند شوخ و بيقرار آٿ، شرار و برق جي مثال ڏٽڪي ڏٽڪي ٿي روان:
آڻي عزيز نوجوان،
پيام انقلاب ڏي:
پيام انقلاب ڏي، آڻي عزيز نوجوان!

صدا ته ٻڌ، اچي ٻڌي فراز ڪوهسار مان، آڻي پيو ته نغمہ بلند آبشار مان،
ڏٽن پيا ٿا زمزمہ ۾ موجِ جوئبار مان، جهاد حريت ۾ ايٽن وجين جي ٽين تون لغز خوان:
آڻي عزيز نوجوان،
پيام انقلاب ڏي:
پيام انقلاب ڏي، آڻي عزيز نوجوان!

محبت ۽ جواني

لٽيجو آهي منهنجي عشق ٿي جو، ڪرشمو آهي تنهنجي دلبري جو،
هيٺي بدنام ڏس منهنجي محبّت: هُٽي مشهور ڏس تنهنجي جواني!
هيٺي برباديءَ جا آسرا ڪجهه، هُٽي شان خدا جلوه نما ڪجهه،
هيٺي ناڪام ڏس منهنجي محبّت: هُٽي مغرور ڏس تنهنجي جواني!
بقدر ظرف آهن ٻئي شرابي، مگر فطرت جي آهي بي نيازي،
شهيد جام ڏس منهنجي محبّت: نشي ۾ چور ڏس تنهنجي جواني!
حقيقت ٿي اچي سوجهڻ انهيءَ ڪي، قيامت ٿي اچي ڳولڻ انهيءَ ڪي،
گهٽي ڪمنام ڏس منهنجي محبّت: گهٽي منظور ڏس تنهنجي جواني!
وڃايون پاڻ ڪي سرجوشين ۾، وجون ٿي غرق اڄ بي هوشين ۾،
درخشان جام ڏس منهنجي محبّت: شرابِ نور ڏس تنهنجي جواني!
فرشتا هن ڪي ٿا ڳولين هردم، ليو پائين پر تارا ٿا ٻهڪن،
اڃا اعلام ڏس منهنجي محبّت: اڃا مستور ڏس تنهنجي جواني!
ٻُڌ اي پرده نشينِ ڪعبهٔ دل، هُٽي شوقِ فراوان جي ته منزل،
جٽي بيدار ڏس منهنجي محبّت: جٽي مجبور ڏس منهنجي جواني!

جانِ بهار

منهنجي عروسِ نوبهار، آهي سُڄو هي لالہ زار،
روحِ حزين ٿي بيقرار، ٿي چشمِ وقفِ انتظار:
اڄ منهنجي دل جي ڪائنات ـ بنجي تون اڄ جانِ بهار!

تارن پريل هي ڪاري رات، ساري سمهي ٿي ڪائنات،
بيدار منهنجي آهه ذات، جنهن ڪي ملي غمرڪان لجات:
اڄ منهنجي دل جي ڪائنات ـ بنجي تون اڄ جانِ بهار!

دفن آهه دل ۾ تنهنجو راز، اهڙو ڪو آهي هاڻي ساز،
جو نغمو ڇيڙي دلگداز، درڪي ڪري دل جي ته هاز:
اڄ منهنجي دل جي ڪائنات ـ بنجي تون اڄ جانِ بهار!

آهـ چالبوکي آها، تارا آهي، منظر آهـو،
صحن گلشن ۾ اهو، رنـگ ِ گـل ِ احمر آهـو،
اڄ هلي مون وٽ اچي جيڪر ستم ٻرور آهـو:
ڪيئن سنياليان ٻنهنجي دل کي، ياد آن جي ڪيئن وڃي؟

ڇا چوان مـوج ِ تبسّم، ڇا چوان طرز ِ خرام،
هرگهڙي هن جي نـگاهِ ناز جو رنـگين پيام،
هاءِ، ساوڻ جي مهيني جي خمارين خوب شام:
ڪيئن سنياليان ٻنهنجي دل کي، ياد آن جي ڪيئن وڃي؟

عـالـم آهي ساڳيو اهڙو تـ ياس انـگيز ٻر،
جـا سـرور افـزا هوا سا آهـ حسرت خيز ٻر،
غنچو غنچو بـاغ جـو آهـي ٿيو خونريز ٻر:
ڪيئن سنياليان ٻنهنجي دل کي، ياد آن جي ڪيئن وڃي؟

اڄ، گلي توکي لڳايان، عهد ماضي ياد ڪر،
عمر ساري کين پوندي هاڻ تنهنجي ڇا خبر،
ڇو رُسين ٿو، اي وڃڻ وارا ذرا هيڏي نظر:
ڪيئن سنياليان ٻنهنجي دل کي، ياد آن جي ڪيئن وڃي؟

نظم ـ انگريزي طرز تي

ميهار کي

قسم آهي سرود و شعر سان مخمور راتين جو:
ڪ جن مان عشق جون بيتابيون ٿيندیون هيون هشيار،
ڪ جن مان حسن کان دلچسپيون ٿيندیون هيون بيدار،
قسم آهـي جمال عشق سان معمور راتين جـو:
وساريان کين وسـرلـدا ايا سي مون کي ياد آهـن،
جڏهن خـود نغمهٔ الفت تو ڪنهن جـي واسطي گـايـو،
رباب ِ دل جـي خـوابيده ترانـن کي هـو جاڳايو؛
لهي دل تـان وڃن جن جي آهـي خـود نامراد آهـن!

انهي دلشاد و مسرورِ محبّت جو قسم توکي:

آنهي سهڻيءَ جي ارمانن جي دنيا جنهن کي چنجي ٿو،
آلهي سهڻيءَ جي لئي جانِ تمنا جنهن کي چنجي ٿو،

انهي آباد و مخمورِ محبّت جو قسم توکي:

وري مهراڻ جي ڪپ تي اچي لغمه نوازي ڪر!
مجسّم حسن ٻنجي ٻاد تون هڪوار تازي ڪر!

دل جا ڪنول

تون ڪيلين ٿي ته ٽڙن منهنجي ٻ دل جا ٽا ڪنول:

مان ته آهيان تون ڏسين ٻيءِ پريشان و تباهه،
زندگي منهنجي لهڻ ٻنجي وئي هڪڙو گناهه،
پنهنجي آغوش ۾ ڏي تون غمِ هستيءَ کان پناهه!

عشق جي ٻاهه کي گوڙهن سان وسائڻ ڏي تون،
دامنِ تر کي ٻه پنهنجي ته سُڪائڻ ڏي تون،
شوق جي واٽ ۾ ڪجهه گل ته وڇائڻ ڏي تون!

بدنصيبي کان ته ممڪن نه ٿيو توکان علاج،
ٽوٽي دل پيش ڪيو حسن عقيدت جو خراج،
تو ته سمجهيوئي نه بيمار محبّت جو مزاج!

پنهنجي جلوون جي ضيا ٻاڻي سان حيران ڪرين،
ڪاڪلن کي ته ڪلهن تي ٻه پريشان ڪرين،
قابِ غم ديده کي صد رشکِ گلستان ڪرين!

آڻي اميد جي ٻيڙي نه ڪناري تي اچا،
سينو منهنجو ٽو سڙي ڇڻ ڪو شراري تي اچا،
ٽو تڪان سان ته محبّت جي سهاري تي اچا!
تون ڪيلين ٿي ته ٽڙن منهنجي ٻه دل جا ٽا ڪنول!

معطّر فضا هر-

لڏن ڪيڏن ٿا سنبل جا گيسو هوا هر،
شبِ ماهه جي هلڪي هلڪي ضيا هر:

ڪنهين سرڪ سيمين جي بادن هر ڪر ٿي،
پيو لڙڪ هاري!

فراموش پنجي-

نگاهن جي جادو ڪان بيهوش پنجي،
تغافل جي تلخي ڪان خاموش پنجي:

ڪنهين جي تمنّا جو بيتاب نغمو،
سمهڻ جي سهاري!

معطّر گلستان-

حسينن جي هرڪاش ڪان آهه تابان،
شباب چمن ڪان پريشان پريشان:

مگر عشق وارا هميشه ٿي رهندا،
پيو ٿو گذاري!

غزل

●

هٿن هر ڪن جي پيمانه ٿين ٿا،
نظر جا ڊنگ مستانه ٿين ٿا،
رقابت ڪان ٿي ديوانا ٿين ٿا،
ڏ چو شبنم ڪي ساقي مئي پنائين،
سندءِ نظرن جو آهي فيض ساقي،
سبق حاصل ڪري دنيا مان انسان،
ڪري دنيا سان نفرت چو ڏ السان،
ڪٿن ٿا زندگي جا راز تن تي،
انهيءَ ڪي ڪي ٿ دنيا ٿا چون سڀ،
زماني هر جي گذرن واقعا ٿا،

اکين هر ڪن جي ميخانه ٿين ٿا.
ڏسي سڀ ان ڪي ديوانه ٿين ٿا.
سڙي دشمن به پروانه ٿين ٿا.
گلن جا پي ٿ پيمانه ٿين ٿا.
جو پيمانه به ميخانه ٿين ٿا.
هتي عبرت جا افسانه ٿين ٿا.
جڏهن پنهنجا به بيگانه ٿين ٿا.
خرد ڪان جيڪي بيگانه ٿين ٿا.
جتي هشيار ديوانه ٿين ٿا.
'خليل' اڳتي سي افسانه ٿين ٿا.

●

آهه ساقي ڪي شرابِ ارغوانيءَ تي گهمنڊ،
سون ڪي پنهنجي چشمِ تر جي خون فشانيءَ تي گهمنڊ!
ٿو حسينن ڪي رهي جوشِ جواني تي گهمنڊ،
جسم لاغر ڪي ٿ منهنجي ناتوانيءَ تي گهمنڊ.
ڪونه هڪ پل پي اچي ٿو دل هر پيريءَ جو خيال،
آهه اهڙو نوجوانن ڪي جوانيءَ تي گهمنڊ.

حسن و عشق ۾ آهي پنهنجي جو ساڻيو،
نازڪيءَ تي اُن کي، مون کي، ناتوانيءَ تي گهمندو.
ناز مون کي آهي منهنجي چشمِ گوهر بار تي،
جي صدف کي آهي پنهنجي درنشانيءَ تي گهمندو.
حال ڏيندي، منهنجي سوزِ دل جو ٿي خاموش آهي،
شمع کي هو بزم ۾ آتش زبانيءَ تي گهمندو.
تنهنجو زخمي، ٿو ڪري شمشير جي پائيءَ تي ناز،
جيئن ڪري ٿو خضر آبِ زندگانيءَ تي گهمندو.
منهنجي آهِ آتشين جي ٿوڪ آهي گُل کيو،
جا اهو هو شمع توکي گل نشانيءَ تي گهمندو.
حسرت و افسوس ئي هت آهي لخوت جو مال،
چار ڏينهن نادان نه ڪر تون عمر فانيءَ تي گهمندو.
پنهنجي جورو ظلم تي مغرور هُو آهي 'خليل'،
توکي آهي پر خدا جي مهرباني‌ءَ تي گهمندو.

●

ڪڏهن ته تيغ ۽ هٿ ۾ ڪڏهن ته محورِ خشوع،
ٿين ٿا مرد مجاهد جا هي قيام و رڪوع.
جنڊ جي صف ۾ ته تيغ ۽ سنان، علم و يقين،
نمازِ عشق جون واڻون ٿين خشوع و خضوع.
سندم لوا ته سندم قوم جي حدي خواني،
نه آهي رهبرِ منزل جي لائق، مسموع.
سندم نظر ۾ ته ام الڪتاب، نور و حضور،
نقيه و فلسفي، ور ور ڙهن اصول و فروع.
سندم يقين ته لولاڪ جي شهادت تي،
هي آهي منزلِ مومن جو ٿي محل وقوع.
علاجِ عصر ته تيغِ محمدي جو ظهور،
بنا ته جنگ جي افرنگين کي ارض جي جوع.
ٿئي نصيب جي صبحِ طريقِ مصطفوي،
سندي ستاره‌ءِ تقدير جو اهو ئي طلوع.
'خليل' نام، محمد تي جي نثار ٿين،
ته بس اهائي عبادت، اهو ئي اصلِ رجوع.

●

ٻيـن تـي نظر تـ لطف جي آهـ هيڏي ٻـ ڪجهـ نهار ڏرو،
فـراق ۾ تنهنجي مان ٿو مران نـ يـاد ڪرين ٿو يـار ڏروا

مـزو تـ تـڏهـن ٿئي اي صنمِ! شـراب هجـي ڪباب هجي،
پـري تـون ڪٿي ٻيالا ٻـ ڏيـن نـ مون کي ٿئي خمار ڏرو.

تو فصل ۾ گل جي مون سان ملڻ جو قول ڪيو هو ياد اٿئي،
نـ آئين مگر اي وعـده شڪن، مـزو لـ ڏنـو بهـار ڏرو.

بهـار وڃـڻ تـي آهـ هينئر نـ تنهنجو اچـا ڪو آهـ پـتـو،
تـون عهد تـ پـاڙ پنهنجو اچي نـ مون کي مٽا وسـار ڏرو.

جهانُ سان قدم جي نقش جيان تـ منجي ويس اي منهنجا سجڻ!
نـ دوش تي هاڻ توکي ڪڏهن ٻـ ٿيندو ڪٽڻ جو ٻار ڏرو.

اجـل ٻـ رهـائي ڪيـن ڏنـي، جا لـوچ هئي آهائي رهي،
ستم تـ ڏسـو جـو دفن ٻـ ٿي نـ دل کي مليو قـرار ڏرو.

تون لاش تي منهنجي خاڪ وجهڻ جو قتل ڪان ٻوءِ خيال رکج،
متان نـ ٿـئـي هـي راز ڪٿي ٻـ خـلـق تي آشڪار ڏرو.

وڏائي ڇڏيان مان وصل جي شب ۽ هجر جي ٻڌ گهٽائي ڇڏ ٻان،
جي گردش چرخ تـي ڪو هجي ها مون کي ٻـ اختيار ڏرو.

فـنـا جي ڪيئي 'خليل' جي دل تـ داغِ جگر ڇڏين ها ڪٿي،
عـدم ڏي وڃي ها ڪجهـ تـ ڪٿي هو ٻاڻ سان يادگار ڏرو.

قطعات

(۱)

بزمِ ساقي ۾ خطِ جام ۾ مئل ۾ ٻـ ڏنـ، صحنِ گلزار ۾ هر خار ۾ گل ۾ ٻـ ڏنـ؛
تنهنجي جلوي کان تـ ڪا شيءِ ٻـ لـ خالي ناهي، توکي ڏسڻي ۾ ڏنـ توکي تـ ڪُل ۾ ٻـ ڏنـ!

(۲)

گـرم رهـتـي تـي جنهن طـرح هـمـدم، گـل ٿـو ڪومـائـجـي، وري نـ ٽـڙي؛
تيئن ئي مـايـوس غـم جـي ڇهـري تـي، رنـگِ رخـسـار ڇـڏ ڪـٽـي ٿـو ڪـڙي؟

(۳)

ارادو آدمي جو محورِ اعمال ٿي آهي،
ارادي سان ٿا بدلائين اهلِ عزم تقدبرون؛
ارادي سان ٿي آهي هي لمودِ عالمِ هستي،
ارادو ٿي بنائي ٿو حياتِ نؤ جون تصويرون.

(۴)

مون گهربو ٿي ته ڪنارو ٿي ڪريان دنيا کان،
۽ تخيّل جي ٿي دنيا ۾ بنايان محفل؛
مان هجان، تنهنجي هجي ياد، ٻيو ڪو نه هجي،
ليڪن اي دوست! هي مشڪل هوگهٽوئي مشڪل.

رباعيات

(۱)

فاني ٿي آها شيءِ جا بقا سمجهين ٿو،
گهٽ چيز کي تون وڏ چو پلا سمجهين ٿو؛
ٿي بحرِ جهان ۾ عمر مانند حباب،
غافل تون زلدگيءِ کي چا سمجهين ٿو؟

(۲)

زيبا نه اٿي دوست، ڪڏهن ڪبر و خودي،
پاڪي جي به دعويٰ ته ڪري چا خاڪي؛
آهن جي عمل جنهن جا سڀ برتر آهي،
معيارِ شرافت نه ٿي عالي نسبي!

(۳)

فطرت جي آها لشولما آهه اڃا،
تجديد زوال و ارتقا آهه اڃا؛
انسان بدليو، جهانِ فاني بدليو،
ليڪن جو خدا هو سو خدا آهه اڃا!

(۴)

دنيا جو آهو رنگ اڪيون ڪو نه رهيو،
ايمان و يقين جو به سهارو نه رهيو؛
انسان ٿو اعتماد انسان تي رکي،
الله تي بندن جو وسيلو نه رهيو!

مثنويون

(۱)

بيان ڪجهه حسن جو ان جي سڀاڻان،
سين ڪي شڪل حيرت جي بنايان.
تعالىالله عجائب شڪلِ زيبا،
تميزِ عقل کان صدبار بالا.
مصفا منهن سندس نورعليٰ نور،
وڏا جلوا ٿي گويا شعلهٔ طور.
لڙيا ٿي عارضِ رعنا تي ڪاڪل،
پريشان دل هو جن کان صاف سنبل.
مسلسل ها سندس گيسو گرهه گير،
مُنجهايو عقل جو جن دامِ تدبير.
لزاڪت چا چوان ان مهلقا جي،
ويو حيرت کان گل جو وات ڦاٽي.
جي آئينه ڏسڻ جو ٿيو ٿي راهو،
ته دقت سان ٿي ان ۾ عڪس آيو.

مدور ان جا آبرو پُر لطافت، چوڻ گهُرجن سي محراب عبادت.
لڳاه تيز ان حورالمقا جي، نشاني صاف جڻ تير قضا جي.
قيامت ان جي اک جو هڪ اشارو، کسيو جنهن دين ۽ ايمان ٽي سارو.
پربل هو ناز جو اکين ۾ جادو، لڄائي جنهن سراسر چشمِ آهو.
دهانِ تنگ ان غنچ دهن جو، هو نڪرڻ سخت تر جنهن مان سخن جو.
نه هيئت دان کي هيئت ٽي معلوم، چيائين بس ته آهي شڪل موهوم.
ڪلهه ۾ ايئن ٽيا دندان نمودار، شفق ۾ چڪ اختر ٽيا ٽي نروار.
لبن ۾ ان جي پيدا آبِ حيوان، مٺن جي لاء بيشڪ مايهٔ جان.
لبِ پان خورده کي جي ٽئي تمنا، ته ان کي هو روا خونِ مسيحا.
عجب سيبِ ذقن ان دلستان جو، علاجِ ضعفِ قلبِ نيم جان جو.

(٢)

اچي ٽڪرِ پا پاڻ ۾ پٺي سپاهه، آئيو گرد جو هاڻ ابر سياهه.
ٽيو وار شمشير جو زور سان، ته نيزو هلايو ٽي ڪن شور سان.
ڪئي لوڪ برچي جي سينو ٽڪيو، ته ليزو مڙي ڪٽ سپر تي پيو.
وٽي وار سان ٽي ٻه ٽڪرا سپر، ڪيو تيغ ڪٽ ڏار سينو ڪمر.
ڪري تيغ جنهن جي مٿان مثل برق، سڙي سو ويو هاڻ ڪان تا ٻه فرق.
ويو تير سينني جي ڪٽ آرپار، ته شمشير سير ڪي ڪيو ڏڙ ڪان ڏار.
نهان آبِ خنجر ۾ هو ڪٽ اجل، ته ڪٽ هار سيني جي برچي جو ڦل.
قلم ڪٽ هئي ٻڻ سنان جي زبان، ته آئي نظر ڪٽ ٻه ٽڪرا ڪمان.
زرهه آئي ٽڪرا نظر پاڻ ڪٽ، مڏي ٽي وئي تيغ پي هاڻ ڪٽ.
سلامت نه هو سير نه ثابت سپر، لنگهي تيغ سير ڪان وئي تا ڪمر.
ڪيائين ڪئي دل کي چيري هلاڪ، ڪئي سيني سان گڏ جگر کي ٻه چاڪ.
نه هو جنگ ۾ هوش ڪنهن جو درست، فقط هرڪو مارڻ مرڻ ۾ هو چست.
جميا ٽي نه ڪنهن پهلوان جا قدم، اجل سيف کي ڏيکاري راهِ عدم.



رشيد احمد لاشاري «رشيد»

محترم 'رشيد' سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي دنيا ۾ ڪنهن به تعارف جو محتاج ناهي. 'رشيد' صاحب، بلوچ قبيلي جي مشهور شاخ 'لاشاري' مان پيدا ٿيو آهي، ۽ مشهور بهڪدار مير ڪهرام لاشاريءَ جي مامي مير حده لاشاري جي اولاد ۾ آهي. والد جو نالو زرڪ خان لاشاري آهي، جو فورٽ سنڊيمن بلوچستان ۾ ليويز پوليس جو دفعدار هو.

تاريخ ولادت: اسڪول جي داخلا موجب ۱۶-مئي ۱۹۲۲ع، پر صحيح تاريخ ۱۸-اپريل ۱۹۲۲ع، ڏينهن چنڇر.

جاءِ ولادت: ڳوٺ ملڪزار، تحصيل نصيرآباد، ضلع سبي.

تعليم: اوائلي تعليم اردو جي چار درجن پڙهڻ سان ٿي. والد جي وفات کان پوءِ، سندس مامي حمزه خان ۽ چاچي عبدالعزيز خان، تربيت جو بار ڪنيو.

سنڌي تعليم: سوپو خان اوڪاهي، تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾، ماستر عاربي خان اوڪاهي وٽ سنڌي پڙهيو ۽ ۱۹۳۶ع ۾ فائنل امتحان پاس ڪيائين.

بيعت ۽ سفر: ۱۹۳۷ع کان ۱۹۴۰ع تائين، حضرت سلطان باهو رحـ جي اولاد منجهان صاحبزاده فيض سلطان جي صحبت اختيار ڪيائين، ۽ تصوف ۽ طريقت جي اشغال ۽ اوراد ۾ مشغول رهيو. ان سلسلي ۾ پنجاب، بلوچستان ۽ افغانستان جو سير و سفر ڪيائين، ۽ ان دؤر ۾ ڪافي عرصو سلطان باهو جي دربار تي سڪونت اختيار ڪيائين.

عربي ۽ فارسي: ۱۹۴۱ع ۾ عربي ۽ فارسي پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، مولانا عبدالحڪيم (اشرف العلوم مدرسه شڪارپور)، مولانا حبيب الله ٻيڙهوي ۽ مولانا مهراڻ

فقيرمحمد كنڊ ڪوٽيءَ جهڙن شهرت يافته مدرسن ۾ عالمن وٽ، ان وقت جو مروّج فارسي لصاب ۽ عربي علوم ۾ ڪنز ۽ ڪافيه تائين تعليم حاصل ڪيائين.

ملازمت: تعليم ۽ صحبت جي دؤرڪان ٻوءِ، معاشي حالات کي سازگار بنائڻ جي سلسلي ۾، اول ۱۹۴۴ع ۾ پرائمري سکول ۾ ماستري قبول ڪيائين. هڪ ذهين ۽ تيز فهم آستاد جي حيثيت سان، کيس ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ تربيت ۽ مطالعه لاءِ چونڊيو ويو، جتان ۱۹۴۸ع ۾ نهايت ڪاميابيءَ سان ٻيئي سال پاس ڪيائين.

طبيعت ۽ مزاج جي جذباتي ڪيفيت کيس ناسازگار ماحول ۾، ڪڏهن به سڪ سان رهڻ نه ڏنو. زماني جي ستم ظريفيءَ ۽ چرخ ڪج رفتار جي اثر کيس سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جو سير ڪرايو، ۽ اني ماستر ٿي وقت گذاريندو رهيو. جيئن ڳڙهي خيرو جمالي، مدرسه نورالاسلام روهڙي، مدرسه دارالهدي ٽيڙهي، پرائمري سکول کهڙا، فيض هاءِ اسکول ڪمبٽ، پرئڪٽسنگ اسکول ٽريننگ ڪاليج خيرپور ميرس ۽ پرائمري اسکول آسنمل. ٽي. اوجها ڪراچي.

اپريل ۱۹۴۹ع ۾ علامه مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي جي عنايت سان، کيس حيدرآباد ضلعي لاءِ اٽيناري اردو ٽيچر ڪري مقرر ڪيو ويو. جتان اضافي ۽ ترقيءَ سان، ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو.

تعليمي ماحول ۾ رهندي، جلدي پنجاب يونيورسٽيءَ مان ادیب فاضل (اردو) پاس ڪيائين، ۽ ۱۹۵۳ع ۾ اورنٽيئل ڪاليج حيدرآباد مان ادیب عالم، ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ميٽرڪ پاس ڪري، اورنٽيئل ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌي ليڪچرار ٿيو. ان ٽي دور ۾، سنڌي ادبي بورڊ ياران سنڌي ادب جي مشهور محقق ۽ عالم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي نگراني هيٺ تيار ٿيندڙ لغت ۾، واصف مرحوم سان گڏ، ريسرچ اسسٽنٽ رهي ٿيو.

۱۹۵۶ع ۾، حيدرآباد جي ناسازگار ماحول کي الوداع ڪري، ڪراچيءَ جو سفر اختيار ڪيائين، ۽ هميشه لاءِ ڪراچيءَ ۾ سکونت پذير ٿيو؛ جتي اڄ تائين علمي ۽ تعليمي ڪم ڪار ۾ مصروف آهي.

ڪراچيءَ ۾، علمي ۽ ادبي خدمتن سان گڏ، فلمن جي آڪائين، مڪالمن ۽ گيتن لکڻ سان آغاز ڪيائين، ۽ گهڻو ڪري سيني سنڌي فلمن لاءِ ڪم ڪيائين. مثلا: عمر مارئي، نئين ڪرن، پرديسي، سسئي پنهون ۾ قابل قدر ڪم ڪيائين. ان طرح هماري زبان (اردو) ۾ به حصو ورتائين. اهي سڀ فلمون ڪامياب رهيون؛ پر افسوس اهو آهي ته اتي به هن فنڪار کي ناسازگار ماحول جو مقابلو ڪرڻو پيو ۽ معاوضي جي ڪميءَ ٻيڻي جو شڪار ٿي، آخر دل برداشته ٿي ٻيو.

ان ٽي دور ۾، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ اسڪرپٽ رائٽر مقرر ٿي آيو. هت به سندس فن ۽ پيشڪش کي پسنديءَ جي نظر سان ڏنو ويو، تاهم دائمي تڪاءَ لاءِ وري به کيس ناسازگار ماحول جو مقابلو ڪرڻو پيو.

آخر زماني جي گردش ۾ ستم ظريفيءَ جي پڄاڻي ٿي، ۾ ۱۹۵۸ع ۾ 'سنڌي ادبي بورڊ' ڪراچيءَ ۾ ملازمت ڪيائين، ۽ ان ڪن انتظامي مسئلن جي بنياد تي، ڊسمبر ۱۹۵۹ع ۾، ڪيس استعفا ڏيڻي پيئي. ليڪ اپريل ۱۹۶۰ع کان اداره 'نئين زندگي' ڪراچيءَ ۾ شموليت اختيار ڪيائين. هر اتي به فقط به سال ڪم ڪري، ڪن ذاتي اختلافن ۽ رنجشن جي سببان، ۳- ڊسمبر ۱۹۶۲ع تي عليحدو ٿي وبو. هن وقت، هارون ڪاليج (ڪڈه) ڪراچيءَ ۾، سنڌيءَ جو استاد آهي.

'رشيد' جي ساري زندگي ناسازگار حالات ۽ ڪشمڪش ۾ رهي آهي. ان ڪري، سندس دورِحيات، اختلافن ۽ دشمنين جو آماجگاه رهيو آئيو. طبع جي تيزيءَ ۽ جذباتيءَ هجڻ جي ڪري، ڪيئي 'اختلافي معرڪا' اهڙا پيدا ٿيا، جن ۾ 'رشيد' سڀ کان پيش پيش رهيو؛ بهرحال، 'رشيد' هڪ قابل قدر علمي ۽ فني ڪردار آهي، جو هميشه حوصلي سان، زمالي سان منهن ڏيندو آيو آهي.

'رشيد' سنڌي، اردو، سرائڪي، ملتاني، پنجابي، بلوچي، پشتو، فارسي، عربي ۽ انگريزي زبانون ڄاڻي ٿو. سندس علمي ۽ ادبي، سنڌي ۽ اردو ڪتاب ۳۰ شايع ٿيل آهن.

'رشيد' هن دور جو باڪمال ۽ قادرالڪلام شاعر آهي. سندس طبع جي رنگيني ۽ جولاني، شاعريءَ جي هر صنف تي، في البديه ۽ ارتجالاً لکڻ تي قادر آهي. 'رشيد' غزل، نظم، ڪافي، گيت، قومي نظم، تصوف ۽ اخلاق جي هر سنگلاخ زمين تي سوين اشعار لکي سگهي ٿو. ان طرح 'هجويه ڪلام' ۾ ڪنايةً ۽ اشارةً لکڻ ۾ ماهر آهي. 'رشيد' هڪ پرجوش ۽ جذبات جو صاحب اهل قلم آهي، ان ڪري سندس هر تحرير جذبات انگيز ۽ پرجوش آهي.

شاعريءَ جي فن ۾، الفاظ ۽ محاورات جي صحت ۽ برجستگي ۽ عروض جي پابندي، سندس فن جون مکيه خصوصيتون آهن. سندس شعر ايترو ته ڪهڙو آهي، جو اگر شايع ڪيو وڃي ته هوءَ ان جا ٻه-چار جلد ٿي سگهن ٿا. سندس استادانه فيوضات مان ڪيئي نوآموز شاعر مستفيد ٿي چڪا آهن، جن جو علمي ۽ فني مقام ئي تحسين جي قابل آهي. —ادارو

بيت

(۱)

هنيون جي هيراڪ، ته حرف نه اچي حُبّ تي،
پيار ازل کان پاڪ، ته نينهن نئين کان نه ٿئون.

(۲)

وسيلا ناڪام، پيار ۾ آهن پڪيڙا،
ڪوهي ڪنب اڏام، آکيرا اڏ عرش تي.

(۳)

ازل جا آواز، دمدم ٿا دل ۾ آڻن،
ويڙهيل ناهن وقت سان، اهي روحاني راز،
ٻاپل سڪ جا ساز، وجن ٿا وجود ۾.

(۴۰)

منهنجو من مهراڻ جيان، نت آڻي هوڏان هوڏ،
موتي گهر موتي ڏيان، جي ڪوڏ گهرين، ٿو ڪوڏ،
جهڙي جن جي لوڏ، تهڙو هلان تن سان.

(٥)

اڪيلو الله، ماڻهون مڙيئي ميڙ ۾،
وحدت منجهان ڪثرت ٿي، هر ڪير ٿئي آڪاهه،
آهيان ۽ ناهيان سندي، ڇا سڏڻ ڪي ساڃاهه،
رندن جي هيءَ راهه، ٻاڻ سڃاڻ پاڻهنجو.

(٦)

جڏن پٽر تي ليکو، تڏن پهريون پيار هرين جو،
جو توڙڻون ٽانيکو، سو پڪي ڪين پٽن ۾.

(٧)

نوڙت، نينهن، نياز، سدا سونهن سڪ ڪي،
صوفي ڏيندا صلح جو، سوريءَ تي آواز،
هر سڪڏيءَ سان ساز، رهندي لات لطيف جي.

دوها

ويڇي سان سڪ وڏي ٿي، ويٺر ڳوليان ڪهڙو هنڌ؟
تنهنجي منهنجي عشق جي منزل، جڏ واريءَ جو ٻنڌ.
بين وڃائي، مست بنائي، سڃڻ وئين تون سالڪ،
جوڳي بنجي، ڳلي ڳلي ۾، توئي نچايا نانگ.
مُک سان مهڻا ڏيندڙ! تنهنجو سن ڏو ڏسجي مين،
ٻاڻ ۾ پرتل آهن پيارا، تنهنجا منهنجا نين.
سڃڻ سفر جو ساڻ ڇڏي ڏي، جاڻ پٽي برسات،
ڏينهن جون سپ ڏاڍايون ويندين، ريجهي ايندي رات.
سهڻا! سير اوهان کي سونهي، چمن اوهان کي راس،
اسين هوا جو جهوکو بنجي، وڻ گهرون ٿا واس.
اکيون اکين سان انکي ويٺون، کانهين جاڻ سڃاڻ،
غم جي چانوَ ۾ وات- مسافر، اڄ مانجهاندو ماڻ.
مڙين مڙين ڳالهين سان ڪيئن پرچن زهر پياڪ،
قدم قدم تي ڪڙي پيئڻ جا اسين اڳي هيراڪ!
شيشي ۾ اڄ سڃڻ نهاريو، محب پکيڙيو مند،
اولهه کان سج ايري آيو، ۽ اوير کان چند!

سورٺ

سڏڻ کي ساقي ڪهي، پيئندس ٻاڻ شراب،
رڳ رڳ ٻٽي رباب، ناهي سڪ سرساز جي.

ليٽن نار ڪٽان ٽٻن، ڪيٽن ٽو سڏجين چنبڙ،
مالڊي وارو منبڙ، پريتن ۾ پکيڙيو تو مٽان.

مان جو رُلان راتڙيون، پريتن ۾ پاڻ پاڻ،
چنبڙ! اها چالڊاڻ، ناهِ سهارو ماڻ جو.

دردن جي درياءَ ۾، سيٽ سڪ جو ساڻ،
جن کي چِت ۾ چاهه، سي لهن سارَ سموند جي.
دل کي سڀ دل جي خبر، هيڙي هر بن حبيب،
آءٌ ڪيٽن چوان عجيب، ڪر کي ڳالهيون ڳجهه جون.
ڏک ڏيندڙ ڏک جا ڏِيار، اهي نماڻا نيٽ،
مَن کي ڪنِ ٽا ميڙ، لنئوَ لنئوَ ۾ لاڻون ڪري.
راتيان ڏينهان وسٽار، اهي هر هر سندا بادل،
تين کي ڪهڙي جهَل، جيڪي پاڻا پيار جا.
ويٺو آهه وجود ۾، هو صبح سويرو،
اکيون آکيرو، آڏرڻ آهه آجل سان.
اوڏو ٽي نه عجيب کي، اوچي ڪر نه آس،
ورهه پريا وسواس، برَ ۾ بهاريون ڪندا.
هيڙي چڏ پيار جو، گهايل دل گهاڻو،
نينهن لجو ناڻو سُک ٽو وڃي، ڏک سان.

ڪافيون

*

آهي سيڪا شئي ناهود،
حق موجود، سدا موجود!

ڪثرت ڪانهي، وحدت آهي،
ناهي فاني اصل وجود... حق موجود.
ڪول اکيون ڏس پنهنجو تماشو،
جيڪو شاهد سو مشهود... حق موجود.

اول، آخر، ظاهر، باطن،
هر جا تنهنجو آهه ورود... حق موجود.
سچل سارو سچ فرمايو،
حق حق ڏاران سڀ ٻيسود... حق موجود.
حق سان ٿي وچ، حق 'لاشاري'،
'حق' جي ڳالهه نه ڪر محدود... حق موجود.

*

سچل سارو سچ فرمايو ... هو هاڻ سڃاڻ آيو ڙي!
مخفيءَ کي اظهار بنائي، رمز رچائڻ آيو ڙي- هو هاڻ سڃاڻ آيو ڙي.
سڪ جي سڪوت کي ساز بنائي، شور مچائڻ آيو ڙي- هو هاڻ سڃاڻ آيو ڙي.
ٻاڻ الست جو آڻا ٻنجي، عشق ڪمائڻ آيو ڙي- هو هاڻ سڃاڻ آيو ڙي.
ٻنهنجي صورت خوب سنواري، حُسن هُلائڻ آيو ڙي- هو هاڻ سڃاڻ آيو ڙي.
رمزن سان 'رشيد' کي جڳ ۾، ناچ نچائڻ آيو ڙي- هو هاڻ سڃاڻ آيو ڙي.

*

جيءَ سان ويڻا جهيڙيون يار: سينيءَ سوز سڃڻ جو سماهو.
دل درياءَ ۾ ترندڙيون آيون، يار جي ٻاجهه جون ٻيڙيون يارا!... سيني...
دل جي دولت، عشق ٻنهل جو، مايا مال نه ميڙيون يارا!... سيني...
ڪو نه ٿو سمجهي، دل جون ڳالهيون، اهڙيون عشق اويڙيون يارا!... سيني...
سهڻي سڃڻ جا سانگي آهيون، ڏوڙ جا ڏڻ ڪيڻ ڇيڙيون يارا!... سيني...
ويل نه اهڙي 'رشيد' وڃايون، سڪ نه سڃڻ جي سهڙيون يارا!... سيني...

*

يار سڃڻ سان ڪجهڙيون ڳالهيون، سيني سوز سمايان ٿي.
هرٿون ٻاند ڳچيءَ ۾ ٻائي،- ٻيمارل کي هرڇايان ٿي.....
دلبر جي در ديرو لائي،- نانگو نينهن نچايان ٿي.....
دل جا دلبر دوست دلارا،- تنهنجا سوَ ڪَٽ ڳايان ٿي.....
يار جي در جي چانڊ چمندي،- خاڪ لڳن کي لايان ٿي.....
ساري جڳ ڪان اڪڙيون ٻوٽي،- توڙي ٿي واجهايان ٿي.....
دل ۾ دلبر جاڻي تنهنجي،- سڀڻون سيج وڇايان ٿي.....
روز ازل ڪان اي 'لاشاري'،- پيار جا ٻنڌ ٻڌايان ٿي.....

وايون

(۱)

رنگي، جو اهو رنگ لا،
منهنجي شوق جي شهر ۾.

عاشق! عقل ۽ عشق جي... پڙلو! جاري آهي جنگ... لا،
منهنجي شوق جي شهر ۾.

عشق جو جذبو، روز ازل کان... الا، مست و مست ملنگ... لا،
منهنجي شوق جي شهر ۾.

برهه جو باشو، سرَ مٿان... پڙلو! ورهه جو دل کي ولگ... لا،
منهنجي شوق جي شهر ۾.

کين ميٽائڻ سان ميٽي... الا، عشق جو ازلي انگ... لا،
منهنجي شوق جي شهر ۾.

دلبر دل ۾ 'رشيد' جي الا، آيو ٿا اصل آهنگ... لا،
منهنجي شوق جي شهر ۾.

(۲)

ساجن آهي ساڻ ووا منهنجي ساهه پساهه ۾.

ساڻي سيکنهن سير ۾... پڙلو، آهي پيارل پاڻ ووا منهنجي ساهه پساهه ۾.
دلبر دل ۾ درد کان الا، ورهه جو آهه وٽاڻ ووا منهنجي ساهه پساهه ۾.
ساجن جي سڪ دل کي ڏنو... ميان، مخفي مار جو ماڻ ووا منهنجي ساهه پساهه ۾.
عشق سڄڻ جو اکين ۾ الا، پريو نينهن نياڻ ووا منهنجي ساهه پساهه ۾.
تنهنجي 'رشيد' کي عشق جو... پڙلو، آهه ازل کان جاڻ ووا منهنجي ساهه پساهه ۾.

غزل

●

نمونا رهڻ ٿا، نيارا اسان جا،
پيلا ڪير سمجهي، اشارا اسان جا.

بڻيل بخت ٻنهنجو، پيلا چو نه ٻگڙي، ڇڄي ڪن ٿا ٻاسو، پيلارا اسان جا.
مري وڃجو ٿيندا پراڻا هڏا ٻر، نوان هولدا هردم نظارا اسان جا.

كٹي دل جون آهون، اڏي عرش وڃيو، سلامي ٽي رهندا ستارا اسان جا.
طريقا اسان جا ازل کان ٺي ٻگڙيل، کنڊو کير هاڻي سڌارا اسان جا.
زمانو اسان کي سڃاڻي نه سگهندو، ٻڌ کان ٻري سڀ ٻسارا اسان جا.
بنايون ٿا جڳ ۾ ملامت جون ماڙيون، اڏيا عرش تي دل منارا اسان جا.
رئڻ ۽ ٻيڻ ڪنهن نه سمجهو اسان جو، ٽيا حال توڙي هڇارا اسان جا.
جڏهن مهر وارن ڪٽي منهن مٽايو، ويا خٽم ٽي سڀ سهارا اسان جا.
جي توکان وياسين ته جڙ زندگي وئي، ڪٽي ڪين ٽيندا گذارا اسان جا.
اسين ڪين هونداسين پيارن جي آڏو، تڏهن گيت لڳندا هي پيارا اسان جا.

'رشيد' آهه هاڻي، هڏل ٻنهنجو ٻيڙو،
لڙهي ويا ڪُنن ۾، ڪنارا اسان جا.

●

عشق کي اختيار ڇو نه ڪجي، آسبب ڪهڙو، دوستو نه ڪجي.
حسن فاني، کي جي بقا گهرجي، سلسلو عشق جو ڏَرو نه ڪجي.
ڳيڙ ڳوڙهي ڏجي ٽي ريشم کي، عشق پختو ڪجي، جڏو نه ڪجي.
درد ٻنهنجو ٽو، ٻنهنجوئي ڄاڻي، دوست! دلبر کو اوهرو نه ڪجي.
عشق ناهي ته آهه جڳ ۾ جمود، جڳ ۾ طوفان ڇو ڪڙو نه ڪجي.
پل ڪري دل کي هجر سؤ ٽڪرا، تيز خنجر ڪڍهن مڏو نه ڪجي.
دل جي لُٽجڻ جو آهه، خوف اگر، دوست! دلبر کي دادلو نه ڪجي.
جي هي دنيا نه آهه عيش جي جاءِ، جڳ ۾ ٻيدا کو ڇهڙو نه ڪجي.
جيڪڏهن زندگي نٽي گهرجي، سرفروشيءَ جو حوصلو نه ڪجي.
شمع وانگر ٻري وسامي ٽي، زندگيءَ تي کو پروسو نه ڪجي.
ساڻ ڪجي کو قافلي سالار، اِئن روانو هي قافلو نه ڪجي.

آهه تنهنجو ٻلو، انهيءَ ۾ 'رشيد'،
ڪنهن جي حق ۾ ڪڍهن بُرو نه ڪجي.

●

تباهيءَ ۾ نه ڇو ڳوليون، حياتِ جاودان ٻنهنجي،
خزان' ۾ ٽي نهان' آهي، بهارِ بيخزان' ٻنهنجي.
بهار آيو نه آيو، ڇا ٽيو، گلشن ٽڙيو يا نه؟
قفس ۾ ختم ٽيندي هاڻي عمرِ رائگان ٻنهنجي.


دماغ و دل جو خونُ ڏيئي، ڪير آباد صد گلشن،
بهار آندر بياباڻُ ۾، تہ دشمن ٿي خزان ٻنهنجي.

ستائي ٿو زمين جو ذرّو ذرّو آسمان بنجي،
وڃي هن حال ۾ ڪاڏي هي جانِ ناتوانُ ٻنهنجي.

خموشي چشمِ حسرت سان، نهاريو چشمِ گردونُ ڏي،
ٻڌايو ٻنهنجو انسالو، نگاهِ بي زبانُ ٻنهنجي.

ڪڏهن انشا نہ ٿيندو حال، ٻنهنجي غنچهٔ دل جو،
صبا آهستہ آهستہ ٿئي ٿي رازدانُ ٻنهنجي.

هئي اميد ڪنهن کي ماڻ ٿي ويندو، 'رشيد' آخر،
رکي ٿو ڪين شايد وات ۾ هاڻي زبانُ ٻنهنجي.





«فيض» بخشاپوري

محترم فيض بخشاپوري، 'تغزل' جي اعليٰ معيار کي سنڌي شاعريءَ ۾ قائم رکي، وڏو مقام پيدا ڪيو آهي. سندس 'غزل' سريت ۽ اشاريت جي سڀني معنوي قدرن جو حامل آهي؛ زبان لذيذ، انداز بيان شيرين ۽ جاذب، شوخي ۽ برجستگي، بيساختگي ۽ روانيءَ سندس ڪلام جي خصوصيات ۾ شمار ڪري سگهون ٿا. 'شعلهء عشق' ۽ 'خمخانهء فيض' سندس سنڌي ۽ اردو ڪلام جا چڱيل مجموعا آهن، جي مطالعي جي قابل آهن.

فيض جي سوانح حيات، نه مرتب ۽ مدوّن ملي ۽ نه روايت ۽ بيان جي ذريعي دستياب ٿي سگهي ـ مجبوراً، سندن خود نوشت حيات تي اکتفا ڪجي ٿي. ـــ ادارو

'فيض' گوهر فشان آهي:

بنده و ناچيز و ناکاره و هيچمدان جي اجدائي رهائشگاهه بخشاپور ۾ آهي، جتي تاهنوز هود و باش رکندڙ آهي. فقير و حقير، بلوچ قوم مان دومبڪي قبيلي جو هڪ فرد آهي. اصل نالو فيض الله خان، والد بزرگوار جو اسم گرامي مصري خان آهي. دردمند ڪي ملڪه شاعري، تسام ازل کان وديعت آهي. تنهن جو هي نتيجو نڪتو آهي، جو سن طفلي دوران تربيت ۾ ٿوري گهڻي شاعري بمقتضاء طبع ڪندو رهندو هوس، جو والد بزرگوار جن مانع شاعري هوندا هٿا. چوندا هٿا: "في الحال تون تعليم حاصل ڪر!" تنهنڪري ڪجهه وقت شاعري ترڪ ڪئي وئي. سنڌي تعليم بخشاپور اسڪول ۾ حاصل ڪرڻ کان پوءِ، تعليم کي به ترڪ ڪيو ويو. ۽ ڪجهه وقت شغل زميندارياڻي اختيار ڪيو ويو. عرصه چار-پنج سال، بعد پنهنجي قومي سردار مير تاج محمد خان دومبڪي بلوچ (مرحوم)، جا هڪ عالم، فاضل ۽ سخن شناس شخصيت هئي، تنهن جي صحبت اختيار ڪئي وئي. سردار صاحب جي خدمت ۾ رهڻ سان،

اردو ڪتابن جي مطالع جو خاص شغل اختيار ڪيو ويو. استعداد خداداد مطابق وري شاعري ۾ شروع ڪئي وئي، جو وقت بوقت ڪجھ نہ ڪجھ قلمبند ڪيو ويندو ھو. فقير جي فن-شاعريءَ جو استاد، بجز، استادِ ازل ٻيو ڪوئي ناھي. ھي سڀ ڪرشمو، عنايت ڪرشمہ ساز ۽ ڪمالِ مشق دردمند آھي. صحافي زندگيءَ متعلق، 'فيض' ھن طرح رقمطراز آھي:

۱۹۵۶ع ۾ اخبار 'مساوات' جيڪب آباد مان جاري ڪئي ويئي، جا تاھنوز جاري آھي. اخبار جاري ڪرڻ جو مقصود خاص محض خدمت خلق ھو، ورنہ ھي ڪارگران ڪرڻ، مقدور، بيمقدور ڪان سرتا سربعيد ھو!

چند احباب حضرات جي مخلصانہ مشورن تي عمل ڪيرا ڪي ويس، جو ھنن جي سوال مطابق خدمت خلق انھيءَ ڪان مٽي نٽي ڪي سگھي، تنھنڪري اھو پيشو اختيار ڪيو ويو ۽ 'قافلہ' مساوات کي ب تن تنھا، منزل جي طرف روانو ڪري راھي ٿيس! ھزار ھار سياسي شعبده بازن، بازيگرن، لٽيرن ۽ طرارن جي زد ۾ ھر طور ايندو رھيس. ھڪ طرف سياسي حريفن جا حملا ۽ ٻئي طرف ادبي عداوت رکندڙ ظلم فرمائن سان، ھر وقت ۽ ھر لحظہ، معرڪ آرائي ٿيندي رھي. مگر ب عنايت الاھي، بنده کي بنده جي حوصلہ ھمالہ نما ۽ عزم جوان، ھر مشڪلات و مصائب ۾ ساٿ ڏنو. ايمان جي مضبوطيءَ لاءِ آفتابِ آسمان زمينِ سخنوري حضرت غالب جو ھڪ شعر دھرائيندو رھندو ھوس!

بيگانگيءَ خلق سے بيدل نہ ھو غالب،
گر کوئي نہين اپنا، مري جان! خدا ھے.

ھن وقت ادبي ۽ سياسي مخالفت جي اظھار مخالفت ڪرڻ مقصود ناھي، جو ذڪر ڪيو وڃي. مگر ايترو ضرور خامہ بنده بيان ڪندو، جو ادبي مخالفت کا ڪنر نہ ڇڏي. ڪجھ وقت تہ منھنجي لاءِ محشر مچي ويو ھو. ھر طرف شور مخالفت ھو ۽ حالات ان حد تائين ھٿا جو ردبد چوڻ، تھمت تراشيون ڪرڻ، ذڪر ڪيل طبقي جو خاص پيشو ٿي ڇڪو ھو. مگر فقير ھنن جي ڪارڪردگي ۽ بيراہ روي ۽ روش ناروائي ڪان نہ مايوس ٿيو، ۽ نہ متاثر! دل ٿي دل ۾ انھن جي ڪارڪردگيءَ تي خنده زن رھيو!

مجموعہ ڪلام لاءِ فيض فرمائي ٿو:

۱۹۵۸ع ۾ منھنجو مجموعہ ڪلام "شعلہ عشق" جي نالي سان ڇپجي منظر عام تي آيو، جو التھائي مقبول عام ٿيو. تعصب رکندڙن ڪان سواءِ، ھر اھل شعور و ارباب دانش و انصاف پسند آدمين ڏاڍي قدرداني ڪئي.

عمر جو حساب ڪتاب ھن طرح ڪيو ويو آھي:

ھن وقت منھنجي عمر ۴۲-۴۳ سال ٿيندي! سال انھيءَ لاءِ ياد نہ ھوندا آھن، جو سال سال ڪان زياده آھي. ٻيو وجه ھي آھي جو خسته حال، علم حساب ڪان سراسر لاعلم آھي،

انهي لاءِ داور محشر کي ٻي پيشتر گذارش ڪئي وئي آهي، تہ هن بنده بيعمل سان حساب نہ ڪر! ڇالاءِ جو هن جو ڪجهہ ڪيو آهي، سو بيحساب آهي.

يا رب نہ آهہ منهنجي گناهن جو ڪو حساب،
ڪر بيحساب اڄ ۽ ڇڏي ڏي حساب ڪي!

غزل

●

خانءِ دل ۾ لامڪان آهي،
عرش تي منهنجو آشيان آهي.

ڇو اچان سان فريب هستي ۾، رنگ و بو جو، جو هي جهان آهي.
سفلسي، وجهہ بيڪسي يا رب! ڪوئي مهمان نہ ميزبان آهي.
ڪافرِ عشق آ بتِ ڪافر، جو سامان تي بدگمان آهي.
هاءِ! بي مهري ۽ هوس-پيشہ، بوالهوس تي هو مهربان آهي.
خون ڏسي، مدعيءِ جو مقتل ۾، جوءِ خون، چشمہ ڪان روان آهي.
عشق ڪافر ۾ جان بلب آهيان، يعني، دوزخ ۾ مسلمان آهي.
ڇا بگاڙيان ٿو، خلق جو يا رب! ڇو پلا هو، حريفِ جان آهي.
رازِ دل گر ڏيان ڏيان ڪنهن کي، ڪوئي همدم نہ رازدان آهي.
خاڪ منهنجيءِ کان هج جو هڇو ٿي! ذره ذره ۾ هڪ زبان آهي.
آ جهان ۾ نہ ڪو نشان باقي، هر زمان هي لشان، نشان آهي.
سوسنِ گل ۾ ٿو پيان ساقي، خونِ دل جامِ ارغوان آهي.
ڪير توکان ڪري ٿو سر پيارو، امتحان تي ڇو امتحان آهي.
بيڪفن لاش 'فيض' جو هائي! ڪوئي ڪانڌي نہ نوحہ خوان آهي.

●

پرخم نہ صنم! زلف گره گير هجي ها!
هي مست نہ پابستءِ زنجير هجي ها!

تڙپي ها، شبِ هجر ۾ مون وانگي ستم گر، جو آه بي تاثير ۾ تاثير هجي ها!
صيد افگني جو شور، مچي ها له جهان، فتراک ۾ صيّاد نہ نخچير هجي ها!
ها دستِ محبّت سان اگر دوست پياري، هو زهر ب مون لاءِ شهد-شير هجي ها.
هرگز نہ هجي چاڪ ها دامانِ محبّت، اي ڪاش! ڪوئي سوزنِ تدبير هجي ها.

پيري نه رهي تنهنجي ها اي پير سلامت، گر جلوهٔ گل رهت هو بتِ بي پير هجي ها.
هر نقش هجي ها نه اگر نقشِ حقيقت، تصوير ۾ در پرده نه تصوير هجي ها.
فرهاد جي درياءِ محبّت، ها ڏسين گر، شيرين! نه تمنّائے جوئي شير هجي ها.
بيخواب رهي، چشمِ سيه مست نه هرگز، قربنسي ۾ اگر، نالهٔ شب گير هجي ها.
خونريزيءِ عالم جو هجي خوب تماشو، گر دست ۾ هن شوخ جي شمشير هجي ها.
تڙپي ها ڏين دادِ غزل، تنهنجو غزلخوان، غالب هجي ها سزم ۾، يا مير هجي ها.
هڪ رات ملاقات ڪري ها، بتغافل، هي خواب نه شرمنده تعبير هجي ها.
دل شاد ڪري ترڪ ها، جو طرزِ تغافل، چو 'فيض' ستم ديده و دلگير هجي ها!

●

عشوه و غمزه و ادا نه ڪري،
دل قري ڪين جو دغا نه ڪري.

پهل ڏي تن کان سر جدا دلبر، توکي مون کان جدا خدا نه ڪري.
تاب جولان نه آهن تڙپان ڏو، زلف-زنجير سمتر ها نه ڪري.
چو ڏيان مان ڪيي نه ڪانگن ڪي، دل ڪي منظور دلربا نه ڪري.
قيد الفت کان ڏي وجان آزاد، ڪوئي مون کي اها دُعا نه ڪري.
حشر ۾ تڙپندي، چيو قاتل! خوف آ طلبِ خون بها نه ڪري.
هي ثبوتِ شڪست آ همدم، مدّعي چا ڪري، گلا نه ڪري.
چا ڪيو هن سلوڪ موسيٰ سان، خضر کي ڪوئي رهنما نه ڪري.
درد و غم آ متاعِ عشقِ صنم، منهنجي دل جي ڪوئي دوا نه ڪري.
چو رهان ناتوان و افسرده، هي جو مون تي ستم روا نه ڪري.
باز آيو نه دشمنيءِ کان عدو، شل خدا ڪنهن کي ايڪا نه ڪري.
آزمائش نه ڪر، نه ڏي رسوا، ڪير آهي، جو سر فدا نه ڪري.
خوف آهي، بهارِ جوشِ جنون، ذوقِ صحرا خجسة پا نه ڪري.
ناتوانيءِ شباب تي آهي، درد منّت ڪشِ دوا نه ڪري.
'فيض' آشفته سر کي سمجهايو، مون کي بدنام جابجا نه ڪري.

●

سروِ ها دست و بازو، دل جگر بند،
ڪمندِ زلف ۾ آ بند، هر بند.
ڏيم قيدِ خيالِ گل کان آزاد، ڪيا صياد جڏهين، بال و پر بند.
صبا! پيغام ڏي سروِ روان کي، ٻيو صحرا ۾ آشفته سر بند.

قيامت آ ڪيو، محشرِ تغافل،
خط و خال و سلام و نامه برابند.

نہ باز آيو تجاهل پيشگيءَ کان،
نہ تا محشر ڪيو مون شور و شر بند.

ڏسُم جو 'فيض' جو ديوان ڪوليو،
ڪٿيو گويا هو شهرِ شعرِ تر، بند.

ڪلي ويو همنشين، رازِ محبّت،
ڪٿي نامو جو آيو، نامه بر بند.

جهان بيني، ڪيان اهلِ جهان' چا،
لڳهه آهي، نگاهن ۾، نظر بند.

جمالِ خود ڪيو هن کي مقيّد،
ٿيو آئيني ۾، آئينه گر، بند.

ڏئين ٿو، هاڻ اذنِ ره نوردي،
ڪري جاده و ڪوچه، ره گذر بند.

روان دل ۾ ٿيو درياء چاهت،
نہ ٿي هرگز، رٽ کان چشمِ تر بند.

نهان' هر شعر ۾ آ ملاڪِ معنيٰ،
ڪير ڪوڙي ۾ درياء هنر، بند.

ڪندو جوشِ جنون سَر چوڙ يا، دَر،
پيو دربان ڪر، دلبر جو در، بند.

هنيم جو مهرِ خاموشي لبن تي،
صدف ۾ ٿي ويا گويا ڪُهَر بند.

برنگِ قيس هُو صحرا نشين آ،
ٻيو آ "فيض" ديواني جو گهَر، بند.

●

چادرِ مهرِ نقابِ رخِ تابان آهي،
شعلهء حسن، تہِ پرده، فروزان آهي.

راحتِ خلد کان، خوشتر آ گهڻو وصلِ صنم،
سخت دوزخ کان، عذابِ شبِ هجران آهي.

وحشتِ جوشِ جنون، آبلہ پائيءَ جو ثبوت،
خونِ آلوده، سرِ خار مغيلان آهي.

پنجهء ذوقِ زليخا جي خطا جي بدلي،
يوسفِ چاکِ گريبان، تہِ زندان آهي.

بخت کي بخت ڪيو، عيش و طرب کان محروم،
رنج و غم، سوز و الم، زيست جو سامان آهي.

مُڙده باد بهاري آ صداي زنجير،
ساڻ، عيشِ جنون، حلقهء جولان آهي.

موجِ طوفانِ محبّت کان دمِ ابرِ بهار،
غيرتِ بحرِ روان، ديده گريان آهي.

١٩٦٩/٣-٢-١ع

ذرهٔ دل ۾ نهان، وحشتِ صحرا هندم!
قطرهٔ اشڪ ۾ طوفان جو اسڪان آهي.

مستِ خسته ڪي بهاري ۾ نه ڪر بند نه ڪر!
تابِ زنجير نه اي ڪاڪلِ پيچان آهي.

چشمِ بد دور، رقيبن جي آهي رخ تي نظر،
اي پري چهره! خدا تنهنجو نگهبان آهي.

لذتِ خاڪ نشينيِ در دوست نه پڇ!
بهرِ افلاڪ زده، تختِ سليمان آهي.

بنده عشق ٿو ڪعبه ڪي صنمخانه چوي!
ڪير ڪافر ٿو چوي، 'فيض' مسلمان آهي!

●

ڪمالِ ظلمِ سان، بيدادگر، ڪمال ڪيو،
پڇو نه حال زماني جو، منهنجو حال ڪيو.

جنونِ دشت نوردي، نه هوشِ سيرِ چمن، زوال حال سون ڪي، عشقِ لازوال ڪيو.
نه ذوق باده پرستي، نه حرصِ عيش وطرب، غمِ حبيب هو، منّت ڪشِ ڪلال ڪيو.
ڪيو تصوّرِ جانان، تہ ياد آيو عدو، خيالِ خلد، تہِ دوزخِ ملال ڪيو.
رهي نه خواهشِ صد رنگيِ بهشتِ برين، جڏهن نظارهٔ نيرنگيءِ جمال ڪيو.
پناهِ آتشِ دوزخ گهري هر روز جزا، روان جو ديده تر، اشڪِ انفعال ڪيو.
اگرچہ حال پريشان، ڪان آشنا هو جهان، ڪڏهن نه خسته جگر جو هو ڪنهن خيال ڪيو.
رهيو نه هوش جو بي پرده، پرده پوش ٿيو، ڪليم! خاڪ تو! نظارهٔ جمال ڪيو.
فريب وعده نئين سر نه ڏي، اي وعده شڪن، هزار بار هو تو وعدهٔ وصال ڪيو.
چيم جو بزمِ سخن ۾، سو لاجواب چيو، نه ڪنهن جواب ڏنو هو، نه ڪنهن سوال ڪيو.
بمثلِ غالب و حافظ، بطرزِ شعر و سخن، مقامِ دهر ۾ پيدا مون بيمثال ڪيو.
دماغ تنهنجو ٿيو آ خراب، چرخِ ڪُهن، حريف دوست ڪي سمجهي، خراب حال ڪيو.

نه تخت و تاج وڻي ٿو، نه بخت و جاه و جلال،
جهان ڪان، 'فيض' قلندر جو انتقال ڪيو.

٥

بہ طرفِ جامِ اشارو نگاہِ یار کري،
نگہ کي صورتِ صہباء پُرخمار کري.

کریم! تنهنجي نہ رحمت تي اعتبار کري، گناھ ترک کنہ پي، گناھگار کري.
کري نہ تارِ نگاہِ کرم سان چارہ گري، نہ اھلِ دل کوئي، دامانِ دل کي تارکري.
سزار کشتۂ تیغِ نگھہ متائي چڈ، بیاد کشتۂ نہ رسوا، هي یادگار کري.
متائي نقشِ قدم کي نہ موجِ سیلِ روان، گدائے راھ نشین کي ٿو اشکبار کري.
کري جو سایہ زلفِ دراز، سروِ روان، خزان رسیدہ کي پروردۂ بہار کري.
رقیب، قاصد و غمخوار و رازدار رھن، الاھي! کنهن تي کوئي خاک اعتبار کري.
چڈیو نہ وھم جو تاصد کي، هن جي در تي چڈیم، مبادا راھ ۾ غفلت کان خط کي گار کري.
رهیو نہ صید جو هو مشقِ تیغِ ناز کري، نئون جهان کو پیدا کري، شکار کري.
وجي نہ کوئي، کمینگاھ عشق ۾ نہ وجي، سرشتِ 'فیض' کي تازو کو دلفگار کري.

●

لبالب، لب تي آ جامِ الستي،
خوشا! ایں شیوۂ رندي و مستي!

دریدہ پردۂ اسرار آھي، ڈسو دستِ جنون جي پیش دستي.
ڈسڻ چاهین، اگر قدرت خدا جي، وجي کر بتکدي ۾ بت پرستي.
زبان تي نعرۂ الفقر فخري، مبارک! فاقہ مستي، تنگ دستي.
نہ ڈیندس جنّت ارزان تي یارب! متاعِ بندگي، آھي نہ سستي.
جوابِ ربّ ارني، لن تراني! مخاطب عرش تي، هستيءَ سان هستي!
فنا في اللّٰه تي، مثلِ انا الحق، سراسر حق پرستي، خود پرستي.
جزائے عاجزي آ، سربلندي، سزائے سرکشي، تذلیل و پستي.
نہ تون دل کان وجین ها، دل نہ توکان، وئي ویران ٿي، آباد بستي.

کٹلیو جو 'فیض'، رازِ بود و نابود،
مقامِ صفّۂ هستي کان هستي.

●

نگاه مست و میخوار و شرابي،
لبِ گلرنگ آ جامِ گلابي.

برنگِ شب، سيه زلفِ سيه تر، رخِ تابان م، تابِ آفتابي.
ٹيو خونِ جگر، گوهر نگه م، صدف م قطرهٔ آبِ سحابي.
ملي ويا خاک م منجي، شهنشه، نه ٹيو حاصل، مقامِ بوترابي.
ٹيو شوريدگيءِ کان، سرشکسته، به بحرِ عاشقي، عمرِ حبابي.
اداؤ عشوه و غمزه سان ماريو، خدا بخشي، صنم! عمرِ شهابي.
غضب آ، ظالم آ، قهر و قيامت، سرِ محفل، عدو سان هي حجابي.
اگي هو مست رو قاصد کان آيو، اجل کي در ڈني، دادِ شتابي.
کري خوش طالعي تي ناز، جنهن کي، ميسّر هنشينيِ همرکابي.
نگه کي آ ڪئي، تابِ نظاره، نقابِ روءِ روشن، بي نقابي.
ملي چا، خسروئے الفت کي شيرين، نصيبِ کوهڪن، ناکاميابي!
برنگِ شيخ، خونِ خلق، يارب! نه پيتو هو ڈهن رندِ شرابي.
درِ دلبر وَسايو، گهر وساري، محبّت، باعثِ خانه خرابي.

لبِ گلگون جو هوسو 'فيض' گويا،
لبالب، لب تي آ جامِ گلابي.

●

خوشا، شانِ فقيري، کج کلاهي،
رهيو قدمن م تاجِ بادشاهي.

خمارِ نشهٔ دوشينه کي ٹو، کيان تازه، بجامِ صبح گاهي.
کري وعدو قيامت جو وجي ٹو، قيامت آ، قيامت ناهي؟ - چاهي؟
فلک کان خواهشِ دادِ حوادث، عبث بيدادگر کان داد خواهي.
جهڪي چو ڪين، سڙ جبريل درتي، ميسّر آ مقامِ قبله گاهي.
جلان ٹو، آتشِ طلبِ طرب م، جهنم م هوي جنت! - الاهي.

در دلبر تي وَس، ابر بهاران، وڃي ڏي چشمِ گريان جي گواهي.
ويو طوفان هر گهر کان سوءِ صحرا، جنون کي آهه ذوقِ بي پناهي.
رخِ روشن کان گر غافل رهان ڏي، قيامت هر سزائے روسياهي.
وڃي آباد کر، کاخِ محبّت، اگر منظور آ گهر جي تباهي.
رخِ الور سان نسبت، مهر کي ڇا؟ عيان کوتاه بيني، کم نگاهي.

جزائے عجز، قهرِ بے لحازي،
گناهِ 'فيض' خستہ بيگناهي.





عبدالله «خواب»، حيدرآبادي

نالو عبدالله، والد جو نالو ميان علي بخش مرحوم، ذات پٽي، ولادت: ۱۹- شوال ۱۳۲۱ھ. 'خواب' صاحب جو والد ماجد، ميان علي بخش، هڪ عاشق رسول مدح خوان هو. سندس اوطاق ان دؤر ۾ سڌ جي صاحب ذوق مائهن جي روايات جو نمونو هئي، جتي مسافرن ۽ مهمانن جو هميشه ميڙو لڳو پيو هوندو هو، ۽ سندس تعلق ان دؤر جي برڪ شاعرن سان ٿئي هو، جهڙوڪ فاضل شاه 'ناضل' وغيره. ان ماحول ئي سيد محمد حيات شاه 'حافظ' کي گهلي آندو ۽ کيس هميشه لاءِ هت رهائي ڇڏيو. راڳ رهاڻ، مدح و ثنا، مهمانن جي اڇ وڇ، هن محفل جون خاص خصوصيتون هيون. ان ماحول ۾ خواب صاحب اکيون کوليون. تعليم جي لحاظ سان سکول ۾ ٻ-چار درجا مس پڙهي سگهيو. پر پوءِ اڪثر هلي پنهنجي مطالعه ۽ مشاهدي سان گهڻو ڪجهه پرايائين. ۱۹۲۶ع ڌاري 'واصف' مرحوم وٽ مشاعرن ۽ مجلسن جون رنگين محفلون ٿيڻ لڳيون، جن ۾ 'واصف' مرحوم، 'مسافر' مرحوم، فقيرمحمد 'عاجز' مرحوم، 'مخلص' مرحوم، مراد علي 'ڪاظم' مرحوم، محمد موسيٰ 'راز' ۽ حافظ حيات شاه مرحوم جهڙا پختہ گو ۽ ڪهنہ مشق شاعر شريڪ ٿيڻ لڳا. ان ماحول ۾ خواب صاحب بہ شرڪت ڪئي. اهوئي علمي ۽ ادبي ماحول هو، جنهن سندس موزون طبيعت کي ڪتابن جي پڙهڻ، شعر فهميءَ ۽ شعر گوئيءَ ڏانهن مائل ڪيو. ذاتي ذوق ۽ فڪري صلاحيت، رفتي رفتي کيس وڏن شاعرن جي ساڻ ۾ آڻيو. اڄ 'خواب' صاحب وڏن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس ڪلام جي شوخي ۽ رنگيني، خيال جي ندرت ۽ بيان جي روائي، قابل داد آهي، ۽ هر صنف تي ڪلام چئي سگهيو آهي.

۱۹۲۷ع ۾ مسلم ادبي سوسائٽي قائم ٿي، جنهن ۾ مرحوم ميران محمد شاه صاحب 'ميرٌ'، خانبهادر محمد صديق مرحوم ميمن، عطامحمد 'عطا' مرحوم، ڊاڪٽر 'خليل' مرحوم 'بسمل'، ليکراج 'عزيز' ۽ 'غني' صاحب ۽ارن شاعرن سان گڏ مشاعرن ۾ شرڪت ڪائين. اڪثر هلي

خواب صاحب 'خلافت تحريڪ' ۾ ڀرو ورتو ۽ تراسر سان قومي ۽ اسلامي نظم پڙهي، سامعين جون دليون گرمائڻ لڳو. ان طرح عيد ميلاد النبي جي تقريبات ۾ نعتيه ڪلام چوڻ شروع ڪيائين.

سندس ذوق شاعريءَ جي تربيت حافظ حيات شاه 'حافظ' ۽ وڏي ڀاءُ راز صاحب ڪئي. آخري دؤر ۾ بزم خليل (۱۹۴۸ع) جي ڪچهرين، سون تي سهاڳي جو ڪم ڪيو. ان سان گڏ 'انجمن ترقي اردو' جي اردو مشاعرن ۾ به ڪلام پڙهڻ شروع ڪيائين. ان سلسلي ۾، جمعيت الشعراء جي ادبي ڪانفرنسن ۽ 'اديب سنڌ' 'مهراڻ' رسالن ۾ خواب صاحب جي ذوق جي تڪميل جو سامان پيدا ڪيو؛ ان طرح بزم طالب المولىٰ جي ڪچهرين به ڪيس ڪافي چمڪايو.

'خواب' جي زندگي، جدوجهد جو عجيب غريب داستان آهي؛ اهو داستان نه فقط هڪ المير آهي، پر ان سان گڏ عبرت انگيز به آهي. خواب صاحب جي تاليفات ۾ چار ڪتاب غير مطبوع آهن: سنڌي ڪلام، تعبير خواب، اردو ڪلام، خيال و خواب، ۽ سفرنامو، 'سفر جو سفر' ۽ حياتيءَ جو احوال داستان درد دل. — ادارو

حمد

اهو حوصلو ڪر عطا يا خدا،
ڪريان حمد جنهن سان بجا يا خدا.

گواهي ٿو تنهنجي ڏي باغ جهان، بهار ۽ خزان هر فضا يا خدا.
هدايتا ڪيو خير ۽ شر ٿو، پراڻي جزا ۽ سزا يا خدا.
نه تنهنجو ڪو ثاني نه تنهنجو شريڪ، تون واحد احد ڪبريا يا خدا.
سڻين وات گمراه ڪي ٿي نصيب، انڌي ڪي عطا ڪر عصا يا خدا.
مدايون مڙئي ميٽ مسڪين جون، سحابي سخي مصطفيٰ يا خدا.
غلامي سان انسان آزاد ڪر، خدائي جا ٻٽ ڪر فنا يا خدا.

سگهو سر بلندي ڏي اسلام ڪي،
سندم 'خواب' ڪر تون سچا يا خدا.

نظم

اخلاق احمدي

اچڻ سان ميرِ مرسل جي ڪليا در فضل و رحمت جا،
فرشتن کان وڌيڪ درجا ويا انسان جي رفعت جا.
هٿا گمراهه جي رهبر، ٿيا ان جي هدايت سان،
جي قابل هٿ ملامت جا، سي لائق ٿيا امانت جا.

ڪيو جنهن فرق سڀ لاڀود قومن ۾ قبيلن جو،
وڃايا جنهن اڇي دنيا لئه دسترخوان نعمت جا.

اڇي ڪاري جو سڃي فرق ويو، شاهه ۽ گدا هڪ ٿيا،
ڪٽلي قسمت غلامن جي، وريا وارا اخوت جا.

ڏنو اُمّي اڇي پيغام دنيا کي هدايت جو،
ڪئين چشما ٿيا جاري انهيءَ سان علم و حڪمت جا.

غلاميءَ جي زنجيرن سان ڪري آزاد سڀني کي،
مشرف سي ڪيائين، جي هنا لائق ملامت جا.

اڇي مظلوم عورت جو وڌايو مانُ آن حضرت،
ملیون بيواهه کي واهون، ويا ويڇا وراثت جا.

زبانن کي سبق شيرين ڪلاميءَ جو ٿيو حاصل،
ٿيا در بند سڀ، ڪيني ڪپڻ، بهتان، غيبت جا.

سبق دنيا کي سيکاريئون اڇي ايمان عرفان جو،
ڪيئيون قلبن مان ڪس ڪوري، مٽيا نقشا بغاوت جا.

شرف بخشيائون شاهيءَ ۾ فقيري ۽ قناعت کي،
ميسّر هو مڙئي، ليڪن نه طالب ٿيا سي راحت جا.

ڪيائون دين جي دولت سان مالامال دنيا کي،
نشان اروار ٿيا ارٿئون نسورا علم و حڪمت جا.

جهليو دامن سو آهي 'خواب' ان محبوبِ داور جو،
دلاسا جنهن ڏنا آهن قيامت ۾ شفاعت جا.

تخاطب نئو

مان پسند شعلہ نوائيءَ جي ٿو تحريڪ ڪريان،
جوت جي ڪلڪ ڪٽي شعر جا صفحا ٿو پريان.

مان ته روداد زماني جي نئين ٿو چاهيان،
وس پجي هوند روايت جا ٻنا ساڙي ڇڏيان.

عرش تي پنهنجي تخيل جا ڏِيا ٿو ٻاريان،
چند تارن جي نظارن ۾ ٿو غلطان رهان.

ويس ۾ امن جي ديوءِ جو امين ٿيو آهيان،
روسياهي کي لکائڻ جا ٿو نت سانگ کريان.

جن جي ڪردار ۾ آثار بغاوت جا عيان،
چو، قيادت ۾ انهن جي ٿي رکون ٿا ايمان.

نہ اچي گل جي ڪا خوشبوءِ ٿي گلزار منجهان،
دامنِ ابرِ بهاران ۾ شرارا ٿو پسان.

آسمانن تي اڏامن ٿا ڏسو اهلِ جهان،
ڏنيون حجرن ۾ هٿوراڙيون اڄا تائين اسان.

خاڪ مان هوائد کو اکسير بنائي ڇڏجي،
ڪيمياگر جي ڪڏهن کائن نہ مورٿون ڪيجي.

آدمي عظمتِ آدم کي ٿا تورين تکين،
بنت حوّا جي ٿو عريان ڏسان زهره جبين.

تون ٿو روداد جي لمحن سان زمانا ناهين،
مٽان پامال روايات جا اوراق کرين.

جيڪو فطرت جي وفائن سان بغاوت ٿو ڪري،
اهڙو باغي ٿو وفائن جي وري هار پري.

پنهنجي مکڙين جي تبسم کي ٿو لڙڪت کان جهلي،
باغبان پنهنجو ٿي، پاڙون ٿو گلستان جون پٽي.

ڪڏ قدم اهڙو جو دنيا جي دلين ۾ ٿي رهين،
پنهنجي ايثار جو دنيا جي دلين کي ڏي يقين.

درِ خسرو جي اڳيان حسن جهڪي جي ٻوندو،
کوهڪن سڻ قبوليندو، نہ هرگز جهڪندو.

ضمير جو آواز

جيجل منهنجي! تنهنجي جهولي، خالي ٿي وئي لولي‌ءَ کان،
شاه سچل جي شاهي ٻولي، گهٽ آهي چا گولي‌ءَ کان.

ٻول پيائي‌ءَ وارا جنهن جا، ٻڌرا ٿت تي ٻول ٿيا تنهن جا،
جا ڪنهن جا حق پامال ڪري، ٿا امن گهرون تنهن ٻولي‌ءَ کان.

جنهن جو رسم الخط آ عربي، تابقيامت قائم رهندي،
ڪني پُورن مان جا ٻار ٻي، سا چرڪندي مور نہ چوليءَ ڪان.

مُلڪي ۽ منصور جي وچ ۾، ناهه نہ ٽيڻو آهه نہ ٽيندو،
مرد قلندر مور نہ ڏجندا، ٽيلو ٽوهڻ ٽولي ڪان.

تنهنجي ڳچ ۾ ظلم جي ٻدبو، منهنجو ڳچ مظلوم جو سرهم،
منهنجي وفا مشڪوڪ ٿي آهي، تنهنجي هلت بيدولي ڪان.

برهه جي ٻيڙ جن ٻيڙا ٻاتا، نينهن سان ٿي وڃا تن جا لاتا.
نار ۾ نُور ڏنو جن ڏجندا، چٽگن واري چولي ڪان!

جن آزادي جون واٽون ووڙيون، ڪوٽن ۾ سي قيد ٿيا،
سي رهزن مان ٿي ويا رهبر، جي ڳهٽ ها ٻيل ۽ ڪولي ڪان.

ڪن ڏاڍ جا ڏونگر ڏاري ڏاري، راتڪي ڏينهن جو نُور ڏنو،
ڪن سورسٽا، ڪي روهه رليا، ڪي ڇنا ڇپر جي چولي ڪان.

منهنجي روح رهاڻين ۾ جي، رچي رچي ٿي راس ويا،
دائم رنگ انهن جو آهي منهنجي روح رتولي ڪان.

محمد شاهه رنگيلي وانگر رنگرلي جو ڏورو آهه،
رنگ محل ٿا ٻهڪن تنهنجا، منهنجي خون جي هولي ڪان.

ديس ديس جي سوداگر ٿي قرضن جا ويا ڪوٽ چڑهي،
ٻلڪي ٻُڪ ٻرم جي منگتا، منصوبن جي جهولي ڪان.

ناچ لچائي بازيگر ٿو بالدر وانگر ماڙهن ڪي،
نڪ ۾ نوڙي، وقت وجهي ٿو حالت ڏاوان ڏولي ڪان.

ڏير ڏهاڳ جو روگ ڏئي ويا، ٿر سهاڳ جو ساڻ ڪٽي ويا،
ٻيڙ ازل جا ڪئين ويا ٻائي، سو ٻُڇ روهه جي رولي ڪان.

ٻُڌتي سانجهي مرد نہ هتندا، تخت ٻا تختو ماڻي چڑهندا،
سوري سيڄ ٿا سمجهن سرمد، ڪين ڏجن ڪنهن گولي ڪان.

هوشو، دودي، ٻارن وانگر جيڏ ۽ جاڳڻ جو ڀيڄ ڪوڙو،
جيڏ ۽ جاڳڻ جن نہ پروڙيو، ٻري رهيا سي ٻرولي ڪان.

دنيا لئہ ٿو ڏرم وڃائي، منصب لئہ ٿو قيرا ٻائي،
ڪين ٿو لوئي جي لڄ لاهي، لاڏي جي ٻُڇ ڏولي ڪان.

هٽن کٽن ٽا هڪٻي تي اڇ، علم و ادب جا کيڏاري،
ٻنهنجو ننگ ناموس لڄي ٿيو، غيرن جي تہ ٽٽولي‌ءِ کان.

منهنجو من تعبير جو مرڪز، تنهنجي دنيا 'خواب' جون گالهيون،
منهنجي تخيّل جي ساکوڑي، تڪي آ آڏلد کٽولي‌ءِ کان.

خطاب

حيات نو جو کاروان، ٽٽي ٽو ساڻ ڏي روان،
هنوز منزل کاروان، هلي رهيو روان دوان؛
يقين آهہ يا گمان، کريان ٽو نظم ۾ بيان.

طلسمهائے انقلاب، کٽليو اٿ بخت جو شهاب،
کٽي سو صبح آفتاب، کٽي سا شام ماهتاب؛
کٽي سو رحمت سحاب، دلين ۾ آهہ اضطراب.

عروس نوبهار ڏس، وطن جا سبزه زار ڏس،
بهار خاردار ڏس، ڏکن ٽا مرغزار ڏس؛
چمن جو حال زار ڏس، شڪسته شاخسار ڏس!

ٽقافتن جو دؤر آ، روايتن تي زور آ،
حڪايتن جو طور آ، سمو اجوکو اؤر آ؛
نمود زير غور آ، نمائشن جو دؤر آ!

وطن جي دل جو درد مان، رکان ٽو رنگ زرد مان،
مجاهدن جو فرد مان، ۽ مرحلن جو مرد مان؛
عدو کي پانيان گرد مان، مزاج گرم سرد مان.

وطن جي سونهن بينظير، دلين جي حُبّ جي اکير،
طلسم ساز دلپذير، صغير ٽي کري کبير؛
۽ مرحلن ۾ دستگير، سجاڳ ٽي کري ضمير!

رهي پياسو ٽو عوام، عطا ٽئي نظر جو جام،
خمار جيئن رهي مدام، حيات نو ۽ ٽئون پيام،
قديم طرز، نئون نظام، جديد صبح کي سلام!

هي كائنات بينات، ابد ازل سندي حيات،
اصول ڏس تغيرات، ڏي رازدار كائنات،
مطيع كر تون ڏينهن رات، نہ ذات تي كا آهه ڏات.

بدن سان روح كيو خطاب، هتائي وقت جو نقاب،
ڏسو جبين آفتاب، لهو تمام ماهتاب،
سجاڳ ڏيو لهو نہ "خواب"، هي دؤر آهه انقلاب!

كافي

*

برهه كيون ٻجهل - پيون ٻڃائن ٻار ٻنهل جو.

سور پرائي ڏيون جي ستيون، ٻهتيون تن كي پرت جون پتيون
ساجن تن جي لڏي سنيال .....

پير اكهاڙا ريتيون رتيون، نانگن جون جت ليليون لتيون،
لينهن نياهي كيون نهال .....

پسي ٻنهل جن ٻاتيون پتيون، واس ونني سي رنگ هر رتيون،
ڏنائون جوت جمال .....

وندر وراكا ووڙيندي وتيون، تكيندي رات جا تارا كتيون،
هوڙا ڏيڙن حال .....

ليڙون لٺا ڏيا لاڏيون چتيون، كيڏ جون كيتيون مڙئي كڏيون،
پرت كيون پامال .....

موهه هر من چون ماريون ستيون، جيڏ جون ٻيون گڏجي گتيون،
'خواب' ڏسي خوشحال .....

گيت

هاڻ وڃايان، توكي هائي، توكي هايان، هاڻ وڃائي!

ٻنڌين سان سان راه ٻڌايان، اچين تہ اكڙين منجهه وهايان،
هلك ٻڌاري وات ٻهايان، ساه ۽ سر سپ توتان واريان:
هاڻ وڃايان توكي هائي، توكي هايان هاڻ وڃائي.

تارن ۾ ٿي توکي تاڙيان، چاندوکيءَ ۾ چند چکايان،
گاڙي گوڙها هنجڙون هاريان، يادن جا ٿي ڏيڙا باريان:
ٻاڻ وڃايان توکي ٻائي، توکي پايان ٻاڻ وڃائي.

ڏيان ۾ تنهنجي محو رهان ٿو، کين ڏسي ٻڌ توکي ڏسان ٿو،
سهڻا سهڻا 'خواب' لهان ٿو، جنت جي جهولن ۾ جهلان ٿو:
ٻاڻ وڃايان توکي ٻائي، توکي پايان ٻاڻ وڃائي.

غزل

ب

نوازي جا نظر سا ناز وارن مان ٻه نکري وئي،
نگاهن جي مسيحائي اشارن مان ٻه نکري وئي.

ڇڏيندي هئي رڳي هڪ ئي نظر جا اهلِ محفل کي،
اها نوري نظر اڄ باده خوارن مان ٻه نکري وئي.

ڏئو مون چشمِ کيف افزا جي هوشربا نگاهن کي،
اکين جي باده مستي ڇڻ خمارن مان ٻه نکري وئي.

شميمِ کاکلِ پيچانِ طلسمِ عارض و گيسو،
فريبِ حسن ساماني نظارن مان ٻه نکري وئي.

اجا راهِ طلب جي پيچ و خم ۾ گم نه ٿيو آهيان،
کريان محسوس ٿو لذّت قرارن مان ٻه نکري وئي.

شميمِ گيسوئ افکار جا نقّال ٿيا پيدا،
سهي تنقيد ادبي طرحدارن مان ٻه نکري وئي.

ڏئي رت خارِ صحرا کي ڪڍهن مون زندگي بخشي،
جيابو ڏئي جا رنگيني، بهارن مان ٻه نکري وئي.

چراغِ طُور سان روشن ڪيم بزمِ تخيّل کي،
نحوست ظلمتن جي روزگارن مان ٻه نکري وئي.

گذرگاهِ حوادث کي لتاڙي اڳيرو پهتس،
زهِ خوش قسمتي، منزل ستارن مان ٻه نکري وئي.

چراغِ راه بنجڻ کان رخِ رهبر ويو منهن موڙي،
وڏاپو وک، شبِ منزل انڌارن مان ٻ نکري وئي.
نہ تخليقي، نہ تعميري، نہ فني فکر جي هلچل،
شعورِ زندگي اڄ 'خواب' ٻارن مان ٻ نکري وئي.

رباعيون ۽ قطعا

(۱)

هن دور ۾ آهُن جو اثر ٿو وڪجي،
ٻانيءَ جي عوض خون جگر ٿو وڪجي؛
ناموس جو نيلام ٿا ڪن سوداگر،
ايمان جو وڻن تي وڪر ٿو وڪجي.

(۲)

دنيا جون دليون ڪن ڏني آواز ٻڌن،
اکڙين جي زبان ساڻ آهي بول ٻڌاءِ؛
گيتن ۾ حقيقت جو اثر پر اهڙو،
بيدرد ٻ جيئن جيءَ ۾ ڏين توکي جاءِ.

(۳)

ٻنهنجي توڙ غير ملڪن جي اثر هيٺان اچي،
بي اثر ٿي جنهن کان اڄ ياران محفل جي پڪار؛
رعب و حشمت، دٻدبو، آزاد تومن جو ڪئي،
اي مجاهد ملڪ جا، اي همنشينو هوشيار!

(۴)

نہ دشت غربت ۾ چين آهي، نہ راس آهي چمن جو منظر،
حيات گلشن ۾ عمر گذري سحر جي پيغام لاءِ سڪندي؛
ڪئي گو فطرت فضا ميسّر، ڏنائين رعنائين جي دعوت،
ٻهارون آهن وطن ۾ ليڪن، مگر ڪو غنچو ڏسڻ نہ ڪلندي.

(۵)

رنگ راڳ، ناچ آهي ثقافت جو سانگ ڪيو،
لڄ آبرو حيا جا تلف ٿي ويا ڪتاب؛
اخلاق اڄ وڪامي ٿو تعليم گاهه ۾،
صد حيف! والدين جي غيرت ڪي ڇا ٿيو؟

(٦)

نظرشناس نگهہ دوربين، فڪر بلند،
ٿو جوڙي ذهن جي سپ مان شعور جا گوهر؛
لکي نہ جنهن کان سگهيو، کوبہ ڪائنات جو راز،
رموزِ مخزنِ فطرت جو رازدان شاعر.

(٧)

ٿي جهان جي باغ ۾ آهي چمن بندي نئين،
باغبان انداز بدلايو، روش ٿي وئي نئين؛
مثل جنهن جو ڪوبہ ٿيو تاريخ عالم ۾ ايا،
عالمِ بالا ۾ عظمت آدمي جي ٿي نئين.

(٨)

بزمِ افلاڪ جا ساغر ٿا رهن گردش ۾،
وقت ميخاني جي راتين جيان گذري ٿو وڃي؛
وقت جا رند جهڪائين ٿا جنهن در سر ڪي،
اهڙي ماحول ۾ فرعون، خدا ٿي ٿو وڃي.

(٩)

جگر جي خون سان جسمِ غزل ۾ روح پري،
رگِ حيات کي تعبير سان ثبات ڏنم؛
قلم شعور جو شعلو، ڪيم ڪٽي شبنم،
زبانِ روح سان بي روح کي حيات ڏنم.

(١٠)

مون پيتو حرص جي ميخاني مان چڪو اهڙو،
جو عقل هوش جي هوندي ستل سدا ٿو رهان؛
سجاڳ ٿي ٿي، ٿڪائي حيات نيٺ ڇڏيو،
مٿي حجاز جا هائي ٿو مست 'خواب' لهان.

(١١)

شمعِ هدايت، گنجِ قناعت، صبر جو دامن عورت آهہ،
ڪيفِ مجسم، نور جو پرچم، خلد جو جوپن عورت آهہ؛
عشق جي خالق، حسن جي مالڪ، مرڪزِ الفت، دولتِ دل،
چشمۂ مستي، محفلِ هستي، مرد جي ضامن عورت آهہ.



سردار علي شاهه «ذاکر»

جناب شاه صاحب پنهنجو تعارف هن طرح لکيو آهي:

"سيد سردار علي شاه ولد جعفر شاه بخاري، ويڙل ڳوٺ پيرڙي، تعلقو گهوٽڪي، ضلعو سکر. پيدائش جي تاريخ ۱- جنوري ۱۹۲۸ع. پرائمري تعليم ۵ درجن تائين اسکول ماڻيلي تعلقي گهوٽڪيءَ ۾، اسکول ڏنوماکو تعلقي ميرپور ماڻيلي ۾ ورتل. ثانوي تعليم ۵ درجن تائين ان وقت جي مڊل اسکول ميرپور ماڻيلي ۾ ورتل. ڇهون درجو گورنمنٽ هاءِ اسکول نوشهري فيروز مان پاس کيل. مئٽرڪ لوکلبورڊ هاءِ اسکول نواب شاهه مان سال ۱۹۴۶ع ۾. بي. اي (آنرس) سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان.

فارسي زبان جي تعليم خانگي طور تي حاصل کيل ۽ سڪندر نامه تائين.

مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان انٽر پاس ڪرڻ تائين، مختلف سرڪاري محڪمن ۾ ملازمت. ۱۹۴۹ع کان روزانه 'الوحيد' ڪراچيءَ ۾ سب ايڊيٽر جي حيثيت ۾ شموليت، ۽ ۱۹۵۲ع تائين انهيءَ اخبار سان منسلڪ. ۱۹۵۲ع ڌاري انگريزي استاد جي حيثيت ۾ حيدرآباد ۾ ملازمت. ۱۹۵۳ع جي شروع کان ۱۹۵۴ع جي آخر تائين ۽ ۱۹۵۵ع جي آخر کان آگسٽ ۱۹۵۷ع تائين، روزانه "ڪاروان" حيدرآباد جي مدير جي حيثيت ۾ ملازمت. سپٽمبر ۱۹۵۷ع کان وٺي ويندي اڄوڪي ڏينهن تائين روزانه "مهران" ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ "مدير اعليٰ" جي حيثيت ۾ ملازمت.

روزانه 'الوحيد' سان منسلڪ هڻڻ واري عرصي دوران "عام راءِ" نالي هڪ ماهانه رسالي جي ادارت جا فرائض انجام ڏنل، ۽ ان سالن تائين انهيءَ رسالي سان منسلڪ هڻڻ.

ادب ۽ شاعريءَ سان آڻس نوشهري فيروز ۾ تعليم واري عرصي (۱۹۴۶ع) کان شروع. شاعريءَ ۾ ابتدا 'ڪافي' چوڻ سان ٿي. هيرين ڪافيءَ جو ٽڪ هن ريت هو:

کٹي نيئن نازڪ نهاريو اي سائينءِ!
مون کي کين ڳٽين ۾ ڳاريو اي سائين!

اها ۽ ٻيون اهڙيون ڪيتريون ئي ڪافيون ڇيون ويون، جيڪي نه محفوظ رهيون ۽ نه ياد. اها روئداد ۱۹۴۹ع جي آخر تائين رهي.

۱۹۵۰ع کان ۱۹۶۰ع تائين، ڏهن سالن جي عرصي اندر، ڪن چند موقعن تي شعر چوڻ جي نوبت آئي. ان جو هڪ ڪيڏ سبب هي هو جو انهيءَ زماني ۾ ذهن جي اندر هيءَ ڳالهه اڇي ويڻي ته شاعري محض ذهني عياشي آهي، ۽ شاعر واقعي گمراهيءَ جي صحرا ۾ ٻڪندا رهن ٿا.

ليڪن بعد ۾ انهيءَ نقطه خيال ۾ هيءَ تبديلي آئي ته اهو شعر جيڪو صحتمند بنيادن تي تعمير ٿيل هجي، تنهن جي چوڻ ۾ ڪا برائي ڪانه آهي. انڪري ۱۹۶۰ع کان پوءِ طبيعت وري شاعريءَ جي طرف مائل ٿي، ۽ بعد جي ۴-۵ سالن واري درمياني عرصي ۾ غزل، نظم، قطعات، ڪافيون ۽ گيت لکيا وڃا. ليڪن انهن جو تعداد به مشڪل سان ڪو سؤ ڪن جي قريب هوندو. اهو مختصر ذخيرو به بدقسمتيءَ سان هڪ مهربان دوست جي هٿان گم ٿي ويو. انهيءَ ذخيري مان چند داٽا ڪن ٻين شاعرن جي نالي ۾ وقت بوقت نظر مان گذرندا رهن ٿا، ليڪن انهن تي هينئر ڪوبه حق رکي نٿو سگهجي!

هينئر وري ٻن-ٽن سالن کان شاعريءَ جي طرف طبيعت مائل ٿي آهي. هن دؤر جي چيل ڪلام کي شايع ڪرڻ جو شوق گهٽ رهيو، ليڪن ڪن دوستن جي اصرار تي ته متان اهو به هيٺ مٽي نه ٿي وڃي، ان جي ڪن حصن کي وقت بوقت منظر عام تي آندو ويو وڃي. موجوده وقت جي شاعري زياده تر غزلن، نظمن ۽ قطعات ۽ ڪافين تي مشتمل آهي. انهن ۾ وڏو حصو نظمن جو آهي.

شاعريءَ ۾ باقاعدي ڪوبه استاد ورتل نه آهي، ليڪن جناب رشيد احمد "رشيد" لاشاري صاحب جن کي اخلاقي طور تي استاد تسليم ڪرڻو هوندو، جو هن صاحب ڪان ڪن موقعن تي پنهنجي ڪلام جي اصلاح ڪرائي ويٺي آهي.

فن شاعريءَ جو ڇڪو خاصو مطالعه ڪيل آهي. شاعريءَ متعلق نقطه نگاهه اهو آهي ته اها فن ۽ مقصديت پنهي جي حامل هڻڻ گهرجي. فن ڪان سواءِ مقصديت بي مزه ۽ بُسي آهي، ۽ مقصديت ڪان سواءِ فن بي معنيٰ. انڪري انهيءَ نقطه نگاه جي عملاً پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي."

جناب سيد سردار علي شاه 'ذاڪر' هڪ پرجوش ۽ ڪهنه مشق صحافيءَ جي حيثيت سان، اسان جي صحافت ۾ متعارف شخصيت جو مالڪ آهي. اها هڪ خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو صحافت جي پرخار ۽ جانڪاه دنيا ۾ رهندي، شاه صاحب، شاعريءَ جو پاڪيزه ۽ پختو ذوق رکي ٿو.

شاه صاحب جي جيستائين فن جو تعلق آهي، ان متعلق ائين چولدي کو به مبالغو لڏو کجي ته سندس کلام جي پختگي ۽ رنگيني، هن دؤر جي ڪيترن قادرالڪلام ۽ ڪهنه مشق شاعرن کان به سرس آهي.

شاه صاحب جو 'فن' شاعريءَ جي هر صنف تي حاوي آهي: غزل، نظم ۽ ڪافيءَ جي سنگلاخ زمين تي، سندس طبع جي رنگينيءَ، جي دلڪش ۽ دلاويز نقش پيدا ڪيا آهن، تن جي چنڊچاڻ ۽ تنقيدي جائزي کان پوءِ هر اهل علم ان نتيجي تي پهچي سگهي ٿو، ته شاه صاحب جي فن ۾ هڪ ڪامل فن جي تڪميل تي پهچڻ جا سڀ فني معيار ۽ ادبي اقدار موجود آهن.

سندس کلام ۾ خشڪي نه آهي، بلڪ دل ۽ دماغ کي طراوت بخشيندڙ رنگيني ۽ پختگي آهي. سندس نعتيه توڙي عشقيه کلام ۾ اصليت، جدّت ۽ ندرت آهي، ورڻ اهي زمينون اهي آهن، جن جي هر پهلوءَ تي شاعرن گهٽو ڪجهه چئي ڇڏيو آهي. اميد ته شاه صاحب، صحافت سان گڏ هن ذوق کي پاڻ تڪميل تي پهچائي، ايڏا به وڏيڪ تجربا ڪندو، جو ته هڪ شاعر ئي آهي، جو صالح ۽ فڪرانگيز نصب العين پيدا ڪري سگهي ٿو. فن جو افادي پهلو به اهوئي آهي. —ادارو.

نعتون

(۱)

دلِ بيقرار جـي آرزو، نه ته سيمر و زر نـه سڪندري،
جا سڪونِ قلب عطا ڪري، درِ مصطفيٰ جي ڪداگري.
شهِ دوسريٰ جـي حضور مان، ٿئي فيضياب ٿو هر گدا،
جي ڪٽـو ملي ته گهٽو مگر، جي گهٽو ملي ته تونگري.
ڪفِ پائـي يـار جي خاڪ جو، چـا مقام آهه چا مرتبو،
جي مٿي ڪي لاءِ ته مشڪ، ۾ جي اکين ۾ پاءِ اجاگري.
اهـا وضـع پيرِ مغان سندي، اهو ميڪده جـو مزاج آ،
جي ڪري ڪو عرض "ايا ايا" ملي جام جلد وري وري.
بتِ بيجمال جي نقش ۾، نه ته منهنجي يار جو ڪو نشان،
نه ته زلدگي، نه ته دلڪشي، نه ته دلبري، نه دلاوري.
هـي شعاعِ شمس و قمر نـه آ، نڪو نور آهه نجوم جو،
جـا ضياءِ هر دوسريٰ بڻي، سـا ته شمعِ حسن پيمبري.

بحضورِ قلب ٿجي فدا، وڃي بارگاهِ جمال ۾،
اها آه عشق جي آرزو، اها آه ڪارِ قلندري.

سرِ دار صبر جميل پي، تهِ تيغ سربسجود پي،
هي مقام آل رسول صه جنهن سان نه همسري نه برابري.

تون اي پاڪ ذات پڃاءِ 'ذاڪر' ڪر نظر ڪي حجاز ۾،
ته اکين جو نور وڌي وڃي، ٿئي دور ديد جي ڪمتري.

(٢)

مرحبا، صد مرحبا!
بيڪسن جا پرجهلا!

تون حبيبِ ڪبريا - شافعِ روزِ جزا،
پنهنجي امت جا آجها - امتن جا آسرا!
بيڪسن جا پرجهلا!

'ڪن' مان خلقيا خدا - صورتن جا سلسلا،
تون الهن جي ابتدا - لاڏلا لولاڪ جا!
بيڪسن جا پرجهلا!

"ڪُن" چئي قادر ڪيا - ڪارناما ڪيترا،
هي مڙهئي مرحلا - تنهنجي خاطر ٿيا!
بيڪسن جا پرجهلا!

تنهنجي آسد سان آگها - سيگهه مان ٿيڙا سگها،
دردمندن جي دوا - ساڻ تنهنجي مصطفيٰ!
بيڪسن جا پرجهلا!

تون متاعِ بي بها - هر غني تنهنجو گدا،
تنهنجو دامن دادلا! - مخزنِ جود و سخا!
بيڪسن جا پرجهلا!

جام تنهنجو جان فزا - پي ٿيا سي پارسا،
جا منجهان جا ٿي ويا - ميڪدي جا معجزا.
بيڪسن جا پرجهلا!

سُرڪ هڪڙي ساڻيا! - جن چکي مي ٿيا چريا،
رقص رندن کي روا، - ميڪدي جي ساجرا!
بيکسن جا پرجهلا!

تون امام الانبيا، - تنهنجي هويان پيشوا،
حشر ۾ هوندا ڪٿا، - قافلن جا قافلا!
بيکسن جا پرجهلا!

خطبتون خير الوريا! - سڀ پلئون تنهنجيون پلا!
حلم، حرمت ۽ حيا، - داد دلجوئي، دِيا.
بيکسن جا پرجهلا!

وات اوکيي ۽ ولا، - پَوَ پريا ان ۾ پڏا،
راهرو رکجي ويا، - رَس اچي اي رهنما!
بيکسن جا پرجهلا!

جي گناهن ۾ ڪتا، - نانءَ جي نيکي نه ڪا،
تنهنجي لوئيءَ ۾ ليکا، - سام تنهنجي سيدا!
بيکسن جا پرجهلا!

مدح تنهنجي مصطفيٰ! - دافعِ رنج و بلا،
ڪر زبون 'ذاکر' سندا، - سڀ مرض مشڪلڪشا!
بيکسن جا پرجهلا!

غزل

●

آسري ويا اڳوٽا آداب انجمن مان،
اي گردشِ زمانہ! ڪجهہ عظمت ڪهن مان.

مشکِ ختن هجي يا چندن يا عود و عنبر،
خوشبو ملي مڙن کي ڪنهن بت جي پيرهن مان.

عقل و خرد اجا يي هن ڪشمڪش ۾ تابو،
معبود آهي ڪهڙو؟ يزدان و اهرمن مان.

ظاهر ۾ پارسا پر، باطن ۾ گندگي جي،
ٻُو شيخ سان اچي ٿي، بدبوءِ برهمن مان.

کجهه هِن طرف نظر پي، اي جورِ ڪج ڪلاهي!
"قاتل جو لاش نڪتو مقتول جي ڪفن مان".

ٿيا مستفيض ان کان اغيار يار ٻيئي،
هي منهنجي سادگيءَ مان، هو منهنجي حسنِ ظن مان.

ڪو ٻوي گل تي مستان، ڪو رلگ ڏانهن راغب،
مرحوم مڪڙين کي چونڊيو اسان چمن مان.

ڪنهن جي وري اچڻ تي، گلشن جو روح رقصان،
نيرنگيون نمايان، باغِ ارم جون ٻن مان.

ٻزمِ سخن ۾ آهن، استاد ٻيا ٻه ليکن،
صورتگري نمايان 'سردار' جي سخن مان.

●

همنشين، هو ته ڏسو حسن جي رفتار وري،
بند ٻاهند سجو عالمِ اظهار وري.

شور جيڪو ٿيا ٻڌو، از سر بازار وري،
شڪ نه آهي ته چڙهيو عشق سرِدار وري.

لاله و گل جي هي رنگينيءَ رخسار وري،
گلبدن ٻڪ ته ڪهي آيو آ گلزار وري.

ساقيا، بهرِ خدا ساغرِ سرشار وري،
هوش ۾ ايندا رهن ٿا اهي ميخوار وري.

ٻاجهه ڪنهن جي سان ٿا ٻهڪن، در و ديوار وري،
جلوه‌گر آهه هتي، حسن جي سرڪار وري.

معجزو آه اهو، حسنِ طلب جو همدم،
رحمتون رقص ڪنان، سُوي گنهگار وري.

رحمتون منهنجي ٻيالي ۾ سموريون رقصان،
ان مان ايري ٿيون ٿين، عشق جا اشعار وري.

مون چڏيو جنهن کي سرِ راهه قلندر جي مثال،
ٻيشوا ساز ڏنو، تنهن کي جو هڪوار وري.

وعده وصل سندس، لوهه تي ليکي جي مثال،
هي لقط ناز و ادا، آري و انکار وري.
جي هجين رلج ته ڪر انج خطائون ان جون،
پنهنجي 'ذاکر' تي ٿي اي يار، ضيا بار وري.

●

حسن زيرِ بار پنهنجا زلف سينگاري ته ٿوءِ؟
ناز پنهنجي کي نوان انداز سيکاري ته ٿوءِ؟

اي نگاهِ نازا ڪجهه لطف و ڪرم ڪجهه احتياط،
زخم پنهنجا ڪو وڃي ڏيهَنِ کي ڏيکاري ته ٿوءِ؟

تون چوين ٿو، کين آهي تنهنجي نيٽن جو قصور،
تير پنهنجين جا وجهن مسڪين کي ماري ته ٿوءِ؟

ننگ ۽ ناموس، عقل و هوش، ايمان سڀ عزيز،
مست نيٽن جا ڪجر ڏاڙيل ڪو ڏاري ته ٿوءِ؟

هو مڙهيون، هو ماڳ، هو اهڃاڻ هي قيدِ حيات،
دل سدا وڇڙي ويل سائي وري ساري ته ٿوءِ؟

وصل جو وعدو ونڊ وارا! تحمّل ٿو ڪجي،
وعدهِ فردا ۾ ڪنهن ڏل سان ڇڏي ٽاري ته ٿوءِ؟

هن جو ذوقِ رخ نمائي، منهنجو شوقِ ديدني،
ڪجهه ڙهي هن تي مگر ڪو شوم شوڪاري ته ٿوءِ؟

بزم هستي جي بقا لئه موت ڪر مون کي معاف،
حسن منهنجي مرگ تي ويهي هنجهون هاري ته ٿوءِ؟

"شيخ جي" خوش آ ضعيف الحال 'ذاکر' کي ڏسي،
هن کي پنهنجي ٻاجهه سان تڙ جو ڏئي تاري ته ٿوءِ؟

●

شل ٿئي وڇڙي وگر پنهنجي ڪان ويڳاڻو نه ڪو،
هوند اهڙي حال ڪان سرجيو ۽ ساماڻو نه ڪو.

چُونڙِ سان چاهت رکي، اڃاڻا! پچري ۾ ٻڌين،
ورنه ٻرڏيهي ٻکي! هو دام ۾ داڻو نه ڪو.

ڪنهن جي نيٽن ڪي ٽڏو ڪنِ ڪاڪ تي ايري ڪنول؟
هيت نہ مومل ماڳ تي، هُٽ راڄ ۾ راڻو نہ ڪو.

ڏي ڏکن ڏاڍو ڏنو ۽ سور ساڻاري ٽيا،
سڄ ڇو سرتيون! سکن مان ساه سيباڻو نہ ڪو.

واٽ وسندي ڪي ڇڏي، باهوڙجي ٻر ۾ ٻيا،
ٻاجهه بن ايندو نظر، ٿر ۾ ٽڪن ٽاڻو نہ ڪو.

پل هجن ڪي ملڪ جا مالڪ ۽ دولت جا ڏڻي،
واٽ سون ووڙي ڏني، وڏ ليهنِ ڪان لاڻو نہ ڪو.

ڪا ليياري ليٽ هئي جنهن راوَ ڪي راضي ڪيو،
مار ڪا ٻي هئي، مهاڻي جو هيو ماڻو نہ ڪو!

جنهن ڪي جادو ٽا چون سا آه 'ذاڪر' جي زبان،
ان مان جو نِڪتو تہ لُڪتو، ٻول ٻاراڻو نہ ڪو.

●

سڏَ آهه تہ سولي اي سرتيون! سڪ آه تہ سون سان ساڻ هلو،
ڪو نينهن نياڻي سان نبري؟ اوهين ٻرت ننگر ڏي ٻاڻ هلو.

هي ٻڌ ٻرالهون ٻوڙي جو، هي واٽ ورن وڪڙن واري،
ڪنهن ٻرت جي ٻانڊيءَ جا ٻيرا آثار ڏسي اهجاڻ هلو.

هِن ٻار ڏجهاڙ ڏک ڏوري ۽ هُن ٻار محبت جون موجون،
ميهر سان جي ملڻو آه تہ ٻو، موڙو نہ، سڻي مهراڻ هلو.

هي بحث مڙيئي بيهودا، بيڪار بهانا ۽ باتيون،
جي هوت ڏي هلڻو آه تہ ٻو 'ڇو ڇا' جي ڇڏي ڇڪتاڻ هلو.

ويو ساڻ سوڀلو نڪري ٻر جي راه ۾ ان ڪي رسڻو آ،
دم دير ڪريو هڪڙي لہ هتي، هر حال ۾ سونسان هاڻ هلو.

جي ٻيڙ ٻرين سان ٻاڌو ٽيون، ڇو گهر وينِي گهٻرايو ٽيون،
پسُ آه تہ ٻو ٻيٽرا! پلجي، ٻنهنجا نہ پڪوڙي ٻاڻ هلو.

ڪي ڏوڙ ڏڏڙ جون ديوانيون، ڪي ٻيٽ جي ٻڪي ۾ ٻوريون،
جي ٻيٽ اوهان جو آه ٻنهون، ٻوءِ ڪيڇ ڏي ڪنهن جي ڪاڻ هلو.

گجگوڙ گلگن ۾ آه گهٽي، چمڪات ڪرن هر ويل ورجون،
هڪ آهه ته پنهنجي ملڪ مٿان مينهن جا ٽيا مانڊاڻ هلو.
اي وره وڪر جا وڻجارا! ساگر جي سڀائن جا سونها!
انجاڻ آسونهون آهن، وڃي "سردار علي" کي سڀاڻ هلو.

●

رات کهڙي طرح ڪٽي سائين،
جيئن کو من ۾ جهگي مٽي سائين.

سور سون کي سمورو سلٽو آهي، جهٽڪ مون کي نه ڏي جهٽي سائين.
منهنجي لڙکن تي ٽهڪ دنيا جا، مون ٻڌا پٽي گهٽي گهٽي سائين.
هي ڪڙي آهه ۽ ڪيري واري، مٽي نه آهي مٽي ڪٽي سائين.
دور کان کو ايا پکاري پيو، او اهو! ڏس هتان هٽي سائين.
سون ڏنو پاڻ کي پيالي ۾، گوءِ جمشيد کان ڪٽي سائين.
لاءِ الله شيخ، شاه الا الله، هوکو هوکو هٽي هٽي سائين.

●

کيو وعدو پرين اڄ جي اچڻ جو،
اسان سهيو کيو نسري لچڻ جو.

مڙها مجذوب ۽ مستاڻ ڪيئي، ٻڌي منهنجي اڳڻ محفل مچڻ جو.
ڪيو دلدار ڏونڊاڙي ڏيڻ مان، گهٽو ڊپ هو گناهن ۾ ڪچڻ جو.
سکياسون پرت جو پير مغان کان، طريقو رنگ الفت ۾ رچڻ جو.
ملیو مڃ عشق جو حق مهر ۾، ڏکيءَ کي ڏاج ٻيکن کان ٻچڻ جو.
اماڻيابون اسان کي سُوي مقتل، ٻلو يارن کيو پنهنجي ٻچڻ جو.

●

ٻاڻ کي ٻاڻ سان ٻڌي ته ڪٽي، هوند جي هوڏ کان هٽي ته ڪٽي.
ٻوجهه هوندي چڙهيو ٻيڙو واڻي تي، ڪنهن سٽين موڙ ڏي مٽي ته ڪٽي.
وره ورٽي مثال آ جنهن ۾، ٻاڻ کي واڻ وڃي وڌي ته ڪٽي.
حرص جي چڪ چکان جو ڇيهه نه ڪو، لوڀ جي لوڙه کي لٽي ته ڪٽي.
سيج سولي نه آهه سُولي ڪان، سر جو سانگو ڪو آت سٽي ته ڪٽي.
هوش هوندو ته حوصلو ويندو، زندگي کيف ۾ ڪٽي ته ڪٽي.
چڏ ڪٽي شيخ زلگ 'ذاکر' سان، پاڪ هن جا ٻلا ڪٽي ته ڪٽي.

نظم

کولجن جي قطار

اڄ وري اولهه طرف هڪ ويل کولجن جي قطار،
ڪرڪنديون ڪاڏي وڃن، ڪنهن جو انهن کي انتظار؟

لال ڳل، ڳوريون ڳچيون، سوڀيا ۽ سهڻي جي مثال،
جُهڙ جي ساگر کي تري، آڪري وڃن ٽيون آرپار.

ٻَرَ اهي، جن تي چُنيءَ جا چيٽ ۽ اجرڪ جون اکيون،
پڌمڻيون جن سان ڏکن پنهنجي امنگن جو اپار.

جن وريون پنهنجي وطن کهکاف پربت جون پريون،
يا ڪي شهزادين ڪري موٽيون هجن شاهي شڪار.

مهڙ ۾ جيئن مارئي ٻوبان سهيلين جون صفون،
ڪيت پنهنجي ڏي وڃن ٽيون پاند ۾ پائي پيار.

جن تي ڪي حورون چڙهيل آهن هوا جي دوش تي،
جئن ڪي شهتارا هجن ساگر جي سيني تي سوار.

کوتڪايو آه جو ڪاهيو وڃن ٽيون ڪيچ ڏي،
ڪنپ ڪٽا تن جا، اٽن ۾ ڀڄ ڀڄان جي پچار.

يا تہ کو پيغام آيو آ پنهونءَ جي پار کان،
يا ٻُڌي آهي انهن ٻب جي ڏڻيءَ جي ڪا ڪار.

مون پڇيو کهڙو سبب ان سرعتِ پرواز جو؟
ماڻ ۾ مرڪي چيائون: "ڳالهه ٻڌ ڳهلا ڳنوارا!
"هن طرف، پنهنجي پرين جي محفلِ ميلاد آهي،
ڀڄڻو آهي، ستان محبوب ڏئي سهڻو ميار".
"سمڪن آهي ٽئي اسان جو وات تي ويندي وصال،
هيءُ ٻڌ هڪ اعجاز آهي عاشقن لئه افتخار".
تون ۽ رک پنهنجي پرين سان سڪ اها 'سردار شاهه'،
جو تہ ان تي آ سين جي عاقبت جو انحصار.

ڪينجهر

اي ڪشورِ تمدّن جي تاجدار ڪينجهر!
تون ملڪ محبّت، روان خير راڻي،
سنڌو جي سرزمين جي ڏن مال جي ڏياڻي،
حسن و جمال تنهنجو ڪونين جي ڪهاڻي،
معلوم ناهه ڇا لئه توکي سڏن مهاڻي:

هر ذات جي تون زينت، ڪامڻ ڪنوار ڪينجهر،
اي ڪشورِ تمدّن جي تاجدار ڪينجهر!

تون عشق جي امانت، سوغات تون سمن جي،
پاکيزگي جي پيڪر، اي جنّپري جگن جي،
بزمِ جهان جي رونق، آسيس انجمن جي،
هر گلستان جي زينت، چانڊاڻ تون چمن جي:

تون مطلع محبّت ابرِ بهار ڪينجهر،
اي ڪشورِ تمدّن جي تاجدار ڪينجهر!

تون تَرڻ ڏڻي تماچي جي نينهن جي نشاني،
سورت ۽ مٽ نه تنهنجو، سيرت ۽ ڪوٺ ثاني،
جلوو جمال جاذب، جذبات ۽ جواني،
تنهنجي طفيل ساري ماڳر تي مهرباني:

عالم تي تنهنجا احسان آهن اپار ڪينجهر!
اي ڪشورِ تمدّن جي تاجدار ڪينجهر!

تون سورمي سهاڳڻ، دارين جي دلاري،
تنهنجي ادا ۽ عظمت، عظمت ۽ انڪساري،
ٽئرت وڏايو تنهنجو ناموس لاميساري،
عزّت ملي له آهي توکي ڪٽان آڏاري:

بخشيو ڪمال توکي خود ڪردگار ڪينجهر!
اي ڪشورِ تمدّن جي تاجدار ڪينجهر!

تعريف تنهنجي سڪ سان بسيار ڪشي پٽائي،
تنهنجي ڳڻن کي گهايو، تنهنجي ٽنا سڻائي،

'ڪلري' سڏڻ جي توکي ڪن ڪوه ٽا ڪچائي؟
ايڏي اچات توسان! ايڏي آچا ترائي!

نوري آ نانهُ تنهنجو، تون نيڪ نار ڪينجهر،
اي ڪشورِ تمدّن جي تاجدار ڪينجهر!

ڪندرن ۾ ناهه غيرت، آٽٽڻ نه آرزو ڪا،
شڪوه بغير ناهي ڪنهن ڪار گفتگو ڪا،
خود داريءَ نظر جي مطلوب آه خو ڪا،
زنده رهڻ جي 'ذاکر' جاکوڙ جستجو ڪا:

غيرن کان گهٽ نه آهي مون تي ميار ڪينجهر!
اي ڪشورِ تمدّن جي تاجدار ڪينجهر!

قطعات

(۱)

هر طرف حسن و حيا، مهر و وفا مان جي ڀالهه،
وسعتِ قلب و نظر، غيرتِ ايمان جي ڀالهه؛
معترف جنهن جا رهن ارض و سما ٽا اڄ پي،
همنشين آه اها وادي مهران جي ڀالهه!

(۲)

هَوس کي اوج ٿو گهرجي، اثر پي،
سکن جي سيج پي ۽ سير و زر پي؛
مگر مطلوب ناهي بيت-بوجها،
سکونِ قلب لئه گهرجي سمر پي!

(۳)

ضرورت کنهن کي دينار و درم جي،
سدا سک ساه ۾ کنهن کي صنم جي؛
گداي ميکده کي مهر گهرجي،
شفيع المذنبين شاهِ امم جي!

گيت

ڏور آ تنهنجو ڏيهه

ڏور آ تنهنجو ڏيهه، مسافرا! ڏور آ تنهنجو ڏيهه.

روپ لنگر جو آهين راهي، ڪٿ تون ڪين سفر ۾ ساهي:
وڃ تي مور نه ويهه - مسافر...

ترٽو آ سورن جو ساگر، جنهن ۾ لهرن جا لک لشڪر:
چولين ساهي چيهه - مسافر...

مشڪل آهي عشق جي منزل، ان لئه گهرجي ٿي دهري دل:
ورجهي تنهن ۾ ويهه - مسافر...

سُرت وڃائج ڪين سفر ۾، نسري ايندءِ ليٽ نظر ۾:
سچ سڪ جو ساڻيهه - مسافر...

نئين طرز

اي لال ڪنوار پنهوري!
تون سالوڻ رُت جي راڻي،
رم جهم جي راڄ ڏياڻي؛
تون اپ ڏي واهه اڏائي،
تنهنجي ويرن هيان ڀاڻي؛
تنهنجو الڳ انگ هڪ آڪاڻي،
جٽ سيتارام ڪهاڻي:
تنهنجي ڪنيئن ۾ ڪستوري!

(٢)

ڀر اڄ اي نار اسمائي!
تنهنجي حالت حيرت هائي!
تون ڪهڙي سور ستائي؟
جهر جهنگ ڪيرين جوڪيائي!
تنهنجي من ۾ ايئن ماندائي،
جيئن جهٽ کي جهڪي جهانگياڻي:
تنهنجي هرڪا آس اڏوري!

(٣)

ڪجهه ٻول ڇڏي ٻاراڻي،
ڏي وينگس ڪا تہ وراڻي؛
ڇا ٻار ڇني ٻاراڻي؟
ٻا ور لٽي تون ويڳاڻي؟
يا تنهنجي نينگر نياڻي،
وڃي رب جي ٻار رساني؟
يا مورهين ٻي مجبوري؟

(٤)

مان سمجهان ٿو تہ سيڃاڻي!
تو تنهنڪ تڪبر تاڻي؛
تنهنجي روپ ڪان آهہ رنجاڻي،
ڪا دلڙي دردن هاڻي،
وڃي عرش تي آهہ اڳهاڻي؛
پر سرور ٿيندءِ ساڻي:
تنهنجي مينهندو معذوري-
اي لال ڪنوار پنهوري!

ڪافيون

*

رخ روشن نورنشان ڏسڻ جو اکين کي آلکو آ.
ڏک سور ڏجهاڻ ڏوري دل ۾ دردن جو دهمان،
اهو سورن جو ساڻان اسان ڏي مرکي ٻار مکو آ.
ٻنبڻيون تير ٻرون جڻ ٻالا چشمن جا چوگان،
اهو جنگ سندو جولان، ڏئو جنهن تنهن جو ساهہ سُکو آ.
حسن ٻسي حيران ٿيا سڀ جنّ مَلڪ انسان،
ڪيو مٿي بن جنهن مستان، مڙن کي ڪنهن جو چاهہ چکو آ.
مرض اڻيان مجبور مسيح الملڪ لڄي لقمان،
منهنجي دردن جو درمان ٻرين جي ٻاجهہ سندو ٻرکو آ.
سار ڪِڏي 'سردار علي' جي، عربي جو احسان،
لٽو هرکو وهم گمان، رهيو کو خوف نہ کو کنکو آ.

*

دل ديد ڪئي ديواني - او جاني! شل ٻاجهه ٻوي.

پنڌيون تير پرون جڻ پالا،
چشمن جا سپ ناز نرالا،
ڪر نيٽن تي نگراني - او جاني! شل ٻاجهه ٻوي.


لوڏ پرين، تنهنجي لاڪيٽي،
ٻانهن - اچل سان ٻڌي ٽيٽي،
تنهنجا لاڏ مڙيئي لائالي - او جاني! شل ٻاجهه ٻوي.

حجت آهه نه توسان تيرَ جي،
زوراور! زاري 'ذاڪر' جي،
تون ڏيهه ڏئي، سان ڏالي - او جاني! شل ٻاجهه ٻوي.

؟

لالي لبن کي لائي،
پنهنجي حسين هٿن سان غنچي کي گل بنائي،
نيٽن ۾ نينهن لسائي؛
پيالا پيري پرت جا،
ازلي اجايان جي اوسات کي اجهائڻ؛
سڪ جي سهيلين کان، ڪيچن سان ڪٿ ڪنڊائي،
ڪاري بلا بنائي؛
جهانجهر ٻڌن ۾ ٻائي،
ناڙ و ادا نچائي؛
ٻٽ ٻاڻ کي ڏکائي،
ٻڌڻ ٻکل ورائي:
ڪامڻ ڪنوار آئيي،
پي اختيار آئيي!
نازن پري نظر سان آبِ حيات هارڻ،
جذبات کي جيارڻ،
گيتي ۾ گل اپارڻ؛
دوشيزهٔ چمن جي جوبن ۾ جوت ٻارڻ،
هر انگ کي اجارڻ،

مينهن ۾ ساهه ڏوکڻ،
سيتا جي سونهن ٻڌجي،
دل جي ورونهن ٻڌجي،
سپنن کي سچ ٻڌائڻ،
هر آس کي اکهائڻ،
نوخيز نار آئي،
مستانه وار آئي!
قسمت کڻي ڪُڇيڙ تي ٿن کي برات بخشڻ،
ٻلبل کي بات بخشڻ،
مرحوم مڪڙين کي حسن و حيات بخشڻ،
قدرت وڏان ڪرم جي ٻس ڪائنات بخشڻ:
فصلِ بهار آئي،
ٻي اختيار آئي،
مستانه وار آئي!



۱۹۶۹/۳-ع



ا. ح. جئسنگھاڻي «سام»

ا. ح. جئسنگھاڻي "سام"، اصل ويڙل طيب، تعلقي رتيديري جو ۽ حال رهندڙ لاڙڪاڻي ۾ آهي. سندس جم جي تاريخ ۳- جون ۱۹۰۳ع آهي ۽ سندس زندگيءَ جا خاص واقعات هن ريت آهن:

تعليم: چار درجا انگريزي رتيديري جسي اي. وي اسڪول ۾ وڃڻ بعد شڪارپور جي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو، مگر پنجين درجي جي امتحان ڏيڻ کان اڳ ئي قطع تعلقات (Non co-operation) هلچل شروع ٿيڻ تي سرڪاري اسڪول ڇڏي، شڪارپور ۾ قومي اسڪول جي برپا ڪرڻ لاءِ شري ليلارام ڀيروانيءَ سان سات ڏنائين؛ نه فقط چندن وغيره ڪئي ڪرڻ جي ڪم ۾، مگر پين ڇوڪرن کي ڀڻ قطع تعلقات جي هلچل ۾ آڻڻ واري ڪم ۾. انهيءَ عرصي ۾ ساڌو واسواڻي صاحب ۽ ميسيو هال رچرڊ جي اثر هيٺ آيو، جن سان اڳتي هلي ڪري ڪيترن سالن لاءِ سندس گهاڻا ناتا رهيا ميسيو هال رچرڊ جي نينڊ تي "سام" صاحب ننڍي جمار ۾ ئي سير تي نڪتو ۽ وڃي سائس ڪوٽ ڳڙهه طرف ملايو، جو سملي کان اتڪل پنجاهه ميل پهاڙ ۾ اندر آهي. اها مسافري سملي کان ايڏائي ڏينهن جي عرصي ۾ پيدل پنهنجي هڪ ساٿيءَ سان گڏ ڪري وڃي پنهنجي پياري اڳواڻ سان مليو. ٽورن مهينن بعد ميسيو هال رچرڊ پهاڙ تان لهي، سندس گوٺ طيب ۾ سائس ملڻ آيو ۽ اتان گڏجي سڄي سنڌ جو پنهي سير ڪيو. ان کان پوءِ ميسيو هال رچرڊ جلد ئي پنهنجي ديس فرانس ڏانهن هليو ويو ۽ سندس نينڊ تي جئسنگھاڻي ۱۹۲۴ع ۾ يورپ جي سير تي ويو. فرانس، الجيريا ۽ سئٽزرلئنڊ ۾ گهڻو ڪري سڄو سير ميسيو هال رچرڊ سان گڏجي ڪيائين ۽ اتڪل هارهن مهينن جي سير ۾ پيا ڪيترا يورپ جا ملڪ ۽ اسلامي تهذيب جا مرڪز- مصر، ٻلستائين ۽ شام ۽ اتر- آفريڪا ڏنائين؛ جن ڪيس اسلامي تاريخ ۽ لٽريچر مان واقف ڪرايو. سندس تعليم ۾ جيڪا قطع تعلقات ڪري اوڻائي رهجي ويئي هئي، ان سير ۽ وڏن عالمن جي صحبت سان پوري ٿي ويئي. سندس علم ۽ ايياس جي شوق ڪيس انهيءَ حد تي پهچايو جو ننڍيءَ جمار ۾ ئي ڪيترا انگريزي ڪتاب لکيائين، جي پڙهي، ميسيو هال رچرڊ ۽ ساڌو واسواڻي صاحب ڪيس گهڻو همٿائڻ لڳا تہ اهي ڪتاب شايع ٿيڻ گهرجن. انهن مان ست ڪتاب ميشرس گڻيش اينڊ ڪمپني مدراس جي ۱۹۲۸ع کان پوءِ جلد جلد ڇپائي پڌرا ڪيا. سندس انگريزي ڇپايل ڪتابن جا نالا هي آهن:

The Temple of Joy; Dialogues in Ashram; The Vision of life; Talks with Eeyee; Spiritual life; The model village; ۽ If Truth at last be told.

ٻيا ٻ ڪيترا ڪتاب سنڌس تيار ٿيل آهن، مگر آهي ملڪ جي جدا ٿيڻ سبب مدراس ۾ ڇڇجي ڪوڏ سگهيا، ۽ اڄ تائين اڃا ڪنهن نئين پبلشر جا محتاج آهن. سنڌس انگريزي ڪتابن جا تبصرا گڏيل هند ۽ يورپ جي ڪيترن رسالن ۾ ايندا هئا، اهي سڀئي سنڌس خيال جي بلنديءَ ۽ تحرير لاءِ داد ڏين ٿا.

انهيءَ وقت ۾ ڪراچيءَ مان هڪ ماهوار رسالو "New Age" نالي ۾ شايع ڪيائين. ڪراچيءَ ۾ ڇپائيءَ جي ڪم سان گڏ "اڪبر آشرم" جي استاهن ڪرڻ جو ڪم ۾ شروع ڪيو هئائين، جنهن جا خاص متا هنا هندو مسلم ايڪتا ۽ مذهبي ميلاپ. ڪراچيءَ مان انهيءَ آدرش حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترا ٽرئڪٽ ڪيبائين، جن جي ۾ سنڌ، هند ۽ ٻاهرين ملڪن جي ادبي مرڪزن ۾ چڱيءَ طرح آڄيان ٿي هئي ۱۹۳۴ع ڪان ٻوءِ، پنهنجي رسالن جو ڪم هڪ دوست مسٽر آرٽرينگ جي حوالي ڪري ۽ رسالي کي هفتيوار ٻڌائي، ۾ پنهنجي زمينداريءَ تي ڳوٺ طيب موٽي آيو.

طيب ۾ پنهنجي زمينداريءَ جي سنيال سان گڏ ڪڙمين جي حالتن ۾ سڌاري آڻڻ ۽ انهن جي ۾ارن کي سوشل ميٽنگن ۽ ميڙن دواران تعليم ۽ تهذيب ڏانهن ڇڪڻ، ڪيس سيپ کان وڌيڪ پيارو ڪم هو. ازانسواءِ پوک جا اوان طريقا ڪڙمين کي سيکارڻ، هڪ پاڇين جو ريسرچ فارم Research form رکائڻ، ڪڙمين جي ڪوآپريٽو اسٽور کولائڻ، کامين ڪڙمين ۽ پنهنجي وچ ۾ پريتي پوڄن دواران ميل ميلاپ جي پاڻ وڌائڻ جي ڏس ۾ ۾ ڇڪي شروعات ڪيائين. ان سان گڏوگڏ صبح ۽ شام جو "اڪبر آشرم" ست سنگ جاري رهندو هو، جنهن ۾ ڪيترا صوفي فقير وقت بوقت اچي شامل ٿيندا هنا. طيب ۾ جيڪو آل سنڌ صوفي سماگم ۱۹۳۴ع ۾ لڳو، تنهن جهڙو ميلو وري ڪنهن ٻئي ڳوٺ ۾ مشڪل لڳو هوندو. اهو سيپ سامر صاحب جي ڪوششن سان ٿيو.

ملڪ جي ورهاڱي بعد سنڌس پاڻر ۽ عزيز ڪيترا هندستان هليا ويا، ۽ جشنگهاٽي صاحب وطن عزيز سان الوداع ڪري ڪين سگهيو. پنهنجي ڳوٺ ۾ سنڌس ڪوبه مٽ مائٽ ڪونه رهيو، ان ڪري لاڙڪاڻي شهر ۾ سڪونت پذير ٿيو، جتي سنڌس جيون ساڻي سرلادیوي ساڻس گڏ رهي ٿي ۽ ٻئي گڏجي "اڪبر آشرم" پليڪيشن دواران سنڌي ادب جي خدمت ڪندا رهن ٿا. هن لاڙڪاڻي واري دور ۾، خاص ڪري پنهنجي سنڌي شعر جي سڌاري ڪرڻ ۽ ڇپائڻ جو ڪم سامر صاحب هٿ ۾ کنيو آهي. انهيءَ عرصي ۾ سنڌس "ديوان" ۽ ٻيا ڪيترا ڪتاب جهڙوڪ "تون ۽ مان"، "ٻينوءَ جي سوغات"، "دل جو جام سدا پرپور" ۽ "آتم باغ" شايع ٿي چڪا آهن.

پنهنجي مادري سنڌي زبان کان سواءِ، سامر صاحب کي فارسي، هندي، اردو ۽ سرائڪي زبانن تي ۾ عبور حاصل آهي. هن لاڙڪاڻي واري دور ۾ سندن "فارسي ديوان" ۽ جُڙي

پيار ٿيو آهي ۽ اڪبر آشرم جي رسالي "رهاڻ" ۾ آن مان چونڊ غزل وقت بوقت ڏنا ويندا آهن. سندس اردو شعر جو انتخاب زيرِ طبع آهي، جو ٻن قسطن ۾ رسالي "رهاڻ" ۾ ڏنو ويجي ٿو.

سام صاحب جا دوست هر فرقي ۽ هر قوم ۾ هُئي سگهجن ٿا. سيد اظهر شاه گيلاني "ديوان سام" جي مقدمي ۾ سندس لاءِ لکي ٿو: "سام صاحب نه هندو آهي نه مسلمان؛ نه منڪر نه مشرڪ؛ هو صوفي باصفا، صاف دل، صاف نيت، صاف گو، تڪبر ۽ ڪيني کان ڪناره ڪش، صلح ڪل ۽ انسانيت جو سچو خيرخواه آهي... هو روحانيت جو پرستار، مادیت کان بيزار آهي؛ هو بنده کي بنده، خدا کي خدا سمجهي ٿو؛ هن جو خدا جي هيڪڙائيءَ تي ايمان آهي. هو زنده دل ۽ با اخلاق صوفي شاعر آهي، ان جو ڪلام انسان کي اخلاق و محبت جي دعوت ڏيندو رهي ٿو."۔

غزل

●

ڪل و بلبل سنديون باتيون نوان شاعر نه ڳائن ٿا،
سندن دل کي شڪر جا مسئلا اڄ صرف پائن ٿا.

وڃن ٿا باغ هنندا اڄ، جهنگل ڪٻا، جبل هپندا،
ميليون ۽ ڪارخانا آت چڪي وَهوائد لائن ٿا.

سمنڊ سوڙهو، فضا سوڙهي، ويو خود چرخ سوڙهو ٿي،
پکيڙها پَرَ سَٽين هرجا ۽ رابت ڏَن مچائن ٿا.

جتي انسان جو هيرو آتي حيوان نه ڪن ديرو،
پرائدا اڄ ٽيڙي پکڙي ڇڇيون ۽ سير ليڪائن ٿا.

ستارن تي نظر جن جي انهن کي ناهه پنهنجي ڄاڻ،
وٽيون چنڊ جون سڃاڻن ٿا، نظر دل ۾ نه پائن ٿا.

هوَس جي هر طلب ٿي عقلِ انساني سندو پايو،
پَٽا ڇو علم ۽ سائنس گهپراهٽ وڌائن ٿا.

گلن جي بُو، تنوارون بلبلن جون هت نه رهنديون يار،
لوان شاعر، عجب ناهي، سي اکَ ۾ خود پَٽائن ٿا.

ڪري ٿو "سام" حسن و عشق جون باتيون اڃا چالو؟
تنگيءَ جي هين زماني ۾ نشانِ رَه بتائن ٿا.

سهارو "سام" جو آهن هي سڪ ۽ پيار چون باتيون،
حيات و موت مطلب ڪونه تين بن کو سمائن ٿا.

هجن بهارون سدا زندگيءَ جي باغن ۾،
رهي کا سڪ پري خوشبوُ سدا گلابن ۾.
وڏي رهاڻ ۽ رلمل چمن ۾ صحبت جي،
کهلي نسيمِ وفا روح و دل جي ساڻن ۾.
تکيان ٿو روز مان راهون اڃا پي وصل سنديون،
رهان ٿو خوش سان سدا پيار جي دلاسن ۾.
گهران نٽو سان ٿيئي راند حسن و الفت جي،
دعائي خير پريل آهي منهنجي راڻن ۾.
رهي ٿو موت جو ٻاڇو مٿان سين جي سدا،
کمي نه هڪ کا اڃي شوق جي تڙاڻن ۾.
عطائي يار سمجهه "سامر" تون غمِ دل کي،
تجلي حسن جي ڏس عشق جي عذابن ۾.
چراغ چاهه جا سڪ سان جڳاءِ "سامر" سدا،
آجالو شل رهي ارمان جي آڪاڻن ۾.

نظم

شاعر کي خطاب

ڇجي ڪٿي چمن ۾ فصلِ بهار آهي،
هر بيقرار منهنجو ڇو قلبِ زار آهي!

باغن جي رُوءَ ساڳي گلڙن ۾ بوءَ ساڳي،
دنيائي شاعريءَ ۾ ڇو انتشار آهي؟

ملکِ خيال جو تون خود بادشاهه آهين،
دل ڇو خسيس باتين سان بيقرار آهي؟

تنهنجا خيال آهن، اي شاهه! تنهنجا هٿيار،
ميدانِ فڪر ۾ کا ٽيٽي نه هار آهي!

تون آن زبانِ عالم، تون ترجمانِ عالم،
آواز تنهنجو شاعر! جڳ جي پڪار آهي.

نوڪِ قلم سان ڪاڌيا ٽي سير تو هر ستم جا،
اڄ توکي ڪنهن جو ڪنهن جو هٿ انتظار آهي.

فڪر و نظر سان تنهنجي حل ٿيندا سڀ مسائل،
نظر جهان جو توتي دارو مدار آهي.

تون ٿو فقط پُڌين اڄ خالي شڪر جون دانهون،
ليڪن بشر جو دل من ۾ اڄ نزار آهي.

مذهب ٿي قيد ۽ ڏاڪڙ سياست،
روح وقار انسان اڄ اهڙو خوار آهي!

ٿو عقل جو حواڻ تي پروسو رهي نت،
پر عشق جو اجل تي پي اعتبار آهي.

حق جي چوڻ کان ڪٿ ٿي لرزي زبان انهيءَ جي،
سوليءَ مٿان به جنهن جي دل ڪي قرار آهي!

سينگار سونهن ڪل جي خوبيءَ جو آ اشارو،
هستيءَ جو باغ جنهن بن هر طور خوار آهي.

گلڙن جو ناز نخرو، بابل جو چهچهاڻو،
درس وفا جو ڪويا هڪ اختصار آهي.

ڇا باغ ڪل ۽ بابل، ڇا بيٺ جي لڙائي،
سڀ "سار" عشق تنهنجي جو ڪاروبار آهي.

حق گوئي، حق شناسي اڄ "سار" کي چوي ٿي،
حق جي هرڪ جي هڪ جا، مقتل ۽ دار آهي.

دنيا کي "سار" آتش اڄ حرص جي لڳي آ،
نارڻ جي لاءِ آنسو هڪ آبشار آهي.

ڪافيون

*

وڃ موت موڻي منهنجي در تان ميان، توکان عشق اڳي هت آيو هو!
جند جان ڪٽي ويو مال مڏي، ڏَڻُ جيڪو هت مون ڪمايو هو،

نينهن نظرن سان جاڳايائين، جانُ 'موتو' مرڻ جو جاڻايائين،
نشو 'سيري انا سيره' جو لانائين، جامِ جم نه اهڙو سمايو هو.

جت جوءِ جيڏ جي ناهه ميان، جت موت جو پير نه پيو آ اڃا،
جت ناهه دوام و فنا جو نشان، آ دلبر ٻاڻ ڏَسايو هو.

پاڻ پنهنجو ڪين لهي ڏسا سگهون، نظرن ۾ سدا ساجن کي رکون،
هر شيءِ ۾ ٻيا لاڻ کي ليکون، درس عشق اهو ئي پڙهايو هو.

خواهش نه رهي نه ڪا آهه خوشي، ڪيان تنهنجي پلا خاطر ڪهڙي،
تنهنجو چرڪ جيڏ سو ويو هو چري، ذرو ٻيرَ ڪان مون نه بچايو هو.

جڏهن "سام" ڏيس مان ساجن جي، تون سامُ وئين مون ڪان وسري،
ڏيس آسَر ميڙائي هيءِ هستي، ڪيڏي ٻاڻ مان جو ڪي پرايو هو.

*

[سرائڪي]

عشق ڪينا روشن گهر ساڈا ڈيئے ول نہ جگيسون وے،
يار دي صورت نظر ڪيتو سے مول نہ مندر ويسون وے،

دل دي ٻٹي وچ دَرسُ پڑهيوسے، باب بره دا صحيح سمجهيو سے،
جيڏ مرڻ دا راز سڏيوسے، هوڻيان ول نه پڑهيسون وے.

ماهي ڪُون مـن دے مندر وچ، سجدا ڪيتوسے انـدر وچ،
پير جگايوسے هُڻ گهر وچ، هي ڪُون ڈَنُ نہ ڈيسون وے.

جنهن نہ سچاتا ساجن من وچ، او نہ سچائيسي ڪيڏ بَن وچ،
يار گنوائي عقل دے دَن وچ، ڈُور نه ڪٹ گهوليسون وے.

جينهان ڈِتي دلڙي هڪ واري، 'سام" جيتي تنهان هاري ساري،
جينهان جند واري هاري هاري، سَر وَل قير نہ مريسون وے.

[پڇن]

دل ۾ وسي ٿو ڪانُ سکيري، ٻيو نہ اٿم کو گمان.
روم روم ۾ آن جو واسو، نس نس ۾ آ نشان،
چاهه جي جوت جگي آ چت ۾، چمڪي من جو مڪان:
تيرٿ منهنجو من ۾ سمايو، ساڻ اٿم سو سجان،
سڪ ئي ساڻ سگن آ منهنجو، پوڄا جو سامان.
گرڏر جو جنهن دل ۾ واسو، سا نه رکي ارمان،
ٻيڪ نہ "سام" منگي ڪا در در، پاڻ ڈٺائين دان.

بيت

(۱)

سانباها ۽ سڪ مور نہ جڙي ڪالهہ سا،
آنا ڪانا ڪين ڪري، جنهن دل ۾يتي ۾يڪ،
لج نہ ڪري ليڪ، ڪاهي قلزم ۾ هوي.

(۲)

هي مَن ڪانُو آ گهٽو، ڪالهيون ڪچ ڪٽي،
ڪري سانباها ۾ير لٽ، وڏي هام هٽي،
لرزي مشڪلات کان، قدم نہ ڪوئي کٽي،
ڪري بهانا آلسي، جونا سبب جٽي،
جيڪا ڪيس وٽي، هٽ نہ هٽيلو چڏي.

(۳)

جيڪي يار ڪهڙي، سو مور نہ آڇي هيءُ،
هين ڪي تہ آ هر وبل ۾ پنهنجو ۾رين جيءُ،
ٽڏ ۾ ۾ي گرمي لڳيس، گرميءَ ۾ تَس سيءُ،
چڏي چراگاهہ چاهہ جو، ڪولي وهمي ويءُ،
پيالو وٽي حرص جو نہ هين جي هٽان ۾يءُ،
مَن جي وس نہ ٽيءُ، من ڪي ڪر وَس پنهنجي.

(۴)

سَڏُون ڪوهہ ڪرين، جي سمر نہ سارين سڪ جو،
هلج مسافت هن تي، جي سير جو سُنگ ۾رين،
ڪاهي ناؤ لفيءَ جو، آلنو ترنگ ترين،
هستيءَ واري ماڳ تون، مورک! ڪين وَرين،
جي سير اندر مَرين، تہ "سام" مرا.ون راس ٿيون.

(۵)

تارازيءَ جي ٻَڌ ۾ جيڪو پاڻ ڏري،
ٽيئي لوڪ انهيءَ سان ڏسو وزن ڪري،
برابري تہ ٻَري، ٽين نہ پاسنگ آن ٻو.

(۶)

اڳيان اٽيئي ٻڌ جا ڪوهَن مٽان ڪوهَ،
لڳل ڪڙيون هوَس جون، هٽين ۾ير لوهَ،
چڏي سيڏي واڙي، ڪاهي پَٽين منجهہ روهہ،
ويري ڦرن وات ۾، ڪام، لوڀ ۽ موهہ،
مٽان اچي ٿو موت جو ڪاهيندو نيت ڇوهہ،
ڪرين ڪنهن سان ڏوهہ، ٿو ۾ير مٽهي هت ۾يڙيا؟

(۷)

ڪَٽهي ڪُٽندو ٻڌُ، تون سمهين ٿو سَڏون ڪرين،
چاهہ جي چمتڪار سان، ميٽهي اڳياني انڌُ،
وٽي سيڪ جو سَڏُ، تون وچ ڪاهيندو وات ۾.

وائي

سڪ آ تنهنجو سندرو سيڪن آڻي سيڌاهہ،
چڙهي چاڙهي چانگ جئن چت ۾ چوري چاهہ،

ٻاري ساڙي ڪُوڙ کي آڏائي جئن گاهہ،
روهي سڪ آ راز جي تيکو ڪري آتساهہ.

ٻڙي ٻڙي سا ٻار ڪري دُکَن سندو درياهہ،
سچائيءَ ۽ سار سان ڪري گم اونداهہ.

سڪ ڏاکڻ ڏکڙن جي ڏرت منجهون ڏي ڏاهه،
سڪ ٿئي وسيلو وات ۾ ٿپهي وڙه جو واه

"سار" سدا سڪ وارن سان دل جو رکج ناه،
سڪ نيائج سڀرئين توڙي وڃي ساه.

رباعيون

(۱)

پيرَ کي مون چيو: وٺ جو به آهي مون وٽ،
سُرکي نه پيالي ۾ پيرين تون ڪر گهٽ؛
دنيا ۽ ڏيان دين ۽ ايمان ڏيان،
هيءَ ريت پيرت جي لء فقط ساجن مٽ.

(۲)

هڪ آس اِهائي ٿي رهي گهٽ گهٽ ۾،
خود لاش ۽ منهنجو هي هجي هين هَٽ ۾؛
ويندو نه هتان روح اڏامي ڪيڏانهن،
رهندو سو پي ڪنهن مئي جي ٿي مَٽ ۾.

(۳)

دروازو اگر بند رهيو جنت جو،
ڪُنڌو ڪو ڪُٽي هن سان ٿي در رحمت جو؛
ارمان نه رهندوم ڪو دل ۾ اهڙو،
ميخانو بهانو ٿو ٻڌي شفقت جو.

(۴)

"ديوان" ڪي وشواس هي دل جو آهي،
جنت ۽ محبّت جي اڳيان ڪجهه ناهي؛
بن عشق خدا خود نه ٻيو ڪو آهي،
مَن تان سون چڏيا وهم ميٽي لاهي.

قصيدا

شهيدن جي شان ۽

(۱)

دل ۾ خوشي پئي آهي ۽ غم حسين خاطر،
اک آس سان روشن، ٿي نئين حسين خاطر.
خونِ وفا جو قطرو انسانيت جي عظمت،
آهي رضائي حق جو برچم حسين خاطر.
دل تي غبار غم جو، سيڪ جو خمار پئي آ،
ٿيو وقفِ سک ۽ جيوت جو غم حسين خاطر.
آڏلدو ٻتنگ آيو ٻرِ ۾ اچي سمايو،
شمع رضائي حق ٿي شبنم حسين خاطر.
مقتل ۾ مرد کيڏن سير ٻهنجي سان بازيون،
تيغِ ستم پئي گويا کيو کم حسين خاطر.
عاشق جي تاجپوشي سير جي ڪئن سان ٿي 'سام'،
زخمن جي کير ڏونڊي مرهم حسين خاطر.

(۲)

ساتم قدح ٻڌي دل شڪرانا ٻر زبان آ،
شبڊير جي الم سان آباد هي جهان آ.
ياد آ لسيم آلفت گل غم سندا ڪيلائي،
شبنم سان اشڪ جي هيءَ سرسبز گلستان آ.
تيرن جي سيج تي ٿي آلفت قرار پائي،
دارِ ستم طلوعِ عظمت جو هڪ نشان آ.
فرقانِ عشق ڪاتب! اکرن ۾ ڪين لکجي،
ڪرب و بلا جي تختيءَ تي رازِ حق عيان آ.
سير سان چٽي نشانو، تن جو بٽائي نيزو،
سو ڪيئن گڏي جنهين جي عزمِ وفا ڪمان آ.
سيڪ سان عاشقن جو آهي حيات روشن،
جيئڻ مرڻ ۾ ظلمت جو شڪ نڪو گمان آ.
نقاره جڏن وڄائي آن جي ڏمال ٿي زيست،
ٿيو 'سام' هرمکان پير ۽ ڏونڪو خود زمان آ.



شيخ عبدالرزاق "راز"

محترم 'راز' صاحب، پنهنجو تعارف هن طرح كرايو آهي:

"كهاڻي لكڻ جدا شئي آهي، ۽ آتر كهاڻي لكڻ وڏي ذميداري آهي. بهرحال محترمي ايڊيٽر 'مهراڻ' جي حكم موجب مختصر سوانح حيات لكڻ جي كوشش كريان ٿو.

آءٌ پنهنجي چاليهن سالن جي عملي زندگيءَ كي مختلف خانن ۾ ورهايان ٿو.

زندگي هك وڏي نعمت آهي، ان سان گڏوگڏ وڏي ذميداري به آهي؛ تنهنكري هر قدم تي ذميداريءَ جو احساس ٿيندو اٿم. منهنجو اهو پختو يقين آهي ته ذميداريءَ جي جذبي هيٺ زندگيءَ كي سنوارڻو آهي، جنهنكري زندگي صحيح معنيٰ ۾ نعمت بڻجي ويئي ٿي.

مون پڑهيل ـ گهڙيل ماحول ۾ اك كولي ۽ علمي ادبي فضا ۾ پرورش ٿي. ڏاڏي مرحوم جي علمي ۽ ادبي كچهرين مان فيض حاصل كيم، جنهن جي مجلس ۾ اكثر عالم ۽ فاضل گڏ ٿيندا هئا.

منهنجي شروعاتي تعليم سكر هراڻي ۾ شاهه خيرالدين رحه جي درگاهه تي قرآن حكيم سان ٿي. حافظ محمد بخش مرحوم هك وڏو بزرگ هو، اوائلي تربيت ان كان حاصل ٿي. زندگيءَ جا ۱۸ سال مختلف اسكولن ۽ كاليجن ۾ گذريا. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم سكر ۾ ورتي ويئي، ليكن ثانوي تعليم جو آخري دؤر عليگڙهه ۽ لاهور ۾ گذريو. مٽرك جي سند پنجاب يونيورسٽيءَ كان ملي. اعليٰ تعليم جا ڇهه سال ڊي. جي. سند كاليج كراچيءَ ۾ گذريا. اهو سمورو عرصو بيفكريءَ ۽ آسودگيءَ جو زمانو هو.

نندڙيءَ وهيءَ كان آكاڻين پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. ان كان سواءِ بزرگ شخصيتن جا كارنامه دلچسپيءَ سان پڙهندو هوس. اهو موضوع ڏاڏي مرحوم جو دلپسند شغل هو.

انگريزي اسڪول ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ پنجن سالن ۾ سکر پراڻي جي واحد لئبريري جا سڀ ڪتاب پڙهي ڇڏيا. ثانوي تعليم جي آخري سالن ۾ شاعريءَ جي صنف ۾ سيد شاهه محمد شاهه جي دوستيءَ ۾ تڪ بندي شروع ڪيم. اسڪول جي بيت بازيءَ جي مقابلي ۾ اسان ٻئي پيش پيش هوندا هئاسين.

ڪالهج جي ٽئين سال ۾ سرڪواسي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي قيادت ۾ 'سنڌي ادبي سرڪل' جو بنياد رکيو ويو، ۽ مون کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. اڳ مسلسل چار سال يعني ايم. اي ٽائين ان عهدي تي رهيس. سنڌي سرڪل جي اجراء سان سنڌيءَ ۾ جديد ادب جو آغاز ٿيو. مون آزاد نظم، نارائڻ شيام سانيت ۽ شيخ ايياز مقفيٰ نظم ۾ نوان تجربا ڪيا. سنڌي ادب ۾ منهنجو آزاد نظم غالباً پهريون آهي، جو ايياز جي اڳئي قدم رسالي ۾ ۱۹۴۴ع ۾ شايع ٿيو، ان کان پوءِ پيا ڪيترا آزاد نظم گوبند مالهيءَ جي 'پرهه ڦٽي' ۾ ڇپيا. اهو زمانو سنڌي ادب ۾ نئين موڙ جو دؤر هو. استادن سان ڊاڪٽر سدارنگاڻي، پروفيسر پنجواڻي، ديارام منشاراماڻيءَ جي نيڪ مشورن سان اسان جي ادبي تحريڪ نهايت ڪامياب ٿي. اهل ذوق شاگردن ۽ شاگرد پاڻين جو اسان سان تعاون هو. هر مهيني ڪا نه ڪا تقريب منعقد ٿيندي هئي. جنهن ۾ اهل قلم استاد ۽ شاگرد حصو ونڊندا هئا. مرحوم ڊاڪٽر داؤد پوٽو، سرڪواسي لالچند امرڈنومل، ڪاڪو پيرومل، عثمان علي انصاري ۽ جناب اي. ڪي. بروهيءَ پارا بزرگ اسان جي سڪ جي سڌ تي اڃي شامل ٿيندا هئا ۽ پنهنجي ارشادات سان نوازيندا رهندا هئا. اسان جون نجي ادبي ڪلبون ميناراام هاسٽل ۾ نارائڻ شيام وٽ رهنديون هيون. تنقيد جي فن ۾ نارائڻ شيام کي وڏي معلومات هئي، جنهن کان گهڻو ڪري هر ادیب ۽ شاعر لهائيندو هو. اڳ ته ڪانئس اصلاح ۽ مشورو وٺي پوءِ پڙهندو هوس. تنقيد جي سلسلي ۾ سائين سدارنگاڻيءَ جي راءِ آخري سمجهي ويندي هئي. ساڳئي زماني ۾ گوبند مالهيءَ ترقي پسند مصنفن جي انجمن جو بنياد رکيو، جنهن ۾ سڀ جديد ادب جا حامي شامل ٿياسون. پروفيسر ملڪاڻي به اسان جي ڪچهرين ۾ اچڻ لڳو. اهي تحريڪون طويل ڪهاڻيون آهن، جن جي بيان لاءِ هت گنجائش ڪٿو سمجهان.

برصغير جي تقسيم تائين اهي ادبي تحريڪون ڪم ڪندیون رهيون ۽ ان کان پوءِ ختم ٿي ويون.

مون، سال ۱۹۴۷ع ۾ تعليم کان فارغ ٿي، ڪراچيءَ ۾ روزنامه "الوحيد" ۾ ملازمت اختيار ڪئي، جتي جناب يوسف هارون مئنيجنگ ڊئريڪٽر کي "الوحيد جي هفتوار" ايڊيشن جي اجراء لاءِ رضامند ڪيم، ۽ مون ان جي ادارت جا فرائض، مولوي سيتائيءَ جي قيادت ۾ سنياليا. هيءُ پرچو علمي ۽ ادبي تحڪالرجاليءَ جي دؤر ۾ وڏي غنيمت ثابت ٿيو، جنهن کي ڊاڪٽر خليل، مولائي شيدائي، محبوب علي چنا، مرحوم لطف الله بدوي، بڪر چنا، مرحوم نياز لاڙڪانوي

۽ مرحوم نظامي جهڙن برڪ ادبي شخصيتن جو تعاون حاصل ٿيو. هڪ سال ڪن انهيءَ ملازمت ڪئي تائين رهيس، ان کان پوءِ سکر ميونسپل جو چيف آفيسر مقرر ٿيس. مجموعي طور انهيءَ ملازمت ست سال ڪيم، جنهن کان پوءِ استعفا ڏيئي ڇڏيم. سکر ۾ حبيب ايليمينٽري جو سلسلو مقبول صديقيءَ جي مدد سان قائم ڪيم، جنهن جي سهاري هيٺ ڏهاڪو ڪن ڪتاب شايع ٿيا. سکر جي ادبي تحريڪن — سنڌي ادبي سرڪل، لطيف اڪيڊمي ۽ سنڌي ادبي سنگت سان خاص واسطو رهيو، جن ۾ شيخ اياز، رشيد ڀٽي، آفاق صديقي، نڪهت بريلوي، مولائي شيدائي، حڪيم شمس‌الحسن، شهزاده اياز، مقبول صديقي وغيره، سکر جي ادبي زندگيءَ کي تحرڪ ۾ آندو. تقريبات ۾ جناب اي. ڪي. بروهي، هري دلگير، تنويـر عباسي، نياز همايوني، مرحوم لطف الله بدوي، بشير موريائي، مولانا عبدالمجيد سالڪ، شوڪت ٿانوي، جميل‌الدين عالي، حفيظ هوشيارپوري جهڙن ادبين شرڪت ڪئي. اسان جـون اهي تقريبون ۽ ڪانفرنسون نهايت خوشگوار ماحول ۾ ٿي گذريون.

سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جي ادبي ڪچهرين ۾ شامل ٿيندو رهيس، ۽ هر سال ڪراچيءَ جي ٻن-ٽن مهينن جي قيام جي دوران هفتيوار سنگت جـي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيندو رهيس. نورالدين سرڪي، اياز قادري ۽ مرحوم احسان بدوي، جن وٽ ادبي نشستون منعقد ٿيندیون هيون، تن ۾ محترمي ابراهيم جويو، سراج سنڌي، رشيد لاشاري، غلام رباني، عبدالحليم جوش، مولانا عبدالواحد سنڌي وغيره شريڪ ٿيندا هئا. ڪٿو ڪري مينارام هاسٽل ۾ ميڙ ٿيندو هو ۽ نورالدين سرڪي ۽ غلام رباني ميزبانيءَ جا فرائض سر انجام ڏيندا هئا. ڏهن سالن کان تعليمي ادارن سان وابسته رهيو آهيان، جـن ۾ هيڊماسٽري، ليڪچرري، پروفيسري ۽ پرنسپلي جا فرائض شامل رهيا آهن. هـن وقت عطاحسين موسوي ڏکري ڪاليج روهڙيءَ جو پرنسپل آهيان. هڪ درجن ڪتابن جو مصنف آهيان، جن ۾ اردو، انگريزي ۽ سنڌي ڪتاب شامل رهيا آهـن. سنڌي ڪلام ۾ 'سارنگ'، 'پيهي منجهه ڀاتال'، 'سچڻ سفر هليا'، ۽ افسانن ۾ "ڀاڪ بنگلو" آهن. اخلاقي اقدار جو حامي آهيان. جن ۾ حقوق العباد کي ترجيح ڏيندو آهيان. جن ۾ انسانيت جو هر طبقو اچي وڃي ٿو. عمل ۽ قول ۾ صاف ۽ ساده زندگي جو قائل آهيان. حرص ۽ لالچ کي وڏو عيب ٿو سمجهان، جو معاشرتي نظام کي درهم برهم ڪيو ڇڏي ۽ ان کري انسان جي عظمت ۽ وقار کي نقصان پهچي ٿو. اخلاقي اقدار جي قدر کرڻ سان انصاف ۾ خود داري ۽ بي نيازي پيدا ٿئي ٿي ۽ انسان اطمينان جي زندگي گذاري ٿو. فرض‌شناسيءَ کي عبادت سمجهان ٿو. ان ۾ کوتاهيءَ کي بدنيتي ۽ بددياني تصور ڪريان ٿو. تصنع ۽ رياڪاريءَ کي پاڻ سان فريب جي مصداق سمجهان ٿو: اهـي زندگيءَ جا بنيادي اصول آهن، جن ۾ انسان جي نجات سمجهان ٿو ۽ منهنجي تحريرن ۾ اهڙو ئي مواد ملندو."

محترم 'راز' صاحب، ادبي دنيا ۾ متعارف شخصيت جو مالڪ آهي. سندس فن، جديد ۽ قديم قدرن جو حامل آهي. سندي ادب ۾ نئين اسلوب ۽ نئين هيئت تي جي تجربا ٿيا آهن، تن ۾ راز جا تجربا، آزاد نظم تي اوائلي تجربا چيا وڃن ٿا. سندس فن ۾ استادانه پختگي آهي. ڪلام دلنشين ۽ رنگين آهي، سلاست ۽ رواني شوخي ۽ برجستگي، سندس ڪلام جا اهي معيار آهن، جي تحسين جي قابل آهن.

راز' صاحب هر صنف تي لکندو آيو آهي، غزل، نظم ۽ آزاد نظم، سندس پسنديده اصناف آهن. آزاد نظم ۾، زندگيءَ جا ڪيئي اهم مسئلا، 'جماليات' جي دائري اندر پيش ڪيا اٿس. هونءَ ته 'راز' جي شاعري، ذوق جماليات جي تسڪين سان گڏ، زندگيءَ جي اهم مسئلن جي ترجماني ڪري ٿي.

سندس ترڪيبون دلڪش، انداز بيان شوخ ۽ شيرين آهي. سندس ڪلام جا هڪ-ٻه مجموعا شايع ٿي چڪا آهن، جن کي، ادبي دنيا ۾ پسند ڪيو ويو آهي.

نظم سان گڏ نثر، خاص طرح سان افسانه لکاري ۾ سندس مرغوب مسئلو آهي، سندس افسانن جا مجموعا ٻن، افسانوي ادب ۾، قابل قدر اضافو تسليم ڪيا ويا آهن.

هڪ اديب، شاعر، افسانه نگار، ۽ تعليمي ماهر جي حيثيت سان، 'راز'، اسان جي دؤر ۾ هڪ صاحب مقام شخصيت آهي، جنهن جو 'فن' اسان جي ادب کي مالا مال ڪندو رهي ٿو.

ـ ادارو

غزل

●

ديده ور کو ملي ٿو مشڪل سان،
دل لڳايون ٿا دل جي محفل سان.

جستجوءَ ۾ عظيم مقصد جي، درد ٽڪجي اچي لڳو دل سان.
زور ڪنهن مه جبين تي ڪهڙو، دل ۽ قابو رهي ٿي مشڪل سان.
موج طوفان تي ڪو آ پا ۽ رڪاب، ڪوئي ٻدهو لڳو آ ساحل سان.
آدميءَ جو شعور وڌندو آهي، جي ملي ٿو وڃي ڪو منزل سان.

سيکو ساٿهو آ محض ساٿهو 'راز'،
آدمي ٻر ملي ٿو مشڪل سان.

●

درد وارن سان دل لڳائيندو،
ڪير آهي جو سر ڪپائيندو؟

آه و زاريءَ ۽ اشڪبارييءَ ۾،
ڪير توسان ٻو رات گهاريندو؟
ڪا خبر ڪانه هئي زماني ۾،
آدمي آدميءَ کي ساڙيندو.
چشم ويران ۽ نيڪه خالي،
حسن هر هنگذر کي تاڙيندو.
جو هلي موت ڏي محبّت سان،
موت چاتيءَ سان ڪيس لائيندو.
جي رکين سڪ ته قرب سان هرکو،
جان جند توتان ٻنهنجي واريندو.
هي زمانو ۽ زندگي گذران،
ڪير ٻيحال کي ٻو ساريندو.

●

هزار بار مسيحا جي در تي آياسين،
مگر اسان کي ڪڏهن درد جي دوا نه ملي.

هلياسي شوق ۾ زندان جي تاڙ ۾ اڳتي،
جي انتها کي ٿي ڳوليو سي ابتدا نه ملي.
اسان جي صحرا نوردي ۾ ايترين آيون،
هزارين صورتون پر ڪائي آشنا نه ملي.
اسان تلاشِ حقيقت ۾ ڪئي آ عمر تمام،
جهان ۾ ٿوکرون کائي ٻه ڪا وفا نه ملي.
اسان جي باده پرستيءَ اسان کي ڪيو گمراهه،
فقير صاحب دل کان ٻه ڪا دعا نه ملي.
بتن جي پيار کان محروم 'واز' الفت ۾،
جهڪياسي بارها پر قربتِ خدا نه ملي.

●

رات سهڻي سڄڻ ٿي پرچايو،
پاڻ ٿي دل ۾ مون ٿي پچتايو.

ٿو ٿي ڪنهن جو ڪين يقين پختو،
جي ڪو مسجد ۾ هڪ گهڙي آيو.
سان جو آيس ته ٿي وٺي چپ چاپ،
جڏ ته محفل تي ڦوٽ جو ڪايو.
ڪنهن گهڙي جي ٿي شامتِ اعمال،
مون وري ڪاله کي ٿي ورجايو.
ڪيڏا الزام مون ٻڌا ٻاهر،
ڪجهه نه ڪجهه ٻنهنجي منهن سان فرمايو.
جنهن گهڙيءَ مون ٻڌو ٿي واعظ کي،
ان گهڙيءَ گلرخن ٿي هرکايو.
درد ۽ رنج جي ڏسي تصوير،
اڄ چمن ۾ گلن ٿي مُسڪايو.

●

ٿي زماني ۾ ٻنهنجي رسوائي،
عشق جي آهي ڪار فرمائي.

هر قدم تي آه سور جي سختي،
ڪيل ائين ٻنهنجو پاڻ تي آئي.

آدمي حسن جي حقيقت ۾، ٿي ٻوي ٿو هو محض سودائي.
ڪونہ ڏيئو نہ آه ڏئي جي لات، هاءُ! ماري ٿي سخت تنهائي.
ڪيئن خزان ۾ بهار جو آ رنگ، آ ڪلن جي ڳلن تي لالائي.
ٿي ڪيم تو سان لاز ۽ نخرا، جڏڪ توسان هئي ڪا ٻنهجائي.

●

جڏهن حال دل جو مون توکي ٻڌايو،
ڪيلي ٻنهنجي گردن کي تو آه جهڪايو.

زماني جي گردش ستايو ٻنهي کي، نہ تو ۾ نہ مون ۾ ذرو فرق آيو.
اسان درد جي ڳالهه ويٺي ڪيسي، ٻڌي باغ ۾ ٿي گلن مُسڪرايو.
نہ مقصد نہ مطلب، عياسي گذاري، اسان وقت ٻنهنجو اجايو وڃايو.
زمالي وفا ڪئي آ ڪنهن سان ٻڌايو، زماني ۾ ڪنهن جو ٿيو لايو سڃايو.
گلن کي ڇڏي ٻوه ڪنڊن ڏي وياسي، انهن ڀي اسان کي نہ چاتيء لڳايو.
جڏهن 'راز' دل جي قرين آرزو ٿي، اسان گريہ و زاريء ۾ وارو وڃايو.

●

توسان ڪيسين ايا نباه ڪريون،
درد وڌندو رهي نہ آه ڪريون.

ويهي واڻن تي وات واجهائي، حال ٻنهنجو انهن تباه ڪريون.
حسن جي تاب ۾ ٿيون نظرون هيٺ، ڪيئن مٿي ٿا وري نگاه ڪريون.
زندگي هڪ گهڙي ٻا چار گهڙيون، ٻنهنجن عمان کي ڇو سياه ڪريون.
ڪنهن زماني ۾ وات کان ڪمراه، ٻنهنجي همسوار ويٺا راه ڪريون.
هر قدم تي صنمڪده موجود، ڪنهن کي ڪنهن کي نہ سجده گاه ڪريون.
جيڪو آهيو آه 'راز' آڳهجي ويو، بس فقط ويهي واه واه ڪريون.

●

مختصر زندگيء کي ڇا چئجي،
هڪ گهڙيء جي خوشيء کي ڇا چئجي.

هر صنمخانہ جي اڳيان سجدا، اهڙي ٻو بندگيء کي ڇا چئجي.
جنهن جو ڪجهه آ نہ سر نڪو آ سواد، ٻي انهر راڳڻيء کي ڇا چئجي.
منهنجي تفسير حال کان آ گريز، تنهنجي هن بيرخيء کي ڇا چئجي.

كجهه نه حاصل ۽ وات تي پٽڪن، اهڙيءَ پي دل لڳيءَ کي چا چئجي.
جو کيلي کنهن جي خسته حاليءَ تي، اهڙي ٻو آدميءَ کي چا چئجي.
درد اهڙو جو ٿو لڳي دل سان، درد جي دلڪشيءَ کي چا چئجي.

●

تون دلين جو ته نار پي ناهين،
جان جيءَ جو قرار پي ناهين.

تون ته سيکجهه له آهين منهنجا دوست، تون هرين جو ته ٻار پي ناهين.
توکي سيني سان کيڏن لڳايان سان، تون ڳچيءَ جو ته هار پي ناهين.
تون ٿو سمجهين ته نند ناهي نصيب، اهڙو کو دل تي بار پي ناهين.
جي اچين ٿو ته اڄ هلي هيکر، ڪل جي ناهين ته خار پي ناهين.
کجهه نصيبن جو فکر، فکرِ زمان، تحفهٔ روزگار پي ناهين.
'راز' بدحال جو تون حال نه پڇ، تون ته يارن جو يار پي ناهين.

●

هل زماني ۾ چو نه راحت آهه،
جيڪڏهن تنهنجي کا عنايت آهه.

غير پي شل سدا حيات رهي، آدمي آدميءَ جي زينت آهه.
ٿو ڇڄين مون کان داورِ محشر، درد موجود، سر سلامت آهه.
کنهن کي فرقت ته کنهن کي وصل نصيب، ڪنهنجي ڪنهنجي عجيب قسمت آهه.
ساهه سان سانديءَ سور کي ٿو رکان، کجهه نه آهه تنهنجي هڪ امانت آهه.
کيترو سخت جان آ انسان، برق و طوفان ۾ پي سلامت آهه.
صلح ۽ آشتيءَ جو ذکر ڪيو، ڪنهنجي کنهن سان نه کا عداوت آهه.
'راز' تون آن اسير زندان ۾، کهڙي مسکين تنهنجي صورت آهه.


●

منهنجي خوابن جيي مه جبين آهين،
منهنجي خيالن جي تون حسين آهين.

توکي ڳوليان ته کهڙي هار اچان، تون کهڙي شهر جي مکين آهين.
دور مون کان نه تون اکٽين آڏو، پر تون ڪيڏي ته دلنشين آهين.
تو کيو منهنجي دلبريءَ کان گريز، اهڙي مجبور نازنين آهين.
ياد تنهنجي ڪري ڇڏي مدهوش، جڙ ڪوئي جامِ آتشين آهين.

غنچي غنچي ۽ ٻوٽي ٻوٽي تي،
تازگي ۽ جمال تنهنجو آهي.

نيڪ سيرت هجي يا بدصورت، آدمي جڙ ڪمال تنهنجو آهي.
تون آن نازڪ مزاج سمجهيو سي، بي نيازي زوال تنهنجو آهي.
تون چوين ٿو جدا رهان توکان، خواب ۾ پي خيال تنهنجو آهي.
مان ته واقف عذاب جو عادي، ڇو پريشان حال تنهنجو آهي.
هي نشيب و فراز دنيا جا، ذڪر تنهنجو خيال تنهنجو آهي.
گلبدن کي ڏسو سي گلشن ۾، آدمي جڙ مثال تنهنجو آهي.





"سليم" هالائي

قاضي عبدالحي ولد حاجي سليم‌الدين ابڙو، تاريخ ۱۲- نومبر ۱۹۱۸ع تي هالا نوان ۾ تولد ٿيو. مٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ پوسٽل ڊپارٽمينٽ ۾ ملازمت دوران ڪلارڪ مان انسپيڪٽر بنجي ويو. سندس زندگي ۱۹۶۲ع تائين هالا کان ٻاهر گذري آهي. حيدرآباد، نوابشاهه، جهڏو ڪدام، لس ٻيلو، ميرپورخاص، ڪوٽڙيا، لاهور ۽ سکر جهڙن شهرن ۾ رهندي به ادبي سرگرمين کي جاري رکندو اچي. سليم صاحب، هالا جي ڪهنه مشق شاعر مرحوم حافظ جان محمد جان جو شاگرد رشيد آهي. عاليجناب طالب المولىٰ مرحوم اختر هالائي ۽ سليم هالائي همعصر شاعر آهن. سليم صاحب جي جدوجهد سان هالا جي ادبي زندگيءَ ۾ نئون روح ٽوڪجي ويو. پوسٽ کاتي مان استعفا ڏيڻ بعد، سنڌ گورنمينٽ جي هفتيوار رسالي "اطلاعات سنڌ" جو ايڊيٽر ٿيو. پوءِ سنڌ گورنمينٽ جي اطلاعات کاتي ۾ پبلسٽي آفيسر مقرر ٿيو. ۱۹۴۴ع ۾ سندس ٻهرين تصنيف "تذڪره شعراء هالا" شايع ٿي. ان کان پوءِ "تاريخ اسلام" جلد ٻهريون، "ڪيميا جو نسخو"، "رسول پاڪ" ۽ "گل بانو" شايع ڪرايائين. وحدت اولهه پاڪستان بعد، پاڪستان انفرميشن ڊپارٽمينٽ ۾ انفرميشن آفيسر مقرر ٿيو، جتان گوٽ سڏار تحريڪ ۾ بدلي ٿي ويو ۽ "گوٽ سڏار" ماهنامه کي جاري ڪري معياري جريده جي صف ۾ آڻي بيهاريائين. ۱۹۵۹ع ۾ جناب سليم صاحب کي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پاڪستان سرڪار طرفان انڊيانا يونيورسٽي آمريڪا ۾ موڪليو ويو. جتان واپس اچڻ بعد ڪيس تعليم کاتي ۾ آڻي ٿي ۽ ڪيس سروري اسلاميه ڪاليج جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. ۱۹۶۲ع کان ۱۹۶۸ع تائين، سروري اسلاميه ڪاليج هالا کي بامِ عروج تي پهچائي ڇڏيائين. نومبر ۱۹۶۸ع تي پنهنجي رضا خوشيءَ سان پنهنجي ڊپارٽمينٽ مغربي پاڪستان جي اطلاعات کاتي ۾ روانو ٿي ويو ۽ هينئر لاهور ۾ آهي.

سليم صاحب پنهنجي دؤر ۾ ماهنامه "گوٺ سڏار" ۽ "فردوس" جو ايڊيٽر رهي چڪو آهي. 'گوٺ سڏار' هڪ فني ۽ گوٺائي تعليم جو رسالو هو ۽ 'فردوس' هڪ ادبي رسالو هو. ان دؤر ۾ هن صاحب نه فقط لون اديبن ۽ شاعرن سان سنڌي عوام کي روشناس کرايو، بلڪ سنڌي ادب ۾ جديد رجحانات سان ۽ٺ متعارف کرايو. جهانگير فردوسيءَ جي نالي سان سندس نظر اڄ به مجيد لاهوريءَ جي نظمن جون سڪون لاهين ٿا. سليم صاحب، عاليجناب مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ جو مجموعو ڪلام "بهار طالب" ۽ٺ مرتب ڪيو آهي. سندس ڪتاب "تذڪره شعراء هالا"، سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان ايم. اي جي شاگردن لاءِ منظور ٿيل آهي. سندس نظمن جي ڪتابن مان "شڪوهٔ سنڌ" پرشڪوه ڪتاب آهي. سليم صاحب هردلعزيز ۽ پُر وقار شخصيت جو مالڪ آهي. هو نهٺو، نيازمند ۽ خوش خلق انسان آهي. هو غصو پيئندو آهي ۽ مُرڪ خيرات ڪندو آهي. اڇڪلهه سندس رجحان نظم ڪان وڌيڪ نثر ڏانهن آهي، ان هوندي به سندس شاعراڻ لياقتن ڪان انڪار نٿو ڪري سگهجي. هن پُرخلوص ۽ باهمت اديب سان سنڌ جي سڀني ادبي حلقن جون اميدون وابسته آهن. —'انور' هالائي

غزل

●

ڪعبي جي جستجو نه ڪليسا جو هو خيال،
سون کي پرستش رخِ زيبا جو هو خيال.

ايمان جي آرزو نه، مون کي ڪفر سان ڪو ڪر،
مذهب ۾ منهنجو ان بتِ رعنا جو هو خيال.

ساقي جي نيم باز لڳهه مست سون کي ڪيو،
محفل ڪي مئي جو، جام جو مينا جو هو خيال.

جنهن دوست سان مون کي هي خلوت جي آرزو،
ان کي سڀائين سير و تماشا جو هو خيال.

افسوس، مون کي جنهن جي وفا تي غرور هو،
ان بيوفا کي وعدهٔ فردا جو هو خيال.

پهتو شباب تي سرِ شوريده ۾ جنون،
قلب و نظر ۾ جلوهٔ ليلىٰ جو هو خيال.

صحرا ڏي ڇو پلا نه وڃي سيرِ دشت لئ،
مجنون کي نيٺ ناقهِ ليلىٰ جو هو خيال.

مجنون جا هنا هتي، ڪڏهن ليليٰ جا هنا قدم،
صحرا ۾ مون کي عظمتِ صحرا جو هو خيال.


دارالشفا ۾ آيو پُڇائي مريضِ عشق،
بيمارِ غم کي پاسِ مسيحا جو هو خيال.

پانيءَ ۾ پيش يار جي چورهان بيانِ درد،
ليکن لبن کي شڪوهٔ بيجا جو هو خيال.

منهنجي رُڻ تي يار کيو ناز چو ته کيس،
هر اشڪِ خون تي گوهرِ يڪتا جو هو خيال.

ڪشتي ڏني مگر نه ڏنو عزمِ راهرِ عشق،
همت کي ڪيڏو ساحلِ دريا جو هو خيال.

ان نازنين جي مست نگاهن ۾ اي 'سليم'،
مون کي جمالِ ديدهٔ بينا جو هو خيال.





محمد اسماعيل عرسائي "فدا"

محمد اسماعيل صاحب "فدا" عرسائي، سرزمين سنڌ جو مايه ناز اديب ۽ شاعر، دراصل هالن نون جي مردم خيز خطي جو باشندو آهي. سندس والد مرحوم ميان محمد هاشم ميمڻ، هڪ ننڍڙو زميندار هو، ۽ پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو هالن جي مخدوم صاحبن جو عام مختيار ٿي رهيو، جن وٽ کيس گهڻو قرب حاصل هو. مرحوم کي، پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ جو ايترو ته شوق هو جو هالن نون جي سڄي شهر ۾، هندن ۽ مسلمانن مان، سندس لائق فرزند مسٽر عرسائيءَ ئي پهريون خوش نصيب شخص هو، جنهن بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي. اي. جي ڊگري حاصل ڪئي.

پيدائش: سال ۱۹۰۶ع، سپتمبر، هالا نوان.

تعليم: ۱۹۱۲ع کان اوائلي تعليم جو دور شروع ٿيو. ۽ درجي ۾ پهريون نمبر آيو ۽ کيس اسڪالرشپ ملي، پوءِ هيئين سکولن ۽ ڪاليجن ۾ تعليم حاصل ڪيائين.

گورنمنٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد، سنڌ مدرسةالاسلام ڪراچي، نولراءِ هيرانند ايڪڊمي حيدرآباد، اتان ۱۹۲۵ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان ميٽرڪ پاس ڪيائين.

اعليٰ تعليم: سنڌ نيشنل ڪاليج حيدرآباد ۽ مسلم يونيورسٽي عليگڙهه مان. انٽرميڊيٽ آرٽس ڊي. جي سنڌ ڪاليج مان جونئر ۽ سينئر بي. اي. جا ٻه سال. ۱۹۲۹ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جي بي. اي. امتحان ۾ ويٺو.

ادب: ادب سان ذوق، ننڍي عمر ۾ قصن ۽ ڪهاڻين جي پڙهڻ سان ٿيو. ان وقت جي ناشرن جا سڀ ننڍا وڏا قصا پڙهيائين.

فارسي: انگريزي ۾ ڪلاس ڪان ويندي بي. اي. تائين، سندس ثانوي تعليم فارسيءَ ۾ رهي. ان امتحان ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ پهريان نمبر ڪنيائين.

شاعري: سندس شاعري، فارسي ادب جي مطالعه جي مرهون منت آهي، خاص طرح طيبات سعديءَ جي پڙهڻ کان پوءِ، شاعريءَ جي ذوق تي آماده ٿيو.

اول ڏي. جي. نشنل کاليج مخزن "قليليءَ" ۾ سندس کلام ڇپيو. ان کان پوءِ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد جي مشاعرن ۾ وڏن شاعرن سان گڏ کلام پيش کندو آيو. ۱۹۲۵ع ۾ سنڌ مسلم ايڊيوڪيشنل سوسائٽيءَ جي پهرين کانفرنس هومسٽيڊ هال ۾، زير صدارت شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، شعر پڙهيائين. ان کان پوءِ کراچيءَ جي ادبي حلقن ۾ شرڪت کندو رهيو، ۽ اڄ تائين اهو ذوق موجود آهي.

محڪمه تعليم: علم ۽ ادب سان رغبت جي ڪري، پاڻ محڪمه تعليم سان وابسته رهيو ۽ اسسٽنٽ ماستريءَ کان ابتدا ڪري، ڊيپوٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيو.

تصنيفات: 'بدنصيب ٽري' سندس بهترين ڊرامو آهي، جنهن تي کيس مرڪزي سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ طرفان انعام ملیو. پيو شاهڪار 'سير ريگستان' آهي، جنهن جي تحسين ڪندي، هڪ خاص تقريب ۾ کيس علامه قاضي مرحوم هار پهرايو. ان ڪتاب تي ٽر جي سيني وڏن شهرن جي پٺڻجاڻن کيس مبارڪون موڪليون. نثر ۾ سندس مڪالما، ناول، ڊائلاگ ۽ علمي تحريرون شعرن جي انداز ۾ موجود آهن. ان طرح ڪيئي درسي ڪتاب سندس لکيل آهن. ۱۹۶۶ع تي، اسسٽنٽ ڊئريڪٽر جي عهدي تان رٽائرڊ ڪيائين، ۽ جامع عربيه هاءِ اسڪول جو پهرئين سال هيڊ ماستر ٿي رهيو. سندس شاعريءَ ۾ استادانه پختگي آهي، سندس نثر رنگين ۽ مرصّع آهي. — شمس الدين عرسائي

* * *

نعت

عاصين جو وقار آهين رسول ص، رحمتِ ڪردگار آهين رسول ص.
توتي قربانُ ٿيي هي فاني جهان، زندگي پائدار آهين رسول ص.
سون ڏئو سارو گلشنِ عالم، خار و گل جو آپار آهين رسول ص.
تون ئي جانِ حيات روح و بهار، موجبِ روزگار آهين رسول ص.
تو 'فدا' جي اندر مدار وسين، دل ۾ ليل و نهار آهين رسول ص.

ڪافيون

*

تنهنجي بره ڪئي آهي دلڙي پسم،
مون کي تنهنجو قسم، تنهنجي سر جو قسم.

تنهنجي نينهن نڪارو دل ۾ وجي، اوڪو ساه سجڻ ٿو دل ۾ ڪجي،

هنيون هاجي انهيءَ ۾ روز هجي، هليو ساه وڃي جي ڪريو حڪم.
هڪ رات مٺل ڪي مهمان ڪريان، صدقي ساه سڄڻ هي سامان ڪريان،
پنهنجو پاڻ ڪُهي قربان ڪريان، گهوري جيرو جگر ڏيان جان جسم.
نيڻن نند نه اچي ٽي رات و ڏينهان، جڳ ۾ جالب ريءَ پئي جاڙ جيان،
سختيون سور سهان ڪريان روز ريهان، واهيان آب اکين مان سخت گرم.
لکيو روز ازل کان لوح قلم، هڪڙو درد و ستم پيو رنج و الم،
دل ۾ ماتم غم 'فدا' جان زخم، اچي ڪر ته ڪوهيارل پنهنجو ڪرم.

*

جاني! حال اٿم حيراني...

توکان سواءِ سڪ ڪين اچي ٿو، مڃ محبت جو دل ۾ مچي ٿو،
دائم دل ديوالي-جالي...

ڪين ڪٽل جو قياس ٿيئي ٿو، خوف خدا جو ڪونہ ٿيئي ٿو،
واءِ ڪيئي ويراني-جاني..

خلق خدا جي تو تي چري آهي، خجل اڳيان ٿو حور پري آهي،
لاشڪ تون لاثاني-جاني...

ڏس ٿه زماني ۾ نه وفا آهي، حُسن تي ڪنهن جي ڪونہ بقا آهي،
آهي دنيا هيءَ فاني-جاني...

يار 'فدا' سان ڪين ملين ٿو، سيني لڳي سهڻا نه ڪلين ٿو،
جان توتان قرباني-جاني...

*

سڄي رات سورن جي ويئي وهائي،
لڪ ڪئي ڪا قربن قرب جي ڪهائي.

پڇيو ڪين دلبر ته ڪيئن رات گذري، اسان جي مٽان ڪهڙي هيءات گذري،
لنگهيو صبح ڪهڙو ۽ ڪيئن ٿي سمهائي.

وصل جا صنم قول پنهنجا تون پارج، جڏيءَ ڪي جدائيءَ ۾ هرگز نہ مارج،
مرن ڏينهن هڪ ٻيا، مگر مان ڏهائي.

سڄڻ سور تنهنجا مون ٻلبل ٿا مارن، سندءِ ناز نخرا وري دل ڏتارن،
نزاڪت ٻي تنهنجي ٿي ماري شهائي.

تنهنجي محب محبت ۾ هي حال ٿيئڙ، رهيس دل ڦرائي پتو ڪونه ٻيئڙ،
ڇڏي در اوهان جو، ڪيان ڪيئن هائي.

ڏسان سخت تر شئي نڏو دل ڪان تنهنجي، نه بيمار بلڪل کو بسمل ڪان تنهنجي،
نه ست تنهنجي دل جو پٿر کا ٻهائي.

نه رُس روز، اڄ ريجهه راڻل اسان سان، اچي وڃهه سهڻل سائل اسان سان،
'فدا' سان ٻه ڪر ڪا رمز ۾ رهائي.

*

هن باغ ۾ هاڻ رهڻ نه روا، برباد خزان گلزار ڪيو،
ويا داغ فراق جو گلڙا ڏئي بلبل کي برهه بيمار ڪيو.

جڳ ۾ جڳائي نه جاني جيئڻ، وهه تو ري سڀا آرام وهڻ،
آهه لازم زهر پيالو پيئڻ، تنهنجي عشق اندر ۾ آزار ڪيو.

تنهنجي محبت ۾ مخمور ٿيس، ساري ملڪ اندر مشهور ٿيس،
تنهنجي مهڻ ڪان مسرور ٿيس، تنهنجي نينهن نسنگ نروار ڪيو.

ڪنهن سان دل جو عرض احوال ڪريان، ڪونهي همدم جنهن سان حال ڪريان،
ڪهڙو غير کي ويهي سوال ڪريان، روئي نيٺ مون صبر اختيار ڪيو.

دلڙي اڙائي هٽ تو هٽان، ٻڪ سوز ۾ سرد تو ساهه ڪٽان،
سڀ جي وات اها تو واڻي سٽان، ڏايو سخت 'فدا' واپار ڪيو.

نظم

پٽائي ۽ کي سلام

السلام اي مردِ عارف، مردِ موصن السلام،
اي سخن جا شاه! اي سنڌيءَ جا محسن السلام.

تنهنجي هستي آهه بحرِ بيڪران،
تنهنجي در سان سنڌ جي اقليم آ عظمت لشان.

سنڌ جو حافظ ٻه تون ۽ سنڌ جو سعدي ٻه تون،
سنڌ جو اقبال تون ۽ سنڌ جو رومي ٻه تون.

نڪته دان و نڪته سنج و نڪته بين و نڪته ور،
تنهنجي در سان سنڌ جو هر ڪيف آ شاعر و سحر.

زندگيءَ جي لهر توکان آ زمين سنڌ ۾،
ڀ مثال شمس رخشان تون جبين سنڌ ۾.

شعر تنهنجو اڄ به آهي باعث تزئين سنڌ،
تون جلال الدين سنڌي، تون نظام الدين سنڌ.

تنهنجي هستي برگزيده تنهنجي شخصيت عظيم،
سنڌ مانند طور آهي تون مثل موسيٰ ڪليم.

توکي هو عشق محمدؐ، تو ۾ ابشار حسنين،
تو آ ڏهرايو وري هڪ ٻار کردار حسين.

تو سڃاتو آ حقيقت ۾ مقام انسان جو،
تا ابد رهندو هي باقي توکان نام انسان جو.

مرد مومن، مرد اعليٰ، مرد جيڏ السلام،
اي شهنشاه سخن اي آل سيڏ السلام.

نورجهان

هڪ ڏينهن منهنجو جالب صحرا گذر ٿيو،
بادل سياهه ڇائيو هو، عالم تي ياس جو؛
ڇاهير ته فاتحا جو پڙهان لفظ هڪ-ٻ ڪو،
ناڪه ٻڌڻ ۾ آئيو آواز ڏک سندو:
ڪر هڪ نظر ته منهنجي به آجڙيل مزار تي،
هڻ ڪڻ دعا جا منهنجي به مشت غبار تي.

مان پي لظر ۾ ڪنهن جي سمائي هيس ڪڏهن،
ماه دوهفته مثل سهائي هيس ڪڏهن،
مهرالنساء جي نام سان ڪائي هيس ڪڏهن،
نورجهان جهان ۾ ٿي آئي هيس ڪڏهن،
شهزادهٔ سليم جي آرام جان هيس،
هندوستان جي واسطي روح روان هيس.

هائي مگر پڇو نه خبر حال زار جي،
موسم خزان جي آئي، وئي رت بهار جي،
بدلي گلن جي قبر تي چادر آ خار جي،

محتاج مهربانو آ شمع مزار جي،
فانوس لک پريا ٿي سندس خانه باغ ۾،
افسوس ان جي ناهه کو روغن چراغ ۾.

نوشيروان عدل ۾، حاتم کرم ۾ کير؟
رستم بهادريءَ ۾ سکندر حشم ۾ کير؟
فائق ٿي سڏجي عظمتِ دارا ۽ جم ۾ کير؟
ڏس يک نظر ته ڏسجي ٿي ملکِ عدم ۾ کير؟
نورِجهان جو مقبرو بوسيده حال آهي،
جاه و جلال ان سندو خواب و خيال آهي!

جشن

ساقي! عجب لشاط، عجب سر خوشي ملهاءِ!
باده کشيءَ ۾ لذتِ باده کشي ملهاءِ!
اول ۽ زندگي هي! هينئر زندگي ملهاءِ!
هک بيخودي ملهاءِ تون هک بيخودي ملهاءِ!
هر ذرّو البساط جو گهواره ٿي ويو،
عالم تمام جنّتِ نظاره ٿي ويو.

نيرنگِ حُسنِ لاله و گل آ چمن چمن،
کُل ۾ آ جُزوَ، جُزوَ ۾ کُل آ چمن چمن،
هر سو نئين بهار جو غُل آ چمن چمن،
موجِ هوا ۾ مستيِ مُل آ چمن چمن،
فيضِ ازلِ جي ڏار آ ابر محيط مان،
رحمت وسي رهي آ فضاءِ بسيط مان.

ڏس اج جنابِ شيخ و برهمڻ گلي ملیا،
ڏوٽيون کڏورتون ٿي وڻي دور سيءَ گلا،
نازان صبا جي دوش تي خوشبو جا قافلا،
الله! هي افق کان افق تائين سلسلا،
منهنجي مشامِ جانَ تي جنانَ جو نزول آهي،
سيني جو داغ داغ ۽ جنت جو قول آهي.

هر شيءِ ۾ آ عيان ٿيو عجب شانِ دلبري!
چشمِ نظاره بين ۾ آ نظّاره پروري،

ذرّي جو دست بوس آ خورشيد خاوري،
اوج زمين تي رشڪ ڪنان چرخ چنبري،
خاڪ وطن جو رنگ نکڙندو رهي ٿو اڄ،
حُسن ازل جو نور پکڙندو رهي ٿو اڄ.

صد سال جشن آهي يا اڪرار جشن آهه!
هيءَ بزم خاص، بزم خوش انجام جشن آهه!
اڄ وقت جي جبين تي رقم نام جشن آهه!
هنگام جشن آهه هي هنگام جشن آهه!

مڙده ڪه ذرّه ذرّه جي لب تي نويد آهه!
رحمت ٻڌائي ٿي ته هي يوم سعيد آهه!

هي جشن هڪڙي عهد مقدس جو يادگار،
هي جشن هڪڙي جذبهء ملت جو شاهڪار،
جنهن ۾ رکيل آ علم جو بنياد استوار،
تربيت اساتذه آئي ٻه روئسي ڪار،
ذرو بکي بکي مه و اختر آ ٿي ويو،
جنهن جي ضيا سان قلب منوّر آ ٿي ويو.

هيءَ درسگاهه جنهن تي هجوم بهار آهه،
هيءَ درسگاهه جنهن تي سعادت نثار آهه،
هيءَ درسگاهه علم و عمل جو وقار آهه،
هيءَ درسگاهه رحمت پروردگار آهه،
توتي وطن جي خاڪ! 'فدا' جو سلام آهه،
اي درسگاهِ پاڪ! 'فدا' جو سلام آهه.

حُور، تون!

عصمت و عفت جي ديوي، آساني حُور تون،
حسن تنهنجو آ درخشان ۽ سراپا نور تون،
منهنجي هستيءَ جو پيارو نغمهء مسرور تون،
خواب منڊي جو سندم هڪ دلربا تعبير تون.

باعث آرام جان تون باعث تسڪين تون،
تون مجسم حسن و خوبي پيڪر رنگين تون،

تون سراپا کيف آهين کيف جي تلقين تون،
زندگيءَ منهنجيءَ جو آهين دلنشين تفسير تون.

تو تبسّم سان ملي تنهنجي خمار زندگي،
تون سندم دل جو سکون ۽ تون بهار زندگي،
چاره ساز رنج و غم تون ۽ وقار زندگي،
زندگيءَ جي ظلمتن جي آهين بس تنوير تون.

گوهر مقصود تون، موضوع منهنجي گفتگو،
۽ نشاط روح تون آهين 'فدا' جي آرزو،
تنهنجي آ مرهون منت هيءَ بهار چار سُو،
هن کان وڌ ٻيو چا چوان آهين سندم تقدير تون.

دلبر

خدا جاڻي ته تنهنجي ناز ۾ جادو نهان دلبر،
فدا آ عشوه تي غمزه تي اڄ تنهنجي جهان دلبر.

نگهه سوڻي زمين طائوس آهي ناز تنهنجي کان،
خجل بلبل ۽ کوئل آهه خوش آواز تنهنجي کان،
پري و حور هم حيران اڄ انداز تنهنجي کان،
فقط ناهي 'فدا' انگشت حيرت در دهان دلبر،
مگر آهن عجب ۾ ساکنان آسمان دلبر.

کمال حسن تنهنجو خوبتر از آفتاب آهي،
بحمدلله متي مُنهن منهنجو پيش ماهتاب آهي،
گو دائم رخ نهفته تنهنجو در پرده حجاب آهي،
مگر دنيائي حسن و زيب ۾ بس لاجواب آهي،
نظر ۽ حوصلو عاشق جو آ چرخ زمان دلبر،
نه چون تو ديد در دنيا ميان سيم تنان دلبر.

ڏٺي هٿ ۾ ڪٽين ٿو قصد آهي خونخوارن جو،
ٻڌايان راز ٿو دلدار توکي تنهنجي وارن جو،
انهي سان آ ٻڌل ٻڌ روح تنهنجي جانثارن جو،
ڪريو هڪ وارگو يا خون ٿي ويو صد هزارن جو،
فقط هڪڙو 'فدا' ڪٽ تير مژگان جو نشان دلبر،
مگر قتلام جو باعث سندءِ ابرو ڪمان دلبر.

نظر جان بخش سان زلده بنائين نيم بسمل کي،
نه نگهه شوخ برق انداز آهين خرمن دل کي،
اچين گر خنده رو بيشڪ لڄائين شمع محفل کي،
ستارن کي ۽ روشن آفتاب و ماهه کامل کي،
فقط ڪيئي نعره زن سون کي نه بي نام و نشان دلبر،
مگر فرياد ڪُن، آه و فغان زن، هر زبان دلبر.

تنهنجي گفتار تان رفتار تان سينگار تان صدقي،
تنهنجي خط خال تان لب لعل تان رخسار تان صدقي،
تنهنجي چشم سيه زلف دوتا جنسار تان صدقي،
خدا شاهد متا تنهنجي مان هرهڪ وار تان صدقي،
ملڻ جي آرزو آهي 'فدا' ٿي مهربان دلبر،
پري ڏي ساغر مئي از شراب ارغوان دلبر.

غزل

●

منهنجي دردِ دل جي دوا نہ ڪر،
مون ڏي اک ڪٽي نہ نگاهہ ڪر،
منهنجي حسرتن کي لتاڙي ڇڏ،
منهنجي زندگيءَ کي تباهہ ڪر.
مون جي توکي ڪوبہ تہ عرض ڪيو،
ڪٽي سمجهہ ڪجهہ ہہ نہ مون چيو،
سڀني آهہ منهنجي ٿي خوش پلي،
ڏسي زخم منهنجا تون واهہ ڪر.
تنهنجي مصلحت ہ وجهان خلل!
منهنجي توبهہ توبهہ چا مجال،
جنهن کي چاهين زينتِ خاڪ ڪر،
جنهن کي چاهين صاحبِ جاهہ ڪر.
تون 'فدا' کي روڪ نہ ڏي پٽ،
ڏي شراب لوشيءَ ہ جٽ،
جو بياض تنهنجي هٽن ہ آهہ،
اجا خوب ان کي سياهہ ڪر.

●

عقلمندو! اوهان ڪان دور آهيان،
مگر سچ ٻچ گهٽو مسرور آهيان.
سندم سختيون سچ ڪهڙيون پچو ٿا؟
جيئن خاطر ہہ خود مجبور آهيان.
ڏسي خامش، عزيزن کي ٻيو شڪ،
عزيزو! ها چڱو مغرور آهيان.
ڏسي ناڪامياب دور مون کي،
چون ناڪام نامنظور آهيان.
سندم دنيا جو سرمايو آ عقبيٰ،
وڏي تنخواه جو مزدور آهيان.
سڃاتو ڪين ڪنڌ احباب مون کي،
مون سمجهيو ٿي 'فدا' مشهور آهيان.

●

بسانِ موج قازم سان آ رشتو آشنائيءَ جو،
تماشو ٿو ڏسان شب روز مان وصل و جدائيءَ جو.
مان آهيان مثل آئينو هو باعث روشنائيءَ جو،
ڏسڻ جو شوق آ مون کي ہ هن کي خود نمائيءَ جو.
پسائي پنهنجو جلوو پوءِ ٿي غائب ويو چاکان،
ٻڌايو هي ہہ آهي چا طريقو آشنائيءَ جو.
محبت پيار اڄ احباب مان معدوم ٿو ڏسجي،
وفا ويندي رهي آهي، زمانو بيوفائيءَ جو.
مکي ميندي ڪيو عشاق کي تو قتل اي قاتل،
پر هل آ خون ہ پنجو سندءِ دستِ حنائيءَ جو.
وفا گل ہ نہ آهي ہ لہ آهي جوش ٻلبل ہ،
زماني مان جو بدليو رنگ بدليو آشنائيءَ جو.
ڏيو صد آفرين مون کي، بنايم دلربا توکي،
ڏيئي دل توکي سيکاريم سليقو دلربائيءَ جو.
شبِ خوش رنگ گذري خواب وانگر هڪڙي لحظي ہ،
دريغا روز پورو ڪين ٿيو ليکن جدائيءَ جو.
اچي نڪري جنابِ خضر جي دشتِ محبّت ہ،
وڃي پلجي يقيناً سو طريقو رهنمائيءَ جو.

كيو پيمانه نوشيءَ جو اشارو جئن بت ڪافر، تُنتي پرهيز جي دعويٰ، پڪو دم هارسائيءَ جو.
رسي دل ۾ ٿو ان هوندي به دلبر دور ٿو ڪهاري، عجب انداز آ نازڪ جي بس ناز و ادائيءَ جو.
ملیو هرگز مثال گل نڪو هردو جهان اندر، 'فدا' ڪولي ڏسو آخر سچو تخلو خدائيءَ جو.

●

مون کي هن عالم ۾ آئي ڇا ملیو،
جان سي آرام سائي ڇا ملیو.

پڇ وڃي آخر تون ان سفاڪ کان، توکي عاشق ڪي ستائي ڇا ملیو.
شمع تابان تون ته آخر وٺين سڙي، توکي پروانا جلائي ڇا ملیو.
چشم تر گريه سان حاصل ڇا ٿيو، خون جا ڳوڙها وهائي ڇا ملیو.
طعنه زن ٿيا هاڻ سڀ همدم اٿم، هين بتن سان دل لڳائي ڇا ملیو.
هُئين جڏهن بيپرده ڇا نقصان هو، هاڻ مون کان مُنهن لڪائي ڇا ملیو.
ڪم اهو جو هٿ اچي تڪليف ري، جي ملیو ڪجهه سر وڃائي ڇا ملیو.
وصل جي لذت جو پُڇ مون کان 'فدا'، يار کي پهلوءَ ۾ پائي ڇا ملیو.

●

مان نه چاهيان ٿو ته دولت ڏي مُنکي،
نيڪ خصلت نيڪ عادت ڏي مُنکي.

شوکتِ دنيا جو طالب کين سُان، امرِ دين ۾ استقامت ڏي منکي.
خوش رهي دلیا سندم اخلاق کان، يا الاهي سا طبيعت ڏي منکي.
تون سندم خالق سندم مختار تون، چاهي عزت چاهي ذلت ڏي منکي.
نفس سرڪش کان وهان ڏهجي نه مان، ايتري طاقت ۽ همّت ڏي منکي.
بخش ڪر منهنجون خطائون اي ڪريم! زور توفيقِ عبادت ڏي منکي.
مان نه آهيان طالبِ نام و نمود، هان مگر شوقِ شهادت ڏي منکي.
خوش رهان هرحال ۾ پروردگار! دولتِ صبر و قناعت ڏي منکي.
اڄ 'فدا' آهي اها دل سان دعا، يا خدا پنهنجي محبّت ڏي منکي.

(۱)


جيئن گلن ۾ ٿو پکين جو لبِ منقار ملي،
تيئن ملي يار مون کي دولتِ ديدار ملي؛
يا خدا عيد سواءِ يار جي آهي ماتر،
ڏي سکهي عيد جڏهن يار سان گڏ يار ملي.

(٢)

مون کي عالم ۾ اچي هاءِ نه آرام ملیو،
نام بدنام ملیو، سایه الزام ملیو؛
جو ڪٽائي مون ڪئي ننڊ سدا خدمت غیر،
ان جي برعکس مون کي واه جو انعام ملیو.

(٣)

اي 'فدا'، سمجهه تون دنیا ۾ خدا آهي بس،
جو خدا چاهي سو ٿیڻو به صفا آهي بس؛
ڏا اسین جیکي ڪهرون صاف خطا آهي بس،
ڏو ڪهري جیکي خدا سیکي بجا آهي بس.





مرزا اسد بيگ «اسد»

مرحوم شمس العلماء حضرت مرزا قليچ بيگ جي علمي خاندان ۾ سندن فرزند مرزا اسد بيگ 'اسد' هڪ اهل علم، باذوق، ديندار ۽ ليڪ سيرت فرزند جي حيثيت سان مشهور آهي. مرزا 'اسد' جي پرورش هڪ نامياري بزرگ جي گود ۾ ٿي، ان ڪري علم ۽ فن، سيرت ۽ اخلاق کيس ورثي ۾ مليو آهي.

تاريخ ولادت: ۱۸- سپٽمبر ۱۹۱۳ع.

تعليم: بي. اي.

شاعري: سنڌ شعر و شاعري جو مربي ۽ استاد، خود سندس والد ماجد حضرت شمس العلماء مرزا قليچ بيگ رحه آهي.

تاليفات: تاليفات جي سلسلي ۾، ڪيترا ڪورس جا ڪتاب ۽ شعرن جا انتخاب ڇپيل آهن، جي بمبئي يونيورسٽي ۾ ان منظور ٿيل هئا.

ان سلسلي ۾، ڪوآپريٽو ڊراما ۽ ڊائلاگ، 'ديوان قاسم' جي ترتيب ۽ ان تي علمي مقدمو مشهور آهن.

ملازمت: هن وقت اسسٽنٽ رجسٽرار ڪوآپريٽو سوسائيٽز آهي. سندس شعر و شاعري ۾ حمد و مناجات، منقبت، غزل، نظم ۽ قطعا آهن. ڪافين تي به طبع آزمائي ڪئي اٿس. سندس ڪلام پختو، سادو، رنگين ۽ نمڪين آهي. زبان سليس ۽ دلنشين، سندس شعر جي هڪ بنيادي خوبي آهي. ـــ ادارو

* * *

حمد ذوالجلال

آهي واجب حمد تنهنجو، تنهنجو شانِ اڪبري،
ٽي جڳائي توکي يارب! دوجهان جي داوري.
ڇا ڪري انسان عاجز ٽو سگهي تنهنجي ثنا،
ڪن صفت صاحب سندءِ جنّ و ملڪ حورو پري.
تون ئي خالق، تون ئي رازق، تون ئي مالڪ مُلڪ جو،
لاشريڪ آهين، ڪندو ڪو ڪونہ تو سان همسري.
ربّ تون، رحمان تون، ستّار تون، غفّار تون،
خالقِ ڪون و مڪان تون، مالڪِ خشڪي تري.
دوست دشمن، نيڪ و بد ٽيا لطف تنهنجي هر شريڪ،
آهہ يڪسان بنده پرورَ! تنهنجي بنده پروري.
معرفت جي بحر هر غرقاب ٽيا عارف ڪئين،
ٽي سگهي ليڪن نہ تنهنجي انت جي ظاهر ذري.
تنهنجي قدرت جو ڏين آهيڃاڻ ٽا روشن سدا،
بحر و بر، ارض و سما، ۽ مهر و ماهہ و مشتري.
پش عقبيٰ جو سفر مون کي سڻاڻو ٽو سُجهي.
پيو سَمر ناهي، ٽي گردن تي گناهن جي پري.
آپ چڙهيا کارا ڪکر، ٻي رات ڪاري راهہ هر،
ٽا سُهائيءِ کي سيکون، ڪر سُوڙهلن جي رهبري.
ٻوسيلن جو وسيلو ٽي ۽ بيواهن جي واهہ،
بيڪس و بيچاره بندن جي اچي ڪر ياوري.
گهُر 'اسد' تون عاجزيءِ ۽ انڪساريءِ سان دعا،
من هوي مقبول تنهنجي هنج وقتي حاضري.

نعت رسول

مدّاح آهيان شاهِ رسالت پناهہ جو،
سردار ٽي وڏائي ٽو رتبو سپاهہ جو.
سونهي ٽو فخر و ناز، پلي جيترو ڪربان،
بندو خدا جو، اُمتي تنهن بادشاهہ جو.

ابرِ کرم سندس جي گنهگار تي وَسي،
هر ذرّو صاف ٿي وَڃي ڏوهي گناهه جو.
پيغمبرن لئه فخر سندس ذات پاڪ ٿي،
عرشِ برين تي پهچي ويو طُرّه ڪلاهه جو.
لوح و قلم نه لکجي ٿو آن جي رضا بنا،
مالڪ ٿيو حضور، سفيد ۽ سياهه جو.
"لولاڪ لما خلقت الافلاڪ" چئي خدا،
درجو ڪيو بلند سندس بارگاهه جو.
دين محمّدي ٿيو رستو سڌو صفا،
۽ حُبِّ اهلبيت وسيلو ٿيو راهه جو.
شل رحمتون هزار خدا جون هجن مٿن،
هي اهلبيت ڪعبي جا، هو ڪهڙ الله جو.
بي حُبِّ اهلبيت عبادت نه ڪا قبول،
باقي سا ڏيک ويک ۽ ڏوکو نگاهه جو.
حشر و لحد جي خوف کان آگاهه ٿيو 'اسد'،
دامن ڇڏيندو ڪين هٿن سان سو شاهه جو.

مولا جي نظر

مومن تي پنهنجي مولا جي نظر ٿيندي ضرور،
اهلِ ايمان جي يقين، فتح و ظفر ٿيندي ضرور.
جن جو مولا ٿيو محمّد، تن جو مولا ٿيو علي،
هي خبر آهي نبيءَ کان، معتبر ٿيندي ضرور.
راهداري، دين و دايا جي، منهنجي مولا جي وس،
هر محبّت آل جي، منهنجي سپر ٿيندي ضرور.
مون هر ٿي پيوستو وٺي آهي محبّت، چا ڪريان؟
هر دو عالم هر سا حالت همسفر ٿيندي ضرور.
نوح جي ٻيڙيءَ مثل آهن نبيءَ جا اهلبيت،
پار ڪشتي سان شاهِ بحر و بر ٿيندي ضرور.
رات آخر فڪر و غم جي ختم ٿيندي، اي 'اسد'!
منهنجي ارمانن جي اي مولا! سحر ٿيندي ضرور.

رباعيون

(۱)

هر فرد کي دنيا ۾ بلندي گهرجي،
جنهن لاءِ عمل ۽ عقلمندي گهرجي؛
مزدور کي محنت ۽ مشقت جي عوض،
مضبوط آجهو، گرنهن ۽ گندي گهرجي.

(۲)

هر دؤر ۾ هڪ رنگ سدا ٿو ڏسجي،
کو دؤر نه خالي ان سوا ٿو ڏسجي؛
مزدور جي قسمت جو آهه مالڪ زردار،
اِنسانَ جو اِنسانُ خدا ٿو ڏسجي.

(۳)

اڇلهه جي کمائيءَ ۾ کا برکت کانهي،
مسکين هٿ ۾ ٻه کا حرکت کانهي؛
ڇکتاڻ زماني جي ٿي سرسام مثل،
هڏ چڙهه ۾ لڳل ساهه ٿيو، فرحت کانهي.

نظم

آرزو

مُدّت کان آرزو آهي، کو دلربا ملي،
دلبر به کو دليرِ، مگر باوفا ملي.
بهتر ته سي کان آهه ته آول خدا ملي،
ممکن ملڻ له ان جو ته من مصطفيٰ ملي.
آهي ملڻ محال ۽ مشکل پنهي سندو،
مشکلڪشا کو مثلِ علي مرتضيٰ ملي.
رهبر حسن حسين ميان فاطمه جا لال،
صدقي پنجن تنن جي کو زين العبا ملي.
باقر ملي يا جعفرِ صادق صفا ملي،
موسيٰ ئي کاظمين يا شاهِ رضا ملي.
جيکر ملي تقي ۽ نقي، عسکري ته واه،
مهدي و هادي مالکِ هردوسرا ملي.
اي کاش! کو ملي وجي محبوبِ کردگار،
هردو جهان ۾ تنهنجو 'اسد' مدّعا ملي.

شهيد ناز

ٿيو عشق باسليقہ سر داخل ثواب ہر،
جيئن حُسن ٿيو گل مان نمايان گلاب ہر.

زلف دراز، ابروئي خمدار، چشم و آب،
عنوان ٿيا علحدا نراکت جي باب ہر.

انکار ہر اچي ٿي کا لذّت عجيب کي،
ناکار تي ٿو ناز ڪري هر جواب ہر.

مصحف ٿيو منهن هرينءَ جو، ڪير حفظ روئي يار،
سڀ دل تي نقش آهي، لکيل جو ڪتاب ہر.

صيّاد جي خطا، نه وري دام جو قصور،
ٿيو قرب آهي قيد اوهان جي جناب ہر.

قربان تنهنجي ناز تان، نازڪ مزاج تان،
خاموشيءَ ہر شڪار ڪرين ٻيو حجاب ہر.

مون تي ڪري جڏهن ٿي اثر تنهنجي هر ادا،
آسان شغل تنهنجو ڪلڻ ٿيو لقاب ہر.

تنهنجي ضيائي رُخ جي آءٌ تمثيل ڇا ڏيان،
مهتاب ہر هي نور نڪو آفتاب ہر.

لايان گلي سان، يا ڏسان، صدقي ٿيان، چمان؟
ارمان ڪيترا ڪيي سگهجن ٿا خواب ہر؟

شايد 'اسد' آئين تون شهيدن جي صف الدر،
آهين ڪنل تون ناز جو، عهدِ شباب ہر.

غزل

●

صورت مان ٿئي عيان تہ ڪيان ڇا زبان سان،
خاموش گفتگو آهي، تو مهربان سان.

درد ۽ فراق جو آهي، شاهد هي آسمان،
هلندو وتان زمين تي دلِ ناتوان سان.

بيتاب ہاهِ عشق جو دونهون آئڻ تہ ڏي!
ٿهندو ٻيو آسمان منهنجي آه و فغان سان.

داغِ جگر کان پاڪ گريبان جي چاڪ کان،
ڇڙيان هي داستان ٿي وري کڻي بيان سان.

هي انقلابِ وقت ۽ گردش جو آه قصور،
وابسته هر نصيب ٿيو هن داستان سان.

آسان ناهي مفت ۾ حاصل ٿئي سنڌ،
فطرت جي مدرسي سان ملي امتحان سان.

علم ۽ ادب جون خدمتون جنهن ملڪ ۾ ڪيون،
ٿيو واسطو 'اسد' جو انهيءَ خاندان سان.

●

لٿو خودي جو نه توکي آهي خمار ايان!
هي هستي آهي، ٿيو دور اقتدار ايان!

شهيد آهين تيو رنگ لائي رت جهڙو،
هي مشتهر ٿو کرين، آهين بي ديار ايان!

ڏرو لغام ڇڏي ٿو هٽين أڙيون ڇهڪ،
هي سير وڃڻ جا ڏسي هار ٿين سوار ايان!

تون ٻهنجي حال ۾ حيران، وٺ هڪڙ ۾ مست،
وطن ۽ قوم جو توکان ڪجي نه ٻار ايان!

سوار ٿي نه سگهين، ۽ ٻڌين نه پنڌ ڪري،
سفر دراز ۽ تڪليف بيشمار ايان!

وٺن تي ڪانگ وهاريئي ۽ ڏينگ هاڻيءَ تي،
اڃيو ٻڪيو ڪري، اهلِ وطن کي مار ايان!

خزان ۽ جهار ڪيو زبان، ٻيو مٽيو مالهي،
بهار آهي چمن کي نه سازگار ايان!

سهي سگهان ٿو نه غيرت کان غير جو خنده،
لڳي ٿو منهنجو چوٽ توکي ناگوار ايان!

تون باادب ٿي 'اسد' عرض کر ادبين کي،
ڪيئن قايچ جو ٿائر نه يادگار ايان!*

---


* چوڏهين 'آل سنڌ ادبي ڪانفرنس' ڪراچي، جي طرح تي چيل.


ڪافي

*

سما جام سلطان، منهنجي ذات مهاڻي،
تنهنجي توهه تڪان ۾ي عين سان اگهاڻي!

چار چڪ، سندم هڪ، ذري گهٽ ميائي،
محبابي تو جام جي سڄي راج راڻي.
سمين سڪ، ڪري ڪڪ، رکي هٿ وهاريئي،
ٻڌائي هانهن هيڙو، ڏنهنجو هاڻ سڃاڻي.
سي سمات، آڇي ڳالهه، هرئي لات ڏهكن،
ڪٽي جامزادين، ڪٽي نوري نماڻي.
ڪنجهر ڏنيء، گلن ڪنيء، دلين گنيء، عمر ننيء،
هيڻ لوڙهه ۾وٽيون، هٽن هاڪ پاڻي.
تو اوصاف هر ٿيا معاف، ناهي لاف، چوان صاف،
هٽي ٻُهڙ شاهي، ڪيئي معاف ميائي.
وڃي چار، ڪيئي شڪار، ڏسي بار، لڌيئي سار،
ڪري قرب ڏاڏا، ڏڪيئي نياڻي سياڻي.
لڳو نينهن، تنهن ڏينهن، وڻو مينهن مند تي،
مٽي "قاب قوسين او ادنيٰ" تو هاڻي.
واه اصيل جي تمثيل، 'اسد' سيل لطيفي،
اها جام نوريءَ، سندي قرب ڪهاڻي.





نجف علي شاهہ «کمتر» نقوي

سيد نجف علي شاهہ، مشهور سادات خاندان 'جهانيان هونا' جو چشمو چراغ آهي. برصغير هند و پاڪ ۾، هن خاندان جو مورث اعليٰ، حضرت سيد شيرشاهہ جلال قطب جمال، بخارا مان اچي، آچ شريف ۾ رهيو. سندن اولاد مان مخدوم جلال الدين جي اولاد ۾، هتي جي شاخ سنڌ ۾ آئي ۽ سنڌ ۾ مخدوم جهانيان جي نالي جي مناسبت سان مشهور ٿيا. هي خاندان سيادت، بزرگي، زهد ۽ تصوف، شعر ۽ ادب ۾ ڪافي ممتاز رهيو آهي. ڪيئي صاحب ديوان، سنڌي ۽ فارسيءَ جا يگانہ روزگار شاعر بزرگ پيدا ٿي چڪا آهن.

سيد نجف علي شاهہ صاحب، تاريخ ۲۱-اپريل ۱۹۲۳ع تي ٽنڈي جهانيان ۾ جائو. سندس نالو، مشهور شاعر فقير هدايت علي 'نجفي' جي مشهوري ۽ مقبوليت کي ڏسي برڪت طور رکيو ويو.

تربيت ۽ تعليم: سندس تعليم ۽ تربيت نهايت پاڪيزه ماحول ۾ ٿي. حيدرآباد جي مختلف اسڪولن ۾ سنڌي، اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزيءَ ۾ چڱو مايو حاصل ڪيائين.

ننڍيءَ عمر ۾ ئي ساري خاندان جو بار مٿس آيو، جنهن کي باحوصلا ۽ باهمت ٿي برداشت ڪيائين، ۽ سارو ڪاروبار سنياليو، کاڌ گهٽتائي محسوس نہ ڪرايائين. فقر ۽ فاقي کي سرمائيداريءَ تي ترجيح ڏئي، دولت ۽ دنيا کان بيسرو رهيو.

علمي ذوق: ڪيس علمي ذوق، الف ليلىٰ، جانعالم، چار درويش ۽ حاتم طائيءَ مان پيدا ٿيو، جي ڪتاب، بيماريءَ جي بستري تي رهندي مطالعہ ۾ آيا. ان سان گڏ، لطيف جو ڪلام ۽ ان ئي دؤر ۾ زير مطالعہ آيو، جنهن ڪيس ڏاڍو متاثر ڪيو، جنهن جي معنوي مفهوم کي سمجهڻ لاءِ پنهنجي عمر وقف ڪري چڪو آهي.

شاعري: سندس جذبات ۽ خيالات تي سيني کان وڌيڪ لطيف جي فن ۽ فڪر جو اثر آهي؛ ايتريقدر جو هر صنف ۾ شعر چوندي، سندس لفظن ۽ بندشن تي، توڙي معنيٰ ۽ مفهوم تي لطيف جو اثر نظر اچي ٿو.

تخلص: ابتدائي دؤر ۾ سندس تخلص 'نجف' هوندو هو. پر جڏن ته سندس نالي جي آخر ۾ 'شاهه' جو لفظ آيل آهي، جنهنڪري جذبءِ افتخار جي اضافي کي، نمائائيءَ ۽ سڀاجهائيءَ سان بدلائي، 'ڪمتر' ڪيو ويو.

طريقت: طريقت ۾ پاڻ ڀنڀاڻي چاچي سائين هادي بخش شاهه مسڪين رح جي هٿ حق پرست تي، نقشبندي طريقي ۾ بيعت آهي.

ڪلام: سندس ڪلام ۾ 'ڪافي' هڪ شاهڪار فن آهي. سوز ۽ گداز سان گڏ، ڪافين جو معنوي رنگ، لطيف جي فلسفه حيات جي ترجماني آهي ـ اهائي زبان ۽ اهوئي انداز بيان!

پاڻ زراعت جو ماهر آهي. هن وقت، لطيف جي ڪلام جي ترتيب ۽ تدوين ۽ ان سان گڏ ان جي معنوي شرح لکڻ ۾ مشغول آهي.

ڪمتر جو فن، معنوي انداز سان ڏاڍو ميناج وارو ۽ پيارو آهي. سندس 'فن' تي، خاص ڪري لطيف جي زبان ۽ انداز بيان جو وڏو اثر آهي. سندس جذبات ۽ خيالات معنوي حيثيت سان افاديت ۽ اخلاقي پهلو رکن ٿا. زبان جي صحت ۽ سلاست قابل رشڪ آهي. افسوس جو سندس ڪوبه مجموعه ڪلام ايڌا شايع نه ٿيو آهي. ـ ادارو

ڪافيون

*

هلي حاضر تي، آڻي هينئڙي هَلُ،
ڪندو قرب ڪٽنل تي ڪوهيارلُ.

دلدار ڪيا سينگار اٽڻي، ڪري ڪوڏ ڪوهياري پاتو ڪجل،
ويا ڏينهن ڀچي پروڻن جا، آيو مشتاقن لئه مفت اجل.

لئي ساعت سري نڻو دم گذري، ٿيو ورهه برابر هڪڙو پل،
آهي زهر حياتي هوت ٻنان، ريءَ جانب آهي جيڏ جنجل.

ويو وقت هليو ڪجهه ڪونه وريو، وئي عمر اجائي ڪچ ڪپل،
هاڻي ووڙ ولدر جي وڻ وڻ کي، هلي جانب ڪارڻ جهاڳ جبل.

ڪندو ڪوهياروُ 'ڪمتر' تي ڪرم، اچي ڪٽندو هن اگليءَ جو انگل،
ٿيندا مطلب مقصد سڀ حاصل، ڪندو سولا هرڪو مشڪل حل.

*

موکيءَ مت مٽين واهه آپٽيا مرد مٽير نہ مُڙندا سور،
موج هتي ميخاني ۾ سڀ مست موالي ٽيا مخمور.

وڻ وڻ واس مڪا آريءَ جا، ڪيچ پنيور سڄو معمور،
ڏکيون ڏِکَ وهارڻ آيو، لات لسنگ نسورو نور.
سهڻيءَ کي سڪ آه سُنڀالي، هردم سيهر جو مذکور،
ساهڙ آڻي سڀ وڻ ساوا، درد سڀي ٽيا دل مان دور.
آيو جهار تماچي تڙ تي، مڻيءَ مهاڻا سڀ مسرور،
ساري جڳ تي سهنج سمي کيا، ساه مان نڪتو سارو سور.
'ڪمتر' تي ڪيو قرب ڪوهياري، مس مس منٽ ڪيٽين منظور،
آيو اڳڻ اچي اڳليءَ کي، حاصل کاريٽين حج حضور.

*

سورهيه سيج چڙهن، موڙ ٻڌا مَردن!

شوقڙن شينهن شڪار چڙهيا، اڄ ٻيلا ٻيا ٻُرڻ،
ڪنير ڪري ڪجکوڙ آڻيا، ٽٽي سامهون کير سندن؟
آيا مرد سٽير سُهاڻي، ٻيڙ ڪيبو ٻاڌن،
کوها ڪنور کِلي جا کوڏيا، مانجهي کين مڙن.
کارن ڪرن وانگر کاهن، وڃ جهٽن وارا ڪن،
گوڙ ڪري گهمسان آڻن، ۽ وڏ ڦڙا ٽي وسن.
سورهيه سِرُ ساٽيه تان صدقي، 'ڪمتر' جيڪي ڪن،
رحمت تن تي رب جي آهي، ٻاکر ٻنجن تَنَن.

*

تهري ڪجل جون ڪانيون، ٻي گمانيون،
وو يار... اهي سِڏيون سيني ۾ سَٽيڪَن.

عين الهن جا آهن عنابي، خاصا خماريل ڪَهرا گلابي،
هٽيو ڏ ين حيرانيون، پريشانيون،
وو يار... شل اکيون نہ ڪنهن سان اٽکن.

تهر ڪيو آهي تهري کارن، ٻاڻ ٻريل ۾ ٻين کي ٻارن،
جار جلائن جانيون، جُنگَ جوانيون،
وو يار... جيکي لٽون کلهن تي لٽکن.


مڙڪان، تير ۽ ابر و خنجر، سرڪش سارا نين زوراور،
تيز سندن تابانيون، ڪان ڪمانيون،
وو يار... آهي جنگ جدل جهت پت ڪن.

قرب جو آهي طالب 'ڪمتر'، مطلب مقصد سڀ ٿين بهتر،
سَوَ ملن سلطانيون، ڪامرانيون،
وو يار... شل دلن ۾ نهنجي در وٽ ڪن.

قطعو

حال ڪريان اظهار، خدايا رات وڃي ٿي جلد گذرندي،
آه ڏکهي گفتار، خدايا رات وڃي ٿي جلد گذرندي؛
هاڻ تصوّر فرقت وارو دل کي ڪري ٿو هاره هاره،
وٽ کي ڪجهه بيهار، خدايا رات وڃي ٿي جلد گذرندي.





سيد "منظور" نقوي

جهانيان خاندان جي هن چشم و چراغ جو نالو سيد لطف علي شاهہ ۽ سندس والد جو نالو سيد حسين علي شاهہ آهي. سندس خاندان جو شجرو حضرت مخدوم جلال‌الدين جهانيان جهان گشت سان ملي ٿو، جيڪو وري حضرت امام علي نقي عليه‌السّلام جن تائين پهچي ٿو. منظور نقوي جي ولادت ۱۷-مئي ۱۹۲۴ع مطابق ۲۳-شوال سن ۱۳۴۲ هجري ۾ ٽنڊي جهانيان حيدرآباد ۾ ٿي. پاڻ مٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين، ان کان پوءِ حڪيم عبدالڪريم عباسي صاحب وٽ فارسيءَ ۾ طب پڙهيو. طب جي مزيد علم حاصل ڪرڻ لاءِ دهليءَ ويو، جتي علم طب جي تڪميل ڪري ڪامل الاطباء جي سند ورتي واپس ٿيو. طب، شڪار، مصوّري ۽ شاعري گويا ڪيس ورثي ۾ مليل آهن. شڪار ۾ خطرناڪ جانورن جو شڪار سندس سرغوب مشغلو رهيو. جهنگلي جانورن جي خصلتن مان چڱي واقفيت حاصل ڪيائين. مصوّريءَ جي موروثي شغف کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ پاڻ مشهور زماني بنگالي مصوّر ايس. ڊي. ڪر کان پينسل ورڪ-لائيف اسڪيچ سلوڊي-واٽر ڪلر ۽ آئل ڪلر تي دسترس حاصل ڪرڻ لاءِ تعليم حاصل ڪيائين.

پيڪرگريءَ ۾ ڪلي (Clay) ۽ ويڪس (Vax) جي ڪم مان به چڱيءَ طرح واقفيت حاصل ڪيائين، ۽ ڪيترن سازن وڄائڻ تي دسترس حاصل ڪيائين. ٻين علمن مان موسيقي (سُر ۽ تال) جي علم جي عملي طرح سان تعليم حاصل ڪيائين. ان کان سواءِ جفر (اخبار-آثار-احمر-جامع) ۽ رمل تي به مهارت حاصل ڪيائين.

سيد منظور نقويءَ کي شاعري گويا ورثي ۾ مليل آهي. انهيءَ ئي خاندان مان حضرت سيد فتح‌الدين شاهہ 'فتح'، سيد قطب‌الدين شاهہ 'قطب'، سيد روشن‌علي شاهہ 'روشن'، سيد غلام شاهہ، سيد هادي بخش شاهہ 'مسڪين'، نامياريا شاعر ٿي گذريا آهن، ۽ موجوده زماني ۾ سيد نجف علي شاهہ 'ڪمتر' نقوي، سنڌي زبان جو هڪ قادرالڪلام شاعر تسليم ڪيو ٿو وڃي. منظور نقويءَ

نندي هوندي کان ئي موزون طبع ۽ ذهن رسا جي ڪري منظوم ڪلام چوڻ شروع ڪيو، ۽ پويون شعر يارهن سالن جي عمر ۾ چيائين، جيڪو هڪ نوحي جي صورت ۾ هو، جنهن جي ابتدا آهي:

هئي هئي اصغر نندڙو پيارو هئي هئي اصغر نندڙو پيارا!

ٻاڻ عام عروض ۽ واقفيت حاصل ڪيائين. پوءِ سنڌي، سرائڪي ۽ اردوءَ ۾ 'منظور' تخلص استعمال ڪندو آهي ۽ هنديءَ ۾ 'منجو'. فارسيءَ ۾ 'سبق' ۽ پراڻي سنڌي زبان جي واءِ، ڪافين ۽ بيتن ۾ تخلص 'لطف' به استعمال ڪندو آهي. فارسيءَ ۾ سندس ڪلام جو نمونو هي غزل آهي:

بيک چشمک الهام کرد اضطرابي چه خوش خامشي وچه خوش انقلابي
زهر زاويه باتو کردم خطابي کهي باسوال و کهي با جوابي
عيان رازِ قرآن ست ازهر اشاره نهان يک زبور است الدر نقابي
بيار آن مئي کاشفِ رازِ هستي که از مرگ هرگز ندارم حجابي
'سبق' خوش نيامد مرا بزمِ عالم نه 'لطف' گناهي نه کربِ ثوابي

هنديءَ ۾ سندس شاعريءَ جو نمونو هي دوهو آهي:

بهي نين کاجر بها بکري موري کيس کس بت 'منجو' جائون مين پيا گئي بديس

اردوءَ ۾ سندس ڪلام جو نمونو هي غزل آهي:

جب فضائون مين جلوے بکهر جائينگے چاند تارون کے چهرے اتر جائينگے
راستے راستے منزلين منزلين راهبر راهبر هم جدهر جائينگے
ياد مٹنے کو هے ياد مٹ جائيگي زخم بهرنے کو هين زخم بهر جائينگے
زندگي سے شکايت اي 'منظور' کيا چشم تر آئے تهے چشم تر جائينگے

اردوءَ جو ٻيو غزل هيئن آهي:

جهان جهان ترے نقش قدم نظر آئے حرم کے دير کے منظر ابهر ابهر آئے
يه کيسا آئينه خانه هے هم کهان پهنچے تري تلاش تهي ليکن همين نظر آئے
حيات دهر ۾ ايسے کشي مقام آئے که ديکهتے هي رهے هم که هم کدهر آئے
ابهي تو ذکر چهڑا تها تمهارے جلوے کا سنارے نوکِ قلم پر اتر اتر آئے
قدم قدم پر تها منظور لغزشون کا گمان کٹهن تهي راهِ محبت مگر گذر آئے

هن کان اڳ سنڌي زبان ۾ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جا ٻول رائج نه هئا، مگر هن ئي شاعر ڪلاسيڪي موسيقيءَ مان واقفيت حاصل ڪري، سنڌي زبان ۾ خيال جا ٻول لکيا. ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ سندس لکيل خيال جا ٻول هيئن آهن:

[بول خيال - شام ڪليان - تين تال]

استائي - تو بن شام نہ پائي.

انتره - ڪاري ڪاري رات اندياري

ايندي من گھبرائي - تو بن شام نہ پائي.

ٻيو مثال :

[بول خيال - گن ڪلي - تين تال]

استائي - رت پريت ڪرڻ جي آئي

هرسو مستي ڇائي - رت پريت ڪرڻ جي آئي.

انتره - گل گل سونھي وادي وادي

پريت هي جوت جڳائي رت پريت ڪرڻ جي آئي.

ائين هن ڪان اڳ سنڌ ۾ منظري نغمن جو به ادب ۾ وجود ڪونہ هو، هن شاعر منظري گيتن کي به رائج ڪيو. مثال ۾ هڪ منظر ۾ ان مطابق لکيل گيت هيٺن آهي:

هارون رشيد، هڪ غريب مائٹھوءَ کي بيھوشيءَ جي دوا پياري، بغداد جي پل تان ڪٹائي محل ۾ اڇي ٿو. صبح جو انهيءَ غريب جي محل ۾ اک کلي ٿي ۽ ائين ٿو سمجھي ته ھو ڪو خواب ڏسي رھيو آهي. محل جي ڪنڌ ۾ هڪ ڪنيز برٻط تي هي گيت گائي ڪيس يقين ڏياري رهي آهي ته تون جيڪي ڏسي رهيو آهين سا حقيقت آهي، ڪو خواب ناهي. انهيءَ منظر تي هن شاعر هيءَ گيت لکيو آهي:

هي دورِ دنيا حقيقت آهي، هي بزمِ هستي سراب ناهي، ڪو خواب ناهي!
هي رنگ و بو دامنِ فنا تي حقيقت آهي ثبات آهي،
بقا جي سمجھين ته آهي باقي اهائي ڪل ڪائنات آهي،
نشاط ۽ راڳ جي ملاوت، انهي جو نالو حيات آهي.

هي سڀ شهود آهي تنهنجي خاطر ڪو راز ناهي، حجاب ناهي، ڪو خواب ناهي!
طرب نما روح پرور آهن هي برٻط و عود جون صداؤن،
هي دلربا دلربا غزالانِ مشي ڪده جون حسين ادائون،
هي قلقلِ شيشه درحقيقت تي تشنہ لب کي ڏئي نداؤن.

هتي جي هر هڪ نفس جو همدم مثال نه ناهي جواب ناهي، ڪو خواب ناهي!
هي هستين مستين جو مرڪز، هي رقص و نغمہ جي محفل آهي،
هتي حياتي وراهجي ٿي، هتي حياتيءَ جي منزل آهي،
هتان ائين زنده ڪو گذاري محال ۽ ڏاڍو مشڪل آهي.

هتي جو هر لمحو آهي راحت قرار آهي، عذاب ناهي، ڪو خواب ناهي!

اهڙي ئي هڪ منظر تي بدل ٻيو گيت هيئن آهي:

جاڳ مسافر، منزل سامهون، ڪير ڪري آرام!

سونهري سونهري ڪرڻا هستيءَ جو آغاز،
صبح جو راڳ پکين جون لاتيون بربط جو آواز.
رات سُتي ۽ جاڳيا ڪرڻا، خوابن کيو پرواز،
صبح جا منظر توکي ڏين تا هستيءَ جو پيغام- جاڳ مسافر

گل ٿيا عرق عرق پوڻرن ڪان هر مکڙي شرمائي،
بادِ صبا پيغام ڏئي ٿي رت الجياسي آئي،
باغ ۾ ڪوئل ڪوڪ ڪري ٿي جڙ ٿي وڃي شهنائي،
هستي خوش آغاز هجي شل هستي خوش انجام- جاڳ مسافر

دوش ٿي پنهنجي خم آئي ٿي عطر جا بادِ صبا،
نچندي ٽڙندي اچي ٿي صبح جي مست هوا،
رنگ-ون منظر مست هوائون ۽ پرڪيف فضا،
سونهري ڪرڻن ڪان آهي هر شئي ٿي گلفام- جاڳ مسافر

دراصل منظور نقوي غزل جو شاعر آهي ۽ غزل ترنم سان پڙهندو آهي. ابتدا ڪان وٺي ڪيس غزل جي صنف پسند آئي ۽ غزل ۾ هڪ خاص مقام حاصل ڪيائين. نموني طور سندس هڪ غزل هيئن آهي:

هي عکسِ حقيقت عکس اگر آهي ته حقيقت ڇا هوندي،
جلون ڏي ڏسو، جلون ڏي ڏسو، سوچيو ته قيامت ڇا هوندي.

آهُن جي تسلسل سان سمجهو هر آه سان جڙ دم نڪري ٿو،
تسڪين جي صورت هي آهي، تڪليف جي صورت ڇا هوندي.

زندان جي فضائن ڪان پڇجي، زنجير ڪان ڪجهه معلوم ڪجي،
جو هوش ۾ دامن چاڪ ڪري تنهن مست جي وحشت ڇا هوندي.

هن سوز جي رسم و راه منجهان ناواقفِ الفت ڇا جاڻن،
هن درد ۾ لذّت ڇا هوندي هن درد جي شدّت ڇا هوندي.

'منظور' ستم هرور سان پلا هن غم جي شڪايت ڇا معنيٰ،
جنهن دل ۾ خدا جو ڊپ ناهي، تنهن دل ۾ مروّت ڇا هوندي!

سندس ٻيو غزل هن ريت آهي:

ڪڏهن پنهنجن نگاهن کي به همدم آزمائي ڏس،
سحر ٿيو آهي ليڪن شمع پنهنجي کي وسائي ڏس.

جيڏ تنهنجي سهاري تي سرڏ تنهنجي اشاري تي،
خدا توکي ٿو سمجهان مان، مون کان سجدو ڪرائي ڏس.

اجا اکڙين ۾ دم آهي، اجا توکي ڏسي سگهندبون،
وڃ واري اجا هڪوار پنهنجو منهن ورائي ڏس.

وفا منهنجي سلامت، دؤر هو سو هي به دؤر آهي،
ڪڏهن گل ٿي هنيا تو هاڻي پٿر آزمائي ڏس.

زمين کان آسمان تائين رڳو شعلا نظر ايندا،
ڪهاڻي دل جي اي 'منظور' دنيا کي ٻڌائي ڏس.

هن شاعر نظم جي صنف کي به نه وساريو. سندس هڪ مشهور نظم 'هيرآباد' جو اقتباس پيش ڪجي ٿو:

الله سي بادِ رفته جون بي اختياريون — آئي ته ڇڏ اڇي ويون خزان ۾ بهاريون
شامون اهي جي شعله وشن سان گذاريون — راتيون اهي جي جنتِ ماويٰ به واريون
ماضيءَ ۾ هيرآباد جو عڪس آيو همنشين — ساغر ڏيو ته فڪر جا نقشا اڇاريون
سا شام جنهن جو رنگ وري کين ڪنهن ڏنو — سا رات جنهن جي ياد ۾ راتيون گذاريون
ٿوليون سي مهوشن جون سرِ شام الامان — الله سي فوجِ حسن جون غارت گذاريون
ملبوس زرق برق خدو خال لاجواب — ڏوتل گلاب وعطر سان بي پرده ناريون
هرڻن جا ڇڏ ولر يا هرين جون کي ٿوليون — الله سي زلفِ بند سنديون مشکباريون
هر ماه وش جو رنگ ۽ خوشبو جدا مگر — گلدستي مثل ڪڏ ٿي رهيون ناز واريون
زلفن جا نانگ دوش تي هر هر ڪيريو هون — وڃو وريو وريو ٿيون هون ڇڏ ته ڪاريون
سي شمعرو حيات جا روشن، مجسما — شعلن جون ڇڏ روان ۽ دوان کي سواريون
هر پرتوِ جمال سان زنده ٿيو پوي — الله سي اهلِ حسن جون پروردگاريون
سُرخي چپن تي ڇڏ ته ڪو زخمِ جگر ڪليل — سرمون اکين ۾ ڇڏ ته کي خنجر ڪٽاريون

سندس هڪ رزميه ڪافي لکجي ٿي، جيڪا ۱۹۶۵ع واري جنگ ۾ پاڪستاني بهادرن جي شان ۾ لکي وئي آهي. اها ڪافي هن ريت آهي:

وه واه وڙهن ٿا دلير،
ڪوڪٽ متو ڪفر ۾ نٽا ڇڙ ۾ ٻائن ٻير.

جهيڙي ۾ جهونجهار وڙهن ٿا رڪ سين راندبون ڪن،
ڇڙ ۾ ٻير سهائي ٻائي واهن کين ورن،
ميرن ٻڌبون مهاڙبون لاٽون ڏونڊن جا کي ڏير.

ڏوڏت ڏڏڪا ڪوڪت ڪڙڪا، گولن جا گهمسان،
ڏسي هلائون هيبت واريون هيڪيو هندستان،
گوڙ ڪري گينوار اٽيا جڏهن شير خدا جا شير.

دهليءَ ۾ ٻڌي دانهن تہ آيا پاڪستاني آيا،
مانا باڻ ٻڌي ويا مانجهي جن هٿا ڪفر ڪنايا،
ڪير جهلي تن شيرن کي وڄي اڪتا جيسلمير.

واه هوائي جوان جنگي ڪن دشمن تي ٽا مارا،
جهٽ پٽ جهڙپ جهپو جهپ تن جا واه وٽن لا مارا،
شه پرواڙ عقابي جن جو بازن وارا پير.

رزميہ انداز ۾ سندس لکيل هي ٻي ڪافي هيٺن آهي، جيڪا مرصّع آهي.

هي سڏ ٻڌن تير مهير منجي،
هٽن مير شمشير ڪرن ويڙ ونجي.

اهي گهوٽ اٿوٽ ڏئي چوٽ چڙهيا،
ٻيجن ڪوٽ ڏئي جوٽ نہ ڪنهن اوٽ اڙيا،
جهلي هٿ ويڙن سٿ ڪرن ڪٽ ڪنجي.

جنگ جوان هٽن ڪان وڏا شان تن جا،
پهلوان سلطان ٻرن ڏان تن جا،
جهلي ٽان هٽن ڪان وڃن جوان جهٽجي.

دلدار سالار ڏهڪار ڪن ٽا،
ڪري وار سردار سر ڏار ڪن ٽا،
ڪن يار هاڪار ڪرن سوار سنجي.

'منظور' منصور ڪري اور وڙهندا،
اهي نور مشهور هٽي گهور گهڙندا،
جڏهن شير ڪندا فير ويندا پير ٻڌجي.

رزميہ ڪلام ڪان سواءِ سيد منظور نقويءَ جو ڪلام قومي رنگ ۾ بہ گهٽي انداز ۾ موجود آهي. سندس اهڙو ڪلام گيتن، ترانن ۽ نغمن تي مشتمل آهي. ان کان سواءِ عوامي رنگ ۾ نڙ جا بيت- چلا- سورا- لوليون وغيره بہ ملن ٿيون. هن شاعر سگهڙپڻي جي صنفن ۾ ڪجهارتون، ڏور ۽ هنر وغيره بہ لکيا، مثال ۾ سندس هڪ ڏور هيٺن آهي:

هلي آيا هيج مان جن جا ڏيهن ۾ ڏهڪار،
ٻر سور نہ ميڙي مارئي ٻل حيلا ڪيئون هزار،
وڏي جام جمار، جو هٿ نہ هليس هڪڙو.

اهو ڏور، جنگ خندق جي واقعي تي ٻڌل آهي، جو خندق کوٽيندي هڪ ڇپ لڌر آئي. اسلامي لشکر وارن وڌا حيلا ڪيا پر ڇپ نه ٻڌي. آخر حضور اڪرم جن جي هٿان اها ڇپ ٽڪر ٽي.

هن شاعر عروضي صنفن ۾ خصوصي طرح سان طبع آزمائي ڪئي آهي: غزل، نظم، مسدس، مخمس، رباعي، سلام، قصيده ۽ مثنوي وغيره سندس لتاڙيل ميدان آهن. شاعري جي صنعتن تي به خاص طرح سان ڏيان ڏنو اٿس. سندي نظمن سان سندس نظم 'هير آباد' وڏيڪ مشهور آهي.

موجوده دؤر جي زبان کان سواءِ ڪيس قديم زبان تي به ملڪو حاصل آهي. قديم زبان ۾ سندس بيت ۽ وايون مشهور آهن. مثال ۾ سندس به بيت ۽ هڪ وائي لکجي ٿي.

بيت

ڪي ڪجهه مون ۾ ميرَ ڪي هاڃون هوتن ڪنهن،
اڳئان وڃن اونيا، ٻليان ڪڙيان ٻيرَ،
ڏير مڙوئي ڏير، ۾ ڪيڇين جهڙو ڪونه ٿئو.

آءُ ٻرين! گهر گهورڻان، صدقو ڪريان ساهه،
ڄائي هڪ الله، ته سو سيڪن ٿيون ڳالڙيون.

وائي

آيم رنگئن روهه، روئي روئي رت سين.
گهنگهر گهارڻ آئيو، جيءُ اڙائي جت سين.
سات ڪئي نا ساڻ سون، هلان ڪيئن حجت سين.
لڄ لوڙه لڪن ۾، لائق ٻنهنجي لت سين.
لطف ڪج 'لطف' تي، سائين رکج ست سين.

'ڪافي' جي صنف تي به هن شاعر ڪي عبور حاصل آهي. سندس هڪ تحقيقي مضمون 'ڪافي ـ تحقيق جي نظر ۾' ماهنامه نئين زندگيءَ جي صفحن تي ڇاپو ٿي چڪو آهي، ۽ ان کان سواءِ ڪافيءَ تي سندس هڪ ڪتاب به لکيل آهي. هن شاعر جي لکيل مرصع ڪافي نموني طور لکجي ٿي:

وه جا يار وڃي، تنهنجي اک جي اڃي،
ڏڻي گهور گهٽي، هينڙو وڃين ته هٽي.
ٻنڊين جا ٻيڪان، ماريئن ٿا مهمان،
ڦهري چٽڪن ڪان، لڇن لال جوان،
سوين ٿيا سلطان ٻيرن جي ته ٻڌي.

اوجاڳيل اکڙين، ٿهر ڪيا ڪجلين،
هت ٿا نيڻ ڪجن، هت ٿا چرڪ ڏيون،
وڏي ڏاند هرين کا جا قرب ڪئي.

ڪجلين جا هي ڪاور، گهائن ڏيو گهور،
ملهيا سي 'منظور'، سامهون هٿا جي سور،
ڪي آيم هور جيڪا ٻاب ٻڌي.

هن شاعر جو قومي رنگ ۾ به گهٽو ڪلام ملي ٿو. مذهبي رنگ ۾ هن شاعر جا نعت، سلام، قصيدا، منقبت، رباعيون، لوڏا ۽ مرثيا به لکيل آهن. سندس لکيل هڪ سلام هن ريت آهي. هي ڪلام صنعت معڪوس ۾ لکيل آهي:

سلام توتي سندم سهارا، سندم سهارا سلام توتي،
سلام توتي جڏن جيارا، جڏن جيارا سلام توتي.

تون اول آهين تون آخر آهين، تون آخر آهين تون اول آهين،
سلام توتي خدا جا پيارا، خدا جا پيارا سلام توتي.

تون فخرِ آدم تون فخرِ عيسيٰ، تون فخرِ عيسيٰ تون فخر آدم،
سلام توتي او ڪملي وارا، او ڪملي وارا سلام توتي.

هي 'لطف' تنهنجو غلام آهي، غلام آهي هي 'لطف' تنهنجو،
سلام توتي چون ستارا، چون ستارا سلام توتي.

سندس لکيل هڪ نوحو هيٺن آهي:

رس شاهِ مدينہ، رس شاهِ مدينہ.

لڏجي ويا خيمہ جلي مسندِ اطهر- الله مدد ڪر،
طوفان ۾ آهن آلِ محمد جا سفينہ.

باقي رهيو عباس نہ قاسم ۽ نہ اڪبر- ويو رائجي اصغر،
تاراج ٿيا تاجِ نبوّت جا نگينہ.

هڪ پياس پيو بابي جي مرڻ ڪئي آهي مغموم- روئي ٿي هي معصوم،
بابي کي ڪري ياد پڪاري ٿي سڪينہ.

'منظور' غمِ شاه ۾ هرڪو آهي نالان- هر دل آهي گريان،
صد چاڪ گريبان آهن صد چاڪ ٿيا سينہ.

هندس لکيل هڪ مرثي جا ڪجهه بند هيٺ آهن:

قلم ٿون ڪرب و بلا جو بيان ڪر تحرير،
ڪا اهڙي صفحه قرطاس تي تون ڪڍ تصوير،
جو تنهن جي دم سان هجي تازو عالم تقرير،
بيان ڪر ٿون اسيرن جو حال بالتفسير:
ٻڌي بيان الم سيڪو بيقرار ٿئي،
زمين گداز ٿئي عرش اشکبار ٿئي!

ڏهين جو ڏينهن بصد ڪرب و رنج ٿي ويو گذر،
ڪُسي ويا دين جا حامي ٿيا خيما خاکستر،
ويا اڪڙي تاج نبوت جا هاڻ سڀ گوهر،
ي پائمال ويا فاطمه جا لخت جگر:
رهيو نه باقي ڪو هڪ گل نبيء جي گلشن مان،
فقط هو سيّد سجّاد تن اسيرن مان!

غروب ظلم و تشدد جو آفتاب ٿيو،
جگر ٿي زينب دلگير جو ڪباب ٿيو،
گذر ٿي شام نه وار ماهتاب ٿيو،
هي هڪڙي ڏينهن ۾ ڪهڙو نه انقلاب ٿيو:
ڪسي ويا دين جا حامي سڙي ويا خيام،
ويا لُٽجي اهل حرم پر نه ٿيو ڪو ظلم تمام!

فلڪ تي انجم و مهتاب جي وڇي چادر،
ايا هيء گرم زمين ڪربلا جي جڏ اخگر،
ٿي باد گرم کان ڪومائجي ويا برگ و شجر،
تپش کان جڏ ته ٻيا ڪربلا ۾ هو محشر:
زمين مان شعلا ٿي لڪنا هوا جي حرڪت کان،
هري ٿي جڏ ته سڄي نينوا حرارت کان!

هن اديب جا سوَن جي تعداد ۾ ريڊيائي ڊراما ۽ فيچر به لکيل آهن. ان کان سواء هي اديب ڪن انجيل ڪنابن جو به مصنف آهي، جيڪي آهن: سنڌ جي مدنيت، صنف ڪافي، جڙاءُ، آدمخور شينهن جو شڪار، منظور جا گيت، تذڪرهٔ اولياء جهانيان سنڌ.

سندس لکيل مضامين تحقيق جي ميدان ۾ هڪ خاص مقام رکن ٿا: انهن مان هڪ آهي 'شاهه جي ڪلام جو وزن'، جنهن ۾ چند ودڀا ۽ علم عروض تي بحث ڪري عروض جي

قانون مطابق شاھ جي ڪلام جو وزن ايجاد ڪيو ويو آھي. ھيو مضمون آھي 'ڪافي تحقيق جي نظر ۾'، انھي مضمون ۾ ڪافي صنف جي تحقيق پيش ڪئي وئي آھي. اھي ھيئي مضمون ماھنامہ 'نئين زندگي' ۾ شايع ٿي چڪا آھن. انھن کان سواء حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمة جي ڪلام تي سندس ڪيئي تحقيقي مضامين مختلف رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آھن.

ھي اديب، ھفتيوار اخبار 'ھنجتني'، روزنامہ 'عبرت' ۽ روزنامہ 'خادمِ وطن' ۾ لڳاتار ڪالم لوبس ۽ سب ايڊيٽر پڻ رھي چڪو آھي.





عبدالفتاح "عبد" عاقلي

پيدائش: ۲۷-اپريل ۱۹۰۷ع، مطابق ۲۹- جمادي‌الاول ۱۳۲۵هـ، ڳوٺ عاقل، تعلقو لاڙڪاڻو.

تعليم: سندي چار درجا اسڪول عاقل ۾ پاس ڪرڻ بعد، پنهنجي والد سڳوري وٽ دستوري فارسيءَ جا ڪتاب سڪندرنامو، هورو ڪري ڪجهه ورق بهاردانش جا پڙهيائين. ان بعد پنهنجي والد صاحب علامه محمد عاقل 'عاقل' عليه الرحمة جن وٽ صرف و نحو جا شروعاتي ڪتاب پڙهيو ۽ ڪنز ۽ هدايه جا ڪجهه ورق شروع ڪرڻ بعد لاڙڪاڻي مدرسي ۾ انگريزي پڙهڻ ويو. ڇهن سالن ۾ مٽرڪ ڏيئي خانگي نوڪريءَ ڪرڻ جو خيال ڪيائين، جو تہ ۱۹۳۰ع ڌاري گورنمينٽ جي ملازمت ۾ هندن جي اڪثريت هئي، ان ڪري سندس آزاد طبع کي ناگوار گذري.

- مشغوليون: ۱۹۳۲ع ڌاري 'سنڌ زميندار' سکر ۾، جا جناب پير علي محمد راشدي صاحب جي ادارت ۾ نڪرندي هئي، اتي تمام ٿوري وقت لاءِ اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿي رهيو. ان کان پوءِ کهڙن صاحبن جو زميندارييءَ جو منشي ٿي رهيو. ڪجهه وقت لاڙڪاڻي شهر ۾ مطب ڪيائين. ۱۹۵۲ع ڌاري وري کهڙن صاحبن جي اناج جي واپار ۾ ڪم ڪندڙ پائيوار ٿي رهيو. انهيءَ سموري وقت ۾ سندس ضمني ڏاڍو حڪمت ۾ رهيو. ۱۹۶۵ع کان ملازمتون ڇڏي يوناني حڪمت ڪري رهيو آهي، ۽ هاڻي رهائش لاڙڪاڻي ۾ اٿس.

شاعري: ننڍي هوندي کان طبع موزون هيس ۽ پنهنجي والد سڳوري کان اصلاح وٺندو رهيو. سندن وفات بعد پير ڪوہ استاد ڪونہ ڪيائين.

عبدالفتاح 'عبد' هڪ ڪهنہ مشق ۽ باڪمال شاعر آهي؛ لاڙڪاڻي جي سرزمين کي، سندس ذات ۾ ڏن تي فخر حاصل آهي.

'عبد' صاحب، غزل ۽ نظم جي مروّج ۽ قديمي هيئت ۽ اسلوب ۾، جنهن پختگيءَ ۽ استادانہ برجستگيءَ سان تجربا ڪيا آهن، سي تحسين جي لائق آهن.

غزل ۽ ان جي مراعات ۽ لوازمات کي نباهڻ وڏو مشڪل ڪم آهي؛ وڏا وڏا استاد ۽ قادرالڪلام شعراءِ ڪرام، غزل جي دقت پسند، اشاراتي ۽ معنوي حيثيت کان گهبرائين ٿا. 'اديب سنڌ' ۾ سندس شايع ٿيل غزل، هڪ اهڙي هرڪو ۽ پختہ شاعر جي ساک پرين ٿا، جنهن جو فن تغزل باڪمال آهي. چرخ ڪج رفتار، هن بلندپايہ شاعر کي هميشہ شاعرانہ رنگينين ۽ رعنائين کان پري رکيو آهي، تاهم ذوق سليم جي آبياري ڪندي، جو ڪجهہ 'عبد' صاحب لکيو آهي، اهو غنيمت آهي. —ادارو

گيت

وصل جي موسم

اڄ وصل جي موسم آئي آ.

هر پٽ تي سبزي ڇائي آ، هر طرف تي ساوڪ سائي آ،
ڪئي خوب گلن لالائي آ، اڄ وصل جي موسم آئي آ.

اڄ ڏولڻ ڪاوڙ مار ڪٽي، مسڪين ڏي منڙا نهار ڪٽي،
منهنجا عيب ثواب وسار ڪٽي، ڪٽي بخش جا ڏول بجائي آ،
اڄ وصل جي موسم آئي آ.

بلبل ٿي گلن سان رهاڻ ڪري، پر شمع جي هم ٿو پتنگ مري،
ڪجهہ چند ڪان ناهہ چڪور ٻري، رڳو توکي پسند جدائي آ:
اڄ وصل جي موسم آئي آ.

منهنجا نيٺ عجيبن عرض ٻڌا، ڪيا يار اڳڻ تي پير وڌا،
ڪري جڳ جا مالڪ پاڻ پلا، جيئن 'عبد' جي اڄ ٿي سڀائي آ:
اڄ وصل جي موسم آئي آ.

نظم

مسلمانن کي خطاب

ڇو ٿو اي مسلم رهين مافات جي ارمان ۾، آيہ—'لاتقنطوا' پي ٿو پڙهين قرآن ۾.
'ليس الا نسان الا ماسعيٰ' فرقان ۾، تون سڃڻ سعي و عمل جي اڄ رکو ميدان ۾.
'انتم الاعلون' جي آيت آ تنهنجي شان ۾، شان شاهي ٿو رهي مخفي سندءِ ايمان ۾.
جي سڏائڻ ٿو گهرين مومن اٿي ايمان عزيز،
مال زر سر ساهہ کان رک يار پاڪستان عزيز.

تون شهنشاهِ جهان، تنهنجي زمين تنهنجو زمن، تنهنجو چوهولو زمالي ۾ هيو تنهنجو سخن،
تو اميريءَ کي ڏکايو هو فقيري ۾ مرهن، صاحبِ هرهڪ هنر تون مالکِ هرعلمِ فن،
في سبيل الله سپاهي تون جهان تنهنجو وطن، تيغ در ڪف ۽ ٻڌل سر سان هيو توکي ڪفن،
تون خدا جوءِ خدا تنهنجو جهان تنهنجو هيو،
هي زمين و آسمان ڇا لامڪان تنهنجو هيو.

حال کي پي ڏس ته هاڻي آهه سا صولت ڪٽي، دبدبو شاهي ڪٽي آهي رهي دولت ڪٽي،
والهانه سرفروشيءَ جي اڻي قوّت ڪٽي، ڪيڏ اهو فنِ سپهگيري اها همّت ڪٽي،
ڪاڻي خودداري حميت آهه سا غيرت ڪٽي، سو هنر ڪاڻي تجارت ۽ اها طاقت ڪٽي،
نام مسلم آهه باقي جو وڃائڻ ٿو گهرين،
خوابِ غفلت ۾ رهي ان کي متائڻ ٿو گهرين.

مائٽغيّر قوم ڪنهن کي پي خداءِ ذوالجلال، غيّروا انفس متائن ڪين جيسين ٻنهنجو حال،
تو هٿن ٻنهنجن سان ٻنهنجو آ وڃايو سارو مال، ڪوهرن جو تو ڪري سودو وتو آهي سفال،
سعيَ سان مستي وٽي، اعمال بدلي قيل وقال، هاڻ پي هوشيار ٿي بيدار ٿي ڪرکو خيال،
غيرتو کي ورقِ هستيءَ تان متائڻ ٿو گهري،
دهر تان حرفِ غلط وانگر وڃائڻ ٿو گهري.

ڇا ويو آ، جي وڃين هاڻي ٻ تون قرآن کي، عشق ڪامل سوزِ پنهان ۾ لهين ايمان کي،
لَهرگنگا جي ٿي ساري تو سندي نيشان کي، نعرهٔ تڪبير آهي ياد هندستان کي،
گامزن راهِ عمل ۾ ٿي جي ڳولين مانَ کي، تنهنجو مستقبل رسي ماضيءَ جي اعليٰ شانَ کي،
تنهنجو بازو اڄ وري بازوئي حيدر ٿي هوي،
بخت تنهنجو 'عبد' ۽ اقبال نوکر ٿي هوي.

غزل

●


چمن جي حاڪر پَڙهو گهماهو، بهار آيو بهار آيو،
خزان جي هوندي بهار گهايو بهار آيو بهار آيو.
ڪنديءَ کي رشکِ گلاب ڪوئيو برن کي جنّت جو باغ ڪوئيو،
ڏسان ٿو مالهيءَ جو اهڙو رايو، بهار آيو بهار آيو.
ڪري ٿو تنقيد بلبلو پي هي تمرين ڇاجي لاتي ڪوڪو،
قفس ۾ سي سيءَ ڪٽي وڃايو، بهار آيو بهار آيو.

کيلي ٿي مکڙي ڏڙي ٿوگل ۾ لهاري نرگس ۽ گهور سان ٿو،
انهن کي ساڙڻون کٽي پٽايو، بهار آيو بهار آيو.

چمن شناسن کي آهه دل ۾ گهٽوئي فکر بهار دل ۾،
دکين دلين کي نه چٽي دکايو، بهار آيو بهار آيو.

وهايا درياه خون جا سون بهار جنهن لئي ايا ته کونهي،
شريبر کنهن آهه شر کڏايو، بهار آيو بهار آيو.

چبن ۽ کانون چمن کي جاتو آ ٻنهنجي وڏن جو ورثو،
انهن ئي بي وقت هل هلايو، بهار آيو بهار آيو.





سيد "اظهر" گيلاني

سيد انور علي شاه "اظهر"، ابن حضرت سيد مرحوم مغفور اصغر علي شاه ابن سيد محمود شاه عرف محمد شاه حسني حسيني گيلاني جو فرزند ارجمند آهي. سندس حسب و نسب جو سلسلو حضرت علي عليه‌السلام سان منسلڪ آهي. پاڻ ٻارين ذيعقد ١٣٣٣هـ مطابق ١١-آڪٽوبر ١٩١٥ع بروز جمع ٻنهنجي نانائي گوٺ لعلو واري تعلقي گهوٽڪي ۾ ٻيدا ٿيو. لنڊ پڻ ڪاڻ سندس طبيعت مائيٽي هوندي هئي. خوشي سان گهٽ غم سان زياده واسطو هوندو هوس.

غم خوشي تي عمر پر غالب رهيو،
غمزده ٿي، شادماني چا ڪريان؟

تعليم: قرآن شريف جو درس آخوند بخش علي رڪ، ملا ٻڌي چانڊيي ڪان ورتائين

سنڌي، محمد رمضان خان "احقر" افغان ۽ ماستر ربڏنو خان ملڪ وٽ پڙهيو. فارسي جا اسباق مولوي حضرت سيد موسيٰ شاه گيلاني صاحب ۽ محترمه مائي پاني صاحبه ڪان ورتائين. الگريزي، ميونسپل اي. وي. سڪول منڊو ڪبڙ روهڙي، برائون سڪول ٻنو عاقل ڊي. اي. وي. هاءِ اسڪول گهوٽڪي ۾ پڙهيو، جنهن جو نتيجو نان مئٽرڪ لڪتو.

ملازمت: ڪو آپريٽو سوسائٽي، ايڪسائيز، ريلوي پوليس ڪراچي، هز ماستر وائيس ڪمپني ڪراچي، بنگ انڊيا ريڪارڊس ڪمپني بمبئي، ريڊيو پاڪستان ڪراچي. ١٩٤٨ع کان ملڪ و ملت ۽ علم و ادب جي خدمت.

شعرا دوست: اعليٰ حضرت مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ، جناب خليل صاحب، رشيد صاحب، عبيد صاحب، فيض صاحب، اجمل صاحب، اثر صاحب، نور صاحب.

عامي صاحب، جوش صاحب، جوهر صاحب، راز صاحب، فدا حيدري، امر حيدري، خادم صاحب، كاظم صاحب، واصف صاحب، نياز صاحب، غريب صاحب، نظامي صاحب.

كلاكار دوست: ماسٽر چندر، گلشن صوفي، سيد منورعلي شاهه، خانصاحب الهڏنو خان نوناري، ماسٽر مٺوخان، خانصاحب منظورعلي خان، پروفيسر سونا خان شهاڻي.

اساتذه: (١) تارک الدنيا فقير روشن ضمير علامه محمد هدايت علي صاحب "تارک"

ناز آ "اظهر" کي ٽئن استاد "تارک" تي سدا،
طبع "تارک" کي رهيو ٿي جٽن رواني تي گهمنڊ.

(٢) جناب غمدل فقير صاحب صوفي، ساکن رتوديرو.

سبق سڪ سان وحدانيت جو وٺي ڪو،
ڪليل آه "اظهر" دبستان غمدل.

(٣) علامه سيماب اڪبرآبادي صاحب، (٤) جناب علامه شمس بريلوي صاحب.

تلامذه: سيد غلام مصطفيٰ شاهه "مظهر" ڪاظمي سيوهاڻي، سيد اميرعلي شاهه "جامي" معصومي، پروفيسر نواز علي "شوق" سهريائي بلوچ، محمد سليمان شاه "سالم" پيرزاده دبر، جناب وفا هندستاني، جناب نورمحمد شاهه گيلاني "نور"، جناب علي عباس خان "سيف" حيدري ڏاريجو دادلوهه، غلام سرور "قمر" حيدري.

سياحت: پاڪستان، هندستان، ڪشمير، ايران.

ادارت: هفت روزه عالمگير لاڙڪاڻو ۽ سکر؛ افلاطون، سچ، طوفان سکر؛ هفت روزه ذوالفقار سکر ۽ اڇڪلهه ڪهوڙڪيءَ مان آب و تاب سان ڪڍي رهيو آهي.

سن ١٩٥٢ع ۾ قصرالادب جي نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيو اٿس، جنهن هن وقت تائين ٢٥ نظم و نثر جا معياري ڪتب شايع ڪيا آهن.

مطبوعه ڪتب: (١) آواز عشق، (٢) سخن بي نظير، (٣) سريلا سخن، (٤) دفتر غم، (٥) رعد اظهر، (٦) ذڪر و فڪر، (٧) شان نزول، (٨) مينا بازار ۾، (٩) مقصد حسين، (١٠) دل جون گالهيون، (١١) واردات، (١٢) جي ڀاڪ نه پاڙي، (١٣) تارک نمبر، (١٤) پارهن ڏينهن پنجاب ۾، (١٥) ڪورٽ ڪان جيل تائين. انهيءَ کان علاوه سندس نظم و نثر جا ٥٠ قلمي ڪتب اشاعت جا منتظر آهن، جي سلسلہ وار طباعت هيٺ ايندا. سندس ذاتي تارک لائبريري ۾ ١٠٠ نادر و ناياب قلمي نسخا موجود آهن. ان کان علاوه سنڌي، اردو، فارسي، انگريزي جا ٥ هزار ڪتب موجود آهن. اظهر صاحب جو مطالعه ٥ لکن صفحات ان مٿي آهي.

مختلف جماعتن جو عهده: هاري ڪميٽي جي صوبائي ڪائونسل جو ميمبر ۽ ٽي جو صدر، جمعيت الشعراء سنڌ جو جنرل سيڪريٽري، انجمن مديران جرائد سنڌ جو

جنرل سيڪريٽري، پاڪستان مسلم ضلع جو جنرل سيڪريٽري، تعلق انگريڪاچر ڪو آپريٽو بئنڪ ڪوٽڪي جو چيئرمن، بزم تارڪ جو صدر ۽ قصرالادب جو روح روان. زندگيءَ ۾ ڪيئي گرم سرد واقعا آيا:

پري هٽ سان بندوقون ٽي هنيائون،
هي پائڻ کان پلائي ٽي چڪي بس.
بچائي رب ته ٻيو ٽو ڪير ساري؟
دشمنن جي چڙهائي ٽي چڪي بس.

پٽيان ٻيو آ مارڻ جي هٽ ڏوئي عالم،
ڪشان دم سندءِ مهرباني جي باعث.

پاڻ مذهب اسلام جعفري طريقي جو پيروڪار، صوم صلواة جو پابند آهي. سن ۱۹۶۲ع کان جمالياتيءَ شاعريءَ کان منهن موڙي، شان اهلبيت ۾ لکندو رهي ٿو، تنهن ڪري شاعر اهلبيت ڪوٺائي ٿو. هن خاندان جا صوبہ سنڌ بلوچستان ۾ هزارين مريد ۽ عقيدتمند موجود آهن، مگر پاڻ پيري مريديءَ جي ڪاروبار کي غير شرعي فعل سمجهي ڪناره ڪش رهندو آهي. سندس خودداري جو اهو عالم آهي، جو اڄ تائين ڪنهن جي اڳيان ڪردن خم نہ ٿي ائس:

فقير آهيون، مگر "اظهر" جهڪڻ کي عيب سمجهون ٿا،
هلاڪطين جي روش آهي، سلاطين تاجور کان ٻچ

اڪر مفلسي ۾ شهانو مزاج آ، مرض اهڙي ڪي ڪٽ دوا جي ضرورت؟

پاڻ پنجن زبانن جو شاعر، مغني، صحافي ۽ فنڪار آهي.

— عطا محمد "حامي"

گيت

سڪ ۾ سر ڏئي ٽي سلطان.
سودي ۾ آ ڪٽ نقصان.

نقد تي سودو ڪير سليندو، سر سر جي آ بازي؛
محڪم ٽي ميدان ملهائج، ڪوءِ ڪٽن ٿا غازي؛
ليزه تي سر ڪر نيشان.

جنهن کي سائين سڏ جي تنهن سان سينو ساهڻ آهي ٻاپ،
سيٽ سڏي ٿي پيار ڪٽي ٿي، سيٽ وڃائي ٿي ميلاپ:
دل سان ڪر ڪر غير گمان.

عشق جي الٽي بازي آهي، هار جي هار آ جيت جي جيت،
نفرت "اظهر" الفت آهي، نفرت جو آ نالو پيت:
پيار ڏڪار تان ٿي قربان.

ڪافي

*

سڄڻ حال پائي، سدائين ٿي ساريان،
وسڻون ويل تن ڪي ويهي نا وساريان.

پلڪ پهر سون لڌ ساعت سال پانيان،
ليٽيين نند لاهي هارهوٽي ٻاڏايان:
تڪي طرف تن جي وسيلا ٿي واريان.

جڏهن ڪان جدا ٿيس لڳو جيءُ جهوراڻو،
اٽيي پهر تن جو الدر ۾ اوراڻو:
چڪيل چاڪ دل جا ڪولي ڪيئن ڏيڪاريان.

وڃا ويس وڃ ٽيا، ڪاڏا ۽ خوراڪون،
وڻن ٽيون نه مارن بنا هي اطاقون:
توڙڻون طلب تن جي رڪي تن تنواريان.

ويڙهيچا ولهي در ايندا واڳ واري،
جهڙي تهڙي تن جي ڪي ٻيس ٻاري:
نيندا نال 'اظهر' شڪر لک گذاريان.

بيت

(۱)

ساقي ڏي شراب تون، دم جو آهي ميل،
متان ڦيٽي ڪيل، سڪان سرڪيءَ واسطي.

(۲)

ساقي سرڪي سڪ جي، سڪ سان پري ڏي،
نشو پل نه ٿي، نظر ڪيڏ نه مون منجهان.

(۳)

چُڪو چڪي چاهه جو، ٿي ويا جلد چريا،
چريو چريو لوڪ چئي، آهن ڪٽ چريا؟
چريا ۽ ڪريا، سڀ ۾ سمجهدار ٿيا.

(۴)

ڪاڻ نه چڳي ڪنهن جي، رب نه وجهي ڪاڻ،
اظهر ڪنهن جي ڪاڻ، ڪاڻيون ڪيڏيون آيون.

(۴)

کوهيارل تنهنجي ڪري، ڪيڏي ٻئي ڪاڻ،
مان ڇو ڪائيون ڪيان، پلا ڪنهن جي ڪاڻ،
ڪاڻ ڪيائي ڪاڻ، 'اظهر' ساري جڳ جي.

(۶)

ٻڌن جي ٻريت سان، ٻرين سيئي ٻسن،
انهن وٽ اچن، ڪٿي قربدار ٿا.

(۷)

ننڊ ڦٽائي نيٽن جي، يار کي راضي ڪر،
حق جي ياد سان پر، دل جي خالي جاءِ ڪي.

دوها

زنده منهنجو روح آ، فاني منهنجو تن،
'اظهر' انسان تا سڏن "سهڻو آهه سخن."

بلبل جي نغمات تي، جاڳيو مست بهار،
خلق ٻڪي سمجهي مگر، حرڪت ۾ ملهار.

ڪوئل تنهنجي ڪوڪ سان، لڳي چمن کي باهه.
چٽگون ٽانڊاڻا ٽيا، هر گل شعلو آه.

ڦوهه جواني رس پري، مُک گلابي گل،
پنڙ ٽو پلجي هوي، صدقي ٿي بلبل.

چنڊ وڃائي روشني، ڪرڻ جوڙي تار،
تارن ٻوتو يار جو، هٿ سان چندن هار.

ڪارا ڪارا وار تا، دل کي وجهن ولنگ،
منڊ نه ماندي جو ٻڌي، اهڙو هٿن ڏنگ.

ٻاهي بسوه دار ٽو، آن" جا پريءَ ڪُدار،
هاري داڻي واسطي، ششدر صبح و شام.

غزل

●

نه هڪجهڙي رهي حالت ٿي ڪنهن جي هن زماني ۾،
قفس ۾ ڪلهه هو جيڪو، اڄ ٽو ڏسجي آشياني ۾.

خرد جي رهبري ۾ ڪاروانِ زندگي ٻڌكيو،
جنون کي آفرين چئجي، رکي جنهن لڄ زماني ۾.

چمن ۾ واجهه ٻاتو برق، دل مان دانهن نڪري وئي،
لڳي آتش الهيءَ کان اڳ ۾ جيڪر آشيانو ۾.

ڪيو هوش و هوّس مخلوق جو خانو خراب آهي،
جنون بدنام ۽ رسوا ٿيو لاحق زماني ۾.

ٻڌڻ وارا ٻڌي، هڪدم اجازت ڏيندا ڳوڙهن کي،
اهو درد و الم آهي پريل منهنجي نسانو ۾.

ڪڏهن پي ناوڪِ نازِ بتان جگ ۾ خطا ٿيو آ؟
اشارو ٿيو اچي پورو لڳو دل جي لشاني ۾.

ترقي ۾ تنزّل آ، تنزّل ۾ ترقي آ،
رکيل رازِ خوشي آهي، تباهي جي ترالي ۾.

سياڻپ ۾ نه سڌ پيئي، پرائي پنهنجي جي 'اظهر'،
ڪري کوٽي ڪي سمجهيوسين چريائي جي ٻهاني ۾.

وهي ٿو روح جو پرواز تا عرشِ برين 'اظهر'،
ٿيو چا جيڪڏهن جسمِ ڪثيف آ قيدخالي ۾؟

●

نظر نظر سان لڙي آ، لنظر کي چا چئجي؟
تصور وار ڪٽي دل، اثر کي چا چئجي؟

صداءِ قيس مسلسل ڪنن ۾ گونجي ٿي،
اگر کو گهر ٿئي صحرا ته گهر کي چا چئجي؟

هو آيو آهه عبادت جي لاءِ غير سان گڏ،
ڪرم ستم جي برابر، ڏمر کي چا چئجي؟

وڃائي وات تي ناسه، زباني حال ڏنءِ،
تصور بخت جو آ، نامه بر کي چا چئجي؟

لنظر ۾ منزلِ مقصد، ڪجي غمِ قسمت،
جي راهزن ٿي وڃي، راهبر کي چا چئجي؟

اگر حبيبِ خدا، شهر علم جو آهي،
ٻڌايو علم جي ڪشور جي در کي چا چئجي؟

سخن جو قدر ڪٽي آ، ذليل اهلِ سخن،
هنر هنر لہ رهيو، بي هنر ڪي چا چئجي؟

مدار هوش و خرد تي سڃو رکي معيار!
هڏايو 'اظهر' آشفته سر ڪي چا چئجي؟

عطا جي لاءِ هٿي ٿي ابوالبشر کان خطا،
خطا بشر کان ٿئي 'اظهر' بشر ڪي چا چئجي؟

گيت

اي دل درد ڪي ڪين ڏڪار،
سور لهن ٿا سار سنيار.

ڏک سکن جي سونهن ٿين ٿا،
سونهان ٿي منزل تي هلن ٿا،
سرس سکن کان سات ڏين ٿا:
سهٹا ساٿي، سهٹا پار،
اي دل درد ڪي ڪين ڏڪار.

هڪ سک، دل ڪي سَوَ غم آهن،
ٻاڻ ڏي سڪ سان ساهيو ساهن،
باري چاڑهن، بار نہ لاهن:
باري غم ۽ بار و بار،
اي دل درد ڪي ڪين ڏڪار.

سُرڪي سَرڪي گهار حياتي،
چرڪ چڏي رک شينهن جي چاتي،
آدم غم مان عزت پاتي:
'اظهر' عزت ڪر اختيار،
اي دل درد ڪي ڪين ڏڪار.

نظم

عورت

وَرُ جو وقار، فرمانبردار آهه عورت،
گهر جي محافظ ۽ سينگار آهه عورت.


جهولي ۾ هار آيو، زردار آهه عورت، جي گود ناهي سائي، نادار آهه عورت.
هارن جي پرورش جو اونو رکي اندر ۾، راتين جون راتيون رهندي بيدار آهه عورت.
مهر و وفا جو پتلو، صبر و رضا مجسّم، اطفال و مرد گهر تان پلهار آهه عورت.
عفت، حيا ۽ عصمت ان جي جلا ۾ شامل، چپ جي صَدَف ۾ دُرِّ شهوار آهه عورت.
سردي هجي يا گرمي، فاقه هجي يا فرحت، خاوند جي حال محرم، غمخوار آهه عورت.
خاوند جي عافيت ۾، ان جي خوشي رکيل آ، بيمار هو ٿيو جڏ بيمار آهه عورت.
عصمت جي بو انهيءَ ۾ ناهي اگر اي 'اظهر'، دلبا جي گلستان ۾ جڏ خار آهه عورت.


برسات جو نظارو

اٽين ٽا وسائن ڪر وڏڦڙو،
جٽين ڪنهن جبل تان وهي آبشار.

اٽين پٽ تان ٻاڏهي وهي ٽو هلي، جٽين ٽو وڪڙ ڪائي واسينگ مار.
اٽين آڏي جابن ۾ پاڻي هوا، جٽين ٽو ڦهارو لڳي زوردار.
اٽين نچندا ٽپندا ٽا بادل اچن، جٽين ٽي ڪو فرفر جي گهوڙي تي سوار.
اٽين ابر جو ڪاروان آ روان، جٽين جوڙي ڪونجون هلن ٽيون قطار.
اٽين شور پاڻي جي بيتاب ڪيو، جٽين چَٽَ ٽو ڪري هجرِ يار.
اٽين ٽا ڪر سُر سان گجگوڙ ڪن، جٽين ڪو گوبو ٽو ڳائي ملهار.
اٽين ٽا لڳن ورقِ گل تي ڦڙا، جٽين هٽ حنائي ۾ موتين جو هار.
اٽين ٽو ڪيڊي مينهن ماڻهن جا پير، جٽين ٽا ڪرن ترڪي ترڪي تان پار.
اٽين ٽي ڪنوڻ ڪاهي گاهي ڪيلي، جٽين بعضي مشڪي ڪوئي گلعذار.
اٽين چند جُهڙ مان وجهي واجهه ٽو، جٽين پائي جهاتيون ڪا زهره لڳار.
اٽين جُهڙ جو سايه به مهمان ٽئي، جٽين جنگ جي عمر لا پائدار.

ائين جهڙ جي ڊپ جو ڏجي ٿو مثال، جئين ماءُ مائيلي جي مک ۾ مار.
ائين البلڪ رنگ سيڙهايا سپ، جئين هلب روشن ڪجن رنگدار.
ائين ڪروئر سان ٿا وهنجن پکي، جئين غسلِ صحت ڪري تاجدار.
ائين ٿا نظر ڪي لڳن ڪيت خوش، جئين دل ڪي فرحت ڏي فصلِ بهار.
ائين ڪيت جي دل ڪي پائي ملیو، جئين سپ ۾ موتي رهن آبدار.
ائين مينهن تي چهرهٔ گل کليو، جئين نٽ ۾ سينگار ڪن گلعذار.
ائين هر جسين ٿو گهمي باغ ۾، جئين ٿا نچن مور مستانہ وار.
ائين پائي مکڙين کي پاڪر صبا، جئين پار کي ٽي ڪري ماءُ پيار.
ائين لاتي 'هي هي' پپيهي پکار، جئين هجر ۾ عاشقِ حالِ زار.
ائين لکهتِ گل ٽي معنيٰ رکي، جئين حسن وارن جا قول و قرار.
ائين هر طرف کان ٽي خوشبوء اچي، جئين ٽي وٽي جٽ فضا مشکبار.
ائين لفظ هي آهه 'اظهر' لکيو، جئين ڏاڪي ريشم ۾ هيرن جو هار.





مظفرحسين "جوش"

جوش صاحب پنهنجي تعارف ۾ هن طرح رقمطراز آهي:

"مظفرحسين لالو، 'جوش' تخلص، والد جو نالو حاجي محمدحسين مرحوم؛ جد امجد، خانبهادر حسن علي. بي. افندي، باني سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي.

ولادت: ۲۲- ڊسمبر ۱۹۱۹ع تي خيرپور ميرس ۾ ڄائس، جتي والد مرحوم، رياست جي معتمد خاص ۽ منصف جي عهدي تي فائز هو.

تعليم: والد مرحوم کي رياست جي ڪمن سانگي دهلي، بمبئي ۽ ٻين هاسي ڏاڻهن وڃڻو پيو، جنهنڪري اسين لاهور وڃي رهياسين.

اسڪول: تعليم مختلف هنڌن ۽ اسڪولن ۾ حاصل ڪئي وئي، جي هي آهن: پرائمري اسڪول چنگڙه محلي، ناز هاءِ اسڪول خيرپور ميرس، نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، ريجهومل جو مادرن اي. وي اسڪول، لاهور اسلاميه هاءِ اسڪول پاڻي دروازو، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي.

سنڌ مدرسي ۾ مٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيم، جتي مٽرڪ ۾ ٻهرين سال فيل ٿيس ۽ پوءِ اچي لودڌيانه هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيس، جتي مسٽر ڪلياڻ آڏواڻي جهڙو لائق استاد ملڻ. بهرصورت انهيءَ سال ۾ مٽرڪ پاس نه ڪري سگهيس.

ملازمت: بي مهاياري لڙائي شروع ٿي تہ رائل انڊين نيوي ۾ شامل ٿيس، جتان مارچ ۱۹۴۶ع ۾ موڪلي آيس ۽ ايمپلائمينٽ ايڪسچينج ۾ ملازم ٿيس، جتي پوءِ هيڊ ڪلارڪ ٿي ٿيس، ۽ ڪن سببن ڪري اتان ڇڏي پي. ڊبليو. ڊي ۾ هليو ويس. انهيءَ کان اڳ صوبيداريءَ جي چولڊ ۾ ويس، ۽ پوءِ خيال لاهي ڇڏيم.

۱۹۵۸ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اسڪرپٽ رائيٽر جي حيثيت سان شامل ٿيس، ۽ اڃا اتي ئي آهيان.

ادب سان خانداني شغف اٿم، اهوئي سبب هو جو ننڍي هوندي کان طبيعت جو لاڙو شاعريءَ ڏانهن هو. ڪم عمريءَ ۾ئي مصرع موزون ڪندو هوس، ۽ ٻوءِ ۱۹۳۸ع کان باقاعده شاعري شروع ڪري ڏنم. پهرين سيد غلام علي شاهه 'مخمور' کي ڪلام ڏيکارينندو هوس، ۽ جنهن کان عروض جي تعليم ۽ وٺڻ شروع ڪئي هيم، جا نيويءَ ۾ وڃڻ ڪري منقطع ٿي وئي؛ اهو سابق خيرپور ميرس جو واقعو آهي. گيت، نظم، کافيون، مسدس، غزل، بيت، نعت، حمد ۽ منقبت وغيره چيا اٿم ۽ هاڻي مثنوي "روهتي بازبهادر" جي ابتدا ڪئي اٿم، خدا چاهيو تہ اها به جلد لکي پوري ڪندس. ڪڏهن ڪڏهن اردوءَ ۾ به شعر چوندو آهيان."

محترم 'جوش'، غزل جو شاعر آهي. سندس تغزل ۾ رَس ۽ پختگي آهي. غزل اگرچ هاڻين صنف آهي، تاهم صدين کان اسان وٽ مروّج ۽ مقبول عام آهي. غزل جي اشاريت ۽ معنويت ۾ زندگيءَ جا اهم ۽ دقيق مسئلا اهڙي تہ مهارت ۽ چابڪدستيءَ سان سمائي ٿا سگهجن، جي هوند ٻيءَ صنف ۾ مشڪل سان آئي سگهجن.

'جوش' جو غزل پختگي، زبان ۽ انداز بيان جي حيثيت سان اردو غزلگو شاعرن جي معياري تجربن سان ڪلهو هڻي ٿو.

سندس ڪلام ۾ اشاريت ۽ معنويت آهي، زبان جي دلاويزي آهي، انداز بيان جي شوخي آهي. سندس تغزل ۾ بندشون شاندار ۽ ترڪيبون رعبدار آهن.

اسان جي ادب ۾ هن قسم جو تغزل، بيشڪ فخر جي قابل آهي. ريڊيو پاڪستان جي جانڪاهه ورڇائيندڙ ۽ علمي ماحول ۾ رهي، شاعريءَ جي پاڪيزه فن سان وابستگي رکڻ غنيمت آهي. —ادارو

* * *

ڪافي

*

ملڪ مٺي جا مارو مٺڙا، ساهه کي جي سيباڻا سائين، —ملڪ...

پل تہ وسي مهراڻ جي وادي، شال وڏائي تنهن کي هادي،
سالڪي جت ساماڻا سائين، —ملڪ...

وڻ ٽڻ پيارا پنهنجي وطن جا، مت چا لڳن وڻ باغ عدن جا،
ڪرڙ ڪنديون ۽ لاڻا سائين، —ملڪ...

'سچل' 'لطيف' 'اقبال' ۽ 'سامي'، جت 'وارث' ۽ 'فريد' آرامي،
سامين جا سي ٿاڻا سائين، —ملڪ...

گيت

(۱)

من موهن! توکي ٿي ڳولي، در در پريت جي پياسي!
پلپل آهن ساهه جا ساڻي، ساهه کي تنهنجون تاتيون،
مون کي ڏکوئن ڏينهن ڏکن جا، مون کي گهائن راتيون:
وياکل من بيچين گذاري، وياکل آهي داسي!

تو بن پريتم دل ٿي تڙپي، تڙپن رين نظارا،
نس نس ۾ ٿي تير چين ٿا، هي کٽيون هي تارا:
تو بن پريتم! پريم نگر تي چانڻي آهي اداسي!

تنهنجي ياد ۾ وڇڙيل ساڻي، اکيون پرجي آيون،
پرچائي به نه پرتيون مون کان، جيئن جيئن مون پرچايون:
منهنجي حال تي هاڻ کلن ٿا، پريم نگر جا باسي!

(۲)

مورک من! هن کوڙي جڳ ۾، چو ڳولين ٿو پيارا!
جيون جوگي، تو کنهن کارڻ سک جي بين وجائي،
تو چو پريم پکاري بنجي در در سَين لڳائي:
وچندي وچندي کنهن ٽوڙيا هي تن جي من جا تارا!

وچڑي ويا سپ جيون ساڻي، وچڑيو من جو چين،
آلهي ويا سپ سورج سک جا، ڏينهن لڙي ٿيا رين:
پريم جي نگري آجيارڻ لئه جيون جوتي بارا!

سُک جو ساڻي ڳول نه جڳ ۾، دک سان نهنجن لڳاءِ،
پاڳل پنهنجي من جي وبڌن، کنهن کي کين بڌاءِ:
کنهن پٿر دل سان تنهنجا هي نيڻ لڙي ٿيا چارا!

(۳)

کنهن بيدردي کارڻ کوئل! توکي ملیو بيراڳ؟
مان دکياري، تون دکياري، جڳ ۾ سپ دکياري،
مان قسمت جي ماريل ۽ تون کنهن جي پريت جي ماري:
پنهنجي پنهنجي قسمت آهي، پنهنجو پنهنجو پاڳ!

سبو و ساغر و مينا و مئي و ميخانہ،
حضورِ فصلِ بهاران آهن هي نذرانہ.

نہ سمجهہ هنن کي گريبان و جيب جون ڏيهون، منهنجي حيات جا نادان هي آهن افسانہ.
جتي بہ ختمِ حدودِ حرم ٿين اي دوست، شروع اتان ئي ٿين ٿيون حدودِ ميخانہ.
منهنجي نگاهہ تہ هڪ پي حرم نہ پيدا ڪيو، تنهنجي جمال ۾ رقصان هزار بتخانہ.
روئڻ تہ آهي انهن ساغرن جي قسمت تي، بهار ۾ جي رهيا تنهنجي لب کان بيگانہ.
خدا گواهہ ڪِ منهنجي تباهيءَ دل جا، سحر کي ياد آهن 'جوش' اڄ بہ افسانہ.

بي ثباتي سان همڪنار آهي،
ڪهڙو دنيا تي اعتبار آهي.

هي جهان بزمِ عيش آهي ڪڏهن، حسرتن جي ڪڏهن مزار آهي.
گردشِ روز و شب بدائي ٿي، ڪنهن بہ شئي کي نہ هت قرار آهي.
باغ ۾ ٿئي ڪڏهن تہ دورِ خزان، ۽ ڪڏهن موسمِ بهار آهي.
غمِ ڪان خالي نہ ڪوبہ ڏسجي ٿو، دل قمر جي بہ داغدار آهي.

زبانِ خار تي آهي حديثِ سرو و سمن،
هي انقلاب مبارڪ هجي اي اهلِ چمن.

اسين انگهياسين تہ آيو قدم قدم تي نڪار، وگرنہ عرصي کان ويران هئي راهِ دارورسن.
نہ صرف اسين ٿيا بدنام آهيون الفت ۾، اوهان جي سر بہ تا الزام عشق جا هٿ جن.
اوهان جي چشمِ مان ڪوڙها ڪريا تہ ٿيا انجم، اسان جا لڙڪ زماني ۾ شعر تا سڏجن.
اوهان جي پيار جون راتيون تہ اڃاڻي ويئون مگر، رکي رکي ٿي دکي اڄ بہ قلب جي ڏاڪن.
اسان بہ قصدِ زماني سان ڪيو هو ڪعبي جو، مگر اسان کي تہ موڙايو راه مان ئي بتن.
اوهين تہ ٻين جي جفائن تي تا رڙو يارو، اسان کي راهِ وفا ۾ لٽيو آهي ٻنهنجن.
تحيرات ۾ گم ٿي وئي نگاهِ طلب، هي ڪنهن مقام تي آڻي ڇڏيو مونکي جلون.
نہ تابِ عرضِ تمنا نہ ضبطِ جوشِ جنون، اسان جا اهڙي ڪشاڪش ۾ ڏينهن تا گذرن.

سندو آهي جيڪي ۽ جيڪي سهون ٻيا، ڇٽون ڪنهن کي چا ۽ ڇي چا ٻڌايون.

اوهان جا تہ جاوا سهيڙي نگاهن ۾ بيگانا ڏي وياسين کون و مڪان کان،
اوهين ڏي اوهين آهيو هر سو اسان جي، اسين جنهن ۾ ساڻي نظر ڏا آنائون.
تبسّم جون روشن ڪريو ڪهڪشائون، نگاهن جا مهتاب و انجم پکيڙيو،
زماني کان ساز غزل آهي ويران، اسان ڪجهه تہ اشعار پنهنجا سجايون.
مقامات هوش و جنون کان لنگهياسين، حجابات حسن و محبت ڏناسين،
مگر فڪر جي ڪشمڪش آهي ساڳي، نظر آزمايون ڪ دل آزمايون.
نہ اشڪن کان منهنجي ڏيو بدگمان هي، اوهان جيڏ ڪرم جوئي انعام آهن،
کهڙيون قرب واريون جي گذريون اوهان سان اهي آب ۾نجي اکين ۾ سمايون.
پريشان ڪري سون کي کو ڏيو پشيمان، پشيمان ڏسي کنهن کي مان ڏيس پريشان،
اهي منزلون پي تہ راهِ محبت ۾ اي 'جوش' منهنجي کيئي سار آيون.

نظم

اطلاع

منهنجي دنيا کان پري خوش ڏي گذارڻ وارا!
منهنجي دنيا غم و آلام جي دنيا آهي!

منهنجي دنيا ۾ بهارن جو ترنّم کونهي،
منهنجي دنيا ۾ ستارن جو تبسّم کونهي؛
منهنجي دنيا ۾ شب و روز ڏا شعلا پڙکن،
منهنجي دنيا ۾ سکوتِ کل و شبنم کونهي؛
منهنجي دنيا ۾ سکونِ مهر و انجم ناهي:
منهنجي دنيا غم و آلام جي دنيا آهي.

ڇا غضب آهي، روئڻ چاهيان تہ روئي نہ سگهان،
لڙڪ اکين ۾ پيان ڏو ۽ نئو آه ڪيان؛
حرف ايندو نہ وڻا تي جي ڪٽي جان وجي،
مان جي بدنام ڏيان ڏو پلي بدنام ڏيان؛
راهِ الفت ۾ دل و جان جي قيمت چاهي:
منهنجي دنيا غم و آلام جي دنيا آهي:
منهنجي دنيا کان پري خوش ڏي گذارڻ وارا!

فصلِ گل

هي هجومِ غنچ و گل کاروانِ رنگ و بو،
عالمِ صد جذب و مستي گلستانِ آرزو.

شغلِ ناؤنوش آهي بزمِ رندان ۾ وري، هيچ زاهد جو تقدّس، برهمن جي ساحري.
زخمهائے دل ٿيا تازه به تازه نؤ به نؤ، ٿي ڪري صحرا ڪي روشن داغهائے دل جي لؤ.
فصلِ گل آئي ڪِ آئي هرطرف خورسندگي، اهلِ وحشت کي ملي آهي نويدِ زندگي.
هاه هي زلفِ سيه جا خم ۽ هي زهره جبين، بر سرِ پيڪار آهن ۾ دليا و دين.
ڪو ڏسي صحنِ گلستان ۾ هجومِ مهوشان، آسمان تان جڻ لهي آئي زمين تي کهکشان.
ڪونہ افسرده ٿو ڏسجي ۽ نڪو آهي اداس، برگ وگل تبديل ڪيو آهي پنهنجو ڪهنہ لباس.
جڻ فضائن ۾ خرامان آهي ڪو نازڪ بدن، هي ڪهڻا آهي يا ڪنهن سيمين بدن جو پيرهن.
فصلِ گل آئي، لهي ويو ميڪشن جو انتظار، ميڪدا رقصان ٿا ڏسجن زيرِ دامانِ بهار.

خاڪِ وطن

نثار خاڪِ وطن تان هي منهنجو صبر و سڪون،
هي منهنجو جذبِ محبّت، هي منهنجو سوزِ درون.

چناب و راوي و سنڌو جي مٽ نہ ٿي سگهندا، فرات و گنگ و جمن، ليل و دجلہ و جيحون.
فنا جي پردي ۾ آهي بقائي آزادي، اچو تہ اهلِ وطن، ملڪ تان نثار ٿيون.
فلڪ کي ارضِ وطن تي جهڪائڻو آهي، خدا ڪري تہ سلامت رهي اسان جو جنون.
جا قوم ماڪ جي خاطر نٿي مري جائي، سا قوم سچ تہ سدائين رهي ٿي خوار و زبون.





عبدالقيوم «صائب»

'صائب' هڪ پختہ ڪلام شاعر آهي. پنهنجي سوانح ۾ لکي ٿو:

"نالو: عبدالقيوم، پيءُ جو نالو: نبي بخش پيرزاده، جاءِ پيدائش: حيدرآباد سنڌ، سن ولادت: ۱۹۲۷ع، تعليم: ايم. اي. (سياسيات) ۽ ايل ايل. بي، ڏندو: وڪالت.

شعر و شاعريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان آهي. شاعريءَ ۾ استاد الشعر ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' حيدرآبادي.

فارسي تعليم، مرحوم و مغفور مولوي عبدالرؤف بختيار پوريءَ کان پرايم. عمر خيام جون رباعيون مرحوم محمد عبدالله 'بسمل' ٽڪرائيءَ وٽ پڙهيم.

ابتدائي تعليم، لطيفي مدرسي حيدرآباد ۾ ورتم. پوءِ نور محمد هاءِ سکول، سنڌ ڪاليج، سنڌ يونيورسٽي ۽ حيدرآباد سنڌ لا ڪاليج ۾ مزيد تعليم ورتم. هيل تائين هيٺيان ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن: (۱) پاڪستان جي تاريخ، (۲) سلطان محمود غزنوي، (۳) فتوحات بابر، (۴) حافظ شيرازيءَ جي پنجاهه غزلن جو ترجمو ۽ سمجهاڻي، (۵) نظام‌الملڪ طوسيءَ جي سياست نامه جي چند بابن جو ترجمو، (۶) سر سارنگ، (۷) سر سومل راڻو، (۸) اسلامي سياست (۹) ڪوماٽو ڪنول (ناول).

اڃا هيل ڪتاب آهن:-

(۱) سنڌي بولي ۽ ادب، (۲) تنقيدي مقالا، (۳) حقيقي پيچرو، (۴) فرينچ انقلاب، (۵) هڪ نظريو هڪ سازش، (۶) ٿون دؤر نوان نظريا، (۷) نشاط و الم، (۸) تاريخ جي روشنيءَ ۾."

'صائب' هڪ گوشه نشين ۽ شهرت کان دُور، فنڪار ۽ شاعر آهي. سندس شعري تخليقات ۾ اصليت ۽ تخليق آهي. فلسفيانه رنگ ۾ زندگيءَ جي مختلف النوع مسئلن جي چنڊ چاڻ ۽ جستجو 'صائب' جي فن جو مرڪزي اصول آهي. ظاهر آهي ته اهڙن خشڪ مسئلن کي شعر و شاعريءَ جي زبان ۾ بيان ڪرڻ پنهنجي جاءِ تي هڪ مشڪل مسئلو آهي. ان سلسلي ۾ صائب جي تجربا ڪيا آهن، سي وٺندڙ آهن. سندس هر نظم ڪنهن نه ڪنهن دقيق مسئلي جي عقده ڪشائي ڪري ٿو. سندس عشقيه ڪلام ۾ ذوق جماليات جو عنصر به موجود آهي. هڪ وڪيل هوندي شاعريءَ جو پاڪيزه جذبو غنيمت آهي. —ادارو.

غزل

●

ڪنهن کي ڪنهن کي پيار ڪندين،
ڪنهن جا ڪٽندين ناز نيارا،

نگري نگري ڦرندين ڪيسين،
دل جي دولت ڪنهن کي ڏيندين،

سيڪو توکي چاهي ٻيو چا!
کوڙي کوڙي گل جو دل کي،

مومل جيهون ڪاڪ ڏيائيون،
کوڙا کوڙا جادو ٽوڙي،

ڪيئي دودا ڪيئي چنيسر،
ڪنهن کي ڪنهن کي لائق سمجهي،

دلبر تنهنجي ديس ۾ ايندو،
تنهنجي من ۾ ناهه مدي تا،

مون ۾ عيب گهٽي ئي آهن،
عيب کڏي، ٻي عيب هجي سو،

سوليون ناهن رکڻيون ياريون،
ڪنهن کي ڪنهن کي ڏکوڙ ڏيندين،

'صائب' آهي سادو سودو،
جن کي ناهي سرم اکين ۾،

تون ڪنهن کي ڪنهن کي پائيندين؟
ڪنهن سان نينهن نيائيندين؟

ڪيسين ٻاڻ ڦرائيندين،
ڪنهن ڪان ٻاڻ ڇڏائيندين.

سپ کي تون ٻڙ چاهيندين،
پوڻرا واس وٺائيندين.

هوليون ڪيئي راج ڪاريون،
ڪنهن جا سيس لوائيندين.

وارث ٿيڻ ايندا هيڪر،
هٿ سان پاڻ پڏائيندين.

تنهن سان ڪلي تون ڪائيندين،
من جون مرادون پائيندين.

مون ۾ عيب گهٽي ئي آهن،
پنهنجو ٻاڻ لڇائيندين.

ايندين ڪر نه دنيا داريون،
ڪنهن جو جيءُ جلائيندين.

يار اڻانگا آهن ڏاڍا،
تن چا حال سڏائيندين.

●

گذاري جنهي عمر سَرو سَمهن سان،
اچي سڪ تني کي ڇا ڪوجهن ڪَسن سان.

سدا ڏاڍ چرچو ۽ وعدهءِ خلافي، ڪريو ٿا ستمگر غريب الوطن سان.
پکي قيد ۾ آهي تہ ڇا ٿيو، محبت اڃا آهہ ان کي چمن سان.
مدا من جا ماريندہ هرڪنهن کي يارو، اسان جو وڃي ڇا ٻڌن جي ڪمن سان.
فسانا پراڻا تو دهرايا آهن، ڏسون ٻيا اڪين سان، ٻڌون ٻيا ڪنن سان.
هوائن جي رخ سان بدلجي وڃي ٿو، عجب آهہ تنهنجي روش انجمن سان.
سڪيو آهہ 'صائب' زماني جا قيرا، رهي دوستيءَ ۾ چگن سان مٽن سان.

●

ڪنهن سان ڪريان اڄ گفتگو،
دلبر نہ آهين روبرو.

باغِ عدن تان کي تڙي، ناهيہ جهانِ رنگ و بو.
طوفان ۾ ٻيڙي ڇڏي، ٻڌجي اچين ٿو واهرو.
هرهنڌ پنهنجو ماڳ ڇڏي، ڇو ٿو ولائين کوبکو.
ڪرغش نہ ڪنهن کي طورتي، جلوو ٻساڻي ماهرو.
ڪنهن سان مڪا ميلو ڪري، ڪيئن ٿو وڃائين آرزو.
کي ٻار چوٽين آسمان، ڪن کي سڏائين دوبدو.
کي حق چون ٿا هاڻ کي، کي ٿيا سراها جستجو.
کي وجد ۾ ايندي ڀڄن، عرفان جا جام و سبو.
ڪن ذات جي لوري لڳل، کي محو ٿيا منجهہ هائے هو.
محبوب جي صدقي سڄڻ، 'صائب' جي رکجان آبرو.

گيت

آءُ هلي هکوار!

تون نہ ايندين، توکي چاهي، حال اسان جو هيٺو آهي،
دل کي ڪنهن ۾ ناهہ قرار: آءُ هلي هکوار، او سهٽا!
آءُ هلي هکوار.
ڪاڪ کي ڪنهن تي ڪهل نہ آئي، ظالم اهڙي مهل نہ آئي،
راڻا ٽيندين توتان نثار: آءُ هلي هکوار، او سهٽا!
آءُ هلي هکوار.

حسن و جوالي آهي فاني،
بدبي رهبي رام کهاني،
چاجي جيت ۽ چاجي هار:
آءُ هلي هکوار، او سهڻا!
آءُ هلي هکوار.

ماڻهن جي مت کهڙي ونبي،
جهڙي ڏينڌا تهڙي سڀي،
ٻڌجي سن جي ٻاڻ ٻچار:
آءُ هلي هکوار، او سهڻا!
آءُ هلي هکوار.

ايڏهين سيکو آهه سوالي،
دنيا آهي تيرهن-تالي،
ڏارين سان چا سڏندو پيار:
آءُ هلي هکوار، او سهڻا!
آءُ هلي هکوار.

تنهنجي ايندي روح ٽڙي ٽو،
چوڏهينءَ جو چڙ چند ڪڙي ٿو،
جندڙي ٿيندي باغ بهار:
آءُ هلي هکوار، او سهڻا!
آءُ هلي هکوار.

ٽئ اوهان جا ڪنول ڪنوريون،
تڙڪن جر ۾ چڙ ڪي گوريون،
ڦڙي ڦڙي ۾ ڳولين پيار:
آءُ هلي هکوار، او سهڻا!
آءُ هلي هکوار.

صبح سويري آهن تياريون،
بر ۾ کهڙيون باهيون ٻاريون،
ڪُوچ ڪرڻ لئه آهيون تيار:
آءُ هلي هکوار، او سهڻا!
آءُ هلي هکوار.

سڪندي سڪندي سينهن اچي ويا،
سانوڻ جا هي ڏينهن اچي ويا،
هاڻي ڏينڌس ڪانه سيار:
آءُ هلي هکوار، او سهڻا!
آءُ هلي هکوار.

ترائيل

(۱)

جنهن دم سڃڻ اک ٽا ڪٽن،
دل ٽي ڏري وڍ ٽا پون:
ٻاغن ۾ سَو گل ٽا ڦڙن،
جنهن دم سڃڻ اک ٽا ڪٽن.
دل جا ملڻ کيڏانهن وڃن،
ڪنهن مان ڪڃن ڪنهن کي چون:
جنهن دم سڃڻ اک ٽا ڪٽن،
دل ٽي ڏري وڍ ٽا پون!

(٣)

دل ٿي جتي جلندي رهي، ات زخم ڪين پرجي وڃن:
نت ٻاهر ٿي وڌندي رهي، دل ٿي جتي جلندي رهي.
سختي جتي هلندي رهي، ات ڪين سڀ پرجي وڃن:
دل ٿي جتي جلندي رهي، ات زخم ڪين پرجي وڃن!

(٣)

عشق انين ٿي ٿيندو آهي، عقل وڃي ڪر ٻنهنجي ڪار:
حسن ستيون سڀ نيندو آهي، عشق انين ٿي ٿيندو آهي.
وقت انين ٿي ويندو آهي، راند ڪري پيو جڻ ڪو ٻار:
عشق انين ٿي ٿيندو آهي، عقل وڃي ڪر ٻنهنجي ڪار!

(٤)

ڏاڍن آهن ڏيل ڏکايا، ڏاڍن جو ٿيو زور سوايو:
هيٺ ٻنهنجا سيس نوايا، ڏاڍن آهن ڏيل ڏکايا.
چپ چپ ۾ اظهار اجايا، جو ٿا ٻنهنجو ٻاڻ لڄايو:
ڏاڍن آهن ڏيل ڏکايا، ڏاڍن جو ٿيو زور سوايو!

(٥)

اچو راند ڪيڏون، اچو ٻيج ٻايون، ٻنو ٻرت وارو وڙهون ۽ وڙهايون:
ڪري دل صفا اڇ، وري نينهن لايون، اچو راند ڪيڏون، اچو ٻيج ٻايون.
سنديون عشق ٿيندين نروڙيون ڪيوايون، وڃي لاءُ لشکر، ڪريو پل چڙهايون:
اچو راند ڪيڏون، اچو ٻيج ٻايون، ٻنو ٻرت وارو وڙهون ۽ وڙهايون!


(٦)

سدا نينهن ڪاريون، ڪکوري ڇڏيون ٿي،
ٻئي ڪين تن ڪي ڪجل جي ضرورت:
ٻين ڪانسواه ٻڻ سي ٻيٽل لڳيون ٿي،
سدا نينهن ڪاريون، ڪکوري ڇڏيون ٿي.

اڃا سونهن واريون، اجايون هجيون ٿي،
غزالن ڪي ڪهڙي غزل جي ضرورت:
سدا نينهن ڪاريون، ڪکوري ڇڏيون ٿي،
ٻئي ڪين تن ڪي ڪجل جي ضرورت.

(٧)

هي وقتي صلاحون، هـي وقتي مشورا،
ڏيئي ڪين دنيا ڪي ٺاربو اي يارو:
ڪنديون ڪنهن تي ٽورا، ڪنديون ڪهڙا ٽورا،
هي وقتي صلاحون، هـي وقتي مشورا.
سڄڻ چو ٿا سمجهو سين ڪي ٽئي پورا،
اچـي نيٺ ويندو پين جـو بـه وارو:
هي وقتي صلاحون، هي وقتي مشورا،
ڏيئي ڪين دنيا ڪـي ٺاربو اي يارو!





بلاول "پرديسي"

محترم بلاول "پرديسي"، دلڪش گيتن ۽ ڪافين جي ڪري ڪافي مشهور آهي.

هن زنده دل شاعر، ۲۹- مارچ ۱۹۳۱ع تي هالا تعلقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ خانوٽ ۾ جنم ورتو. ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان ورنيڪيولر امتحان پاس ڪري، ۱۹۴۸ع ۾ پٽ شاهه اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. جتي لاکيڻي لطيف جي مقدس آستاني تي، تنهن فقير جي مسند نشين مرحوم ميهار فقير ۽ ٻين صوفي فقيرن جي صحبت ۾ رهي، رسالي جي رمزن کي اندر جي اکين ۾ جاه ڏيئي، سماع جي روح پرور رهاڻين ۾ شريڪ ٿي، تلبي سرور ۽ فيض حاصل ڪيائين. ۱۹۴۹ع ۾ تعليم جي خيال کان حيدرآباد ڏانهن واڪ واريائين. اتي جي ادبي ماحول ۾ سندس موزون طبيعت ۽ ادبي صلاحيتن کي اڃاڳر ٿيڻ جو موقعو ميسر ٿيو. اهڙيءَ طرح "بزم-طالب المولىٰ" ۽ "بزم-خليل" جي مشاعرن ۽ ادبي ڪچهرين ۾ شريڪ ٿي جذبات جو اظهار ڪندو رهيو. سندس ڪلام معياري رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندو رهي ٿو.

جولاءِ ۱۹۵۷ع ۾ عراق ۽ ايران جي مشهور شهرن جو سير ڪري، مقدس مقامات جي زيارتن سان مشرف ٿي، اتي جي تهذيب ۽ تمدن بابت وسيع معلومات حاصل ڪيائين.

۱۹۶۵ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم. اي. سنڌيءَ جي امتحان ۾ فرسٽ ڪلاس حاصل ڪري، ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ استاد جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنائين.

هن وقت شاهه عبداللطيف گورنمينٽ ڪاليج ميرپورخاص ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار آهي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ سندس ڪلام، عوام ۾ ڪافي مقبول ٿيو آهي، ۽ بزرگ شاعر عبدالله "خواب" کي پنهنجو بهترين دوست تصور ڪري ٿو.

شاعريءَ سان گڏ چند مضمون ۽ ڪجهه افسانا پڻ تحرير ڪيا اٿس. اشاعت هيٺ آيل سندس ڪتابن جا نالا هن ريت آهن:

(۱) دلسوز کافيون (۲) زندگي ۽ حادثا، (۳) سوني صندوق، (۴) جادوءَ جو گلاب.

بلاول "پرديسي" فني نقطءِ نگاهہ کان رنگين ۽ دلاويز انداز بيان رکي ٿو. سندس کافين توڙي گيتن ۾ شيريني آهي؛ انداز بيان لذيذ ۽ ميٺاج وارو آٿس. خشڪ ۽ ورچائيندڙ پهلو بہ سندس جودت طبع سان هڪ مخصوص رنگ پيدا ڪري ٿو.

گيتن جي زبان مٺي ۽ پياري لڳي ٿو، ۽ کافين ۾ ڪٿان ڪٿان خيال آڻي ٿو. ان طرح سندس غزل ۾ بہ سٺا سٺا تجربا ملن ٿا. سندس دؤر اڃا نو مشقيءَ وارو آهي. استادن جي ڪلام جي مطالعہ توڙي رياض ۽ مشق سان اهو مقام حاصل ڪري سگهي ٿو، جو هڪ قادرالڪلام شاعر جو چئي سگهجي ٿو. — ادارو

نعت

يا مصطفيٰ! غلام ٿيس، تو جناب جو،
همسر نہ آهه ڪو، تو رسالت مآب جو.

نورِ خدا بہ خود ٿي ڇڪو تنهنجو سنتظر.
آغاز تنهنجي حسن سان حسن و شباب جو.

آمد سان تنهنجي قصرِ امارت ٻڌي ڏهي،
تعبير آهين تون ٿي، غريبن جي خواب جو.

هر رات تنهنجي ياد ۾ چو ڪين ٿيندي ذينهن،
سينو ٻہ آڏ ڪري تو ڇڏيو ساهتاب جو.

عشقِ نبي ۾ چو نہ ٿيان خرقہ هوش مان،
پهريو نہ هو رسول وڳو ڪيمخاب جو.

ناقص بشر ڇا وصف لکي تو رسول جي،
ذرّو ڪندو ڇا شان بيان آفتاب جو.

نالو جو تنهنجو پاڪ، زبان پاڪ ٿي سندم،
ڇا خوف تنهنجي مدح سان روزِ حساب جو.

آهي ازل کان تنهنجو 'بلاول' غلام خاص،
ڪر روشناس ان کي تون ڪوثر جي باب جو.

گيت

هريت

وهو کو آگ لڳائي، من ۾ چاهه جي چٽنگ دکائي:
وهو کو آگ لڳائي!
جيسين دنيا آهي قائم، آگ هي دکندي رهندي،
جئن جئن وقت جي ڏور ٻڌي وڌندي، الفت وڌندي رهندي:
هريت ازل جو آهي تحفو، هريت کي کير پلائي؟
نس نس ۾ آ پريم سمايل، جيون پريم سهاري،
هريءَ سوا هي جيون کهڙو، هريءَ جي جياري:
هريءَ سان دنيا آهي روشن، هريءَ ٿو رنگ رچائي!
کيرندا رهندا ظلم جا هريت، باهه ستم جي هرندي،
ليکن ٻنهنجي پريت سدائين، جڳ ۾ زنده رهندي:
کنهن کي طاقت ناهي جگ مان، نينهن جو نانهُ مٽائي!
سالوڻ ايندو ٻولدون وسندبون، گل ڦل ٽيندا شادان،
تو ڻ منهنجي سن جي محفل هوندي ويران ويران:
ٽڏڙيون هيرون سُر آلاپي ويندين دل تڙڦائي!
اڄ ٻڻ تنهنجي ياد سهاري دل جا داغ جلايان،
زخم پراڻا هريت جا کولي، درشن لئه واجهايان:
جيئن کوئي وڇڙيل 'پرديسي' ساڻين لئه واجهائي!

درياهن جي ديس جي راڻي

درياهن جي ديس جي راڻي—
سُندر ڻ جي سولهن سڌايان: جوت سان جڳ جرکايان!
گنگا، جمنا جي لهرن ۾، ميگهنا، پدما جي موجن ۾—
پيار جي منڙي آگ لڳايان: جوت سان جڳ جرکايان!
منهنجي ادا ۾ هريت جو جادو، لئو لئو ۾ سنگيت جو جادو—
لڳ لڳ سدهوش ٻڌايان: جوت سان جڳ جرکايان!
مان جوڀن جو ٻول رسيلو، مان جيون جو گيت سريلو—
مرڪ سان دل جا درد مٽايان: جوت سان جڳ جرکايان!

غزل

لــ جا اسرار چاڻي دل، آهـا دل، دل متان سمجهين،
ڪڏهن باطل جي پوڄاري کي تون ڪامل متان سمجهين!

جـو فاني حسن آ سو عشق جـو حاصل متان سمجهين،
تون هر منزل کي پنهنجي زيست جي منزل متان سمجهين!

سنياڻي هـل، حياتيءَ جـي ڪٺن راهُن ۾ اي راهـي!
جو خود گمراهه تنهن کي رهبرِ ڪامل متان سمجهين!

گهٽيئي ڪاروان ڪـائـي فـريـبِ راه لُٽجي ويـا،
دلِ ناداں! تـون گردِ راه کـي منزل متان سمجهين!

حقيقي عشق جـا گهائـل ٽـيـن ٽـا صـاحبِ منزل،
خـرد جي طالبن کـي صـاحبِ منـزل متان سمجهين!

مـهِ دل، دل جـي دلـيـا ۾ سدائين جلوه‌گر آهـي،
تـمـنـا جـي ستارن جـي سجـي محفل متان سمجهين.

غـمِ جانـان ئي آهـي دردِ الفت جـو سچو درمـان،
سُکن جي سيج کي هن زيست جو حاصل متان سمجهين!

تڙپ دل ۾، جگر گهائل، اکين مان اشڪ خون جاري،
تون 'پرديسي' کي پنهنجي ياد کان غافل متان سمجهين!

نظم

ملکن جو معمار

مـلـکـن جـو مـعـمـار سڏايان،
ڪـوٽ جـهـالـت جـا ڪيرايان،
سچ جـا ڪاڪ مـحـل ٺهرايان: پيار پـريـا پيغام سڻايان!


منهنجي خُونَ سان سبز هي گلشن،
منهنجي سُرڪ سان مڪڙيون سُرڪن،
منهنجي ٻول تي گل ڦل جهـومن: رڻ ٻٽ کي گـلـزار ٻڌايان!

علم ادب سان ناتو منهنجو،
قوم جي خدمت شيوو منهنجو،
سڀ کان افضل پيشو منهنجو: محنت سان تو ماڻ وڌايان!

راهَ سان گرد و غبار هٽائي،
بي علميءَ جا بند متائي،
جڳ ۾ گيان جي جوت جلائي: پانڌيڙن کي پار پُڄايان!

مورَ جي چال کي ڪانگ چا ڄاڻن؟
سونَ جي ساک سُڄا چا سمجهن؟
پارس کي انڌا نه پروڙن: پنهنجي منزل پاڻ ٻڌايان!





"معمور" يوسفاڻي

"معمور" يوسفاڻي پنهنجو تعارف هن طرح لکيو آهي:

نالو محمدعمر، والد جو نالو حاجي يوسف، ذات ٻَلِي، شاعريءَ ۾ تخلص "معمور" ۽ والد جي نسبت سان پاڻ کي 'معمور يوسفاڻي' لکندو آهيان.

اسکول جي رڪارڊ موجب جنم جي تاريخ ۲۴- جنوري ۱۹۲۹ع آهي. ننڍي هوندي فقط قرآن پاڪ معنيٰ کان سواءِ پڙهڻ ۽ سنڌي ۽ فارسيءَ جي معمولي تعليم حاصل ٿي. چند سال سال چارڻ ۽ ٻنيءَ جي ڪم سان واسطو رهيو. جوان ٿيڻ تي جڏهن تعليم جي ڪميءَ جو احساس ٿيو تہ سيٽي ڪم ڇڏي پڙهڻ لکڻ کي لڳي ويس. ۱۹۵۲ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري، تعليم کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيم. سال ۱۹۵۹ع ۾ 'اديب فاضل سنڌي' جو امتحان ڏنم، ۽ سال ۱۹۶۱ع ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان ڪاليج جو ٻيو سال پاس ڪيم سال ۱۹۶۳ع ۾ مئٽرڪ ۽ سال ۱۹۶۴ع ۾ 'اديب فاضل اردو' جا امتحان بہ پاس ڪري ورتم. انهيءَ وچ ۾ يوناني طب ۽ هوميوپيٿيءَ جا ڪي امتحان بہ ڏنم ۽ ڪامياب ٿيس. هن وقت 'منشي عالم فارسي' ۽ بي. اي آنرس جو شاگرد آهيان.

شاعري ۽ ادب: شاعري تہ ننڍپڻ کان دامنگير ٿي، پر ان سان باقاعدي واسطو ۱۹۵۲ع کان ٿيو: اهو بہ ايتريقدر مضبوط جو ڳوٺ صوفي فقير ۾ 'انجمن علم و ادب'، 'بزم ادب'، 'بزم طالب المولا'، 'بزم سروري' ۽ 'سنڌي ادبي سنگت' جو قيام ۽ 'مهراڻو اڪيڈميءَ' جو بنياد پوڻ، منهنجي ذوق ۽ شوق جو نتيجو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ سياسي ادبي تحريڪن، جهڙوڪ: 'جميعت الشعراء سنڌ'، 'سنڌي ادبي سنگت، سنڌ'، 'بزم طالب المولا، سنڌ'، 'تحريڪ تعمير ادب، سنڌ' ۽ 'مهراڻ ادبي سنگت' جو پڻ ميمبر ۽ ڪارڪن رهندو اچان. ان طرح

تعلقي عمرڪوٽ جي مشهور ادبي اداري 'اداره نواء ادب' جو خالصاحب عطامحمد پلي، جو ٻڌ ڊائريڪٽر آهيان.

شاعراڻي ۽ ادبياڻي عادت موجب نظم خواهه نثر جا هزارين صفحا لکي چڪو آهيان ۽ لکان ٿيو. احساس برتريءَ جي ڪري سنڌ جي ڪنهن به شاعر کي ٻاڻ کان وڌيڪ ڪين سمجهندو آهيان؛ تنهن هوندي به ڪنهن کان اصلاح ونڊ عيب نه ڄاڻندو آهيان. ايتريءَ سڪاڪُٽ کان پوءِ جڏهن پنهنجين تخليقن کي ادبي ڪسوٽيءَ تي پرکيندو آهيان تہ ٻاڻ کي ادبي دليا جو هڪ معمولي شاگرد محسوس ڪندو آهيان.

تصنيفات: تصنيفات جي سلسلي ۾ هيلتائين نظم جا ٽي ننڍڙا ڪتابڙا: (۱) آڏي ڊال مَ ڊار، (۲) پکن منجهه پساهه، (۳) سُٽا اٽي جاڳ، "مهراڻو اڪيڊميءَ" طرفان شايع ٿي چڪا آهن، ۽ ٽيون نثر جو ڪتاب 'سومرن جو سردار' پريس ۾ آهي.

اڻڇپيل ڪتابن جي لسٽ ۾ نظم جا ڪتاب: (۱) ٻنوهارن ٻچار، (۲) ڳل ۽ ڪنڊا، (۳) آزاديءَ جا انگور، (۴) وڏيرا ويا، ۽ ٻ-ٽي مثنويون تيار رکيون آهن؛ ۽ نثر جي حصي ۾: (۱) دنيا دَم ڳڏر، (۲) مهراڻي جا مور، (۳) مڪيءَ جا سُٽير، (۴) ڪاڪ ۽ جهليا ڪاڙي، (۵) هي پولڳا، هي پيٽيون، (۶) ٻيون قاسم، (۷) ڪنگ ويچارو ڪير؟ (۸) آروڙ جا آلُو، (۹) جديد سنڌي شاعريءَ جو فريب، مڪمل ڪري چڪو آهيان.

ٻن-ٽن سالن کان صدمن جي شڪار هئڻ ڪري، تعليم ۽ تصنيف جو سلسلو ٻيهي ويو هو، پر هن سال کان وري ٻه وک وڌائي اٿم. شال الله پاڪ ڪامياب ۽ ڪامراني عطا ڪري ۽ سٽئين وات تي هلائي.

* * *

مناجات

ڪجان مِهر مولا، ٽيڻن ڏُور ڏولا،
وڃن سُور سارا، لهن رنج رولا!

ٻَيَمبر، قلندر، ولي ٽوڙي والي،
گداگر، ٽونگر، سنڌي در سوالي:
ٻڌن ٻانهه ٻايو، ڪريو چاڪ چولا!

ٽَون ٻيو ڪو ڪائر، ٽون ڪلتار آهين،
اجهو آسرو ٽون ئي آڌار آهين:
ٻلائيءَ سان تنهنجي وڃن يَوُ ۽ ٻولا!

بڌج سائين 'معمور' جون التجائون،
ڪجان مهر مولا، سڀني سڏ صدائون:
تون سائين سڀاڻهو، اسين تنهنجا ڪولا!

نعتون

(۱)

ڪهڙي ڪريان ساره ثنا، مرسل مني منار جي،
نورالهدىٰ، خيرالوريٰ، سيد سچي سردار جي!

نرمل نبي، مدني مڪي ۽ هاشمي، صابر، سخي،
عربي آمي، تعريف ٿي، محبوب مٿادار جي!

شمس‌الضحيٰ، ڪشف‌الدجيٰ، راه‌هدىٰ، ڪهف‌الورىٰ،
آهي ثنا ڪئي خود خدا، تنهن سيدالابرار جي!

مشفق ۽ سرور سچو، مولا سندو محبوب سو،
بس پرجهلو، آدر آجهو، شان و صفت سردار جي!

جنهن جو نظر هو پر اثر، ٿيو سڀ دکي خوش خوبتر،
خيرالبشر، شق‌القمر، ڏس التها اسرار جي!

ٿي هڪ ذري جلويگري، دلڙي ٿري سيڪنهن سري،
بجلي بري، آهي وري، دلبر دري ديدار جي!

مجبور جو، مزدور هو، مهجور سو منظور ٿيو،
مسرور ۽ 'معمور' ٿيو، ڏس مهرباني يار جي!

(۲)

يامحمد مصطفيٰ! اعليٰ صفت، عاليجناب،
ياحبيب ڪبريا، ڪل عالمن جا آفتاب!

تنهنجي آڻي دور ظلمت دور ٿيو دنيا منجهان،
روشني تنهنجي مدامي، تون مڪمل ماهتاب!

تون يتيمن يار، آيرن عاجزن آڌار تون،
حضرتا، دنيا سڄي ۾ لطف تنهنجو لاجواب.

اي مسيحائے جهان، اي رحمة للعالمين!
ڪر جهان ڪي فيض ٻنهنجي سان وري تون فيضياب!

تون اجهو تون آسرو، توري نه ٻيو ڪو پروسو،
ڪج مدد مرسل منا 'معمور' جي روز حساب!

(٣)

تنهنجي در جا اچي دربان ٿيا، سلطان هزارين، مان نه رکيو!
تنهنجي محبت ۾ مستان ٿيا، انسان هزارين، مان نه رکيو!

ڏسي جلوه‌گري ٿي خلق چري، چا جن" ملڪ، چا حور پري،
دلدار آهٽ درسن جي دري، ديوانه هزارين، مان نه رکيو!

تنهنجو حسن ٻسي حيران ٿيا، تنهنجي خدمت جا خواهان ٿيا،
تنهنجي قدمن تان قربان ٿيا، پروانه هزارين، مان نه رکيو!

سردار سچا، آڌار اجها، محبوب-خدا، اي ماه-لقا،
تنهنجي درسن لئه دلدار منا، ڪوشان هزارين، مان نه رکيو!

دک درد جهان مان دور ٿيا، مغموم وري مسرور ٿيا،
مسرور ٿيا 'معمور' ٿيا، شادان هزارين، مان نه رکيو!

شب معراج

شه عالم، سڄي عالم سندو آغاز توسان ٿيو،
خدا جو راز ٿي آئين، خدا همراز توسان ٿيو!

ملڪ آت همسري ڪيئن ڪن، جتي روح الامين جو پي؟
مڪان منتهيٰ سين صرف هو پرواز توسان ٿيو!

قرڻ آن؟ ڪان مٿا مرسل، خدا ڪان جن قرڻ آهي،
ڪڏهن پي ٿي نه سگهيو ساز، جو الاساز توسان ٿيو!

ڪري ارض و سما جو سير ٻهتين خاص خلوت ۾،
شب معراج ۾ مرسل، الاهي راز توسان ٿيو!

ڪندو ساره ثنا 'معمور' ڪهڙي، ڇو ته مولا جو،
عطا احسان اي سردار بي انداز توسان ٿيو!

بيت

(١)

ساريم توڪي سپرين! جاني جيءَ جيار،
ڪيا ڪائيم ڏينهڙا، دلبر توڪان ڏار،
آئي پهر پچار، آهم تنهنجي او پرين!

(٢)

ساريم توڪي سپرين! وڃڻ وڃڻ ٿيو،
ڏاڻي ءَ پريت جو، اچي ٻڌ ٻيو،
ڇوڙي نيو، هاڃي هجر فراق جي!

(٣)

ساريم توڪي سپرين! آڏاڻو آرام،
سوگهو آهي ساهه ۾، دلبر تنهنجو دام،
صبح توڙي شام، تنهنجي واٽي وات ۾.

(۴)

ساريم توڪي سپرين! سهڻا سڄڻ يار،
سوڻي ملندين ڪڏهين، سڀهر پريا منڌار،
ساري سڀ جهمار، آهيان تنهنجي آسري!

(۵)

ساريم توڪي سپرين! ويهي واجهايوم،
ڏاڻهين ءَ پريت جو، اچي هور ٻيوم،
نازڪ نينهن ليوم، ڏوراهين ڪنهن ڏيهه ۾.

(۶)

ساريم توڪي سپرين! لکيم ڪيئي ليک،
ڇڻي ويا چرڪ مان، ڏاڏائي ءَ جا ڏيک،
محبت واري ميک، قابو آهي قلب ۾.

(٧)

اريم توڪي سپرين! آڻي اوساريوم،
ري دانهون درد مان، ٻاڌل ٻڪاريوم،
يي آجاريوم، نڌڻ وارو نينهڙو!

(٨)

ساريو توڪي سپرين! روئان راتو ڏينهن،
اکيون وسن ايئن ٿيون، جيئن ڪو ساوڻ مينهن،
نڌڻ وارو لينهن، ٻيو نباهيان او پرين!

(٩)

سوا تنهنجي سپرين! جيڻ ٿيو جنجال،
رويو رئان رت ڳڙا، هيڏو آهم حال،
- جانب ناهه جمال، سڄڻ تنهنجي ساڻ ري!

(١٠)

سوا تنهنجي سپرين! سکن ساڻ ڇڏيو،
هينڙو هڃي هارجي، ڪولدر منجهه ڪڏيو،
اچي سور سڏيو، وڇوڙي جي وات تي!

(١١)

سوا تنهنجي سپرين! آهيان آهالو،
تنهنجي سار سنيار جو، آهم آجالو،
برهه جو پالو، سوگهو آهي ساهه ۾!

(١٢)

سوا تنهنجي سپرين! نڪو ساڻ ل سونهه،
اکيون هري اجهاڻيون، دل ۾ دردن دونهه،
ڪالهي وات وروڌهه، ڪيئن گذاريان ڏينهڙا!

(١٣)

سوا تنهنجي سپرين! ساڻي، ساڻي سور،
جاري آهن جان تي، دردن جا دستور،
پرين تنهنجا هور، آهن جياهو جيءَ جو.

(١۴)

سوا تنهنجي سپرين! ناهي قلب قرار،
ويڙهي ويا وجود کي، ڪيئي ڪاروٻار،
نڪا بات بهار، نڪا راحت روح کي.

(۱۵)

سوا تنهنجي سپرين، ڪانهي روح رهاڻ،
ويڻي متجي ميڙجي، محبت جي مانڊاڻ،
سوڳهو سورن ساڻ، آهي ڏيل ڏکن ۾.

(۱۶)

سوا تنهنجي سپرين! ڏکيا ڏينهن ڏنام،
وڇوڙي جي ويرم، سوين سُور سَريام،
ويٺا وسريام، ويا وسريا ڪينڪي!

وايون

(۱)

ويڻي ڪجهه به نه ورندو، يار—
ڪاهه ته ٻڌون ڪيڇ ڪناري!

آخر اڇڻو آهي جيڪو، سو ڪيئن ٽاڙو ٽرندو يار.
جرئت، همت، هوش سوا هٿ، ڪو به نه تار مان ترندو يار.
جنهن کي لوري لوءِ وڃي جي، سو ڪيئن چانگو چَرندو يار.
'سونهڻ' جو سو ساڻي ناهي، 'ڪاري' ۾ جو ڪرندو يار.
منزل تي سو سور نه رسندو، جيڪو ڏکن کان ڊرندو يار.
سو ٻڻ سڌو پريَن ٻانڊي، مارگ ۾ جو مرندو يار.
هلندن کي 'معمور' هميشه، سانگ سڃڻ جو سَرانڊو يارہ

(۲)

اوکو ٻڌ، اڙانگي وات — ڪيئن مسافر ماڻن منزل؟

رڻ جا رولا، واڏون واري، اڻ سينڌائي، اونده ٻات:
ڪيئن مسافر ماڻن منزل!

اوڇڙ آڏون، اوت نه اولو، اوس ۽ اوگهه ۾ آج اسات:
ڪيئن مسافر ماڻن منزل!

اونڌا ڪپرا، اونهون ٻاڻي، گهُورانڌيرو، گهيڙ نه گهات:
ڪيئن مسافر ماڻن منزل!

مشڪل هڪ 'معمور' نه آهي، ساريون واڏون سورن سات:
ڪيئن مسافر ماڻن منزل!

(٣)

دلڑي دردن دونهي ڙي-
اکڑيون برسن، ڇر ڇر ڇر!

ساري عمر سٽيندي ويٺي، هوتن ڏاران هوڻهي ڙي.
ٻنڊ پرانهون، راهه اڙانگي، سانڻ نه آهي سوڻهي ڙي.
'هيڻ' سجڻ جيءَ حال وڃايا، لوڪ جي لعنت اوڻهي ڙي.
سور سهارو ٻڌجي ٻيٽا، ورهه جي ونگ وروڻهي ڙي.
هجر فراق مان حاصل ٿڻڙي، تسبيح 'ٽوڻهي ٽوڙهي' ڙي.
منزل ڏي 'معمور' وڃي ٻئي، آڏيءَ رات آوڻهي ڙي.

غزل

●

نه آ صرف ان جو نظارو لذيذ،
سجڻ يار جو يار سارو لذيذ!

سندس حرف کهرو ۽ کارو لذيذ، چري چال، چٽيڻ، چهارو لذيذ!
اٽڻ، اونگهه، آرس ۽ آرو لذيذ، نظارو سجو نند وارو لذيذ.
ميٺي جي مٺائيءَ جي ناهي کا حد، اشارو لذيذ ۽ ڪنارو لذيذ.
سجي جڳ جي راحت، خوشي، عيش ڪان، سجڻ جي غمن جو غبارو لذيذ.
ڪجي ناز و انداز جو ڇا بيان؟ سندس هر ادا آهه يارو لذيذ.
محبت جو ٻلهاڙو ڪيڏن جي لٽس، ڏيڻ ۾ اچي جو سو ڏارو لذيذ.
خبر چار جنهن مان ٻوي يار جي، اها نال وهوا ۽ ڏارو لذيذ!
ڇي ٻاهه کان ٿو ٻري سيکو ٻر، محبت جو ٻارڻ ۽ ٻارو لذيذ.
وجهن وصل جي کاڻ واجهون ڀلي، مگر وقت آ ورهه وارو لذيذ.
ٽٽي وصل جي واعدي مهل ٿو، سو 'معمور' ماڻن جو مارو لذيذ.

●

جبل جهاڳ سي ڪن، لڳي جن کي جهڙ،
ڏسن ڪين واڻون، ونگيون ور وڪڙ.

مسلسل عمل ڪن، سي منزل رسن، ٻُجن ڪين هرگز ٿا ڳالهين جا ٻڙ.
ڪرڻ هيس هيٺن تي ناهي چگي، ڪڏهن ڪين چٽبا بهادر ٻگهڙ.

تمنا سڏائين نہ رک وصل جي، وري واهوندن تي ڏين کير ٿڙ.
لہ 'لاچار تي آهيہ آچار کو'، جُٹي کان ٻري سي لڳل جن کي جهڙ.
نہ جائز ٿئن آهہ محفل اها، هجن جت سخنور، سياڻا، سگهڙ.
مڙ تنهنجي نالي کان منهن ٽيو ميڙو، وڏو وات ۾ جڙ کا مصريہ جي تڙ.
سجڻ يار توکان ڦريا سي ڦريا، اهي پار پيا جي لڳا تنهنجي لڙ.
سوا تنهنجي سائين سهارو نہ آهہ، تون آڌار، اولو، اجهو، اوٽ، آڙ.
اهي ٿي مسرّت کان 'معمور' ٿيا، هليا جيکي توڏي ٻڌي حب جي هڙ.

●

نہ وعدو وفا کن، هجي تن کي حيف!
دغا تي دغا کن، هجي تن کي حيف!

سڏائين عاشق، مگر ڏک ۾ ٿا، سجڻ جي گلا کن، هجي تن کي حيف!
'وفادار مان'، ۽ سجڻ بيوفا'، اِها چُون-چراکٹن، هجي تن کي حيف!
محبّت جي دنيا جا واجب ۽ فرض، نبٹا جي ادا کن، هجي تن کي حيف!
ڏينهان رات شکوو شکايت کري، خفا کي خفا کن، هجي تن کي حيف!
محبّت جا پروانا بنجڻ کان ٻو، جي درسن قضا کن، هجي تن کي حيف!
جي محبوب 'معمور' ٻارن ستي، نہ لطف و عطا کن، هجي تن کي حيف!

●

اکر آهيان اکيلو، تہ بہ روئان چو؟
نہ آ محبن سان ميلو، تہ بہ روئان چو؟

وکوڙي وير کيو واڳن حوالي، يجي ٽيو پور 'پيلو'، تہ بہ روئان چو؟
ستل سورن جي صحرا ۾ چڏي جي، ويا ساڻي سويلو، تہ بہ روئان چو؟
غمر دايا، غمر عشق بستان کان، نہ واندو آهہ ويلو، تہ بہ روئان چو؟
چون ٿا ديہ ۾ آهي درستي، آڻيس جيکر اويلو، تہ بہ روئان چو؟
اچڻ لئہ ميکدي ۾ مون کي 'معمور'، حبيبن کيو نہ حيلو، تہ بہ روئان چو؟

●

صنعت عکس و تبديل

اچا وري نہ واڳ ٿي، نہ واڳ ٿي وري اچا،
اچا ٻري مفاصلو، مفاصلو ٻري اچا!
اچا ٻري نہ ٻير ٿو، سجڻ وفا جي راهہ تي،
وفا جي راهہ تي سجڻ نہ ٻير ٿو ٻري اچا.

ايا ڪري نہ قرب ٿو، چوي پٽو اجھو اجھو،
اجھو اجھو پٽو چوي، نہ قرب ٿو ڪري ايا.

ايا ٿري نٽي ٻلا، ٻُڪاريم رڙيون ڪري،
رڙيون ڪري ٻُڪاريم، ٻلا نٽي ٿري ايا.

ايا ذري ذري ڪُسون، مسون، مصيبتون ڏسون،
مصيبتون ڏسون، مسون، ڪسون ذري ذري ايا.

ايا وري نہ ويہ ٿو، سزا جزا ڏسي چڪو،
ڏسي چڪو سزا جزا، نہ ويہ ٿو وري ايا.

ايا پري ٻيو چٽي، ٻچي ڏسو غريب ڪان،
غريب ڪان ٻچي ڏسو، چٽي ٻيو پري ايا.

ايا ڪري وڏيڪ ٻٽي، لواڻ ۾ نٽي ٿھي،
نٽي ٿھي نواڻ ۾ وڏيڪ ٻٽي ڪري ايا.

ايا سري لہ ميڙو، ٻچي سڙي ٻچي جيي،
جيي ٻچي سڙي ٻچي، لہ ميڙو سري ايا.

قطعا

(۱)

چمن جو چھڙو ويو، گلن جي تازگي وئي،
گلن جي تازگيءَ سان بلبلين جي زندگي وئي؛
ويو اڳوڻو رنگ ڍلگ، موج ۽ مزو ويو،
چمن ۾ ھاءِ، ھرطرف خزان ئي چانڇجي وئي!

(۲)


اچو اچو، اي دوستو! ڏکن سان ڪڍجي گھاريون،
ڏکن ۾ زندگي ملي، سکن کي ڇو ڇڏيون؛
ٻين جي آسري ويھي، نہ ڪجھ وريو، نہ ڪجھ سَريو،
ٻين جو آسرو ڇڏي، ڪو ٻنھنجو ٻوٽو ٻاريون!

(٣)

وڪون ڪنڊ، وهيءَ ڪي مرَ ويهي وڃاءِ،
ويل وقت هٿ ڪهن ايندو وري؛
نہ حاصل همیشہ ٿين ڪنهن ڪي تاءِ
ٿڏو ڏينهن ۽ رات، راحت پري!

(۴)

نہ سوز آهي، نہ ساز آهي، نہ جوش آهي، نہ هوش آهي،
سخنداني اسان جي ڪان فقط آهي سخن ڪي ڊپ؛
گلستان جي ٿئي ٻئي باغباني اهڙي جو ان ڪان،
لڪين بلبل مرن، ہر ڪين أ زاغ و زغن ڪي ڊپ!





عمرالدين "بيدار"

محترم عمرالدين "بيدار"، نوجوان ۽ جديد شاعرن ۾ پنهنجي ڪلام جي سادگيءَ ۽ صفائيءَ جي لحاظ سان ڏاڍو سهڻو انداز ٻڌا ڪيو آهي.

ٻاڻ هن طرح پنهنجو تعارف لکيو اٿس:

"ٻيدائش فبروري ۱۹۳۷ع ۾. پرائمري تعليم، ٻدائشي ڳوٺ دليپوٽا جي پرائمري اسڪول ۾ حاصل ڪيم. چار درجا انگريزي ڪي. سي. ايڪدمي ڀريا ۾ پاس ڪيم، ۽ مٽرڪ ڏي. سي. هاءِ اسڪول لواب شاهه سان پاس ڪيم. ڪاليج جي تعليم سچل سرمست آرٽس ڪاليج ۽ مسلم ڪاليج حيدرآباد سان حاصل ڪئي ويئي.

شاعري: شاعريءَ جو شوق ٻهرئين درجي ۾ ٿي ٿيو. شروعاتي دؤر ۾ ڪانيون ٿاهيم. افسوس جو ابتدائي دؤر وارو سارو ڪلام ضايع ٿي چڪو آهي. هن وقت ٻه چپل ڪلام کان سواءِ ڪو تمام ٿورو ڪلام محفوظ چئي سگهجي ٿو.

صحافت: صحافت جو شوق نندي هوندي کان رهيو. مٽرڪ پڙهڻ جي وقت "چٽنگ" نالي هفتيوار اخبار هٿ سان لکي شايع ڪندو هوس. مٽرڪ کان پوءِ اول "دعوت" هفتروزه اخبار سکر جو ايڊيٽر مقرر ٿيس. ان کان پوءِ هلال پاڪستان جي لمائندي جي حيثيت سان خدمت ڪندو رهيس. اخباري دنيا جي وسيع معلومات، اخبارن جي مطالع ۽ صحافت جي فن سان مخلصانه وابستگيءَ جي ڪري، آخرڪار صحافت ۾ ئي رهجي ويس. ان کان پوءِ 'نواءِ سنڌ' حيدرآباد سان وابسته رهيس، ۽ اتي وسيع تجربو حاصل ڪيم. ۱۹۶۴ع کان پوءِ روزانه 'مهراڻ' حيدرآباد ڏانهن هليو ويس، جتي ايجا تائين سب ايڊيٽر طور ڪم ڪندو رهان ٿو. وچ ڌاري هڪ-ٻ دفعا ماهانه 'بادل' حيدرآباد جو ايڈيٽر ٻ رهيو آهيان.

نثر: شعر و شاعري ۽ صحافت سان گڏ علمي ۽ ادبي خدمت ڪندي، مقالا ۽ مضمون، افسانا ۽ ننڍن ايڪٽن وارا ڊراما ڪافي لکيا اٿم. ان طرح سان نثر سان به ڪافي دلچسپي رهندي آئي آهي.

صحافت ۾ اچڻ کان اڳ، ڪجهه سالن تائين سنڌ جي مختلف هاءِ اسڪولن ۽ مسلم هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ به تعليم جو ڪم ڪري چڪو آهيان."

"بيدار" جي شاعريءَ ۾ هڪ قسم جي سادگي آهي. خيال سادا ۽ عملي سنڌس شاعريءَ جي خاص خصوصيت آهي. صحافي زندگيءَ سان وابستگيءَ هوندي، شاعريءَ جي فني جذبي کي زنده رکڻ اڇڪاهه ڏيڊو مشڪل مسئلو ٿي چڪو آهي. اميد آهي ته "بيدار" پنهنجين مشڪلاتن کي منهن ڏيندي به ان ذوق کي تڪميل تي پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو. ـ ادارو

* * *

غزل

●

ڪڏهن ڪجهه حادثا اهڙا ٿين ٿا،
جي دائم داغ دلين کي ڏين ٿا!

سُڃا ڪٽ ڏور ۽ ڪٽ چور سڏجن، انهين ئي ڪارناما کي ٿين ٿا!
جيئن ٿا غير جي اميد تي جي، آهي ايءشڪر چاجي لئه جيئن ٿا؟
ڇڻ وارو ڏئوسون ڪونه ڪنهن جوا الائي حادثا ڪيسين نين ٿا!
ادب وارا، صحيح اوصاف وارا، فقط خونِ جگر پنهنجو پين ٿا!
ڇڏي ايمان جي دولت خوشيءَ سان، مڙئي دنيا ۾ ڪجهه ماڻهو جيئن ٿا!
پسي 'بيدار' تن کي ڪو ٻڌائي، توڪل تي جيڻ وارا جيئن ٿا!

●

حقيقت کان اگر بيزار ٿيندا،
ته دل وارن جي لئه آزار ٿيندا!

اوهان ۾ ڪٽ هُئي اميد اهڙي؟ ڪري پنهنجو وري بيزار ٿيندا!
نگاهن کان لڪڻ وارا به آخر، ڇڏي پردو سرِ بازار ٿيندا!
زماني ۾ انهين ڇاتو نه ڪنهن تي، ضميرن جا به ڪاروبار ٿيندا!
اڃا ڪجهه ڀاڪ کي سمجهن ٿا شايد، اڃا رُسوا سرِ بازار ٿيندا!
محبت کي جتي سمجهي نه ڪوئي، آتي رئندڙ کي زارو زار ٿيندا!
دل آزاري سدا جائز رکن ٿا، آهي ڪنهن جا ڪڏهن غمخوار ٿيندا.
جتي ڀاڙُون ٻَني مالهي گلن کي، آتي ساوا ڪٽان گلزار ٿيندا.
اوهان جن کي سدا غافل ٿا سمجهو، يقيناً سي وري 'بيدار' ٿيندا!

●

زمانو ٿو سڃو توڙي نهاري،
رقابت ڇو نه هت هو باهه ٻاري؟

ڇڏي ويندين، مگر کڻڻي سهاري؟ رهي دل ۾، وٺين بي موت ماري!
هلي ٿو عشق سان جهيڙو ٻرائيو، ڏسون کڻو ڪٽي، کڻڻو ٿو هاري!
نصيحت هرطرح جت بي اثر ٿي، آتي سڀ ڪر ڪيو دل جي اشاري!
زمانه ساز جيڪي ٿي ڏٺاسون، اسان جهڙن کي ٿي ويٺا وساري!
الائي قافلا پهتا ڪٿي سي، وياسون وات تي جيڪي ٻهاري!
انيسن ٿا زندگي پنهنجي ٻڌايو؟ انين کنهن کي نه ويٺاسون جياري!
چپاتا ويا چڙهي ۽ ٽوڙ ٻڌا، هتي 'ٻيدار' ويٺو پاڻ گهاري!

●

ڊڄي، مشڪل ڏسي منزل، نه هرگز يار ويٺاسون،
ڪٽي مقصد هليا آهيون، پڄي هڪوار ويٺاسون.

زمانو سو ملیو، جنهن ۾ ٽين پنهنجا ٻراون جيان،
مگر اي دل! سهي چوٽون، نه ٽي بيزار ويٺاسون!

برابر حال هيڏي سان هلڻ خاطر هليا آهيون،
وڃڻ جاڻون نٿا، توڙي قدم ٽي-چار ويٺاسون!

ٻري کان ٿا کلن ڪيئي، ڏسي ٻورهيو غريباڻو،
چوي ڪو کين، پنهنجي ماڻڪ تي سرڪار ويٺاسون.

چکن ٿا چاڪ جيڪس هي جگر کونهي وهڻ وارو،
شفا خاطر طبيبن ڏي، هلي بيمار ويٺاسون.

وڃائي ڇا ڪندا هيٺا زمانو ڇا ستائيندو؟
هلياسون آسري جنهن جي، انهيءَ آڌار ويٺاسون!

ڏکيري وات، منزل دُور، آئي رات اونداهي،
ونسي ايمان روشن سان، آخرڪار ويٺاسون!

بلائون جي ستائيندیون، گهٽا ڪائي سي ڪائيندیون؟
ڪٽي قربان ٿيٺاسون، مگر تنهن هار ويٺاسون!

اچن ٿا ياد سي ڏاڍو، اسين آهيون وڃڻ وارا،
لڳي جا تار تن جي ٻار، اي 'ٻيدار' ويٺاسون.

*


انيءَ جي روز رسامو رهيو ته چا ٿيندو؟
اسان تان رنج نه تن جو لٽو ته چا ٿيندو!
خبر آٿو ته جدائي چڪي نه ٿيندي آهي،
وري به جي ٿا وڇوڙو ڏيو ته چا ٿيندو.
اسان کي جن ٿي صلاحون ڏيون کي دل واريون،
انهن ٿي دل کي ڏاري ڇڏيو ته چا ٿيندو؟
هتي هميشه احساس ٿو رهي دل کي،
اچي ويا جي آهي اوچتو ته چا ٿيندو!
نظر کان دُور به جڙ روبرو سي ڏسجن ٿا،
ٻُڌائي کوئي محبّت ۾ ٻيو ته چا ٿيندو!
هي ڪنهن جي ياد ڪري ٿي وري وري 'بيدار'
خبر ڏئي به نٿو کوئي ٻو ته چا ٿيندو!


گيت

ڪنهن تي ڪير ڏئي نه ميارا!

ڪنهن تي ڪير ڏئي اي ميار، ڪنهن جو ڪنهن سان ناهي پيار،
اکڙيون ٿيندين بيشڪ چار، دل ۾ هوندا رنج هزار:
ڪنهن تي ڪير ڏئي نه ميارا!
ڪهڙو حجّت جو اظهار؟ ڪير ٻُڌڻ لٽه آهه تيار؟
چا جي انسانيّت، يار؟ ڏرتيءَ تي ٿيا آهيون بار:
ڪنهن تي ڪير ڏئي نه ميارا!
دل ۾ دُکڙا لک هزار، ڪير لهي ٿو ڪنهن جي سار؟
هرڪو مطلب جو اڄ يار، ياريءَ ڪنهن جي تي نه مدار:
ڪنهن تي ڪير ڏئي نه ميارا!
چا جي موسم مينگهه ملار؟ چا جا بادل، چاهه بهار؟
ڪير ڪري ٿو شيل شڪار؟ قسمت سان آئي نه بهار:
ڪنهن تي ڪير ڏئي نه ميارا!
تن ۾ تند وجي يا تار، ڪير نه ڄاڻي هي وهنوار،
آهه محبّت اهڙي مار، سوپ هجي ته به جاڻج هار:
ڪنهن تي ڪير ڏئي نه ميار.

برهه ٻڌايا ڪارونيار، سور سمايا آخرڪار،
دل ٿي صدمن ڪان بيزار، مايوسيءَ جي آهه مزار:
ڪنهن تي ڪير ڏئي نه ميار.
دل تي آهي ڏاڍو بار، شايد ڪير ٿئي ٿو ڏار،
هي به زماني جو وهنوار، جنهن ۾ سڀڪي آهي ڪار:
ڪنهن تي ڪير ڏئي نه ميار.
چاهت وارا ڪي آثار، دل تي رهندا نقش نگار،
ايندبون يادبون پوندي سار، اک مان ڪرندا ڳوڙها چار:
ڪنهن تي ڪير ڏئي نه ميار.
آهه لڳي وئي ڪهڙي تار؟ پيار وڃان پهتي له پڪارا
روح رسايو اهڙي پار، قسمت سانگي ٿئي ديدار:
ڪنهن تي ڪير ڏئي نه ميار.
نائي ٽيڻ ڪڏي نه نهار، سمجهه اصول اهو نر لار،
دل جي دنيا هڪ اسرار، ڪوبه نه ڪنهن جو تابعدار:
ڪنهن تي ڪير ڏئي نه ميار.
پيار بنان ته سُڃو سنسار، جڳ ۾ ڪجهه نه سجهي جنسار،
ڪنهن دل ۾ جي آيو پيار، سا دل بيشڪ ٿئي 'بيدار':
ڪنهن تي ڪير ڏئي نه ميار.





"قلندر" لکياري

"قلندر" لکياري خود نوشت سوانح عمريءَ ۾ هن طرح لکيو آهي:

"منهنجي جنم جي صحيح تاريخ تہ معلوم ڪانهي، باقي اسکول جي رجسٽر مطابق ۱۹۴۰ع ڄاڻايل آهي. اسان جو اباڻو ڳوٺ، بُلڙي شريف جي ويجهو آهي. ۱۹۴۵ع ۾ مون احمد ڪکر جي ڳوٺ جي مسلم اسکول ۾ استاد مرحوم مولوي محمد عثمان "پرواز" وٽ پهريون درجو پڙهيو، جنهن بعد بلڙي شريف جي پرائمري اسکول ۾ پيو درجو پڙهيس، ۽ ان بعد ميرپور بٹوري جي پرائمري اسکول مان ۱۹۵۲ع ۾ ستين درجي سنڌيءَ سان گڏ ٽيون درجو انگريزي پاس ڪيم. هتي ئي استاد محمد صديق پليجي جن جي تربيت هيٺ منهنجي علمي، ادبي ۽ جماعتي شعور ۽ شوق جي ابتدا ٿي. هتي ئي مون هارن لاءِ گلستان ۽ ماهوار فردوس هالا، ماهوار نئين زندگي ڪراچي ۽ اخبارن ۾ روزنامہ حريت سنڌي، الوحيد ۽ ٻوءِ کاروان پڙهڻ شروع ڪيا. ان کان سواءِ هارن جي ڳڏجاٽين، اسکول جي جلوسن ۾ تقريرن، مضمونن ۽ جماعتسازيءَ ۾ حصو وٺڻ لڳس.

۱۹۵۳ع ۾ چانديءَ هاءِ اسکول سجاول ۾ وڌيڪ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ ويس ۽ ۱۹۵۷ع ۾ آٽان مٽرڪ جو امتحان پاس ڪيم. اتي جيتوڻيڪ کا ادبي فضا ڪانہ هئي، تہ بہ پنهنجو شوق برقرار رکيو آيس. هتي ئي، پهريون دفعو هڪ ڪليل مشاعري ۾ مون کي شعر پڙهڻ جو موقعو مليو، جيڪو پسند ڪيو ويو، ۽ صدر مشاعره محترم "سردار"، جيڪو ان وقت اتي ڊي. ايس. پي هو، تنهن منهنجي ڪافي همت افزائي ڪئي، ۽ مون کي اڳتي وڌڻ لاءِ آپاريو. مٽرڪ پاس ڪرڻ ڪان پوءِ آءٌ مزيد تعليم حاصل ڪرڻ خاطر ايس. ايم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيس، ۽ مرحوم سيد مهرعلي شاهہ بخاري، جيڪو اسکول جي تعليم دوران منهنجي مالي مدد ڪندو رهندو هو، تنهن پنهنجي مالي امداد هتي بہ جاري رکي. هتي

محترم 'ايياز' قادري ۽ مرحوم احسان احمد بدويءَ جهڙا استاد مليا، جن جي زيرائر مون ادبي ميدان ۾ وڏيڪ ڪجهه پرايو، ۽ ڪاليج ۾ منطق، نفسيات ۽ عربي جي مضمونن جي اپياس جو ٿڻ موقعو مليو؛ مگر حالتن جي سازگار نه هڻڻ سبب اتي ڏيڍ-ٻن سالن کان وڌيڪ وقت جاري نه سگهيس، ۽ تعليم جو سلسلو منقطع ڪري واپس ورڻو پيو. جنهن بعد بيروزگاريءَ جو طويل عرصو ڀوڳڻو پيو. ان وچ ۾، ۱۹۶۰ع ڌاري وري ٻه ڪجهه عرصي لاءِ ڪراچي ۾ وڃي رهيس، جتي ان وقت هر هفتي ٽينڊڙ ادبي ڪڏ جائين ۾ ٿيندا هئا، جن ۾ ڀڳو موقعو مليو ۽ بزرگ شاعرن ۽ اديبن جي صحبت ۾ ڪجهه ڀرائڻ جو موقعو مليو. ۱۹۶۲ع ۾ ڀرائمري ماستريءَ جي نوڪري ملي. ڪجهه ساهه پٽي وري ڀرائيويٽ طور امتحان ڏيڻ شروع ڪيم. ۽ انٽرميڊيٽ ۽ بي. اي جا امتحان درجه اول ۾ پاس ڪيم. اڇڪلهه سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي ادب ۾ ايم. اي. ڪري رهيو آهيان.

هن وقت تائين سنڌي، سرائڪي ۽ اردو هولين ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي؛ ۽ هولين جاڻڻ جي لحاظ کان، ٽئين زبان ۽ انگريزي کان علاوه، پنجابي، هندي، گرمکي، گجراتي، عربي، فارسي ۽ روسي هولين جي به جاڻ رکان ٿو."

نعت

غلامانِ محمد کي نه ڪجهه خوفِ سزا ٿيندو،
وسيلو ٿيندو اُمت جو، جڏهن روزِ جزا ٿيندو.

محمد جي محبت شل نه منهنجي دل منجهان نڪري،
اگر دنيا ۽ عقبيٰ ۾ هٿان ويندين ته ڇا ٿيندو؟

الستئون عشق احمد ۾ آهيون سرشار اي زاهد،
محمد ۾ نهنجي متوالن کنان ڪنهن ۾ جدا ٿيندو؟

يقين محڪم اٿم منهنجون سيه ڪارين لڪائي ۽،
وسيلو روز محشر ۾ محمد مصطفيٰ ٿيندو.

قبر مومن جي اونداهي نه ٿيندي ۽ نه ٿي سگهندي،
سُهائو ان جڳهه تي چهرهٔ بدرالدجيٰ ٿيندو.

محمد جوئي نالو ورد ٿيو آهي 'قلندر' جي،
بروز حشر سو شافع ۽ ساقي مرتضيٰ ٿيندو.

بيت

[بياد مولانا مولوي محمد نورنگ زاده]

(۱)

'نورنگ زاده' ناهي، اڄ اسان جي سات ۾،
مجلس لاء ملوڪ جي، هاڻ سڪي ٿو ساهه،
موت ساري ڪل متي، چيو پاڻ الله،
هر بره جي ٻاهه، اڇائڻ اوڪي گهٽي.

(۲)

ٻهه ٻهه ٻڌ ٻُرن پيا، ٻيلاين جا ٻول،
مٺڙا مٺڙا ٻولڙا، هيرن سوتين جهول،
اڄ بہ آهين اڪين ۾، منهنجا ڏاڻي ڏول،
سيڻي سڳر ٽول، يادون جن جون يار سان.

[بياد سيد قطب شهيد مصري]

(۱)

جوڳين جهونگاريو، جڏهن نغمو نينهن جو،
دردولدين دلين ۾، ٻارڻ تنهن ٻاريو،
واسينگن ور ڪري، ڏِيل ڏنگي ڏاريو،
موت تنين ماريو، موت نہ ماريا ڪاڙي.

(۲)

آديسين عشق جا، ڏکايا دونهان،
سوريءَ ڏي سونهان، ٻيو ڪس نہ ڪنهن گوڏريا.

(۳)

آديسين عشق جو، جڏهن چوريو چنگ،
ڏاهين ڪين ڦِڪو ڪيو، رچنديءَ وارو رنگ،
ابليسي اونداه سان، جوڙي ٻڌا جنگ،
آديسي اڙهنگ، سوريءَ متي سنرا.

(۴)

اڙهنگ، آديسين جا، ڪهڙا ڇيڻ پار،
شعلا شرر اڪين ۾، منهن تي مرڪ بهار،
ڪڙڪين، ٻڙڪين، نيٺرين، نينهن ٽيو نروار،
چمڪن چند هزار، جي ستڻون سيلهه سرير تي.

* * *

(۱)

الا اڄ احساس، مري ڇڻ مانو ٽيوا!
غنچا ڪليو گل ٽين، هر وٽن ناهي واس،
جهيڙيءَ جهيڙيءَ هاه ۾، ڏُکي ماڻهوءَ ماس،
رتو ڪيئن ٽٽي راس، هت پڳو نہ پيرجي.

(۲)

الا اهڙو واءُ، وريو وَسندين تي!
محبت ويڻي ملڪ مان، ڪونهي صحبت ساءُ،
لڪو عشق اندر ۾، نڪو سولهن سماءُ،
هرڪو ڪَهَرا گهاءُ، سانڍيو سيني ۾ وتي.

(۳)

سڪ نہ آهه سرير ۾، نہ اندر ۾ آرام،
ڏوڏا ڏڪن دل ۾، من اندر ماتام،
لُڇان، ڦُڙان، ڦٽڪان، جيئن ڪڇي کو ڦلام،
ڏڻي ڏينهن ٽيام، 'قلندر' قربين ڪي!

گيت

(۱)

ڪوئي نہ ايندو، ڪوئي نہ ايندو۔ ڪنهن جي ناهي هريت اسان سان!
هريت ڳنڍيسين ريت جي خاطر، ريت بہ بدلي ميت بہ بدليا:
سات نہ ڏئي سنگيت اسان سان...

ياد ڪري ڪي قرب ڪهاڻيون، روئي راتيون يار وهاڻيون:
تو جي ڳايا گيت اسان سان...

سڻ هلايو يا ڪِ ڏڪاريو، ياد ڪريو يا يار وساريو:
جڳ ۾ آهي جيت اسان سان...

ساجن تنهنجي خاطر جڳ ۾، چا نہ ڏنوسين چا نہ سڏوسين:
تون ٻ رُسي وڃين سيت اسان سان...

(٢٠)

ڪيت ڏس، منهنجا پيارا ڪيٽ ڏس!

آهي ڪيتين سڻ ساري زندگي، ناهه ڪيتيءَ کان آتم کا بندگي،
ڪن ٿا رزاقي جهان جي هي ته ڏس!

ڪر ته ڪيتين جي جوانيءَ ڏي نظر، جڻ ته ڪنهن دوشيزه جي لچڪي ڪمر،
پلسرو پنيا سڃڻ جا ڪي ته ڏس!

ڪيتيون ڇڻ ڪي ڳجوريون مسجدون، هارين جي خون سان روشن ٿيون،
تون سندن برڪت پلائي ڏي ته ڏس!

اه واجب هارين جو احترام، گر هجي جائز ڪريان سجده مدام،
هيٺي بزرگ، هيٺي برتر، هي ته ڏس!

آن ججهو شل جام جالارو ٿئي، رحمتن جو شال وسکارو ٿئي،
۽ ورن وارا وصل جا ڪي ته ڏس!

غزل

صورتِ دلدار ظاهر ٿي ٻئي،
سونهن ۾ سينگار ظاهر ٿي ٻئي!

ٻلڪ تو جنهن دم هٽايا نيٺ تان، سيان سان تلوار ظاهر ٿي ٻئي!
بلبلين ڳايو ترانو باغ ۾، چير جي چمڪار ظاهر ٿي ٻئي.
ٿي نسيمِ صبح چيڙيو غنچ ڪي، مرڪ تنهنجي يار ظاهر ٿي ٻئي.

سبز پتن ۾ گلابي گل ڏسي، سوچيم رخسار ظاهر ٿي ٿي.
گائڻ ٿي ساز ڇيڙا سوز سان، تنهنجي بس گفتار ظاهر ٿي ٿي.
واءُ جي جهونڪي تي جهولي شاخ گل، تنهنجي هنج رفتار ظاهر ٿي ٿي.
کوڙ ٿي چاهيم 'قلندر' اشتهار، هر ٿنڻا صد بار ظاهر ٿي ٿي.

●

وري واڪ واري اچو شل وطن تي،
کريو قربداري اسان بيکسن تي.

اڏاريان ٿي کانگ مان روز ڪيئي، پڇان وات-ويندا وڌيو مان کسن تي.
اکين کي اوهان بن نه آرام آهي، ڪئين لڙڪ ٿمبو پون ٿا ڳڻن تي.
وڇوڙي جي هڪ ويل پي وَيل آهي، رهيو ماس کونهي کو باقي لکن تي.
بهار آئي دنيا ۾ ليڪن مان ويران، نه آئي بهاري کا دل جي چمن تي.
اميدن جي ٻڪڙي ٿي کومائجي وئي، رکان آس کهڙي مان باقي گلن تي.
اٿم آس ڪڍين 'قلندر' سان ملندين، ڪندين قربداري کا جاني جڏن تي!

نظم

[مستزاد]

آيو وري ساوڻ ڪٽي سپ ساز سنياري- دل توکي پڪاري!
جڳ کي ڏسي خوشين ۾ پيو منڙو منجهاري- آ واڪ تون واري!
جانب سوا هن جڳ ۾ پلا کهڙو جيڏ آ- سچ روز سرڻ آ،
آهي اها اميد ٻڌي سون کي جياري- هر غم به ٿو ماري!
سان وينو اجا تائين آهيان آس لڳائي- تو ڇڏيو پلائي،
عاشق هي عمر ڪيئن وڇوڙي ۾ گذاري- هائي ڪو سيکاري!
هي عشق جو آڙاهه سدا دل ۾ هري ٿو- ۽ کين نري ٿو،
آتش نه اجهائي ڪنهين ساوڻ يا سياري- هرندي ڪي هاري!
چا عيدون براتون، هي چا تهوار هي ميلا- هي ساز سريلا،
هر واڪو تنهنجي ٿو اچي ياد ڏياري- ۽ مون کي رڻاري!
اي ڪاش 'قلندر' کو اکهي اکڙيون هرنم- آهين ڪٽي بالم؟
ديوانو اوهان لاءِ ويٺو راهه نهاري- ٻنڌين سان پهاري!



حبيب الله «حبيب» پٹو

مسٽر حبيب الله پنهنجو تعارف هن طرح لکيو آهي:

ٽالو: حبيب الله ولد مولا بخش پٹو. وطن مالوف: شڪارپور سنڌ. تولد ٿيڻ جي تاريخ ۱- نومبر ۱۹۱۷ع. تعليمي لياقت: فرسٽ ايئر ۽ ايس- وي پاس. مشغلو: اسسٽنٽ ماسٽر، گورنمنٽ هاءِ اسڪول، شڪارپور. پرائمري تعليم شڪارپور جي قاضي محلا (نادر واري) اسڪول ۾ حاصل ڪيم، ۽ ثانوي تعليم خانگي طرح پرايم. سال ۱۹۲۹ع ۾ ابتدائي اسڪول جي چٿن درجن جي امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ، لاڳيتا ٽي سال ڪراچيءَ ۾ سڪونت. ان بعد سال ۱۹۳۱ع ۾ اتان واپس اچڻ کان پوءِ وري پرائمري اسڪول ۾ داخلا ۽ اتان ۱۹۳۳ع ۾ 'سنڌي فائنل' جو امتحان پاس ڪري فارغ التحصيل ٿيس. سال ۱۹۳۵ع ۾ شڪارپور ٽائون ۾ 'پرائمري ماسٽر' مقرر ٿيس ۽ اتان ٽي سال ۱۹۴۱ع ۽ سال ۱۹۴۸ع ۾ 'ٽريننگ ڪاليج' جا پهريون ۽ پيو سال (ايس- وي) جا امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيم. سال ۱۹۴۸ع ۾ قاضي محلا اسڪول جو هيڊ ماسٽر مقرر ٿيس. سال ۱۹۵۱ع ۽ سال ۱۹۶۰ع ۽ ۱۹۶۱ع ۾ ميرپور ماٿيلو، نواب شاهه ۽ جيڪب آباد تعلقن تي اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس مقرر ٿي ويس. سال ۱۹۵۵ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور جو اسسٽنٽ ماسٽر مقرر ٿيس ۽ تاهنوز ان عهدي تي فائز آهيان. سال ۱۹۵۷ع ۽ ۱۹۵۸ع ۾، خانگي طور تي، مٽرڪ ۽ فرسٽ ايئر جو امتحان پاس ڪيم.

پنهنجي والد بزرگوار مرحوم مولا بخش 'مسڪين' شڪارپوري ۽ محترم مشتاق احمد ابڙي سابق ايڊيٽر روزنامه 'الوحيد' ۽ 'نئين سنڌ' ۽ حال مدير هفته وار 'جدوجهد' ڪراچي جي صحبت ۾، سال ۱۹۳۶ع کان علمي ۽ ادبي ذوق پيدا ٿيو. سال ۱۹۴۰ع کان ماڪ جي مشهور رسالن ۽ اخبارن ۾ تعليمي، معلوماتي، نفسياتي ۽ تحقيقي مضامين ۽ شعر شايع ٿيا. ريڊيو پاڪستان، ڪراچي جي پن- ٽن مشاعرن وغيره ۾ ٿن شرڪت ڪيل آهي.

نظم

اي اديبو، شاعرو! سوچيو خدارا ٿاڻ ٻ،
ڇا وهي ٿو واپري ٿو، سو رکو سڀ جاڻ ٻ.

دور ناهي ديس مان تهذيب ٿي ٻنهنجي فنا، جي رهيا غافل اوهان ٿ وقت ويو چڪتاڻ ٻ!
کو عوامي ڪم لٽو ڪنهن کان پڇي، جاچي ڏسو: سير سيکو ٿو سڏائي ٻاڻ کونهي ٻاڻ ٻ!
سڀ ويو لٽجي، نشان منزل سندو کونهي نظر، کاروان آ درٻدر ٿ بخودي سروان ٻ!
جو مدد ٻنهنجي لٽو کانئر ڪري، تنهن جي ٻلا، ڪيئن ڪندو توقير عالم، صاف آ اميجاڻ ٻ!
جي ايا ٻوندا سمهي، ٿي غرق غفلت ٻ اوهان، فرق ٻوءَ ڪجهه ڪين ٿيندو هڪ ٻڙهيل، اڻجاڻ ٻ!
وقت آيو، نوجوان! تون پي اٿي هوشيار ٿي، تنهنجو دم ٿي موج آڻي ٿو سکهي مهراڻ ٻ.

شل 'حبيبا'، قوم ٻنهنجي، وقت جي رفتار تي،
دل اندر کو درد ڏاري، جوش آڻي ٿاڻ ٻ!


قطعا

(١)

مون کي دلبو ڏئي دنيا ڪيو رسوا ۽ سرگردان،
سڄي ساري حياتي مون رهي غافل گذاريو آ!
جڏهن ٻيهاڙ ويو پرجي، تڏهن دل هي پڇيو مون کان،
'حبيبا'! تو رهي هٽڙي، ڪڏهن انجام ساريو آ؟

(٢)

عاشقن کان هيئن ڪري سهڻا حجاب،
ٿو ملي توکي ٻلا کهڙو ثواب؟
روز شب آ تات تنهنجي دلربا،
آ برسر دمبدم نازل عذاب!
خون ڳاڙڻ ٿيون اکيون ٿ بت سندم،
سوز ساڙي ٻ سڙي ٿيو آ کباب!
التجا سڻ، اي ملڻا! نام خدا،
مل گلي سان، دور ڪر منهن تان نقاب!
هيءَ ٻڌي چڙ ڳالهه، سياڻا ٿا چون:
'عاشقن کي خوش ڪرڻ آهي ثواب!'
ڪين ڄاڻان شعر مان ڪجهه پر 'حبيب'
هجر تنهنجي آ رکيو ڪولي ڪتاب!



نور «شاهين»

محترمہ شاهين پنهنجي تعارف ۾ هن طرح رقم طراز آهي:

"مون کي منهنجي سوانح لکڻ لاءِ چيو ويو آهي. سوانح لکڻ لاءِ ان تنقيدي نگاهہ جي ضرورت آهي، جيڪا خوبين سان گڏ خامين ڏانهن ٻہ ظاهر ڪري. منهنجي سمجهہ ۾ ڏو اڇي تہ اڇو کي خود پرست دنيا ۾ پاڻ کي تنقيدي نگاهہ سان ڪيئن ڏسي، جڏهن هرطرف آڱ ٽي آڱ نظر اڇي رهيو آهي! لهٰذا پنهنجي 'سوانح' کي وساري، هت سان چند علمي خدمتن جو ذڪر ڪندس، جيڪي ادبي دنيا ۾ ڪيون اثر يا ڪري رهي آهيان.

سڀ کان پهرين سوال پيدا ڏو ٿئي تہ منهنجي شاعريءَ جو محرڪ ڇا آهي؟ منهنجي شاعريءَ جي ابتدا انگلش پڙلس کان ٿئي ٿي. سان ڪانوينٽ ۾ پڙهندي هيس، عمر ڏهہ سال هئي، سان ۾ چند هم عمر ساهيڙيون پڙلس، پر اوڀر جي صورت ۾ لکي انگلش رسالي ٽربوسرچيٽ کي موڪلينديون هيونسين ۽ شايع ٿيندي ون هيون. پارهن سالن جي هيس تہ هتي جي بعض خواتين محفلِ عيد ميلاد النبي منعقد ڪئي. هن محفل ۾ اڪثر خواتين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. آڻا طاهره آغا مون کي ب چيو هو تہ مان تيار ڪي اچان، لهٰذا مون هڪ مقالو پڙهيو، جنهن ۾ سمرنا (ترڪي) جي تباهيءَ جو لڇشو چٽيل هو. اهو مقالو تمام پسند پيو. اڪثر عورتن جي اکين ۾ پاڻي اڃ بہ چشم تصور سان ڏسي رهي آهيان. انهيءَ ڪي مقالي منهنجي ۽ شعر جي وچ ۾ هڪ ديوار ڪڙي ڪري ڇڏي ۽ اوهہ ڪڏهن افسانو ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيم، ليڪن مختلف نالن سان.

سنہ ۱۹۵۷ع ۾ منهنجو هڪ لکيل ڪتاب، جنهن جو نالو شايد ڪنهن بہ دؤر ۾ ظاهر ڪرڻ پسند نہ ڪريان، ڪنهن شخص هٿان گم ٿي ويو. ڏک تہ گهڻو ٿيو، ليڪن ان شخص کي

کجهہ بہ لٹي چئي سگهيس، جو هو حيدرآباد کان باهر هليو ويو هو. سندس انڈريس هٿ ڪرڻ لاءِ مذڪوره شخص جا ڪجهہ غزل جيڪي مون وٽ رکيل ۽ وساريل هٿا ۽ شايع نہ ٿيا هٿا، مون هڪ-اڌ رسالن ۾ ڏيڻ شروع ڪيا؛ منهنجو اندازو صحيح ثابت ٿيو، هن خط لکيو ۽ مون کي سمجهايو تہ- 'ان ڪتاب جي گم ڪرڻ ۾ سندس هٿ لہ پر ڪنهن ٻئي جو هٿ آهي.' بهرحال اها گالهہ منهنجي ۽ ان محترم جي درميان محدود رهي. غزلن شايع ٿيڻ بعد هرطرف کان مبارڪبادي ۽ جا خط اچڻ لڳا. انهن خطن کي ڏسي خوش ٿيڻ بدران شرمنده ٿيس، انهيءَ ڪيفيت ٻي منهنجي ۽ شعر جي وچ ۾ آيل ديوار کي ريتيءَ جي ديوار وانگر ڪن ۾ ڪيرائي پٽ وجهي ڇڏيو. رڪ ۾ اندر ليکل چٽنگ ازسرِنو پڙڪا ڪائڻ لڳي ۽ مان انهيءَ ميدان ۾ ٽپي پيس، جيڪو اسان جي خاندان ۾ منهنجي ٻن چاچن علي بخش خان ۽ عبدالله خان تعمير ڪيو هو؛ يعني شعر جي ميدان ۾ طبع آزمائي ڪرڻ لڳيس. ليکن جيئن تہ اردوءَ زبان تي نسبتاً زياده قدرت حاصل هئي، ان ڪري پنهنجي پهرئين مقالي وانگر پهريون غزل بہ اردو زبان ۾ چيم جنهن جو مطلع آهي:

جلو مين ليکے جو رعنايان رنگِ شباب آيا،
چمن مين پهول شرمائے ستارون کو حجاب آيا.

هي غزل 'بشارت' اخبار ۾ شايع ٿيو. بعد ۾ سنڌي ڪلام کي پنهنجو ڪيم. البت اردوءَ کي بلڪل ڇڏي نہ ڏنم. بعض قريبن چيو تہ اردوءَ ۾ لکان، چاهي سنڌيءَ کان سٿو لکندیس تہ بہ اردودان طبقو پنهنجي تعصب جي ڪري منهنجي پوزيشن قبول نہ ڪندو. ليکن مون خيال ڪيو تہ ڪير بہ ڪنهن جي پوزيشن قبول نٿو ڪري، پنهنجو مقام پاڻ حاصل ڪبو آهي ۽ ان لاءِ ارادي جي مضبوطيءَ ۽ خلوصِ نيتيءَ جي ضرورت آهي. ٻيو تہ اردو ڪنهن خاص گروهہ جي زبان نہ آهي. پارٽيشن کان پهرين بہ هيءَ زبان نہ صرف سنڌ ۾ رواج ۾ اچي چڪي هئي، ڪيترا ڪئي بلند پايہ شاعر مثلاً سچل سرمست وغيره هن زبان ۾ ڪلام چئي ويا آهن. لهٰذا منهنجي لاءِ ممڪن نہ هو تہ هن زبان ۾ ڪجهہ چوڻ کي ٻي گناهہ سمجهان! بهرحال مون هڪ ٻي وقت سنڌي، اردو، ملتاني ۽ پنجابيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو، مضامين ۽ اشعار لکندي هيس ۽ مختلف نالن ۾ شايع ڪرائيندي هيس. انهيءَ کان ٿورو پهرين بزمِ خليل طرفان پکي پير گاڏي ڪاتہ ۾ لطيف ڊي منايو ويو هو، جتي مون پاڻ وڃي نظم پڙهيو، ۽ پردي جي پٺيان ۽ 'ساحره' تخلص سان.

سن ۱۹۶۰ع کان منهنجي طبيعت ڪجهہ خراب رهڻ لڳي، سن ۱۹۶۳ع جي ابتدا تائين مرض ايترو زور ورتو جو منهنجا معالج نااميد ٿي ويا. ڏينهن جو اڪثر حصو مون کي انجيڪشن جي وسيلي بيهوش رکيو ويندو هو، مبادا هوش ۾ اچي تڑپڻ لڳان. انهيءَ دوران جڏهن ٿوري طبيعت ٺيڪ ٿيندي هئي، تڏهن ڈاڪٽرن جي هزار منع جي باوجود لکڻ شروع

کندي هيس. انهيءَ ٿي عرصي ۾ مثنوي 'فتح استنبول' سنڌي ۽ مثنوي 'سوز و ساز' اردو لکيم. جيئن ته ان وقت تائين کنهن به استاد جي دامن نه ورتي هيم تنهنکري قافيه جون غلطيون نه ٿيڻ ممکن ٿي نه هو. شاعريءَ ۾ آخر استاد جي ضرورت پئي. منهنجي شاعريءَ جو پهريون سبق محترم رشيد احمد لاشاريءَ جو مرهون منت آهي. اسپتال مان جڏهن گهر آيس، تڏهن پهريون ڪم استاد ونڻ هو. ان سلسلي ۾ قبل ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم صاحب 'خليل' مدفيوضه جي خدمت ۾ پهتيس ۽ ڪامياب موٽيس جو قبل موصوف مون کي پنهنجي شاگرديءَ ۾ قبول فرمايو. ۱۹۶۵ع ۾ حضرت مولانا محمد اسماعيل صاحب رزي جيپوري مدفيوضه جي اڳيان زانوئے ادب تهه ڪيم.

سنڌيءَ ۾ ته منهنجو ڪلام شايع ٿيندو رهيو، ليڪن اردوءَ ۾ 'بشارت' کان پوءِ منهنجو ڪلام قبل ذهين شاهه صاحب تاجي مدفيوضه پنهنجي ماهنامه 'تاج' ڪراچيءَ ۾ ايڊيٽوريل نوٽ سان شايع ڪيو. ائين چوندي عار نٿي پائيان ته جيتري همت افزائي منهنجي پنهنجي زبان وارن ڪئي، ان جيتري اردو وارن به ڪئي. منهنجو استاد مولانا رزي صاحب اڪثر اشعار ٻڌي همت افزائي ڪندو آهي ته اهڙا اشعار اسان جي عمر وارن کي چوڻ گهرجن، تون ڪيئن ٿي چوين! مون کي ياد آهي هڪ مشاعري ۾ محترم محسن پوپالي صاحب استيج تان لهي اچي مون کي مبارڪ ڏيئي منهنجي همت افزائي ڪئي.

مان پنهنجن استادن کان ايڏا به عروض پڙهي رهي آهيان ۽ هميشه پڙهندي رهنديس، خواهه عروض خواهه فلسفو. ادب ۽ فن ۾ ايڏا خام آهيان، ليڪن فڪر شعر وقت ضروريات فن جي ابتدائي اصولن جي پابندي ضرور ڪريان ٿي. سنڌي، پنجابي ۽ ملتاني ۾ نور 'شاهين' اردو ۾ 'هما' تخلص ڪريان ٿي.

بيمارين جو سلسلو ختم ٿيندي نظر نٿو اچي. ليڪن اهي جسماني تڪليفون علم جي پياس کي ختم ڪري نٿيون سگهن. هڪ سال امتحان هال ۾، هڪ سال اسپتال ۾ تڙپندي گذرندو رهيو آهي، انهيءَ ٿي ڪشمڪش ۾ هوميو ٽريننگ ڪاليج مان ۱۹۶۳ع ۾ ايم. ڊي. ايڇ (ڊاڪٽر آف ميڊيسن) جي ڊگري فرسٽ ڪلاس ۾ حاصل ڪيم ۽ ڪاليج جي طرفان خصوصي اجازت ملي، پنهنجي ماڻي جي پٽيان ايم. ايڇ. ٿي. سي لکڻ جي. ۱۹۶۶ع تائين هڪ طرف اديب فاضل ڪيم ۽ ٻئي طرف بي. اي. تائين پهتيس ته وري بيماريءَ جو شديد حملو ٿيو. نوبت آپريشن تائين پهتي، منهنجي هر معالج مون کي آرام ڪرڻ لاءِ چيو، ليڪن علم جي تانگهه آرام ڪرڻ نه ڏنو، هر انهيءَ بزرگ کان استفادي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي جنهن وٽ علم جي هونجي ڏسان ٿي.

منهنجي اشعار ۾ تانگهه ۽ تڙپ کي دخل آهي. منهنجا مضامين ۽ افسانا وغيره تنقيدي، علمي ۽ اصلاحي ٿين ٿا، ۽ مختلف اخبارات و رسائل ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. منهنجون لکيل

گيتن پريون کهاڻيون، افسانا ۽ فيچرز نثر ۾ خواهه منظوم ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندا رهن ٿا.

منهنجو ڀهريون ڪتاب ترجمو آهي. 'ڪريمڊ نو راجپر' صاحب ڊپٽي ڊئريڪٽر ايگريڪلچرل، پنهنجو ڪتاب "آمريڪا جو سفر" مون کي ڏنو، جنهن کي مون اردوءَ ۾ آندو، بنام "ديارِ غير".

ٻيو ڪتاب "رُس ۽ سوويٽ يونين" سنڌي ڪلام جو مجموعو لطيف اڪيڊمي سکر طرفان شايع ٿيو آهي.

ٽيون ڪتاب "اسلامي عهد ۾ سک قوم" ترجمو آهي ۽ سکر ۾ آهي.

چوٿون ڪتاب "بهارِ جنون" اردو ڪلام جو مجموعو معظمي مولانا رزي صاحب جئپوري جي نظرِ اصلاح لاءِ ويٺن آهي.

پنجون ڪتاب "مثنوي فتح استنبول" تقريباً سورهن سؤ اشعار تي مشتمل آهي، هن ڪتاب تي استاد محترم حضرت شيخ محمد ابراهيم صاحب 'خليل' اصلاحي نظر ڪري رهيا آهن.

ڇهون ڪتاب ترجمو آهي حضرت محدث عبدالعزيز صاحب دهلويءَ جي ڪتاب 'تحفهء اثنا عشريه' جو. هي ڪتاب جيئن ته ضخيم آهي، لهٰذا اراده آهي ته حصن ۾ ورهائجي. هن جو ڀهريون حصو استاد محترم و مڪرم جناب مخدوم اميراحمد صاحب پرنسپل سنڌ اورينٽل ڪاليج ڪي ڏنل آهي ته جيئن عربيءَ جون خاميون ڏسي فرمائين.

ستون ڪتاب "مذهب اور تصوّف" اردو، مڪمل آهي، ليڪن جيستائين ڪنهن جيد عالم جي نظر مان نه ڪرندو تيستائين ان کي شايع ڪرائي نه سگهبو.

هڪ سنڌي ناول 'لئليٰ'، هڪ ٻيو سنڌي ناول ۽ ٻه اردو ناول جن جا مڪمل ٿيڻ کان پوءِ به نالا نه لکيا اٿم، انهن جا مسودا پيل آهن.

هن وقت حضرت 'بيدل' رحمة الله عليهٔ جي تصنيف 'پنج گنج' جو ترجمو زير قلم آهي. ان ڪتاب جي ترجمي لاءِ ميمڻ عبدالمجيد صاحب سنڌي پروفيسر اسلاميه ڪاليج سکر منهنجو انتخاب ڪري، پنهنجي علم نوازيءَ جو ثبوت ڏنو آهي، ورنه ڪجا حضرت 'بيدل' رحمة الله عليه جي تصنيف ۽ ڪجا منهنجو علم يا مطالعو! 'پنج گنج' عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن تي مشتمل واقعي هڪ غيرفاني گنج آهي.

ڪنهن به زبان ۾ مان پنهنجو شعر ڪنهن هڪ صنف تائين محدود نه رکندي آهيان. ڪانگل، ٻارهن ماهو، ماهيا، نظم، سانيٽ، ترائيل، مثنويون، چار بيت، رباعيات، قطعات، ڪپليٽس، گيت، غزل، وائيون، ڪافيون، دوها وغيره تي طبع آزمائي ڪندي آهيان. سنڌي زبان ۾ رباعيات ۽ قطعات لکڻ ۾ اڃا دقت پيدا ٿئي ٿي. ملتانيءَ ۾ ڪافين سان گڏ غزل به چيل آهن. مان هاڻ به نوان وزن ناهڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان، ائين جيئن غير عروضي نه بنجن ۽ راڳ ۾ هلي سگهن. ملتاني غزل جو مطلعو:

سجدي ڪيتهي مٿن هار دي قدمان تهي والهانه،
اِيهو عبادت سنڌي هنڌوي اِيهوهي دگانه.

مان لاڳيتو وقت نہ نثر کي ڈهئي سگهندي آهيان نہ لظم کي. ڇهہ-ڇهہ مهنا نظم کان ائين دور هوندي آهيان جئن ان شئي سان لاڳاهو ئي ناهي، وري جڏهن شعر جو غلبو ٿيندو آهي، تڏهن هڪ عرصي لاءِ نثر اهڙيءَ طرح دور ٿي ويندو آهي، گويا ڪڏهن ان سان آشنائي نہ هئي!

مان پنهنجي ڪاليج جي ڪامياب ڊبيٽر رهي چڪي آهيان. ان سلسلي ۾ سنڌ جي مختلف ڪاليجن ۾ حصو ورتو اٿم. فخر ان ڳالهہ جو اٿم جو ڪڏهن به عام شاگردن وانگر پنهنجن استادن کان لکرائي ۽ رٽي نہ وئي آهيان، جيڪو ڪجهہ چيم سو خود سوچيم ۽ خود چيم... ڪنهن مقالي يا تقرير لاءِ يا ڪنهن مشاعري ۾ حصي وٺڻ لاءِ محفلن ۾ تمام چڙو وڃڻ ٿئي ٿو. خواه مخواه جي گهمڻ ڦرڻ ۽ وقت برباد ڪرڻ لاءِ هڪ تہ فرصت نٿي رهي، ٻيو تہ طبيعت به گوارا نٿي ڪري. البتہ هوا خوريءَ لاءِ ڪڏهن رات جو ماڻيءَ کان ٻوهہ جام شوري تي يا ڪنهن ٻئي اهڙي سکون واري جاءِ تي عزيزن سان گڏ وڃڻ کان نہ نٽائيندي آهيان. تاريخي جايون ڏسڻ ۽ بزرگن جي درگاهن تي وڃڻ پسند ڪندي آهيان ليڪن عرس جي دوران نہ. ان سلسلي ۾ پاڪ و هند جي باقي ڪا درگاهہ رهيل هوندي. فقراء ديس چي عزت ڪرڻ فرض سمجهان ٿي. گهر جو وقت صبح کان وٺي رات تائين لکڻ پڙهڻ ۾ گذري ٿو. هن وقت لطيف اڪيڊمي سکر ۽ هوميو ٽريننگ ڪاليج لاهور جي ميمبر آهيان.

ليم ڪلاسيڪي موسيقي پسند آهي. راڳن ۾ مالڪوس وڌيڪ مرغوب آهي ۽ سازن ۾ ستار. پنهنجي اسلاف کان ٻوهہ گوتم بڌ، گيتا جو مصنف سري ڪرشن، آرفيئس (Orphens) ۽ سقراط پسند آهن. بعد جي مغربي مورخين ۽ علماء ۾ چيخوف، ڊاڪٽر سورلي، برنارڊ شاؤ ۽ فلپ، ڪي. هٽي ڪي پسند ڪريان ٿي.

ڪنهن به قوم جي انهن ادبين ۽ شاعرن ڪي پسند نٿي ڪريان جن وٽ پنهنجو فڪر ناهي ۽ لکير جا فقير بنجي زندگي گذارين ٿا، جيڪي صرف گفتار جا غازي آهن.

سين پيدائش ۱۹۳۶ آگسٽ ۱۸.

* * *

فن: مس نورجهان 'شاهين'، پنهنجي علمي، ادبي ۽ شاعريءَ جي فن، موضوع، مواد ۽ پيشڪش جي لحاظ سان، سنڌي ادب ۾ جو مقام پيدا ڪيو آهي، اهو ڪنهن به تفصيلي تعارف جو محتاج نہ آهي:

عطر آن ست کہ خود ببوید، نہ کہ عطار گوید.

اسان جي تاريخ ۾، گهڻ اڙ ڪ عربي، فارسي، اردو، هندي ۽ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ مستورات جي شاعري هڪ اهم باب آهي. اسان وٽ خنساء، ليلائي اخيليه، قرة العين طاهره، زيب‌النساء، راجڪماري، ميران ٻائي ۽ مغل شهزادين جي شاعريءَ کان ڪير واقف نہ هوندو،

اگر خنساء ۽ ليلائيءِ اخلاق جي فن کي مطالع ڪبو تہ ٻوءِ الهن جي فن ۾ غيرت، جوش ۽ جذبات جي ترجماني ملي ٿي. ان سان گڏ، پنهنجن بهادرن پائرن ۽ سندن ۾ جوش سائين جي دليريءَ ۽ غيرت جو جذبات انگيز ۽ غيرت آفرين مرقع ملي ٿو.

قرة العين طاهره تہ پنهنجي اعليٰ ڪردار، اخلاقي آدرش، نقطءِ نظر ۽ نصب العين جي بلنديءَ ۽ برتريءَ جي ڪري، بين الاقوامي شهرت حاصل ڪئي آهي.

طاهره نہ فقط دينيات، ادب، شاعريءَ جي دنيا ۾ نالو ڪڍيو، پر ان سان گڏ بلند مرتبہ خطيب ۽ شعلہ نوا مقرره به هئي.

ان طرح اسان وٽ مغل بادشاهن جي حرم سرا ۾، شعرو شاعري جو فن پڻ ملي ٿو. زيب النساء جي شاعري ۽ سندس نالي ۾ ڇپيل ديوان متعلق ڪي محقق ۽ عالم، مذهب آهن تہ هڪ باشرع، دين ۽ ملت جي محافظ، عالمگير جهڙي سخت گير والد جي نياڻيءَ جي اهڙي شاعري ڪيئن ٿي سگهي ٿي. گهڻن عالمن تسليم به ڪيو آهي تہ اها سموري شاعري واقعي زيب النساء جي ٿي آهي، ۽ ان ۾ ادب ۽ اخلاق جا ڪيئي شهپارا موجود آهن. پارسي ادب ۾ سندس ڇڪو مقام ڇيو ويو آهي.

ويدالت ۽ تصوف جي اخلاقي ۽ آدرشي شاعريءَ لاءِ ميران ٻائيءَ جو نالو ٿي بس آهي. سندس من موهيندڙ گيت، پاڪيزه عشق ۽ جذبات سان ڀريل آهن.

ان طرح راجڪماري تہ آهي ٿي امام حسين جي مدح خوان شاعره! هڪ هندو عورت جي ان پاڪيزه ۽ پختہ ڪلام، اردو ادب ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو آهي، الهن ڪان سواءِ اردو ادب ۾، قديم ۽ جديد دور ۾ ڪيئي شاعره عورتون آهن، جن ڪان اهلِ علم ڇڪيءَ طرح واقف آهن.

ٻيو تہ عربي شاعر وٽ، محبوب جو تصوّر، عورت سان وابستہ آهي. فارسيءَ ۽ اردوءَ ۾، شاعر جو محبوب، عورت ناهي، هندي ۽ سنڌيءَ ۾ عاشق عورت آهي، ۽ محبوب مرد آهي. اردوءَ ۾ اختر شيرانيءَ ۽ اهڙن ٻن-چئن شاعرن، سلميٰ سان خطاب ڪندي ڪجهہ شاعري ڪئي آهي. ان طرح لطيف جي سورمين جي زبان تي، جن سورمن جو ذڪر آهي، اهو تصوف ۽ ان جي پاڪيزه، اخلاق ساز ۽ روح پرور نصب العين تي مشتمل آهي، ۽ مجازاً، انداز بيان نهايت معنوي ۽ پاڪيزه آهي. لطيف جي فن ۾، ڪنهن به سورميءَ جي زبان ڪان، ابتذال ۽ فحاشيءَ جي ترجماني نہ ٿي ملي سگهي خير.

هن دور ۾ اسان وٽ ٻن-چئن مستورات جي شاعريءَ جا مثال موجود آهن، پر زياده تر مس نورجهان شاهين ڪي شهرت حاصل ٿي آهي، جا سندس سوانح حيات، حالات ۽ معاملات جي ترجماني آهي. شاعرانہ جذبات، دل تي چوٽ لڳڻ سان پيدا ٿين ٿا. ناسازگار ماحول ۾، مخلصانہ ۽ جذبات انگيز طبيعت ڪي، جي ناخوشگوار مسئلا اڳيان اچن ٿا، تن ڪان ڪير انڪار ڪري سگهي ٿو.

شاهين جي فن ۾ نهايت دلڪش ڪشمڪش سان ڳڙ، وفا ۽ جفا، هجر ۽ وصال، تعشق ۽ سپردگي، محبت ۽ وارفتگي جي دردانگيز روداد موجود آهي. سندس انداز بيان پختو، شوخ ۽ بيباڪ آهي. سندس فن، بعض اوقات، نهايت نازڪ ۽ لطيف مرحلن تي، دامن فڪر کي داغدار ٿيڻ کان بچائي سگهيو آهي، جو سندس فن جي پختگي جو دليل آهي. اهوئي سبب آهي، جو ان نازڪ ترين مرحلي کي ڏسي، مبالغي کان سواء چئي سگهجي ٿو ته هڪ شاعره، پنهنجي جذبات کي والهانه انداز ۾ پيش ڪري، ۽ نباهي سگهي، مڪمل جي سيخ پچائڻ کان، ڪنهن به صورت ۾ گهٽ ناهي- ان ڪري ئي چوڻو پوي ٿو ته، عورت لاءِ، خاص طرح سان مشرقي ۽ مسلمان عورت لاءِ فني دائري ۾ رهي، فني اصولن موجب، پنهنجي شاعرانه جذبات کي نباهڻ ڏاڍو مشڪل مسئلو بنجي چڪو آهي.

هڪ عورت، حمد ۽ مناجات، نعت ۽ منقبت قومي ۽ اصلاحي شاعريءَ کان سواءِ، ٻي جا به شاعري ڪندي، اها استعارات ۽ ڪنايات جي لطيف کان لطيف پردي مان به، ادبي دنيا ۾، صوري ۽ ظاهري خيال ۽ فڪر سان وابسته بيان ڪئي ويندي. ان ۾ معنويت ۽ رمزيت پيدا ڪرڻ لاءِ، جي به تاويلات ۽ تعبيرات ڪيا ويندا، اهي 'مجاز' جي محدود دائري کان ڪڏهن به باهر نه سمجهيا ويندا.

خوشيءَ جي گاله آهي جو مس شاهين، هن سنگلاخ زمين ۾ والهانه ۽ رندانه انداز ۾ قدم رکي، پنهنجي فن کي شاعريءَ جي فني دائري ۾ آڻي سگهي آهي، ۽ سماجي مصلحت ۽ ۽ روايتي بندشن سان بغاوت ڪندي، فن جي دائري اندر شاعري پيش ڪئي اٿس. سندس فن جي اها بيباڪي، حوصلا افزائيءَ جي لائق آهي. سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾، شاهين ۽ سندس فن، تاريخي حيثيت رکن ٿا. ـــ اداره

بيت

(۱)

سارينديءَ سرتاج کي ننڍون نه ڪن نيٺ،
سي ئي پرت پچائين نينهن جنهين جو سيٺ،
سيٺين ڏاران ويٺ، ڏيهه سڄو اڇيو ڏئي.

(۲)

ڏيهه سڄو اڇيو ڏئي، سيٺين ڏاران ويٺ،
جدائي ٿي جهور ڪري، پوءَ به اڇي ٿي ڪيٺ،
آتا منهنجا نيٺ، هرينءَ جي هسٽ ڪاٺ.

(۳)

هرينءَ جي هسٽ ڪاٺ، آتا منهنجا نيٺ،
نڪي چاهين نند ڪي، آڳ نه چاهيان ڪيٺ،
اڇي مل تون سيٺ، هرت جا هير پري.

(۴)

ستان پچو اي جيڏيون ته ڇو ڪيائين ڏار،
قٽي ويو ڇو دلڙي وڃي قلبين ڏار،
ڪلي هيا ڇو وار، مان له ڏيندس منجهه ڪو.

(٥)

ڪين متيندين ڪپڙا نڪي ناهيندين وار،
تو ٿو وڇڙي وڃ وڏا ٻاڻ ڪري وڃين ڏار،
ڏس اچي دلدار، گوندر گاڏئين سسئي.

(٦)

گوندر گاڏئين سسئي، ڏس اچي دلدار،
نڪا سرمو سيند ڪري نڪا ناهي ٿي وار،
توکان رهي ٿي ڏار، الا جي آڙاهه ۾.

(٧)

راڻي ۾ هڻي کاڻ، جو بيهي سگهيو ڪين،
تکا هٿ کي ٻاڻ، برهه سندي بيراگ ۾.

(٨)

مومل مهڻياب راڻي نہ ڪئي راج ۾،
ڪين جهليو جنهن تاب، سو ٻهانين پڇي ويو.

(٩)

مومل مهڻياب کي، راڻي نہ منجهين راج،
ٻاڻي کائي ٻاج، ڪارنهن لاڻين عشق کي.

(١٠)

گذريا هيام ڪندي جڃي، راڻل ساڻ رهاڻ،
سڃي مولا ٻهر آڻ، مهر پريا ڏينهڙا.

ڪافيون

*

تو دير سجڻ ڏاڍي لائي الا،
وڃي جگر هٿون ٿو جائي.

منهنجا حال هجر ڪيا هيڻا، وڏي زخم سيڻي ٽيا ٻيڻا،
آواز حيات جا جهيڻا؛
دل جان جگر تو وهيڻا، اجهو ٽڪرا ٽين ٽا ٽيڻا،
ڏاڍا چاهه چڙايم چيڻا؛
چا ڦڪيون ڪنديم چا ڦيڻا، جڏهن سورئي ٽيام سگيڻا،
رکيو خيال نہ هر تو ٻائي الا،
وڃي جگر هٿون ٿو جائي.

مون توسان ڪيون جي وفائون، ٽي سوٽيون سي ٽي جفائون،
تنهنجون رمزون عجب ادائون؛
هليون کهڙيون هاڻي هوائون، جي پيار جي لڙ ٽيون سزائون،
ڪٽن ماڻيان تنهنجون عطائون؛
مون لڏيون ڏکن سان لائون، مون کان وسريو تون ۽ آئون،
وڃي هجر جي ٻڌي شهنائي الا،
وڃي جگر هٿون ٿو جائي.

جيڪا تو سان رهي سڪالي، جيڪا آهي هان ڏڪالي،
جنهن ڏار گهڙي ڪين جالي؛
جا آهي وفا جي سوالي، ڪين وار سا واهس خالي،
منهنجي معصوم پولي پالي؛
تون ڪري وٺين ڏاڍي اهالي، مون پيار سان هٿي جيڪا هالي،
اها دلڙي دکن دکائي الا،
وجي جگر هٿون ٽو جائي.

ٽيون سوز و فراق جون ڪاهون، دل لڇيو ڪري ٻيٽي دانهون،
ويو قرب جون بند ٽي واهون؛
ٽي سچ" ويونءِ نڪاهون، نٽيون يار لين تنهنجون راهون،
من" تون ٽي اچين ڪو ٻاهون،
ٻڌي 'شاهين' سڏڙا دانهون، ڪٽي دل جون ڦهري ڪراهون،
من ڪهل پوي توکي ڪائي الا،
وجي جگر هٿون ٽو جائي.

*

جهلي حوري حسن تنهنجي سونهن جي لہ سڻ،
ڪيا بند سيٽي تو حسن جا هڻ.

ڪيئن ويهان ڏوراهن لاه سهيو، سوين لب تي آيا جي شڪوه ڪهيو،
سڀ دل تان وڃن منهنجي يار لهيو، ڳيري لائي جڏهن تون ٻڌين ٽو چئ.

تنهنجي نينهن جا ازلي ٽاڙا اٽم، ليٽين تنهنجي وفا جا ساڙا اٽم،
تنهنجو پيار پيارو پاڙا اٽم، تنهنجي راڙا اٽم وڏ ڪاڪ ڪان ڏئ.

تو دُور ڏکيون جهي توسان ڪهيون، وهي ڪاري وٻون تولہ ڪوڙين وهيون،
تون منهنجو رهٽين سڀ سڪنديون رهيون، ٻي تاب هنيان توڙي حورن جهڙ.

تنهنجي دم سان اڳٽين ٻهار اٽم، تنهنجون ٻانهون سهاڳ جا هار اٽم،
اهي ٻائي ڳچيءَ کي قرار اٽم، منهنجو سرمو، سنده ٻاهوش جي لڏ.

هڪ پل نہ اکين کان دور سهٽين، ٽي پاڇي مثل ساڻوسان رهٽين،
تون جيڏهان ڦرين آءٌ پٺتان کهٽين، تنهنجا روکي ٻيهان سڀ گهيڙ آئون گهڙ.

هڪ گهور سان دل کي گهايو چڏين، ڪئي ڪاٽيون دل تي وهايو چڏين،
ڪوڙين 'شاهين' قدمين جهڪايو چڏين، ڏسين شهر کي ڏٻي جنهن دم وڃ.

*

ڪين ڪجئين پاڻا ڏار يار،
اي اڏرن جـا آڌار يار.

تو لئہ لنو لنو روح چريو ٿم، ساه نہ غفلت منجهہ سريو ٿم،
روح رنـو زارو زار يار،
ڪين ڪجئين پاڻا ڏار يار.

هريم پڙس تنهنجي مـان سار، دل جي سمجهہ تون منهنجي مار،
سگهڙي لهجئين سـار يار،
ڪين ڪجئين پاڻا ڏار يار.

روز رڙان پـئي پنجي پـڌر، سانول سهڻا تـون مـوت مڌر!
برهہ جـا لاهينم بـار يار،
ڪين ڪجئين پاڻا ڏار يار.

نرمين 'شاهين' من جون موهڻيون، سختيون ۽ ڏولڻ تنهنجون سهڻيون،
پيارا پيارن جـا پـار يار،
ڪين ڪجئين پاڻا ڏار يار.

*

ويندي ويل جو مون ڏي نهاري وئين،
منهنجا پيٽي جهان تـون ڪاري وئين.

چريا چشم ٿي چاهہ مان چاڙہ چو، چائي نيـڻ وري ٿـي لـاڙہ چو،
ويهي ساهون دل ڪي گهاڙہ چو، چـو قـلب ۾ پـارڻ پـاري وئين.

پائي پرت جا پير تون پيار ڪري، ڪجهو پيار ۾ ويـڑهيل وار ڪري،
مون سان پـارڻ جو اقـرار ڪري، پنهنجي قول وفا سان ماري وئين.

اڳ تو ٿي ڪئي هر ڳالهہ ۾، ها، ڪو پل نہ ٿئين ٿي مون کان جائي جدا،
منهنجا نـاز ڪٹ هٹي تنهنجي ادا، پـر منهنجو تـہ پـيڙو تاري وئين.

ڪنيون هاڻ سان وئين پنهنجا لاز انداز، مون کان چڏي وئين ڪي رمزون راز،
ڪنيون ياد سان دل وئين، دل جا باز، پنهنجي ياد هتي تون وساري وئين.

ڪري شاهـد عـرشن فـرشن ڪـي، چوي 'شاهين' ويٹي واکي وڏي،
منهنجي ٿيون تہ جمار جون حاصل ٿي، گهڙيون جيڪي گڏجي گهاري وئين.

*

جيڪي چٽڪي دل کي ڇاڻي ويا،
آوهي دونهان درد ڏکائي ويا.

جن ساعت نئين ذري ڌار رکيو، جن دل تي لئي ڏک وار رکيو،
مون کي ڏک سک ۾ جن يار رکيو، سي ڌاريو ڪري ڇڏائي ويا.

جن خواب ۾ ڪين کو غير ڏٺو، اڄ جهولڙ ڪيو تن جي غير ميڙو،
لکيو لوح و قلم ۾ ڇا راز چٽو، مون کي پنهنجا ٿي ۽ ڇاڻي ويا.

جن عشق وفا جي ٿي راند رچي، جهي عشق ۾ آيم لال ٻچي،
دل دام ڪٽون جن جي ڪين بچي، سي پاڻهي پاڻ ڪاهائي ويا.

ڏاڍي ٻيوس آهيان ٻاهين ۽ سان، اِها ڪنهن کي وڃي مان دانهن ڏيان،
نئي شاهد يا کو گواهه ڏسان، هو ته ڇٽڪن ساڻ وڃائي ويا.

*

سڄڻ دل سان دلڙي ملائڻ هليو آ،
وفائن جو وارو وڃائڻ هليو آ.

تون مطلوب منهنجو تون ئي آهين طالب،
ڪڏهن منهنجي دل تي نه ٻيو ايندو غالب،
وکوڙيٺ ونگن ۾ جگر جان قالب،
محبت کي عرشين ٻچائڻ هليو آ،
ٻلا ٻال ٻنهنجا ٻلائڻ هليو آ.

مان سمجهان ٿي ناهين سڄڻ تنگ دل جو،
رکين ڪين ٿو غير ۽ زنگ ٻيو کو،
جفا جي نه جوٽين ڪڏهن جنگ تون ٿو،
تڏهن ٿي چوان دل، ڏيائڻ هليو آ،
اجهيل ديپ دل جو جلائڻ هليو آ.

سندم درد جو تون ئي درمان آهين،
خدائي سندم جو تون سلطان آهين،
ڪنل کي ڪهڻ جو تون سامان آهين،
ادائن جون ڪاتيون وهائڻ هليو آ،
غمر دو جهان کان ڇڏائڻ هليو آ.

ملیا ڇو وڇوڙي جا انعام تنهنجا،
اڇن ياد پلپل ٿا انجام تنهنجا،
ٻڌائن ٻڌي دل جا پيغام تنهنجا،
اهي ٻڌڪا ساڳيا ٻڌائن هليو آ،
مون کان منهنجي هستي وڃائن هليو آ.

ڊڇي ڪين دنيا کان هي در ڇڏيندیس،
وفائن جون ساڙيون اتيئي اڏيندیس،
جفائن جي دنيا وفا ۾ ٿيندیس،
اهو گفتو ٻل آزمائن هليو آ،
اچي خود به همت وڌائن هليو آ.

سندءِ منهن آ مصحف ۽ قرآن منهنجو،
محبت فقط دين ايمان منهنجو،
ٿمر آخرت جو هي سامان منهنجو،
منهنجا هار ملاح رسائن هليو آ،
مون کي سرخرو تون بنائن هليو آ.

اهي نرگسي نين، ڪاڪل سُنهري،
هو زنجير دل جا، ۽ هي باز بحري،
ٻتا تن ۾ ابرو به جڻ ٻاڻ قهري،
انهن ساڻ 'شاهين' کي کهائن هليو آ،
اجايل جي اجڙي آڇ ائن هليو آ.

واڻي

دل سُڃ* سان سينو ٻئي ساهي، هتي کو به قرار نه آيم.

ڪنهن جي جفا ڪين جهوريو جگر کي، جهوريم ٻنهنجي وفا ٿاهي ٿاهي،
الا هتي کو به قرار نه آيم.

ڪلهو ڪلهي ساڻ ويٺم ملائي، لوڪان هجر لاڪٻاهن کي لاهي،
الا هتي کو به قرار نه آيم.

ڪهڙو خزائن جو ڏوهه ڪيو مون، ٻيون منهنجي بهارن ۾ ڪاهي،
الا هتي کو به قرار نه آيم.

بنگلا ماڑيون محل تا کائين، بنان پيرن کو ويلو ئي ناهي،
الا هتي کو به قرار نه آيو.

گاهي ماهي ٿي محب ملين ها، وجي ويٺين چو ناهه تون ناهي،
الا هتي کو به قرار نه آيو.

سيج پلنگ اطلس نه وڻن تا، دل 'شاهين' اداس آهي،
الا هتي کو به قرار نه آيو.
پيئر هت کو به قرار نه آيو.

گيت

مان دکياري پريت جي ماري ويئي ليو وهايان!

تو بن جيون سائي اجڑيون آهن جيون راهون،
منزل منزل گولين توکي منهنجون آداس نگاهون،
آءٌ ايائي نينهه نماڻي پريت کري پچتايان!

پريت جي پياس انوکي ساجن کير سکهي ٿو لاهي،
چاهت متجي کين ٿي هرگز کيڏو کٹي کو چاهي،
برهه جي باهه ٻري ٿي من ۾ جيئن جيئن مان ٿي اجهايان!

جيون نيا دک جي ساگر ۾ ٿي لوڏا کائي،
مان دکياري پريم مسافر 'شاهين' پار پچائي،
دور کنارو لاهي سهارو واڻون ٻئي واجهايان!

لوڪ گيت

پنجابي صنف ماهيا

تون منهنجي دعا ٻنجي،
اڄ يار سجڻ جلدي - ساون جي گهٽا ٻنجي،
تون منهنجي دعا ٻنجي.

هي عشق چيو منهنجهي،
ٻيکل مان بنان تنهنجهي - اڄ حسن وفا ٻنجي،
تون منهنجي دعا ٻنجي.

آئينءِ تون قسمت ءِ،
مئخانءِ الفت ءِ - مخمور ادا بنجي،
تون منهنجي دعا بنجي.

تون گهارين ٿو مستي ءِ،
هن گلشنِ هستي ءِ - گلبن جي فضا بنجي،
تون منهنجي دعا بنجي.

'شاهين' نہ ڪڏهن ڪاتي،
هي عشق مايءِ ذاتي - جڙ راهِ لڀا بنجي،
تون منهنجي دعا بنجي.

*

اي ڪاش ڪا تدبير ٿئي،
بيمار کي تنهنجي عطا - هاڻي ته ڪو اکسير ٿئي،
اي ڪاش ڪا تدبير ٿئي.

منهنجي دلِ نادان جي،
مني جي هن قرآن جي - ڪجهه ته پلا تفسير ٿئي،
اي ڪاش ڪا تدبير ٿئي.

بيحد سئءِ درد و الءِ،
هاڻي ٿئي نظرِ ڪرم - منهنجي سنئين تقدير ٿئي،
اي ڪاش ڪا تدبير ٿئي.

مون محب کي سجدا ڪيا،
تقصير گر آهي اِها - اهڙي وري تقصير ٿئي،
اي ڪاش ڪا تدبير ٿئي.

'شاهين' شل صدقي وڃان،
مان عمر جي هن قيد کان - جي زلف جي زنجير ٿئي،
اي ڪاش ڪا تدبير ٿئي.

*

ويندين سڃڻ کين لهي،
مان ته ڪهي توڏي ڪهيو - اڃ تون ڪڏهن مون ڏي ڪهي،
ويندين سڃڻ کين لهي.

بيمار ڏيون، پيار وٺون،
بيمار جا انبار وٺون - ايندين وري کين وهي،
ويندين سڃڻ کين لهي.

ضد" ڪري پاڻا پري،
هرڪو رسڻ ترڪ ڪري - ڪهاريون وري هاڻ ٿهي،
ويندين سڃڻ ڪين لهي.

تانگهي ٿي 'شاهين' نظر،
عمر نڻو ترسين اڪر - وچ تون پلا ڪجهه رهي،
ويندين سڃڻ ڪين اهي.

*

تقدير نظر آيم،
دلدار هٿان زهر پي - اڪسير نظر آيم،
تقدير نظر آيم.

ڪجهه هوش نه هو ساقي،
هر پير مغان ساقي! پي پير نظر آيم،
تقدير نظر آيم.

مان خود ڪان ويس گم ٿي،
آئيني ۾ پي تنهنجي - تصوير نظر آيم،
تقدير نظر آيم.

مون ڏي جا لکيئه چٽي،
سا ڪاتب تقدير جي - تحرير نظر آيم،
تقدير نظر آيم.

'شاهين' پري ڏٺم،
دل چاڪ ڪري ڏٺم - ڪٽي تير نظر آيم،
تقدير نظر آيم.

*

ڄ سڃڻ مٺه نوش ايندو،
هوش منهنجي ڪي وڃائڻ - منهنجو هو مٺه هوش اينڌو،
اڄ سڃڻ مٺ نوش ايندو.

ڪو بهارن ڪي وڃي چئي،
ڪجهه تر سينگاريو چمن ڪي - جلوهٔ گلپوش ايندو،
اڄ سڃڻ مٺ نوش اينڌو.

عشق جي جنت ملي ٿي،
ناهه ڪو آغوش ڪي غم - عشرت آغوش ايندو،
اڄ سڃڻ مٺ نوش ايندو.

ساڻيو! 'شاهين' سنياڻجو،
گهر ۾ منهنجي، اڄ هو منهنجو راهزن هوش ايندو،
اڄ سڄڻ مٺو نوش ايندو.

غزل

●

جي دل جي جلڻ بعد ٿيا پيدا شرارا.
مون تنهن ۾ ڏٺا عشق جا ڪي شوخ نظارا.

همٽ نه جهلي حور، نڪا جن" و ملائڪ،
صد شڪر غمِ عشق کيو مون ٿي گوارا.

حاصل جو ٿيو رازِ بقا رازِ فنا ۾،
ٻوءِ اهلِ فنا لاءِ ٿيا ڪن" ڪنارا.

مون خود ڪي ڪيو آهي فنا تو ۾ اي جانان،
تون غير نه ڏنهنجو ڪو مون ڪي سمجهه خدارا.

ڪو دم نه ڪجيو منهنجو ڪڏهن توڪي وساري،
شاهد هي اڌ حال جا سورج ۽ ستارا.

جو عڪس ڏسي هوش هو موسيٰ جو خطا ٿيو،
مان تنهن جي حقيقت کي ڪريان ڀيٽي اشارا.

ڀڄلين جو ٻلا ڪهڙو رکي خوف سو 'شاهين'،
جنهن سوزِ محبت کي کيو دل تي گوارا.

●

مئڪدي ۾ رات ڇا ديدار تنهنجو عام ٿيو؟
زاهدن جي جبّه و دستار جو ليلام ٿيو.

ياد آهي محفلِ وارفتگي ساقي! مگر،
ڪجهه خبر ناهي ڪڏهن گردش ۾ مئي جو جام ٿيو.

"ڪافرِ عشقم مسلماني مرا درڪار نيست"،
تنهنجي ٻوڃا توکي سجدا منهنجي لئه اسلام ٿيو.

جذبهء جوشِ جنون کان آءٌ ايڏي ٻيرخي،
راهِ الفت ۾ جنون، عقل و خرد جو نام ٿيو.

قرب جي شب هوش پنهنجا گم ڪري ويهي رهيس،
بيخودي مستيءَ جو مون لئہ قرب ۾ پيغام ٿيو.

روز و شب تنهنجي تجلّي کان علاوه ناهہ ڪجهہ،
صبح تنهنجو رخ ٿيو، زلفن جو لالو شام ٿيو.

حوصلي جي سربلندي، شهہ بلندين کي ڏني،
عرش اعظم صرف هڪڙي منهنجي وک جو گام ٿيو.

عرش کان نڪتي وڃي 'شاهين' ڪهڙو پرتي مگر،
راهہ ۾ آهي مه و انجم جو حائل دام ٿيو.

●

جانِ بهار آيو، بهارون نثار ٿيون،
صد حمد بيقرار دليون اڄ قرار ٿيون.

رندن ڏي آيو آهي هلي پاڻ منڪدو،
رندانہ مستيون ڪي وڏي باده خوار ٿيون.

بلبل ڪي چهڪندو ڏسي گلشن ۾ خوش تمام،
غنچن جون اڄ دليون ٻه ٽڙي لالہ زار ٿيون.

پنهنجي صنم جا صحن ٿيي پنهنجي ڏسي قدم،
ويران جهوپڙيون گلِ رشکِ بهار ٿيون.

ساقي ڪي سرڪي ڏيندو ڏسي آبِ آتشين،
"ڏي جام" جون صدائون جوان باربار ٿيون.

اڄ حسن و عشق ۾ لہ رهيو آهي فرق ڪو،
ٿيو حسن، عشق، جنهن جون وفائون شعار ٿيون.

پيغام پهتو قرب جو قبلِ هلالِ عيد،
عيدن کان پهرين عيدون اچي سازگار ٿيون.

قلقل سان آئي جو ندا، تُہ تُہ ٿي اذنِ حق،
خوابيده ڏڙڪنون ٻه اڻي نغمہ بار ٿيون.

تڪميل ٿي بهارِ گلستان آرزو،
'شاهين' تي وفا جون عطائون هزار ٿيون.

●

کو پيار جو وعدو ئي ملهي نام محبّت،
آغاز جو اقرار آ انجام محبّت.

دک درد الم رنج و محن زخم، کراهون، چا چا نه ملیو پيار هم انعام محبّت.
کجهه داغ ملیا دل کي اٿم، زخم جگر کي، کا آه رکيل لب تي ٿي اکرام محبّت.
هر رشتو ڇڪي، دنيا ڇڏي، پنهنجا ڇڻ ٿا، ڇڏو نه کڏهن آهي مگر دام محبّت.
دلیا کان ڪري بند اکيون اڳتي وڌي هل، توڏي ٻيو اچي ڏس هو وڏيو گام محبّت.
سر لاهي ۽ ساڻي جي اڳيان لقد رکيوسين، اي ڪاش ملي هاڻ ئي کو جام محبّت.
هر صبح سان پنهنجو تون وجي نذر صنم ڪر، 'شاهين' کڏهن ايندي نه هوء سام محبّت.

قطعات

(۱)

هٽ وڏائي ڏي سڪرائي ڏي،
ڏي مگر ساڻي کجهه وڏائي ڏي،
ننگ ساڻي گري آهي اي دوست:
ظرف منهنجو نه آزمائي ڏي.

(۲)

هڪ پيري وس کعبي، بتخانو نظر آيو،
بتخانو ڦري ٻيهر، پٺمانو نظر آيو،
وڪ جلدي ڪنيم 'شاهين' نظرن سان وڏي ٻيتم،
جو ساڻي نظر آيو، منخانو نظر آيو.

(۳)

کجهه ته ڇنواي دوست وئي کيڏهن اها تنهنجي جواني،
هر قدم تي هو فسون تنهنجو، کڏهن سحر بياني،
حسن تي چانيا اٿئي اڄ ڇو هي آثار قديم،
تلخ ٿي هاڻي لڳي هئي جا کڏهن شيرين تراني.

(۴)

تنهنجي دنيا تنهنجي آهي منهنجي منزل ناهه دوست،
تنهنجي الفت سان وفا حاصل نه ٿيٽي آهه دوست،
وقت جو مرهم چڙهيو هٽ آهه ڏاڍو لاجواب،
توکي 'شاهين' جو وسارڻ هاڻ مشڪل ناهه دوست.

رباعيات

(۱)

آلامِ فراق کي هي دعوت ڇو آ؟
کجهه ناهه ته ٻوءِ اها ٻري کت ڇو آ؟
هر شعر دکيل آ جڻ جهنم 'شاهين'،
هي دوزخِ انتظارِ فرقت ڇو آ؟

(۲)

هڪ سوز جي آبشار تنهنجا اشعار،
لاوا يا ڪ سيلِ نار تنهنجا اشعار؛
هر شعلہ ٻٽي برق جيان ساڙين ٿا،
اف دوزخِ انتظار تنهنجا اشعار.

نيون طرزون

ترائيل

صبر کز کين تڙپ، قرب جي راحت جي کري،
کجهه تڙپ مان نہ ٿيو آهي نکي ٿيندو کڏهن،
کا گهڙي نيٺ ملي ويندي محبت جي کري،
صبر کر کين تڙپ، قرب جي راحت جي کري.
ڇا تون تڙپين ٿي اي دل! پستيءِ همّت جي کري،
عشق حاصل ٿيندو پر هوندي هي همّت بہ جڏهن،
صبر کر کين تڙپ، قرب جي راحت جي کري،
کجهه تڙپ مان نہ ٿيو آهي نکي ٿيندو کڏهن.

سانيٽ

ڇو سرِ راه صنم توسان شناسائي ٿي،
هوش پنهنجي کي وڃائي سدا ديوائي رهيس،
غم رهيا مون سان لڳي، ٻاڻ کان بيگانو رهيس،
تنهنجي الفت جي کري پيار جي رسوائي ٿي.

ٿي حقوقت بہ زمانی ۾ فسانو منهنجي،
سايہ زلف صنم کان جو تهي دست رهيس،
يادِ ماضي کي دمر زهر ڪري مست رهيس،
جو وفا آهي ٻيا جو ٿي نشانو منهنجي.
لذتِ ديد کان محروم نگاهون آهن،
ٻيو نہ ڪجهہ باقي رهيو آهہ هن ويراني ۾،
ياد جا صحرا اٿم دل جي صنمخاني ۾،
هجر جي دنيا جون ٻردرد فضائون آهن،
ٿي نہ دل شاد ڪڏهن هاڻ بہ برباد اٿم،
روز و شب تڙپي گذاري ٿي جواني منهنجي،
نيٺ اشڪن سان لکي ويندي ڪهاني منهنجي،
تو ڪري قول نہ ٻاريا سي قسم ياد اٿم،
ٿيا نہ جي اشڪ روان آندي انهن طغياني،
ڪجهہ رهي کين کا 'شاهين' بجز ويراني.

مثنوي

مثنوي صد آه

اي حسين سائي! طلب منهنجي بہ تون محبوب تون،
زندگي جي جان تون ۽ طالب و مطلوب تون،
تنهنجي قدمن ۾ اچي حاصل ڪئي مون زندگي،
زندگي کي وٺي سلي رونق، سلي تابندگي،
روز و شب گذريا اٿم تنهنجي حسين آغوش ۾،
بي خودي ۾ ڪجهہ گذر ٿيا، ڪجهہ گذر ٿيا هوش ۾.
آهين تون اهڙو صنم جنهن تان فدا ارض و سما،
ڇا ڪري توکي سڏيان؟ ساهِ منوّر؟ مهہ لقا!
ٿيو ٻهاڪو روز و شب جو، گردشِ ليل و نهار،
درحقيقت تنهنجو صدقو آهي عالم جي بهار.
تنهنجي دم سان لالہ و گل، موسم گل کي بقا،
اکهتِ گل عنبرين تنهنجي نفس ڪئي دلربا.
حسنِ اخلاق و وفا تو وت رسيو معراج تي،
کين سهڻو آهي ٻيو جو ٻهچي تنهنجي گرد کي.

تنهنجي هستي تان ٿيـن باغ ۽ بستان نثـار،
منهنجي اميدّن جـو تـون سرسبز آهين لالـه زار.

غيرتِ ماهِ منـور تنهنجو چـهـرو اي حبيب،
حسن يوسف دست بسته تـو اڳيـان گويا نقيب.

تنهنجي مدحت ۾ رهـي ٿـو هـر نفس ۽ وار وار،
شاهِ خـوبـان! ماهِ کامل تنهنجي آڏو داغدار.

ٿو کرين پٽر جگر کـي هڪ ادا سان رام تون،
طـائـرِ دل لئه قفس تون اي صنم ۽ دام تـون.

دلفريبي، دل ڪشي جـو اهـڙو تـون آهين قفس،
قيد ۾ جنهن جـي رهـڻ لئه تڙپي ٿو مرغِ نفس.

حسنِ عشق و ناز جـو تون شان منهنجا دل نشين،
نقشِ پـا تنهنجا ڏسـي سجدا ڪيا منهنجي جبين.

عڪسِ حسنِ روز اوّل صنعتِ پـاڪِ جـمـال،
صانعِ قـدرت جـو تـو تـي ختم ٿيو آهـي ڪمال.

چال تنهنجي نغمه گر جي لئي آ جنهن تي دل نثار،
تنهنجي قامت جـي اڳيان آهـي قـيـامت شرمسار.

مست ٿـي تو تي ملاحت، صدقي صدقي ٿيو گداز،
محوِ حيرت ناز تي تنهنجي ٿيو خـود آهـه ناز.

پيار سان تـوکـي عطا قـدرت ڪئي سرشار دل،
عشق ٿـو واجهائي تـو لئه اڄ اچـي دلدار مل.

ساغر و مينا کـي خمرِ چشم ڪـان مستي مـلـي،
۽ تبسم کـي ڏسي تنهنجي، ڪلي دل جـي ڪلي.

تنهنجي بـرقِ چشم جـا مارا ڏسي اي جانِ جان،
بـرق ٿـي بيخود پڪاريـو العياذ و الامـان.

چشم آهوئے ختن کـي ڪـا مجال و تـاب ناهه،
غرقِ حيرت تنهنجي نيٽن خـود ڪيو صنّاع آهـه.

مستيءِ ڪـيفِ نـظـر مخمور ميخالو ڪـيـو،
چشم جـي گـرمـي سندءِ هـر چـُور پيمانو ڪيو،

هو نشو نيٺن جو جنهن ۾ ميڪدا رقصان ٿيا،
هوش و هستي ۽ خودي عقل و خرد حيران ٿيا.

جامِ چشمِ احمرين تنهنجو، خمُ و ساغر شڪن،
لڙکڙائن، تنهنجا ڪر منڪش قدم زاهد ڏسن.

تيرِ چشمِ ناز تنهنجي ڪي ڏني دعوت جگر،
فخر ٿي جنهن وار تي، اڏو وري ڪو وار ڪر.

سرخيءِ عارض تي ٻڌي تنهنجي، شفق جي ڇا نظر،
شرم ڪان ٿي سرخ ويو آهي رخِ شام و سحر.

هي فلڪ جو حسن، هي رنگينَ ۽ روشن شفق،
آهي تنهنجي پرتوِ رخسارِ رنگين جي رمق.

لال لب سرڪي ڪُلن، لعل و گُهر قربان ٿين،
صاحبِ دل ڪان ڪسي دلڙي وڻن، جي ٻڌي ملن.

خمّ ٿي، رفتار ۾ ٿو تنهنجي شاهانه وقار،
تنهنجي آڏو هر وجاهت ٿي اچي سجده گذار.

تنهنجي ٿي گفتار سان برسات ٿي نغمات جي،
خوش گلو قمري ڪي آهي تات تنهنجي تات جي.

تنهنجي ٿي شيرينيءِ گفتار تي حوروں فدا،
تنهنجي ٿي آوازَ موسيقي ۾ آلدي آ جيلا.

جامعَ حسن و ادا تون، آهين تون بيمثل يار،
مون ٻڌي آغوش ۾ تنهنجي، محبت جي پکار.

عشق، جنهن ڪي تنهنجي رخ جو آهه ڏيکاريو چراغ،
گم ٿي تو ۾ سو، وڃائي ويٺو خود پنهنجو سراغ.

مون اچي قدمن ۾ تنهنجي قرب جو ماڻيو سهاڳ،
۽ ڪيو ساري زمالي ڪي فقط تولڻ تياڳ.

تون لطافت، تون نزاڪت، پيڪرِ رعنائي تون،
تون بهارِ گلستان، روحِ چمن آرائي تون.

تنهنجي خاڪِ پا کان پالهِ هيچ هي ڪون و مڪان،
گلستانِ عشق جو تون باغبان، منهنجا جهان.

اهڙو تون آهين حسين سائي شه ناز و وقار،
ٿي جوان، جنهن جي جوان آغوش ۾ رنگين بهار.

تنهنجي اهڙي او حبيبا دلربا آغوش ۾،
ٿي رقابت مون ۾، منهنجي عقل ۾ ۽ هوش ۾.

قرب ۾ تنهنجي ٿي حاصل زندگاني جي ادا،
۽ مقدر ٿي ملي وئي، هجر کي آه و بکا.

طلعت شب ٿي ڏئو، هر شب اسان جي پيار کي،
نوڪرون ڀهتيون رقيبن جي گهٽيون ٻندار کي.

روح کي تنهنجي محبت جي مسرت ٿي عطا،
لمس تنهنجو ٿي خوشين لئه منهنجي ويو گويا بقا!

عشق پنهنجو هو جوان ۽ هئي جوان هر آرزو،
تو محبت جو محبت کي پياريو ٿي سيو.

پيار ۾ تنهنجي نه تو ۾ ٿي ڏئو مون کوبه عيب،
هر ادا تنهنجي وفا، تنهنجي نظر پيغام غيب.

جاڳندي ٻڌ ٿي ڏٺم دمدم سوين رنگين خواب،
بي سکوني جي سکون تي، هر سکون هو آب آب.

هر تمنا عشق جي مون وٽ اڇي مي ناب ٿي،
شورش عشق و جنون کان مان ويس بيتاب ٿي.

تنهنجو رخ هو عشق ۾ سرشار، گويا گل شهاب،
هر نفس منهنجو ونا جي باغ لئه ٿيو هو سحاب.

ياد ٿي عشق و جنون جي رسز هرڪا ياد ٿي،
ڪائنات دل اڃا ان ياد سان آباد ٿي.

ڪين وسري ٿو نظر سان ٻڌ نظر جو هو مساس،
ياد آهي بيخودي ۾ غرق سارو آسپاس.

ياد ٿي جو هجر تڙپائي ڪيو بيتاب ٿهي،
اڌ ڪُنل وانگر اڇيس ٿي بستر سنجاب تي.

ياد ٿي هٽ کان جهلي تنهنجو نهارڻ ياد ٿي،
ٿي ملیون نظرن سان نظرون ياد ٿي تنهنجو تسر.

هوش ۾ بيهوشين جون ٿيون آمنگون نوجوان،
پيار تي پنهنجي ڪيون سرڪوشيون ٿي ڪهڪشان.

ياد ٿئي شيرين تر هُو تنهنجي قولن جو شراب،
جنهن اڳيان ماکي جي شيريني به آهي آب آب.

ياد ٿئي تو عشق ۾ ڪٽن دل ڪٽي منهنجي چري،
ياد ٿئي ڪٽن ڪشتيءِ دل بحرِ مستي ۾ تري.

ياد آهي سا گهڙي ٿيو صبرِ دل جنهن ۾ حباب،
ٿيون وڌائون جنهن ۾ تنهنجون عشق جو بحرِ شباب.

هوش پنهنجو ڪو رهيو ٿي ۽ نڪو محسوس جو،
بيخودي، مستي، جنون لئه هر لمحو مخصوص هو.

ياد آهي عشق جو هو ڪيف آور ارتعاش
ڪائناتِ حسن جي ڪيو صبر ڪي جنهن پاش پاش.

ياد آهي جزرومد، انفاس جو بي ربط هو،
جنهن گهڙي نظرن ۾ تنهنجي، روح منهنجو ضبط هو.

تنهنجي نظرن سان جا آئي دل تي هڻي ٻهرين خراش،
ياد ٿئي سا ۽ پڪارڻ منهنجو بيخود، آه ڪاش.

ميڪدي مان چشم جي مٽ پي سندءِ مان ٽيس شراب،
تارِ دامن مان ٿي ڦاڻي عشق جو اڪتو شباب.

شربتي ليٽن جي تنهنجي ياد سا سرخي اٿئي،
صبر دل جو خون جنهن منهنجي ڪيو، منهنجا صنم.

ياد آهي عشق ڪان جو ٿيو جنون دل ڪي عطا،
آتشِ هجر و وفا ۾ياد آهي دلربا.

ياد ٿئي تنهنجو ڏسڻ مون ڏي وري مرڪي ڏسڻ،
مرڪي مرڪي شوخ نظرن سان پري ويهي ڏسڻ.

ڇا غضب جي هڻي ادا جنهن ۾ پريو ٻيو هو سرور،
نيٺ تنهنجا پيار جي نشّي ۾ ٽيا ها چور چور.

ڪائناتِ روز و شب تي هڻي محبت جلوه ريز،
هر تڙپ جو هوش ٿيو ٿي عشق جي لئه حشر خيز.

تنهنجي نظرن روح کي دعوت لڇڻ جي ٿي ڏني،
صبر جون واڳون هٿن مان ٿي ويون منهنجي ڇني.

ياد ٿئي جوش و جنونِ عشق جو هو شوق تيز،
هر نفس هو خوابِ غربت جي مهڪ سان عطر ريز.

کوهه پياسي وت ڪڏهن ٿي آيو پياسو کوهه تي،
پر نهي تشنه رکيو هر وقت پنهنجي چاهه کي.

کين آيو ٿي ذرو قلب و نظر تي کو قياس،
هٿ وٺي خود ٿي ڪيوسين هر سڪونِ قلب ناس.

لب پياسا جام لئي پياسو لبن لئه جام هو،
عشق جو ليکن حواسن تي نهي جسي دام هو.

لٽهي ڪا سازِ عشق جي دل ۾ فقط بيدار هئي،
دل زماني جي ٻئي آواز کان بيزار هئي.

عشق جي سوزِ نظر دل کي ڪيو ٿي بيقرار،
صبرِ دل منهنجو ڪٽي وئي، قلب جو ٿيو حال زار.

۽ اهو ٻڙ ياد آهي هجر وارو وقت سخت،
تُنهنجي صورت ۾ اچي جنهن ۾ رُسي ويو هوم بخت.

ڪونه ٿي پيغام آيو تو وٽان پانڊي ڪڏهن،
کين قاصد موڪلڻ جو تاب هو مون ۾ جڏهن.

ويٺي ويٺي بيخودي ۾ خط ڪئي سون ٿي لکيا،
خود لکي ۽ خود پڙهي روئي ڪيم ٿي خود ڏنا.

ڪيترا پيرا سڏي ڪانگل کي مون خبرون ڪيون،
هر دفعي ٿي قلب منهنجي ۾ لهون چيرون ٻيون.

ڏينهن جو ڇا رات جو ڇا ڪونه ڪو آرام هو،
ويٺي سوچيم ڪٿن ڪري پنهنجو وساريو آهه تو.

ياد ۾ تنهنجي وهايا ويٺي هليل لهر سون،
ويٺي ڪاڏا قلب تي فرقت ۾ تنهنجي تير سون.

هجر جي جذبات ۾ سسڪيون ٿي آيون گاه گاه،
کين وسري ٿي اها بيکل جگر جي آه آه.

ياد تر جو عضوو عضوو منهنجو سائو ٿي ٿيو،
جنهن گهڙي مون تي ٿيو ٿي غلبو تنهنجي هجر جو.

پاڪرين مون کي پري ڪيو هجر تنهنجي تنگ تر،
ماهيءَ بي آب وانگر منهنجو ڦٽڪڻ ياد ڪر.

ڪين وسري ٿو نٿي سڄ جي سدا حسرت نٿي،
رات ساري بيکلي ۾ تڙپي تڙپي ٿي وٺي.

قرب جي چاهت ڪيو جانان! مون کي بيجان ٿي،
لوڏو آيو ٿي ذري گهٽ ساهه جي ايمان کي.

هجر وارو وقت ليکن خير سان ٿي ويو گذر،
مان وساري ٿي ڇڏيان ۽ ڪين تون ٿو ياد ڪر.

دوري واري عهد ۾ ٻڌ دل هئي تولٿ چري،
ڪين دوري دوري هئي، ڏس عشق جي جادوگري.

حال ساڳيو ٿو، خلش پئي، دل ٿئي ٿي ڦاڙ ڦاڙ،
اڄ اچي لهه سار، دل جي حال کان غافل مباش.

عشق ۾ ٿي ٻڌي رهون ٿا هڪٻي جو روح ساه،
ويجهڙائي جي گهڙين ۾ دور آهين پر ٻه آه!

اڄ اچي جامِ محبت ڏي اچي مخمور ڪر،
مستيءَ عشق و وفا کي اڄ اچي مسحور ڪر.

عشق لايون اڄ لئون ۽ ٻيڇ ٻايون کي نوان،
سروَرِ ڪونين هاڻي بخت کيا آهن سنوان.

ڪر عطا دل جي ڪليءَ کي خندهٔ بي اختيار،
بخش ڪر اميد جي بستان کي رنگِ بهار.

هر تمنا ٿي سڙي دل جي ڀڪاري المدد!
داغ آهن هجر جا سيني تي منهنجي بي عدد.

هجر ۾ راتين جي سردي ٿي لڳائي سرد آگ،
ڏينهن فرقت جا ڏنگن ٿا جئن ڏنگي واسينگ لاگ.

موجزن بحرِ نفس ۾ جذبهءِ معصوم ٿو،
ڪشتيءِ اميد ساحل کان مگر محروم ٿو.

ٽاڪڙا ٻڌي سفينہ دل ڪي تاري ٻار ڪر،
جان ٻلب آ عشق، سڪ جي سرڪ سان ڪر جان ٻر.

تنهنجي ٿي خمدار زلفن جي سياهيءَ جو تسر،
هجر ۾ حالت دگر ٿي، نا رسائيءَ جو تسر.

عظمتِ مهر و وفا جي سر بلندي جا نجيب،
درد تون، دارون ٻ تون، تون ئي طبيبِ دل حبيب.

خضر آهين عشق جو تون، مان وفا جو ڪاروان،
"هر يڪي را بهر ڪاري ساختند" اي جانِ جان.

منهنجي درمانده جوانيءَ جي تمنّا جو تسر،
تون شرابِ عشق آهين، جام و صهبا جو تسر.

هر ادا تنهنجي وفا، هرڪا وفا محبوب تر،
خوب آهين تون، تصوّر تنهنجو آهي خوب تر.

هر نفس مخمور مستيءَ ۾ ٻڌل، خود تون شراب،
هر قدم ميڪش سندءِ ٻي هرڪا شئ آهي سراب.

تو ترينو پيار ڪي بخشيو، وفائن ڪي شعور،
سر بسجده عشق آهي تو اڳيان منهنجا حضور.

دل جي مخفي پيد جو آهين صنم اظهار تون،
رازهاي عشقِ 'شاهين' لئي فقط سرڪار تون.



رضيه «ناز» پنڌي

۹- مئي ۱۹۴۸ع ۾ پاڪستان جي آزاد فضا ۾، سنڌ جي دل حيدرآباد ۾ اکيون کوليم. سمجهان ٿي ته نديءَ وهيءَ کان ئي هر شئي بابت سوچ ويچار ڪرڻ ۽ ان جي تخليق تي غور ڪرڻ جي عادت هئم، تنهنڪري گهر جي محدود ماحول کان باهر نڪري جڏهين اسڪول جي فضا ۾ پهتيس ته تڏهن ائين محسوس ٿيو جڻ ته پنهنجي خوابن جي جنّت ۾ پهچي ويئي آهيان. هر ٽيچر کان هر سبق بابت سوالن ڪرڻ جي عادت ۽ گهٽي هئي (جا اڃا ۽ قائم آهي)، تنهنڪري تمام ٽيچرس تمام گهٽو پائيندو نه هيون. ڪتاب ۽ ان جي منڍن اکرن ۾ منهنجي لاءِ ايڏي ته ڪا ڪشش هئي جو ٽئين درجي ۾ پهچڻ سان ئي ڪيئي هارن جا آڪاڻين جا ڪتاب ۽ پڙهي چڪيس. انهن ڏينهن ۾ چاچا غلام مرتضيٰ جي ادارت ۾ هارن لاءِ رسالو 'گلستان' نڪرندو هو، جيڪو مون کي تمام گهٽو وٺندو هو. ان کان سواءِ ٻيا ۽ ڪيترائي رسالا، ڪتاب ۽ اخبارون گهر ۾ ايندا هئا، جن ۾ ڍ دلچسپي وٺندي هيس، مطلب ته هر وقت ڪتاب هوندا هئا ۽ مان! حالانڪه ان جي لاءِ ڪيترا ڏڙڪا ۽ سهڻا پوندا هئا. 'حياتِ ادب لئبريري' چاچا مقبول احمد پنڌي جي تحويل ۾ هئي، اتان ۽ جيڪو ڪتاب هٿ ۾ ايندو هو، کڻي ايندي هيس. هاڻا ڪتاب ته ان ۾ گهٽ هئا، پر سنڌي ادب جا ڪيترائي ڪتاب ۽ دلچسپي سان پڙهيم. گهر جي ادبي ماحول کان متاثر ٿي ۱۹۵۸ع ۾ هارن لاءِ نظر ۽ آڪاڻيون لکڻ شروع ڪيم، جيڪي 'خادمِ وطن'، 'مهران' ۽ 'عبرت' ۾ شايع ٿيندا هئا. ۽ انهيءَ وقت ۾ مون کي هڪ ڏهني صدمو پهتو، يعني پنجين درجي ۾ پهچڻ شرط اسڪول کي ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو (اهيو اُهو وقت هو جڏهين اتي جي هيڊ مسٽريس مون کي نمايان پوزيشن حاصل ڪرڻ تي پنهنجي طرفان اسڪالرشپ ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو). عمر سارو گهٽئي ڪوششون ڪيم، رُنس، بک هڙتال ڪيم، هر وريو کي ٻڌايم! ويتر جو بيمار ٿي پيس، ٻوءِ ته گهر ۾ اسڪول جو نالو وٺڻ ئي گناهه بنجي پيو، ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر پڙهڻ کان منع ڪئي هئي. اهڙي طرح ۱۹۵۹ع ۾ پنهنجي پياري اسڪول کي خدا حافظ چيم، مگر ڪنهن جو سات ڇڏي نه سگهيس ۽ پڻ لکڻ جو سلسلو جاري رکيم. ڏاڏا محمد موسيٰ 'راز' ۽ ڏاڏا عبدالله 'خواب' (ٻئي پاڻ) جن جا ڪجهه شعر مطالعه مان گذريا ۽ پڻ حافظ محمد حيات شاهه جي ديوان مان ڪجهه قدر فيض ورتم. شعرن جي اصلاح لاءِ ڏاڏا عبدالله 'خواب' جن کي گذارش ڪيم، جن اصلاح سان گڏ همت افزائي پڻ ڪرڻ فرمائي. واندڪائيءَ ۾ گهرو ڪمن ۾ گهرو هنرن تي شوق رکيم ۽ اهو فن ئي منهنجي وندر بنجي ويو، مگر تعليم

حاصل نہ کرڻ جو احساس منهنجي ذهن جي ڪمزوري بنجي ويو ۽ اهو احساس ڪمتري مون کي هر قدم تي ڏنگيندو رهيو.

زمانو بدلجي ويو، ذهن تبديل ٿيا، نون قدرن جون ٻاکون ڦٽيون ـــ منهنجي ڪوشش سان آخرڪار ۱۹۶۷ع ۾ وري تعليم حاصل ڪرڻ جي موڪل ملي، پر ان وقت جڏهن منهنجيون تمام ڪلاس فيلوز فرسٽ ايئر جو امتحان ڏيئي رهيون هيون. مون وري پنجين ۾ ويهڻ گوارا نہ ڪيو ۽ نائين ڪلاس جي پرائيويٽ امتحان جي لاءِ تياري ڪرڻ لڳيس. هڪ دفعو وري (مدرسة البنات) اسڪول جي مانوس فضا ۾ قدم رکيم ۽ ششماهي امتحان ۾ بهرين پوزيشن حاصل ڪيم. ڪاميابيءَ حوصلا بلند ڪيا ۽ ميٽرڪ (سائنس) ۾ داخل ٿي آهيان ۽ بي. ايس. سي بعد ليڪچرار ٿيڻ جي خواهش اٿم.

پڑهائيءَ درميان ۽ پنهنجي ادبي شوق جي پورائي ۽ سبڻ-پرڻ جي فن کي جاري رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندي اچان. حالانڪ ڪهڙ لکندي آهيان ۽ اعتراف اٿم تہ منهنجي ليک، نظم يا نثر ۾ ڪا پختگي ڪانہ آئي آهي، پر شوق کان ٻاسو ۽ نٿي ڪري سگهان؛ ان ڪري مطالعه ڪهڙي کان ڪهڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان تہ جيئن پنهنجن بزرگن جي قلم مان نڪتل شهه پارن مان ڪجهه فيض حاصل ڪري سگهان.

شاعريءَ ۾ نظم سان وڌيڪ دلچسپي اٿم ۽ ان بعد غزل ۽ گيت. خاص ڪري اهي شعر وڌيڪ پسند اٿم، جن ۾ قدرت جي عجيب عجيب منظرنگاري تي، خصوصاً فطرت جي ليرنگين جو نقشو اکين لاءِ آڏينو هوندو آهي؛ اهوئي سبب آهي جو شاعرن جي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام مان "سر سارنگ" وڌيڪ پسند اٿم.

خبر نہ آهي تہ چو سنڌي شاعريءَ ۾ عورتن جو حصو ايترو گهٽ آهي جو الهن جو ڪلام ڳوليو لٽو ليبي، ۽ منهنجي دل ۾ پنهنجي هوليءَ جي خدمت ڪرڻ لاءِ جيڪو جذبو آهي، ڏٽي تعاليٰ ٽيل ان کي پائندگي بخشي. جيڪڏهن آءٌ پنهنجي پياري زبان جي خدمت ڪري سگهيس تہ اها منهنجي خوشقسمتي اکٽي هلي نيڪ فال ٿيندي. آمين

* * *

محترمہ رضيہ 'ناز' ڀٽيءَ جو فن زندگيءَ سان والهاڻ ۽ ولولہ انگيز، پاکيزه ۽ ترقي پذير پيوند ٿو رکي. سندس ڪلام ۾ فطرت جي رنگين نظارن جي ترجماني آهي. تغزل جي روايتي موضوع کان هٽي، قومي شعر و شاعري ڪري ٿي، جا ٻڌ پختہ ۽ شسته آهي. جڏهن تہ هڪ مشرقي ۽ مسلمان عورت لاءِ 'فن' جو دائرو محدود آهي، تڏهن هن قسم جي چند مثالن کي ڏسي بيحد خوشي ٿئي ٿي. محترمہ رضيہ 'ناز' ڀٽي، اگر مشق کي جاري رکندي آئي تہ هوءَ اميد آهي تہ هڪ ڏينهن تي سندس فن شاهڪار بنجي ويندو. منجهس هڪ سڄي شاعره جو روح آهي، جنهن جي مشاهدي جي قوت تيز آهي. سندس ڪلام ۽ خيالات هر نقطه نگاهه کان تحسين جي قابل آهن. زبان سليس، انداز بيان روان، خيالات پاکيزه، سندس فن لاءِ اهي بنيادي چيزون آهن، جي هڪ شاعره جي فن ۾ هجڻ گهرجن. ـ ادارو

نظم

ڪشمير

هي آهون ۽ دانهون هي معصوم ڇهرا،
هي ظلم و ستم بيوسيلن تي بهرا.

هي رستن تي بس لاش ئي لاش ٻڪڙيل، جي پاڻن بچيا زخم ڏس تن تي گهرا.
ڪٽي ساڻ ٽيو پائٽي لٽ پريشان، ڪٽي ماءُ جيجل جا ٻڌ لاءِ پيرا.
ڪٽي ڪا سهاڳڻ ٽي وانون اهاري، ڏهاڳڻ ڪا ڪاري ٽي صدمن کان ڪوڙها.
هي ظلم و تشدّد نه هولدو هميشه، وهاسي اجها رات ٽيندا سويرا.
نه رهندي سدائين ڪا ظلمن جي نگري، نه هوندا هميشه هي بزدل لٽيرا.
خدا وٽ ته ظالم لئے ڏوري ڏکهي ٽي، ٽي گر دير آ، پر نه رهندا انڌيرا.

آمدِ صبح

هرڪنهن کي تياري پنهنجي آهي، هر ڪڙي ماڪ سان وهنتي آهي.
ڪا ڳالهه صبا سان تنهنجي آهي، گلشن ۾ سواري ڪنهن جي آهي.

ٽي ڪوئل ٻولي ساڻ جيان، پرواز ڪري ٽي باز جيان،
وڻ وڻ کي ٻڌائي راز جيان، ساڳالهه نياري ڪنهن جي آهي.

شبنم ٻه اچي چٽڪار ڪيو، هرطرف گلن سينگار ڪيو،
ويراني کي گلزار ڪيو، هي ڪارگذاري ڪنهن جي آهي.

ڏس سونا ڪرڻا ظاهر ٽيا، مشرق مان ڪري باهر ٽيا،
سڀ ٻڪي ٻڪڻ ٻڻ حاضر ٽيا، تذڪار هي ساري ڪنهن جي آهي.

سڄ آهه نئون پيغام ڏنو، ڇڻ آبِ حيات جو جام ڏنو،
آهه رات اهو انعام ڏنو، رنگين هي باري ڪنهن جي آهي.

عزم جوان

ڪفر ۽ اسلام کي تون برسرِ پيڪار ڏس،
زندگي مومن جي ڏس، ۽ ڇڻ سندس ڪردار ڏس.

هر قدم آزادگيءَ ڏي ٽو سندس وڌندو وڃي،
مردِ ميدان جي هٿن ۾ تيغ جوهردار ڏس.

نعرهٔ تکبير سان جيڪي مجاهد ٿا وڄن،
ڪفر لرزان ٿو ٿئي تن ڪان، آهي سالار ڏس.

في سبيل الله، جي خدمت ڪري خادم ٿيا،
غزنوي، غوري ۽ اورنگزيب جا اطوار ڏس.

جن چيو لبيڪ اللهم، خدا جي راهه ۾،
ڪارناما تن جا پڙهه هرڪو سندن ايثار ڏس.

ناز ڪر اي 'ناز' تن تي، جن رڳيو تلوار کي،
تون به انداز مجاهدا جنگ جو جنسار ڏس.



"شاعر جي منصب سان ڪنهن جي به ريس يا برابري ڪانهي. الله تعالىٰ جي هن ڪائنات ۽ جيڪي به وهي واپري ٿو، تنهن جي جيتري ستڌ ٻڌ شاعر کي آهي، تيتري ٻئي ڪنهن کي ڪانه ٿي سگهندي. عالم ۽ فاضل ماڻهو ڪتابي علم سان ڀرپور آهن، پر شاعر جي دل اندرين روشنيءَ جو پنڌار آهي. شاعر، ٻين جي ٻڌل ستڌ تي ڪوڙ ٿو هلي، يا شين ۽ زندگيءَ بابت ٻين جا تجربا ڪوڙ ٿو ٻڌي، هن جو ڪم آهي ڪائنات جي سونهن ٻڌڻ، ۽ ان سونهن جو ٻڌو ٻين کي ڏيڻ-اهو ڏسڻ، عام ماڻهن جي ٻڌڻ ۽ پرکڻ کان گهڻو مٿي آهي. ان سونهن جي ڪنڪ، انساني وڻن ۽ ڪسوٽين سان ٿيڻ مشڪل آهي."

٣



مولانا دين محمد "اديب" فيروزشاهي

مولانا دين محمد صاحب، تخلص اديب، تاريخ ولادت، شب جمع، ۱۵-شوال ۱۳۱۴ھ مطابق ۲۱-مارچ ۱۸۹۷ع آهي. تاريخي نالو منظور حسن آهي. سڄمه (مولف حضرت ثانوي رحہ) "شرف يافت دنيا ز دين محمد" آهي. ساكن فيروزشاه، تعلقہ ميهڑ، حال حيدرآباد.

مولانا اديب جو نسبي تعلق حضرت غوث بهاءالدين زڪريا ملتاني رحہ جي خليفي ۽ ڪامل بزرگ، مخدوم عبدالله پيروج آچ واري سان آهي. اهو بزرگ ۱۲۵ سالن جي عمر جو هو. سندس مزار پرانوار اڄ بہ مرجع خاص و عام آهي. ڪين ٽي پٽ هئا: مخدوم محمد ابراهيم، مخدوم احمد ۽ مخدوم اسحاق. سندس وچون پٽ، مخدوم احمد، وڏو عالم ۽ درويش هو، ۽ هاڻ مخدوم محمد عثمان دربيلي واري وٽان تحصيل علوم ڪيائين. سندس اولاد سان ڀيا بہ ڪيئي وڏا وڏا عالم ۽ درويش ڄيدا ٿيا. مولانا اديب فيروزشاهي بہ مخدوم احمد جي اولاد مان آهي.

سندس تعليم جي ابتدا، علامہ عطاءالله فيروزشاهيء جي ديني مدرسي ۾ ٿي. اول فارسي پڙهيو. ڪيس مولوي عبدالرحمان وٽ پندنامہ ۽ تحفہ نصائح پڙهايو ويو، پوء سنڌ جي مشهور استاذ العلماء مولانا الاهي بخش رحہ (گوٺ پانهو لاکير) تعلقو ميهڑ، جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. مولانا الاهي بخش رح، فارسيء ۾ يگانہ وقت هو، شاعر ۽ اديب بہ هو، ان سان گڏ عالم باعمل، متشرع ۽ پرهيزگار پڻ هو. سندن شاگردن مان استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالڪريم رحہ ديروي جهڙو يگانہ عصر صوفي ۽ فقيه ۽ سيد حاجي علي اڪبر شاهہ جهڙو مذهبي پيشوا، ۽ مولانا اديب جهڙو يگانہ فن آهن. مولانا اديب، اتي فارسيء جي نصاب ۽ عربي ديني علوم جي تحصيل ڪري فراغت حاصل ڪئي. ۱۳۳۴ھ ۾ پنجن سالن جي مسلسل مطالعه کان پوء دستاربندي ڪئي. مولانا اديب جي شاعري، مولانا عطاءالله ۽ مولانا الاهي بخش جهڙن

سخن سنج علماء جي صحبت ۾ شروع ٿي. اهوئي سبب آهي جو مولانا اديب جي ڪلام ۾ شائستگي آهي، فصاحت ۽ بلاغت آهي، سلاست ۽ رواني آهي. اول اول لغتيہ ڪلام ڇيائين، جو سوز ۽ درد، فراق ۽ اشتياق جي تصوير آهي. ان طرح سنڌي، عربي ۽ فارسي لغتيہ ڪلام چولدو رهيو. تحصيل کان پوء درس تدريس جي سلسلي ۾ هات ۽ حيدرآباد ۾ رهيو. آخري طرح سان لورمحمد هاء اسکول ۾ هڪ استاد عربي جي حيثيت سان رٽائرد ڪيائين. مولانا 'اديب' جي روحاني ۽ باطني تربيت، حڪيم الامت حضرت مولانا ٿانوي رحہ سان وابستہ آهي، ان ڪري سندس ڪلام ۾ هڪ الفرادي رنگ موجود آهي. سندس سنڌي شاعري ۱۳۳۰هہ ۾ شروع ٿي ۽ سندس سارو ڪلام اصلاحي، اخلاقي ۽ ديني آهي، جو ان دؤر جي سنڌي اخبارن ۽ رسالن، 'آفتاب'، 'الحق'، 'الامين'، 'الاسلام' ۽ 'الڪاشف' ۾ شايع ٿيندو رهيو ۽ پئي دؤر ۾ 'الوحيد'، 'اديب' ۽ 'مهراڻ' رسالي ۾ پڻ شايع ٿيندو آيو.

تاليفات ۾ حضرت ٿانوي جا رسالا ۽ امام غزالي جي الاربعين جو ترجمو مشهور آهن. جيئن 'جزاء الاعمال'، 'بهشتي ڪوٽ'، 'علاج القحط والوبا'، 'زاد السعيد'، 'نورعليٰ نور'، 'چهره ڪشائے مثنوي'، 'اختتام مثنوي'، 'حيات المسلمين' وغيره. ان طرح 'ڪليات اديب' فارسي پڻ شايع ٿيو آهي. 'اشرف العلوم' ترجمہ منظوم مثنوي مولانا روم، معرڪ آرا شاهڪار آهي.

ـ ادارو

* . * *

نعت شريف

درياغ آهہ جو ٿي يار جي ديار بعيد،
سندس فراق ڪيو عيش نيش، عيدوعيد.

ديارِ يار سوا خار آ ڪل و ڪلزار، بهار تازه خزان، تخت تاج قيدِ حديد.
نہ عشق مشڪ لڳي ٿو، انهي سبب آخر، فراقِ سوز ڪيو عشق آشڪار پديد.
ڪتابِ هجرت جي ۾ ڪير چمار تمار، وصال جو بہ پڙهايوم ڪو ڪتاب جديد.
نظر ڪرينہ ڪرم جي سندم ڪريم عظيم، ترارشوق جي مون ڪي ڪري ٿي قطع، برديد.
ڏسي 'اديب' ديار الحبيب جنهن ساعت، پديد ساعت سا ڪر سگهو خداء مجيد!

غزل

●

طلب آهہ تنهنجي سدا تات پيارا! ٿو روئندي گذاريان سجي رات پيارا!
اهو وقت کهڙو نہ هو مثل جنّت، دريء مان منکي جو چيئي هات پيارا!
سندء درد هجرت کان آ رات ڪاري، سجو ڏينهن روشن ۽ پريات پيارا!

تنهنجي وصل لئہ روز شب ٿو پڙهان مان، دمادم دعائون ۽ صلوات پيارا!
'اديب' وضعيف آهيان جڏهن طالب، نہ ڪر هوءَ تون ڏار هيهات پيارا!
تنهنجي ديد سان دلربا! ويندي منجي، خوشيءَ سان سختي ۽ سڪرات پيارا!

قومي نظم

نہ باغِ ديـن جو آهـي اسان هر باغبان باقي،
اسان جي ڪاروان جو ناهيہ اڄ ڪو پاسبان باقي.

زمالي هر اسان جو ڪو نہ ڪو نام و نشان باقي،
رهيو آهي فقط هڪ بيڪسي جـو داستان باقي.

نہ تن ڪنهن جي هر همدردي سندو روحِ روان باقي،
خـدا ڪارڻ نہ آهي دوستي ڪاڻي عيان باقي.

گهٽيو طوفان نڪبت جـو اسان تي چوطرف آهي،
نہ سرسبز آهيہ عـزت جـو اسان هر بوستان باقي.

رسو مظبوط 'وَ اعْتَصِمُوا' سندونڪري وهو هٿ مان،
ٿيـا بس تـفـرقـہ ڪان دربـدر لرزان تپان باقي.

رسيو اڄ ڪسمپرسي ڪي هي پنهنجو حال غفلت ڪان،
سڌاري جـو يقين چا! نامہ ان جو ٻڌ گمان باقي.

اشاعت چا! اطاعت دين جي ٻڌ ٻڪـلـم ويئي،
ٿيا بس لنـگ ملـت جـو اچوڪا مسلمان باقي.

جي دولت ور وتو تـو آ رکـو دنيا دلي ڪي بس،
نہ دلچسپي ٿـي تن ڪي دين ۽ قرآن سان باقي.

جي بـي دولت، ڪپي ڪيتيءَ هر اهـڙو ويـا آهن،
جو علمِ حق سکڻ لـئہ ناهہ تن ڪي ڪو زمان باقي.

رڙي ٿو رعد لرزش هر اچن ٿيون بجليون، بادل،
ڪيو بستان هر بـرپـا بلبلين شور و فغان باقي.

طيـور و حشر حشراتِ زميـن و سُفْلي و عُلِيُّ،
ڏسي هنگامۂ مسلم ٿـيـا هِن نَوحہ خوان باقي.

جـي علمِ دين ڪان غافل ۽ انـگلش هر ٿيا قابل،
لـقـب تـن جو ٿـيـو ليڈر، امـام مسلمان باقي.

جـي عامر ديـن جا عالم چـيـو نائب نبي جن کي،
نہ تن جو قول ٿيو قابل سماعت منجهہ جهان باقي.

عـرب جـي هولي آهي چشمهٔ شيرين ملڪ جـو،
سين هولين کان ٿي افصح لسان عذب البيان باقي.


نہ دلچسپي کنهين کي آهہ کا ان جي ترقي سان،
غريبن ۾ رهيو ان جو آ کجهہ نالو نشان باقي.


اچي ٿو کينکي کنهن انجمن کي هي خيال نيڪ،
ڪجي منجهہ سنڌ اڄ هولي نبي آخر زمان باقي.

غرض جنهن قوم جي هيڏي ردي حالت رهي قائم،
زماني ۾ رهي سگهندي نہ ان جـو خانمان باقي.

سلف جي ڪارنامن کي ڪري ازبر ڪريو ڪوشش،
تہ ٿي ويـنـدو اسان ۾ داستانِ پارستان باقي.

'اديب' دلحزين کي بادهٔ الفت ڏيـو ساقي،
رهـي شـل رنـج - راحت ۾ خيالِ داستان باقي.





حافظ محمد احسن

استاد الشعرا، حافظ محمد 'احسن' صاحب جنا ڪنهن ۽ رسمي تعارف جو محتاج ناهي. حافظ صاحب ساري عمر جنهن والهانه ۽ مخلصانه انداز سان سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي خدمت ڪئي آهي، اها قدر جي لائق آهي. سندس تربيت ۽ اصلاح سان ڪيئي اهڙا شاعر پيدا ٿي چڪا آهن، جن جي شهريت ۽ مقبوليت کان هر اهل علم واقف آهي.

سندس اسم 'محمد'، لقب 'حافظ'، تخلص 'احسن'، ذات چنه، والد جو نالو جمعه خان، ڳوٺ ملڪاڻي شريف، داد و. ۱۲-اپريل ۱۹۰۰ع ۾ جائو، پنجن ورهين جي عمر ۾ علامه وقت مولانا غلام محمد صاحب ملڪاڻين واري بزرگ جي نظرِ ڪيميا اثر کان مستفيض ٿيو، جن وٽ علوم ظاهري ۽ باطني حاصل ڪيائين. عربي، فارسي ۽ قدري عربي تعليم سان گڏ، قرآن ڪريم جي حفظ کان شرف ياب ٿيو. ڪتابن جي وسيع مطالعه کان، منجهس تصنيف و تاليف، شعر گوئي ۽ مقاله نگاري جو ذوق پيدا ٿيو. ۱۹۱۸ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ديني مدرسو کولي، تعليم جي خدمت جو آغاز ڪيائين. اهو مدرسو ۽ تعليمي شغل ۱۹۵۱ع تائين قائم رهيو. ڪيس شعر و شاعريءَ جو پاڪيزه ذوق حضرت ملڪاڻي رحه جي صحبت ۾ پيدا ٿيو هو، پر باقاعده موزون شاعريءَ جو آغاز ۱۹۲۱ع ۾ شمس‌العلماء مرحوم مرزا قليچ بيگ ۽ حڪيم جمع خان 'غريب' مرحوم جي اصلاح ۽ تربيت سان ٿيو. ان دؤر کان ئي سندس شاعريءَ جا علمي، ادبي، عشقيه، قومي، نعتيه ۽ اخلاقي جواهر پارا، سيني سنڌي اخبارن توڙي رسالن ۾ شايع ٿيندا آيا. ڪلام جي سادگي، روانيءَ، پختگي ۽ برجستگي، حافظ صاحب جي فن جو نمايان معيار آهي. سندس ڪلام هر صنف تي آهي: غزل، قصيدو، رباعي، قطعات، مسدس، مخمس، مستزاد، مثنوي، توڙي قطعه تاريخ لکڻ ۾ مشهور آهي. سنڌ جي رسالن ـــ گلدستہ سنڌ، ادبب سنڌ، اسان جي منزل، ترقي، الجامعه، علمي دنيا، ڪاميابي، سنڌو، نئين زندگي، مهراڻ سڀ ماهي،

روح ادب، فردوس، لطيف، تعليم اخبار، ملا سڪول سخزن۔ ۾ سندس ڪافي ڪلام شايع ٿي چڪو آهي.

نظم ۾ هيٺيان ڪتاب شايع ٿيل آهن: ديوان احسن، گلزار شعر، احسن الاخلاق، رباعيات احسن، مظاهر مصطفوي، گلدسته احسن، گلزار احسن، لطيفي لات ۽ احسن الاشعار وغيره.

ان طرح نثر جي ۾ ڪافي خدمت ڪئي اٿس. ان سلسلي ۾ هيٺيان ڪتاب قابل قدر آهن: ترغيب‌العلم، سچن تي ستر، سوانح مخدوم هلال، بنات‌الرسول، شاه جو پيغام، قصص‌الانبياء، اصلاح المسلمين، سراپاي رسول، اذان القبر. سندي گرامر، جاگرافيون ۽ سندي سونهان انهن کان علاوه آهن. حافظ صاحب اڇڪلهه دادوء ۾ گوشه نشين آهي، ۽ باوجود بي‌سر و ساماني، جي علم ۽ ادب جي شمع کي روشن رکيون ٿو اچي. —ادارو.

بيت

[ذو معنيٰ قافيه]

(۱)

منهن محبوب تنهنجو آهي، وَڏ ڪان مهتاب، —چند
شمس شڪي ٿئي ٿو، تنهنجو تجلو ڏسي تاب، —تابش
درد منهنجي جو داستان، جڙ ڪامل آهي ڪتاب، —ڪتاب
اوگڻ اوڻايون مون ۾، توتي ناهي ڪو عتاب، —ميار
شوق منجهان اڃ شتاب، متان ملڻ ري مري وڃان. —جلد

(۲)

جانب تنهنجي جدائي ۾، منهنجو هيڏو ٽيڙو حال، —حالت
آڳ ته سڀاياڻا سپرين، دل جا سڀ احوال، —ڳالهيون
توبن منهنجا مٺا، منهنجو جالڻ آهي محال، —مشڪل
فائق اڃ في‌الحال، ته وڃن سُور سنڌا ڪري. —هن وقت

(۳)

ساهڙ سڪ تنهنجي، آهي ثابت سڄ سير، —سچائي
محبت تنهنجي مون لئي، آهي جڙ اڪسير، —ترت فائدو ڪندڙ دوا
ثابت لنگهائج سير، متان لهرين ۾ لڙهي وڃان. —درياء جو وڄ

(۴)

راتيان ڏينهان روح ۾، تنهنجي آهي آڪير، —سڪ
من ۾ ميخ محبت جي، لڳل قلب اندر ڪير، —ڪيلي
جي اڃ منڪر نڪير، ته ۽ پانڊي پانيان پرينء جا. —ملائڪ

(٥)

حُب مان هلي آيس مان، هرين تنهنجي پاس، — طرف
راتيان ڏينهان تنهنجو ٻيو، پڙهان حمد سپاس، — تعريف
هرين ڪر تون هاس، ننگ سچائج ٻانهنجو. — پسند

(٦)

دلبر دل ڪسي وئين، هاڻي ڇڄ له مون ڪان ڇير، — ڇيرو
ٻَري ڪان سچاڻان سڀرين، تنهنجو هاڻ چلڻ ۽ ڇير، — لمونو
هاڻ ڀلائي جو ڇير، ڪر تون مونسان ڪارڻي. — برتاءُ

(٧)

هرين تنهنجي هرت جو، مون ڪي هلپل هوي هور، — يادگيري
لِڪي لياڪا پائيان، تون دلبر در له ٻُور، — بند
ڪر وَراڪو اِئين، جيئن مينهن ڪُنيڙي ٻُور، — سڪڻ جون ٻئي چوٽيون ملڻ
اچي لوڙهه لتن سان هور، ته هوري آس اندر جي ٽئي. — لسٽ

(٨)

هرين پيارج هرت مان، جودون ڇڙي جار، — ڇالو
تو ري، سڀ سچ سمجهان، توڙي ماٺهو هجن جار، — ڪٻا
اچڻ جو انجار، ڪر الله لڳ 'احسن' سان. — وعدو

(٩)

رحم ڪري ڪو روح ۾، هوت اچج هيڪار، — هڪ دفعو
جانب تنهنجي جدائي ڪان، آهي اندر ۾ انڌوڪار، — اولڏاهه
جانب تنهنجي جدائي ۾ ٿو ڇڄي ڪوڙ ڪر ڪار، — ڪَمر
'احسن' ڪي پار آڪار، ڏيئي هٿ حمايت جا. — امان

(١٠)

توڪان سوا سُڻڻا، مون ڪي ڪنهن جي ڪانهي ڪاڻ، — هرواهه
سڪ تنهنجي جي سڀرين، مون ۾ ڪانهي ڪاڻ، — ڪهڻائي
مون تنهنجي ڪاڻ، سوين سڪائون هاسيون. — واسطي - لاءِ

(١١)

رَند ولي رڙهندي وڃان، روڙ نهاريان راهه، — وات
وَسيهَن ويڇهي لاهه ڪا، نڪا ويڇهي وڙاهه، — ڪهڻا ون

ٽي ساڻي اچي سڄ ۾، ٽي هوت اچي همراهه، — ساڻي
جنهن ۾ ماڻ ٻيو، سا ڪيترو رهندي راهه، — آن جي پار
تنهنجي سڄڻ ساراه، هرڪو ڪري ٿو حُبّ مان. — تعريف

(۱۲)

تو در آيس دلبرا، تون رک منهنجو آب، — عزت
تنهنجي راضي رکڻ لئه، مان اوتيان اکين آب، — پاڻي
تون آهين عزت مآب، مان ناقص نماڻي آهيان. — عزت وارو

(۱۳)

هرين تنهنجي هرڇاءُ لاه، مون وڏا ڪيا وَسَ، — حيلا
پيرو ڪج پلائيءِ جو، هيٺ وڏا ٽيا وَسَ، — وسڪارا
بندي هيءِ بيوس، تو ريءِ ويڳاڻي وتي. — لاچار

دوها

آئي سند سلهار جي، سالون رنگ لابا،
سانگي سفر تان سوٽيا سالگ ٽيا تن سجايا.

ٻيون ٻارا جهنگ جهر ساوا، ٽيو متارو مال،
هاري ناري گيت ٻيا گائن، خان سيڻي خوشحال.

ڪوئل ٽي ٻڻي ڪوڪري، سڻ گيرن جي گڻڪار،
لامن تي ٻکي لاڏ ڪري لاتيون لنوَن هزار.

سانون آيو سَرها ٽيا سانگي سنگهار،
ڏيهن مان ڏکر ويو ٽيا ساڳيا سرس سڪار.

گل ڦل ڦڙيا، باغ بهاريا، ٻوند پئي برسات،
ڏينهن ڏکن جا ٻورا ٽيا، آئي راحت واري رات.

ماڻهو منهنجي ملڪ جا مٺڙا خوب مهمان نواز،
رات جو ڪن ٽا رلگ رهاٽيون سرندا ساز آواز.

چوري چنگ ڪن رهاٽيون رنگ بيحد برهه بيان،
ڏک ڏولاوا ڏور ٽيا، آقا جا 'احسن' احسان.

ڪافي

*

تنهنجي ڳولڻ جي آهيان ڳولي الا،
حجت توسان ڪهڙي هلايان؟

لنگ سچائڻ لرسل پنهنجو، توسان ٻانهپ جي آهي ٻولي الا،
سگ سچڻ توسان ڪهڙو ساهيان.

اڌر نڌر ۾ آپري آهيان، اڻجاڻ ۽ ٻالي ٻولي الا،
لالڻ تنهنجي لاري آهيان.

جانب تنهنجو جس کو ناهي، مون تہ ڳوٺ ڳلي ڳولي الا،
ڪُور لہ ستڻ کو تنهنجو ٻانيان.

ٻيچ ٻرين۽ سان پختو ٻانڌن، ساءُ ڏني هيءَ لولي الا،
ڪيچ وٽن ڏي ڪاهيون ڪاهيان.

درشن جي توکان بيک ٻنان ٿي، مون تہ جهلي آهي جهولي الا،
ٻڌي در ڪنهن جي ڪين واجهايان.

تنهنجي نظر هڪ فيض اثر آهي، جنهن دل جي دري آ کولي الا،
ٻرت ٻرين تنهنجي ٻر ۾ ٻچايان.

'احسن' آهي ٻرٿون ٻاتي، چاکر واري چولي الا،
پنهنجو ڪرين شل ڳڻ ٻئي ڳايان.

وائي

اوگڻ منهنجا عيب اپار،
ڏولیا ڈيکندڙ تون ئي ڈيکندين.

تون ڪيچ ڏئي، مان آهيان ڏوٻاٽي، تون ساڻ سنڌو سردار،
ڏولیا ڈيکندڙ تون ئي ڈيکندين.

ٻانڌ ڳچيءَ ۾ ٻاڌي ٻائي، حيلا ڪيان ٿي هزار،
ڏولیا ڈيکندڙ تون ئي ڈيکنڌين.

دامن ۾ تنهنجي آهيان ليکل مان، ڪر نہ ڪيڏي مون کي ڏار،
ڏولیا ڈيکندڙ تون ئي ڈيکندين.

عشق ازل کان توسان لاتم، نينهن نسنگ لروار،
ڊوليا ڊکيندڙ تون ئي ڊکيندين.

محبت تنهنجي من م مداسي، ٻَر م تنهنجي پچار،
ڊوليا ڊکيندڙ تون ئي ڊکيندين.

تو ريء واه وسيلو ناهي، ڪنهن جي ڪانهي درڪار،
ڊوليا ڊکيندڙ تون ئي ڊکيندين.

ٻاڻ سڃاڻج پنهنجو پيارل، پارج قول قرار،
ڊوليا ڊکيندڙ تون ئي ڊکيندين.

'احسن' کي آهي آس اندر م، ساجن لهنديون سنيار،
ڊوليا ڊکيندڙ تون ئي ڊکيندين.

گيت

ڊينهن ڏکن جا ويندا ڏُور - سهنج ۾ سکڙا هوندا هميشه.
مَنڙو ٿيندو مسرور - سهنج ۾ سکڙا هوندا هميشه.

ظلم جا زنجير ٽٽي ويندا، ڪوت ڪڙولا ڏک نہ جهليندا،
پاڪ اسان جا بهتر ٿيندا، ويندا قهر ڪلور:
سهنج ۾ سکڙا هوندا هميشه.

رات وهائيندڙ ايرندو تارو، ٿيندو سهائو لهندو انڌارو،
ڪکر هٿي ويندو سارو ڪارو، درد ۾ ڏکڙا ٿيندا ڪافور:
سهنج ۾ سکڙا هوندا هميشه.

مشعل ٻرندي محفل مچندي، ويجهي ويجهي منزل ٿيندي،
ڪٽين سر ڪٽين سج هاڇل هلندي، ٿيندو ڪٽون دستور:
سهنج ۾ سکڙا هوندا هميشه.

ٻڌتا ٻڌتا ارادا اسان جا، محڪم محڪم لاڳاپا اسان جا،
مطلب مقصد اعليٰ اسان جا، ٿيندا سيني منظور:
سهنج ۾ سکڙا هوندا هميشه.

ديس جا ماڻهو خوش ٿي ڪلندا، هوندي ٻهاري گل ڦل ڏڙندا،
ٻکي ٻرندا لاتيون لوندا، مشڪل رهندو کوڙ نہ سُور:
سهنج ۾ سکڙا هوندا هميشه.

هانڊي اچي پيغام سڻايو، سنيرو سنيرو ڪري سمايو،
گيت خوشيءَ جا گايو گهايو، محبت ۾ ٿيو مخمور:
سهنجي ۽ سڪڙا هوندا هميشه.

فتح اسان جي، سوڀ اسان جي، صبح سڀائين ناهي سانجهي،
هوشوءَ جهڙا مرد ۽ مانجهي، ملڪ ۾ ٿيا منصور:
سهنجي ۽ سڪڙا هوندا هميشه.

بخت اسان جو آهي 'احسن'، سبز سڀائين هوندو گلشن،
ڏينهن ته شينهن پر رات ۽ روشن، ڪنهن جي ڪاڻ نه ڪنهن جو ضرور:
سهنجي ۽ سڪڙا هوندا هميشه.

نظم

اچو ڪو زمانو

زماني جو اهڙو وريو آهي واءُ، جو پٺ ڏيئ جو دشمن ۽ ويري ٿيو پاءُ،
ميڙن سائڻن ۾ نڪو لاءُ ساءُ، محبت جي مڙ مان بچيو ڪونه ڀاءُ:
ڇڏيو قرب اڄ آهي قربائتن.

اصيلن جي عزت گهٽي آهرو، ڪميڻا هيڻڙ جابجا سرخرو،
صداقت جي ڪنهن ۾ رهي ڪاڻ ٻُرو، دغا ڪوڙ جي اڄ هلي گفتگو:
وڃائي ڇڏيو شانُ شانائتن.

گهٽيو قرب، ڪلفت وئي ٿي ڪٿ، زمانو محبت جو ويو ٿي گذر،
چڱن جي چوڻ جو گهٽيو اڄ اثر، ويا ماڻهو سنجي سمورا مگر:
مروّت سڀني کين مانائتن.

هٿا يار جيڪي سي اغيار ٿيا، جتي گل هٿا اڄ اتي خار ٿيا،
پراوا ڇا، پنهنجا به بيزار ٿيا، ڦري صلح مان جنگ تکرار ٿيا:
ڇڏي آهي حجّت به حُجّائتن.

ٻيو انقلاب آهي اڄ جابجا، رهيو ڪونه هاڻي سچو آشنا،
نه همدرد، غمخوار ڪو باوفا، وڙهن ٻاڻ ۾ اڄ ٿا پائر سڪا:
سيارون نه اڄ پائرن مائتن.

لڏي لوڪ مان ويا ڪيئي قربدار، غمن ۾ رهيو ڪونه ڪو غمگسار،
سي دشمن ٿيا، جي هٿا يار غار، ڪندو لطف 'احسن' ته پروردگار:
اهو آسرو آهي آسائتن.

غزل

●

ڪرين ٿو وصل جو دلبر ٻيو اقرار ورهن ڪان،
مگر ديدار جو حاصل نٿو ٿئي وارُ ورهن ڪان.

خوشي ۽ خورمي ناهي، نه آرام ۽ قرار آهي،
دلِ مضطر تي اڻ آهي غمن جو ٻار ورهن ڪان.

سوا تنهنجي سجڻ هي زهر ٿي ٻئي زندگي آهي،
جيڻ منهنجو ٿيو جنجال ۽ دشوار ورهن ڪان.

ليڪي مون لوڪ ڪان لعان لڳائي لئو هئي توسان،
و ليڪن نينهن تنهنجي ٿي ڪيو نروار ورهن ڪان.

محبّت تنهنجي ۾ مٽنار منهنجو مٽ ويو مڙهجي،
خبر ناهي ته مون ڪان ڇو ڪرين ٿو عار ورهن ڪان.

مان ساري عمر تنهنجي ٿي غلامن جو غلام آهيان،
مگر تون ٿو رهين مون ڪان ٻيو ٻيزار ورهن ڪان.

هزارين حال پُرسي لئه اچن ٿا، پَر نه تون آئين،
اکهو ٿي عشق تنهنجي ۾ رهيس بيمار ورهن ڪان.

اڳي تو جام تي پُر جام 'احسن' کي ڏنئي ساقي!
مگر هاڻي نه هڪ ساغر ٿو ڏين سرشار ورهن ڪان.

قطعا

(۱)

ڏکن ڪان ٻوءِ سڪ آهن اهو ضرب المثل آهي،
خزان ويندي، اجهو ايندو وري وارو بهاري جو؛
صبا جو واءُ ڪهلندو ۽ ڪکر ڪارا هٽي ويندا،
جڏهن سورج کي يون شاخون ويو غم رات ڪاري جو.

(۲)

مُلڪ ۾ انرا ۽ تفري زور ٽيندي آ جڏهن،
ڪار تخريبي جي باعث ٿي ٿئي حالت خراب؛
خانه جنگي بدنظامي اوج تي پهچي وڃي،
ٻوءِ قدرت جي طرف ڪان آهي ايندو انقلاب.

(٣)

قوم جو ڪردار آف! بگڙي ويو،
اڄ برابون بدمعاشيون بي حساب؛
حال ۽ ماضي جون پيتج حالتون،
ڪيڏو اخلاقن ۾ آيو انقلاب.

(۴)

ڪر غور غريبن جو اڙي صاحبِ دولت،
توکي هي ڏني آهي خداولد جا نعمت؛
هڪ سچ جا ٻه ٻاچا ٿو اکين سان ڏسين ٻيو،
حاصل تون انهيءَ مان ئي ڪري وٺ سگهو عبرت.

(۵)

ٻاڻ کي جا سمجهين ٿو انسان تون،
اشرف المخلوق تنهنجو شان آهي؛
تون فقط معياري ڪَر ڪردار کي،
ٻوءِ ڏس تنهنجو لقب سلطان آهي.

(۶)

منُهن تي ميڪ ۽ ڪرڻ برابر گيلا،
هيءُ ٿيو اڄڪلهه زماني ۾ رواج؛
اڳ الهن جي کاڙ عزت کانه هئي،
اڄ اهي ٿا کونجن ٻيا خوش‌مزاج.

رباعيون

(١)

دنيا ۾ ته ڪم آهه نه ناممڪن ڪو،
ٻر ڪم جي ڪجي کو، ته ارادو پختو؛
اميد نه ڪا لاهجي ڪنهن ڪم ۾ ڪڏهن،
هي منزلِ مقصود جو بهتر رستو.

(٢)

مقصودءِ دل لاءِ سدا ڪوشان ٿي،
شيدائي وطن، عاشقِ هر انسان ٿي؛
هر فرد بشر جو ٿي بهي‌خواه سدا،
ڪر خدمتِ مخلوق، دلِ شادان ٿي.

(٣)

تخريب ۽ تفريق ۾ قومي نقصان،
تخريب سبب قوم ٿئي سرگردان؛
تخريب حڪومت جو پٽهي ٿي بنياد،
تخريب پسند جيڪو، سو آهي شيطان.

(٤)


ڪر طاقت پرواز ڪي تون استعمال،
ڪر عزم مصمم ۽ تون رک استقلال؛
رک پنهنجو تخيل به بلند و بالا،
تا فتح ڪري، تنهنجو اچي استقبال.

مثنوي

زردار ۽ بي زر

زردار جي زماني ۾ عزت ٿي جا ٻجا،
زردار خوب عيش و طرب ۾ رهي سدا.

بي زر غريب جو ڪو مددگار يارُ ناهه - بي زر جي لاءِ جڳ ۾ ڪا موسم بهار ناهه.
زردار سير ٿو ڪري موٽر ۽ جيپ ۾ - بي زر جي بيگناهه وڃي عمر ٽيپ ۾.
زردار وٽ ڪمي نه ڪنهين چيز جي رهي - زردار جو ٿو حڪم ٻلي! جا ٻجا هلي.
زردار ڪي خوشيون ۽ بهاريون سُرور ٻ - زردار جا تمام ٽين ٿا امور سي.
بي زر ڪي ناهه گرمي ۽ سردي ڪان ڪو ٻاءُ - بي زر ڪان بيقصور پي بيزار آهه پاءُ.
زردارُ زَر جي زور تي سيکجهه ڪري ۾ - زردار آڏو هر ڪو ڪري پنهنجي سر ڪي خم.
بي زر گذاري زندگي ساري ٿو دربدر - بي زر جي ٻک ۽ ڏک ۾ لهي ڪونه ٿو خبر.
زردار جي زماني ۾ عزت ۽ آبرو - زردار جي پسند ٿي هر ڳالهه گفتگو.
بي زر جي حال زار تي ڪنهن جي نظر نه آهه - بي زر مري ٿو ٻک ۾ ته ڪنهن کي خبر نه آهه.
زردار جي نه رخ ۾ نظر ڪو نه غم اچي - زردار لئه خزان به ٿي موسم بهار ٿئي.
بي زر مري ته ڪوله ٿو ڪالڏي سندس ٿئي - بي زر جو لاش قبر ڏي ٿو بي ڪفن وڃي.
زردار جي ته هر ڪو رکي ٿو پيو رضا - زردار تان نثار ۽ هر ڪو سندس فدا.
بي زر جي غم جي رات کي ڪوئي سحر نه آهه،
بي زر جي دانهن ڪوڪ جو 'احسن' اثر نه آهه.



سيد حاجي علي اڪبر شاهہ

برصغير هند و پاڪ ڪان ولي عرب ۽ عراق، مصر ۽ ايران تائين شهرت يافته عالم دين، حضرت مولانا الحاج سيد علي اڪبر شاهہ صاحب مدظلہ جي شخصيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج ناهي. سندس علمي، ادبي، ديني ۽ تعليمي خدمات ڪان سنڌ جو ڇڇو واقف آهي. جامع عربيہ، سندس پرجوش ۽ مخلصانہ خدمات جو ثمر شيرين آهي. پاڻ هن دؤر ۾ نهايت پر وقار ۽ سنجيدہ، صاحب دل ۽ اهل نظر شخص آهي، جنهن جي نگاهہ، جديد ۽ قديم مسائل ۽ حالات تي ناقدانہ ۽ عالمانہ آهي. پاڻ پرجوش خطيب، سنڌي زبان جو اديب ۽ ان سان گڏ رنگين ۽ شستہ اسلوب بيان جو مالڪ آهي. ساري عمر ديني ۽ علمي خدمت ۾ گذاري چڪو آهي. مخلص ۽ بي لوث، سادہ لوح ۽ سادہ مزاج آهي. ڪابہ ذاتي ملڪيت نہ ناهي سگهيو. توڪل ۽ زهد تي پاڻ بہ هليو ۽ پاڻ سان گڏ ٻنهنجن احبابن کي بہ هلايائين. چوندو آيو:

گندي ۽ گراهہ، جنهين سامي٘ سانديو،
تنين ڪان الله، ايڪا آڳانهون ٿيو.

سندس روح پرور حيات سان اسان جي سنڌ جي علمي، ادبي، قومي ۽ تعليمي تاريخ جو هڪ روشن باب واپسته آهي، جو اميد تہ آڳ ٿي لکندس. سندس مختصر خود لوشته سوانح حيات هن طرح آهي:

ولادت: فيبروري ۱۹۰۱ع ۾. تعليم: والد صاحب وٽ قرآن شريف، سنڌي، اردو، فارسي پنڊلامہ تائين؛ باقي عربي، فارسي، گاهي مهيسر لڳ ميڙ ۾ پڙهيو. استاذ العلماء حضرت مولانا عبدالڪريم صاحب ديروي وٽ عربي ۽ مولانا عبدالوهاب وٽ فارسي پڙهيو. ان طرح سرڪاري سنڌي

سکول ۾ ۽ انگريزي سکول مدرسةالاسلام ميهڙ ۾ (جو بلبل مرحوم جو برپا ڪيل هو) اتي باقاعده تعليم ورتو. ۱۹۱۶ع ۾ ممبر ۽ محراب ۾ ويٺس. شروع ۾ اصلاح رسوم لاءِ انجمن اصلاح‌المسلمين، شاگردن جي تنظيم لاءِ ينگ مسلم ايسوسيشن، جامع مسجد ۾ لئبريري ۽ ريڊنگ روم ۽ لائيٽ سکول جاري ڪيو. جامع مسجد جي نئين عمارت ۽ شاندار عيدگاهه تعمير ڪرايو. فبروري ۱۹۲۰ع ۾، جڏهن لاڙڪاڻي ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا شوڪت علي ۽ مولانا عبدالباري فرنگي محلي وارو پهرين خلافت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا، تڏهن ڪان باقاعده خلافت تحريڪ ۾ شامل ٿيس، ۽ باقاعده ميهڙ ۾ خلافت تحريڪ جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيو، ۽ صدر وڏيرو رضا محمد خان مهيسر ٿيو. ان سلسلي ۾ سالياڻا ڪانفرنسون ٻڌ وڏي پيماني تي ٿيون، جن جو انتظام ڪيو ويو.

شڏي ۽ سنگهڻ جي اثرات ڪان پوڻ لاءِ تبليغ ۽ تنظيم جو ڪم جڏهن سنجوڳي شيخن ۾ ڪيو ويو، ان ۾ ٻ عالمن جي وفدن جي تنظيم جو ڪم سون ڪيو. هڪ وڏو مناظرو ٽرڻي محبت جي آريه سماج سکول ۾ ٿيو، جنهن ۾ پنڊت ايوڌيا پرشاد جي مقابلي لاءِ دهليءَ مان مولانا عثمان فارقليط گهرايو ويو، جو ويدن جو عالم هو. ان ۾ فارقليط ڪٽيو ۽ پنڊت هارايو. ان ڪان پوءِ ساريءَ سنڌ ۾ اهڙا مناظرا ۽ جلسا ڪرايا ويا. ان سلسلي ۾ دهليءَ، امرتسر، اجمير، ڪانپور ۽ لاهور جا دورا ڪيا ويا. ۱۹۲۵ع ۾ امرتسر وياسين ۽ اتي عالمن سان مليا‌سين. ۱۹۲۶ع ۾ جامع مسجد ميهڙ جي پٺيان ست دڪان ٺهرائي وقف ڪيا ويا، ۽ عيدگاهه جي پرسان ٻڌ دڪان ٺهرايا ويا ۽ وقف ڪيا ويا.

۱۹۲۷ع ۾ جامع مسجد ميهڙ سان گڏ عربي مدرسو، تعمير ڪرايو ويو؛ ان جا صدر، مهتمم ۽ مهتمم استاذ مولانا عبدالڪريم صاحب ديروي رحه جن ٿيا. ان مان ڪيترائي عالم ۽ حافظ، اديب ۽ خطيب (مولانا گرامي صاحب ۽ ان مدرسي جو تربيت يافته آهي) ٿيا.

ان ڪان پوءِ، مسجد جي پرسان حجرو ٺهرايو ويو، ان ۾ تصوف ۽ طريقت تي مطالع ۽ غور و فڪر لاءِ چلڪشي ۽ عبادات جو شغل جاري رکيو ويو. ان ڪان پوءِ، سنڌ، هند، پنجاب ۽ حجاز جي زيارتن لاءِ سفر ڪيو ويو؛ ٽيٽ رامپور يو-پي جي هڪ اهل الله جي هٿ تي ۱۹۳۴ع ۾ بيعت ڪئي وئي، ۽ باقاعده سلوڪ طريقت ڪي حاصل ڪيو ويو.

۱۹۳۸ع ۾ پنهنجن چاليهن رفيقن سان سفر حجاز ڪيو ويو، ۽ اتي هڪ سال رهيس، روحاني فيوضات ڪان مستفيض ٿيس.

۱۹۳۹ع ۾ واپس ورڻ تي مسجد منزلگاهه جو معاملو شروع ٿيو، ان ۾ جماعت سميت شرڪت ڪئي ويئي. ۱۹۳۹ع ۾ جا وڏي جماعت ميهڙ مان مون سان گڏ هلي، ان ۾ مولانا گرامي ۽ اسان سان شامل هو. اڳتي هلي، اها تحريڪ باقاعده هلي. جي. ايم. سيد، غلام مجدد سرهندي ۽ غلام نبي پٺاڻ پارا شريڪ رهيا. ان تحريڪ تي، الله بخش سومري مرحوم جي وزارت ڊهي ٿئي.

۱۹۴۰ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس لاهور ۾ پاڪستان جو نعرو پاس ٿيو. ان کان پوءِ باقاعده پاڪستان تحريڪ ۾ ڪم ڪندي، ساري هندستان جو دورو ڪيم، ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميمبر جي حيثيت سان، قائداعظم ۽ لياقت علي خان ۽ نواب بهادر يار جنگ سان قريبي تعلقات رهيا. ان سلسلي ۾ حڪيم الامت مولانا ٿانوي، مولانا سيد سلمان ندوي، مولانا شبير احمد عثماني هارن عالمن سان پاڪستان تحريڪ تي تبادلہ خيالات ڪيا ويا.

۱۹۴۰ع ۾ حيدرآباد شهر ۾ آل سنڌ عربي ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جي عالمن ۽ تعليمي ماهرن جي موڪليل تجويزن جي روشنيءَ ۾ جامع عربيہ جي تشڪيل ڪئي وئي. ان ۾ شمس العلماء دائود پوٽو، پير هاشم جان سرهندي، مخدوم نظام الدين پاٽائي، نواب محمد علي لغاري، مولانا گرامي، مرحوم پير محمد صاحب، ميان غلام مصطفيٰ، حاجي محمد حسين شاهاڻي، بنيادي طرح سان ان تحريڪ جا سربراهہ رهيا. ان ۾ مون کي آنرري سيڪريٽري جنرليو ويو. ان مرحلي تي ڇهڻي مان حيدرآباد ۾ اچي رهيس، ۽ تعليم ۽ انتظام جي سڄي ڪمن ۾، گرامي صاحب سون سان گڏ ڪم ڪيو. اول ڏوسل بلڊنگ ۾ ۽ پوءِ گرلس ڪاليج ۾ جامع عربيہ کي منتقل ڪيو ويو، ۽ مولوي امير احمد صاحب پرنسپال رهيو.

۱۹۴۵ع ۾ مسلم ليگ جي اليڪشن جي اميدوار جي حيثيت سان، ساري برصغير هند و پاڪ ۾ ڇهريون نمبر ڪامياب حاصل ٿي. آل انڊيا مسلم ليگ جي هڪ ڪتابڇي ۾ ساري اليڪشن جا الڳ اڪر شايع ڪيا ويا، جنهن ۾ اسان جي ڪاميابيءَ کي اوليت جو درجو ڏنو ويو.

۱۹۴۶-۴۷ع ۾ پاڪستان تحريڪ ۾ پوري برصغير هند و پاڪ جا دورا ڪيا ويا، ۽ پاڪستان ٿيڻ لاءِ قائداعظم سان گڏ ڪم ڪيو ويو.

پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ، تبليغي، ديني، علمي ۽ ادبي مشاعرن، ڪانفرنسن جون صدارتون ڪيون ويون، ۽ جامع عربيہ اداري کي وڏي معيار تي ڇهڪايو ويو. مسلسل علالت ۽ ضعف جي ڪري هن وقت ميهڙ ۾ قيام آهي. هن حال ۾ بہ ديني علوم، ادب ۽ تبليغ لاءِ قلم ۽ دماغ سان ڪم ڪري رهيو آهيان ـــ صحت نصيب ٿي تہ پوءِ انشاءاللہ:

بياتا گل بہ افشانيم، مئے در ساغر اندازيم،
فلک را سقف بشگافيم، طرحِ نو درساغر اندازيم. (حافظ)

* * *

غزل

•

تون وضع تي پنهنجي قائم رهه، قدرت جي مگر تحقير نه ڪر،
ڏي پنهنجي نظر کي آزادي، خود بيني کي زنجير نه ڪر.

جي تنهنجو عمل محدود رهي، ۽ پنهنجي حد مقصود رهي،
رک ذهن کي شامل فطرت سان، بند ان تي در تاثير نه ڪر.

باطن ۾ آپر، ڪر بند نغان، وٺ دل جي نظر کان ڪار زبان،
دل جوش ۾ ٿي، فرياد نه ڪر، تاثير بنا تقرير نه ڪر.

تون خاڪ ۾ مل، ۽ هاه ۾ جل، جڏ سير تي پچي، تڏ ڪر ٿو هلي،
هن خام دليءَ جي عنصر تي، بنياد نه رک، تعمير نه ڪر.

[ترجمو]

مثنوي بحرالعشق*

ڪالهه تنهنجو خط مون کي آهي مليو،
جنهن ۾ آهي، قرب جو ڪافي ڪتاب!

تو لکيو آ، شوق مان پڙ بيت هڪ، نهر ۾ ڪٽ بحر ساڻي بحساب.
منهنجي جذبن کي انهيءَ چيڙي چڏيو، سڙ سگهو مون کان انهيءَ جو اڄ جواب.
ڪين شاعر آهيان، هر شعر بڻ، جو لکيو تو لاءِ مون آهي شتاب.
هڪڙي صوفيءَ لاءِ هي آسان آهه، تا لکي هو شعر ۾ جاذب جواب.

سير دريا

صبح جو اڄ سير دريا تي ڏنم،
نهر جون ۽ بحر جون موجون، حباب.

ٿي لڳو خوش، دل کي درياءَ جو وهڻ،
خوب لهرون ٿي هنيون، درياءَ جي آب.

---

* مثنوي بحرالعشق، هڪ دوست ڏانهن، ٢٦- ربيع الثاني ١٣٥٥ هجري، ١٦- جولاءِ ١٩٣٦ع تي، جهڪ، ضلع ٿري مان لکي ويئي - مرتب.

نهر هي درياءُ ۽ منهوڙي جو بحر،
نهر ۾ ڪٿن بحر ماهي، بيحساب!

تو ڏنو هو سمنڊ، سنهوڙي مٽي،
۽ ڏني هٿي، ڪوڙي، درياءَ شاب.

قلب السماني جي وسعت آ وڏي،
بحر عالم آهي، ان ۾ هڪ حباب.

کين ٿو ماهي، ڪڏهن کنهن جاءِ ۾،
عشق آهي، بحر، بيحد و حساب.

اک جي تاري ۾ جٿين آ ماڻکي،
ان ۾ ڏسجي آسمان ٿو جٿ قباب.

قلب المومن عرش الله

آ خدا جو عرش جٿ مومن جو قلب،
ات خدا جو جلوو ڏسجي، بي‌عتاب.

آسمانن، ٻٿ زمين ۽ کوه کي، آج ڪئي آگي، امانت عشق-آب.
ٻر ڪٿ ان بار کان، ٻرکي، ٻري، ويا ڇجي ۽ ٻٿ ڏڇي ٿيا لاجواب.
قلب ۾ ماهيو اڇي، انسان جي، جڏ ڪٿ ڪان ان جي سيني کيو جواب.
آهه ٿيو انسان پيدا عشق لاءِ، ٿيو .جي مخلوق ۾ قدسي خطاب.
"هر ڪ عاشق گشت قدسي ذات را، اوست سيد، جمله موجودات را."
کين ماهي، کنهن ۾ دفتر ۾ ڪڏهن، عشق جو قصو لک آهي، کو ڪتاب.
رمز آهي عشق جي ڏاڍي وڏي، عشق ڏاران ٻيو سمورو آ سراب.
ڪاب شئي، قيمت ۾ ان کان ناهه وڌ، عشق جي قيمت آ بيحدو حساب.
سڄهه ٻر معشوق هڪ الله ڪي، ڪولهي ٻيو معشوق ان ڏاران جناب.
ذڪر سان ۽ فڪر سان ڳولي تون لهه، وات ان جي عشق جي اسلام، صاب.

"ملت عشق، از همه ملت جداست،
عاشقان را مذهب و ملت خداست."

عالم کباب

عشق جو شعلو ہري ٿو قلب ۾،
۽ ڇڏي ٿو قلب جڙ آهي کباب.

هاڻ ان ۾ ڏيان، اونهو ڪرڻو آ، هان متان ٿئي خاڪ ڪامي، سو خراب.
سيخ مڪڻ جي ڇڏائڻ آ، آدا، ڪين ڪائڻ آ ڪراچيءَ جو ڪباب.
"عشق آن شعله است، ڪ چون بر فروخت، هر چه جز معشوق باقي جمله سوخت".

ميخانو

اي سندم مرشد، منهنجا ساقي سخي،
اي سندم داتا، منهنجا عالي جناب.

عشق جي مئي سان مون کي مست ڪر، ڏي پيالو پُر ڪري، مون کي شراب.
آهه تنهنجي چشمِ نرگس، مست تر، تنهنجي پيالي مان ڪڍي ٿو هاده-ناب.
تان ٿيان مان مست، بيخود، بيخبر، تنهنجي چشمِ مست سان بنجان خراب.
"هر ڪسے زان مئے ڪ ريزد از نظر، مست مے گردد، بہ اندازِ دگر."
مان سڪايل آهيان، سالن ڪنان، عمر گذري آهه، گروِ پيچ و تاب.
"ساقيا برخيز، دردہ، جام را، خاڪ برسر ڪن، غمِ ايام را."
صوفيانا سپ لٺا لاهي ڇڏيان، تون اگر مون کي ڏئين، مئے چون عناب.
عشق جو واڪون، ڪهي ٿو عقل کي، ننگ کي هوڙي ٿو ٻڌي، ڪاڙهو شراب.
"عشق بدنامي ست نزدِ عاقلان، ما نمے خواهيم، ننگ و نام را."
ماڻ ڪر، کو هوش رک تون يا علي، ڇو ٻيو ڪائين اجايو، پيچ و تاب.
پير روميءَ آهه سچ فرمائيو، مولوي جي مثنويءَ جو ڏس ڪتاب.
"چشم بند و گوش بند و لب بہ بند، گر نہ بيني نورِ حق، برمن، بہ خند."

نور حق

بند ڪر تون هاڻ پنهنجا سپ حواس،
عشق جي لائيٽ تون ڏس، بي نقاب.

عشق جي لائيٽ آهي بيمثال، مٽ نہ ان جي آهه، روشن آفتاب.
پنج جٽن آهين، تنهنجون اندريون، پنج آهن تنهنجون ٻيون ٻڌ در حجاب.
جي وجهين کولي اهي دل جون دريون، نُور پهچي ات خدائي، بيحجاب.
"پنج حسے هست جز ايمن پنج حس، اين زرِ سرخ است، اين حسها چون مس."

"روزنِ دل، چون کشاده است و صفا، مے رسد ہي واسطہ نورِ خدا."
ڀ اهي ٻڻ پنج دروازا تون جاڻ، ڪوڻجن ٿا سي لطيفا حق ۽ سڀ آب.
"گر تو گاه و جوَ خوري، قربان شوي، گر تو نورِ حق خوري، قرآن شوي."
آدميءَ جي سينهي ۾ آهين سي، نور جا مخفي خزانا، بر صواب.
ٿا جڏهن صافي ٿين، سي در سڀي، نور جون لاڻون اچن ٻو بي‌نقاب.
"آئينہ دل چون شود صافي و پاک، نقشها بيني، برون از خاک و آب."
آسمانن تي اڏامي آدمي، جڏن ستارن ۾ گهمي ٿو ماهتاب.
"نورِ عشق حق بدل جان اوفتد، همچنين روشن شوي، چون آفتاب."

واٽ وٺڻ جي

دل جي دروازي تان ڪوري ڪڍ ڪيڏ،
تا ڪلي سارو ٻوي باطن جو باب.

حرص و طمع ڀ ڪوڙ ڪپي ڪي ڪيڏ، ٻڻ محبت غير جي ڪيڏ تون شتاب.
دل ڪي ڪر تون سڀي عيبن کان ٻري، ٿي فقط يڪخيال مولا جي جناب.
سڀ تعلق، عالمِ فاني جا ڪيڏ، جي خدا جي واٽ کان آهن حجاب.
صبر و شڪر و صدق و عدل و حب" ٻڻ، دل جون وصفون ٺيڪ چاڃ ڀ ثواب.
"هر ڪه را جامہ ز عشقي چاک شد، او ز حرص و عيب کلي، پاک شد."
اسمِ ذاتي، قلب ٻڌجي ۾ هلاء، جڏن وڃي سڀي رڳن ۾ ٻيو رباب.
نفس ٻڌجو مار ڀ مولا کي ٻَس، وقت گذري ٿو وڃي، جڏ آهه خواب.
"نفس نتوان کشن زالا چار چيز"، آهي فرمايو، فريدالدين، جناب.
"هيچ نکشد نفس را جز ظلِ پير، دا منِ آن نفس کش را سخت گير."
"تاک نورِ او کشد، نارِ ترا، وصل او گلشن کند، خارِ ترا."

ڪاميابي

قلب جو رڪ رابطو مرشد سان تون،
تان فنافي الشيخ ٿي، تون ڪامياب.


ٿي فنا ٻوءِ عشق نبوي ۾ تمام، آهه رستو عشق جو هي بر صواب.
سا محبت مصطفيٰ جي آهه جا، ٿي رسائي، توڙ تائين همرڪاب.
سيد الثقلين سرور آ شفيع، آ اڙين آڏر، وسيلو مستطاب.
ڪين ملندي واٽ سنت کان سوا، ڪين رستو آهه ٻيو ڪو ڪامياب.
شرع جي طاعت سدا مقصود جاڻ، بس! شريعت تي سندس رهي برصواب.

وائون ٻيون سڀ بند آهن، اي ادا، هڪ طريقت مصطفيٰ جي مستجاب.
۽ حقيقت هن خدائي وات ۾، مصطفيٰ جي ٻيروي ۾ آ، جناب.
رک محبت آل سان اصحاب سان، اوليا آهن، ڪرامت جا سحاب.
۽ عقيدا اهل سنت جا هجن، ۽ جماعت سان رهن، ڪار ثواب.

فنا ۽ بقا

معرفت مولا سندي، ان ۾ ملي،
ور نہ انسان آهه هڪ حيوان، دواب.

روح جو رک رابطو الله سان، ٽي فنا في الله ۾، منزل-آب.
هن اطاعت ۽ محبت ۾ فنا، ٽي ٻوي حاصل، درِ مقصود ثاب.
ٽي فنا في الله، حاصل جڏ ٿئي، ٻو بقا بالله، حاصل ٽئي شتاب.
"گرچه آن وصلت بقا الدر بقا است، ليڪ اول آن بقا اندر فنا است."
پاڻ پاسي، پاڻ ڪان ٿي، پاڻ تون، ڏس برين ڪي، پاڻ ۾ تون بي-نقاب.
ٽي بقا بالله جي منزل ملي، ۽ ڪجن ٽا سڀ اتي مادي-حجاب.
بندگي ۽ عشق ڪي مقصود سمجهه، هن نصيحت تي هلي ٽي، برصواب.
'عبد' ٽي، پر 'عبد' تون الله جو، ان ڪان ڪي ڪجهه وڏ لکڻ جو ناهه تاب.



نوٽ: زياده تر فارسي شعر رومي جا آهن، ۽ ٻيا عطار ۽ ٻين شاعرن جا آهن.



حاجي احمد ملاح

مولانا حاجي احمد ملاح، سنڌ جي مشهور شاعرن مان برڪ شاعر آهي. ٻاڻ نانگڻي ملاح جو فرزند ارجمند آهي، ۽ ٻنهنجي اصلي ڳوٺ ڪنڊي (تعلقي بدين) ۾ ڄائو. سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ٻڌمي، ٻڪڙا ميمڻ، ٽوها، بدين، سجاول ۽ ٻين جڳهين تي ورتائين. آخر ناڪي شاهه ۾ عربي پڙهي تحصيل ڪيائين، ۽ دستاربندي ۾ ان مڪتب ۾ ڪيائين. عالم جي حيثيت ۾ ٻنهنجي ڳوٺ ڪنڊي ۾ موڪي آيو. لورمحمد منڊري، لاکي ٻيرو ڪنڊو ۽ ٻڌميءَ جي مڪتبن ۾ ڪجهه وقت تعليم ڏنائين. ان وقت خلافت جي تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي، ان تحريڪ ۾ زوردار حصو ونڊ ڪري جيل ڀڃ ويو. ان ڪان پوءِ پير عالي شاهه جي مدرسي مظهرالعلوم بدين ۾ عربي پڙهائڻ لڳو. ۱۹۳۲ع ۾ سني ۽ وهابي تحريڪ سبب ان مدرسي کي ۽ خيرباد چيائين. پوءِ غريب آباد ۾ ٻنهنجو پلات ونڊي، ٻنهنجو مدرسو اڇي کوليائين. ان وقت غريب آباد ويران ٽڪر هو، جنهن کي ٻاڻ آباد ۽ شاد ڪيائين. ان مدرسي جو ٻاڻ منتظم هو. سندس هٿ هيٺ مولوي عبدالوهاب، مولوي عبدالغفور سيتائي، مولوي محمود ۽ مولوي گل محمد هيڊ معلم ٿيا. هينئر پوٽن عالم هيڊ معلم آهي. اليڪشن ۾ ٻاڻ مير غلام علي خان تالپر جو وڏو طرفدار ٿي رهيو. مير موصوف سندس حد ڪان وڌيڪ عزت ڪندو هو. سنڌ مان ٻيهودي عقيدن جي ٻاڙ ٻڏڻ لاءِ (۱) سعرفت الاهم، (۲) فتح لواري، (۳) هيڪڙائي حق، (۴) گلزار احمد، (۵) گلشن احمد، (۶) بياض احمد، (۷) نُورالقرآن (سڄو قرآن سنڌي ٻولي ۾) وغيره ڪتاب لکيائين، جي هيستائين شايع ٿي چڪا آهن. سندس هن وقت ڏوي (۹۰) ورهيه عمر ٿيندي. عبدالرحيم ۽ عبدالله نالي ڪيس ٻه فرزند آهن. ٻاڻ هينئر ڪهڙو ڪري آکهو گذاري ٿو. ـ محمد سومار شيخ

مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ بيناهه روايي، بيساختگي ۽ برجستگي آهي. سندس شعر ائين ٿا مترشح ٿين، جڻ ته کو الهام آهي. قرآن کريم جي ترجمي جا بيت نهايت دلکش ۽ لطافت وارا آهن. سندس شاعريءَ ۾ جو منفرد مقام آهي، ان جو کوبه مٺ ٿالي کولهي! ـ ادارو

* * *

بيت

(۱)

عالم جا الله، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، هادي ٿي همراهه،
واحدا کانهي واهه، تو ڏاران تير جيتري.

(۲)

عالم جا الله، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، آهين ٻاڻ پناهه،
مون تان مهرنگاهه، پرور لاهه ته پنهنجي!

(۳)

عالم جا غلام، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، ڪربون روز ڪلام،
مڃي محمد عربي، آندو سون اسلام،
صلواتون سلام، موڪل محمد مير تي.

(۴)

عالم جا عليم، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، سڏڻا سڻ سليم،
هر هر حال حليم، ٻڌيو ٻانهون ٻڏائيان.

(۵)

عالم جا آڌار، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، سڻ سبب سردار،
ڏانهون توکان ڏار، پي ڪي ڪين ٻڏائيون.

(۶)

عالم جا اجها، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، زاريون ڪن ججها،
ڏانهون درد منجها، ڪريان، ٻڌ ڪريم تون.

(۷)

عالم جا آڌار، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، مدد ڏج مدار،
صاحب صبح شام، توتي سڏ سوالين جا.

(۸)

عالم جا آقا! آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، واحد ٻڌج واڪا،
آڻيان آب اکين ۾، لاشڪ تو لاڪا،
ڪوڪ سندم تون ڪا، من داخل دفتر ڪارئين.

(۹)

عالم جا صاحب، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، واحد ٻڌج واجب،
آهين عجائب، ڪهڙي صفت سڃاڻان.

(۱۰)

عالم جا اي رب"! آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، منهنجا ڪر مطلب،
مشرق ۽ مغرب، ميڙ ملڪ تنهنجي ميلڪ ۾.

(۱۱)

عالم جا والي، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، سڏين سوالي،
متي آميد عفو جي، مڙيا سوالي،
خالق ڪان خالي، صبح سوالي ڪين ٿئي.

(۱۲)

عالم جا خلاق، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، اٿون آت اوطاق،

جفت نہ جوڙ جهان ۾، تون تان طاقين طاق،
مدد ملڻ جي ٻاب ۾، مڪڻ ٿا مشتاق،
اچي ويا افسوس سان، اوسڙ ۾ عشاق،
وارين واءُ وصال جو، فائق لاهه فراق،
ساقي سيمين ساق، جي جسم جام ٻيارئين.

(١٣)

عالم جا اولياءِ، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، ڪهڙن سکهه ڪولا،
مڙيا معافي واسطي، موالي، مولا!
ڏيئي ترڪ تمام ڪي، طالب ٿيا تولا،
اڪين تان اولا، ڪٽي لطف سان لاهيو.

(١۴)

عالم جا خدا! آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، مڪان من مدعا،
ٻڌ حقيقت حال جي، هادي راه هدا،
خدا ڪر مرَ جدا، ٻانهون ٻنهنجي ٻاجهه ڪان.

(١۵)

عالم جا ڏڻي، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، واڻي سون وڻي،
آڳا تنهنجي عفو ۾، اسان آس ڪهڻي،
خطرا خام خيال سون، خالق بخش ڪڻي،
توڪان بعد ٽڻي، قادر ڪانهي ڪنهن جي.

(١۶)

عالم جا سائين، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين، ڪوڙن ڪيائين،
و ربنا الله المستعان، نالو ليائين،
رب غفروَرّحيم وانت خيرالراحمين، آيو ايائين،
چٽو چيائين، تہ ٻاڻان ٻاسي ڪر نہ سون.

غزل

♥

در ڪو آهيون ٻا نہ آهيون، خواب آهي ٻا خيال،
هي بزرگيون بادشاهيون، خواب آهي ٻا خيال.
خاڪ ٽيندا خاڪ ۾، خاڪسان توڙي خان سپ،
هي خوشيون هي خانگاهيون، خواب آهي يا خيال.
هيڪلو آئين هيڪلو، ويندين هٿي ٻڌ هيڪلو،
هڪڙي سان هر صلاحيون، خواب آهي يا خيال.
هي ٻنائون ٻنگلا، هي ٻاغ هي بونڊون بهار،
هي سفيديون، هي سياهيون، خواب آهي يا خيال.
هي حڪم، هي حڪمتون، هي حرف توڙي حرفتون،
شغل شاديون، شوق شاهيون، خواب آهي يا خيال.
هي سڳا ۽ هي سڳر، هي صاحبيون هي صحبتون،
هي صبوحيون، هي صراحيون، خواب آهي يا خيال.

هي نشا، هي نازبو، هي نازكيون ۽ ناز راز،
هي كجل ۽ كج كلاهيون، خواب آهي يا خيال.

هيءَ جواني يار جاني، هيءَ جميعت، هي جمال،
هي بدن تي بره باهيون، خواب آهي يا خيال.

هيءَ حياتي جي بقا، ٻيو هل حشر سامهون سڄي،
كنهن سبب سيني كي ساهيون، خواب آهي يا خيال.

سوت گهيريو ملك سارو، مرض موڙا هر مكان،
لڏ ليكي كنهن لوءَ لاهيون، خواب آهي يا خيال.

مائٽائو ملك ٻيو كو، هي ته مانجهاندي جو ماڳ،
راه ۾ ڪيئن رات راهيون، خواب آهي يا خيال.

ڪيئن اچي پچري ۾ پورئين، اي پكي پرڏيهه جا!
كر ڏنيون في الحال ڏاهيون، خواب آهي يا خيال.

كر ورڻ واري وطن ڏي، كوه گذارين قيد ۾،
كيڏ ڪچيءَ سان ڪٽ گراهيون، خواب آهي يا خيال.

آه 'احمد' چئي، امن جو آسرو الله وٽ،
ٻيا ٻنارا ۽ ٻناهيون، خواب آهي يا خيال.

•

●

گلبدن جي گهوٽ وڃي يا چاٻڪن سان چوٽ وڃي؟
انب وڃي انگور وڃي يا منجهه ميني مذكور وڃي؟

قلب قابو كيو قريبن، زور كوڙين كان كڙي،
مينهين ڪنديءَ جا پور وڃي يا سُنهن پسڻ جو پور وڃي؟

دوست ڏسجي ديرسان، اي ديس جو دستور آهي،
ديس جو دستور وڃي يا نه ته بغل پرپور وڃي؟

دل ڏنيل در تي ڏينو، دلبر دوائون ڏئي ٿين،
تينهن جا لاسور وڃي يا ٻٽ سنڌين جو سور وڃي.

موتيو موتيءَ كڍو جي ڏئي ته مون تان موت معاف،
حوض كوثر حور وڃي يا مه جبين منظور وڃي.

سج سجوڻي ڏينهن سجڻ ڏي سجڻ جي سيج كي،
سُنهن اڇيان مزدور وڃي يا تخت سر تيمور وڃي؟

مون گهريو گڏجڻ گهٽيءَ ۾، گهوُر ڏيئي گهر ڏيئي چٽيون،
ديس درسن ڏور وڃي، يا دوستي در پور وڃي؟
جا گهون جاگير جنت، ملهه سڙوئي جان مال،
ملڪيت مذکور وڃي، يا ملڪيت کان سُور وڃي.
عشق 'احمد' جو احد سان، کوهه کاهي کوهه پاس،
نُور اندر نُور وڃي، يا تير تجلي طور وڃي.

●

خوف پيو اڄ خلق ۾، خوني خماريا نيڻ تو،
محبتي ميدان ۾، محبوب ماريا نيڻ تو.

کي لڳن چاتيءَ ۾ چيرا، چرڪ ڪيندي پيا چٽي،
منجهه انبوريءَ جي اٽين، عاشق اپاريا ليڻ تو.
ماريا منصور جهڙا، مرد تنهنجي ماءُري،
ڏڪ ڪري سوريءَ مٽي، سهسين سنواريا نيڻ تو.
وار ڪاهي دل ڦُرڻ لٽ، تير مٽي طلسم تمار،
دار ۾ داڻو رکي، دانا ڏتاريا ليڻ تو.
ويو لهي ان ڏينهن کان 'احمد' عمر جو آسرو،
سچ، جڏهن سُرمون وجهي، سهٽا سينگاريا ليڻ تو.

●

اک ڪيئن لڳي، اکين جو آرام آسامهون،
باغ و بهار پيڙا، بادام آسامهون.

انگل اڙيءَ اڙيءَ ۾، ڪاکل ڪڙيءَ ڪڙيءَ ۾
گهاليي گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ گلفام آسامهون.
گل خواب سان خماريون، شب خون جي شماريون،
مسکين مفت ماريون، ماتام آسامهون.
پانيان بغل پرين تون، تَن مَن وڌي ترين تون،
ڪوئي وري ڪرين تون، قتلام آسامهون.
هڪ جنس نئين جڳن ۾، چوها چندن چڳن ۾،
ٻڙو ٻڪي ٻڳن ۾، ٻيغام آسامهون.

جن جا نہ روح رهندا، سي سور چو نہ سهندا،
گهاري نہ گهوري سهندان، گهر گام آسامهون.

ساري رکيس سحبت، اگيان سوال صحبت،
اڄ کيو عجيب البت، انجام آسامهون.

مُرکن سندئي ميلائي، کر کا پلا، پلائي،
'احمد' گهري اهائي، انعام آسامهون.

●

مرحبا، محبوب! منهنجا، تو مٹان سر گهوريان،
گس گهٹيون چايا گلن سان، گنج گوهر گهوريان.

ماڻکن جا مينهن وَسايان تُنهنجي سارڳ ماڳ تان،
تنهنجي خدمت ۾ خزانا، خوب خوشتر گهوريان.

هنج هرڻ، حورون پَريون، هيرا حُسن ۾ هيچ هيت،
تنهنجي جلوي جوت تان جنسار جوهر گهوريان.

تنهنجي خط ۽ خال کي، مشکي خطا، کوڻن خطا،
عرق تنهنجي تان عجيبا، عطر عنبر گهوريان.

کونجڑين کي کَر نمايا، کنڈ اگيان تنهنجي قريب،
تنهنجي قه قه تان ڪبڪ، تمريون، ڪبوتر گهوريان.

نڪ نيلوفر نمونو، نرم اڳ، نرمل اکيون،
تنهنجي هيرن تان هيارا، پٽ پٽيهر گهوريان.

چنڊ چهرو، چشم چڪمڪ، چوسرو چوٽو چندن،
وات ڪوثر کان ڪٹ، زمزم ذقن سر گهوريان.

آهه 'احمد' کي اندر ۾، عمر ساري جي اداس،
اڄ تہ اڄ کي مَن اندر جون اوريان گهر گهوريان.

●

اي اميرو! عام آهُون، رنگ لائيندیون ضرور!
نت نمائن جون لگاهون، رنگ لائيندیون ضرور!

ظلم ظاهر تين مٹي، جن لئہ ضروري ٹي لکات،
گاهجي وبون تن جون گاهون، رنگ لائيندیون ضرور!

كن ٻُلاهون ٻيٽ ۾، ٻر ٻيٽ ڪن جا ٽيا ٻَلا،
هي ٻَلا ۽ هي ٻُلاهون، رنگ لائيندیون ضرور!


منجهه ڪنگالن ڪنگ رڙ، ڪَرَهُل، ڪَلهن جا سيرڪُلهن،
واهري جي ويڙ واهون، رنگ لائيندیون ضرور!

ويڙا ووڙن ري نه ورتو، تو تراڙين سانڀ تخت،
عار رائي ڏار راهون، رنگ لائيندیون ضرور!

هين بکين ڪئين بادشاهه برباد ڪيا اي بيخبر،
هي ڪُمهريون ڦهر ڪاهون رنگ لائيندیون ضرور!

زار کي زاري ڪرائيون، روس ۾ جو هو رئيس،
تون نه تنهن کان ٻڌ ٻراهون، رنگ لائيندیون ضرور!

مُلڪ 'احمد' آهي لا إله إلا الله جو،
تين تي ڪلمي جون ڪلاهون، رنگ لائيندیون ضرور!





مولانا محمد عظيم "شيدا"

مولانا محمد عظيم "شيدا" مشهور عالم دين ۽ مفتيءَ ۽ مدرس جي حيثيت سان ڪنهن ٻ تعارف جو محتاج نہ آهي. ٻاڻ ٻڌجي سوانح حيات ۾ لکي ٿو:

"نالو محمد عظيم، ولد لعل بخش سولنگي، مولد گل پرڙو، تعلقو واره، ضلعو لاڙڪاڻو. آڳ وچولي طبقي جي خاندان مان آهيان. قرآن شريف ۽ اورنامو وڏي پاءُ مرحوم آخوند فقيرمحمد کان پڙهيس، ۽ فارسي، عربي، ڪنز، ڪافيہ تائين ڪنڊو شهر ۾، جناب سيد مولانا عبدالعزيز مڪراني خاراني وٽ پڙهيس. مختصر معاني، ميبڌي، مشڪواة، پير صاحب جهنڈي جي مدرسي ۾ پڙهيس. منطق پليڈ آباد ۾ مولانا خادم حسين وٽ پڙهيس. باقي علوم، شاهہ صاحب مولانا محمد محسن شاهہ وٽ ميان جي ڳوٺ ۾ پڙهي، دستاربندي ڪيم. ۱۳۳۵ھ ۾ فارغ التحصيل ٿي، مختلف شهرن ۾ درس تدريس شروع ڪيم. هن طرح خداداد ٻاڻ جي ڳوٺ ۵ سال، شهر مائي شاهل ۵ سال، وڏا وڪڙ ۱۲ سال، يارو ديرو ۱۲ سال رهيس. هينئر عمر ۸۸ سال آهي. (تقريباً ۶۰) سٺ طالب العلم، سون کان فارغ التحصيل ٿي، عالم، فاضل ۽ مدرس ٿي ويا آهن. تعليم کان سواءِ وجه معاش حڪمت آهي. آڳ حڪيم حاذق آهيان. نواب سر غيبي خان چانڊيي، نواب يوسف خان منگسيءَ جي خاندان جو آڳ حڪيم ٿي رهيو آهيان. هينئر ٻ مهلک ۽ مزمن مرض جو معالج آهيان. ٻ ڀيرا حرمين شريفين وڃي حج پڙهي آيو آهيان. هڪ شريف جي زماني ۾ ۱۳۳۹ھ ۾، ۽ ٻيو ڀيرو ۱۹۵۳ع ۾ عراق ۽ اردن کان ٿيندي مدينہ آيس ۽ اتاهون مڪي ۾ آيس. الله تعالىٰ حج مبرور فرمائي شال!

قومي مشغولي خلافت جي زماني کان وڏي سرجوشي سان رهندي آئي. جمعيت العلماء ضلعي لاڙڪاڻي جو صدر ٻ رهيو آهيان، ۽ جمعيت العلماء هند جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ٻ ميمبر رهي چڪو آهيان.

شعر ۾ دلچسپي خاص رهي آهي، تخلص 'شيدا' آهي.

موجوده وقت ۾ ڏهه فرزند آهن ۽ به نياڻيون آهن: هڪ ڀيڻ ڀاءُ سڀ گريجويٽ آهن. به وڪيل آهن، ٻيا مختلف نوڪرين ۾ آهن. انهن مان چار قرآن جا حافظ آهن. ڪل گهر ۾ ست-پنجهٽ ڀاتي آهيون، ڪاڻ ٻيڻ ۾ ڪڏ آهيون، ڪنوارات به ڪڏ آهي. ڪل ٽي شاديون ڪيو. اول مان به فرزند آهن، ٻيئي وڪيل آهن. ان جي فوت ٿيڻ بعد به شاديون ڪيو. هڪ مان چار فرزند به نياڻيون آهن. هڪ نياڻي پنهنجي پائٽيي حافظ شمس‌الحق کي، ٻي نياڻي پنهنجي هڪ عزيز روشن علي کي ڏنل آهن، جي به نوڪرين ۾ آهن. اهو آهي اسان جو مختصر حال زندگيءَ جو."

غزل

●

ساقي! اڇوڪي بزم ۾ وه جو سرور هو،
مئي خوشگوار لعل بتان جو حضور هو.

زاهد به زهد خشڪ کان آيو ملول ٽي،
جو ان کي باده ناب جو بيحد ضرور هو.

رندي ۽ زاهدي نه مدار آ نجات جو،
آهيم آسرو جو هو الله غفور هو.

اکڙينپ ۾ تيغ ابرو کيا هين شهيد لڪ،
قاتل کي پنهنجي تيغ تي ڪيڏو غرور هو.

هڪ جلوه ناز سان جو لٽي دل کي دلربا،
سينگار تنهنجو سهڻل، ويتر ڪلور هو.

فرقت ۾ صبر جو ڪيو سون، جي نه ڪنهن ڪيو،
يعقوب کان وڌيڪ هي منهنجو صبور هو.

سينو سڙي جو عشق اوهان جي ۾ ويو ٻرين،
تو ٻاڻ سمجهيو ان کي ته گويا تنور هو.


ظلمات دوجهان سندي ڪافور ٽي وئي،
'شيدائي' ان جي اور جو جنهن دم ظهور هو.

●

جي تيغ برّان سان مون کي مارين تہ چئبو تنهنجو ڪمال ڪهڙو،
جي جلوه هڪ سان پسم نہ ڪيو تو تہ چئبو تنهنجو جمال ڪهڙوا
عجب ٿهي ٿو هلال ابرو اوهان جي بدر منير رخ تي،
شڪي فلڪ ٿي چيو ويچاري تہ منهنجو بدر و هلال ڪهڙو.
انهي جو در ٿيو آ منهنجو ڪعبو خبر نٿي پئي ڪنهين جهت جي،
نہ جائان مشرق نہ جائان مغرب، جنوب ڪهڙو شمال ڪهڙوا
فنا ٿيو 'شيدا' رهيو نہ دنيا ۾ ان جو نالو نشان باقي،
انهي جو هاڻي جمال ڪهڙو، جلال ڪهڙو، زوال ڪهڙوا

●

مون کي پير مغان گهرجي نڪو ابرار سان مطلب،
نہ ساقي سان نہ ساغر سان نڪو خمار سان مطلب.
نہ زاهد سان نہ راهب سان نڪو آ رند سان مطلب،
نڪا تسبيح پي گهرجي، نڪو زنار سان مطلب.
شهيد ناز آهيان مان وري قاتل جي ڏمڪي چا،
مان بسمل اڳ مثل آهيان نڪو تلوار سان مطلب.
هرائو ناهي آهيان ميڪدي جو، چا ڪندو واعظ،
نہ مسجد سان نہ مندر سان نڪو احبار سان مطلب.
مکي خاکو لکن کي مست ٿي در تنهنجي تي ويٺس،
شهنشاهي سان منهنجو چا نہ شاهوڪار سان مطلب.
ٿيس مان محو جلوي ۾ نفي اثبات ٿي وئي گم،
نڪا اقرار جي خواهش نڪو انڪار سان مطلب.
لواء الحمد هيٺان هولڏو منهنجو لعرو مستانہ،
آهيان 'شيدا' محمد جو نہ پئي مهندار سان مطلب.





مولوي درمحمد «خاڪ» ڪانڊلوي

اسر گرامي درمحمد، تخلص خاڪ، عمر: ۷۵ سال، خاندان: صديقي ۽ قريشي، ڀاڙو خيالائي، ولادت: ۱۲- ربيع اول ۱۳۱۳هـ، شهر ڪانڊڙه، ضلع لاڙڪاڻو سنڌ.

حضرت 'خاڪ' ڳنماميءَ ۽ گوشه نشيني هوندي به علم ۽ فضل جي حيثيت سان معروف شخصيت جو مالڪ آهي. ذڪر و فڪر، زهد و ورع، اوراد ۽ اشغال ۾ مشغول هوندي به شعر و شاعريءَ سان شغف رکي ٿو. سندس ڪلام عشقيه ۽ اخلاقي آهي.

ڪانڊلوي ان ڪري ٿو سڏجي، جو سندس وڏن بزرگن مان مخدوم قاضي ضياءالدين صديقي و قريشي، هند ۾ مظفرنگر جي پسگردائيءَ ۾ هڪ پهاڙ جي ڪنڊرن ڪي سنواري ڳوٺ ٻڌايو، جو ڪانڊره نالي سان مشهور ٿيو، جو اڳتي هلي اردوءَ ۾ ڪالدهلڙ ۽ سنڌيءَ ۾ ڪانڊڙه ٿيو. ان ڳوٺ ڪالدهلڙ مان ڪيترا نالميرا بزرگ ٿيا: جيئن، علامه مولانا الاهي بخش صديقي (شارح مثنوي مولانا روميّ) تبليغي جماعت جو باني، مولانا الياس رحه وغيره.

ان خاندان مان هڪ بزرگ شاه احمد، ان وقت جي تغلق بادشاهه سان ڪڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ هتي ئي نصيرآباد ضلع لاڙڪاڻه ۾ ڪالدهلڙ نالي ڳوٺ ٻڌائي آباد ٿيو، جو ڪانڊڙا سڏجي ٿو. ڪيس هت ۾ فرزند ٿيا. ۱- خيال احمد ۲- مجتهد احمد. مولانا خاڪ، خيال احمد صاحب جي نسل مان آهي، ان ڪري خيالائي سڏجي ٿو.

اول، تخلص 'خطائي' ڪندو هو. ان کان پوء 'خاڪ' تخلص استعمال ڪري ٿو.

مختلف علوم دينيءَ تصوف ۽ فتاويٰ تي ست ستر ڪتاب لکي ڇڪو آهي، جن مان 'خزانةالعارفين' حضرت لطيف جي صوفيانه شرح آهي ۽ مقبول آهي.

هاڻ هن وقت انجمن همدرد قوم نصيرآباد ۽ هزم لطيف نصيرآباد جو صدر آهي. وڏيءَ عمر هوندي به علمي مشغلن، طريقت ۽ عبادت ۾ مشغول رهي ٿو. ـ 'آصف' مصراڻي.

* * *

نعت

محمّد مصطفيٰ هادي، همه هادين جو هادي آهه!
نيائي نينهن جو نادي، همه هادين جو هادي آهه!

فنا فغفر امّتي ڀريون، جمڙ سان جام فرمايو،
گهري بخشيش جي گادي، همه هادين جو هادي آهه!

خوشي ٿي شهر گهر گهر ۾، عرب ڇڙ باغ ٻڌجي ويو،
مگر دشمن سان ٿي تعدي، همه هادين جو هادي آهه.

سڃڙ جنهن سال ۾ جائو، جڻيا سڀ عورتن ٻڌڻا،
نه ڪنهن عورت ڇڻي مادي، همه هادين جو هادي آهه.

لقب لولاک جو مالک، لسورو نور نورالله،
ڏسي شهرن ۾ ٿي شادي، همه هادين جو هادي آهه.

قريشي قاعدن جو ٻڙ وڏو ٿي قائد اعظم آهه،
اڻ اڏ رات جو عادي، همه هادين جو هادي آهه.

لڪل... قوم ٿي هادي، همه جي واسطي آيو،
وهي وحدت سندي وادي، همه هادين جو هادي آهه.

مڪو سهراڻ ٻڌجي ٻيو، مدينو معرفت جو گهر،
عرب ايران آبادي، همه هادين جو هادي آهه.

ٻڌي رحمت جهانن جي عرب ۾ عرش ڪان آيو،
ٿناخوان 'خاڪ' اولادي، همه هادين جو هادي آهه.

ڪافيون

*

صورت سڄڻ جي سهڻي سبحان آدمي ۾،
تجلي جو تاب طوري، تاهان آدمي ۾!

جهڙو جلاءُ جلوه جاني جمال جو آهي،
تهڙو ڪ حسن هرگز عالم مثال جو آهي،
ديدار يار اهڙي جو دان آدمي ۾!

نوري نظر جو ناظر نروار نينهن وارو،
هوتن جي آڏو حاضر نروار نينهن وارو،
نوري نظر کي نوري نيشان آدمي ۾.

جت ڪٿ جناب جاني جلوه نماءُ آهي،
سڄ سونهن جي ڏٺيءَ سان دل ٽي سماءُ آهي،
سارو جهان سڪ جو سامان آدمي ۾.

هر چيز حسن واري آئينو معرفت جو،
برگ و گلن بهاري آئينو معرفت جو،
هوتن جي حسن وارهگسان آدمي ۾.

اعزاز 'خاڪ' خوشتر فردوس فرش ڪان آهي،
ايجاد عشق اڳ ۾ افلاڪ عرش ڪان آهي،
جلوه نما جو جذبو جولان آدمي ۾.

*

قلبي ڪنن سان ڪانگل جو اڄ ڪلام ٻڌ ٻڌ،
سهڻي سڄڻ جي سڪ جو سهڻو سلام ٻڌ ٻڌ!

واکا ڪري وٽن ۾ لامن مٽي لنوي ٽو،
ظاهر زبان کولي توکي ته ڪجهه چوي ٽو،
خاموش ٽي ۽ دل سان، مخفي ڪا مار ٻڌ ٻڌ.

چپ چاپ سان چوڻ جي ڪا چاش تون چکي وڻ،
سڪ جو سنيهو سهڻو سهڻي طرح سکي وڻ،
ساکي سڻائي مصري جهڙو پيار ٻڌ ٻڌ.

ڪو نينهن جو ليارو نازڪ جو آ نرالو،
نيٽن نظر تي رڪ رڪ نازڪ جو لور نالو،
نيهين ۾ نينهن وارو نروار لام ٻڌ ٻڌ.
محبوب ٻاڻ ٻنهنجو پيغام موڪليو اڄ،
قرآن قل هوالله انعام موڪليو اڄ،
نروار نينهن واري نوبت نظام ٻڌ ٻڌ.
ڪانگل ٽهر مبارڪ ٻنهنجا پري پلي اڄ،
خوش 'خاڪ' تو اڳڻ تي آيو اجهو ٽلي اڄ،
ڪن سن ۾ ڪن جون ڳالهيون مخفي مدام ٻڌ ٻڌ!

*

ٻاڻ ڪي ٻاڻهي ٻاڻ سڃاڻي ٻاڻ ٻري نه ٻاڻ ڪون آهي،
مون جي سون ۾ مام جا مخفي ماڻ ٻري نه ماڻ ڪون آهي.

عين ٽسي عيني عين سڃاڻي ماڻ ٻري نه ماڻ ڪون آهي،
طلب جنين ڪي تاڻ آ تن ۾ تاڻ ٻري نه تاڻ ڪون آهي.
جاڻ جي جاڻين جاڻ ٿو جاڻين جاڻ ٻري نه جاڻ ڪون آهي،
پل له پلي آ پاڻ تي ٻنهنجي پاڻ ٻري نه پاڻ ڪون آهي.
رمز سان روئي يار ريجهائي آڻ ٻري نه آڻ ڪون آهي،
ٻاڻ جي ٻيٽو ٻار ٻريل ڪي ٻاڻ ٻري نه ٻاڻ ڪون آهي.
ڪاڻ ڪني جي ڪاڻ بڌ ڪيڏي ڪاڻ ٻري نه ڪاڻ ڪون آهي،
'خاڪ' خدائي ڪاڻ خفي آ ڪاڻ ٻري نه ڪاڻ ڪون آهي.

*

نظر سان نابود ڪي بود ڪيڙه،
هٿ سان مٽيءَ مٽ ڪي محمود ڪيڙه.

هٿن سان ٺهائي بنائي هي ٻوتو، ٻنهنجي روح ٿوڪڻ جو فرمود ڪيڙه.
ليازن سان نورن ٻه سرڙو نوايو، مٽي عبد آدم ڪي معبود ڪيڙه.
سڃڻ ساجدن ڪان ٽو سجدا ڪرائين، مون ڪي ٻاڻ ملڪن جو مسجود ڪيڙه.
هٿڻ ڪي هٿ ڪان اڳي هو نه حاصل، عدم ڪي اشاري سان موجود ڪيڙه.
سڃڻ سڪ جو سود و ازل ڪان اڳي هو، هتي ٻوءِ سيڪائي ڪهڙو سود ڪيڙه.
ٻرين ٻاڻ ٻنهان روبوش آهين، مگر مون ڪي مُلڪن ۾ مشهود ڪيڙه.
ڪلي 'خاڪ' ڪي ٻاڻ عرشن تي آندُم، ڏسي جوش جذبو ڪرم جود ڪيڙه.

غزل

●

نگار رخ تي نقاب چاکون وڏو آڻو آ خيال کهڙو،
نقاب رخ تان ٻري کڻ ۽ ٻلا رسي ٿو وبال کهڙو.

نظر ۽ ناز و ادا سان نازک عشاق جي دل لٽي کسي وڃو،
ڏئي جدائي جگر جلائڻ ۽ آ اوهان جو جلال کهڙو.

رموز چشمن اوهان جي ريهي چريو ۽ مجنون مون کي بنايو،
ايا ٻ رخ تي نقاب آڻڻ عجب هي ڏاريو خيال کهڙو.

نقاب رخ تي وجهي نه شمس و قمر ۽ اختر اوهان وجهو ڇو،
نقاب لاهي نهار نازک نظر سان ٽينڊس نهال کهڙو.

فراق تنهنجو ستر جي آتش سڙن ٿا عاشق مدام ان ۾،
جي تيغ ٻران سان مون کي مارين ته ان ۾ ڇٻو ڪمال کهڙو.

فراق ۾ ڇا مهينا هفتا لنگهي ورهيه وبا وڇوڙي اندر،
ايا عنايت وصال ناهي سنگين دل ٽئين ڪلال کهڙو.

دليا جا اکڙ عجيب رخ جي ضيا کي رخشان رکن مدامي،
لکين پتنگ ٽين شهيد تنهن تي اوهان قبوليو مثال کهڙو.

زکواة جيکو کڏي نه گنج جمال مان سو سخي له سڏ ٻو،
الهيء تونگر جمال جي کي ڏسيو ته جاه و جلال کهڙو.

خدارا خوشرو حيات اندر ڪرايو ديدار مون کي دلکش،
مرڻ کان ٻوء جي قبر تي ايندو اهو اسان لئه وصال کهڙو.

فراق ساڙي بدن کي ٻاري ڇڏي رهيو آهه ساهه باقي،
منگي 'خطائي' ملڻ ملاقي ميلو جي جاني محال کهڙو.

●

حسن عالمتاب تي حيران کجهه مستان کجهه،
سان فقط ناهيان سوين سلطان کجهه دربان کجهه.

شمس شيدا ٿي رهيو شب روز تنهنجي شوق ۾،
چند تارا ۽ ڪيون قربان کجهه نگران کجهه.

شمع رخ روشن مٿي دل سوخته سوَ ۽ لکين،
اوليا ڇا انبيا ٻيران کجهه پروان کجهه.

سون مريضِ عشق کي گهُرجي نه ويجن جي دوا،
ٿو فقط تنهنجو کپي ديدار کجهه درمان کجهه.

سوز سِڪ تنهنجي ۾ ساجن سال سوَ گذري ويا،
وصل جو وارو ڏئي ڏي دين کجهه ايمان کجهه.

جي سڃي دليا سڻي منهن، تون فقط منهڙو نه ٻڌ،
يار ساربندي نه سون کي گردشِ دوران کجهه.

عمر ساري خواب ٿي وئي شاهِ خوبان خواب ۾،
روئي روشن کي کيو تابان کجهه رخشان کجهه.

صورتِ گُلگون مٿي مرغِ چمن مفتون لک،
بلبل و گل ٻئي ڏسڻ خندان کجهه گريان کجهه.

اي سخي ساقي پري ڏي 'خاڪ' کي ساغر صفا،
تنهنجي هٿ سان، تان رهي شادان کجهه فرحان کجهه.

●

حيف، هٿ تنهنجي کان وئي جوبن جواني، جوت حيف،
تو لڪ ڪئي ليکي سندي کنهن ڏينهن ۾ گڻ ڳوت حيف!

لک لڏي وبا ديس تنهنجي تي وکر وڃي ڪٽي،
تو نه موتي وڃيا ٻئي عمر ۾ آوت حيف.

برف جيان تنهنجي حياتي روز سج جي تاب تي،
عمر تنهنجي ٿي گهري مقصود تنهنجو فوت حيف.

لڏِ لڏڻ جا رات ڏينهان نڙ نڱارا ٿا وڄن،
تون نه اي ٻوڙا ٻڌين ٿو موت وارو صوت حيف.

'خاڪ' خالق کان گهُري وٺ ڏوهه جي معافي هتي،
تو نه راتيان ڏينهن روئڻ جي ڪئي ڪا روت حيف.

●

جڏ تولگر ۾ گدا هلندو خدا جي روبرو،
نيڪ و بد هرڪو جزا لهندو خدا جي روبرو.

تون نه ظالم ظلم ڪر ٻيڏوهه سون مظلوم سان،
تنهنجو منهنجو فيصلو ٿيندو خدا جي روبرو.

جي دنيا جي دؤر ۾ ويٺا وساري موت کي،
موت تين کي زور سان نيندو خدا جي روبرو.

هن دنيا جي آشياني ۾ لہ رهندو کو نہ ڪي،
پر آڏي هرکو وڃي رسندو خدا جي روبرو.
ڏس سڪندر بادشاه دارا چڏي دنيا هتي،
ويو هاليا هرکو هلي رهندو خدا جي روبرو،
جت فقير و پير شاه وسير ٽبندا گڏ اچي،
'خاڪ' هرکو حق آتي ڏيندو خدا جي روبرو.

●

حال ٻڌ ۽ قال ٻڌ هر سرّ سبحاني نہ ٻڌ،
روح ٻڌ، ريهاڻ ٻڌ هر راز روحاني نہ ٻڌ.
عين عبرت جي ٻڌي جاڏي ڏسان، جاني پسان،
ناز پرور نازنين جو لاڙ نگراني لہ ٻڌ.
شمع رخ جي تاب تي پروانہ لک سوزان ٿيا،
يار جي شوخي نہ ٻڌ، عاشق جي قرباني نہ ٻڌ.
تيغ آبرن جي تکي آ چشم جي خنجر کنان،
ليٽ نيزن نازڪن جي لوڪ نيشالي نہ ٻڌ.
هجر جو احوال سارو ڏي سڃڻ کي خابرو،
سوز ٻڌ ۽ سور ٻڌ پر درد پنهاني لہ ٻڌ.
حُسن هوتن جي اڳيان شمس و قمر تارا شکي،
حُسن پرور حسنّ تي کا دل جي حيراني نہ ٻڌ.
'خاڪ' پنهنجي دلربا کان گهرُ دوا ديدار جي،
ديدبازيء ۾ شفا پي خاص احساني نہ ٻڌ.

نظم

سرور کي سلام

سروري درگاهہ جي سرتاج سرور کي سلام،
دل جي دلڪش دين جي دهدار دلبر کي سلام.

غوثِ حق، لاريب آهي لاڏلو لاهوت جو، علم لدني جي لياقت دار ليدر کي سلام.
سروري سايہ ٻوڙ سان سرورن سرور ٿيو، سروري درگاه واري گهوت گوهر کي سلام.
صبغت الله سان رڳيل هادي هدايت جو ڏئي، راهہ جي رهبر رباني روح پرور کي سلام.

لُطف لطف الله تي لاريب لکيل لوح ۾،
لوح ثاني لڪ نوازي نورگستر کي سلام.

نينهن حضرت نوح کان نالیون ندیون نروار ٿي،
سنڌ کي سرسبز ڪن ساڻي سمندر کي سلام.

زيب زينت تي زماني کي عطا مخدوم سان،
مه جبين ملڪوت جي مهتابِ مهتر کي سلام.

سڪ 'سقاهم ربهم' جو ٻُر ٻيسالو ٻاريو،
برت وارن کي برين آ برت ٻيڙو کي سلام.

دوشِ دلبر تي دشالو دين ۽ اقبال جو،
چرخ جنهن جي چاکريِ ڏٺي تنهنجي چاکر کي سلام.

ميکدو محبوب جو آباد هوندو تا قيام،
مست مَن مينوش ۽ ساقي جي ساغر کي سلام.


زر زماني ذوق کان زانو ادب جا کوڙيا،
'طالب المولیٰ' جي اڳيان بخت برتر کي سلام.

روز رندي جو آ رهبر ٻيل رهاڻيون روز ڪن،
رند جي ٻيرمغان ۽ راهه رهبر کي سلام.

سر ٻرستيءَ ۾ سندس 'فردوس' جاري ٿي رهيو،
منهنجي محبوبن هٿان محبوب مستر کي سلام.

'طالب المولیٰ' کي مولا کان عطا موتي ٿيو،
جو محمّد جو 'امين' اقبال اختر کي سلام.

'خاڪ' هالا حال استقبال ۾ اقبال سان،
سبز تر هوندي سدا خدام خوشتر کي سلام.



"سليم" گاڙهوي

محترم 'سليم' گاڙهوي، ڪنهنجي دلنشين ۽ شيرين فن جي حيثيت سان، ادبي دنيا ۾ وڏو مقام حاصل ڪري چڪو آهي. سندس شاعري، پختگيءَ ۽ عمدگيءَ جو هڪ سهڻو مثال آهي. هڪ قادرالڪلام شاعر ۽ استادِ سخن جي حيثيت سان، سندس ڪلام، سنڌي زبان جي سڀني موقر رسالن ۾ شايع ٿيندو آيو آهي. اوائلي تعليم سنڌي وٺڻ کان پوءِ، اردو ۽ فارسي زبان ۽ شاعريءَ جي مطالعه کان پوءِ، منجهس شاعريءَ جو ذوق پيدا ٿيو. هن وقت ڪنهنجي گهوٽ گاڙهي، ضلعي خيرپور ميرس ۾، مختصر زمين ۽ هڪ رونقدار نندڙي باغ جي سنڀال ۾ مصروف آهي. سندس زياده تر وقت مطالعه، ادبي رهاڻ ۽ زمين جي ڪم ڪار ۾ گذري ٿو. 'سليم' صاحب نهايت نهلو، گوشه نشين، ڪم ڪو ۽ خاموش طبع انسان آهي.

ڪنهنجي خود نوشت سوانح حيات ۾، لکي ٿو:

"آءٌ گهوٽ گاڙهي (تعلقي خيرپور ميرس) جي هڪ معزز خاندان ۾، ۱۵- مارچ ۱۹۲۵ع تي پيدا ٿيس. شاعريءَ جو شوق اسڪولي زندگيءَ کان وٺي شروع ٿيو. اسڪولي دوست منهنجا ڪلام ۽ ڪافيون ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويندا هئا. منهنجي باقاعده موزون شاعريءَ جو دور ۱۹۴۷ع سان گڏ شروع ٿيو. هن ڏِسَ ۾ مشهور معروف سنڌي ادبي رسالي 'اديب سنڌ' منهنجي ڪافي رهنمائي ڪئي. ان رسالي ۾ قابل ۽ استاد شاعرن جا ڪلام ۽ تنقيدي مضمون پڙهندو ۽ هنڌين سان هنڌائيندو رهيس. شعري اصلاح بلڪل ٿوري ورتي اٿم، سا به فقط الحاج محمود 'خادم' لاڙڪاڻوي مرحوم جي عنايتن جي زبردست رهي. شعر چوڻ جو مون کي حرص لاهي. ڪڏهن ڪڏهن کو نظم يا غزل وغيره، جذبات جي ايرڻ وقت لکي ڇڏيندو آهيان ۽ بس!"

* * *

ڪافي

*

ساريان سرس سنگهار، ويڙهيچن کي ڪين وساريان!
منهنجا مارو ساه سيباڻي، پرت پرياڻ نهٽا ۽ نماڻا.
سيرت جا سردار-ڏوٽيئڙن لئه ڪانگ آڏاريان!

ٿو ٿو جن لئہ ليڻ ٽمن ٿا، در در دل ۾ دود دکن ٿا،
بلبل بور هزار- هر هر ويئي وات نهاريان!

ماروئڙن لئہ آهيان ماندي، ٻيوس، ٻيڪس، ٻاکل باندي،
قلب کي ناهہ قرار- ٻنهنجي ٻرين کي روز ٻکاريان!

آخر آءٌ انهن جي آهيان، ڳڻ ۽ ڳالهيون جن جا ڳايان،
سانگي صاف سچار- پاڻ ڀرين جي ٻرت ٻچاريان!

گيت

جاڳي ماڻ سويرا!

جاڳي ماڻ سويرا، او ساڻي، جاڳي ماڻ سويرا!
او ساڻي-
جاڳي ماڻ سويرا!

جاڳڻ وارا پاڻ ورائن، نيندين کاڻ نياڻ،
جاڳڻ ساڻ سويرا ملي ٿي، آرس ۾ ٿي اوير:
او ساڻي-
جاڳي ماڻ سويرا!

وهڻ ورڇڻ، وقت وڃائڻ کانئر جو ڪر آهي،
منزل سانگي مانجهي هل تون ٻڌ ٻچائي ٻير:
او ساڻي-
جاڳي ماڻ سويرا!

ننڊڙي ٻيڙي، واءُ اڻائو، ساگر آهہ اجهاڻ،
سيڙهہ سالباهي، ونجهہ هلائي، گهات سڃاڻي گهير:
او ساڻي-
جاڳي ماڻ سويرا!

ٻونجي ٻوري ناهِ تڏهن ٻي همٿ مور نہ هار،
جيسين سنبرين ٻارسڃيءَ کي تيسين ٻڌي ساڻ ٻير:
او ساڻي-
جاڳي ماڻ سويرا!

غزل

●

ڪيل آهي، فلڪ جي دل جي هارن تي لڪيل آهي،
فسانو منهنجي الفت جو ستارن تي لڪيل آهي!

اگر منهنجي عقيدت جو بيان ڪوئي پڙهڻ چاهي،
ڪٽهارن، گلابن ۽ چنارن تي لڪيل آهي!

محبّت ۾ مري جيڏ حقيقي زندگي سمجهو،
وفا جو درس فطرت جي شمارن تي لڪيل آهي!

جبل تي، بحر تي، بر تي، چمن تي، باغ تي، گل تي،
صداقت جو سبق نرمل نظارن تي لڪيل آهي!

سڃڻ جي سُونهن جو سهڻو ۽ دلڪش داستان، يارو!
قمر تي، شمس تي، ڪتين ۽ تارن تي لڪيل آهي!

نظارو ان جي نظرن جو زماني ۾ ٿيو ظاهر،
صحيفو سُرخ لب جو لالہ زارن تي لڪيل آهي!

سڃڻ جي ٿي سهاري سان تري ٿو تار ۾ ترهو،
ائين دريا تي، موجن تي، ڪنارن تي لڪيل آهي!

قدم جنهن ڪاروان جا منزلن ڪي ٿا چڏن موهي،
نمايان نام ڪنهن جو رهگذارن تي لڪيل آهي!

محبّت جو نشان ڪنهن جي مٽائڻ سان نہ ٿو متجي،
'سليم' اهڙو اکر دل جي ديارن تي لڪيل آهي!

●

داستان دلچسپ هو پر داستان لٽجي ويو!
راه ۾ ٿي حسرتن جو ڪاروان لٽجي ويو!

صبح جي ڪرڻن سڻائي روشنيءَ جي گالهه ڪر،
خون تارن جو ٽيڻ سان آسمان لٽجي ويو!

جنن رفيقن ٿي ڪيا انصاف جا قول و قرار،
خود اُنهن ڪان ٿي محبّت جو جهان لٽجي ويو!

تيز ٿي آلڏي جفا جي جنهن جي حملي ۾ اچي،
مهربان لٿجي ويو، نامهربان لٿجي ويو!

هن حڪايت جو بيان منهنجي ڏڪائي ٿو زبان،
حيف، اڄ انسان انسانن هٿان لٿجي ويو!

آ! ارمانن جو گهر، انسانيت جو آشيان،
ڪين لٿجڻ جو هو ليڪن ناگهان لٿجي ويو!

اهڙو اندازو لڳائڻ ان کي شايد عيب آ،
سُهر ڪيئن لب تي لڳي، ڪيئن بيزبان لٿجي ويو!

هي زمين هو آسمان بيحس ٿي ڏسندا رهيا،
ڪنهنجو گهر برسيو ۽ ڪنهنجو آشيان لٿجي ويو!

•

گل جو ساقيءَ کي جام هو شايد،
منڪشن سان ڪلام هو شايد!

هر ڪليءَ ٿي مٽي ڏنو هر دم، حسن بالائي بام هو شايد!
لات تاري ڪئي عقيدت سان، هڪ حسين کي سلام هو شايد!
ڪهڪشان ڪنهنجي رهگذر آهي، ڪو ته محوِ خرام هو شايد!
زيبِ هستي ۽ انجمن آرا، جانِ عالم جو نام هو شايد!
ميڪدي ڏي وڃن پيا زاهد، لطف ساقيءَ جو عام هو شايد!
گُنگنايو غزل الائي ڪنهن؟ ڪوئي شيرين ڪلام هو شايد!

نظم

اي سائي!

پنهنجي قسمت کي جوڙ اي سائي!
نا اميدي ليهوڙ اي سائي!

سُڪ جون سيجون وڇائجي ويندبون، ڏک جا ڏينهن مروڙ اي سائي!
لعل جنهن ۾ ليکي ويا سڄ جا، ڳنڍ اهڙيءَ کي ڇوڙ اي سائي!
ڪهر سان ئي مڪڻ ٿئي پيدا، ڪين پائي ولوڙ اي سائي!
تنهنجي منهنجي ته آهه ٻيڙي هڪ، تون ٻيائيءَ کي ٻوڙ اي سائي!

ساڻ منزل، مراد ساڻ لاهي، ٻاڻ ٻنهنجو ٻوڙ اي سائي!
ٻاڻ ٻنهنجو سڃاڻجي ٻيارا، تو ۾ خوبيون کوڙ اي سائي!
نينهن وارو عظيم ناتو آهي، تون نباهيج توڙ اي سائي!
زندگيءَ جي 'سليم' راهن ڏانهن، مُنهن زماني جو موڙ اي سائي!

وطن

چمن چمن، چمن چمن،
وطن وطن، وطن وطن!

هي رنگ، هي نکار ڏس، هي باغ، هي بهار ڏس،
هي مرغ، هي چنار ڏس، هي سَرُو ڏس ۽ هي سمن!
وطن وطن، وطن وطن.

هي الب، هي انار ڏس، هي صوف رنگدار ڏس،
هي برگ ڏس، هي بار ڏس، جواهرات ٿا بَکن!
وطن وطن، وطن وطن.

هي ابر آبدار ڏس، هي کيت سبزه زار ڏس،
خدائي شاهکار ڏس، ارم ارم، عدن عدن!
وطن وطن، وطن وطن.

هي بلبلون، هي کوئلون، چکور، مور ۽ چڑيون،
لَنون عجيب لاڙيون، سڏ تہ چا ٻيا چون!
وطن وطن، وطن وطن.

هي جهنگ جهر، هي بحر بر، جبل، نديون ۽ جال جر،
هي ريگزار، ٽل ۽ ٽر، ڪيون ٽڏيون ۽ من مگن!
وطن وطن، وطن وطن.

هي زيب ڏس، هي زينتون، هي نور ڏس، هي نعمتون،
هي راحتون، هي رحمتون، نگر نگر، دمن دمن!
وطن وطن، وطن وطن.

وطن، هي دلربا وطن، دوا وطن، شفا وطن،
وڏي وَسي سدا وطن، دعا ڪري ٿي دل، دهن!
وطن وطن، وطن وطن.

وطن جي واسطي جيئو، وطن جي واسطي مرو،
وطن جي واسطي آڏو، كريو نثار تن ۽ من!
وطن وطن، وطن وطن.

عشق

عشق صادق سرخرو آهي سدا،
عشق كي كو خوف كائيندو نہ آهِ!

عشق جو هك آهِ مذهب، "سر ڏين"، عشق مذهب كي متائيندو نہ آهِ!
عشق اكثر سر ڏئي ٿيو سرفراز، ٻنهنجي نالي كي لڄائيندو نہ آهِ!
عشق آڇلي ٿو ستارن تي كمند، ٻوٽي وڪ كي وڃائيندو نہ آهِ!
عشق گهوڙن كي ڊكائي بحر تي، عشق آڙهي كان لتائيندو نہ آهِ!
عشق تلوارن جي ٻاڇن ۾ ڀلي، عشق محلن ۾ ڏسائيندو نہ آهِ!
عشق جي منزل ستارن كان اڳي، عشق پستيءَ ۾ پچائيندو نہ آهِ!
عشق خودداري، خودي، مردانگي، عشق فاتح، هارَ كائيندو نہ آهِ!
عشق چُستن كي ٻڌي ٿو موڙ ليٺ، عشق سُستن كي سڌائيندو نہ آهِ!
عشق ايمان ۽ صداقت جو امين، عشق حق كي ليٽُ لائيندو نہ آهِ!
عشق جي انسانيت اولاد آهِ، عشق انسان كي پُلائيندو نہ آهِ!
عشق جي تون آزمائش كين كر، آزميل كي آزمائيندو نہ آهِ!
عشق كوڙا روپ بدلائي نہ ٿو، عشق عظمت كي وڃائيندو نہ آهِ!
عشق ان ٿر، عقل كان اڏو آڇو، سوچ ۾ وارو وڃائيندو نہ آهِ!
عشق غيرت ۽ خودي جو رازدار، غير آڏو سر لوائيندو نہ آهِ!
عشق جو شهباز رفعت آشنا، هيٺ آكيرو بنائيندو نہ آهِ!
عشق سچ جي روشنائي جو سنار، كنهن كي اولاد ۾ رلائيندو نہ آهِ!
عشق چاهي؟ بس شهيدن جو جگر، موت آن تي سوپ پائيندو نہ آهِ!

ٻنهنجي ٻڙن كي ٻڌائي بار عشق،
عزم ان گس ۽ انل اسرار عشق!

مولوي عبدالرحمان «ضيائي»

مولوي ضيائي (ميرپور ماٿيلو) مشهور عالم ۽ شاعر مولانا پهائيءَ جو فرزند، علوم دينيه جو فاضل ۽ شاعر شخص آهي. سندس نارسي ۽ سنڌي شاعري، پختي ۽ معياري آهي، ۽ قديم رنگ تي مشتمل آهي. هاڻ هنهنجي مختصر سوانح هن ريت لکي موڪلي اٿس:

"منهنجو نالو عبدالرحمان ۽ تخلّص ضيائي آهي ۽ هنهنجي والد جو نئيو ۽ ڇهون نمبر پٽ آهيان. قرآن شريف جي تعليم هنهنجي پياري والده کان ورتم ۽ عربيءَ جا هيٺيان کتاب، اوائلي دور ۾، هنهنجي والد رحمه وٽ پڙهيم؛ مگر ڪمال پيرسنيءَ ۽ ان سان گڏ ضعف بصارت جي ڪري، مٿيان ڪتاب پڙهائڻ کين گران لڳا. ان ڪري مختلف جڳهين ۽ مختلف مدرسن ۾ تعليم ورتم. گهڻو وقت جناب حضرت مولانا عبدالڪريم صاحب ڪورسليمان واري بزرگ وٽ تعليم حاصل ڪيم، ۽ مٿيان ڪتاب، مولوي علي محمد ڪاڪيپوٽي ۽ قاضي محمد ابراهيم صاحب، ڪارڙن، تعلق شهداد ڪوٽ وارن سان گڏ پڙهيم. آخر ۾ سنڊ فضيلت ۽ دستاربندي، حضرت مولانا حافظ محمد ابراهيم صاحب گڙهي ياسين وارن وٽ حاصل ڪيم. حضرت مولانا محمد قاسم، صاحب التڪبير گڙهي ياسين وارن وٽ به ڪجهه عرصو تعليم حاصل ڪيم. مختلف مقامات تي درس و تدريس جو ڪم ٻڌ ڪيو اٿم. فارسي ۽ سنڌي شعر و شاعريءَ جو 'ملڪو' موروثي سليل اٿم. بيعت منهنجي نقشبندي خاندان ۾، حضرت محمد عمرجان صاحب چشتيه شريف ڪوٽڙ وارن سان آهي. عمر هن وقت تقريباً ۷۳ سال آهي. پٽ ٽي اٿم: حافظ محمد يوسف، جو قرآن جو حافظ ۽ انگريزي ۶ درجا پڙهيل آهي، سندس ولادت سال ۱۳۶۷هـ محرم جي ۱۹ تاريخ، مطابق سال ۱۹۴۷ع آهي؛ ٻيو عبدالغفور آهي، جو سال ۱۳۶۹هـ ۾، محرم جي نائين تاريخ جائو. قرآن پورو ڪيل ۽ فارسي ۽ انگريزي پڙهي رهيو آهي.

ٽيون پٽ عبدالقادر، جو سال ۱۳۷۹هـ ۾ جائو، هن وقت ڏهن سالن جو آهي ۽ سنڌي چوٿون درجو پڙهي رهيو آهي، ۽ ان سان گڏ قرآن شريف به پڙهي رهيو آهي."

سندس شعر و شاعري، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ آهي. هاڻ ديني ۽ عشقيه ڪلام گهڻو ڇيو اٿس، زبان عالمانه ۽ انداز بيان شاعرانه آهي. ڪلام ۾ اها خوبي آهي جو قديم رنگ هوندي به منجهس فن جي چاشني موجود آهي. ـــ ادارو.

* * *

غزل

●

هرين! تنهنجا هون ٿا هور، هرهر،
تهان ڪر ٿو رهان رلجور هرهر!

نڪو محرم نڪو سينگو نه سائي، هڏايان ڪنهن کي مون هي سور، هرهر.
لڪايم عشق کي، ليڪن لڪيو ڪونه، ڇڪي ٿو، درد جو ناسور، هرهر.
ڪٽيل منهن سان، رقيبن سان ڪيلين ٿو، ۽ مون کان ٿو رهين مستور، هرهر.
عشاقن سان هرڇي وچ خدارا، رٽن جو ڇو رکيئه دستور، هرهر.
رقيبن سان، قريبيءَ ۾ گذارين، رهين ڇو دوستن کان دور، هرهر.
تون مهجورن جي قت تي رک خدارا، ملڻ جو مرهم ڪافور، هرهر.
سڃڻ جي اک خمار آلوده، والله! پياري ٿي مئي انگور، هرهر.

'ضيائي' ليم هسمل کي ٿو گهورين،
سڃڻ بادیدهٔ مخمور، هرهر.

●

محب منهن کان جڏهن کوليو لقاب آهسته آهسته،
خجل ٿي سرنگون ٿيو آفتاب آهسته آهسته.

ملڻ خلوت نشين محبوب جو مشڪل مهالگو آهي،
ٿيڻ سڀ رفع، جلوت ۾ حجاب، آهسته آهسته.

سوين دانا، دليون قابو ٿيون هن دام ۾ ظالم،
ڪمند زلف کي ڏي پيچ و تاب، آهسته آهسته.

پڄي هستيءَ جا سڀ پورا، بقا بالله کر حاصل،
پڇڻ پنهنجي سان ٿئي، درياء حباب، آهسته آهسته.

وڃو وحدت سندو ٻانهي، ڪيوسون قيد ڪثرت جو،
لٽا دل ڏان پيائيءَ جا حجاب، آهسته آهسته.

هے تيزي گروزي بادِ صبا در ڪوئے جانانم،
سلامِ من هگو درآن جناب، آهسته آهسته.

سگِ دروازهٔ دلبر، چوي سڀ خلق ٿي مون کي،
سڃڻ کان ٿي مليو هي خوش خطاب، آهسته آهسته.

جڏهن محبوب گل رخ ويو گلستان ۾ گهمڻ خاطر،
عرق ٿيو شرمساريءَ کان گلاب، آهسته آهسته.

ڪري جرات، سڄڻ کي عرض بوسه جو ڪيم ليڪن،
مليو مُرڪڻ سان انڪاري جواب، آهسته آهسته.

'ضيائي' جا سخن پرسوز ۽ سهڻا، پڙهي جيڪو،
سڀني پاڻيءَ ۾ سپ پنهنجا ڪتاب، آهسته آهسته.

●

محب جو مُنهن مفاجاتي، ڏاڍو مون اڄ گلستان ۾،
يقين آيم ته گل ۾ رنگ ناهي، بُو نه ريحان ۾.

تمنا ۾ گذارڻ وصل کان صدبار بهتر آهي،
نه روز وصل ۾ آهي مزو، جو شام هجران ۾.

محبّت جي نشي ۾ مست آهيان، ڪير چئو زاهد،
نه سلندو سَهند کو عصمت جو عنوان، منهنجي دامان ۾.

هيس هرچند داناتر، ڪمند زلف قابو ڪيو،
نه ڄاڻان ڪيئن ته انڪي دل وڃي زلف پريشان ۾.

شهيد عشق کي فيالحق حيات جاوداني آهي،
رکيل کو راز آهي سَهُوشن جي تيرمژگان ۾.

حقيقت عشق جي هرگز نه زاهد کي ذرو آهي،
'ضيائي' سربسر اسلام آهي، ڪفر صنعان ۾.

●

شب فرقت جو مزو، عاشق مهجور کان پڇ،
مئي جي نشي سندي ميڙاج کي مخمور کان پڇ.

هدف تير نظر جي نه ٿيا، چا ڄاڻن،
نظر دوست سندو لطف ته منظور کان پڇ.

بستر عيش تي جو لنبڊ ڪري، بيخبر آهي،
شب هجران جي درازيءَ کي تون مهجور کان پڇ.

زاهد گوشه نشين کان نه ڪڍهن ڪجهه ٿيندو،
رمز مولا سان ميلڻ جي، دل معمور کان پڇ.

حق ملڻ لاءِ تون ڪر سرد مڪمّل جي طلب،
جي قريبي نہ ملي، ہنڌ ڪري، ہو دور ڪان ٻُڌ.

سڀويّت جو مزو ناهي، ذرو زاهد ٿي،
ڪيفِ معراج، سرِدار تون منصور ڪان ٻُڌ.

دل اميرن جي ڪي برياني ٿي ڪري برياني،
مزهٔ نانِ جوَين خشڪ جو، مزدور ڪان ٻُڌ.

عشق جي عين جي، زاهد کي خبر ناهي ذرو،
اي 'ضيائي' تون وڃي عشق جي وهلور ڪان ٻُڌ.

●

عشق جي آڏ اندر، فسق ڪمائڻ نہ ڪجي،
غير دل ۾ رکي، ڪنهن پاسي واجهائڻ نہ ڪجي.

نظرِ بد سان نياڳ، نہ نهارج ڪاڏي،
پير ناپاڪ گهڻيءَ ۾ ڪڏهن پائڻ نہ ڪجي.

حرص دنيا کي تون همّت سان ڇڏي، حق جو ٿيءُ،
دل جي اينگهي ۾ هي بدطفل ليپائڻ نہ ڪجي.

آهِ دنيا سندي لذّات جو دريا ٻُر سوج،
هوش رک، دامنِ عصمت کي ٻُسائڻ نہ ڪجي.

جا ڪرين ڪار، مڙئي محض خدا ڪارڻ ڪر،
ديڻ جي دارَ ۾ دنيا کي ڪمائڻ نہ ڪجي.


فقر جي راهه ۾، ڪر ہنڌ ٻيادو، سير سان،
اسپِ نخوّت تي چڙهي، حڪم هلائڻ نہ ڪجي.

حق سنڌي راهه ۾ دنيا جي تقاضا ڪر ترڪ،
لوبِ لالچ ۾ اچي تنهن کي چُپائڻ نہ ڪجي.

رحم جي ڪر تون 'ضيائي' تي نظر، يا مولا،
عبد، پنهنجي تي، هراوَن کي ڪلائڻ نہ ڪجي.

دور کر دل سان دوئي وارو دود، هرطرف آهي، اهوئي مشهود.
درو ديوار مان کر ان تي نظر، ٿو وڃي تو ۾ انا الحق جو سرود.
ترک کر غير، ته ٿئي درک ٽمار، فرق سان کين ٿي، ساجد، مسجود.
نه شقاوت نه سعادت آهي، تون شقي ٻاڻ ۽ تون ئي مسعود.
کر فنا، هستيِ موهوم ميڙا، ته ڏسين، ملکِ بقا جو بهبود.
قرب جي کجل سان ٿي تيز نظر، بُعد کي ٻاهه ڏي، ٿي حق موجود.
حق اهو آهي، ۽ هک آهِ سگر، ٻک رکج، شک ۾ کين کر گم سود.

فَقُدِّر اذ امَّرَّ، هُوَ اللّٰه سبحان،
چڏ 'ضيائي' تون بيائيءَ جو غنود.





مولوي نورالدين "نور"

مولوي صاحب پنهنجي خود نوشت سوانح ۾ هن طرح لکيو آهي:

"منهنجي والد جو اسم گرامي خاوند ڏنو آهي، ۽ سندس والد جو نالو حضور بخش هو. ان جو چانڊين جي مشهور شاخ بجيراڻي سان تعلق هو. منهنجو والد پنهنجي خاندان جو پربومڙس هو. ٽيهه-چاليهه گهر سندس حڪم تي هر وقت عمل کندا هئا. وڏو مالدار هو. منهنجي ولادت ۱- مارچ ۱۹۲۷ع ۾، تنبر علي خان تعلقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڏاتوءَ جي واندي ۾ ٿي. ماءُ پيار وچان پيرڏنو ۽ پيءُ نورالدين سڏڻ لڳا.

تعليم: اردو، عربي، فارسي ۽ دينيات جي تعليم هيٺين عالمن کان ورتي ويئي: مولانا عبدالڪريم ڪورائي، مولانا شيرمحمد ڪوسو، مولانا ميرمحمد نورنگي، مولانا اميدعلي جيڪب آبادي، مولانا الاهي بخش پنجابي، علامه واحد بخش (مٺ ڪوٽ)، مولانا احمد علي لاهوري. علامه واحد بخش وٽ درس نظامي جي تحصيل ڪيم.

شعر جو شوق: نورنگ ۾ رهڻ وقت ئي فارسيءَ ۾ شعر چوڻ شروع ڪري ڏنو هوم. مولانا نورنگي صاحب جي هدايت موجب 'نور' تخلص اختيار ڪيو ويو. شعر جو استاد مولانا واحد بخش صاحب آهي.

تريباً هڪ هزار غزل، بيت ۽ نظمون فارسيءَ ۾ هن وقت موجود آهن. خادم صاحب مرحوم ۽ اثر صاحب جي اثر هيٺ ۱۹۴۶ع کان سنڌيءَ ۾ شعر چوڻ شروع ڪيم. اردوءَ ۾ به طبع آزمائي ڪندو آهيان. ڪجهه شعر عربيءَ ۾ به آهن. اٺ سال عربي مدارس ۾ درس ڏيڻ کان پوءِ ۱- مئي ۱۹۴۸ع ۾ سروس شروع ڪئي ويئي. ان وقت لاڙڪاڻي گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر محترم قريشي صاحب هو، جنهن غيرمعمولي شفقت سان حوصلا افزائي ڪئي.

تصنيف: (۱) کليات نور، (۲) ديوان نور، (۳) کلام نور، (۴) شعلہ نور، (۵) موج نور، وغيره آهن. شعر جي سڀني قسمن تي طبع آزمائي ڪيل آهي."

مولوي 'نور' هڪ قادرالڪلام شاعر آهي. سندي ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪري ٿو. سندس تغزل ۾ جذب، رنگيني، سوز و گداز ۽ معنويت آهي. هولي هولي، انداز بيان شاعرانہ ۽ عالمانہ آهي. هڪ پُرڪو شاعر جي حيثيت سان، سندس ڪلام سندي ادب لاءِ باعثِ فخر آهي، خاص ڪري عشقيہ شاعريءَ ۾. —ادارو

بيت

(۱)

جاڳي جانب جن، ارين ٻرچائي ڇڏيا،
ٻرجهي هليا ٻير سان، جا وات تہ ويراڳن،
هٿان هڏ ۽ ڇڏيو، رستو هي رندن،
توڙ رسيا سي تن، جي 'نور' ريجهايا نياز سان.

(۲)

جي 'نور' ريجهايا نياز سان، سي وارث من ولهن،
ڪنهن ڪي ڇڏن ڪينڪي، هاري منجهہ بَرن،
مدد مُنجهين جي ڪرڻ، عادت آديسن،
سي واهي ساڻ وڻن، هي سِير ٽپائن سپ ڪي.

(۳)

سير ٽپائن سپ ڪي، آهي امن سڻ،
سدا سمجهن ٻين کي، ٻلڪ نہ سمجهن ٻاڻ،
آهي هي اهڃاڻ، 'نور' نرالو نياز ۾.

ڪافيون

*

سدا ويهي توکي ساريان، ڪڏهن من تون سڃڻ سارين،
ملڻ جي مهربـاني ڪر، جـو ٿـو ڪٽين انـدر ڪارين!

ڇڏي جانب وڻين جاڪون، فراق ڪيو هنئون ڏاڪون،
طلب تن ۾ تيڪي تاکون، ملڻ ريءَ ٿـو ٿا سارين!

وڇـوڙي جـو وڏو آ غـم، سَهڻ ڪنهن سنگدل جو ڪم،
هنجون هاريان هتي هردم، تـہ يـي واڳان نٿو وارين!

ڪڙيـل قربن انـدر آهيان، دليان لحظي نہ هڪ لاهيان،
اوهـان جـي آسري آهيان، هوڙين ڇڪڻ توڙي تارين!

ڪرم ڪامل ڪندين ڪڏهين، لوازين 'نور' کي جڏهين،
سڄي راحت ملـي تـڏهين، مون سان گڏجي جڏهن گهارين!

*

اهڙي دلبر سان وڻي دلڙي اڙي،
سَري جنهن کان سوا ٻئو ٻهر گهڙي!

اچي سوز فراق ستايو اٿم، روئي نور اکين جو وڃايو اٿم،
بُٽ ٻاهه غمن جي جلايو اٿم، سينو سوز اندر ويو صاف سڙي!

ويو عيش خوشي ۽ راحت پي، آيو رنج، الم ۽ حسرت پي،
ويو ديـن سندم ۽ دولت پي، ڪيان آه و فغان شب روز رڙي!

ڪاڏي يار سوا ڪنڌ ڪير ڪندس، ڪاڏي جانب ري جاگير ڪندس،
ڇا دلبر ري دلگير ڪندس، آئي ٻيهڻ تي آهي دل جي گهڙي!

نڪي گل ٿو وڻي، گلزار مون کي، نڪي مائٽ ميٽ گهر ٻار مون کي،
ڪيو لعل آهه لاچار مون کي، ڏسي هرڪو ڏئي ٿو تيز تڙي!

شب روز اٿم آزار مٿان، اڄ عاشق گهر هڪ وار مٿان،
ڪجهه ٻڌنجا ستابل سار مٿان، اچي ٻائيج ليڙو لعل لڙي!

تنهنجي گهورن جو آهيان گهايل مان، تنهنجي نازن جو ته نمايل مان،
تنهنجي سوزن جو ته ستايل مان، تنهنجي الفت دل ۾ آهه چڙي!

شب روز صنم جي تات اٿم، وائي راتيان ڏينهان وات اٿم،
اچي شال ٻرين، سڪرات اٿم، جنهن جي قربن دلڙي آهه ڪڙي!

ڏاڍو سوز رهي ٿو سيني ۾، برين آهي ٻرانهون مديني ۾،
ڏينهن رات ۾ سال مهيني ۾، ڏسان ٻار برين ڏي 'لور' ڪڙي!

غزل

●

ڪيئن تي گيسوئ خمدار ٻهتو،
خزاني تي يڪايڪ مار ٻهتو!

ادا جو تير ايڏو تيز آيو، جو ٻهلو کان، جگر کان ٻار ٻهتو.
ٻلائي ڪر، پري ڏي جام ساقي! در دولت تي آ ميخوار ٻهتو.
لڳي دل ۾، جگر کان ٻار نڪتو، ڪٽان ڪاٽي مڙه جو خار ٻهتو.

مگر دلدار کي دولت جو کٽپ آ، اکين جو ابر گوهر بار ٿيو.
چئي ٿو دل ۾، ۾ آهي اکين ۾، ڪٽان ٻنڌين جو ڪاڻي خار ٿيو.
مديني کي چڏي دکڻ درد سهندي، مدينو ۾ اچي بيمار ٿيو.
سڄڻ جا سور پي سوغات آهن، ڪٿي آ عشق ۾ آزار ٿيو.
مسيحا، جان ۽ لب آ، رحم ڪائو، اوهان وٽ 'نور' آ بيمار ٿيو.

●

ٻڌائي چڏ هرينءَ جو پار ساقي!
ڪريان ووڙي وڃي ديدار ساقي!

پري ڏي پرت مان اهڙو ٻيالو، ڏسان ويٺو اکين سان يار ساقي.
گهرايو يار مون کي طور تي آ، ڪندو ڪا راز جي گفتار ساقي.
نظر جي تير آ ٻسمل ٻنايو، نه آبرو جي هٿو تلوار ساقي.
ڳڙي ڳوڙها اچن ٿا ڌار ٻنجي، لهي ٿو خوبصورت هار ساقي.
ٻلا چو ميڪدي ۾ مئي جي هوندي، رهي ٿو تشنه لب ميخوار ساقي.
خدا جو لطف آ، باقي رهي شل، هي چشمِ تر، دلِ بيمار ساقي.
وجهي نرگس ته بنجي ديد واري، ٿئي پريءَ سندي ٻيزار ساقي.
ٻارڻ سان اڏامي هوش ويندو، چوي ٿو 'نور' رهه هوشيار ساقي.

●

ڏنو تو آخري پيغام ساقي،
ٿيو آغاز جو انجام ساقي!

طوافِ روضهٔ اطهر ڪندس سان، ٻڌو ٿو ان ڪري احرام ساقي.
هزارين مست آيا ميڪدي ۾، ٻياري چڏ سڀ گلفام ساقي.
تون صبحِ زندگي، ۾ شام آئين، ٿي رشڪِ صبح، تنهنجي شام ساقي.
گلِ فطرت جو رنگ و بو تون آهين، شراب آهين تون، فطرت جام ساقي.
شڪاري تو جيان آيو نه ايندو، ڪٿي تو صيد دل ٻيدام ساقي.
مڪان ڪان لامڪان ٿيو فاصلو ٿو، ڪٿي تو جا خدا ڏي گام ساقي.
خدا تنهنجو، خدا جي خلق جو تون، ٻڌايو 'نور' ڪي هي مام ساقي.

قطعا

(۱)

سراها نُور تنهنجي ذات آهي،
اڇ تنهنجي سان ٿي برڀات آهي؛
ڏسڻ وارا ڏسن ٿا سوجهرو آ،
ڪٿي پي ڪين باقي رات آهي!

(۲)

وطن زندگي آ، وطن آ حيات،
دلِ ناتوان جي وطن ڪائنات؛
وطن ۾ رهڻ روز، آ روزِ عيد،
وطن ۾ رهڻ رات، آ عيد رات!

(۳)

وري دل ڪنهن ڏي مائل ٿي رهي آ،
وري ڪنهن در تي سائل ٿي رهي آ؛
نگاهن سان نگاهن ڪي ملائي،
ڏسو نادان گهائل ٿي رهي آ!





محمد موسيٰ "راز"

ميان محمد موسيٰ "راز" حيدرآباد، پٽي خاندان جي غريب طبقي جي فرد ميان علي بخش جي گهر ۾ تولد ٿيو. سندس ولادت جي تاريخ ۲۲- ربيع‌الآخر ۱۳۱۷ھ مطابق ۱۸۹۹ع آهي. چوڏهن سالن جي عمر ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري، قلعي آفيس (سٽي سروي ۽ لئنڈ ريڪارڊس) ۾ منشي ٿي رهيو. ۱۹۱۷ع ۾ تپيداريءَ جي امتحان، ۽ ۱۹۱۹ع ۾ روينيو جي ڊپارٽمينٽل امتحان پاس ڪرڻ ڪري، ۱۹۲۰ع ۾ تپيدار ڪري ڪنيو ويو. ۱۹۲۹ع ۾ ڪوآپريٽو جو ڊپارٽمينٽل امتحان پاس ڪري، انهيءَ محڪمي ۾ سپروائيزر ۽ بعد ۾ ڪوآپريٽو انسپيڪٽر ٿي رهيو، جنهن عهدي تان ۱۹۵۵ع ۾ رٽائر ڪرڻ ڪان پوءِ، هينئر تعلقي ڪوآپريٽو بئنڪ لميٽيڊ بدين جو مئنيجر آهي.

ميان محمد موسيٰ کي شاعريءَ سان گڏ طب يونانيءَ سان ڇڻ عمر جي ابتدائي حصي کان وٺي دلچسپي پئي رهي آهي، جنهن ڪري هو صاحب ۱۹۳۸ع ۾ آيرويدڪ ۽ يونالي طبيه ڪالج امرتسر مان "حاذق الاطباء" جو امتحان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪري مستند حڪيم ٿيو، ۽ ملازمت سان گڏ خانگي طور تي حڪمت ڇڻ ڪندو رهيو.

"راز" صاحب جي شاعريءَ جي ابتدا آٺويهن سالن جي عمر ۾ ٿي، جڏهن سيد حافظ محمد حيات شاهه صاحب مرحوم جي صحبتين — مرحوم ميان محمد بخش 'واصف' ۽ شيرازي آخوند حاجي فقير محمد 'عاجز' — جي اثر هيٺ اچي نظر چوڻ لڳو. ۱۹۱۸ع ۾ سنڌ اندر سخت سوڪ واري دؤر ۾ باران رحمت لاءِ ڪهڙيل منظوم دعا، مرحوم "بلبل" جي ادارت هيٺ ميهڙ مان شايع ٿيندڙ اخبار "آفتاب" هفتيوار ۾ شايع ٿي. ان بعد سندس دعائيه، نعتيه، عشقيه ۽ ناصحانه ڪلام مختلف اخبارن ۽ رسالن، مثلا "الامين" (حيدرآباد)، "نو راسلام" (ٽنڈو محمد خان)، "الحقيقت" (لاڙڪاڻو)، "الحافظ" (حيدرآباد) ۽ "هرڪاش" (حيدرآباد) ۾ مسلسل طور شايع ٿيندو

رهيو. روزنامه "الوحيد" (ڪراچي) ۾ پهڙ سنڌس ڪيترا قومي نظم شايع ٿي سنڌس شهرت جو باعث ٿيا، جن مان "حيدرآباد جي قلعي" تي چيل سنڌس معرڪة الارا نظم ڪي قبول عام حاصل ٿيو، ۽ ان بعد اهو نظم ڪيترن رسالن ۽ اخبارن ۾ هار هار پئي شايع ٿيو آهي، ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ اهو نظم شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو.

۱۹۳۵ع ڪان پوءِ، جڏهن سنڌ بمبئيءَ ڪان جدا ٿي علحده صوبي جي حيثيت حاصل ڪئي، "راز" صاحب شاعريءَ جو شوق گهٽي قدر گهٽائي ڇڏيو؛ تيسين تائين سنڌس "ديوان راز" تقريباً مڪمل ٿي چڪو هو، جو اڄا قلمي صورت ۾ آهي.

سنڌس ديوان ۾ دعائيه ۽ نعتيه ڪلام جا باب نهايت معياري ۽ قابل قدر آهن. ۱۹۴۵ع ڪان پوءِ موصوف شاعريءَ ڪي شايد شجر ممنوع سمجهي، سخن سنجي ڪرڻ ڪان ڇڻ قسم ڪٽي ڇڏيو آهي. سنڌس شاعراڻ دؤر جي همعصرن مان شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ليڪراج "عزيز"، جمع خان "غريب"، محمد صديق "مسافر"، محمد قاسم "اداسي"، گل محمد "گل"، مراد علي "ڪاظم"، هدايت علي "نجفي" ۽ "قادري" جا نالا قابل ذڪر آهن.

ميان صاحب جا شاديون ڪيون، جن مان ڪيس آٺ پٽ ۽ ٻه نياڻيون آهن؛ جي سڀ اولادي ۽ عيالي آهن. ان ڪري هن وقت سنڌس خاندان تقريباً هڪ سؤ افراد تي مشتمل آهي.

ـ مقبول احمد پٽي (فرزند "راز")

*　　*　　*

غزل

●

رکان ٿو سدائين خدا سان غرض،
تيهان ٻو اٿم مصطفيٰ سان غرض.

نه تيسين رکي آشنائي ڪو اڄ،　　نه جيسين ٻوي آشنا سان غرض.
وڃي روز دلبر ڏي دانهون ڪٽي،　　انهيءَ لئه رکان ٿو صبا سان غرض.
ڏٺم ڏينهن هڪڙي صنم سان رقيب،　　هجي سان ويس آت حيا سان غرض.
سنڌم دل فقط آهه دلدار سان،　　نه ڪنهن رند يا پارسا سان غرض.
وڃي دام دل ڪي رکيمٺي قيد ۾،　　تڏهن ٿو رکين مٺبتلا سان غرض.
نه رَد ڪر تون منهنجو سڃڻ هي سوال،　　ڪڏهن مَنَ ٻوي ٿي گدا سان غرض.
هي سيرُ ساهه صدقي ڀلي ٿي وڃي،　　اٿم تنهنجي نازُ و ادا سان غرض.
ڀلي هَنُ ستمگر ڇُري ڇوهه سان،　　نه رک ڪنهن ٻ خطري خطا سان غرض.

بَدن تان وڃي بار سيرَ جو لَهي، نہ آهي حياتي هڇا سان غرض.
ڪپي ڪاڻ دنيا ۽ عقبيٰ مون ڪي، هميشہ هُجان دلربا سان غرض.
محبّت ملي ميرَ مدنيءَ سندي، نہ هاڻي رهيو ماسوا سان غرض.
رضا ربّ جي 'راز' گهُرجي رَڳي،
نہ وَهوا نڪي مرحبا سان غرض.

●

اهڙي لڳي هوا ڪا اچي آهہ شوخ شنگ،
ساري جهانُ جو جنهن ڪان ٿيو انتظار تنگ.

ماڻهون ميرون پکي ۽ پَسوُن جملہ جانور،
هڪئي سان هوڏ جي ٿا وجهن دشمني دُرنگ.
پنهنجا بہ هاڻ پاڻ ۾ پُرجهن ٿا ڪينڪي،
هرڪنهن جي اڪ ۾ شور ٿوڏجي ۽ دل ۾ زلزلگ.
جهيڙو ٻيدر سان آهہ ٻيسر جو اچي مٿو،
ڏيءَ جي بہ ماءُ سان شب و روز آهہ جنگ.
پائر بہ هڪئي ڪان وڃن ٿيندا ڏار ٿا،
يارن مان ٻُوءِ ياري وڃي لڪرلدي نسنگ.
افسر اچوڪو آهہ زبر زبردست تي،
پَڪرين ڏلد تيز بگهڙ جا ٿيا تفنگ.
واڳون بہ ڦاڙي وات مَڇين تي اچي مڙيا،
بلبل تي باز آيا، پَهُن ۾ تي وَريا پلنگ.
ميوَن مان وهو مٺاڻ ۽ سوسر جو مينهن ويو،
ڪتو اثر دوا مان ۽ ماڻهن مان شرم و لنگ.
جيت عشق ٻاتو ٻيڙ پچي عقل ويو آتان،
شيرِ ژيان جي سامهون نہ ٽيندو شغال لنگ.
تقدير سان نہ طرز ڪا تدبير جي هلي،
شيرِ ژيان جي سامهون نہ ٽينہ و شغال لنگ.
سَستن سان ڪهڙو خُشڪ مُلن جو مقابلو،
شيرِ ژيان جي سامهون نہ ٽيندو شغال لنگ.

دگران جھڑو صوفي هو واعظ سان ڪنھن وڃيو،
شايد ڪتيل ڦهر جي ٻي آبو هو ڪا ٻنگ.

نادان جي تہ دان ڪان دانا جو ديد وَڏو،
صحبت سياهڪار ڪان ساڏوءَ جو سرهو سنگ.

شمسي نجومي جوتشي رستن مٿي رُلن،
نيڏ لفس ٿو سيکاري ايهي انڪلون ۽ انگ.

ڪو خود آٿي نچي ٿو ڪو ڪنهن کي نچائي ٿو،
نخرن لوَن جا ٽيئڙا هي نروار روپ رنگ.

ڪيئلي سا آهيون ماڻهو جا مَهٽين ٻير سان،
ڏينو ٿي ڪنهن کي ڪونہ ڏکويون تا ساڻ ڏنگ.

راضي رهي يا رَنج ڪو واحد جي آهہ وَس،
پَرندو ڪڏهن نہ ٽرندو وَهيو جو ازل ۾ الگ.

مالڪ جي هٿ ۾ ڏور ورائي جيڏهن وري،
جيئن چاڙهجي ۽ لاهجي ۽ وارجي ٻنگ.

دنيا جي ٻير زال کي ڏيئي طلاق جو،
عُقبيٰ سان لئون لڳائي اهو مرد ملهہ مڏنگ.

شهباز طبع آسپ تلر کي چڏيو سون چوٽ،
ڏسجي تہ اڄ ڪٽي ٿو وڃي ٿئي ٻنهي جو دلگ.

آسُرا بعَبُدہ، جو گهرايائين ٻاڻ وٽ،
داتا جي دَر تان سِرّ ٻنيو پان چوري چنگ.

خلوت ۾ خاص گهور ٻئي گهوٽ جي مٽان،
داتا جي دَر تان سِرّ ٻنيو پان چوري چنگ.

يُعطيڪ رب - تنهنجو - فَتَرْضيٰ جي آسر سين،
داتا جي دَر تان سِرّ ٻنيو پان چوري چنگ.

جي پَرَ هُجن تہ اڏري وڃان ڪربلا ڏي اڄ،
چاڪان تہ هاڻ سنڊ ۾ دل آهہ سخت تنگ.

محشر جو خوف 'راز' نہ ڪر چو تہ آهين تون،
مدّاح پنجتن جو سندن دَر سندو ملنگ.

الحمد ۽ صلوات رهي ورد ڏهن ٿا،
جيئ جيسين هجي وات ۾ ۽ جان بدن ۾.

گردش کا اچي اهڙي ٿي چرخ کهن ٿا،
مسلم ٿنو رهي هاءِ سدا رنج و محن ٿا.

برکت ٻه چڏي ويئي زمين هاڻ اگهوٽي،
برسات نه موسم جي رهي آهه آئين ٿا.

بولدن جي بجا ڏوڙ وسي واج سان واري،
اسيد نه آسرڙ جي ڪٽي کابه ڪٽن ٿا.

غمگين غريب رزق کان هر جاءِ هزارين،
خوشحال ڪڏهن خاص لکائي ٿو لکن ٿا.

دلسا ۾ هنا درّ جي مشهور عدن جا،
هاڻي ٿي ليئ کانه آها جنس عدن ٿا.

هو علم ۽ حڪمت ۾ يمن خاص يگالو،
اڄ خاڪ آڏامي ٿي گهٽي خاص يمن ٿا.

جو فخر قرن قوم جو هيرو هو ڪٽي سو،
آت قبر اويس آهه بچي صرف قرن ٿا.

تقسير کيا هن ٿي ڪڏهن هار ڪان جا،
افسوس ٿيا سي ٻه وچي قيد ڪندن ٿا.

دمباز جهلي دم ٿو هٽي ڦيٽو ڦرڻ لاءِ،
عيسيٰ جو ڪتان آڏيندو اعجاز لبن ٿا.

هٽنات ڪئي پيٽ جي لاءِ ڪن ٿا مداري،
موسيٰ جي صفائي نه اچي هاڻ هٽن ٿا.

خوش رنگ پلي خلق ۾ ڪيڏو به هجي ڪو،
يوسف جي مگر حسن سان رلندو نه رلڳن ٿا.

ڪر ظرف سان اميد ڇگائي جي عبث آهه،
دنيا ۾ ڪنهين کين ڏنا الب اڪن ٿا.

بوجهل ۽ شيطان ٿي تڙجي ويا توڙئون،
مٽ سير محمّد جو زمين ۾ نه زمن ٿا.

كانگن كيو كالگورو متان چيرن چرڙات،
جنبش ٻئي كوئل ۽ ٻڌيي جي ٻرن ٿا.
سپ كارا كپڙ كيرڙ كنڌا ٻاغ ۾ ٻچيا،
غيرت كان مچي دانهن وڻي سر و سمن ٿا.
گل سرخ ڏلو پر ۾ ٻسي پرت پيلانوان،
سوسن جو ويو ساهه ٻيو كوڙ گلن ٿا.
نرگس ٻ چڏيون ٻوڻي اكيون ٻنهنجون ٻري كان،
كهڙو هي وريو واءُ جدائي جو جشن ٿا.
'بلبل' ٻ ويو 'گل' ٻ ويو، بزم اجهاڻي،
باقي نه رهيو لطف كو دنيا جي چمن ٿا.
الله كري 'عاجز' مرحوم تي رحمت،
انكار سندس اعليٰ هٿا شعرو سخن ٿا.
سرتاج سُخندان سچو ميير سَٽياداري،
'سانگي' هو لڏي سانگ ويو اصل وطن ٿا.
'مشتاق' سان ٿي ڏينهن متارن ۾ رهياسون،
ٿي حوصلہ افزائي اتي شعر جي فن ٿا.
اڄ 'حافظ' و 'واصف' جو ٻ دم آهي غنيمت،
آباد هجن شال سدا ٻنهنجي ٻكن ٿا.
گولينڈو رهيو هيل ٻ صياد كٽي دام،
ٻر صَيْدُ لڏس كونه ٻروكن ٻ ٻڌن ٿا.
گلچيُنْ ٻڌيو جهول وجهي جهوتون اجايون،
گل ويا جي گذر ٿي سي كٽي لينڈا گسن ٿا.
چيهن جون چميگويون، بلبل جون صدائون،
ٻُڌيون نه هتي هاڻ كڏهن شور زَغن ٿا.
نعرو لہ آناالحق جو هو منصور جو ناحق،
تنهن كو ته ڏنو هوندو مزو دار ورسن ٿا.
اي يار نه كر 'راز' هي ٻدرو ته متان تون،
ٿين كِن جي اكين ۾ جو اڳي آهين كَنن ٿا.



لطف الله بدوي

محترم لطف الله بدوي پنهنجي خود نوشته سوانح حيات ۾ لکيو آهي:

"ٽالو لطف الله بدوي ولد حاجي امام بخش بدوي. خانداني تعلق آل احمد سان آهي، جنهن جي مزار مصر ۾ آهي. اسان جو ڏاڏو، ميان محمد بچل، ملتان کان اول حيدرآباد ۽ پوء شڪارپور ۾ مستقل طور اچي رهيو. والد صاحب پنهنجي دؤر جو وڏو شاعر هو، ۽ سندس تخلص "خادم" هو. سنڌ جي ڪليات سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيل آهي، جو منهنجي طرفان مهيڙيل آهي.

فارسي ۽ سنڌي والد وٽ پڙهيس. شڪارپور گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ ڇهن درجن پڙهڻ کان پوء، والد صاحب جي وفات سبب تعليم ترڪ ڪئي ويئي. ۱۹۲۰ع ۾ سنڌي فائينل ۾ پهريون نمبر آيس. ۱۹۲۱ع ۾ ٽريننگ ڪاليج شڪارپور ۾ داخلا ورتي ويئي ۽ ٽئل اسڪول ۾ انگريزي ماستر مقرر ٿيس. ترت ئي لائلپور انگريڪلچرل ڪاليج ۾ ڊپلوما حاصل ڪرڻ کان پوء انگريڪلچرل ماستر ۽ پوء ڪجهه وقت اردو گشتي ماستر ٿي ڪم ڪيم. ۱۹۳۹ع ۾ ميونسپل اسڪولن متان اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ٿيس، جتان گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار ٿي آيس، ۽ اتان ئي رٽائر ڪيم."

* * *

حضرت بدوي صاحب، پنهنجي شخصيت ۽ فن جي مقبوليت ۽ شهرت جي حيثيت سان، ڪنهن بہ رسمي تعارف جو محتاج نہ آهي. سندس شخصيت ۾ فن، جديد ۽ قديم فن جو سنگم آهي. هڪ قادرالڪلام شاعر جي حيثيت سان وڏو مقام پيدا ڪري چڪو آهي.

شعر و شاعري جو ذوق ڪيس ورثي ۾ مليو آهي. سندس حساس طبع تي زماني جي حادثن خاص طرح سان والد، والده همشيرگان ۽ فرزند 'احسان' جي بيوقت وفات ڏاڍو اثر ڪيو. سندس شاعري، مختلف اصناف سخن تي نهايت پختي ۽ استادانہ آهي. تصوف، تاريخ ۽ اخلاقيات سندس پسنديده موضوع آهن. لئر سان گڏ، سندس شعر و شاعري بہ انهن مسئلن تي مشتمل آهي. هڪ قادرالڪلام شاعر جون سڀ فني خوبيون سندس فن ۾ موجود آهن.

علامہ اقبال جي مثنوين جو ترجمو نهايت شستہ ۽ روان ڪيو ائس. سندس ڪلام 'سنڌو' (جڏهن سنڌ مان نڪرندو هو)، 'مهراڻ' ۽ 'نئين زندگي' ۾، ۽ سندس اردو ڪلام اردو رسالن ۾ ڪافي شايع ٿي چڪو آهي. ان طرح سندس علمي، ادبي، تاريخي ۽ تحقيقي مضمونن جو ڪافي ذخيرو شايع ٿي چڪو آهي. سندس سارو ڪلام چپل، انچپل، ايڊا ڪتابي صورت ۾ شايع نہ ٿيو آهي. بدوي صاحب جي علمي ۽ فني خدمت هڪ تاريخي باب آهي.

بدوي صاحب جي تصنيف، تاليف، چپل، انچپل مسودن جي لسٹ هن طرح آهي.

شايع ٿيل ڪتاب: (۱) رت جا ڪوڙها، ۱۹۳۵ع. (۲) ڪامني، تاريخي ناول، ۱۹۲۷ع. (۳) علي‌المرتضيٰ، ۱۹۳۰ع. (۴) عروس عجم، ناول، ۱۹۴۱ع. (۵) تذڪره لطفي، جلد پهريون. (۶) تذڪره لطفي، جلد ٻيو. (۷) تذڪره لطفي، جلد ٽيون. (۸) شهريت. (۹) تاريخ هند-پاڪ، ۾ حصا. (۱۰) دودو-چنيسر، ڊراما، ۱۹۵۷ع. (۱۱) هير-رانجهو. (۱۲) الڪنڊ جا شاعر. (۱۳) گيتانجلي، منظوم ترجمو، ۱۹۲۵ع. (۱۴) ايلا، ناول، ۱۹۵۹ع. (۱۵) تاريخ اندلس. (۱۶) مجاهدين، تاريخي ناول. (۱۷) جهاندار شاهہ-آرام دل، قصو، ۱۹۶۴ع. (۱۸) مير بهرام، ڊراما. (۱۹) حيات اقبال، ۱۹۵۲ع. (۲۰) جاويد نامہ اقبال جو ترجمو، ۱۹۵۹ع. (۲۱) ارمغان‌حجاز، ترجمو، ۱۹۶۲ع. (۲۲) اسرار رموز، ترجمو، ۱۹۶۵ع. (۲۳) ڪليات "خادم"، ۱۹۵۸ع. (۲۴) ڪنڊڙيہ وارن جو ڪلام، حصو پهريون. (۲۵) چار درويش، ۱۹۵۹ع. (۲۶) ديوان "صنعت"، ۱۹۶۸ع. (۲۷) احسن‌القصص. تنهن کان سواه ڪيترا جاسوسي ناول ۽ شايع ٿيل آهن.

سنڌي مسودا: (۱) سنڌ ۾ تصوف ۽ صوفيانہ شاعري، ٽي جلد. (۲) سنڌ جي تاريخ، الگريزن جو دؤر، ۾ جلد. (۳) ڪنڊڙيہ وارن جو ڪلام، حصو ٻيو (نامڪمل). (۴) سيرت الرسول (نامڪمل). (۵) ڪليات مسڪين. (۶) سفر جا ساٿي، ناول. (۷) چار (ڪهاڻيون). (۸) ٽراء. (۹) رسالو نانڪ يوسف. (۱۰) ٻيجل، ڊراما (نامڪمل). (۱۱) مهران. (۱۲) ڪليات بيدل، سمورو ڪلام. (۱۳) تذڪره شعراء سنڌ، جلد چار. (۱۴) ڪربت. (۱۵) پيغمبر، خليل جبران. (۱۶) سيدنا علي المرتضيٰ، مڪمل. (۱۷) "جين آير" ناول جو سنڌي ترجمو. (۱۸) شاهنامہ فردوسي، منظوم ترجمو. (۱۹) مثنويہ پَس چہ، اقبال، ترجمو، اقبال اڪيڈمي کي ڏنل. (۲۰) انساني تمدن جو مطالعو، مڪمل. (۲۱) ڪاليداس. (۲۲) گهر، ڊراما. (۲۳) مومل-راڻو، ڊراما. (۲۴) لهلا-چنيسر، ڊراما. (۲۵) عامر رضا، ڊراما. (۲۶) سڪندر ۽ پورس، ڊراما. (۲۷) جوليئس-سيزر، ترجمو. (۲۸) اٿيلو، ترجمو. (۲۹) سنڌي بولي. (۳۰) اورنگزيب عالمگير. (۳۱) گيتانجلي، مڪمل. (۳۲) ناول (نامڪمل).

اردو مسودا: (۱) عربي شاعري ڪا فارسي شاعري پر اثر. (۲) تاريخ ادبيات سنده، پنجا يونيورسٽي. (۳) تاريخ شڪارپور. (۴) تاريخ اندلس. (۵) فتح سنده، سر آئوٽرام. (۶) شاهہ

کے کلام کا منظوم ترجمہ. (۷) راسراج کي سازشين. (۸) شاھ لطيف ڀٽائي، سوانح حيات. (۹) ارمغان، کلام.

فارسي مسودا: (۱) بياض حاتم قادري. (۲) مثنوي دلکشا (بيدل). (۳) هير و رانجهن، شيوکرام 'عطارد' تتوي. (۴) رساله وجودالعاشقين، حضرت شهباز. (۵) کلام محسن تتوي. (۶) ديوان مصباح‌الطريقت.

شعر جا کتاب: (۱) گوهر سخن، (۲) ديوان لطف، (۳) رسالو لطف‌الله بدوي، (۴) تند تنبير، (۵) مثنوي حسن و عشق، (۶) غزل، (۷) نور کي خطاب، مثنوي، (۸) مکتب حيات، شعر، (۹) لورناسي، (۱۰) ارمغان، (۱۱) مسافر، (۱۲) ذکر و فکر. ـ ادارو

بيت

(۱)

ڪانگا ڪُرنشون ڪري، چڱ حبيبن هيڻن،
سودو توسان ساھ جو، جڙ جماندر سيڻن،
وڻين جڻن وَلين کان، موٽي ايندي تيڻن،
هاڻي رهنديس ڪيڻن، ڪامل تو ريءَ ڪاڪ تي.

(۲)

ڪانگا ڪرنشون ڪري، سوڍي کي سمجهاءِ،
مون ۾ عيب آهَر ٽيار، پر هيءُ نہ مهڙو لاءِ،
سومل جي فريب جي، توکي سُڌ اڇيئي آءِ،
ڪامل تو ري ڪاءِ، ڪنڊي ناھ قرار جي.

(۳)

ڪانگا ڪرلشون ڪري، راڻي اڇيان روءُ،
تو ريءَ سُنڌ محل ۾، نہ جيڻي لہ سَري،
آڻي ٻَهر آهاڻکي، ساعت ڪين سَري،
توکان دَم ٻَري، ڪامل قيامت ڄانيان.

(۴)

سوڍي ريءَ وري، آڻي رات ڀهاڙُ،
ڪَري مان کوٽي ٿي، قسمت ڪيو جاڙُ،
ڏوڙائي جو ڏاڙُ، چيڻيندين بہ چڱو نہ ٿيو.

(۵)

موران مَنون نہ لهي، راڻي جي رهاڻِ،
سڱُ سُڄاڻي نہ ڪيو، هيس آءُ اجاڻ.
ريءَ ٻرين هاڻ، ويڻي ڪانگ آڏاريان.

(۶)

روئي روز آڏاريان، وَڻين ويڻا کانگ،
ڪٽي نيڻ نهاريان، سوڍي سندا سانگ،
تپڻ ۽ تانگ، ساجن ساھ ڏئي ويو.

(۷)

سوڍي سندو ساءُ، وسري ڪين ولهيءَ کان،
سُڄڻ هن سَيرن کان، هر هر لڳي گهاءُ،
ساجن ۽ سماءُ، ٻئي منهن مٽي ويا.

(۸)

سرتيون! سوڍي ريءَ هتي، ساعت پاليان سال،
هيڏو منهنجو حال، هُو قراويو ڪوٽ ۾.

(۹)

سوڍو ساھ ڏئي ويو، آڪُرَس ۽ آڪير،
هڪ هجي تان چيڻيان، هت سَوين ٻيا چير،
ويڻي ٻوجهان ٻير، ڪانگ لنولدا ڪڏهين؟

(١٠)

جن سان روح رهاڻ هٿي، وڃان سي وَيارِ،
تن جا ٽاڪ ٽڪيءَ کان، وڃي ڏور ٽيارِ،
ارين ريءَ پيار، گهنگهر گهارڻ ڏينهڙا.

(١١)

ماري سدا موت جو، هردر آ چاري،
ڪُلّ نفس ذائقة الموت، تو سَتِ وساري،
ڪوڙي ڪاڪ سڃي هٿي، ويندي ٽي واري،
هنيل هچاري، موهي ميرن کي وڏو.

(١٢)

سويڊي جي ڇار، جان جٿين تان ڪر،
ڳالهيون ڳڻن واريون، واڻون کين وسار،
ويٺي هنجون هار، ڪانگ لنوندا ڪڍين.

وائي

سرتيون ڪائڻ آئي، سويڊي سوا ڪاڪ.

ولهيون جابون ان ريءَ جنهن سير مُٺا ڪاڪِ.
ٻاڻي رت گاڏُون، ڪونر رتا ڪاڪِ.
روح کي راڻي ريهيو، لَ تہ سَو مرد ڏٺا ڪاڪِ.
سونڻي اهندو مينڊرو، ڪالڳ لنولدا ڪاڪِ.
'لطف' آس اها آهي، من ٻرچن رُٺا ڪاڪِ.

ڪافيون

*

وهُڻ ورهائي ٽا ٽين، پاڻ وارا پيءُ ونڃي.

مرد مُڙلدا کين آن کان، زهر کي جاڻي پيئن:
وک وجهن اڳتي وڌي.

پيش ٻرين جي ٻئي سي، جان نڏرالو ليئن:
چا مَيُنَ جي سُڌ نہ ٿي.

سر ڏئي سوري تي سڙا، اڌ مُٺا پيا ٽا جيئن:
ٻر نہ تن جي سيڪ لٿي.

'لطف' هي وهسن سدائي، ساهَ جي سُڌ ٻُڌ وڃن:
وٻهہ گهڙي تن وت وڃي.

*

روز آڏاريان کانگ، کڏهن مسافر ماڳ تي اينڌا.

رئندي تن جي راهه نهاريان، ساڙيان سفر جا سانگ:
اينڌا، دل کي آٽت ڏينڌا.

آٽ، ريءَ عجيب جيڏيون، مان پانيان پڙيانگ:
سير سُڃا آباد ٿيندا.

جيءَ جگر کي روز ڏنگن ٽا، نينهن هرينءَ جا نانگ:
قرب وندا هي کس کٽيندا.

حال کان آ بيحال ٻڌاءِ، 'لطف' آنهن جي تانگ:
ڏار ٻڌي کي شال سگيندا.

*

وسرن مون کان کين ويڙهيڄا، ساهه برابر سين!

ڪاهو هيت مان ڪوٽ ۾ آهيان، هٿ ويڙهيڇن وين:
ساهه برابر سين!

آءٌ اڪيلي ڪنهن سان اوريان، پاءُ نه آڏر کا پين:
ساهه برابر سين!

مُشڪ برابر مون لئه آهي، ڪائر جي ڪيهه کين:
ساهه برابر سين!

سانگي ساري 'لطف' ٿمن ٽا، روز نمائا لين:
ساهه برابر سين!

گيت

(۱)

سَمر سَمر ڪرتار، جنهن پيدا ڪيو سنسار.

ذات آڪال آ آن جي، مورک، جڳ جو پالڻهار،
هول نه هرگز پول نراشا، آهو سندو ڏاتار:
سَمر سَمر ڪرتار.

گُن آنهيءَ جا گانج هردم، آهـو آئـي گُـڙڪار،
ڪنول جي اندر سوپيا آن جي، پَـونـرو بـي رتـنـار:
سَمر سَمر ڪرتار.

ديپ آنهيءَ جي پريم جو هردم، هيردي رکـ اجـيـار،
'لطف' نہ آن جو مت ڪو آهي، سـنـدس ڪَـٽـا ريءَ پـار:
سَمر سَمر ڪرتار.

(٢)

ساجن! توريءَ دل جو مندر، آهہ ٿـيـو ويـران.

ديپ جلايم آن جي انـدر، ٿـورو ٿـي پـيـو تـيـل،
وَٽ ڪٽي پئي ديپ آجهائيو، قـسـمـت جـو هـيءُ کيل:
ڪهڙو ڪريان ارمان.

سالوڻ جون گهنگهور گهٽائون، پـي پـپـيـهـي لائـي،
پورب چي پُرشور هوائن، مـون کي آگ لـڳـائـي:
انـدر ۾ طـوفـان.

پُڏم آندڙي رات ۾ تنهنجي، قـدمـن جـو آواز،
سمجهيم ساجن آيو شايد، هـيـڻـيءَ جـو هـمـراز:
ڪوڙو هـو آيـمـان.

ڪنوڻ جي ڪوندي روئي ويئس، تـنـهـا، پـيـتـم ڏور،
رُندي رُندي لنڊ وڻي وئي، سـالـڊي دل جـو سـور:
پئي جُـڪيو ٿـي ڪان.

سـپـنـي انـدر ساجن آيـو، چـيـائـيـن در ڪي ڪول،
جاڳيس، در کي کوليم ڊوڙي، هُـيـو اکـين جـو هـول:
رسـتـو هـو سُنسان!

نظم

ويڳاٽا

هر هـ سـاڻ اونـيـن ٻلائيو آنـن کي،
وڃڻ ڪـ ۽ ڪانا ٽا آئيو آڻن کي.

پَـٽـن ٽـا پَـڪـا ٻال، پريات اونـي، ڪري سُڄ وڃن جُـوءِ هيهات اوڻي.
ڏسـي ساڻ سنبت ۾ تـوڙا تنوارن، ڪُڇي ۾ وجهي موڙَ آڻ ٽا سنوارن.

تلين جي وڃڻ سان فضا آهه جاڳي، روئي ٿي ڏسي ڪوچ کا دل آياڳي.
پَري آهه منزل، طويل آهه صحرا، خبر ناهه ڪٿ هُو آڏن پنهنجا پکڙا.

مشقّت جا هيراڪ آڇاڻ راهي،
دلين کي وڃن ٿا وٺي ساڻ راهي.

پڏائون آڻن جون آڻن سان مهارون، پيون پنڌ پَروَس مَٽين جون قطارون.
بشينه سان گڏ آهه يڪجاءِ سلميٰ، ڪجاوي ۾ عفراءِ سان آهه عذرا.
پلاڻن تي دليون لڻن لاءِ ويٺيون، نگاهن سان ويندا، چُٽڻ لاءِ ويٺيون.
ٻني زهره وارو مهارن کي روڪيو، دلين جي لڏندڙ سوارن کي روڪيو.
مگر هُو نه روڪيا، وڃڻ کان مسافر، ٿيا زور ضدي ميڙ کان مسافر.

وڃن ٿيون هُو خانه بدوشن جون راڻيون،
آلا، تن سان ٿيندیون نه موتي رهاڻيون.

غزل

●

مختصر دانش سان پنهنجي، گردشِ دوران نه ماپ،
بي‌سرو سامان آن جو دورِ ۾ دامان نه ماپ.

تون مقامِ ڪوءِ غربت، آشنائي درد و غم،
جي رهن راحت ڪده ۾ تن جو اطمينان نه ماپ.

وزن ڪو برگِ خزان توکي نه آهي دهر ۾،
واءُ تي آڏري ڪيڙ وارا، تيڪو طوفان نه ماپ.

شوق پرواني جو ڏارين، پر جلڻ کان ٿو ڊجين!
بوالهوس پنهنجي هوَس سان شعلهء سوزان نه ماپ.

آ بلا خيزي جهانَ جي، داستانِ دلخراش،
هن جفا جو تيرزن جو، جي لڳي پيکان نه ماپ.

عسرت و عشرت ٻني، هڪ خواب جون ٽي صورتون،
بي جي گلشن ساڻ پنهنجو خانهٔ ويران نه ماپ.

پردهٔ خاڪي جي هنگامي تي ڪهڙو اعتبار،
'لطف' ميزانِ قضا سان عالمِ انسان نه ماپ.

●

تلخ کامي جي شڪار آهي، سدا فرصت سندم،
سڙ ڏسي نيرنگ عالم، ديدهٔ عبرت سندم.

تون ته چنگيز و هلاکو جو پڙهين ٿو داستان،
هيت ته پنهنجن جي هٿن کان لٽجي وئي راحت سندم.

مسندِ جمشيد و ڪيڪي کي آ ڪئي حاصل قرار،
زندهٔ جاويد آهي، فقر جي دولت سندم.

سان درِ سلطان کان هردم ڪناره ڪش رهيس،
طعنه زن آ قصر شاهي تي سدا غربت سندم.

سادگي سان زندگي جا حل ڪيم لکتا دقيق،
آسمان ٻيسما تخيّل سان آ صحبت سندم.

سان لٽو جاڻان ته سون وت نور آ يا نار آ،
قلب جي گرمي سان شامل آهه هر حرڪت سندم.

نغمه دائود کي هر نغمه غم ۾ ڏسان،
عيب منهنجي کي نه ڏس، هي آ سچي حيرت سندم.

غالب و عرفي، نظيري جو مقلد آ نه 'لطف'،
آ حديثِ سيّدِ شيراز سان نسبت سندم.

●

بهار آندي هئي صحنِ چمن ۾ رنگ و رعنائي،
قفس ۾ پر له بلبل کي، ٻئي آن جي خبر کائي.

وڃائي بال و پر ويئي، جا آڙڻ کان ٻئي عاري،
الهيءَ جي لاءِ بکسان آ، خزان ويئي بهار آئي.

ڪنوڻ چمڪي پري کان ٻر، ڏسي ٻچري ۾ هي ڦٽڪي،
ڪکن جو آشيان منهنجو، چمڪ ۾ آهه تيزائي.

لشمن جنهن جو شاخِ گل جي چوڻي تي هيو هردم،
قضا آن کان کسي ورتي، اڪيلي آن جي سرهائي.

سندس آواز جي سوز و گداز اندر بتلا خيزي،
چوين ٿو آن جي نغمي ۾ نه آ سوزِ نوازائي.

محبّت جو سڃو آغاز آهي جوش ۽ مستي،
مگر انجام ان جو ڀا نه ڪنهن هي ڀالهه سمجهائي.

اسان جي حال جي ڪهڙي خبر پرده نشين توکي،
سندءِ دوري جي شعلي سيني ۾ ڪئن اڳ ڀڙڪائي.

خدا رحمت ڪري ان دردمندِ عشق تي جنهن کي،
سلي آ سوگواري، انتظاري، قيد تنهائي،

بشيو هت سنڌ ۾ هاڻي، پنائي آهه کو غالب،
شهنشاهِ سخن مان 'لطف' ئي آهيان، نه هرجائي.





"سليم" سرهندي

پير سرهندي پنهنجي خود نوشت سوانح حيات ۾ لکي ٿو:

"نالو: محمد سليم، فاروقي مجدّدي. ڳوٺ ٽنبي سائينداد، ضلعي حيدرآباد ۾ ۱۳۲۷ھ ۾ تولد ٿيس. پنجن سالن جو هوس تہ والد صاحب وفات ڪري ويو، ۽ منهنجي پرورش ۽ تربيت منهنجي ناني مرحوم حضرت آقا محمد حسن قبلہ جي سرپرستي ۾ ٿي، جيڪو سنڌ جو مشهور روحاني پيشوا، عالم فاضل ۽ پلارو بزرگ هو. ان زماني ۾ اسان جي خاندان ۾ انگريزن جي ملازمت تہ بجاء خود، انگريزي تعليم ڪي بہ معيوب سمجهيو ويندو هو، ان ڪري فارسي ۽ عربي جي ابتدائي تعليم ڪافيه ۽ ڪنزالدقائق تائين سنڌ جي مختلف عالمن سڳورن کان حاصل ڪيم. پوء اعليٰ تعليم لاء مون کي حضرت نانا مرحوم، اجمير شريف جي نامياري عالم ۽ شمع آزاديء جي پروانيٰ حضرت مولانا معين الدين جي سپرد ڪيو، جن جي خدمت ۾ پنج سال رهي درس نظامي جي تڪميل ڪيم. شعر جو ذوق سترهن سالن جي عمر ۾ پيدا ٿيو، ۽ مرحوم ماما عبدالستار جان جي اصلاح ۽ حوصلہ افزائيء سان اهو ذوق وڌندو ويو. ماما مرحوم پاڻ سنڌيء جو سٺو شاعر هو ۽ شعر جو اعليٰ مذاق رکندو هو. اسان جي خاندان ۾ فارسي زبان جو گهڻو رواج هو، ايتريقدر جو اسين لکپڙهہ بہ فارسيء ۾ ڪندا هئاسين، جنهن جو ٿورو گهڻو اثر اڄ بہ باقي آهي. آڪٽوبر ۱۹۳۴ع ۾ طب يونالي جي تعليم لاء پنهنجو اجمير ويس، ۽ آتي شفاء الملڪ حڪيم نظام الدين کان طب جي تعليم ورتم، ۽ وٽس مطب ڪيم. جڏهن تہ اجمير ۾ هڪ چڱو علمي ۽ ادبي ماحول ميسر ٿيو هو، ان ڪارڻ سنڌي سڳوري سان گڏ فارسي زبان ۾ زياده شعر موزون ڪرڻ لڳس، ۽ اِن کان پوءِ گهڻو حصو اخبار 'مدينه' بجنور، اخبار 'معين' اجمير ۽ لاهور جي ماهنامہ 'همايون' ۽ ڪراچي جي ماهنامہ 'رياض' ۾ شايع ٿي چڪو آهي. هن وقت شهر ساڻلي ۾ ۲۸ سالن کان مطب ڪري رهيو آهيان.

وڏي عمر ۽ مطب جي مشغولي سبب اگرچ شعر لاءِ گهٽو وقت ٿو ملي، تڏهن ب ڪڏهن ڪڏهن ساز دل جي تارن کي ڇڙي روح کي ريجهائيندو رهان ٿو. ڪوب شعري مجموعو شايع ڪري نه سگهيو آهيان، نه وري پريشان ڪلام کي ترتيب ڏيئي سگهيو آهيان."

"سليم" سرهندي، سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ جو جيّد شاعر آهي. سندس تغزل نهايت رنگين ۽ لذيذ آهي. هڪ قادرالڪلام ۽ پرگو شاعر جي حيثيت سان سندس غزل، رباعيات، ۽ قطعات جو معيار بلند آهي. غزل جي هيئت اگرچ قديمي آهي، تاهم موضوع ۽ مواد زياده تر معنوي آهي. اشاريت ۽ رمزيت سندس ڪلام جو خاص معيار آهي. ـــ ادارو

* * *

غزل

●

اهي ڪارا ڪنڌا ڪاڪل، منا مڙي ٿي ڇوڙي ڇڏ،
چري ٻئي ٿئي وري دلڙي، وجهي ولڪڙا وکوڙي ڇڏ.

نه جلوَن کي پريشان ڪر نه دلڙي ڏار ڏونگر جي،
انهن جلون جو منهن منهنجيءَ نماڻيءَ دل ڏي موڙي ڇڏ.

نه گلشن ۾ بهار آهي نه ميخاني ۾ سرمستي،
نماڻا نيڻ ڪنڌ مُرڪي، ڦيرل دنيا کي جوڙي ڇڏ.

هڏيو خنجر لڳاهن جا ڇڪيو باهر ڪڍين ڇو ٿو،
هميشه لئه اهي قاتل ڪٽاريون دل ۾ کوڙي ڇڏ.

محبّت جي زبان ناهي، سيڻي پيغام پريتن جا،
لڳاهن جي اشارن دل جي ڏڙڪن مان پروڙي ڇڏ.

بلاتا ٻيڙ ٻائي تسرب جا جيءُ جوڙ جانب مان،
ٻيا کوڙا سيڻي رشتا ۽ ناتا ترت ٽوڙي ڇڏ.

ڪنارو ڪنهن لڏو بحرِ محبّت جو 'سليم' آهي،
گهُرين جي خير هن دريا ۾، ٻيڙي ٻنهنجي ٻوڙي ڇڏ.

●

ڪنهن جي مجال ٿئي، تنهنجو همسر جمال ۾،
توکي ٿي پيش ٿو ڪريان تنهنجي مثال ۾.

هي حال ٿيا، مليو نه مگر پنهنجو حال ڪو، افسوس عمر گذري وئي قيل و مقال ۾.
ٻيو جي گهُران وڌيڪ ته شل منهنجا هٿ ٻجن، بس پنهنجو هٿ ٿي ڏي منهنجي دستِ سوال ۾.

هاڻي روئڻ ويڻ جي رهي کانه سگهه اٿم، اينڌا ڪريو گهٽو نه خدارا خيال ڪم.
لاحق نياڳي دل ٻڌي وچ ۾ تباهه ٿئي، هو مست ٻانهنجي حسن ۾، آءٌ ٻانهنجي حال ڪم.
ٻي ٻُر ٻيالو رند وڃي رب" سان ملياں، قاضي ڪٽو ٻيو آهي حرام ۽ حلال ڪم.
ڪئي هر طلب کان پاڪ سندءِ عشق آهي دل، کو فرق هاڻي ناهي فراق ۽ وصال ڪم.
مُنهنجو مٽائي ٻيو وڃي هو، تون ڏسين ٻيو،
ڇو دير ٻيو 'سليم' ڪرين التقال ڪم.

●

ٻئي جڳ ڇڏيا تو منهنجا سنواري،
نيڻن سان ساڻي سُرکي ٻاري.
آ توتان گهوريان ساري خدائي، آ توکي ٻوجهيان دل ۾ ويهاري.
گهر ٻاڻ کان ٿي وڃو آهيان جو، سون کي ڇڏيو تو آهي وساري.
تنهنجا ڏکويل ڪن ٿا دعائون، توکي نه سولا کو ڏک ڏيکاري.
سون دل کي مس مس ريجهائيو هو، هي ڇا ڪيو تو سُرکي نهاري.
نيڻن ۾ سرمو لالي لبن تي، دليا ڦٽائين محشر سنواري.
کر ٻاجهه ٻانهيءَ تي، جو وڏو آ، الله سون کي تنهنجي ٻاري.
تنهنجو 'سليم'، اي سائين اٽئي سڏ،
ڪٽن ٻيو حياتي مسڪين گذاري.

●

چُپ، شور نه ڪر اي دل، آرام ٿيون فرمائن،
آغوشِ تصوّر ۾ ڪنهن شوخ جون تصويرون.
ٻردي ۾ لڪائين ٿو ڇو حسن جي جلون کي،
بادل ۾ ڪڍهن مخفي ٿيون برق جون تنويرون.
جهل مست نگاهن کي، ٻوڙي نه وجهن مون کي،
ٻيون دل جي ٻالي ۾ آهين سوين سيرون.
بس تنهنجي نظر آهي سون لاءِ سڀا سيڪجهه،
آءٌ ڪونه ٿو ڄاڻان هي تقديرون ۽ تدبيرون.
جن نيڪ ڪمابن تي سَرڪيو ٿي سدا زاهد،
سي شرع محبّت ۾ ثابت ٿيون تقصيرون.
هي محفل ناز آهي، مَسجد نه 'سليم' آهي،
محبوب ڏي منهن کر ۽ هڻ عشق جون تکبيرون.

"خليل" سرهندي

"خليل" سرهندي پنهنجي خود لوشته سوانح حيات هن طرح مختصر لکي آهي:

"نالو: ابراهيم، تخلص: "خليل"، ڪنيت: ابوالعطاء ذات: فاروقي سرهندي، ولادت: ٨- رمضان ١٣٣٤ هـ، رهائش: گلزار خليل (تعلقو ساماروء ضلعو ٿرپارڪر)، تعليم: ديني، فارسي، عربي ۽ طب. مشغلا: زميندارياي، شرعي فيصلا، لسخ لويسي، شاعري. نندپڻ کان اصلاح ڪندڙ حضرت قبلہ والد صاحب رحمة الله عليه، هيو ڪُل خير!"

-"خليل" سرهندي اگرچہ باشرع بزرگ آهي، تاهم سندس شاعري فن جي ترجمان آهي. تغزل ۾ اهي سڀ مضمون آڻي ٿو، جي شعرائسے ڪرام لاء طرۂ امتياز آهي. زلف و ابرو ۽ جام و سبو جي رنگ جي شاعري ڪري ٿو. سندس ذوق سليم ۽ پاڪيزه جذبات غزل ۾ عجيب رنگيني پيدا ڪري چڪا آهن. زبان پختہ ۽ انداز بيان شستہ اٿس. —اداروء

بيت

(١)

ڪين رڙه پرين پار ڏي، ڪين رو ڪين رَڙُ،
گهاڻي ڏاران ڪيئن ٽئي، تيل منجهاران ڪڙُ،
سُهڻمان سَهہ ۽ سَڙُ، تہ ماڻين سيج سچڙ جي!

(٢)

سِڪَ ۽ سُک چا لڳي، عشق تان انبور،
پئي ماه هڏن تان، ڪري ڪيئُس ڪلور،
رحم نہ اچي سور، هن بي ترسي هره ڪي!

(٣)

ڪوهيو ڪائن ڏونڊ تان، ڳجهون رڳو ماه،
ساڙي ماه هڏا مڙئي، عشق جو آڙاه،
تون ڪيئن سانديي ساه، ڪرين سڏ ون سِڪ جون؟

(٤)

مڙئي هار پربون، مڃان تو معذور جون،
ٻُڌن ڪن هار ۾، جي تنهنجي توه تربون،
وڻي وَٽ وربون، سالم لنگهي سير مان!

(٥)

جنهن ڪي تنهنجو هٿ، سا ڪيئن ٻُڌي هار ۾،
سالم لنگهائي سير مان، سڀ پنهنجي سَٽ،
وڻي وڏي وَٽ، آکري اچي عميق مان!

(٦)

دَهلي نہ دهشت، هئس دلاسو دوسَ جو،
هشيءَ هوت پرينءَ جي، وجائي هيبت،
موجن هن 'مهراڻ' جي، منجهايس نہ مَٽ،
واڻن وڙهن جي لہ ڪئي، ڪئي سيسارن سنگت،
تري سان طاقت، دريا هڪڙي دم ۾.

ڪافيون

*

آءٌ مصيبت ماري، دوست اچي ڏي دلداري!

پير ٽڪا ٽيو ٻڌڻ نہ ٻورو، ساه سندم اڳ ۾ ٽي آڏورو،
ٿڪي سارو ٽڪر جيئن ڪوورو، آبو آيل ڪري منهن ٽوورو:

ظالم ڪونہ مڃي ٽو زاري!

ٻاه ٻره جي ڪاڻي پڙڪا، ٻيا ڏي ابل ڏيئون ۽ ڏڙڪا،
ڪافر مون تي ڪري ٻيو ڪڙڪا، ڦڙڪي ماه ڪري دل ٽ.

آئي مون تي قيامت ڪاري!

هاڻي منهنجا چکي ويا چارا، آءٌ ڏسان ٻي ڏينهن جا تارا،
وڻ اکين سان رت جا نارا، ويڙا منهنجا سڀ سهارا:

مون تي وري وڻي واري!

ٻمر ۽ هٽ ٽيا ڇيهون ڇيهون، ٻرت جون دل تي ٻيها ٻيهون،
ووڻ نڪتيون روح سان ريهون، قادر منهنجون سڀيون سي ڪيهون:

داور مون ٿي ڏرتي ڏاري!

ٻوئن تہ ڇري آءٌ وڙيس چڙ ۾، جان ڪڙ ٻهتيس ٻنهنجي گهر ۾!
ٻنهل ڏنم آت ٻنهنجي پڙ ۾، ٻل ۾ ٻهتيس ٻنهنجي وگهر ۾!

ساڻيم ٻنهنجو 'خليلا' آري!

*

برڻ ۾ ٻڌيس ٽيس بيحال، روڻ ۾ رانجهن اڄ تون رس!

مون ڪي لہ آکلن روه جون راهون، ٻند ولهيء جون ٽيون سپ واهون،
هاڻي تون ٽي ٻنهل ورڻ ٻانهون، هوت اچي ڏس هي حال:

ٻنيس بيخود بيکس بيوس!

ٻاڻ ٻتوڙيم، رت ولوڙيم، عمر سجي جا ڪيئنا لوڙيم،
ورلي جهنگ جبل سپ ووڙيم، هر ڪنهن سان ڪيم حال احوال:

ڪونہ ڏنو ڪنهن ڪوئي ڏس!

رات عُمر جي ويندي وهامي، ٽيندس چار، ستڙي ۽ ڪامي،
چار ٽي ايندس توڏي آڏامي، ٽيندس ٻيرن ۾ ٻامال:
ان پَر ڪندس وَصل آوس!

موت جي ڊپ ڪان موٽيون ڪوٽيون، چا ٽيو جي ٽيس ٻيرا ٻوٽيون،
شال لہ آڏڻ عشق جون اوٽيون، شال رهن سڀ سيبا سال:
ساه اچي وڃ، ساهُ لہ ڪَٽس!

عشق جو طوق ٻيل منجهہ ڳاڻي، ٻره جي ٻاه الدر ۾ آڻي،
هجر ڪان هاڻي هنيون ٽو ڦاڻي، اکڙيون جَرُ وهائن جال:
ٻوندون ڪن نہ 'خليلا' ٻس!

غزل

●

راحتن تان هٿ ڪنيم، رانجهن، رُسڻ تنهنجي ڪان ٻوم،
مون مزن ڪان موڪلايو، منهن مَٽڻ تنهنجي ڪان ٻوم.

چا مزا اينڌا ٿلهي مَڙه ڪي، اکيون دل ۽ دماغ،
ويا لڳي تنهنجي ٻڌيان لالڻ لَڏڻ تنهنجي ڪان ٻوم!

ڪيڏن بهشتن ڏي ويون حورون، ٻهاڙن ڏي پريون،
ٽي لڄي لوڪان ليڪيون پريَر پَسڻ تنهنجي ڪان ٻوم.

دُولهن سان ۾ دل مُنجهي منجهہ جي وڃي وارن سان مُونجهہ،
ڪَر لڪين گل ٿا ڪَڻن، زلفن ڪيڻ تنهنجي ڪان ٻوم.

روڙ سڄ ٻي لور آيَري، نور توڪان ٽو ونڃي،
ڏينهن بنجي ڏيهہ ساري ۾ ڏِسڻ تنهنجي ڪان ٻوم.

شل لہ ڪو دَڙُڪو هجي شلَ ڪو دلاسو ئي هجي،
آس ۽ ڊپ ٻئي ٿا آيرَن چَپَ چُرڻ تنهنجي ڪان ٻوم.

منهن لهي ويا مهروڻن جا جي گهٽو منهن-چاڙه هٽا،
لوڪ ڪي مڙ مُنهن، مُنهَان ٻيا مُنهن لڳڻ تنهنجي ڪان ٻوم.

روڙ پڙهي ٽو ٻہ ٻيرا تنهنجو ٻردو ٻير ڪي،
هڪ ڪَٽڻ ڪان اڳ ۾ ٻيو منهن ڏيڻ تنهنجي ڪان ٻوم.

ٻڻ ٻہ ٻيرا ٻي خطا خوش ٿو ٽئي تنهنجو 'خليل'،
هڪ اچڻ سان ٽي عجيبا، ٻيو ٽيڪڻ تنهنجي ڪان ٻوم.

●

سيڪجهه مايو مون يار کان مهر و وفا سوا،
سيڪجهه ٿو چاڻي هاڻي سندم هوت 'ها' سوا!

ڪاڻ اچي ٿي بزم، ڏنيي هير باغ جي،
گل خار ٿيو ٿا دل ۾ چُڀن دلربا سوا.

هڪ بوسه سو به خواب ۾ غبغب تي جو ڏنم،
دل ۾ ويو کوهه کونجي ڪنهن چوءِ چا سوا.

جت خواب ۾ خيال به ڪاوش ڪري سگهي،
کو ڪيئن نزاڪتن کي ڪئي آت خدا سوا.

لالن کي برگ گل به متان کي ليڦون وجهي،
گهه بُوي گل مان آن جا ٻنايو ٻها سوا.

چا جي ٻها جو لڪهت ِ باغ ِ جنان سجي،
زلفن کان وار ورتي قضا ڪنهن ٻها سوا.

سيڪڙ ڪري سڃڻ کان ذرو نور و رتو سڃ،
پيو هو به چا ازل ۾ انهيءَ جي ضيا سوا.

اڄ آن جي عاشقن لئه ڪري کونه انتظار،
آيريو وڃايو وصل وجهي ڪنهن حيا سوا.

او سڃ! اڙي او منهنجي سڃڻ جاڻي سيڪڙون،
پيهار منهن نه ڪيڏجان سندم مدّعا سوا.

ايئن ٿو شراب ريز اکيين ۾ حيا لڳي،
زاهد کو بزم مئي ۾ وهي جيئن حيا سوا.

اي ذوالعطا عطا سان عطائون عطا ڪرينم،
چاهي 'ابوالعطا' جو اوهان جي عطا سوا.





سيد گل حسن شاهہ "مجذوب"

محترم سيد گل حسن شاهہ ولد سيد قمرالدين شاهہ ناگوري، ۱۳۲۹ هجري ۾، عمرڪوٽ ۾ تولد ٿيو. سندس تعلق هند و پاڪ جي مشهور بزرگ سيد برهان‌الدين ناگوري رحمت‌الله سان آهي. سندس بزرگ تمام آڳاٽا هند مان هجرت ڪري اچي عمرڪوٽ ۾ سڪونت پذير ٿيا، ۽ اڄ تائين ڪافي ناگوزي سادات عمرڪوٽ (ضلعي ٿرپارڪر) ۾ رهن ٿا.

گل حسن مجذوب صاحب ابتدائي تعليم پنجن درجن تائين عمرڪوٽ ۾ ورتي، ۽ خانگي طرح قران مجيد ناظره، اردو، فارسي ۽ انگريزي پڙهيو. فارسي ۽ انگريزيءَ جي سڻي ڄاڻ ۽ مطالعو وڪي ٿو.

شاعريءَ جي مشق کي پنهنجو زمانو گذريو آهي: اول اردوءَ ۾ شعر چوندو هو، ۽ بعد ۾ 'مخلص'، مراد علي 'ڪاظر' ۽ نورمحمد 'نور' نظاماڻيءَ جي شاعريءَ کان متاثر ٿي سنڌيءَ ۾ غزل چيائين. سندس غزل تي 'ڪاظر' ۽ 'مخلص' جو رنگ غالب آهي. قديم شاعرن مان شاعرن جي سرتاج لطيف سائين، ۽ متاخرين مان سيد مصري شاهہ نصرپوريءَ جي ڪلام سان سندس والهانہ عشق ۽ محبت آهي. ان جي ڪلام پڙهڻ سان ڪيس سنڌي شاعري ڪرڻ جو شوق وڌيڪ ٿيو، جيڪو جاري آهي.

شاهہ صاحب شاعريءَ سان گڏ آڳاٽي زماني ۾ مضمون نويسيءَ جي پڻ مشق ڪري چڪو آهي، جيڪي ان زماني جي‌مشهور اخبارن ۾ ڇپيا هئا. آزاديءَ جي تحريڪ جي دؤر ۾ تقريرون پڻ ڪندو هو.

مختصر تہ شاهہ صاحب هڪ نغزگو شاعر، سنجيده فڪر اهل قلم ۽ فصيح‌البيان مقرر آهي. شاعريءَ ۾ غزل، نعت، منقبت ۽ نظم تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. اردو ۽ سنڌي، ٻنهي زبانن

ھ سندس شعر جو ذخيرو چڳي انداز ۾ موجود آھي. شاھ صاحب، شعر ۾ شاعريءَ کان سواءِ خوش اخلاق ۽ وضعدار ھڻآھي، ۽ وڏيءَ حد تائين عجز ۽ انڪسار پسند ڪرڻ سندس شيوو رھيو آھي. سندس وجود عمرڪوٽ شھر ۾ اھل علم ۽ ادبي ذوق رکندڙن لاءِ اونداھيءَ ۾ چراغ آھي، يا سچ ۾ ھاڻيءَ جي برابر. ـــ راج محمد ھلي

غزل

●

سر ۾ سودا آھي سنگِ در ملي،
در تنھنجو ليکن نڙو دلبر ملي.

تشنہ لب آھيان ھان اي پيرِ مغان! ميڪدي ھان مون کي پي ساغر ملي.
تنھنجا عشوہ، تنھنجا غمزہ، تنھنجو ناز، تنھنجو ٿاني ڪوڙ ھيو دلبر ملي!
بحرِ الفت ۾ ٽئي جو غوطہ زن، ٽو انھي غوّاص کي گوھر ملي.
لامڪان ۾ گر مڪين ناھين تہ ھو، چو نڙو 'مجذوب' تنھنجو گھر ملي؟

●

جنون مسلڪ، فغان مشرب، شغل آ جادہ پيمائي،
آھي صہ چاڪ دامان، ڪھڙي ٽيندي بخيہ آرائي!

خدارا ناصح مشفق رھڻ ڈي مون کي مستي ۾،
منھنجي مستي ۾ پنھان آھي عشقِ حسن ليلائي.

تخيّل جي فضائن ۾ رھي پرزور ٽو ھردم،
وڏي جو تنھنکري ويتر ھي ذوقِ خامہ فرسائي.

محبّت جي مئي احمر سندو سر ۾ خمار آھي،
نہ خلوت جي تمنّا آ، نہ ذوقِ بزم آرائي.

دلِ 'مجذوب' ۾ ھردم خلش آ نوکِ مژگان جي،
نہ ٽي معلوم اڄ ڈينھن تائين زخمِ دل جي پھنائي.

●

دل بيخود و مجبور وئي قبضي مان لکري،
کو ڈوھہ تنھنجو چشمِ فسون ساز نہ آھي.

صہ پارہ جگر آھي سندہ جور کان ظالم،
ھک طرفہ تماشہ آ، تنھنجو ناز نہ آھي.

گهورن سان جگر گهائين ۽ مرکن سان جيارين،
ڇا رشکِ مسيحا اهو اعجاز نہ آهي.

انشائے محبّت جو سبب آهِ جگر ٿي،
اي ضبطِ فغان کو ٻيو غمّاز نہ آهي.

مدت کان طوافِ در ميخانہ آ 'مجذوب'،
هر ڇا کربان در ميکده جو باز نہ آهي.


•

شوق ساقي نہ رهيو جام نہ پيالي جو،
غم بتدريج آ عنوان منهنجي افسانہ جو!

برق خرمن تي اثر ڇا کري سگهندي منهنجي،
ڪک نہ هڪ باقي بچيو آ منهنجي خسخاش جو.

داستان منهنجي گداز آلدو آ محفل ۾ وري،
هوش سالم نہ رهيو آ ڪنهين فرزانہ جو.

ذوقِ 'مجذوب' نمايان جهان ۾ ٿي وڃ،
ڪاش، ڪو سمجهي وڃي راز صنمخانہ جو!





رحيم بخش "قمر"

نالو: رحيم بخش، تخلص: "قمر"، والد جو نالو: محمد عيسيٰ، ذات: لاکو، اصلي پيدائشي ڳوٺ: عمر راهو، تعلقو مورو، ضلعو نوابشاهه. جم جو سن: ۱۹۳۳ع.

نند ۾ ئي سندس والدين گذاري ويا، جنهنکري 'قمر' صاحب مڪمل يتيم بنجي ويو!

تعليم: قمر صاحب شروعاتي تعليم شڪارپور شهر جي 'مدرسه انوارالعلوم' ۾ مولانا الحاج عبدالله برادر مولوي محمد هاشم کان ورتي، جتي هن ۾ سالن تائين عربي صرف و نحو جي تعليم حاصل ڪئي.

شاعري: شاعريءَ جي هر صنف تي شعر لکيا اٿس. جهڙوڪ: بيت، وائي، غزل، گيت، ڪافي، قصيدو، لظم، مثنوي، مخمس، مسدس، مستزاد، مولود، رباعي، قطعو، دوها وغيره. سندس ڪلام سڀني سنڌي روزانه اخبارن ۽ علمي رسالن ۾ ڇپجيل شايان شان نموني ۾ شايع ٿيندو رهي ٿو.

ڀاڻ سنڌيءَ جي ٻيٽ عام لفظن کي شعر جي لڙهيءَ ۾ پوئڻ جو شائق آهي. سندس شعر ۾ ادبيت سان گڏوگڏ اعليٰ معنيٰ ۽ سمايل هوندي آهي.

• هن وقت نوابشاهه ۾ گلزار مسجد شريف جو پيش امام ۽ خطيب آهي.

هيٺيان ڪتاب سندس تصنيفات مان آهن: (۱) دربار مدينو، (۲) دربار ڪربلا، (۳) فضائل القرآن، (۴) جمال مصطفيٰ، (۵) آخرت جي هوڪ، (۶) لائوڊ اسپيڪر تي نماز، (۷) جواهرالقمر. (۸) ديوان قمر، (۹) ڪهايا ڪهڻا ڪهوٽ، (۱۰) چند تنهنجي ذات، (۱۱) زين الرجال، (۱۲) خطبات روح الاسلام، (۱۳) ڏڏون جي طلب جون، (۱۴) ڪاڙبندين ڪوڙها.

بيت

(١)

آلله جلّ جلاله، پنهنجوئي مٽ ٻاڻ،
ڪانهي تنهن ڪريم ڪي، ڪنهن جي هرگز ڪاڻ،
عالم جي اڳواڻ، جيوَن سچو جهرڪائيو.

(٢)

ٻيرون ٻچي لال ٽيا، ڪپڙ ڪٽوريا خوب،
ماروئڙا محبوب، چوندي ڪائن چاهه سان!

(٣)

ٻيرون ٻچي لال ٽيا، ڪپڙ ڪٽوريا ڪيت،
پٽ-ڏٽيءَ جا ٻيت، جهانگين اڄ جهونگاريا!

(٤)

ٻيرون ٻچي لال ٽيا، ڪپڙن ڪيئي ڪوءِ،
لامن مٽان لاڪو چئي، روهري آ روءِ،
ٻچي ٻنوارن ڪي، پٽن منجهان ٻوءِ،
جهانگيئڙن جي جوءِ، بهتر پانيان باغ کان!

(٥)

ٻيرون ٻچي لال ٽيا، ڪپڙ ڪٽوريا ڪوڙ،
لامن مٽان لاڪو چئي، موتين ڳٽيا موڙ،
چهانگي ڏسيو جوڙ، شاڪر ٽيا شڪور جا!

(٦)

ٻيرون ٻچي لال ٽيا، ڳلين واسيون ڳچ،
سرتيون سنيري هليون، موتر ڪٽي سچ،
ڪورهو دل مان ڪچ، ڪلمي ساڻ ڪريم جي!

(٧)

ٻيرون ٻڪا، لامون لڙيون، ماڻڪ ڪچ ڪا موت،
چنيو چپر چانوَ ٻر، گڏجي ڪائون گهوت،
چئني پاسي چوٽ، ڏيون هاڻ ڏهاڳ ڪي!

(٨)

گل ڦل، غنچا، مکڙيون، ماڪيا انب، انگور،
راحم، رب غفور، موتي ٿاهيا ماڪ مان!

(٩)

گل ڦل، غنچا، مکڙيون، ماڪيا گونچ، گلاب،
مکڙين کي موتين جا، ٻاتا هار حباب،
شاخن ساڻ شباب، دائم آهي دوستي.

(١٠)

گل ڦل، غنچا، مکڙيون، ماڪيا ٻيج-ٻني،
راحت جني روح کي، ڏسندي خوب ڏني،
ڏينهان ٻاند چني، لکيو وڃي لوڪ کان!

(١١)

گل ڦل، غنچا، مکڙيون، ماڪيا ڪنول ڪنليون،
ولهارن وليون، ٻکڙيون آهن ٻرت مان!

(١٢)

شاخن تي شبنم، موتي هاريا سُرڪ مان،
گلشن سدا غم، لٿا سيئي لاڪو چئي!

وائي

ڪرهو اوري آڻ، الـو ميان-ڪرهو اوري آڻ!

ڪاڪ وسائج ڪانڊ اچي تون، موسل پنهنجي ماڻ:
الو ميان، ڪرهو اوري آڻ!

روز اڏايان روئي روئي، ڪانگل تنهنجي ڪاڻ:
الو ميان، ڪرهو اوري آڻ!

تو ري منهنجي ڪاڻ اونداهي، چند! سندي چانڊاڻ:
الو ميان، ڪرهو اوري آڻ.

اڄ تان سهڻل گڏجي گهاريون، پنهنجي حياتي هاڻ:
الو ميان، ڪرهو اوري آڻ.


اڄ اڄ اڄ، او منهنجا مٺڙا، سونهان سرتين ساڻ!
الو ميان، ڪرهو اوري آڻ!

اڄ تان ڪريون هاڻ هميشه، گڏجي روح رهاڻ:
الو ميان، ڪرهو اوري آڻ!

گل ڦل، غنچا خشڪ ٿيا سڀ، سونهن چڏي سرهاڻ:
الو ميان، ڪرهو اوري آڻ!

تو ري، مون ڪي ڪين وڻي ٿي، مينهن سندي مانڊاڻ:
الو ميان، ڪرهو اوري آڻ!

'قمر' ڪتيون ۽ ٽيڙو ٽهڪن، مون ڪي تنهنجي تاڻ:
الو ميان، ڪرهو اوري آڻ!





حافظ ضياءالحق «اسلم»

حافظ ضياءالحق 'اسلم'، لاڙڪاڻي ضلعي جي مشهور عالم دين مولانا محمّد عظيم صاحب 'شيدا' قوم سولنگي جو ٻيو نمبر فرزند آهي. سندس وڏن جو اصل وطن ڳوٺ ڪل ٻرڙو، تعلقو واري، ضلعو لاڙڪاڻا هو، پر بعد ۾ سندس والد صاحب عربي مدّرس هجڻ ڪري ڪجهه وقت ڳوٺ خدا داد خان پٺاڻ ۾، ڪجهه وقت ڳوٺ مائي شاهل ۾ ۽ ڪجهه سال ڳوٺ وڪڙ ۾ ۽ ڪجهه سال ڳوٺ ياروديرو ۾ رهي، جون ۱۹۵۳ع کان وٺي ڳوٺ نصيرآباد، تعلقو واري، ضلع لاڙڪاڻي ۾ سڪونت اختيار ڪئي آهي ۽ هن وقت نصيرآباد ۾ ئي آباد آهن.

ولادت: حافظ صاحب جي ولادت ڳوٺ مائي شاهل، تعلقي واري ۾ ماه شوال ۱۳۴۲ هجري ۾ ٿي، جتي ان زماني ۾ سندس والد بزرگوار جو عربي مدرسو هو.

تعليم ۽ تربيت: حافظ صاحب اڃا ٽن سالن جي عمر جو هو ته سندس والده محترمه فوت ٿي ويئي، تنهنڪري سندس تربيت جي سموري ذميداري سندس والد صاحب کي برداشت ڪرڻي پيئي. حافظ صاحب جڏهن پڙهڻ جي عمر کي پهتو ته پهريائين کيس به درجا سنڌي پڙهائي ويئي، ۽ بعد ۾ کيس قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ لاءِ حافظ الهرڪيه صاحب هالپوٽي وٽ ٽرڙي هاشم تعلقي واري ۾ چڏيو ويو. حافظ صاحب ٻارهن سالن جي عمر اندر قرآن پاڪ حفظ ڪري ورتو. ان کان پوءِ حافظ صاحب فارسي ۽ عربي جا ڪجهه ڪتاب پنهنجي والد بزرگوار جي فاضل شاگردن- مولانا حافظ عبدالرحمان صاحب (پير) وٽ ياريديري ۾، ۽ ڪجهه ڪتاب مولانا حافظ محمدموسيٰ سومرو (فاضل ديوبند) وٽ ٽرڙي محبت ۾ ۽ مٽيان ڪتاب پنهنجي والد صاحب وٽ پڙهيو. عربيءَ جا مٽيان ڪتاب پڙهندي پڙهندي حافظ صاحب کي انگريزي پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو، ۽ ڇٽن سالن جي عرصي اندر مٽرڪ پاس ڪري ورتائين.

مئٹرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ حافظ صاحب انگريزي ماستر مقرر ٿيو. ملازمت جي دوران ۾ حافظ صاحب پنهنجي تعليم جاري رکي. آخرڪار بي. اي (آنرس) ۽ ايل. ايل. بي پاس ڪري ماسترءِ کان موڪلاڻين. هن وقت خيرپور ميرس ۾ پوليس پراسيڪيوٽر آهي.

شعر و شاعري: حافظ صاحب کي شعر و شاعريءَ جو شوق فارسيءَ پڙهڻ جي زماني ۾ ئي ٿيو؛ ان وقت کان ئي شعر چوندو پيو اچي. سندس شعر جي اصلاح شروع ۾ سندس واله بزرگوار ئي ڪندو رهيو. حافظ صاحب جي شاعري عام طور قومي ۽ عشقيه مضمون تي مشتمل آهي. شاعريءَ جي گهٽو ڪري سيني صنفن، جهڙوڪ: ڪافي، گيت، غزل، مثنوي ۽ مسدس وغيره تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. سندس شعر جو هڪ ڇڪو مسودو تيار ٿي چڪو آهي، جو ايا طباعت هيٺ اچي نه سگهيو آهي. ـــ ادارو

* * *

غزل

●

هي وري ڪنهن سان الاهي! پيار ٿيندو ٿو وڃي،
دل ۾ پيدا هڪ نئون آزار ٿيندو ٿو وڃي!

ڪير خوابن ۾، خيالن ۾، وڃي ٿو چانٻو،
ڪير هن دل جو وري دلدار ٿيندو ٿو وڃي.

ڪير سامهاٽو وري، جنهن جي نگاهِ ناز جو،
دل تي، سيني تي، جگر تي وار ٿيندو ٿو وڃي.

هي وري ڪهڙي ڏسان ٿو ساجرا هن دس ۾،
ڪو ڪري ٿو پيار، ڪو بيزار ٿيندو ٿو وڃي.

ناز وارن جا گهٽائي راز رکڻا ٿا پون،
ڪو ته آسان، ڪو مگر دشوار ٿيندو ٿو وڃي.

سايهِ ابرِ ڪرم سمجهان ٿو اڇڪلهه جو مٿان،
سايهِ زلفِ سياهِ يار ٿيندو ٿو وڃي.

راهِ الفت جي رڪاوٽ کان ڪو پڇڻ وارو نه هو،
ها ته اڄ ڪو آسرو، آڌار ٿيندو ٿو وڃي.

هي مسافر بي ثمر، ڪنهن جي نگاهن جو ڪريل،
اڄ وري ڪنهن جي گلي جو هار ٿيندو ٿو وڃي.
يا ته ڪنهن جو هر گهڙي انڪار ئي انڪار هو،
يا ته اڄ اقرار تي اقرار ٿيندو ٿو وڃي.
يار، جنهن جي واسطي حيران مدّت کان هيس،
سڪ منجهان سو يار منهنجو يار ٿيندو ٿو وڃي.
شعر جي دنيا کان غائب، دوستن کان وسريل،
سوئي 'اسلم' بزم جو سينگار ٿيندو ٿو وڃي.

تضمين بر غزل خسرو

اي جان من! تنهنجي اڳيان ڇا جاوهٔ حور و پري،
ڪهڙورين تنهنجي جسان تسان ٿا جان ڏهره مشتري،
آهي سندءِ اڪ هم رڪيل اهڙي ته ڪا جادوگري،
جو هڪ نظر سان ئي ڪري منهنجي وڏي تو دل چري،
ڪاڏي وڃان، ڪنهن کي چوان، ڳٽيون ڳٽي وينداس گهري:

اے چهرهٔ زيبائے تو رشکِ بتانِ آذري،
هر چند و صفت مي کنم، ليکن آزان بالا تري!

ڪپڙا ڏکي، سهڻا جڏهن، نکرين ٿو سهڻل گهر منجهان،
جيڪو ڏسي سو ٿيو هوي، ان وقت هي تاب و توان،
سمجهي سگهين ٿو ڪيئن اچي مان سامهون تنهنجي سگهان،
وينو پري کان اي پرين! جلوو ڏيو تنهنجو پسان،
هر هڪ قدم تنهنجي تسان سؤ سؤ هزار ڏيو صدقي ٿيان:

اے راحت و آرامِ جان، با قد چون سروِ روان،
زآن سو سرو دامن کشان، کارام جانم مي بري.

مسان پسي سندءِ سڪ هم سجڻ! رڳندو رهان ٿو درهدر،
گذري سموري عمر منهنجي آهه ڪائيندي سفر،
ڪيئي ڏينهن قدرت جون سهٽيون سهٽيون چيزون سربسر،
هر تنهنجي جلوي جي اڳيان هي لوڻ سپ آيون نظر،
هن حقيقت صاف ٿابت ٿي اي منهنجا سيمبر:

هرگز نيايد در نظر، صورت زرويت خوبتر،
شمسے نه‌انم يا قمر يا زهرهٔ يا مشتري!

کيئن ٿو هاين، کيئن ٿو چلين، کيئن ٿو کٽين وکڙي وڙي،
کيئن ٿو ڏسين، کيئن ٿو کلين، کيئن ٿو کرين دلڙي چري،
توکي ڏني منهنجا سڄڻ! منهنجون هوڻ اکڙيون نيريءَ
اڄ کجهه ميڙ جي پي ته ڪر، نه ته مفت مان ويندسَ مريءَ
مون کي سُجهي ٿي ڪو نه جو توسان ڪري کا هَمسري:
تو از پري چابک تري، و ز برگ گل نازک تري،
و زهرچه گويم بهتري، حقّا عجائب دلبري!

توڙي جو اڇکلهه ٿي هلي، منهنجا سڄڻ! چوڏهين صدي،
هر جاڻي مولا پاڪ ٿو هرشخص جي نيکي - بَدي،
آهي ازل کان ئي سڄڻ! تنهنجي ۽ منهنجي دل - لڳي،
چئبو ڪيئن سوا هڪڙي جي دنيا ۾ گذاريون زندگي،
اڄ هاڻي گڏجون پاڻ ۾، لاهيون کا ڪٽ قابن سندي:
من توشدم تومن شدي، ما جان شدم تو تن شدي،
تاکس نگويد بعد ازين، من ديگرم تو ديگري!

مون گهر چڏي پنهنجو، اچي تنهنجو وَسايو در ميڙا!
جو عاشقِ بيمار جي ٿيندي ٻڙي هنڌ ڇا دوا؟
بس، هاڻي سيکجهه آهه تنهنجي هٿ سڄڻ! تنهنجي رضا،
چاهين ڪرين کا مهر جي مون تي نظر يا ڏين ڏکا،
هر در چڏي تنهنجو ڪڏهن ويندو نه 'اسلم' دلربا:
'خسرو' غريب ست و گدا، افتاده در شهرِ شما،
باش که از بهرِ خدا، سوئے غريبان بنگري!





عبدالله "اثر"

مولوي عبدالله 'اثر'، ولد مولوي الهڏنو چانڊيو، ۱۴- جولاءِ ۱۹۲۰ع تي، لاڑڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ پيڙو چانڊيو ۾ تولد ٿيو.

قرآن شريف جي شروعات مولانا محمد عمر جان چشموي کان ڪرائي ويئي. سڄو قرآن شريف پنهنجي مرحوم والد وٽ پڙهيو، ساڳئي وقت سنڌي اسڪول جو شاگرد به ٿي رهيو. فارسي ۽ عربي تعليم خاص طور مولوي محمد اسماعيل صاحب قريشي ۽ غلام رسول عباسي وٽ حاصل ڪيائين. سنڌي خواهه عربي ۽ فارسي جا استاد، سندس ذهانت ۽ حافظي جا مداح رهيا آهن.

۱۹۳۶ع ۾ مسلم اسڪولن ۾ ماستر ٿيو ۽ ۱۹۴۸ع ۾ ٽريننگ پوري ڪيائين. علامه دائود پوٽي سندس خطابت ۽ لياقت ڪان متاثر ٿي پهريائين ڪيس ٽريننگ اسڪول ۾ استاد ۽ پوءِ اي. ڊي. آفيسر مقرر ڪيو. هن وقت لاڑڪاڻي ۾ آهي. مولوي "اثر" هن وقت بي. اي. فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي آهي ۽ ايم. اي. جو امتحان به ڏئي آيو آهي.

مرحوم 'نجفي' ۽ محترم 'شيدا' جي ملاقاتن سبب ڪيس شعر جو شوق پيدا ٿيو. مولوي محمد عاقل 'عاقلي' سندس مضمون ۾ شعر جون خوبيون ڏسي شعر چوڻ تي آماده ڪيو، ۽ ڪيس پنهنجي شاگرديءَ جو شرف ڏنائين. جلدئي علم شعر ۾ مهارت حاصل ڪيائين، ۽ 'اثر' تخلص سان شعر چوڻ لڳو.

مولوي محمد ابراهيم 'اثير'، حاجي محمود 'خادم' ۽ نظام الدين صاحب 'نظام' جي ترغيب تي مشاعرن ۾ شرڪت ڪيائين، جتي ميان علي محمد صاحب قادري سندس شعر ڪان متاثر ٿي 'اثر' تخلص استعمال ڪرڻ لاءِ چيو، جو خوشيءَ سان قبول ڪيائين.

فارسي، اردو ۽ سنڌي زبانن ۾ شعر تي ڪافي دسترس رکي ٿو. اگرچه گهٽي وقفي بعد شعر لکندو آهي، تاهم سندس رواني ۽ آمد ڪي مشق جي محتاجي نه ڏسبي آهي.

ماده تاريخ ڪيڻ ۾ ٻه يدطوليٰ رکي ٿو. عربي جي مشهور قصيدن البرده ۾ بانت سعاد جا سنڌي نظم ۾ ترجما ڪيا اٿس.

لئر ۾ 'سيرت سعدي' نالي ڪتاب لکيو اٿس. هڪ ڊرامو ٻه لکيو اٿس جو اسٽيج تي اچي چڪو آهي. هن وقت بزم سچل لاهوري لاڙڪاڻي جي صدر جي حيثيت سان علم ادب جي خدمت انجام ڏئي رهيو آهي. ـــ ادارو.

* * *

غزل

●

مئي پرستي جو رهي ٿو شوق مستانہ سان ڪڏ،
زندگي پر رهڻو آهي ان جي ميخانہ سان ڪڏ.

اهل احسان کي سڏائين آهي سائل جي تلاش،
ٿو رهي ساقي ٻہ خود چڪر ۾ پيمانہ سان ڪڏ.

ڪنهن جي اميدن کي مئي ۾ ملائڻ آ گناه،
شمع کي ٽيڙو ٻيو برباد پروانہ سان ڪڏ.

لطف ڇا همسايگي جو ٿي ويو مون کي نصيب،
يار جو محلات آهي منهنجي خسخانہ سان ڪڏ.

دل جي دنيا سان ٿيو شامل صداقت جو هجوم،
ٿو ڏيان محصول ان کي جڙ تہ جرمانہ سان ڪڏ.

کين ٿي وسري 'اثر' پير مغان واري نگاه،
نذر ڏيندڙ نذر ڏي ويو ٻاڻ نذرانہ سان ڪڏ.

نظم

هاري

سڄاڻان ٻاڻ کي ٿو گرچہ دردن سان دو چار آهيان،
غبار بيکسي جي درميان هڪ شهسوار آهيان.

تمدن جي حقيقت کان نہ سمجهو بيخبر مون کي،
بيابان جو ٻليل تهذيب عالم درکنار آهيان.

رگ حاکم ۾ ڊوڙي، خون بنجي ٿو ڪهر منهنجو،
غذاء روح آهيان، زيست جو دارو مدار آهيان.

سراسر امن جي تحريک جو آهيان محرڪ مان،
قرار آهيان زمالي جو مگر خود بيقرار آهيان.

کپائي منهنجو خونِ دل شفق رنگين ٿيو آهي،
خدا شاهد، مان تيرِ ناشناسي جو شڪار آهيان.

سندم دم سانْ گل و بلبل کي راحت ٿي ٿئي حاصل،
گلستانِ وفاداري جو مان واحد بهار آهيان.

شهنشاهن جي اک جو زيب منهنجي خاڪ پا آهي،
مان آهيان هاڻ ٿي اڪسير، لطفِ ڪردگار آهيان.

سڏن ٿا مون کي هاري، ميرَ آهيان مان زراعت جو،
مگر محسن ڪشي جو دؤر آ، سيني تي بار آهيان.

ڏسڻ چاهيان ٿو هاڻي هاڻ کي پنهنجي حقيقت ۾،
'اثر' هن آرزو ۾ ٿيو سراپا انتظار آهيان.

رباعيون

(۱)

تنهنجي ته نوازش تي هو ناز اي دلبر،
مخفي نه ڪيئي مون کان ٿي راز اي دلبر؛
اف! غير جي گهر کان ٿي گذر وهو تنهنجو،
ارمان جو اڄ آهين نه ساز اي دلبر.

(۲)

مظلوم تي فرياد ڪرڻ لازم ڪيئن،
مجبور تي بيداد ڪرڻ لازم ڪيئن؛
الداز عدالت جي ته گهٽ رونق ٿي،
هن محل کي برباد ڪرڻ لازم ڪيئن.

قطعا

آستين ۾ هزار بت آهن،
ٿي اجايو جهڪي جبينِ نياز؛
تيغ 'لا' جو ڪپي ٿو طرز عمل،
ورنه چا سجده چا رڪوع و نماز.



ميوو خان "موج" لغاري

محترم ميووخان "موج" لغاري، ولد صاحب خان لغاري، ڪاڪلي بروچ، ۱۹۰۶ع ۾، ڳوٺ سعيدخان لغاري، تعلقي هالا ۾ ڄائو؛ ۽ هن وقت جهول، ضلعي سانگهڙ ۾ مستقل طور رهي ٿو، جتي اسٽامپ وينڊر ۽ ليسن بردار عرائض نويس آهي. سرائڪي، سنڌي، اردو، فارسي، بروچڪي، پنجابي، ٿري ۽ عربي هوليون ڄاڻي ٿو. زندگيءَ جي مشغلن ۾ خانگي نوڪريون، واپار، معلمي، صحافت، ايڊيٽري، مطالعو، تحرير، تقرير ۽ دڪانداريون رهيون.

۱۹۲۱ع ۾ بيت، ڪافيون، ڏوڻون، سيٽون ڇڻي شاعريءَ جي ابتدا ڪيائين، مگر علمِ عروض موجب ۱۹۲۵ع کان شعر لکڻ شروع ڪيائين. شاعريءَ جي سڀني صنفن تي لکندو آهي. خلافت تحريڪ، قطع تعلقات ۽ هلچل جي ماحول کان متاثر ٿي شعر چوڻ لڳو.

شعر و شاعريءَ ۾ سندس استاد محمد هاشم 'مخلص'، نورمحمد 'انور' نظاماڻي، آغا نجم الحسن 'مضطر' ۽ حاجي محمود 'خادم' جو ڪتاب "رياض-بلاغت" آهن.

غزل

●

وڏو دل ۾ ٿئت چير جهڙو اٿئي،
جو ابرو ب شمشير جهڙو اٿئي.

لڳهه ساڻ ناڳاه گهايو وجهين، نظر ۾ اثر تير جهڙو اٿئي.
ڪيا حسن حيران تنهنجي هزار، تدبر وڏي ويس جهڙو اٿئي.
رهن منهن ڏسڻ لاءِ مشتاق سَوَ، تجمل ب تونير جهڙو اٿئي.
ٽلين يار ڏيلهي ٽمڪ ٽور سان، ٽلارو سحب سير جهڙو اٿئي.
ڪمايو اٿئي اسر اعظر ڪوئي، وظيفو ڪو تسخير جهڙو اٿئي.
ڏتاري ستاري نهوڙي نيوءِ، تڪلّر جو تاثير جهڙو اٿئي.
وکوڙي سکوڙي ڪيڻ قيد دل، سجڻ زلف زنجير جهڙو اٿئي.
مروڙي سروڙي ڪيڻ چور چور، رتي رعب مهمير جهڙو اٿئي.
وجهين وصل ۾ رندڪون چو رقيب، طرح طور تعزير جهڙو اٿئي.
ميٽي جي مُٽي ته ب پلي ماڻ 'موج'، زمانو نه سچ سير جهڙو اٿئي.

●

بارگاهِ عشق ۾ کيرُ پيش نذرانو ٿيندو آهي.
صاب ٻيا جي پير پاتا سون عقيدانو ٿيندو آهي.

صدق ۽ سڪ سان شهنشه جي ٿيس در جو غلام،
ٿيا آهن سون کي عطا انعام شاهانو ٿيندو آهي.

شرع جا احڪام ذڪر و فڪر حبِ اهل بيت،
ٿيا هدايت سون کي هي کلما ڪريمانو ٿيندو آهي.

سڪ سچ جي سانديم سيني جي الدر ساهه سان،
لينهن جو ناتو ڪنديو ٻاتار ڳل ڳانو ٿيندو آهي.

سادگي سون کي وٺي گهاريان ٿو سادي زندگي،
سادگي واريون رکان وصفون فقيرانو ٿيندو آهي.

جهوڪ، ٽٽ، هالا، لکي، سيوهڻ، سخي، ٻڙي، دراز،
روح کي راحت اچي جت سي هي ميخانو ٿيندو آهي.

ڪا ڪمي ڪانهي هتي ڪوئي ٿڻ وارن کي ٻاڻ،
ٻيار سان 'ٻيءُ ٻيءُ' ڪريو ٻارين ٻيمانو ٿيندو آهي.

سڪ جي سرکي لاءِ ڏاڍي شوق سان ڪوهڙن ڪهي،
ڪڏ ٿيا آهن اچي مئي نوش مستانو ٿيندو آهي.

شمع نوراني جي آهي جت هميشه روشني،
ڏوري ڏوري ڏيهه ٿيتا ٿڙ ۾ پروانو ٿيندو آهي.

'مخلص' و 'انور' جي صحبت جو مٿ آهي اثر،
سون ٻرايا تن وٽان نڪته اديبانو ٿيندو آهي.

'طالب المولىٰ' جي هستي محسنِ علم و ادب،
ڪاش! جي اهڙا لين ٻيا سرد مردانو ٿيندو آهي.

محفلن جي حاضري کان تنگدستيءَ روڪيو،
نه ته ملن ٻيغام ٿا شرڪت جا روزانو ٿيندو آهي.

شڪر، جو هن محفلِ علم و ادب ۾ ٿيس شريڪ،
جت ٻڌم ڪي شعر ۽ دلچسپ افسانو ٿيندو آهي.

'سوج' محفل ۾ آ تڏهين آهه محفل سوج ۾،
'سوج' سان مستيءَ ۾ آهن مست مستانو ٿيندو آهي.

●

جيڪي آهن هي خار محبّت جي راهه ۾،
سي گل آهن گلاب جا منهنجي لڳاهه ۾.


آهي فراق ۾ وڏ لذت وصال کان،
آرام عاشقن کي فقط آهي آه ۾.

محبوب جي جفا ٿي وفا کان وڌيڪ،
آهي جزا سزا سا ملي جا گناهه ۾.

اميدوار رحمتِ پروردگار جو،
خوش ڪار خير کان وڏ ڪارِ سياهه ۾.

يارب نون کي تون سرخرو ۽ سرفراز رک،
اڄ آهه امتحان نظرِ جلوه گاهه ۾.

يا ساترالعيوب تون ڏي 'سوج' کي پناهه،
آهي پناهه سايئه عالم پناهه ۾.





رحيمداد خان مولائي شيدائي

حضرت مولائي شيدائي جهڙو محقق ۽ مؤرخ، علمي ۽ ادبي دنيا ۾ ڪنهن بہ رسمي تعارف جو محتاج ناهي. سندس علمي ۽ تاريخي، تحقيقي ۽ تنقيدي تاليفات ۽ مقالات جو سرمايو يترو ته ڳهڻو آهي، جو هوند يورپ ۾ هجي ها ته هوء ڪيس يقيناً وڏي اعزاز سان نوازيو وجي ها. حضرت شيدائي جي مطالعه ۽ مشاهدي جو اهو ڪمال آهي جو علوم و فنون جي هر صنف تي وٽس بيش بها لئبرري آهي. علم ادب ۽ تاريخ سان گڏ سندس شاعريء جو ذوق بہ پاڪيزه آهي. سندس شاعريء ۾ سوز و گداز آهي، جو هڪ زخم خورده دل جي صدا ٿو معلوم ٿئي. سندن مختصر تعارف هن ريت آهي:

مير رحيمداد خان بن شيرمحمد خان بن مير رحيمداد خان بن مير محمد جمعہ خان، اصل بلوچستان ۾ مستونگ جي ويجهو هڪ ڳوٺ جو رهاڪو آهي، جتي سندس تڙ ڏاڏي ڪي انعام ۾ زمين ملیل هئي. افراتفريء جي دؤر ۾ سندس ڏاڏو مير رحيمداد خان لڏي سنڌ ۾ آيو، ۽ اچي سيوهڻ ۾ رهيو، ۽ هوء ڪوڙيء ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين، جتي مولائي صاحب جو والد بزرگوار مرحوم مير شيرمحمد خان جائو. ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن مير رحيمداد خان سندن لشڪر ۾ پرتي ٿيو، ۽ حوالدار ٿي رٽائرڊ ڪيائين. ان دؤر ۾ ريلوي لائن ڪوٺڻا تائين پهچائي وئي، تڏهن حضرت مولائي صاحب جو والد بزرگوار ان محڪمي ۾ ڳهڙيو، جتان آخرڪار سکر ۾ آيو، جتي ۱۸۹۴ع ۾ مولائي صاحب جائو.

تعليم: اوائلي تعليم سکر جي مدرسن ۽ مڪتبن ۾ ورتائين. سندي چوٿين درجي ڪان ڪيس مطالعه جو شوق پيدا ٿيو. اول افسانوي ڪلاسيڪي ڪتاب ــ الف ليلیٰ، گل بڪاولي، داستان امير حمزه ــ وغيره پڙهيائين.

تاريخ: ان ئي زماني ۾، پنجين درجي انگريزيءَ کان تاريخ جو مطالعه شروع ڪيائين. سندس تاريخ جي استاد، مسٽر هيمراجاڻيءَ، ڪيس آرچيبالڊ ايليسن جا انقلاب فرانس متعلق سڀ جلد ڏ جي. بي. ماليسن جي لکيل تاريخ "غدر ۱۸۵۷ع" جا سڀ جلد پڙهايا. ان مطالعه کان پوءِ دنيا جي تاريخ ۽ مسلم تاريخ سندس خاص محبوب چيزون رهيون. ان کان پوءِ صحافت ۽ اخبارنويسيءَ جو دؤر آيو. ۱۹۱۳ع کان ريلوي ۾ ملازمت شروع ڪيائين.

تخلص: "ستاره سنڌ" اخبار جي دفتر ۾، هڪ علمي تقريب ۾، پير علي محمد شاهه راشدي، مولانا وفائي ۽ پير حسام الدين راشديءَ جي باهمي مشوري سان "مولائي شيدائي" تخلص تجويز ڪيو ويو.

مضمون نگاري: ۱۹۳۰ع کان مضمون نگاري شروع ڪيائين. سڀ کان اول 'توحيد' ڪراچيءَ ۾ سندس علمي، ادبي، تاريخي ۽ ديني مضمون شايع ٿيا. سندس تربيت ۾ مولانا وفائي جو وڏو هٿ هو. ان طرح 'ستاره سنڌ' ۽ 'سنڌ زميندار' (سکر) ۾ ۽ باقاعده لکندو رهيو. ان کان پوءِ سنڌ جي سڀني علمي رسالن ۽ اخبارن ۾ هزارين مقالا شايع ٿيا.

شعر و شاعري: شاعريءَ جو ذوق ڪيس طالب العلميءَ جي دؤر کان شروع ٿيو. خاص طرح مشهور اردو ڪتاب 'چمن بينظير' جي مطالعه سان سندس شوق وڌيو ۽ شعر چوندو رهيو.

تاريخي ڪتاب: تاريخ ۾ 'روضة السنڌ'، 'تمدن سنڌ'، 'تاريخ بلوچستان'، 'جنت السنڌ'، سندس مشهور ڪتاب آهن. ان طرح حضرت غوث الحق مخدوم لوح رحه جي سوانح 'سفينة النوح' ۽ قلمي طرح سان موجود آهي. بهرحال هڪ مورخ ۽ محقق، صحافي ۽ ايڊيٽر، اهل قلم ۽ شاعر جي حيثيت سان، مولائي شيدائي، سنڌ جو قابل فخر فرزند آهي.

* * *

بيت

(۱)

سڄڻ جي وصال جا، آءٌ ڪهڙا قول چوان،
ڪيان تان ڪات لڳي، مانيان مول مران،
توڙي سچ چوان، تہ ۽ منيان لڳي لوڪ ڪي!

(۲)

جوڀن جن جلايا، سي ڪجاڙو ڪنبن،
هوتر ٿيا هريم سين، سدا ميگهه وسن،
سي ويراڳي ڇڏجن، جن جوت پسي جڳ ۾!

(۳)

جن ٻاڏايو ٻين کي، سي مورک شال مرن،
دهشت سندي دم کان، تا ڪانڌا ڪنبن،
مورت پسي من ۾، تا 'شيدائي' مرکن،
سي ڪٽن بيک گهرن، جن ٻُڌيو ٻاڻ ٻرياگ ڏي!

(۴)

هوتر ٿي ٻرياگ ڏي، چڏي سڀني جو سرير،
ٻاڻ ٻڌاري ٻاڻ کي، ساجن ٿيو سڌير،
انت ان آکير، هارس ڪيو ٻاڻ کي!

(٥)

كيرت كيڙي قلب مان، وڻ نير سندو نام،
جنهن ڪُنس ڪنبايا ڪيترا، تون گوڪل سندو گام،
هرگهٽ ٽئين هر ٽوي٤ تي، چڏي برهم سندو بام،
هاڻ آڪاشي اڏام، تہ بند ٽٽني باند جا!

(٦)

نگ نہ ڏي اڳڙين سين، تنهنجو شاهاڻو شان،
تو ڪيڻ بن وسايو، خاڪي خاڪ مڪان،
و نرگس چوڏس ڦلارها، تو لالا، تو ريحان،
تنهنجي در ديوانا ٽيا، سوبن سالڪ ۽ سلطان،
توکي ويدن ويراڳي ڪيو، ٻيو ڪيتا جي گيان،
مون کي مڌ مستانو ڪيو، پريتم جي پيمان،
راڌا تنهنجو ڪان، مون ساوهرو سهي ڪيو!

(٧)

مورک! ڪوڙي موه م، ويڙو ڪوڙ ڪمائين ڪچ،
گهوٽ گهڙي ٻنهنجي گهٽ م، پرواني جان ٻچ،
جئن باهر باڦ نہ نڪري، اندر ڪامي سچ،
سپاڻي 'صوفي' چوي، تو سان ساڻي ٽيندو سچ،
انهي٤ تات پرج، ترت تکو ڪيو تن ڪي!

ڪافي

*

عاشق عشق ڪمائن ٽا،
سوري٤ سبق سيکارن ٽا!

عشق نہ آهي انڪلبازي، ڪيڏن مرد ٽا ڪي ڪي غازي:
سر جو سالگو لاهن ٽا!

عشق جو مڪتب آهہ الاهي، پڙهن منجهس ٽا خان ختابي:
وصل جا ورق ورائن ٽا!

عشق جي منزل آهي عالي، شاهہ گدا نٽ ٻئي سوالي:
ٻنگ ٽي ٻاڻ پچائن ٽا!

عشق اسان وٽ اگٽ تي آيو، بخت اسان ڪي آهہ پڙايو:
بره باران وسائن ٽا!

عشق عقل جي آهہ لڙائي، رندي، زهد جي جنگ آ جاري:
بحري باز بچائن ٽا!

چوي 'مولائي' مست درازي، ڪنڊ هارڻ آهي بازي:
شاهي طبل وجائن ٽا!

غزل


حسن جي عشق پيچان کان خدارا يار توبه کر،
هره جي تير پيکان کان خدارا يار توبه کر!

سمجهي رکب پير هن پڙهه، اگر آهين ذرو عاقل،
ستر جي ساز و سامان کان خدارا يار توبه کر.

سڀين ٿو سيف زلفن جا، بچين ٿو هره جون ٻڙچون،
نگاهِ نوڪِ مژگان کان خدارا يار توبه کر.

دلِ بيتاب کي زخمي کيو چشمن فسون‌گر جي،
بلا بيدرد درمان کان خدارا يار توبه کر!

سمجهي وٺ سازِ حرفت کي، شهيدِ ناز 'شيدائي'
ازل جي پير پيمان کان خدارا يار توبه کر!





«اضعف» هالائي

جان محمد ولد عبدالرؤف ابڙو متخلص "اضعف" جو جنم تاريخ ۱۴- آگسٽ ۱۸۹۷ع تي ٿيو. سندس اسلامي ۽ تبليغي مضمون ورهين کان وٺي سنڌ جي سڀني مشهور اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا پئي رهيا آهن. شاعري توڙي انشا پردازيءَ ۾ سندس استاد مرحوم حڪيم فتح محمد "صغير" سيوستاني ۽ مرحوم محمد هاشم "مخلص" هئا. شعر و شاعريءَ ۾ سندس ڪلام گهڻو ڪري حمديه ۽ نعتيه آهي. نعت گوئي سندس روح جي غذا ۾ شمار آهي. ڪڏهن ڪڏهن اصلاحي ڪلام به چوندو آهي. خلافت واري زماني ۾ خلافت تحريڪ ۾ سرگرمي سان حصو ورتائين، ۽ پنهنجي شعلهنوا تقريرن سان ڪافي مقبوليت حاصل ڪيائين. 'انجمن مولود النبي' هالا ۾ ان مرحوم الحاج پيرمحمد صاحب 'سائل' هالائي جي سنگت ۾ سرگرم ڪارڪن جي حيثيت ۾ سالن جا سال خدمت ڪندو رهيو. هي ٻيڙو شاعر ۽ اديب اڄ به جوانن جهڙي دل رکي ٿو، ۽ پنهنجي قلمي ڪاوشن سان سنڌ جي روزانه اخبارن ذريعي ادب جي خدمت ڪندو رهي ٿو. جوانيءَ جي زماني ۾ سندس لکيل هڪ ننڍڙو ڪتابچو بنام 'احوال احمدي' انجمن مولود النبي هالا طرفان ڇپجي شايع ٿيو هو. هاڻي سندس مضمونن ۽ مقالن جو مجموعو ڪتابي صورت ۾ جلد شايع ٿيڻ جي توقع آهي. — 'نور' هالائي

* * *

نظم

مدينو حي خاڪ

پچين ڇا ٿو، پلا ڪهڙي مدينو جي فضا آهي،
سموري خاڪ يثرب جي عزيزا حق نما آهي.
مدينو جي منيءَ کي مان هي اعليٰ ڏنو مولي،
جو ساڪن خاڪ اطهر ۾ رسولِ ڪبريا آهي.

ڀرانهين پنڌ تي مان ٻيو گذاريان بيقراريءَ ۾،
سندم هن حال جو شاهد فقط هڪڙو خدا آهي.
رسائي رب" اڪبر شل مدينيءَ ۾ سيڪهو مون کي،
مٺي محبوب مدنيءَ تان هي منهنجو سر فدا آهي!
اڏي اوڏا ڪڇا پکڙا وڃان آڻا جي ٻاڙي ۾،
اهائي روز و شب منهنجي ڏٺيءَ جي در دعا آهي.
مزارِ سير مرسل تي ملي من موڪو مون کي،
هجان هردم اتي حاضر اها منهنجي رضا آهي.
ادب سان سرورِ عالم جي اڳيان آءٌ ٻيهي جيڪر،
پڙهان صلوات سيّد تي، اهائي مدّعا آهي.
نبي نورالهدىٰ جو مان نه هڪ نوڪر آهيان ليڪن،
انهيءَ جي در سندو گولو ته هر شاهه و گدا آهي.
سندم اولاد ساري کي فدائے مصطفىٰ ڪر تون،
الاهي تو اڳيان منهنجي سدائين هي صدا آهي.
مدينيءَ جي مٽيءَ ۾ دفن ٿئي شل لاش "اضعف" جو،
فقط دل کي اهائي آرزو صبح و مسا آهي.

تاجدارِ نبوت

حبيبِ خدا آ امامِ نبوت،
رسولن جو سردار، امت لئه رحمت.

اطاعت سندس آ اطاعت خدا جي،
اهو آ حقيقت ۾ روحِ عبادت.

محمّد جو نالو پيارو پيارو،
رسي روح کي جنهن سان راحت ٿي راحت.

هدايت جا تارا سمورا پيغمبر،
مٿو مير مرسل آ شمسِ هدايت.

وڏا ڪوٽ قيصر ۽ ڪسرىٰ ڪيري ڀيا،
ٽيو جيڻ جهان ۾ ظهورِ نبوت.

عداوت ڪري دور دنيا مان بيشڪ،
ڏنائين زماني کي درسِ اخوّت.

خدا سير مرسل کي معراج بخشيو،
اڳي کين کنهن تي ٿي اهڙي عنايت.
مقدّس ۽ کامل مڪمّل بشر آ،
نبوت جو نور آ رسالت جي دولت.
سندس ذات آ فخرِ اولادِ آدم،
سندس دم سان انسانيت جي آ عظمت.
خدا سوکليو کيس رحمت بنائي،
ٿيا ان تي منڪشف اسرارِ حڪمت.
سندس هر قدم آ خدا جي رضا سان،
سندس زندگي آ درسِ هدايت.
هو آبِ ڪوثر جو ساقي سخي آ،
سندس هٿ ۾ هوندو لوائے شفاعت.
محمّد جي تعريف "اضعف" کندين ڇا؟
خدا خود سندس ڪئي آ وصفِ رسالت.

جهاد ـ حق

عرب جي سرزمين تي اڄ الاجي ساجرا ڇاهي؟
سموري قوم تي هيڏي سزا مشڪل پلا ڇا هي؟
هي 'اسرائيل' جي پردي ۾ مغرب جي ستم راني،
خدا بهتر ٿو ڄاڻي تن جي من جي مدّعا ڇاهي.
يهودي 'مسجدِ اقصيٰ' تي قابض ڪيئن ٿيا آهن؟
عجب آ ابتدا ان جي، الاجي انتها ڇاهي!
ٿيا رنگين رت سان دشت، صحرا، لالہ زار آهن،
شهيدانِ عرب جي خون جي يارب ها ڇاهي.
ٿيو ڪيڏو لہ سستو خون آ اهلِ عرب جو اڄ!
مشيت ۾ سندءِ اي مالڪِ ارض و سما ڇاهي؟
خدا جي ڪبريائي آ اوهان جي خون جو بدلو،
بڏايو دين جا غازي اوهان جي ٿڙ رضا ڇاهي.
'انا الموجود لاغيري' سندي للڪار آ حق جي،
متان مايوس ٿين "اضعف"، بشارت برملا ڇاهي.



«منصور» ويراڳي

عبدالرؤف "منصور" ويراڳي، ولد جان محمد 'اضعف' ابڙو جو جنم، دادو ضلعي جي شهر مانجهند ۾، ۸- آڪٽوبر ۱۹۳۰ع تي ٿيو. پرورش جو ٻيو سال ڪنڊڪوٽ ۾ پوري ڪرڻ بعد جنم ڀونءِ تي بيٺڪر زندگيءَ جون پنج هسين بهارون ماڻي پنهنجي اباڻي وطن هالا ۾ آيو، جتي زندگيءَ جي مقطع کي مديني پاڪ ۾ نپائڻ لاءِ مقدر جو اوسيڙو ڪيدي رهيو آهي. شاعريءَ ۾ مرحوم نظامي کي استاد ڪري ورتائين، ۽ سنڌ جي قومي شاعرن ۾ اهم مقام حاصل ائس. خلافت هلچل جي مشهور مجاهد مرحوم 'سائل' هالائي جي استادالا صحبت ۽ 'سيد احسن الهاشمي' جي مجاهدانه رفاقت سنڌس زندگيءَ کي جهد و رياضت جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو. ويراڳ ۽ عسڪريت جو عجيب امتزاج سنڌس قلندرانه زندگيءَ جي سچاڻپ جو نشان آهي.

سماجي خدمتن جي سلسلي ۾ رفيق پرائيويٽ اسڪول ۾ مفت تعليم جو انتظام، گرلس اسڪول ڪولاچي، عرٻڪ ايجوڪيشن سوسائٽي وسيلي مفت عربي سيکارڻ جو بندوبست وغيره سنڌس ڪاوشن جا مظهر آهن. هاڻ هن وقت 'ڏري ڪوچنگ انسٽيٽيوٽ' کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ راهون هموار ڪري رهيو آهي.

ڪجهه وقت لاءِ ماهنامه 'منزل' جو ايڊيٽر ۽ سروري منگزن جو سيڪريٽري ٿي رهي چڪو آهي. شاعريءَ جي اخلاقي قدرن کي اجاگر ڪرڻ خاطر شاعريءَ ۾ دلچسپي وٺي ٿو. ان سلسلي ۾ شاعريءَ جي قديم روايتن سان گڏوگڏ جديد صنفن تي ٻڌ طبع آزمائي ڪئي ائس. 'نغمهء رندان' سان سنڌس اصلاحي شاعريءَ جا ڪرڙا نمايان طور ٻڌي رهيا آهن. سنڌس هيٺيان ڪتاب ڇپجي چڪا آهن: (۱) وطن جي راهه ۾، (۲) سوري جنين سيج، (۳) صدائے وطن، (۴) ڪاڪ ۽ جهليا ڪاڙي، (۵) شام و سحر. ازانسواءِ ڪيترائي قلمي نسخا طباعت ۽ اشاعت جي انتظار ۾ موجود آهن. گذريل ٻارهن سالن کان وٺي شهري زندگيءَ جي هلچل هنگامي

کان دُور، هڪ گمنام گوشي 'سنياسي ڪارلر' ۾ عليل ۽ ويراڳي زندگيءَ جون گهڙيون گهاري رهيو آهي، مگر اتي به ادب ۽ سماج جي خدمت وس آهر بدستور جاري آهي. دارالاشاعت کي ٻڌ ڏهن سالن کان وٺي ڪاميابيءَ سان هلائيندو اچي. سندس لنڊڙي جهوپڙي 'ڪاشالءِ منصور' اڄ به ڪيترن ئي ادب جي اڀايلن ۽ ساهت جي پروانن جو مرڪز آهي.

— 'انور' هالائي

* * *

غزل

●

مان تقدير امر جي هر ادا کي آزمايان ٿو،
ازل کان ابتدا ۽ انتها کي آزمايان ٿو.

شناسائيءَ رموزِ عشقِ مُرسل جي تلاشي ۾،
زمين جي ذرّه ذرّه حق نما کي آزمايان ٿو.

بلال و خالد و حيدر ۽ طارق جي تتبع ۾،
پهاڙن ۾ به ان جي نقشِ پا کي آزمايان ٿو.

سنارن کان اڳتي ڪنڌ تدبير جا اڇلي،
وطن وارن جي بختِ نارسا کي آزمايان ٿو.

حصولِ منزلِ مقصود خاطر هي تجسّس ڏس!
خلا ۾ پٺ الاجي ڇا جو ڇا کي آزمايان ٿو.

جنونِ شوقِ خدمت ۾ عجب وحشت مثال آهيان،
دوا کي آزمايان ٿو، دعا کي آزمايان ٿو.

هليدي ۾ ٻُڌن کان ٻاڻ کي ٻالهو رکڻ کارڻ،
اڇا پنهنجي گناهن جي قبا کي آزمايان ٿو.

خودي، مستي، نيازي ۽ شريعت جي حقيقت سان،
رسومِ عشق همّت آزما کي آزمايان ٿو.

شهيدانِ وطن جي خون سان رنگين گلشن ٿيو،
جگر جي خون سان رنگِ حنا کي آزمايان ٿو.

اصولِ شاعري کان دل ٻڌي ازلون صفا باغي،
مگر ان سان ئي تاثيرِ صدا کي آزمايان ٿو.

ڏئي نقشِ ڪُهن کي روپ جدّت جو ۽ رنگيني،
اڃوڪن شاعرن جي ارتقا کي آزمايان ٿو.

ڪي شمعِ زندگي منهنجي، جلي ٿيئي ٿنگ وانگر،
ڇڪي مان ٻرت جي ٻڙ ۾ فنا کي آزمايان ٿيو.

وطن جي راهه ۾ 'منصور' جا ٻڌنا قدم آهن،
جفا جڳ جي سهي ٿنهنجي وفا کي آزمايان ٿيو.

●

نينهن ۾ نالگا نڇي نروار ٿيا،
ٻڪدي کان سڀ ڇڄي بيزار ٿيا.

اَسدِ محبوب سان هيڏو اثر!
قيصر و کسريٰ مڙئي مسمار ٿيا.

هرطرف اڄ ذڪر قلبي زور ٿيو،
قرب قادر جا ڪروڙين بار ٿيا.

التفاتِ ناز جي لذّت نه پُڇ،
سنسڪشر جذبا سندم اشعار ٿيا.

اي ديارِ پاڪ تنهنجي خاڪ تان،
جان ڪهوڙڻ لئه ڪهڙي تيّار ٿيا.


خدمتِ دين و وطن جي عزم ۾،
عشق جا آثار سڀ اظهار ٿيا.

وحشتِ جوشِ جنون ۾ بيخطا،
'بارها جيب و گريبان تار ٿيا'.

جن ڪئي تقويٰ جي ڏاويٰ ٽي طويل،
ميڪدي ۾ سي وري سرشار ٿيا.

حيف توکي 'انقلابِ زلدگي!'
ڏڻ ڏڻي ٻڌ ٻنهنجي ڏڻ ڪان ڏار ٿيا.

بزمِ رندان ۾ مڙئي 'منصور' جا،
قابلِ تقليد هي افڪار ٿيا.





مير محمد بخش خان ٽالپور "مير"

مير حاجي محمد بخش خان ٽالپور، تخلص "مير"، سنڌ جي آخري سلطان مرد مجاهد هزهائينس سرڪار شير جنگ، مير شير محمد خان ٽالپر المعروف "شير-سنڌ" جو پٽ هو آهي. "شير-سنڌ" سان سنڌس شجرو هن ريت وڃي لڳي ٿو: مير حاجي محمد بخش خان ٽالپور (سابق پريزيڊنٽ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ٽنڊو محمد خان، سابق فيلو آف سنڌ يونيورسٽي، سابق ميمبر صوبائي اسيمبلي اولهه پاڪستان، موجوده وائيس چيئرمن ضلع ڪائونسل ٽنڊو محمد خان) ولد مير حاجي عبدالله خان، ولد شهزادو سرڪار مير نبي بخش خان، ولد مير شير محمد خان (شير-سنڌ).

جيڪڏهن اٽين چٽجي ته شاعري سنڌس خانداني ورثو آهي ته بيجا نه آهي؛ چاچا ته سرڪار والاهمر مير ناري خان بهادر جو وڏو پاڻ مير الهيارخان، باني شهر ٽنڊو الهيار، فارسيءَ جو قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. هُن جو ديوان به هو، هر زماني جي گردش ۾ اچي ويو، مگر سنڌس شاعريءَ جو اعتراف مير ضياءُ الدين "ضيا" درباري شاعر مير ناروخان پنهنجي بياض ۾ ڪيو آهي. هن خاندان جو پيو شاعر سرڪار عالي عادل جنگ هزهائينس مير مراد علي خان، بالي مير پورخاص، پٽ فارسيءَ جو اعليٰ شاعر هو، جنهن جي شعر جو لمونو 'ڪليات حمل' ۾ لڪيل فارسي مدح، علي عليه السلام جي شان ۾ آهي. خود سنڌس ڏاڏو، سرڪار شهزادو مير نبي بخش خان (مدفن مڪه مڪرم) پٽ سنڌيءَ جو اعليٰ شاعر هو، جنهن جو ڪجهه ڪلام پٽ هٿ لڳو آهي ۽ سنڌس ڪافيون مير پورخاص طرف خاص مشهور آهن. هن وقت به سنڌس سؤٽ مير امام بخش خان ٽالپور (سابق وزير سنڌ) سنڌيءَ جو سٺو شاعر آهي. انهيءَ سان ڏاڏو آهي ته پاڻ خانداني شاعر آهي.

ميرموصوف جي ولادت ۱۳۴۲ھ/۱۹۲۴ع ۾ ٿي. هاڻ مڊل تائين پڙهيو. ۱۹۳۸ع ۾ زماني جي حادثن سبب اسڪول ڇڏيائين، ۽ پنهنجي اباڻي ڪرت زميندارياڻي سنياليائين ڪيس سندس والد محترم سائيا هارهن سؤ ايڪڙ زمين ضلعي ٿرپارڪر جي تعلقي ميرپورخاص ۾ ڪپري ۾ ڏني. هاڻ ان وقت ابتدائي طور شاعري شروع ڪيائين. سندن شاعريءَ جو اهو پهريون دؤر هو. ان وقت جو ڪلام سلامت رهي نه سگهيو آهي، پر سندس هيءَ مصرع وسري نه سگهي آهي:

"نيد وقفس ۾ آهيان، پنهنجن کي پيئي ساريان،
تن کي مان ڪيئن وساريان، جن تي جياپو آهي."

قريباً ۱۹۴۲ع ڌڻ ميرصاحب سياست ۾ داخل ٿيو. سنڌ جي بلوچ ينگ پارٽيءَ جو سيڪريٽري رهيو، جنهن ۾ ان وقت غلام مصطفيٰ پرڳڙي، ميرامام بخش خان تالپر، سليم خان ۽ ميرالهه بچائي خان تالپر جهڙا مشهور ڪارڪن شامل هئا. ۱۹۴۳ع ۾ دستورڪت ايڊيوڪيشن ڪميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ساڳئي سال، تعلقي ننڪرپارڪر مان، ضلعي ڪائونسل تي ميمبر چونڊجي آيو. ان وقت سندس شاعريءَ جو ٻيو دؤر شروع ٿيو. ان وقت جو ڪلام به ضايع ٿي ويو. هڪڙي مصرع آهي:

"سائو ويس سهڻل، هائي ڪندڙي ڪلابي.
موهي منڙو منهنجو، ويو ڏيئي بيخوابي."

پنهنجي وڏي ڀاءُ ميرحاجي احمد خان جي سياست مان رٽائر ٿيڻ کري، ۱۹۵۶ع ۾، اولهه پاڪستان اسمبليءَ جو ٿرپارڪر ضلعي مان ايم. اي. ٿيو. ۱۹۵۷ع ۾ ضلع لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ مقرر ٿيو ۽ ۱۹۵۸ع ۾ مارشل لا لڳو. ان وقت سموري توجهه زراعت طرف ڪيائين. ۱۹۶۱ع ۾ هاڻ ٿر جي خطي مان اولهه پاڪستان اسمبليءَ جو ميمبر بنيادي جمهوريت جي ۲۵ ميمبرن جي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو. اولهه پاڪستان اسمبليءَ ۾ سنڌ جي نمائندگيءَ حق ادا ڪيائين. هاڻ ڪهڙي ۾ ڪهڙا سوال پُڇي، نه صرف 'ڪنگ آف ڪئسچن' جو لقب حاصل ڪيائين، پر سوال پڇڻ ۾ ساري اسمبليءَ جو رڪارڊ توڙي ڇڏيائين. ۱۹۶۵ع ۾ ضلع ڪائونسل جي وائيس چيئرمنيءَ لاءِ بيٺو ۽ اڪثريت سان ڪامياب ٿيو. سندس شاعريءَ جو ٿيون دؤر ۱۹۶۸ع ۾ استاد غلام محمد 'گراميءَ' جي نگراني هيٺ شروع ٿيو، جو جاري آهي. سندس وائيس چيئرمنيءَ جي دؤر ۾ شاگردن جي ٽورنامينٽ ۽ "مارئيءَ جو ميلو" مکيه يادگار آهن. ڪيس پنج پٽ آهن، جن مان وڏو ميرشيرمحمد خان ايم. اي. پڙهي رهيو آهي. سندس باقي فرزندن جا نالا ترتيبوار هن ريت آهن: ميرعلي مدد، ميرالله يار خان، غلام مصطفيٰ ۽ عبدالرحمان. سندس ذاتي لئبريريءَ ۾ ست هزار ڪتاب آهن. هاڻ تاريخ جو ماهر آهي، ۽ هن وقت "تاريخ اميران ميرپور خاص" لکي رهيو آهي، جا عنقريب اشاعت جي زيور سان آراسته ٿيندي.

ـ محمد سومار شيخ

(١)

مارو مون ملير ۾، ٿر ٿر ۾ ٽن ٽاڪ،
وٽو وس واريءَ تي، ٽيا ميها مگر ماڪ،
لٽب لٽار ساڪ سيگر، مڪڻي تن خوراڪ،
سدائين سرها رهن، پيئندي پلر پاڪ،
ڇڙيا گهمن ڇيلڙا، ڏور گهمن ٽا ڏاڪ،
آڻون ٻڌياڻي ٻند ۾، ٻيگهه ٻيباڪ،
الله لڳ اوڙاڪ، مارو ملندر مان گهرين!

(٢)

عشق جي آڙاهه ڏي، ڪنڍا ڪهن ڪهن،
رُليا رهزن راهه ۾، ڪوڙا ڪم نه اچن،
ڪيئي خان ڪنهي ويا، سي نانگا ٽيو نچن،
عشق سچو آ تن، محبت ماريا 'مير' جي.

(٣)

سڙان ٽي سورن ۾، ويجهو نه والگي،
ڏيئي ويم ڏهاڳ جا، جهنگ پريا جهانگي،
جهانگي ۽ وانگي، رهيا اٿم روح ۾!

(۴)

جڻ وٽ ڳالهيون، سدا شوق شڪار جون،
ٽي ديد ڏُنالين، ٻيون تيز هٿي تڙون،
اِنگي سو واسينگ جڻ، ٻُڌ ڪاڏن ڪان خبرون،
هي ناز پريون نظرون، آهن عين عجيب جون!

(۵)

ڏيڻون! جانب جنّت تان، گهوريان ٽي جند جان،
١٠ ٻاجهه ٻروچ تي، ٽي محب سڏا مهمان،
ڪيلي وهندا ڪٽ تي، خوش ٽي منهنجا خان،
اعالي جن جو شان، سي ايندا اڳڻ 'مير' چئي!

(٦)

اچن نه اچن ته ٻه مون من منهنجا سپرين،
يا ڏکي ڏين دل مان، توڙي ڏکارين،
مور نه نهارين، ته ٻه محب منهنجي من ۾.

(٧)

مون کي ماريو مون، ڏوهي نا ڏيهي،
سڏايو سورن جا، وڇوڙا ويهي،
ويا ڏيج ڏيئي، محبت سندا 'مير' کي!

(٨)

محبت وڏو ماهري، ڪير ڪٽي هٿ ڪر،
ساڙيو سورن سان ڇڏي، هيڪاندا هيڪر،
سيئي همسفر، ساٿي هٿا 'مير' سين!

(٩)

اندر جي آڏمن کي، ڪڍهين نه ڏسي ڪير،
ميٽ مٽي جا نه ٽيا، ڏاڏاڻا ۽ ڏير،
غمن گونڊر لائيا، وَسن وڏي ويڑ،
ڪڍهين خبر خير، مارو لهندا 'مير' جي.

(١٠)

قاصد وڃ قريب ڏي، ڪر ڪُرنشون هزار،
واڌوڙيل هن وِرهه جي، ڪا ٻرين هٿي ٻچار،
سورن ساڙي آهيان، ڪا لهندا خبرچار،
ميٽ نه ٽيو ڪو 'مير' جو، ڪو غمن ۾ غمخوار،
سهڻل لهندو سار، ڪري ٻاجهه 'ٻروچ' تي!

ڪافيون

*

لوڪان لڪندي ڪينڪي ليڪندو-
نينهن ڪي ڪر نروار، او يارا
سات سورن جو ڏيج ڏنائون،
غم پري غوراب ٻُڪائون،
وِرہ ونڊي واپار ڪيائون:
جت برهہ ٻڌي بازار، او يارا
باهہ برهہ جي پڙڪا لايا،
سچ اندر ۾ دونهن ڪايا،
نينهن ستي ڪي لات نوايا:
ٽيا سور اچي اظهار، او يارا
سور ۽ سڪ ٽي تحفو آيا،
روح ۾ سيئي سانيي راهيا،
سور سڄڻ جا سيئي سهايا:
ٽيو لينهن اچي لروار، او يارا
قبض بسط جو آهي جهيڙو،
وٽ وجود جو تابو ويڙهو،
دمدم رهہ تون دوست سان پيڙو:
پس پنهل جو پيار، او يارا
لانگي لفس جو ٽنو سڳڙو،
برهہ اچي هي پولو پڳڙو،
ويو دوئيءَ جو جهيڙو جهڳڙو:
ورهہ ٽيو وهنوار، او يارا
دل جي دعا سپ تن لئہ آهي،
سور ۽ سوز ڏنا جن ناهي،
مهر مولا جي تن تي آهي:
محبن تي نہ مهار، او يارا
عشق اندر ۾ ڪورا برندا،
جهڙا جگر ٻڪيون سپ جلندا،
'ميرُ' جيها ات ڪيئي مرندا:
سوريءَ سزا وار، او يارا

*

چا اهي مُلا، چا اهي قاضي،
عشق بنان کُل کوڙي بازي.

پڑهي نمازون ڏيل ڏکائين، سُڃا سجدا وقت وڃائين:
برهه بنان کٽ ٿيندو راضي!

نرڙ گسايو لشان ٽا ناهن، هٿن ۾ هستي ٻنهنجي ٻڌائن:
ٻيا وتن ٽا نيڪ نماڙي!

هستي هوڏ حرام آ پائڻ، گهرجي 'ميرُ' حقير سڏائڻ:
ٻوهه ٿيندين تون گوهر غازي!

غزل

●

اچن ٽا ياد کي گذريل زمانا،
ويا وسري جي ها دل جا فسانا!

وجي ديدن سان ديدون ٻنهنجون الڪيون، عجب ها تڏ مزاج عاشقانا.
سلياسون سور سهڻل سان سمورا، ڏٺاسون حسن وارن جا ٻهانا.
حقيقي عشق آهي 'ميرُ' منزل، ٻيا سڀ ٻيچرا آهن زلالا.

●

چا منجهان چا ٽا ڪيون، هن بي‌بقا بازار ۾،
هن لدوريءَ آ نهوڙي، هٽ وڏو آزار ۾!

ڏوڙ دليا جي دورنگي، ڏوڙ هن جو حال چال،
سوَ سياڻا هن سڀيا سڀ غرق ٿيا هن غار ۾.

وٺ ڪنجڪ قائر ڪريمي، ڪاتياري قطب جي،
دائما داوَر جو آهي، دار هن دربار ۾.

دل کي ٻنهنجي يار ۾ دلدار سان وابسته رک،
هوت تنهنجي هنج ۾، ناحق ڇڏين وٽڪار ۾.

هي دنيا درياءَ آهي، کوکو مالجهي مرد آهي،
جو سئون ٿي سير ۾ ترندو وڃي ٻيو تار ۾!
ليٽ ملندو 'ميرُ' توکي نقشبندين جو نصيب،
دور دشمن ڏنءِ ٿيندا في سقر في نار ۾!

●

نينهن جا نعرا هٽندو کير،
برهه جا پڙڪا سهندو کير؟

عشق سندي آڙاهه ۾ پچندي، خون جگر جو پٽندو کير؟
رات گذاريم روئي روئي، سورن سان سلينڈو کير؟
کرها کيچ کڙي ويا توڙا، جهنگ جبل جهاڳيندو کير؟
بر ۾ پٽي ٿي وانون نهاري، سڏ سماءَ کو لهندو کير؟
'ميرُ' اچي ٻئي رات رٽن ۾، پير پنهونءَ جو کٽندو کير؟





نواب نوراحمدخان لغاري

«مسڪين»

نواب نوراحمدخان لغاري "مسڪين"، پنهنجي خوش اخلاقيءَ ۽ انڪساريءَ جي ڪري هڪ درويش صفت ۽ درويشانه وضع واري شخصيت جو مالڪ آهي. فقيري ۽ درويشي، اميري ۽ شاعري هن خاندان جو خاندالي ورثو آهي. هن خاندان ۾ سنڌ جي مشهور وزيراعظم نواب ولي محمدخان لغاري ڪان وڏي، سنڌي، هندي ۽ فارسي شاعري هلندي آئي آهي. هن خاندان ۾ ڪيئي 'صاحب ديوان' پيدا ٿيا آهن.

نواب نوراحمدخان، وزيراعظم سنڌ نواب ولي محمدخان جي ننڍي پاڻ نواب غلام الله خان اول گورنر سنڌ جي اولاد مان آهي. سندس شاخ هن طرح سان آهي: نواب نوراحمدخان بن فقير جان محمد لغاري (تخلص مسڪين) بن فقير نواب غلام الله خان ثاني (تخلص مسڪين) بن نواب جان محمدخان لغاري (تخلص مسڪين) بن نواب غلام الله خان اول (گورنر سنڌ، ۽ وزيراعظم نواب ولي محمدخان لغاريءَ جو ننڍو پاڻ). هيءَ هڪ عجيب حقيقت آهي ته هن شاخ جا شاعر اڄ تائين سنڌي ڪلام ۾ تخلص "مسڪين" اختيار ڪندا اچن ٿا.

ولادت: جنوري ۱۹۲۰ع، خانپور، ضلعو حيدرآباد (سنڌ).

تعليم: تعليم جي شروعات فقيراڻ ماحول ۾ ٿي. اول ديني تعليم قرآن ڪريم پڙهڻ ڪان پوء سنڌي، اردو، فارسي (سڪندرنامه تائين) ۽ انگريزي (انٽر تائين) پڙهيائين. آخر عمر ۾ عربي به سکيو آهي. عربيءَ ۾ لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ تي ڇڪو استعداد پيدا ڪيو اٿس.

بيعت: هي خاندان جهوڪ شريف جي قادريه صوفي طريقي سان وابسته آهي. نواب صاحب پنهنجي واله ماجد فقير صوفي جان محمد رحه 'مسڪين' وٽ بيعت ڪئي. اڄ تائين عقيدي ۽ عمل جي لحاظ سان، صوم و صلواة، ذڪر فڪر، اوراد ۽ اشغال جي پابندي ڪندو اچي ٿو.

شعر و شاعري: شعر و شاعريءَ جي ابتدا تعليم واري زماني ڪان ٿي. ان زماني ۾، اسڪول جي هر ڪلاسي شاگردن سان گڏ ڪافي ڪلام چوڻ شروع ڪيائين. اهو نومشقيءَ جو دؤر ۱۹۳۸ع ڪان شروع ٿيو. ۱۹۶۵ع ڪان مولانا گرامي صاحب سندس ڪلام جي اصلاح ڪري ٿو. بيت، ڪافي ۽ غزل ۾ سندس فني پختگي موجود آهي. گهڻو ڪري عشقيه شاعري ڪري ٿو. اخلاقي ۽ صوفيانه رنگ هرحال ۾ غالب اٿس. تخلص 'مسڪين' اٿس.

مشغلا: موسيقي، شاعري، سير و سياحت، باغباني ۽ جديد طرز تي زراعت. سير و سياحت جي سلسلي ۾ حجاز، کويت، عراق، شام، لبنان، ترکي، سئزرلئنڊ، جرمني، انگلنڊ، فرانس، مصر ۽ ليبيا وڃي چڪو آهي. هن وقت جديد طرز جو فارم ٺهرائي رهيو آهي. ان ۾ کيلي ۽ الين تي خاص طرح سان جديد فن موجب تجربا ڪري رهيو آهي. علم ۽ ادب جي خدمت سان گڏ پنهنجي زميندارين جي ڪم ۾ مشغول آهي.

فقر ۽ طريقت: نواب صاحب پنهنجي والد صوفي جان محمد رحـ جو سجاده نشين آهي. سندس مريدن ۾ هندو مسلمان هزارن جي تعداد ۾ بيعت ٿيل آهن. هندن جو ڪافي حصو پارت ويل آهي، جتي بمبئي ۽ آگري ۾ فقير غلام الله ثاني ۽ فقير جان محمد 'مسڪين' جا يادگار ٺاهيا اٿن، ۽ ۱۳-۱۷ ربيع الثاني تي، صوفيانه راڳ ۽ صوفيانه محفلون ڪن ٿا. ان طرح جتي به سندن مريد آهن، اهي راڳ رهاڻ ۽ صوفيانه وضع تي قائم رهندا اچن ٿا.

ـ مظهر علي جتوئي.

* * *

بيت

(۱)

عاشقن علاج، بسڻ ٻار ٻرين جو،
مدامي معراج، ڏسڻ منهن محبوب جو!

(۲)

بسڻ ٻار ٻرين جو، عاشقن علاج،
وڃن ڇو لاهوت ڏي، گهمن ڇو هنگلاج،
مدامي معراج، ويٺي ڪن ٿا ڪاڙي!

(۳)

مرڻ تن مشاهدو، سوري تنين سيج،
تن هميشه هيج، ڪرت جن ڪاڙ ۾!

(۴)

اصل عاشقن لئ، سوري آ سوغات،
ڪرت، ڪاتي، ڪات، عاشق جهلن سامهان!

(۵)

اصل عاشقن لئ، سوري آهي هار،
تکي تيغ ترار، عاشق جهلن سامهان!

(۶)

اصل عاشقن لئ، سوري شهادت،
جوڀن جمالت، لالائي لٽهوء جي!

(۷)

مرڻ تن مشاهدو، سوري تن سيتگار،
ڪرت منجهه ڪاڙ، عاشق جهلن سامهان!

(۸)

هي لوراني نين، قربٽون ڪيڙئي ڪاتيون،
ڀائيندي جهاتيون، لڪين سير لهي ويا.

(۹)

هي نوراني لين، تبرن ڪان تڪا وهن،
آهن مٽل مين، ۾ لنگهيو وڃن وڃ جان؟!

(۱۰)

اکڙيون اربيلون، ڪاربون ڪهن قرب سين
ديدن سان ڏالون، دلبر تو ماريون،
وئين جانب جياربون، هٿي ڪان قرب جا.

(١١)

نظر ناز پرينءَ جي، آهي عبادت،
موڳا ملامت، ڪر اسان تي ڪينڪي.

(١٢)

نظر ناز پرينءَ سان، سڀيو سو شهيد،
عاشق لڙ ٿي عيد، موڳن لڙ ماتام ٿيو.

(١٣)

اکين جي آلاڻ، سُڪي ريءَ نہ سپرين،
من ۾ محبوبن جو، منڊجي وبو مانڊاڻ،
لالن جي لالاڻ، منهنجو روح رڳي وڏو!

(١٤)

اکيون ٽيون آليون، ساريندي ڪي سڄڻين،
پريتم پياريون پريم جون، پُر ڪري پياليون،
سهاڄيون سوالیون، هٽن سَين سيڪ جي.

(١٥)

اکڙين اوجار، سارڻ سپيرين جو،
سُکيون سُڪن ڪينڪي، روئن زاروزار،
سڄڻ سندي سارَ، ويرم وڃي ڪينڪي.

(١٦)

قلب ٽيا کارا، وڃي رهيو قال،
هنيين تان وبو حال، زبانون وبون زور ٿي!

ڪافيون

*

اسين ڦريدار فقيرـاو، ميرا سيرا ويس اسان جا!

ڏوڙ لڳن تـي، چٽـن ۾ چائي،
خاڪ تي ڪيسون ڪرت ڪمائي:
ڪَلَ، ڪَتَ، زور زنجيرـميرا سيرا...

ذات اسـان جـي آهـ نـہ ڪائي،
ڏات سليسـون خـاص خُدائي:
خـاڪ بنـي اڪسيرـميرا سيرا...

سـيرا سـيـرا لڏڙا پـابـون،
تَن ڪي تَسيَن ۾ ٽا تپابـون،
ناهيون سـيـر ۽ پـيـرـميرا سيرا...

دون دنيا ڪي دور ڪيوسون،
عشق سان مَن معمور ڪيوسون:
صاف رکون سچ سيرـميرا سيرا...

ڪهورَ ڏوڏو 'مسڪين' ڪي ڪهائي،
ڪاڄ ڪيڏ سپ زهر ٽيو ڪائي:
نيٽيـن وهـي ٽـو نهرـميرا سيرا...

*

تنهنجون ڳالهيون سڄڻ مان ڳائيندس،*
سي ته ور ور ڏئي، ورجائيندس!

تنهنجون رس ڀريون ته رهائيون هيون،
ڪيئي راتيون تنهن ۾ وهائيون هيون،
سي ته سڄ ته اندر ڪي سياڻيون هيون:
اهي پُلجي ڪين پُلائيندس!

هئي ڪانه خبر، رهندي ياد رکو،
دل شاد ڪندين، ناشاد رکو،
ڪندين هيئن ته سڄڻ برباد رکو:
وٺي ڪانگ، قربَ آڏائيندس!

انجام پرين، پنهنجا پار اچي،
چو ٿو ڏار رهين، ڪڏ گهار اچي،
جي رُڻو هجين، ڪر يار سچي:
توکي روئي روئي ريجهائيندس!

ڪر معاف خطا 'مسڪين' سندي،
آهيان تنهنجي سڄڻ مان ميري مَنڊي،
ننگپال ٿي ور، توڙي آهيان ڪَنڊي:
وري ڪين توکي وِرچائيندس!

غزل

●

نعتيہ

دلِ بيتاب ٿي سوئے محمّد،
خدا ڏيکار، بس روئے محمّد!

اهوئي شاه ٿيو ڪون و مڪان جو، مليو آ جنهن کي هڪ مُوئے محمّد!
مشامِ جانَ ڪي ڪر، جلدي معطّر، صبا ڏي بوئے گيسوئے محمّد!

---

* جناب مخدومزاده امين محمد 'فهيم' صديقيءَ جي ڪافي "تنهنجون ڳالهيون سڄڻ مان ڳائيندس"، ريڊيو تي ٻڌي ويئي، جنهن جذبات کي چيڙي چڏيو ۽ هي چند بند لکيا ويا۔ (مسڪين).

گھٹو شرمندہ، خورشیدِ فلک ٹیو، ڈسي تابندہ رو، روئے محمّد!
رخِ پرنور تي والشّمس، شاهد، ٹنا وَالليل، گيسوئے محمّد!
خدايا سنڌ مان کر بهرصورت، سگهو ساجهر سفر سُوئے محمّد!

لڳ 'مسکين' کي بيان جي آهه طاقت،
خدا خود آ ٹناگوئے محمّد!

●

قرآن مستطاب آ، خيرالوريٰ جي مدح،
ڪنهن جي مجال، ٻيو جو ڪري، مصطفيٰ جي مدح.

ڪيميا آ خاڪ ڪوچه سلطان مشرقين،
ڪافي نه ٹيندي خاڪ اثر ڪيميا جي مدح.

نامِ نبي جي فيض کان هرڪار ٹي تمام،
آ مدح خواجه، حسنِ قبولِ دعا جي مدح.

مداح مصطفيٰ جي آ نازش بجا، درست،
ذرّي لئه افتخار آ، شمس الضّحيٰ جي مدح.

حلّال مشڪلات، زبان زد عوام آهه،
بيشڪ ۽ بي مبالغي، نورِ هديٰ جي مدح.

خلد و برين ۾ حمد و ثنائے خدا کان پوء،
هوندي زبان تي شافعِ روزِ جزا جي مدح.

ڪافي عوض ملي ويو، درگاهِ فيض مان،
آخر وڃي قبول پئي هن گدا جي مدح.

آلودهٔ گناه، اي 'مسکين' خيال رک،
ڪهڙي زبان ڪري سگهي، نورِ خدا جي مدح.

●

اي دوائے درد هجران، الغياث،
غمگسارِ درد مندان، الغياث!

يا رسول الله! انظر حالنا، در پئے ٹيا نفس و شيطان، الغياث!
اي مسيحا اڄ سرِ بالين سندم، جان ٻه لب هان، جانِ جانان، الغياث!
ڏس اچي بيچارگي ۽ بيڪسي، ٹو رهان هر وقت گريان، الغياث!

ناتوان آهيان، گهڻو آ بار غم، زور، بازوئي ضعيفان، الغياث!
يا رسول الله! آ حال ضعيف، اي پناهِ اهلِ عصيان، الغياث!
جان ٿي 'مسڪين' جي آ جانِ زار،
چشم آ خون نابہ افشان، الغياث!

●

سالار جهان، ۽ فخرِ رسل، آ شاهِ هدا ٿيو شاهِ عرب،
شهِ جن و بشر، شهِ ڪون و مڪان، محبوبِ خدا ٿيو شاهِ عرب!
رهبر ٿيو اسان جو شاهِ امم، ٿيو فخرِ دو عالم، اعليٰ حشم،
ٻڌائي زمانہ، جانِ جهان، شه جود و سخا، ٿيو شاهِ عرب.
و الشمس آ وصفِ رخ هم بجا، و الليل هم گيسو جي آ ٿڌا،
اي صلِ علىٰ، اي صلِ علىٰ، چا شانِ علىٰ ٿيو شاهِ عرب.
ٿي ختمِ رسل ۽ افضلِ ڪل، دانائي سبل ۽ هادئ ڪل،
ڪامل، اڪمل، افضل، اجمل، چا بعدِ خدا ٿيو شاهِ عرب.
محبوبِ خدا، مرغوبِ خدا، منظورِ خدا، مقبولِ خدا،
آهي 'مسڪين' چا صلِ علىٰ، مطلوبِ خدا ٿيو شاهِ عرب!

●

جهان جي مون کي خبر ناهہ ۽ نہ هوش آ اڄ،
نہ منهنجو گوشہ دل، بزمِ مئي نوش آ اڄ!
ڪٽي آ ساغرِ گلفام، ڪير آ ساقي،
۽ انجمن هم ڪٽي شور ناؤ نوش آ اڄ!
نگاهِ شوق هم آ جستجوئي منظرِ خواب،
دلِ خراب، هي هيو حسنِ پرده پوش آ اڄ!
نوائي عيش نہ آ، نغمهائي غم ٿي سهي،
هي چا ستم آهي، جو سازِ دل خموش آ اڄ!
ٻُڌان ايڏا ٿو اهي نغمهائي بي آواز،
مگر نظر کي جنونِ نوا نوش آ اڄ.
نہ هانگِ چنگ، نہ ساقي، نہ انجمن، 'مسڪين'،
حريمِ ميڪدهٔ دل، چو بي خروش آ اڄ؟



نواب بهاول خان لغاري

نواب بهاول خان لغاري ولد مرحوم نواب امداد علي خان جي ولادت ۵- رمضان ۱۳۳۹ھ مطابق مئي ۱۹۲۱ع ۾ ڳوٺ تاجپور، تعلقي هالا، ضلع حيدرآباد، ۾ ٿي. پاڻ مشهور صوفي بزرگ فقير نواب ولي محمد خان لغاري، جنهن جو عرس هر سال ۱۵- رمضان تي تاجپور ۾ لڳندو آهي، جي ٻئي نمبر فرزند نواب بهاول خان شهيد جو پوٽو آهي، ۽ والدين جو اڪيلو فرزند آهي.

ننڍي هوندي کان ئي ڏاڍو ذهين ۽ فهيم هو. ڳوٺ ۾ ست درجا سنڌي پڙهي پاس ڪيائين. ايڪا شاگرد ئي هو ته سندس والد محترم وفات ڪئي، جنهن صدمي ڪري اڳتي تعليم جاري رکي نه سگهيو. اٽهيءَ دوران ٽورو انگريزي ۽ فارسي ۽ اردو جي تعليم حاصل ڪيائين. والد جي وفات بعد سندس پرورش سندس ماسي نواب دوست محمد خان جي زيرسايه ٿي، جو هڪ قابل حڪيم هو؛ جنهن جي زيرسايه طب جو ڪافي مطالعو ٿيو ۽ عملي طرح آزمودو ٿي ٿيو ۽ زمينات جي ڏاڏي جي جاڻ ٿي ملي.

ننڍيءَ وهيءَ کان مٺس فقير نواب ولي محمد خان جي ڪلام جو ڪافي اثر ٿيو، جنهنڪري اڪثر فقير صاحب جو ڪلام پاڻ چوندو هو ۽ هر مهيني ۱۴- تاريخ تي فقير صاحب جي درگاه تي ڪلام چوندو هو. ڪيترن موقعن تي، درگاهه جهوڪ شريف ۾ پڻ فقير صاحب جو ڪلام ڳايو اٿس.

سندس طبيعت ننڍي هوندي کان ئي فقيراڻ ۽ شاعراڻ آهي. پاڻ ٻنهنجن بزرگن سان گڏ ننڍي هوندي کان ئي ٻنهنجي آبائي مرشدن جهوڪ شريف وارن بزرگن وٽ ايندو ويندو

هو ۽ اکثر ڪري ڪافي وقت رهڻ ۾ ٿيندو هو. ۹- آگسٽ ۱۹۴۳ع تي جهوڪ شريف جي سجاده نشين سائين عبدالستار ثاني جي دست بيعت ٿيو ۽ تلقين ورتائين. ڪافي عرصو سندن خدمت ۾ رهيو. ازانسواءِ سائين جن جي ننڍي پاڻ پير حاجي محمد وارث صاحب جي خدمت ۾ ۽ ڪافي عرصو رهيو ۽ اڄ تائين انهن جي خدمت ۾ سندس رهڻ ٿئي ٿو. پنهنجن بزرگن، جهڙوڪ فقير نواب حاجي غلام حيدر خان، فقير نواب حاجي سردار خان ۽ فقير نواب جان محمد خان سان ۽ صحبت ڪيائين. تلقين ونڊ ڪان اڳ شعر چوڻ شروع ڪيو هئائين. ائين چوڻ ۽ ٻڌا ٿيندو ته گويا شعر چوڻ ڪيس ورثي ۾ مليو آهي.

سندس ڪلام ۾ بيت، ڪافيون، نوحا ۽ نظم شامل آهن. ازانسواءِ تواريخي واقعن ڪان گهٽي قدر واقفيت آهي؛ الهيءَ جاڻ لاءِ ونس ڪافي ذخيرو موجود آهي. پنهنجي خاندان تاريخ جي گهٽي قدر جاڻ رکي ٿو. تازو ڪلام فقير نواب ولي محمد خان لغاري، سندس سعميءَ ۽ ڪوشش سان سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو آهي.

* * *

بيت

(۱)

آءٌ تہ ڪانگا تو ڈيان، ڪولي دل جو حال،
وڃي چئو مارن ڪي، منهنجي لڏوَ ڪانہ سنيال،
راتو ڏينهن رِيهون ڪري، جَر وهايان جال،
'بهاول' جو شالَ، جيئَري مارن سان ٻيلو ٿئي.

(۲)

آءٌ تہ ڪانگا تو ڈيان، حقيقت ساري،
وڃي چئو مارن ڪي، چو ويٺو وساري،
قابو آهيان ڪونہ ۾، ٻيو ڳٻٽي چڏيو ڳاري،
'بهاول' ڪي وارِي، شال مولي مُلڪ مليرڈي.

(۳)

عمر اباڻن لاءِ، منهنجي دل ماندي،
قضا هت ڪونہ ۾، قيد ڪري آندي،
ماروئڙن جي مُلڪ جا، پچايان پاندي،
بهاول باندي، پهچائج پهنوار ڪي.

(۴)

پهچاءِ پنهوارن ڪي، هي بنديائي بيحال،
ساريو سانگيڙَن ڪي، جَر وهايان جال،
'بهاول' هن بند سان، مولي چڏائي شال،
ڪري پلائي پال، مون ڪي ملاءِ ماروئڙن سان

(۵)

ملاءِ ماروئڙن سان، مون تي عمر ڪر احسان،
مارن جي مجلس ۾، تنهنجا گڻ گائيندس خان،
پيٽن سان پاڙ ادا، ڪَڇي ڪن نہ ڪاڻ،
سُڃاڻي پنهنجو شان، ادا ڪيد بنديائي بند سان.

(۶)

ڪيد بنديائي بند سان، مون ڪي آجو ڪر آمير،
سرتين ساهيڙين سان، وڃي پيٽان هاڪ پنير،
جَيڙي شال اڪين سان، وڃي ڏسان ملڪ مليرِ،
'بهاول' هن بند ۾، نيٽين وهايان نيرِ،
ڪري واءَ ويرِ، مون ڪي موڪل ماروئڙن ڏي

(٧)

كل ماروئڙن ڏي، پنهنجا سانگي ٿي ساريان،
يو سُهاڻا ملير ڏي، راهون نهاريان،
هاول' هن بند ۾، گهنگهٽر ٿي گهاريان،
يل نہ وساريان، سرتين ۽ سائيهه کي.

(٨)

ا هت عمرکوٽ ۾، منهنجا مارو رهن ملير،
انگين ۽ سائيهه جي، سون کي عمر آهه آکير،
رتين ساهيڙين سان، وڃي خوش ٿي پيٿان کير،
هاول' هن بند ۾، منهنجو سڙي ويو سريءَ،
اجا کَر نہ همير، موکل ماروئڙن ڏي.

(٩)

ا هت عمرکوٽ ۾، منهنجا مارو ٽيا ٽر،
اجهائيندي وطن لاءِ، جام وهايان جَر،
بهاول' چئي هن بند مان، تون آجو کر عمر،
کري نيڪ نظر، ٻڇاءِ ٻهنوارن کي.

(١٠)

ا هيت عمرکوٽ ۾، منهنجا ڏيهه رهن ڏيهي،
محبت ماروئڙن جي، منهنجي دل ريهي،
بهاول' هن بند جي، آءٌ گالهه کريان کيهي،
بيهي جا تيهي، وڃي ملان ماروئڙن کي.

(١١)

ا هت عمرکوٽ ۾، منهنجا مارو ملک وَسن،
هو خوش رهن کاهڙ ۾، آءٌ گهاريان منجهه ڏکن،
بهاول' هن بند مان، وري وڃان شال وطن،
سي نيٺ نَرن، جهوپا جهانسگيڙن جا.

(١٢)

ا هت عمرکوٽ ۾، منهنجي سانگين لڏي نہ سار،
ٿي وڃي ملک تي، ڏينديس ماڙيچن سَيار،
بهاول' هن بند جا، الڙ دل ۾ درد هزار،
هاڻي والي واڳون وار، نہ سيڻين ملي مارئي.

(١٣)

کينياتا ڏج خبر، آئي پرديسي پرين جي،
سون کي محبوبن جي، آهي سڪ ستر،
ساريو سپرين کي، جام وهايان جر،
وڃي دوستاڻي در، چئج بندگيون 'بهاول' جون.

(١٤)

کانگ کتابت کڻ، ڏج پرديسي پرين کي،
ڏج نياها نياز مان، ويهي مٿان وڻ،
ڏکج ڏول ڏلائيون، پيا اوگهيءَ جا اوڳڻ،
لهج سار سڄڻ، هن 'بهاول' بدکار جي.

(١٥)

الله لڳ آڏار، کج مرَ ويساهين وات تي،
ڏاڍي نياز ادب سان، سؤ سؤ ڏج سلام،
چوري چهنب چئج تون، هن هازيءَ جا پيغام،
سگهو آڻ عجيب جي، آڇڻ جو انجام،
ويهي وٽين لام، چئج بندگيون 'بهاول' جون.

(١٦)

الله لڳ آڏر، کج مرَ ويساهين وات تي،
سگهو سپرين جي، تون خاطي، آڻ خبر،
پرديسي پرينءَ کي، تون وڃي چئو هن ۾،
ڏکن ڏيل ڏکويو، پيا هاڃا کيا هجر،
سڌ لهج هيکر، هن 'بهاول' بيمار جي.

(١٧)

کانگل قربن کي، ڏج نياهو هي،
سڪ اوهان جي ساڙيو، جانب منهنجو جي،
'بهاول' سان سپرين، تون پرت پياله پي،
اچي اوڏو ٿي، محب هن مسڪين کي.

(۱۸)

ادیون! کا آهي، جا هلي مون سان هوت ڏي؟
پنهل بنان جيڏيون، هت منهنجو چاهي،
'بهاول' بَرن ۾، ٻوان ٿي کاهي،
لاڳاها لاهي، هاڻي ونندیس وات وندر جي.

(۱۹)

ادیون! هوت وڃي ويا، ڪري ڏير ڏمر،
سنياهي سات کي، آڻي رات آسُر،
'بهاول' بلوچ لاه، ووڙيندیس ونڊر،
ڳولي بحر بَر، وڃي لوچي لهندیس 'لغاري' ڇڻي.

(۲۰)

آڻي آڏيءَ رات، پنهل ڏير وڃي ويا،
جَڏيءَ کي جانب جي، آهي تن اندر ۾ تات،
سنجهي سجاڳي نہ ٿي، مٿان ٻيرهه ڦُٽي برڇات،
اڄ ڪنين ٻُڌان نہ لات، 'بهاول' بلوچ جي.

(۲۱)

هاڙي ٻڌي ٻروڙ، تہ ڏوهڙ سان ڏاڙو ٿيو،
ويا وڃي ور ولهيءَ جو، ڪيچي ڪري ڪلور،
اچي چڙهيا اوچتا، سورن مٿي سور،
'بهاول' بلوچ جي، ماري تنهن مذکور،
وڃڻ ڪيچ ضرور، ٻيو هاڙي واربون.

(۲۲)

هاڙي ٻڌي ٻچار، تہ ويو ور ولهيءَ جو،
ٻڌي سورن سندرو، نکري ٿي نروار،
واڪا ڪيو وٽن ۾، ٻڌي ٻڌي پنهونءَ ٻار،
ڪو ڏٺئي سات سڃڻ جو، ادا ڙي ٻڪرار،
ووڙي ٿي وٽڪار، 'بهاول' بلوچ لاه.

ڪافيون

*

هيڪر ويندیس ڪاهي ڪاهي،
ڪيڏن رهان هيت هوت ري مان.

ڏيڻي جُدائي جانب ويڙو، لاڳاها سپ لاهي لاهي، ...
ڪيڏن وساري ويهان پنهل ڪي، اڏين واجب ناهي ناهي، ...
ونندیس وات وندر جي جيڏيون، هتي منهنجو چاهي چاهي، ...
'بهاول' چئي پيرم رکندم، ننگ ننگيءَ تي آهي آهي، ...

*

جان جسم وبو جَلي جَلي،
سهڻل تنهنجي سُورن ستايو.

آءٌ تون اڳڻ اسان جي ڪوهيارا، ساهه سيڪي ٿو تو لئہ پيارا،
محب تون وڃ مون سان ملي ملي، دردن تنهنجن دوءِ دکايو.

أس اندر ۾ اٽڪ اهائي، پوري ڪندم قادر سائي،
دوست ايندم هلي هلي، محبت من ۾ سچڙو سچايو.

آئي اوهان جي دلبر جاني، روشن ٿيندو قلب روحاني،
صاف كريان سڀ ڪِلي ڪِلي، اچي ساڳيا پنهنجا پاڻ وسايو.

آهي 'بهاول' يار اوراهون، گولج تنهن كي كين پرانهون،
هركز وچ نه پُلي پُلي، ٿي صاف صوفي ٿيندو پنڌڙو سجايو.

*

پنهنجو پاڻ پنهل ري ماريندين،
هڪ دم نه ڀيور ۾ گهاريندين!

يار ملامت سير تي آڻايم، لوڪ ساري جا مٺا سهايم،
نند لياڳي پنهل ڪسايم، داغ اهو مان ڏاريندين.

پنهل ڏسان نٽي پنهنجي گهر ۾، باهه پري ويئي منهنجي اندر ۾،
ووڙون ڏيندين ساري وندر ۾، جانب كي نه وساريندين.


ور كي وسارڻ واجب ناهي، هيكر ويندين كيچ ڏي كاهي،
سانگو اصلي سر جو لاهي، جهنگ جبل مان نهاريندين.

'بهاول' وهي تو وقت وڃاهو، كَر كو هلڻ جو هاڻي سهيو،
پاڻ ڏٺي كندو پنڌڙو سجايو، قول لكشي جا پاريندين.

*

جڏ رُسامان سينڊرا، تون مَيو آ موڻائي،
مَيو آ موڻائي، الا، كرهل واڳ ورائي!

راتيون جاڳي ياد كريان ٿي، هيڻن نه توكي جڳائي.
سونڻي آءُ ساڳ تي، تون پنهنجو پاڻ پَلائي.
عرض كريان ٿي ادب سان، پاند ڪچي گل پائي.
كانڍ كميڻ كي نه جڏ تون، اِئين رڻ ۾ رلائي.
بديون بخش 'بهاول' چئي، وچ كاك تي ٻير گهمائي.



الحاج محمد اسماعيل

"قاسر" پلي

محترم الحاج ميان فقير محمد اسماعيل ولد فقير محمد سلطان پلي، تخلص "قاسر"، ۱۸۹۱ع ڏاري، ڪوٽ خانصاحب عطامحمد پلي، تعلقو عمرڪوٽ، ضلعي ٺرپارڪر ۾ تولد ٿيو، ۽ اڄ تائين ساڳئي ڳوٺ ۾ سڪونت پذير آهي. سندس حياتيءَ جو ڪجهه عرصو ننڍپڻ ۾ پڙهڻ ۾ ويو، ڪجهه سير و شڪار ۾ پسر ٿيو، ڪجهه فقيريءَ، فاقن، چلن ۽ سراتين ۾ گذريو، ڪجهه شاعريءَ ۽ شغلن جي نذر چڙهيو؛ اڄ اهي هڙئي شيون موڪلائي ويون آهن، گوشه نشيني ۽ الله الله ۽ ذڪر ۽ فڪر سندس مشغلا آهن. سنڌي، اردو ۽ پارسي زبان جي پوري پوري ڄاڻ رکي ٿو.

پنهنجي وقت جي مشهور مشائخن ۽ عالمن، فقيرن ۽ شاعرن سان خوب رهاڻيون ۽ ملاقاتون رهيون اٿس، اهو هڪ دلچسپ ۽ طويل باب آهي.

ڀاڻ حضرت شيخ بهاؤالدين ذڪريا ملتاني سهروردي جي اوڻيهين سجاده نشين حضرت مخدوم حسن بخش رحه ڪان دست بيعت ٿيو، ۽ سندس شمار سندن وڏن خليفن ۾ ڪيو ٿو وڃي. هن وقت غوثيه جماعت جو ڀاڻ بزرگ ترين خليفو آهي. سندس اخلاق و اطوار، سيرت ۽ ڪردار، هر طرح پسنديده آهن.

ميان صاحب جي شاعريءَ جو دؤر اڄ ڪان چاليهه سال اڳ وارو دور آهي. سندس ڪلام ڪي به ان وقت کي نظر ۾ رکي ڏسڻ ۽ پڙهڻ گهرجي. سندس دؤر جا شاعر— فقير منڌار "راجڙ"، نواب صوفي ولي محمد لغاري، فقير محمد ڪٽياڻ ۽ فقير محمود ڪٽياڻ ۽ مهدي شاهه ميرواهي وغيره آهن. اندازاً ۳۵-۴۰ سالن ڪان شاعري ڪئي اٿس. سندس شعر، سنڌي ۽ سرائڪي زبانن ۾ موجود آهي. بيت، ڪافي، وائي، مرثيا، مناقبا ۽ مولود وغيره صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. زبان سادي ۽ انداز پراثو آهي. شعر ۾ تخلص "قاسر" استعمال ڪيو اٿس، ۽ ڪن ڪن ۾ "اسماعيل" به نباهي ٿو. — راج محمد پلي

وايون

(۱)

ڪٽي نيڻ نظر،
ڪج مون تي مهر منجهان!
طلب تنهنجي تن ۾، باريو سچ مگر.

لڳي آڳ اندر ۾، جليا جيرا جگر.
هاڙهو هوت بلوچ لاءِ ڏورينديس ڏونگر.
پاڙي منجهه پرينءَ جي، آهي 'اسماعيل' آپر.

(٢)

هاڻي ڪريان ڪيئن، الا-
ڏير چڙهي ويا ڏونگرين!

چنان تان چوري ٽيان، ننڊي لاءِ جو نينهن.
نيٽن ننڊ نماه کا، نڪا رات نه ڏينهن.
وڃان آڳ نه ورندي، ويندس سرتين سينئن.
انگ" 'اسماعيل' چئي، اصل لکيو هو اينئن.

ڪافي

*

جا قدرت جي ڪجي بات ميان-
ڪڏهن ڏينهن هجي، ڪڏهن رات ميان!

نه يار آهي نه دلدار آهي، نه محب مٽا مٽار آهي،
نڪي غور وارا غمخوار آهي، هئي هئي هٿا جي حيات ميان!

نه باغ اهي نه ٻُڪار آهي، نه گل آهي نه گلزار آهي،
نڪي سَير وارا سيار آهي، ويڙا وڏي ڪنهن ولات ميان!

نه ساز اهي نه آواز اهي، نه نازوندن جا ناز آهي،
نڪي رمز وارن جا راز اهي، نڪي نفي ۽ اثبات ميان!

نه علم اهي نه علام اهي، نه قرب وارن جا ڪلام اهي،
نڪي سڪ وارن جا سلام اهي، ويي نسنگ رهيا نقلات ميان!

'قاسم' ڪئين هت خان هٿا، وهوا وڏا جن شان هٿا،
چڏي ماڳ هليا مهمان هٿا، خالي رهيا محلات ميان!

مولود


الحمد لله جڏهن چار چائو،
نور نبيءَ جي سڄ ڪيو سهائو.

ڪيو چند چمڪو چوڏهين چنائي، ايريو آفتاب ڪئي سورج سهائي:
قطرو قرب مان صريحاً سوايو!

لولاڪ لما خلقت الافلاڪ، واحد ڪي وٺيا عربيءَ جا اخلاق:
احمد ڪي املاڪ ڏاتر ڏياريو!

مهندار مڙني، سرتاج سڀني، آڻهه امت جو محبوب مدني:
ڪامل ۽ ڪل ني قادر ڪوڏايو!

'اسماعيل' عاجز، عاصي ويچارو، ٻيو ٻيش آهنجي ٻازي ٻيارو:
نوري نظارو ٻارس ٻسايو!





فقير ولي بخش راجڙ

فقير ولي بخش راجڙ، مشهور شاعر منٺار فقير راجڙ جو پوٽو آهي. سندس والد جو نالو فقير پيربخش آهي. جنم ۱۳۳۱هـ ۾ ٿيس. ٽن سالن جي عمر ۾ هو ته سندس والد گذاري ويو، تنهنڪري سندس ڏاڏي منٺار فقير جي هٿ هيٺ سندس نياڻ ٿيو.

فقير صاحب جي مزاج ۾ ذهني تربيت جي سلسلي ۾ منٺار فقير جي صحبت، فقرن ۾ ڪائڻ جي اڇ-ويڇ، محفلن ۾ مجلسن جو وڏو دخل آهي. سندس تعليم فقط ٻن سنڌي درجن تائين ٿي. هن وقت فقير صاحب سنڌي ۽ اردو ۾ ڇڪيءَ طرح سان پڙهي سگهي ٿو. ٻاويهن سالن جي عمر ۾ هو ته سندس ڏاڏي ٻه وفات ڪئي، سارو ڪاروبار ڪيس ئي سنڀالڻو پيو.

فقير صاحب، سروري جماعت جي سماع ۽ ذڪر ۽ ڏهر ڏيڻ جي تربيت ٻڌ ٻنهنجي ڏاڏي منٺار فقير کان حاصل ڪئي. ولي بخش فقير ۾ فقيراڻا طبع ۾ مزاج جي ڪري شعر ۽ شاعريءَ جي سڀي صلاحيت آهي، جا حضرت 'طالب المولىٰ' سائينءَ جي صحبت کان پوءِ پختگيءَ جي منزل تائين آئي. سندس پهرين ڪافي، حضرت 'طالب المولا' جي مدينه منوره کان واپس اچڻ تي چيل آهي، جنهن جو ٽڪ آهي:

"اڄ پرين ٻاتا پرٽون پير-اهي پير چُمان، ٻيزار چُمان!"

شعر و شاعريءَ ۾ ڪافي ۽ بيت سندس مرغوب صنفون آهن. سندس ڪلام ۾ سوز ۽ گداز، رنگيني ۽ شيريني، پختگي ۽ سلاست آهي؛ جنهنڪري فقيرن جي ساڻ ۾ عام طرح سان ڳايو وڃي ٿو. هن وقت ٻنهنجي ڏاڏي، منٺار فقير راجڙ جي ڪلام جي ترتيب ۽ اصلاح جي ڪم ۾ مشغول آهي، ۽ گوٺ منٺار فقير (ڪاڻي وڏي) راجڙ، تعلقي ڪپري ضلعي سانگهڙ ۾ رهي ٿو.

-ادارو

* * *

ڪافيون

*

محب مٺا دل جاني وي، آءُ وري، تون ويهہ نہ وساري!
آءُ اصل ڪان آهيان تنهنجي، پانهن جي سائين پانهي وي:
تون سوا ٻيو ڪير سنپاري!
هجر فراق جي هاڃي حاڪر، ڦٽي ڪئي دل فاني وي:
ڏهل ڏکن وڏو آهي ڏاري!
تو سوا هٿ منهنجو مٺڙا، هٿي هٿي حال حيراني وي:
اوکي مان وچ يار اڪاري.
مرض مروڻي ڪئي آهي موڪي، جوبن جنڊ جواني وي:
ساهہ سدا توکي ساجن ساري!
آءُ اصلڻون عيبن پريل، تنهنجو منڌُ نہ ٽاني وي:
ٻيل آهيان تنهنجي ٻاري.
مون جهڙيون سوين ڪن ٿيون، هر ڏيهہ سچو تنهنجو ڏاني وي:
آءُ لڳل آهيان تنهنجي لاري.
ساغر سڪ جا ڏيئي سوايا، محب ڪئي مستاني وي:
ٻڌَ پرت جا پُر پياري.
پوئي ٻاتم پرين پارس، تنهنجي ڪٽن جئي ڪاني وي:
واڳ وصال جي آ تو واري.
سوا تنهنجي سهٽا ساجن، زهر پايان زلدگاني وي:
ڪيل قول پرين اڄ پاري.
'ولي‌بخش' چئي و رهہ وکوڙي، دلڙي ڪئي ديواني وي:
چڙهي آ تنهنجي ٻهن نظاري.

*

اڄ پريٽن ٻاتا پرتئون پير، اهي پير چُمان ٻيزار چُمان.
آيا پرين جتان پير پيري، جن سٽرن تان سپ سٽر ڪري،
سير ساهہ صدق تن سٽرن تان، آهي سٽر چُمان سؤ وار چمان.
اچي مون سان ملي منڌار ٿيا، هر جاءِ حسن هڪار ٿما،
هٿي حب جي هينڌين هم هير گهٽي، اها هير چمان هڪار چمان.

ڏيهي وحدت جا واپار ڪيئون، وهواه پلي پٽڪار ڪيئون،
اهي مون تي پلائي جا پير ٽيا، اهي پير چمان پٽڪار چمان.
'ولي بخش' وصال جا واءُ وريا، اچي محب مايا جي دل گهرُ ٻا،
اها ويهر پلي جنهن وار آيا، آها ويرَ چمان اهي وارَ چمان.

*

موت سگهو سنسار-وويار-تنهنجي آهي سڪ ستايو.
ڪانگ آڏايان فالون پايان، پُڇان پوٽي دار-وو يار،
گهجي پاند پلاندڙا پايو.
هنجون هاريان وائون نهاريان، پل پل آهي ڏجار-وو يار،
لڳو نيهن نہ ڪنهن بہ لڪايو.
پائي ليڙو قيد تو ڪيڙو، ڪٽي حسن سندا هٿيار-وو يار،
مون کي نازن سان نمايو.
توڏي نہ ڪائي مون ڏي مڙهائي، آهي محب سيار-وو يار،
اوهين پنهنجو پاڻ پلايو.
پاڻ پلائج واڻ وَرائج، 'ولي بخش' کي نہ وسار-وو يار،
محبت تنهنجي سچ سچايو.

*

عمر اباڻي پار وڃا مينهن موڪون، سائيهه سانگين جو ٽيو سيڻي سوايو.
خبر ڪينيئن جي مارن موڪلي تہ وڻو سپ ولهار، لٽيون راهہ روڪون:
مون کي سنگهارن آهہ سڏايو.
آءٌ قسمت قيد جا ڪيڙي ٻيون پيڙيون سان پتار، ڪائين گولاڙا ۽ گوڪون:
مون کي قهدن آهہ ڪنايو.
آئي آهي مند ڪنيين ڪائڻ جي، ٻيا ٻہ ڏڻ هزار، ڪيون جام ٻوڪون:
مارئي مارن سان نيئي ملايو.
عمر لوئي آلون ڪيئن لاهيان، هَسيون پائي هار، ڪندا مون تان لوڪون:
مٺو مون کان هي گهٽوئي آيو.
'ولي بخش' چئي ويڙهہ وجان آءٌ، ماروڏينڊا ميار، پسان جهانگين جهوڪون:
سرورشاه ڪندو سانگ سجايو.

"داغ" ٹکڑائي

محترم 'داغ' ٹکڑائيءَ پنهنجي خود نوشت سوانح ۾ لکيو آهي:

"مون ڪوٽ ٹکڙ ۾ سما خاندان جي حاجي حافظ محمد عثمان جي گهر ۾ تاريخ ١٦- ربيع الاول ١٣٣٤ھ ۾ جنم ورتو. منهنجو اصل نالو محمد ابراهيم آهي، مگر ماڻهو مون کي 'داغ' ٹکڑائي جي نالي سان سڏين ٿا. منهنجو ڏنڏو معمار آهي. مون ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگوار جي خانگي مدرسي ۾ حاصل ڪئي. ٢٠- سالن جي عمر ۾ منهنجي شعر و شاعريءَ جي شروعات ٿي، جنهن جي استادي جناب حافظ 'بسمل' صاحب جن کان ورتم. وڌيڪ آءٌ جناب 'غني' صاحب ۽ 'امداد' حسيني صاحب جن جو نهايت ٿورائتو آهيان، جن ڀڻ بندي جي هن ڏس ۾ ڪافي رهبري ڪئي."

* * *

ڪافي

*

آءٌ اچي ميل دلبر يار - ڏينهن ڏکيا ٿوڪهاريو گهاريان.

ناهي جدائي جانب ٿوري، آهيم بيحد جيءَ ۾ جهوري،
لالڻ تنهنجي لڳيم لوري، روئي وهايم نيٽين نار:
رئندي رئندي راهون نهاريان!

جان جلائي يار جدائي، وات ۾ آهي تنهنجي وائي،
رات هجي ڏينهن تات اهائي، ساهه سندم جو تون سينگار:
سيکندي توکي ساجن ساريان!

دم دم تنهنجي ياد ستائي، وچ تون اندر جي آگ اجهائي،
'داغ' وطن تي واڳ ورائي، ساجن لهندو سکهڙي سار:
اگن اکين سان شال ڀهاريان!

غزل


●

ها نڪا دل ئي عجي ها نڪو آزار هجي،
حسن ۽ عشق جو ڇو ٻاڻ ۾ تڪرار هجي؟

ڇا جون راهون سي ڏسن ۽ لکي ٻيتاب هجن،
ڇا جو هيءُ درد هجي ها نڪو دلدار هجي.

دل ذرا ٻنهجي فرشتن کي ٻڌي يا الله،
عرش تي ڪو ته محبّت جو گناهگار هجي.

نه هجي 'داغ' نه دانهون نه رئن ۽ ڏڪن،
ڇا جو فرياد هجي ها نه شهر يار هجي.





محمد عثمان ڏيپلائي "شائق"

ڏيپلائي صاحب پنهنجو تعارف هن طرح لکيو آهي:

"آءٌ ۽ـشاعري! ڪيڏي نه ڪيل جهڙي ڳالهه! هر سائين، جيڪڏهن ڪنهن باڪمال ملوچ شاعر کي، ڪنهن جو ازبو ٽڙبو نظم هٿ اچي وڃي ۽ هو ڪيس روايتي طرح، هيٺ ڇڻي 'شاعر' بنائي ڇڏي، بلڪ پنهنجي شاعريء جي تاريخ لکڻ تي ب مجبور ڪري، ته ٻوڙ:

"ڪان ڪرين، جي ڪون ڪرين، ته ٻـ هين هنج دا ٻچا!"

ته ٻوڙ پلا ڪير ڪنڊ ڪدائي؟

اسڪول ۾ پڙهندي، ۽ "سمجهه رکو اي پيارا ٻارو، ايڪ سنگت ۾ گهاريو" جهڙا راڳ ڳائيندي، سون ۾ ۽ منهنجي هر ڪلاسي ۽ هر نشستي (اسان پنهين مان هڪڙو پهريون هوندو هو ۽ ٻيو ٻيو!) دوست قاضي علي محمد کي اچي شاعريء جي مرض ڪنيو. ڪنهن استاد ڏَس ڏلو ته آزاد شعر ناهڻ بدران اول ڪنهن ٻئي شاعر جي ڪلامن تي تضمينون ڪري، يا تتبّع: ٻوڙ اڳتي هلي شاعري ٻـ اچي ويندوَ! اسان کي ب ان وقت، جيڪي ٿي منهن سامهون آيو، ان تي ڪجو ٻڪو ڪلام ناهي وڃي مٿي چڙهندا هئاسون ـ نه بحر نه وزن، نه قافيو نه رديف! "وهي نه وهي وٽ رينگت کي" والگر اسان جي شاعري ٻئي هلندي هئي. وڏيڪ ته مون کي ٻـ ياد ناهي، هڪ بند ياد آهي:


اندر ۾ آرام ناهي، دل نـ دنيا سان لڳي،
جنهن ٻـره آهي بدن، آرام سان سو ڪيئن ٿڳي،
ناهه ٿوهه، تنهنجي ٻرين، اڄ آ وڏو مون کي ٺڳي!

بس اها آهي اوائلي ڪلاسيڪي شاعري! ان ڪان پوءِ مون رکيو 'شائق' تخلص، ۽ هن الائي ڪهڙو تخلص رکيو! ۽ جهڙا تهڙا شعر هو اڳ تائين پيو چوي.
منهنجا ٻه-ٽي شعر ٻڌو:

نڪتي آهَ دل مان، اکين آب هاريو،
پيو وقت سو ياد، جو گذ گذاريو.
نه ساعت سري تي، جدائيءَ ۾ جن جي،
وڇوڙي ورهين جو، قضا واءُ واريو.
لڇان ۽ ٻُڇان، پنڌ پرين جو پالڌي،
سڙي سوز مان ساهه، سڃڻ کي ساريو.
نه مون مور من تان گهڙي هڪ لهين ٿو،
وفادار، ورهين کان تو کي٭ وساريو.
ڪري ڪو ڪرم ڪَر سڃڻ شاد، 'شائق'،
پري پير پرتئون، جڏو جيءُ جياريو.

سڏايو صبا تنهنجو پيغام مون کي،
چڪيا چاڪ، تازو ٿيو آرام مون کي.
وساريم نه وو وو، سندم سالگين کي،
قضا سان قابو پيو دام مون کي.
نه فردوس جون ست رچيون آڙڻ ٿيون،
لڳي ڏهر جنت سندو جام مون کي.
جدائيءَ ۾ جاني، گنڌر ٿا گذاريون،
اوهان سان ٿي سمجهه، ادغام مون کي.
صبر 'شائقا'، سوز کي سانيڌ دل ۾،
نه قادر ڪندو نيٺ ناڪام مون کي.

پوءِ اهڙا ڪچا شعر لوٽڪ ۾ لکندو هوس- سو هڪ همراهه چورائي ويو ۽ ليٺ اهڙي کا مارَ ڏيس، جو اهڙن شعرن کي پڙهندي، جوابيءَ ۾ ٽي پورو ٽي ويو. الائجي اهو نوٽڪ يا بياض ڪٿي هوندو؟ پوءِ جڏهن ڪتابي سلسلو ڪيو. تڏهن پنهنجن نالڪن ٻا ڏامن- غيرت، سجائي موڙي، ڪورت ۽ ڪانگريس- لاءِ کي نظر لکيو، جي پڙهي، غني صاحب فرمايو ته بمصداق "هن ٻرکيءَ ساءُ، پڇج عزازيل کي" اهو شوق ڇڏي ڏي، نه ته مورکو ناولن ۽ افسانن کان ٻه ويندين. ان هوندي ٻه-چار نظر لکيل آهن.



"مسڪين" ملاڪاتياري

"مسڪين" جو تعارف محترم امداد حسينيءَ هن طرح لکيو آهي:

"مسڪين" ملاڪاتياري اڪل پنجاهي ڪن سالن جو آهي. ملاڪاتيار ۾ ريزڪي دڪان اٿس. سندس والد مرحوم سيٺ سڪٽي جي نالي سان پنهنجي تر جو سڻو ايماندار بزرگ صفت واپاري هو. واپار ۾ پنهنجو سٺ هاڻ هوندو هو. رازڪي ڏنڊي جو به بلڪل پڙ هو. هو هيٺي جو پار هولدو هو. شاعرن ۽ عالمن سان صحبت رکندو هو. هاڻ اٺڙهيل هو ۽ ورد وظيفي، نماز روزي سان لينهن هوندو هوس. علامہ قاضي سيد اسدالله شاهہ سان سندس خاص تعلق هو، ۽ وٽن تمام گهٽو ايندو ويندو هو. هي ذات جا هاٽولي سڏها آهن. هاٽولي خاندان ٽنڊي الهيار ۾ گهٽو آهي، هي انهن جي برادريءَ جا ماڻهو آهن. اهڙي سڃاڻ ماڻهوءَ جو اثر "مسڪين" تي لازمي طرح سان پيو- علمي صحبتن، عالمن ۽ شاعرن جي دوستيءَ سان هي شاعر ٿي پيو! سندس پورو نالو محمد عثمان آهي دڪان تي گراهڪن کي سائو، پيلو ۽ گاڙهو سٺ رڳي ڏيندو آهي، ۽ ان سان گڏ شعر به وٺو لکندو آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڏ-رنگي لهر جو پتو پوي ٿو. پنهنجي شهر جي نيڪ نامي جو عاشق آهي. ان لاءِ ڏاڍو انس اٿس. غريبن جي مدد ڪندڙ، ۽ لوفر، بدديانت سان نفرت رکندڙ ۽ قومي خدمت گذار آهي. سندس شعر ۾ ٿن قوميت جي جهلڪ نظر اچي ٿي. هر مشاعري تي وڃڻ پنهنجو فرض ڄاڻندو آهي. روزاند اخبار "عبرت" جو خاص شاعر آهي، جنهن ڪري ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڄاڻو سڃاڻو وڃي ٿو.

بيت

(۱)

ووءِ ووءِ ويچاريءَ کي، وکوڙيو ويرين،
هريل هٿي هيرن، سا لوهہ لوڏي هانڀين!

(۲)

پيرين هٿين بدلي، جڙي زنجيرن،

ويرين هٽين ڀدمٽي، حسن ۽ چڙ تہ حور،
ستيءَ کي هن سومري، ساري ڏنا سور،
ٻورن مٽي ٻورَ، ٿي مارئي ڪٽي محل ۾!

ويرين هٽين ڀدمٽي، سادي سياڻي،
عمر جي الصاف تي، روئي ٿي راڻي،
مارئي ٿو ماڻين، ۽ خوشي لٽئين ڪيت جي!

وائي

چند چڙهيو ۽ تارن تانگهيو، ڪتين موڙ يا ڪَرَ، الا:
آئي ڪانہ پَهَر الا!

مارو منهنجا مالونڊا سي ڪهارين ۾ گونڊر الا.
ٻولي منهنجي ٻاروٽڙ جي لانءُ سڃي نڊر الا.
راتيون جاڳي اوسيڙي ۾ کولي ڇڏيم در الا.
ڪاريون ڪاريون ڦهري راتيون زهر هي ٻهر ٻهر الا.
ماڻ ڪري نہ 'مسڪين' وهان مون ڏورن ٻيو ڏونگر الا.

ڪافيون

*

ڪلهہ رات ڏٺو اٿر خواب عمر،
جنهن آندو اکڙئين آب عمر!

آت مارن سال ۾ ڪهيا هٿ، ۽ راڳن رنگ رچايا هٿ،
ٽيا ساڳ ۾ هيل سوايا هٿ، شل خواب ٿوي هيءُ صاب عمر!

مون سال ڏٺو تہ متارو هو، ۽ واهہ ٽيو وسکارو هو،
آت کير مکڻ تي مارو هو، جا چيز هتي نايناب عمر!

هٿ سرتين هٿا سينگار ڪيا، ۽ ڏٺ مان ٿوئي هار ڪيا،
ڪٽين وارن تي جنسار ڪيا، جن ڪونہ رکو ٽي جواب عمر!

مون سانگياڻين کان گالهہ سڻي، جا تن ۾ ٻڌي ڪا ڪالهہ هڻي،
هي ڪوٽ ۾ ويندہ ياءُ ڏهي، تون هوندين ڪين نواب عمر!

هيءُ نانءُ اٽئي ڪيڏ ٻند منجهان، آءٌ پانيان مارن منجهہ هجان،
'مسڪين' هتي ٻئي مفت منجهان، هي ڪول ٻندي جا ٻاب عمر!

*

نگاهون مرگهه جيئن سهڻيون، وري تن ۾ جا شوخائي،
الله توبهه نه اهڙي کا ڪڏهن آفت ڪنهن ڪڙڪائي!

ڪجل ڪارو، اکيون ارڏيون، نظر ۾ نيش نازن جا،
وڃان ڪاڏي، پڃڻ ڪونهي، بره آهه باهه پڙڪائي.

عجب آهه سُرڪ محبن، جي ٿا مرجان سينهن جيئن برسن،
جهلي جهولي پربان چولي ڏي ڏاهي آهه ڏالائي.

پربنءَ جي پير جي پاڇي پجائي آس پنڌين جي،
الڏي اک عشق آهه ڪولي، ڏنم سڃڻ جي سهڻائي.

متان 'مسڪين' چئو مون کي سندم دولت ته دلبر آهه،
اها سڪ سار ساجن جي اسان جي ياڳ ۾ آئي.

گيت

ڪهڙي وِره ڏيکاءِ الا
او ڪهڙي وِره ڏيکاءِ!
تو بن پيارا هن دنيا ۾ آهن ڪهرا گهاءِ!

بار برهه جي بوج وڏايو، روح سچو هن راز رلايو،
ڪنهن پر ايندين دل جا دلبر سڪ اچي سمجهاءِ!

تار ترڻ جي طاقت ناهي، بحر ۾ ڪير ٿو ٻيڙو ٻائي،
تارُن جا ويا طاق لڳي هي هيڏو سمنڊ اٿاهه!

چنڊ ستارن سان ٿو اوريان، رات اکين تي گهوريو گهوريان،
پرهه ڦٽيءَ سيئن پار پجائي ساجن ڪير سماءِ.

سور ستائن پور پجائن، هول هچارا هينڙو ڪائن،
قرب تنهنجي ۾ قربن وارا پار نه ڪو پڙلاءِ!

غزل

●

تون ۽ آهين بيقرار، ۽ مان ۽ آهيان بيقرار،
تون نہ رو، توکي ڏسي مان پڻ ٿيان ٿو اشکبار.


چا ڪريان ڪو وس نہ آ، حيلو هلي ٿو ڪونہ ڪو،
دربدر ٿون بہ آهين، دک سون مٿي پئي بيشمار.

شاخ تي بلبل ڏٺم، جنهن پڻ چيو روئي مون ڪي،
هنا هتي گل-خار گڏ، گل ويا رهيا هت خارخار.

دادگر آهي ڪٿي، جو بيقراري دور ٿئي،
دل جگر سينو سڙي ٿي پيو سڄو آ داغدار.

دور ڪر هي درد و غم، چڏ هي رئڻ راڙو، اڻي،
اڄ سيان ايندو وري، ساڻو سمو ڪر اعتبار.

ساڻ ڪر 'مسڪين' هي سارو زمانو زهر آهي،
ڪونہ آ ڪنهن جو رهيو اڄ يار، پائر، ڏار ڏار.





آخوند فضل صديق "فضل"

آخوند فضل صديق "فضل" ميارووي ولد آخوند محمد صالح مرحوم صديقي (پڙ ڏوٽو مرحوم آخوند محمد بچل "انور" وفات ۱۲۷۸ھ، ٽالپر خاندان جي آخرين تاجدار اعليٰ حضرت مير محمد نصير خان جو استاد ۽ خاص صلاحڪار)، ۱۰- رجب ۱۳۳۰ھ تي ميارين جي هڪ معزز ۽ برڪ خاندان ۾ جنم ورتو. سندس والد وڇولي درجي جو زميندار ۽ پنهنجي وقت جو حاذق حڪيم هو. فضل ننڍپڻ کان آزاد ۽ البيلي طبيعت جو هو. ماڻڻ جي ڊپ هوندي به تعليم سان دل نه لڳيس. ماڻڻ جي زور مس هوندي به پنجن درجن سنڌيءَ کان وڌيڪ نه پڙهيو. ننڍپڻ کان شعر ڏانهن دل جو لاڙو رهيو، ۽ پين جا شعر وڌي شوق سان هٿ ڪري پڙهندو هو، ۽ شاهه جي رسالي سان ته هٿيهه دليون هيس ۽ سنڌي ڪتاب، وقت جون اخبارون ۽ رسالا سندس روح رهاڻ هٿا. سندس خاندان ۾ ڪيترا برڪ اديب ۽ چوٽيءَ جا شاعر ٿي گذريا آهن، انهن جي ڪتابن ڪي ڏسندي، ڪيس پندرهن سالن جي عمر کان شعر چوڻ جو شوق جاڳيو. ان وقت ۾ ميارن ۾ ڪوبه شاعر ڪونه هو، مگر آخوند صاحب جي صحبت هميشه علم وارن سان رهي، آهوٽي سبب آهي جو ٿوري علم هوندي به ماپو ۽ ڏهن تمام گهٽو اٿس. ان سان گڏ جواني ۾ سندس وندر ورزش ۽ پهلواني هٿي. آسپاس ۾ جهڙس پيو طاقتور ۽ ڪونه هوءَ فضل صاحب شعر به چولدو آيو آهي، ۽ هزار سوا شعر به چيا هوندائين، مگر وٽس گهٽيون ڪافيون، غزل باقي ڪي ٿورا گهٽا بيت، مرثيا، مسدس ڪا ٽيهه اڪري، بهرحال کل ڏيڍ سؤ ڪن شعر به مس موجود آهن، سي به هاڻي ٿوري وقت کان جمع ڪيا اٿس. اڳيان شعر ننڍ تي لکي ڇڻا ڪري ڇڏيندو هو سي اجايا ويا. ۱۹۵۵ع کان پنهنجي ساري خاندان سميت ميارن مان هجرت ڪري هيراباد حيدرآباد ۾ سڪونت اختيار ڪئي اٿس. 'فضل' وڇولي درجي جو زميندار آهي ۽ سادگي پسند، شريف الطبع، نهٽو ۽ خوش مزاج انسان آهي. عبدالله "خواب" مهران

ڪافيون

*

يار جي خاطر اديون روئي ڪذاريم راتڙيون،
پاند ۾ منهنجي ٻيون سڪ سوز جون سوغاتڙيون.

دود دوريءَ کان دکيل، آگم ڪري آڙهنگ آتيا،
ٻوندون آئيون بادل وسيا، سي بس نه ڪن برساتڙيون.

ٻرت واريون جي ٻَسو، منهنجي پنهل جو ٻرتوو،
ڪهرتڙ اوهين ڪهوري ڇڏيو، مون سان مري ٿيو ماتڙيون.

عشق اظهر ٿيو اڳيهين، جلوو ڪيو جانيءَ جڏهين،
هي جڳ جڙيو تنهن لئي تڏهن، ڏاتر ڏنيس سڀ ڏاتڙيون.

دام ۾ دلڙي وئي، ويا ٻرت جا ٻيوند ٻئي،
ڳوهي ڳنڍيون ڏاڍيون ڏئي، سي مون پرينءَ سان ٻاتڙيون.

ورهه ڪان وڌجو وڃون، مرڻو مرهو واريو جيون،
منهنجي هيين سان حال ٿيون، ڪن قرب واريون ڪاتڙيون.

ڳڙ پريون ڳالهيون سندن، هر هر هيين منجهه ٿيون هرن،
اپريو لهيو واريو ورن، سي لطف واريون لاتڙيون.

ڪيچ ڏي ڪاهي وڃان، ڏونگر اديون ڏوري ڏسان،
ڪا دعا ڪريو دلبر لهان، جهرجهنگ ٻائي جهاتڙيون،

اي 'فضل' سي اوريون نه سون دل جون اندر دل ۾ رهيون،
ٻر حال ۾ حاصل ٿيون سڀ لطف واريون لاتڙيون.

*

گل ڦل ٻوٽا ٻاغ ٻهار، تو بنا خس خار لڳن ٿا،
سڄ ڇڇ صديون سال هزار، ڏينهن وڇوڙي جا ٻار لڳن ٿا.

تنهنجي ڦوڙائي يار ڏٺيو ٿر، سينو سڪ کان يار سڙيو ٿر،
ڏڏڙ ڏٺي ٽيا ڦاڪون ڦار، دل ۾ ڏکڙا ڏار لڳن ٿا.

تو ريءَ جان جڏي ٿي جاني، تو ريءَ ڄانيان دنيا فاني،
سڄ چنڊ تارا چمڪيدار، اونده انڌوڪار لڳن ٿا.

سار نہ جن جي ساجن ساريئي، پرت نہ جن سان پيارل پاريئي،
لوڪ ۾ آهن سي لاچار، برهہ سندا بيمار لڳن ٿا.

پيارل جن سان پيار ڪرين ٿو، پيرو جن تان ڪين ڇڏين ٿو،
عشق جا آهن هي اسرار، ٻڌيا نہ جڙ سي پار لڳن ٿا.

دس ڇڏي پرديس وياسون، جهنگ جبل ٻرٻر گهمياسون،
جت ڪٿ تنهنجي تات تنوار، پرين اوهان جا پار لڳن ٿا.

ڪٿي ٻُليءَ تان پيرا پڳيئي، پر نہ ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳيئي،
جيئين سدا تون جيءَ جيار، ٻري رهين تہ نہ پيار لڳن ٿا.

آهين ڇپر ۽ چانو تون منهنجي، سؤ سؤ سوڇون الفت تنهنجي،
ڏولڻ تنهنجي آهيان ڏار، وڃهہ ٻيا ويچار لڳن ٿا.

'فضل' ڪي ڏي تون وصل ورائي، ڇو ٻلا توکي ڪيئن ٻرچائي،
هٿ ٻڌي روئي زاروزار، ٻاجهہ سان ٻيڙا پار لڳن ٿا.

*

روز ازل کان عاشق آهيون،
محبت مقصد لينهن نياهون.

صاف لڳاهون نيڪ صدائون، ڪوڙ دغا کي ڏوڙ ملاهون.
محبت ۾ رهون مست مدامي، صدق جو سودو صاف سجاهون.
ياد نہ ٻي ڪا تات نہ ٻي ڪا، رڳو وڻ ٽيون وصل جون واهون.
خوف خودي ۽ ڪي ترڪ ڏنوسون، جان ۾ جانب جوڙيون جاهون.
سمنڊ هوا ۾ لهرون لائي، سڄ چنڊ تارن منجهہ تنوارهون.
نيٺ ڪٿي محبوب ملي منَ، جهرَ جهنگ ۾ ٿا جهاتيون پاهون.
ڏسندي ڏسندي ڏينهن ٿو گذري، روئندي روئندي رات وهاهون.
دل ۾ دفتر دلبر جوئي، وينو رانجهن ڏي سپ راهون.
'فضل' فنا سپ، رهندي محبت، ڳالهہ سچي ٿا سپ ڪي سڏاهون.

غزل

●

[نعتيہ]

اتر ڪل انبيا ڪان يا محمّد شان ٿيو تنهنجو،
قسر آهي خدا جو خود خدا خواهان ٿيو تنهنجو.

رکيئي ربّ-جهان رتبو سين ڪان سربلنديء تي،
سمايئي پاڻ پرور روبرو رحمان ٿيو تنهنجو.

اطاعت ۾ اوهان جي هر بشر توڙي ملائڪ ٿيا،
خدا جو شان هو روح الامين دربان ٿيو تنهنجو.

چوان توريت ۽ الجيل ۽ زبور ٿيئي سچ،
مگر منسوخ ٿيا قائم جڏهن قرآن ٿيو تنهنجو.

سخاوت ۾ نه ثاني ڪو سندئي اي سيدا ساريان،
خدا ڪان رحمت اللعالمين فرمان ٿيو تنهنجو.

حقايي حوض تنهنجي تان سوين سيراب ٿيا سائين،
برن ۾ ٿيي بهاري وئي وَليون ويران ٿيو تنهنجو.

يتيمن ۽ سقيمن ۽ اسيرن عاجزن اڳيان،
هميشه لاءِ جو حاضر سو دسترخوان ٿيو تنهنجو.

لکين تون لاعلاجن جو معالج مصطفيٰ آهين،
شفيع روز محشر سرحلو ميدان ٿيو تنهنجو.

آجهي آنهنجي ۾ آيا آمتي ايرا يا سيرا سڀ،
ڀڙهيو جنهن قربّ مان ڪلمو آهو مهمان ٿيو تنهنجو.

مداحون مير ميڙ توکي سريون صلوات جا سائين،
اوهان جي آسري عربي 'فضل' فرحان ٿيو تنهنجو.

●

دلبرا تون ٹو چوين تقدير تي ياڙي وهان،
۽ توڪل ڪي ڇڏي تدبير تي ياڙي وهان.

تون ڪٽي مون ڪي لہ ڏس توڪي مگر ڏسندو رهان،
خواهہ مخواهہ تنهنجي نيڪهہ جي تير تي ياڙي وهان.

هٽي ويلي پيغام آڻي هرگهڙيء واري هوا،
ڇو نقط ٽڏڙيء صبح جي هير تي ياڙي وهان.

جي اکر اچنر لٹا تہ ہہ ڇو وڃايان وس وڃا،
ڇ نہ منجهہ آهي تہ ڇو تحرير تي ياڙي وهان.

چاڪ تنهنجي چاهہ جا سي چاهہ سائٹي چيٹبا،
ہيو ڪٹي جو مرهم اکسير تي ياڙي وهان.

تنهنجي لاثالي جڏهن لچٹن لٹي ماريو ہو ڇو،
تنهنجي سيرت ڪي ڇڏي تصوير تي ياڙي وهان.

تون هٹي هاجهون ڪرين توڪي لہ هاڏايان تہ ہيو،
وس اوهان جي، ڇو وڙهي يا هير تي ياڙي وهان.

ڪول منهن محبوب ٹٹي جڳ جوت سان جاوه نما،
يا نقط اي 'فضل' هڪ تنوير تي ياڙي وهان.

●


سؤ سؤ سلام تو تي اي جذبہ محبّت،
آهين ٻنهي جهانن ۾ دلگهڑي تون دولت.

محبت آ راز حق جو، جنهن ۾ ذرو نہ شڪ جو،
ڪهڙو ضرور هڪ جو، هادي ڏي پر هدايت.

لرزش ڪان ڪي لڙي ويا، ڪي سوز ۾ سڙي ويا،
ڪي راهہ کان ٹڙي ويا، سمجهي نہ جن حقيقت!

ڪن جي وٹي ڪل آتاري، ڪن رڻ رُلي سواري،
ڪن کي لڳي ڪٹاري، شيرن گهري شهادت.

سچ ۾ رُلي سسئي هئي، سهڻي وري ٻڌي مئي،
مومل تي ڪاڪ ۾ ڪئي، ڏس عشق هئي عنايت.
ڪي منجهو در مجازي، ڪن حب رهي حجازي،
ڪن حق جي ڪنئي ترازي، ڪن مال لئه ڪئي محنت.
وحدت سان ڪو ٿيو واصل، ڪو علم سان ٿيو عامل،
ري قرب ناهه ڪامل، رندن کان ٻچ روايت.
محبت ۾ شهه ڪدا ٿئي، شير جگر فنا ٿئي،
خالص خودي صفا ٿئي، دل ۾ اچي ديانت.
محبت ڪري ٿي ميلو، اي 'فضل' ٿي ڇهيلو،
وچ ۾ نه آڻ ويلو، اهڙي نه ڇڏ امالت.





"افضل" مصرپوري

محترم 'افضل' پنهنجي خود نوشت سوانح ۾ لکيو آهي:

"نالو محمد رمضان، تخلص "افضل". ۵- اومبر ۱۹۳۲ع تي ڳوٺ مصرپور ۾ اک ڪوليءَ، جنهن کي عرف عام ۾ 'مصري چانڊيو' چيو وڃي ٿو. منهنجا وڏا اصل ڳوٺ 'ماڏه' جي گرد و نواح جا ويڙل هٿا. مان چانڊيي قوم جي ميراثي پاڙي سان تعلق رکان ٿو. منهنجو والد ماجد، مرحوم فتح محمد خان، پنهنجي خطي جو ميڙيل سگهڙ هو؛ منهنجي ٻڪ ۾ جو ڪجهه آهي، سو سندن ئي صحبت جو نتيجو آهي. آزاد ۽ بيباڪ طبع منهنجو خانداني ورثو آهي.

ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول پورڙي ۾ حاصل ڪيم. ۱۹۴۸ع ۾ تعليم ڪاتي ۾ سنڌي ماسٽر ٿيس. سون کي ياد آهي ته ٻارهن سالن جي عمر ۾ شاعر هوس. بيت، ڏوڙا، ڏڻون ۽ ڪجهارتون ٻڌندو ۽ چوندو هوس. 'سانوڻ فقير' جا بيت ننڍي لاکون وٺندا هيم ۽ اڃا تائين به وٺندا اٿم. ۱۹۵۲ع ۾ تاج الفقراء الحاج گل محمد فقير رحه جي خدمت ۾ رهڻ کان پوءِ باقاعده مطالعو شروع ڪيم، جو تاحال جاري آهي. پارسيءَ جي تعليم تعلقي خيرپور ناٿنشاهه جي هڪ ڪنهار مگر جيد عالم مولانا احمد علي جوکيه (ٽوڙهي) وٽ ورتم.

ادبي خدمت ڏهن سالن کان مسلسل کندو پيو اچان. ڪجهه وقت 'بزم فدا' پورڙي جو جنرل سيڪريٽري هوس. هينئر 'بزم طالب' خيرپور ناٿنشاهه جو صدر آهيان. منهنجو شعر و شاعريءَ ۾ استاد حافظ محمد 'احسن' چنا صاحب آهي. جناب 'محسن' ڪڪڙائي کان به ڪجهه وقت اصلاح ورتي اٿم. منهنجي ڪلام جو مجموعو نالو 'ديوان افضل زير ترتيب آهي."

مهراڻ

غزل

●

عمر پر انتظار کير ڪري؟
تنهنجي غم سان پيار کير ڪري؟

هن زماني ۾ 'ليس' و 'وامق' جيان،
جان پنهنجي نثار کير ڪري؟

ڪنجي جيئن تيئن ويو ڏکن جو ڏينهن،
رات جو اختصار کير ڪري؟

تلخ و شيرين بہ وقت تي سهبو،
هر گهڙيءَ انڪسار کير ڪري؟

سر جو پٿر جواب آ، ليکن،
آدميت کي خوار کير ڪري؟

دل ٻلي وڃجي پيار کان 'افضل'
ايڏو جبر اختيار کير ڪري؟

●

مهربان اڄ نصيب ٿو ڏسجي،
يار منهنجي قريب ٿو ڏسجي.

ساري دنيا جي حسن وارن کان،
سرس منهنجو حبيب ٿو ڏسجي.

جيڪو آغوشِ پيار ۾ آهي،
سو وڏو خوش لصيب ٿو ڏسجي.

موسمِ گل اچي وئي شايد،
نغمہ خوان عندليب ٿو ڏسجي.

سوئي 'افضل' اچي ته ٿو محبوب،
ڀر، شريڪِ رقيب ٿو ڏسجي.





مولوي عبدالحميد منگريو

مولوي عبدالحميد منگريو ولد عبدالغفور، ٹر جي تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ سانڊور ۾ تولد ٿيو. ڄمڻ جي صحيح تاريخ معلوم نه آهي، هن وقت ٣٣-٣٤ سال ڪن عمر اٿس. نديءَ ۾ حافظ محمد منگريو وٽ قرآن شريف ۽ ابوالحسن سنڌي تائين ٽر ۾ ئي پڙهيو. گلستان، بوستان، زليخا ۽ سڪندرنامه تائين تعليم، ڪُنري ۾ مولوي حاجي دوست محمد ميمڻ وٽ حاصل ڪيائين، ۽ صرف و نحو سکيو. ان بعد سال ڏيڍ مختلف مدرسن ۾ پڙهيو—مدرسه آميناڻي ضلعو دادو، مدرسه ولهيٽ تعلقو عمرڪوٽ، مدرسه دڙيلو، ۽ مدرسه ڪلواري لزد جيمس آباد. آخر ۾ مدرسه جامعه مجدديه ڪُنري ۾ تعليم مڪمل ڪري، مدّرس مقرر ٿيو. ان بعد انگريزي اسڪولن ۾ عربي ماستري ڪندو اچي ٿو. هن وقت سيڪنڊري اسڪول چيلهار، ضلعي ٽنڍوالهيار ۾ عربي ٽيچر آهي. مدرسن ۾ تعليم ڪان علاوه، مولوي صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ مان مولوي ۽ مولوي عالم جا امتحان به امتيازي حيثيت سان پاس ڪيا آهن.

نديءَ ۾ فارسي ڪتاب سُر سان پڙهڻ سان شعر و شاعريءَ جو شوق پيدا ٿيس. باقاعده استاد کوڻ ورتو اٿس. ڪڏهن ڪڏهن طبع جو رجحان ٿيندو آهي ته ڪافيون ۽ غزل لکندو آهي. —محمد سومار، چيلهار.

غزل

●

آڻي، پرواز ڪر اي دل، هتي ناهي مڪان تنهنجو!
آڏر، هل آسمانن ڏي، جتي آهي جهان تنهنجو!

اجهو آ عارضي دنيا، وطن تنهنجو همو آهي،
سچو آرامگاه آهي، مڪان ڪٿ، لامڪان تنهنجو!

ڏکيا ڇو ڏينهن گهارين ٿو، جهان ۾ دار البلا ۾ تون،
ڇڏي فاني، فنا کي ڏي، نہ آ هيءِ آستان تنهنجو!
دنيا جا ڇهڇتا چشما، چري هي اڏ گهڙي آهن،
مري آخر فنا ٿيندين، نہ هوندو هت نشان تنهنجو!
غلاظت ڇڏ، خساست ڇڏ، آئي هل عرش اعظم ڏي،
جتي آ منتظر مسکن، جهانِ جاودان تنهنجو!
سکي وٺ شوق مان شائق، الٰهي عشق جي تعليم،
هميشہ ٻوڙ ٻيو هلندو، جهان ۾ داستان تنهنجو!
مٽي ميخاڪ جو 'منگريا' مسڪين ماڻي وٺ،
مرڻ کان پو پيو پڙهبو محبّت سان بيان تنهنجو!

●

عشق چاهي، نانگ آهي، عشق وارن کان بچو!
هجر چاهي، زهر آهي، هجر وارن کان بچو!
دائما دلبر جي لٽ ٿي دل روئي دانهون ڪري،
بيقراري جو بيان هي، برہ وارن کان بچو.
حال کان بيحال آهيان، بيکس و مجبور ٿي،
منهنجو حالِ زار آهي، حال وارن کان بچو.
مهر سان محبوب 'منگريا' شل ملي مختار يار،
سال سورن ۾ لنگهيا، سڄ چند تارن کان بچو!



"هڪ وڏو شاعر عظيم ۽ سڏجي ٿو ۽ پيغامبر ۽ ڪري مڃجي ٿو، چو ته سندس پيغام، سندس روح، سندس واردات ۽ سندس ڪيفيات مان جنم وٺي باهر اچي ٿو. ظاهر ۾ ته اهو عوام سان ٿي رهي ٿو، پر باطن ۾ هو عوام کان گهڻو مٿي ٿو وڃي ۽ رسي. عوام نه سندس زبان کي ٿا سمجهي سگهن، ۽ نه سندس انداز بيان مان لطف اندوز ٿي ٿا سگهن، ۽ نڪو سندس پيغام کي پروڙي ٿا سگهن.

"اسان وٽ 'رومي'، 'عطار'، 'غالب' ۽ 'اقبال' جا مثال موجود آهن. اسان وٽ 'لطيف' ۽ 'سچل' جا مثال موجود آهن، جي پنهنجي دؤر جي ذهن ۽ فڪر کان گهڻو مٿي هئا، تنهنڪري سندن ڪلام ۽ پيغام جي افاديت ۽ اهميت کان عام ماڻهو ايترو مستفيد ٿي نه سگهيا، جيترو ٿين گهربو هو.

"اڄ ماحول ۾ بدلجي ويو آهي، علم ۽ فن جي روشني آئي آهي: تڏهن ۾ انهن عظيم شاعرن جو فن ۽ فڪر زندگيءَ ۽ روشنيءَ جي دنيا ۾ چمڪي رهيو آهي. انسان اڄ چند ۽ تارن تي ڪمند وجهي رهيو آهي، ان هوندي ۾ عظيم شاعرن جي اخلاقي پيغام جي عظمت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. اهو آهي زنده پيغام جي دائمي حيات ۽ افاديت جو زنده مثال."

٣



مخدوم زاده محمد امين "فهيم" صديقي

مخدوم زاده محمد امين سائين، حضرت مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولىٰ"، سجاده نشين حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحه جو وڏو فرزند آهي. پيار وچان، حضرت پنهنجي ڏاڏي جي نسبت سان، "ڏاڏا سائين" سڏجي ٿو.

ولادت: ولادت باسعادت ٦-آگسٽ ١٩٣٩ع هالا ۾ ٿي. سندس ولادت تي ڪيترن شاعرن تاريخون لکيون. مرحوم سيندي خان 'صيد' جي چيل قطعه تاريخ جو هڪ شعر هن طرح آهي:

گل خوشرنگ نمودار شد بہ گلشن لوح،
هزار بار مبارک ز 'صيد' شام و صبوح.

تعليم: اوائلي تعليم خانگي طرح ٿي. اول قرآن حڪيم پڙهي، سنڌي چار درجا پاس ڪيائين. ان کان پوء، مخدوم غلام حيدر هاء سکول ۾ ميٽرڪ پاس ڪري، وڌيڪ تعليم لاء هالن ۾ ٿي سروريہ اسلاميہ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين، جتي بي. اي پاس ڪيائين. هينئر وڪالت جي ٻئي سال ۾ تعليم وٺي رهيو آهي.

شاعري: سندس شعر و شاعري ١٩٥٣ع ۾ شروع ٿي. ان فن ۾ حضرت مخدوم محمد زمان سائين 'طالب المولىٰ' جن کي استاد ورتائين. اڄ تائين سندس ڪلام جي اصلاح پاڻ ڪندا اچن ٿا.

تخلص: اول "امين" تخلص اختيار ڪيائين، پ ان کان پوء حضرت 'طالب المولىٰ' کان ڪيس "فهيم" تخلص عنايت ٿيو، جو اڄ تائين استعمال ڪندو رهي ٿو.

مشاغل: موسيقي پ شڪار سان سندس دلچسپي آهي. مرڪزي "بزم طالب المولىٰ" سنڌ جو پريزيڊنٽ آهي. تعليمي خدمات جي سلسلي ۾ سروريہ اسلاميہ ڪاليج پ

سروريہ اورنٽيئل ڪاليج هالا جو وائيس پريزيڊنٽ آهي. هن وقت ٽائون ڪميٽي هالا جو چيرمن ۽ ڊويزنل ڪائونسل حيدرآباد جو ميمبر آهي.

فن: امين سائينءَ جي فن ۾ ذوق جماليات جي پرهور ترجماني آهي. ڪلام ۾ سوز و گداز، محبت ۽ رقت جا اهي سڀ معيار موجود آهن، جي هڪ پرکو، پختہ ۽ قادرالڪلام شاعر ۾ ٿين ٿا. سندس تغزل، فني خيال ڪان رمزيت، معنويت، اشاريت ۽ ايمائيت تي مشتمل آهي، ۽ سندس پيرايہ بيان دلڪش ۽ رنگين آهي. ڪافيون دردانگيز ۽ رقت‌خيز آهن. قومي شاعريءَ ۾ سڀ بهترين ڪلام چيو اٿس. سندن ڪلام مشهور ڳائڻا ڳائن ٿا، ۽ ريڊيو پاڪستان تان ۽ نشر ٿئي ٿو. امين سائينءَ جي فن جي تنقيدي جائزي ڪان هوءَ معلوم ٿئي ٿو تہ هڪ روشن ضمير انسان جڏهن پنهنجي جذبات ۽ احساسات کي بيان ڪرڻ تي اچي ٿو، تڏهن ان ۾ ڪيڏي نہ اصليت ۽ روح آفرين ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي؛ جا تڪلف ۽ تصنع سان پيدا ڪرڻ مشڪل ۽ ناممڪن آهي. شاعري جذبات جي فراوانيءَ مان پيدا ٿئي ٿي، ۽ جذبات جي حدت ۽ حرارت لاءِ لازم آهي تہ دل جي ساز جون تارون تپن ۽ وڄڻ شروع ڪن. اهڙي ڪلام ۾ سوز ۽ ساز، حرارت ۽ گداز جو پيدا ٿيڻ لازمي امر آهي.

"فهيم" سائينءَ جو سارو ڪلام هڪ شڪسته ساز جو آواز آهي. ان ۾ نيازمندانہ جذبات موجود آهن.

"فهيم" سائينءَ جي هولي پختي، رسيلي، سريلي، ميٺي ۽ من موهڻي آهي؛ جا شاعريءَ جي لباس ۾ اچي وڌيڪ رنگين ۽ دلڪش بنجي ٿي آهي.

هن عمر ۾ سندس 'فن' جا ترقي ڪئي آهي، ان کي ڏسي بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اڳتي هلي سندس ڪلام جو مقام ۽ معيار، ڪهڙ مشق ۽ عمر رسيده استادن جي مقام تي پهچندو، اها اميد آهي.

سندس مجموعه ڪلام اڃا شايع نہ ٿيو آهي. ـــ ادارو

* * *

بيت

(۱)

صبا! چئج سڄڻ کي، ساري سڻ سلام،
دل جي دلبر يار کي، پهچائج پيغام،
تہ ڪارا ڪائيندي لڳن، توريءَ سڀ طعام،
صبح سيکندي ٿيو وڃي، ساريندي ٿئي شام،
آهيان آءٌ "امين" چئي، سڄڻ اوهان جي سام،
نرمل نانءُ الله جي، ڪريو ڪي ڪلام،
محبت واري مار، ساليدي رکيم ساھ سان!

[۲-۲-۱۹۶۰ع نارو]

(٢)

صبا! چئج سڄڻ کي، سنيها ساري،
پيارا کو پرديس ۾، تو لئه تنواري،
پرين تنهنجي پور ۾، پاپل پکاري،
نرمل تنهنجي نانءُ کي، عاشق آچاري،
تنهنجي تات اندر ۾، پارڻ ٿي پاري،
سدا ساهه 'فهيم' جو، ساريو ٿو ساري،
نرمل نانءُ الله جي، نوازي ناري،
واڳڙيون واري، اچو مون مهجور ڏي.

[٢-٢-١٩٦٠ع]

(٣)

صبا! چئج سڄڻ کي، تنهنجي لڳي تار،
لالڻ ڏينهن لڙيو وڃي، پچائيندي پار،
واجهائي وائن تي، نيٺ وهائن نار،
جيءَ ۾ آهي 'امين' جي، پرين تنهنجي پچار،
وساري نه ويهه تون، ساجن لهه ڪا سار،
سڄڻ سونهين کونه ٿو، ڏڻ ڏناران ڏار،
قرب ڪري کو يار، واڳون وار وصال جون.

[٢-٢-١٩٦٠ع نارو]

نظم

نئون سال

نوان ڏينهن راتيون، ليون روشنايون، نوان شعر ڪافيون، نوان بيت، وايون،
نوان باغ ٻنگلا هي بستيون ۽ جايون، نئين سال ۾ سڀ ليون ٻنجي آيون:
پرين! هئو پراڻيون ڇڏي ڏي جدايون،
نئين سال ۾ اڄ لئون نينهن لايون!

نوان گل چمن ۾، نئون رنگ و بئو آ، صنوبر، سمن، موتيو سرخرو آ،
نئين سال جي اڄ خوشي سئوسو آ، مگر مون کي تنهنجي ايان آرزو آ:
وري ٻاڻ ڪڍجي خوشي ڪا سلهايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

خوشيءَ سان وڻن سبز پوشاڪ پاتي، گلن ساڻ بلبل ملائي ٿي چاتي،
سان پايان ٿو تولاءِ جهاتيءَ تي جهاتي، نه معلوم تو آهي ڇو ديرِ لاتي:
سگهو آ ته بلبل ۽ گل کي سيکايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

امين ڪشورِ دل جا سلطان آهيون، نه ٻي مال و دولت جا خواهان آهيون،
جيون ٿا جهان وارا، لادان آهيون، محبّت ڪريون ٿا جو السان آهيون:
غريبي-اميري جا ويچا وجايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

هجون ٻاڻ گذ زندگيءَ جي سفر ۾، فضا ۾، بيابان ۾، ۽ بحر و بر ۾،
اکر آهيون بيڪار ڪنهن جي نظر ۾، ٿي ڪونہ ڪو عيب ٿو هر بشر ۾:
سين ۾ ٿيڻ ٿيون هرايون پلايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

وڻي مون کان اڄ اوچتو آه نڪري، مان پايان ٿو توکي ويو آهيان وسري،
گهڙي ڏار توکان گذارڻ نہ سڪڙي، سڄڻ هي ٻہ سڪندي ئي ويو سال گذري:
حياتيءَ جون گهڙيون وڃن ٿيون اجايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

نهاريو مون شام و سحر تون نہ آئين، قمر آيو، رشڪِ قمر تون نہ آئين،
اڃان تائين مون کي نظر تون نہ آئين، ٻيا سڀ اچي ويا، مگر تون نہ آئين:
مٿا آءُ موڻي ڪري لک پلايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

ستارن ۽ شمس و قمر کان لکي آ، فلڪ کان ۽ شام و سحر کان لکي آ،
لکي آءُ جن" و بشر کان لکي آ، سڄڻ تون سين جي نظر کان لکي آ:
نہ ڪنهن کي ٻڌايون نہ ڪنهن کي سڏايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

نئين آڻي موسم، نوان ٿيا نظارا، نئون چنڊ نڪتو، نوان ڏٺي اشارا،
جدائيءَ ۾ مون تان ڪلن ٿا ستارا، خدارا وري آءُ پرديس وارا:
ڪري درگذر اڄ ڪَڇايون ڦِڪايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

ٻلا ڇو سڄڻ ويڻين وعدا وساري، هي عاشق اڃان ويٺو راهون نهاري،
'نهيم' آهي تنهنجي ئي سهڻل سهاري، پرين جيڪڏهن تون اچين قول هاري:
ته لوڪان لکي ٻاڻ محفل مڃايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

[۵-۱-۵۵ع ٽاٽو بولاخان]

غزل

●

ڪهڙو دلبر لکئين ليکن، ڏٺ وارن ڏسي ورتو،
رخِ انور اي سهڻا ليٺ سون پارن ڏسي ورتو.
لکي شبنم کان، بلبل کان ۽ پنئورن جي نگاهن کان،
سينگهيم خوشبوُ گلِ تر جي، مگر خارن ڏسي ورتو.

سڄي دليا جا واعظ محتسب سڪندا رهيا هردم،
۽ ساقيءَ جي رخِ تابان کي ميخوارن ڏسي ورتو.

خدا جو لطف ٿيو هيءَ خوش نصيبي تن جي سمجهي وئي،
شفيع المذنبين کي اڄ گنهگارن ڏسي ورتو.

نمازِ عشق ۾ هڪڙي جي بدران سَوَ ڪيم سجدا،
برهمنِ کولَ تاڙيو، سون کي پروارن ڏسي ورتو.

وڃي ٻيو قيس ليلىٰ ڏي، مگر ڏاڍو ڏکيو رستو،
جي ويندي وات تي ان کي ڪٽي هارن ڏسي ورتو.

شبِ فرقت گذاري ڪيئن ٻلا هن عاشقِ مضطر،
نه ڪنهن سمجهيو، نه ڪنهن سوچيو، مگر تارن ڏسي ورتو.

وڻا ٻي ملڪ مان وئي ٻر، جهلي دامن وئي آيس،
جو ان کي وات ويندي ئي وفادارن ڏسي ورتو.

ٻي گذري ٻر ڏکي گذري، اچي همراهه ٿيا هڪدم،
بحمدالله جو هيٺو حال منٺارن ڏسي ورتو.

'فهيم' آهي نه کا پروا، هزارين بخششون ٿيندبون،
ڏهِ قسمت درِ دلبر خطادارن ڏسي ورتو.

[۱۲-۱-۵۹ع هالا نوان]

●

محبوب گهٽئي ڏاو درد والو، ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.
ڪيئن گذريو زمانهِ رنج وغم، ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

هيءَ ڪانهي خبر اڄ تائين گهٽا سون ڇوڙها گهلن تان ڪاڙها هين،
ڪنهن وقت ڪان آهن اکيون نمَ، ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

اڳ سارو فسانو ياد هئو، دک، درد، ستم جو هن دل کي،
ٻر هاڻ ته بعد از وصلِ صنم، ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

هر روز قسم شڪني ٿي ٽٽي، ۽ روز ٿي ميءَ ڪان توبه ڪجي،
گهٽا ٻيرا پڇو سون ٻڌجو قسم، ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

هڪ سدّت کان دل ساندي هئي، اڄ نيٺ وصال جو واءُ ورهو،
ڪيو جرح فراق جو ڪجهه مرهم، ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

اي راهزلو! ڇڏيو منهنجي ۽ڇر، مان خود ٿي پريشان حال اهيان،
جو راهِ وصال جو پيچ و خم، ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

اڄ نيٺ ويس گلشن ۾ هليو ڪنهن جذبهِ دل کان ٻيخود ٿي،
چو مون کي ڏسي ٿي رنو شبنم، ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

اي 'فهيم' تون مون کي ٻڌاءِ ڪٿي ته حقيقت کيئن آغاز ۾ هئي،
مون ڪنيو يا نٿي ڪنيو پنهنجو قدم، ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

[٢٩-٥-٥٨ع هالا]

●

ٻيوفا سان وفا ڪري ڏسبي،
هيءَ خطا بارها ڪري ڏسبي.

تنهنجي هردم ثنا ڪندو رهيس، هاڻ پنهنجي ثنا ڪري ڏسبي.
پنهنجي ماهِ لقا کان دور ٿي، زيست درد آشنا ڪري ڏسبي.
سنگدل آب آب ٿئي هڪدم، آه اهڙي ٻه ڪا ڪري ڏسبي.
سيم تن، سروقد صنم ايندو، جان جنهن تان فدا ڪري ڏسبي.
هر شجر ۾، صبا ۾ ۽ گل ۾، جستجو جابجا ڪري ڏسبي.
هُن جو لطف و ڪرم وري ٻ ٿئي، گويا ٻيهر خطا ڪري ڏسبي.
جي حياتي وفا ڪئي ته 'فهيم'، عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي.

[٢٤-٣-٥٨ع هالا]

●

محبوب بنا هي روشن راتيون، چند ۽ تارا کين ڪپن،
جي پيار ڏئي پوءِ ڏار ڪندا، سي سهٽا سهارا کين ڪپن.

وڃ تون ٻه ته ڪس پنهنجي سان تمر، مون ساڻ ٻلا تنهنجو چاهي؟
تنهنجي ته ضرورت ڪانهي ڪا، هي تنهنجا نظارا کين ڪپن.

مان پنهنجي ٻڙي ٻوروٽ آهيان، ڇو ڇيڙين ٿي تون ٻادِ صبا!
ڇو ساه سڌارڻ ٿي چاهين، تنهنجا ته سڌارا کين ڪپن.

پل طوفان ۽ تيڪ تار ۾ اڄ مون کي ٻه هلي ڇڏ، هاڻ ستو،
هي ظلم، ستم ۽ سورن سان پرٻور ڪنارا کين ڪپن.

ٻو چاهي ٻلا جي مان ٻه هليس، تون شاد هجين آباد هجين،
شل روح کي هردم ياد هجين، ٻيو قبر و مزارا کين ڪپن.

ڏس رنگ دنيا جا ڪيئن بدليا، الله جو نالو ياد نہ آھي،
ھن فاني دنيا جا ھي مون کي رنگين نظارا ڪين ڪپن.

اج تون ئي 'امين' اچ منھنجي اکڙ، ڪر روشن روح اچي رھبر،
پَرَ تون ئي ڏتاريندين دلڙي ٻيا دل جا دلارا ڪين ڪپن.
[١٧-٥-١٩٥٦ع ھالا]

●

گلن سان گڏ رھڻ جي لاءِ مون کي خار ٽيڻو ٻيو،
تڏھن ئي جو ٽيس جڏھن ٻين تي ٻار ٽيڻو ٻيو.

زمالي جي فضا موجب بدلجي، ھرگھڙي مون کي،
وڏن اڳيان وڏو، ٻارن جي اڳيان ٻار ٽيڻو ٻيو.

مون کي پَرَ مار جي خدمت ۾ ڇڇڻ لاءِ ھڪ واري،
ٻرائي جار ۾ قاسي، ٻرايو مار ٽيڻو ٻيو.

اھائي خوش ادا ساقيءَ جي برڪت جي نشاني آ،
جو ھيرِ ڪي نيٺ مولانا کي ٿي ميخوار ٽيڻو ٻيو.

فلڪ کي رشڪ ٽيو اھڙو زمين جي باريابيءَ تي،
جو آخرڪار ان کي خاڪِ پائي يار ٽيڻو ٻيو.

ھوا اھڙي تہ گلشن کي لڳي ناسازگار آھي،
جو خوشبوُ کي ٻ گلڙن کان جدا لاچار ٽيڻو ٻيو.

'فھيم' آخر نہ ڪجھ وريو وڏائيءَ ۾ اميريءَ مان،
ڇڏي شاھي، گدائي کوڇ دلدار ٽيڻو ٻيو.
[٢٢-١٢-١٩٥٦ع-ھالا]

●

لظر فريب نظارن وڏو فريب ڏنو،
خزان رسيده بھارن وڏو فريب ڏنو.

رھيا نہ مون سان جدائي ۾ ھمدم و غمخوار،
سحر ٽي ويئي، ستارن وڏو فريب ڏنو.

وري تہ آسري دنيا جي ڪين لڳندس مان،
سدائين ھن جي سھارن وڏو فريب ڏنو.

مون بيقرار کي خالي ڏنائون دلداري،
وري بہ پنهنجي ٿي پارن وڏو فريب ڏنو.

غمن ۾ کلندو رهيس، ۽ خوشين رٽاڙي ڇڏيو،
هميشه آهي پهارن وڏو فريب ڏنو.

سکن جو سات ڇڏڻ لازمي نظر آيو،
قدم قدم تي قرارن وڏو فريب ڏنو.

پرائي پنهنجي کي سمجهڻ جو وقت ئي نہ مليو،
نظر جي شوخ اشارن وڏو فريب ڏنو.

حياتي ساري ٻٽن جي ٿي پيار ۾ گذري،
'فهيم' نقش و نگارن وڏو فريب ڏنو.

[۱-۶-۵۹]

●

پيار ۽ تنهنجو پيار چا چئجي!
مست نظرن جو وار چا چئجي!

تنهنجو وعدو ۽ وعدو مون سان کيل، پو بہ هي اعتبار، چا چئجي!
توکي غيرن جي روبرو جاني! دوست، محبوب، يار، چا چئجي!
دل جي ويراني ۾ بہ تون آهين، توکي جانِ بهار، چا چئجي!
بيوفائي وفا جي بدلي ۾، شرم، کاوڙ، يا آر، چا چئجي!
بيوفا کي حسين لفظن ۾، اي دلِ داغدار، چا چئجي!
تنهنجي هوندي بہ دل جي تڙپڻ کي، بيقراري، قرار، چا چئجي!
منهنجون راهون پيو هو ڏسي اڇلهه، حسن ۽ انتظار، چا چئجي!
جن کان سالوڻ جا مينهن شرمايا، سي اکيون اشکبار، چا چئجي!
فکر ۽ فکر پاڻهي پنهنجو 'فهيم'، پاڻ کي بار بار، چا چئجي!

[۲۳-۶-۱۹۶۱ع- هالا]

●

تعلق آهي اهڙوئي نظر جو ناز وارن سان،
ٿئي ٿو ربط جهڙي طرح لهرن جو کنارن سان.

ڪڏهن هيٺ کولہ ٽيو آهي جو گل دامن ۾ اٽکي پئي،
مگر اٽکيو پوي دامن، گلن هوندي بہ خارن سان.

شبِ فرقت ۾ هي رڙندا رهيا، هو تڙپندا رهيا،
ڪٿي رشکِ قمر ڪهڙي نہ تارن ۽ ستارن سان.

نہ گل ۾ بُو نہ رنگيني، جي هو ناهي تہ ڪجھ ناهي،
طبيعت ڪيئن لڳي آخر، بهارن سان نظارن سان.

عجب جھڑا ٿين ٿا رشتہ تقدير دنيا ۾،
تعلّق ٿئي خزان سان ٿو، محبّت ٿئي بهارن سان.

گذاري رات ساري ميڪشن بيگانگي ۾ ٿي،
نہ ساقي آيو محفل ۾، نہ اپريو چنڊ تارن سان.

گلِ خوشرنگ آخر ڪنھنجي فطرت تي ٿي خوش ٿيندو،
اهو سوچي، مان ڪنھنجو گھر سجّايان ويٺو خارن سان.

ڪنڊن جي قرب تان صدقي! خزان ۾ ٻڌ جھليئون دامن،
اهي ٿي وقتِ مشڪل ٿا نيائن درد وارن سان.

'فهيم' آهي محبّت جو اثر ميدانِ الفت ۾،
زمين جي خاڪ هوندي، گڏ رهون ٿا ماهارن سان.

[٢١-٢-٦٠ع ٽارو]





شاهنواز شاهه «عارف المولا»

سيد شاهنواز شاهه، تخلص "عارف المولا"، ولد سيد ڏنل شاهه جيلاني، سنڌ جي ڪهنه مشق شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. آڪٽوبر ۱۹۲۲ع تي، ڳوٺ پير سجان علي شاهه، تعلقي شهداد پور ۾ ڄائو. سنڌ جي مشهور ڪلاسيڪي شاعر سيد حسن بخش جيلانيءَ جو پوٽو آهي. سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي هوليون ڄاڻي ٿو. مشهور صوفي محمد فقير ڪٽياڻ جي عارفانه صحبتن کيس رنگي ريٽو ڪري ڇڏيو، ۽ فقير صاحب جي طرفان ملهل 'عارف' تخلص اختيار ڪري شاعري شروع ڪيائين. جناب مخدوم محمد زمان 'طالب المولا' سندس ڪلام جي اصلاح ڪئي آهي. سندس ڪلام ۾ رنگيني ۽ شيريني، لطافت ۽ سوز آهي. بهترين ڪافيون چيون اٿس. ڀاڻ موسيقيءَ تي ناقدانه نگاهه رکي ٿو، ۽ سٿو ڪائيندڙ به آهي. بيت، وايون، ڪافيون، گهٽ لوڪ گيت، مثنوي، قصيدا ۽ غزل چيا اٿس. سندس گيتن ۾ عجيب سوز ۽ مستي آهي. سنڌ جي سڀني مشهور رسالن ۾ سندس ڪلام ڇپيل آهي. "ڪلام حسن بخش" ڀاڻ سهيڙي ترتيب ڏنائين، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو. هن وقت ڊهڙي، نزد شهداد پور ۾ رهي ٿو.

"عارف المولا" پنهنجي فني نقطه نگاهه کان سنڌي شاعريءَ ۾ انفرادي مقام حاصل ڪري چڪو آهي. سندس بيت ۽ ڪافيون نهايت سريلين ۽ رسيلين آهن. ڪافين ۾ تجنيس حرفيءَ جا رنگيني پيدا ڪئي آهي، اها 'عارف المولا' جي زباندانيءَ جو ثبوت آهي. سُهڻا ۽ منڻا لفظ سندس فن ۾ ائين ٽانڪجن، جئن مُنڊيءَ تي ٽيڪا! بيت ۽ ڪافيءَ کي موجوده دور ۾ جن فنڪارن اوجر ڏنو آهي، تن ۾ 'عارف المولا' به شمار ڪيو وڃي ٿو. 'عارف المولا' جي فن، سنڌي ڪلاسيڪي فن ۽ هيئت کي زنده رکندي جي روح پرور ۽ دلاويز تجربا ڪيا آهن، اهي تحسين جي لائق آهن. افسوس اهو آهي ته هوڙي باڪمال شاعر جو ڪو به مجموعه ڪلام اڄ تائين شايع ٿي نه سگهيو آهي.

'عارف المولا' طبع جو رنگين، يارن جو يار، ميڙن ۽ مجلسن جو سور، اديبن ۽ شاعرن جو پرخلوص دوست آهي. هن تحط الرجال ۾ اهڙن سڀاجهڙن ۽ پرخلوص شاعرن جو ذڪر غنيمت آهي. ـــ ادارو.

بيت

[لوڪ سينگار]

چيلا ڪنيو چوڪريءَ، وڏا ٽي واڙي،
ڪارا نانگ ڪاهن تان، لڏا لتاڙي،
چُڳند چوڙي چڏيون، ڳُٽون ڳٽاڙي،
سيني سينڊل چڏيو، لوئيءَ کي لاڙي،
بونڊن بهاريون ڪيون، مکڙو مناڙي،
چولو چست چنبيل کي، وريو ولاڙي،
گونٽا ڪلبدن جا، بينا آرهه آپاڙي،
اعليٰ عين عجيب جا، چوڏس چمڪاڙي،
ٻينيءَ برابر اچي، ڪنٽر ڪُڇاڙي،
چيلهه چيلهه تي چاندني، چيٽا چيهاڙي،
چيهي چَرن چوڙيل جا، راسين رتاڙي،
وڃون وڻ آئيون، پدمڻيءَ پاڙي،
پسي هلڻ حبيب جو، هائي هرڪياڙي،
شاهن شوڪارا هنيا، ڪن گهايل گهوڙا ڙي!
دليون لک ڏاڙي، 'عارف' عجيبن هنيون!

[لوڪ بيت سر مارئي]

ماڙيءَ چڙهيو مارئي، ڪري هُل هنبَس،
پچي پانڊيڙن ڪان، ڏوٽيڙن جا ڏس،
اديون اڀاڻ ڏي، ڪڪرن ڪئي ڪَسَ،
جهڙَن جهالگيڙن تي، وَسي ڪيا وَس،
ساري سانگيڙَن جا، گولاڙا ۽ گَس،
ساري سانگيڙن کي، نيرَ وهائي نَس،
ساري سانگيڙن کي، ڪوهيڙا ۽ ڪَسَ،

ساري سانگيڙن کي، جا رهائيون ۽ رَس،
ساري سانگيڙن کي، ترايون ۽ تَس،
پيٽون پاڻا لَٽار لاڻا، ساري ٿي سرَس،
هيٽيو هاراڻا ڏيو، ٿي وار چني وينگس،
ويچاريءَ وگر لڻ، وڏا ڪيا وَس،
آچليو وجهي آگ ۾، هيڙا چوڙا هَس،
دل تي درماندي‌ءَ جي، دردن لاڻا دَس،
'عارف' چئي امير ڪَر، هيڻن تي نه هوَس،
سَڙي‌ءَ سان تون سومرا، خانَ ڇڏي ڏي ڪَس،
تہ وڃي ويچاري وڃي، ڇڙن منجهان ڇَس،
بند ياڻي ٻيوَس، ڪيڏي ڇڏ تون ڪوٽ مان!

* * *

(١)

هم ڪي حق چئي، ٻيائي‌ءَ کي ٻوڙ،
ٻنهنجي جُسي جانِ ڪي، جانب سان تون جوڙ،
والله ٻيڪُلِ شيءِ محيط، ٽيڏائي‌ءَ کي ٽوڙ،
نفي سيري لينهن جا، خفي‌ءَ خيما کوڙ،
وحدت وڃي ووڙ، 'عارف' تون الله کي!

(٢)

سورهيه سانگا ستَ، جيڏ جا جهانَ مان،
مردانو ٿي موت جا، مونجهارا سپ متَ،
لڇ لاڳاها لوڪ جا، لاهوتي سپ لتَ،
خانَ مرِي تون ڪتَ، مشاهد ومحبوب جو!

(٣)

آڃائي آهين، سير ڏيڻ جا سورما،
ڪُڏيو ڪلاڙن ڪان، ڪرلڳها ڪپائين،
عاشق پنهنجا انگڙا، وَر ڏيو وڃائين،
ڪاتي‌ءَ هيڻان ڪاڙي، ڪنڌ نہ ڪيائين،
سيسيون سوري‌ءَ چاڙهيو، نانگا نچائين،
عاشق اناالحق جا، گيت ڀلا گهائين،
ليهي ليائين، 'عارف مولي' عشق کي!

ڪافيون

*

اسان عشق ڪيو آستاد،
سڀني ٻيا سڀ ٻيڪ ٻهانا!

هر هڪ جو باري هار ڪنيوسين، لڪي نه هر اظهار ڪنيوسين،
اهيون دردن هم دلشاد، ترڪ ڪياسين شوق شاهانا!

حضرت حُسن ڏني حيراني، 'خلق الآدم' ملیو جاني،
هر هڪ جو هي بنياد، هر شيء هم ٿيا نينهن نيشانا!

در دلبر جي ڪيون غلامي، محب مٹي جي مڃي امامي،
وٺي عشق سندو ارشاد، سچي سچاپاسون ميخانا!

غرض گناهه ثواب جو ناهي، حضرت عشق اڳيان ٿيو آهي،
دو جڳ ڪان ٿي دل آزاد، سَو سَو حمد لکين شڪرانا!

'عارف مولي' عشق عجائب، ورد وظائف ٿيا سڀ غائب،
ٿيا علم و عقل برباد، پرت ٻيا ريا پَر ٻيمانا!

*

لنڊاڪيون ننڍاڪيون، نماڻيون نماڻيون،
اچن باز وانگر اڏائيون اڏائيون.

ڪنواريون ڪنواريون، ۽ ڪاريون ڪُنواريون،
سي مدهوش مئي نوش سهڻيون سولهاريون:
رسيليون رسيليون، سدا راج راڻيون!

تکا تير لڇير ڪَن سير ماري،
نه طاقت آ ڪنهن ڪي جو تن ڏي نهاري:
وڃن گهورَ هڪ سان گهٹن منجهه گهاڻيون!

اهي عين اژدهنگ الماس آهن،
بنا خوف، بي ترس، بي قياس آهن:
چڪائين چٽ پٽ ته ٻيڙون پُراڻيون!

اچي جيڪو اڳيان انهيء ويل گهاڻن،
ڪٽين نات لانگا ڪيو ٿيون نچاڻن:
ٻُڪي شينهن وانگر وتن ٿيون ٻراڻيون!

وڏا وارَ وَر وِجهن ونگ ووڙي،
ڪاهن تي قربن ڇڏيا ڇيڪ ڇوڙي:
سَنيهي سينڌ اکيان لڏن لال ڏاڍيون!

اهي ڏند هيرا ۽ مرجان سوتي،
ستارن سان مڙهيل متي هاڪ پوتي:
وتن حورون ٻريون اکيان تن وڪاڻيون!

اهي نيٽ نرگس ۽ لبڙا گلابي،
اهي ڳوڙهيون ڳهريل شرابي شرابي:
وِجهيو ونگ ونگيون وجن انگ واڻيون!

انهن سان ادا ڙي، مستان دل اڙائين،
اڙائين ته ٻڌي مستان ٻير ٻائين:
آلهن ڪهڙا مُل جيڪي آهن چُڪاڻيون.

اکيون ڪن اکين جي ته 'عارف' غلامي،
سڪندر ۽ دارا سويسن در سلامي:
وڏا پاڪ جن سان رُچي ڪن رهاڻيون!

گيت

توکي دل ٿي ساري، ساجن!

توکي دل ٿي ساري، ساجن - توکي دل ٿي ساري!
منهن مهتاب مبارڪ جي منجهه شمس و قمر چانڊاڻ ڏسي،
رات آنڌاريءَ منجهه تنهنجن ير زلفن جي ڪاراڻ ڏسي:
دنيا عقبيٰ ڪي اورانگهي ويئس هاڻ وساري!

نرمل ناز منجهاران نڪري جڏهن هلين ٿو جاني،
جنّ، ملڪ، انسان، پريون، ٿيا شمس و قمر قرباني:
دو جڳ موهيا تنهنجي جانب ادنيٰ ايڪ اشاري!

تنهنجي جدائي ۾ او جاني، ڏکيا ڏينهن گذاريان،
صبح سويرو ڪانگ آڏاريان، وَرَ ڏيو وات نهاريان:
وڻ ٽين ۾ واجهايو داڙي ڪونگ وانگ ڪوڪاري!

قرب جي ڪيشتي لهرين لوڏي، ٻئي منجهه ٻاتار،
مَڪڙي مُرڻيي، ونجهه وساڻا، ميڙيا سَڄ هزار:
ٻاجهه منجهان هي ٻهڪڙ ٻڙي وچ تون يار آڪاري!
ڪوجهو ڪارو، اڪاڻو ڪدڙو، 'عارف' تنهنجو آهيان،
اکيون اوهان جون آروندیون، ٻئي ڏي ڪين واجهايان:
ڪين ڇڏيندس در اي دلبر، تنهنجي ٻَيس ٻناري،
توکي دل ٿي ساري، ساجن! توکي دل ٿي ساري.

قطعا

(۱)

تير و خنجر ڏنم، ترار ڏنم، ابر باران ڏنم، بهار ڏنم؛
مي ڏنم، ساغر ۽ خمار ڏنم، نرگس و نيل و آبشار ڏنم؛
تنهنجي اکڙين جو آ قسم مون کي، تنهنجي نيڻ تان سڀ نثار ڏنم!
مست بادل سياه مار ڏنم، ظلمتِ شب کي بي‌حصار ڏنم؛
دام و زنجير طوق و تار ڏنم، مشڪ و عنبر ڏنم، زنار ڏنم؛
تنهنجي زلفن جو آ قسم مون کي، تنهنجي وارن تان سڀ نثار ڏنم!

(۲)

اشارا چشم جا پيغامِ الفت، سراپا يار آهي رشڪِ جنّت؛
ڪهڙي گهورن کيا ڪئين گهوت گهائل، چڏي وينا جم و جمشيد همّت!

(۳)

نگاهن جو تصادم، برق و باران، جگر جا زخم ٿيا رنگِ بهاران؛
ڏسي تيرِ نگهه جا تيز پالا، حياتيون ڪن فدا ڪئين جان نثاران!

(۴)

زندگي درد و غم جو نام آهي، ذهن گردش ۾ صبح و شام آهي؛
هين زمين تي ملي ٿو غم جو شراب، آسمان حسرتن جو جام آهي!



سيد احسن الهاشمي "احسن"

سيد احسن الهاشمي 'احسن' ڪنهنجي مختصر سوانح هن طرح بيان ڪئي آهي:

نالو: سيد حسن شاهه ولد سيد مٺن شاهه.. مٽياري سادات جي اجنائي ڀاڙي سان هي سلسلو نسب حضرت امام هفتم جناب موسيٰ ڪاظم عليه السلام سان ملي ٿو.

تاريخ پيدائش: ٢٣- سپٽمبر ١٩٢٣ع. مقام: ٽنڈو ميرنور محمد، لڳ گدو بندر، جو هن وقت شاهه لطيف آباد ۾ اچي وڃي ٿو.

تعليم: ابتدائي تعليم گدو بندر گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ چار درجا سنڌي ناڪالين پرائمري اسڪول ڪوٽڙي، نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، اورينٽل ڪالج امرتسر ۾ درسگاهِ عالم نڙاد جاشڪ ايران.

شاعري: سخن جي ابتدائي مرحلن ۾ اخوٽي محترم قبلہ سيد حيدرشاهه 'حيدر' ڪنهنجي رهنمائي ڪئي. ذوقِ سخن قبلہ 'طالب المولىٰ' سائينءَ جي صحبت ۾ رفاقت جو مرهونِ منت رهيو؛ هرقدم ۽ هروقت تي پاڻ ڪنهنجي حوصلہ افزائي ڪندا رهيا آهن.

سخن جي ابتدا تيرهن ورهين جي ڄمار ۾ هڪ شڪسته ڪلام سان ٿي:

ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وڃان، ڪير قرب ۾ تابو تريب،
دل الدر دونهي دڪائي، عشق ۾ آهي عجيب؛

تون ڏسين هيڪر ته ڏهه پيرا ڏکويل خوش ٿين،
جي ڪرين غفلت ته غم ۾ ٿيو وڃن غائب غريب!

ڏندڻ ورهين جي عمر ۾ ٽائيفائيڊ نهايت نحيف ڪري وڌو. تڏ والد صاحب مرحوم مون کي حضرت غوث الحق مخدوم لوح سرورشاهه رحه جي درگاهه تي دعا لاءِ وٺي ويا. مون هڪ دعايه قصيدو لکيو، جنهن جو نقط هڪ ٻند ياد آهي:

نوح! تنهنجي فيض جي شهرت سڀني،
تنهنجي عاليشان ٿي عزت سڀني؛

مرشدِ من نوح تنهنجو نام ٿيو،
فيض تنهنجو جاري خاص و عام ٿيو؛

بر درِ تو آمدم باخسته دل،
خسته شر ديرينه از روزِ ازل.

ڪنهي غلطي هوندي به هي دعايه ڪلام ان وقت جي اهلِ ذوق کي ڏاڍو پسند آيو، ۽ حضرت قبلہ مخدوم غلام محمد سائين مون کي پنج روپيا دعا جا عطا فرمايا.

اُن زماني ۾ منهنجي طبع جي رواني ڪافي اوج تي هئي. ڪهڙو ڪو ڪلام چئي، ۽ قدرت طرفان پير ۾ چَڪر ازل کان لڳيل هو، ۽ لڏپلاڻ به هميشه رهندي پئي آئي، ان ڪري اهو بياض هيٺ مٿي ٿي ويو! البت پنجن-ڇهن سالن کان پوءِ هڪ-ٻن مشاعرن ۾ مون پنهنجا غزل ٻين جي واتان ٻُڌا ۽ مجبور ٿي ڏاڍي فراخدليءَ سان ان شعراء حضرات کي داد ڏني، جن کي منهنجو غزل پنهنجي تخلص تحت پڙهڻ ۾ پورو نٿي آيو.

ان زماني ۾ اڃا پنهنجي زمينداريءَ تي رهندو هوس. پهراڙيءَ جو ماحول ۽ مجلسن جو رنگ نرالو ٿيندو آهي. البيلي طبيعت، نوڪر چاڪر، گهوڙا ٻيڙا، مائڻن جي لاڏ ڀار، الهن سيني گڏجي مون کي علمي عظمت حاصل ڪرڻ جي راهه کان دور ڪري ڇڏيو. تعليم مڪمل نه ڪري سگهيس، جنهن جو مون کي مرڻ تائين ملال رهندو.

نه ڏي پئي ڪنهن کي ڪو الزام 'احسن'،
تو پنهنجي پاڻ سان ئي دشمني ڪئي!

ان وچ ۾ تحريڪ پاڪستان زور وٺي وئي. اڃا سياست ۾ عملي طرح داخل ٿيس، ۽ ٿوري عرصي ۾ سالار صوبہ سنڌ مسلم ليگ نيشنل گارڊس ۽ مسلم ليگ ڪائونسل جو ميمبر ٿيس، ۽ حصول پاڪستان جي جدوجهد ۾ وڏي اهميت واري تحريڪ، يعني خضر حيات وزارت جي خلاف ايجيٽيشن جي سلسلي ۾ ملتان ۾ مون وڏو ڪردار ادا ڪيو؛ مگر افسوس جو حصولِ پاڪستان بعد ان قرباني ۽ جو سهرو ڪن سرمايه دارن ۽ چاپلوسن جي سر چڙهيو.

خچر کي خلعتِ زرين عطا ٿي،
سندم محنت وٺي ڪنڊ جي تري ۾؛

انهن کي جام ٻاوڙين هٿن ۾،
جي ٻيٺندا ها لَسي جيستيي ڪَري ۾.

اچي ويو منهنجي تسمت جو ستارو،
آلَهجي اوچتو کڻي اري ۾.

نہ ٿي ويجهو اسيرن ساڻ 'احسن'،
اٿيئي عافيت عزت پري ۾!

۱۹۵۴-۵۳ع ڌاري حضرت 'طالب المولیٰ' سائين وري بزمِ سخن کي عظمت بخشي، ۽ هرمهيني مشاعرا ۽ ادبي نشستون ٿيڻ لڳيون. سون ان عرصي ۾ تمام گهٽا غزل، قصيدا، طوطي نامو، المختصر ته گهڻو ذخيرو جمع ڪيو، جو منهنجي لختِ جگر رياض الهاشمي هڪ ڪتابي صورت ۾ لکيو آهي. ۱۹۶۰ع ۾ مون ڏڏي آدم مان هجرت ڪري وري ٻنهنجي زميندارين ۾ تي سکونت اختيار ڪئي. اهو سمايو ۾ آلَهجي کيڏانهن ويو؟ نهايت گهٽي گولا ڪيو، ته ۾ هٽ ڪونہ آيو. ۱۹۶۰ع کان پوءِ وارو جيڪو ڪلام هو، سو ۾ جون ۱۹۶۸ع ۾ هڪ سفر ۾ ريل اندر رهجي ويو!

قبل 'طالب المولیٰ' سائين ۽ محترم گرامي صاحب ۽ منهنجي مشفق 'بيخود' حسيني صاحب جي جُٽ ڀيٽ ڪري، وري ڪجهہ وسريل ڪلام ۽ ڪجهہ نئون ڪلام ڪڏ ڪيو اٿم، جو عقريب سندن حوالي ڪيو ويندو.

ڪو رهزنِ ادب کي ڀلي ڏئي سندم ٻيار،
'احسن' وري آ جمع ڪئي دولتِ ڪلام!

* * *

'احسن' صاحب هڪ قادرالڪلام ۽ پختہ گو شاعر آهي. افسوس هي آهي ته زماني جي ستم ظريفيءَ ڪري معاش جي ڪاروبار ۾ اهڙو ته مشغول آهي، جو هن ذوق ڏانهن توجهہ ڏئي نہ سگهيو آهي. سندس سنڌي، اردو ۽ فارسي ڪلام استاداڻ رنگ تي مشتمل آهي. پختگي ۽ شيريني، شوخي ۽ نڪتہ طرازي سندس ڪلام جو روح آهي. غزل، قطعي ۽ قصيدي تي استاداڻ دسترسي حاصل اٿس. ڪلام پڙهڻ جو ڍنگ ۽ نهايت معياري ۽ دلنشين اٿس. سندس اندازِ بيان محفل ۽ سامعين کي مسحور ڪري ڇڏي ٿو. ان طرح هڪ قادرالڪلام خطيب ۽ شعلہ بار مقرّر ٻڌ آهي. بهرحال 'احسن' جامع الفنون آهي، هر زماني جي ستم ظريفيءَ هڪ اديب ۽ فنڪار کي دائرهِ فن و ادب کان باهر ڪري ڇڏيو آهي. —ادارو

غزل

●

مون کي حاصل ٿي، خزان سان دولتِ صبر و قرار،
چڙ اي بلبل، نہ منهنجي زيست جي خاموش تار.

مون وري وحشت ۾ ويهي، ذرا ذرا کيا رفو،
جو ڪمالِ هوش ۾ ٿي ويو گريبان تار تار.

هيت ٿيو خوابِ گران ۽ خير هيت خوابِ حيات،
مرحبا هُو وعدهٔ شب، مرحبا هي انتظار.

منزلون سڀ نزع جون آسان، يڪسر ٿي وڃن،
تون خدا جي واسطي مون ڏي زگو مشکي نهار.

جو نہ ٿئي منهنجي خزان ۾ موسمِ گل جو مزو،
منهنجي آهن جون هوائون، منهنجي اشکن جي بهار.

مدّعا محشر جي شايد هيئن اچي ٻر روئڻ کار،
هو ڪري جي اعترافِ لغزشِ پائے وقار.

ڏينهن ڏون آهي حياتي، ٻو ماڻ ٿئي يا نصيب،
اڄ ته کو دم ٻاڻ ۾ گڏجي ڪريون ڪي چار چار.

ڪير ٻيو هن 'احسن' آشفته ري، مهروا ڪندو،
تنهنجي ابروءَ جي اشاري تان تصدّق وار وار.

●

رهيو آ تنهنجي ستم ٿي سدا غرور مون کي،
خدا جو سونهن ته نہ رکجئين، غمن کان دور مون کي.

اي درد، طاقتِ برداشت کي تسلّي ڏجئين،
جو يار ٻاڻ ٻہ سمجهي ٿو بي قصور مون کي.

شعور عين ۾ نقشِ قدم تي سجدا ڪيم،
بتہ کوئي غير وٺي آيو لاشعور مون کي.

پلي ته کشمکشِ مرگ و زندگي ٿي طويل،
اڃا ٻہ ديدهٔ پُرنم سان ڪجهہ ته گهور مون کي.

ڪير ٿي روئي جي آزيون، سي ياد اڄ آهي،
ڏنو آ موت جي هيڏکين، عجب سرور مون کي.

لہ روک، مون کي نهارڻ کان، ناز وارن ڏي،
خدا ڏنو آ ڏسڻ لئہ اکين ۾ نور مون کي.
غبار منزلِ جانان ۾ نور آهہ 'احسن'،
نظر ۾ آبو درِ يار، کوهِ طور مون کي.

●

حسن ٿي جلوه گر، ڪٿي نہ ڪٿي،
عشق جي ٿئي خبر، ڪٿي نہ ڪٿي.

ٻا هِتي، يا هُتي، ڪنديون آخر، منهنجون آهون اثر، ڪٿي نہ ڪٿي.
بخت جي رات ٿي تہ چا ٿي ٻيو، نيٺ ٿيندي سحر، ڪٿي نہ ڪٿي.
ڇو ڪجي انتظار منزل جو، ختم ٿيندو سفر، ڪٿي نہ ڪٿي.
راهہ فانيءَ ۾ ڪر نہ فڪرِ سراءِ، رات ٿيندي بسر، ڪٿي نہ ڪٿي.
آهہ عاصي، مگر بهشتن ۾، 'احسن' اهڙو نظر، ڪٿي نہ ڪٿي.

قطعا

(۱)

مون تہ حُجّت جو اختصار ڪيو، بس ڪٿي هن تي اعتبار ڪيو؛
هن جي صدقي ۾ اي قضا تنهنجو، مون سڃي رات انتظار ڪيو!

(۲)

شرحِ غم جو مون اختصار ڪيو، ڪجهہ تہ هلڪو غمن جو بار ڪيو؛
چاڪِ دامن لہ ٿيو ڪمالِ جنون، مون ڪٿيل دل کي تار تار ڪيو!

(۳)

ياد ٿي عهدِ وصل واري رات، مون ۾ قسمت ڪٿي جاڪاري رات؛
آءٔ تہ جاڳيس ٿي يار تنهنجي لئہ، پاڻ منهنجو ستل هو ساري رات!

(۴)

ٻنهنجي وعدن سان همڪنار نہ ڪر، هي تقاضائن ٻار ٻار نہ ڪر؛
تنهنجي مرضي جڏهن ڪٿي اچجئين، مون کي پابندِ اعتبار نہ ڪر!

(۵)

ڪير وعدن سان همڪنار ٿيو، ڪير ٿو جني تہ اعتبار ٿيو؛
لڙ جي وقت ٿورو ياد آئين، بس الهيءَ سهل انتظار ٿيو!

(۶)

علم ۾ دنگ، مفلسيءَ سان جنگ، دانشِ فن ڪمال، دل ٻي رنگ؛
ڪيٿن رديفِ سخن ملي جو آهي، بيت جي شاعريءَ جو قافيو تنگ.

(٧)


کمتري کي ذليل و خوار ڏسڻ، دوش انسانيت تي بار ڏسڻ؛
عشق جڏهين به بي نياز ٿيو، حسن مجبور انتظار ڏسڻ.

(٨)

زندگي انسان لئه دشنام ٿي، موت آيو مژدهٔ آرام لي؛
قبر ۾ 'احسن' اڪيلا يون ملیون، آءٌ ٿيس آزاد، زير دار ٿي!

(٩)

ڪڏهن به ڪنهنجي ڏائي جو فرق کونه رکيم،
سڄي ڄمار گذاري سون قرب ڪيچي ٿي؛
فلڪ، نصيب، زمانو ۽ زندگي، 'احسن'،
رهي سون راند سڀن سان، غمن جو پيچي ٿي!





حافظ شاهہ "ناطق" حسيني

سيد حافظ شاهہ، تخلص "ناطق" حسيني، ٽڪڙ جي مردم خيز ڳوٺ ۾، ٢٦- فيبروري ١٩٢٦ع تي ڄائو. علامہ سيد اسدالله شاهہ "فدا" ٽڪڙائيءَ جو پوٽو ۽ مرحوم محمد حافظ شاهہ جو ڏهتو آهي. علمي ماحول ۾ ٽڪڙ جي زمين جي اثر ڪري، سندس نندپڻ کان ئي شعر و ادب ڏانهن لاڙو رهيو. مرحوم حافظ هارون 'دلگير' ۽ مرحوم حافظ عبدالله 'بسمل' وٽ مڪتب ۾ ديني تعليم ورتي، حيدرآباد اچي، ١٩٤٥ع ۾ مٽرڪ پاس ڪيائين. ڊي. جي سنڌ نيشنل ڪاليج حيدرآباد مان انٽر ڪري، ١٩٥٠ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان وڪالت پاس ڪيائين، ۽ ١٩٥١ع ۾ سنڌ مدرسہ آرٽس ڪاليج مان بي. اي ٿيو. حافظ شاهہ مضمون نويسي ۽ افسانہ نگاريءَ ۾ به چڱو جوهر ڏيکاريو. 'تباهي'، 'داستان غم'، 'آئين زندگي' ۽ 'چلولي' ڪتابن جو مصنف آهي. اداره سنڌي ادب ٽنڊي محمد خان جو گذريل پندرهن سالن کان صدر آهي. ١٩٥٣ع ۾ شاعري شروع ڪيائين. ڪجهہ وقت "جمعيت الشعراء سنڌ" جو نائب صدر به رهي چڪو آهي. هن وقت ٽنڊي محمد خان ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي. سندس ڪلام جو بيشتر حصو گرامي صاحب جي اصلاح جو مرهون منت آهي.

'ناطق' حسيني، ٽڪڙ جي مردم خيز خطي سان وابستگيءَ ڪري، شعر و شاعريءَ جو پاڪيزه فن رکي ٿو. سندس عشقيہ ڪلام ابتذال کان پاڪ آهي. نازڪ ۽ رنگين خيالات ۽ جذبات سندس شاعري جو روح آهي. غزل ۽ نظم جو شاعر آهي، ان ڪري سندس شاعريءَ جو دامن غزل جي رنگينيءَ ۽ ڪنايات جي پختگيءَ سان پريل آهي. اشاري ۽ ڪنايي ۾ اهو سيڪهہ ڇپي وڃي ٿو، جو هوند طول طويل نظم ۾ مس ادا ڪري سگهجي. سندس غزل اگرچہ نندن بحرن ۾ آهن، تاهم فني حيثيت سان دل ۾ چيندڙ آهن. جذبات جي فراواني ۽

انداز بيان جي دلڪشي، سندس فن جو روح آهي. اميد ته مشق ۽ رياض سان سندس فن ان معيار تي پهچندو، جتي قادرالڪلام شاعر پهچي چڪا آهن. وڪالت جهڙي خشڪ ۽ ۽ دماغي ڏندي سان ڏڌ شاعريء جو ذوق سليم غنيمت آهي. —ادارو

بيت

(۱)

الله ڪو هڪجي، جو سنيهو ڏئي سڃڻين،
ايڏي ڪا اوجهه سان، ڪٿائي ڪجي،
جانب جدائي ۾، آب اکيان اڇي،
لڇي ۽ پڇي، دلڙي درد فراق ۾!

(۲)

الله ڪو وجي، سنيهو ڏئي سڃڻين،
مسڪين تي منڙا، چو پيرو ڇڏئي ويجي،
درد ڇڏيو آ دل ڪي، پياري جيان پيجي،
منت مجيب مجي، اڳئ آ عجيب تون!

(۳)

الله شال ڪو، سنيهو ڏئي سڃڻين،
وساري ولهيء ڪي، وينين وجي چو،
ايڏي ڪئي تو، ڪٿائي ڪمڻيء سان!

(۴)

اجا ٿئي جڻين، مرين چو نه محبن لاء،
ڪايو ڪاج سلوڻا، مرڪيو مست ڏٺين،
منڙي جي مهر ۾، لڳئي ڪوڙ هنڻين،
ويڊي هولد ڏئين، سر ڪي سڃڻ ڪاڻ تون.

(۵)

اجا توکي ٻاڻ، لالڻ جو لڳو ناه،
سورن ۽ سختين جي، توکي ڪهڙي جاڻ،
پهرين وجائي ٻاڻ، ٻوء پڇج پريتون.

(۶)

اجا تو کو پنڌ، ڪيو ڪونه پرين لاء،
ڏکن کان ڏکي هي، قابو رک مَ ڪنڌ،
ويڻي ٻکو ڪيڻ ٿئي، پرت سندو پيوند،
ڳولهين هرهک هنڌ، حبيبن لڌ ڪوڙ ڪو؟

گيت

وڃڙهو سون ڪان منهنجو ساجن،
آڳ لڳي آهي سينءِ ۾-
جليو سندم آ سارو تن!

نيڻ نمن ٿا ٻلبل هائي، چين نه مون کي ڪنهن ٻل آهي؛
تو بن ساجن جيوَن چاهي، دل کي ڏکويو ڏاڍو دردن:
وڃڙهو سون ڪان منهنجو ساجن.

تارن سان سان كريان ساتيون، تڙپان ٿڪان سجيون راتيون؛
گذريون اڇڙيون ڪئين هڙپاتيون، نند نه ڪي ڪڏهين پي لٽن:
وڃڙيو سون كان منهنجو ساجن.

جانب ويو تا دنيا اجڙي، ٿهندي ٿهندي قسمت بگڙي،
جنجل پنجي وئي آ جندڙي، ماريو لوڪ جي طعنن تنكين:
وڃڙيو سون كان منهنجو ساجن.

نظم

ڪوه مري

فطرت جي راز تان هتي آهي كنيل نقاب،
هرسو نظر اچي ٿو پيو حسن لاجواب؛
هر شئي كي دل ڦرڻ جو ملیو ڍنگ آ عجيب،
مستي ۾ هركو جهومي پيو پي شراب!

اكثر وسائيندو ٿو رهي پوند آسمان،
هر وقت آه كيف ۽ راحت سان حكمران؛
شوق نظر ٿو تيز ٿئي هر گهڙيءَ هتي،
اكڙين ۾ هر كنهين جي محبّت جو داستان.

جهڙ ڦڙ ۾ شوخ رنگ ٿا ڏايا لڳن عجيب،
دلكش كي دور كان ٿا لڳن، كي سُنهن قريب؛
سكڙا گلاب والگيان ٿا پهكندا رهن،
مدهوش جو نه ٿي وجي سو آه بدنصيب.

كا روك ناهي دعوت ديدار آهي عام،
هرسو وڇايو زلف سيه نار آه دام؛
آهي ۾ كو رهي سكهي كنهن كي مجال آه،
حملو كري ٿو حسن هتي روز، صبح و شام.

هر ڏينهن دلفريب ۽ هر رات دلپذير،
هر ڏينهن بي‌مثال ۽ هر رات بي‌نظير؛
هڪ چنڊ آسمان تي روشن رهي سدا،
روشن ٿا هر قدم تي رهن چنڊ هت ڪثير.

قدرت سندو عجيب تربن آ هتي جو باغ،
ڏوپي ٿو درد دل سندو، چمڪي اٿي ٿو داغ؛
گل ڦل گهٽا هتي ٿي مگر مثل گلعزار،
جن جي بدن جي بو ٿي معطر ڪري دماغ.

ڪڙا سيئي ٿيا هيڪ هتي عرش جي قريب،
خوش ٿو رهي امير ۽ مسرور آ غريب؛
فطرت سندا خزينا سي يڪسان ٿا سڀ لٽين،
اهڙو مثال ڪنهن نه ڏٺو هوندو ڪو عجيب.

قائم رهي اي 'ڪوه مري' تنهنجو ٽل شباب،
دل کي ڇڪيندو ٿو رهي تنهنجو هي آب و تاب؛
تنهنجا سڀي نظارا ڪجن غم سيئي پري،
'حافظ' هلي اچي اتي يارن سان همڪاب.

غزل

●

وقت ڏک جو طبيب سمجهان ٿو،
سک سندو هي نقيب سمجهان ٿو.

جا به شئي ياد کان رکي غافل، تنهن کي پنهنجو رقيب سمجهان ٿو.
تنهنجي قدمن کان دور رهندي پي، توکي هردم قريب سمجهان ٿو.
ڀل به هڪڙو پرين پري نه ٿين، پنهنجو کيڏو اصيب سمجهان ٿو.
بيقراري ۽ يار جي دل ۾! هي تغير عجيب سمجهان ٿو.
شمع اميد آهه ٿي روشن، ڪاميابي قريب سمجهان ٿو.

غم نه ڪر، هجر يار ۾ 'حافظ'،
تنهنجو ايندو حبيب، سمجهان ٿو.

●

زندگي سان پيار ڪير ڪري،
عاقبت کي نثار ڪير ڪري؟

مون تہ رخت سفر ہہ آہ ہڏو، سائين کي تيار ڪير ڪري.
وصل جي آرز ہہ ڪين رهي، چشم تر اشکبار ڪير ڪري.
هڪ دفع التماس کي نہ مڃين، التجا بار بار ڪير ڪري.
شوق مجنون ٿيڻ جو ڏايو پر، پيرهن تار تار ڪير ڪري.
هن فراموش دل کي يڪلخت، يار تي اعتبار ڪير ڪري.
سر وڃڻ جو جتي هجي خطرو، راه سا اختيار ڪير ڪري.

گل و بلبل کي ڇائجي ليکن،
اجڙيل دل بهار ڪير ڪري.





شبير "هاتف"

سنڌي ادب ۾ جي نوجوان شاعر ذوق جماليات جي ترجماني ڪن ٿا ۽ جن جي شاعري خالص عشقيه چئي وڃي ٿي، تن ۾ شبير 'هاتف' هڪ منفرد مقام حاصل ڪري چڪو آهي. سندس تغزل فني لحاظ سان پنهنجي معاصر نوجوان شاعرن ۾ جنهن هلندي تي پهتل آهي، ان جو داد وڏن وڏن قادرالڪلام استاد شاعرن ڏنو آهي. سندس غزل عرياني ۽ فحاشي کان پاڪ آهي. تغزل جي زبان نهايت صاف آهي، ۽ اسلوب رنگين اٿس. نهايت نازڪ ۽ مغلق مضمونن کي رمز ۽ ڪنايي جي انداز ۾ بيان ڪرڻ تي دسترسي حاصل اٿس. سندس فن کي ڏسڻ کان پوء اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اڪر فن تي رياض ۽ مشق سخن جاري رهيا ته پوء سندس فن دوامي شهرت جو مالڪ ثابت ٿيندو ۽ نڪڙ جي عظمت رفته کي قائم رکي سگهندو.

شبير علي شاه "هاتف" ولد مرحوم سيد الله بخش شاه نڪڙائي، ۴- اپريل ۱۹۴۰ع تي، ڳوٺ نڪڙ ضلعي حيدرآباد ۾ تولد ٿيو.

تعليم: پرائمري تعليم حافظ جي مڪتب نڪڙ ۽ قاضي عبدالقيوم سکول حيدرآباد ۾ ورتائين، ۽ مئٽرڪ نورمحمد هاء سکول حيدرآباد مان ۱۹۵۷ع ۾ پاس ڪيائين. ان کان پوء گورامينٽ ڪاليج حيدرآباد مان ۱۹۶۰ع ۾ انٽر پاس ڪري، ۱۹۶۳ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان علم طبقات الارض (Geology) ۾ بي. ايس. سي. (آنرز) پاس ڪيائين.

مشغلو: ۱۹۶۳ع کان مغربي پاڪستان واپڊا ۾ جونئر جيالاجسٽ جي حيثيت سان شموليت ڪيائين، جتي سنڌ ۽ مغربي پاڪستان جي مختلف حصن ۾ زير زميني پاڻي کي استعمال ڪرڻ ۽ سم ۽ ڪلر کي ختم ڪرڻ لاء تحقيق ۾ حصو وٺي رهيو آهي.

شاعري: ڪجھ ڪنھنجي ذوق، ڪجھ خانداني روايت، ۽ ڪجھ ڪنھنجي پيءُ ڊاڪٽر اسدالله شاھ 'بيخود' حسيني جي ترغيب جي اثر ڪري، ۱۹۵۴ع ۾ شاعري جي شروعات ڪيائين. ان نوعمريءَ جي دؤر ۾ محمد خان 'غني' کي ڪلام ڏيکاريندو رھيو. ان کان پوءِ پختو ڪلام چوندي مولانا ڪرامي صاحب جي اصلاح ۽ تربيت ۾ رھيو. ان دؤر جي شاعريءَ کيس سنڌي ادب ۾ ممتاز جڳھ ڏني. اڄڪلھ ھلي جناب مخدوم محمد زمان "طالب المولا" جي مشورن سنڌس شاعريءَ کي بام عروج تي پھچايو. غزل، رباعي ۽ قطعا سنڌس پسنديده صنفون آھن. ـــ ادارو.

* * *

نظم

ھاڻ ديريون نہ ڪر

سون کي امڙي سدا سھڻي محبوب جي ھڻي تلاش،
حسن جي عظمتن جو ڪو اعليٰ نمونو ھجي؛
جنھن جي آغوش جون نرميون برگِ گل کان گداز،
جنھن جي نازڪ خراميءَ تي بادِ صبا کي ٻہ ناز؛
جنھن جي ھڪڙي جھلڪ چشمِ فطرت کي تسڪين ڏني:
توکي ڪولي لڏو منھنجي ذوقِ نظر ـــ ھاڻ ديريون نہ ڪر، ھاڻ ديريون نہ ڪر!

آءٌ ھائي تہ آھن ٻھارون ٻہ سامائيون،
نرگس و لالہ و گل ٻہ جوڀن جي نشي ۾ چور؛
تون جوان، مان جوان، تنھنجون منھنجون امنگون جوان،
آرزوئون تمنائون آسون اميدون جوان؛
ٻوءِ سھڻا سڄڻ! ڪيئن ٿو ايڏو رھين دور دور:
اڄ ڪريون عھدِ رنگين ڪي رنگين تر ـــ ھاڻ ديريون نہ ڪر، ھاڻ ديريون نہ ڪر!

اڄ عجب شوخ شنگ آھي ڪلين جي دوشيزگي،
اڄ مگن مست آھي نسيمِ سحر جو خرام؛
اڄ ھي ريحان، سوسن، سمن، نسترن، ياسمن،
ساري اھلِ چمن جئن خوشي ۾ نہ ٻيا ماڻجن؛
اڄ سنڊي راہ ۾ ٻيٺا آھن ٻہ صد اھتمام:
رنگ و ٻُو جا سوين قافلا منتظر ـــ ھاڻ ديريون نہ ڪر، ھاڻ ديريون نہ ڪر!

هونئن ٿـ هن شهر ۾ حسن وارا ڪئين ٿا رهن،
چنڊ جن تي ٿـو مرڪي، انهن جي به ناهي ڪي؛
جـي گلابن جـي رعنائين جـو سبب سي گهٽا،
ٻـر دلِ زار ڪمبخت ڪي ڇـا ڪريان، تـو سوا،
ڪنهن حسين مه جبين نازنين تي ٽڪي ٿـي نٽـي:
بس اسان سان به ڪي پرت جا ٻير پر ــ هاڻ ديريون نه ڪر، هاڻ ديريون نه ڪر!
اڄ، اڃڻ جي اٽي سُند، سُندائتي مينهن وانگي ٿي اڇ،
دل جـي ٽَر بَر تـي الفت محبّت جي هالوت ڪر؛
ٻـاڻ سـان آڻ ڪـي زندگانيءَ جون شادابيون،
ءِ مون ڪي منهنجي آغوش جـون بخش آسودگيون؛
مون ڪان جاليا نٽا ٽين فـرقـت جـا شام و سحر:
هاڻ هيڏانهن به ٽئي ڪا ڪرم جي نظر! ــ هاڻ ديريون نه ڪر، هاڻ ديريون نه ڪر!
اڄ ته جُهڪ جُهڪ ۾ گڏجي جيڏ جا ڪريون ويهي قول،
اڄ تـ ڪي پرت جا، پيار جا ٻيچ پکنا وجهون؛
اڄ تـ دلبائيءَ عشق و محبّت سـنـواريون سڃ،
اڄ شـبِ زنـدگـي پـاڪرن ۾ گـذاريون سڃ؛
توسان ڪرٽيون اٿر ترب جون ڪئين ڪُجهيون ڪالهيون:
ءِ حياتيءَ جـون گهڙيـون بنهه مختصر ــ هاڻ ديريون نه ڪر، هاڻ ديريون نه ڪر!

غزل

●

تنهنجي يادن جـون بهارون، تنهنجي غم جون لذّتون،
دل جـي دنـيـا ۾ تہ آهن راحتـون ٽـي راحتـون.
ڪو تونگر منهنجي چشمِ نم سان مٽ ڪيئن ٿي سگهي،
ڪير لڙڪن جـي خـزانـن جـون لڳـائـي قيمتون.
ميڪدي جـي در سـوا ٻـي ٻـاڻ ڪي ڪانهي خبر،
اي حـرم وارا! اوهين ڇاٽو، اوهـان جـون جنّتون،
تنهنجي ديـوانـن جـي قسمت ۾ ڪٽان آئـي بـهـار؟
بس جيون ٻـيا، يـاد ڪريو ڪي سڪن جـون ساعتون.
تـون اهـو ساڳيو ٽـي ٻيگانن جـيـان هلندو اچـيـن،
عشق ويچارو اڃـا سـاري ٽـو تـو ۾ حجتـون.

تنهنجو حسن دلنواز آمادهٔ مهرو ڪرم،
تنهنجي شوخين ۾ نگاهِ شوق لئه ڪئين دعوتون.

جيڪو جئن چاهي سڏائي، جيڪو جئن چاهي ڪري،
هر ستم ڪي جاءِ ڏيندیون منهنجي دل جون وسعتون.

اي غمِ جانان، خدا بخشئي حياتِ جاودان،
زندگي پر ياد رهندیون مون کي تنهنجون قربتون.

'هاتف' آشفته سر جيڪي ڪهڙن چاهين سو ڪهڙ،
مهربان ٿيندیون وڃن ٿيون عاصين تي رحمتون.

●

جتي ناهه جبريل پارن جو وس،
اتي عشق وارن جو روزانو ڪس.

نه قاسو، جي قاسو ته ڦٽڪ ڇڏيو،
جيو رشڪِ گلشن بنائي قفس.

وري ٻاڻ نازڪ کي تڪليف ڇو،
اوهان جي ته هٿي موئي- جيئري جي بس.

اسين محب مرندا آهيون سُرڪ سان،
هتي تير تلوار جو ڪهڙو وس؟

مونکي تنهنجي منڙن چين جو نسر،
جي هڪ پير و سُرڪي نهارين ته بس!

مچائي هزارن غمن بزمِ دل،
نه ٿيو تنهنجي غم ري رهائين ۾ رَس.

اي ساقي! رکو مست اکيون ته ڪٽ،
ڇڏي ڪعبه و دير اينڌا آوس.

سرِ راه رهبر لُٽيو قافلو،
نه منزل نه راهي، نه بانگِ جرس.

نه شڪوو شڪايت نه آه و فغان،
رکو پيا دعائون ڏيون هر نفس.

ڏسان آه ڪهڙي نظر تيرڪش،
جو 'هاتف' کي ڦٽجڻ جي ايڏو هوس!

●

تنهنجي نيڻن ۾ طهورا جو شراب،
پيار کو جامِ اٿي ڪارِ ثواب!

ڪنهن جي مڙگان تي عطارد ۽ شهاب،
ڪنهن جي جهولي ۾ جهلي پيو مهتاب.

تنهنجي عارض ۾ عجب رعنائي،
تنهنجي عارض ۾ بهارن جو جواب.

تنهنجا هٿ دستِ صبا جهڙا هٿ،
اورتي ڪر ته چمي دل جو گلاب.

حسن تي ايترو بانور نه ڪريو،
عشق هن دور ۾ آهي نايابِ.

شيخ پارا جي ويا جنّت ۾،
پو خدا کان ته گهري ونبو عذاب!

هٿ ۾ خنجر ۽ اکين ۾ ٻاڻي، تون نڙو ڇاڏين سيتم جا آداب.
تنهنجو ڪر ناهي ڪُهڻ ڦٽڪائڻ، تنهنجي هٿ ۾ ٿا سونهن چنگ، و رباب.
سچ چئون ٿا، کو ميڻي يا نه ميڻي، پنهنجو ٽيو آهي نه ٽيندو کو جواب.
'هاتف' خسته جي گستاخ نظر،
تنهنجي عارض کي چمڻ لئه بيتاب ه

●

هاءِ اهي رنگين بهاريون، تو جي مرکي ياد ڏياريون
جهڙيون ميخاني جون راتيون، اکڙيون کاريون ۽ مَڌ واريون.
دل جو سودو ڪرڻو آهي، ڪنهن دل واري کي هوڪاريون.
منهنجي من ۾ تنهنجون سارون، بر ۾ لڳيون جٽ بازاريون.
مون کي ساري گل جٽن ٻهڪين، منهنجون يادیون شوخ بهاريون.
دل ويچاري مس مس ريڙي، چنڊ وري تو ٻاهيون ٻاريون.
تنهنجي آڻهي سن ۾ هوليون، تنهنجي وڻهي نيڻن ۾ ڏياريون.
زخمن جي سينن کي چيري، مڪڙين کي مُرڪ سيکاريون.
تولسڻ سَوَ سينگار ڪيائون، آسون جهڙيون ڳاڙهيون ڪناريون.
تنهنجي ڳُٽن جون ڳالهيون ڳايو،
مَرکيو مَرڪن ڪين ويچاريون.

قطعا

(۱)

تون حسينن کان حسين آهين، مگر توکان حسين،
منهنجا محبوب! اڻي منهنجي اميدن جي ڪنوار؛
کير ڄاڻي تہ گهٽا ڏينهن سندس رهندو سهاڳ،
کير ڄاڻي تہ ستان هيءُ ٻہ هڪجي تنهنجو پيار!

(۲)

جي ڪلهہ چمنِ زيست جو سينگار ڏاسون،
اڄ دوشِ خزان تي ٻہ آهي بار ڏاسون؛
ڪٿين چنڊ ڪان موچارا، ستارن کان سونهارا،
گيسوئے شبِ غم ۾ گرفتار ڏاسون!

(٣)

تنهنجي عارض ۾ هجڙي شال بهارن جو رنگ،
دل جون ويرانيون آباد ٿين يا نه ٿين؛
تنهنجي نيٽن جي سيحائي مبارڪ توکي،
تنهنجي رندن جو ڪٽي پاڻ، جين يا نه جين!

(۴)

اڄ اهل چمن ۾ ٿا هلن تنهنجا فسانا،
ڏسجن ٿيون گل و لاله ۾ تنهنجون ئي نشانيون؛
مون کي ٻه ته ڏيکار اهو شوخ تبسم،
تڙپائي ڇڏي جنهن سان بهارن جون جوانيون!

رباعيون

(١)

دوشيزه ۽ بدمست بهارن ٿي نچيو،
يا بحر شفق ۾ هو ڪو طوفان آڻيو؛
حيران ٿي ڏئو رنگ ۽ بُو جو عالم،
اي منهنجا شه ناز، مستان تو مُرڪيو!

(٢)

مون صبح بهاران جو آيرڻ ٻه ڏٺو،
امرت سان پريل جام جو ڇلڪ ٻه ڏٺو؛
تارن جو کيڙڻ، وچ جو کينوڻ، گل جو ٽيڙڻ،
مون تنهنجو قسم، تنهنجو مُرڪ ٻه ڏٺو!

(٣)

چوليون ٿو هٽي تو ۾ امرت ساگر،
بيمار فضائن ٻه جهٽلي تنهنجي پَر؛
جيئن منهنجي لڳاهن کي حياتي بخشي،
تيئن حسن جي عالم کي وري زنده ڪر!

(۴)

مخمور فضائون ۽ بهارون سرشار،
گردش ۾ هٿا نور جا ساغر ٽمتار؛
مُرڪي مُرڪي ناز پريا نيٽ ڪنيئي،
مون پانيو آيري ٿو لڪن جو ڏاتار!



"محبوب" سروري

"محبوب" سروري، پنهنجو تعارف هن طرح لکيو آهي:

"ڪتاب زندگيءَ جو ۳۵ صفحو زير مطالع اٿم. ۸- جنوري ۱۹۳۴ع، بروز خميس، ڳوٺ جاڙو پنوهر لڳ هوسڙي، تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ غريب هاريءَ محمد صديق پنوهر جي گهر تولد ٿيس. غربت جي گود ۾ محنت ۽ محبت جي تعليم ملي. محمد بچل ۽ محبوب علي، منهنجي بن نالن مان ٻيو نالو فقط تخلص جي صورت ۾ رهجي ويو. نورمحمد هاءِ سکول مان ميٽرڪ، سروري اسلاميه ڪاليج هالا مان انٽرآرٽس، سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي. اي. آنرس ۽ ايم. اي. تائين تعليم حاصل ڪيم. هن وقت طالب المولي اورينٽل ڪاليج هالا جو پرنسپال آهيان. زياده تر غزل گو آهيان. شاعريءَ ۾ استاد حضرت 'طالب المولي' سائين اٿم. ڪجهه وقت ڪان منهنجي شاعريءَ جو رنگ قومي ۽ انقلابي آهي."

*　　*　　*

'محبوب' سروري جو فن اسم بامسمي آهي. سندس فن حضرت طالب المولا سائينءَ جي فن ۽ شخصيت ڪان گهڻو استفادو ڪيو آهي.

'محبوب' زياده تر غزل جو شاعر آهي. سندس غزل اشاريت ۽ معنويت جو تنقيدي عنصر رکي ٿو. هو ڪلندي ڪلندي چوٽ ڪري ٿو جو ماهر آهي. سندس ڪلام پختگي ۽ برجستگي، رواني ۽ جذبات جي فراواني سان سرشار آهي. 'محبوب' محاورات ۽ اصطلاحات کي پنهنجي ڪلام ۾ ائين ٿو جڙي، جيئن مُنڊيءَ تي ٽِڪ! فن جي رياض ۽ سخن جي مشق، تجربي ۽ مطالعه، مشاهدي ۽ صحبت ڪيس سنڌي زبان جي وڏن وڏن استاد شاعرن ۾

جگهه ڏني آهي. 'محبوب' جو ڪلام حشو و زائد کان پاڪ آهي. بندش چست، بولي بامحاوره، خيال رنگين ۽ فڪر تنقيدي، محبوب جي ڪلام جون اهي خصوصيتون آهن، جي سندس ڪلام کي انفراديت بخشن ٿيون.

هڪ تيز فهم ۽ زيرڪ باشعور ۽ منطقي هٿ جي ڪري زندگيءَ جا مختلف پهلو ۽ انهن جا پٺي قدر چڱيءَ طرح ڏٺا اٿس، پاڻ لکيو اٿس:

"خزان جي خسارن، بلبل جي پيار، گل جي بيرخي، باغبان جي پروريش، صياد ۽ گلچين جي بيمروّتي، بادِ صبا جي ڏڻ شوکارن، وفا ۽ جفا جي مسئلن کي حقيقت شناس نظر سان ويهي ڏٺو اٿم ۽ مطالع کيو اٿم... ۽ غربت جي گود ۾ محبت ۽ محنت جي تعليم ملي اٿم. ڊائري لکڻ، شاعري ڪرڻ، مصوّري ۽ مطالعه، منهنجا محبوب مشاغل آهن. پالٽڪس، نفسيات، دينيات ۽ تاريخ، مطالعه جا خاص موضوع اٿم."

سندس لکڻ موجب سندس شاعريءَ ۾ به اهوئي اصلاحي ۽ تنقيدي رنگ نمايان آهي. منطقي موشگافيون، بامحاوره چوٽون، اصلاحي تنقيدون ۽ حسن و جمال جون نيرنگيون، وفا ۽ جفا جون حڪايتون، محبوب جون عنايتون ۽ شڪايتون، 'محبوب' جي شاعريءَ جا اهم موضوع آهن. سندس اڃا تائين کوبه مجموعه ڪلام شايع نه ٿيو آهي. —ادارو

غزل

●

ڪنڪ منهنجي طفيل آهي، مه ڪامل به مان آهيان،
مان جنهن منزل کي ڇوليان ٿو، اها منزل به مان آهيان!

مان آهيان بحرِ الفت، آبِ هستي، عشق جو طوفان،
قدم جنهن جا چُمن لهرون، اهو ساحل به مان آهيان!

مسلمان آهيان پر منهنجي سُهڻن سان به دل آهي،
ڪٽي چنجي بُتن جي قرب جو قائل به مان آهيان.

محبّت جو پڙهي ڪلمو، پڳم ڪلفت جو بتخانو،
مان آهيان مظهرِ حق، دافعِ باطل به مان آهيان!

ڏسم سهڻن کي منهنجي زندگي، مهر و وفا ڪارڻ،
محبّت جو سخي ۽ سونهن جو سائل به مان آهيان!

گلا منهنجي سان اڄ ڏاڍي ٿي ڀڪي محفلِ ياران،
اگر محفل ۾ ناهيان، رونقِ محفل به مان آهيان.

جهان ۾ منهنجي مومل، منهنجو راڻو، هرڪو پاڻ آهي،
مان خود 'محبوب' منهنجو عاشقِ بيدل به مان آهيان!

گريبان٢ چاڪ ٿيو، ٻر چاڪ دامان٢ ڪونہ ٿي سگھيو،
اڃا منھنجي جنون جو پورو ارمان٢ ڪونہ ٿي سگھيو.

ڇڪو ٿيو منھنجو مشڪل ڪنھن کان آسان ڪونہ ٿي سگھيو،
ڪر از ڪر عشق ڪنھن جي زير احسان ڪونہ ٿي سگھيو!

شب فرقت جا سڀ تاريڪ لمحا شاھدي ڏينداء
تہ روشن شمعرو ڏاران شبستان ڪونہ ٿي سگھيو.

ڏسي دربان٢ کي مون سان گڏ رقيبن اھڙي سازش ڪئي،
جو خود پرده نشين وت پيش دربان ڪونہ ٿي سگھيو.

حضور حُسن ۾ مھر و وفا جي کاڻ آيس ٻرء
عطا ٿيو درد اھڙو جنھن جو درمان ڪونہ ٿي سگھيو.

پريشان٢ حال منھنجي تي بظاھر حالياڻي ٿياء
ڪيو جيڪي رقيبن سو بہ توکان ڪونہ ٿي سگھيو!

تون ھُن کي زور يا زر سان نہ پنھنجي وس ڪري سگھندينء
ڪڏھن 'محبوب' کنھن جو قرب ڏاران ڪونہ ٿي سگھيو.

تنھنجا واسينگ مثل وار بہ سبحان الله!
تنھنجي گفتار ۽ رفتار بہ سبحان الله!

تنھنجي انڪار ۾ اقرار بہ سبحان الله،
تون دل آزار ۽ دلدار بہ سبحان الله!

بيوفا آھين، وفادار بہ سبحان الله،
تنھنجي شوخي ۾ لکل پيار بہ سبحان الله!

دلکشي تنھنجي عجب، سرکشي تنھنجي تہ غضب،
تون ڪڏھن گل تہ ڪڏھن خار بہ سبحان الله!

ڪنھن گھڙي راھون تکين، ڪنھن گھڙي مون کان ٿو لکين،
وصل جي توکي تڙپ، عار بہ سبحان الله!

تون ڪڏھن ٻين ٿو، ڪڏھن ٻيارين ٿو الفت جو شراب،
منھنجو ساقي بہ تون، ميخوار بہ سبحان الله!

تنهنجي فرقت ۾ عذاب آهي، محبّت ۾ سرور،
منهنجي لئه غم ۽ تون، غمخوار ۽ سبحان الله!
منهنجي نغمن تي فدا، سون کان اي 'محبوب' خفا،
سون لئه بيتاب تہ بيزار ۽ سبحان الله!

نظم

غريبي

صرفي ۾ قناعت جي ڏسين راهہ غريبي — اي واهہ غريبي!
دولت جي ڪيڻ کان ٿي ٻر واهہ غريبي — اي واهہ غريبي!
تو وٽ تہ فقط آهي محبّت ٿي محبّت — بس پيار جي دولت:
ٿي قرب ڏيو قيد ڪرين شاهہ غريبي — اي واهہ غريبي!
سينگار سَوا ٿي ٿين نهين پائمرادي — تون سهڻي ۽ سادي:
ظاهر جا نہ ٿي جائين ٿلها ناهہ غريبي — اي واهہ غريبي!
اخلاق ۾ اخلاص سان ماڻهن کي سدائين — پنهنجو ٿي بنائين!
ڪيني ۽ ڪُپت تي ٿي ڪرين کاهہ غريبي — اي واهہ غريبي!
تون ظلم سَهي، نيٺ جڏهن جوش ٿي کائين — طوفان' ٿي مچائين:
ڏاڍن جا سُڪايو ٿي ڇڏين ساهہ غريبي — اي واهہ غريبي!
سيني ۾ صَدف وانگي تون سانڍين ٿي گُهرَ کي — هڪ پيار جي دُر کي:
پوشيده رکين عشق جا آڙاهہ غريبي — اي واهہ غريبي!
سچ، تنهنجو اگر قدر ۽ قيمت کو سڃاڻي — الله ٿو جاڻي:
آن کي نہ رهي ڪنهن جي ٻ پرواهہ غريبي — اي واهہ غريبي!
جي ڪوبہ سَوَڙ سارو ڪڻي پير ڏکهاري — خوش ڏاڍو گذاري:
ٻي ساخته پو نعرا هڻي: 'واهہ غريبي' — اي واهہ غريبي!
غربت جي اڳيان نيٺ تونگر ٻ جهڪي ٿو — تابع ٿي چڪي ٿو:
ٿا توکان ڊجن شاهہ شهنشاهہ غريبي — اي واهہ غريبي!
مسڪين جي هرڪا ٿي صدا عرش اڏامي — جلدي ٿي اڳهامي:
الله جي در جهٽ ٿي رسي آه غريبي — اي واهہ غريبي!

تکليف ۽ ڏک ٻک ۾ خدا ياد اچي ٿو ــ ڪو راز رچي ٿو:
لا دين جا ڇڏيا تو ڪيڊي لاهه غريبي ــ اي واهه غريبي!

سمجهو ته غريبن جو ٻيو ڪير ٻ ناهي ــ الله ته آهي:
ٻئي ڪنهن جي ڪيڊي ٻوه ڇو پرواهه غريبي ــ اي واهه غريبي!

درويش، نبي، رهبر و عاشق تو نپايا ــ مقبول بنايا:
آندا تو گهٽا راهه تي گمراهه غريبي ــ اي واهه غريبي!

دنيا ۾ ڇڳا چار جي آهن ڪي لڪا ٻيا ــ تو وت ڏي لين ٿا:
بس ڪهڙي ڪيان تنهنجي مان ساراهه غريبي ــ اي واهه غريبي!

ان کي ٿو حياتي جو مان سينگار ڏي پانهان ــ سيني سان لڳايان:
'محبوب' ڏني مون کي جا الله غريبي ــ اي واهه غريبي!

قطعا

(۱)

جو راز هجي، راز کي بس راز رهڻ ڏي،
همراز کي هر وقت نه همراز رهڻ ڏي؛
ماحول ۽ ماحول ۽ ماحول جي ڇڏ ڳالهه،
ناساز هو، ناساز آ، ناساز رهڻ ڏي!

(۲)

جنهن تي ڪا مشڪلات ڪانه آهي،
تنهن کي ڪجهه حاصلات ڪاله آهي؛
سرد سولائي سر سهائڻ ٿا،
جهڙي تهڙي جي بات ڪانه آهي!

(۳)

ڏي ڪن جي دوستي ڪان ڪن جي وڏي عداوت،
ڪن جو ڪيائن بہ خواري، ڪن جو رڻ بہ راحت،
ڪهڙي طرح ملڻ ڏئي، افسوس، هاءِ قسمت،
هيٺ جيڏي محبت، هٿ اوڏي ڏي نفرت!

(۴)

ٻيو ته سيکجهه لڏي وڃين دلبر،
صرف اکين ۾ آب رهجي ويو؛
يعني مجروح دل جو تنهنجي لاءِ،
هڪڙو هلڪو عتاب رهجي ويو!

(۵)

ترڪ الفت ڪرڻ ۾ سوچ سجڻ،
ايترو جلد فيصلو نه ڪجي؛
پنهنجو جوڙو جفا ته جاري رک،
پيار جو بند سلسلو نه ڪجي؛
پنهنجي نفرت کان مستفيض ته ڪر،
صرف الفت کي مشغلو نه ڪجي.

(۶)

روئي روئي، ڪيلي ڪيلي ڏسجي،
زندگي جو مزو وڃي ڏسجي؛
ڪيترو قرب ۾ ٻيا ليکنداسين،
اڄ ته ميدان تي اڇي ڏسجي؛
منهنجي دل کي فقط تون ڏوه نه ڏي،
پنهنجي دل تي ٻ هٿ رکي ڏسجي!

(٧)

شوخيون ۽ شرارتون آهن،
حسن وارن جون عادتون آهن؛
مان فدا جنهن تي، سو فدا ٿئي تي،
آفتن تي بہ آفتون آهن!

(٨)

هر قدم جي نشان کي گولیان ٿيو،
گم ٿيل کاروان کي گولیان ٿيو؛
مون کان وڃڻي ويل، ورو! سائيو!
آءٌ ڏاڍو اوهان کي گولیان ٿيو.

(٩)

ايتري بيرخي چڱي ناهي،
هٿن کناره کشي چڱي ناهي؛
منهنجي غم جي بہ کجھ ملاوت ڪر،
توکي خالص خوشي چڱي ناهي،

(١٠)

حسن کان بدگمان ماڻهن وٺ،
عشق وارن جي کهڙي گالهہ کجي؛
جي کڻان جون بہ ٻيا گلائون ڪن،
تن سان خارن جي کهڙي گالهہ کجي.

(١١)

توکي دلبر وري وري ڏسجي،
تنهنجي صورت ڏسي ڏسجي؛
تنهنجي پوشيده پيار تان صدقي،
تنهنجي الفت عجيب ٿي ڏسجي.

(١٢)

بهاري جو جلوو خزان ۾ بہ آهي،
خوشي کجهہ سمايل غمان ۾ بہ آهي؛
رکو بيوفائي نہ سهٹن جي سمجهو،
مگر کا کڇائي اسان ۾ بہ آهي.

(١٣)

باغبان کان نہ گل ٻني وڃجي،
گل مقصود خود چني وڃجي؛
صاحب سازي مان جي ٻلو نہ ٿئي،
چنبہ کان زوري چاندني وڃجي،
سچ جي گل تي هک چمات هڻي،
پنهنجي حصي جي روشني وڃجي.





"راز" بلڙائي

محترم "راز" هن طرح پنهنجي سوانح لکي آهي:

نالو: ابوالامين عبداللطيف "راز" بلڙائي، والد جو نالو: عبدالستار، ذات: کوريجو.

جاءِ ولادت: درويش، ضلعو ٺٽو.

تاريخ ولادت: ۱۲- ڊسمبر ۱۹۲۳ع.

ملازمت: پوليس ڊپارٽمينٽ.

شاعري: شعر و شاعريءَ ۾ استاد الشعراء 'بسمل' ٽکڙائي ۽ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان صاحب 'طالب المولا' جن جي شاگرديءَ جو شرف حاصل آهي.

تاليفات: 'ڪناهه'، 'شرابي'، 'بک ۽ بيڪاري' ۽ 'ڪلبدن'.

"راز" صاحب ڪلام مختصر ڇيو آهي، پر فني لحاظ سان نهايت سليس ۽ رنگين شعر چوي ٿو. غزل جو شاعر آهي، پر ان سان گڏ نظم به لکي ٿو. سندس ڪو به شعري مجموعو شايع نه ٿيو آهي. —ادارو

* * *

غزل

اڄ ته اڄ اي دل وري ڪي يار جون ڳالهيون ڪريون،
مه جبين محبوب ۽ منڌار جون ڳالهيون ڪريون.

هر نگاهِ مست جنهن جي فتنءَ خوابيده آهي،
تنهن سڃڻ جي گيسوئي خمدار جون ڳالهيون ڪريون!

هڪ نگه جي وار سان جنهن دل ڇڏي زخمي ڪري
اڄ انهيءَ دلدار دل آزار جون ڳالهيون ڪريون!
وصف جنهن جي والضحيٰ والليل ۾ آهي عيان،
تنهن مٿي محبوب دلبر يار جون ڳالهيون ڪريون.
'راز' اهڙو رازدان کو هٿ ڪري ڳولي لهون،
جنهن سان ويهي عشق جي اسرار جون ڳالهيون ڪريون.

●

توسان ڪُجهڙين ڳالهين جي مدّعا رکندو اچان،
جي ڏنا مون ڏُک، اُنهن جي ماجرا رکندو اچان.

تنهنجو غم باقي رهي، غم جو اثر باقي رهي،
تنهنکري پنهنجي تباهيءَ کي روا رکندو اچان.

ڪيئن ڪريان تنهنجي تمنّا جي پلا دعويٰ سڄڻ،
پنهنجوئي مان پاڻ کي ٿو مبتلا رکندو اچان.

ڏس ته پوري ٿي ڪڏهن ٿئي حسرتِ فردا اي 'راز'،
زندگيءَ جي هر خوشي جنهن لئه جُدا رکندو اچان.

●

هر سزا ۽ هر جفا جو شڪريو،
دوست! پاداشِ وفا جو شڪريو!

مون کان وجهِ چاکِ دامانِ نه پڇ، اُن حسين ڪافر ادا جو شڪريو.
بس هٿن مان ٿي وڃي منهنجي ته دل، تُنهنجي اندازِ حيا جو شڪريو.
زندگي جهليو آ دامن موت جو، بس، مسيحا بس، دوا جو شڪريو.
سحر گهه آ 'راز' ميخانو ڪليو، ان نگاهِ نيم وا جو شڪريو.

●

هڪ ڏک جو ڏُڏل، مسڪين مُٽل، آرام پرائڻ چا جائي؟
ڪنڌن ۾ گذارڻ وارو پلا، دامن کي بچائڻ چا جائي؟
جو عمر سموري آهه رهيو آغوشِ بحرِ آفت ۾،
طوفان مان پنهنجي ٻيڙيءَ کي سو پار لڳائڻ چا جائي؟

تقدير جو دم هٿندي هٿندي، موت جي مُنهن ۾ ويندڙ کو،
تدبير سان ڪهنجي مشڪل کي آسان بنائڻ چا چاڻي؟

بس جوشِ تڪلّم لب تي ۽ سيلابِ تمنّا اکين ۾،
سرشارِ محبّت ديوانو احوال ٻڌائڻ چا چاڻي؟

هوءِ کي تسلّيءَ جوڳا لهيون، اي 'راز' کوايندوکنهن کي يقين،
کيلندڙ کي رُناڙڻ وارو ٻلا رُنندڙ کي کيلائڻ چا چاڻي؟

●

خدا چاڻي ته دشمن چو ٿئين اي آسمان' منهنجو،
هزارين ٻار ناهيم پر جلايئي آشيان' منهنجو!

اميد و ياس حسرت سان وجان ٿو کوئي دلبر ڏي،
اٿم ايءُ آسرو منزل تي رسندو کاروان' منهنجو.

خدا جي واسطي بس کر، فلک آفات ٻيهر کان،
سهي صدما سگهي ٿو کين جگرِ ناتوان' منهنجو.

اسيرِ بينوا آهيان، نکو همدم رهيو باقي،
اچي مشڪل نظر ۾ کيڻ، کو آهي مهربان' منهنجو.

هئو سير، سو به مون صدقي کيو سهڻي سندي سير تان،
ٻُڌائج چا وئين ٿو آسمان تون امتحان' منهنجو؟

اٿم اميّد جا دل ۾، خدايا! سا تون پوري کر،
اچي دلبر، وَسن ويڑهه، منوّر ٿئي مکان' منهنجو.

رکيو مون 'راز' سيني ۾، بنائي تنهنجي الفت کي،
ٻين کي چو ٻڌايان، تون اچي ٻُڌ داستان' منهنجو.

●

چئو نه اي واعظ مون کي بدکار، عصيان کي ڏسي،
فيصلو کر ٻوءِ، ٻهرين فضلِ يزدان کي ڏسي!

منهنجي دلبر جي ٻلا ٻي وصف چا هن کان وڌيڪ،
چنڊ ٿو شرمائجي، جنهن رُوئي خندان' کي ڏسي.

هي زماني جا حوادث کيڻ کندا مون کي آداس،
تي پريشان سان ٻيس، زلفِ پريشان کي ڏسي.

شڪر لِلّٰه! يار منهنجو ٿيو رفوگر آهه نيٺ،
چاڪِ دل، چاڪِ جگر، چاڪِ گريبان ڪي ڏسي!

تيغِ ابرو سان اڇيئي جي دليون آهن شهيد،
سي ڏڇن ڪيئن اڄ پلا شمشير برّان ڪي ڏسي.

ڪشتيءِ مسلم جو آهي، 'راز'، حافظ خود خدا،
ڇو ٿئين ٿو تون پريشان، ڪنهن بہ طوفان ڪي ڏسي!





"نشتر" ناٹنشاهي

محترم غازي الدين "نشتر" ناٹنشاهي، پنهنجي ديس ۾ مشهور شاعر، لغاري بلوچ قوم جي گلياڻي خاندان سان آهي. ضلعي دادو، تعلقي خيرپور ناٹنشاهه جي ڳوٺ گهاري ۾ سندس مستقل رهائش آهي، جتي کيس کافي ملکيت آهي. ۱۵- مارچ ۱۹۲۹ع تي تولد ٿيو ۽ انٽر آرٽس تائين تعليم ورتل اٿس. سندس طبيعت هميشه خوددار، سخاوت ڏانهن مائل ۽ خدا تي پروسو کندڙ رهي آهي. پاڻ يارن سان وفادار رهڻ، دوستي ۾ نفعي-نقصان کي نه ڏسڻ، ۽ ڪَس کائڻ کي پنهنجو شعار سمجهندو آهي.

شاعريءَ ۾ سندس استاد مشهور شاعر مولوي محمد عبدالله 'اثر' لاڙکاڻوي آهي، جنهن جي عنايت سان غالباً ۱۹۴۸ع کان موزون شاعريءَ ۾ قدم رکيائين. انهيءَ کان اڳ لوڪ ادب سان چگو واسطو رهيس. سندس ڪلام هر سنڌي رسالي، اخبار، توڙي مخزن ۾ نظر ايندو رهي ٿو. سندس خاص آنس سماهي "مهراڻ" سان آهي.

"بزم طالب المولا" شاخ خيرپور ناٹنشاهه جو روح روان ۽ خاص رکن ۽ کافي وقت کان بزم جو سيڪريٽري رهندو ٿو اچي. سندس جدوجهد سان بزم نه صرف علمي ادبي ترقي ڪئي آهي، بلڪ ڪيترا نوان شاعر پڻ پيدا ڪيا آهن. "جمعيت الشعراء سنڌ" جو کافي وقت کان جوائنٽ سيڪريٽري رهندو ٿو اچي. —'شاهين' ناٹنشاهي

* * *

محترم "نشتر" ناٹنشاهي پنهنجي فن جي حيثيت سان ادبي دنيا ۾ سٺو مقام حاصل ڪيو آهي. سندس هيٺت ۽ اسلوب اگرچه قديم فن سان پيدا ٿيل آهن، پر ان سان گڏ فن جي افاديت، زبان جي صحت، ۽ خيال جي ندرت، سندس فن کي جديد دؤر ۾ پسنديده مقام تي پهچايو آهي.

'نشتر' ۾ هر صنف تي لکيو آهي: غزل، نظم، آزاد نظم، قطعا ۽ رباعيات سندس پسنديده اصناف آهن. سندس ذوق جي فراواني، مطالعه ۽ سخن جي مشق الشاءالله کيس تکميل فن جي ان مرحلي تي پهچائيندي، جتي قادرالکلام شاعر پهچي چکا آهن. —ادارو

کافي

*

تنهنجي قرب ستان قربان وڃان،
سَوَ سيرڙا هجن، تہ ۽ گهوري ڏيان!

توکي سخين جوئي جاڻي سَکي، آڏو آهي فقيرن جهولي جهلي،
تنهنجي ديد سعيد جو خير ونئي، مان شاد ٿيان، آباد ٿيان!

مون کان دمدم ٿيندي آهي خطا، توکان هردم ٿيندي آهي عطا،
هي کيڏو ڪرم آ مون تي ميڙا، توکي پنهنجو ظلّ الله چوان!

تو لئہ شاهہ گدائي هنجن ٿا، تنهنجا سيئي نوڪر سڏجن ٿا،
خم سير تونگز ڏسجن ٿا، تنهنجي در جو ڇا اعجاز چوان!

تنهنجي پيار جي 'نشتر' لاري لڳي، سهڻا هزم ۾ ويٺس هار هٿي،
اوچي ڪَر سان پنهنجو ڳات ڪٽي، شل جيڏن وت مان ناز ڪيان!

گيت

ننگي رکجان ننگ

ديس جا ماڻهو ڏاڍا ڏکيا، جن ۾ ناهي ڍنگ:
الا ڙي! ننگي رکجان ننگ!

ڳالهائن ٿا اهڙو، جهڙو ڏينيوہ جو آ ڏنگ:
الا ڙي! ننگي رکجان ننگ!

پورا ٿا کارن تي ڪُرکن، نيٺ تہ هرکو انسان آ،
سونهن تہ قدرت جي آ هٿ ۾، ملبو جيڪو رنگ:
الا ڙي! ننگي رکجان ننگ!

سيکو پيو ٿو سير سڏائي، پاءُ ۽ ڪنهن کي چئي تہ ڏسو،
ناهي ڪنهن سان کار ڪُچن جي، هرکو آ اڙنگ:
الا ڙي! ننگي رکجان ننگ!

'جيڪو ڏايو، سوئي ڪاهو' وارو ٿو وهنوار هلي،
حيرت ۾ جذبات ڏسون ٿا، آهن چُپ آهنگ:
الا ڙي! ننگي رکجان ننگ!

ٿورو ۾ ڏاڙيل زمين تي اوچي ڪَر سان ٿا ڏسجن،
ڏرتي ماتا پيي ته شريفن لئه ٿي آهي تنگ:
الا ڙي! ننگي رکجان ننگ!

گدڙ، گدڙ جي اونائڻ تي اونائيندو ضرور،
ليکن ماڻهو، ماڻهوءَ سان آ جوٽيو ويٺو جنگ:
الا ڙي! ننگي رکجان ننگ!

ڪنهن آ تيلي هاري، ڪنهن هت هاپ جي راند رچائي آ؟
ڏيئي جي جا لات آڻي، تنهن ڪٽيا ڪيئي پتنگ:
الا ڙي! ننگي رکجان ننگ!

ڪاريهر ڪان وڌ آ زهري اڇلهه جو انسان الا،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ بدلي ٻيو ٿو خطري وارا رنگ:
الا ڙي! ننگي رکجان ننگ!

نفرت جو هر دل تي قبضو، قرب ٻيو مايوس رهي،
ڪلفت، الفت جي ٿي ويري، پيار ويو ٿي تنگ:
الا ڙي! ننگي رکجان ننگ!

دل سان آبو خون، ۽ نيٽن گوڙهن جي برسات ڪئي،
کو ته آ دردي، درد منجهان جو چوري ويٺو چنگ:
الا ڙي! ننگي رکجان ننگ!

ذات تي ناهي ذات، ادا ڙي! جيڪي وهندو، سوئي لهندو،
صحبت جو ٽيندو آ اثر ۽ سَنگ جو آ ٻرسنگ:
الا ڙي! ننگي رکجان ننگ!

'نشتر' حامي ساڻي پي جذبات جا دشمن ڏسجن ٿا،
ڏينهن اهو الله ڪري جو نانگا ٿين ليسنگ:
الا ڙي! ننگي رکجان ننگ!

غزل

●

جي ڪمائڻ لئہ ويا، نقصان پائي موٽيا،
جهول هيرن جا ڏئي، ڪوڏ بون ڪمائي موٽيا!

سُود خاطر جي ويا، نذرِ زيان؟ آيا نظر،
جيڪي هٽ ۾ هون، سو الٽو اڏائي موٽيا!

ٽي صراف آهن ويا ڪم ظرف يا محتاجِ نور،
سونُ ڪي سمجهي پيتل، سستو ڪپائي موٽيا!

هي نظارِ بزم چنجي ساقيا! جو مئي پرست،
ويا مسرّت لاءِ ليڪن غم پيرائي موٽيا!

هاءِ ڙي تنگيءِ قسمت، هاءِ ڙي دردِ چمن!
باغبان جيڪي بہ آيا، ون وَيائي موٽيا!

سادگي رَهرُو جي چنجي، يا دغائے رهنما!
جو نظر جي آڏو منزل کي وڃائي موٽيا!

بجليين جي خوف کان جن کي محافظ سمجهيم،
سي ئي شاخ و آشيان؟ هٽ سان جلائي موٽيا!

طعنہ زن غيرت آنهن جي بُزدلي تي آهي، جي،
آبرو ڪوڏيءِ جي قيمت تي ڪُرائي موٽيا!

جيڪي هت فخرِ وفا جو دم هڻي ويندا رهيا،
آرزو هٽ سان ستيءِ ۾ ميلائي موٽيا!

سر پرستن پي تہ قصرِ داد ۾ هي آ ڪيو،
حق ونڻ چا؟ آقي باقي حق ڪسائي موٽيا!

غيرتن جن کي محافظ سمجهيو ٽي 'نشتر' اهي،
عصمتن جا ساٿ خود هٽ سان لٽائي موٽيا!

رباعيون

(۱)

هر ڪُفر کي ايمان، چئي ويٺاسين،
هر ڏور کي انسان، چئي ويٺاسين؛
ڇ وقت جي طاغوت کي ٻڌ اي 'نشتر'،
رحمان ڇ يزدان، چئي ويٺاسين!

(۲)


فرعون جي دنيا سان بغاوت آهي،
شداد جي جنّت کان شڪايت آهي؛
جنهن حُسن زليخا کي مڃايو ناهي،
ان صورتِ يوسف کان حقارت آهي!


(۳)

طوفان سان لڙڻ وارو سفيتو آهيان،
هڪ شير سپاهيءَ جو سينو آهيان؛
والله! ايا يي جي ٻُڌو ٿا مون کان،
مزدور سندو ٻاڪ ٻُسنو آهيان!

(۴)

سازش جي طريقي سان گهُرايا ويٺاسين،
ويهاري، ڪچهري ۾ آڻاريا ويٺاسين؛
ايڏو ته اڇي ٻار ٿياسين، 'نشتر'،
جو ڏوهه نڪو ڏوهه، تڙايا ويٺاسين!





"خادم" سروري

"خادم" سروري مشهور معروف گائڻو ۽ ريڊيو آرٽسٽ آهي. سندس سوز ۽ جذب وارو والهاڻ ۽ دلڪش آواز هزارن دلين کي کيف آور ۽ رنگين فضا ۾ آڻي ٿو. طبيعت ۾ سوز ۽ جذب، کيف ۽ ذوق جام اٿس. ڀاڻ نه فقط سٺو گائڻو آهي، پر ان سان گڏ سٺو شاعر ٻڌ آهي. سندس تخليقي فن جو اظهار سندس کافين ۽ واين ۾ موجود آهي. سندس شاعري هڪ دردمند دل جي وجدآور صدا آهي. سندس کلام ريڊيو تان نشر ٿئي ٿو، ۽ سندس کلام جا کيترا رکارڊ ٻڌ پريل آهن. جنهن محفل ۾ سندس شرکت ٿئي ٿي، اها رلگ ۽ آهنگ سان سرشار رهي ٿي.

ٻنهنجو مختصر تعارف هن طرح لکيو اٿس:

"نالو حسين بخش ولد پيربخش پنگر، ڳوٺ آراضي، تعلقو سيوهڻ، ضلعو دادو. پيدائش ۽ آراضيء ۾ ٿي. مختصر تعليم ۽ اتيئي ٿي. شاعريء جو دور سائين 'طالب المولا' جن جي صحبتن جي اثر هيٺ پيدا ٿيو. اول اول سندن کلام گائيو هو، ۽ محفلن ۽ مجلسن ۾ خوب رلگ جمندو هو. ان کان متاثر ٿي کافيون لکڻ شروع ڪيم، ۽ پوءِ محفلن ۾ ترنم سان، ڪڏهن سازن تي، ته ڪڏهن بنا سازن جي گائيندو هوس. سائين 'طالب المولا' جن منهنجا استاد ۽ مرشد آهن، جن جي تربيت، اصلاح ۽ نيڪ نظر هن 'خادم' کي گهڻو نوازيو آهي. عمر هينئر ۳۸ سال آهي. بيت، غزل، نظم، کافي ۽ وائي پسنديده صنفون آهن." ـ ادارو

* * *

بيت

(١)

ويهه وچ مرَ منهنجا پرين! اي جاني جيءَ جيار،
ماکيءَ مصريءَ کان مٺا، محب سندم مٺيار،
'خادم' کي ڪيئن ٿو ڪري، دلبر وڃين ڏار،
مون سان ڪري پيار، ٻو ٿو وڃ جون وايون
ڪرين!

(٢)

ويهه وچ مرَ منهنجا پرين! تون وڃ نه وار،
آٿئي پهر عجب آ، ساجن تنهنجي سار،
مان وڃان پرئين پار، ٻو تون وڃ جون وايون
ڪجانءِ!

(٣)

ويهه وچ مرَ منهنجا پرين! رهه تون هڪڙي رات،
ايا ٻوري کانه ٿي، آ برهه واري ٻات،
'خادم' چوي رهه ته ڪريون مڙي ملاقات،
برهه ڏٺي پريات، ٻو وڃ جون وايون ڪجانءِ!

(٤)

ويهه وچ مرَ منهنجا پرين! رهه ته ڪريون رهاڻ،
مون کي پنهنجي هٿن سان، تون ميڙا ملک آڻ،
ٻو راڻين پرياڻ، ٻو تون وڃ جون وايون ڪجانءِ!

(٥)

ويهه وچ مرَ منهنجا پرين! تون لالڻ وچ نه لڏي،
چا جي ڪري مون کي هيڏي، ٿو وڃين ٻار چڏي،
مون کي مٽيءَ گڏي، ٻو تون وڃ جون وايون ڪجانءِ!

(٦)

ويهه وچ مرَ منهنجا پرين! منهنجو تو ٻر ساهه،
ٻو روڻي ٻساهه، ٻو تون وڃ جون وايون ڪجانءِ!

(٧)

ويهه وچ مرَ منهنجا پرين! تون گهڙي ٻل ترس،
توکي آڳ نه چڏيان، جي هلي منهنجو وس،
'خادم' چوي منهنجا پرين! برهه ڪيو بيوس،
ڪري گولي گس، ٻو تون وڃ جون وايون ڪجانءِ!

(٨)

ويهه وچ مرَ منهنجا پرين! منهنجي ساعت کين سري،
رهه ڪا رات 'خادم' وٽ، ڪامل قرب ڪري،
مٽان مٽي وري، ٻو تون وڃ جون وايون ڪجانءِ!

ڪافيون

*

ڪنيون نيڻ نازڪ جڏهن ٿو نهارين،
ته هلندا هزارين برن ۾ بيهارين!

عجب تن جي عادت ڪيان ڳالهه ڪهڙي، مسهائي اکَ مون ڏني کانه اهڙي:
جيارين ٿو ماريں، ۽ ماري جيارين!

جي ڪنهن مهل سُهٽا هو آڏري اچن ٿا، ته دل جي ٻکي کي سي وٽيو وجهن ٿا:
تون هڪ مهل ٻي بازڪيئن ٿو آڏارين؟

اصل کان ٹي اڻ-موٽ ٻي پير آهن، خدا شل ڪري ڪين ڪنهن تي هو ڪاهن:
اهي خولي ڏاڙيل ڪيڻ ٿو ڏتارين!
انهن ۾ وڏا ڪوڙ ۽ شور آهن، ڪي ڏاڙي تي نڪتا، وڏا چور آهن:
ڏکايو چڏن جي ٿو آهرُو آلارين!
تون هڪڙو ۽ ڏُکڙين، آ مون لئه غنيمت، منا منهنجي لئه بس إهائي آ نعمت:
تون پنهنجي ڪين مان جي 'خادم' ڪي پيارين!

*

جاڳ مسافر! ويل وهائي،
سڄ جو سودو سار سنپار!

دم گهڙيءَ جو آهين مهمان، ڪر سجاڳي، ٿيءُ نه نادان،
ڪر اٿي ڪا قرب جي ڪار، جو سُتو آهين جاڻي واٽي!
ڪوها ڪپر تي ٻيٽو آهين، عشق جي دريا پير لهائين،
هڻ ٻي تون لنگهه هن پار، ساجن ٿيندءِ سير ۾ ساٿي!
ننڊ ڇڏي ڪر يار نياڳي، جانب کي ڏس جاڳي جاڳي،
دل جو دلبر دم نه وسار، جاٿوُ ٿي، هن جاڻ کي جاڻي!
واٽ تان ورندبون خيال جون ڪوٽيون، محبت واريون ڪينڪي موٽيون،
واڳون وحدت ڏي ٿي وار، محبت جي هن موج کي ماٽي.
'خادم' ٿي جن يار کي ڳوليو، تن جي دل ۾ بهڳڻ بوليو،
دل جو دلبر ناهي ڏار، بحر مٽان ڪرين ٻاٽي ٻاٽي!

غزل

●

ارادو آهه پختو، دوست! منزل سان اسان جو ڇا،
فقط آ جستجو ٿي حقّ، باطل سان اسان جو ڇا؟
اگر زنده به هو آهي، مگر زنده به آ مُرده،
جا ذڪرِ يار کان خالي، انهيءَ دل سان اسان جو ڇا؟
شهيدِ ابروٽي جانانِ من آهيون هميشه ٽي،
اسان جو ڇاهي مقتل سان، ۽ قاتل سان اسان جو ڇا؟
ميءَ گلرنگ سان مون کي، ڪيو مخمور ساقيءَ آ،
شراب و ساغر و مينا سان محفل سان اسان جو ڇا؟

چمون ٿا مصحفِ رخ کي، کيون ٿا ڏور روزان،
رخِ تابان تان صدقي، ماه کامل سان اسان جو چا؟
نگاهِ تيز سان زخمي ڪري ۽ ٻو نٽو باسين،
مان ٽٽکان ٻيو، چئين ٿو تون ته بسمل سان اسان جو چا؟
تون مون کي اڻوٽي خنجر هڻي ٿو چئين ته ڪير آهي؟
اهوئي ڪافي آهي چئو ته گهائل سان اسان جو چا؟
هتان مولا عليءَ جي ٿي ويا آسان سڀ مشڪل،
اي 'خادم' خوش ٿي چئو تون هاڻ مشڪل سان اسان جو چا؟

●

اوهان سان حُبّ ۽ هر هر مٿا وري نه ڪبي،
خطا معاف ٿئي، اهڙي خطا وري نه ڪبي.

مون ننهنجي ٻار تي هڪڙي چمي ڏني، تون وڙهين،
جا گهالهه توکي ڪري ٿي خفا، وري نه ڪبي.
اسين ته آهيون ٻيارا اوهان جي قرب ۾ مٿا،
مٿا تون چٽڻ ته مٽي جي گلا وري نه ڪبي.
خدا جو ٽڪر جو آخر اوهان جي دل ته پني،
اوهان زبان سان چٽو ٿا، جفا وري نه ڪبي.
بنا گهُرائي اچي ويا سون، ناڪوار لڳڻ،
خطا ڪا اهڙي اي ماهِ لقا، وري نه ڪبي.
شهيدِ ناز کي ٻي گور ٻي ڪفن جو ڏنئين،
خدا سان وعدو ڪيائين ادا وري نه ڪبي.
اسان جي روح تي سيلاب ٿو جهان ۾ اچي،
فراقِ يار ۾ آه و بُڪا وري نه ڪبي.
جِنا ٻجهاءِ تون 'خادم' جو خون لاهِ ٻرين!
تمنّا پوري ٿئي، التجا وري نه ڪبي.

●

ننهنجي حال جو محرم ڪوئي نه، مان بيمار جدا، بيزار جدا،
ڇو مون کان رقيبو ٿا ننهنجو ڪيو، ديدار جدا، دلدار جدا.
هڪ درد الم ٻيو سوز ۽ غم، تيو آه و فغان، ٿو اڪري دم،
ٽي پنجون ويو مون کان هوت هنئين جو هار جدا، منڌار جدا!

هي منهنجي غريبي آميري اٿو ۽ منهنجي اميري فقيري اٿو،
ٿيا منهنجا مُطيع سيبيٽي ادا، نادار جدا، زردار جدا.
تو زلف سيه جو دام وجهي دل قيد ڪري ٿي ڏنگ هنيا،
ٻيو هڪڙي آچل سان منهنجي گلي ۾، جار جدا، ۽ مار جدا.
چو دؤر خزان جو واءُ وريو، بستان سجو ويران ٿيو،
هن حالت کي ڏسندي ٿي رنا، گُل خار جدا، گلزار جدا.
اي محب مٺا الله ڪري شل واءُ نه توکي ڪوسو لڳي،
تون ملڪ سجي جو آهين سهي، سردار جدا، ٻگدار جدا.
منهنجو قال نه آهي حال آهي، منهنجي حال ۾ ڪوئي خيال آهي،
منهنجي مستيءَ کان مدهوش ٿيو، ميخوار جدا، سرشار جدا.
منهنجو صبر سمورو راز آٿو، منهنجو راز سمورو ساز آٿو،
منهنجي ساز ۾ ڪو آواز آٿو، انڪار جدا، اقرار جدا.

♥

بهار ۾ به گلن کي مون ٻيقرار ڏٺو،
قرار ڪنهن کي نه هو، هرڪو حالِ زار ڏٺو.

نسيمِ صبح پريشان، گلن ۾ درد و الم، چمن اداس ۽ هر گل کي تار تار ڏٺو.
سوا غرض جي ڪٿي دوستي رهي آهي، ڪهڙو مون وقت زماني کي يار يار ڏٺو.
اي دوست، هن جي لبن جي مان چاکيان تعريف، مون يار لعلِ بدخشان به شرمسار ڏٺو.
نظر جو تير هٿي خوش ٿي يار يار ڪيائين، اسان لاءِ موت، اوهان ٿي صنم شڪار ڏٺو.
اسان کي عشق و محبت ملي ويا ورثي ۾، اکيون ڪٽيون تہ اسان بس رکوئي پيار ڏٺو.
اهو ڪٿي آهي جو دل ۾ راز کي سانڊي، اچا تہ هڪڙو به اهڙو نه رازدار ڏٺو.
الاجي ڪيئن پلا پٽلجي وبو غير وت 'خادم'، خدا جو شڪر جو ماحول سازگار ڏٺو.





"جليل" سروري

محترم "جليل" سروري غزل ۽ کافي جو شاعر آهي. سندس غزل اکثر ڪري "مهراڻ" رسالي ۾ شايع ٿي چڪا آهن. "جليل" ۽ نئين بحرن ۾ لکڻ وارو شاعر آهي. شاعريءَ ۾ نڪته آفريني ڪندي، معمولي ۽ پائمال مضمون کي رنگين بنائي ڇڏي ٿو. ٻاڻ هن طرح تعارف لکيو اٿس:

"نالو: محمد يونس ولد راڻو ٻلي، تخلص: "جليل" سروري.

عمر: چار ڪهت چاليهه.

شاعري: شاعريءَ ۾ استاد اعليٰ حضرت سائين 'طالب المولا' جن آهن. شاعريءَ ۾ ڪافي ۽ غزل منهنجي پسند جون صنفون آهن. شاعريءَ جي ديوي سون کان ڪهڻو ڪري رُئل رهندي آهي (سندم نصيب جيئن). اگر ڪڏهن ڪڏهن ۾ اينديءَ آهي تہ ٻ-ڻي شعر ٿهي ويندا آهن. نهايت مشقت ۽ پريشانيءَ واري زندگيءَ جي باوجود ٿورو گهڻو مطالعه ڪندو آهيان. پيار، الفت، سکون ۽ دولت، زندگيءَ لاءِ ڇا نٿو گهرجي!" -ادارو.

* * *

ڪافيون

*

سارُ وڻڻ ۽ سليس - ساريو ويڻي، سرتيون ساريان!

عمر ادا جي ڏيان ڏربن هار، پيٽ ڪي ڪيئن ٻو قيد ڪرين هار؛
حاڪم، آهي سان حقير - ڏينهن ڪهنگهر جا ويڻي گهاريان!

عمر اڇا هي تنهنجا ڪپڙا، ستور نه ميري لوئي جهڙا؛
هوند هجان نه اسير - تنهنجي وڃن تان واري واريان!

ڪوٽ ۾ هي قيد ڪٽي سان، ويندس وري ولهارن ڏي سان؛
اٽڪ اهائي اکير - هريت هونهارن سان شل پاريان!

جيءَ ۾ 'جليل' آهي جهوري جهانگين، ساهه ٿو ڏيو ساري سانگين؛
ملندو مارو مير - راهون جن جون روز نهاريان!

*

هرين هرديس وارا هڪيرا، توکي خدا آڻي،
دکويل منهنجي دل جا دلربا، توکي خدا آڻي!

جلي ٿي جان، جانِ آرزو تنهنجي جدائيءَ ۾،
ڪري کو قرب منهنجي کاڻ ۽ توکي خدا آڻي!

وسيلا واهرو منهنجا، سوا تو ڇا وهيو دل تي،
سڀاڻين حال سرسبزو صفا، توکي خدا آڻي!

فراقن قتل ڪيا دل تي، سڪايو ساهه ڪي سورن،
ججهي ٿي جان جهوري ۾ جدا، توکي خدا آڻي!

'جليل' آهن اکيون لايون، اوهان جي واٽ ۾ وارث،
وڃڻ واجب نه هاڻي وار ڪا، توکي خدا آڻي!

غزل

●

تو سيکي ريت هي وري ڪهڙي،
هي ستائڻ، هي خود سري ڪهڙي؟

ڏوهه ٿا جي ڪريون تو مالڪ جا، شيخ صاحب جي وَٽي پَري ڪهڙي!
دل ۾ پيدا ڪري نه سوز گداز، سا وري چٽبي شاعري ڪهڙي!
ڪرڻو انڪار آ ته صاف ڪجي، اي هرين! هي وري وَري ڪهڙي!
غير پنهنجا ۽ پنهنجا غير ٿيا، دلربا! تنهنجي دلبري ڪهڙي!
مون چيو ڏي خبر، چپائين بس: تو پُڇين يار سو وري ڪهڙي!
درد سان آنس، پيار فرقت سان، دل 'جليل' آهه ٿي جَري ڪهڙي!



«ولي» سروري

محترم 'ولي' سروريءَ پنهنجو تعارف هن طرح ڪرايو آهي:

"سترهن ورهين کان ڏڪ ڀهراڙين ۾ رهي، ٻار ٻاڙهي، بيروزگارن ۾ واڌ آڻيندو تو رهان. ڪوئن وارا 'فاعلاتن فعولن' مان ڪونہ ڄاڻن: سندن خيال موجب شاعر اهو آهي، جيڪو الفي ٻائي، ٻڪناري ڪڙتال تي ڳائي ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڀڄت وڄهي - تنهنڪري ڪن ٿورن سڃڻن کي خبر آهي تہ آءٌ پنهنجي منهن شاعر هجڻ جي دعويٰ ڪريان ٿو. ادبي محفلن ۾ وڃڻ لاءِ وسيلا ۽ والدڪائي گهرجي. آءٌ ٻنهي کان محروم آهيان. اخبارن يا رسالن ۾ لکي موڪلڻ مون کان ٻ ڪونہ ٿو پڄي، جو سست آهيان. اهوئي سبب آهي جو پڙهندڙ منهنجي نالي کان ٻ بيخبر آهن.

نالو ولي محمد ذات رونجهو، ڪنيت ابوطه، تخلص 'ولي' سروري اٿم. (ڪجهہ وقت اڳي 'ولي' سرشاري سڏبو هوس). ڀڳهار جو ٻج سيڪڙو ٻاندي‌ءَ سان ڪتابن تي خرچ ڪندو آهيان. افسانا، ادبي مضمون ۽ مزاحيہ ليک اڪثر ٻ ڪوڙيون ڪن لکي ڇڏيا اٿم. موزون شاعريءَ ۾ ذري گهٽ ديوان تيار آهي. ڪافيون ٻ - ايائي ڍزن ڪن لکيل آهن، ۽ ڳائي ڏيکاري ٻ ڪونہ ڄاڻان، ڇو تہ ٻي سُرو آهيان.

عمر جي لحاظ کان هيستائين ٽيٽيهہ اڇڙا لانڪا لنگهيو آهيان، جن ۾ سياري جا سيڙات ٻ هٿا تہ اونهاري جو اهڪ ٻ هو؛ سرءُ جي سستي ٻ هئي تہ ٻهارن جو چٽڪو ٻ شامل هوا! سنڌيءَ کان سواءِ فارسي، انگريزي، بلوچي ۽ ماروڙي (ڙي) ٻوليون سمجهي سگهندو آهيان. پوري دسترس مادري زبان سنڌيءَ تي ٻ کانہ اٿم.

ادبي يا شاعر هجڻ جي دعويٰ اڇاڻن اڳيان کندو آهيان، پر پارکن کي عرض ڪرڻ تہ کپي ڪين آهيان - مڙئي رت ڦڙي لائي شهيدن ۾ نالو لکايو اٿم."

* * *

ڪافي

*

ڪيڏ ڪڪوريون، ڪن ٿيون ڪلور- ڪانهي جن ڪي ڪاڻ ڪجل جي!
تارا جن جا تڪيون تراريون، ڪامڻ ڪن ٿيون ڪنڌڑيون ڪاريون،
شاهه وڃائن پنهنجا شعور- ڳالهه وسارن عالم عمل جي!
وار مٽان ڪن وار وري ٿيون، ڇهڪ ڏئي ڪن دلڑي چري ٿيون،
سارن ساريء جي دستور- هرڪا ڪٽاري پري بغل جي!
ڇنيڻ ڇنبر جي ڇپي ڇيپاٽي، مرد وڏا مهميڙ موڪلائي،
ڪهوت ڪهائيا يار جي ڪهور- ريت نه جائن رنگ محل جي!
ويڙ 'ولي' ڪنئين وڍي وڏائون، ذات جماعت ڪين ڇپائون،
وره ۾ ويڙا جي وهلور- ڪنئين ميڙيندا آڻ اجل جي!

غزل

●

چو چوان، رنج و الم مليا هي ٻيگاني وٽان،
بنده ٻرور، جو سڀو سو تنهنجي ياراني وٽان.

لڙڪ آهون اوڇنگارون يا دعائون ۽ ثنا، ڪير هي سگهندو قدري ٻي سروساماني وٽان.
خشڪزاهد پارسا ڪان ڪنهن بہ حاصل ڪيو نه ڪجهه، مان° ميخوارن کي ملندو ڪهڙو ٻي مائي وٽان.
عشق جو تير نظر تير قضا ٻنجي لنگهيو، شمع جي لڙڪن مان ۽ ٻڙ روح پروائي وٽان.
ڪو عجب ناهي جو ڏسجن قيس و قاضي همجليس، هو سڪڻ راهِ طلب آيو هو ديواني وٽان.
شيخ صاحب پنهنجو پيمانو ڪيو ڪوزه- وضو، چو ته مسجد ڏي وڃي ٽي وات ميخاني وٽان.
منهنجي آهن جو اثر شايد جلائي آشيان، هو لنگهي ٿو برق وانگي منهنجي ڪاشاني وٽان.
ڪاخِ جلوه ۾ ٻڌون ٿا آهه بيصبري گهٽي، ڪو لنگهيو آشفته سر هوندو ٻريخاني وٽان.
چشمِ ڪلگون مان لهي ڪا شئي اچي ساغر ۾ ٻئي، رنگ پيمانو وٽي پيو ڏس ته پيماني وٽان.
مظهرِ حق هرجا آهي جلوه گر جلوه لها، سوئي ڪعبي ڪان ڏسون ٿا سوئي بتخاني وٽان.
قلب مجنون، عشق وامق کي ڪري پنهنجو امام، دل جو نقشو مستعار آندور ويراني وٽان.
يار يا اغيار کو شهرِ خموشان ڪيئن اچي، موت تو وانگي لنگهي ٿو تنهنجي ٻيگاني وٽان.
دل ٻڌن، ايمان کسن ۽ دين کان ڪن ٿا جدا، جي ڇڏيا واسنگ چوڑي چيڪ هن شاني وٽان.

آه واضح بيخبر دنيا ۾ اي جانِ 'ولي'،
حسن تنهنجي جي حقيقت منهنجي افساني وٽان!

فرد

سڄڻ کي تحفو ڏيڻ دل، مگر نه ورتائين،
چيائين ويٺو آهيان، کباب کوندو کپي.

هري کان وڃي ٻيئون ٻيرين اکيون،
جهڪي وئي جبين سنگِ در کان اڳي!

لڙڪ وهنجارين لاشو عشق جو،
سرنگون شل حسن جو برچو هجي.

ڪير دربان ڪي سجدو ديد خاطر،
ٽيس مشرڪ نقطو هڪ مدّعا ٿو.

اکيون ٽيون فروزان شبِ انتظار،
ويو خونِ دل تيل ٻنجي ٻري.

حضورِ يار آخر جان ٻه لب ٻهتس،
وڏي درجي وڃي ادنيٰ نسب ٻهتس.

ڇڻن ٽو وحشتِ دل جا اگر شاهد،
تہ هي منهنجي جبين، هو سنگِ در شاهد.





"مائل" سروري

مصري "مائل" سروري ولد محمد لائق، ڪاڪا، تاريخ ۱۹ آگسٽ ۱۹۳۷ء تي گوٺ پليڏنہ ڪاڪا تعلقي حالا ۾ تولد ٿيو. ۱۹۵۰ع ۾ سنڌي فائينل پاس ڪيائين. سنڌ يونيورسٽيء مان ۱۹۶۰ع ۾ اديب سنڌي ۽ ۱۹۶۳ع ۾ ادیب عالم سنڌي سيڪنڈ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. ازانسواءِ جناب قبلہ 'طالب المولائي' سائينءَ جي خدمت ۾ رهي، ڪافي ڪتابي ۽ صحبتي مطالعہ حاصل ڪيو اٿس. سندس خوشخطي تعريف جي محتاج ناهي.

جيئن تہ ڪاڪا قوم جو سروري سات سان قديمي تعلق آهي، تنهن ڪري حضرت 'طالب المولا' سائينءَ جي خدمت ۾ رهڻ سان مصري 'مائل' ڪافي ڪجهہ حاصل ڪيو آهي.

'ميخانہ منصوري' (محمد فقير ڪنياڻ) جي ميلي تي، قبلہ 'طالب المولا' ڪيس 'مائل' تخلص عطا ڪيو. سندس شاعريءَ جو آغاز ۱۹۵۹ع کان ٿيو: غزل، ڪافي ۽ بيت تي چڱي مهارت رکي ٿو. سندس آواز پڻ چڱو سريلو آهي، ۽ ڪافيون وغيره ترنم سان ڳائيندو آهي. حضرت 'طالب المولا' سندس مرشد ۽ استاد آهن. هن وقت ادبي ميدان ۾ "مرڪزي بزم طالب المولا" سنڌ جو جائنٽ سيڪريٽري پڻ آهي.

*　　*　　*

بيت

(۱)

'مائل' سڀين محب جي، تہ خوب خوشيون ڪي ٿين،
تہ ري ڪڪ ٿي ۽ين، اکيون ٻوءِ عجيب سون!

(٢)

پرين تو پرديس ۾، ڏينهن وڃي لاتا،
آڏاڻي اداس مان خبر لٿي ڪيانتا،
پٽ لاءِ مون پورهيت جا، نيٺ آهن آتا،
دلبر لڳ داتا! وارج واڳ ورڻ جي!

(٣)

وَرُ مَ وساريج، سڄڻ سپاجها سپرين،
واحد لڳ ولهيءِ ڏي، واڳ وصل واريج،
پرين اچي پيار مان، ڪي پيالا پياريج،
جانب جياريج، 'سائل' مون مهجور ڪي.

ڪافيون

*

پنهنجي ور ڪي وڃي مان وڃائيندس،
حيلو هرڪو هُن لئه هلائيندس!

اوهين پاڻ مدد هوند منهنجي ڪيو، سو جانب ڪان مون ڪي چو ٽيون جهليو،
جي پَلٽو اتو، وڃي پاڻ پَليو، آءٌ تہ پٽي پنهل جي ڪاهيندس.
جي وَر ڏي ويندي مان ويس مري، تہ ہ سرتيون اها مون ڪي سوپ سري،
پر وات تان اينه بس ڪين وري، پنهنجي محبت نيٺ ملهائيندس.
هتي ڪين وهان توڙي چا ہ ڪيو، مون ڪي نينهن تہ هن جي نهوڙي نيو،
ڏک ڏولگر جا ڪٽي ڪيڏا ڏسيو، ڏجي تن ڪان نہ پاڻ هٿائيندس.
سختيون سور سيئي سر تي سهي، ويندس ڪيچ ڏي هاڻي قربٹون ڪهي،
پنهنجي محب ڪي 'سائل' لوچي لهي، ساري سور سڄڻ ڪي سڻائيندس.

*

تنهنجي يار وڃوڙي ڪيس چري،
مل موڻي مٺا، نہ تہ ويندس مري!

دل هيڏي جدائي ڪيئن سهي، جيڪا گڏجي توسان روز رهي،
جنهن ڪي ياد سندءِ هڪ پل نہ لهي، تنهن ڪي پاڻ پسائج پيارا وري.

پرين پيار ڏئي پو ڏار ٽيئن، اينهين واجب ناهي توکي ڪرڻ،
سون مٺي ۾ ناهي سور سهڻ، آهي تنهنجي فراق جي ڳالهه ڳري.

اڄ اڪليَ جا آڌار پريئن! هن جيءَ جڏي جا جيار پرين!
رئان آب اکين زار و زار پريئن! دل درد کان دلبر آهه ڀري.

مون 'مائل' کان ايڏو رهڻ جدا، وار واڳ ولهيءَ ڏي نار خدا،
رهون هاڻ سجڻ ٽي ٻاڻ ڪٽا، تنهنجي ڌار سري پر مون نه سري.

*

جاني! جدائي ٽي جهوري — هائي ڪريان ڪيئن توري!
دلڙي آهي درد ستائي، ساس هڏن جو مڙا جائي:
ڪاتن جيئن ٽو ڪوري!
تون ٻه جدا ٽيئن ٻاڻ ٻائي، ويتر دل جا سور وڌائي:
چاڪ چريءَ جا چوري.
قسمت مون سان ڪين رهايو، توسان سورهئون ڪين ملايو:
تنهن سان ٻوان ڪيئن پوري.
'مائل' تي تون مهر ڪٽي ڪر، پورل جنهن آ تنهنجي جهلي پر:
چن نه ڪڏهن هي چوري!

غزل

●

ايا سان رمزِ دلبر کي سهي سمجهڻ ٿو چاڻان،
سبب ان کان ٽي اکين ۾ پرين ٻاڻ ٿو چاڻان.

يقيناً ذرّه ذرّه ۾ خدا جو نور پوشيده،
ڏسان جنهن سان، اهائي سان نظر ٻاڻ ٿو چاڻان.

ڏسان دل جي اکين سان جيئن توکي ٽو حقيقت سا،
زبان سان ڪنهن لموني پي ڪري جاڻ ٿو چاڻان.

ا۔ آهي درد منهنجي جي حڪيمن وٽ دوا دلبرا!
اوهين سون تي شفا ڪريو خدا ڪارڻ نٿو جاڻان.

اچي ٿي شامت اعمال ڪان تڪليف جيڪا ٿي،
خدا رحمت سوا تنهنجي اها لاهڻ نٿو جاڻان!

ڪٿي ڪيڏي نصيحت تون ڪرين مون کي پلا واعظ،
نہ ٿيندو ڪجهہ پچر ڇڏتون تندون تاڻڻ نٿو جاڻان.

ڪير حيلا هزارين هر ٿيا بيڪار، رَس هاڻي،
دلِ مغموم کي ڪنهن طرح هرچاڻڻ نٿو جاڻان.

سر تسليم خم آهي قبولڻ جي عنايت ٿئي،
انهي ڪان ٻئو خوشي ٻي ڪا مٿي پائڻ نٿو جاڻان.

ڪمالِ فن سلي ويندو، سهاري 'طالب المولي'،
ايا جي شعر قابل داد جي ناهڻ نٿو جاڻان.

ڇڏيو درياءِ دنيا ۾ سندم اميد جي ڪشتي،
رسائج تنهن کي ساحل، يا خدا، تارڻ نٿو جاڻان!

محبت ۾ ڪري 'مائل' ڏنا جي سور تو سيڪ ۾،
ڪڙ سي آشنا ٻئي سان ڇڪا پائڻ نٿو جاڻان.

●

ٻرينءَ سان ٻچ ٻائي ٻو نيائي ٻار ٿو ڪوڪو،
محبت محب جي دل ۾ سمائي يار ٿو ڪوڪو.

ڏسي ميدان الفت ۾ سوين سختيون، پڳا سڏڙيا،
قدم پختا انهي پڙ ۾ جمائي يار ٿو ڪوڪو.

امارو نفس ٿو جنهن دم وکوڙي‌نفس نادان کي،
ونبي همت کان ڪ ان کي ڇڏائي يار ٿو ڪوڪو.

محبت ۾ اچن وهم وگمان دل کي هزارين ٿا،
انهن کان پاڻ کي بلڪل بچائي يار ٿو ڪوڪو.

گهٽي لفظن جا مجموعي لکن ٻيا نظم اڄ شاعر،
حقيقت فطرتِ انسان ٻڌائي يار ٿو ڪوڪو.

لڳي هرڪنهن کي وئي پنهنجي، ٻڌي ٿو ڪو نڪو ڪنهنجي،
اڏيت دل ڏکويل جي هتائي يار ٿو ڪو ڪو.

پڙهن ٿا علم ڪئي استاد وت شاگرد مڪتب ۾،
عمل ان تي ڪري، ليکي ڪرائي يار ٿو ڪو ڪو.

خواريون خلق جون آهن سهڻ ڏاڍيون ڏکيون سير تي،
مگر محبوب لئه سير تي سهائي يار ٿو ڪو ڪو.

هٿن دعوا جو دم 'سائل' محبت ۾ ڪهٽيئي ٿا،
مگر جند جان جانب لئه جلائي يار ٿو ڪو ڪو.





عبدالخالق "شهيد"

"منهنجو نالو عبدالخالق ولد غلام محمد ذات سومرو، اصل وطن آراضي تعلقو سيوهڻ ضلعو دادو آهي. ۱۹۳۴ع ۾ ڄائو ٿيس. ننڍي هوندي کان راڳ-آواز سان گهري دلچسپي هوندي هئي. پهرئين درجي کان فائينل تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي هوس. ۱۹۵۰ع ۾ حالتن ڦيرو کاڌو، جنهنکري مجبور ٿي پنهنجو اباڻو وطن ڇڏڻو پيو. هن وقت ڳوٺ نانگو لائين ڪوڙڙي ۾ هميشه لاءِ مقيم آهيان. گذر معاش پرائمري ماستري آهي. ۱۹۵۳ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ ماستري سکيا لاءِ چونڊيو ويو، اتي جناب قبلہ استاد گرامي صاحب سان منهنجي ملاقات ٿي، جو هو صاحب اسان کي پارسي پڙهائيندو هو. مون کي ادبي دنيا ۾ آماده ڪرڻ ۾ وڏو هٿ استاد گرامي صاحب جو آهي. سندن نيڪ نصيحتن هر مشڪل ۾ آساني پيدا ڪئي آهي. سندن پدراڻ شفقت مون کي صحيح انسان بنايو. ابتدا ۾ 'جوگپي' ۽ هاڻي 'شهيد' تخلص ڪريان ٿو."

ڪافي

*

ڏيرن ڪئي مرَ وفا، هاءِ الا!
سرتيون، سور ڏيئي ويا!

ننڊ ندوريءَ نيٺ نهوڙيو، جاڳيس کين صفا:
هاءِ الا! سرتيون، سور ڏيئي ويا!


ادهون مون ته اهوجهه سان جتن ڪئي آ جفا:
هاءِ الا! سرتيون، سور ڏيئي ويا!

جهنگ جبل ۽ ڏاکڙا ڏيئي پلٽ پيسا:
هاءِ الا! سرتيون سور ڏيئي ويا!
آيل! نيٺ 'شهيد' سان، کامل قرب کيا:
هاءِ الا! سرتيون سور ڏيئي ويا!

●

گهٽئي عشق وارن تي الزام آيا،
۽ سوري چڙهن جا بہ پيغام آيا.

يا هو زهرِ قاتل يا هو آبِ زمزم، ڪري نوش وياسون، جڏهن جام آيا.
نہ مايوس آهيان، ٻڌي تن جون خبرون، صبح جي نہ آيا، اڃهي شام آيا
انهن کان ئي صدما رسيا دل کي ياروں، وفا جو ڪرڻ مون سان الجام آيا.
انهن کي تہ ميخاني ۾ پي ڏئوسون، مٽي سان ٻڌي جيڪي احرام آيا.
'شهيد' آه ٿيو شڪر واجب تنين جو، پري پسرت وارا جي اقدام آيا.





حامد علي "انور"

حامد علي "انور" ايم. احمد زئي پنهنجو مختصر تعارف هن طرح لکيو آهي:

"منهنجو جنم يارهين آڪٽوبر ۱۹۳۶ع ۾ ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ٿيو. جيڏن ته سان قبلہ والد صاحب جن جو سيني کان نندو فرزند هوس، ان ڪري والد صاحب جن جو مون سان بي انتها پيار هو؛ ايتريقدر جو آفيس يا شهر وڃڻ وقت بہ مون کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندا هئا، ۽ ان دوران مون کي نماز جا رڪن، قرآن مجيد جون آيتون، اردو، سنڌي، فارسي شعر خواهہ پهاڪا وغيره ياد ڪرائيندا هئا. ان تربيت ۽ تدريس جو مون تي اهو اثر ٿيو، جو مون ننڍيءَ عمر ۾ سوين بيت، نظم ۽ شعر وغيره ياد ڪري ڇڏيا. واضح هجي ته شام جو ستين بجي کان رات جو نوين بجي تائين قبلہ والد صاحب جن مون کان ياد ڪرايل شعر، نظم ۽ بيت وغيره ٻڌندا هئا، ۽ جيڪڏهين ڪو شعر مون کي ياد نہ ايندو هو ته ان جو ٻهريون لفظ مون کي ٻڌائيندا هئا، ۽ پوءِ سان جهٽ-پٽ اهو شعر يا بيت وغيره طوطي وانگر ٻڌائي ويندو هوس! منهنجي هالڪ اوستا ۾ جيڪا ٻهرين ٻهرين شعر جي ابتدا ان وقت ٿي، جڏهين سان ٽيون درجو سنڌي پڙهندو هوس. واضح هجي ته سان هر روز شام جنو چئين بجي کان پنجين بجي تائين پنهنجي هم ڪلاسي شاگردن سان گڏجي اسڪول جا ڪم ڪندو هوس. ان ڏينهن بہ هميشه جي دستور مطابق پنهنجي هم ڪلاسي سيد مهتاب شاهہ سان گڏ اسڪول جا ڪم ڪري رهيو هوس ته اوچتو آسمان ڪڪرن سان ڇانڀجي ويو، ۽ تيز طوفان سان گڏ وڏڙو مينهن ڪڙڪات ڪري وسڻ لڳو! منهنجو توجهہ هڪدم طوفان ۾ مدغم ٿي ويو، ۽ قلب بي ساخته زبان کي روالي ۾ آڻڻ سان مون کي هن چوڻ تي مجبور ڪيو، جو ناظرين ڪرام جي مطالع لاءِ درج ڪجي ٿو:

ڏسو هي قدرت جو شان،
وهه وهه آيو اڄ طوفان؛
مينهن ۽ بَند ۽ پڙهڻ ۽ بند،
هل ته گهمون هاڻي دالان!

مون هي شعر چئي ختم ڪيو ته هڪدم وسري ويم، ۽ وري وري دهرائڻ شروع ڪيم: نيٺ ياد آيو، جو ڪَچن اکرن ۾ ڪاپيءَ تي درج ڪري ڇڏيم ان بعد واقع مينهن بند ٿي ويو ۽ سان پڙهڻ بند ڪري پنهنجي هم ڪلاسي دوست سيد مهتاب شاهه سان گڏ دالان ۾ اچي ويٺس. جتي وڃ جي چمڪات ۽ هورب جي برمهڪ ۽ ڪيف پرور فضا ۾ مذڪوره شعر دهرائڻ شروع ڪيوسين؛ ايتريقدر جو بلڪل ياد ٿي ويو!

هي شعر جڏهن قبل والد صاحب جن ٻُڌو تڏهن ڀاڻ پنهنجي 'ڪشڪول' ۾ درج ڪري، ان تي لوت هنيائون ته "منهنجو هي فرزند شاعر ٿيندو، ان ڪري جو سندس طبع موزون آهي." ان کان پوءِ سکول ۾ مشاعرا ٿيندا رهيا ۽ ويهه ويهه صدر چونڊي مشاعرا ڪندا رهياسون.

ان طرح شعر وسخن منهنجي زندگي بنجي ويو. اڄتي هلي پنهنجي حقيقي ذوق يعني فنِ شاعري کي لازوال فروغ بخشڻ لاءِ سون "بزم انور" حيدرآباد ريجن جي نالي سان جماعت ٺاهي، جنهن ۾ ريجن جي ڪافي شاعرن، ادبين، عالمن خواهه استادن منهنجو ساٿ ڏنو. ادبي ميٽنگن، پندره روزه مشاعرن، ماهانه ادبي ڪلاسن، سالانه ادبي محفلن ۽ ڪانفرنسن ۽ مشاعرن وغيره جي علاوه جديد مشاعرا، مثلاً درياڻي مشاعره، آفتابي مشاعره، ماهتابي مشاعره، انجمي مشاعره، آبري مشاعره، فجري مشاعره، گلستاني مشاعره ۽ ٻهاڙي مشاعره وغيره ٻڌ منعقد ڪيا ويا. منهنجي هن ادبي تحرڪ ۾ جن ادب نواز صاحبن هر ممڪن تعاون ۽ امداد ڪرڻ سان هر وقت منهنجي حوصلہ افزائي فرمائي، تن ۾ عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ'، جناب مولانا غلام محمد گرامي صاحب، محترم محمد بلال 'پرديسي' ۽ محترم عبدالله 'خواب' صاحب جا نالا قابل ذڪر آهن.

منهنجي هن وقت دلچسپ مصروفيات شعر چوڻ، ديني، اسلامي، طبي ۽ ادبي مضمون تحرير ڪرڻ، مشاعرا ۽ ادبي محفلون ۽ ميٽنگون منعقد ڪرڻ آهي."

* * *

بيت

(١)
موت ۾ مرڻ جو، ڪاهل ڪينهين ڪال،
مرندي مرندي هجر ۾، جيڏ آهي ڪمال،
ٿي مرد مالامال، مرندي جي جهان ۾!

(٢)
هرت اندر هرنءَ جي، رفع ڪر، مرَ رفيق،
دمدم آه دقيق، ناز واري لينهن ٿيو!

(٣)
اڳهاڙا عاشق، هرت ۾ ڪجهه ٻار،
اوچڻ اوڀڙي عشق جو، لوڪان لڄ بـ ڏار،
هيڻن مرَ ٿي نروار، ننگ ڪي نانگا چڏي!

(۴)
متوالن معنيٰ، بيحد ٿيڻ بتال،
ڪينهين هيءُ ڪمال، مت وڃائڻ موج ۾!

(۵)
ڪرين جو هرروز، ان مان سبق سيک،
هيڻين مٿي ليک، گذريل هر حالات ڪي!

(۶)
آزمايل ڪير، هرهر آزماءِ،
منهن ۾ ميڙي مرَ ٻاهه، عقلمند انسان ٿي!

(٧)
ڪنهن ڪي شاديءَ شوق، ڪنهن ڪي ماري موت،
ڪنهن ڪي گڏيو هوت، ڪو گڏيو وڃي هوت سان!

(٨)
آلهه چئو تون هڪ، واڻي ٻي مرَ وار،
اندر ۾ آتار، اڪر هڪ الله جو!

(٩)
ويو جو ويجهو، واحد سندي ٻار،
لاس ڪندڙ نار، ان عابد لئه گلزار ٿي

(١٠)
مورت ۾ ماڻهو، حيوانن کان پست،
مرونءَ مثل مست، اگهاڙا هوشاڪ ۾!

(١١)
ماڻهپو مٺو، وچ مرَ ماڻهن گهر،
هڪڙي وٽ اچڻ، زماني جي اَر،
وڃي وري وَر، ماڻهن جي ميدان مان!

(١٢)
جي نه هجي ڪوڙ، ڄاڻجي ڪيئن سچ،
ماڻڪ جي شناس لئه، خلقيو خالق ڪچ،
اهو ڄاڻي ٻچ، جاتي آهر ڪوڙ ڪان!

(١٣)
سندرو ٻڌو سچ جو، جن سنياري ساري،
دلبر دل واري، وڏائي وڙڪيو!

ڪافيون

*

ٻـون ٻـريـن تنهنجا ٻُورا!
دل ڪي ناهي يـار بهاري.

سـاجـن تنهنجي يـاد ستائي، دل تـان دلبر ڪير پلائي؛
ٿـي نـه سڃڻ هيڻن دور ـ دوست اچي ڏي ڪا دلداري!

توکي دلبر دلڙي ساري، محب وچوڙو ٻون کي ماري؛
ڇهکن ڪٽي دل چور-چوڏس تو بن رات انڌاري!

ٻاهه برهه جي دلڙي ساڙي، آه عشق جي ڦڙن ڦاڙي،
محب ٿيس مجبور-ورد سندم آهي؛ آه و زاري!

پيارا پيارا منهنجا جاني، نازڪ نيارا چڏ ناداني؛
ڪهايو تنهنجي ڪهور-ڦيري هر هر نين ڪتاري!

تنهنجي طامع وحدت و ڪثرت، منهنجا ٿي ويا حرص ۽ حسرت؛
لاٿي ڏس تون نور-ڪنهن ڪيا هي نوري ناري!

ساهه صنم ٿو توکي ساري؛ قول ڪيل اڄ پيارل ياري؛
نيٺ لٿور ٿرور-'انور' ناهي قلب قراري!

*

دلربائيءَ سان آي دلبر! دل ڪٽ ڪنهن کان سگهين؟
ٻرڪ سان موهي برين! منهڙو ٻٽڻ ڪنهن کان سگهين؟

سونهن سان، سينگار سان، ۽ ناز خوش انداز سان،
هيڻن رمز سان ۽ راز سان، ڪورڻ ڪپڻ ڪنهن کان سگهين؟

پيار سان، گفتار سان، عاشق ڪُهين انکار سان،
خوش ڪري ديدار سان، تيرچو تڪڻ ڪنهن کان سگهين؟

ڪار سان، اطوار سان، قيدي ڪري ڪردار سان؛
ٻرڪ واري مار سان، قاتل ڪُهڻ ڪنهن کان سگهين؟

ڪٽ الفت و ڪلفت ٿي تون، ڪٽ حرص ۽ حسرت ٿي تون،
چٽو وحدت و ڪثرت ٿي تون، واري وڃڻ ڪنهن کان سگهين؟

حسن وارن کان پڇين ٿو ڪو نه خود کان سوال ڪر؛
ٿي نه 'انور' بيخبر، سختيون سهڻ ڪنهن کان سگهين؟

*

تو بن کين سري ٿي منهنجي، لمحو لمحو کهائي يار!
جان جلي وئي دلبر آهي، پيچ پرت جو پائي يار!
آگ اندر ۾ عشق لڳائي، بيوس بنهه بنائي يار.
دور رهي آي دلبر پيارا، ويتر ڪيم ستائي يار.

تو تہ وساريو مون کي دلبر، پنهنجو قدم وڌائي يار.
مل تون مون سان ورد اهو آهي، مُنهڙو ڪيم سڀائي يار.
ڪوڙ سندم ڪو ساڻي ناهي، جيڪو محب ملائي يار.
حب سندئي بيحال ڪيو آهي، ويڙ ڪيم سڪائي يار.
آڏندي وهندي، هلندي چلندي، ياد سندئي تڙپائي يار.
تون مون سان ۽ آءٌ تو سان، واحد ويس ڏيکائي يار.
تنهنجي وحدت ڪثرت ڪامل، پلجي ڪير ڪمائي يار.
'انور' آهي سراپا آهي، تنهن کي ڪير ملائي يار.

وائي

وحدت ڪثرت ڪيڙ، منصب مولي ساڻ خاطر:
وحدت ڪثرت ڪيڙ!

فرض ادائي هر ٿي نائق، ساز صداقت چيڙ:
منصب مولي ساڻ خاطر!

احمد صلعم جو ٿي ويرو، من مولي سان ميڙ:
منصب مولي ساڻ خاطر!

'انور' وانگي قرب ڪٽي تون، قلب قرآن سان ڪيڙ:
منصب مولي ساڻ خاطر!

گيت

پڪي لٽون ٿا لات، آي ساجن! آئي آ پريات.
وحدت و ڪثرت جي قدرت سان، گويا، حرص هوس حسرت سان:
حق و مجاز هنبائي، هيٺو ڪر هيهات!
رنگ برنگي گل ڦڙيل ڏس، مُگرو، خيرو، خوب ڪڙيل ڏس:
تن سان من پريائي رلج والو ڪرمات!
هير لڳي ٿي هوند وسي ٿي، گوڙ ٿئي ٿي، ڪنوڻ ڪينوي ٿي،
ڪوئل ٿي ڪوڪائي، هاڻ آئي برسات!
واهُ لڳو، ڏس ڪڪر هٽي ويا، عرش فرش تي رنگ ڏني وياء
جيون جوت جڳائي، ٻهڪن ٿا ذرّات!

توسان منهنجو پيار، اي پيارا!
توسان منهنجو پيار.

منهنجي پَهن کي تنهنجي واحد، ٻل ٻل آهي پچار،
اي پيارا! توسان منهنجو پيارا!

آ تڪريون کي روح رهاڻيون، آهي فضا هموار:
اي پيارا! توسان منهنجو پيارا!

مُرڪي عطا ڪر مُرڪ جي مٽي جو، خالص خاص خمار،
اي پيارا! توسان منهنجو پيارا!

وحدت ڪثرت 'انور' جيءَ کي، تنهنجي آهي تنوار:
اي پيارا! توسان منهنجو پيار:

نظم

روح کي راحت رسائي ٿو بهار،
غمزدن جا غم ميٽائي ٿو بهار!

گلستان سارا ويا چانڊاڻ ٿي، جهنگلن کي جگمگائي ٿو بهار!
صبح جي ٽڏڙي فضا ۾ چؤطرف، برگ ۽ گل، ٻئي کيلائي ٿو بهار!
ٻنهنجي جوبن سان جلائي اڄ خزان، حُسن کي حيرت ونائي ٿو بهار!
مُسڪرايو ٿي چوي نازڪ نگاهه، سونهن کي ويتر سجائي ٿو بهار!
ٻنهنجي اڄ ناز و ادا ۽ نياز سان، نازنينن کي نيمائي ٿو بهار!
اڄ انوکي ناز ۽ انداز سان، مسڪرائي ٻيڙ ٻائي ٿو بهار!
طالب و مطلوب ۽ ٻن طلب ٿي، عشق کي افضل بنائي ٿو بهار!
سربسر حامد ٿي اڄ قدرت سندو، ٻنهنجي پر ۾ گيت گهائي ٿو بهار!
وحدت و ڪثرت مان 'انور' جي مدار، روحَ رنگي رنگ لائي ٿو بهار!
مسڪراهٽ ۾ ڏسي اڄ اشڪ غم، مثلِ 'انور' مُسڪرائي ٿو بهار!

غزل

●

ڪنهن سان شڪوو ڪرڻ ٻه ٿيو مشڪل!
ڏيل ۾ ڏکَ ڏرڻ ٻه ٿيو مشڪل!

قتل ڪثرت ٿي، قرب وحدت ۾، ڪوڙهي ڪجهه ۾ ڪَرڻ ٻه ٿيو مشڪل!
شعلهء درد درڪنار رهيو، ٻنهنجي ٻُڌَ ۾ ٻَرڻ ٻه ٿيو مشڪل!
صبر تي جبر ڏسندي چوٽو ٻيو، اڄ ته سُڏڪا پرڻ ٻه ٿيو مشڪل!
زندگيءَ ۾ ٻيي جام موت و حيات، نيٽ 'انور' مرڻ ٻه ٿيو مشڪل!





شيخ "اياز"

سنڌي زبان جي مشهور شاعر شيخ اياز جي شخصيت ۽ سندس تخليقي فن کنهن بہ رسمي تعارف جا محتاج ناهن. 'اياز' هن وقت سنڌ کان ٻاهر يورپ تائين متعارف ٿي چڪو آهي. اردو زبان ۾ لطيف جي رسالي جو سندس منظوم ترجمو اردو ادب ۾ شاهڪار اضافو کري تسليم کيو ويو آهي.

ولادت: ۲۳- مارچ ۱۹۲۳ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. والد جو اسم گرامي شيخ غلام حسين آهي، جو صاحب شڪارپور جي مشهور شيخ خاندان جو فرد هو.

تعليم: ابتدائي ۽ ثانوي تعليم شڪارپور ۾ حاصل کري، ميٽرڪ شڪارپور هاءِ اسڪول مان پاس کيائين. ان کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايل. ايل. بي. جي ڊگري ورتائين.

وڪالت: ۱۹۵۰ع ۾ کراچيءَ ۾ وڪالت شروع کيائين. هن وقت سکر ۾ سکونت پذير آهي.

ادارت ۽ تاليفات: اول سنڌي رسالي "اڪٽي قدم" جو ايڊيٽر ٿيو. ۱۹۴۶ع ۽ ۱۹۵۴ع ۾ ننڍين ٻارڙن جا دلڪش مجموعا شايع کيا اٿس.

شعر و شاعري: ننڍي عمر کان ئي سندس طبع جي رواني ۽ برجستگيءَ کيئي جواهر پارا پيدا کيا، جن کي ڏسي، قادرالڪلام استاد بہ حيرت زده رهجي ويا. سندس شعر جو پهريون مجموعو "پونر پري آڪاس"، پاکستان رائٽرس گلڊ پاران، ۱۹۶۲ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ بيت، دوها، نظم، آزاد نظم، قطعا ۽ غزل آهن؛ جو ۱۹۶۴ع ۾ اولهہ پاکستان سرڪار پاران ضبط کيو ويو.

ان طرح، شعر جي سلسلي ۾ سندس ٻيو ڪتاب "ڪاهي ٻاتم ڪينرو"، ڊسمبر ۱۹۶۳ع ۾ ڇپيو، ۽ ۱۹۶۸ع ۾ اولهہ پاکستان حڪومت ضبط کيو.

اردو: ان طرح، اردو شاعريءَ ۾ سندس کتاب 'بُوي گل نالءِ دل' بهترين ڪلام تي مشتمل آهي. ان کان سواءِ، هن شاهه لطيف جي رسالي جو ٻڌ اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. اهو ترجمو مرڪزي حڪومت پاڪستان جي وزارت تعليم جي هدايت تي، سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان ۱۹۶۳ع ۾ شايع ٿيو آهي. هن، لطيف جي ميلي تي، جڏهن سابق صدر پاڪستان کي ترجمو پيش ڪيو، تڏهن صدر ڪيس مبارڪباد ڏني.

نثر: اياز نظم سان گڏ نثر مرصّع جو ٻڌ صاحبِ اسلوب ليکڪ آهي. ان سلسلي ۾ سندس خطبا ۽ تقريرون ادب ۾ وڏو مقام رکن ٿا. سندس انداز بيان ۾ تنقيدي شوخي ۽ برجستگي آهي. سندس نثر جي فن ۾ زياده تر حقيقت جي تلاش، ڪائنات ۽ حيات جي تخليق تي غور و فڪر، فطرت جي منظر نگاري ۽ ترجماني آهي. سندس علمي ۽ ادبي خطن جو مجموعو "جي ڪاڪ ڪورپا ڪاڙي" جي نالي سان ڇپيو، جو ۱۹۶۸ع ۾ ضبط ڪيو ويو. خطبن جو مجموعو "بقول اياز" ڇپيل آهي.

تازو ڪلام: تازي ڪلام جي اشاعت جي سلسلي ۾ "روح رهاڻ" رسالي جا مجموعا- "جل جل مشعل جل جل" (اپريل ۱۹۶۷ع)؛ "هي گيت آجايل مورن جا" (اپريل ۱۹۶۸ع)؛ ۽ "رُت آئي ڪاڙهن پيرن جي" (آگسٽ ۱۹۶۸ع)- شايع ٿي چڪا آهن. (جن مان اپريل ۱۹۶۸ع ضبط ٿيو آهي.) ان طرح سندس تازو ڪلام "آڪ جون ڪلڙيون- پيڄ پني" ڪتابي صورت ۾ سکر ۾ ڇپجي رهيو آهي. انهن شاعراڻ مجموعن ۾ سندس نقطءِ نظر، زياده تر حقيقت جي تلاش ۽ عالم جي بي ثباتي ۽ ڪائنات جي مسئلن جي عقده ڪشائي آهي.

"اياز" جي فني حيثيت لاءِ ايترو چوڻ ڪافي آهي ته زندگيءَ جون تلخ ۽ تيز، تند ۽ ڪيف آور وارداتون، حسن ۽ جمال جون نيرنگيون، هجر ۽ وصال جون مستيون ۽ ڪيفيتون، سندس فني تخليق ۾ بنيادي حصو رکن ٿيون بعض هنڌن تي سندس انفرادي فن، فن جي روايتن ۽ حدبندين سان هڪ اهڙو لطيف پيولد ٿو پيدا ڪري، جنهن ۾ عينيت ۽ غيريت جا سڀ اضافي قدر جمع ٿي ٿا وڃن.

سندس فن حسين جملن، خيالن ۽ محاورن جو جامع آهي. ان سان گڏ سندس زبان رنگين، پرجوش ۽ پرشڪوه آهي. سندس فن ۾ سوز و گداز به آهي. سندس اهو رنگ اگرچ خارجي آهي، پر سندس داخلي ڪيفيات سان اهڙو ته رلي ميلي هڪ ٿي ويو آهي، جو ڇڻ ائين ٿيو معلوم ٿئي ته فن باڪمال شعور تائين پهتو آهي؛ جنهن ڪان داخلي ۽ خارجي اثر ۽ تاثير ۾ هم آهنگي ۽ يڪرنگي، جدّت ۽ ندرت پيدا ٿي آهي.

مختصر ڇنڇي ته 'اياز' پنهنجي شاعراڻ شعور جي حيثيت سان جديد ۽ قديم فن ۽ اسلوب جو سنگم آهي. — ادارو.

* * *

بيت

(١)

آڳ آها لَس-ليتَ، جنهن تي چمڪي چاندني؛
آيران اوچي چنڊ ڏي، هوڙيان ڪيئي هيتَ،
ساڪر ڪهڙي پيتَ، تارن هيٺ تلاوَ سان!

(٢)

سَنڊيا ٽاڻي ڏِينڙا، تن ۾ پنهنجي سولهَن؛
بِي ڪا وِيرَ وروڻهَن، آيري آڏوري چنڊ ڏي!

(٣)

هيءَ نه امرت اوتَ، وهُ ٻه وَڻيءَ ۾ وينگسو!
هَر جي چاهيو چَسَ ڪي، ڪو نه ڪيو ڪِڪوتَ؛
ماري ناهي موتَ، سُرڪيون جنهن کي ساهَ ۾.

(٤)

آڏيءَ رات آجهام، ڪنهن کي گهرجي سوجهرو!
تنهنجو هوڙي واءِ ۾، ڪهڙو آهِ قيام!
ڪهڙي ويرَ! وِسام، ڏيئا منهنجيءَ ڏات جا.

(٥)

ڏيئا منهنجيءَ ڏات جا، ايڏو واءُ وَڻاءِ!
توتي ڪنهن ٻه پتنگ جي، هَرَ نه ڪيو هڙلاءُ؛
آڏيءَ منجهه آهاءُ، هو ٻه آهوئيي ٿو ڪَرين!

(٦)

هوڙها ڳاڙهي رَتَ جا، ٻيلا ڪَلَ لکاءِ؛
آفَ انهن تي جي اچي، چَپَ ڪَپي آچلاءِ؛
تين وٽ ووءِ نه واءِ، جن وٽ نعرا نينهن جا!

(٧)

وڃَ اسان جي وَيَ ڪي، سُور نه گهرجي سَڪ؛
ڪُکِ ته پانيو ڪَڪ، ڪَڙڪَڙ ڪانَ گهٽي ڪَٽي!

(٨)

هيءَ نہ ڪينهونءَ ڪيڏي سوچي آءُ آچاترا!
ڪهوٽ ڪهٽيءِ ڪهيڙ ۾، جن جا ٻڪا ٻيڏ؛
اوسيريءَ اک-ٽيڏ، ڪيئي مالڪهي مارها.

(٩)

هريت پڇاڙها ڪيترا، ڏرتيءِ توتي ڏڪ؛
لوڏ جنهين جي لونءَ ۾، سي لُولا تن لڪ؛
جن ۾ آڪ آلاوَ ها، تن جا ڪوڙها ڪڪ؛
سوچي سوچي سڪت، ڪوهياري سان ڪو ڪري!

(١٠)

ڪالهه ڏٺم ڪلوَنت جو، هاريل ريتو رَتُ؛
آڄُ آهو آمرت، سپ ڪي چَسُ چَريو ڪيو.

(١١)

ڪالهه ڏٺم ڪلوَنت جو، ڪانيءَ مٿان ڪَنڊُ،
ڪوڪَن سانُ ڪلوُر جي، ساڏو هرهڪ سَنڊُ؛
آڄُ آهو سَوُڪنڊ: مانُ ميڙيءَ جو ايترو!

(١٢)

ڪالهه لَهوءَ ۾ لالُ، آيو ڪوئي ڪاڙي،
رَنگَ ڪري ٿو رَتُ جي، تن جو ناهه مثال،
ڄاڻءَ آنهيءَ جو ڀالُ، ڪاڪِ ڪَڪوري ٿيي وَهي.

(١٣)

مون جئن اڪڙيون ڪيتريون، جن جا لُڙڪ اُٺاهَ؛
ڪوڙها وڃُ درياهَ، ڪُهُ جاڻان تن جي ڪنڊي!

(١۴)

تو وتِ موتين ٽالُ، سيرُ تيريءَ تي مون ميان،
ڪيئن چوان ڪنهن آڇيو، آهه مَهانگو مال!
تو بہ ٻَلايو ڀالُ، جَرڪايو ٿيي جُوءِ ڪي!

(١۵)

ڪهڙو ونجي ٻيار جو، ماريءَ ناهه مُنو!
جيڪو ڪونہ ڪُنو، سو نہ امان جي ڪُڙم مان(١).

---

(١) ڪسے ڪہ ڪشتہ نہ شد از قبيلہ ما نيست (نظيري).

(١٦)

ايئن نہ آن سان اورِ، مومل ڈاڍي ڏُکيٽي!
آٽُ آٽُ کاڪ ڪَکورِ، راڻا! ٻنهنجي رَتُ سان.

(١٧)

جيءُ جڏهن جنجار ۾، ماڻهُ تڏهن هيڪاندِ،
راڻا! هيءَ نہ راند، سُنڊ نہ سَوْليي ميندرا.

(١٨)

ٻَڌ جهُڻُ ٿيو پنيورُ، سَسئي ڊوڙي سُچّ ۾؛
ڪنهن ٿي ڄاتو، ڪيچ ۾، آ ڪهڙو چيتَ-چورُ!
سَيڪنهن هيئين هورُ، سَرندي سُنڊ آتاميري.

(١٩)

لوڪَ ڪيا ٿي هوڪَ، سسئي وَڃ نہ سُچّ ۾!
ها، پَر ڳهلي لوڪَ، ڪهڙو آريءَ آسرو!

(٢٠)

ڄالهيون ڳهلي لوڪ ۾، مون ۾ تون ٿي تون؛
ٻيرَ ٻٽولي-ترڪٽا، ساري وات وِڇُون؛
تنهنجي ٻڌَ ٻنهون! سيجَ وِڇائيي سُچّ ۾!

(٢١)

آري! واري جندڙي، ٻَهتَس ٻَهتَس جانُ؛
ڪهوريان تنهنجيءَ ڪهُور تان، ٻنهون ٻنهنجو پانُ؛
تون تہ سدا مون سانُ، سمجهي لوڪُ آکيڙي!

(٢٢)

هونءَ حياتي ڇا ڪَبي، هيئن نہ اوڪو موتُ؛
هُو جو منهنجو هوتُ، هَر هَر ڪوئي ڪيچ مان!

(٢٣)

هينَ ڳهڙيءَ هينَ وِيرَ، هَلندي ڪائي هوت ڏي!
هو لہ ٻنهونءَ جا ٻيرَ، لَهندءَ لهندي سيجّ ۾.

(٢٤)

ڪاربون راتيون، ڪَنبٽيي، آتَر اوتون ڏي؛
ساهڙ هو به سڏي، سُهٽيي! توکي سيرَ ۾.

(٢٥)

ترهو تون ئي تارَ ۾، کھوربان آءٌ کھڙا؛
لارَ ولھيءَ جي اونءَ ۾، تنھنجا چنگ چڙا؛
ڪوريِ رات، ڪڙا، سارَ نہ سون کي سيءَ جي.

(٢٦)

توڙي سکھَ نہ سيرَ جي، ھانءُ نہ ھاري ھڏَ؛
جا آھي سا وَڏَ، آرھي سَرھي جندڙي.

(٢٧)

موتُ تہ سپ جو ماڳ آ، سپ جو تنھن ڏي ٻڏ؛
ڪانڌيرَ آلکو ڪندُ، سورھيَ سَنسو ھار جو.

(٢٨)

ھيٺي وڻي ڪوڙَ جي، ڏسي ڏيلُ نہ ڏَرُ؛
اڏو ناھ نيبَرُ، سوپَ سدائين سچَ جيِ.

(٢٩)

سَرھا سُورھيہ سچَ جا، آرھي اوکَ نہ تَن؛
دُکڻ ڏُہِ ڪان ٻڌ ۾ وڻِچي واتَ وَڻن؛
جھاڳيا جھونجھارَن، سُرڪي ڏونگر ڏيھہ جا.

(٣٠)

روز ڏٺا مون ماڻھو، ڪارا ڪنجرا موت جا؛
ويندي ڪنھن جو ڪَنَ تي، ڪونہ ٻيو ٻڌلاءُ؛
ڪنھن کي ساتِ سَماءُ! ھُلَ ھلاڇو جندڙي.

(٣١)

ٻيلھہ آنھيءَ سان ٻھڪُيون، ڪارو آڻَ سُوارُ؛
ٽير ٽيرِ ڏيِنا ڏيھہ ۾، اڳتي انڌوڪار؛
ٻر جي تو وٽ پيار، واڳَ نہ آن جي وَسَ ۾.

(٣٢)

تون ئي پاڳَ لياڳَ، ڏھلا! تون ئي ڏاکڙا؛
تون ئي سانگَ سُھاڳ جو، تون ئي ڏيھَ ڏھاڳَ،
جيءُ جنجھوڙي جاڳَ، آڻَ! نيھوڙي نند کي.

(٣٣)

دَر دَر ديپڪ راڳَ، گهَر گهَر اَڳَ آلاپ جيي،
آهي وِچ" آلاوَ مان، مارُو! تنهنجو ماڳَ؛
ويندو ڏيهَ ڏهاڳَ، ايندي سُند ملارَ جيي.

(٣٤)

هارا توتي هوهَ جا، رانول! ڪُجهه نه رِجُ؛
ڪانو سَڏي سيجُ، آيو آڏَ جَهان تي.

(٣٥)

اڪڙيون سيجَ-آيارُ، آڏيءَ اڙيون آپَ هُ،
ساجن منهنجا تو سَوا، سونهي نه سنسار،
هيڏون تنهنجو هار، پاڻان ٻيُ ڪي ڪَٽن ٻرين!

(٣٦)

اڪڙيون چَنڊَ-چڪورَ، آڏيءَ آڏريون آپ هُ،
آيا آڏو ڪيترا، ڪارا هانوَ ڪَنورَ،
هَر هَر توڙي هورَ، وَر وَر توکي وائسان.

(٣٧)

اڪڙيون ڏِيل-ڏِيئا، ٻرنديون رهنديون ٻاتَ هُ،
نيٺ ته ايندين اوچتو، وڃڙيءَ وانڊِ ٻيئا،
تنهنجي لاءِ ليئا، رهندا منهنجا رات هُ!

(٣٨)

اڪڙيون منهنجون مشعلون، اڳيان جُڳَ اَجهارَ؛
ساڻيا ويري سونهن جي، مون سڻي جي سارَ؛
نوان سيجَ سلارَ، آيري ايندين اوچتو!

(٣٩)

ڪَهندي ڪاريءَ رات هُ، مارُو! ٽِي نه سَلورُ؛
آءٌ ڏسان ٿو آپَ هُ، نهربون لهربون نورَ؛
دُور نه آهي سُور، سپنا توکان ساڻيا.

(۴۰)

ڪيڏو ڏورُ ويا، سانگي جي ساڻيھ جا!
تن جي ڏيھَ ڏھاڳ ڪان، ڏونگر ناھ ڏَيا،
ھَيءَ ھَيءَ ھالوَ ھَيا، ڪيئن جاليئُ ھن جوءَ ۾.

(۴۱)

ھاسي رھ ھِتاوَ ڪان، ننھنجي ھيڙا ماڻ،
ڪھاڻي ۾ ڪھڙ ھاڻ، تہ سُپاڻي سُرھو ٿئين.

(۴۲)

آبو چا آکاڙ؟ آکڙيون چو ھيئن آگميون!
ڦُڙ ڦُڙ مون لئہ ڏاڙُ، ھَريَ نہ تو ھين ھريتا!

(۴۳)

ھونئن ب ھرڻيءَ نيڻَ، ڪھَرا، ھيئين ڪھاڻا،
ھر جي تين ۾ ويڻَ، سارو جيءُ جنجھوڙجي.

(۴۴)

آھ اسان جي آسڻين، ھينا ھِجَرَ ڇانوَ،
سَڄَلَ سامي، شاھ جا جھُڙَ ڦُڙَ جھڙا نانوَ،
ڪوري ڪاٽا ھانوَ، آءُ تہ ٽائينڪو ٿئين.

(۴۵)

جاڳَ ب تنھنجي جيءَ سان، لنڊ ب توسان نينھنَ،
تو ھين مُنڊ نہ مينھن، راس نہ آيون راتڙيون.

(۴۶)

ڪيئي ڪانگ لنوي ويا، آتَڻُ ھو ب آداسُ،
آءُ آسارا اوچتو، ساڻُ نہ ڏيندو ساسُ،
تولئہ ننھنجو ماسُ، آڏيءَ رات آھاڪو.

(۴۷)

ڪينجھر وينجھر رات جو، لھريون ھيري ڪَڻ،
ڇات ڪَري ڇَڻ ڇَڻ، تارا آيرپا آيَ ۾.

وايون

(۱)

هَيءِ هَيءِ كونج نـ مارـــاڙي آهيڙي،
هَيءِ هَيءِ كونج نـ مارا

تون ۽ تـ كنهن جو ساڻي آهين، ڪنهنجي سينڊي سار،
اڙي آهيڙي!
هَيءِ هَيءِ كونج نـ مارا

هَهڙا ڪاتَ نـ ڪول، آلا تون، كائي تورَ تـ ٽار،
اڙي آهيڙي!
هَيءِ هَيءِ كونج نـ مارا

جي هيءِ توتي تورُ تـ ان كي تاڙي مار، آڏار،
اڙي آهيڙي!
هَيءِ هَيءِ كونج نـ مارا

ڀر جي تو ۾ جاڙ ٿـ ٻوءِ تون، جوڙي جوڙي مار،
اڙي آهيڙي!

كهل تـ كائي ڏار،
اڙي آهيڙي!
هكڙي كونج نـ مار،
اڙي آهيڙي!

(۲)

جهُول هَوا ۾ جهُول، سوتيا!
جهُول هوا ۾ جهُول!

منهنجي ۽ن ۾ كوئي سهنو،
توكان سُندر ڦول، سوتيا!
جهُول هوا ۾ جهُول!

سُرهي سانت، اكيلي آڏجهڙ،
سيج! لٽي ڪَوَڏول، سوتيا!
جهُول هوا ۾ جهُول!

پيج پڻيءَ جو پونئرا ابندا،
مڙي نہ ويندا مول، موتيا!
جھوَل ھوا ۾ جھوَل!

(۳)

گھلڻ ڏ ڪٽ آڙي، نيڻ ٿا ليندَ ڪن!
گيتَ ڪونجارجي واءُ سان ٿا وَرَن:
نيڻ ٿا نند ڪن!
جيءَ جا جھولٹا جھاڻ ۾ ٿا جھُلن:
نيڻ ٿا نند ڪن!
سانت جي سيرَ ۾ ٿا تنبورا ترَن:
نيڻ ٿا نند ڪن!
چنڊ جا لاکٹا لاوَ سان ٿا ڏسَن:
نيڻ ٿا نند ڪن!
ٻڌ جھڙا پربن ٻارَ ڪان ٿا آچن:
نيڻ ٿا نند ڪن!
راتڙيون جاڳندي، جھپ آئي نہ تَن:
نيڻ ٿا نند ڪن!
گھُلڻ ڏَ ڪٽَ آڙي، نيڻ ٿا نند ڪن!

(۴)

تَرَ تَرَ تي طوفانُ الوميان۔
لاوَ ھلي آ گيت ڪٹي!
ونجھَ نہ وانجھي، مَوڙھا مانجھي، سانجھي سَوگردانُ الوميان:
لاوَ ھلي آ گيت ڪٹي!
گھاتَ مٹان گھنگھور گھٹا ۾ اڇلاھ جو انسانُ الوميان:
لاوَ ھلي آ گيت ڪٹي!
ڪو وٹجارو، اوتَ۔آسارو لنھن ڪيو نادانُ الوميان:
لاوَ ھلي آ گيت ڪٹي!

(٥)

سايا ۽ سڀني ۾ ويڇا جو ٻه مٽائي،
ٻول آنهيءَ جي ٻانهڙي آهيان!

سيڪ صدين جي سيڪ اندر کا جو ٻه سڀائي:
ٻول آنهيءَ جي ٻانهڙي آهيان!

دل درياهُ، سمنڊ تانگها، ٽاهُ ٻسائي:
ٻول آلهيءَ جي ٻانهڙي آهيان!

چا چا هين ٻنجيءَ جا ٻاچا، ۽ جي ڳائي!
ٻول آنهيءَ جي ٻانهڙي آهيان!

(٦)

دوُر اسان جو ديس الوميان، دل کان ٻو ٻه نه دوُر،
الوميان، ديس نه دل کان دوُر!

ڪَرها سَرها ريتيءَ ترها، آسَهَن نيئت آسور:
الوميان، ديس نه دل کان دوُر!

سُڃ سَنواڻي، ڏيڙهُ ڏيهر ڏيهر، سُڃهي نه سونهون موُر:
الوميان، ديس نه دل کان دوُر!

ڳاڙها ڳاٽَ، سڳهارا گيرُو، ٻَنڊُ، ٻرين جو ٻوُر:
الوميان، ديس نه دل کان دوُر!

دم جهيڙ دم جهيڙ ديسُ نه جنهن ۾ ڪاريءَ آسَ ڪاوُر:
الوميان، ديس نه دل کان دوُر!

(٧)

لوري ڪيئن لڳي،
او آبل! آبل! لوري ڪيئن لڳي!

مان ته پنهونءَ جي ٻاڇي کان ڏي روز ٻڌي:
او آبل! آبل! لوري ڪيئن لڳي!

ڪيڇي آيا ڪالهه، ڏيڪيءَ جي سينڌَ وَڪي:
او آبل! آبل! لوري ڪيئن لڳي!

وسُ ولهيءَ جو ڪهڙو، سينڌي هنڌ سڳي:
او آبل! آبل! لوري ڪيئن لڳي!

سڏ سهانگي، سڏ مهانگو، سير جو سؤدو ڪبر ڪري!
سوڪي ويڻي متڙ پري!
جي تو جيءَ جياءِ گهرجي، آءُ نہ ڳاڙهي لاءِ ڳري:
سوڪي ويڻي متڙ پري!
ٻهرين امرت-اوت پياسؤ، وهڻ جي تارونءِ تيڪ تري!
سوڪي ويڻي متڙ پري!
هر ڪنهن جو هي وس نہ آهي، ڪنهن‌ڪنهن ورتي چس چري:
سوڪي ويڻي متڙ پري!
ڄاڻي نڪرو مُنجهه متارؤ، سري سوا جي ڪوند سري:
سوڪي ويڻي متڙ پري!

غزل

●

جي ٻنهنجو نؤر نچوڙي وڃا ۽ تُنهنجي جوت جلائي وڃا،
سي لڙڪ منيءَ ۾ لوڻي وڃا، ۽ ڇا ڇا موتي پائي وڃا!

سي وڻ وڻ لوڏي واءُ ٽيسا، سي بن بن ۾ پڙلاءُ ٿيا،
جي بن بن بين وڄائي وڃا، جي تن من واري ڳائي وڃا.
مون ڏرتي! تنهنجا ڏڳ ڏٺا، مون تن جا لويل لڳ ڏٺا،
جن وڙهندي وڙهندي جان ڏني، سي وارا ويرَ وڃائي وڃا!
اڄ ڪوبہ ڪجيءَ ۾ ڳٽ نہ آ، ڪو مڙس انهن جو مٽ نہ آ،
جي سارا ڪوٽ آڏائي وڃا، سي ڪهوٽ اسان کي ڪهائي وڃا!
مون ويندي تن جا پير ڏٺا، مون ڇا ڇا مڙس مٿير ڏٺا،
جي ڪيئي سج آپاري وڃا، جي ڪيئي سج سمائي وڃا!
تو اڻ-ٽيڻا انسان ڏٺا، تو سُوريءَ تي سُومان ڏٺا،
اي ڏرتي! ڇا ڇا ڪوندر ها، جي ٻنهنجو ڪند ڪپائي وڃا.
مون ڪاتيءَ هيڻان ڪند ڏٺا، مون ساڻا ساڻا سَندَ ڏٺا،
مون ڇا ڇا مائيءَ لال ڏٺا، جي لوئيءَ لج بچائي وڃا!
سي جيءَ جيارا ماڻهو ها، سي سپ ڪان پيارا ماڻهو ها،
جن ساهه ڏئي ويساهه ڏنو، جي دل ۾ درد ڏکائي وڃا.

كلهه رات مسافر آيا هاڻ جن پنهنجا جيءَ جلايا هاڻ
ٿي ڇا ڇا جرڪا جاڻ ڪري هو ڪيڏو مڇ مچائي ويا.

ڇا ڇا نه وسهر-ونگ هيا! هر نانگا پار نيسنگ هياڻ
جي تنهنجا وار سنواري وياڻ جي تنهنجي سينڊ سجائي ويا.

ڇا نعرا هڻا ڇا نينهن هيا! هُو مڙس هيا يا شينهن هياڻ
جي ڏونگر ڏهل ڏکائي وياڻ گجگوڙ ڪري گرمائي ويا.

آ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه مٽياڻ هر مون کي اهڙا مڙس وٽياڻ
جي سارو جڳ جرکائي وياڻ هر پنهنجو پاڻ پلائي ويا.

جن پاسو ورتو ڪوڙ ڪنان سي مڙس نه وهندا مور منان
جن واکي واکي وس کياڻ جي سارو سچ ٻڌائي ويا.

هو پادل پادل آيا هاڻ جن جل ٽل پال پلايا هاڻ
اي ڪيت ڪڙوڻ او شال نڙوڻ هو پنهنجو مينهن وسائي ويا.

وها هريت ڏهي هو پاڻيارا اڄ ڪينجهر تن جا ڪاڻيارا
ڇا راڳا تن سان رڄ ڪياڻ جي تنهنجي آڄ اجهائي ويا.

هو پيار-پتنگا ڪامي ويا ۽ ڪيڏو دور اڏامي ويا!
هر تنهنجي منهنجي ڏيئي هڻ هو پنهنجي جوت سمائي ويا.

اڄ ڇوهه آنهن جا ڇوليءَ هڻ اڄ پول آنهن جا هوليءَ هڻ
اي ڏرتي! تنهنجي جهوليءَ هڻ جي سورهيه سبسُ ڇپائي ويا.

هيءَ ڇوليءَ ڇوليءَ تي مشعل هي جهوليءَ جهوليءَ هر گل ڦل
وها سانول ڇا ڇا سڪ ڇڏي ڇا جندڙيءَ کي جرکائي ويا.

ڇا سمجهي ٿي ڪي جيءَ جڏي آ تن جي گاڙهي گالهه وڏي
ها ڇا ڇا ارڏا ڪنڊ آڏي! جي توکي ميندي لائي ويا.

هي هرهه هه ڪوئي بڙُ آهي ڇا جاڻي آن جي جڙ آهي
مون ان هڻ ڪيڏا ڏار ڏنا جي ڄانوَ ڪري من پائي ويا.

اي آري! تنهنجي آيَ هٿي هر ڏونگر ڏايا ڏاڍ ڪيا
هي تنهنجا پيارا پيرا هاڻ جي پنهنجو پنڊ پڄائي ويا.

ڪٽ توکي ڪاري ٻات مڃان! تي چٽنگ ڪري چمڪات اڃان،
آ ٽمر ٽمر، ٽمر ٽمر لات اڃان، جا جوگي ڪالهه جلائي ويا.
هيءَ جان ته اچي وڃي آ، هر مات 'ايـاز' نه ميڙي آ،
مون اهڙا سَوَ ساونت ڏٺا، جي پنهنجو هٿُ هلائي ويا.

●

هـيءَ هُرڪُر ريـن-بَسيرن جي،
ٽـي ويندي ساڪَ سَويرن جي.

جي واڪَ ونين ها، ڏاکهَن جي، چـو ڪاڻ ڪيين ها ڏيرن جي؟
او شـال! عُتابـن سان آڪان، مـان واهـر ٽـي واهـيـرن جي!
آ رات لـڙي، هُـو اچـڻـو آ، تـون چوڙِ نه بابَل ٻيرن جي.
مـون سُرڪي پنهنجو ٻاند ڏنو، رُت آئـي ڳـاڙهـن ٻيـرن جي
مـيـهـارَ ميـلـڻ جـي وبـلا آ، ڪر ڳالهه گهڙُن ۽ گهيرن جي.
ٽـي ساري سنڌ 'اياز' نـچـي، چـا چَـر چَـر آنـدءِ چيرن جي!

●

ڪڏهن نه اهڙا جهڙا هيل،
مون وٽ ٻاک-ٻنا رابيل!

آئـي سيٽ" صفحي تـي ٻـا، ڊوڙي ساون-رُت ۾ ڊبـل"!
آءُ وَنـيـن ۾ منهنجي ويـهـڻ، وري نـه اچـي آ هيءَ وبل"!
هي گهرَ تـي گهنگهور گهٽا، در تي مَٽُ" جا مَٽ" سَوبل"!
پيري پيري ڪوبَل-ڪُوڪ! هَيءَ هَيءَ تنهنجي قَٽ-آکيل"!
ٻـرکـا ٻيـلـي، هـاڻـي ڏس، ڦُلـواريءَ جـا تـيـل" ڦُليل"!
سارين ٽـو هـن وقت 'اياز'! ڪهڙا مـاڻـهـو، ڪهڙا ميل"!

●

آءُ تـه هـان واريءَ تـي وڻ،
تون ٻـه تـه پنهنجي ٻُڻ جو ٻڻ!

ڏونگر جهڙو ڏيهه نـه ڏِس، آءُ پنهونءَ جـو ٻيرو ڪٽ.
آءُ ڪتيءَ جـي هيڻان ڪٽ، آءُ آتـاهـون آ آتـڻ.
ڏرتيءَ جـا ڏاڙهـل ڏَراڙ، ڏوڙ آڏانـي نـڪتـو ڏَڻ.

أئي تنهنجي سارَ ۽ربن، ساري رات رُلُو ساوڻ.
کاهه تو جي کَلوَلت کُنا، تن لئه تاتُيئه اج آسَ.
لئون ڦُلاري لاهه 'ايازُ' او ڦُلواري، چَڻ، چَڻ، چَڻ!

ناچ-ڏُڻ

هريت هرين جي هايل هابل،
آبل! آبل!
کهايل کهايل
منهنجا پيرا!

جندڙي کوئي جهوڻو آهي،
ڀ منهنجو من
واريامي تي هوڻو آهي!
جندڙي سَر تي سانجهي آهي،
ڀ منهنجو من
مانجهادي جو مانجهي آهي!
جندڙي کائي کولج هريان جي،
ڀ منهنجو من
تو وٽ آهي کونج پَريان جي!
جندڙي کائي چولي آهي،
ڀ منهنجو من
ان چوليءَ جي ڏولي آهي!
جندڙيءَ ۾ آ اک آجل جي،
ڀ منهنجو من
ان ۾ کاري ريکَ کجل جي!

گولدر کهاريان،
پيڙ لڙ ساريان؛
روز اماڻيان مَڏ جا پيالا،
تو لئه آڻيان ناچ لرالا؛
ترلدي ترلدي ڦيريون هابان،

ڏرتي ۽ آڪاش نچايان،
گوسيان گايان،
گوسيان گايان،
گجرا گجرا گيت ورهايان،
چا چا ہوجان، چا چا هايان!
گهر گهر گونجي، دو در چمڪي،
آس آچايل،
راس نہ آيل
منهنجي چير!
هريت هرين جي هايل هايل،
آيل! آيل!
گهايل گهايل
منهنجا پير!





عبدالڪريم "گدائي"

سنڌي ادب ۾ عبدالڪريم گدائي هڪ قادرالڪلام ۽ ڪهنه مشق شاعر جي حيثيت سان مشهور ۽ مقبول آهي. والد جو نالو بجارخان لاشاري بلوچ آهي. ڪريم آباد تعلقي ٽل ۾ ۱- جنوري ۱۹۰۱ع تي ڄائو. هاڻ جيڪب آباد ۾ سڪونت پذير آهي. ٽل، جيڪب آباد ۽ سکر ۾ مٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين. ۱۹۱۸ع ۾ پوسٽ ڪاتي ۾ ملازم ٿيو، ۽ جلدئي استعفا ڏنائين. ۲۳-۱۹۲۲ع ۾ ٽل جي خانصاحب بهادرخان ڪوسي جي فرزندن مير شاهل خان ۽ مير سڪندر خان جو ٽيوٽر مقرر ٿيو. انهيءَ زماني ۾، ٽل ۾، مرحوم لطف الله بدويءَ سان واقفيت پيدا ٿي، ۽ سندس صحبت ۾ "گدائيءَ" تخلص اختيار ڪري شعر لکڻ شروع ڪيائين. 'فرنٽيئر گزيٽ' جيڪب آباد، 'سنڌ زميندار' سکر، 'صداقت' شڪارپور ۽ 'سنڌو' شڪارپور ۾ سندس قومي نظم ڇپجڻ لڳا. ۱۹۳۲ع ۾ نوڪري ڇڏي، تحريڪ آزاديءَ ۾ شامل ٿي، ٽل جي ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري ٿيو. انگريزن جي خلاف خوب نظم لکيائين ۽ نهايت بيباڪيءَ سان هالچل ۾ بهرو ورتائين. ۱۹۴۷ع بعد سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ عوامي شعر لکيائين. ۱۹۶۰ع ۾ سابق صدر مملکت طرفان، شاعرن ادبين واري امدادي فنڊ سان کيس هڪ سؤ روپيا ماهانه وظيفو جاري ڪيو ويو، جو کيس ملندو اچي ٿو. ۱۹۶۵ع ۾ سندس ڪلام جو مجموعو "ساڻيهه جا سور" شايع ٿيو، جنهن تي پاڪستان رائيٽرس گلڊ طرفان هڪ هزار روپيا انعام ملیو. "پکڙا ۽ پهنوار" سندس ٻيو مجموعو تيار آهي. جيڪب آباد ضلعي جي مختصر تاريخ "خانگڙهه کان جيڪب آباد تائين" سندس تاليف آهي. سندس ڪلام سنڌيءَ جي تقريباً سڀني اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪافي انداز ۾ ڇپيل آهي. ۶۹ سالن جي عمر هوندي به جنهن ولولي ۽ خلوص سان سنڌي ادب جي خدمت ڪري رهيو آهي، سا قابل رشڪ آهي.

"سدائي" صاحب اگرچه عمر رسيده بزرگ آهي، تاهم جذبات ۽ خيالات جي لحاظ سان جوان کان جوان آهي. سندس شاعريءَ ۾ جذبات جي فراواني آهي، ولولہ انگيزي آهي، ۽ انسانيت سان بي پناهہ محبّت آهي. سندس 'فن' مٿس گذريل انقلاب انگيز تحريکن جو رد عمل آهي، ان کري، سندس شاعري حوصلي وارن جوانن لاءِ تعميري انقلاب جي دعوت آهي. باوجود ان جي، سندس فن رس رهاڻ ۽ ذوق جماليات کان خالي ناهي. هولي سليس ۽ رنگين انس. پختگي ۽ برجستگي سندس کلام جو روح آهي. — ادارو.

بيت

(۱)

سورسين کي پانهنجو، پنهنجو پَور،
کن جو عشق اللّٰہ سان، کي مجازي منصور،
کوڙين کوڙي ڏيکَ تي، ورنهہ ٿيا وهلور،
کوئي ڪولهي رات جو، سجدن منجهہ سرور،
پنهونءَ کارڻ سسئي، ٿي روهن ۾ رنجور،
سائيهہ تنهنجو سور، چمي چاهر چاهہ مان.

(۲)

چمي چاهر چاهہ مان، سنگهارن جو سَور،
الا شال مَ وسري، مارُن جو مذکور،
سانگيڙن جو ساهہ ۾، سدا سائين سور،
ٿئين سچ سان ايري، ٿئون هڪ ناسور،
توڻي آهن ڏور، تہ ہ اوڏا پانيان سپرين.

(۳)

مون کان ماروئڙن سندي، وسري نہ وائي،
کوڻن کڙولن ۾، ٿي سيکان سدائي،
ڏاڏا ڏاڏ ڪري ويا، کل نہ ٿئي کائي،
مارن جي ملير کان، هير ٽڏي آئي،
ٿيندي سڻئي، موٽي ويندس ماڳ تي.

(۴)

موٽي ويندس ماڳ تي، ڪيليو ٿيندس ڪير،
مٺا پنهنجي ملڪ جا، ڳاڳا ڳهر ڳنڍير،
عمر جام اميرا ڪيڏ بندپائي بند مان.

(۵)

ماڪيءَ کان ہ منڙو، پنهنجو ملڪ ملير،
سنگهارن جي سٽ ۾، ٿيندو ساهہ سڌير،
راتيان ڏينهان روڄ ۾، نيڻ وهائن نير،
'تو نحن اقرب' ويجهڙو، نہ ٿي تون دلگير،
سچ جنين جو سير، تير نہ گسي تن جو.

ڪافيون

*

اچي عشق اماڙهون لاتيون، ويون وهر گمان جون باتيون.

آءٌ دلبر يار اورانهون، ٿيون درد ۾ نڪرن دانهون،
ويون عرش کي چيري آهون، ويون روڄ ۾ گذرن راتيون.

اڄ ڪانگر ڪار ڪلارين، وه واه بهسنت بهارين،
چا چوڄ منجهان چونگارين، ٿيون جهرڪيون هائن جهاتيون.

جانگھ چٹيائي نشتر، تنھن زخم جگر کي دلبر
پنھنجي دل جي خون سان اکثر، ٿا راتيان ڏينھان تانيون.

اڄ قرب منجھان کوھياري، سڀ گذريا وھم وساري،
گڏ گوڏي سان ويھاري، اونھ لونھ ھم ميخان لاتيون.

اڄ ملڻ جي موسم آئي، تنھنجي آھ آکير سوائي،
کري ياد ٿو يار 'گدائي'، تنھنجي قرب جون منڙھون کاتيون.

گيت

سڀ جو سنسار

سڀ جو کو سنسار ٻڌايون، سڀ جو کو سنسار!

کورا کارا سڀ خالق جا، جوڙ سڀئي ھڪ مالڪ جا،
چاجي نفرت، نخر وڌايون، مذھب پنھنجو پيار:
ٻڌايون سڀ جو کو سنسار.

ھڪئي لاءِ حقارت چاجي، انسانن کان نفرت چاجي؟
کينو ساڙ ڪدورت چاجي، چا جو ھي تڪرار:
ٻڌايون سڀ جو کو سنسار.

ذاتيون پاتيون، فخر وڌايون، رنگ نسل جون سڀ ارڏايون،
آھن جنگ فساد جو باعث، زھر سندو پرچار:
ٻڌايون سڀ جو کو سنسار.

جنگ وجدل آھي چوڌاري، انسانن جو رت آ جاري،
ساڙي آھي دنيا ساري، نفرت جي پرچار:
ٻڌايون سڀ جو کو سنسار.

رنگ و نسل سڀ ڏونگ اجايا، ھيٺ ھڪئي چا سانگ ٻڌايا،
چا گوري ۽ چا کاري ۽، ساڳيئو آ ستار:
ٻڌايون سڀ جو کو سنسار.

مذھب مسلڪ پيار 'گدائي'، ھندو مسلم سڀ عيسائي،
جوڙ سڀئي ھڪ مالڪ جي، سڀ ۽ ساڳيو يار:
ٻڌايون سڀ جو کو سنسار.

نظم

گولا

جواني ۾ جي اچڻ سان دل ۾ جڻ هيجان ٿيو پيدا،
نئون هڪ سور جاڳيو ۽ نئون ارمان ٿيو پيدا،
ڪنهن جي ديد جو دل ۾ چُپل پيڪان ٿيو پيدا،
عجب هڪ انتظاري ۾ جو اچي سامان ٿيو پيدا،
ٿُڪر دل جا تري آيا اکين ۾ يار جي خاطر،
وهايم خون جا گوڙها ڪنهين دلدار جي خاطر.

جبل جيڏيون ڏکيون راتيون گذاريم بيقراري ۾ ۾،
ورهين جا ڏينهن هڪ ٿي لنگهي ويا انتظاري ۾ ۾،
ڪتيون ٽيڙو ڪئين ايري لهي ويا آه و زاري ۾ ۾،
مزا مون درد جا ورتا اڪيلا رات ڪاري ۾ ۾:
سڀ سيڪا مصيبت حسن جي سرڪار جي خاطر،
اجاڻو پر ڪيم اختر شماري يار جي خاطر.

نمازي ٿي ڪڏهن مون يار ڪي مسجد اندر ڳوليو،
ڪليسا جي اندر ڪڏهين وڃي مون آلٽر ڳوليو،
ڪڏهن مندر شوالو ۽ ڪڏهن مون جهنگ جهر ڳوليو،
شهر جي هر گهٽي ۾ ۾ دوست ڪي مون دربدر ڳوليو:
گداگر ٿي ويس ماڻ من-گهٽرئي منڌار جي خاطر،
ڏکي ڪفني فقيرن جان هليس دلدار جي خاطر.

پهاڙن ۾ سڻ بڄي تَپشوي مون يار ڪي ڳوليو،
لڳين لائي پيوتي، مون ڪڏهن سرڪار ڪي ڳوليو،
ڪڏهن سپنن جي دنيا ۾ ۽ مون دلدار ڪي ڳوليو،
غرض هر رنگ ۾ مون پنهنجي ٻالڻهار ڪي ڳوليو:
ملايو خاڪ ۾ مون ٻاڻ ڪي دلدار جي خاطر،
ڪيو چا چا نه مون هڪ دوست جي ديدار جي خاطر.

تڪبّر ڪي تڙي جو اصليت پنهنجي سڃاتي مون،
دوئي ۽ ڪي دور اچلي ٻاڻ ۾ جهاتي جو پاتي مون،

جڪهه دلدار جي تڏهين وڃي آخر تہ جاتي مون،
مثل دل جي اندر محسوس گويا ڪئي حياتي مون:

لڏر دل جي الدر آخر، رُليس جنهن يار جي خاطر،
'گدائي' دربدر مون ڪئي عبث ديدار جي خاطر.

اکيون کولي اندر جون مان جڏهن گردن جهڪايان ٿو،
بگاڻي يار کي دل جي اندر هر وقت پايان ٿو،
خوشيءَ جا گيت مستيءَ ۾ اچي تنهن وقت گڻايان ٿو،
هميشہ ناٽ سان مان نينهن جو ناتو نڀايان ٿو:

ڪٽي جي سر وڃي تہ ۽ دوستو دلدار جي خاطر،
'گدائي' ساهہ ڏنهنجو وقف آهي يار جي خاطر.

غزل

●

هن عشق جي کڻڻي گاله، ڪريان، آسان ۽ آ دشوار ۽ آ،
هيءَ وادي‌ءِ الفت آه عجب، پُرخار ۽ آ گلزار ۽ آ.

هيءَ رات فراق جي رشڪ قمر، ڪئي آه سڄي مون اکين تي بَسر،
تنهنجي هجر ۾ عاشق خسته جگر، بيمار ۽ آ بيدار ۽ آ.

جنهن وقت سڄڻ سينگار ڪيئي، جڻ تير جگر کان پار ڪيئي،
وه واه جو دلبر وار ڪيئي، آزار ۽ آ آذار ۽ آ.

تنهنجي چشمہ سياه جو ديوانو، تنهنجي مست نگاه جو مستانو،
دنيا کان بگانو بيگانو، سرشار ۽ آ هوشيار ۽ آ.

ڪيئن ڪنهن سان يارو چاه ڪجي، ڪيئن لاتي جو نڀاه ڪجي،
ڪيئن وعدي تي ويساه ڪجي، اقرار ۽ آ انڪار ۽ آ.

جنت آهرن جي تلوار هلي، ۽ ناز جي ناوڪ ڏار هلي،
اتي کڻو 'گدائي' چارو چلي، جت پيار ۽ آ تڪرار ۽ آ.





حيدربخش "حيدر" جتوئي

حيدربخش "حيدر" جتوئيءَ جي شخصيت، پنهنجي فن ۽ ملکي خدمت جي سلسلي ۾ ڪنهن بہ تعارف جي محتاج ناهي. 'حيدر' هڪ صاحب ڪردار 'باوچ' آهي. هڪ بلوچ جا اوصاف-سادگي ۽ سنجيدگي، همت ۽ بيباکي، بلند حوصلو ۽ جوانمردي، انسانيت سان محبت ۽ عوام جي خدمتگذاري ـــ سڀ سندس شخصيت ۾ موجود آهن.

'حيدر' ۱۰- آڪٽوبر ۱۹۰۱ع تي ڳوٺ بڪيديري تعلقي ڏوڪريءَ ۾ ڄائو. سندس والد الهداد خان جتوئي، پنهنجي راڄ جو پريو مڙس ۽ ٽنڊ جو مشهور زميندار هو.

تعليم: ۱۹۱۸ع ۾ سنڌي ورنيڪيولر فائنل امتحان لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين، ۽ سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو. ۱۹۱۹ع ۾ لاڙڪاڻہ مدرسة الاسلام ۾ داخل ٿيو، ۽ ٻن سالن ۾ پنج درجا انگريزي پاس ڪيائين. ۱۹۲۳ع ۾ ميٽرڪ جي امتحان ۾، بمبئي يونيورسٽيءَ طرفان لاڙڪاڻہ سينٽر مان پهريون نمبر حاصل ڪيائين. ۱۹۲۷ع ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪالج ڪراچيءَ مان بي. اي. آنرس ڪيائين.

ملازمت: ۱۹۲۷ع ۾ رويئيو ڪاتي ۾ ملازمت شروع ڪيائين: ۱۹۳۱ع ۾ مختيارڪار ٿيو، ۽ ۱۹۴۱ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر. ۱۹۴۵ع ۾ ملازمت تان استعفا ڏئي، ملکي ۽ قومي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪيائين.

شعر و شاعري: 'حيدر' پنهنجي ذوق سليم ۽ مطالعه جي حيثيت سان طبعاً شاعر آهي. سندس شاعري ڪالج جي زماني ۾ شروع ٿي. شاعريءَ ۾ انگريزي، فارسي، اردو ۽ سنڌيءَ جي مشهور شاعرن جو ڪلام مطالعه ڪيو اٿس.

'حيدر' مختلف اصناف سخن مان غزل ۽ نظم تي استادانہ دسترس رکي ٿو. زياده تر قومي خيالات ۽ ملکي اصلاح ئي سندس موضوع سخن رهندو آيو آهي. 'درياه شاه' سندس

شاهڪار نظر آهي، جا سنڌي ادب ۾ انفرادي مقام رکي ٿي. ۱۹۳۰ع ۾ 'تحفهء سنڌ' نالي مجموعي ۾ ڏنهنجو ڪلام شايع ڪيائين، جو انگريز سرڪار طرفان ضبط ڪيو ويو.

علامه داؤد پوٽي مرحوم سندس فن لاءِ لکيو آهي:

"سندس فطري لاڙو شعر ۽ تفڪر ڏي آهي، ۽ نظم ۾ختو ۽ سنجيدو لکي ٿو." (سرها گل)

ان کان پوءِ انگريزن جي خلاف پيدا ٿيل آزاديءَ جي تحريڪ ۾ عملي طرح سان حصو ورتائين، ۽ هڪ طويل نظم 'آزاديءَ قوم' نالي، ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايائين. اها نظم ۾ڻ هڪ شاهڪار آهي، جنهن ۾ قومي ۽ ملڪي خيال کان آزادي ۽ ان جي اصولن، شرطن، عملي قدمن ۽ جدوجهد متعلق نهايت شاعرانه پختگيءَ ۽ برجستگيءَ سان خيالات جو اظهار ڪيو ويو آهي.

صحافت: ۱۹۴۵ع ۾ استعفا ڏيڻ کان پوءِ ست 'هاري تحريڪ' شروع ڪيائين، جنهن ۾ هارين جي حقن لاءِ اصلاحي ۽ ملڪي طرز تي جماعت بندي ڪيائين، ۽ ان جي ترجماني لاءِ 'هاري حقدار' هفتيوار اخبار شروع ڪيائين، جنهن جو ٻاڻ ايڈيٽر ٿيو. اها اخبار سالن تائين هارين جي حقن جي حفاظت ۽ ان سان گڏ ملڪي ۽ سماجي اصلاح لاءِ ڪم ڪندي رهي.

تاليفات: حيدر، 'تحفهء سنڌ' (انگريزن جي دؤر ۾ ضبط ڪيل)، 'آزاديءَ قوم' ۽ 'هاري گيت'، جهڙن شاهڪار شعري مجموعن سان گڏ نثر ۾ 'هاري ڪهاڻيون' ۽ 'هاري انقلاب' ڪتاب شايع ڪيا آهن، جن ۾ هاري ۽ مزدور طبقي جي زندگيءَ جي ترجماني ڪئي وئي آهي.

'حيدر' جي شاعري ٻيهاڙ جذبات ۽ روانيءَ تي مشتمل آهي. سندس زبان استادانه، پختي ۽ شستہ آهي؛ انداز بيان عالمانه ۽ استادانه آهي. عربي ۽ فارسيءَ جا ثقيل ۽ مغلق لفظ ۽ محاورا ڏاڍي چابڪدستيءَ ۽ فنڪارانه استاديءَ سان استعمال ڪري سگهيو آهي. 'حب الوطن' سندس شاعريءَ جو مرڪز آهي. عشق ۽ محبّت جي روايتي شاعريءَ کان گهڻي حد تائين سندس 'فن' ڦيرل آهي. سندس مطالعه وسيع آهي؛ خاص طرح سان سياست، سائنس ۽ فلسفي تي سندس نگاهه ناقدانه ۽ عالمانه آهي. مذهبي خيال کان آزاد مشرب آهي. انسانذات سان والهانه محبّت، مظلومن جي اعانت، پسمانده طبقن جي ترجماني ئي سندس مذهب آهي، ۽ اهائي سندس عبادت آهي:

عبادت بجز خدمتِ خلق نيست،
بہ تسبيح، سجاده و دلق نيست.

ساري حياتي مسلسل جدوجهد ۽ خدمت خلق ۽ قومي اصلاح ۾ گذاري اٿس. ساده دل ۽ متواضع، نماڻو ۽ لهڻو آهي. سائس جو ٻ ملي ٿو، اهو سندس شخصيت کان متاثر رهڻ کان رهي نٿو سگهي.

ڪيس پنج لائق فرزند آهن: (۱) مصطفيٰ حيدر- ايم . اي ، ايل . ايل . بي، (انفرميشن آفيسر مرڪز)؛ (۲) مظهر علي- بي . اي. (آنرس)، ايل . ايل . بي؛ (۳) الهداد خان (دادن)- اي . اي؛ (۴) حاتم علي- بي . ڊي . ايس؛ ۽ (۵) مرتضيٰ- پڙهي رهيو آهي .

هي باڪمال ۽ باشعور، مخلص ۽ ترڀائتو محب وطن شاعر حيدرآباد ۾ ڪونت پذير آهي.

ـ ادارو.

* * *

نظم

درياه شاه

آيا سنڌ جا ساهه فضل الله، آيا هند جا حسن زيور ۽ جاه،
آيا فخر دنيا، خدا جي نگاه، تولگر ۽ مسڪين جي پشت و پناه،
توئي ابر رحمت، توئي رنگ شفقت،
سندم جان تو ۾، ۽ ايمان تو ۾:
چوي توکي دمدم محبّت ۽ چاه، پلي آئين جيي آئين درياه شاه!

سندءِ ٻاڙ ساري جهان جو آ تخت، جتي مينهن موتين سندو آه سخت،
وهي ٿو هتان هر هميشه جو بخت، هي دنيا ۾ آهي بهشتي درخت،
جو چاهي لهي ٿو، ڪٽي پي رهي ٿو،
فرلگي ۽ هندي، جهاني ۽ سنڌي:
منجهان اهڙي سُندر سخي بارگاه، پلي آئين جيي آئين درياه شاه!

هتان ٻاڪ گنگا جو آغاز ٿئي، ۽ جمنا جو پي ناز انداز ٿئي،
ٿي بنگال برهما سان دمساز ٿئي، هتي ڪشف الله جو راز ٿئي،
زمين آسمان سان، عرب گلستان سان،
ٻيا هتڙي ڪڏجن، مخالف بہ سڏجن:
هتي فرق مغرب ۽ مشرق ۾ ناهه، پلي آئين جيي آئين درياه شاه!

اچين مانسرور سان ڪشمير ۾، ۽ باغِ عدن واري تصوير ۾،
پرين تنهن ڪي خوشبوءِ اکسير ۾، مفرح ڪٽي سنڌ لئه سير ۾،
ڏئين دل ڪي فرحت، ڏئين روح راحت،
۽ ڪيلاش پربت، منجهان شير شربت:
ٿو گلزار گلشن جا آئين آثاه، پلي آئين جيي آئين درياه شاه!

ٹکر ٹاکي ٻڇين ٿو ٻنجاب ۾، وڃي ٿوکي ٻنجاب ٿو خواب ۾،
ٻريءَ ملڪ کي خواب ۾ آب ۾، وڃين آب کي کين گرداب ۾،
ويون لاهيون چاڙهيون، نيون واهه واهيون،
ڇڏي ڪوڙ ڪهسان، هلين ٿو مزي سان:
اي روحِ روان، صاحبِ عزّ و جاه، پلي آئين جيي آئين درياه شاه!

ٿي راوي اچي تنهجي ديدار تي، ۽ ستلج ۽ جهلم نمسکار تي،
ٿين مست ٿيون، تنهنجي للکار تي، ڪرن تنهنجي قدمن جي آذار تي،
ٿين توتان قربان، فنا ٻنهنجي ڪن جان،
ڏين ٻاڻ ٻنهنجو، لهن وصل تنهنجو:
جو سيلو سمايل فنا اندر آه، پلي آئين جيي آئين درياه شاه!

تون داخل ٿئين سنڌ ۾ ٿو آخير، جا آ عشق تنهنجي ۾ اصلاً آسير،
سحر وقت، سنڌي، اچي ٿي حقير، ڪري تنهنجي پوجا، مچي توکي ٻير،
اي 'سنڌو' سدائي، تون ڪر 'سنڌ' سائي،
تون همنام سان رهه، وفا سان هميشه:
جو سنڌو سوا سنڌ ٻي ڪجهه ٻ ناه، پلي آئين جيي آئين درياه شاه!

ٿو آخر وڃين سمنڊ ۾ گهر ٿئين، ٿو ٽڪرن ۽ جبلن کان ٻي غم ٿئين،
۽ ٻي انت ساگر سان هم‌دم ٿئين، رموزِ خوديءَ جو تو محرم ٿئين،
ابد ذات تنهنجي، همه بات تنهنجي،
تون هرشيءَ جو مايو، سندءِ سپ تي سايو:
تر ۽ خشڪ کي بخشين نئون رنگ ۽ ساه، پلي آئين جيي آئين درياه شاه!

هو اول ۾ تنهنجو سمندر ۾ گهر، تپش عشق جي پر ڪرائي سفر،
ڪهڻين ملڪ سهسين ڏئي شهرو ٻر، عماليه تي ورتي ٿو شڪلِ ڪهر،
ٿيو پاڻي گوهر، پيو سمنڊ اندر،
سمندر مان جائين، وري تنهن ۾ آئين:
هي دنيا آ چرخي سندي چاڙه لاه، پلي آئين جيي آئين درياه شاه!

ڏي سانوڻ ۾ توتي ٻهاري ٿئي، ٻهاريءَ ۾ خوش خلق ساري ٿئي،
ٿي ساري سان ڏرتي ٻ ڪاري ٿئي، ٿي هرڪا زمين ٻرڪ واري ٿئي،

ٻنيون رهڻ ڪائن، سکھو آن آهائن
پرن واهه ريلا، ڪري جهنگ ٻيلا:

ٽئي جهنگ جهر پاڻي ٿو چار ماه، پلي آئين جي آئين درياه شاه!

در عيسيٰ ڦوڪين ٿو هر واه ۾، ڪٿي سيڪا سهڪي ٻئي چاه ۾،
ڪٽس آب حيوان اچي گاه ۾، قدم خضر جو آهه هر راه ۾،
ٽئي جهنگ گلشن ۽ هر باغ روشن،
ٽي هر ٻوٽي ٻهڪي، ٻکي تنهن تي چهڪي:

ڏتاري ٿو اکين کي هرگاه، گاه، پلي آئين جي آئين درياه شاه!

خوشيءَ مان نه ماهين ٿو اولهاري ۾، ڇڏي تنهنجو پاڪر ڪچي ساري ۾،
ڪري تنگ تون بند کي گهاري ۾، اچي شل نه ڪو گهاري لهواري ۾،
ٽئي بحر هر مان، مڃي تنهنجو فرمان،
سڙن ٻوڪون ساهون، ٽين غرق جاهون:

تون ٻيحد خوشيءَ مان نه ماڻهن تي ڪاه، پلي آئين جي آئين درياه شاه!

پلا ٻڙي تنهنجي ڇهي آسمان، چڙهن مٿس 'حيدر' مثل آس مان،
هي سچ نوح جي ڪشتي جي آ سمان، جنهين جي سڙهن آ چنيو آسمان،
پلا اوج تنهنجي، پلا موج تنهنجي،
عجب تنهنجون چوليون، ڏين دل کي لوليون:

هي لوليون ٽيون ٻوليون ڪري نين ساه، پلي آئين جي آئين درياه شاه!

غزل

ساقي! ٻيار جام جهان ٻين پري پري،
خود بين مشائخن کان ڇڄي ٽيس ٻري ٻري.

تقويٰ ۽ زهد مان نه ٽي اڄ تائين هڙ حصول،
شيخن ڏلو ٽي اهنج، اجايو ذري ذري.

ميخالي ۾ اچو ته ٽيون مست و بيخبر،
پير مغان جا پير چئون، سر ڏري ڏري.

مٺو سڙي ٿو، بزم اسان جي ڏسي ڏسي،
سيني سندس ۾ ڪيئي جي آتش ٻري ٻري.

فصلِ بهار آهه ۽ جنبش ۾ باغ آهه،
چَنَ چَنَ سماع جي ڪنان هيئون ٺري ٺري.

وه وا، سماع جو ٿيو پيدا اثر عجيب،
هر مست ٻنهنجي نفس جي اندر مري مري.

ڪر واعظا، زبان ڏکهي ۽ بلند بند،
بيهوش تي اثر نه نصيحت ڪري ڪري.

الله کا هنن کي هدايت نصيب ڪر،
تا قلب تن جو اصل سندن ڏي وري وري.

ناحق وڃائي دين ٿا دنيا خراب ڪن،
ڪائي ويو رياءُ سندن جان، هري هري.

'حيدر' کي پهرين ڏينهن ملي نعمت عجيب،
هن بحر ۾ ٿو پيي پيي ٿُبي ۽ تري تري.

●

محبّت آشنا ۾ سينو ساهي، جنهن جو جيي چاهي،
بلائے عشق تي سوهيه ٿي ڪاهي، جنهن جو جيي چاهي.

رهِ الفت ۾ سورن سان نباهي، جنهن جو جيي چاهي،
سِکون وصلِ صنم جون ٻوه لاهي، جنهن جو جيي چاهي.

تڪبر مان ۽ جادؤ سان ٿي ٻنهان ٿو ڪري حيران،
اميدون سڀ سندس ڳولا ۾ لاهي، جنهن جو جيي چاهي.

صنم چاهي، ڪيي زلفن سان چاهي چاهه ۾ لاهي،
چکي سڀ چاه مان سر چاڙهي ڦاهي، جنهن جو جيي چاهي.

ڪنڌا ۽ ڏنگ زهري سمجهي آسان ماکي، چوٽيه تان،
ٻره جي باه جي دونهين سان لاهي، جنهن جو جيي چاهي.

بهاريه لٽه سدا تڙ آهه جاري، ليڪ ٿي هاري،
ڏيئي ٻيلون ۽ ٽيلون، نار ڪاهي، جنهن جو جيي چاهي.

نمازيه جو آ ڪعبي رخ، اتر ڏي ۽ ڪڏهن اوپر،
صفا ٿي جاڻي ڪاڻي قبلو ٿاهي، جنهن جو جيي چاهي.

بخيلن ۾ اميد قدرداني آهه نادانيءِ
ٿي خوشگو تن اڳيان ڪٽن جان باهيءِ، جنهن جو جيءِ چاهيءِ.
چڏي مس ڪاريءِ يا ڳڙهيءَ ڪيءِ 'حيدر' سان گڏ هيڪرءِ
اڇي خونِ جگر سان شعر ٿاهيءِ، جنهن جو جيءِ چاهيءِ.

●

هرڪنهن ڪيءِ هلڻو آه هيءِ فانيءِ وطن چڏيءِ،
دلدار دوست پيارا ۽ گلشن، چمن چڏيءِ.

هن تختهِ زمين ڪيءِ هزارين وڻن چڏيءِ،
هرڪو وڃائيءِ وارو وڃيءِ انجمن چڏيءِ.

جڏهين ٿو روح پاڪ معطر بدن چڏيءِ،
دنيا ۾ تنهن ڪيءِ ڪوڙ ڪوڙي هڪڙي ڪن چڏيءِ.


داخل هميشه لاءِ ٿئيءِ خاڪ ۾ بدنءِ،
ڪينئن سان همنشين ٿيءِ اهل وطن چڏيءِ.

باقيءِ خدا جيءِ ذات، ٻيو سڀ فنا فنا،
هرچيز اڄ سياڻيءِ هيءِ حُسن ۽ سخن چڏيءِ.

جمشيد ڪاخ مان ويو ڪٽيءِ خاڪ ۾ سريرءِ،
جاه ۽ جلال ڪيءِ چڏيءِ، رنگِ جمن چڏيءِ.

چلپل جو چرچو آهه جهانَ چار ڏينهن بسءِ،
هرڪو عدم ٿو راهيءِ ٿئيءِ، جان و تن چڏيءِ.

'حيدر' تون ڪر سفرءِ جيءِ ٻهرءِ، جيئين شاد دلءِ،
ڳائيءِ غزل ٿيءِ خوش هيءِ، ڏکن جا سخن چڏيءِ.





"تنوير" عباسي

سنڌي ادب جي جديد دؤر ۾ جي بلند پايه شاعر پيدا ٿيا آهن، تن ۾ جناب تنوير عباسي وڏو مقام رکي ٿو. جناب گل حسن عباسي رٽائرڊ ڪليڪٽر جو فرزند آهي. رياست خيرپور جي ڳوٺ سوپي ديري ۾ جائو، ۽ اتي ئي ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. اعليٰ تعليم ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ورتائين. حيدرآباد سنڌ جي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڊاڪٽري تعليم دوران، مقامي ديهي ڪچهرين ۽ علمي ماحول، تنوير جي شاعريءَ ۾ پختگي پيدا ڪئي ۽ اڄتي هلي جديد سنڌي شاعريءَ ۾، پنهنجي سهاڄهي ۽ سليس، سلوڻي ۽ سادي هوليءَ سان قدر لائق اضافا ڪري، وڏو مقام حاصل ڪيائين. سندس هٿان جديد سنڌي نظم ۾ وڏي وسعت پيدا ٿي آهي. ٽيڪ سنڌي لفظن جي حسين استعمال سان غزل کي پنهنجو بنائي چڪو آهي. سندس واين ۽ دوهن ۾ ميناج ۽ رس آهي. "رڳون ٽيون رهاب" سندس شاعريءَ جو بهترين مرقع آهي. سندس ٻيو مجموعو ڪلام زيرطبع آهي. اردوءَ ۾ سنڌي ادب جي هڪ مختصر تاريخ لکي ائس، جا ايا شايع نه ٿي آهي. هن وقت سندس رهائش خيرپور ميرس ۾ آهي، جتي ٻاڻ ۽ سندس اهلِ محترمه ڊاڪٽر قمر عباسي، ڪول باغ نزديڪ "سنڌ اسپتال" نالي پنهنجي هڪ خانگي اسپتال هلائي رهيا آهن. تنوير عباسي پاڪستان رائيٽرس گلڊ جو ميمبر آهي.

ڊاڪٽر "تنوير" عباسي جو 'فن' زندگيءَ جو ترجمان آهي. لطيف ۽ نفيس ڀهلو، نهايت شسته ۽ شائسته، سليس ۽ ٻاجهاري هوليءَ ۾ ادا ڪرڻ تي ڪيس دسترس حاصل آهي. سندس تغزل ۾ ميناج ۽ دلڪشي آهي. غزل جهڙي دقيق ۽ مشڪل صنف ۾ به، تنوير عباسي، عربي ۽ فارسي لفظن ۽ ترڪيبن، هندستن ۽ لوازمات کان بچي ٽيڪ سنڌي لفظ ۽ ترڪيبون استعمال ڪري ٿو، اها سندس طبع جي معجز نمائي چئبي. "تنوير" پنهنجي فن ۽ شاعريءَ جي هر صنف ڪي حسين کان حسين بنائڻ جي سلسلي ۾ جي فني تجربا ڪيا آهن، الهن کيس ادب ۾ وڏو

مقام ڏنو آهي. ان لحاظ سان، سنڌي ادب ۾ چوٿين جي وڏن شاعرن ۾ کيس جڳهه ملي چڪي آهي. محبت، باهمي اخوت، انسانيت عام جو تصوّر ۽ حب الوطن سندس فن جا مکيه عناصر آهن؛ اهي ٿي قدر آهن، جن کي عالمي قدر چيو ويو آهي، جي سندس شاعريءَ جي جان آهن. ـ ادارو.

* * *

نظم

عشق جي بازار

ايٿن لڳي ٿو ته سڄي عشق جي بازار ٿڌي،
کو خريدار نه آ جيڪو ڏئي واڪ وڌي!

اوه ديوانا! سندءِ عشق جي گرمي کهڙي،
جيڪا هيءُ وقت جو زنجير رڃائي نه سگهي؛
اوه مستانا! اها مستي پلا ڪنهن کي جي،
جيڪا هر دل کي ڇُهي مست بنائي نه سگهي!

اولڙو چند جو لهرن تي ڪيري پرزا ٿيو،
۽ تون ٻارن جانُ ايا دل کي ٿو ٻهلائين ٻيو؛
دل ۾ اميد جو هڪ ننڍڙو ۽ ڪمزور ڏيئو،
ٻاري سمجهين ٿو ته ٿڙ جڳ ۾ آجالو آيو.

چند چوندي نه ڪڏهن هڪڙو اڳڻ، چمڪڻ لئه،
۽ ڪڏهن سڄ" ۾ هڪ گهر ۾ نه آيريو آهي؛
نه ڪڏهن هڪڙي محل تي آ ڪري چانوَ ڪئي،
۽ ڪڏهن مينهن نه هڪ جاء تي برسيو آهي!

چند آيري ٿو ته هرڪنهن جي اڳڻ چاندوڪي،
سڄ" نڪري ٿو ته گهرگهر ٿي وڃي ٿو روشن؛
جهڙ ٽين ٽا ته ٽڌي چانوَ ٿئي هنڌين ماڳين،
مينهن پئي ٿوته سڀئي جهنگ ٽين ٽا گلشن!

ٻو اي ديوانا! سندءِ عشق جي گرمي کهڙي،
جيڪا هڪ دل ۾ ٿي محدود ۽ محبوس رهي؛

جيڪا ولـڊي نـ وراهي، نـ وڏي ۽ لـ ڪُـني،
تـو سوا جيڪا ٻـئي ڪنهن سان نـ مانوس رهي!
ايٿن لـڳي ٿـو تـ ايا عشق جـي بـازار ٿـڊي:
ڪـو خـريـدار نـ آ، جيڪو ڏ ئـي واڪ وڏي!

غـزل

●

اکيون مون سُڄاتيون، اکيون مون سُڄاتيون،
نـهارڻ کان ڇـرکن، نـهارڻ لـ آتـيـون.

ڪنهين تيز خنجر جان ڪائي وڃـن ٿـيون، خيالن جي تارُن کي ڪوئل جون لاتيون.
فضائن ۾ ڪنهن جـڻ تـ ٻندوق ڇوڙي، ٻکي سڀ ٽنهي ويا لـٽـوي ڪير لاتيون.
ڏسان ٿـو هرين! دار جي هن طرف کان، اشارا ڪرين ٻـيـو ٻـيـو ٻائين جهاتيون.
ڪلنگيون جني کي، نـ تن کي مون ليکيو، ڪـٽن جون ۽ لوٽين جون ڳالهيون مون ڳاتيون.
اسان کي جـو چـوٽـو هـُيو، چئي وياسين، ڳهيلا، اوهان دل جون ڳالهيون نـ جاتيون.





"نياز" همايوني

"نياز" همايوني، سنڌ جي انهن قومي شاعرن مان آهي، جن ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ آزاديءَ جي هلچل ۾ بهرو ورتو. سندس جنم اپريل ۱۹۳۰ع ڏاري، سکر ضلعي جي هڪ ڳوٺ همايون، تعلقي شڪارپور ۾ هڪ هاريءَ جي گهر ۾ ٿيو. مختلف درسگاهن مان تعليم ۽ تربيت مڪمل ڪري علم طب ڏانهن رجوع ٿيو، جتان فارغ ٿيڻ کان پوءِ، هڪ-ٻن طبي ادارن ۾ استاد ٿي رهيو. هن وقت مرڪزي اردو بورڊ جي ريجنل آفيس حيدرآباد سان وابسته آهي. نياز جي شاعريءَ ۾ اها خصوصيت آهي ته ان ۾ اصليت جو عنصر گهڻو ملي ٿو. تنهن کان سواءِ سالها سال مشق دوران، مختلف جديد تجربن کندي، کيترين ئي نيون راهون پيدا ڪيون اٿس. موسيقيءَ سان به شغف رکي ٿو. سندس انقلابي ۽ قومي شاعريءَ ۾ وقت جي ڳالهه ۽ زندگيءَ جو درد ڏهرايل هوندو آهي؛ ان لحاظ سان هن کي سنڌ جي هر طبقي ۾ پوري دلچسپيءَ سان ٻڌو ۽ ساراهيو وڃي ٿو. نياز استيج جو بهترين شاعر آهي، ۽ ڪشمور ڪان ڪيتيءَ تائين لافاني شهرت حاصل ڪري چڪو آهي. سندس مترنم انداز پيشڪش انفرادي حيثيت رکي ٿو. سندس ڪلام سنڌ جي سڀني رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندو رهي آهي. هاڻ ڪجهه وقت اڳ پاڪستان رائيٽرس گلڊ (سنڌي ريجن) جو سيڪريٽري به رهي چڪو آهي. "ڏرتيءَ جا گل، منهنجا گيت" سندس مجموعه ڪلام آهي.

"نياز" همايوني پنهنجي فن جي انفراديت، اسلوب جي جدّت ۽ خيالات جي ندرت جي حيثيت سان سنڌي ادب ۾ اهو مقام حاصل ڪيو آهي، جو رسمي تعارف جو محتاج ناهي.

"نياز" نظم جو بادشاهه آهي: هيٺ جي نون تجربن کندي پنهنجي معاصرين احباب کان گوئي سبقت کٽي چڪو آهي. سندس ڪلام ذوق جماليات جي لطيف ۽ نازڪ، مسرت انگيز

۽ سکون بخش پهلو تي مشتمل آهي. لفظن جو انتخاب ڪرڻ سندس زباندانيءَ جو دليل آهي. حشو ۽ زائد کان بچندي، لفظن ۽ ترکيبن کي اهڙي تہ حسين ۽ دلکش انداز ۾ ٿو آڻي، جڏ تہ موتين جا هار پوئي ٿو ڇڏي. سندس طول طويل لظم ۾ ڪٿي بہ ابهام پيدا نٿو ٿئي. زبان شستہ ۽ بيان شائستہ سان گڏ بيپناه رواني سندس فن جو خصوصي پهلو آهي.

سندس فن سوز ۽ گداز، رقت ۽ محبت جي نازڪ ترين مسئلن ۽ زندگيءَ جي اهم ۽ دقت پسند معاملن کي رمز ۽ ڪنايي سان بيان ڪرڻ ۾ جي تجربا ڪري چڪو آهي، سي واضح ٿا ڪن تہ سنڌي زبان ۾ ايتري اهليت ۽ صلاحيت موجود آهي، جا اهڙا پسنديده قدر ۽ بنيادي معيار نباهي ٿي سگهي. سندس ڪلام سُريلو ۽ ترنم آهي، ان ڪري ترنم سان پڙهڻ کان پوءِ وجدانگيز ۽ روح پرور ڪيفيتون ٿو پيدا ڪري.

"نياز" جي دل وطن جي پيار سان سرشار آهي: اهوئي ڪارڻ آهي جو سندس هر شعر دلين ۾ گهاءُ ڪيو وڃي. جذبات جي فراواني هن عظيم شاعر جو ڏاج آهي. هر صنف تي قادرالڪلام فنڪار وانگر لکي ٿو. افسوس اهو آهي جو سندس ڪوبہ مجموعہ ڪلام ايڏا شايع نہ ٿي سگهيو آهي. ـــ ادارو.

گيت

تنهنجي دنيا سپ رنگ، سانول

تنهنجي دنيا سپ رنگ، سانول،
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ آلا!

تنهنجي دنيا اِنبلڪ ريڪا،
منهنجي دنيا گدلا بادل...

تنهنجي دنيا سڄ جا ٻاڇا،
منهنجي دنيا چند جان گهايل...

تنهنجي دنيا لهريون لوڏا،
منهنجي دنيا آجهيل ساحل...

تنهنجي دنيا چيٽ جا ميلا،
منهنجي دنيا هيڪل ۽ ياڪل...

تنهنجي دنيا سُندر سپنا،
منهنجي دنيا اکڙيون اوجاڳيل ...
منهنجي دنيا مرگهه ترشنا،
تنهنجي دنيا رَمندا بادل ...
مون وٽ روپ نکو پهروپ، آلا!

لوڪ گيت

ڊولييا ...!

ساهه کي ويا ائين سور وڻي، جڙ چندگرهڻ ڙي ڊوليا!
هاهه، اسان جي جندڙي ٽي وڻي ٻڌ ٻهڻ ڙي ڊوليا!

ساڻ نه تنهنجو رهيو ته ڇا جي هيڻ ته ڇا جا هيڻا،
اُس نه ڪائي هجي ته ڪنهن لئه در ۾ پايون ليڻا،
راس نه آيو روح کي توريءَ ڏيهه ڏسڻ ڙي ڊوليا!
هاهه، اسان جي جندڙي.....!

ڪار الدر ۾، چپ تي سوڻي، حال جنين جا هيڙا،
ڏاڍ-ڏڻي سي توسان ويهي سينا ساهن کيڙا؛
راهه گناهه چڏي ڏي تن سان هار هٽڻ ڙي ڊوليا!
هاهه، اسان جي جندڙي.....!

شام جو ڪنهن گهر ڏيئو ٿي جرکين، ڪنهن گهر ڪرين اونداهي،
ڪنهن لئه تو وت جيءَ ۾ جايون، ڪنهن لئه کوٽيل کاهي:
چاهه اهو ڪنڊاڪ ته سيکهه باب ٻڌڻ ڙي ڊوليا!
هاهه، اسان جي جندڙي.....!

گهُمين ته بادل گهور ٿي توتان، ڪيلين ته بجلي چرڪ پري،
اچين ته سپ جون اکيون ٽرن، جي وڃين ته سپ جو هانءُ ڏري:
اسان مڇيوسي وهه واهه تنهنجا رُعب رکڻ ڙي ڊوليا!
هاهه، اسان جي جندڙي.....!

جهُڪين ته ٽاري ڏاڙهونءَ جي ڪنڊ ڪٽي ته هرٽي هيرکي،
تکين ته تارا ٻاڻ لکائن، لکين ته مکڙي گل ٿي:
روح ٽيهو راهيل، ڏسي هيءَ راند رمڻ ڙي ڊوليا!
هاهه اسان جي جندڙي.....!

ڪجل اکين ۾، مساڪ چپن تي، ميندي هٿن ۽ پيرن تي،
وار ڪُنڊ برپل چاتيءَ تي ۽ سُرمي جو تير ڇل تي:
ڪهڙي جادوگر ڪان سکئين سَو پيڊ ڪرڻ ڏي ڏولیا!

هاءِ، اسان جي جندڙي...!

اسان ڇڏيا سي پنو ر جان پيرا، ڪوريڙي جان تاليون،
مٺو مٺو ڪري چني ڇڏيونسين، ڪٽين جون سپ ڪاليون:
پاڻ ٿي آهيون ماڳ تہ چا جا ٻڌ ٻُڌڻ ڏي ڏولیا!

هاءِ، اسان جي جندڙي...!

غزل

●

او راڳي! او ويراڳي! آ ڪاءِ، آهو ڪُڻ وارو راڳ،
جنهن سان جاڳي روح جو راڻو، ڪاڪَ رَسي ڪوهيارو راڳ!

منهنجي ڏرتي منهنجو گلشن، ڏرتيءَ جا ڪُل منهنجا گيت،
آءٌ ٿو ڳايان، ڳائيندس پيو جنڊ جنڊ هي ٻيارو راڳ!

جيسين باڪ ٻهاري ناهي، جيسين صبح سَوايو ناهي،
تيسين ڪنجي ڳائيندي پئي، ڳائيندي ڪيڏارو راڳ!

تنهنجي سُرت سُريلي مون ڪي نُوريءَ وانگ نهال ڪيو،
ڪينجهر ڪپ تي جڏ تہ تماچيءَ جهونگاريو ريٻارو راڳ!

منهنجا گيت رُکاڻ پَريل هٿ، تنهنجي سُور سواد ڏنو،
تنهنجي سار جو آئي ٿي ٻيو ماڪيءَ جو سانارو راڳ!

جوڳيءَ ويس ۾ جنڊڙي پنهنجي تولڻ ٿي سنياس ڪري،
ليٽ تہ سمجهي ويندين، سائين، منهنجو هي موچارو راڳ!

آءٌ تہ چارڻ، چاتر وانگي، آپ ۾ اڏري جهُڙ جهاڳيون،
هيڻاهينءَ ۾ سير سڙيوئي، ڪدلو ٿيندو سارو راڳ!

اڄ جي آهي آج" تہ چاهي، سُڀان تہ ڪَرهي ٿيندي ڪَج"،
آخر پنهنجي پاس ورائي، ايندو بخت جو ڏارو راڳ!

هيل 'نياز' نہ مينهن وَڻا، نڪي پنهنجي پاسي ساڪ ٻئي،
جيڪس سورن سانت هٿي پا ڪين هيو سولهارو راڳ!

نظم

ڏرتيءَ جي دل ڏڪي ٿي!

آءٌ سمنڊ جي سينڀي سان ٿي نڪتس الين نروار آلا،
ڪنواري ڇوريءَ جي ڇاتيءَ سان جڻ جوڀن جو اظهار آلا،
چنڊ کي مون سان پريت ٿي ويئي، سڄ ڪيو مون سان پيار آلا!

هيرن هيڄ سان هنج ۾ آئي، لوڊيءَ لال هندوري جان،
راتين رَمندي لولين ڏيئي تاتيءَ هار سدوري جان!
صبح جي ڪيتن سُرت ۾ آئي مست بڀاڻ پنڌوري جان!

منهنجي اوستا اوج تي آئي، جوڀن جي جنسار هلي،
اُرهه سٽي ڪي آهر آڏاڻا، آدمن جي آڌار هلي،
سنجريل سُونهن ڪنور جان سُرڪي، ڪيتن جي ڪونجڙ هلي!

ماڻهوڙو هي سماس جو ڏرڙو، جيت جڻان هو جنجل ۾،
ڪڏهن ٿي پٽڪيو غارن اندر، ڪڏهن ٿي ٽٽڪيو جهنگل ۾،
هڪڙي آهنج سان آجو ٿي وري ڦاٽو ٿي پي ڪرڪل ۾!

منهنجي جيءَ ڪي آئي جهيڙي سو ڏسندي ان کي آوليءَ ۾،
ساڻ جڻان ڪٽي سهر ڪري ۽ آندم پنهنجي جهوليءَ ۾،
ٻاڻ سهي ڏک، ڏنم پئي سک، هن کي ڏيڄي ڏوليءَ ۾!

مون کي چنڊ چتاءُ ڏنو چئي 'چو ٿي سور سهائين پئي،
هن سان چڱائي ٽيٽي ناهي، ناحق عمر وڃائين پئي،
تنهنجي مَت کي چا ٿي ويو، چو گود ۾ نانگ نپائين پئي؟'

مون نہ ڏني ڪا چنڊ کي ورندي پنهنجي راهه تي هلندي رهيس،
منهنجي دل ۾ ساک هئي جا تنهن جي ساک پريندي رهيس،
آدم کي اسرار الاهي، فيض ۽ فضل جان ڏيندي رهيس!

هي جو آهو پنهنجي تي، هن مون کي ڪهاءُ جي ڪهات ڏني،
هرَ جي چُنيءَ سان چير ڪري ۽ سختين جي سڪرات ڏني،
هن جڻ مون کي ڏاج ڏنا تڻ هن کي مون پئي ڏات ڏني!

هن جي لاءِ سون خوشبو خلقي وندر جي وسنار ڪئي.
موتين وانگ اناج آباد ڪيا، سيون جي پرسار ڪئي،
قدرت جي هر نعمت آڻي هيڪاندي هيڪار ڪئي!

ساڪي هن جو قوت ٻڌي ۽ ڪير مڪڻ خوراڪ ٿياس،
ڪپهه ۽ ريشم تند وڻائي وسن جهڙي پوشاڪ ٿياس،
آجهي ۾ آيو عيش ڪيائين، چوڪيري اسلاڪ ٿياس!

هن جي شڪل ٿي عيد ڏيائي، هن جي سونهن سجاءَ ڪيا،
جهڙي انار جي ڪڙي، ٽهڙا رت ۾ رنگ رچاءِ ڪيا،
نات ۽ نخرا سڪي سجو ٿيو، سالگ، سجهاڳ سياڻ ڪيا!

هوءَ سون هن کي قلم ڏئي ۽ علم جي وات وڻائي ڇڏي،
عالم ٿي هن عقل جي آدر اکٽي ڪالهه وڌائي ڇڏي،
ڪيئي وهم وجود ۾ آڻي، اوکي اون اهائي ڇڏي!

هن دنيا ۾ فلسفو آڻي، مساڪ جا سالدان ڪيا،
مذهب کي موجود ڪري ۽ ذاتين جا اهيان ڪيا،
طبقن جي تقسيم وسيلي راڄن جا سانڊاڻ ڪيا!

اتي سون هن کي هدايت ڪئي بس اکٽي کين وڌڻ جي ڪجاڻ،
جيڪي ٿيو سو ڪافي آهي، هاڻ نه ڪجهه ٻ ڪرڻ جي ڪجاڻ،
هرڪو پنهنجي راج ۾ راضي رهي تون ڏيان ڏرڻ جي ڪجاڻ!

دنيا ۾ ڪو ٻڪيو ڏڪيو يا ڪنهن جو پي محتاج نه ٿئي،
سيڪو پنهنجي آبادي ۾ مست رهي، تاراج نه ٿئي،
اهڙي وبا نه وکوڙي وڃي جو ان جو ڪوبه علاج نه ٿئي!

امن محبّت خوشحالي ۽ آزادي جو دؤر هجي،
انسانن جو انسانن جي لاءِ اهوئي طور هجي،
جنهن ۾ قيصر فساد نه ڪوئي ۽ نه جفا ۽ جوَر هجي!

اهڙو عالم پيدا ڪر جو هجي سدائين ساءِ پريو،
راتيون گيت رهاڻ جا گائن، ڏينهن نه ٿي ڏولاءِ پريو،
هرڪنهن سمجهه ۾ سهنج هجي، هرڪرم هجي ڪهڪاءِ پريو!

گل جي خوشبو جئن آڇي تئن سڀني کارڻ عام هجي،
پيار جي ٻرپا جتان ٻه آپري، ان تي نه کوئي دام هجي،
سونهن جي ريکا رنگ ڪيڙي ٻر رنگ سين جو رام هجي!

وڻ جي ڇانوَ ۽ وهندڙ ٻاڦي، ڪيئن؟ ٿو جال وِشال ٿئي،
جنهن کي ڏسندي ٻار ٻڍي جي ديد ۽ دل ٿي نهال ٿئي،
اهڙوئي کو آهاڻ ڪپي جو ٻنهنجو ٻاڻ ،ثال ٿئي!

مذهب ٻنهنجي جاءِ تي بهتر، مذهب جو پي دنگ هجي،
ائين نه ٿئي جو ان جي هستي السان تي ننگ هجي،
ظاهر موسن، باطن کافر، ڪيئي وارو زنگ هجي!

ڪنهن پي مسلڪ ساڻ نه ڪنهن ٻر ڪوئي ٻ ڪنهن کي غلام ڪري،
ٻاڻ کي اعليٰ، ٻئي کي ادنيٰ، سمجهڻ جو نه ڪو ڏام ڪري،
آدم اشرف، خلق ٿي ناحق، ٻاڻ کي ڇو بدنام ڪري!

ڪوبه نه ڪنهن جو اڳڻ اورانگهي، ڪنهن جو نه ڪنهن سان ويڙ هجي،
نيڪيءَ ڏي وک ويتر ليکن، بديءَ جي پاس نه پير هجي،
ڇاجي جنگ ته ڇا جو جهيڙو، اوڙي پاڙي خير هجي!

موڻ ته ڪهڻي ليلاءُ، ٻر ماڻهو مُهڙ مٽائي ويو،
منهنجون دانهون عرش ٻڌيون، هي ٻوڙن وانگ لٽوائي ويو،
موڻ کي ائين محسوس ٿيو جڻ ٻالڪ ٿڃ ڦٽائي ويو!

ٻالڪ ڏاڍا اُنگ ڪيڙا، وڃي عالم جو آستاد ٿيو،
هن جو ٻاڻ ٻتوڙيو تنهن سان اٽر-ٻر ايجاد ٿيو،
اٽر ڇا ايجاد ٿيو جڻ خانو ئي برباد ٿيو!

هن کي ٻنهنجي هوَس هٿي، سو ان ۾ ئي غلطان رهيو،
ملڪ وڻ ۽ ماڻهو مارڻ، ڪيس اهو خفقان رهيو،
خلقت خوار خراب ٻئي ٿي هن جو نه اوڏانهن ڏيان رهيو!


ٻک ڏک ۽ ڏهڪاءُ ڏُکارن، ڏاڻن وارا ڏلد ڪيڙا،
انسانيت لڙڪ وهايا، موت رُجن جا رنڊ ڪيڙا،
۽ ماڻهو هن ماءُ جي دشمن بيڙائين جا ٻند ڪيڙا!

منهنجي سڀاڻي چاني جنهن تان جنّت پي قربان هئي،
جنهن ۾ نُور سُرور هيو، جا فيض ۽ فضل جو شان هئي،
امن محبّت جي آشا ۽ دردن جو درمان هئي!

ان چاتيءَ کي ڇيهه ڏئي هن نالوَ لئي کهرام کيا،
پنهنجي ذات جو ويري ٿجي پاڻن جا قتلام کيا،
چند ستارا شاهد آهن، هن جيڪي خونام کيا!

اڻين خدائي ظلم جي آئي، دوزخ دنيا ٿجي وئي،
عشق پيار تہ سونهن ٿي ٻوهي، لاش تمنّا ٿجي وئي،
ٻوءَ ۽ ٻوءَ هي منهنجي هيٺت 'هيروشيما' ٿجي وئي!

چند تي ڪئي السان چڙهائي-ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي،
ڏرتيءَ سان هن ڪاڻ رهائي-ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي،
هن سان ۽ ٿيندي کار اهائي-ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي!





شمشير الحيدري

سنڌيءَ جو باڪمال شاعر، اديب ۽ مصوّر، جناب شمشيرالحيدري، حيدرآباد ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪيڏ ۾، ۱۵-سيپٽمبر ۱۹۳۲ع تي جائو ۽ بدين ۾ پرورش ورتائين. ابتدائي تعليم بدين ۾ ورتي، ۱۹۴۷ع ۾ ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيو. حالتن جي ناسازگار هٿ ڪري، تعليم ڇڏي ڳوٺ موٽي آيو. ڪجهه وقت پي. ڊبليو. ڊي. ۾ ملازمت ڪيائين، ۽ پوءِ ٽن سالن تائين بدين جي ڪوآپريٽو بئنڪ جو مئنيجر ٿي رهيو. وقت جي لهر کيس حيدرآباد رسايو. اتي پهرين روزاڻ "هلال پاڪستان" ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿيو، ۽ پوءِ ۱۹۵۶ع ۾ سماهي "مهراڻ" رسالي جو اسسٽنٽ ايڊيٽر مقرر ٿيو. مسٽر حيدري "مهراڻ" جي جيڪا مسلسل پارهن سال خدمت ڪئي آهي، اها سنڌي ادب ۾ يادگار جي حيثيت رکي ٿي. ۱۹۶۳ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم. اي. ڪرڻ وقت، "آزاد نظم" تي جيڪو مونوگراف لکيو اٿس، سا هڪ بهترين تحقيقي ۽ عالماڻ تاليف آهي. ۱۹۶۷ع کان پاڪستان پبليڪيشنس ڪراچيءَ جي ماهوار "نئين زندگيءَ" جو ايڈيٽر آهي. سندس شعرن جو مجموعو "لات" ڇپيل آهي.

شمشيرالحيدريءَ جي بلند پايه شاعري، سنڌي ادب ۾ متنوع، رنگين، جاذب ۽ زندگي بخش مثال آهي. اگرچه سندس ڪلام گهڻو نه آهي، پر معنوي اعتبار سان ثقه ۽ آهي ۽ معياري ۽. سندس مختصر ڪلام، قديم ۽ جديد ادبي رجحانات، هيئت ۽ اسلوب جي جديد اقدار ۽ معيار تي مشتمل، صحتمند شاعراڻ تجربو آهي.

حيدري پنهنجي فڪري ۽ شعوري مشاهدات ۽ ڪيفيات کي تلخ ۽ ترش لب لهجي ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جا لاءِ ته زندگيءَ جا حقائق ۽ عوامل، قدر ۽

معيار، جيئن هوء تيئن تاخ ٿيندا ٿا وڃن. زندگيء جا سماجي عوامل، مادّي ۽ مذهبي، فڪري ۽ سائنسي اثرات ڪان متاثر ٿي، اڄ اهڙي مرحلي تي پهتا آهن، جت انساني شعور ۽ تنقيدي زاويه نگاه صحتمند اصولن کي هرکي رهي آهي.

ادب ۽ شعر جي موجوده دؤر ۾ نه فقط هيئت جي اعتبار سان، هر مواد ۽ انداز بيان جي لحاظ سان به وڏو انقلاب آيو آهي. اهو انقلاب قابل قدر به آهي، ۽ زندگي بخش به. شعور انساني جو اهو انقلاب آور معيار بتدريج ارتقا ڪندو آيو آهي. انسان جي ترقي پذير قدرن، فڪري اثرن، علمي لاڙن ۽ ادبي نتيجن ٿي السان جي لطق و بيان ۽ شعر و سخن کي نوان نوان اسلوب عطا ڪيا آهن.

حيدريء جي فن کي تنقيدي نقطءنظر سان ڏسڻ ڪان هوء آڳ ان راء تي پهتو آهيان ته حيدريء جي تخليقي قوت، فڪري مطالعو ۽ نڪته آفرين افتاد طبع پنهنجي معاصر احباب ۾ منفرد آهي ــ مجازاً ۽ معناً. سڄ پڄ سندس مختصر ۽ جامع ڪلام هن دؤر جي شعوري رجحانات ۽ ارتقا پذير شعري قدرن سان گهڻي ڀاڱي هم آهنگ ٿي چڪو آهي. يقين آهي ته هي شاعر، بتدريج تجربي، مشق ۽ رياضت فڪري ڪان هوء شايد جديد دؤر ۾ وڏو مقام حاصل ڪري سگهي. ــ ادارو.

نظم

ڪاڪ محل

زندگي ڪاڪ محل آهي ڪو رنگا رنگي،
جنهن ۾ مقصد ٿو سدا ناز ڪري موسل جان،
دُور ڪان دل کي لپائي، نه اچڻ ڏئي ويجهو،
ڪير آهي جو لنگهي پار هوي مشڪل مان؟

جيڪو اڳتي ڏو وڏي، ڪائي اهو ڪيئي فريب،
جادونگريء سان بچي ڪير سگهي، ڪير پلا؟
ڪن کي نوميدي ڪيي ڏند هٿي ڊيڄاري،
ڪن کي ڏائڻ جيان ڏڪائي ٿو پيو موت، الا!

روز اسيد، ڪري هار ۽ سينگار لوان،
هاڻ کي خوب سجائي، ٿي لپائي دل کي،

عارضي سونهن تي هرکي، ڪئين جوڌا ۽ جوان،
راهه پُلجي ۽ وساري ٿا چڏن منزل ڪي.

ڪير منزل تي رسي؟ ڪير ٿو مائي مومل،
جان جادوءَ سان پلا ڪوئي چڏائي ته سهي!
ڪوئي لامُوتي لنگهي اچي وڃي مقصد ڏانهن،
چال چورين جا ڏسي، ڪوئي لنوائي ته سهي!

ها، مگر مينڌرا منزل ڪي رسي ئي رهندا،
جادونگريءَ جا طلسمات ٽُٽي ئي رهندا،
عقل ۽ عزم جا راڻا ويا اڳتي ڏوکي،
پنهنجي حالات جي مومل کي ٻُسي ئي رهندا؟

مال موهي نه سگهيو، ڪاڪ ڪان جهلجي نه سگهيا،
چال چورين جا لنگهي، ڪاڙي وڏندا ئي رهيا:
مون کي اڄ شاهه پٽائيءَ جي وري ياد آئي،
پنهنجي مومل سان ملڻ جي آ وري اڄ وائي.

غزل

●

اڄ منهنجي اکڻ منهنجا محبوب اچن شايد،
ورهين جي وڇوڙن جا سڀ سُور لهن شايد.

ماحول جي مستيءَ ۾ سُرڪن سان مليون سُرڪون،
روحن جا اهي ريلا چانڊاڻ گهُرن شايد.

هڪوار ته دل ڪولي هر ڪالهه چئي ڇڏبي،
انصاف جي اکين مان ڪوڙها ٻه ڪڍن شايد.

خالي ٻه ڪريو جلدي انصاف جي مسند کي،
مظلوم اچي ٻهتا، حقدار هجن شايد.

ڏرتيءَ جو دلاور اڄ تارن تي سوار آهي،
انسان جي عظمت جا اعلان ٿين شايد.

ابليس کي چئي ڇڏيو، سجدي جي تياري ڪر،
دنيا تي 'انا الحق' جا اسرار ڪُلن شايد.

سُوريءَ تي سڏ وارا! هڪ ڳالهه ته سوچي ڇڏ،
مقتل ۾ اڇ وارا منصور هجن شايد.

بلبل جي بيانن تي هرهر نه ٽيڙ گهرجي،
آئيندہ بهاريءَ جا پيغام هجن شايد.

'شمشير' کي سڏ ڪريو، 'شمشير' ڪٿي آهي؟
محفل کي مچائيندو آن جو ئي سخن شايد.

●

راهبر پلجي ويا، اهلِ نظر پُلجي ويا،
شوقِ منزل ۾ سڀئي کارِ سفر پلجي ويا.

ڪنهن جي ڳولا ۾ هتا نڪتا سڏائي هوشمند،
وات جي وڪار ۾ پنهنجي خبر پلجي ويا.

رات جو سوچي سُتا منزل تي پهچڻ جا مزا،
صبح ٽيو، همراه منزل جو ٿمر پلجي ويا.

رات جو ٻويون ٻهر، ۽ صبح جو ٻهريون ٻهر:
ٻن کهڙين جي فرق ۾ ڪوته نظر پلجي ويا.

مان ٻڪاريندو رهيس منزل جي هڪ موڙ تان،
رهبرن سيڪجهه ٻدو هوندو، مگر پلجي ويا.

هاڻ تن گلڙن جي محروميءَ تي ڪو روئي سگهي،
جن جا مالهي باغبانيءَ جو هنر پلجي ويا.

جن گهري وري هئي دل، ياد جو تحفو ڪري،
سي ٻه اڄ 'شمشير' جي خاطر خبر پلجي ويا.

●

مزدور جي محنت نظرانداز نه آهي،
جمهور جو آهنگ ٻي آواز نه آهي.

شب روز نئين دور جي تعمير ڪريون ٿا،
جاڻي ٿو زمانو ٻي، اهو راز نه آهي.

ڪنهن طرح اسين ظلم جا قائل نہ ٿياسين،
زلجير ڪان وڌ پنهنجو ڪو دمساز نہ آهي.

انصاف جي آئين جي فتوا ٿو ٻڌايان،
زردار ڪان زيادہ ڪو دغاباز نہ آهي.

هر هر ٿيون اچن وقت جي سوريءَ جون صدائون،
افسوس، 'اناالحق' جو آواز لہ آهي.

درٻار جي فنڪار کي ماحول ۾ آڻيو،
فن ڇاهي، جي حالات جو غماز لہ آهي.

تون ڇڏ تہ اها حق جي حمايت ۾ غلط هئي،
سچ آهي تہ 'شمشير' سخن ساز لہ آهي.

●

اسين حالَ هيڻا، اوهان جي خُدائي ــ وڏي ڳالهہ آهي،
هلي ٻئي اڃا زندگيءَ جي نڙائي ــ وڏي ڳالهہ آهي.

انڌيرن ۾ ٻَلجي ٻڙي روشنائي ــ وڏي ڳالهہ آهي،
اڃا وقت کي ٻيٽي ڳولي سڃائي ــ وڏي ڳالهہ آهي.

اوهين حسن تي پنهنجي نظرن جا ڦهرا اڃا تيز ڪريو،
ڪريون ٻيا اسين عشق جي رهنمائي ــ وڏي ڳالهہ آهي.

اسان عشق وارن جا ارواح آزاد آهن ازل کان،
ابد تائين آهي اسان جي رسائي ــ وڏي ڳالهہ آهي.

زماني جا منصور آهيون اسين، خوب مشهور آهيون،
اسان سُورين تي نہ گردن جهڪائي ــ وڏي ڳالهہ آهي.

اِتي ٿي هئي منهنجي خوابن جي جنت، ستارن جي ڏرتي،
وڏي ويڙي عرشِ برين جي آڇائي ــ وڏي ڳالهہ آهي.

نگاهون ڪٽي داد جي لاءِ مُرڪڻ جي ڪهڙي ضرورت،
اوهين آهيو سهڻا، اوهان جي اهائي ــ وڏي ڳالهہ آهي.

●

فقط اشاري ڇڏيو ته وه وا!
مٺا جياري ڇڏيو ته وه وا!

اسين اوهان جي اکين ۾ آهيون، وري لهاري ڇڏيو ته وه وا!
اوهين ته وسرڻ جا کين آهيو، اوهين وساري ڇڏيو ته وه وا!
نظر جا قيدي اڳي ئي آهيون، اجا به ماري ڇڏيو ته وه وا!
اوهان جي هٿ ۾ به زهر هوندو، مگر پياري ڇڏيو ته وه وا!
اسان جي حسرت، اوهان جي مرضي، ائين ئي تاري ڇڏيو ته وه وا!
هي آب اکين جو آب آهي، اکين ۾ واري ڇڏيو ته وه وا!
لٽيل لهر بيپناهه آهي، بحر بيهاري ڇڏيو ته وه وا!

کهڙي ٿو 'شمشير' حق ڄڻ جو،
انهيءَ کي ماري ڇڏيو ته وه وا!

●

ڀيڻ جا بهانا، پيار جون ڳالهيون،
جئين شال! ڪر کي جيارڻ جون ڳالهيون،

هليا، تيستائين دليون آزمايون،
اکين کي ڪرڻ ڏي نهارڻ جون ڳالهيون.

ارادن کي ملندو عمل جو سهارو،
ڇڪيون ٿيندبون ڪڏجي گذارڻ جون ڳالهيون.

متان ياد ۾ ئي نه ڪر ٿي وڃين تون،
اهي ئي ته آهن وسارڻ جون ڳالهيون.

هڪل سان ته پهتا هٿا يار پنهنجا،
وري وبا ڪري آگ ٽارڻ جون ڳالهيون.

گلستان ئي شايد جلائي ڇڏينداء
وڏي ويون ٻوٽن کي ٻارڻ جون ڳالهيون.

ڪئي آهي 'شمشير'، جو جنگ جوري،
زمانو ته ٻلجي ويو چارڻ جون ڳالهيون!

●

منهنجي تي موتين جي ورکا،
نيٽن جي نادانيءَ، توبهه!
آئيني کان ٻيا شرمايو، ايڏي بي ايمانيءَ، توبهه!
دل جي خاطر دم ڏيئي ويو، مفلس جي قربانيءَ، توبهه!
ساغر تائين جهکندي ويئي، واعظ جي ٻيشانيءَ، توبهه!
کوئي ناهي دل جو ضامن، سهڻن جي سلطانيءَ، توبهه!

●

لٽا عرش تي زندگيءَ جا سفينا،
ٻدلجي ويا بندگيءَ جا قرينا.
بنايون ٻيا روشنيءَ جا مدينا، ڪٽي آهي موسيٰ، ڪٽي طُور سينا.
نہ آلجهو، اسان عاشقن سان نہ الجهو، لتاڙي ڇڏياسين ستارن جا سينا.
ورائن ٻيا وقت کي هوش وارا، ڪذاري وئو مستين جا مهينا.
نظارن جي بيتاب خاموشين ۾، ٻکهرجي ٻيا نُور جا آبگينا.
ڪُلي ٻيٽي اکرائين جي حقيقت،
لکي ڇا ڪندا هاڻ سهڻن جا سينا.

●

سازِ فرقت تي بقدرِ ضربِ غم گائي ٿي دل،
يعني يادِ عشرتِ ماضي کي دهرائي ٿي دل.
بعدِ مدت اعتبارِ ضبط بدلائي ٿي دل،
اڄ وري هُن شوخ جي محفل ۾ ٻهچائي ٿي دل.
ديدهِ خاموش کان طرزِ ادا ٻائي ٿي دل،
خلوتِ تخئيل کي محفل ۾ بدلائي ٿي دل.
هاءِ هي عنوانِ الفت، هڪ ڪري ۽ ٻيو پري:
دل کي تڙپائي ٿو هُو، ۽ مون کي تڙپائي ٿي دل.
اي وڃڻ وارا، ڏسي وڃ هي عروسِ زندگي،
آرزو کي حسرتن جو تاج ٻهرائي ٿي دل.
سچ بہ ڇا هوندو شريکِ فتنهاي آسمان؟
دل کي سمجهايان ٿو مان، ۽ مون کي سمجهائي ٿي دل.

●

چمن ۾ ڪنهن جو هي ڏسجي ٿو انتظار ايا،
حياتِ لالہ و گل آهي اشڪبار ايا.

نہ آيو آهي خزان جوئي اعتبار ايا،
چمن پلي رهي بيگانہ بهار ايا.

هزار بار تہ ثابت ٿيو سراب، مگر،
اهي اسين، اهو منزل جو اعتبار ايا.

خيال دنيا جو آهي، نہ خوفِ رسوائي،
دل آهي حسنِ تمنا جي پاسدار ايا.

خيال توبهہ جو مون کي ب آهي، اي ناصح،
ڪرڻ ڏي مون کي گناهن کي بيشمار ايا.

نيازِ عشق ۾ شوقِ طلب ۾ آهي ڪمي،
نياز و شوق سان، اي دل، ذرا پڪار ايا.

ڪڏهن جو خواب ۾ آيو، ويو، هر هاءِ ڏي عشق،
مٿن سُرن ۾ وڃائي ٿو ڪو ستار ايا.

هي ڪنهن جو نقشِ وفا آهي جاذبِ نظرت،
جهُڪي ٿو جنهن تي، اي 'شميشر'، روزگار ايا.

●

طوفان جي درميان نہ ڪنارن جي ڳالهہ ڪر،
مون سان نہ زندگي جي سهارن جي ڳالهہ ڪر.

آهن پسند مون کي خزان جون نوازشون،
اي همنشين، نہ مون سان بهارن جي ڳالهہ ڪر.

آئي نہ راس مهر و محبت جي زندگي،
ڇا ٿي ويو، تون چند ۽ تارن جي ڳالهہ ڪر.

اي دوست، منهنجي تشنگيءَ ديد کي تہ ڏس،
دامن ڪشِ نگاہ نگارن جي ڳالهہ ڪر.

منهنجي اکيان گلن جي وفا جو نہ ڪر بيان،
ها، بر سبيلِ تذڪره خارن جي ڳالهه ڪر.

ميخانهء جهان ۾ لٽائي شرابِ زيست،
اي دوست، زندگيءَ جي بهارن جي ڳالهه ڪر.

●

همنشين، هيچ نه حديثِ غمِ دوران مون کان،
زندگي آهي بهرحال گريزان مون کان.

سي ئي تنگدستي ۾ بيگانا ويا ٿي، جن جي،
بزمِ هر لمحه رهي خرّم و شادان مون کان.

سي ڇا ٻڏلدا، جي توکل سندي ٻُرهي تي چڙهيا،
ڇا عجب، ٿي ويو مغلوب جي طوفان مون کان.

پاکبازي تي عبث ٿو رهي نادان مغرور،
مان ٻڌايان، کو ٻُڌي شيخ جو ايمان مون کان.

●

خامشي ۾ ٿي نهان طرز ادائي، جاني،
سازِ دل چاهي ٿو اڄ نغمه سرائي، جاني!

ڇا ٻُڌايان اثرِ دردِ جدائي، جاني،
تون وئين، تنهنجي فقط ياد ٿي آئي، جاني!

منهنجي دل توتي جڏهن کان وئي آئي، جاني،
تنهنجي تصوير ٿي اکين ۾ سمائي، جاني!

شمعِ اميد مون هر بار جلائي، جاني،
شبِ فرقت جي مگر سحر نه آئي، جاني!

تون وئين، دل وئي، تاريڪ ٿيو سارو جهان،
هاڻ ڪوڙهن ٻه نه ڪئي راه نمائي، جاني!

شوقِ ديدار ۾ هر چشم تماشائي بنبي،
مون سرِ راه نظر پنهنجي وڇائي، جاني!

ديد هئي تنهنجي ٿي بس چشمِ ڪرم جي شايد،
بدگمان بنجي وئي ساري خدائي، جاني!

داد ڏي مون کي سندم ذوق ِ نظر جو پيارا،
مان ٿيس تنهنجو، فقط تنهنجو فدائي، جالي!

عيد آئي ته سهي بزم ِ جهان ۾، ليکن،
منهنجي دنيا ۾ فقط تيرگي چائي، جاني!

عيد عاشق جي ڀجز ديد نه آهي هرگز،
ٿي وڃي اڄ ته ذرا جلوه نمائي، جاني!

تنهنجو ديوانو ڏيڻ عيد مبارک آيو،
تون ملائي ته اچي دست حنائي، جاني!

ترک ِ عشق، ۽ نه غم ِ دوست تي قدرت دل کي،
اهڙي مجبوري بـ 'شمشير' تي آئي، جالي!



"امداد" حسيني

"امداد" حسيني جو فن، سنڌي ادب ۾ شاعريءَ جي دنيا ۾ جديد هيئت ۽ اسلوب جي انوکن ۽ دلڪش تجربن جي ڪري هڪ 'فني علامت' بنجي چڪو آهي.

پنهنجي مختصر تعارف ۾ لکي ٿو:

"بنده جو نالو امداد علي شاه ۽ تخلص 'امداد' آهي. سڌ جي مردم خيز خطي ٽکڙ ۾ ۱۲- مارچ ۱۹۴۰ع تي الحاج حافظ حڪيم مرحوم سيد اسد الله شاه 'فدا' جي ننڍي فرزند سيد فضل محمد شاه جي گهر ۾ تولد ٿيس. سنڌيءَ جا چار درجا ٽکڙ جي مشهور مڪتب ۾ مرحوم حافظ يوسف جي هوڻي مرحوم حافظ الهڏني جي زيرنگراني حاصل ڪيم. ۱۹۴۹ع ۾ سنڌي تعليم ختم ڪري انگريزي تعليم ڈاڻهن منهن موڙيم ۽ نور محمد هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتم. شاعري مون چوٿين درجي انگريزي کان شروع ڪئي."

"امداد" جي شاعريءَ جي ابتدا مولانا گرامي صاحب جي حوصله افزائيءَ ۽ تربيت ۽ اصلاح سان شروع ٿي. گرامي صاحب سندس تغزل جي انداز ۽ تخيّل جي رنگيني ۽ انداز بيان جي پختگيءَ کي ڏسي، پيشنگوئي طور ڪيس ٻڌايو هو ته "'امداد' تون اڳتي هلي تمام جندي سنڌي ادب ۾ چوٽيءَ جو شاعر ٿيندين!" ان طرح خط و ڪتابت جي ذريعي 'امداد' پنهنجي شاعراڻ ذوق کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو ۽ فن جي مطالعه ۽ رياض ۾ مشغول رهيو.

سندس شاعريءَ جي ذوق کي وڌائڻ ۾ "بزم طالب المولا" جو ٻڙ وڏو دخل آهي. "بزم طالب المولا' جي انتظام هيٺ 'امداد' پنهنجن ٻين صاحبِ ذوق عزيزن ڊاڪٽر 'بيخود' حسيني، شبير 'هاتف'، حافظ شاه 'ناطق'، ۽ 'سوز' ٽکڙائي سان گڏجي باقاعده شرڪت ڪندو رهيو. اڳتي هلي "بزم طالب المولا' جو سيڪريٽري ٿيو. ان دؤر ۾ 'امداد' هڪ غزلگو شاعر جي حيثيت سان نمايان شهرت حاصل ڪئي.

ڇٽين - پنجن سالن جي ان مشق ۽ رياض کان پوءِ، وقت جي تقاضا 'امداد' کي جديد ادب جي تدرن ۽ معيارن جي قريب آندو ۽ نظم ۽ آزاد نظم لکڻ تي آماده ڪيو. 'امداد'

آزاد نظم تي بہ خوب رياض ڪيو آهي. سندس آزاد نظم ۾ ان جو هيئت جا جديد تجربا توڙي معنوي ۽ علامتي اشارا سندس فن کي حيات دوام بخشي چڪا آهن. ان سلسلي ۾ 'حملو'، 'گهر جي ياد'، 'بدبو'، 'واپسي'، 'انتظار'، 'جنگ'، 'طلوع'، 'شرط'، ۽ 'ماحول' وغيره شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا. آزاد نظم توڙي غزل ۽ نظم ۾ سندس زبان نهايت سليس، ۽ رنگين رهي ٿي. سندس انداز بيان جي دلڪشي ۽ شيريني، سندس فن کي دوآتشہ ڪري ڇڏيو آهي. سندس اڪثر تجربن ۾ نغمگي ۽ ترنم جو وڏو دخل آهي. موسيقيت ۽ خيال آفريني 'امداد' جي فن جون اهي خصوصيتون آهن، جن سندس فن کي لازوال دوام عطا ڪيو آهي.

ان طرح 'امداد' حسيني پنهنجي 'فن' جي جدت ۽ ندرت جي حيثيت سان، 'فن' ۾ زندگيء جي تنقيدي پهلوءَ تي جي فني ۽ تنقيدي تجربا ڪيا آهن، تن سان واضح ٿئي ٿو تہ 'امداد جو مشاهدو زياده تر تلخ ۽ تجرباتي ڪشمڪش وارين ڪيفيتن تائين پهتل آهي. زندگيء ۽ انسان جي باهمي تعلقات جي سلسلي ۾ انساني تاثرات ۽ واردات ۾ جي ردعمل پيدا ٿين ٿا، انهن جي ترجماني هڪ باشعور شاعر ئي ڪري سگهيو آهي. ان حيثيت سان 'امداد' جو شاعراڻو شعور، ذوق جماليات جي تسڪين سان گڏ حقائق جي ترجماني بہ پيش ڪري چڪو آهي. زبان جي سلاست ۽ انداز بيان جي رنگيني، 'امداد' جي فن جون اهم علامتون ٿي چڪيون آهن. سندس آزاد نظم تي ڪيل تجربا سندي شاعريء ۾ فڪر انگيز بہ آهن، ۽ هيئت ۽ اسلوب جا نادر نمونا بہ چئي سگهجن ٿا. سندس نڪتہ سنجي ۽ دقيقہ شناسي بعض وقتن تي ڪجهہ ابهام بہ پيدا ڪري ٿي، جو ابهام فني لحاظ سان تنقيدي معنويت جو حامل رهي ٿو. 'امداد' هن وقت ابو. اي (سنديء ۾) ڪري رهيو آهي. —ادارو.

* * *

غزل

●

هتي بہ سڄ ڪان سچي صاف پيار تي الزام،
هتي بہ چنڊ ڪان معصوم صورتون بدنام!

اکين اڳيان ٿو ٽيري ڪونڊرن جو قتلِ عام،
ونسي نہ ڪوبہ هتي پيار ۽ خلوص جو نام!

سين اکين ۾ حقارت، سين هٿن ۾ پٿر،
اي پر خلوص وفائيو! هي آهہ ڪهڙو مقام؟

اوهان جو صبح ٻ سڄ، ۽ اوهان جي شام ٻ چنڊ،
اسان جي رات ٻ ويران، اسان جو صبح ٻ شام!
اسان ٻ توسان محبت ڪرڻ جو جرم ڪيو،
اسان جي سير تي سوين تهمتون سوين الزام.
نہ اکڙين جا ڪنول، ۽ نہ ڪنهن بدن جو غزل،
جي زندگي اها آهي تہ زندگيءَ کي سلام.

●

هزارن ۾ هڪڙا هتاسين،
گهٽن جا ٻيارا هتاسين.

سفر لاءِ لڪتا هتاسين، سندءِ در تي ويٺا هتاسين،
اسان زهر جو جام پيتو، اسين ئي تہ دانا هتاسين.
اوهان ٽورو سرڪي نهاريو، زمالي ۾ رسوا هتاسين.
وري اڄ رڙنا ويٺا آهيو، اڄا ڪالهہ پرتا هتاسين.
پلا ڪنهن کي سمجهائجي ڇا! اسين هاڻ اهڙا هتاسين.
سندءِ هيڏي ساري جهان ۾، ڏٺوسين تہ تنها هتاسين.

●

هاڻ اکي تنهنجو انتظار تہ هو،
هاڻ ڪنهن جو ٻ انتظار نہ آهہ!

هونئن تہ سڀ گل ٽڙيا ٻيا آهن، تون نہ آهين تہ ڪا بهار نہ آهہ.
آءٌ هڪڙو تہ ناهيان دنيا ۾، ڪير آهي جو بيقرار نہ آهہ؟
تنهنجي وعدي تي اعتبار آهي، هر سيائي تي اعتبار نہ آهہ.
ٻوءِ هي عذر معذرت ڇا لئي، جيڪڏهن تنهنجو مون سان پيار نہ آهہ.

●

زندگي نظرن کي چورائي وئي،
سامهون آئي تہ شرمائي وئي.

رات جي اونداهہ ۾ تارن جي سانت، راڪ ڳائي روح ريجهائي وئي.
دل تونگر هٿي جا هڪڙي داءُ ۾، ٻن جهانن کي ٻ هارائي وئي.

راءِ ڏيڻ سڏايو ٻر، ٻهرين سر جو دان ڏيو.
چپ ۾ چڪ وجهي چڏيم، اڌ ۾ کهنجي ويو سڏ کو.
رات کٽي ڪيڏي ٻه پهر، آخر نيٺ ته ڏينهن ٿيندو.
هڪڙي پيري دل ڪوليي، جڪي چوڻو آٿو سو چئو.
منهنجي پيار پلڻ وارا، پنهنجي دل تي هٿ رکو.
سيڻ ٻٽي ٻه وسامي وئي، هاڻي رويو ويڻو رو.
آهه ڪٽي 'امداد' امر، جيڪو شعر ٻه چوندو هو!

●

اوڻيهه سؤ ستهٺ جو سال،(۱)
جهڙي ڪر ڪالهوڪي ڳال.

اکڙين ۾ لڙڪن جي لهر، پيارا! پنهنجو پاند سنيال.
جيون-جوت جلي دائم، شاد رهي شل شهر خيال.
سڏ ٻڙاڏو ٿي موتيو، پت سان لڳي وري جٽن ٻال.
سيني سُور ائين سانديم، انب وجهي ڇڏجن جٽن ٻال.
اکين ۾ ٿي سمجهي وڃ، چنبي لاهي هرکا ڳال.

نظم

ڪاش، سان چنڊ هجان!

ڪاش، سان چنڊ هجان!

ڪاش، سان چنڊ هجان، تنهنجي اکڙ تي آيران،
نند ۾ ڪٽن ٿي لڳين، ٽيڪ ٻڌي ڏسندو ئي رهان،
تنهنجي خاطر ئي ستارن ۾ ڪيڙان، رقص ڪريان،
تنهنجي خاطر ئي آجهامان، تنهنجي ڪارڻ ئي جڳان،
تنهنجا چپ، تنهنجون اکيون، تنهنجي ادائن کي چُمان،
اوت ڪرن جي وٽي، توکي ڏسان پيار ڪريان،
جيستائين تون نه جاڳين، سان جڳان ۽ جاڳان،
تنهنجي پرپور جواني ۽ جي ستان پهرو ڏيان،
تنهنجي هاران سان اندهيري سان پيو آلجهان آنڪان،

---

(۱) هن سال منهنجي پاءُ مختيار وفات ڪئي. ـ'امداد'

پيار سان توکي پري کان ئي گهرائي پاڻان،
۽ وهائي جي جڳهه ڀانهن سيري آڏي رکان،
رات جي پوئين پهر، تنهنجي ئي وارن ۾ لهان،
شام جو تنهنجي ئي چهري مان اکيون مهڻي آڻان!

تنهنجي چهري جهان سنڌو جي متان مان چمکان،
پوءِ لهرن ۾ لڙهان، لٽکان، لياکا پاڻان،
پنهنجي سورج کي پسڻ لاءِ مان بن بن پٽکان،

کاش، مان چنڊ هجان!
کاش، مان چنڊ هجان!

مختيار جي ياد ۾

سڄي ڳوٺ ۾ ڏيا ٻريا:
منهنجي من ۾ اونداهي؛
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ سڙي،
منهنجا سڀئي دوست سري ويا!

آءٌ ڪاربندو رهجي ويس،
او همراهي او همراهي:
توکي ساربندو رهجي ويس،
راهه نهاربندو رهجي ويس.

توکي اچڻو ناهه نڪو تون ايندين،
منهنجون صدائون رئنديون رئنديون،
اونداهي خلا ۾ گم ٿي ويندين!

تنهنجو وات گلاب

آءٌ برابر سڻي آهيان،
تنهنجو وات گلاب!
برابر تيج آهيان،
تيج ٻه نه ساهيان!
ڪوري ڪاگر تي هڪ ليڪ آهيان،
ليڪ ٻه نه ساهيان!

ٻيو ٻـ الائـي ڇـا ڇـا آهيان؟
آهـيـان ٻـ الائـي نـاهيان!
لوڻا ڇـو ٿـو ڦيرائين؟
جيـڪا ڳالهـ ڇـوڻ ٿـو چاهين،
منهنجي اکـيـن ۾ گهوري ڇـئـو!

ذات نہ آهي ڏات

ڪيترا سال انهيءَ ساڳي دريءَ جـي هيٺان:
ڪئين شهزادا اچي دامنِ زرين کي جهلي،
جنهن ۾ هيرا ۽ جواهر هٿا جگمگ جگمگ،
۽ سندن بخت جيان چمڪيا ٿي هيرا موتي،
صبح کان شام انهيءَ آس تـي ٻيٺا هوندا!

تہ ٻـڻي مرڪ جا گل تنهنجي چپن تي مرڪن،
تنهنجي چهري جـو ٻڌهي چند ستارا جرڪن؛
۽ سندءِ سونهن جي ديدار جي خيرات ملي،
تنهنجي ليٽن جي غزل جا ٻـڻي اشعار ٻڌن؛
۽ سندءِ مشعلِ رخسار تـي ٻروانـ وار،
گهائيندا ڪلندا ائين رقص ڪندا جلندا رهن؛
رسن ۽ دار قد و زلف تي سَرکي سَرکي،
ساهـ سير سرمد و منصور جيان سُرکي ڏين؛
تون جتي ٻير رکين هي اتي دل رکندا وڃن،
تون ڪتان گذرين تہ نيٽن کي وڇائيندا وڃن!

ڪيترا سال انهيءَ ساڳي دريءَ جـي هيٺان،
ڪئين شهزادا انهيءَ آس تـي ٻيٺـا هوندا؛
۽ ٻڌايو اهو هوندئون تہ: "وڻن هيتري فوج،
هيترا گهوڙا ۽ هـاڻـي ۽ پـيـادا آهـن،
هيتريون سهٽيون ڪنيزون ۽ ٽَڪن ورتا غلام،
جن جي جانين جي هنن وٽ تہ ڪا قيمت ڪانهي:
۽ سندن در تي سيئي ڏينهن سو انسان حقير،
هڪڙي مانيءَ جي سُڪل پور لئي ڦٽڪي ٿا مرن،

۽ سندن چيتا ۽ شينهن ٻک کان اهي لاش حقير،
خوب کائي ۽ پري ٻيٺ کي واڇون ٽا اگهن!"

ڪيترا سال انهيءَ ساڳي دريءَ جي هيٺان:
ڪئين شهزادا انهيءَ آس تي ٻيٺا ليکن،
تو ڪڏهن مرڪي نهاريو نہ دريءَ کي کوليو:
نڪو وارن کي ورايئي ۽ نڪو نيٺ ڪنيئي:
ڇهري جو چند چڙهيو ۽ نڪو تارا چمڪيا!

اوچتو ڪالهہ انهيءَ ساڳي دريءَ جي هيٺان:
ڪاسءِ دل ڪٽي هڪ بي‌سَرو سامان مفلس،
جنهن جي جهولي ۾ وفائن جا هٿا سورج گل؛
جنهن جي منهن مان ٽي ٻکيو پيار ۽ اخلاص جو نور،
هـا اچـي سڏَ هنيائين ۽ جهليائين جهولي:
تو ڏنو ريشمي پردن کي هٽائڻ جو حڪم،
جي سندءِ سونهن جي سورج کي لڪائي نہ سگهيا،
۽ ڪنول وانگي پيون مرڪي سڀاجهيون اکڙيون،
جڏ تـ انگوري شرابن جـا بلورين ساغرا
نَولکو هـار محبت جـو ڳـچـيءَ ۾ پائي،
۽ سندس جهول ۾ پاتو وجي تو پريت جو دان!



"محسن" ڪڙائي

سيد نياز علي شاهہ "محسن" ولد سيد احمد شاهہ ۾ جولاءِ ۱۹۳۷ع تي ڄائو. اصل ڳوٺ ڪڙ آٿس. خيرپور ناٿنشاهہ ۾ مستقل طور رهي ٿو. ۵۲-۱۹۵۱ع شعر لکڻ شروع ڪيائين. حافظ احسن ۽ احمد خان آصف کان ابتدائي اصلاح ورتائين. هن وقت، نوجوان شاعرن ۾ ڪلام جي پختگيءَ، دلڪشي ۽ سادگيءَ جي حيثيت سان وڏو مقام حاصل ڪري چڪو آهي. شعر جي سڀني صنفن تي برجستگيءَ ۽ چابڪدستيءَ سان طبع آزمائي ڪئي آٿس، ان سندس شهرت کي بام عروج تي پهچائي ڇڏيو آهي. سندس مجموعہ ڪلام "امنگون" ڇپيل آهي. ۱۹۶۴ع کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان سندس ڪلام نشر ٿيندو رهي ٿو. رسالن ۽ اخبارن ۾ محسن صاحب جا مضمون ۽ ڪلام ڪافي انداز ۾ ڇپيل آهن. نثر ۾ "ليلي جا خط" ڪتاب شايع ٿيل آهي. ان طرح ۱۰۰-۲۰۰ ڪن ڪتاب قلمي صورت ۾ آٿس. جنوري ۱۹۶۸ع جي قومي نغمن واري مقابلي ۾، سنڌي زبان ۾ بهترين نظم تي هريون نمبر انعام ڪيس گورنر اولهہ پاڪستان طرفان لاهور ۾ ملیو. ان طرح ڊويزنل ڪمشنر خيرپور ميرس طرفان قومي نظمن جي مقابلي ۾ به سؤ روپيا نقد انعام ملیس. تازو سندس ڪلام جو ترجمو، پارٽ ۾ ڇوڪرهن زبانن ۾ ڪيو ويو آهي. اهو ترجمو پارٽ جي مشهور ادبي اداره "پارتيہ گيانپيٺ ساهتيہ اڪاڊمي" طرفان ڪرايو ويو آهي. محسن صاحب هرائمري استاد آهي. "بزم طالب" خيرپور ناٿنشاهہ جو جنرل سيڪريٽري ۽ "اداره فلاح و بهبود" خيرپور ناٿنشاهہ جو باني آهي. آڻي، وفا ۽ راز سندس قابل فخر شاگرد آهن. ان طرح افضل مصرپوري، مريد جوٽيجو، وقار ناٿنشاهي ۽ رضا شيخ به ڪانئس اصلاح ونڊندا رهندا آهن. محسن صاحب نهايت قربانتو ماڻهو آهي ۽ سندس سلسلہ احباب نهايت وسيع آهي.

"محسن" جو فن، جذبات جي رنگيني، تاثرات جي تاخي ۽ مشاهدات جي شدت جي تخليق آهي. هر تاخ ۽ تيز مسئلو کنهن رنگين اشاري ۾ بيان ڪرڻ سندس ڪمال آهي. 'محسن' پنهنجي معاصر نوجوان ۽ حوصلہ مند شاعرن ۾ انفرادي مقام حاصل ڪري چڪو آهي. لفظن جي صحت ۽ خيال جي ندرت سندس فن جو مخصوص معيار آهي. هائيڪل ۽ هرائي خيال کي نئين ۽ دلاويز رنگ ۾ پيش ڪرڻ، سندس زرخيز طبع جو اهو ڪمال آهي، جو استادن کي به اڃا نصيب نه ٿيو آهي. اميد آهي ته مطالعه ۽ مشق سان هي شاعر سندي ادب جو بلند معيار شاعر ٿيندو. — اداره.

بيت

(۱)

ڏکوڻو ڪٽان ڪنڊ، تو در سائين سنڌ جا،
ويڇن سان ويڙي وڌم، سارو سات سُهنڊ،
سينڊڙيءَ جو سوڳند، ڏاڍو ڏاڍ آهيان.

(۲)

ايندن جي آڏو، ويندن ويلي ويسرو،
ڏاهي ڄاڻم ڪينڪي، ڪوند جو ڳاڏو،
مُنهن جو مهاڏو، آهي پنهنجو پاڻ سان.

(۳)

ٻاٻاڻي ٻولي، ٻوڙي ويئس ٻار ۾،
سڪم ڪين سرير تي، ڪولو ڏي ڪولي
لهاڻي لولي، ڪنگهر ڪهاريندو وتان.

(۴)

ٽينڊ، وڏائي ڏاڻ، ٻلڻ پاڻي سون جهلي،
دلبر، تُنهنجي ديس جي، ٻونءَ نه ٻيڻي ٻاڻ،
مون کي مولا ڏاڻ، سخي ڪا ساڃاه ڏي.

(۵)

وڏو سوڙ سرير ۾، ڏاتر ڪري ڏات،
ساڃاهه منهنجو ست، چُوسي ويڻي چاهه مان.

(۶)

سوڳن کي ميراڻ جو، چڏي ڪين چُرو،
ساڃاهه ڏي سُرو، ڪاڻي ويڻي ڪوت کي.

(۷)

ڪنهن کي ملیو ڪيترو، ڏاترا! تنهنجو ڏاڻ،
آدم ۽ انسان، آهي ساڳيو سُور ۾.

(۸)

اڇي ذات ڪُڏات آڙي آ انسان ۾،
سمجهي سڳهيا ڪينڪي پورا کنهن جي ٻات،
ڏاترا! تنهنجي ذات، ڏُکي آهي ڏيهه ۾.

(۹)

چُري جهلي چيڪرو، ڪاهل ڪائي ڪپ،
ساڃاهه بنجي سپ، ڏنگيندي شل ڏيهه کي.

(۱۰)

تيرن ستان تير، لڳا نازڪ نينهن جا،
ميڙن من موڳو ڪيو، قربن هنيا ڪير،
ساڃاهه وڏي سير، لڄي لڇان ڪيترو.

(۱۱)

دانائيءَ ڪان ڏور، آهي ٻڌڻ پريت جو،
ساڃاهه وڏو سور، سمجهي کو سياڻو ٿئي.

(۱۲)

جاڳي جاڳي جوت، سُمهي جيتر سوچ جي،
تينهن کان اڳي اوت، چُڪڙو کنهن جي چاهه جو.

(۱۳)

کنهن جي ساڻ سيار، کنهنجي ڪالهه ڪرائڙي،
الا هي اسرار، آيا ڪيڻ الهان ۾.

(۱۴)

الا ڙي، افسوس، آدر جي اوصاف ۾،
ڪٿان آيو ڪوسُ ڏَسيندو ڪو ڏيهه مان؟

(۱۵)

پَڇي ڪ٘ن پورَ، ٻيائي جي ٻاڻ ڪي،
اڄ اڄ منجا مورَ، ويهه ته وندبون ٻاڻ ۾.

(۱۶)

وڻي وڻي ٻڻ، ڪنهن جي ذات ڏُڪي پَڻي،
سرتا، جيڏا سيڻ، ٻيشُ نه آڄ پريت جو.

(۱۷)

ٻنهنجو تاڏي پَنڌُ، جاڏي جوت جمال جي،
ڪنهن ٻئي آڏو ڪنڌُ، جهُڪائي جهَير ڪو.

(۱۸)

ڪيڇي مون سان ڪَلهه، جيڏيون جاڙ ڪريَ ويا،
ماري ويا سَلهه، معذوريءَ ڪي مار سين.

(۱۹)

مون ۾ آئيي 'مون' ته 'سون' ئي مون ڪي ماريو،
مون جو 'مون' ڪي ماريو ته 'مون' مان ٿي پئين 'تون'
تون ئي آهين تون، 'محسن' لاهي ڪو ٻيو.

نظم

اعتراف

بجا آهيءِ ته تون مفلس لعل آهين،
بجا آهي، ته مان مسڪين آهيان.

غريبن جو تون رَتُ چُوسي وڻين ٿو،
مان ٻنهنجي خونَ سان توکي ٿو ناهيان.

انهيءَ هوندي به مان هر وقت خوش خوش،
انهيءَ هوندي ب٘ه تون هر وقت نالان.

مان ٻنهنجي حال تي شاکر رهان ٿو،
تون مستقبل جي فکرن ۾ پريشانُ.

مجال آهي، جو تُنهنجي کهُرڻ کهَنڊجي،
مجال آهي، جو مان کهُرجون وڌايان.

تون ٻنهنجي عيش جو ماتر ڪندو رهين،
مان اطمينان جا سهرا ٿو ڳايان.

نشيمن تهذيب توکي ٿي مبارڪ،
مگر لِلّه مون کي ڏي معافي.

ضرورت سادگيءَ جي ناهه 'محسن'!
هتي روحانيت ٿي آهه ڪافي.

بجا آهي، ته تون مفلس نه آهين،
بجا آهي، ته مان مسڪين آهيان.

غريبن جو تون رَتُ چوسي وڻين ٿو،
مان ٻنهنجي خونَ سان توکي ٿو ناهيان.

مُرڪو ته سهي!

ٿوريءَ ٿي گهڙيءَ لاءِ خوشي، نه آئيو،
ليکا ته ڪندو آهه فقط هَتَ-واٽيو،

ٻُوسٽ ته لهي، هاڻه تي چنڊو ته ٻوي،
مُرڪو ته سَهي شال جواني ماڻيو!

مُرڪو ته سَهي.....

مدّت کان ڏسن ويٺا، اوهان ڏي ڪلڙا، آيا نہ اڃا ياد اوهان کي ڪلڙا،
اي جانِ بهاران، اي مسيح دوران! مُرڪو تہ چمن ۾ ٻہ ٽيڙن کي ڪلڙا.
مُرڪو تہ سَهي.....

شامُن جو غضبناڪ وڃي انڌارو، صُبحن جي سويرن جو ڏسون نظارو،
زلفن جي انڌيرن مان ڪيڊي روشن رُخ، مُرڪو تہ ڪري عيد زمانو سارو.
مُرڪو تہ سَهي.....

هي روڄ، هي ماتم، هي غمن جو هرچار، هي ويڑهہ، هي مَهڇل، هي دوطرفو تڪرار،
لحظي ۾ سڄو ڊوننگ ٿي هوندو ڊيري، مُرڪو تہ زماني جو هلي ڪاروبار.
مُرڪو تہ سَهي.....

مُرڪو تہ آتَن جُلهہ ڪري تدبيرون، مُرڪو تہ اسان سان ٻہ ڏهن تقديرون،
مُرڪو تہ ستمگر جون آڏايون ڏَڇيون، مُرڪو تہ وطن لاءِ ڪٽون شمشيرون.
مُرڪو تہ سَهي.....

ٻي شعر

آءُ تہ جيءَ ۾ جاءِ ڏيانءِ، آڪاڙهايل ڳالهيون وانگي.
ماڻهو، خواهہ ميرون، سيني لٽي، ڇانوَ ڏنيسين تالهين وانگي.
خوشبو ٻنهنجي ٻوکيل آهي، 'محسن' ٻارن مالهين وانگي.

جڙ هنڊڻ سڄ

پنڌيرکو ٽيو، اِجهو ٽو سڄ آيري، هاڻ هينئر سڄ ڪٿي ڪڍي آهي.
هُن جي ڪيرٽن ڦُٽي ڦُٽي جڳ ڏي، روشني جي خبر ڏني آهي.
زندگيءَ جون تمام ٻوجهائون، تيرورن جي اڳيان جهُڪيل آهن.
ٽورڙائي ضميرو هوندا جي، تيرُورَن جي اڳيان جهُڪيا ناهن.
ٽاڪ منجهند تي سڄ وڃي ٻهتو، مطلبن جو جهان، جوان آهي.
آدميّت جي هر تحرّڪ سان، بندگيءَ جو جنون عيان آهي.
سڄ لڙيو شام ٽي وئي آخر، سائيون ٽي ٻيون تمنّائون.
هڪ نئين سڄ جون منتظر آهن، زندگيءَ جون تمام ٻوجهائون.

اَن جي آٻتڙ اڃا ٻہ ڪي آهن،
جيڪي هر سڄ جي آجيان نہ ڪندا.

گونگي

ناهي بہ ڪٽي، هوءَ بہ اڪيلي آهي،
هوءَ پنهنجي ئي "همدرد سهيلي" آهي،
بي روح اشارا ۽ پيمانڪ چرڻات،
جينڙي بہ نہ آهي، نڪا ڇيلي آهي.
انسان آ، انسان جي گهر جائي آ،
هر وقت سندس سُنهن تي آڏاسائي آ،
ڪنهن وقت تہ "جهونگر" بہ ڪندي رهندي آ،
جهونگر ۾ سندس، طنز ۽ گهرائي آ.
جوڀن جي حدن ۾ ٿي اجهو پائڻي ويرُ،
ٻَر هوءَ بہ هُن کي نہ ميلي سگهندو ڏيرُ،
هن لاءِ اڃا ڪاڪ "ميني" آئي ناهي،
"ڪُنگدام" مٿان ڪهل ڪندو آخر ڪيرُ!
هن ڏيءُ جي بيواهہ آڙ جو نہ ٻُجهو،
هن ٻيڙ جي بي پهچ "آدن" تي نہ لُجهو،
قدرت جي تماشن کي تماشو ئي سڏيو،
قدرت جي تماشن تي ڪڙهو، ہرگز نہ ڪُڇو.
مجرم آ، خطا ڪار آ، ناپاڪ آهي؟
هوشيار آ، چالاڪ آ، بيباڪ آهي؟
هن "گونگي ٻُٽي" جوبہ سبب ڪوتہ هجي،
چا، ايڏو بي انصاف خدا پاڪ آهي!؟
قدرت جي تماشي جي ڪهاڻي 'محسن'!
هيءَ ٻيڙ، هي مظلوم نماڻي محسن!
ٻَڪ آ تہ سڄي عمر اڻين ئي رهندي،
هيءَ ٽوم جي ڪُنگدام نياڻي، محسن!
قدرت جي تماشن کي تماشو ئي سڏِ،
قدرت جي تماشن جو تماشائي ٿي.

الزام

حُسن جي شوخ ادائن کان ونڊي رعنايون،
گرم ساهڻ جي حرارت مان ڪٽي ڪجهہ درجا،
جذبهٔ شوق کي تڪميل تي ٿا پهچايون.

جُملي جُملي ۾ پَري ڪنهن جون ٻاريون سُرڪون،
دردمندن کي، گهڙي ڪن ئي، ڏيون ٿا راحت،
ان تي ڪو ڊيڊ ٿو ڪُرڪي تہ اسان چو ڪُرڪون!

آڻ گهڙئي ڪاڪ ڪي جيئن شڪل ڏئي ٿو وايو،
ان طرح زيست جي هر موڙ تي پهچي ٿا وڃون،
وقت الزام ڏنو آ تہ لکون ٿا ڏايو.

آزاد نظمون

فيصلو

پنهنجي نيٽن ۾ جواني جا پَري سڀ جذبا،
تون جڏهن مون ڏي نهارڻ ٿو لڳين،

دل چوي ٿي تہ مان ان وقت ڪيئڙا توڪي،
ساهہ ۾ سانڊي ڇڏيان،
پر، مان مجبور ۽ بيوس آهيان،
مون کي ڪو ڇا ٻہ چوي، ڇا ٻہ ڪٽي سمجهي، پَر،
تنهنجي دامن جي مٿان داغ لڳايا ويندا،
۽ اهي داغ مان برداشت ڪيان!
هوءَ ٻہ جيان!!
منهنجا محبوب! مون کي بزدل تہ نہ چؤ،
منهنجا محبوب! مان مجبور ۽ بيوس آهيان،
منهنجا محبوب! مون کي تنهنجي محبّت کان پيي،
تُنهنجو ناموس پيارو آهي.

فرض

مان غريبن ۽ يتيمن جي وطن جو شاعر،
پنهنجي مظلوم آدن جو حامي،
جو تہ مان پاڻ ٻہ مظلوم ۽ مفلس آهيان،
مان اميرن جو طرفدار ٿيان ڪيئن آخر؟
مان ستمگار جو حامي ٿي وڃان آخر ڇو!؟
هي ٻہ سچ آهہ تہ مان چند صدائن کان سواءِ،
تلخ ۽ تيز نيايي کان سواءِ،
(جئين ۾ ڪجهہ طنز جا نشتر ٿو پريان،
۽ حقائق کي لڪائڻ کان سواءِ،
ساري دنيا جي اڳيان پيش ٿو ڪريان پيغام.)
پنهنجي مظلوم آدن لاءِ نٿو ڪجهہ ڪريان،
مون کي يا منهنجي اکاڻن ۽ پائڻ کي،
ڪجهہ ملي يا نہ ملي، اُن سان نہ آهي مطلب،
منهنجو فرض آهہ تہ هوريان ڏيان،
وقت جي "اهم بُتن" کي ٻہ جهنجهوڑي ڇڏيان،
جي جهنجهوڑي نہ سگهان ٿو تہ هوءَ توڙي ڇڏيان.

بغير عنوان

هڪڙو سڪون، مگر سُڌو ساهُ،
ڪنڈ لاڙي، جو اچي منهنجي اکيان،
ٻيئو هو —
مون انهيءَ وقت ائين سمجهيو هو؛
جڏ ته ڪو منهنجي ٿي آکه جو فرد،
پُري بازار ۾،
نالگو ٿي اچي ٻيٺو آ!

غزل

●

انصاف ائين ڪاڻي ٿو چوي، ناشادن کي ناشاد ڪجي،
الصاف اهو آهي ته سڄڻ! ويرانن کي آباد ڪجي.

فرياد نه ڪر، هر جيڪڏهين فرياد ڪرڻ تون چاهين ٿو،
پٿر جو جگر هاڻي ٿي هوي، اي دوست! ائين فرياد ڪجي.

اي دوست! تقاضا آهه محبّت جي ته سگهو ويچارُ ڪري،
جا جور و جفا کي شرمائي، اهڙي وفا ايجاد ڪجي.

ڪجهه قرب به آهن، ظلم به ڪجهه، ٿورا به گهٽا، چوٽون به گهٽيون،
يارن جو ستم ڪهڙو وسري، يارن جو ڪرم ڇا ياد ڪجي.

'محسن' ته اهوئي پڙهيو آهه، هن عشق جي مڪتب مان يارو!
دل کي نه صفا هابند ڪجي، دل کي نه صفا آزاد ڪجي.

●

جوبن هر، شهرِ حُسن ۾، فصلِ بهار هر،
ڪيئن ٿو چوين ته دل کي رکون اختيار هر!

حُسنِ نظر سان ڪنهن جي نظر ٽا چُمون پيا، هنهنجي هريت آهه سدائين خمار هر.
هيڏي حَسين حيات، مگر هوءَ به چند روز! اهڙو گُمانُ ڪو نه هو پروردگار هر!
زاهد کي ڏُنهنجي شوخ تبسّم جي ڇا خبر، تفصيل گولٽو ٿو هوي اختصار هر.
'محسن' هي اضطراب، هي طوفانِ غم ته ڏِسُ، لادان! ڇا رکيو آ سکون و قرار هر.

●

زندگيءَ جا سزا وَڻو، يارو!
جيترو خوش رهو، رهو، يارو!

قرب جيڪو ڪري سگهو يارو! ۔۔۔ ٻڌڻ بيخطر ڪيو، يارو!
منهنجي مايوس نوجوانيءَ تي، ۔۔۔ جيترو پي ڪيو، ڪيو، يارو!
ضبط ايڏو نه ٿي سگهي شايد، ۔۔۔ ڪجهه ته انصاف سان هلاءِ، يارو!
ٿي سگهي ٿو ته ٻوهه ڇنايو، ۔۔۔ دوستيءَ جو نه درَ هلاءِ، يارو!
روشنيءَ سان ئي روشني ٿيندي، ۔۔۔ ڪور- چشمي ڇڏي ڏيو، يارو!
ظلم 'محسن' سان ايترو ڇا لئه؟ ۔۔۔ ڪجهه ته خوفِ خدا ڪيو، يارو!

●

مُرڪڻ ۾ روڪيوسين، ڪوڙها ۾ پي وياسين،
جيئن جيئن اوهان ميڇايو، تيئن تيئن سَچي وياسين.

تُنهنجي عنايتن جو زنده ثبوت آهيون، ۔۔۔ ڪمياب ٿيندي ٿيندي، نايابَ ٿي وياسين.
اشڪن جي ٻيشڪش تي سرڪارا خار ڇاجي؟ ۔۔۔ جو ڪجهه اوهان ڏنو هو، سوئي ڏئي وياسين.

قطعا

(۱)

انصاف جو خُون ڪرين ٿو ۽ انسان جي حجّت، ڇا معنيٰ؟
پنهنجن کي نوازڻ سمجهين ٿو مخلوق جي خدمت، ڇا معنيٰ؟
الزام سڀي مسڪين تي ٿهڪي ٿا اچن، ليڪن تُنهنجو،
هي فخرِ حسب ۽ فرقِ نسب، تهذيب و شرافت، ڇا معنيٰ؟

(۲)

ڪيترو فيّاض، ڪيڏو مهربان' انسان آهي،
دلبريءَ جو تاج بخشي ٿو چڏي ٻيدرد کي.
۽ سير ٻيدرد تي هي تاج اهڙو ٿو لڳي،
جڙ ته 'ڪوڪاهند' هت ۾ آهه ڪنهن 'نامرد' کي.

(۳)

وري به پنهنجو ئي آواز ٿو لڳي سُنهن ۾
قدم قدم تي صدائون ڏئي چُڪا آهيون
اڃا به حرف اسان تي، اڃا به سُست اسان
چوڻ جي ڳالهه ته يارو! ڇڏي چڪا آهيو.

(۴)

اسان کيليو تہ گھٹن جا پرون وبا چکجي،
اسان رُنو تہ وري کيترن ڏينھن بزدل.
هي آڻ ساھائي، هي بارن جو سانبڪو معيار،
وڃن تہ کاڏي وڃن اهلِ دل ڇڏي محفل؟

(۵)

ڪجھ تہ ٻنھنجي ٻسند ٻھچايو،
ڪجھ دِل دردمند ٻھچايو.
ٻاڻ کي ٻاڻ ٿي اسان افسوس،
آھ ڏاڍو گزند ٻھچايو!

(۶)

تنگي و گردشِ حالات سان منھن ڏينداسين،
چشمِ ياران جي اشارات سان منھن ڏينداسين.
'ذکرِ حق' تي ٻ ڪوئي ٻُوٽ سُڃائي تہ پلي،
دار جي رسم و روايات سان منھن ڏينداسين.

(۷)

جُرئتِ منصور، ضبطِ شمس تبريزي کپي،
يا الاهي! حُسن کي ڪجھ خُوئے چنگيزي کپي.
تون فقط تِرياق يا آبِ حيات آھين، مگر،
منھنجي تلخيءَ کي تہ ٿوري زهر جي تيزي کپي.

(۸)

ڏيو تا جنھن کي مقدس سفر حياتيءَ جو،
انهيءَ سفر جي شروعات ٿي چُڪي آهي.
آڇو آڇو تہ ڪيون صبح نو جو استقبال،
آڇو ٻ، ختمِ سيهہ رات ٿي چُڪي آهي.

(۹)

ڪو تعلّق نہ واسطو توسان
ٻوءِ پي آنس ايترو توسان.
اجنبي! اجنبي لڳين ٿي لٿو،
جڏ اکي کان ٿي رٻط هو توسان.

(۱۰)

توکان ڳوڙھا ڳڙي ٻيا هوندا،
سمجھ وارا سڙي ٻيا هوندا.
ٻنھنجي تسمت جي فيصلي کان اڳي،
لفظ منھن ۾ آڙي ٻيا هوندا.

رباعيون

(۱)

محفل ۾ حسينن جي وڃي ويناسين،
جلون جي خدائيءَ کي سڃي ويناسين؛
هر ڏوھہ ڏيئ لاءِ بدل آهيون شيخ!
روزو هو مگر اڄ تہ پڃي ويناسين.

(٢)

رُئندن سان رُئڻ ٻاڻ سيکيائي ناهيون،
کيلندن سان کيلڻ ٻاڻ سيکيائي ناهيون؛
گذري ويون تيرهن صديون پو بہ اڄا،
انسان ٿيڻ ٻاڻ سکيائي ناهيون.

(٣)

الفت جو ونڊ لٺہ تہ ونون وينا نانءُ،
شايد نہ ملي دل جو ڪٽي خالي ٿانءُ؛
ٿورو يا گهڻو، هرڪوئي چاهيندو آهي،
پر، پيار ڪرڻ لاءِ ڪنهي هيڏو هانءُ!

(٤)

رنگين فضائن کان بچي؟ مشڪل آهي،
بيباڪ آدائن کان بچي؟ مشڪل آهي؛
آدم کي پلي نائب يزدان سمجهو،
آدم ۽ خطائن کان بچي؟ مشڪل آهي.

(٥)

فطرت جو اصول آهي، ائين ٿيندو آهي،
قرآن ۾ هن ريت سبق ڏيندو آهي؛
جا قوم نہ بدل، سُست ۽ ڪاهل هوندي،
آن قوم کي نابود ڪيو ويندو آهي.

(٦)

دنيا ۾ اڄا مرد پيا ناهن ڇا؟
ناهن تہ سهي، ليٽ پلا ناهن ڇا؟
بزدل کان پلائيءَ جي رکين ٿو اميد،
بَبُرَن بہ ڪڏهن هير ڏنا آهن ڇا!

(٧)

گوڙهن سان پَرِيل نيڻ ونڊي آياسين،
کيڏا نہ سَڄڻ سهڻ ونڊي آياسين؛
سيڻ ڏي وياسين تہ ملي سِکَ ليکن،
رهندا بہ وڏا وهڻ ونڊي آياسين.

(٨)

ڪمزور ۽ مجبور ڏسي مُرڪين ٿو،
مظلوم جي زخمن تي نمڪ ڀُرڪين ٿو؛
جنهن وقت ٿو مظلوم ڪهُري حق ٻهنجو،
آن وقت جو سرڪار! پلا ڪُرڪين ٿو!؟

(٩)

مغرور ۽ معذور ۽ عريان آهي،
ماڻيءَ جي ڪَپي لاءِ هريشان آهي؛
هوڏانهن ستارن تي وڃي ڪي ٻهتا،
فت-ٻات تي رهندڙ هي مسلمان آهي!

(١٠)

افڪار جي تاويل ٿئي ٿي ڏسجو!
جذبات جي تڪميل ٿئي ٿي، ڏسجو!
انلاس، مصيبت ۽ پريشاني، غم،
فنڪار جي تشڪيل ٿئي ٿي، ڏسجو!

(١١)

ناڪاه اچي ذڪر ڇڙيو محفل ۾،
برپا ٿي ويو حشر دلِ قاتل ۾،
'محسن' لٺہ حريفن جو اِهو رايو آهي،
ڪمبخت وڏو درد رکي ٿو دل ۾!



"پروانو" پٹي

'پروانو' صاحب پنهنجي تعارف ۾ لکي ٿو:

"۱۶- فيبروري ۱۹۳۴ع جي ڳالهه آهي: اڄ کان پنجٽيهه سال اڳ مون من دليا ۾ اک کولي. اک ڇا کوليم، آزار ۾ پئجي ويس! چون ٿا ته ٻين ٻارڻ وانگر روئندو آيو هوس ۽ اڄ تائين پنهنجي انهيءَ حرکت تي روئندو رهيو آهيان!

شروع کان ئي عاشقانه طبيعت رهي آهي، ان کري تخلص جي دنيا ۾ ڦرندڙ گهرندڙ هئي. ڪڏهن 'جوهر' ته ڪڏهن نالي جي پٽيان 'ميول' ۽ ڪڏهن 'آزاد'. ۱۹۵۰ع ڌاري آخر ۾ پڇي پڇي 'پروانو' ٿي پيس، ۽ اها ٻاهه اڃا لڳي آهي. منهنجو پورو نالو ميوو خان آهي ۽ والد جو نالو گل محمدخان، جيڪو ۱۹۶۱ع ۾ ڏنڊي محمدخان ۾ وفات ڪري ويو. ٻاجهه سائين مرحوم، پوليس ۾ ملازم هو، ان ڪري ان سان گڏ حيدرآباد ضلعي جي خاڪ چاڙ ۾ پنجويهه سال پورا گذاريم. ڪيڏ، سيڪات، ڏنڊو جام، ڪوروا، هوسڙي، حيدرآباد جا ڏاڍا هٽا ۽ انهن شهرن جي اسڪولن جون ٻنچون. ڪڏهن ڪڏهن موچڙا ڪائيندو هوس، نه ته عام طور تي مون کي استاد طرفان شاباس ملندي هئي.

۱۹۴۹ع ۾ سنڌي فائنل امتحان پاس ڪري ماستري ۽ گهڙيس، ۽ ۱۹۵۳ع ۾ ماستري ڇڏي ٽيچرداري ڪالج ۾ داخلا ورتيم، جتان امتحان پاس ڪرڻ بعد ٽيچرداري ڪم ۽ ٻارهن مهينن جي ڏکن ڪائڻ ۽ رشوت جي ٻن رهين جي اڻي وڻي ڪائڻ سان ٻه مهينا بخار ڪاٽڻ بعد ٽيچرداري ڇڏي 'هلال پاڪستان' ماهوار ايڊيشن جو انچارج اچي مقرر ٿيس. شاعريءَ جو شوق ننڍپڻ کان هو، مون کي ياد آهي ته ۱۴- آگسٽ ۱۹۴۷ع تي مون پرائمري اسڪول کيڏ تعلقي بدين ۾ قومي نظم پيش کيو هو، ۽ ان وقت آٺ پنجون درجو سنڌي پڙهندو هوس.

۱۹۵۳ع ۾ حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' جي جاءِ تي حاضري پرڻ لڳس، جتي سيد 'منظور' نقوي، سرورعلي 'سرور'، 'جوش' حيدرآبادي، 'خواب'، عبدالقيوم 'صائب' ۽ ٻيا دوست ۽ روزانو ايندا هئا، ۽ اهي نشستون مون لاءِ تربيتگاه جي حيثيت رکنديون هيون.

هلال پاکستان کان پوءِ 'عبرت' ماهوار ايڈيشن، ۽ هاڻي 'عبرت' روزانه اخبار ۾ ڪم ڪري رهيو آهيان. اديب عالم جو شاگرد آهيان، ۽ پنجن پارڙن جو پيءُ! "سنڌ سنگت" جو جائنٽ سيڪريٽري، ۽ 'روح رهاڻ' سنڌ جو سيڪريٽري ۽ پيو بس!

چون جيڪي 'هروانو' شاعر نه آهي،
ليڪي گيت منهنجا ٿا گائن مگر!"

* * *

محترم 'هروان' پٽي، هن دؤر جي نون شاعرن ۾ غزل، آزاد نظم ۽ قطعي جي دلاويز ۽ شوخ، رنگين ۽ شسته تجربي جي حيثيت سان سنڌي ادب ۾ اضافو بہ ڪيو آهي، ۽ ان سان گڏ پنهنجو انفرادي مقام بہ پيدا ڪيو آهي.

هن دؤر جي جديد شاعرن ۾، 'هروان' جو فن پنهنجي انفرادي خصوصيت جي ڪري، جنهن مقام تي پهتو آهي، اهو مقام وڏن وڏن قادرالڪلام شاعرن جي فن سان ڪلهو هنيون بيٺو آهي. سندس هر شعر ۾ رنگينيءَ ۽ دلاويزيءَ سان گڏ، ذوق جماليات جي چاشني ۽ ان سان گڏ دل ۾ چيندڙ شوخي موجود آهي. ان ڪري سندس فن اهڙن تجربن وقت دوآتشہ ٿيو پوي.

'فن' جي ڪمال جو اهو بہ هڪ شرط آهي تہ ان ۾ انفراديت ۽ اصليت سان گڏ، ڪا افاديت ضرور هجي. 'هروان' جي فن ۾ جي افادي پهلو آهن، سي آهن: انسانذات سان بي لوث ۽ مخلصانہ محبت ۽ پسمانده طبقن جي ترجماني، اخوت عامہ جي تصوّر جي تبليغ ۽ وطن سان بيپناهہ محبت.

افسوس اهو آهي تہ هن باڪمال فنڪار ڪي بہ 'صحافت' جهڙي خشڪ، ٽڪائيندڙ ۽ ورچائيندر ماحول ۾ رهي ڪري معاش جي حصول سان گڏ، فن جي خدمت ڪرڻي پوي ٿي. آفرين آهي انهن باحوصلہ نوجوانن تي، جي ناپسنديده ۽ خلاف طبع دائري ۾ رهي بہ زنده رهن ٿا، ۽ پنهنجي شاعرانہ ذوق کي محفوظ رکيو ٿا اچن، هڪ باڪمال انسان لاءِ اهي خصوصيتون طرهٔ امتياز آهن. —ادارو

نظم

اوهان جي شهر ۾!

اوهان جي شهر ۾ چاهي!

اوهان جي شهر کي مون پنهنجي ساري زندگي بخشي،
اوهان جي شهر ان جي بدلي ۾ مون کي ڏنو چاهي.

هتي انسان جي احساس تي پهرو رهي قائم،
هتي انسان جي جذبات جو وکرو ٽٽي ظاهر،

هتي هر موڙ تي چهرا سڪل ڪن آجيان ٻئا،
هتي هر چونڪ تي ميندي رتا هٿ بيڪ لٽ ٻاهر:
اوهان جي شهر ۾ ڇاهي.

هتي دولت جا ٻوچاري صبح ۽ شام ٻنهنجي، ۾،
هتي ڪنهن کي خبر ناهي ٻلا انصاف ڇا آهي،
هتي جي ٿهڪ ڏيڻا ٻيا ته بهرين لڙڪ ٻي ونڊا،
نه ٻچندو ڪير 'هروانا' ته تنهنجو شان ڇاهي،
اوهان جي شهر ۾ ڇاهي.

غزل

●

سمجهين ڪين توڻ سگهندين مڙا مستانن جي ٻولي،
ديوانن جي ٻولي آهي فرزانن جي ٻولي.

حورن ۽ پرين جي دنيا بيشڪ سهڻي آهي،
غور ڪندين ته اتي به ته ٻڌندين انسانن جي ٻولي.

چڙن تي تالا ۽ خيالن تي بندش ۽ ٻڌ ٻهرا،
اهل جنون وٽا سمجهي، آخر ارمانن جي ٻولي.

هيڏي دل ۽ هيڏو جگر ڪهرجي ٿو سچ چوڻ جي لٽ،
تون ته حقيقت کي به چوين ٿو انسانن جي ٻولي.

سيڪجهه ڳالهه اشارن اندر لمحن ۾ ٿي ويئي،
شمع ٿي سمجهي ٿي هيت آخر 'هروانن' جي ٻولي.

گيت

ڪير ڏجي ٿو، ڪير ڏجي ٿو.

قيد ۽ بند کان ڪنهن کي جهايندين،
ڪير ڏجي ٿو...!

منزل دور ته ناهي ليڪن، پنڌ اڙانگو بيشڪ آهي،
ڏپ هي آهي هلندي هلندي راهن ۾ گم ٿي ويندين،
ڪير ڏجي ٿو...!

سات تہ توسان مرڻ گھڙي تائين آ منهنجا منڙا،
مان ب جي ٽڪجي ويس منزل تائين ڪنهن کي گڏ نيندين،
ڪير ڏجي ٿو...!

ڪهڙيون گالهيون چريائپ جون، چا ٿيو توکي ’هروار‘،
نيٺ اهي تون همت سان پنهنجا لڙڪ اکين جا پي ويندين،
ڪير ڏجي ٿو...!

قطعا

اي حوصلا مدد ڪر، اي عزم سات ڏي تون،
اي دوستو دعا ٿئي مقتل طرف وڃان ٿو.
سينی کي آهي حيرت هي مرڪ آهي چاجي،
ڪلندو ۽ ٿڪ ڏيندو منزل طرف وڃان ٿو.

تاڙين جو ٿڪو ٻي گالهه،
چوڙين جو چڪو ٻي گالهه.
محفل ۾ ڪلندي ئي ڪلندي،
دلبر جو ڏڙڪو ٻي گالهه.

اجها رات گذري اجهو صبح آيو،
انهيءَ آسري ۾ کهٽا ڏينهن سهبو.
اسين پنهنجي گهر ۾ مسافر مسافر،
اگر آهي رهڻو ته ٿي مڙس رهبو.



«بردو» سنڌي

محمد رمضان "بردو" سنڌي، ولد خدادڏنو لاشاري، سنڌي جديد شاعريءَ ۾ رسيلن گيتن سان ڪافي مشهور شخصيت جو مالڪ آهي. اصل ڳوٺ ماڪن ڪوري، تعلقو ميرپور ماٿيلو اٽس، مگر هاڻ مستقل طور نواٻشاه ۾ رهي ٿو. مارچ ۱۹۲۲ع ۾ جاڻو، محترم بردي، پرائمري تعليم دوران شعر لکڻ جي ابتدا ڪئي، ۽ سنڌس استادن همت افزائي ڪئي. ابتدائي ڪلام، شعر و شاعريءَ کي منحوس تصور ڪندي ساڙي ڇڏيائين، پر ۱۹۵۴ع ۾ 'نظر' سنڌي مرحوم جي، صحبت ۾ دوباره شاعري شروع ڪيائين. سنڌس گيتن ۾ شيريني ۽ دلڪشي، رنگيني ۽ سادين تشبيهن جو استعمال عام آهي. ۱۹۶۱ع ۾ "سنڌي ادبي سنگت" نواٻشاه، سنڌس مجموعو ڪلام "اڪڙيون مينگهه ملهار"، شايع ڪيو، جنهن تي پاڪستان رائيٽرس گلڊ طوفان ڪيس هڪ هزار روپيا انعام ڏنو ويو. محترم بردي چند افسانا ۽ مضمون ب لکيا آهن. 'رسالي مهراڻ' 'نئين زندگي' ۽ سنڌ جي سڀني ادبي رسالن ۾ سنڌس ڪلام، ڪافي انداز ۾ شايع ٿيل آهي.

برده سنڌي، اسم باسمي آهي، گيتن لکڻ جو بادشاهه، رنگين ۽ شيرين رسيلي ۽ سريلي ٻوليءَ جو باڪمال شاعر- سنڌس شاعريءَ جا تجربا، پيارا ۽ من موهيندڙ آهن. زبان سليس ۽ ڳوٺاڻي استعمال ڪرڻ تي وڏي مهارت رکي ٿو. سنڌس 'فن' جو هر نقش هن دؤر جي ڪنهن نڪتي، ۽ زنده مسئلي سان واسته آهي، ڳوٺاڻي زندگيءَ جو هر حسين منظر، برده جي شاعراڻ اک ڏٺو آهي، زندگيءَ جي هر زخم کي سنڌس دل سٺو آهي، اهوئي سبب آهي جو سنڌس هر تاثر ذاتي آهي، ۽ سنڌس هر فن- پارو، مشاهدي تي مشتمل آهي، حقيقي شاعر اهوئي آهي، جو پنهنجي مشاهدات ۽ تاثرات کي محسوس ۽ مشهود رنگ ۾ اول گرفت ۾ آڻي ۽ پوء پيرايه- بيان جي رنگين ۽ دلاويز لباس ۾ پيش ڪري سگهي.

برده سنڌي ۾ هڪ باڪمال ۽ رنگين شاعر جو روح آهي، جو هر وقت جذبات جي دنيا ۾ رقصان ۽ ڇيچان آهي! ــ ادارو

بيت

(۱)

تنهنجي جهوري جهڙ جٽن اکيون ابر اوت،
هنئين لينهن هري ٻيو، نيٽن ۾ جٽن جوت،
تو ريءَ دمدم موت، وڃ حياتيءَ ڏينهڙا.

(۲)

جي تو واهون وات، سي مون پانيان پوڳ،
جاتر هرڪ پيار جي، سڃ نه ڏيندا سوڳ،
آئي گهڙي اوچتي، جيٽ ٽيڙو جوڳ،
روح اندر سڏو روڳ، لکين ڏنگ ڏهاڳ جا.

(۳)

ريءَ، اهائن عيد، ڪين ملهائي مارئي،
سا نه چتائي چند کي، ديس اهائي ديد،
روئي اڏاري ڪانگڙا، رکي آس اميد،
مونجهي سدا مات ۾، ڪري نه شور شنيد،
هاري آب اکين مان، ساري سات سعيد،
اوڍي آن اڇا ٿي، ٻاري واهه! وَعيد،
'هردا' بنهه بعيد، اهائن ريءَ عيدون ڪجن!

دوها

ساهي ڪير جٽان او مٽڙا، سڪ تنهنجي سُرڪيندو رهندس،
تون جنهن راه تان ايندين سائين، ٻيرا سي ٻوڇيندو رهندس.

آن اربيلي خواب تان گهوريان، هولد حياتيءَ جا سپ هيڃ!
جنهن سپني ۾ سيرَ جا سائين، آڇي آسُر تئين ماڻين سيڃ!

تنهنجا ڳل چُمان ۽ ٻيٽان، چپڙن وارا ڪير ڪتورا،
لمحن جي محتاج حياتي، جيٽ ٻيٽ جا ڏينهڙا ٿورا.

چند ڪان سونهن سوائي تنهنجي، ٽاڏل ۽ رنگيني تو ۾،
جا شئي چند ۾ لاهي، سا آ، خوشبو پيني پيني تو ۾.

خوشبو پيني پيني اهڙي، جٽ سندر ۾ ڏوپ ڏُکيل،
وک وک تي وئي مشڪ چٽي، يا ڪا هرڻي آ گهايل.

او جاني، او جڳ جا جالي، تنهنجا آهن روپ هزار،
تنهنجي هڪ هڪ ناز تان صدقو، 'هردي' جهڙا سؤ سؤ يار!

ڪافيون

*

ٿاهي نيهُن نويل، ٻيڙ ڪُجهي ۽ ٻيڙ ٻُرائا.
سار ٻڇار سڄڻ جي دل ڪي، دمدم ويلَ ڪُويلَ،
اور ٻرين جا ساھ سيباڻا!

جنجل ڏينھن وڇوڙي وارا، راتيون پانيان وَيل،
راھ تڪيندي ديپ آجھاڻا!

سڪ جو ٻنڌُ اٽانگو سائين، سيني سانڍيم سيل،
عُمر وھائي سھندي ماڻا!

ھي اکڙيون تو ڪاڻ اجاريون، اڇي پورل پيل،
دل جو ديس، او روح جا راڻا.

*

ھئي ھئي سُجڻ ريءَ، ويندين مفت سريءَ!

ھيجُرَ حبيب جي ڪيو حالُ ھيڏو، ساريان جيئن سَجُنَ، ٿئي درد ھيڏو،
ڪون دلاسو آيو، خبر ڪانہ ڪَري!

روئان راتيون تولئ، سڪان روز سھڻا، سَھان سيرَ تي ويڻي تنھنجا مورَ ميھڻا،
پاليجُ ديد دلبرَ، نازڪ ناز پَري!

چَريُون چشمان تنھنجون ميڙا مست ٻُڌي، موھي مُرڪ سان تو دل دست ڪئي،
تنھنجي سَٽ مُوھن! لڪا حُور ٻَري!

سوز سناھو تنھنجي، ٻرھَ ڪھو ٻيراگي، ڪريلايون پورل، تون 'ٻردي' سان ساگي،
پَري ٻيرَ ٻرين، اڇج ويڙھ وري!

گيت

دور وسي ٿي دور، الا ڪا، ھن ڏرتيءَ کان دور:
منھنجي من جي حور!

ھُن جو آ، آڪاش تي ديرو، سُونھنَ سڄڻ جي جڙ تہ سويرو،
ٻورنماسي جھڙو مُکڙو، ھاءِ! آساوس، ڪيس ڪَڏور،
دور وسي ٿي .....

ڪَڪرن جھڙي ٿَور جي سائڻ، هَٿ ۾ ڪنوڻ ڪانياڻي لوڏي،
نيري آبَ جي ہاڇولي ۾، ہيهو هن جو آ، جڻ طور،
دور وسي ٿي .....

ميڙو ہولي سوتي رولي، سان نہ رکو، جڳ، اولي کھولي،
ہوي ڪنين ٻڙلاءُ تہ ہوءِ ٿا، چاڪ چيڪن ۽ جاڳن سُور!
دور وسي ٿي .....

مَن مندر جي در تي دستڪ ڏيئي ڪوليم جوت جڳايم،
ڏٺم تہ جاڏي ڪاڏي هئي بس، تنهنجي ميڙي ميڙي گھور!
دور وسي ٿي .....

آءُ اڳڻ خوابن جي راڻي، جاڻ اجوڪي رات وهائي،
ہاڪ ڏُنئي وئي جاڳي جاڳي، هڏ هڏ روڳي، لڳ لڳ ڇُور،
دور وسي ٿي .....

تنهنجو مَرڪ تہ سُرڪڻ آهي، ۽ سان جاڻان نيرَ وهائي،
جي ڳل لائين عيد ملهائي، هي تن 'برديءَ جو مهجُور!

دور وسي ٿي دور، الا ڪا هن ڏرتيءَ ڪان دور،
منهنجي من جي حور!

غزل

●

منهنجو ڪوئي ميت نہ يار،
جڳ جا ڏکڙا ڳل جو هار.

پنهنجا پنهنجو ڪين چوَن، ڏارين تي ڪا ناهہ ميار:
روئڻ ساڻ هيري ويا ليٽ، پَل پَل ڇم ڇم لُڙڪ هزار.
سهڻي ڪي وئي لنڊ ڪٽي، منهنجو من ٿيو ميهار.
راهہ تڪيندي رات ڪُٽي، ہرهہ ڏُٽي وئي ڏسندي پار.
اڳڻ اسان جي ہير پيري، سهڻو ساڻين جيءَ جيار.
خوابن ۾ تون آءُ هلي، هڪڙي پَل لئہ هيئون ٺار.
تو بن روح آ ڪوهہ ڏُنل، هاءِ حياتي دل تي بار.

●

وڇڑيل ياد هوي جنهن دم،
چمڪي ٻاڪن ۾ شبنم.

ڏينهن جُدائيءَ جو برهُ ٿيو، رات اونداهي ڪاري ٿيم.
ساري وستي رڻ جو روپ، آڏي آڏي جاڳي ڏم.
وک وک تي ٿو دام سُجهي، قدم قدم تي کهُنجي دم.
رات ڪُنڌي وئي هرهه ڦُٽي، گهر گهر ڏيئا ٿيا مدهم.
'هردا' ياد ڪنهين جي ٿم، نيٺ سڏائين آهن نم.

●

برسيا رات وري بادل،
جاڏي ڪاڏي آ جل ٿل.

مرڪيو من، ۽ ريڊو روح، تو ڳل لاتو پنڑا ڳل.
سير جا سائين تنهنجا نيٺ، سيني منجهه ڪري ويا سَل.
تنهنجو جوڀن هرهه پرين، جهڙو موتيو ماکَ پنل.
هلڪا هلڪا ٽهڪ ائين، ڀگ ڀگ چمڪي ٿي هايل.
تنهنجي ڀيڪ جو آهي سڏ، اڳٽ اسان جي ڏوپ دکيل.
تو وٽ آهي روپ سروپ، جوڀن واري مست مهل.
مون وٽ آهن گيت اڇهو، ونين تہ سڻڑا جهولي جهل.


قطعو

دنيا ۾ رنگ تنهنجو، دنيا جو رنگ تون آن،
جوڀن شباب رنگين، سڻڑو اُمنگ تون آن.

سَجَ، ڏَجَ، غماز، غمزو، انداز، ناز، عشوو،
قاتل ادا، ۽ نخرو، موهيڻَ جو ڍنگ تون آن.

تون تانَ، ۽ ترانو، تون آن عجب نسالو،
نغمو پيارَ پَريو، برهه ۽ چنگ تون آن.

آهين تون حُسن و زينت، تون آن مجاز الفت،
شرم و حيا بہ تون ۽ نانگو نيسنگ تون آن.
تون آن شراب و ساغر، ۽ تون حسين ساقي،
زلفن جا پيچ پيارا، وارن جو ونگ تون آن.
لک ويس يار پٿرين، رنگين ۽ عجائب،
هر رنگ ۾ پيارو بيچون بيرنگ تون آن.
تون آن سمايو سپ ۾، تو ۾ سمائي دنيا،
محدود تون، ۽ لاحد، دنيا جو دنگ تون آن.
مجذوب، رندُ، راهب، آن شيخ ۽ برهمڻ،
راجا ۽ پرجا، 'بردو'، مُلان، ملنگ تون آن.





سروپچندر "شاد"

سروپچندر 'شاد' جديد ادب ۾ جديد فن ۾ وڏو مقام حاصل ڪري چڪو آهي. سندس شعر و شاعريءَ ۾ تخليق جو سهڻو مثال موجود آهي.

سن پيدائش: ۲-جنوري ۱۹۳۷ع.

جاءِ پيدائش: ميڻي، ضلعو ٿرپارڪر.

تعليم: بي.اي (آنرس)؛ ايم.اي. انگريزي ادب.

ڏنڏو: ۱۹۶۲ع کان وٺي انگريزي ادب جو ليڪچرار آهي، ۽ هن وقت گورنمنٽ ڪالج سانگهڙ ۾ آهي.

شاعري: سندس شاعريءَ جي شروعات هڪ نظم، قائداعظم سان ٿي، جا الوحيد ۾ شايع ٿي، ۽ اهل ذوق کي پسند آئي.

'شاد' جي شاعريءَ ۾ اصليت ۽ حقيقت سان گڏ رواني ۽ برجستگي آهي، جنهن سندس فن کي چار چند لڳايا آهن، زياده تر دوها، گيت، سانيٽ، ترائيل ۽ نظم ٿي طبع آزمائي ڪئي اٿس، دوهن جي سلسلي ۾ ڏاڪي دوها، نهايت رنگين آهن، جي سنڌي ترجمي سميت مهراڻ رسالي ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

سندس ڪلام، سنڌي زبان جي سڀني علمي ۽ ادبي رسالن ۾ شايع ٿيندو رهيو آهي سروپچندر 'شاد' هن دؤر جي جديد فنڪارن ۽ شاعرن ۾ اهو باڪمال شاعر آهي، جنهن پنهنجي فن کي تخليق جي اعليٰ مقام تي پهچائي، ٻاڻ کي ۽ پنهنجي فن کي امر ڪري ڇڏيو آهي.

سندس بيت، دوها، سورٺا، سنڌيءَ ۾ ٽوڙي ڏاڪيءَ ۾ فن جو اعليٰ مثال آهن. ٻوليءَ جي سلاست جو اهڙو مثال گهٽ نظر اچي ٿو. سندس ڪلام، رنگينيءَ ۽ دلاويزيءَ جو هڪ اهو مرقع آهي، جنهن ۾ ذوق جماليات جا قدر آهن ۽ جن ۾ زندگيءَ جي اهم مسئلن ۽ معاملن جي ترجماني ڪئي وئي آهي. سندس انداز بيان ۾، اصليت ۽ صداقت جا نمايان ۽ سهاڻا عناصر موجود آهن، جي پڙهندڙ کي متاثر ڪرڻ ۾ دير نٿا ڪن. سندس ڪلام ۾ جا بيپناهه سادگي آهي، تنهن سندس فن کي دلاويز ڪري ڇڏيو آهي.

سنڌس فن جي اها خوبي ۽ تحسين جوڳي آهي، تہ سنڌس فن بلند آهنگ دعوائن سان وابستہ نہ آهي، ۽ ان ۾ افاديت آهي جا ٻڌندڙ کي کنهن نہ کنهن دائمي قدر سان شناسائي ڪري ٿي فن جو اهو معيار تمام ٿورن فنڪارن کي هٿ اچي ٿو. سروپچندر ان سلسلي ۾ خوش نصيب شاعر ۽ فنڪار آهي. اميد تہ سنڌس فن سنڌي ادب جي تاريخ ۾ امر رهندو، ۽ هر دؤر ۾ پسند ڪيو ويندو. اها دائميت ئي فن جو معراج آهي. —ادارو

گيت

ساوڻ آيو سانگ ڪري

ساوڻ آيو سانگ ڪري،
تنهنجي ديد بنان دلبر،
ڪٿي نہ هاءِ دم نڪري،
منهنجي اکڙ آءُ ترب ڪري—

ڪر ڪنيون ايئن ڪڪر لڏن ٿا، جهومن ٻيا جڻ نانگ هزار،
وار سڪائي جئن ڪا نار،
ڪرن—چانيل آپ آهي، يا ڪجلي اکڙين جي سرڪار،
يا ونواهن ۾ ويئل ڪنوار:
وچ چمڪي ايئن، جڻ ڪا پوري گهونگهٽ لاهي ذري ذري—
ساوڻ آيو سانگ ڪري...

ڦڙ ڦڙ ڦڙ ڦڙ مينهن وسن ايئن، چيربون پيون جڻ چمڪن،
مکڙين ڪي جڻ پنور پيرن،
تنهنجيون ڳالهيون سپنا ٻڌجي اکڙين ۾ ايئن ٿيون چمڪن،
آپ ۾ تارا جيئن ٽمڪن:
تنهنجي ياد اچي مندر ۾، ديپڪ ٻيو جئن ٻري ٻري—
ساوڻ آيو سانگ ڪري...

ساوڻ جا مينهن، ساوڻ جا نينهن آيا سڏ جا مٽ پري،
تو ريءَ ساعت ٿي سري،
ڏٽڪي ڏٽڪي سڏڪي سڏڪي ڏينهن ڏکن ۾ ايئن گذري،
ڏينهوءَ جو جيئن ڏنگ ڪُري:
تن من ۾ ٿي جُوالا پڙڪي، رات ٿي جئن جئن ڏري ڏري—
ساوڻ آيو سانگ ڪري...

جيوَن تي آهي کڻو پروسو؟ جيون آهه ڇايا جو ڇل،
جيوَن آهه آڏندو ٻادل،
کير ٽو ڇاڻي ٻهر ايندا ساوڻ جا هيءَ پيارا ٻل،
کنهن کي ناهي کائي کل:
منهنجي اکڻ آ ڪلندو ڏولڻ، اوپر مان جيئن سج نڪري-
ساوڻ آيو سانگ ڪري...

وائي

جندڙي جهڙو جنب، اڙي، کو سُک ڏري، کو ڏُک ڏري-
کن ٻا کوجها منهن مهانڊا، کن جا ٻاڇا چنب، اڙي،
کو سُک ڏري، کو ڏُک ڏري-

کن جي چاهت، ڪَٽ ڪسارو، کن جو ڪامڻ ڪنب، اڙي،
کو سُک ڏري، کو ڏُک ڏري-

کن جون آڇلون، ورن وڏايون، کن جي ڏکڻي ڏنب، اڙي،
کو سُک ڏري، کو ڏُک ڏري-

کن جو جيڏ ڏينهوءَ ڏنگ جيئن، کن جو موت ٻه منب، اڙي،
کو سُک ڏري، کو ڏُک ڏري-

کن جا ٻاپ ٻه جاپ لڳن ٻيا، کن جا ٻُڄ ٻاکنب، اڙي،
کو سُک ڏري، کو ڏُک ڏري-

جندڙي جهڙي جنب، اڙي،
کو سُک ڏري، کو ڏُک ڏري.

نظم

حسين عليه سلام

هيرن جهڙو هُيو 'حُسين'،
جڳ سارو جرڪائي ويو.

سچ کي جيئن جيندان ملي،
کونڊر ڪنڊ ڪپائي ويو.

كنڌ ڪيريو ۽ نسريو نُور،
جڳمڳ جوت جلائي ويو.
رت وهيو، رابيل ٽڙيا،
هر هڪ باغ لڳائي ويو.
سچ تان گهوري سُرهو ساهه،
ٻيٽي جهان ٻهڪائي ويو.
رت-ڦڙن جو ڏيئي دان،
منڀ ڪي مَرڪائي ويو.
ڪلندي ڪلندي جانِ ڏيئي،
موت جو مان وڌائي ويو.
هيرن جهڙو هيو حُسين،
جڳ سارو جرڪائي ويو.


غزل

سُڪ ڪٽي، ڏي سون ڪي سُور،
ٻنهنجو ٻاڻ سينگاريان، هوء.
مُرڪ ونڻي، ڏي لڙڪ سون ڪي،
جندڙي، جڳ اُجاريان، هوء.
آپ تي چيٽ جا چيٽ ڏسي،
سهٽا توکي ساريان، هوء.
تنهنجا ٻدم جان ٻيارا ٻير،
ٻيٽ هڪ ٻٽاريان، هوء.
توکي لڳي نه تيڙکو تاءُ،
اکڙين منجهه ويهاريان، هوء.
تنهنجو مکڙو، جڻ مندر،
درشن سان دل ناريان، هوء.
ڪوي ڪلپنا تنهنجا ليڻ،
تَن مَن تين تان واريان، هوء.
تنهنجو مُرڪڻ اَهه مڪتي،
ٻيو در ڪين نهاريان، هوء.

ترائيل

آرزو

آءٌ آهيان هيڪ پياسو پاڻي ۾ اڻڳاتل گيت،
منهنجي حسرت آهي چپن تي مون کي ڪوئي رکي.
منهنجي نس نس منجهان ٽي ڦٽندو سُرهو سَرهو سنگيت،
آءٌ آهيان هڪ پياسو پاڻي ۾ اڻڳاتل گيت.
آءٌ امر ٽي ويندس جڳ ۾ ٽيندي منهنجي جيت،
ڏڙلدو رهندو مُرڪن سان هوءَ پنهنجو مُنهن مکي.
آءٌ آهيان هڪ پياسو پاڻي ۾ اڻڳاتل گيت،
منهنجي حسرت آهي چپن تي مون کي ڪوئي رکي.





"سرويچ" سجاولي

محمد صديق ولد خميسو خان تارڙو، شاعريءَ جي دنيا ۾ سرويچ سجاوليءَ جي نالي سان مشهور، سنڌ جي لاڙ ايراضيءَ سان تعلق رکي ٿو. ۱۴-مارچ ۱۹۳۷ع تي ڳوٺ ابراهيم تارڙي لڳ سجاول ضلعي نٽي ۾ ڄائو ٿيو. سندس تعليم فقط چار درجا سنڌي آهي.

سرويچ صاحب جي مائٽن جا بدين شهر جي پرسان ڪن ماڻهن سان، جن ۾ سندس نانائڪو ڪڙم ۾ اچي وڃي ٿو، هلڪل پراڻا ۽ گهاڻا لاڳاپا آهن، جتي سندن عام جام اچڻ-وڃڻ ٿيندو آهي. سندس چوڻ موجب هو اتي سنڌ جي مشهور شاعر مولوي احمد ملاح جي شعر کان روحاني طرح متاثر ٿيو ۽ پاڻ ۾ شعرگوئيءَ ۾ قدم رکي ۱۹۵۹ع کان شعر چوڻ شروع ڪيائين.

سرويچ سجاولي، هن وقت پوري سنڌ جو عموماً ۽ لاڙ ايراضيءَ جو خصوصاً هڪ بهترين شاعر شمار ڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي تقريباً سڀني رسالن، جريدن ۽ روزنامن ۾ سندس شعر ڪنهن نه ڪنهن موقعي تي شايع ٿي چڪو آهي.

سرويچ سجاولي جي شعر جي سڀ کان وڏي خوبي هي آهي جو سندس شعر هلڪل سادي، سولي ۽ پهراڙيءَ جي زندگيءَ سان تعلق رکندڙ لفظن ۾ چيل هوندو آهي.

سرويچ جا شعر، شاعري جي هر صنف تي چيل آهن، جهڙوڪ: نظم، غزل، گيت، ڪافي، وائي، بيت، رباعي ۽ مثنوي وغيره. سندس شعرن جو مجموعو هڪ غير ترتيب شده ديوان جي صورت ۾ موجود آهي ۽ تازو سندن گهر کي لڳل اوچتي باهه سبب ڪجهه دفتر سڙي ويو.

سرويچ صاحب جا هيٺين عنوانن وارا نظم مشهور آهن، جن کي پڙهڻ لاءِ مٿس هر محفل ۽ مشاعري ۾ زور پيو ويندو آهي: لطيف سائين، هوهه جو مهينو، ٻهن واري ٻيڙ، قيل مقال،

نيٺ وجائي ويٺيون نينگر، مٺيادار لطيف، مظاهر نياڻيون، ڏيهن جا تارا ديس ۾، دل ۾ ڪ ڄ، الغياث، عظمت سنڌ، سورن جون خبرون سنڌڙي، گرمي ۽ غريب وغيره.

سنڌي ادب ۽ سنڌي هوليءَ سان سندس حدِ جنون تائين محبت آهي، هر ممڪن ڪوشش سان ادبي محفلن ۽ مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ سندس پهرين دلچسپي رهي آهي- علي محمد ميمڻ.

سرويچ سجاولي، هڪ اهو باڪمال شاعر آهي، جنهن ڳوٺاڻي زندگيءَ جي سچي ڇچي تصوير، نظم ۾ پيش ڪئي آهي. سندس انداز بيان ۾ هڪ طرف سيلاب بيپناهه واري رواني ۽ آتل آهي، تہ ٻئي طرف من موهيندڙ لفظن ۽ دلڪش ترڪيبن جو جادو سمايل آهي. 'سرويچ' ڏکويل ۽ زخم خورده نياڻين جو شاعر آهي. 'سرويچ' جو هر فن-پارو، ڪنهن نہ ڪنهن ڏکن ڏڌيءَ، نماڻيءَ ۽ سياڻيءَ، لياڻيءَ جي جذبات ۽ حالات، پست حاليءَ ۽ خسته حاليءَ جي ترجماني ڪري ٿو. سندس شاعريءَ ۾ تڪلف ۽ تصنع نہ آهي، هر سراسر مشاهدو ۽ محسوسات آهي. اهو معيار هڪ قادرالڪلام ۽ مشاهده نگار شاعر جو آهي. افسوس اهو آهي، جو اڄ تائين سندس ڪوبہ مجموعو شايع ٿي نہ سگهيو آهي. سندس هر نظم، هڪ زنده منظر آهي، ۽ آهي الميہ ۽ زخم خورده شاعر جي صدا! -ادارو

*　　*　　*

دوها

مانڊا مالڊا، آپرا آپرا، ساٿا ساٿا، سيڻ سندام!
ورهن ڪان ڪنهن ويل وهاتيا، وانگيڙا جي هي وريام!

هيٺا هيٺا، جهيٽا جهيٽا، هارڻ تن تي هيٺا ڙي،
لوڪ سجي ۾ لٽجن لرزن، ليڪ ليڪ ۾ لاڪيٽا ڙي!

سانگيڙا هي، سانبيڙا هي، سارو ڏينهن ڏڪ سور چرن،
ڳٽتين ڳوهيل ڳونڍا ٽا، ڳارالي ۾ روز ڳرن!

راتيون جاڳن رٽيون جاڳن، رت وڻ روزيءَ لڻي،
هو ٻہ نہ پوري پيٽ پيٽي جي، هورهيو اهڙو ڪڏ ۾ ٻڻي!

جهنگن ۾ ٽا سنگ پچائن، سوني سهڻي رنگ ڏسو،
پوءِ ٻہ مٽي هي ڏيهہ تن کي، ڏيهاڻي ٻيو ڏنگ ڏسو!

ٻاڻ ڪي ساڙي، نانگ لتاڙي، آنن جا انبار ڏٺون،
ڏاڍن جي هن ڏيهه ۾ تن ڪي، ٻوءِ ٻ ڏاڍي مار ڏٺون!

سردين گرمين سر تي سهندي، ڪيڏا ڪيهه جا ڏير ڪيون،
ٻر واه وڏيرن جو هي 'وڙ'، جو تن سان ويتر ويو وڌون!

ڪوڏاريون ۽ ڪيڙون هٿندي، ڪُلها جگر ۽ ڪنڌ چنان،
سرديءَ جي سيءَ ساڙيا سانگي، سينا سير ۽ سنڌ سڻان!

ٻيگارن جي باهه ۾ سڙندي، ٻيٺ ۾ ٻڌجي ويان ٻڌا،
سائين! منهنجن سانگين سچ ٻج سهسين آهن سور سڻا!

ڇاجون عيدون؟ ڇاجا ميلا؟ مارو مالي۽ لڳ مجبور،
"ڏوڙ ٻوئي ڙي دنيا" تنهنجو دردن ڀريو آ دستور.

ڇاجون خوشيون؟ ڇاجون شاديون؟ ڇاجا هي ٻَر ڏهل دمام،
مارونڙن جي منهن ۾ ٻس، متو رهي ٿو ٻيو ماتام!

چنڊن ڪينوٽين جهڙ ٻون تن جون، زالون ليڙن منجهه لڄي،
"يا تہ ٻنيور ڪي باهه ڏجي" يا مُٽيون پيڙي وڃجي ٻڃي!

ٻمارا ٻيمارا ٻڙا تن جا ٻاپل ٻورن منجهه ٻچن،
هوڏي زردارن جي محفل ۾ ٿيون نازيون روز نچن!

نرمل نرمل نياڻيون تن جون، ٻوتيءَ هڪ لڳ ٻار ڪيڻ،
هوڏانهن زردارن جون زالون هيرن جا ٿيون هار وجهن!

هيڏو هي ڏس تنهنجي دنيا ۾ ويهو مڃي انڌير آلا،
رهندو اهڙي راج ۾ آخر تون ٿي ٻڏائج ڪير ٻلا!

"زردارن جون زالون، آهن مسڪين جون مائون ڙي،
مسڪين جون زالون زردارن جون محبوبائون ڙي!"

ٻهنوارن جا ٻڙا ڏيٺون، عالم ڪنان محروم ٿيا،
مائهن جي هن ميڙ ۾ هو، معصوم ڏسو مظلوم ٿيا!

رئيس اسان جا راجا مائهو، رچن ڪتن جا خفتي ڙي،
قوم جيي ڪاروٻار ڪُن ۾، ڪيرائي تن ڪشتي ڙي!

شاھ اسان جا شيل شڪارن جا ٿہ وڏا شوقين ٿيا،
ٿور جو اُونو اُلڪو ناھن، نائي ٿي نابين ٿيا!

ميرَ اسان جا ميخانن ۾، مستيءَ ۾ مدھوش ڏسون،
ٿور سندي ڪر ڪار ڪنان سي، راڻا ٿا روپوش ڏسون!

ويرَ وڏيرا ٿور وطن جا، ويري، ويري، ويري ڙي،
ماروئڙن ڏي نيٺ تن جي، ميري، ميري، ميري ڙي.

ڪامورا ھن ڏيھ سندا ٿا، ڏينيوءِ وانگر ڏنگ ھڻن،
ٿور جو ڪنڊو ھيڪاري سي، ڪاڻا وٺا روز ڪڻن!

واپارين جو وارو آھي، خوب ملاوت آکيڙ وڏا،
ھيڻن ماڻھن جا ھي ڪائي ويڙا رت چمي، مايں ھڏا!

ملان مُلڻن، جيڙن جي ھت ٻڙي وينو ٻوڙي ڙي،
ڏيڻن ڏاڪڻ سان ڏس، سانگين جون پيو سيرون چوڙي ڙي!

خوب خوشامدڙيا ڪي شاعر، ٿور جي ٻڙي ٻوڙڻ ۾،
ڪوڙ جي ڪوڏين خاطر آھن، ھورا ٻڌن ٿوڪڻ ۾.

ايڊيٽر ڪي ٿور جي اڪين ۾ ٻيا وڃھن ڏس ڏوڙ ميان،
سچ ڪي سوريءَ چاڙھڻ خاطر ڪوڙين چاپن ڪوڙ ميان.

ھيڏو سارو دوکو دليا ۾ ڪيڻن سانگي ساھ ڪڻن،
ھي سڀ ماڻھو گڏجي مارن ڪي ٿا ھاجي منجھ ھڻن.

سچ جا شاعر صدين تائين سڏبا ٻيا 'سرويچ' ھيتي،
دوھا ھي دُڪ ٻريا تنھنجا پڙھبا ٻيا 'سرويچ' ھيتي!

ڪافي

*

ڏني ڏينھن ٿي ويا آباڻن آلا ڙي!
ٿيم حال ھيٺا ھتي لڙڪ لاڙي!

ڏسندي وطن ڏي مٽيون منھن ميرُون،
ڪيون اڄ آباڻن اچڻ ۾ آويرون،
ھُتي جام ٻيرون، ٻڌن ۾ ٻڪا ڙي!

لهن کين جي ليڪ سنڌ مٿور سن تان،
وڌا تو وڇوڙا عمر ڇو؟ انهن کان،
سيئيتم ساهه جن سان، سگن ۾ سلهاڙي!

گهرن پاس ڪڏهو گهمن ٿيون گهگيريون،
پٽن پر پٽارين کي چارن پٽليريون،
ٿيون کائن ڪٽيريون، ڇڙ نت ڇاڙي!

وڃي ڇانگ ڇيلن ڇڏيان هوند ڇوڙي،
آڏيان اوڏا ٻڪڙا آڳ جيڏين سان جوڙي،
وطن جي وڇوڙي، ڇڏيم ساهه ساڙي!

وساريا نه 'سرويچ' سائيهه سونهارو،
پيارو پسهه کان وطن پاڪ پيارو،
سنڌ جيءَ جيارو، ٿي ساريان سدا ڙي!

نظم

سردي ۽ سقيم

ٻوهه جو مهينو، رات ٻه ٻوٽين، هوتي هڪڙي، ڪچ ۾ هار،
ڇانپ آتر ۾ ڇڙيل ڇترا، جنڊ هلائي نازڪ نار،
سيءَ ۾ ٽڙڪن ڏند ۽ جاڙون، واءُ ٿو ڏوئي هرهڪ وار،
هاءِ! ڏسو ڙي! ساڻي سنگتي، پٽ ڪرائي ڪهڙي ڪار!

ٻوهه جو مهينو، رات ٻه ٻوٽين، چُلهه جي پٺ ۾ ٻُڌڙي زال،
ٻال وڇائي ويٺي ٻٽ تي، ويڙهي هڪڙو ڪپڙي وال،
ڪائيون سيريو سيکي هٿڙا، ڪائي انيئن ٿي سارو سال،
هاءِ ڏسوڙي! ساڻي ٻنهنجن، سانگين جو هي هيٺون حال.

ٻوهه جو مهينو، رات ٻه ٻوٽين، ٻٽ ۾ ليئيل ننڍڙا ٻار،
کارا کوجها، کلهڙا ٻچڙا، کيئن سمهن؟ منجهه سرديءَ نار،
آيل تن کي اولاڙا ڏي، ٻيءُ ٽيمائي نيٽن نار،
هيءُ ٻه جيٺ ٿيو جهنم جهڙو، هيءَ ٻه حياتي ڳوڙو ٻار.

پُوهه جو مهينو، رات ٻه ٻوئين، پُولڪي پرسان پوري پيئ،
نيلي ايپ ۾ آس اڙايو، ويٺي واهه نرمل نيئ،
هير آتر جي هڪلون ڪَريو، وَر وَرسان ڏي تنهن ڪي ويئ،
ساڻيڙا ڙي! سوچيو سوچيو، سرديءَ ماريا ڪهڙا سيئ.

پُوهه جو مهينو، رات ٻه ٻوئين، در ٻڳل وَٽ سهڻي ڏيءَ،
سينهي واندگر سوڙهي ڪئي، ڏِس ساڙي ڪيئن نه آهي سيءَ،
ڪاش! ڏسي ڪا دردوندي دل، حالت هڏي هيڪر ٻيءَ،
چا نه ڪيو آ چورين سان، هن سبز وطن ۾ سورن سيءَ.

پُوهه جو مهينو، رات ٻه ٻوئين، جهوپي اڳيان هڪڙي جوءِ،
ڪُنجهه اندر جون ڳالهيون ڪَٽيو، ڳاڙهو ڳوڙها وهٽي روءِ،
"لج ڏيئي ڪر لوئي وڃان، ٻرلوڪ وجهندم باکل لوءِ"،
ساڙ ڙي ماريا سيءَ! مگر هيءَ سيل نه وڪٽي سنڌي جوءِ.

پوهه جو مهينو، مينهن ۽ ٻارو، گهر ڊنل تي واءِ جو وار،
ٻُنڀَ اڳيان ٻيهو ٻَري، ٻَري ۾ ٻُڌڙو ويچارو بيمار،
رکي رکي کو ڏيئو ٽمڪي، ٽهر جي اوندهه کارونيار،
منظر اهڙو ڏسندي سائين! لُڙڪ ڳڙڻ ٿا زاروزار.

پوهه جو مهينو، مينهن ۽ ٻارو، رات انڌاري کاري ٻات،
ويڙهه وطن جا وانگي ويٺا، پنهنجو وڃائي وَڙ ۽ وات،
کالهه هٿا جي کوندر ڪَرڙا، جن جا اوچا هڏا ڳاٻ،
آڏو آڏو، اي سائي! سنبري، واچوڙن ۾ ٻاريون لات.

کهاڻي هڪ پيڙ جي

هاڻ ڏي تون خبر اي پيڙ ٻياري! نير وهائين چو ٿي آدي؟
هي نيئن سنڌ ايئن، ٻڌي ٻيا جَڏ نهر ٽُٽي کا ٻيٽ ندي،
توکي ڪوه ٽيو ۽ کير وڙهيو؟ تون ڳالهه سُڌائي صاف سچي،
هي حال ڏسي تنهنجو ته ميڙي، مَن منهنجو ڦيٽو دل جان جَلي،
تنهنجي درد وِڊم دلگير ڪري، تنهنجي مَرض وڏو ٿم ماري چري!
تون صاف سيکهي ڪر بات آدي! چو؟ تنهنجو ويو آ ڏيل ڏَري!

چا، حال ٻڌي تون مهجو ڪندين هين درد سندي تو وٽ لہ دوا،
هي راج رکوئي روگ بنيو ٽيو روئن بس! آهي روا،
هن ٻُون٥ مٽي اي ٻاءُ ميلا! پيٽي نہ سندم ڪا آهي ٻَوا،
هي ديس سجو دُک درد پريو، کو سيڻ نہ آهي سُور سَوا،
هِن حال ڪنان ٻُڌي موت مڱان، جيڻ بہ ٽيو ٽم بوج پري!
چا، دانهن ٻُڌي تون داد ڪندين؟ وَڃ ٻنهنجي هليو تون وات وري!

هڪ سُور هُجي جو توکي ڪٽي اي ٻاءُ! ٻُڌابان بات ڪري،
ٽو جور جَبر جو مينهن وسي ۽ باهه ستم جي زور ٻَري،
ڏِس ٻاپ مٽي ڪان تار وَهي، انسان ٻيو ري موت مَري،
۽ هيڻن جي هيت عصمت تي: هي عيش ڪري هُو عيش ڪري،
هي ڏيهه بنيو بيداد نگر ٽيو داد ٻُڪارڻ آهه غلط!
هت ڏينهن سجي ۾ ڏنگ لڳن ۽ رات گذارڻ آهه غلط!

هڪوار مَري هرڪوئي سگر، هرهار اين ٽيون روز مَرون،
ننگ، ٻيٽ، ٻچن جي ڪالهه ڪٽي، ڪچ روز ڪرون منجهه باهه پَرون،
جي ڏينهن تپي تہ ٻہ ساهه سَڙي، جي سيءُ ٻوي تہ ٻہ خوب ٿَرون،
جي مينهن اسان لئہ موت ٽيو، جي واءُ وري تہ ٻہ ڪيهه ڪريون،
هڪ ٻاءُ اڻي جي لاءِ ٻينون، هڪ آڻي ڪارڻ ٻيڪ مڱيون!
هن جاڙ جيڻ ڪان جلد اسان کي زهر ٻيڻ ٿي اهه چڱون!

هي ٻيٽ ٻُڪيو ۽ آرهه آگهاڙو سينڌ نہ سنيري تيل ڦٽي،
۽ چيڙهه ٻيو ٽَم چونڊيءَ ۾ ويا ڪارا ڪُنيڙا وار ڇٽي،
ٽيا ليڙ لٽا، هر انگ عيان، ست سيل سندم ٻُرزا ۽ ٻُٽي،
ٽي ٻيٽي ٻاڻيءَ ڪاڻ ٻنان هرهڪ جي اڳيان ڏس نيٽ ڪٽي،
کو ڪجهه نہ ڏئي، کو ڇڻڀ ڏئي، کو عشق سندا ايلاز ڪري!
کو عاشق ست مزاج اچي ٽو پيار وَفا جي هار پري!

هر روز ٻيا ڪنين ڪُرڪ ڪُڙن، جَم ماس پَٽي ڇڪهه چير وڃن،
هر روز ڏسو مون جهڙيون لکين، مجبور اٽاپو ننگ وڃن،
فرياد فغان کو ڪو نہ ٻُڌي، انسان جڻ سي ڪيڻ جڻ،

هر جرم وڏي ٿو جوان ٿئي، انصاف انڊو معذور چوَن،
کو آهي اوهان ۾ اهڙو آدو؟ جو دانهن پُڏي کو داد ڪري!
مظلوم نياڻين جي تہ اچي آک ٻُور اندر امداد ڪري!

هر روز هميرن جي تہ هلان، هر روز عمر کي عيش ڪٽي،
هر روز ڏيو هڪڙو نہ ٻيو مارئي کي مٽان ٻيو ڪوهہ جهٽي،
هر روز سنگهارين جي تہ سيرن تي ٻاهہ ستم جي تيز ٽپي،
هر روز ٻيو زردار ڪُڏي ۽ ڪنڊ شريفن جا ٿو ڪٽي،
هر رات وڏيرو عيش ڪري، هر رات اسان لئہ درد جَمن!
هر روز ٻيا سون جيڏين جهڙين جا تہ ڪر جيئن نيٺ ٿيمن!

هر روز هيتي ٻُٽ ٻيءَ ٻينان اڄ آهہ جَٽڻ آسان ٿيو،
هي منهنجي ٽَٽن تي جيڪو ٻچو آن جو ٻہ آبو شيطان ٿيو،
مون تي ٻہ اهو ڪنهن آهہ اوهان جهڙي جو وڏو احسان ٿيو،
افسوس! اڄا ئي ٻيا ڙي اوهين، انسان جيئو انسان جيئو،
'رويچ' ادا! ان حال متي رَت روئڻ مون فرض ٿيو!
جو سون تي وَهي، سُو پيڻ نيماڻيءَ تنهنجي اڳيان آ عرض ڪيو!

ٻيهن واري پيڻ

ٻيهن واري پيڻ سَندڻي درد وڏا ٿر دل تي دام!
ماريو سون کي سات ڪري ٿي مائيٽي هيءَ تنهنجي سام!

ويلَ وهاڻيءَ ويٺين ٻئي تون ٻانهون ڳچيءَ ۾ ٻايو ٻَڌي،
سيءَ ۾ ٽرندي، ڏکندي ڏکندي تکڙا تکڙا وجهندي وام!

تار متي کان ٽريل ٻاڻي، تنهن ۾ ٽهيون هٽندي هٽندي،
ڪُريءَ ڪُريءَ تي ٽوٽا ڏيندي ڏيندي توکي ٿي وئي شام!

سيءَ سکايٽ، سورن ساڙيٽ، سونهن وجايٽ سوڍي پيڻ،
ٻيٽ ٻيڻهي لئہ نيٺ نچويٽ، جيءُ ولوڙيٽ جيجل جام!

ٻرهہ ڦُٽيءَ جو ويٺين ٻئي ۽ مٽان وڃيءَ جي ويل لڙي،
پورُ نہ پوري ڪوئي ڪاڏ، ڪورن آندن ۾ ڪُهرام!

بار مٽي تي، وار ڀنل ۽ ڀڄندي پڄندي تيز آڇين،
هند نہ ٽي بازار وڃي جيئن، محنت ساري ٽئي ناڪام!

ٻوڃ ڳرو ۽ هٿ ٻرين، ڪنڌ ڏکنڙ سان ڪٽين جو،
سو ته ڪري ٽو تنهنجو هر هڪ قدم اسان کي اڄ قتلام!

بيٺ بدن ۾، بار سبب وڃا تنهنجي ٻڌجي خوب بٺا،
چور چرڻ کان، چمڙي چيريل نيٺن جي تو نند حرام!

دور ڀري کان ايندو توکي ڏسندي 'ننڍڙن' هيٺن ڇيو:
آڙ اڇي وٺي، هاڻي ڏيندي، تڙت رڌي ڪجهہ تازو طعام!

هيڏي هلاڪت سان جو آندئين، سال آنهيءَ جو مٺهہ وري،
آلي-ڀن ٽو سير وڪاسي، ويل ڏسو ڙي هي ورهام!

سو به وڪيو ڪجهہ ڪين وڪيو، ڪجهہ اوڌر ٽيو ڪجهہ مفت ويو،
هاڻ ٻڌايو ڪيٽن ٻڇن ڪي، ٻاري نازڪ نار مڏام!

ٻر اڳڻ ۾ ٻاٽڻ جنهن دم، دانهن پڇن ڪئي، "ماڻيءَ ٻور"،
لفظ ٻڌي هي لڙڪ لڙيا تو، ماءُ مڙيءَ سان ٽيو ماتام!

ڪين ڏنگيٽن هٿ ڪنهن جي اڳيان تون، ٻنهنجيءَ محنت تي مسرور،
ڏيءَ سنڌياڻي! آهہ اسان جو تنهنجيءَ 'همت کي ته سلام'!

ڏيل ڏرٽين ٽي، ٻڌل ٻڌين ٽي ٻوه به جيٽين ٽي جڳ ۾ هام،
سور چڙهن ٽي، ڪين ڪڇين ٽي "گهوڙا ڙي، او تون ڪڏام"!

سست نہ ٽيو اي منهنجا ساٿيو! سيکهہ ڪريو 'سروبج' ٽيو،
سيٽن تان سپ لاهيون ليکَ ۾، سُور انڌيرا ۽ آلام!

غزل

مرڪ هڪ سان ماهرو جن" مَلڪ ميڙ ساري ڇڏيٺ!
ڪيل خوشيءَ ۾ خوبرو، ڪٽين خاندان ڪاري ڇڏيٺ!

حُسٽن ۽ هيڪار تنهنجيءَ جو هليو هُل هر جڳهہ،
حرف هڪ سان هر طرف هيرا لکين هاري ڇڏيٺ!

رُخ متان جنهن رات راڻا! تو ڪيو پردو پري،
رب ٿو چاڻي تہ رالجهن! "راج روڻاري چڏيئہ"!

منهن مصحف، نيٺ نرگس، نُور چمڪي منجهہ نراڙ،
قد و قامت ۾ سرُ ڪي سوز سيڪاري چڏيئہ!

رُوءِ تنهنجيءِ ڪان رَسيو آ، رشڪ روشن روز ڪي،
مُوءِ سان جڙ مُلڪ سڀ ۾ مُشڪ ڇڪاري چڏيئہ!

ڏور ڪان آهرو ڏنگا ٿا ڏنگ ڏيهاڙي هٽن،
ڏيهہ ساري جا اي ڏاهـا! ڏيل ڏس ڏاري چڏيئہ!

وارَ ويڙهيڙي واهـرو، جنهن ويل ويهي ولهہ متي،
واس وڻ وڻ ڪي ميليو، هر وات هيڪاري چڏيئہ!

ڪس وڻي ڪوهر جڏهن گلفام ڪلرو ٿي گهمئين،
ڪلبدن ڪفتار سان سڀ غم الم ٽاري چڏيئہ!

دلبرا ديدار ڏيڻي در اندر ۾ دائما،
درد وارن جون سدا دلبر دليون ٽاري چڏيئہ!

سور ساڙي، سوز صدمن کان تہ اي 'سربچ'! سچ،
منجهہ صفت ساجن سندي هي شعر سينگاري چڏيئہ!





عبدالكريم "كريم" پلي

عبدالكريم 'كريم' پلي هن دؤر جي نوجوان شاعرن ۾ پنهنجي پرسوز ۽ پياري انداز بيان جي ڪري، وڏو مقام حاصل ڪيو آهي، سندس فن ۾ جديد ۽ قديم فن جو امتزاج آهي. ڪيس غزل، بيت، ڪافيءَ ۽ وائيءَ تي استادانہ دسترس حاصل آهي. سندس ڪلام رنگين ۽ دلنشين آهي. هجر و وصال جو مضمون، سندس پسنديدہ مضمون آهي. سندس ڪافي ڪلام جو وڏو حصو، لنڊن بحرن ۾ ٽئي ٽو، ان ڪري، ان جا ننڍا ننڍا نقرا نهايت چست ۽ دل ۾ جاءِ ڪرڻ وارا ٿين ٿا. سندس ڪلام ڪيئي ڪائنا، محفلن ۾ ڳائين ٿا، ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿئي ٿو. سندس خود لوشت حيات هن طرح آهي:

"نالو: عبدالكريم ولد خانصاحب عطامحمد پلي، ڳوٺ خانصاحب عطامحمد پلي، تعلقو عمرڪوٽ.

ولادت: ۲۱- آگسٽ ۱۹۴۰ع تي پنهنجي ڳوٺ ۾ جائس، جدا جدا مرحلن ۾، سنڌي ۾ اديب فاضل ۽ انگريزيءَ ۾ ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪري سگهيس.

علمي ۽ ادبي رسالن جي مطالعه ۽ اديب دوستن جي صحبت مان، شعر و شاعريءَ جو شوق پيدا ٿيو. شروعات ۾ انهيءَ ذوق جي تڪميل لاءِ ڪافي فراغت هوندي هئي، ان ڪري لکيو به تمام گهڻو هو. ليڪن هن وقت ڪاروباري مصروفيتون حد ڪان وڌيڪ وڌيل آهن، انهيءَ ڪري تمام گهٽ لکجي ٿو، ان هوندي به ادب ۽ فن سان اهائي ٿوري گهڻي وابستگي رهندي اچي. جا به غنيمت آهي."

فن: ڪريم جو فن، پنهنجي سادي ۽ سليس، جاذب ۽ دلڪش اسلوب ۾ رنگينيءَ ۽ رعنائيءَ جي نڪته آفرين دنيا رکي ٿو. مختصر بحرن ۾، مختصر ترڪيبن ۾، مختصر خيالن ۾، ۽ مختصر لفظن ۾، هڪ معنيٰ آفرين، تنقيدي ۽ دل ۾ چيندڙ احساس، ڪريم جي فن جو خصوصي

معيار آهي. جماليات جي ترجماني ۽ جذبات جي عڪاسيءَ، تاثرات جي تلخيءَ ۽ مشاهدي جي حقيقت آفرينيءَ سان واضح ٿئي ٿو تہ هن شاعر ۾ هڪ باڪمال شاعر جو روح آهي. 'ڪرير' پنهنجي مختصر نويسيءَ ۾، لفظن جي صحّت ۽ خيالن جي ندرت، بيان جي رنگيني ۽ جذبي جي ترجماني کي ان معيار ۽ مقام تي پهچايو آهي، جتن هراڏو ۽ هائمال مضمون بہ نئون ۽ دلاويز ٻيو محسوس ٿئي.

'ڪرير' جي فن ۾ محض روايت نہ آهي، ۽ ان سان گڏ اصالت بہ آهي ۽ انفراديت بہ آهي، سندس هر خيال، زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن مسئلي جي ترجماني ڪري ٿو. وٺس هجر و وصال جا افسانا ۽ زلف و ابرو جا داستان بہ ملندا تہ ان سان گڏ، طبقاتي ڪشمڪش بہ ملي ٿي ۽ ترقي پذير فڪر جي باغيانہ علامت بہ ملي ٿي. جن کي ڏسي، پيشنگوئي ڪري سگهجي ٿي تہ مشق، رياض، مطالعہ ۽ اصلاح سان، ڪڏهن هي شاعر، چوٽيءَ جي شاعرن ۾ مقام حاصل ڪندو. زميندارياءَ جي ٻي ذوق ۽ ٻي لذت کاروبار ۾ رهندي، شعر و شاعريءَ جي پاڪيزہ ذوق کي محفوظ رکڻ ۽ ان ۾ نون تجربن سان اضافو ڪرڻ، مسرت انگيز حقيقت آهي.

ڪرير، ڪاڻي ۽ وائيءَ کي جنهن پياري ۽ دل موهيندڙ انداز ۾ پيش ڪيو آهي، اهو پڏائي ٿو تہ فنڪار جي دل، جذبات جي متلاطم ۽ موج افزا دنيا ۾، پنهنجي زخم خوردگيءَ ۽ شڪستگيءَ جو احساس رکي ٿي.

هڪ باڪمال شاعر جون اهي ٿي فني خصوصيتون ٿين ٿيون. ـــ ادارو.

* * *

وائي

ويس وَسڻ جا پهري ٻيٽيون، چاهہ جون ماريل چَريون اکڙيون!
چاهہ جون ماريل چَريون اکڙيون!
راهن تان نہ هٽن ٿيون هرگز، هڪ ٻل ڇوڙهن پَريون اکڙيون!
چاهہ جون ماريل چَريون اکڙيون!
ڪنهن جي پيار ۾ روئن ويٺيون، لڙڪن جون جهالڙيون اکڙيون!
چاهہ جون ماريل چَريون اکڙيون!
روئندي روئندي، ڪهڙيون گهارن، صبر نہ جاڻن، ٻَريون اکڙيون!
چاهہ جون ماريل چَريون اکڙيون!
ٻَس نہ 'ڪرير' رئڻ کان ڪن ٿيون، ڪنهن هر زوراوَريون اکڙيون!
چاهہ جون ماريل چَريون اکڙيون!

(٢)

كهڙي آس لڳائي ويٺين ــ كهڙي آس لڳائي ويٺين ؟

ڏاڍي ۽ ڏُر سان كهڙي ڏيتي ، پنهنجو پاند اڙائي ويٺين ؟
كهڙي آس لڳائي ويٺين ؟

اڇلو وڇلو كوبه نه آهي ، كنهن لئه نيڻ وڇائي ويٺين ؟
كهڙي آس لڳائي ويٺين :

كهڙو سُور سمائي منّ ۾ ، هيڙو حال بڻائي ويٺين :
كهڙي آس لڳائي ويٺين ؟

سڪ جو وارو ورندو آخر ، دل كي كيئن سمجهائي ويٺين !
كهڙي آس لڳائي ويٺين ؟

(٣)

كنهن سان دلڙي واڳي ڙي ــ كنهن سان دلڙي واڳي ڙي ؟

كنهن جي سونهن سوا ڏسجي ٿو ، سارو ڏيهه ڏهاڳي ڙي ؟
كنهن سان دلڙي واڳي ڙي ؟

سورن هاڻي جڳ ۾ سنيران ، ساعت كاڻ سياڳي ڙي ؟
كنهن سان دلڙي واڳي ڙي ؟

كنهن جا پور پچائي ويٺو ، هلپل من ويراڳي ڙي ؟
كنهن سان دلڙي واڳي ڙي ؟

اڄ به 'ڪريم' اكين ۾ ڦري ٿي ، صورت كنهن جي ساڳي ڙي ؟
كنهن سان دلڙي واڳي ڙي ؟

كافيون

*

دُودَن دل آزاري سائين ،
ڪرڪا سونڊ واري سائين .

بره اندر ۾ باهه لڳائي ، وره وكوڙي نيٺ وڃائي ،
سرت سياڻپ ساري سائين .

نالون پائي ، كانگ آڏاري ، پلپل تنهنجي راه نهاري ،
نيٺ ٽڪا دل هاري سائين .

صبح ستائي ، شام ستائي ، ڏينهن ڏكوئي ، رات رلجائي ،
هر هر هڪ لاچاري سائين .

آهه اڏارو ڏيهه سڃوڻي ، توريءَ ناهي 'ڪريم' جو كوئي ،
كير ڏئي دلداري سائين .

*

وري آ او جاني، جُدائي ٿي ماري،
ڏسان راه تُنهنجي، هنجون روز هاري!

اچي جنگ سورن، جڏي ٻيءَ سان جوڙي،
وڃين جيئن ته ڪَل ڪا لڏي ڪان موڙي،
ٿڪس ڪانگ تولئه آڏاري آڏاري!

نئين سج، نوان ٻُور تنهنجا ٻوڙن ٿا،
ڪُنڊن ٿي نڙا ڏينهن ڏکيا ڏکن جا،
عجب آهه ويهي رهئين ڪيئن وساري!

سدا تات ۽ تار تُنهنجي ٿي آهي،
سوا تنهنجي ٻيو ڪجهه رهيو ياد ناهي،
انٿي ٻَهر، دل 'تون ٿي تون' ٿي تنواري!

پري پيرت سان پير ايندين ڪڏهن تون،
اچي جيءَ ۾ جايون اڏيندين ڪڏهن تون،
'ڪريم' آري ۾ ٻيو ڏينهن ڪهاري!

*

مُحب ڪري موچاري، وي،
آءُ اچي لهه سار سگهيري!

تُنهنجي جدائي يار وڇائي، سُرت سياڻپ ساري، وي،
سُور سَٽي هر سَٽ سُڪايو، درد ڏکي دل ڏاري، وي،
آءُ اچي لهه سار سگهيري!

تير نه وڃي ٿي جانب جاني، توبن مُنڊ ملاري، وي،
ساهه کي سانول آهه سڀائين، تنهنجي طلب ۽ تاري، وي،
آءُ اچي لهه سار سگهيري!

لُڙڪ اکين سان لالڻ تولئه، جال رهن ٿا جاري، وي،
حال ڏسي هي هيڏا منهنجا، ساجن ڪر سرداري، وي،
آءُ اچي لهه سار سگهيري!

ڪانه هلي ٿي توسان سهڻا، وات کا حُجّت واري، وي،
روز 'ڪريم' ڪري ٿو دلبر، تو در توبه زاري، وي،
آءُ اچي لهه سار سگهيري!

*

اڙانگي جاھ تي اکڙين، وڃي جهت لينهڙو لاتو،
پنيلجي پورڙين ڏاڍو، ڏکيو ڪو ٻيڙو ٻاتو!

سکڻ ساڙو، ڇڻ ڇڙڻ، جهڄڻ جهوري پلٽ ٿوندا،
اهو احوال سربستو، آڙين شايد نه اڳ ڄاتو!

آڙڻ انڪڻ سان اکڙين جو ورق وريو ڪو اهڙو جو،
سُڪن منهڙو سُٽايو ۽ ڪُليو سُورن سندو ڪاتو!

رُڻ راڙي ڪان اڳ ٻڙي نه آهن وار هڪ واندين،
وري موٽي ٻيو ڪهڙو ڏيان ڏکين کي ٻاراتو!

لڳڻ کي هڪڙي ساعت ٻڙ، صفا سؤلو لڳي ويو ٻر،
'ڪربر' اوکو ٽي ٻيو آهي، نباهن هاڻ هي ناتو!

غزل

●

هجر ٻر ايڏو زار زار، نه رو،
روئي ڏؤکر ۽ هار هار، نه رو!

دور هڪڙو سدا نه رهڻو آهي، نيٺ ايندي وري بهار، نه رو!
آرزوي وصالِ جانان تان، جان سؤ مرتبا نثار، نه رو!
چند گهڙين جو کيل هو ۽ ويو، ڪهڙي الفت ۽ ڪهڙو پيار، نه رو!
آهي باقي قدم ٻ-ڻي منزل، راهرو! حوصلو نه هار، نه رو!
موت ڪان اڳ 'ڪربر' دليا ٻر، ناهه ملڻو ڪڏهن قرار، نه رو!

●

خير هجي شل طوفانن جو،
عزم نه ڪهڻو ديوانن جو!

ٻاچي ناهه چڏي ڪا ٻنهنجن، ذڪر ڪجي ڇا بيگانن جو!
رفته رفته ٻڻجي ويئي، دلڑي مدفن ارمانن جو!
هن بستيءَ جي حال تي اکڙ، گذري شبه ٽو ويرانن جو!
جور و جفا ڪان وڌ ڇا ڏيندو، بدلو ڪوئي احسانن جو!
دار سوا اٻ 'ڪربر' جهان ٻر، ٻحرم آ ڪو ديوانن جو!

●

زندگي ۾ سُرور ڇو آهي؟
غم ئي غم جو ظهور ڇو آهي؟

ڇا نه ايندي ڪڏهن سحر موڻي،
روشني دُور دُور ڇو آهي؟

حق جو ڪلمو ڇوڻ زماني ۾،
يا الاهي! تصور ڇو آهي؟

حُسن وارن کي، حُسن فالي ۾ تي،
ناز ڇو ۽ غرور ڇو آهي؟

برسرِ اقتدار اچي جيڪو،
سوئي بس باشعور ڇو آهي؟

مضطرب ايترو 'ڪريم' اڇڪلهه،
هي دلِ ناصبور ڇو آهي؟

●

ديرسان ئي سَهي، مگر ٿيندي،
جستجو ليڪ بارور ٿيندي!

بخت وارو وري ورائيندو،
زندگاني حسين تر ٿيندي!

زور آهي اڃا تہ ظلمت جو،
کير چاڻي ڪڏهن سحر ٿيندي!

ڪنهن کي شڪ هو تہ ايترو جلدي،
بدگمان ڪنهن جي هيڻن نظر ٿيندي!

موت جيسين اچي اچي تيسين،
يا خدا! عمر ڪيڏن بسر ٿيندي!

ڪو سبب ئي 'ڪريم' ڪونهي ڪو،
آه چالاڪ بي اثر ٿيندي!

گيت

اکڙيون اياڻيون ـ ڏکڙا وڻائن!

جهڙيون نہ جهلجن،
پلڙيون نہ پلجن،
اوکا اوڙاڙ نيٺ ٻيڙ ٻائن:
اکڙيون اياڻيون ـ ڏکڙا وڻائن!

ڏاڍن سان آڙيون،
سُورن ۾ سڙيون:
سوتين جون لڙهيون، لُٽيو لُٽائن،
اکڙيون اياڻيون ـ ڏکڙا وڻائن!

هڪ پل لـ سَرهيون،
هـر ويـل آرهيون،
ريتون سڪ جون، ٻُوريـون ٻُجائين،
اکـڙيـون اياٽيون ـ ڏکڙا وِهـائـن!

جهوري، ۾ جهڄندي،
جَلندي ۽ ٻَڇندي،
راهـون تڪيندي، گهڙيون لنگهائن،
اکـڙيـون اياٽيون ـ ڏکڙا وِهـائـن!

ماهيا

(١)

چـا داءُ لـڳـايـوسـون،
سڀ خوشيون ڪري صدقي:
هـڪ درد ٻـرايـوسـون!

(٢)

ناحق نـ مـري شَل ڪو،
بـيـدرد زمـانـي ۾:
الفت نـ ڪري شَـل ڪوا!

(٣)


ڪَنجي نـ سڳهي دُوري،
سـانـوڻ بـ ويـو گذري:
ڪا آس نـ ٿـي ٻُـوري!

(٤)

نيت زهـر بـيـڻ کهڙو؟
دلـدار سـوا جـڳ ۾:
فرقت جـو جـيـڻ کهڙو؟

(٥)

غم دُور ڪڍهن ٿـيندو؟
سُک ٻـاڻ سـان آڻـيندو،
سـو صبح ڪڍهن ايـنـدو!





فتاح ملڪ

فتاح ملڪ سنڌي شاعريءَ ۾ نئون ايرندڙ شاعر آهي، جنهن جي فن، جديد ادب ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو آهي. سندس تخليقي فن، جديد دؤر جي حالات ۽ مقتضيات جي پرهوڙ ترجماني ڪئي آهي.

پنهنجي خود نوشت سوانحعمري ۾ لکي ٿو:

"منهنجو جنم سکر ضلعي جي ٻني عاقل شهر ۾، ۳- مارچ ۱۹۳۹ع تي ٿيو، منهنجو ٻيءُ روينيو ڊپارٽمينٽ مان هيڊ منشي ٿي رٽائرڊ ڪري چڪو آهي. پنهنجي ڳوٺ ۾ اوائلي تعليم حاصل ڪري، ميٽرڪ جو امتحان ۱۹۵۸ع ۾ خيرپور ناز هاءِ اسڪول ۾ پاس ڪيم. بي. اي. ۱۹۶۱ع ۾ اسلاميه ڪاليج سکر ۾ پاس ڪري، حيدرآباد لا- ڪاليج مان ۱۹۶۳ع ۾ ايل. ايل. بي. پاس ڪيم. هاڻ سکر ۾ وڪالت پيو ڪريان.

نندپڻ ۾ علم ۽ ادب جو گهڻو شوق نه هو، پر خيرپور اچڻ کان پوءِ، شاعريءَ سان دلچسپي پيدا ٿي، ۽ لکچوريءَ پنهنجي منهن پيو شعر لکندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ جي نندڻن مشاعرن ۾ شعر پڙهي داد حاصل کندو هوس، حالانڪ ان دؤر جا شعر ڪچا- پڪا ٿي هٿا.

ان کان پوءِ، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ماحول منهنجي شاعريءَ جي جذبي کي بيدار ڪيو. سڀ کان اول، پسمانده طبقي جي سقيم حالت جي ترجمانيءَ ڏانهن توجهه ويو. جو ڪجهه به لکيو اٿم، اهو ان هڪ ئي جذبي هيٺ."

فتاح ملڪ دلي جذبات ۽ رنگين خيالات جو شاعر آهي، سندس سوچ ۽ فڪر جي تيزي ۽ خيال جي گهرائي، سندس فن جو خاص معيار آهي، سندس نظم "سنڌڙيءَ جا سينگار اڄا پي ساڳيا ڏي" بهترين تخليق آهي. آزاد نظم ۾ سندس فن تمام گهڻن خيالن ۽ مطالبن جي ڪشمڪش ۾ اڇي، دلاويزي ۽ خوش اسلوبيءَ کي جنهن مقام تي آندو آهي، سو به مقام انفرادي آهي، تاهم اڄا

گهڻي مشق ۽ رياض جي ضرورت آهي. سندس سارو ڪلام لذيذ، هر معنيٰ، ڪشش انگيز ۽ جاذب نگاه آهي. 'فتاح' جهڙي ضعيف ۽ نحيف بدن ۾، فن جو ڇڻ شينهن وينو آهي، جو شاعريءَ جي زبان ۾ ٻيو ڪجي ۽ ڪجڪوڙون ڪري. هڪ باڪمال ۽ باشعور فنڪار جي حيثيت ۾، 'فتاح' پنهنجي معاصرين ۾ وڏو مقام رکي ٿو. اميد ته ذوق سليم ۽ فن جي تحصيل ۽ مشق کان پوءِ هي شاعر، سنڌي ادب جو باڪمال شاعر ٿيندو. —ادارو

* * *

گيت

ولر کان جدا ٿي ڪيئڙي ٻُڪاريو:
ڪٿي آهيو ساڃي، ڪٿي آهيو آهيو؟
خوشيءَ ساڻ لهرون ڪنارن لڳن ٿيون،
۽ سينا سلائي، چپڙا چُمڻ ٿيون:
اڃايل امنگن اوهان لئه نهاريو!
آلا! ڏينهن گذريو، ۽ سانجهي لڙي آ،
لڳي ٿو، شفق ڪي ڪا ڪاني لڳي آ:
اچو، جو اميدن اجهو هاڻ هاريو!
اجهو چنڊ ٻينگهي ۾ سمهي پيو آ،
اجهو چنڊ، تارن سان ڪڍجي ملیو آ:
سمهي ساري دنيا، اسان ديپ ٻاريو!
ازل کان اوهان سان اسان نينهن لاتو،
اڃا دل ٿي ڏڙڪي، اڃا عشق آتو:
اسان قول ٻاريا، اوهان پي ڪي ٻاريو!
اوهان پي وڃا، ڇڻ وري ڪونه ايندا،
اڪيلا آڏاڻا، ڪٿي ٻوه وينداً:
اسان لئه ته هاڻي سڄو ڏيهه ڏاريو!

اڃا ڪجهه ڪوليٰ ٿو.

هرٽيءَ جهڙو سَن—اڃا ڪجهه ڪوليٰ ٿو!
برسيو توڙي بَن—اڃا ڪجهه ڪوليٰ ٿو.
ساري ساري رات ونو هو،
ساوڻ ٻو پي ڪنهن نه ڏنو هو،

جل ٹل يا جويين-ايا كجهه ڳولي ٹوا!
هر هنڌ ڏاڏا ٹوڪ ڏلاريا،
ڳاڙها ڳاڙها نيرا ساوا،
واءُ چنو کو ٻڌن-ايا كجهه ڳولي ٹوا!
پانڌيڙن مان ڪنهن ته چيو هو،
پير پرين جو واءُ لڌيو هو،
ٻيهر گهڙي پل کن-ايا كجهه ڳولي ٹوا!
ڪانياڻيءَ سان ڪيري اچلبو،
کير چوي پو ڪٽ هو ڏولبو،
وبراڳيءَ جا سڏ-ايا كجهه ڳولي ٹوا!

ڏاڏي منزل دور

ڏاڏي منزل دور، او سائين-ڏاڏي منزل دورا!
او سائين، ڏاڏي منزل دورا!

ڏينهن ٽڪوءِ سانجهي رات بہ آخر روئي ٻيٺي،
هلندي هلندي هرهڪ آشا آخر هٽڙا ڏوئي ٻيٺي،
ساڪ ڦڙي جا سڏڪا ساري، آئي نند اگهور:
او سائين، ڏاڏي منزل دورا!

ڪيئي لڳ لاڳاپا ها جي برہ ٻيهي کين سگهيا،
ڪيئي ساٿي سان هليا ۽ آخر پوئين پير پيا،
هيکل هاڻي، تڙپي تاڻي، منهنجي سڏ جو سور:
او سائين، ڏاڏي منزل دورا!

ڪوجها ڪنڌا، ڪوسي واري، پير اگهاڙا ڪيئن هلن،
ڪوڙا سپنا، ڪوڙيون سوچون، هٽڙي پاڇا ڪونہ اچن،
هاءِ حياتي، ڇلڇل تنهنجو ڪوڙو ڪوڙو پور:
او سائين، ڏاڏي منزل دورا!

راتو ڏاڏو، رج بہ ڏاڏي، رڻ جا رستا ڏاڏا اوکا،
ساعت ساعت سڏڪي جهڙي دل ئي دل جا دل سان دوکا،
برہ ڪوئي جڏ ٽو وينجهي تار سوا طنبور:
او سائين، منزل ڏاڏي دورا!

هيڪر چاهي، اڪٿي هلجي، ٻهر چاهي ڪانگ آڏائي،
هاڻ تتو آ، نيٺ تہ ٽرندو، وارياسي ۾ ٻُور ڇڄائي،
ڪنهن ۾ ڪنهنجي مَٽن ڪي ماري، ڪنهن ۾ آ وهاور:
او سائين، منزل ڏاڍي دور!

سائين! هاڻي آهي ڪوجو ٻره ٻري ڪان آڻي اوري،
اونده اوٽيو آڪيرو جو، تنهن جي تيلي تيلي پوري،
سير جو سانگو ڪوٽي لاهي، سوچي ٻيو منصور:
او سائين، منزل ڏاڍي دور!

غزل

●

گل گُلابيءَ جهڙو ڪهاڻ،
ساڪيو دشمن، ساڪيو واڻ!

ٻنهنجو خون ڪٽوريءَ جهڙو، جيئن چُنيءَ تي چيٽ-چٽاڻ!
ڪاري ڪانَ آجايل آهن، سورهيه ساٿي، اوري اڻ.
ڳالهه ڪلهوڪي وسري ويندئي، سهڻو تنهنجو سهج-سياڻ!
تون پي جاڻين، هو پي جاڻي، هاڻي ڪرڻ ڪهڙو تاڻ.
ڏرتي ٻنهنجي سر تي آهي، ٽوڪان ڪهڙو لک لکاڻ.

سوري سيج اسان جي آهي،
مُرڪي لاڻج سيندي، ماڻ!

آس

●

ٻنهنجو ٻيار ٻکيڙي جهڙو،
ٻره ڦٽيءَ جو ڦڙڪيون ماري!

آزاديءَ سان آڏري آڏري، ڪنيڙا ڪوهي، ڪهر ڏي ڪهاري!
جسم تڏهن پي سهڪي سهڪي، سنجها آڻي سيج وهاري.
هيءُ ٻه ٻنهنجي ٻاڙي اوڙي، ڦٽڪي ڦٽڪي ساٽ سنياري.
ٻر جي ڪنهن جو ڪانُ لڳو هو، هيڪل ويهي رات ڪذاري.
ترسي ترڻي ڪوڙها ڳاڙي، ساڪ نٽي ۽ سڏڪا ساري.
ساڻي جيڪر ايندو هوندو، ٻن ڪڙڪي ۽ ٻور ڇاري.

هِڙ وري جي جوپن ماڻي، آڪاشن ۾ دور نهاري.
تنهن ۾ ڏاڍيان ڏاڍيان ڳائي، آپ کي ڏاري، پريت پکاري.
واهيرن سان رات لڙي جي، ٻوءِ ڪجهه سوچي، هاڻ آڏاري.
جاريون کولي، ڪانَ پچائي، ساڳ وري ۽ سور سنياري.
پُلجي سوچي سوچي پُلجي، ساڻي ويٺو ساڳ وساري.
جيءَ جياهو نيٺ ته ايندو، اک ٽي ڦڙڪي، ايندو آري.

هاءِ اميدون ڪنهن بہ نہ هرکيون،
ساڻي ڪوڻي سُور سنياري!





"ذوالفقار" راشدي

ذوالفقار راشدي، سنڌ جي مشهور راشد خاندان جو نوجوان شاعر ۽ ادیب آهي. ۱۰- مارچ ۱۹۳۸ع تي پيرڪوٽ (شاهه جو ڪوٽ)، تعلقي رتيديري ۾ ڄائو. سندس ڏاڏو عبدالحي شاهه وڏو عالم بزرگ هو. هينئر سندس والد سيد محمد امام شاهه، ڀنڀڻجي ڳهراڻي جو ستون ڀگدار آهي. راشدي صاحب علمي ۽ ادبي ماحول ۾ ڄائو، پڙهيو ۽ وڏو ٿيو آهي. ۱۹۵۹ع کان شعر لکڻ شروع ڪيائين. ۱۹۵۲ع ۾ پهريون دفعو سندس غزل 'اسان جي منزل' (دادو) ۾ ڇپيو. مطالعه جو شوق، داستانن جي پڙهڻ سان شروع ٿيو. سنڌي زبان ۾ ڀنڀڻجي انفرادي ڪلام، افسانن ۽ مضمونن سان قدر لائق اضافو ڪيو اٿس، ۽ مصروف لکندڙ آهي. ۵۴-۱۹۵۳ع ۾، هفتيوار 'هاري' لاڙڪاڻ، ڪجهه وقت لاءِ ايڊٽ ڪيائين. ۱۹۶۰ع ۾، لاڙڪاڻي مان هفتيوار رسالو "مذهب، انسانيت" جاري ڪيائين، جو اڳتي هلي بند ڪرڻو پيس. "مهراڻ" رسالي ۾ ابتدا کان وٺي، سندس علمي، ادبي، تحقيقي ۽ تاريخي مقالا، ۽ اصلاحي ۽ فڪر انگيز افسانا ۽ توڙي شعر و شاعريءَ جا شاهڪار شايع ٿيندا اچن ٿا. سندس ڪلام ۾ روانڻي ۽ شوخي، دلڪشي ۽ شيريني آهي. جديد شاعريءَ ۾ ڪافي اهترين تجربا ڪيا اٿس.

راشدي صاحب، جديد دؤر جي انهن باڪمال شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو، جن جو 'فن' جامع الاصناف آهي، راشدي جي خيال ۽ حال جي دنيا، زرخيز آهي. هائمال ۾ هائمال خيال کي رنگين لباس پهرائڻ ۾ ڪيس ڪمال حاصل آهي، هر صنف تي، سندس تجربا، تخليقي ۽

جدت پسند آهن. هن دؤر ۾ راشدي، پنهنجي انفراديت پسند، فن جي حيثيت سان چوٽيءَ جي شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس ڪلام ۾ زبان جي صحّت ۽ محاوري جي برجستگي، موجود آهي. زبان شستہ ۽ صاف لکي ٿو. سندس خيالات جي دنيا ۾، عاشقانہ ۽ فلسفيانہ رنگ جو امتزاج موجود آهي. غزل، نظم، آزاد نظم ۽ گيت تي استادانہ قدرت حاصل اٿس، هن دؤر ۾ سندس فن، سنڌي شاعريءَ لاءِ فخر جي قابل ۽ آهي ۽ قابل ستائش اضافو ۽ آهي- هڪ ٻيو ۽ زميندار ڪان ذوق فن جي تحصيل ۽ خدمت، ڪراءَ ڪان گهٽ ناهي. ـــ ادارو.

* * *

غزل

●

اونداهيءَ جي بند ۾ باندي ننڊ نهوڑيو اوڙو ٻاڙو،
تڏهين آءٌ اڏيان ٿو ويهي پنهنجي وهمن جو ست-ماڙو.

ماندو، موڪو، سڪيو، ڏکيو، هيڪل هيڪل هرڪو ماڻهو،
آءٌ تہ هڪڙو ناهيان تنها ڪوئي جڳ ۾ ناهي جاڙو.

مايوسيءَ ۾ وانجهيل آهي اميدن ڪان هرڪو سينو،
ڪوئي ظاهر ڪين ڪري ٿو دل جو ڪهاءُ خيالن لاڙو.

ڏيهريءَ جي مهل چوڻ تا پرٿي تُرٿي ڪنهن گهر ڪي گهيري،
ڏاڍو ماڻهو هٿندو آهي، آسودن ماڻهن ڪي ڏاڙو.

آءٌ جڏهن پي ڪيت رَچيان ٿو، راڪهناڻا خواب ڏسان ٿو،
نغمن ڪي هيسائي ٿهہ ٻهہ ٿو پس منظر جو روڄ ۽ راڙو.

مومل-راڻي جهڙا ماڻهو ڪاڪ ڪٽائي چونڊ ٻندا ٻيا،
ساهہ ڏيڻ ۽ صديون جيڻ لئي ورهين ۾ هڪڙو ٿي ڏهاڙو.

●

چمڪي چمڪي ويٺي وسامي هڪڙو پيرو لات،
ٻڪي ٻڪي ٻيهي رهندين وري نہ ملندءِ وات.

ٻاڻ-مهل جا ٻُلي ٻڌاري تنهن جو ڪهڙو خير،
سالجهيءَ سان ٽيڙ ٽاڻءِ نہ ٿي، جا ٻَسي نہ ٻو گهر گهات.

اڄ سوڌو خيالن تي آهي آڪريل ڪا تصوير،
صبح سويرو نيڻ نشي ۾ ڏيکڻ ڏين چمڪات.

هيءُ ٻاڻي زهريلو گدلو، ناهي جوئڙي شبر،
گهر ۾ ڪري وئي فرهادن جي روحن منجهه آسات.

ڪهڙي نديءَ سانديءَ سانده اوهر انڌر جا؟
ڪهڙي ڪنڌي زور جهليندي ڏُٽا جڏهن ڪي ڦات؟

هيءَ سانتيڪي رُڄ نڳيءَ جي، هوءَ هرڻن جي لونجهه،
ڏيا ڏاڻيون اکيون آچاريون، سا منهن ڪاري ٻات.

ڏيڻ ڏٽي، مومل جي ساڙي باقي هڪ ٻلانگهه،
هن اوکي ۾ ٽيوري ٻڌ ۾ ڪرندا ڪين ڪنوات.

اوڙ ۽ انڌير اسان کي روڪيندو هڪ وار،
ليڪن ٻڌ ته جاري رهندو وڃ ڏَسيندي وات.

●

ڪو ازلي محبوب لڪي ٿو سنجهه سويري ۾،
آدم جي آڪاڻي جهوني ڪاغذ نيري ۾.

رڻ ٻڌن جو رول نہ سنبري سانده هن صدين ڪان،
دريا پير تي سڪ جي ساعت ڪنهن پي ويري ۾.

سورڻ، سيج جا سهڄ، سُڳن ۽ سات اجايا ٽيا،
اڄ ٻہ سهاڳڻ ڏاڪ چڙهي ٽي، جرڪي جيري ۾.

سايا تي ماڻهوءَ جو سودو، ساڳيو راجا نند ڪري،
ڪاڪ ڪنڌيءَ تي سونهن وڪامي هر ڪنهن ڦيري ۾.

راتين جي چاندوکي لڪتي سوچون ۽ سوداءُ ڏي،
ٻُرڪي ويئي لوڻ بدن جي ٻيري ٻيري ۾.

هي الهاڻي احساس جي آگ هميشه لئه،
روشن رکندي لات لکن جي دل جي ديري ۾.

مس ڪپڙيءَ جو زهر چڙهي ويو زنده شاعر تي،
ڪيڪَ ٻہ ٻڄي ڪانُ ڪهڙي وئي منهنجي جيري ۾.

سوچ سچ پچ ايئن وئي، سرتا، سري،
ٻنڊ ٻاهڙ ٿي ٻوي جيئن کا ٻري.

ساهه ڪنڊي ساهه ۾ چيڪي ٻڌي،
سا سڻي جا جيءَ اندر، جيڏا گهري،
اڄ آساوس رات جي انڌيار ۾،
لات کهڙي روح منهنجي ۾ ٻري!
ساهه جي پنيت جيءَ ان پڙکي ٻون،
جي ملي مارن کي ذهن جي ذري.
ڏيهه ڏاڏائي مان نيڪالي ملي،
ساهه ويندو جڏهن ڏاريندءِ ۾ مري.
ڪيئن جيئان، کهڙا سڏون سپنا رکان،
سوچ ۾ چارئي پهر نيوڙيل سيري!

●

جيءُ چڏيو جهوراڻن جهوري، ساهه ڪيو تنهائي،
ورهن کان ٻوءِ سَس سَس توکي ياد اسان جي آئي.
سالن کان ٻوءِ سپڻ مان هيڻن چرک پرائڻ چا لئي،
سائي سائي ساهه سُٽل تي چٽنگ اوهان آڇلائي.
ريهَ ڪرائڻ روح کي، سڙي ساهه کي سُڏڪا ڏاريئي،
ڪيڏي ظالم ياد آ ٽُنهنجي رڳ رڳ جنهن تڙپائي.
توسان گڏجڻ جي سَڌَ هاڻي خام خيالي ڇڄي،
ڏينهن ٽيا جو توکي ڏسڻ جي اکڙين آس وڃائي.
ڪنهن نه اسان جي سور کي سمجهيو، ڪنهن نه اسان کي چاتو،
هاءِ سهائي اسان اجائي سانت ۾ سڪ سرهائي.
روح اوهان جو، راز اوهان جو، پيار، جمال، جواني،
ذات اوهان جي، ياد اوهان جي، هرڪا چيز پرائي.
ڳالهه اسان جي، حال اسان جو، ميڙ ميڙاج ڪان خالي،
وقت ڪٽي آ جاڙ اسان سان قسمت ڪٽي ارڏائي.

●

قصو ته عاشقيءَ جو آ مگر وري به ڏيان سان،
ڪريان ٿو پيش پنهنجي دل کي ذهن جي زبان سان.
اڃا به سوچ جو سڳو ته ساهه سنڌون ڳنڍيو اچي،
حنوط هوش کين ٿيو حسين داستان سان.

'نہ نسانءُ آ نباھ جو، نہ چھڻو آ چاھ جو'،
تہ چنبڊ کھڙي خيال سان رهي ٿو آسمان سان.

آداس روح جو جھان'، آجاڙ دل جون وادیون،
سُجھي ٿو کوئي سوجھرو نہ ڏيان سان نہ گيان سان.

دلين جي واردات کي ڏسو پَسو نہ دوستو!
نباھيو، جيئن ٻہ ٿي سگھي مگر وري ٻہ شان سان.

وڃي ٿو ساھ سانت ۾ کُنجو پُڄو تہ ساڻيو!
متان مُڻا ٻہ جي پون، بھار جيي ٻيان سان!

نظم

ورجاڻ

ويٺي ويٺي، ڏسندي ٻڌندي اندر سان اوپاڪ اچن ٿا،
جڏھين تنھنجو نسانءُ کٽي ۽ ساڻھو سنھنجو نسانءُ ونڻن ٿا.

ٻالا پولا ساڻھو کيڏيون جھونيون ڳالھيون دُھرائن ٻيا،
ھاءِ آھي ويچارا ساڻھو ڏاڏا کي معصوم ٽين ٿا!

ٻاجھاريون ۽ پياريون نظرون سون ڏي روز تکينديون آھن،
سھڻا ساڻھو ڪنھن سھڻيءَ جو سمجھي کو ھمراز ڏسن ٿا.

بس ھڪ ننڍڙي آکاڻي ھئي، روحن جي کا گڏجاڻي ھئي،
چار گھڙيون کو دل وندرائي ساڻھو تنھن کي عشق سڏن ٿا.

ھي کا تازي ڳالھ نہ آھي، ھاڻي ھن ۾ ساءُ نہ آھي،
توکان ٻي جا وسري ويئي ساڻھو چالڻ ياد رکن ٿا.

کاتي اڇکلھ اڇا ساڻھو ھن ڏرتيءَ تي جيئرا رھندا،
جن کي گڏريل ٻريت-گھڙين جا ورھن تائين ٻور ٻون ٿا.

رات جو ھرکو خواب ڏسي ٿو، ڏڙکي سان ٻاجي ٻ وڃي ٿو،
ورھ-ٻرائي خواب کي ساڻھو ھاڻي کاڻي ياد رکن ٿا.

منھنجي ڳالھ نہ ٻي آ سون وت يادیون آھن ٻيو کجھ ناھي،
منھنجو روح رنجائيندڙ ٻي، سون کي ٻلبل ياد ٻون ٿا.

ليڪن ڪوئي سمجهو ماڻهو منهنجي ڪا تقليد ڪندو ڇا؟
منهنجو رستو اوڪو آهي، سياڻا سڙڪي لاءِ سيڪن ٿا.

هونداسين ڪي سودائي ۽ سارو جڳ سودائي ناهي،
مون پارن لئه چولدا آهن: 'سوداون مان شعر لکن ٿا'.

سو مان ڪوئي قيس نه آهيان، ترن ۾ي ڪائي ليلي ناهين،
هنهنجي ڪائي صحرا ڪالهي، ماڻهو ڪوڙا قصا گهڙن ٿا-
هاءِ آهي ويچارا ماڻهو ڏاڍا ڪي معصوم ٿين ٿا!

قطعا

(۱)

چٽني ٻاسي پٽر پٽر، پٽر پٽر ٻاهه ڏسي،
تڏهين آيس تنهنجي در تي گهر اندر وڙاهه ڏسي.
تون ئي آخر آهين سهارو، اي منهنجا آزاد ضمير؛
توکي ٻاڏايان ٿو، ٻاجهي، سڙسڙ ڪندا ساهه ڏسي.

(۲)

باقي آهي بصارت اڃ ۾ي، آدمخور، جنهين،
ٻردن جي ٻويان ۾ي تنهنجو ٻاهي روپ ڏئو.
دوزخ جهڙي جنت تنهنجي مون ڪي نامنظور؛
آسائش ۽ عيش ڪان منهنجو باغي روح رڻو.

(۳)

ڪشالن جو بدلو، عوض خون جو،
ميليو ڇا، ميليو ڇا اسان ڪي وري.
هئي ياد ڪنهن ڪي له هڏ، خواب ۾؛
هي دنيا، ضميرن جي سوداگري.

(۴)

پڙهو آهي بي سمجهه، انجاڻ طوطو،
ته هڪ وار هين جي مٺيءَ لات ۾.
وساريندو انسان هين دؤر جو؛
ته ڇا فرق آ ڏينهن ۽ رات ۾.

(٥)

جڏهن پي کو سينو تائي ساهه ڏيئ لئه سنبري آيو،
قاتل تنهنجو کات مُڏو ٿيو حيرت جهڙي ڳالهه ته چئبي!
خنجر کي ڪڙڪائي ستمگر عاشق جيڏن کي للڪاري،
روئي روئي ڪنڌ جهڪائڻ غيرت جهڙي ڳالهه ته چئبي!

(٦)


جاڏو- هي معصوم فرشتا ڪنب پٽائي ويهي رهندا،
ماڻهو مات ۾ رهندي پنهنجي جان ڦُرائي ويهي رهندا.
آوازن تي مهرون ليڪن تڙپ ۾ بابند نه آهيو،
ڀاڻون جاڏون ساڪت رهندي ڀاڻ لڄائي ويهي رهندا.

(٧)

ڪڏاريم ٻرهم- سندر ۾ حياتي،
برابر ٻيار آدمذات جي لئي؛
پُليي پٽڪيي نه ائي ڪولج ڪائي،
اسان جي ذات ٻاڙي لات جي لئي.

(٨)

گونگو ٻاڻي نه ڳاڙ ليڻن مان،
ڪنهن جي کهٽ ئي نه هيڻنءَ اکيلائي؛
جئوطرف هي صليب جون سختيون،
ماڻ ڪيئن ڪندي سيجائي؟





شيخ عبدالحليم "جوش"

شيخ عبدالحليم "جوش"، ۱-مارچ ۱۹۳۲ع تي ڄاڻو. سنڌيءَ جي ڪهڙ مشق شاعر شيخ عبدالله 'عبد' جو فرزند آهي. ادبي ذوق ورثي ۾ مليس. نو آباد ڪراچيءَ جي سنڌي اسڪول ۾ هميشه علمي ادبي سرگرميون رهنديون هيس. اسڪول جي تعليم دوران شاعريءَ سان سندس دلچسپي پيدا ٿي. جوش صاحب انهيءَ ماحول ۾ نند ۾ ٿي مشاعرا ڏٺا، جن ۾ مخلص، خادم، نياز، مسافر، حقير، احسن، انجم، ڪاظم، نظامي، بيوس ۽ ضيا اڪثر شرڪت ڪندا هئا. انهن علمي ڪچهرين ۾ شاعريءَ تي تنقيد بـ ڪئي ويندي هئي. ۱۹۴۷ع ۾، ٻرهور خاص ۾ پڙهڻ ڪان پوءِ، ۱۹۴۸ع ڌاري ڪراچي موٽي آيو، ۽ سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. ان وقت 'بزم ادب نظامي' ۽ 'محفل احباب' جي طرحي مشاعرن ۾ باقاعده شعر پڙهڻ شروع ڪيائين. تخيل جي بلنديءَ ۽ استاد شاعرن جي همت افزائيءَ سندس طبيعت کي پوريءَ طرح شاعريءَ ڏي رجوع ڪيو. ان کان متاثر ٿي پاڻ سائنس ڇڏي آرٽس پڙهڻ لڳو. شروعات ۾ پنهنجي والد محترم ڪان اصلاح ونندو رهيو. مضمون نگاريءَ جي ابتدا هفتيوار 'ناخدا' ڪان ڪيائين. ان طرح "نئين زندگيءَ" ۾ سندس فن ۽ تنقيد جي مختلف مسئلن تي ڪيترائي مضمون ڇپيل آهن. 'جوش'، بنيادي طور 'غزل' جو شاعر آهي. شاعريءَ جي ميدان ۾ نون تجربن کي پسنديدگي جي نگاه سان ڏسندو آهي. گذريل ۱۶ سالن کان شعر لکندو آيو آهي. سندس فن ۾ قلندرانه بيباڪي آهي، سندس تغزل ۾ غزل جا تمام لطيف قدر ۽ معيار سمايل آهن، جن کيس سنڌي ادب ۾ نمايان مقام عطا ڪيو آهي. ماحول ۽ زندگيءَ جي مسئلن جي ترجماني، سندس اشاريت ۽ رمزيت ۾ سمايل آهي. جنهن مان سندس فني پختگيءَ ۽ قادرالڪلاميءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هن وقت محڪمه اطلاعات ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ ڊئريڪٽر آهي. —ادارو

غزل

●

هي گردش روز و شب جي تنهنجو انداز نظر آهي،
خفا آهين تہ شام آهي، جي مرڪين ٿو سحر آهي.
اثر جي آه سان آهي عداوت، غم نہ ڪر اي دل،
نہ آهن ۾ اثر هو ۽ نہ آهن ۾ اثر آهي.
حقارت سان نہ ڏس انسان ٿي الله ڪي هرگز،
پلي مفلس هجي عزت جي لائق هر بشر آهي.
ڪمال بندگي ڪان مرتبو اهڙو ملیو مون کي،
جتي سجدو ڪريان ٿو بس اتي ئي سنگ در آهي.
طبيعت مضطرب، دل داغ داغ ۽ چشم خون افشان،
اسان جي حال جي هن بيخبر کي ڪا خبر آهي.
اسان جي راه ۾ مشڪل مقام آيو تہ ظاهر ٿيو،
گهٽيئي همسفر ها، پر نہ ڪوئي همسفر آهي.
خدا جو فضل آهي 'جوش' جي احباب مان هر هڪ،
سخنور، صاحب نقد و نظر، اهل هنر آهي.

●

اسان کي پنهنجي جنون تي جي اعتبار هجي،
خرد تہ پاڻ خطائن تي شرمسار هجي.
دعا گهرو نہ اسان جي ڏکهي حياتيء لاء،
اها جمار بہ ڪهڙي جا مستعار هجي.
ستم نہ ڪر جو ٿئي آه هم بہ ٿو طوفان،
نہ دل ڏکوء متان لڙڪ هم شرار هجي.
خودي وڃائي ڪيو جنهن بہ پاڻ کي هلڪو،
وجود ان جو لڳاهن تي چو نہ بار هجي.
هتي ئي آهي جهنم، هتي ئي آهي بهشت،
پلي تہ ڪنهن کي قيامت جو انتظار هجي.
مشاعري هم لہ ٿيو 'جوش' جنهن تي داد نصيب،
اهو غزل ئي متان منهنجو شاهڪار هجي.

●

حوصلو ڏنهنجو ايڏو وڏايو اٿم،
تنهنجي رحمت کي ڏئي آزمايو اٿم.
لڙڪ مان مرڪ ڏيڻا ڪري ٿو سگهان،
ڀاڻ روئي ڏيڻ کي کلايو اٿم.
صبح لو جو تنهنجو نُور ڦهلائيندو،
دار تي جيڪو نغمو ڏڻايو اٿم.
آرزو دفن ٿي هر خوشي ختم ٿي،
تنهنجو غم هو سو ان کي ڇپايو اٿم.
وقت جي جام ۾ حادثا پيي ويس،
ساقيءَ دهر کي آزمايو اٿم.
دل ۾ ڀاريو وري حسرتن جا ڏيا،
هو قتل شهر جنهن کي وسايو اٿم.
ٿي نه تسڪين ذوقِ سفر جي اڃا،
ڀاڻ سان رهبرن کي رلايو اٿم.
دشمنن سان به اي 'جوش' مرڪي مليس،
ڪو خزانو هو جنهن کي لُٽايو اٿم.

●

اهو جو دل ۾ خوشيءَ جا ڏيا جلائي ٿو،
سو ڀاڻ ڏنهنجي هٿان ئي فريب کائي ٿو.
نه گل ٽڙيا ۽ نه مکڙين جي منهن تي سرهائي،
الائي ڀاڻ کي ڇو باغبان ڏڪائي ٿو.
هره ڪٿي ته ڏٺي سون خدا جي فياضي،
جي هڪ ڏيو ٿو جلائي لکين وسائي ٿو.
خزان، بهار، شفق، صبح، شام، چاندوکي،
فريب آهي يا ڪو صورتون متائي ٿو.
انهيءَ جي عشق ۾ سوريءَ کي سيج ٿو سمجهان،
اڃا جو منهنجي وفائن کي آزمائي ٿو.
وفا جي وات تي اهڙو مقام آهي جتي،
غمِ حبيب ته ويتر خوشي وڏائي ٿو.

ٿئي ٿي جڙ تہ ڪا راز و نياز جي محفل،
جڏهن هو منهنجي نظر سان نظر ملائي ٿو.
اوهان جي شهر ۾ اهڙو به آهي ديوانو،
حليم آهي مگر 'جوش' پي سڏائي ٿو.

●

ڪافر جي ڳالهه ڪر نہ مسلمان جي ڳالهه ڪر،
انسان جو ذڪر، عظمتِ انسان جي ڳالهه ڪر.
مون ڪي خوشيءَ جي عيش جي راحت جي ڇا خبر،
مون سان الم جي درد جي هجران جي ڳالهه ڪر.
فصلِ بهار ۾ تہ ڪجي ٿو چمن جو سير،
دورِ خزان ۾ ڪا تہ گلستان جي ڳالهه ڪر.
دل ڪي سڪون ملي تہ ملي روح ڪي قرار،
مون سان وري تہ زلفِ پريشان جي ڳالهه ڪر.
اهلِ جنون تي طنز ڪرڻ ڪان اڳي اي دوست،
اهلِ خرد جي تنگيءَ داسان جي ڳالهه ڪر.
منهنجي خراب حال تي ٿي ڪين خنده زن،
مون تي ڪلي نہ منهنجي گريبان جي ڳالهه ڪر.
اي 'جوش' ناهي منهنجي گناهن جو ڪو شمار،
مون سان وري تہ رحمتِ يزدان جي ڳالهه ڪر.

●

جذبءِ دل جي تقاضا وک وڌائيندا هلو،
هاڻ ڪي منزل بمنزل آزمائيندا هلو.
وقت منصف آهه ٻڌرا ٿو اڇا ڪارا ڪري،
شام ڪي پل صبح جو همسر بڻائيندا هلو.
سوچ تي پهرو، زبان تي ايڏي هابندي هجي،
اهڙي محفل جي چراغن ڪي وسائيندا هلو.
بيخبر آهي حياتِ نو جي منزل ڪان اڳي،
خضر ڪي پي همسفر پنهنجو بڻائيندا هلو.
درد سان ٿي زندگيءَ ۾ لطف آهي دوستو،
غم ڏئي مون ڪي خوشي منهنجي وڌائيندا هلو.

چو هجي ميخاني جو پاند ذوق ميڪشي،
خون کي مئي دل کي پيمانو بڻائيندا هلو.
'جوش' کي تصوير جو هڪ رخ نہ ڏيکاريو اوهين،
داد جي ڏيو ٿا تہ خاميون پي ڪڍائيندا هلو.

●

ستم، ڪيستائين جفا ڪيستائين، اسان کان ہي ٿيندي وفا ڪيستائين.
اسين دار کي پنهنجي منزل ٿا سمجهون، هلي ٿو ڏسون رهنما ڪيستائين.
گلن کي ڏسان مڪڙين ڏي نهاريان، چمن جا اهي چهچٽا ڪيستائين.
ملي سڪ مون کي تڏهن هوش آيو، غمن جا هٽا سلسلا ڪيستائين.
هلڻ سان ئي وڌبو، وڌڻ سان ئي رسبو، اهي پنڌ ۽ پيچرا ڪيستائين.
ڪٽي جام پيو حادثن کي پڪاريان، وڌي ٿا وڃن حوصلا ڪيستائين.
ٿيو 'جوش' ڏرتيءَ تي دوزخ جو منظر، اڃا ساڻ رهندو خدا ڪيستائين.

●

ڪليم، طور نہ آهي هي آهي ميخانو،
هني تہ رند خدا سان ٿو هم‌ڪلام ٿئي.
نہ سور عشق ۾ باقي نہ حسن ۾ شوخي،
نظارِ شام و سحر ڇو نہ بينظار ٿئي.
اسين خزان ۾ الهيءَ لاءِ باغ ڏي ٿا وڃون،
سڪل پنن ۾ ہي قدرت جو ٿو پيار ٿئي.
نقاب رخ تان ڪجي ٿو وري ڪِري ٿو ٻوي،
ڪڏهن ٿو صبح ٿئي ۽ ڪڏهن ٿي شام ٿئي.
جهڪي نہ وقت جي آڏو، ڏڪي نہ ڏاڍ کان جو،
اهوئي پنهنجي زماني جو ٿو امام ٿئي.
لکي لکي ڇو اوهين پنهنجا سور ساريو ٿا،
غمِ حيات جو احساس پل تہ عام ٿئي.
ہين جي لاءِ ڪٿائي جو نند پنهنجي 'جوش'،
نصيب ان کي ستارن جو ٿو مقام ٿئي.

●

درد کي لادوا ڪري تہ ڏسان، عشق جي انتها ڪري تہ ڏسان.
ڇو هلان رهنما جي مرضي تي، ہاڻ کي رهنما ڪري تہ ڏسان.

تنهنجي بخشش جي مون ۾ڏي تعريف، مان ۾ ڪائي خطا ڪري ٿي ڏسان.
زندگي ۽ سڪون جي ڳولا! تجربو ٿيندو، ها، ڪري ٿي ڏسان.
منهنجي تعريف تي ٿئي ٿو هو رنج، ۽ان ۾نهنجي ڪلا ڪري ٿي ڏسان.
دل ۾ حسرت ٿي اضطراب ۾ دل، دل ڪي بي مدعا ڪري ٿي ڏسان.
ڪو ٿي هوندو ضرور منهنجو ۽ دوست، ڪنهن ڪي درد آشنا ڪري ٿي ڏسان.
منهنجا ساٿي سمهي ۽يا شايد، ڪا نوا ڪا صدا ڪري ٿي ڏسان.
ميڪدي ۾ يا دير ۾ هوندو، 'جوش' جي ڪا ۽ڇا ڪري ٿي ڏسان.

●

هي عجب شهر جتي ناهي ڪو هڪ ديوانو،
ڪو تماشو ئي سر دار نه آهي يارو.
ڏرتي آهي ته ۽وءِ ڇاهي هلو منزل ڏي،
زندگي سايءِ ديوار نه آهي يارو.
ڪُوڙ جي ڏوڙ ۾ ڪائي جا ٿُڪر ۽يا ڳولن،
مائڪن جو ڪو طلبگار نه آهي يارو.
ڇو سلي سور ۾ئي ڪي ۽ پريشان ڪجي،
مون ڪي ڪو شڪوءِ غمخوار نه آهي يارو.
ابر، ساقي، ميءِ گلرنگ، ۽هاري، مطرب،
اهڙي عالم ۾ ڪو ميخوار نه آهي يارو.
'جوش' جي لاءِ دعائون ٿا گهرون بخشش جون،
هو ته ڪو اهڙو گنهگار نه آهي يارو.

نظم

(علامه آءِ. آءِ. قاضي جي ياد ۾)

علم جو آفتاب هو، حلم جو ماهتاب هو،
فرد نه ۽ر هو انجمن، باب نه ۽ر ڪتاب هو.
فڪر و نظر جي شهر ۾، هي جنهن جي دم سان زندگي،
روشن خيال ۽ارڪو، روشن ضمير فلسفي.
شاه جو نڪتدان هو، شاه جو رازدار هو،
جو هُن تي آشڪار هو، سو هن تي آشڪار هو.

مطلب پرست دور ۾ هو حق پرست ٿي رهيو،
گوشه نشين ڪين هو سڀوالست ٿي رهيو.
جنهن جو متاع زندگي لوح و قلم جي آهرو،
حُسن بيان جي آرزو، ذوقِ نظر جي جستجو.
اهڙو حڪيم ويو رُسي، اهڙو خطيب ويو لڏي،
جنهن جي وطن کي گهرج هئي، اهڙو اديب ويو لڏي.
وڃڻو هو نيٺ ويو مگر، دلين تي نقش ويو ڇڏي،
ڪيڏي نه حب ساڻ هو، جامع سندڙ ويو اڏي.

قطعا

(۱)

معرفت جو مقام ڏي ساقي،
غيب کان ڪو پيام ڏي ساقي.
بيخودي ۾ هر خدا سان گالهيون ڪريان؛
اڄ ته کو اهڙو جام ڏي ساقي.

(۲)

چنگ چوري نڪو ٻيجل هاڻي،
اهڙو کو ڪونهي جو سير دان ڪري.
حوصلو اهڙو نه آهي ڪنهن ۾؛
پنهنجي قاتل کي جو مهمان ڪري.

(۳)

آسمان تي جو ستارا چمڪيا،
سان ته الله جو قائل ٿي ويس.
ظلم ٽيندو ڏسي ڏرتيءَ تي اي 'جوش'؛
مان وري ڪفر ڏي مائل ٿي ويس.

(۴)

مُرڪ مُڪڙيءَ جي ڪسڻ ٿو چاهين،
گل کان خوشبو ۽ جهٽڻ ٿو چاهين.
ظلم ايڏو ته نه ڪر دستِ خزان؛
نرم ٻوٽا ۽ ٻٽڻ ٿو چاهين.

(۵)

تنهنجي هڪ مُرڪ مسيحائي ڪئي،
'قم' چوڻ جي ۽ ضرورت نه رهي.
تو نهاري نئين دنيا بخشي؛
'ڪُن' چوڻ جي ته ڪا حاجت نه رهي.

(۶)

نفرت ٻوڪي نفرت لُٽندو،
الفت ٻوڪي الفت لُٽندو.
زاهد وت ڪو جادو آهي؛
سجدا ٻوڪي جنت لُٽندو!

(۷)

ٻٽر ۾ بُت آهي سمايل،
ساز ۾ نغمو آهي ليڪل.
نقش قلم ۾ آهي سائي؛
هر حسرت ۾ آهي غزل.

(٨)

سون جي ڪوٽ ميل تولي تي،
تو ته انصاف ڪي نيلام ڪيو.
مفلسيءَ ڪي ته سزا ميلشي هئي؛
تو صداقت ڪي به بدنام ڪيو.

(٩)

ڪفر ٿو چنڊ تي پهچي زاهد،
تنهنجو ايمان ڪٿي پهتو آهي!
توکي حيرت ته پکي ڪين ٿا آڏن؛
ڏس ته انسان ڪٿي پهتو آهي!

(١٠)

ٽڪ ڪي مهٽن سان اوسائين،
مٺهن جي ڪوجهائي ڪا ويندي.
مٺهن ڪي ابڙو صاف ڪرين ٿو؛
مٽن جي گدلائي ڪا ويندي!

(١١)

آهي سون لاءِ مقدس تثليث،
شام، ساقي، مئي گلفام جو جام.
تون ڪڏهن منهنجي ڪاسا ۾ به اچ؛
وقت جا پوپ ڪليسا جا امام!

(١٢)

پوک پڇي وئي تارن جي،
پرهه ڦٽيءَ لاءِ پيو.
سڄ وڏيري جان آيو؛
رات جو حق ڇڙڪائي ويو.

رباعي

ظاهر نه ٿيو ڪنهن تي آهو راز آهيان،
پهتو نه ڪنن تائين سو آواز آهيان،
نغما ٿا لڇن جنهن جي ٽٽل تارن ۾؛
اي دوست پڇين ٿو ته اهو ساز آهيان.



علي محمد "مجروح"

مجروح صاحب هن طرح پنهنجي فن جو تعارف لکيو آهي:

"منهنجي عمر ٿي چاهي جو سوانح لکان، سوانح لکڻ لاءِ تہ زندگيءَ جي وسيع تجربن ۽ مشاهدن جو گوڙهو ايياس ۽ نچوڙ گهرجي، مون وٽ تہ اهڙي کا دور رس نظر ۽ کانهي. البتہ ڪن دوستن کي ترغيب کان ڏنو اٿم. سندن خلوص کي آزمائي ڪڏهن فخر مان ڪنڌ اوچو ٿي ويو آهي تہ ڪڏهن احساس ندامت کان عرق عرق ٿي ويو آهيان. اهو آهي منهنجو تجربو ۽ اهو آهي منهنجو مشاهدو.

زندگي ۾ ثبات ۽ عارضي هجڻ سان ڪڏهن انگيز ۽ آهي، پر ان جي باوجود عزيز آهي. ڪنهن محبوب جي مرڪ وانگر سوهندڙ ۽ صبح جي آپرندڙ سج جي پاڪيزه ڪرڻن وانگر اميد ۽ آرزوءَ جي نئين سان پرپور، انهيءَ ڪري زنده ۽ آهيان. بهرحال زندگي هڪ ذريعو آهي، هڪ جذبو آهي، جهڙيءَ طرح جذبي کان سواءِ زندگي بيروح آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح زندگيءَ کان سواءِ جذبو غير مجسم ۽ غير محسوس. زندگي ۽ جذبي ۾ هنهي جي يڪجائي ۽ ميلاپ جو نالو آهي شعر و ادب. انهيءَ ڪري شعر و ادب کي ٿي سرمايو سمجهيو اٿم، جي جيئرو رهيس تہ انهيءَ ۾ وس آهر اضافو ٿيندو رهندو، پر جي مري ويس تہ ۽ غم ڪونهي- ادبي ورثو تہ موجود آهي. منهنجي ڪلام جو ضرور تحفظ ڪندو. ان بعد ۽ جي آءٌ آمر نہ ٿي سگهيس تہ نہ سهي، گهٽ ۾ گهٽ ڪن دوستن جي ياترين ۾ تہ محفوظ ٿي ويندس. هن کان ڪجهہ سال اڳ "مهراڻ جا مائڪ" لاءِ لکيل پنهنجي خاڪي ۾ کي تاثرات بيان ڪندي لکيو هئم تہ "نئين سنڌ" ۾ سڀ ايڊيٽريءَ وارو دؤر منهنجي ادبي زندگيءَ جو اهم

دؤر هو، ۽ هاڻي ان ۾ اها ترميم ڪندس ته حيدرآباد ۾ انفرميشن ڪاتي جي ملازمت جا ڇهه سال منهنجي ادبي زندگيءَ ۾ هڪ خاص مقام رکن ٿا. انهيءَ دوران نون دوستن سان متعارف ٿيڻ سان گڏ، پراڻن رفيقن جي قرب ۽ خلوص جو سزاوار ٿيڻ، اڄ به انهن قرب پرين ڪڇهرين جي ياد منهنجي زندگيءَ جو عزيز ترين سرمايو آهي.

حيدرآباد وارو زمانو منهنجي شاعريءَ جو بهترين زمانو هو، منهنجو غزل هتي ئي مهراڻ جي مست موجن ۽ ان جي زندگي ۽ رور فضائن سان روشناس ٿيو.

شاعريءَ ۾ غزل منهنجي محبوب صنفِ سخن آهي. ان ڪري ته غزل جي زبان جذبي جي زبان آهي، غزل حسن ۽ عشق جي لطيف جذبن جي ترجمانيءَ سان گڏ دنيا جي هر ڏک ۽ هر غم کي پاڻ ۾ سموئي سگهي ٿو. غزل داخليت ۽ خارجيت جو آئينه دار آهي، غزل ۾ اها وسعت ۽ آهي ته هو هر بدلجندڙ دؤر جو ساٿ ڏئي سگهي، غزل مون کي ان ڪري به عزيز آهي، جو ان ۾ تغزل ۽ ترنم جو دلڪش امتزاج موجود آهي.

هاڻي اهو به عرض ڪرڻو هوندو ته آءٌ ڪير آهيان، ڪنهن جو ٻت آهيان، نه ته هن خاڪي جو ٻوراڻو نه ٿي سگهندو. بهرحال منهنجو نالو علي محمد (مجروح) ۽ والد مرحوم جو نالو خير محمد آهي. ذات جو ڀنور آهيان. ڪراچيءَ ۾ ڪيئن اچي اڙيس اهو قصو ٻراڻو به آهي ۽ طويل به. وڏن ڪان ٻڌو ائين ته اسان جو ٻڏاڏو حاجي دائود ۽ سندس وڏو ڀاءُ حاجي رمضان روزگار سانگي، ميهڙ سان ڪهي ڪراچيءَ ۾ اچي آباد ٿيا ۽ اتي ئي جنت مڪاني ٿيا. شروع شروع ۾ اسان جي وڏن جو ڪچ سالن تائين ميهڙ ۾ رهندڙ مائٽن وٽ اچڻ-وڃڻ رهيو، پر پوءِ امتداد زمانه سبب لڳ لاڳاپا ختم ٿيندا ويا ۽ اڄ ته بلڪل معدوم ٿي چڪا آهن، نه آهي اسان کي نه اسان انهن کي سڃاڻون. هن وقت ڪراچي جي سنڌ انڈسٽريل ٽريڊنگ ايسٽيٽس (S. I. T. E.) ۾ ملازم آهيان. زندگيءَ جا ٽيتاليهه سال گذري چڪا آهن. باقي مانده حياتي خدا جاڻي ڪيئن گذرندي." ـــ علي محمد 'مجروح'

غزل

●

اسان قرب جا قول هاري چڏيا،
اسان زلف تنهنجا سنواري چڏيا.

اوهان دردمندن کان بيزار ٿي، ڪرم جا قرينا وساري چڏيا.
اسان غم جي طوفان جي باوجود، ڏيا آرزوئن جا هاري چڏيا.

اوهان هڪ نظر سان سرانجمن، ڪي ساري ڇڏيا ڪي جباري ڇڏيا.
ڪجي ڪهڙو افسوس 'مجروح' جو، زماني کي سير ساري ڇڏيا.

●

ها جڏهن سوري ڏبندي دوستو،
عاشقن جي عيد ٿيندي دوستو.

ياس جي ويران راهن تان وري، زندگي مُرڪي مٽيندي دوستو.
رات ڪاري قهر واري ئي سهي، رات آهي نيٺ ويندي دوستو.
جي وجو مشڪل هر سپ اکيون ٿي، سون کي حيرت کائ ٿيندي دوستو.
هاڻ آهون روکيو ڪوڙها آکو، زندگي الزام ڏيندي دوستو.
اڄ ته ڏاڍا وڃ پئي واکا ڪري، ليٺ ڪنهن جو گهر اڏبندي دوستو.

سپ ٻيا 'مجروح' کي چربو چون،
اهڙي ڪا بيداد ٿيندي دوستو.

هي لڙڪ جي اکين سان ٻڏي آب وهن ٿا.
هڪ آگ لڳائڻ ٿا اکر دل ۾ رهن ٿا.

سي گردش تقدير ڪان ٻيگانا رهن ٿا، جي تنهنجي جفائن جا ستم روز سهن ٿا.
جي تنهنجي محبت ۾ مرن ٿا نه جئن ٿا، هن شهر ۾ ڪي اهڙا به ديوانا رهن ٿا.
پيغام جڏهن تنهنجي نگاهن جا اچن ٿا، ديوانا وڏي دار جو سينگار ٿيڻ ٿا.
طوفان بلا خيز جو نظارو نه ڏس تون، موجن جي آڏل ۾ ته ڪنارا به ٻڏن ٿا.
ڪي سال ٿيا زخم تنهنجي غم جا ڇڻي ويا، هر داغ ايا تائين منهنجي دل جا ڏکن ٿا.

'مجروح' جي برباديءَ جا افسانا ڇڏي ڏي،
تون زنده رهين، اهڙا ستم روز ٿيڻ ٿا.

●

قدم قدم تي نئون روز حادثو آهي،
جئي ۽ شاد رهي ڪنهن جو حوصلو آهي.
زمانو جام پئي، مان جگر جو خون پيان،
عجيب پيرِ مغان جو هي فيصلو آهي.
ڪڏهن ڪڏهن جو نهاري ٿو ناز مان مُرڪي،
اهو ئي پنهنجي جيائي جو آسرو آهي.

غزل ۾ تنهنجي جوالي جو شوخ رنگ سهي،
سڳر هي دل جي حقيقت جو ٿڏکرو آهي.
اجهو ٿا پهچون ذرا حوصلو رکو يارو،
ديارِ دوست ۾ ٿوروئي فاصلو آهي.
اسان کي ظلمتِ شامِ قفس جو خوف ڪئي،
اڃا ته انجمنِ دل ۾ سوجهرو آهي.
ستاءِ جيڏو ستائي سگهين ٿو پيرِ فلڪ،
سڳر هي ياد رهي سون سان واسطو آهي.
نه مرڪ آهي لبن تي نه لڙڪ اکين ۾،
الائي منهنجي طبيعت کي ڇا ٿيو آهي.
شراب ناهي ته 'مجروح' دل جو خون سهي،
اسان کي گردشِ ساغر سان واسطو آهي.

●

ستم جيڪي دل تي ٿيا دوستو،
اسان کان ته وسري ويا دوستو.

هي واعظ، هي ناصح، هي شيخِ حرم،
سڀيئي هڪجي ٻيا دوستو.
اگر قصرِ سلطان ۾ ڪو ٻت ٻڌو،
اشارا اسان ڏي ٿيا دوستو.
هٿا دشتِ غربت ۾ جي همسفر،
خدا جائي ڪيڏانهن ويا دوستو.
ڏيو ٻل حوادث جي طوفان کي،
اڃا کي ٻرن ٿا ڏيا دوستو.
اسان جي نگاهن سان ٽڪرائجي،
کي ٻيمانا ڇلڪي ٻيا دوستو.
سرِ دار پهچي نه ٻويان ڏسو،
وسيلا وڃڻ جي ويا دوستو.
زمانو سان اکيون ملائي هلو،
زمانا بدلجن ٻيا دوستو.

قطعا

(۱)

گل کان شوخي، کليءَ کان مرڪ ونئي،
هڪڙو رنگين غزل تيار ڪيم.
تنهنجي مخمور اکڙين جو قسم،
تنهنجو لعم البدل تيار ڪيم.

(٢)

تنهنجي غم کي وسارڻ ٿو ٻڌي،
گردشن ڏي نهارڻ ٿو ٻڌي.
زندگي خود بخود نٿي گذري؛
زندگي کي گذارڻ ٿو ٻڌي.

(٣)

زندگي جي ٻيڙن ۾ آهي گم،
عشق جي سرمستين جو قافلو.
هڪ قدم توکان رکو ٻڌتي هٿس؛
اڄ آهو سالن جو آهي فاصلو.

(٤)


کنهن جي حسرت ۾ مرون کنهن جي تمنا ۾ جيون،
کو هجي عشق جو انعام ته رسوا ٻه ٿيون.
اهلِ دل کو ته هجي دادِ وفا جنهن کان ونڻ؛
دار تي رقص کريون، زهر جو پيمانو پيون.

(٥)

کوڙي منزل جا اسين آهيون مسافر پيارو،
نکو رهبر نکو همدم نکو سامانِ سفر.
دورها دور آسمان جو ٿو چمکي تارو؛
پر سڀان هي ٻه هجي ٻنهنجوئي کو داغِ جگر.

(٦)

هرکو فرعون هتي ٻاڻ کي موسيٰ ٿو سڏي،
هرکو جلاد هٿي دم ٿو مسيحائي جو.
هرکو نمرود ٿيو وارثِ گلزار خليل؛
وقت ٻهتو اچي اي زندگي، رسوائي جو.



«تاج» بلوچ

'تاج' بلوچ، هڪ باحوصلہ ۽ جذب انگيز فن جو مالڪ آهي، سندس تخليق ۾ اهي سڀ معيار موجود آهن، جي هڪ بهترين نغزگو شاعر لاءِ لازم چئي سگهجن ٿا. سندس انداز بيان ۾ شوخي، دلبري، بيباڪي، پختگي ۽ برجستگي آهي، جنهن ڪيس وڏي مقام تي پهچايو آهي. سندس ڪلام، هر علمي جريدي ۾ ممتاز جڳهہ حاصل ڪئي آهي. سندس ڪلام جو اڃا تائين ڪوبہ مجموعو شايع نہ ٿيو آهي.

هاڻ مختصر تعارف هن طرح اماڻيو اٿس:

"نالو: تاج محمد، جتوئي بلوچ.

تخلص: 'تاج' بلوچ.

تعليم: بي. اي.

جنم جي تاريخ: ٦، ۴- ۱۹۳۸ع سرڪاري رڪارڊ موجب.

درست: ۲۵- مئي ۱۹۴۰ع.

پيدائش: ڪوٽ سردار محمد مراد خان، هلو، بلوچ، تعلقو ۽ ضلعو سکر سنڌ.

ملازمت: سرڪاري ملازمت جي سلسلي ۾ ڪراچيءَ ۾ سڪونت پذير." 'تاج' فني نقطہ نگاهہ کان جماليات ۽ خمريات جو شاعر آهي. سندس فن ۾ تدبر ۽ جديد خيالات ۽ فن جي آميزش آهي. اردو ادب ۾ 'عدم' جي شاعري خمريات ۽ رنگينيءَ جو اڪر شاهڪار آهي تہ هو، سنڌي ادب ۾ 'تاج' جو فن ان سلسلي ۾ قابل تحسين اضافو چئي سگهجي ٿو. نئين نئين بحرن ۾، سندس دل ۾ چيندڙ شعر عجيب لطف پيدا ڪن ٿا.

سندس چوڻ موجب:

'تاج' پکيڙيا، موتي گوهر! —ادارو

* * *

گيت

آئي مند ملهار

ساون آيو هرکا هرسي،
وڇڙيل ٻرتا سُرکي سُرکي،
ٻهکيو ٻهکيو سڀ سنسار،
ـ آئي مند ملهار.

ڏڪا ڏڪا ٿهک ٿڻي ٻيا،
آهون آهون نغما ڏي ٻيا،
هرسو گيتن جي گولجار،
ـ آئي مند ملهار.

هرکو مکڙو مهکي مهکي،
ڏانگر وانگيان هر دل ٿهکي،
باتيون، لاتيون، ساکيءَ لار،
ـ آئي مند ملهار.

سُرها سُرها غنچا نکڙيا،
تازا ڏي ٻيا دل جا جذبا،
آئي جواني آئي بهار،
ـ آئي مند ملهار.

چنڊني ٻاسي سائي ڏرتي،
سُرکي پيئي دل جي هستي،
ٻنهنجي مستي مور له سار،
ـ آئي مند ملهار.

مکڙيون مکڙيون گل گل ڏي ٻيا،
جن جا چهرا شبنم ڏوتا،
وک وک خوشبوء جو وهنوار،
ـ آئي مند ملهار.

نظم

مداوا

هيترا شعر لکيئي تاج بلوچ!
جن کي شهکار سخن، سمجهين ٿو.

تنهنجي اشعار طرحدار مگر، درد کنهن جي جو مداوا ٻه کيو؟
کوئي بيمار شفاياب ٿيو، ٻوري مزدور کي مزدوري ملي؟
فاقه مستن کي ملي ساني گيو، کائي عريان جواني ٻه ڏکي؟
کنهن ٻه نوٽ-هاڻ جي رهواسيءَ کي، کو رهڻ لاءِ سليو آهه آجهو؟
رات کاري ۾ جي هلجن ٿا گناه، چوڻ پلا تن کي ٻُنجو آيو کو؟
چئو، چڏيو آهه ويڻ تنهنجي سماج! کنهن جوان سال تمنا جو گلو.
ڏاڍ جي هاڻ ۾ ٻڙچي ٻه لڳي، خون جي هاه تي پائي ٻه ٻيو؟
هيترا شعر لکيئي دوست مگر! درد کنهن جي جو مداوا ٻه ٿيا؟

آزاد نظم

ارادو

جنهن مسيحا جون تکيندي راهون، خوش ڏسي مون کي هو موڻي نه وجي،
زخم دل جا جي چُڻي ويا آهن، هي ٻه آهي جو وري کين وري،
تن کي سوچيان ٿو آبڙي چڏيان، کنهن ٻه کنهن ريت اهي زخم چڻي ٿي ٻوندا.
هاڻ کي وقف مصيبت کريان، هو مسيحا کڻي موڻي نه وجي،
پنهنجي اظهار عقيدت خاطر، زخم دل جا جي چڻي ويا آهن،
هڪ دفعو خوب وري سان تڙپان، تن کي سوچيان ٿو آبڙي چڏيان.
چو ته ورهين کان وريو هُو آهي،

غزل

●

تاج تو کي سدائين ياد کري،
تنهنجي رسوائي کان ٿو ڏهل ڏري.

طعن زن آهه خانه ويراني، آءُ هيکر پرين کي ٻير پري.
تنهنجو هي درد پي عنايت آ، کير اهڙو پلا ٿو قرب کري.
توکي کنهن سان ٻ ناهه کا نسبت، پل ته کوئي هزار ٻار مري.

تنهنجي فرقت ۾ ايئن جياپو آ، تيز طوفان ۾ جيئن چراغ ٻري.
وقتِ غربت، عجيب دور آهي، ڏي وڃن ڏا عزيز و يار ٻري.

●

تنهائي ۽ رنگين منظر،
دل ۾ چين ڏا غم جا نشتر،

ڪنهن جي مست نظر جو جادو، ڪيئي ڏسان ٿو ڪهر ڪان ٻي ڪهر.
رسوائي ۽ ديوانائي، عشق جو منصب، حسن جو مظهر.
ڪهنڊڙي ڪاڪل، ڪنڊڙي اکيون، سڀ ڪان سُهڻو منهنجو دلبر.
تنهنجي ڏي بدنامي ساري، ورلي ڏسين هيت برها محشر.
هانءُ ڳرو ٿيو، نيٺ ٻرن ڏا، ڪائي آهين مُنهنجا ميهر.
اهلِ سخن، هيئن فرمائن ڏا: "تاج ڪيڙيا موتي گوهر."

●

جوت جلي پروانا جاڳيا،
ناز پرها نذرانا جاڳيا.

جيندڙي منهنجي زهر ڏي ٻيئي، ماضيءَ جا افسانا جاڳيا.
خوشين جي خاموش آ ٻستي، دردن جا ويرانا جاڳيا.
ٻرڻا ٻرڻا ڏيون زنجيرون، رُت بدلي ديوانا جاڳيا.
ياد ڪري مخمور نگاهون، ڪَر موڙي ٻيمالا جاڳيا.
ڪرن ڪارونيار ڪي ڏسندي، مستيءَ جا ميخانا جاڳيا.
'تاج' ڪري وٻو ايڏا سجدا، بت جاڳيا بتخانا جاڳيا.

قطعا

تخليق

ڪيئن ليکان چنڊ ستارن جون ڪهاڻيون،
ڪيئن ليکان مَست بهارن جون ڪهاڻيون.
اڄ جو انسان ڪهي لاءِ ڏو تڙهي ڦٽڪي؛
ڪيئن ليکان، ڪيئن نظارن جون ڪهاڻيون.

عيش

شدّتِ درد کان تڙهان ٿو ٻيو شام و سحر،
ياد ڪنهن جي ۾ اکين مان ٻيو ارتو اوتيان.
شڪل رهي عشق سندءِ ٻيڙي سڏائين سائي؛
ٽُنهنجي صدقي ۾ جوانيءَ جا مزا ٿو ماڻيان.

خوشطبع

ٽهڪ ڏيئي ٿو ڪلان، سپ ڪي ڪيلايان ويڙو،
ميڙ محفل جو، ۽ خوشطبع ٻيو ٿو سڏجان.
دل ۾ جو درد جو آڙاهه ٻري ٿو ٻارو؛
تنهن جو احوال ٻڌايو تہ ٻلا ڪنهن کي ڏيان.





غلام احمد "بيدم"

بيدم صاحب پنهنجي سوانحعمري هر لکي ٿو:

نالو: غلام احمد پٽ امام ڏنو ذات خواجو تخلص 'بيدم'.

ڳوٺ: تلهار تعلقو بدين.

ولادت: سال ۱۹۲۳ع جي وچ ڌاري ڄائس.

۱۹۲۹ع هر سنڌي اسکول تلهار هر پڙهڻ ويٺس. جتان ۱۹۳۷ع هر سنڌي ورنيڪيولر ٽائينل امتحان پاس کيو. جيئن ته فائينل جي نصاب هر علم عروض جا کي سبق جهڙوڪ: بحر، وزن ۽ تقطيع رکيل هنا، انهيءَ کري آن ئي سال شعر چوڻ شروع کيو.

۱۹۳۸ع هر تپيداري جي چونڊ هر چونڊيس، ۽ ميڊيکل سرٽيفکيٽ هر عمر ڏنڊي ڏي ڏيئي. خير، ان هر به کا پلائي هٿي. ان وقت حيدرآباد ضلعي جي اسکولن جو ائڊمنسٽريٽو آفيسر جناب فتح محمد صاحب قريشي، بابا مرحوم جو دوست هو. ان جي زور ڀرڻ تي پنهنجي ڏنڊي ڀاءُ قلب علي ۽ سان گڏجي ۱۹۳۸ع هر ڏنڊي باگي جي مير غلام محمد هاءِ اسکول ۽ مدرسي هر داخلا ورتي انگريزي پڙهڻ ويٺس. جتان به ۱۹۴۵ع هر مئٽرڪ پاس کيو. ڏنڊي باگي ۾ رهڻ کري مرحوم محمد صديق 'مسافر' کان شعر و شاعريءَ هر اصلاح ورڏو رهيس. پنهنجو پهريون شعر هڪ مسدس بعنوان "هاريءَ جي زندگي" ڏنڊي باگي مان نڪرندڙ هفتيوار اخبار "ڳوٺ سڌار" جي ۵- جنوري ۱۹۴۰ع واري پرچي هر شايع ٿيو. اهو ساڳيو شعر هفتيوار "چوڏس" ڪراچيءَ هر به ڇپيو هو.

"هاريءَ جي زندگي" واري مسدس ڇپجڻ تي پنهنجا استاد ڏاڍو خوش ٿيا ۽ مون کي نئين لکڻ لڳا. ان کان پوءِ رسالي "سندوءَ" کي هر مهيني هڪ نظم موڪلڻ لڳس. انهن ڏينهن هر سنڌي ادب لاءِ "مرکزي صلاحکار بورڊ" ڪراچي ۾ "مهراڻ" ۽ "جمعيت الشعراء سنڌ"

لاڙڪاڻي ياران "اديب سنڌ" رسالا ڪڍڻ شروع ڪيا هئا. آڳ پنهنجا شعر انهن پنهي رسالن ڪي موڪليندو هئس. 'مهراڻ' جو ان وقت ايڊيٽر مسٽر لالچند امرڏنومل هو.

ان طرح مولانا سيتائي صاحب "الوحيد جو هفتيوار ادبي پرچو" ڪيڏ شروع ڪيو، ۽ ڪجهه وقت پوءِ حيدرآباد مان "هلال پاڪستان" وارن ماهوار ادبي ايڊيشن ڪيڏ شروع ڪيو. منهنجا شعر ۽ مضمون پنهي ۾ شايع ٿيندا هئا.

ان طرح 'ملا مخزن' ۽ 'تعليم اخبار' ۾ ۽ سالن تائين منهنجو ڪلام شايع ٿيندو رهيو. ڪهڙحال ۱۹۴۰ع کان ۱۹۴۷ع تائين ڪافي شعر لکيم. جنهن ۾ غزل، قصيدو، مناقب، مسدس، مخمس، نظم، قطعو، رباعي ۽ مثنوي سڀ اچي وڃن ٿا. ڪجهه اردو شعر سنڌيءَ ۾ ترجمو به ڪيو اٿم. جو به اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل آهي."

نظم

تون ۽ مان

توکي خدا آهي اعليٰ بنايو،
مون کي خدا آهي ادنيٰ بنايو.
رحمت سان توکي دولت عطا ٿي،
حڪمت سان مون کي غربت عطا ٿي.
ليکن نه سمجهيو تو راز ان جو،
ڏس هڻ جي قدرت اک کول دل جي،
انسان تون پئي انسان مان پئي.

هاريءَ جي زندگي

اڄ حال هاريءَ جي تي چند لڙڪ ٿو وهايان،
پنهنجي جگر جو درد ۽ ڪجهه سوز ٿو ٻڌايان.
تصوير غمزده جي ساري ٿو اڄ ٻڌايان،
هاري غريب جو هت سڀ حال ٿو سڻايان.
جنهن جي ڳهر تي چرخو دنيا سندو هلي ٿو،
تنهن جي ڏسو ته گهر جو ڪير ڪير ڪيئن چلي ٿو.
صدري ويل بدن تي، ڪوڏر ڪلهي تي آهي،
ڪوڏر هٿي پنيءَ ۾ بنڙا پيو جو ٽاهي.

ڏي بيت ٻيو مزي سان ۽ ٻيو ٻگهر وهائي،
کهڙو نه هو ٻنيءَ کي دلچسپ ٻيو بنائي.
مالي ٻڌس جا آندي کاڙهي تتيءَ جو گهر کان،
کائي ٻيو لسيءَ سان يا مرچ ۽ ٻصر سان.

ٻتو ڪونهي

دل آزاري هتي دستور چو آهي؟ ٻتو ڪونهي.
محبت کان هر انسان دور چو آهي؟ ٻتو ڪونهي.
زبانن تي حديثون ۽ جبين تي اهن محرابون،
دلين ۾ خبث جو ناسور چو آهي؟ ٻتو ڪونهي.
ضرورتمند بي تهذيب، بيشڪ بيوقوف آهن،
مگر ڪرسي نشين مغرور چو آهي؟ ٻتو ڪونهي.

سنڌي عورت

ڪٽن ٿا سُنهن فرشتا پي سنڌ عصمت شرافت جو،
۽ ڪن سجدو سنڌ هوتيءَ تي اهڙي ٻارسا آهين.
سنڌ چا سادگي، قربان جنهن تان زيب و زينت سڀ،
شرافت جو لموالو، پيڪرِ صدق و صفا آهين.
هي بحرِ زندگي، ڪڙڪا ڪُٽن جا ۽ بلائون جت،
آتي ٻيڙي ٻڌي جيڪا، آنهيءَ جي ناخدا آهين.

غزل

محفل ۾ خمارن مست ڪيو آ تنهنجو تصور آيو تري،
ماضيءَ جو زمانو ياد ٻيڙ مان لُڇندو رهيس هو ٽيڙندي رهيا.

جي وڇڙي وڃا سي ڪيئن نه رئن؟ ٻيدرد دلين کي ڪهڙي خبر؟
چشمن مان وَهائي لهر گرم، مان رئندو رهيس هو ڪيلندي رهيا.
تون مون کان جدا مان توکان الڳ، ڪشتيءَ کان ڪنارو دور ٿيو،
ڪيڏو نه ڪري وٺين مون تي ستم، مان رڙندو رهيس هو ڏسندي رهيا.



"استاد" بخاري

سيد احمد شاھ 'استاد' بخاري ولد سيد حاجن شاھ، ١٦- جنوري ١٩٣٠ع تي ڳوٺ غلام چانڊيو، ضلعي دادو ۾ ڄائو. سندس وڏا آڇ شريف سان هجرت ڪري سنڌ ۾ سڪونت پذير ٿيا هئا. ١٩٤٤ع ۾ سنڌي فائنل امتحان پاس ڪري ١٩٤٧ع ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. ٥١-١٩٥٠ع ۾، مٺياڻي ٽيچرس ٽريننگ اسڪول ۾ تربيت دوران ڪيس علمي، ادبي ۽ تعليمي سرگرمين ۾ زور شور سان ڀرپور ونڊ جو موقعو مليو. ٦٣-٦٢-١٩٦١ع ۾ مٽرڪ، انٽر ۽ بي. اي. ڪري ورتائين، ان سان گڏ اديب سندي، اديب عالم ۽ ادب فاضل جا امتحان به پاس ڪيائين. ٦٥-١٩٦٤ع ۾ سنڌ يونيورسٽيء مان سنڌي ادب ۾ ايم. اي. ٿيو. ١٩٦٧ع ۾ لاڙڪاڻي ڪاليج ۾ سنڌي ليڪچرار مقرر ٿيو. هن وقت گورنمينٽ ڪاليج سانگهڙ ۾ ليڪچرار آهي. "استاد" بخاري، پنهنجي همعصر شاعرن ۾ ٿوري ئي عرصي ۾ وڏو مقام پيدا ڪيو آهي. مختلف اصناف تي، نهايت پختگيء ۽ استادانہ انداز ۾ طبع آزمائي ڪري، استادن کان داد حاصل ڪري چڪو آهي. پنهنجيون چيل ڪافيون، ٻاڻ جھونگارينڊو ب. آهي. سندس باقاعده شاعري، ١٩٥٠ع ۾، دادو ۾، انجمن آفتاب ادب جي مشاعرن ۾ شرڪت سان ٿي. انجمن آفتاب ادب، 'بزم طالب المولا' ۽ 'سنڌي ادبي سنگت' ۾ حصي ونڊ جا موقعا ملندا رهيا آهن.

مولانا گرامي صاحب 'مهراڻ'، وسيلي سندس اصلاح ۽ تربيت ۽ ڪلام جي اشاعت ۾ ڪافي حوصلہ افزائي ڪئي آهي، 'استاد' جو 'فن' سندس خيالات ۽ جذبات جي منتشر دنيا کي سميٽڻ ۽ سموهڻ جو هڪ عمدو ذريعو آهي. 'استاد' جي شاعريء ۾، هڪ عجيب انفراديت اها آهي

سندس خيال رنگين ۽ اصلاحي آهن. ڪلام تمام گھٹو چيو اٿس، ۽ ان جا ڪو مجموعو شايع نہ ڪيو اٿس. اميد آهي، تہ مطالعہ ۽ رياض کي جاري رکندو ۽ شاعريءَ کي، شاعريءَ جي فن موجب، تکميل تي پھچائيندو. اھائي اميد آهي. — ادارو.

بيت

(۱)

چانڊوڪي، چاهت، آهن راحت روح جي،
اولاداهي، آفت، پئي پُوست هانوَ تي.

(۲)

تانڊاڻو تي آڇ، اچين جي ميدان ۾،
شعلو هاري شوق جو، ٻروانو ٿي ٻچ،
من ۾ هارج مچ، يا مچن تي مستان ٿي.

(۳)

سُوري چاڙهي سَڄ، هاڻي ٿو هٽڙا هڻين،
ڪوئي متان ڪَڇ، ٻيٽو ٿوڪي آگريون.

(۴)

گڏ ٿيوڙي غمگين، غمخواري ٻنهنجي ڪريون،
خوشيون جن وٽ ڪوڙ، سي ڪنهن کي ڏيندا ڪين،
ڪمزورن کي قربڙو، ڏايا ڏين نہ ڏين،
ٻنهنجا پور آهين، ٻين جي ٻھڪ ڪان ٻڌا.

(۵)

ڏاڳهن وانگر ڏاڍ، سستي ۾ پيڇ پيڇ ڪرين.
واکا ٿيندا واڍ، ونگيندو سانءَ وار سان.

(۶)

پيڪين تي پيڪيون، ڏين ٿو ڏاڳها ڏاڍ تون،
ڪيڙي هر هر ڪاڪڙو، ڏيڇارين ٿو سون،
هٿندو سانءَ حق جون، هيکر هڏ ترين،
نيون ناڪاميون، آڻيندس انصاف جون.

(۷)

ڏکڻي آهي ڏاڍ ڪي، ڪائل آهن ڪوڙ،
ڪنبڻي آهي تيڊ ڪي، تيڊي تيڊ ڪروڙ،
محبت لوهہ- مروڙ، ڪانهي ڪا پَر ملک ۾.

(۸)

هوڏي ڪيڪو ڪنڊ، هيڏي سُڏڪا سنکيو،
هوڏي هلڪيون زندگيون، هيڏي جنسي جنڊ،
هوڏي برڪت بخششون، هيڏي ڏهہ ڏهہ ڏنڊ،
هوڏي سُرڪڻ منڊ، هيڏي سسڪڻ سوريون.

(۹۰)

هوڏي باغ بهار، هيڏي اجڙيل آشيان،
هوڏي ٿهڪن تاريون، هيڏي ڏهڪن ڏار،
هوڏي راڳ رباب تي، هيڏي ٻيڙ ٻُڪار،
هوڏي سُرهي سيج ۽ هيڏي ڪنڊ- ڪنڊار،
هوڏي ڪيپ خمار، هيڏي اکيون آگ ۾.

(۱۰)

نيند ڪندي نابود ٽيون، جاڳون تا جهلجون،
هٽندي رهندو هيسجون، وڌندي ٿا ويڇون،
چيڙجون تا چُپ ڪئي، ڪُڇندي تا ڪُسجون،
اڙجو تا اڙجون، هين ڪاريءَ ڪاڏي ڪاڪ ۾.

(۱۱)

ڏُکيا ڏوهيڙا، ڏيندي ڏيندي ڏينهن ٽيو،
مارن ٿا ماحول جا، ڪارا ڪوهيڙا،
ٻهر- سَوا ٻيڙا، ٻو سُک جو ٽيندو سوجهرو.

(۱۲)

ڪر ڪارونيار تي، آيا اوسيڙا،
وسندو آ جيئن وڏ قڙو، تيئن ٻلني ٻيڙا،
'استاد' اوچيڙا، اڄ نہ ٿيا، ٽيندا سُيان.

(۱۳)

ڪيهُن تي آهن ڪُنجون، رِيهُن تي آ روڪ،
سُرڪن تي ميڙا سان، ٿهڪڻ متان ٽوڪ،
آڏو نيزي نوڪَ، ٻويان ٻالا ٻڙڇيون.

(۱۴)

بيتن کي آ ٽيڪ، سالن کان ڪنهن سمجهہ جي،
ڪوڪو قدر ڪرين ٿو، کانہ ٻري تن ڪُک،
جنهن کي ٽُڻي ڪا جُڪ، سو سانديءَ تن کي ساهہ ۾.

دوها

شُڪر، ملیسین روھ - رُلي ۽ توڙ - تتي تقدير،
ساڻ ٿیسین، سوچ ۾ري ۽ ٻڙھ، ھڪي تدبير.

غم نہ ھجي ھا، ڪير ٿئي ھا، غمخوار ۽ غمتار،
جي نہ جاون ھا، ڪنھن کي ڇڻون ھا، دلدار ۽ منڌار.
بانس ڪري ٿو ٻئل ٻاڻي، دنيا آ دريا،
ڇوليون ڏيندا ايندا رھندا، فڪر لوان تازا.
ناصح تنھنجا نڪتا، گفتا، جڏ ھيرا آھن،
جن کي ڪائڻ لاء ڪجھ ڪينھي، ڏين ڏري ڪائين.
بازارن ۾ سيڪو سورھيہ، تلوارن ۾ ڪو،
توڙي آبتو، توڙي سُجتو، دودو آ دودو.
ماضيء جي ڏيئي کي ڏسجي ھينان آ اونداھ،
مستقبل جي ٻجلي ۾ آ ائنئر جو آڙاھ.
ڪو ڊوڙي پيو، ڪو ٽڪي ٻيو، ڪو ٻيٺو سھڪي،
وڻڙي وا ناڻي جا لاڻڪ ڪو ويٺو ٿھڪي.
جسم ۽ روح جي جھنجھٽ ۾ آ ساھ سجو سوکھو،
ھيڏھن دنيا، ھوڏھن عقبيٰ، ڪونھي ڪو لوکھو.
ڪنھن ٻہ طريقي، ڪنھن ٻہ سليقي، انسان ٿئي انسان،
پنھنجو ھي اسلام ٿي آھي، پنھنجو ھي ايمان.

وائي

لڙ لڙي پيا ھين،
لڙ لڙي پيا ھين.

شاعرا! سوچ، تصوّر، سپنا، - راتِ لڙي ھوندي!
لڙ لڙي پيا ھين.

ڪنھن تہ شڪاريء ڪا تہ ٻُڪاري، - ڪونج ڪڙي ھولدي!
لڙ لڙي پيا ھين.

ڪنھن ڪوئيء ۾ ڪنھن جھُوپي جي، - سامَ سڙي ھوندي!
لڙ لڙي پيا ھين.

ڪنهن ساهيءَ جي ساهن هوندي، - راهَ رڙي هوندي!
لڙڪ لڙي پيا هين.
ڪنهن جي در تي دانا دانا، - ڏرَ ڏڙي هوندي!
لڙڪ لڙي پيا هين.
ڪنهن هيٺي جي ڪنهن ڏاڍي ٻر، - آس اڙي هوندي!
لڙڪ لڙي پيا هين.
ڪنهن جي محنت، ڪنهن جي محبت، - ڏوهه ڏڙي هوندي!
لڙڪ لڙي پيا هين.
ڪنهن ڪاموں جي ڀيالي ٻر ٻڌي، - زهر ڳڙي هوندي!
لڙڪ لڙي پيا هين.
ڪنهن چاري تي چُونگاريندي، - چاهه چڙي هوندي!
لڙڪ لڙي پيا هين.
ڪهڙي جاڻ ته ڪنهن گهايل لئي، - موت گهڙي هوندي!
لڙڪ لڙي پيا هين.
ڪنهن ديسيءَ جي پرديسيءَ سان، - جان جڙي هوندي!
لڙڪ لڙي پيا هين.
ڪنهن جي قسمت 'استاد' اهڙي، - توڙ- تڙي هوندي!
لڙڪ لڙي پيا هين.

ڪافي

*

تنهنجي ديد هُجي، مون لئه عيد هُجي،
اهڙي منهنجي ڪٽي، تقدير مٽا.
تنهنجي واڳ وري، منهنجو پاڳ وري،
اهڙي ڪير ڪري، تدبير مٽا.

ٽوسان جيڪو ڪيم، واپار صنم،
تنهنجي سير جو قسم، تنهن ٻر خوب ڪيم.
پنهنجو ساهه ڏيم، توکان ساءُ سليم،
مون کي جڙ نه ميلي، جاگير مٽا.

ماڻهو مينهءَ جو پتلو ٻر، ڪا ڪا خوشبو واري خاڪ.
شفق جهڙا ٻيڻندا جام، صبح ۽ سانجهيءَ جا هيراڪ.
چو ٿو روئين بادل يار! بجلي تو وٽ آ بيباڪ.
منهنجي جڏهن کي تہ نہ چوڻ، جاڳين جي چينا چيڙاڪ!
غاصب ٿيندا رهندا غرق، ٿر جا وسندا ساڳيا ٿاڪ.
شعلو آهي شاعر، شعر، باقي 'استاد' آهي ساڪ.

●

ڪير ٻڌي پنهنجا پيغام!
ڪير ٻڌي امرت جا جام!

ڪير ڪري هڪ سوري پاس، ڪير وڻي سڀ جڳ انعام!
ڪير ڪري مون سان پرواز! ڪير چني وهمن جا دام!
ڪير ٻڌيندو زنده نام! موت هٿان ٿو توسان هام!
عشق ڪڏهن ورٿوئي ناهي، حسن ڪري ويندو انجام.
وقت جي هار کي چا ماپيندا، ٿوبها ٻڌجي صبح ۽ شام.
ڪوڙ دلاور ٿي ويا ڏوڻ، ڏوم، ڏمان-ڏر ساڳي ڏام!
دور بشر جي منزل آهي، چند اڃا آ پهرين گام.
فڪر، تخيّل: عرش عظيم، شعر ٿيون 'استاد' الهام.

قطعا

(۱)

پُون تپي پڙڪا ڏئي، ڪوشڪون بيزار ٿين،
آسمان ڏي ٿو ڏسان. قسمتن ڏي ٿو ڏسان.
آسمان ڏڪا ڏئي؛ قسمتون بيڪار ٿين؛
ٿو وري ڏرتي تکيان. ٿو وري ڪوشش ڪريان.

(۲)

(۳)

آدمي ڏک ٿا ڏين، رات آئي قبر ٿي،
ٿو فرشتن ڏي ڏسان. ڏينهن ڏي نظرون کڻان.
بس فرشتا چپ رهن؛ ڏينهن ايو حشر ٿي؛
ٿو وري انسان ٻڌيان. يا الاهي، الامان!

(۴)

(٥)

جيڏل جي اونداه کي،
ڏينهن ٿي ڏسڻو هيو.
ظلم جي آڙاهه کي؛
مينهن ٿي ميلڻو هيو.

(٦)


زهر ٿي وئي زندگي،
نيڪ آ ترياق ٿيو!
بس جي وئي دنيا ڪري؛
صاحبِ اخلاق ٿيو!

(٧)

روشني جي واسطي،
راه تي هڪي هرو!
زندگيءَ جي واسطي؛
دار تي ٽهڪي مرو!

(٨)

جي ستمگر، آسمان،
عزم پنهنجو عرش آهه.
جي شفيق ۽ مهربان؛
ديد پنهنجي فرش آهه.





"انور" هالائي

محمد شفيع ولد احمد خان ابڙو، المعروف 'انور' هالائي، تاريخ ١١- ڊسمبر ١٩٢٥ع تي هالا ضلعي حيدرآباد ۾ تولد ٿيو. پنهنجي ڳهراڻي جي علمي، ادبي ماحول سبب نندڙ کان ئي منجهس سخن ۽ ادب جو شوق هوندو هو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو همعصر شاعر، ميون عيسو هالائي، 'انور' هالائي جو جد امجد هو. ١٤ ورهين جي عمر ۾ ڪ-ڦ-ڪو شعر چوڻ لڳو. ان وقت هالا ۾ انجمن علم و ادب طرفان ادبي سرگرمين جي ڪري، 'انور' جي ذوق ۾ اضافو ٿيندو رهيو. لاڙڪاڻي مان نڪرندڙ ماهوار رسالي "ادب سنڌ" جي مطالعه ۽ ڪيس ڳهڻي قدر مدد ڏني، ۽ رسالي جي طرحي مشاعرن ۾ مڪمل طور حصو ونڊندو رهيو. سندس پهريون نظم بعنوان "شاعر" فيبروري ١٩٤١ع ۾، رسالي "ادب سنڌ" ۾ شايع ٿيو. سال ١٩٤٥ع کان 'انجمن علم و ادب' جو سيڪريٽري مقرر ٿيو، ۽ انجمن جي زير اهتمام، هڪ "آل سنڌ ادبي ڪانفرنس" ١٩٤٦ع ۾ هالا ۾ منعقد ڪرائڻ ۾، حضرت 'طالب المولىٰ' جي سرپرستيءَ ۾، 'انور' هالائي وڏو حصو ورتو. هالا جي تاريخ ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس ڪونائڻ جو اهو پهريون مثال ٿيو. هالا جي ٻختاور نام ۽ استادالشعراء مرحوم 'اختر' هالائيءَ جي شاگرديءَ ۾ سندس شاعراڻو رنگ نمايان ٿيڻ لڳو. 'انور' هالائي جي ڪوشش سان، حضرت طالب المولىٰ جي سرپرستي هيٺ هالا مان ماهنامه "فردوس" رسالو نومبر ١٩٥٠ع کان جاري ٿيو. "فردوس" دوران، سنڌ جي اڇوتن مشهور شاعرن جو تعارف ڪرايو ويو هو.

١٩٥٣ع ۾ 'انور' هالائي جو هڪ سماجي ناول "آواره"، فيروز پبليڪيشنس هالا طرفان شايع ٿيو، جنهن جي مقبوليت جو اندازو ان مان ئي لڳائي سگهجي ٿو، جو هڪ سال کان ٻه ڪهت عرصي اندر اهو ناول ختم ٿي ويو، ۽ اڄ ڪ- "آواره" نادر ترين ڪتابن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. ١٩٥٠ع کان ١٩٦٠ع وارو دور 'انور' هالائيءَ جي غزليات واري شاعريءَ

جو هو، جنهن ۾ مختلف صنفن تحت غزل ۾ نوان نوان تجربا ڪيائين ۽ ساڳئي وقت چڱا موچارا انسانا ۽ ادبي مضامين ٻڌ لکڻ لڳو. سال ۱۹۵۴ع کان 'انور' هالائي، رفيق ويلفيئر انسوسئيشن، جو ميمبر ٿيو. سال ۱۹۶۰ع ۾ پروفيسر محبوب علي چنا، پرنسپال سروري اسلامي ڪاليج هالا، ڪيس 'انجمن فروغ ادب' جو معاون ڪري ڪنيو. سڀين انجمن نون ڏهنن تي مشتمل آهي جا اڄ هالا جي ادبي جماعتن ۾ نهايت سڀي ۽ سرگرم جماعت آهي. ۱۹۶۴ع کان انور هالائي بي رٽا مطابق، هڪ نئين اداره "الخالق ادبي اداره" جو بنياد ٻيو جو اڄ تائين قائم آهي.

انور هالائي، طالب‌المولي اورينٽل ڪاليج هالا ۾ سال ۶۶-۱۹۶۵ع ۾ ليڪچرار ٿڻ رهي چڪو آهي. سندس شاعراڻ فڪر ۾ قديم ۽ جديد نظريات جو امتزاج آهي. هن جي راء آهي ته ترقي ڏانهن قدم وڌائڻ لاء مشڪلاتن جا پهاڙ فتح ڪرڻ ضروري آهن. "سنياسي ادبي سنگت هالا" سان سندس تعاون سال ۱۹۶۳ع کان اڄ تائين رهندو اچي ٿو. تازو سال ۱۹۶۸ع ۾ محترم سوز ابڙي جي تعاون سان هڪ تنقيدي ڪتاب "هرچن شال ٻهنوار" لکيو اٿس جو لطيفي ادب جي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هالا شهر خواه آسپاس جي ڪيترن ئي سڄن سڄن شاعرن وقتاً فوقتاً ڪاڦي اصلاح ورتي آهي. هو روزاني 'لواء سنڌ' جي ادبي صفحي جو انچارج رهي چڪو آهي. هن وقت "عزيز نيوز ايجنسي ۽ بوڪ سيلر هالا" جو مالڪ آهي.

سندس ڪيترائي اشعار ۽ مضامين سنڌ جي مشهور رسالن سماهي مهراڻ، نئين زندگي، روح رهاڻ ۽ بادل کان سواء روزاني عبرت، لواء سنڌ ۽ مهراڻ ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. سندس ڪيترائي نظم ۽ افسانا، حيدرآباد جي اردو رسالي "نئين قدرين" ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن.

ـــ غلام هالائي

غزل

●

اي زاهدِ شب خيز تون ميخوار ٿيڻ ڏي،
ساقيءَ جي هڪ ئي سرڪ سان سرشار ٿيڻ ڏي.

بي رلج و مشقت لـ ملي گنج مسرّت،
اي سوزِ درون غم جو خريدار ٿيڻ ڏي.

جنهن عشق جي تلوار سان غيرن جو ٿئي قتل،
اي قوّتِ تقدير سا تلوار ٿيڻ ڏي.

قاصد چا ٻجا آڻي سگهي تنهنجي ادب کي،
اي عشق تون خود قوّتِ گفتار ٿيڻ ڏي.

اي بختِ زبون تنهنجي عداوت جيي نـ هروا،
من! يار جي دربار ۾ ٻيسار ٿيڻ ڏي.

اندازِ تصوّر ۾ اٿم يار جو انجام،
ظلمت ڪدهِ دل کي پُر 'انوار' ٿيڻ ڏي.

هاءِ حياتي! درد جي بجلي غم جا بادل ڏک جا ٻاڇا،
تن من جي مون بازي لڳائي، آشا وڇڙي آئي نراشا.
گلشن گلشن صحرا صحرا پتڪي پتڪي چين نه ٻاتم،
وڇڙيل ان جڻ واءَ ۾ وتجي، نيٺ ٽئي ٿو خاڪ جا ذرڙا.
پيار اجايو ساهه سڪائي، لوساتي ٿو جسم جوالي،
ڪتڪي ڪٽڪي سور سهايم اف نه چيم جئن دکڙا آيا.
ولٽ جي گل جان ٻاڻ وڃائي پيار جو نالو روشن ڪريان،
ڪيئن ٻلڻ ٻئي آس اندر جي نيٺ ڪٿي ٻيا دل جا ڏاڪا.
دشمن بنجي پنهنجا آيا جوت جي اکڻي آهه اجهائي،
مون لئه آهي رات انڌاري کٽ ڏا چمڪن چند ستارا.
تنهنجي خاطر 'انور' آخر پوچاري آ تنهنجو ٻٽيو،
ماڻ ڪرين، چو ڪين ڪچين ٿو ڪا ته سخا ڪر دل جا داتا.

قطعا

(۱)

هي مقتلگاه هي گردن اوهان جي لطف جا طالب،
پياسو دستِ جانان خنجر قاتل اداس آهي.
سخيءَ جي ٻيرخي اڄ انتها درجي تي پهتي آ؛
درِ داتا تي هي منت ڪش سائل اداس آهي.

(۲)

خودي هي منهنجي نه منصور جئن ٿي مات سگهي،
متائي ٻاڻ کي دارو رسن سان پيار ڪيم.
ڪمال منهنجي وفا جو ته ڏس خدا جو قسم؛
جفا شعار جي آهن، انهن سان پيار ڪيم.

(۳)

سڪون مون کي ملي ها جي نه بتخاني جي پوجا ۾،
خدا سمجهي بتِ بي پير کي ڪئن سر جهڪايان ها.
گريبان جون ڏسي ايڙون چو آبو رحم اڄ توکي؛
اجا ديوانگي پنهنجي ڇڏين ها آزمايان ها.

(۴)

مون بتخاني ۾ جنهن دم پير پاتو اي بت ڪافر،
سندم ايمان ان دم ئي ويو ايمان سان لڏجي.
خزان جو خوف ڪريان سان پيلا ڪڍو بهار دل؛
بهارن ۾ ئي منهنجو آ جڏهن ويو آشيان لڏجي.

(۵)

ڪين ڏي ڏڪا جدائيءَ جا محبت ۾ صنم،
پيار ۾ هي دل اڇا آ اوگرفتارن منجهان.
زندگي شام و سحر جي فڪر ۾ گذري پئي؛
پر نه مون اميد لائي زلف و رخسارن منجهان.

(۶)

صبر جي چهري تي غيرت جو جلال،
ڪير آهي جو ڪُڇي ڪافر ٿئي.
موت سستو زندگي مهنگي ڏسي؛
بخت ڪنهن جو هٿن ۾ شل بدتر ٿئي.

(۷)


صبح جي ڳاڙهي ڪر جو توکي سڏن،
منهنجي اوجاڳيل اکين ۾ تون نهار.
صبر جي ٽي ماندگي ڪائڻ اچي؛
قلب جي بيچارگي ۾ اضطرار.

(۸)

تڏهن دشمن ۽ ڪليا اڄ، ۽ پنهنجن ٻڌ هنيا طعنا،
جڏهن ديدار لئه دل کي تماشائي ڪري ويٺس.
مون ٻُڌو ڪي خدا سمجهي رکيو سر پنهنجو سجدي ۾؛
اجايو غير اڳيان پنهنجي گهٽتائي ڪري ويٺس.

(۹)

همت وڃائي پنهنجي نه بدنام ڪر وفا،
هل بيقرار جاده منزل قريب آ.
ڪوشش ڪيان ٿو ڪيڏي مگر ڪامياب ناهي؛
مشڪل اهو ته آهه جو مشڪل قريب آهه.



«نديم» انصاري

نديم انصاري، پنهنجي خود نوشت سوانح هن طرح بيان ڪئي آهي.

نالو: ولي محمد، والد صاحب جو اسم شريف محمد بچل انصاري.

ساڪن: ڳوٺ موري، ضلعو خيرپور.

ولادت: اسڪول جي رڪارڊ موجب ٨- ڊسمبر ١٩٢٧ع. ڪلام مجيد جي تعليم پنهنجي والده محترمہ کان حاصل ڪيم. ان بعد ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ ولي صفت ۽ فرشتہ سيرت استاد مرحوم شمس الدين مهر جي زيرسايہ ابتدائي پرائمري تعليم حاصل ڪيم. ان کان پوء ١٩٣٩ع ۾ لاز هاء اسڪول ۾ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاء خيرپور ويس. والد صاحب جي وفات جي سبب تعليم اڌ ۾ ڇڏي گهرو ذميواريون سنياليم. ٻارهن سال زماني جي گردش جي ڇڪي۽ ۾ پيسو رهيس ۽ مزوري۽ جي ذريعي پنهنجي ۽ عيال جي ضروريات زندگي۽ لاء پيچ-ڊڪ ڪندو رهيس. ١٩٥٤ع کان وري نئين سر تعليمي مشغلو جاري ڪيم. هن وقت بفضله تعالي ايم. اي. ۽ ايم. ايڊ. تائين تعليم حاصل ڪئي اٿم ۽ هاء اسڪول هريالو۽ ۾ معلمي جون خدمتون انجام ڏيئي رهيو آهيان.

شاعري۽ جو شوق مون کي گويا ورثي ۾ مليل آهي. منهنجو والد محترم هڪ هرگو ڪافي گو شاعر هو، ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ ۽ واحد بخش بہ هڪ سٹو شاعر هو. تنهنڪري مون کي بہ سن شعور کان شعر پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو شوق هوندو هو. منهنجي باقاعدي شاعري حضرت سليم ڀاڙهوي جي نظر عنايت ۽ پرائمر مجلسن ۽ مشورن جو نتيجو آهي ۽ انهي۽ کان ٿي اصلاح وٺندي موجوده ڪچي-پڪي شعر لکڻ جو استعداد حاصل ڪيو اٿم، انهي۽ جي زير نظر ۽ سرپرستي۽ هيٺ 'بزم سليم' جو بنياد موري۽ ۾ رکيو ويو، جتي ماهوار باقاعدي مشاعرا ٿيندا رهيا ۽ انهن مشاعرن کيترا ٻيا شاعر بہ پيدا ڪيا. جناب 'خادم' رفيقوي،

جناب مير سوانگي، جناب حليم ڪوٽ مير محمد ۽ جناب حباب الصاريءَ بہ ان مجلس ۾ ويهي شاعري جي گنج مان حصا ورتا.

ان سان گڏ آءٌ جناب گرامي صاحب جن جو احسانمند آهيان، جن وقت بوقت ڪلام جي مفيد اصلاح ڪئي آهي ۽ ڪيئي ادبي مشورا ڏيئي پنهنجي تجربيڪار قلم سان منهنجي شعر جي تزئين مزيد پئي ڪئي آهي.

آءٌ شعر باڪل ٿورو لکندو آهيان، مگر قريب قريب هر صنف ۾ خيال آرائي ڪئي اٿم. غزل، گيت ۽ نظم منهنجا پسنديده اصناف آهن."

غزل

●

هڪڙي جان، هزار آفات،
تنهنجو ورِ ه الڏيري رات.

پشانيءَ تي بوندون، گويا، گل تي ماڪ وسي پريات.
آئين ياد تہ نيٺ ٿمي ٻيا، بادل بادل تنهنجي ذات.
سلجهي زلف وري الجهي ٻيا، بٽجي، ٻگڙي ويا حالات.
هاءِ! اداسائي نظرن جي، ماندي ساري موجودات.
دل پهلو ۾ آهي، شايد، مون وٽ هو ايندو اڄ رات.
ڏينهن ڏسان ٿو تنهنجا چارا، تنهنجي راه تڪيان ٿو رات.
اميدن جي چانڊوڪيءَ ۾، شعر لکيا مون ساري رات.
تنهنجون پياريون پياريون گالهيون، منهنجي ٻاڙي ٻاڙي بات.
ڏاڍي شيرين تنهنجي شوخي، سور بہ تنهنجو آ سوغات.
چند ڪر مان نڪري آيو، شايد بهتر ٿيا حالات.
توکي ياد 'نديم' نہ هوندو، هن کي ٻہ آ تنهنجي تات.

نظم

اي وطن

اي وطن تنهنجا چمن شل ٻيا وسن،
گل ٿڙن پونئرا مڙن ميلا مچن.

ٿر ٻُسن ٿڏڙا ٿين سبزا چمن، سانگين جا سپ لهن رنج و محن.
چيلڙن چانگون ڪيڻ پونا گهمن، خوش رهن مارن سندا ويڙها وسن.

هر هان ٻيجا لڳن ٻوکون ٻچن، آن اچن، انبار ٿين، سانگي ڪلن.
باغ و بن، ميوا مان، اولا لهن، ڏک وڃن سکڙا اچن موذي مرن.
سر ٿين، سرها رهن، کوها ڪڏن، دشمن تي بجلين وانگر ڪرن.
ديس جي داڻن اکيان ڇا آڏن، موتين جا ميڙ ڏيرٻون ماڻڪن.
دوستن تان جان و تن قربان ڪن، پاڪزاد آهن، اها عادت اٿن.
انجمن جي رونق کي اي 'نديم' ٿا ڏين ٻوءِ ختن تنهنجا سخن.

رسمِ شبيري

اچو اچو تہ زماني تي آشڪار ڪريون،
اسان ۾ زنده اڃا آهي رسمِ شبيري.

سحر اڃا ٻڌ. اسان جي اذان سان جاڳي ٿي،
اسان جي خون جي سرخي شفق جي رنگ ۾ آهي؛
مٿي حجاز جو نقشو اڃا سلامت آهي،
خمار ڪلمءِ طيب ٻڌ انگ انگ ۾ آهي:
اچو اچو تہ زماني تي آشڪار ڪريون،
اسان ۾ زنده اڃا آهي رسمِ شبيري.

اسان جو عزم هميشه جوان ٿي رهندو،
ڪاڙي گردش ليل و نهار ٿئي تہ ٿئي؛
قدم اسان جو هٿي، هي ڪڏهن ٻ ممڪن ناهي،
پلي تہ جان ٻڌ ٻرزا هزار ٿئي تہ ٿئي:
اچو اچو تہ زماني تي آشڪار ڪريون،
اسان ۾ زنده اڃا آهي رسمِ شبيري.

اسان جو نام آ: 'رحماءُ بينهم' لاريب،
اسان جي لاءِ اشداءُ جو خطاب آيو؛
اگرچہ صلح اسان جو جهان ۾ آ مشهور،
اسان کي جوش جي آيو تہ بيحساب آيو:
اچو اچو تہ زماني تي آشڪار ڪريون،
اسان ۾ زنده اڃا آهي رسمِ شبيري.

نشيءن نہ آھہ انسان کي رهِ جهانباني،
انسان کان ناهہ ڪجهي طرز گلشن آرائي؛
روش روش تي دل و جان کي ڏانئار ڪريون،
ڪريون ڏاخون سان هرگل ۾ رنگ آميزي:
اچو اچو تہ زماني تي آشڪار ڪريون،
انسان ۾ زنده اجا آهہ رسمِ شبيري.

مزاج حق سر بيڪار آهہ باطل سان،
جهان ۾ امن و امان جي اهائي آ تدبير؛
جتي جتي بہ نشانِ يزيديت ملندو،
مقابلي ۾ اتي هوندي جرئتِ شبير:
اچو اچو تہ زماني تي آشڪار ڪريون،
انسان ۾ زنده اجا آهہ رسمِ شبيري.

انسان جي راه عمل مختصر نہ آ هرگز،
انسان جو ذوقِ نظر رنگ و بو ۾ قيد نہ آهہ؛
انسان جي زنده تمنا رضاي مولیٰ آهہ،
انسان جو عزم ڪڏهن مصلحت جو صيد نہ آهہ:
اچو اچو تہ زماني تي آشڪار ڪريون،
انسان ۾ زنده اجا آهہ رسمِ شبيري.

جڏهن جڏهن بہ زماني انسان کي للڪاريو،
انسان آٿياسين تہ طوفان ٻڏجي آياسين؛
جتي جتي بہ انسان نقش گمرهيءَ جو ڏٺو،
الهيءَ جي سر جي مٽان وڏڙا ٽي وٺاسين:
اچو اچو تہ زماني تي آشڪار ڪريون،
انسان ۾ زنده اجا آهہ رسمِ شبيري.





شفيع محمد "اوج" علوي

شفيع احمد ولد درمحمد "اوج" علوي (ولادت ١٤- آڪٽوبر ١٩٢١ع) شڪارپور جي مشهور علوي خاندان مان آهي، جنهن جو سورٿ اعليٰ حاجي فقيرالله رحم، نورمحمد ڪلهوڙي جي زماني ۾ جلال آباد افغانستان مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيو. ڪجهه وقت ٿٽي ۾ رهڻ کان پوءِ شڪارپور ۾ هميشه لاءِ اقامت اختيار ڪيائون. حاجي صاحب پنهنجي زمالي جو وڏو عالم، شاعر، عارف ۽ ڪامل انسان هو ۽ شڪارپور جي ادبي ۽ روحاني زندگيءَ جو باني هو ۽ باهرين شاگردن ۾ ڪائنس گهڻو فيض پرايو. حاجي صاحب عربي ۽ فارسي زبانن ۽ دينيات جو جيڏ عالم، صاحبدل صوفي ۽ قادرالڪلام شاعر هو. ڪائنس پوءِ سندس خاندان ۾ علمي ۽ شعر و سخن جو ذوق هليو ٻيو اچي. سندس اولاد مان ميان حفظ الله، ميرفخرالدين، عليٰنواز علوي، حامد الحق، ميرعبدالاحد، محمد اسلم "اسلم"، امان الله "امان"، فيض محمد "فيض"، غلام محمد، صفي الله "فدا"، محمد اشرف "اشرف" ۽ ٻيا بلند پايه شاعر ٿي گذريا آهن. "اوج" ڪي شاعراڻو طبع ورثي ۾ ملي، جنهن جي پرورش خانداني ماحول ۾ ٿي. مرحوم محمد اسلم "اسلم" جي فرزند حاجي محمد اشرف "اشرف" جي شاگردي اختيار ڪيائين. اسلم پنهنجي وقت جو وڏو حڪيم، مصنف ۽ بلند پايه شاعر هو، جنهن جي شاعري جو اعتراف آخوند محمد قاسم هالائيءَ ڪيو آهي ۽ سندس ساڻس شاعراڻو نوڪ جهوڪ رهندي هئي. سندس شاگرد ۽ داماد ميرصفي الله "فدا" به سنڌي ۽ سرائڪي جو شاعر هو ۽ سندس سنڌي شعر سنڌ سڌار اخبار، تعليم اخبار، ملامخزن ۽ ٻين ادبي رسالن ۾ ڇپيو هو. سندس ڪلام پروفيسر امين الله وٽ قلمي صورت ۾ محفوظ آهي. جڏهن "فدا" ١٩٣٨ع ڌاري ٻينڪن وٽي وطن آيو، تڏهن "اوج" ڪائنس به استفادو ڪيو ۽ اصلاح ورتي. هو مارچ ١٩٤١ع ۾ وفات ڪري ويو. ان کان سواءِ "اوج" تي سندس

وڏي پٽ ميان علي محمد علوي ثاني جو به اثر آهي، جو اديب ۽ سنڌي اردو زبانن جو بلند پايه شاعر آهي. موصوف جي شاعراڻ پرورش ڪراچي، ميرپور خاص ۽ جيڪب آباد جي ادبي ماحول ۾ ٿي ۽ مخلص، سرور مغل سنڌي شاعرن سان ۽ اردو شعراء سان فياض شاهجهانپوري، محمد عمر اخگر جو همدم ۽ رفيق هو.

مرحوم تاج محمد منگي جي ياد ۾ هڪ اردو مرثيه، غزل، مزاحيه شعر ۽ ٻيو ڪلام يادگار آهي. فارسي، اردو ۽ سنڌي شاعرن جا هزارين شعر ياد آهن، جي محل ۽ موقعي تي استعمال ڪندو آهي. اڇلهه ٻينشن ونڊي وطن شڪارپور ۾ خاموش زندگي گهاري رهيو آهي. شل خداوند ڪريم کيس صحت، عافيت ۽ حقيقي مسرت عطا ڪري. اميد ته هو فرصت ۾ پنهنجا ادبي آثار مرتب ڪندو.

"اوج" ڪاليج واري زماني ۾ لاڙڪاڻي مان نڪرندڙ هفتيوار ادبي اخبار الحقيقت، ۽ سکر جي اخبار سنڌ زميندار کي شعر موڪليندو هو ۽ بعد ۾ الوحيد، نواء سنڌ، روزنامه مهراڻ اخبار، نئين زندگي ۽ سه ماهي مهراڻ ۾ سندس ڪلام ڇپيو هو. سندس مرغوب صنف غزل آهي. سال ۱۹۴۰-۴۱ع ۾ جڏهن سنڌ جي هندن جيئعل پرسرام ۽ پروفيسر يوچراج ناگراڻي جي اڪوائيء هيٺ سنڌيءَ ۾ اعرابن سڌارڻ ڪري علامه داؤد پوٽي جي خلاف خود غرضي سان مخالفت جو طوفان کڙو ڪيو، تڏهن "اوج" ۾ دوستن سان شڪارپور ۾ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد جي شاخ برپا ڪئي، جنهن علامه داؤد پوٽي جي حمايت ڪئي ۽ عاليشان مشاعرا منعقد ڪيا جن ۾ مقامي ۽ بيروني شاعرن شرڪت ڪئي. باهريان سنڌي شاعر به ڪلام موڪليندا هئا.

۱۹۴۱ع ۾ شڪارپور ڪان ڪراچي وڃڻ سان شيام شيواڪنج هاسٽل ۾ سنڌي ادبي مجلس برپا ڪئي، جنهن جي سهاري هيٺ مشاعرا ٿيندا هئا، جن ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، غلام احمد نظامي، ڏڻي بخش ناقص، پرسرام ضيا، ۽ ڪڏهن محمد خان غني ۽ هري دلگير درياڻي به شرڪت ڪندا هئا. آنهن ۾ "اوج" به پنهنجي ادبي تسڪين خاطر شريڪ ٿيندو هو. ڪاليج ڪان پوءِ اٽڪل ڏهه سال "اوج" جي ادبي سڪوت يا خاموشيءَ جو زمانو آهي. وري نئون شاعراڻ آمنگ منجهس الهه بخش سرشار عقيليءَ جي قائم ڪيل بزم "محفل احباب ڪراچي" جاڳايو. ڪراچي واري زماني ۾ "اوج" محفل احباب جو جنرل سيڪريٽري رهي چڪو ۽ بزم محراب ادب جي بانين مان آهي. انهن ادبي انجمنن ڪان سواء بزم نظامي، بزم طالب المولىٰ ۽ بزم اصغر جي مشاعرن ۾ شرڪت ڪري داد حاصل ڪندو هو. "اوج" حيدرآباد، ملتان، لاهور ۽ لاڙڪاڻي جي اقامت جي دوران ڪيترين ادبي انجمنن سان منسلڪ رهيو. هو پاڪستان رائيٽرس گلڊ جو سرگرم رڪن آهي. نظم ۽ نثر ۾ سندس تحريرون آهن، جن اڃا ڪا مستقل ڪتابي صورت اختيار نه ڪئي آهي. دعا آهي ته هو پنهنجي ادبي ڪاوش سان سنڌي علم و ادب جي خدمت ڪندو رهي، جنهن جي کيس آرزو آهي. —ادارو

* * *

غزل

●

نکو گناهہ ڪپي ۽ نکو ثواب ڪپي،
ٿو زندگي ۾ فقط حسن لاجواب ڪپي.

حسين چهرو ۽ دلبر تو ماهتاب ڪپي،
نہ ماهتاب مگر مثل آفتاب ڪپي.

سکون نہ دل کي، نکو قلب کي قرار آيو،
دل و دماغ کي دلبر جو اضطراب ڪپي.

ملي جي دولتِ هردو جهان تہ ڇا حاصل،
انهان کي يار جي نظرن جو انتخاب ڪپي.

پسند آهہ تہ هرڪنهن کي پنهنجي پنهنجي جدا،
نماز شيخ کي ۽ رند کي شراب ڪپي.

ملاءِ اک، تہ ملايون نظر نظر سان اڄ،
صنم کي ڪوئي ٿو عاشق ڪنان حجاب ڪپي.

لکيو هي هزارِ ادب جي طرح تي 'اوج' غزل،
جواب ان جي غزل جو ڪو لاجواب ڪپي.

●

حُسن وارن جي ناز و ادا دوستو،
شيوه و رسمِ آهي بجا دوستو.

جيڪي آهن ستمِ ڪيا اوهان دوستو،
سي تہ وسري انهان کان ويا دوستو.

هي ڪرم سڀ ٿيا اهلِ وفا دوستو،
ڪيي نہ دشمن کا اهڙي جفا دوستو.

چرخِ گردان تي فتنا نہ سڀ ختم ٿيا،
فڪرِ بت ۾ اڃا پئي پيا دوستو.

رهبرن پئي جڏهن سوَ لٽيا قافلا،
رهزنن جي ڪريان ڇا گلا دوستو.

سچ تون ڇئو 'اوج' ڪر خوف ڪنهن جو نہ هت،
پل ٿيين اهلِ محفل خفا دوستو.

خبر ڏي قاصد کا يار مون يگاني جي،
نہ وصل جي کا خبر، پر سندس بهاني جي.

سموري آهه حيقت عيان ته عنوان مان،
بڌايان شرح ۽ تفصيل چا فساني جي.

تباهه برق ۽ طوفان کان چمن ٿي ويو،
بچي هي ٽيلي فقط آهي آشياني جي.

نشين زماني ۾ ٿي طرز شاعريءَ جي نئين،
هوا بدلجي وئي آهه اڄ زماني جي.

فضا ته رنج و الم، چو سکوت آ طاري،
خبر نه آهه ڪنهن اهل وفا، روانی جي.

هي سنڌي مولي جنهين جا ميڙا آهن ماڻهو،
عجيب کيف ۽ لذت سندس ترانی جي.

جو آيو آهه جهان ۾، اوس سو وڃڻو آهه،
هي ريت 'اوج' زماني جي کارخاني جي.

نعت

فرد

ڪهڙي وصف حبيب خدا دوستو،
بس خدا ناهي پيو سڀ روا دوستو.

* *

وفا جي راهه ۾ ڪيڏا نه قافلا لٽيا،
جي راهزن هٿ رهبر جي ويس ۾ ميليا.

* *

اي برق تپان چو جلائين ٿي گلشن،
خطا ڪهڙي سرزد ٿي اهل چمن کان.

* *

هن کان وڌ جنت جو منظر پيو به ڪو ٿي ڏسڪهي،
تون هجين ۽ مان هجان ۽ عيد جي محفل هجي.

* *

اڄ وري يار ڪُهڙن ياد آيا،
منهنجي سانگين جا سخن ياد آيا.

ڏن جي جاڻن جو قدر جاڻن فقط اهل هُنر،
جوهري کي ڇي رهي هر وقت جوهر جي تلاش.

* *

هي دنيا رهگذر آهي نہ ايندو مال زر کنهن کي،
حياتِ جاودان جي واسطي سامان پيدا کر.

قطعا

(۱)

ڏينهن کيڏا ويا جي گذري اڄ،
حُسن وارا ويا نہ وسري اڄ.
هي بہ آهي، اوهان جو لطف و کرم،
عهد ماضيءَ جي ياد، مصري اڄ.
اڄ، وڃڻ وارا، سوڀي آئي بهار،
ڪٽڪ جو فصل، ويو آ نيسري اڄ.

(۲)

شڪار پور ۾ زماني کان هوء ٿيو مرڪز،
وطن ۾ مثل مسافر جڏهن ٿيو سفر.
لنگهي ويا، ويهءِ ٻہ سال، ها جڏهن آيس،
ٻہ ياس، حسرت و ارمان، الر ۽ ديده تر.





"مصطفيٰ" حيدر جتوئي

مصطفيٰ حيدر جتوئي پنهنجي تعارف ۾ لکي ٿو:

"مان ۲۶- مئي سن ۱۹۳۴ع تي ضلعي ٿرپارکر جي ڊگهڙي شهر ۾ ڄائس، ان وقت منهنجو والد محترم تعلقي ڊگهڙي ۾ مختيارڪار هو. مون کي ننڍي هوندي کان ئي ادب ڏانهن لاڙو هو، ايتري تائين جو انڪل هارهن-تيرهن ورهين جي عمار ۾ مضمون لکڻ شروع ڪيم. ۽ ان کان ڪجهه وقت پوءِ ڪچا-پڪا شعر ٻڌ ڇوڙ لڳس شاعريءَ ۾ مون تي پنهنجي والد جو ڪافي اثر آهي.

جڏهن کان صحافتي دنيا سان واسطو پيو آهي ۽ ان کي انڪل ٽيهه-ڏهه سال ٿيا هوندا جو شاعريءَ کان ڪجهه ڪناره ڪش ٿي ويو آهيان، پر سمجهان ٿو ته ذوق پنهنجي جاءِ تي قائم آهي. هينئر به ڪڏهن ڪڏهن طبيعت موزون ٿيندي آهي ۽ ڪجهه نه ڪجهه سپرد قلم ڪندو رهندو آهيان.

جيتوڻيڪ مان پنهنجي والد بزرگ محترم حيدربخش جتوئيءَ جي ڪلام کان گهڻو مستفيد ٿيو آهيان، تاهم اها منهنجي بدبختي آهي، جو مان ڪائس ڪڏهن به پنهنجي شعر ۾ اصلاح نه وٺي سگهيو آهيان. اول ته هن مون کي پنهنجو پٽ سمجهي شاعريءَ جي شايد لائق نه سمجهيو، ۽ بعد ۾ جڏهن منهنجو شعر ٻڌائون ته کو خاص داد نه ڏنائون. هن ڏس ۾ منهنجي امداد محترم مولانا غلام‌محمد 'گرامي'، جناب محمد خان 'غني' ۽ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' جن کئي.

يارهين سنڌي ادبي ڪانفرنس، جيڪا هوم اسٽيڊ هال حيدرآباد ۾، مخدوم محمد زمان صاحب 'طالب المولىٰ' جن جي صدارت ۾ ڪوٺائي وئي هئي، ان ۾ پهريون دفعو مون ڏنل طرح مصرع "قصءِ منصور ٿي يا طور جو افسانو ٿي" تي هڪ نظم پڙهي هئي. ان بعد ڪيترن مشاعرن ۾ حيدرآباد ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ شعر پڙهيا اٿم. راولپنڊي اچڻ کان اڳ سن ۱۹۶۶ع جي

شروع ٿي. الانا (ڪراچي) جي گهر ۾ مشاعري ۾ آزاد نظم پڙهي هيم، جيڪا گهڻو پسند ڪئي وئي هئي. ان موقعي تي انگريزي، اردو، بنگالي، گجراتي ۽ سنڌي زبان جي سرڪرده شاعرن پنهنجو پنهنجو ڪلام پيش ڪيو هو.

هن وقت ڌاڻ سرڪاري ملازمت جي سلسلي ۾، راولپنڊيءَ ۾ مرڪزي حڪومت جي اسسٽنٽ انفرميشن آفيسر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهيان. پنهنجي ڪلام جو ڪجهه نمونو هيٺ پيش خدمت آهي.

پنهنجي شاعري ذوق جي ابتدا ۾ مون پنهنجو تخلص 'آتش' ڪيو، ليڪن بعد ۾ اڄ سوڌو 'مصطفيٰ' استعمال ڪندو رهان ٿو."

* * *

غزل

●

يار جي نيڻ ڏي اڄ ڪوئي نهاري ٿو سهي،
دلِ ناشاد جي الفت ڪي وساري ٿو سهي.

ظلمتِ شب ۾ ستارن ڪي نه هو منهنجو خيال،
اهڙي تنهائي ۾ ڪو مون کي ٻکاري ٿو سهي.

مون فقط هُن جي ئي محفل ۾ گذاريون راتيون،
آهي ڪو يار سان هڪ رات گذاري ٿو سهي.

هر طرف آهي نراسائي، خموشي ۽ جمود،
جانِ مُردن ۾ وجهي ڪوئي آثاري ٿو سهي.

هڪ زماني ۾ هئي هُن سان ملاقات مگر،
آن کي ساري ٿو سهي، دل کي هُو ماري ٿو سهي.

دل اسان جي به جلي ٿي غمِ دوران ۾ مگر،
شمع وانگر ڪو ٻري رات گذاري ٿو سهي.

ڪجهه اجا درد ڏي مون کي فلڪِ ناانصاف!
رنج و غم ۾ ڪوئي مجبور ٻکاري ٿو سهي.

ڪجهه ٿو دل حبِ وطن سان اسين سرشار ڪريون،
'مصطفيٰ' پنهنجو ڪو اڄ حال سنواري ٿو سهي.

●

برسات جي موسم هجي ۽ سون سان هجين تون!
ممڪن نه آ ان وقت هميشه جيان رُسين تون!

ساغر به هجن جام ۽ دريا جو ڪنارو!
سان تو ۾ هجان يار، جگر جان ۾ هجين تون!

دلدار سڀئي درد، دفع دل جا وجن ٿي،
هيڪر جي سڃڻ وعده وفا مون سان ڪرين تون!

هر برگ تي ٻڙي ٻوند ائين آهي جڻ شبنم،
هر ٻوند ۾ هر وقت نظر پيو ٿو اچين تون.

نادان نه ٿي، سوچ له ڪر، ساز ڪٽي ڇڏ،
لهرون به جيڻ رقصان هجن گيت چوين تون.

●

زندگي ۾ قرار پيدا ڪر،
آه ۾ پي شرار پيدا ڪر.

هي جڏان آهي هڪڙو انسانو، زيست جو اعتبار پيدا ڪر.
تنگدستي نظر جتي نه اچي، کو ته اهڙو ديار پيدا ڪر.
ظلم جو پردو چاڪ چاڪ ڪري، امن جو افتخار پيدا ڪر.
عمر توڙي قفس ۾ گذري پر، تون خزان ۾ بهار پيدا ڪر.
هڪ نشون سڄ طلوع ٿيڻو آهي، آس رک، انتظار پيدا ڪر





عبدالفتاح "عبد" بٹورائي

عبدالفتاح 'عبد' بٹورائي، هڪ زنده دل، حوصلا مند ۽ پرخلوص نوجوان آهي. سندس شاعري ۽ فن سندس جذبات جي ترجماني ڪن ٿا. سندس عشقيه شاعريء ۾، والهانه رنگيني آهي، ڪلام جي پختگي ۽ زبان جي سلاست، سندس ڪلام لاءِ طرهٔ امتياز آهن.

سندس مختصر تعارف هن ريت آهي:

نالو: عبدالفتاح

پيدائش: ۱۹- مارچ ۱۹۳۳ع ميرپور بٹورو.

تخلص: 'عبد'.

تعليم: ايم. اي. پوليٽيڪل سائينس ۽ سنڌ لا ڪاليج ۾، ايل. ايل. بي. پڙهي رهيو آهي.

شاعري: ۱۹۵۰ع ڪان ڪيس ادبي ذوق پيدا ٿيو ۽ قادرالڪلام شاعرن جي شعر ڪان متاثر ٿي، شاعريء جي شروعات ڪيائين. سندس مضمون ۽ ڪلام گهڻو ڪري سنڌي ادب جي سڀني مشهور رسالن ۾ ڇپيا آهن.

صحافت: ٻن سالن لاءِ مشهور 'اخبار تعليم' جو سب ايڊيٽر رهيو.

پسنديده شاعر: ڪيس اهي اديب ۽ شاعر پسند آهن، جي زندگيء جا ترجمان آهن. شاعريء جي فن ۾، ۽ سنڌي ٻوليء جي سڌائيء لاءِ حضرت مولانا احمد ملاح ڪي سڀني سمجهي ٿو.

ڪافيون

*

آهي تَنَڊَ تَنَڊَ ۾ لڳي تار تانگهي،
جدائيءَ ۾ جيڙي جلائي ويا جهانگي.
نهاريان پچاريان ٿي سانگين ڪي ساريان،
اي سائين ملائين سهاڄهو ڪو سانگي.
ڪير سوز سان سڊ اندر آڏ ٿيو آ،
الا ڏي وريو ڪونہ واهي ڪو وانگي!
ازل کان اٽل سان اڙيوم انگ انگ،
چڊي ننگ نالا ٿيس لينهن نانگي.
سنگهارن جي سورن ڪير سنڊ ساڻا،
هروڙيم نہ هيءَ سام، محبت مهانگي.

*

روئي ٿي دل دانهون ڪري،
اڄ ٻئي وڇوڙي جي اري.
قربان جن تان جان من،
وڇڙيو سي مون کان ٿا وڃن،
لکيو ازل جو ٿو ٻري،
روئي ٿي دل دانهون ڪري.
هٿ هئي هليا من ٿو منجهي،
کهوڙا وڇوڙو ٿو ڪجي،
ڏيل منهنجو ٿو ڏري،
روئي ٿي دل دانهون ڪري.
توري نہ گهاريان کا گهڙي،
ويندس مري کامي سڙي،
ٿو ڪير ٻل توکان سري،
روئي ٿي دل دانهون ڪري.
هي ڇا ڪيئي منهنجا خدا،
ٿيا يار يارن کان جدا،
هو 'عبد' جن جي آسري،
روئي ٿي دل دانهون ڪري.

گيت

تنهنجي ياد ستائي ساجن، تنهنجي ياد ستائي.
هردي هر کو پيارو پيارو،
درد ٿو چُٽڪيون پائي: تنهنجي ياد ستائي.
اڄ آپاڳو هيکل وياکل،
ويٺڙي وروڌن وراڻي: تنهنجي ياد ستائي.
تو بن ساون رُت ٿي ماري،
برکا باهه لڳائي: تنهنجي ياد ستائي.
جنم جنم کان آڇي آتما،
پريتم پياس وسائي: تنهنجي ياد ستائي.
انب انگورڀا کوئل کوکي،
انگ انگ سان لائي: تنهنجي ياد ستائي.
تنهنجي روپ انوپ جي آشا،
دلبر درس کرائي: تنهنجي ياد ستائي.
رات وٽي پريات پڌاري،
پريت جي ريت نيبائي: تنهنجي ياد ستائي.

غزل

●

ڪنياتي ڪٿي خبر ايندا، اهو دلبر رڳو دوکو،
اچي ڇجون ڇجائيندا، اهو دلبر رڳو دوکو.

سڏائين سان آڃاڙل موڪيس ميخاني جي در تان،
اهو پيالو پيارينداء اهو دلبر رڳو دوکو.

وريون من تي وڻيون غم جون جنين جي سوز فرقت هر،
اهي غم کان ڇڏائيندا، اهو دلبر رڳو دوکو.

ازل کان 'عبد' اوسيڙل رهيو هي روح پرين لئي،
اهي منهنڙو ڏسائيندا، اهو دلبر رڳو دوکو.

دنيا ۾ کجاڑو کجاڑو لذيذ، غمِ يار ۾ روڄ راڙو لذيذ.
هجي گهر حقيقي طلب تات تو، شبِ هجر ۾ سوز ساڙو لذيذ.
نہ دليا نہ دليا جون رنگينيون، لڳي محب ڏي ئي مهاڙو لذيذ.
نہ مندر نہ مسجد نہ کعبي ۾ ڪم، مون کي آهي لالن ڏي لاڙو لذيذ.
حڪايت، شڪايت نہ طعن ۽ گلا، ٻندم دل تي دلبر جو ڏاڙو لذيذ.
وٺي قيد ڪاکل سندو 'عبد' کي، سدائين سڄڻ سان ستاڙو لذيذ.

نظم

انقلاب

اي وطن جا نوجوانَ، انقلاب انقلاب.

زندگي آ بي شرار، جان و دل ٻئي فگار،
ٿي حيات تار تار، هوشيار هوشيار،
تابکے! هي التهاب- انقلاب انقلاب.
حياتِ نؤ جو ٻڌ پيام، ڏس ته گردشِ ايام،
روان دوان آ صبح و شام، ره عمل تي تون مدام،
شاد کام ڪامياب- انقلاب انقلاب.
حياتِ نؤ جو ساز ٻڌ، فنا بقا جو راز ٻڌ،
فغان جگر گداز ٻڌ، عمل آ ڪارساز ٻڌ،
عمل آ اوليين باب- انقلاب انقلاب.
هي ڪاهلي سڄي عذاب، هي حسن و عشق هي شباب،
هي راڳ و رنگ ۽ رباب، هي باغ راغ سڀ سراب،
موت زندگيءَ جو تاب- انقلاب انقلاب.

اي وطن

اي وطن، منهنجا وطن، اي جان کان پيارا وطن.
مٽ نہ تنهنجو ملڪ آ ڪو خاڪ تنهنجي پاڪ آ،
ٿي وٽي وڻڪار تنهنجي، مشڪ کان وڌ خاڪ آ،
رشڪِ جنت! عظمتن جي هر جگهہ. تي هاڪ آ،
گيت تنهنجا ٿا هزارين ديس هر هڏ گائجن:
اي وطن منهنجا وطن.

وادیون تنهنجیون ڏسي، ٿي روح کي راحت اچي،
موج مستيءَ ۾ اچي، دل سور وانگر ٿي نچي،
رات ڏينهن تو ۾ نئون هڪ رنگ سهڻو ٿو رچي،
کر ڪٽيو ڪريون اچن ۽ خوب ڪنوڻيون ٿيون ڪنون:
اي وطن منهنجا وطن.

هير تنهنجي صبح تي پيغام ڏئي ٿي پيار جا،
خوب دل کي ٺا وڻن، منظر سندءِ ڪهسار جا،
گائجن تو ۾ قصا راڻي، ڏهون، ميهار جا،
تو مٿان دائم رهي ابر ڪرم سايه فگن:
اي وطن منهنجا وطن.

سالکن جو ديس آهين، صوفين جو تون مڪان،
تو جهان کي ڏنو درس امان صدين کنان،
قرب جو جاري ازل کان، بحر تو ۾ بيڪران،
ديس! ايندو کين کي تو ۾ ڪڍن رنج و محن:
اي وطن منهنجا وطن.

ديس منهنجا! شهر تنهنجا، کيت تنهنجا سپ وسن،
ريگزارن ۾ بہ تنهنجي حسن جا جلوا بڪن،
روز و شب جون رونقون سڄ چند سپ سهڻا لڳن،
شال تنهنجا ڪاسبي، ڪڙمي ڪمي جهومن نچن:
اي وطن منهنجا وطن.





قيوم "طراز"

"نالو: ڊاڪٽر عبدالقيوم شيخ، تخلص "طراز".

جنم: سيپٽمبر ۱۹۳۵ع ۾ شڪارپور ۾ ٿيل.

ٻاڻ شيخ آهيان، ۽ فخر اٿم ته ان خاندان جو فرد آهيان، جنهن سنڌي ادب کي شيخ 'اياز' جهڙو سپوت ڏنو آهي.

تعليم: انٽر سائنس تائين شڪارپور ۾ تعليم حاصل ڪيم، ۽ ۱۹۵۵ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ورتم، ۽ ۱۹۶۰ع ۾ گريجوئيشن ڪري نوڪريءَ ۾ ڪهڙيس نوڪريءَ ۾ سنڌ ۽ اپر سنڌ، ٽر ۽ بر لتاڙيا اٿم، ۽ پانت پانت جي ماڻهن ۽ هولين سان وامطو پيو آهي. هينئر مان رورل هيلٿ سينٽر ڪري ميرواه ۾ ميڊيڪل آفيسر آهيان.

شاعري: غير موزون ته ننڍپڻ کان هئي، پر موزون شاعري ڪاليج جي وقت کان شروع ٿي آهي. گيتن لکڻ ڏانهن وڌيڪ لاڙو اٿم. غزل، وائي ۽ دوها پڻ لکندو آهيان. هن وقت تائين ڪلام سماهي 'مهراڻ'، 'سهڻي'، 'نئين زندگي' ۽ 'روح رهاڻ' ۾ ڇپيو رهيو آهي. ان کان اڳ 'مارئي' ۽ 'هلال پاڪستان' رسالي ۾ پڻ ڇپيو هو.

شاعريءَ ۾ اعتدال پسند آهيان.

پنهنجي شاعري بابت: (ان ڏس ۾ اوهان پنهنجي راءِ لکندا. اِها حرفِ آخر هوندي).

—قيوم 'طراز'

قيوم 'طراز' جي شاعري، جديد ۽ قديم رنگ جو سنگم آهي. هن نوجوان شاعر جا جذبات نهايت لطيف ۽ معنيٰ خيز ڪنابن تي مشتمل آهن. 'مهراڻ' سندس ڪلام کي وقت بہ وقت شايع ڪري، سندس تربيت ۾ وڏو حصو ورتو آهي. —ادارو

واڻي

جاڻي واڻي ڪنڌ ڪپائي، ملڪ ڪهڙي منصور، او سائين،
ساجهه سان سڏ سور.

وهه جون وڻيون چائي وهسن، مست ٿيون مسرور، او سائين،
ساجهه سان سڏ سور.

سر آڏيءَ تي آڻي سورهيه، سرڪن ٿا مغرور، او سائين،
ساجهه سان سڏ سور.

سپ ڪي تاب نظر نه ساڳيو، گهاڻي ڪنهن جي گهور، او سائين،
ساجهه سان سڏ سور.

هوش هٿي بيهوش بڻائي، مٿي هنا مخمور، او سائين،
ساجهه سان سڏ سور.

گيت

ڪوڙها آکها تون پنهنجي ڪل تان،
يار اسان جا پاڪ اِهي ٿي،
سڄڻ اسان جا پاڪ اِهي ٿي!

جيون ناهي سيڃ سکن جي،
ڏک جا سک تي داڻ —
آشائن جا پير به زخمي،
گهرا ٻل ڪي گهاڻ —
چنڊ ڪي ايا ڇهڪ ڏکن جا
ڪارا ڪارا داڳ اِهي ٿي،
يار اسان جا پاڪ اِهي ٿي.

نير وهائي آس وجائي،
نسرن ٿا ناسور —
وڇاڻن جي وستي دنيا،

پاڻ ٻنن اڄ ٻور—
ٻنهنجا آهنجا ٻريت ٻرائي،
رڻندا رڻندا راڳ اِهي ٿي،
يار اسان جا پاڳ اِهي ٿي.

ڪيسين آڏو اونده هوندي،
آخر چڙهندو چنڊ—
چانڊوڪيءَ سان جرڪي پوندو،
اونداهين جو ڪنڊ—
نيٺ تہ ڏک جو انت ٻہ ايندو،
تمتندا ٽٽندا سانگ اِهي ٿي،
يار اسان جا پاڳ اِهي ٿي.

●

ڏينهن ويو ۽ رات ٻڌي،
ڪپل ڪپل آهہ چنڊ چڙهيو؛
اڄ ٻرين، تون سرج، آلا يَرَ،
رات رُسڻ جي ناهي.

چنڊ جي ٻڙي، روپو دريا،
عشق جون لهرون چڙهن اڌاه،
سونا چِتَ هر وڻ جهولائي،
ناهہ ساڻ ہم هرج، آلا يَرَ.
رات رُسڻ جي ناهي.

هير ٽڏيري جهُولا جهُولي،
خاموشي ٿي ٻوليون ٻولي،
قدرت لوڏي هت هندورا،
ساڻ ڪٽي جيئن هنج، آلا يَرَ،
رات رُسڻ جي ناهي.


يار وساري ڳالهيون چڏ،
ڪ منجهان تون مون کي ڪڏ،
نيبهہ ناهي عمر هميشه،
ڪ ہم کڙو خرچ، آلا يَرَ،
رات رُسڻ جي ناهي.

غزل

●

دل پريشان جي هجي ٿوءِ ٿا ڪجي،
تنگ انسان جي هجي ٿوءِ ٿا ڪجي.

مون تہ حسرت جو بہ رشتو ٽوڙيو، اڄ بہ ارمان جي هجي ٿوءِ ٿا ڪجي.
محفلِ اغيار ۾ ويٺس وڃي، يار نادان جي هجي ٿوءِ ٿا ڪجي.
اڄ گلابي رنگ آهہ فرطِ حيا، هو ٻيشمان جي هجي ٿوءِ ٿا ڪجي.
هُن قسم ڪاڏو اسان جي پيار جو، رسمِ جانان جي هجي ٿوءِ ٿا ڪجي.
عقل جي تابع هجي پل عشق ۾، هوش حيران جي هجي ٿوءِ ٿا ڪجي.
ٽي هلي ياري سدا مقصد ٻنا، طمع پنهان جي هجي ٿوءِ ٿا ڪجي.
مون گهٽي ڪوشش ڪئي خوش ٿي رهان، ڏک جو سامان جي هجي ٿوءِ ٿا ڪجي.
درد جو آواز ٿا لکري 'طراز'، سوز دوران جي هجي ٿوءِ ٿا ڪجي.





قمر «شهباز»

قمر شهباز پنهنجي مختصر سوانح ۾ لکي ٿو.

نالو:- قمرالدين محمد مقبول بگهيو.

پيدائش:- ۱۳ اپريل ۱۹۳۸ع نواب شاهه.

تعليم:- ابتدائي ۽ ثانوي، نواب شاهه.

ايم. اي (انگريزي ادب) کراچي يونيورسٽي ۱۹۶۲ع

نوکري:- ۱۹۶۲ع کان ۱۹۶۳ع ليکچرار گورنمينٽ ڪاليج ميرپور خاص.

۱۹۶۴ع ـــــ " " " نواب شاهه،

۱۹۶۵ع-۱۹۶۴ع " " " شڪارپور.

۱۹۶۵ع ـــ پرنسپال ڊگري ڪاليج ڪنڊ ڪوٽ. (تا حال)

مشغلو: ادب، ڊراما، ڪرڪيٽ وغيره.

ادب ۾ پسنديده موضوع:- شاعري ۽ انسانا.

نواب شاهه مان ۱۹۵۵ع-۱۹۵۴ع ۾ رسالو "ادا" ڪڍيو، جو ٻه سال ادب جي خدمت ڪندو رهيو ۽ پوءِ ذاتي سببن جي ڪري بند ٿي ويو.

في‌الحال سنڌي عوام جي خدمت، تعليم پکيڙڻ ذريعي ڪري رهيو آهيان. اهو ئي سبب آهي جو اهو دور دراز علاقو وسايو اٿم. ڪنڊ ڪوٽ جهڙي ننڍڙي شهر ۾ هڪ ڊگري ڪاليج ۽ هڪ ڪي. جي. اسڪول ڪوليز اٿم، جو ته ان ۾ ايمان اٿم ته پنهنجي قوم جو چوڻڪارو صرف تعليم ۾ ئي آهي.

ڪجهه انسانا ۽ شعر سنڌ جي مڪيه رسالن ۾ ڇپجي چڪا آهن."

قمر شهباز، هن جديد دؤر ۾، فن جي جدّت جي سلسلي ۾ چڱا تجربا ڪيا آهن. جديد فن جي تقاضائن ۽ اصولن موجب، پنهنجي خيالات ۽ جذبات کي روانيءَ ۽ خوش اسلوبيءَ سان بيان ڪرڻ اڇڪلهه گهٽو گهٽ ٿو نظر اچي؛ تاهم قمر شهباز ان ڏس ۾ بـ سڀيون شيون لڪيون آهن. سندس فن ۽ خيالات تي ڪن چوٽيءَ جي معاصرين شاعرن جو اثر آهي. جدت فن ۽ جدت افڪار جي دنيا ۾ ان قسم جي اثر پذيري عيب ناهي، تاهم پنهنجي فن لاءِ مستقل طرح سان هيئت ۽ اسلوب جو منفرد ۽ مستقل نظام پيدا ڪرڻ ضروري آهي. اميد ته قمر شهباز اڳتي هلي پنهنجو قابل ستائش مقام حاصل ڪندو، جنهن جون صلاحيتون سندس شعر ۾ موجود آهن.

بيت

(۱)
چڙيو آهي چنگ، پڙڪي اٿي باهه،
ساڻي ڪرهو ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي.

(۲)
اکڙين جي آلاڻ سان، ڏوئي ڇڏ تون داغ،
چريا هي چراغ، ڪيسين جلندءِ جيءَ ۾.

(۳)
توڙي ڪاري ٻات، توڙي اوڪو ساڃ،
پارينهءَسين ساڻيو، آندءِ ۾ پي لات،
ملي ويندي وات، متان ٻئر ماندا ٿيو.

(۴)
جڳمڳ جليا ديپ، جرڪيو آهه جهانءَ،
جاڳيو آ انسان، سهسين ٿيندا سوجهرا.

(۵)
رڳي ڇڏيئه رت سان، ڪوٽ، ڪڙا ۽ ڪيرَ،
ظلمت جا زنجير، روڪيندا ڇا روح ڪي.

(۶)
ڪپن ڪاڏڙ ڪوڏ، واريءَ هاڻا وار،
توڙي هيڻا پار، ته ٻ ڏاهيندا سون ڏوهه ڪي.

(۷)
جيون آهي جوت، ٻل ڪن نئه سهمان،
اوت، مڻا تون اوت، متان وسامي وڃي.

(۸)
تون ٿي منهنجو ڪيت، تون گيتن جو ڀڙلاءُ،
سائين، هي سنگيت، توريءَ سُڃو پانيان.

(۹)
گهورن جو گهائل، گهائل منهنجو جيءُ،
سائين هي سائل، سائل تنهنجي سونهن جو.

(۱۰)
ٽڪا ٽڪا ليڻ، سڪا سڪا ساهَ،
رڪي رڪي روح مان، آڏامي ٿي آهَ،
آجها او الله، سگهو آڄ سوجهرو.

(۱۱)
منزل نڪو ماڳ، اسين آديسيڙا،
پري پنڌ اجهاڳ، آڪيرا آڪاس ۾.

(۱۲)
تارن ۾ تارا وجهي، تڪيم راڻي راه،
ستا سيٽي ساه، نينهن ويري نند جو.

(۱۳)
وڪڙيل منهنجا وار، گهاڻا منهنجا گهاءَ،
سالن جا سوداءَ، ڪيلي ٻيا ڪن ۾.

(۱۴)
الڏارو آڪاس، ساڻو منهنجو ساهه،
ٻاڳل منهنجي ٻريڙي، چريو منهنجو چاهه،
پويون آ پساهه، سگهو پهچ او پرين!

(۱۵)
سڏڪي ٻيا سنگيت، آسون اجهاڻيون،
راڻيون ويڳاڻيون، راڻا، تو ريءَ روح جون.

وائي

(۱)

چنڊ رهين ٿو دور، تون ڏرتيءَ جا درد نه ڄاڻين!

هت هر آشا بالدي آهي، بيوس ۽ مجبور-
چنڊ رهين ٿو دور!

هر مڪڙي جڙ گهائل آهي، هر ڪل ۾ ناسور-
چنڊ رهين ٿو دور!

صدين کان ڪو ساه سڪايل، چاهت ۾ آ چور-
چنڊ رهين ٿو دور!

ساعت ساعت سوري پانڌي، منهنجو من منصور-
چنڊ رهين ٿو دور!

هاءِ! نه ماڻيئ، چنڊ اپاڳ، ڪنهن جو پيارو پور-
چنڊ رهين ٿو دور!

چنڊ رهين ٿو دور، تون ڏرتيءَ جا درد نه ڄاڻين!

(۲)

وَسُ وَسُ منهنجي ويراني تي،
اڄ ته ڪٽي تون وس ـ او يار!

ڪنهن نه رُنو، او ڪنهن نه رُلو، آ ڪوڙهن جي افساني تي:
اڄ ته ڪٽي تون وس ـ او يار!

ڪين سَري، تون آءُ وري، مهر ڪري مستاني تي:
اڄ ته ڪٽي تون وس ـ او يار!

رات پني، هر ڪاڻ رُني، هل پر لٽ هروائي تي:
اڄ ته ڪٽي تون وس ـ او يار!

گيت

هريتم! اوري آءُ ـــ الا!

آءُ گهڙي پل ويهه ته منجن ڪَهرا ڪَهرا گهاءِ،
هَهَر هَهَر ڪي پنهنجا ڏکڙا، پلڪن ڪي پڃاءِ ـــ الا!
هريتم! اوري آءُ.

دل جي ويرالن ۾ ڦهليا، يادن جا ڦهلاءَ،
مومل جي مستانن جا هت ٻوتا ڪيئن ٻڙلاءَ ــ الا!
پريتم! اوري آءُ.

الفت کي ڇا روڪي سگهندا، انڊيرا انياءَ،
ليٽ نه پنڇي سوتي ايندا، ٽيندا شل پرياءَ ــ الا!
پريتم! اوري آءُ.

آزاد نظم

نئون نياپو

تنهنجي چاهت چڪيا آهي،
سورٺ آءُ سينگار ڪري،
پنيٽ پنيٽ باهه پري!
سڙڪ ٻنان ڪيئن سرمد رهندا،
ٻڻ وارا مرڪي ايئندا،
منصورن کي متوالن کي،
ڏهر نه ڏين جي ڏري ڏري:
پنيٽ پنيٽ باهه پري،
سورٺ آءُ سينگار ڪري!
ڪانڊن کي ڇا ڪرٽ جهليندا،
ڪونڌر آخر ڪُسندا رهندا،
پروانن جي، مستانن جي،
سوري ريءَ ڪيئن سري سري:
پنيٽ پنيٽ باهه پري،
سورٺ آءُ سينگار ڪري!
مانجهي ڪهڙا ماڳ پچين ٿو،
پنهنجي منزل دور گهٽوئي،
جاڻ اڌاڻا، ٻاڻ اسان جا،
تارن ڪان پي هري هري:
پنيٽ پنيٽ باهه پري،
سورٺ آءُ سينگار ڪري!

اوهان جي ڇاڻا

اوهان جي ڇاڻا،
نه ٻلبل ٿي چهڪي، نه مکڑي ٿي ٻهڪي.
نه بادل ٿي برسيا،
نه ورسيا وڃاڻا ــ اوهان جي ڇاڻا.
اوهان جي ڇاڻا،
اسان روح کي ڇڻ نچوڙي چڪاسين،
اداسي لڪاهن ۾ تشنه لبن سان،
هر گام،
هر شام توکي پڪاري ٿڪاسين؛
مگر تون نه آئين،
نه آواز آيو،
ٻهارون نه موٽيون.
۽ ڪونجن جون وڇڙيل قطارون نه موٽيون؛
گڻ جا زخم ڪين پريا،
نه پريا،
ويا دور وڇڙي سي ساڻي نه وريا،
ساڻي سمهي پيا، ۽ مقتل وسائا،
اوهان جي ڇاڻا.

غزل

رات اسان کان پيارا وڇڙيا، چانڊوڪيءَ کان چارا وڇڙيا،
سانوڻ ڪهڙي ڪارڻ ايندو، دل کان جو دل وارا وڇڙيا.

ڪنهن سونهن ڏني، ڪنهن ساءُ ڏنو، ڪنهن دردن جو درياءُ ڏنو،
ڪوڙا ڪهڙا ماڻهو آيا، ڪهڙا جيءَ جيارا وڇڙيا.

خواب جي ايوانن ۾ سان تنها تنها ڇو آهيان،
جن جوت ڏني، سي موت نيا، هئي! تاريڪيءَ ۾ تارا وڇڙيا.

تون گيت هئين، سنگيت هئين، يا منهنجي من جو ميت هئين،
اڄ گيتن کان گونجار وئي، اڄ درياڻن کان ڌارا وڇڙيا.

ڪي ڏينهن ٿيا جو مينهن پيا، جن پيار ڪيو سي ڏار ٿيا،
تون ڇا وڇڙيين، دنيا وڇڙي، سون کان ساڻي سارا وڇڙيا.





عبدالجبار «شام» جوٽيجو

مسٽر عبدالجبار "شام" جوٽيجو ٻنهنجي علمي خدمتن جي ڪري سنڌي ادب ۾ ڪافي شهرت حاصل ڪري چڪو آهي.

سندس ولادت ٢٦- نومبر ١٩٣٥ع تي، ڳوٺ پير فتح محمد شاهه، تعلقي بدين، ضلعي حيدرآباد ۾ ٿي. ابتدائي تعليم بدين، ٽنڊي باگي، نوابشاه ۽ حيدرآباد ۾ حاصل ڪيائين. ان کان پوء ١٩٦٢ع ۾ سنڌ يونيورسٽيء مان ايم. اي. جو امتحان اعزاز سان پاس ڪري، اول درجي ۾ ڪامياب ٿيو ۽ چانسلر جو سونو ميڊل حاصل ڪيائين.

٦٦-١٩٦٥ع ۾، چيني زبان ۾، پيڪنگ (عوامي جمهوريه چين) مان ڊپلوما حاصل ڪيائين، جنهن ۾ به پهريون نمبر ڪنيائين ۽ ان لاء امتيازي سند حاصل ڪيائين.

١٩٦٢ع کان وٺي، سنڌ يونيورسٽيء جي سنڌي شعبي ۾، محنتي استاد جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي.

١٩٥٢ع کان وٺي شاعريء سان دلچسپي پيدا ٿيس ۽ "شام" تخلص استعمال ڪندو آهي.

شعر و شاعريء جي اصناف ۾ دوها، بيت، وايون ۽ نظم چيا اٿس. سندس انداز بيان ۾ نماڻائي ۽ ذوق جماليات جو عنصر آهي.

سندس هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن:

١- سوڪڙي: بيتن ۽ افسانن جو مجموعو (١٩٥٦ع)

٢- اباڻو گهر: افسانن جو مجموعو (١٩٥٨ع)

٣- ڪنزاللطيف: لطيف جي شاعري جا بيت (١٩٦١ع)

٤- سوري آ سينگار: ناول (١٩٦٣ع)

ان کان سواءِ 'غزلن جو غنچو' (۱۹۶۳ع) بي. اي. جي ڪورس لاءِ جناب علينواز جتوئي (هيڊ سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي) جي رفاقت ۾ مرتب ڪيو آهي. ان طرح پنهنجي ڏاڏي، حيدر خان جا ملفوظات "دانشمندي" جي نالي ۾ ۱۹۵۸ع ۾ ترتيب ڏئي، شايع ڪيا آهن. سندس ٻ - ٽي ناول ۽ ڪلام جو مجموعو اڃا اڻڇپيل آهن. ـــ اداره.

*　　*　　*

دوها

ساوا ون سُڪي ويا پيارا، برف ڍڪي آ وادي،
ڪڏهن الا اونهارو ايندو، ساوڪ جي آزادي.

منهنجو ساهه سيڪي ٿو چاڪي، آءٌ اهو جي چاڙا،
بندو آهي بيوس جڳ ۾ چڙي ويا سچ سياڙا.

ڪل جو آهي جوپن تنهنجو، هرڻيءَ جي آهه چال،
ڏرتيءَ تي جو قدم رکين تون، آڻي ٿو پونچال.

منگوليا جون سرد هوائون، يا هجي چؤماسو،
وڻ وڻ، ڪل ڪل، شاخ شاخ ۾ تنهنجو آهي واسو.
(چين ۾ لکيل)

من جي ڪالهه سڻي جي سهيلي، هار ڪيو ويهي روئي،
مون برهڙ تي جيڪي گذريو، پيو ناڃاڻي ڪوئي.

ٻلڙ ٻلڙ گهاٽ گهڙي ٿو، ڏاهي ٿو محلات،
ڪنَ ۾ اوچو گهات ڪري ۽ ڪنَ ۾ ڪائي مات.

ڏولٽ طعنا تُنڪا مليا، مهڻن جا جنجال،
سهندي سهندي سال لنگهي ويا، پورا پندرهن سال.

پريت جي ويرين کان ڪڍ جي، ڪو ويرُ ونون اڄ ناهي،
جوڙ اسان جو سهڻا سائين، سنڌ سجيءَ ۾ ناهي.

آءٌ سمجهان ٿي، مون ٻيرهڙ جي اڳڙ هلي تون ايندين،
چارين جي چُغلين تي پيارا، مون کي کين چڏيندين.

تو ٻين ميڙا سَن نه پرچي، مَن کي ڪيئن پرچايان،
ميڙا ميڙا ٻيا ٻه ته آهن، پر هرجائي ناهيان.

عرش ۽ فرش جي وچ ۾ ساجن، اهڙو محل آڏاوون،
هين ڪثرت ۾ ڪهڙو ويهي، پنهنجو پاڻ پڏاوون.
سرتيون مون کي ساجن پنهنجو، ڏيئي ويو رومال،
هاڻ ته آن سان هر هر دل جو اوريان ٿي احوال.
باب برهه جي مون کي سرتيون، ٿيئي ڏنا بس ٽول،
ساڻ ميلي، ٻيو شعر ملهيو، ۽ ٿيون ايمن انمول.
ڪير به ڪنهن جو نوڪر ناهي، ڪير نه ڪنهن جو واهي،
هرڪو هڏي هوش ڪري نه ته ٿيندس حال ٽوائي.

بيت

گهڙو ۽ گهيڙ، صورت سڀ ساڻ جي،
جي اِت ڪائن ٿيڙ، ساڻ ملندیون ڪينڪي.
ڪٽ وڃي ٿو ورلاڻ، ڪٽي ڪارون ڪماڄ جون،
منهنجي مَن ماندائ، جانب وڏو جيڏيون.
ويهي ڪر ويچار، گهڙا پرهندیءَ ڪيترا،
آهي ڪو اسرار، سڀي هين مهراڻ ۾.

وائي

هينڙا ڇڏ تون ڇيڙ ڇچار، ٻُور اجايا ڪين ڇڃاءِ.
مَٽو ڪنهن جو مُور نه گهُر تون، سڀ جا ٻيڙا ٻار.
سڄڻ ۽ ويري تو ۾ آهن، پنهنجو پاڻ آچار.
ويرين جون ڇڏ مُور مقالون، سڄڻ ويهي سنڀار.
'عبدالجبار' ڇي عشق وارن وت، غافل ٿي نه گذار.

نظم

چينَ جي راڻي

پيڪنگ ۾ هئي چين جي راڻي، سڀ کان سهڻي، راجَ ڏياڻي،
جڏهن جا ساداڻ ساداڻ، ڪم ۾ سا مشغول همیشه.
پنهنجا زلف چنڊيندي هئي تان، شهر سڄو هو لرزي ويندو.
اهڙي هئي سا چين جي راڻي، سڀ کان سهڻي، راجَ ڏياڻي.

سَتَ سَتَ سَندَ ہیو

(۱)


کي کي ماڻهو سَن جا کوٽا، شان رکن ٽا شاهي وو.
ليک ہـ کوٽا، ہيک ہـ کوٽا، سکڻي آڏَ وڏائـي وو.
آہستا سُٻتا نـعـرا ڄاڻن، وَهه وَهه جـا وسکارا وو.
کوٽا ہستک، ہوٽيون کوٽيون، حـاشـيـا ۽ واڌارا وو.
راتيان ڏينهان ٽاهه ٽڪيءَ جا، کوڙي کن کمائي وو.
کي کي ماڻهو سَن جا کوٽا، شان رکن ٽا شاهي وو.

(۲)

کي کي ماڻهو دل جا دريا، ہـوڙي جن ہيائي وو.
سچ جـو سودو آهي تن وٽ، ناهي کوڙ کَچائي وو.
اول سچ جو خير کهُرن ٽا، کوڙ کُپت کان آجا وو.
مُنهن تي ميٺ ميٺ کين سي ڄاڻن، ہؤ تي ہؤ سڀاجها وو.
اهـڙا ماڻهو سَن جـا سوتي، عـالـم منجهه آچـائـي وو.
کي کي ماڻهو دل جا دريا، ہـوڙي جن ہيائي وو.

(۳)

کي کي ماڻهو کَپَ جا کيلا، تيل جي جهڙي مـيـائي وو.
حـال، حقيقت، کفر، کراست، سُڌ رکن نـہ کائي وو.
سکڻي کُنيءَ وانگ آياسن، اهـڙا ٽـلـهـا ٽـانـٽـا وو.
کهڙو چنجي حال تـنين، بس گڏهه، پَتڻ ۽ ہـانٽا وو.
قـدم قـدم تـي کيل تماشو، سـاري خلق کيلائي وو.
کي کي ماڻهو کَپَ جا کيلا، تيل جي جهڙي مـيـائي وو.





محمد علي "جوهر"

محمد علي 'جوهر' پنهنجي مزاج ۽ طبع جي حيثيت سان هڪ مجلسي ۽ تحريڪي شخصيت جو مالڪ آهي. علمي ۽ ادبي مجلسون ۽ ڪانفرنسون ڪرڻ، ۽ انهن کي ڪامياب ڪرڻ، سندس ادنيٰ ڪرشمو آهي. ان سان گڏ ادب ۽ فن جو پاڪيزه جذبو ۽ رکي ٿو. سندس شاعري زياده تر اصلاحي، قومي ۽ عشقيه آهي. عشقيه انداز ۾ سندس لذيذ ۽ لطيف آهي. زبان سليس ۽ هر علمي، ۽ بعض موقعن تي عربي ۽ فارسي لفظن سان پريل استعمال ڪري ٿو. صحافتي زندگي ۾ سندس معرڪ آرا رهي آهي. پنهنجو مختصر تعارف هن طرح لکيو اٿس:

نالو: محمد علي، تخلص 'جوهر'، قوميت لاشاري بلوچ.

پيدائش: ۱۹۳۱ع، شهدادڪوٽ، ضلعو لاڙڪاڻو.

تعليم: ديني تعليم شهدادڪوٽ جي مشهور درويش صفت جيه عالم حضرت مولانا قمرالدين صاحب مهيسر رحه وٽ شروع ڪئي، ۽ وڌيڪ جامعه عربيه حيدرآباد ۾ ورتي ويئي. سوشل ۽ سماجي ڪارڪن رهڻ پسند ٿو ڪريان.

شغل: شروعات ۾ صحافت، هفتيوار 'پيام نو' ۽ 'آواز' لاڙڪاڻي مان ڪڍيم. ادبي محفلون ۽ مشاعرا ۽ وڏيون ڪانفرنسون ڪوٺائڻ هڪ ادبي فرض سمجهان ٿو. "جمعيت الشعراء سنڌ" جو پنجن سالن کان جنرل سيڪريٽري آهيان.

شاعري: اوائل ۾ مولانا قمرالدين مهيسر کان ۽ وڌيڪ اڄ تائين استفاده حضرت گرامي صاحب کان."

ڪافي

*

وڃوڙو ٿو تنهنجو، مٿا محب ماري،
جدائيءَ ۾ ڪٽين ڇڏيو ساهه گهاري.
وٽي وسري سون ڪان سڃڻ هيءَ خدائي،
سوا تنهنجي ساجن، نه ٻيو حالياڻي،
قسم تنهنجي سر جو لڳس تنهنجي لاري،
گهڙي هڪ نه غافل ٿي توکان ڪذاريان،
ٻنهل يار توکي ٿي ٻلڦل پڪاريان،
سدا توکي سهڻا، سندم ساهه ساري.
ڪري ياد توکي، مان جالب جيان ٿي،
پري زهر جا ڏڪ، سان ڏولڻ ٻيان ٿي،
نه آ منهنجي وس ۾ ته وٻهان وساري.
اٿم هڪ جنازي ٿي 'جوهر' جي ايندين،
ڏسي منهن، ڪري دانهن، سڏڪا پريندين،
وسائيندين بارش، مٿا لڙڪ هاري.

نظم

قوم

مستِ مئي پندار آ جنهن قوم جو هر فرد،
سرڪشتءِ ادبار آ جنهن قوم جو هر فرد،
تصويرِ بديوار آ جنهن قوم جو هر فرد:
سا قوم، سزاوارِ بقا ٿي نه سگهي ٿي.
جا بادهٔ اخلاص کان سرشار نه آهي،
جا وحدتِ قوميءَ جي پرستار نه آهي،
جنهن قوم ۾ يڪجهتيءَ افڪار نه آهي:
سا قيد غلامي سان رهڻ ٿي نه سگهي ٿي.

حق ڳالهه جي اظهار جي، جنهن ۾ نه آ قوّت،
بيباكيءَ گفتار جي، جنهن ۾ نه آ همّت،
هڪ آه شرر بار جي جنهن ۾ نه حرارت:
سا لاشرِ فرمانِ خدا ٿي نه سگهي ٿي.

دلدادهٔ هر رند طلسمات جا قوم آهي،
زنداني ارباب خرافات جا قوم آهي،
وابستهء پيرانِ خرابات جا قوم آهي:
سو درد آ هت جنهن جي دوا ٿي نه سگهي ٿي.

باقي نه جنهين قوم ۾ اسلاف جا 'جوهر'،
هر فرد آ جنهن قوم جو خود ساخته رهبر،
جنهن قوم جو هر فرد گناهن سندو ڀيڪر:
ميراثِ شرف ان کي عطا ٿي نه سگهي ٿي.

غزل

●

حريمِ نازِ سندو آستان نه آ معلوم،
نه آهه نقشِ كفِ پانشان نه آ معلوم.

لنگهي ويو آ كڏهن كاروان نه آ معلوم،
پُڏان ٿو بانگِ جرس كاروان نه آ معلوم.

اگرچه هستيِ گيتي كان مان مٿي لنگهيس،
وليك شمس و قمر، كهكشان نه آ معلوم.

مان تنهنجو دست حنائي ڏسي ٿيس حيران،
شفق جو رنگ، گلِ بوستان نه آ معلوم.

مون ماورائے غم و عيش آ لذو مسكن،
بهارِ عيش كجا ۽ خزان نه آ معلوم.

هي آهه كوڙو پسِ پرده، صاحبِ طنّاز،
نهان كڏهن آ، كڏهن آ عيان نه آ معلوم.

تميز ظلمت وضو جي وٽي آ ضايع ٿي،
چا گل، چا خار مغيلان، ميان؟ نه آ معلوم.

غنودگيءَ ۾ نبِ گوش جو ٻيو آواز،
نديءُ! هاءِ اهو داستان نہ آ معلوم.

شگفتگي دلِ ويران ۾ جنهن کان پيدا ٿئي،
اهو ڪلام، ڪليمي، بيان نہ آ معلوم.

سڙي ويا جتي شهباز فڪر جا 'جوهر'،
اهو الاهي، زمان و مڪان نہ آ معلوم.

●

نہ فرات و دجلہ تي ناز ڪر، نہ فريبِ گنگ و جمن ۾ آ،
آ جهانءُ تنهنجو سڃو وطن، سڳهو ٻيوطن تون وطن ۾ آ.

توکان حسنِ نرگس و نسترن، ڪلي توکان رونقِ ياسمن،
تنهنجا منتظر ٿيا گل و سمن، تون بهار بنجي چمن ۾ آ.

سرِ خم نہ رهہ تون اي محترم، جو وطن ۾ آهہ بنيو صنم،
تنهنجو قدر ٿيندو اي جانِ من، تون حريمِ دل جي عدن ۾ آ.

هي بهار دهر جون محفلون، تنهنجي خاوتن تان نثار ٿيون،
تنهنجو ڪم نہ غنچہ و گل سان آ، تون چمن ڇڏي ڏي ۽ بن ۾ آ.

رہ و رسمِ عشق تي رک نظر، ٿي مهانِ لو جو ٻيامبر،
نہ تون عهدِ ماضي کي ياد ڪر، نہ فريبِ چرخِ ڪُهَن ۾ آ.

رهي ٻيوطن چوان ڪٿ سخن، هان، سخن لئہ گهرجي ٿو علم و فن،
چيو آ مگر مون کي دوستن، تہ اي يار، 'بزمِ سخن ۾ آ.

●

فريبِ جلوهِ رنگين ۾ مبتلا آهيان،
حدودِ شوق جي دنيا جي انتها آهيان.

هزار رنگِ حقيقت کان آشنا آهيان،
مگر هي علم نہ آهي تہ جا ۽ جا آهيان.

زمانو جنهن کي ٻڌي ڪين، سا صدا آهيان،
اثر نصيب نہ آ جنهن کي، سا دعا آهيان.

ٻڌائي ٿو ٻيو، انداز وعدهِ فردا،
جا هر قدم تي ٿي زائل، سا مدّعا آهيان.

فريب زيست نہ ڏي، اعتبار زيست مون کي،
طلسمِ عالمِ هستيءَ کان آشنا آهيان.
توهمات جو کوڙو بيان کيان 'جوهر'،
خدا ٿيان ها! مگر بندهِ خدا آهيان.

●

فضاءِ دهر کي ناسازگار سمجهان ٿو،
خصومتِ فلکِ فتنه بار سمجهان ٿو.
عجيب کشمکشِ زيست هر نفس ۾ آهي،
حيات، موت سان جڙ همکنار سمجهان ٿو.
مه و نجوم چا، ارض و سما ٿيا ناساز،
عجب مخالفتِ روزگار سمجهان ٿو.
ذرا معاف کريو، سچ چوڻ ڏيو، يارو،
دماغ جي بہ رکڻ، دل ۾ بار سمجهان ٿو.
دل و دماغ، لظر خواه فکر آ ٻابندِ،
قدم قدم تي جو بندش هزار سمجهان ٿو.
وجان وٽي مان کٽي، هيءَ دلِ پراگنده،
دماغ ۾ بہ ته چکر، هزار سمجهان ٿو.
کٽي ٻڌاءِ، تون راهِ نجات، اي همدم،
سفر هي ٻنهنجو ڏکيو ڏاڍو يار سمجهان ٿو.
ڏسان خزان ٿو ته برباديءَ جي فکر ۾ آ،
۽ اشکبار اکين سان بهار سمجهان ٿو.
سدائين وقت نہ کنهن سان سات ڏيندو آهي،
هميشه وقت کي بي اعتبار سمجهان ٿو.
فريد فرد نہ آهيان، مان 'جوهرِ' خستہ،
هتي ته بزم سجي دلفگار سمجهان ٿو.





احمد خان «آصف»

احمد خان 'آصف' ولد محمد اسماعيل ولد امام بخش ولد لعل بخش ولد محمد اسماعيل ولد محمد اسحاق مصراڻي، وينل ڳوٺ ٽنو ٻير، تعلقو خيرپور ناٿنشاهه، ضلعو دادو.

ولادت، اسڪولي داخلا موجب ٨- جولاءِ ١٩٢٢ع/١٣- ذوالقعد ١٣٤٠هـ. اسڪول ڪائيا ۾ داخلا ٻاراڻي ڪلاس ۾ ٧- سپٽمبر ١٩٢٧ع. ان اسڪول ۾ ٽي ورنيڪيولر فائينل پاس ڪري انگل نئون ڏهه سال رهي ١٦- آڪٽوبر ١٩٣٦ع ۾ نڪتو. ١٩٣٦ع ۾ سنڌي فائينل پاس ڪرڻ کان پوءِ سال ١٩٣٩ع تائين محمد يوسف صاحب چانڊيي ۽ حافظ جمال الدين رهماڻي وٽ قرآن شريف، ڪجهه عربي، اردو ۽ پارسي پڙهيو. سپٽمبر ١٩٣٩ع ۾ جناب پير الاهي بخش صاحب ان وقت جي تعليمي وزير سنڌ جي تعليم هالغان ۾ سينٽر احمد خان رودناڻي ۾ پرائمري ٽيچر ٽيو ۽ اڄ تائين تعليم کاتي ۾ پرائمري ٽيچر آهي.

تعليمي لياقت: سنڌي فائينل سال ١٩٣٦ع.

پهريون سال ڪاليج ١٩٤٢-١٩٤٣ع ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد.

ٻيو سال ڪاليج ١٩٤٨-١٩٤٩ع ٽريننگ اسڪول لاڙڪاڻو.

اديب سنڌي ١٩٥٤-١٩٥٥ع سنڌ يونيورسٽي.

اديب عالم ١٩٥٥ع سنڌ يونيورسٽي.

اديب فاضل ١٩٥٩ع سنڌ يونيورسٽي.

فائنل اردو ١٩٦٢ع ميڙ سينٽر.

انسروس ڪورس ١٩٦٨ع حيدرآباد.

ادبي حالات: شاعري ١٩٣٧ع ۾ شروع ڪيائين. علم عروض جا سبق جناب حافظ محمد احسن ۽ مرحوم جمعي خان 'غريب' وٽان ورتائين. مضامين جناب حاجي محمود 'خادم' لاڙڪاڻوي جي اثر هيٺ لکيائين. سنڌس اشعار و مضامين شروعات ۾ "اديب سنڌ" رسالي ۾ شايع ٿيا. مختلف ادبي انجمن، جهڙوڪ: انجمن آفتاب ادب دادو، جمعيت الشعراء سنڌ، سنڌي سڌار سوسائٽي ڪڙ، ٻهراڻ

۽ "بزم طالب المولائي" وغيره ۾ سرگرمي سان حصو ورتائين. سندي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب اسڪيم ۾ فيبروري ۱۹۵۷ع کان سپٽمبر ۱۹۵۸ع تائين ڪم ڪندو رهيو، ۽ سندس خدمات کي لوڪ ادب اسڪيم جي ڊئريڪٽر ڊاڪٽر جناب بلوچ صاحب وقتاً فوقتاً کٽو سراهيو آهي.

سندس تصنيفات و تاليفات هن طرح آهي:

ڇپيل ڪتاب: گلزار چنبيلي ۽ حصا، همايون نامو، سيرت زيب النساء، شڪسته حال شهزادين، سيرت حضرت بلال، سيرت خواجه اويس قرني، قصص الانبياء، رومي ۽ جون رهاڻيون، ارمغان آصف، جاگرافي ضلعو دادو (انعام يافته)، جاگرافي ضلعو دادو بطرز سوال جواب، جاگرافي تعلقو خيرپور ناٿنشاه ۽ سندي ٽئين درسي ڪتاب لاءِ نظم، جي اسڪولن ۾ پڙهيا وڃن ٿا.

اڻڇپيل ڪتاب: خانخانان جون خوبيون، تزڪ بابري، زرين اقوال، املهه سائڪ وغيره وغيره.

هن وقت تعليمي ڪاميٽي بولين ڪٽڻ جو چيئرمن ۽ بزم طالب المولائي شاخ رڪيل پير ريلائي جو جنرل سيڪريٽري آهي. — 'اظهر' ريلائي

* * *

'آصف' صاحب جو فن ڪوٺائي زندگيءَ جو ترجمان آهي. سندس انداز بيان سليس، سلوڻو، دلڪش ۽ لذيذ آهي. هر صنف تي سندس ڪلام موجود آهي. ڪافي، غزل، نظم، بيت، وائي ۽ تاريخي قطعي لکڻ تي کيس دسترس حاصل آهي. 'آصف' صاحب جي فن جي هيٺ زياده تر ڪلاسيڪي آهي، تاهم ڪيئي نوان تجربا سندس تخليقي فن ۾ موجود آهن، جي ڏاڍا سهڻا ۽ دلڪش چئي سگهجن ٿا. افسوس جو سندس کوڙ مجموعو ڪلام ايا شايع نه ٿي سگهيو آهي.

— ادارو

بيت

(۱)

پرين ويا پرڏيهه، اچن تان آرام ٿئي،
آيم ڏاڍي ڏيل کي، ڦوڙائي جي ڦيهه،
ڇهن اندر ڇيهه، سرتيون سور ڏئي ويا.

(۲)

هوت بنا هيٺي، آهه جڏي هيءَ جيندڙي،
جيڏيون منهنجي جان ٿي، جهوريءَ ۾ جهيٽي،
'آصف' هيءَ عليل آهه، وارث وهيٽي،
ڀهڳڙ شل ٻيٽي، ٻڪي ڏيندو ٻاجهه جي.

(۳)

ٻيهيءَ ۾ ٻيهي، سڄڻ ايندم سرتيون،
اڇي وهندم اوڏڙ، پرين پرڏيهي،
دلبر سان دُک دل جا، ونڊيندين ويهي،
جيهي ۽ تيهي، 'آصف' ان جي آهيان.

(۴)

راڻا منهنجي راڙ، ڪانڌ سُٽي اڄ ڪاڪ تي،
ڪرهو ڪاهي ڪوڏ سان، لالن سون ڏي لاڙ،
وَڇن وسارج ڪينڪي، پيرَنَ سيٽي پاڙ،
سوڌا منهنجو ستر تي، عيبن کي نه آگهاڙ،
ڏسج منهنجي ڏيل ۾، ڦوڙائي جا ڦاڙ،
پلنگ پراڻا ٽي چڪا، سُڄي ٽي ست-ماڙ،
ڪرڻ ڪين قرار ڏئي، ڀهڳڙ تنهنجي پاڙ،
توڏي حرف نه هڪڙو، سون ڏي ڪل مُهاڙ،
سون تي ڪري ساڙ، ڏولڻ ڏک ڏلائيون.

(١)

كانگل كَهج قريب سان، منهنجو حال مزيد،
كُهي وڏو آهه قرب سان، دلبر تنهنجي ديد،
زوَدون ذوق ضعيف ڪيو، مون ڪي شوق شهيد،
آءُ تہ ٿيندي عيد، 'مصراڻيءَ' مسڪين لئہ.

(٢)

كانگل كَهج قريب سان، وڃي حال وڌيڪ،
سُڌ سڄاڻج سُور جي، ان ڪي نہ پهه ٿيڪ،
نُڪتا ڏَسجان نينهن جا، هلكل جي باريڪ،
آءُ اچي رهه اوڏڙو، نازڪ ٿيءُ نزديڪ،
جالب سمجهان جڳ ڪي، توريءَ سان تاريڪ،
شامل ٿي شريڪ، تہ ٿئي نظارو نُور جو.

(٣)

كانگل كَهج قريب سان، حال وڃي هن ريت،
سڪ اچي سوڙهو گهٽيو، ڪيو هاهُ پريت،
جان جسي ۽ جيت، سُرو سورن جو لڳو.

(٤)

كانگل كَهج قريب ڪي، كولي زود زبان،
"الفراق اشد من الموت"، كَل پوي ٿي كان،
ڦوڙائي ڦيهي وڏو، حُب ڪيو حيران،
دردن منهنجي دل ۾، كوليا دُرس دكان،
سَن ۾ اڄ موجود ٿيا، سورن جا سامان،
دوست ڏري كو ڏيان، سڌ لهي وڃي سور جي.

(٥)

كانگل پاس قريب جي، زودون وڃ تون زاغ،
جانب منهنجي جيءَ ۾، بره بنايا باغ،
تُنهنجي سِكَ سُرها كيا، منهنجا دل دماغ،
هرين تنهنجي هار جو، ڏنو سور سراغ،
دلبر ميڙج داغ، ملي 'مصراڻيءَ' سان.

(٦)

كانگل وڃ قريب ڏي، ڏاهو ٿيءُ ڏاها،
چنجان: چاهَ ڏيكاريا، لاها ۽ گاها،
تُنهنجي پيار پياريا، وه وا جو واها،
تُنهنجي عشق عليل ڪيو، شوق ڏنو شاها،
ڪري سانباها، سڄڻ اڄ تون سيكهه ۾.

(٧)

كانگل وڃ قريب ڏي، خوش ٿي اڄ كيانتا،
دردن كوليا دل ۾، كنڌ يون ۽ كاتا،
مون سان هاڪ هريت جا، هيڄ هريَن هاتا،
قابو ڪڙي قرب ۾، لالڻ ڏينهن لاتا،
عاجز ۽ آتا، آهيون هت عجيب ريءَ.

(٨)

كانگل كاهِ قريب ڏي، 'لكا' ٿيءُ لَكي،
قابو ڪڙي قرب ۾، پهڳڻ دل پكي،
آڄ سانڍ عجيب ڪي، ڏاڍي رمز ركي،
تُنهنجا هير پكي، چمي چشمن تي ڏريان.

(٩)

كانگل كهج قريب كي، حال سڄو سارو،
تہ ڏكن منهنجي ڏيل ۾، جانب ڪيو جارو،
سَنَ جي ساڙيءَ كي لڳو، گوندر جو گارو،
محبت جو مارو، محب هٿي مرمت كري.

(١٠)

كانگل كَهج قريب كي، حال وڃي تون هاڻ،
وهي ان كي وبجهڙو، كر كا وت وراڻ،
منهنجو هيءُ مذكور تون، پيش هرينءَ جي آڻ،
ساجن آڄ سانڍ، تہ 'آصف' لَئہ كا عيد ٿئي.

(١١)

كانگل كالهه كَهيي، ملي آيو محب سان،
آندئين خبرون خير جون، سالم صاف سهي،
ويندا ٻيٽي سورڙا، لحظي منجهه لهي،
جانب ايندو جلدئي، وڏي ناهَ نهي،
هوليندو كي ٻاجهه مان، پهڳڻ هول پهي،
راتيون روز رهي، ڏك ميٽيندو ڏينهن جا.

ڪافيون

*

قيدَ عمر جي ساه سُڪايو، بيوس آهيان ٻانڌي سان،
ماڙين محان هر ڇا سنهنجو، تسمت آهيان آندي سان.

روز اڏايان ڪانگ ڪبوتر، روز ڇُڇايان پانڌي مان،
آڻ ٽُڻ آلڪي اوسيڙي ڪان، ويل نه آهيان واندي مان.

ماڙين سَنجهه ملول رهان ٿي، ماروئڙن ڪاڻ ماندي مان،
ڪين قبوليان زيور زَريون، سونُ جَواهر چاندي سان.

جيڪري جهانگيڙن سان ٽيان سَڻ، 'آصف' هٿ هيڪاندي مان،
پَر جي هيٺ مران لَٽجان شل، پيڪن جي پيراندي مان.

ساه ڪيو سُڪ سوکهو سوڍل، راڻل رمزن ساڻ ادبون،
ڪانَ هنيان پيڪان پرت جا، ڀڳڙ پيڙا پاڻ ادبون.

ڪاڪ لنگهيو چالاڪ چتائي، ڀٽو پِرتَون پاڻ ادبون،
هارَ ڏني هوشيار سون ڪي جو، آهي مَڇي سون آڻ ادبون.

اڳ هر آکڙ هر ڇڇندي هَيس، هيڻي آهيان هاڻ ادبون.
سيڻ سهيليون ويڻ ڏين ٿا، آپ ڪيڏي ڪاڻ ادبون.

سومل جي سيني هر ڪينو، ڪوٽ سندي ڪا ڪاڻ ادبون،
'آصف' آن جي انڪلبازي، ويل ڪيو سون ڪاڻ ادبون.

گيت

آبڪلاني جي سند آئي، وهيا واهه نياڻ:
ڏولڻ تون به هلي اڇ هاڻ.

رَهيو ڪهيو لوڙ لڻيو،
جهولا ڪُهليا، سگر ڇڏيو،
هاربن پاڻي ڇتَ تي ڇڏيا، ڪي تا ڏوئڻ پاڻ:
ڏولڻ تون به هلي اڇ هاڻ.

'ڪوڙ ڪهڙ' جاڻي ڪاڻي جاري،
'وَسهن' ڏني آ هرهڪ هاري،
آڪلاڻي جا هر هلي ويا، رونبا هوندا جاڻ:
ڏولڻ تون به هلي اڇ هاڻ.

وَنيون ٿي تہ وَرن سان شامل،
رونبا ڪن ٿي راهل ماهيل،
آڳ اکيلي، نار ڏهيلي، سونهان ٿي تو سان:
ڊولڙ تون بہ هلي آڇ هاڻ.

'آصف' آخر هوڪون ڇڏيون،
ساهيليون سڀ خوش ٿي ڪلنديون،
آڳ اڳاڙي اٽندي وهندي، رئنديس تنهنجي ڪاڻ:
ڊولڙ تون بہ هلي اڇ هاڻ.

غزل

●

محبّت جون ڪهاڻيون ياد رهنديون،
ڪهاڻيون قرب هاڻيون ياد رهنديون.

وصال و هجر ٿيا معيارِ الفت،
رُسامائڻ رهائيون ياد رهنديون.

اکين احوالِ دل اوريو اکين سان،
اهي نظرون نمائيون ياد رهنديون.

نرالين نينهن جون گالهيون اي 'آصف'،
نيون توڙي پرائيون ياد رهنديون.

●

نشو و نما چمن جي نظارن ڇڏي ڏنو،
بدلي فضا تہ حسن بهارن ڇڏي ڏنو.

گل جي جڳہ تي خار ۽ خاشاڪ و خس ڏسو،
بدلي فضا تہ حسن بهارن ڇڏي ڏنو.

پنهنجا بہ ڪن انين جو پراوا بہ ڪن لٽا،
افسوس اڄ پيار پيارن ڇڏي ڏنو.

رهبر لُٽي ٿو ڪاروانُ، رهزن جو ڪڙو ڏوه،
منزل جو شوق راهگذارن ڇڏي ڏنو.

آه و فغان ٿيو مشغلو هجرِ حبيب ۾،
دل کي شڪيب و صبر قرارن ڇڏي ڏنو.

'آصف'، سهارو پنجتن جو توکي ڪافي آهي،
ڪجهہ غم لہ آهہ توڙي سهارن ڇڏي ڏنو.



احمد خان "اختر"

محترم احمد خان 'اختر' پنهنجي خود نوشت سوانح هن طرح لکي آهي:

"نالو اٿم احمد خان، تخلص "اختر". ميمڻ قوم مان هڪ نامياري خاندان جو چشم و چراغ آهيان منهنجو جنم ٢٣- اپريل ١٩٦٥ع آهي. مرحوم و مغفور حاجي حامد جو ڏوهتو، ۽ مرحوم و مغفور محمد هاشم "مخلص" جو پائيجو آهيان. والد بزرگ جن جو اسم گرامي عبدالرحيم آهي.

تعليم بلڪل معمولي اٿم: يعني قرآن شريف، مختصر انگريزي ۽ سنڌيء ۾ فقط ورنيڪيولر فائنل ۽ تپيداري امتحان پاس ڪيل اٿم.

شاعريء جو شرف محمد خان "غني" جن سان نيازمنديء مان حاصل ٿيم، ۽ مرحوم و مغفور جناب استاديم حافظ عبدالله "بسمل" ٽڪڙائيء جن جون ٻڌ مهربانيون ستم موجود آهن. منهنجي شاعري ماه اپريل ١٩٣٠ع کان شروع ٿي. ٢٤- جنوري ١٩٣٩ع تي سندم پهريون شعر: "اجا مون کان پچو ٿا ڇو ٿيو رنجيده آهيان مان!" غزل جي صورت ۾ "مسلمان اخبار" حيدرآباد ۾ شايع ٿيو. ان بعد 'دعوت' هفتيوار سکر، 'هلال پاکستان' حيدرآباد، 'لئين زندگي' ۽ 'الوحيد' کراچي، 'روح-ادب' حيدرآباد وغيره ۾ منهنجي شعر کي شايع ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو. "مهراڻ" سماهيء ۾ منهنجو کافي کلام شايع ٿيل آهي. ١٩٥٦ع کان ريڊيو پاکستان کراچي ۽ ٻوء حيدرآباد تان منهنجيون کافيون نشر ٿينديون رهن ٿيون.

تپيداري امتحان پاس ڪرڻ بعد ١- جولاء ١٩٣٦ع کان روينيو ۾ ملازمت ڪندي ٧- جولاء ١٩٦٤ کان سپروائيزري عهدي تان رٽائر ڪيم.

منهنجو نانائو ڪيڙ "ٽڪڙائي" ۽ ڏاڏائو "شوڪا" سڏجي ٿو. منهنجو جنم ڀهراڙيءَ جي هڪ ڪونڙي، ڪوٽ بولاخان شورو تعلقي حيدرآباد ۾ ٿيو. هن وقت آءٌ ٽنڊي محمد خان شهر ۾ رهندڙ آهيان ۽ سندم ذريعءَ معاش جيتوڻيڪ استانمپ وينڊري، درخواستون ۽ اپيلون لکڻ آهي، تاهم شاعريءَ سان ٻڌ روح جي وندر هلندڙ آهي.

سن ۱۹۳۰ع کان اڄ تائين منهنجي ڪيل شاعريءَ جو ڪوبہ حصو ڪتابي صورت ۾ مالي مشڪلاتن سبب ڇپائي نہ سگهيو آهيان.

سندم شاعري بيت، ڏور، ڏوهيڙا، دوها، هنر، وائي، ڪافي، مدح، خطبہ، نظم، مثنوي، مولود، قطعا، رباعي، غزل تي مشتمل آهي. گيت ۽ لوڪ گيت ٻڌ تيار ڪيل آهن. هن وقت نظم ۽ نثر جا مختلف ۴۲ ڪتاب لکيل آهن، جن جا نالا هي آهن:

(۱) ٽن سڏڙا سڪڙياتن. (۲) واکا ولهيءَ وس. (۳) سڪ، سسئي ۽ سور. (۴) گلشن 'اختر'. (۵) مارئيءَ جو مامرو. (۶) وهلو وارث ور. (۷) نوراني نُور. (۸) ڏلم ڏڪن ڏَس. (۹) هيڻن هوت حمايتي. (۱۰) انعام، عورت، ڏور-بيت ۽ نظم صرف عورت تي. (۱۱) ڪيهون ۽ ڪارون. (۱۲) الحمد اڄ آئيام. (۱۳) پلي پال پلائيا. (۱۴) برڪتي بحر. (۱۵) اونائيائون اوڏڙو. (۱۶) ڇهتم ڇهي ڪڙين. (۱۷) نيهيءَ نينهن نيائيو، (۱۹) جيجل جي جهوري. مٿيان ڪتاب سڀي نظم ۾ آهن.

(۱) حق جي هڪ. (۲) چرچن جي چهر. (۳) ساهڙ جي سڪ. (۴) اوري اڄ آءٌ اوريان. (۵) وڇوڙي جا وڍ. (۶) سنڌ جي صحبت، نثر ۾ موجود آهن.

حياتي بخير، قدرت ڪرم نوازي ڪئي تہ انشاءالله ڇپائي منظر عام تي آندا ويندا."

* * *

'اختر' سليس، صاف، بامحاوره، سنڌي اصطلاحات سان پريل، شستہ ۽ لذيذ ڪلام چئي ٿو. سندس فن اڪثر ڪلاسيڪي هيئت کي اختيار ڪري چڪو آهي، تاهم معنوي انداز سان زندگيءَ جا ڪيئي نوان تجربا ۽ مسئلا بيان ڪيا اٿس. سندس ڪلام، اڃا ڪتابي صورت ۾ نہ آيو آهي. ڪافي ۽ بيت استاداڻ رنگ ۾ چئي ٿو. —ادارو

بيت

ساموندي

(۱)

هاڻ هارا هو ٽيا، روئندي ڪين رهن،
منڌ ڇڻ ڪينڪي، ٻرين ٽا ٻُرجهن،

ماءُ! مون هوءِ، هنن جي، هو سفر ٽا سنبهن،
'اختر' ريءَ انهن، ڪيئن جتيان آءٌ جڳ ۾!

(۱)

هلڻ هارا هو ٽيا، رهن روئندي ڪين،
آيل! الدر آڏمان، مارن مون مسڪين،

فَسُبْحٰنَ الَّذِيْ بِيَدِهٖ الْمَلَكُوْتُ كُلُّ شَيْءٍ امر ان امين،

'اختر' روء زمين، پسان ڪين برينءَ جيهو!

(٣)

هليا هاڻ! هٿن سان، پيلي پاڻ! پٽيور،
وار واسينگٽون وڌ ٽيا، جيءَ ۾ جن جهاڳور،
اکيون ڪنديون ڪاريون، جاڙا پرون پونر،
'اختر' هينڊڙي هور، حورون حيرت ۾ رهيون!

(۴)

جن کي الدر آکير، سي رنديون ڪين رهن،
سهن ڪسيٽون ڪيترون، رڙهيو ليٽ رسن،
'اختر' عجبن، اوليون آوءَ نه آوٽڙين!

سهڻي

(١)

ڏٺم منهن ميهار، جو جنهن ٻهاڻي سان،
'اختر' آنهيءَ تان آديون، ڪنديس پرزا ٿان،
گهوري گهوريان سيرڙو، مٽان چڪيءَ چڪان،
محبت جي ماندان، مدامي مون من ۾!

(٢)

ڏٺم منهن ميهار جو، سرتيون! جنهن سبب،
چڪي چڪندي ٽي چري، پسيم عيب عجيب،
لامَقْصُوْدٍ فِي الدَّارَيْنِ اِلَّا مَحْبُوْبِهٖ، نهاريوم نسب،
'اختر' ادبون ربّ، ملائيم ميهار سان!

(٣)

چُڪي ٻيٽ چريو ڪري، ڪيڙو مون چت چور،
ڏکي ڏيکائيءَ ڏم ڪان، وڃان ٽي وهلور،
سرتيون! ساڻ جام جو، 'اختر' پيوند پور،
نڳڻو نوراني نُور، مون نماڻيءَ نُور ۾!

(۴)

جنهن ميه ڏٺو مون، مٿو محب ميهار،
اندر آندم آن جي ٽي، پرت پُرهيان تار،
وبم قلب قرار، 'اختر' ساهڙ سونهن تي!

(۵)

'اختر' منهن ميهار جو، جيڏيون! جيئن پسيوم،
لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ، هرٽون پروڙيوم،
اَلْعِشْقُ نَارُ اللّٰهِ مؤقدة، سڪي سهسايوم،
سبب اِن ٽيوم، ميڙائو ميهار سان!

سسئي

(١)

ڏٺي جيڪي ڏاج ۾، سو موڻائي ڪٺ ماڻ،
هنيين مون لئي هوت جو، ڪافي ڪهورن ڪهاڻ!
جيئن واج، سينهن، ۽ واڻ، تيئن 'اختر' ويندیس آن ڏي.

(٢)

سور مون لئي سڪ، 'اختر' آريءَ جام جي،
ڪيئن وساري آءٌ وٻهان، هنن هنيين هڪ،
چڏي ليڪ و ليڪ، پُرندیس آءٌ ٻنهل ڏي!

(٣)

رجن ساڻ رهاڻ، ۽ وندر مون وٽڪار،
جبل سان جيءَ جوٽيون، آريءَ جي آڌار،
'اختر' آءٌ ٻٽ ٻرهي، ٻهچان ٻنهل ٻار،
هوت هنيين جو هار، چولیندم نه چيرين!

(۴)

شڪر، جُہ ڏير ڏمرياس، تڏهن سبق سڪ سڪيس،
ڇڏي ٻير ٻنهل جو، ٻرٽون ٻُڌيءَ ٻياس،
'اختر' آريءَ جام جي، اوڏي آءٌ آڻياس،
آني نينهن نياس، جيت جٽ مليو، جدا نه ٿيو!

ڪافي

*

ڪرم ڪائناتيءَ ڪوه!
ويڙهه وڇڙي وهلو وگهر جو.
ڏکن ڏکيءَ کي ڏيج ڏنائون،
راز جون رمزون روح رکيائون،
هارڻ هيو هاهوه-آيل! مون لئي آيو امر جو.
قلم قضا جي لحظا لکائين،
ويسلپائيءَ وار وڃائين،
من ۾ محبت موه-سات نه سائڻ آهه سگهر جو.
سورن سرتيون! سبق سيکاريم،
لکئي لوح هي ڏينهن ڏيکاريم،
رُلندي رُڃَ ۾ روه-هاڻ وهائيم هاڻ پگهر جو.
'اختر' پڪ ماندو مون آري،
ڪين ڇڏيندو هوت! جا هاري،
ڏيرن ڏهان ڪيئن ڏوه-ٽيڙو نماڻو نصيب نڏر جو.

وائي

ڪيڏ قيد ياڻي قيد سان،
لاهه هي ظلم زنجير!
حاڪم ٿي هيڻيءَ ستان، حملا ڪر مَ همير!
جوڙَ نه تنهنجي جيس کي، آهيان عمر اسير!
ڇڏ ته ڇالگون ڇوڙيان، موٽي، مُلڪ ملير!
'اختر' ٻَٽ ٻَرهي ٽيان، ڪيت سان شل ڪندءِ ڪير!

وارڻي

لئي ٽمن، ڪين ڪچن، ياد رهن!
محب موچارا مون سپرين!
جيءَ ۾ جانب، جيڏيون!
ٻلبل ٻور ٻون، ڪيئن وسرن! محب ...

ڪيڏو ڪيهون ڪيترين!
سي شل سات سجن، آوءَ اچن! محب ...
هئي هئي هوت هليا ويا!
هينڊس هور هُرن، چاڪ چڪن! محب ...
'اختر' آهيان آپاڻ مون!
سڏڙا محب ملن، وهلو ورن! محب ...

غزل

●

عزيزن، مٽن، مائٽن کي سلام!
پهنوارن، پکن ۽ بدن کي سلام!

پُٽن پيٽُن پيڙيون پري پينرون،
آنهن ٽاڪ، ٽاٽن، ٽَرن کي سلام!

چڙيل چالگين چيلن، موهر مالڙن،
ڏولبن، ڏنارن، ڏَڻن کي سلام!

مُنگهن، مُرتَ، ميهن، سگر، ساوڙيُن،
لُلر، لُنب"، لاٽن، لنگهن کي سلام!

پڳي مُرکي مَڪ، موَن ۽ ماروءَ جيتي،
تنهين گهيڙ، گهاٽن گهٽن کي سلام!

ٻوڻ، پَتن ۾، پَنِ ڪيڙي، پکن،
آنهن تربَ وارن ڪکن کي سلام!

ڪٿيرين جي ڪاهُڙ ۾ 'اختر' ڪيڙن،
ڏجان ڪالڳ ساري سين کي سلام!



محمد عثمان «ناطق»

'ناطق' خود نوشت سوانح عن ريت لکي آهي:

بندي کي حڪم ڪيو ويو آهي ته پنهنجي حالات زندگي لکي موڪليان. زندگي متعلق ڇا لکجي ۽ ڇا نہ لکجي؟ منهنجو آبائي ڳوٺ حيدرآباد کان پنجويهہ-ٽيهہ ميل پري چنبڙ جو ڳوٺ آهي. منهنجو جنم سال ۱۹۲۸ع ماهہ جون ۾ ٿيو. مائٽن جو پهريون پٽ هوس، جنهنکري ڏاڏيون خوشيون ڪيائون. وقت گذرندو رهيو ۽ اچي پڙهڻ جي عمر جو ٿيس، جيئن ته اسان جو گهر مذهبي آهي ۽ والد صاحب پنهنجي تر ۾ انهيءَ جاڻ جي ڪري چڱي عزت وارو هوندو هو، ۽ والد صاحب اسان پنهي پائرن-سون ۽ 'ڪاشف'-کي پڙهڻ لاءِ مڪتب ۾ ويهاريو ته جيئن پهريائين قرآن شريف جي تعليم پوري ڪرڻ بعد دنيوي تعليم حاصل ڪجي. ۽ سال ۱۹۳۶ع ۾ چنبڙ جي پرائمري اسکول ۾ داخلا ورتيم ۽ سندي فائينل پاس ڪيم. سال ۱۹۴۴ع ۾ پرائمري ماسٽر ٿيس. انهيءَ زماني ۾ انگريزي تعليم عام ڪانہ هئي، ۽ غريب جي پهچ ڪان ٻاهر هئي ۽ نہ وري انگريزي اسکول ويجها هئا جنهنکري فائينل کي ڪافي سمجهيو ويندو هو. سال ۱۹۴۶ع ۾ ٽريننگ ڪاليج ۾ چولديس ۽ ۱۹۴۷ع ۾ پهريون سال پاس ڪيم ۽ ٻيو سال ۱۹۴۹ع ۾ پاس ڪيم. ان کان علاوه اديب سندي ۽ اديب عالم سندي سيڪنڊ ڊويزن ۾ پاس ڪيم. ۽ ڪوشش ڪري سال ۱۹۶۸ع ۾ بي. اي. پارٽ ون پاس ڪيو اٿم، ۽ بي. اي. فائنل ۾ داخلا ورتي اٿم. ادب سان واسطگي جو آغاز ۱۹۴۶ع کان ٿيو. جو اهو دؤر آزاديءَ جي هلچل جو هو، هرطرف آزاديءَ جو غلغلو هو. انهيءَ وقت حيدرآباد مان روزانہ 'هلال پاکستان' جو اجراء ٿيو ۽ اخبار کي ڪامياب بنائڻ لاءِ مضامين جو سلسلو شروع ڪيو ويو. پهريون دفعو مون به مضمون لکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مضمون زنالي تعليم تي هو، جو انهيءَ مقابلي ۾ منهنجي مضمون کي ٽيون نمبر مليو ۽ اخبار هلال پاکستان تن مهنن لاءِ بندي جي نالي جاري ٿي. باقي پهريون ۽ ٻيو نمبر مسٽر الهہ بخش

تالپر صاحب ۽ ٻئي صاحب جو نالو ياد نہ آهي، جن کي ملیو. اها منهنجي پهرين کاوش هئي، ۽ پهرين کامیابي هئي. الهيءَ کامیابي ادب سان وڌيڪ دلچسپي پيدا ڪئي ۽ لکڻ جو شوق جاڳايو. ان بعد روزانہ 'هلال پاکستان' ماهنامہ 'هلال پاکستان' 'هاري حقدار' هفتيوار، 'ماسٽر' هفتيوار، 'مهراڻ' روزانہ وغيره اخبارن ۾ ڪاهي ڪاهي لکندو رهندو هوس. تماهي 'مهراڻ' ۾ افسانا لکندو رهندو آهيان.

سال ۱۹۵۱ع ۾ برادرم 'ڪاشف' ٽريننگ ڪاليج ۾ چونڊجي ويو ۽ اتي قبلہ گرامي صاحب سان ڏيٺ ٿي. سندس فيض صحبت ڏاڍو اثر ڪيو. شاعريءَ ۾ سندن ترغيب ۽ تعليم، سخن سنجيءَ تي آماده ڪيو، ۽ افسانہ نگاري پسنديده ميدان آهي. ڪڏهن ڪڏهن مضمون ٻہ لکندو آهيان. محترمي گرامي صاحب جي محبت، علم و ادب سان ان وڌيڪ واسطو پيدا ڪيو ۽ سندن فيضانِ محبت هن هيچمدان کي انهيءَ قابل بنايو آهي.

* * *

'ناطق' شاعريءَ کان وڌيڪ افسانہ نگاريءَ سان دلچسپي رکي ٿو. سندس اخلاقي قدرن ۾ ايمان آهي. هو چاهي ٿو تہ هن دؤر جا مسلمان، قرون اولیٰ وارن مسلمانن وارو ايمان ۽ اخلاق پيدا ڪن. سندس ڪلام زياده تر اصلاحي ۽ اخلاقي آهي. —ادارو

غزل

●

رهيو درويش هو جڏ واقفِ رازِ خود آگاهي،
تڏهن هي رنگون، ٻانهي فقيري تي شهنشاهي.

مقيّد ان کي چاتو، ڪر نظر زاهد تو ڪهڙي ٿي،
تجلّي ريز آ جنهن جي ضيا، از ماه تا ماهي.

مصلي سان ڪڏ خنجر ٻہ ڪڻ او بيعمل صوفي،
جو ٿيندي جلد متصادم فقيريءَ سان شهنشاهي.

شجاعت جي تلاش ۽ هن دغابازن جي دنيا ۾،
هي ميدان آهه سو جنهن ۾ ڪري ٿو شير، روباهي.

نہ جاڻان منهنجو احساسِ تمنّا، ڪيسين گم رهندو،
تنهنجي ضو جي همه گيري، منهنجي نظرن جي ڪوتاهي.

لڙائي ڪفر و ايمان جي نہ ٿي آ ختم خيبر ۾،
اجا لڙندي مرحبي سان، حيدر جي يدالاهي.

سان آواز قران ڏو، بس تلاش مرد کامل ٿو،
جناب خضر تائين شل نيٺي نه ٿو ڪي گمراهي.

غلامي آ نيو منهنجو ڪلاءِ فقر ٻي سيرَ تان،
اي 'ناطق' جنهن ڪان هو لرزان' سدا تاجِ شهنشاهي.

نظم

دعوت

متاعِ اهلِ هنر، لاإلٰهَ الاالله.
عروجِ علم و هنر، لاإلٰهَ الاالله.
دعائي شام و سحر، لاإلٰهَ الاالله.
دواي دردِ جگر، لاإلٰهَ الاالله.
نه آهه شمس و قمر، لاإلٰهَ الاالله.
نه باد بحر و شجر، لاإلٰهَ الاالله.
ڪمالِ قلب و نظر، لاإلٰهَ الاالله.
جمالِ فهم و بَصر، لاإلٰهَ الاالله.
آ ننگ تيغ بڪف، ٿي وڃان سان ميدان ٿو،
سنانِ سيف و تبر، لاإلٰهَ الاالله.
طريقِ عشق ٿو سالڪ جو آهه زاد سفر،
متاعِ اهلِ گذر، لاإلٰهَ الاالله.
لرزان ٿو قيصر و ڪسريٰ جي تاب شاهي سان،
نه خوف آهه خطر، لاإلٰهَ الاالله.
اڳرچ سامهون آهن سنان و توب و تبر،
قدم نه هوئتي ڏر، لاإلٰهَ الاالله.
خزان بهار، ربيع و خريف جان ٿبث،
وسار شام و سحر، لاإلٰهَ الاالله.
جهانِ دولتِ زر، ۽ متاعِ لعل و گهر،
فريبِ عقل و نظر، لاإلٰهَ الاالله.



محمد حسين "ڪاشف"

محمد حسين "ڪاشف" پنهنجي سوانح هن طرح لکي آهي:

"۱۹۳۰ع جي اڳ واري مهيني جي چنڊ جي رات هن عالم خاڪي جي پيرهن ۾ پير پاتم. بقول سندي روايت جي 'اما شل جوڙا جئين' جي موجب والدين کي پيو نمبر فرزند ڄائو هوس. بانگ ڏيڻي محمد حسين نالو رکيائون. اسان جا وڏا ڪٽان آيا، اها تاريخ وقت جي ورڻن ۾ ويڙهيل آهي. تنهن هوندي به اسان جي قومي 'پان' جنهن وٽ ڪنيار قوم جا مختلف ذاتين ۽ نڪن تي مشتمل آهي، انهن جو شجرو ۽ حسب نسب آهي. ان سان ۽ وڏن جي زباني روايت موجب اسان جي وڏي ڏاڏي جو نالو ميان ڪنهنور، نڪ مينگ، قوم سومرو ۽ پيشو ڪنيار، جو ٽٽي ۾ مقيم هو ۽ ڪاهوڙن حاڪمن وٽ ڪنهن عهدي تي فائز هو. وقتي تبديلين ۽ ڪن سببن ڪري اهو بزرگ ڪڇ-ڀڄ ڏانهن روانو ٿي ويو، ۽ اتي سڪونت اختيار ڪيائين، جتان سندس پوٽو حاجي عمر، جو اسان جو ڏاڏو ٿئي، جنهن محمد هاشم ميمڻ گرناري جي گهران شادي ڪئي، ان ڪوٽ ڇنڀڙ تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي، جو اڄا تائين قائم آهي.

راقم جي والد حافظ محمد عمر (خدا جنت نصيب ڪريس) جو ديني تعليم سان تمام گهڻو شغف هو، ان ڪري اسان کي اول مڪتب ۾ قرآن شريف پڙهڻ لاءِ وهاريائون. ان بعد پرائمري اسڪول ۾ ويٺس. سندي فائنل جو امتحان ۱۹۴۴ع ۾ ڇهين ڪلاس مان پاس ڪيم ۽ اڳتي تعليم جاري رکي نه سگهيس. ڪجهه وقت ٽن خياطي سکڻ جي ڪوشش ڪيم، پر ان کي تڪميل تي پهچائي نه سگهيس.

ڪتابي ۽ مجلسي شوق کي مدنظر رکندي ۱۹۴۶ع ۾ ماستري نوڪري ورتيم، جا اڄا تائين آهي. ڪاليج جو پهريون سال ۱۹۵۱ع ۾ پيو نمبر، ۽ ۱۹۵۲ع ۾ پيو نمبر ٽريننگ

کالیج فارمین مان حاصل کیم، ۽ یونیورسٽيءَ مان ادیب توڙي ادیب عالم جا امتحان سیڪنڈ ڪلاس ۾ پاس کیم.

لکڻ جي ابتدا ۱۹۴۸ع ۾ کیم. راقم جو پهریون مضمون "اي قوم جا پاسبان" هو، جو ان وقت جي 'الوحید' اخبار ۾ شایع ٿیو هو. کالیج ۾ اچڻ سان محترم عزیزي گرامي صاحب جن سان ڏیٺ ٿي. سندن علمي تبحر، شاعرانہ شعور، فلسفیانہ خیالات ۽ فکري بلندي ذهن کي کافي متاثر کیو ۽ ان وقت پنهنجي ذهن جي ناپختگي محسوس ٿیٺ لڳي. شاعريءَ ۾ کین استاد ورتم. نہ صرف شاعريءَ ۾ پر ذهني طور راقم جي مطالعه ۽ فکري ماخذات ۾ سندن بلند پایي ۽ محبوب شخصیت جو کافي هٿ آهي. پاڻ جیڪڏهین مطالعه توڙي ادبي بحث و نظر طرف اها رهنمائي نہ کن ها، تہ اڄ 'کاشف' گوشہ گمنامي ۾ هجي ها. در اصل هي سندن دوستي، صحبت، محبت ۽ شفقت جو ئي کرشمو آهي.

ادبي دنیا ۾ جڏهن قدم رکیم تہ اهو دؤر سیاسي، سماجي ۽ ادبي لحاظ کان مختلف هو. پاڪ و هند جي تقسیم ۽ ان مان پیدا ٿیندڙ حالتن حساس طبیعتن کي کافي جهنجهوڙیو، جنهن کان ذهني قرار هڪ ادیب جي حیثیت ۾ سون لاءِ ناممکن هو. بحیثیت 'انسان' جي ادیب انهن اضافي ڪالهین کان ڪهڙو متي آهي. هو خالق فن آهي. هو سماجي ۽ قلبي واردات جو مصوّر ۽ سماجي روح جي آواز جو پیغامبر آهي. هت ایترو لکڻ ضروري آهي تہ اهو دؤر ادب جي "ترقي پسند تحریڪ" جو هو، جنهن نہ صرف پاڪ و هند ۾ دنیاءِ ادب تي پنهنجو اثر کیو، ۽ هر ذهین فرد کي متاثر کیو. سون پنهنجي ادبي ۽ علمي زندگيءَ ۾ نہ صرف شعر ۾ افسانا ۽ تنقیدي مضامین بہ لکیا آهن. هن وقت قلم جو زور تنقید ۽ بحث و نظر جي طرف آهي. هونئن تہ کیترائي مقالا ۽ مضمون لکیا اٿم، جي شایع ٿیل آهن، جن مان کن جا عنوان لکڻ مناسب ٿو سمجهان، جي هڪ ادبي یادگیري آهن.

(۱) 'ادب براءِ ادب' یا 'ادب براءِ زندگي'، (۲) شاهہ جي شاعريءَ جو صوفیانہ انداز، (۳) افکار و مسائل، (۴) متحده ادبي محاذ جي ضرورت، (۵) شاه ۽ انسان، (۶) ادب ۽ آرٽ، (۷) انساني ارتقا ۽ قرآن، (۸) شاهہ جو چنڊ، (۹) سندي شاعريءَ جو نئون موڙ، (۱۰) شاعر ۽ سگهڙ، (۱۱) ادب ۽ نظریہ، (۱۲) وتائي فقیر رح جي شعور جي بلندي، (۱۳) پاڪستان ۾ سندي زبان جو مسئلو، (۱۴) ادب ۽ عوام، (۱۵) ترقي پسند ادب، (۱۶) هانگ وطن (الوحید جو صحافتي کردار)، (۱۷) نوٽبک جا کي ورق وغیره.

راقم کي پنهنجي ذاتي لئبریري آهي، جنهن ۾ ایائي هزار کن کتاب ۽ رسالا آهن. خاص ذوق ادب، تنقید، فلسفہ، اسلامیات، تاریخ، تصوف، نفسیات، اجتماعیات ۽ شاعري سان آهي، ۽ کتبخاني ۾ مختلف موضوعن تي کتاب پڙ آهن."

* * *

كاشف هن جديد دؤر جي پيداوار آهي، تاهم سندس ڪلام جي هيئت ۽ اسلوب، انداز بيان ۽ طرز ڪلام ۾ تغزل جو قديمي رنگ ڍنگ موجود آهي. سندس طبيعت نظم ڪان زياده نثر ڏانهن مائل آهي، تاهم سندس شاعريءَ ۾ غزل جا معيار موجود آهن. اخلاقي ۽ اصلاحي شاعري ڪري ٿو ۽ هن دؤر جي مسلمانن جي خسته حالي ۽ اخلاقي پستيءَ تي فڪر انگيز نموني ۾ تنقيد ڪري ٿو. — ادارو.

غزل

●

ايوانِ محافل ۾ نه رهن، مرد سپاهي،
سامانِ حضر چا ڪندين، اي بندهٔ راهي.

اي عشق، سرِ دار رکيو سون کي جهان آهي،
سان عقل جو باغي آهيان، دنيا جو گناهي.

هان، تڪمهٔ برق کان ٿيون خيره نگاهون،
ٻر دل جي نظر ۾ آ فقط ڪور نگاهي.

سنگينيءَ دوران جو گهٽو خوف سون کي آهي،
اي شيشهءِ حلبي، فقط الله آ واهي.

اي مردِ خدا، برسرِ ميدان آ 'ڪاشف'،
ڪيسين رهي، محجوبِ ميان، تيغ الاهي.

●

رهيو نه بزمِ جهان ۾، نشانِ امن و سلام،
خدا ڪري ته ٿئي غرق هي خرد جو نظام.

سندم نيام ۾ موجود آهه تيغِ يقين،
سندم دماغ تي قابض، رموزِ عامِ ڪلام.

زوالِ آدمِ خاڪي تي خنده زن آهن،
ستاره، ماهه ڪهڪشان ۽ چرخ نيلي فام.

جتي آ غيرت و ايمان جو موجزن درياءَ،
سا وادي منهنجي نظر ۾ اجا نه ٿي آ غلام.


حوادثات جي آمد آ زلدلي جو نشان،
غروبِ مهر آ، اصلِ فروغِ ماهِ نيمار.

بہ وجہ نقشِ طلب، يار تون نڪو سمجهين،
وگرنہ طور پي آ تشنہِ كليم و كلار.

سندم نڪوا ۽ نظر تي اثر كيو نہ فريب،
خيرد جي دعوتِ مستي كي دور كان آ سلار.

خودي آ ظاهر و باطن جي فرق كان محرور،
سندءِ نگاه جو معيار، جامهء احرار.

خودي جي سوز كان 'كاشف' سدا رموزِ حيات،
خودي جي ساز م آ نغمه ثبات و دوار.





عبدالغفور "عابد"

عبدالغفور "عابد" ولد مولوي عبدالله جوٽيجو، بدين جو رهاڪو آهي. ۲۵- نومبر ۱۹۴۲ع تي ڳوٺ مير حسن نظاماڻي ۾ تولد ٿيو، ۽ ابتدائي تعليم بدين ۾ حاصل ڪيائين. نوابشاه ۽ حيدرآباد ۾ پڙهندي بي. اي. ڪيائين. اول صحافت ۾ ڪوڙيو ۽ عامل صحافيءَ جي حيثيت سان حيدرآباد جي 'عبرت' ۽ 'نواءِ سنڌ' روزنامن ۾ سالها سال نيوز ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين. ان طرح سنڌ يونيورسٽي پريس سان به وابسته رهيو. ۱۹۶۸ع ۾ سي. ايس. پي. ۽ پي. سي. ايس. جا اعليٰ امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين. ساڳئي سال، سينٽرل انفرميشن سروس جي امتحان ۾، سڄي پاڪستان ۾ پهريون نمبر آيو. هن وقت لاهور ۾ انڪم ٽئڪس آفيسر (زير تربيت) آهي. شاعريءَ سان شغف ۱۹۶۰ع کان اٿس. ليڪو ڪافي اٿس، پر اشاعت کان پرهيز ڪندڙ آهي. سنڌس شعرن ۾ سادگي ۽ سلاست، ماحول جي عڪاسي ۽ وقت جي ترجماني آهي. مولانا حاجي احمد ملاح جي عوامي شاعريءَ کان بيحد متاثر آهي. هن دؤر ۾ مولانا ڪرامي صاحب کان پنهنجي فن متعلق اصلاح وٺي رهيو آهي. — ادارو.

* * *

نظم

دور، گهٽو دور

هو ڪلن جهڙو نرم ولازڪ حسن،
عشق جان سوز جي ستم ڪان دور؛
محو خود بيني و خود آرائي،
منتظر چشم جي الم ڪان دور.
ٻاڻ ۾ مست، ٻاڻ ۾ ٽي غرق،
خوءِ آماده ءِ ڪرم ڪان دور.

عشرتِ شب ۾ تا سحر مدهوش،
شامِ عاشق جي کرب و غم کان دور.
رسمِ مهر و وفا کان نا آگاه،
راهِ الفت جي پيچ و خم کان دور.
هوش ۾ ايندو اوچتو آن وقت،
هوبدو "عابد" جڏهن عدم کان دور.

غزل

●

آهائي محبّت، آهائي رقابت،
آهائي انسان جي ته مجبور حالت.

آهائي اوهان جي تغافل جي عادت، آهائي انسان جي حکايت شڪايت.
آهي ئي وفائون، آهائي ندامت، آهائي ايا آرزو، پنهنجي قسمت.
ايا روز گذري ئي دل تي قيامت، ايا سنگدل تنهنجي ساڳي روايت.
اوهان سان هلي آ نه هلندي کا حجّت، انسان جي اڳيان آ انسان جي شرافت.
نه الفت، نه قربت، عنايت نه چاهت، رهو شل سلامت، رهو شل سلامت.

●


زلفِ پيچان سندي زنجير ٻڌو،
دلربا! تو سان هو تقدير ٻڌو.

ٻي گنهه تنهنجو ئي دلگير ٻڌو، برسرِ راه، دار و گير ٻڌو.
حسنِ خوبان سندي تائير ٻڌو، خوابِ الفت سندي تعبير ٻڌو.
ڇا عجب، حسن جي تدبير ٻڌو، ئي چيئون 'عابد' ٻي پير ٻڌو.

●

ياد تنهنجي جڏهن جڏهن آئي،
ٻئي ڪيم غرقِ باده پيمائي.

ئي تصوّر ۾ بزم آرائي، خود تماشو، ۽ خود تماشائي.
ختم ئي حرمتِ مسيحائي، تو جڏهن دلبري نه فرمائي.
ڪاش! ڪڏهين ڏسين، او هرجائي، پنهنجو برباد حال شيدائي.
جا دلِ زار سان صدا آئي، سا ٻئي طرزِ نغمه پيرائي.
حسن هر وقت محورِ خود رائي، عشق 'عابد' مدام سودائي.



"آثم" ناٹنشاهي

"آثم" ناٹنشاهيءَ جو سڄو نالو غلام رسول ولد الله بخش سولنگي آهي. سندس جنم ڪوٽ ڪاڙي، تعلقي خيرپور ناٹنشاهه ۾ ٿيو. نندپڻ کان ئي شاعراڻ طبعيت اٿس. ۱۹۶۲ع ۾ سيد محسن ڪڙائيءَ سان خيرپور ناٹنشاهه ۾ ملاقات ٿيس، جنهن دوستانه اصلاح سان سندس فن کي چمڪايو. ان طرح "بزم طالب‌المولي" شاخ خيرپور ناٹنشاهه سان وابسته ٿي، علمي ادبي سرگرمين قائم ڪرڻ ۾ قابل قدر ڪم ڪيائين. "بزم طالب" سندس ئي ڪوشش ۽ دوستن جي تعاون سان قائم ٿي. بزم طرفان 'درسِ ادب' شعبو قائم ڪري شاعريءَ سان شوق رکندڙ نوجوان طبقي کي سکيا ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويو، ۽ هاڻ سيڪريٽري مقرر ٿيو. خيرپور ناٹنشاهه ۾ علم و ادب ۾ اهڙن چرچن کان متاثر ٿي کيئي نوآموز ۽ نو مشق شاعر اڇي وٺس اصلاح وٺڻ لڳا. ۱۹۶۳ع جي آخر ۾، محسن ۽ هاڻ "اداره فلاح و بهبود خيرپور ناٹنشاهه" قائم ڪري، هڪ لئبريري ڪوليائون، جنهن سان عوام کافي فائدو حاصل ڪري رهيو آهي. 'آثم' جديد سنڌي شاعريءَ ۾ قابل قدر تجربا ڪيا آهن. هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. "سهراڻ"، "نئين زندگي"، "روح رهاڻ" ۽ سيني سنڌي رسالن ۾ سندس بهترين ڪلام ڇپيل آهي. "ڪٽين ڪَر موڙيا" ڀنڀڻجي ڪلام جو مجموعو تيار رکيو اٿس. "تاريخ جو مطالعو"، "مظلومِ ڪربلا"، "پرتال" ۽ "هِ روپ" اڇپيل ڪتاب اٿس. مصروف لکندڙ آهي. خيرپور ناٹنشاهه ۾ خانگي ملازمت سندس معاش جو ذريعو آهي.

ڏني خيال کان 'آثم' جو فن سدا شاهوڪار ۽ زرخيز آهي. مختلف اصناف سخن تي نهايت رنگين ۽ دلاويز تجربا ڪيا اٿس. نظم، آزاد نظم ۽ غزل تي استاداڻ دسترس اٿس. سندس پختگي ۽ برجستگي کي ڏسي، استادانِ سخن به تحسين ڪرڻ کان رهي نٿا سگهن. هيٺ جي

پراڻن قالبن ۾ نئين رنگ پيڙ ۽ پراڻي مضمون کي نئون لباس پهرائڻ 'آئمر' جي رنگين فن جو هڪ ڪرشمو چئي سگهجي ٿو. اميد ته مطالعه ۽ رياض کان پوء هي شاعر هن زبان جو عظيم شاعر ٿي پوندو، اها توقع آهي ۽ اها دعا آهي. --ادارو.

دوها

وينگس، جيت چُنيءَ تي چوڪا، سُنهڙن تي سُرڪن سوڙ،
اهڙا هاٿ ويس ته ڀهڪُڙ! تنهنجا ٻيلي ڪوڙ.

وينگس، واسينگن جان ورور گوپيل تنهنجي ڪُٽ،
وَنڪجي-ڏنڪجي ماڻهو ڪيئي، سنجي هوندا ٻُٽ.

وينگس، گاڙهي ڪَل تي هڪڙو ڪارو ڪارو تير،
ٻهتو آهه آڏامي جن کو چنبڙ متي ڪافر.

الڙ ناري، ڦوهه جواني، سن ۾ اهڙو موهه،
آتو جهڙيءَ ريت ڏُڻ لڏ مينهن سُڙا جو اوهه.

الڙ ناري، آپريل سينو، گذري اهڙيءَ گامر،
پاڻه ته باغ ۾ جهومي ٻيئي ڏاڙهن تنبريل ٽامر.

الڙ ناري، سنهڙو چولو، مٿس مٽين جي اوچ،
ڪپڙا پائي آئي آ ڪنهن شاعر جي جڙ سوچ.

سوچي 'ها' 'نٽنهن' ڪجان اڪيئي آهيون پاڻ ٻروڻ،
ويتر جانِ جنجهوڙي وجهندي تنهنجي ڪنڌ جي ڏُوڻ.

شاعرا! جي تون شعر ڪڏهن پي ليکين ته اهڙو ليک،
پٿر جو ٻُٽ ٻُڌي ته ان جي مغز مان نڪري ميک.

شاعرا! جي تون شعر ڪڏهن پي ليکين ته اهڙو ليک،
جنهن ۾ وِڄ جي تڙپ هجي ۽ طوفان جو تيک.

ڪائين ڪوئي گيت ته ويٺو گاهه، ائين او ياهُ!
دريا آتو وَهڻ لڳي ۽ باهه چڏي ڏئي تاهُ.

مالها هوئي سَچاري! اهڙي، ميڙي لفظ اَمُلڪ،
ڏسندي ڏَمريل ڪنڌ جهُڪن ۽ ريجهي پون رُنَلڪ.

نظم

پاراتو

مون کي محسوس ٿئي ٿو ته همیشه وانگر،
اڄ به مون ڏانهن، تو اي دوست، نهاريو ڪين؛
گرچ ظاهر ۾ زبان بند هئي تنهنجي، پر،
تو مڙني جي زبان سان ڳالهايو ڪيئي؛
تنهنجي اکڙين جي ڪنورن ۾ پيري آب حيات،
تو اشارن ئي اشارن ۾ پياريو ڪيئي!

پر انهيءَ آڇ ڪيل آب سان، منهنجا محبوب!
تنهنجي اکين کي مون هڪ ڏڪ به پيار نه ڏنو،
تنهنجي ناڪام وڃڻ کان ٻوءِ، ندامت ۽ خلش،
مون کي سڪ سان سڄو ڏينهن گذارڻ نه ڏنو؛
منهنجي محبوب طبيعت جو پڇي ڏل ڳالهه،
جنهن مون کي تو ڏي نظر-پر به نهارڻ نه ڏنو!

غزل

●

ميڪدي جو عجيب آ دستور،
وڃ ته سالم ۽ اڇ ته چڪناچور.

عشق سنت خدا جي آ واعظ، عشق کان ايترو نه وڃ وهلور.
تير ڏيڊي نظر جو ڇا لڳندو؟ سامهون وار ڪر تڪي پرهور.
سڏ نه مون کي تون ڏيس ۽ فرهاد، سان نه آهيان چريو، لکو مزدور.
حسن، حسن آهه جي رهي محفوظ، ويندو آڏري جي ڪولبو ڪافور.
ٿاهه 'آئر' سان تنهنجو مشڪل آ، تون به مغرور، سان به ڪجهه مغرور.

●

توکان مرعوب ڪٿ ٿيا آهيون،
احترامآ جهڪي پيا آهيون.

عشق تنهنجي ڪي دل ۾ سالڊيوسين، هاڻ ڪجهه زور ٿي ويا آهيون.

روشني جڳ کي ٻيا ٿا ٻھچايون،
ظلمتن جا امان ڏيا آھيون.
قدر ڄاڻون ٿا زندگاني ۽ جو،
کوڙ پيرا مري- جيا آھيون.
آھيون حرف غزل کڏھن 'آئر'،
۽ کڏھن چند مرثيا آھيون.

●

غم ستاں ٻيو ٻہ غم، غنيمت آ،
مون تي ايڏو کرم، غنيمت آ!

تنھنجو غصو ٻ منھنجي لئہ سائين،
تنھنجي سير جو قسم، غنيمت آ!
تنھنجي طرفن ملیو تہ بسم الله،
مون لئہ رلج و الم، غنيمت آ!
ٻنھنجي حصي ۾ آيو آ يارو،
ھڪ ستمگر صنم، غنيمت آ!
کوڙي دولت اٿہ آھ اي 'آئر'
منھنجي ھٿ ۾ قلم، غنيمت آ!

●

سرھي سيج، گچيءَ ۾ ٻڪ،
مون سان ڪڏ ھو رات آلڪ.

منھنجي رٽ تي مُرڪ واريا،
اک ۾ شال ٻوٽي کو ڪڪ.
ڏوڙ آڏامي چُمندءِ منھن کي،
ڏوليا! ٻٽ تي پير نہ رک.
جنھن ٻہ تياڳي آھي دنيا،
آن جھڙو کو ٻيو مورک؟
داغ سوين پل ھجنس 'آئر'،
چند کي لڳي ناھي چک.

رباعيون

(١)

بي انت سمندن کي سُڪايو تہ سڄان،
ھر ھڪڙي ھمال کي جھُڪايو تہ سڄان؛
طبقات جي چڪتاڻ ۾ آلجھيل ذھنو!
ھي جھگڙو ھميشہ لئہ مُڪايو تہ سڄان.

(٢)

سُرندي جي اڃا تندُ نہ مون ٽوڙي آ،
منزل کان اڳي واڪ ٻ کنھن موڙي آ؛
واکا تہ وڏا اڄ ٻہ کيان ويٺو، ٻَرَ،
شايد تہ سندءِ ٻاجھہ ٻنھن ٻوڙي آ!

(٣)

جذبات کان دل تنھنجي صفا خالي آ،
ٻنبڻين جو ٻُسڻ، کُوڙ آ، نقالي آ؛
تون ٻاجھہ جي آلاپ جا آلاپين ٿو،
سا راڳڻي بيوقت آ، بي تالي آ!

(٤)

ھٿ روز لوان تنھنجا ٻھانا آھن،
ھيٺ درد ڪيڏيا دل جا دھانا آھن؛
او فتنہ خوبان، ھي دلاسا تنھنجا،
جڻ جاڳندي ۾ خواب سُھانا آھن!

(۵)

جي سوزُ ٿا ڏيو تہ پلا سازُ تہ ڏيو،
افڪار کي ڪا طاقتِ پرواز تہ ڏيو؛
ويجھو نہ جي 'آئم' جي اچو ٿا يارو!
نادانُ ڪي پري کان ئي ڪو آواز تہ ڏيو!

قطعا

(۱)

ذهن ۾ شعر تہ هيڪاندا قِرن پيا، ليکن،
نانَ جي نوڙَ کان نيڙ گهٽ ۾ آڙي پيا آهن؛
گردشِ دهر جي پيڙا کان قلم منهنجي مان؛
پر ڦڙا سَسُ جا هي ڪاغذ تي ڪڙي پيا آهن!

(۲)

اي دوست! رُئڻ وارا، اهي پنهنجا لڙڪ،
ڏي، ٻُڪَ ۾ مون کي ڏي، مان پيئڻ ٿو چاهيان؛
رُئندن کي ڪيائ جيسين وٺي ڏيان واپس،
تيسين مان زماني ۾ جيئڻ ٿو چاهيان.

(۳)

التجائن سان پَري نہ نهارڻ وارا،
پائنجي ٿو تہ تون ڪجهہ مون کي ڏيڻ ٿو چاهين؛
تنهنجي هين آسَ ۽ ايثار تان صدقي صدقي،
منهنجي لئہ مُلڪ ۾ بدنام ٿيڻ ٿو چاهين!

(۴)

آنـدَ! چـڏي ڏي ايـڏو آلـدُ،
هـيءُ نـہ تنهنجي هـوڏ جـو هـنـدُ؛
وَڌيـو تـہ پـوءِ بـہ آڏنـدو ويـنـدو؛
هـيـٺ لـہ ڪـرنـدو آرڏو ڪَنـدُ!





«وفا» ناڻنشاهي

'وفا' ناڻنشاهي، سنڌيءَ جي جديد شاعرن ۾ پنهنجي جدت پسند طبع ۽ خيالن جي ڪري چڱو نالو ڪڍيو آهي. ۱۵- مئي ۱۹۴۴ع تي، امرتسر ضلعي جي شهر بندياله ۾ خيرات علي قريشيءَ جي گهر ڄايا ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ، سندس والدين سنڌ ۾ اچي ڳوٺ گوزي ۾ سڪونت پذير ٿيا. هاڻي خيرپور ناڻنشاهه ۾ مستقل طور رهي ٿو. اسڪولي تعليم دوران سندس طبع شعر و شاعريءَ ڏي آماده ٿي. نندپڻ ۾ فلمي گانن جي طرزن تي سنڌي گيت لکي شوق جي تڪميل ڪندو رهيو. اسڪولي ڊرامن ۾ ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏ گيتن جون ڌُنون تيار ڪندو هو. سندس شاعريءَ جو باقاعدي آغاز ۱۹۶۲ع کان ٿيو. 'محسن' ڪڪڑائي سندس ڪلام جي اصلاح ڪندو آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ غزل، نظم، قطعه، رباعيءَ ۾ سهڻا تجربا ڪيا اٿس ۽ ڪافي رسالن ۾ سندس ڪلام ڇپيل آهي.

'وفا' اصل ته پنجاب جي سرزمين جي پيداوار آهي، ۽ اڇڪلهه جسم ۽ روح جي نسبت سان خالص ۽ ٽيڪ سنڌي زبان ۽ ادب ۾ غرق ٿي ويو آهي. سندس ڪلام اهل زبان کان ڪنهن به حيثيت ۾ گهٽ نه آهي. سندس انداز بيان ڏاڍو رنگين ۽ پيارو آهي. ذوق جماليات جو عنصر به سندس ڪلام ۾ جام آهي. ان کي اگر معتدل ۽ محتاط الداز ۾ نه رکبو ته پوءِ فن کان متجاوز ٿي وڃي ٿو، ۽ ممڪن آهي ته اهو ناقابل برداشت حد تائين پهچي وڃي.

هر صنف تي 'وفا' جا تجربا موجود آهن: غزل، نظم، آزاد نظم، رباعي، قطعي وغيره ۾ سندس خيال آفريني پسنديده حد تائين موجود آهي. مشق ۽ رياض سان اميد آهي ته اڃا به هن جي ڪلام ۾ صحت ۽ فن پيدا ٿيندو. —ادارو

* * *

دوها

ڪوڙا تنهنجا وعدا نڪتا، ڪوڙو تنهنجو پيار،
دوکن جي ٻنجوڙ ۾ ڦاسي، ڪير اچي هر هار.

تنهنجو منهن ڇا ڦيريو مون کان، ڏري وئي تقدير،
ڏسندي ڏسندي لٽجي ويئي، خوشين جي جاگير.

پريت جو ڪنهن سان ٻڌ اڙايون، ڪنهن سان ڪريون پيار،
قدم قدم تي ڪڙي ڪيل آ، دوکن جي ديوار.

ڪنهن جي لاءِ ٿي سڏڪين ويئي، او چانڊوڪي رات!
مون واکر کا تو پي ڪاڏي آ ڇا پيار ۾ مات.

گذري ويئي رات سڄي، ٻو سمهي هاڻي ننڍار،
ٻٽر کي ڇا ٻڙهي ٻڌائينديين ٻنهنجا شهکار.

ڪجليون اکيون، مشکين زلفون، نُور پريو سَنڊ سَنڊ،
تنهنجي حسن جهڪائي ڇڏيو آهي منهنجو ڪنڊ.

قدرت پي اڄ رقص ڪرڻ لئه ڏسجي ٿي تيار،
ڪيڏي دلکش آهي تنهنجي پايل جي جهنڪار.

جيئن جيئن ويجهو ايندا، تنهجي جي تيرن جا آواز،
تيئن تيئن اوچا اڏندا منهنجي فڪرن جا شهباز.

وايون

(١)

تون خوشين کان پي ڪيائين،
ڪُرڪي آءٌ ونان سوَ سور:
هرڪو فطرت کان مجبور!

مان اٽيهين ۾ سوتي گولبان،
تون چوڏهين ۾ پي اينور:
هرڪو فطرت کان مجبور!

تنهنجي جنگ خدا سان جوڙيل،
مان شيطان اڳيان معذور:
هرڪو فطرت کان مجبور!

گل گل ڪوڙيل، مرجهايل،
ٽڙيل گهاءُ، ڪڙيل ناسور:
هرڪو فطرت کان مجبور!

ڪنهن جي سوچ آڻن جا پيرا،
ڪنهن جي سوچ سسي جا پور:
هرڪو فطرت کان مجبور!

(٢)

پير پٿون، اڻجاڻ منزل، ورڪ وڪ تي چڙواڻا ووءِ،
جاڏهون کاڏهون گهاڻا ووءِ!

هوڏي هيڪل وياڪل سوربون، هيڏي ڊرڪيل ڪاڻا ووءِ،
جاڏهون کاڏهون گهاڻا ووءِ!

انڊا ويڄ، زبانون ڪپيل، زهر سلايل چاڻا ووءِ،
جاڏهون کاڏهون گهاڻا ووءِ!

مون ڏي تير نه ڇڪي سگهيا، توڏي ٻر نه ڦاڻا ووءِ،
جاڏهون کاڏهون گهاڻا ووءِ!

رب مهانگي، ساڻهو سستو، ڪٽن کي اڳاڻا ووءِ،
جاڏهون کاڏهون گهاڻا ووءِ!

اوڍ چمڙي، بستر لوڙها، سک جا سپنا کاڻا ووءِ،
جاڏهون کاڏهون گهاڻا ووءِ!

کاٽ نڙيون، چپ چپ سوهاري، سامهون خالي پاڻا ووءِ،
جاڏهون کاڏهون گهاڻا ووءِ!

غزل

●

پيلييو چو ٿا ڳاهه ته ناهيان،
نرم سهي، بي ساهه ته ناهيان.

ايڏو چو ٿا چرڪو مون کان، سان دوزخ جي باهه ته ناهيان.
نيٺ خطا ٿي ويندي مون کان، آدم هان، الله ته ناهيان.
قيد ٿيان سونهي ڇڏي مر، واڻيي جو ويساهه ته ناهيان.
چو ٿا مون کي قاسي چاڙهيو، ايڏو حق آگاهه ته ناهيان.

●

رلج و غم شناس آهي، درد آشنا آهي،
منهنجي نوجوانيء کي حسن جي دعا آهي.

دوستن جي محفل مر ٿو ٿئي ائين معلوم،
جڻ اسان غريبن جو کوئي ٻيو خدا آهي

کيڏو خوش نصيب آهيان، کيڏو سخت جان آهيان،
ڏار غم زماني جو، تنهنجو غم جدا آهي.

هيڏي ساري دنيا مر کيئن ٿو ڇڏي سگهجي،
کير قربدار آهي، کير ٻيوفا آهي.

رزق جي خدا وارن کلهه کئي هئي خيرات،
منهنجو هٿ ته خالي آ، تنهنجي هٿ مر چا آهي.

شهر شهر مر ساتم، ڪوٽ ڪوٽ مر نوحا،
وڪ وڪ تي آکريل، نقش ڪربلا آهي.

ڏس ته ڪاڻي ٻهتي آ ارتقاء انساني،
جبر ٻيش ٻيش آهي، عدل ٻينوا آهي.

سر بکف ائين ٻيٺو آهي چاره گر هرهڪ،
جڻ اسان جي دردن جي زهرئي دوا آهي.

موت جي انڌيرن مر کير ڪهن کي ڳولينڊو،
هڪڙي ڪان جيڙي ئي هرڪوئي خفا آهي.

قطعا

(۱)

تنهنجي ساز ۾ سب جي صدا ڪونجي،
تنهنجي چوڑين جا جلترنگ وڄا؛
مسڪراهٽ، امنگ، آڇ، يقين،
پيار منهنجي ڪي چار چند لڳا.

(۲)

زهر جو جام پيٽ ڏيو يارو،
ڪي گهڙيون مون کي جيئڻ ڏيو يارو؛
وقت جي منهن تي ڪو ليکو يا ڪهنج،
جي ٿئي ٿو تہ ٿيئ ڏيو يارو.

(۳)

ڪوٽ شيشي سنڊو ٻڌجي اڳيان،
منهنجي آواز ۾ اٽڪ ٿو وجهين؛
اي غمِ روزگارا! ڏاهو ٿي،
منهنجي پرواز ۾ اٽڪ ٿو وجهين.

(۴)

تنهنجي مرڪڻ جو ڇا جواب ڏجي،
خاڪ اڏري ٿي گلستانن ۾؛
شل سلامت رهن اکيون تنهنجون،
ڪير ويندو شرابخانن ۾.

رباعيون

(۱)

بي پهچ صدائن جا زمانا آهن،
مسموم هوائن جا زمانا آهن؛
احساس جي پرهور شڪستن جو قسم،
سنگين خطائن جا زمانا آهن.

(۲)

تامون آ زمين، حشر ٻيا آشايد،
هي روزِ جزا، دورِ فنا آ شايد؛
جنت ٿو ڏئي ڪنهن کي، جهنم ڪنهن کي،
هن دور جو زردار خدا آ شايد.

(۳)

احساس ڇا، ڇا عهدِ وفا ياد رهي،
ڪيئن مهر و مروّت جي ادا ياد رهي؛
جنهن دور جو انسان ٿي معبود هجي،
تنهن دور کي ڪاڏي ٿو خدا ياد رهي.

(۴)

هاڻي نہ تمبا صبر جي صد چاڪ ٿئي،
هڪ انگ ٿو ٻئي انگ جي پوشاڪ ٿئي؛
رزاق سندي رزق جي حاجت ڪهڙي،
انسان ٿو انسان جي خوراڪ ٿئي.

(۵)

تسبيح و نمازن ۾ اڙيا ٻيا آهن،
۽ ورد وظيفن ۾ مڙهيا ٻيا آهن؛
دنيا جا سڀئي جيل، سمورا زندان،
الله جي بندن سان پريا ٻيا آهن.

(۶)

ظلمت جي رقيبن جو ڇڏيو ذڪر ڇڏيو،
سورج جي نقيبن جو ڇڏيو ذڪر ڇڏيو؛
جيڪو ٻ سري جنهن ڪان، اچو ڪوڙ هڻون،
سورين جو صليبن جو ڇڏيو ذڪر ڇڏيو.

(٧)

ظاهر ۾ ٿا جبر جي تائيد ڪيون،
دل ۾ ٿا مگر تڙيون ۽ تردید ڪيون؛
پوتار جي محفل ۾ اڻين ٿا مرڪون،
جڻ ماهِ محرم ۾ ٻيا عيد ڪيون.

(٨)

ظلمت تي هينئر نُور جي ورڪا نہ ٿئي،
پوري ڪا هينئر ڪوڙ جي آشا نہ ٿئي؛
تيرن کي سندس سنهن تي هٿو موٽائي،
نمرود کي دل جاءِ ٿئي يا نہ ٿئي.

(٩)

انڊن ۾ زر و سيم نہ تقسيم ٿشي،
احساس ۽ انصاف جي تعظيم ٿشي؛
غارن جو قسم، مؤلا! اڃا هڪ پيرو،
انسان سڀني ذهن ۾ ترميم ٿشي.





"راز" ناٽنشاهي

علي شير ولد نورمحمد ميراڻي، ادبي دنيا ۾ 'راز' ناٽنشاهي جي نالي سان متعارف ٧- آگسٽ ١٩٤٧ع تي ضلعي دادو جي مشهور شهر خيرپور ناٽنشاهه ۾ ڄائو. ابتدائي تعلي خيرپور ناٽنشاهه ڪان سواءِ خيرپور ميرس جي نياز هاءِ اسڪول ۾ اڻ حاصل ڪيائين. ڪي ادب سان لڳاءُ ننهنجي نانيِ مرحوم محمد اعظم 'اعظم' ميراڻيءَ ڪان ورثي ۾ مليو. 'راز' ناٽنشاهه ادبي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻي نويس جي حيثيت سان آيو. ٻاڻ ٻهريان 'علي شير' ۽ 'عين-شين جي نالن سان ڪهاڻيون لکندو هو. سندس ڪهاڻيون سنڌي روزنامن، هفتيوار اخبارن ۽ مختل ماهوار رسالن ۾ شايع ٿيندڙ رهيون آهن. هڪ سال ڪهاڻيون لکڻ ڪان پوءِ سندس لاڙ شاعريءَ ڏانهن ٿيو، جنهن بعد ڀي هن شعر جي مختلف صنفن تي لکڻ شروع ڪيو. وقت ج تقاضا موجب ۽ طبيعت جي رجحان سبب ابتدا ڪان ئي جديد شاعر آهي. سندس شعر سنڌي زبا جي سيني مشهور رسالن ۾ ڇپيا رهيا آهن. سندس نظمن مان 'فنڪار'، 'قرباني'، 'پردو 'الوداع'، 'فرياد'، 'همسفر'، 'فيصلو' ۽ 'وقت جي هنج' خاص پسند ڪيا وڃن ٿ ٻاڻ شاعر هڻڻ سان گڏ هڪ بهترين ڪرڪيٽ پليئر، اسٽيج فنڪار ۽ عمدو مصوّر ٻڻ آهي.

'راز' هڪ رنداڻ طبع جو شاعر، خاص طرح خمريات پسند فنڪار آهي. هر صنف ت طبع آزمائي ڪئي اٿس. مجموعي خيال ڪان سندس ڪلام ذوق جماليات ڪان ڪهڻو بخرو لڌو آهم ان معيار کي اگر حدن اندر نہ رکيو ويو ته پوءِ ممڪن آهي ته محتاط ۽ معتدل راه قا رهي نہ سگهي. خيال جي رنگيني ۽ زبان جي پختگي سان ظاهر آهي ته اڳتي هلي 'را هڪ باڪمال شاعر جو مقام حاصل ڪري ويڻي، اها ئي اميد آهي. ـــ ادارو

* * *

دوها

نُور پريا او چنڊ لهي اچ، دل جي مون سان اور،
تنهنجي پي من ۾ آ قاتل ڪنهن جي پيار جي ڏور.
ڪنهن جي ياد ۾ تنهنجي سيني تي آ ڪارو داغ،
ڪنهن لئه در در خاڪ ٿو چاٹين ڪنهن لئه جاچين باغ.
چنڊ چريا او چنڊ چريا! تنهنجي مومل آ ڪهڑي؟
اهڑي هوندي سهڻيءَ جهڑي يا هوندي راڌا جهڑي.
اهڑي هوندي جهڑي هي ڏس منهنجي پياري آهي،
تون پي شرمائين، هو جيڪر گهونگهٽ پنهنجو لاهي.

وائي

تنهنجا نيڻ سنڊوءِ جو سينو،
منهنجا گيت اڇايل ـــ او.

تنهنجي لاءِ اکيڻ ۾ اڄ، پرجي آيا بادل ـــ او.
خوشيون روئن، نوحا گائن، گل گل پي ڪومايل ـــ او.
اونڌا ساز چپن تي مهرون، سڏڪي پايل پايل ـــ او.
منظر ويران چانڊوڪيءَ جا، تارا سارا ڪهايل ـــ او.
منهنجا گيت اڇايل ـــ او.

گيت

ڪوئي گيت ٻڌاءِ،
بانورا! ڪوئي گيت ٻڌاءِ ...

خاموشي پي گائي مرڪي،
اونداهيءَ جو چهرو جرڪي،
دنيا ڪي جهوماءِ:
بانورا! ڪوئي گيت ٻڌاءِ ...

اک اک ۾ آ شور ڏئو مون،
اڄ اڄ منهنجي ٻاکن ۾ تون،
جڳ ڏسئي چا لاءِ:
بانورا! ڪوئي گيت ٻڌاءِ ...

نظم

جوت

وري ڪائي سُوري ٻڪاري ٻڪاري،
وري ڪوئي گهاٽو ٻيو ٽو نهاري.
آيا ڪات روهڻ صابن جا ٻاڇا،
نڻون موت چاچا ٻيو گهوت ماري.
نہ جاڻان ائين ڪنهن ڪيو آهہ لوڪو!
قيامت جو هوڪو ڇڏيو آ ڏياري.
صحيفن جا سينا ڪيون ٻاڪ ويڻا،
ورق در ورق هي نڻون خون هاري.
اجايو ڏا ڏڙڪو لہ واڪو نہ ڪڙڪو،
وجو زهر هڪ وقت مون ڪي ٻياري.
ٻئي تيز جوڪي ستارن جان چمڪي،
ٻڌايو، ڇڏيان اهڙي واري وساري.
ڏسو ڪو پٽن تي ورِي نير گاڙي،
اسان ڏي نهاري ٻيو جوت ٻاري.

منهنجو قلم

زندگي ٽي زندگي شامِ الم،
وقت جي هر موڙ تي مرڪي ٽو غم.
زهر جا ساغر پريل فوٽ-ٻاٽ تي،
شهر جي هر چوڪ تي ظلم و ستم.
شاهراهِ امن تي ڪاوا آيا،
دوستو، هوشيار ٽي ڪٽجو قدم.
ڪيترو تاريڪ ٽي ماحول ويو،
جڏ تہ ڪاڦو آهہ ڪٽ راڪيٽ و بم.
وقت جي تاريخ جي صفحن مٿان،
ڪيترو اڄ تيز ٽو ڊوڙي قلم.
منهنجو قلم، نازڪ قلم.

آزاد نظم

مون ڏنو،
مرکي ڏنو تو،
تو ڏنو، روئي ٻيس ڪان.
منهنجي اکين جي اڳيان،
ٻيو ڪير اچي ويا،
نا مڪمل پيار جا اونداها ڏڪ.

غزل

■

تون سومل، مان تنهنجو راڻو،
ٻنهنجي الفت موتيءَ داڻو.

تنهنجي اکين جي جرڪن تي، نرگس ڪل پئي آ کوماڻو.
ڪاڪ ڏهي ٻئي، دور هلون ٿا، ڪهڙي ڳٺتيءَ جو ڳاراڻو.
ڏس ڏس بجليءَ جا هي چمڪا، جنت جو ڪو ديپ اجهاڻو.
خوف نه ڪر تون، آ گڏجي هل، وقت اجهوئي ٿيندو ساڻو.
مان تنهنجي سيني جو ساجن، تون منهنجي ئي دل جو ماڻو.

●

تنهنجو جوڀن رنگ رتول،
ماکيءَ جهڙا منهنجا ڏول.

رات سموري چپ چپات، ٿوروئي ٻر واتان ٻول.
هي جڳ ڪڏهي ٻي دليا ۾، تنهنجا منهنجا ساڳيا ٽول.
تارن وسري ڪارو اڀ، ڏرتيءَ تي مون جهليو جهول.
تون پي جهولڻگارين ٿو يار، منهنجا شعر اهي انمول.
ڪهڙو 'راز' مٽان ويساهه، منزل منزل جو آ رول.

رباعيون

(١)

كيڏي نه فضا تي آ خموشي طاري،
هر ساهي وٺي چانڇي اوندهه کاري؛
کجهه تون به ته ڳالهاءِ نٿو صبح ٿئي،
اي جانِ جهان، رات ڀلي آ ساري.

(٢)

سرديءَ ۾ ڀيو شهر سمورو ٺڙکي،
جهونکي سان ٻئي جهوپڙي هرکا کڙکي؛
آ ريشمي وارن سان اچي ويڙهه مون کي،
سيني ۾ کائي ٻاهر، کو شعلو پڙکي.

قطعا

(١)

چنڊ جي صورت آهه آداس،
چانڊوکيءَ ۾ تنهنجو ساهُ؛
ڏس ڏس موت، ستان آڏلي،
منهنجي لٽرن جو درياهُ.

(٢)


اکين ۾ ڳوڙهن جا ديپ،
جهول ۾ ٽکرا تاج محل؛
تنهنجون سوغاتون گويا،
سيني ۾ کي تير کُتل.

(٣)

هر چوک ۾ سوريءَ تي کولتکي ٿو ٻيو،
هر راهه جي سيني تي کو تڙپي ٿو ٻيو؛
هر موڙ تي ٻڌن وقت جو کارو چهرو،
فنکار جي رت سان ئي چمکي ٿو ٻيو.

(٤)

هر لٽين ڏور ۾ اي دوست پيا ٿا متجن،
تولاءِ ۽ مون لاءِ محبت جا اصول؛
زهر جو جام سرِ راهه ٻو ٿو مرکي،
وقت جلاد جو انعام ڪٽي کر هي قبول.



راج محمد "جمال" پلي

راج محمد "جمال" پلي، ٿرپارکر جي مشهور پلي خاندان جي معروف شخصيت خانصاحب عطا محمد پلي مرحوم جو فرزند آهي. سندس ولادت، ڳوٺ ٻنهنجي ۾ ۲۷- آگسٽ ۱۹۴۰ع تي ٿي، ۽ هن وقت اتي ئي رهي ٿو. نندپڻ ۾ ڪجهه سنڌي ۽ معمولي انگريزي پڙهڻ کان پوء حالتن جي ناسازگاري سبب تعليم ۾ تعطل پيدا ٿي ٿيو، جنهن جو سندس والد مرحوم کي نهايت افسوس رهيو. 'من طلب شيئ جد وجد' تي عمل ڪندي، سنڌ اورينٽل ڪاليج حيدرآباد ۾ رهي، اديب جو ڪورس مڪمل ڪيو اٿس.

راج محمد وڏي مطالعه جو صاحب آهي. وٽس بهترين ڪتبخانو موجود آهي. تاريخ ۽ تصوف سندس مطالعه جا دلپسند موضوع آهن. صوفي "صديق" فقير جي سوانح ۽ ڪلام تي راج محمد عالمانه ۽ محققانه ڪم ڪيو آهي. اهو مقالو، هن قسطن ۾، "مهراڻ" جي ۱-۲/۱۹۶۵ع ۽ ۱-۲/۱۹۶۶ع جي پرچن ۾ ڇپيل آهي. ان طرح منڌار فقير راجڙ جي سوانح ۽ فن تي لکيل سندس بهترين مقالو به "مهراڻ" ۾ اشاعت شده آهي. "ٿرپارکر ضلعي جا شاعر" سندس انڇيل مقالو آهي. محترمي مولانا غلام محمد گرامي صاحب سان سندس پرخلوص، علمي ۽ ادبي تعلقات آهن، جي سندس علمي ۽ ادبي يادگار جي حيثيت رکن ٿا.

ـ مظهر علي جتوئي.

* * *

سندس ڪلام تمام مختصر آهي، تاهم معنوي انداز سان منجهس اخلاقي لصب العين جي ترجماني موجود آهي. سندس جذبات ۽ خيالات، تصوف جي مطالعه کان متاثر ٿيا آهن. تصوف ۽ اخلاق سندس ڪلام جو روح آهن. سندس شاعريء ۾ ڪافيء کي وڏي اهميت حاصل آهي، هولي سليس، ميٺي ۽ صاف لکي ٿو، جنهنڪري سندس صوفياڻ رمزيت وارو ڪلام دلڪش ٿي چڪو آهي. افسوس اهو آهي جو سندس توجه زياده تر نثر ڏانهن آهي. سندس ذوق سليم مان اميد آهي ته هو شعر و شاعريء ۾ اڃا به نوان تجربا ڪندو.

ـــ ادارو.

ڪافيون

*

جاڳي جاڳي جاڳ ـ جاڳي ڪر تون دور جُدايون!
پردا حجابي سڀ هٽائي، پاڻ کي ڏس تون پاڻ ۾ ناهي،
منجهئي مدامي ساڳ، جانب جوڙيون آهن تو ۾ جايون!

عمر سجي تو سمهي وڃائي، جاڳي تو نا جوت جلائي،
سمهڻ ناهي سهاڳ، ويهي ڳاءِ تون واحد جون واڻون!

انسي پهر اندر هر اوري، ڪس قلب جي سيئي ڪوري،
دل تان دوئي جا لاهي داڳ، ميٽ تون من تان مڙيئي مدايون!

بن جاڳڻ جيڏ 'جمال' اجايو، سستيءَ ڪنهن نه هرين هرايو،
اورڻ ڏاران سپ اپاڳ، ويڙل ويرون ڪنهن نه ورايون!

*

هن دادلي دريا اندر، دلبر سندو ديدار اٿئي،
دانهن مرين ديدار کي، ورهان ملي اڄ وار اٿئي!


ڪوهيون چڏي ڪهڙ تار هر، هاڻان تون هٿ پاتار هر،
جهيڙو اٿي تون جهار هر، هيڪڙ هٽڻ بيڪار اٿئي!

ڪهوريس ڪيو جيڪي ڪهڙن، ويرون نه واڳون تن وڙهن،
مانگر ٻه مانجهن ڪان مڙن، اونهي هر سي ابصار اٿئي!

'موتوا قبل' ماڻي تون سڙ، ورڃي وڃان تون ڪير ور،
سائيڊي مر رک سورهه تون سر، جي دولهه ٿيڻ درڪار اٿئي!

هي تار ٿي، تاروڙ تون تر، جهاڳي تون وڃ اي 'جمال' جڙ،
ساري تون ڪٽ سياڻا ٽمر، اڳيان ڪيل اقرار اٿئي!





ولي محمد "وفا"

ولي محمد "وفا" پنهنجي غزليہ شاعريءَ جي حيثيت سان نهايت پسنديده شاعر پنجي چڪو آهي. سندس غزل نهايت رنگين ۽ جذبات سان سرشار آهي. "وفا" خانصاحب عطا محمد پلي مرحوم جو چوٿون نمبر فرزند آهي. ۷- ڊسمبر ۱۹۴۴ع تي پنهنجي ڳوٺ ۾ جائو. تعليم ست درجا سنڌي، اردو ۽ انگريزي آهي. رسالن ۽ ڪتابن جو مطالعه سندس ذوق سان وابسته هڪ لازمي مشغلو آهي.

شاعريءَ جي شروعات ۱۹۶۱-۶۰ع کان ٿي آهي. غزل، گيت، وايون، نظم ۽ قطعا وغيره سندس پسنديده صنفون آهن، جن ۾ ڪافي تخليقي تجربا ڪري چڪو آهي. سندس شعر جو هڪ مجموعو "لنؤ لنؤ منجهه لغار" شايع ٿي چڪو آهي. — راج محمد پلي

* *

"وفا" جو فن زياده تر عشقيہ آهي. ذوق جماليات کان سرشار شاعر آهي. سندس ڪلام جي رنگينيءَ ۾ 'خمريات' جي فني آميزش آهي؛ هي اهو مقام آهي جتي ٿوري بي احتياطيءَ ۽ بيتوجهيءَ سبب، فن، افاديت ۽ اخلاقي حدن کان ڪري پوي ٿو ۽ ان ۾ ابتذال پيدا ٿي وڃي ٿو. سندس غزل ۾ والهانہ جذبات جي فراواني آهي، جنهن مان واضح ٿو ٿئي ته جيستائين شاعر، عشق ۽ محبت جي واردات ۽ ڪيفيات سان دوچار نٿو ٿئي، تيستائين سندس ڪلام ۾ سوز ۽ ساز، رنگيني ۽ اثر پذيريءَ جو پيدا ٿيڻ مشڪل آهي. "وفا" جي غزل ۾ رواني ۽ نغمه ريزي آهي ۽ خيال، جدّت ۽ شوخي آهي. سندس محبت آفرين جذبات، زخم خورده دل سان پيدا ٿين ٿا ۽ پڌڻ شرط ٻئي جي دل تي اثر ڪن ٿا. خالص عشقيہ شاعريءَ ۾ "وفا" جا ڪي تجربا نهايت دلڪش ڇڻي سگهجن ٿا. مطالعه ۽ مشق سان "وفا" هڪ ڏينهن چوٽيءَ جي شاعرن ۾ شمار ڪيو ويندو. — ادارو

غزل

●

هو اکڙيون شرابي، هو عارض شهابي،
لـ وسري سگهي ٿـو رخِ ماهتابي!

نـمـازِ محبّت لـئـ مـحـرابِ ابرو، تلاوت لـئـ موزون چـهـرو کتابي!
پريشان کاکل ۽ ويـران نظرون، ڏيـن ٿـيـون سـراغِ شبِ نيمخوابي!
سندم خـوابِ الفت جـو تعبير آهن، هي رخسار، گيسو ۽ لبڑا گلابي!
کريان ناز پنهنجي 'وفا' بخت تي گر، حـضـورِ صـنـم م ٿـئـي باريابي!

●

اشـک هـاريـنـدي رات گـذري ٿـي،
کنهن کي ساريندي رات گـذري ٿـي!

دل م اميـدِ وصـلِ جانان جـي، شـمـع بـاريـنـدي رات گـذري ٿـي!
آهـي ويـران رهـگـذر، پـو پـي، کجهـ نـهـاريـنـدي رات گـذري ٿـي!
رات چانڊوکي، تنهنجي ياد پـريـن، بـان ڳـاريـنـدي رات گـذري ٿـي!
مـان وساري سگهان تـ چـا گهرجي، هـن کي ساريـنـدي رات گـذري ٿـي!
هـن 'وفـا' نـاشـنـاس کـي يـارو، هـيـت پـکاريـنـدي رات گـذري ٿـي!

●

آرزوئـ قـرار چـا کـريـان؟
اي دلِ بيقرار چـا کـريـان؟

تـا قـيـامـت نـ يـار اچـڻـو آ، مـان عبث انتظار چـا کـريـان؟
زخـم آهـي مـثـالِ غـنـچـهِ نـو، اهـتـمـامِ بـهـار چـا کـريـان؟
کـوڙ وعدو سـنـدءِ ٿـيـو پـورو، بـيـوفـا، اعـتـبـار چا کـريـان؟
هـي خـزان آهـي يـا بـهـار آهـي، کـو چـوي آشکار چـا کـريـان؟
هـن شهر م 'وفا' نـ آهـي کو، تنهنجو همدرد و يار چـا کـريـان؟

●

مـثـلِ مـوجِ بـهـار ايـنـدو آ،
پـيـار بـي اخـتـيـار ايـنـدو آ!

چاندليءَ جـو حسين وڃـو پهري، صـحـن منهنجي م يـار ايـنـدو آ!
زنـدگـيءَ جـا حـسـيـن ساڻيڙا، ٿـنهنجي آڻـي بـهـار ايـنـدو آ!
ٿـنهنجي ڪـوچي م جهاڙيون پائـ، کـو تـ ديـوالـ وار ايـنـدو آ!
ذکر کنهن جي سان اي 'وفا' دل کي، چـنـد لـمـحـا قـرار ايـنـدو آ!

●

جڏهن دل ۾ يادن جي بارات ايندي،
تہ تاريڪيءَ شب درخشان ٿي ويندي!

معطّر ڪرڻ آئي آهي تفسّ ڪي،
صبا ڪنهن جي زلفن جي خوشبو جهڪيندي!

اوهين بدگمان آهيو ناحق اسان کان،
اسين جي ڪُجون ٿا تہ هيهات ٿيندي!

تمنائون ماتم ڪنديون، مرنديون رهنديون،
مگر بيکسي کونہ دامن ڇڏيندي!

پلا ڇو اداس آهين، ايڏو 'وفا' تون،
شبِ هجر آخر تہ گذري ئي ويندي!

●

ڪڙي جو ٽُڪر، مانيءَ جو ڪپو،
انسان گهري بس، هيو ڇا ٿو.

برداد سماج جا بُت ٺاهيو، انصاف سندو نالو نہ وٺو.
عريان جوانيون ڏڪ ٿيون گهرن، جڏن جو حسين؟ کو لباس سبو.
دولت جا هرستارو، هاڻي، ڪجهہ دير سهي، هيڏي بہ ڏسو.
تاريخ ۾ انهين لکجي ٿو ٻيو، چاندي جي سيکن انسان ٻُڌو.
غمخواريءَ ۾ ڪيڏو اَڙو، هڪڙي جا ورهائي درد ڏسو.

●

زندگيءَ جون عنايتون کڻيون،
درد آهن، ٻيون راحتون کڻيون.

ترکِ الفت جو ڇا ڪجي ماتم، ٿي ويون برباد الفتون کڻيون.
درد و غم جو اَ دوست مجموعو، عشق ۾ هونديون لذّتون کڻيون.
دوستن جون نوازشون آهن، دشمنن سان شڪايتون کڻيون.
تنگدليءَ جو ستان کو ڏٺي طعنو، دل ۾ ٻاتيونسين وسعتون کڻيون.
ذهن ۾ قيد ٿي ويون آهن، اي 'وفا' اڄ هي صورتون کڻيون.

●

تنهنجا هٿ گلاس کان خالي،
منهنجو من ۾ هياس کان خالي.

کاغذ جا گل، هٿر جي دل،
خوشبوء ۽ احساس کان خالي.

کنهن جي نينهن جو شينهن گهمي ٿو،
کنهن ۾ي خوف هراس کان خالي.

منهنجي اکڙ سدائين آلي،
تنهنجو منڌ وساس کان خالي.

مان ۾ي ڇڻ ڪو هٿر آهيان،
هيارا! آس-نراس کان خالي.

ويڙهاڻ واڻون ساڳيا ليکن،
وڻجاري جي واس کان خالي.





"نظير" ٹکڑائي

نظير ٹکڑائي هن طرح پنهنجو تعارف لکيو آهي:

"منهنجو اصل نالو محمد آچر ولد جمال‌الدين آهي، مگر دنيا مون کي 'نظير' ٹکڑائي جي نالي سان سڏي ٿي. منهنجي ذات هلاولي آهي. ٹکڑائي ان سبب سڏجان ٿو، جو ٹکڙ منهنجو محبوب وطن آهي، جتي مون سال ۱۹۳۰ع جي اپريل مهيني جي پهرين تاريخ جنم ڀاتو. هي ٹکڙ جو ڳوٺ ادبي نقطه نگاه کان هر ذي فهم سنڌي فرد کي ياد هوندو، جنهن جي خاڪ پاڪ مان کيترا برگزيده عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا آهن. اڄ تائين به موجوده شاعرن جي قطار ۾ جيترا شاعر ٹکڙ ۾ ملندا، اوترا ٻئي کنهن ڳوٺ ۾ شايد نه ملن. حقيقت ۾ آءٌ شاعر نه آهيان، ۽ نڪي منهنجو موروثي حق آهي. آءٌ ته هڪ پرائمري ماستر آهيان، يعني خلق جو خدمتگار. مگر آءٌ جڏهن ٽريننگ کاليج فارسين حيدرآباد ۾ ٻن سالن جي ٽريننگ لاءِ ۱۹۵۰ع ۾ چونڊجي ويس، تڏهن اتي جي آزاد ماحول جي اثر ۾ رهي، جناب گرامي صاحب جن جي رهبري ۽ همتائڻ تي شعر ٺاهڻ جي شروعات ڪرڻ لڳس، ۽ اڳتي هلي دنيوي مجبورين سبب شاعري تان دست بردار ٿيس؛ مگر زماني جي اثر ساڻ ڪري ويهڻ نه ڏنو: لاچار هاڻي ٿوري عرصي کان دلسوز حالات کان متاثر ٿي آڏا آٻتا شعر لکندو آهيان، شال ماڻهن کي وٺن!"

بيت

(۱)

اهو عيب اکين جو، اڙک وهائن وترا،
ڪجن ڇڻ ڪينڪي، سوريءَ سڏ نه ڪن،
ڇيو ليش نيڻن، ڏسي ميٺ مهابرو.

(۲)

ٻيلا! ٻيل نه ڪر، متان نه ٻڌين مامري،
هوڪي هوڪ پريتڙي، وڙ مَ وڃائي وَر،
تو جو پانيو سَر، سو سيَان ٿيندو سامهون.

(٣)

نڊر ۽ ناڻو، نسورو ٿي نٽ پريو،
هن کي سوري ساهه ۾، هو ڳل ڳل ويڳاڻو،
انڊو ۽ کاڻو، ٻئي سنيها ساجرُين.

(٤)

سورهيه سامونڊين، وکر وهايو وهرَ جو،
لهي چنڊ اڳيرو، چوڏهين چيتارين،
ناتاريون نواڻ ۾، نيٺي لت ناڙين،
کاميون کل کلاچ ڏي، کاڌاري کارين،
سڙه لـ سنوارين، جيسين سورج سامهون.

(٥)

آسن هاڻيون هُرتڙيون، کيڻ ٽيون گهر گهارين،
آڏيو انگ آچاندرا، ٽيون ڏيهه کي ڏيکارين،
کولي کهنبا کيج مان، هو هلن هاکارين،
وَر وَر وِلها وات تي، وينا ويچارين،
سيکنهن هُڙڪ هنئين ۾، ٻڙڪَ نـ ٻاکارين،
جيڏانهن کَرُکارين، تيڏانهن سونڊ ماسرو.

(٦)

آٿي ڳولهه 'نظير'، ٻنهنجو ٻاڻ ٻرين۽ ۾،
نکري نفسي نارکان، ٿي فائق فيض فقير،
آگو تنهنجي اڳ ۾، ٻيڙ ٻڌ نـ ٻير،
اها سڙڪ سڌير، رسائيندءِ راه تي.

(٧)

ناڃهو ٿي ناز سان، نکري ٿيس نروار،
لاهوتي لالڻ جي، لنوَ لنوَ ۾ للکار،
ٿي استاد اندر ۾، آيو عشق عطار،
بوءِ وڌائين بره جي، ٻڙ ٻڙ بارو بار،
عشق جو آزار، سَهي سَهان کيترو.

کافي

*

ٻلي ڪر ڪُهڻ جي تياري مٺا،
اٿم سر هي حاضر هزاري مٺا!

ڏکن ۾ ٽيا ڏينهن سارا گذر، وهايم ويهي راتيون سربسر،
تکيندي ٿي واڌون سيٺي ٻُرخطر، وٺي ختم ٿي عمر ساري مٺا!

ٻلي ناز جي تون کٽاري آلار، سري منهنجي ڏڙ کان ڪريو ڏار ڏار،
نکو دم جيڻ جو رهي انتظار، سَٽايو سندم بيقراري مٺا!

پراون سان گڏ تون هلين هيج مان، ڏکاري تو ٻنهنجن کي ڇڏيو ڏران،
انهيءَ چال تنهنجي کي مان ڇا چوان، لـ تو ڳالهه ٻي کا نهاري مٺا!

'نظير' آهه نوکر سندءِ در مدام، نـ جنهن کي سوا تو ٻيو خيال خام،
فقط ورد اهنجي اٺس صبح و شام، کهڙي کا ٻري شل نـ گهاري مٺا!

وايون

(۱)

ٽُنهنجي مُنهنجي منزل ساڳي، واٽون لک هزار، الو ميان :
واٽون لک هزار!

ڪاڦل ڪوندل ڀانڊ پراڻا، ٻيرين ڪاٺا ڏار، الو ميان :
واٽون لک هزار!

جوڳي ٻنجي بن بن واسي، هلنداسون هُن پار، الو ميان :
واٽون لک هزار!

سپ جڳ جيئرو موت نه جڳ ۾، وک وک تي ويچار، الو ميان :
واٽون لک هزار!

ڇولي هلکي هٿڙا اڳرا، سمنڊ نه ويچو وار، الو ميان :
واٽون لک هزار!

(۲)

آءُ مومل کاڪ محل ۾، کاڪ سڄي ويران، الو ميان :
کاڪ سڄي ويران!

چاڙهي چاڙهي سير سيراکنڊي، آهي منجهه ارمان، الو ميان :
کاڪ سڄي ويران!

تو ٻن راڻو کاڪ ککوريو، ايندو ڪيئن سلطان، الو ميان :
کاڪ سڄي ويران!

ساڳي اڄ ماندڻ منڊي کر ڏڙ متي دڳران، الو ميان :
کاڪ سڄي ويران!

گيت

مکڙي مُرڪي، پونئر آڏاڻو، خوشبوءِ خوشبوءِ نشون رلڪ لاتو،
گيت رسيلا گائي شبنم، هير کهلي ۽ جوبن آتو!

رم جهم رم جهم، برسي برسي، جوت جلي، ڪاراڻ ککوري،
سپنن جاڳي، ٻردي ڪاري ماڻ ليلايو نوري ناتو.

صبح سويري ترکي ترکي، کرلا اٽيا آرس سوڙي،
چوڙيءَ چوڙيءَ ٻانهين چمکي، گها گهر چمڪي ساز سجاتو.

بلبل ٻنهنجا نغما چيڙيا، پونئر ٻه ٻنهنجا چنگ وجايا،
پوءِ ڪل تي جهمريون پائي، مک کي آهه ڏنو پاراتو.

غزل

●

سندم نگاه جا سجدا ٻه ولولي ۾ ٻيا،
جهڪي ته ناز جي قدمن جي فيصلي ۾ ايا!

جبين جي چند سنواري چڏي ٻ رات جي سينڌ، نظر نظر جا ستارا ٻه زلزلي ۾ ٻيا.
اهوئي زهر ٿي زلفن جي آبياري ڪئي، وري سي مار سيڻ ٿي تبادلي ۾ ٻيا.
خيال دل جا ادائن جي تيغ ۾ لڙڪي، هزار وار سهي پست حوصلي ۾ ٻيا.
اداس چهرا تبسم جي چاندلي ۾ چٻي، وهائي لڙڪ نشانن جي سلسلي ۾ ٻيا.
جيئون تڪنهن لئه جيئون ٻ مرون تڪنهن لئه مرون، مڙي مڙي ٻه مثل روح غلغلي ۾ ٻيا!

●

ڪهڙي ٻڌن ٿو ڪاله دلِ بيقرار کان،
وڃڙي نه شال ڪوئي وجي پنهنجي پيار کان!

اي چند! اڄ چڙهي ته ڪريون سڀ ساميان،
تنهنجي ٻ منهنجي زندگي خالي ٿي ٻيار کان.
مڪڙين جو قتل قتل ٻ غنچن جو خونِ خونِ،
اهلِ چمن کي ڇا مليو فصلِ بهار کان.
تارن جي روشني ٻه انڌيرن ۾ گم هئي،
پڙلجي ويو راهي آهه شبِ رهگذار کان.
راهن کان بند تون ٻ نگاهن کان بند مان،
ٻيوس ٻيون ٿا لڙڪ انهيءَ انتظار کان.
لڙڪجن ٻيا راه راه تي مندر ٻيار جا،
شيشا پڄي ٿيا پيو، گلن جي نيکار کان.





نثار "بزمي"

قلندربخش خان المعروف "نثار بزمي"، تعلقي گڙهي ياسين جي جوڻيجا خاندان مان آهي. سندس جنم تاريخ ۱۳- جون ۱۹۲۴ع ۾ مرزاپور گوٺ ۾ ٿيو. هي گوٺ الهداڏائي ريلوي اسٽيشن کان اتر طرف هڪ ميل جي فاصلي تي آهي. بزمي صاحب ڏهاکو ورهيه کن پرائمري ماستر ۽ ڪجهه عرصو روينيو ٽپيدار ٿي رهيو، مگر اهڙي گهٽڻيل ۽ هوساڻيل ماحول ۾ ڪيس قرار ڪونه آيو، ۽ هو پنهنجي اباڻي آڄهي ۾ موڻي آيو، جتي اڄ تائين ٻيو پنهنجي ذوق ادب جي تڪميل ڪري.

بزمي صاحب پوري اولهه پاڪستان جو سير و سفر ڪري چڪو آهي. علم موسيقيء سان گهاڻو سٻڌ رکي ٿو. سيد منورعلي شاهه معصومي ۽ الهڏني نوناريء جي صحبتن کيس هن راه تي گامزن ڪيو. شعر و شاعريء جو شوق ته کيس ڄائي جم ڪان ملي چڪو هو. ٻارهن ورهين جي عمر ۾ هن هڪ گيت لکيو، جنهن جا ٻول هئا:

ڪارا ڪارا بادل آيا،

جاڏي تاڏي گوڙ: ملهار ٻڌو آ موڙ!

هي شاعر پنهنجي اندر نرالو مزاج رکي ٿو. غزل تيار ٿي ويندو: هار مونيم ڪٽلي هوندي، طبلي جي ٿاڦ تي ترنڱ ۽ تغزّل جي هر آهنگي ٿي ويندي! ڪلاسيڪل شاعريء سان گڏوگڏ هن شاعر جا عوامي گيت پڻ گهڻو مشهور آهن. هر راڳ-رنگ جي محفل ۾ بزمي صاحب جو ڪلام ڳايو وڃي ٿو.

بزمي صاحب فقيراڻن ٿولن سان ب وابستہ رهندو پئي آيو آهي. عمر دل فقير، فقير ابسرداس، فقير غلام علي مسرور ۽ صوفي سانوٽمل جهڙن ساڻن ۽ سڀاجهڙن سان صحبتون ٿيندیون تہ لوري ڪيئن نہ لڳندي!

سر دست هي شاعر هڪڙي وقت مضمون ب لکي تہ ڊراما ۽ افسانا ب، گيت ب لکي تہ وائي ب، آزاد نظم ب تہ هائيڪو ب، سهرو ب تہ مولود ب، ساڳئي وقت ڳائي ب تہ وڄائي ب! گويا موسيقيء ۽ شاعريء جون ٻئي ديوبون هڪڙي گهر ۾ ٻيٺون ٻاجن!

اڇلهہ تومي شاعريء کي وڌيڪ ترجيح ڏيندي، هڪ ٻئي ڪتاب "جنهن ديس ۾ ڪونجون نہ وَسَن" مڪمل ڪري چڪو آهي.

دوها

ٻائيء جهڙيون ٻَڙيون ڳالهيون، ڪوڙ وڻن ٽيون ڪونہ،
ٻٽڙ جهڙا ٻڌتا مون کي ٻولَ ٻُڌائين چونہ؟

ٻنهنجي ٻنهنجي قسمت آهي، ٻنهنجا ٻنهنجا ٻاڳ،
ڏرتيء تي ڪي ڏکجن، ڪنهن جا مکڻ جهڙا ساڳ!

چوڙو چارو، چانء نِمَّن جي، ٻَهڪي تن جو ٻُور،
ٻڌجي ويو ڪنهن ٻانڊيڙي کي ٻرت پَريو کو ٻُور.

نارِ نماڻي تَڙ تي ويٺي، ٻنهنجا ويڙهي وارَ،
الگ انگ مان آپرن ٻيا ٽار، جوڀن جا جنسار.

آدڇگاد ڪان منهنجي من تي جرڪي ويٺو جوش،
عقلمندیء مان چاهي ٽيڙو، ڪهڙي ڪم جو هوش.

ٻاڻياري کا ٻيرَ جي خاطر، ويٺي ڪهاڙي ڪهات،
جاڏي تاڏي اکين جي آ روشن ڳاڙهي لات.

هيڏي هَڏَ جي کوڙي آهي خون نڻن سان پيٽ،
سونہ ٻہ سهڻو ٽي ويندو جي وجهس ٽوري ڦيٽ.

منهنجي دل جا درد نرالا، ڪهڙي ڪنهن کي جاڻ،
جيڪي پي ڪجهہ آهيان 'بزمي'، سيڪجهہ آهيان ٻاڻ.

نظم

مزدور کي خطاب

سڪ هر محلات جي تنهنجي مٿان گهوري چڏيان،
وس پُڄي منهنجو ته توکي سون ۾ توري چڏيان؛
دم قدم تنهنجي سان دنيا ٿي رهي هيءَ دائما،
چو نه تنهنجي نام کي مان ساهه ڏي سوري چڏيان!

رائگان ويندين نه اي مزدورا! تنهنجون محنتون،
توئي دنيا ۾ ته آنديون لذتون ۽ فرحتون؛
تنهنجي باعث ٿا اميرن جا اگڻ آجرا رهن،
تو بنا جيڪر زماني تي هجن ها زحمتون.

خون تنهنجي مان اسان کي روشنائي ٿي ملي،
سچ پُڇين تنهنجي بدولت رهنمائي ٿي ملي؛
پاڪ سان پرهور دنيا ۾ آهي تنهنجو وجود،
ذات تنهنجيءَ کان زماني کي پلائي ٿي ملي.

غزل

●

زندگي آ آجاڻ بَن وانگر،
دل جي احساس جي ٽڪن وانگر!

دل جي ناڪام حسرتن جو قسم، مان آهيان لاش بي ڪفن وانگر.
منهنجي قسمت سنوارجيي نه سگهي، يار جي زلف پرشڪن وانگر.
هي به احسان آهي ڪرمن جو، مان رُلان سرءُ جي پَتن وانگر.
ڪُنجي منهنجو ضمير ويو سارو، سُنهن به متجي ٿيو ڪَٽن وانگر.
نارنگيءَ جي ته ڪار ڏس ڳاڙهي، آهي محبوب جي لٻن وانگر.
منهنجي اکين جا جام ٿا چلکن، آڏرندي ڪانگ جي پَرن وانگر.
چو ٿيو آهين تون ميان 'بزمي'، چورڙي يار جي لَٽن وانگر.

دل ٻنهنجي ۾ ٻرت پرائي،
ڇا تہ اِها ڪنهن ريت ٻنائي.

عشق انالگو اصلي اصلي، ڳڙ نہ ڳڙي تہ ڪنهن جي ڪائي.
ڏوه اکين جو ۽ لوڙي دل، هڪ جي تهمت ٻيءَ تي آئي.
هيرن کان منهن موڙيو هڪڙن، چشمن تي ڪن ڏوڙ ٻڌائي.
محلن ۾ ڪي مُرڪن ويهي، ويرانی ڪن پاڻ وسائي.
روڄ ۾ گذري ورهيہ وڃن ٽاري، مَرڪڻ جا بس ڏينهن آيائي.
جيڏي پي جنجال تہ آهي، ان ۾ ڪهڙي آهي پلائي.
ٻره ٻيگاڙڻ وارا ڪيئي، بگڙي ڪنهن جي ڪنهن نہ ٻنائي.
قدرت جو هي کيل نرالو، 'بزمي' صاحب بس ڪر پائي!

●

خدا ڪري تہ صنم! خوش هجين، بهار هجين،
اسان جا پاڪ اسان سان، تون برقرار هجين.
نہ ڪوسو واءُ لڳيئي، هجين تون موجن ۾،
نہ شال هڪڙي ٻہ ساعت تون سوگوار هجين.
اسان جي رخ تي اداسيءَ جا تہ هجن تہ هجن،
اي بي‌نياز! تون دنيا ۾ گل آنار هجين.
اسين تہ روئي پٽي نيٺ بس ٿي ويندا سين،
نہ پربي آه، ڪندو ڪر تون اعتبار هجين.
اسين جلي ٻہ دعائون ٿيي توکي ڏيندا سين،
سدائين شال تون شہ زور شعلہ بار هجين.
اسان جا عيب هزارن ۾ ٽا ٿين ظاهر،
اسان جي آس اها، تون نہ داغدار هجين.
اسان جي نام کان نفرت اچي ٿي هر ڪنهن کي،
خدا ڪري تہ تون عالم ۾ آشڪار هجين.
اسان کي سرک نہ ساقي! ملي تہ ڇا ٿي پيو،
پرين! تون شال زماني ۾ پُرخمار هجين.
وري نہ ٽُٽهنجي سلڻ لاءِ واجهہ کي وجهيا،
نہ ڪڇبو 'بزمي' تون ڪنهن جو ٻہ توڙي يار هجين.

فضا بدلي تہ غنچا خود گلستان کي رولي ويا،
بتن جا حوصلا بدليا، تہ بتخان کي رولي ويا!
ڪري جت شور شهنائي، آني ماتم ۾ هوندو آ،
خوشيءَ جا ٺهڪڙا سالن جي انسان کي رولي ويا.
محبّت جو ٿيو آغاز ۾وري جوش جذبي سان،
سڪر اڳتي هلي دلدار ديوان کي رولي ويا.
ڦيٽي ويو ميڪدي جو رنگ هڪڙي ٿي تہ جهنڪي سان،
ڪري توبہ، ٻيڙ وارا ۾ ايمان کي رولي ويا.
ٻيون ڪنهن کي پلا ويهي ٻا پاراتا ڏيون ڪهڙا،
ڏٺي هڪ ڏينهن جي مستي، هو مستان کي رولي ويا.
زماني ۾ پلائي ڪير ٿو ڪنهن جي پلا چاهي،
ملي اهڙا ويا جي هاءِ ارمان کي رولي ويا.
ٿين چمڪات ٿا جاتي، تہ عاشق انڳڻيا تاتي،
اهي چمڪات هڪڙي ڏينهن ۾روان کي رولي ويا.
اسان هر هڪ جي تعميل پنهنجو فرض ٿي ڄاتو،
ڏٺوسين ٿو تہ خود پنهنجي ٿي فرمان کي رولي ويا.
ڏسي طوفان کي متيون منجهي ٻيون ناخدائن جون،
پريشانيءَ جي عالم ۾ هو ٻتوارن کي رولي ويا.
ٻڌي ايمان ڪنهي آخر دوائن کي ٻيو ٻيٺو،
مگر اڌ ۾ ڇڏي حاذق بہ بيمارن کي رولي ويا.
ڇڏي سارو جهان 'بزمي' ٿياسين ڪنهن جي لئ قربان،
ڪهي انصاف کي ليکن، هو ايمان کي رولي ويا.





"ساجد" سرشاري

جناب 'ساجد' سرشاري پنهنجي مختصر سوانحعمريءَ ۾ لکي ٿو:

"پنهنجي هادي مرشد حضرت فقير نصيرمحمد صوفي القادري عليه الرحمت جن جي امر پٺاندر سنڌي زبان جي جذبي ماتحت شاعري شروع ڪيم، ۽ الحاج الله بخش صاحب 'سرشار' عقيلي جن جي خدمت ۾ گردنِ ادب خم ڪيم. درگاه عاليه جهوک شريف جي جوڏن جي سعيد صحبت ۾ رهي، محبت ۽ هڪجوڙائيءَ جو سبق سکيس.

حقير جو نالو دوست محمد ۽ والد صاحب جو اسم گرامي ولي محمد آهي. ذات جو سمون آهيان. تخلص 'ساجد' اٿم ۽ 'سرشار' صاحب جي نسبت ڪري 'سرشاري' سڏبو آهيان. جهوک شريف جي صوفي سردارن جو غلام ڏسي، استاد 'سرشار' صاحب جن اهڙيءَ ڪنهن ٻٽيءَ ۽ سگوريءَ ساعت ۾ 'صوفي' سڏيو، جو هاڻ ڪيٽن صاحبن کي منهنجو نالو ۽ ڪوڙ ايندو آهي. عمر وڏن وٽ ته وڏي، ۽ سرڪار ۾ ٻائيتال آهي.

سنڌي ادب جي خدمت نهايت محبت سان ڪرڻ جو جذبو رکان ٿو. پنهنجي مشهوريءَ کان ٻاسيرو رهي، مون کان جيترو ٿي سگهيو آهي، خدمت جي فريضي کي ادا ڪندو ٿو رهان. سنڌي ادبي دنيا جي هر لکندڙ سان محبت رکان ٿو، ۽ آنهن لاءِ دل وڌيڪ ٿي تانگهي، جن جي دل ۾ هاڻ لاءِ محبت جو هڪ ماسو ۽ محسوس ڪندو آهيان.

آزاديءَ جي هلچل ۾ سادا ڇهه مهينا جيل ياترا ۽ ڏيتي اٿم. هاڻي پنهنجي هاڻ ڪهڻي واکاڻ ڪيم، بس-مهرباني. آءٌ ڪوشش ڪندو آهيان ته زندگي محبت ۽ خدمت ڪندي گذاريان."

* * *

نظم

مهران

وه وادي‌ءَ سنڌ آهي ٿي سبزه زار، "مهران" تنهنجي دم سان،
ڇ باغ ِ علم و ادب ۾ ايندي بهار، "مهران" تنهنجي دم سان!
اسان جي عزت، اسان جي دولت، اسان جي ناموس جو سبب تون،
جهان٘ ۾ حاصل ٿيو اسان کي وقار، "مهران" تنهنجي دم سان.
بکهاڙ لارو، بيچاري، جمڙائو، ميرواهه، کيرٿر، ڏيلي،
وهن ٿا هيٺ واهه اهڙا ڪئي بيشمار، "مهران" تنهنجي دم سان.
هو پاڪ چوٽيون همالي جون ڪري رسن ٿيون جي سنڌ تائين،
سو پاڪ پاڻي، اسين ٿا پيون آبدار، "مهران" تنهنجي دم سان.
جهان٘ ۾ جي ٿو ته سنڌ آهي جهان٘ ۾ بيشڪ سُکي ستابي،
ٿيو آب وارو وطن سندم آبيار، "مهران" تنهنجي دم سان.
ڏسڻ جي چاهي، ڏسي وڃي کو، ته مُنڌي جمڙائو جا نظارا،
هي سنڌ ۾ ٿيو بهار اندر بهار، "مهران" تنهنجي دم سان.
قدم قدم تي هزارين ٻيلا، هزارين پوکون، هزارين غنچا،
ٿيو گلشن ِ سنڌ ساروئي لالہ زار، "مهران" تنهنجي دم سان.
انهيءَ چوڻ ۾ وڏائه تيز جو ڪڏهن ٻڌ 'ساجد' ڪيو نه آهي،
اسان جو سرسبز شاد آهي ديار، "مهران" تنهنجي دم سان.

غزل

●

دل اهوئي خدا جو گهر آهي،
جنهن ۾ همدرديءَ بشر آهي.

ڇا صداقت سان واسطو ان جو، جنهن جي لب تي اگر مگر آهي.
غير ٻويان لڳي تباهه ٿئين، ٻوءِ مون تي ڇو ڏک ڏمر آهي.
ٿيندا ڪيئن سربلند سي، جن جي، سَر جهڪائڻ لئه سنگ ِ در آهي.
آدميت لئه جو جيئي ڇ مَري، آدمي سوئي فخرِ ور آهي.
آدميءَ لاءِ ڪوئي ڇ هرڪ، جذبهءَ خدمت ِ بشر آهي.
عالمي امن جي تباهي لئه، ڪاهي ٻيو سامراجي شر آهي.
هرسو جوبن تي آهي صبح ِ بهار، هيٺ خزان جي ايڏا سحر آهي.
قوم 'ساجد' آ مُرده، مُرده لئه، جهڙو گهر آهي، تهڙو بَر آهي!

●

اي عدو! طاقتِ اظهارِ بيان پي ٿو رکان،
پي زبان چاڻ نہ مون کي، مان زبان پي ٿو رکان.

شير جي دل ٿو رکان، عزمِ جوان پي ٿو رکان،
هر جوان، عزم سان گڏ تاب و توان پي ٿو رکان.

باغبان! تنهنجي هڪ فتني کان واقف آهيان،
عقل و هوش ايترو اي جانِ جهان پي ٿو رکان.

برزه برزه ٿي وڃن جنهن سان بُتانِ آذر،
اهڙو سان جوشِ براهيمي اذان پي ٿو رکان.

حسنِ گلشن کي کيو دشمنِ گلشن تو تباه،
تو ۾ شڪ اهڙو شبه، اهڙو گمان پي ٿو رکان.

دشمنن جيي جي ٻڌون-ست ٿا چئيو چاتي چڏين،
مان سخن جا سي تڪا تير و ڪمان پي ٿو رکان.

عصمتِ گل جو قسم، فرقتِ گل ۾ ساجد،
دردِ دل، دردِ جگر، دردِ نهان پي ٿو رکان!

قطعا

(۱)

وصيت ۽ وارث بنسا دوستو!
مري ٿو جي ڀگدار ڪنهن قوم جو.
اچي راج ۾ ٿو اهو زلزلو،
د جنهن ۾ ٻوي ٿو ڪو ٻڪ جو ٻتو.

(۲)

خدائي جي جڏهن دعويٰ ڪري ٿو،
تڏهن شيطان جو سائي ٿئي ٿو.
جڏهن معصوم هارن کي ڪهي ٿو،
تڏهن فرعون لئ موسيٰ اچي ٿو!



«تاج» صحرائي

محترم تاج محمد صحرائي هڪ جفاڪش ۽ محنتي، باحوصلہ ۽ باشعور، اهل قلم ۽ شاعر جي حيثيت سان ڪافي متعارف آهي. 'تاج' شڪارپور ۾ ۱۴- سپٽمبر ۱۹۲۱ع تي ڄائو. سندس والد محترم جو نالو نورمحمد آهي ۽ ميمڻ خاندان سان آهي. تعليمي خيال ڪان بي. اي ۽ بي. ٽي آهي.

سندس اوائلي زندگي تعليم حاصل ڪرڻ، مطالعه ڪرڻ، سير و سفر ۽ صحافت سان واسطه رهي. صحافت ۾ سندس هفتيوار اخبار "آواز" نهايت رنگين ۽ دلڪش مضمونن ۽ ادب لطيف تي مشتمل رهندي آئي آهي. اها ڪافي وقت دادوء ۾ هلائي ويئي. سندس صحافي زندگي ۱۹۴۸ع ڪان شروع ٿي ۽ ۱۹۵۲ع ۾ پوري ٿي. ان ڪان پوء تعليم ڏانهن توجهه ڏيندي دادوء ۾ "طالب المولا هاء اسڪول" قائم ڪيائين، جنهن جو سرپرست خود حضرت مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولا" آهي.

سندس تصنيفات ۾ "تصوير درد"، "سرسارلنگ" ۽ مقالات وغيره قدر جي لائق آهن. 'تاج' صاحب ڏاڍا اسلام، خليل جبران ۽ ٽيگور جي ادب لطيف ڪان گهڻو متاثر آهي. سندس شاعريء ۾ جوش ۽ جذبو موجود آهي. —ادارو

* * *

نظم

نوجوان کي خطاب

حادثن جي خوف ڪان غمگين نہ ٿي تون نوجوان،
ياس حرمان سان لڙڻ آ تنهنجي فطرت نوجوان.

هن ٻاڙن کان ٻري، هن آسمان کان آ ٻري،
لامڪان کان ٻڙ ٻري تنهنجي ولايت نوجوان.

مَرد ٿي حاصل ڪيو تو زندگيءَ جي راز کي،
روز شب آهي نشين تنهنجي فراست نوجوان.

تون امامِ انقلاب آهين زماني جو مدام،
قابلِ تسليم آهي تنهنجي همّت نوجوان.

حال ماضي آهه ٻيداوار تنهنجي فڪر جي،
آ عيان هر راهه ۾ تنهنجي حڪايت نوجوان.

تون سراغِ زندگانيءَ ۾ خودي ٻڌجي سڃاڻ،
تون حقيقت کان ٿئي آهين حقيقت نوجوان.

ٻيشرو ۽ راهبر تون 'تاج' آهين قوم جو،
غم سهڻ ۽ ڏک ڏڻ هين تنهنجي دولت نوجوان..

پيغام

ڏي زحمت صراحي کي، نه ساغر کي ڏ ساقي کي،
ڏ سازن کي ترانن کي، ڏ رقاصه ملاقي کي؛
گهٽائن کي فضائن کي، نه فالي کي نه باقي کي:
توکي فرصت ڪٿي آهي-مون کي مهلت ڪٿي آهي؟

سحر آئي، اذان آئي، ٻاڙن تان صدا آئي،
هزارن گرم لڙڪن سان ضيا ڪُل ٿي قضا آئي؛
حياتي جي فضائن سان اها هرهر ندا آئي:
توکي فرصت ڪٿي آهي-مون کي مهلت ڪٿي آهي؟

ايا تقدير جو ساتي، ايا زندان باقي آ،
ايا نظرت نه بدلي آ، ايا ارمان باقي آ؛
سفينن سان ٿو ٽڪرائي، ايا طوفان باقي آ:
توکي فرصت ڪٿي آهي-مون کي مهلت ڪٿي آهي؟

وسارج ڪينکي اي دوست، انساني ڪشالن کي،
سپاهين جي سنگينن کي، شهيدن جي بيامن کي؛
آسيدن کي آمنگن کي، اشارن کي ارادن کي:
توکي فرصت ڪٿي آهي-مون کي مهلت ڪٿي آهي؟

شبِ تاريڪ جي ڪارَنهن ڪهتائيندين، سَتائيندس،
جهان جي ذرّي ذرّي کي آپاريندين، سنواريندس؛
سَتاءِ علم و دانش کي وڌائيندين، ورهائيندس؛
توکي فرصت ملي ويندي ـ سون کي مهلت ملي ويندي!

غزل

●

وري سينگاريو ايوانن کي آزاديءَ جي پروانن،
مگر معلوم آ دل کي ته پروانن ني چا گذريو.

عبادت گهر تي چا گذريو، صنمخاني تي چا گذريو،
مقدّس نانءُ تي معصوم انسانن تي چا گذريو.

فريبِ جنتِ فردا جهُڪايو سر سندءِ در تي،
هي پيشانيءَ جرن رَهڙون ڏس ته مستانن تي چا گذريو.

ڪٽائن سان سندءِ نازڪ هٿن تي مون جيئا لاتي،
ڪنهين بدبخت جي برباد ارمانن تي چا گذريو.

جڏهن مدهوش ٿي ساقي سڄي محفل ڪئي برخواست،
ته ميخاني تي چا گذريو، ۽ پيمانن تي چا گذريو.

نگاهِ حُسن جي معصوم نظرن بجليون ڪيريون،
خيرد مندن تي چا گذريو ۽ ديوانن تي چا گذريو.

فقط ڪي سرد آهون ئي ٿُنڊ سازن مان لکرن ٿيون،
دلِ زنده سندءِ پُرسوز ارمانن تي چا گذريو.

●

سفر منهنجو اڻانگو آ، پهاڙن تان بيابان مان،
نشانِ راهِ منزل ڪان نه واقف ڪاروان منهنجو.

تلاشِ يار ۾ ڪولي لڏم غم ڪي فقط سائي،
ڪڏهن مان ميزبان غم جو، ڪڏهن غم مهربان منهنجو.

جڏهن آدم خطا ڪان ڪين جنّت مان ڇڏي نڪتو،
تڏهن حرص پري دنيا ۾ ڪهڙو امتحان منهنجو.

حياتيءَ جو مزو آهي جدّهن کا کشمکش آهي،
هزارين وار بجليءَ جا اکيلو آشيان منهنجو.

حريمِ ناز ۾ منهنجي نمازِ عشق آ ساقي!
جبينِ شوق سان ٿو سجدو آ گران منهنجو.

شهيدِ ناز جي تربت مٿان هر هر نه آ همدم،
عدو حاسد فلک آهي ۽ دشمن آ جهان منهنجو.

ربابِ شوق کي هٿ ۾ کڻي جوشِ محبّت سان،
زماني کي ٻڌائيج مطربہ بس داستان منهنجو.

جنونِ زندگانيءَ کان ملي چو 'تاج' کي فرصت،
اجا کي منزلون شايد ڏسي هي کاروان منهنجو.

قطعا

(۱)

زندگيءَ جي دراز ٻانڪن تي،
حادثن جو غبار ايندو آ.
همسفر تيزگام ٽي اڳيان؛
ميڪدي ۾ قرار ايندو آ.

(۲)

زندگي ناتمام کوشش آ،
زندگي هار جو مزو آهي.
زندگي بيقرار رهندي آ؛
زندگي جيت جو نشو آهي!

(۳)

نامرادي اسکيم جو ڦل آ،
کامياهي جنون جو ورثو.
جوت سان جوت زندگي ٻاري؛
نند آ موت جو نئيو عرصو.

(۴)

شوخ نظرن ۽ سرخ ساغر سان،
مُرڪ ٻٽ ساز باز ٿيندي آ.
گُلرخن جي حسين دامن ۾؛
زندگي ڏس، دراز ٿيندي آ.

(۵)

زندگي هڪ فريب کهنہ آ،
مسکرائي فريب کا ساقي!
آ ٻري اعتبار فردا جو؛
حال بلکل فريب آ ساقي!



مقبول احمد پٹي "دانش"

مقبول احمد "دانش" ولد محمد موسيٰ "راز" پٹي سنڌي ادبي محفلن ۾ حيدرآباد جي ڪچهرين ۾ ۱۹۵۰ع کان، ۲۳ سالن جي عمر ۾، ڪنهنجي شاعريءَ جي شروعات ڪئي. هڪ اديب، مصنف، مضمون نگار ۽ صحافيءَ جي حيثيت سان جاتل سڃاتل هئڻ جي باوجود مقبول "دانش" مشاعرن جي دليا ۾ ڪهڙ معروف انهيءَ ڪري آهي، جو هو فقط ڪن خاص موقعن يا طرحي مصرعن تي طبع آزمائي ڪندو پئي رهيو آهي، ڪنهنجي ڪم آميزيءَ جي باوجود هو هيل تائين ڪافي نظم، غزل، بيت، گيت ۽ قطعا لکي چڪو آهي.

۵- جنوري ۱۹۲۷ع تي هڪ غريب خاندان ۾ اک پٽياٿين. چار درجا سنڌي ڪنهنجي ننڍاڻي گوٺ نصرپور ۾ پاس ڪري حيدرآباد آيو، جتي ڪنهنجي والد ميان محمد موسيٰ "راز" ۽ سيد حافظ محمد حيات شاهه جي صحبت ۾ عربي، فارسي ۽ اردو سکيو. ساڳئي وقت قاضي عبدالقيوم پرائمري اسڪول ۽ نورمحمد هاءِ اسڪول مان سنڌي ۽ انگريزي پڙهي، ۱۹۴۵ع ۾ ورنيڪيولر فائنل ۽ ۱۹۴۶ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان امتياز سان پاس ڪيائين. ۱۹۵۱ع ۾ بي-اي (آنرز) پاس ڪري، صحافت ۽ طباعت جي دنيا ۾ پير پاتائين. ڪافي عرصو روزنامه "هلال پاڪستان" (حيدرآباد)، روزنامه "الوحيد" (ڪراچي)، روزنامه "قرباني" (ڪراچي)، روزنامه "ڪاروان" (حيدرآباد) ۽ روزنامه "غازي" حيدرآباد ۾ مختلف حيثيتن سان ڪم ڪندو رهيو. ساڳئي دؤر ۾، مختلف وقتن تي، سنڌ يونيورسٽي پريس، ڪوآپريٽو پرنٽنگ پريس ۽ پاپولر پرنٽنگ پريس جو مئنيجر پڻ ٿي رهيو. انهيءَ عرصي ۾ معياري سنڌي ڪتابن جي اشاعت ۽ تجارت لاءِ "سنڌي ڪتاب گهر" نالي هڪ ادارو قائم ڪيائين. پارن لاءِ ماهنامه "گلستان" ۽ هفته وار "وطن" اخبار جي اجراء جو سهرو پڻ سندس سر ٿي آهي. ۱۹۶۱ع ۾ سنڌيءَ ۾ ايم-اي جو امتحان فرسٽ ڪلاس فرسٽ ۾ پاس ڪري وائيس چانسيلر ميڊل ڪٽيائين. هن خاندان ۾ ايتري تعليم حاصل ڪرڻ وارو هي

بهربون ٿي نوجوان هو. ڪيس سچل سرمست آرٽس ڪاليج ۾ بهربن ليڪچرار ۽ هو صدر شعبہ سنڌي مقرر ڪيو ويو.

۱۹۶۶ع ۾ شاهہ عبداللطيف پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز جو انچارج مقرر ٿيو ۽ حيدرآباد شهر مان لڏي هلاڻي وڃي شاهہ جي پلاري پٽ پيڙو ٿيو. حڪومت طرفان امدادي ڪرانٽ ڪهنجي وڃڻ ڪري اهو عهدو اچانڪ بند ڪري ڇڏيو ويو. هن وقت روزانہ "هلال پاڪستان" سان واسته آهي. ـ ادارو.

نظم

ادیبو، عزیزو ۽ دلبند یارؤ،
زمانيءَ جا دانشورؤ، درد وارؤ!

توهان جون امنگون، توهان جا ارادا، لٽيل نسل جي مشعلِ راهہ ٿيندا.
توهان جي ٿي خون سان وطن جو بهارون، توهان جو ڪهر ڪنڪ ڦٽيون ۽ سارهون.
وطن جي مقدّس امانت اوهان وٽ، ۽ ايٽم ڪان وڌ قلمي توّت اوهان وٽ.
خدايا! هي گلڙا بهاريءَ ۾ ڦٽڻ، چمن ۾ چو هر طرف ٻاهيون ٿيون ڦڙڪن.
بچايو گلستان کي مالهيءَ کان يارو، بهاريءَ ۾ لٽجي ٿو هي باغ سارو.
بشرطيڪ مس خون پنهنجي مان ناهيون، ۽ ذهن کي پاري کا مشعل جلايون.
امنگن، ارادن ۽ مقصد جي مشعل، آجاري ڇڏي زندگيءَ جي جا منزل.
توهان ٿي ته آهيو ڪٽنل جون صدائون، ۽ وائي ڪان وانجهيل جا ڪن ۽ زبانون.
هي بي باڪ نغما ۽ آزاد نعرا، پيلي دشمنن کي اڃڻ گهاءَ گهرا.

اچو ساز سنڌيءَ تي ٻرپاڻي ڳايون،
۽ سُرڻ ۾ سُٽلن کي گڏجي جڳايون.

سچ

سچ" کي اڄ شهر جي در تي وري آندو ويو.
شهر جو قاضي ٻڌائن ٿي اڄ آيو لهي؛
ڪوڙ جي هن ڪوٽ ۾ سچ سهڻ جي طاقت ڪٿي،
دوکي جي ديوار سالن جي سڙيل هوندي ڏهي!

روشنيءَ کي ناهه طاقت جو اڃا ظاهر ٿئي،
آهه اوندهه جي اڃا دعوا ته منهنجو راج آهه؛
رات جي کاراڻ کيسين تائين رهندي دوستو،
هي اڌ برو بس صبح جي سوجهري جو ڪاج آهه.

سڄ کي اڀرڻ کان روڪڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهه،
پل تريءَ هيڻان لڪائڻ جي اوهين کوشش ڪريو؛
روشني ڦهلاءُ پنهنجي ذات سان ٻاڌي ڪندي،
ويندو گهٽبو ٻاڇو ٻاڌي ٻاڻ، جيئن جيئن سڄ چڙهيو.

جسم کي زنجير سان جڪڙي ڀلي قابو ڪريو،
باغ تي پهرو رکو، ڪنڌ سان جهولي پل پريو.
گل تي بندش پل وجهو، سرهاڻ پنهنجو تاج آهه،
ذهن جي آزاد کي انسانيت جو ڏاج آهه!

گيت

ڇڙ ڪا اهڙي تار، او سائي—
ڇڙ ڪا اهڙي تار!

جا جذبن کي جاڳائي، جا پتڪيل کي دڳ لائي ڇڏي،
ڀ ٻانڊيڙن کي منزل جي جا هٿي هڪل هوشيار— او سائي!

جا هٿي هڪل هوشيار ڪري، ڀ ستلن کي بيدار ڪري،
تنڊ نياڳي ڀ آرس کي ڪيڏي ڪري جا ڏار— او سائي!

عيش ۽ تن آساني ٻَن ڏئي، جان جي بازي آهي جن لئي،
تن جي تن ۽ من کي تپائي تيز ڪري جا ڏار— او سائي!

همت سان ڪجهه ڪري ڏيکاريون، هارئي کيرتي هنجون نه هاريون،
ماڪ ٻه تُنهنجو مال ٻه تنهنجو، ٻاڻ ئي ٻوٽو ٻار— او سائي!

ساز پراڻا سڀ بدلايون، گيت اوان جهونگاريون گاهيون،
دؤر لٽيون ۽ نٽون زمانو، نئين لئي ۽ تار— او سائي!

جيئن باڪ ڦُٽي ۽ ساهه سُري، ڪهنڊين جي جهنڪار ٻُري،
ٻات اونداهيءَ ۾ جرڪي، لاٽن جي ڪا لار— او سائي!

غزل

●


پلي ڪري اڄ آيا پنهنجا، پرت جا ڀانڊي، سڪ سرواڻ،
جن جي منڌ ۾ مشڪ جي بُو ۽ دم دم ۾ سرهاڻ.

ڪاهي جي تختي تي هڻ وهسن واڙي ڪَل جيان،
ڏات جو جن کي ڏنگ لڳو ۽ ماريا جڙ پنهنجي ٿي جاڻ.

رات ڪي جن آ رات چيو ۽ صبح سچي جي لات لٽي،
سنگت جا سر سوڙ سڏائين ٿوڙ نباهيندڙ اڳواڻ.

صبح جي آهي ڀاڪ ڏني، رات جي ساري تات وڻي،
سونهن صداقت صلح جي سچ کي کوڙي داد جي کهڙي کاڻ؟

پال پلائي، ٿورا لائي، آيا پيهي قرب ڏئي،
قرب سڏائين ڪائر رهندو، هوندي هميشه روح رهاڻ!





نواب جان علي خان "جان" لغاري

نواب جان علي خان "جان" لغاري بلوچ، تاجپور
ي لغاري نوابن مان باذوق ۽ وضعدار شخصيت جو مالڪ آهي.
ان نواب ولي محمد خان لغاري وزيراعظم سنڌ جي ٻئي نمبر فرزند
واب حاجي محمد خان جي شاخ مان هن طرح آهي: نواب جان علي خان 'جان' بن نواب
علي احمد خان بن نواب حاجي فتح محمد خان بن نواب حاجي محمد خان. اهو نواب صاحب،
واب ولي محمد خان جو ٻيو نمبر فرزند آهي.

نواب سردار احمد خان، وزيراعظم جي پهرئين فرزند، ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ جي فتح ٿي وڃڻ
کان پوء جڏهن گوشه نشيني اختيار ڪئي، تڏهن راجداريء جي پڳ ۽ قوم جي سرداري سندس
ڏيي ڀاءُ نواب حاجي محمد خان کي ملي. نواب حاجي محمد خان ڊپٽي ڪليڪٽر به رهيو ۽
وري وقت لاء سنڌ جو ڪمشنر ٿي ٿيو.

ولادت ۽ تعليم: نواب جان علي خان "جان" ۱۹۱۷ع ۾ تاجپور ۾ ڄائو. ٻاڻ نواب
علي احمد خان جو ڏيون نمبر فرزند آهي. ننهنجي خانداني دستور موجب، سندس تعليم ۽ تربيت
سندس والد ماجد نواب علي احمد خان جي نگراني ۾ ننهنجي گهر ۾ شروع ٿي. ننهنجي والد
کان ست درجا سنڌي، ست درجا اردو، فارسي گلستان و بوستان تائين ۽ انگريزي پنج درجا
پڙهيو. ان کان پوء ذاتي مطالعه سان مختلف علمي ۽ ادبي، تاريخي ۽ مذهبي ڪتاب پڙهي
دب ۽ دينيات ۾ چڱو استعداد حاصل ڪيائين. نواب علي احمد خان جي وفات (۱۹۳۹ع-۱۹۴۰ع)
کان پوء ننهنجي زميندارين ڪم ۾ مشغول آهي.

بيعت: قادري صوفي طريقي ۾ ننهنجي والد ماجد وٽ بيعت ورتائين ۽ ذڪر ۽ شغل ۾
شغول رهيو. اهوئي سبب آهي جو اهل علم ۽ عالمن جو وڏو قدرشناس آهي. عالمن جي
خدمت ڪرڻ ۽ ادبين سان رهاڻ ڪرڻ سندس ذوق جي چيز آهي. هن وقت تائين ڏهه حج
ڪيا اٿس.

مشغلو: نواب صاحب جي پسنديده شغلن ۾ راڳ ٻڌڻ ۽ ناياب علمي ڪتابن کي گڏ ڪرڻ
ڪڇهري ۽ رهاڻ کي ترجيح حاصل آهي.

شعر و شاعري: شعر و شاعري جو شغل ۲۰-۲۲ سالن جي عمر ۾ شروع ڪيائين.
سندس ڪلام تصوف جي چاشني سان لبريز آهي. بيت، ڪافي ۽ غزل سندس پسنديده اصناف آهن.

عشقيہ شاعري ۾ ڪئي اٿس. اصلاح سخن مولانا گرامي صاحب سان وابستہ آهي. سندس ڪلام ۾ بيت، ڪافيون، غزل (سنڌي، هندي ۽ اردوءَ) ۾ آهن. هن وقت پنهنجي ڪلام جو مجموعو ترتيب ڏئي رهيو آهي. — رياض (تاجپور)

بيت

(۱)

وحدہ لاشريڪ لہ، هوڪو حقاني،
دوئيءَ کي دور ڪر، ڇڏ شرڪ شيطاني،
پري ايماني، ٻو ڏينده جام جنت جا.

(۲)

لاإله الا الله، جان ٿو چئين صاف،
مدايون تو معاف، قادر ڪندو ڪرم سان.

(۳)

لاإله الا الله، جان ٿو چئين جيءُ،
چوندئي پري ٻيءُ، ٻيالا توڙن پريم جا.

(۴)

لاإلا الا الله، چوڻ نہ سولو ڪم،
ڇڏي وهم ۽ غم، تهان ٻو ڪلمو ڪهج!

(۵)

لاإله الا الله، چوڻ سورهيہ سچ،
محبت جا من ۾، ٻاري ويهج مچ،
ڳاري ڳچين ڳچ، تهان ٻو ڪلمو ڪهج.

(۶)

لاإله الا الله، چيو جن ازل،
تن مڃو محمد مصطفيٰ، نور نبي نرمل،
سي ڪامل ٿيا اڪمل، ايماني عرفان ۾.

(۷)

لاإله الا الله، چئي روز الست،
مڃي محمد مصطفيٰ، مالڪهي ٿيا مست،
سي رهيا دست بدست، عاشق احمد جام سان!

(۸)

لاإله الا الله، چيو جن قلبن،
"لاخوف" "لاتحزن"، آيو شان سندن،
سي مومن سر مرڪن، جن مڃو محمد ڪارڻ

(۹)

سو ٻاڻي، سو ٿوتو، سوئي آهي آب،
لاهي هڙ حجاب، پرينءَ کي ڏس ٻدرو.

(۱۰)

سو واڙ، سو واهہ، سا واهي، سو درياءُ،
سو چشمو، سو ٻاڻي، ماڳ سندن آ ماءُ،
عاشق اٿي آءُ، ڪر مشاهدو محبوب جو.

(۱۱)

ڪعبو ڇا قبلو، ڇا مينا، ڇا عرفات،
تنهنجي ذات صفات، ڳولينديءَ لڄ مران.

(۱۲)

ڪعبو ڇا، قبلو ڇا، ڇا هن شش جهات،
تنهنجي ذات صفات، ڳولينديءَ لڄ مران.

(۱۳)

ووڙيو شش جهات، ڪعبو قبلو ڪوه ٿيا،
تنهنجي ذات صفات، مون ڪان لڌي ڪينڪي

(۱۴)

'ٻيهي جان ٻاڻ ۾ ڪيم، روح رهاڻ'؟
تہ سڃڻ آهين سائ، ساهان اوڏو سپرين!

ڪافيون

*

ٻاهر ڪين ڪيڻ ٿا ٻاڻ، دل ۾ ٻود ڪائڻ ٿا،
دل ۾ ٻود ڪائڻ ٿا، سي من ۾ مچ مچائڻ ٿا!

دم دم ۾ ڪن ذڪر الاهي، هُو هُو حق حق، وات ۾ وائي،
سينا تن جا ٽيڙا صاف، قرب ۾ ڪنڌ ڪپائڻ ٿا.

جوش ۾ وينا جيءُ جلائڻ، ٻريم ۾ ايهي ٻاڻ ٻچائڻ،
ڪين هٽڻ ٿا لاف گزاف، ٻريم جو ٻالو ٻارن ٿا.

مرشد جي رک من ۾ مورت، سرت سان ڪر نينن ۾ صورت،
سنجهه صبح ڪر تن طواف، رمز سان رنگ رچائڻ ٿا.

تن طنبور بنايو جن آ، هڏ چمڙ جسم جلايو جن آ،
'جان علي' سي تن تان معاف، سڻن ۾ اسرار اچارن ٿا.

*

ڏاڍا دل تي دورنگي رنگ رکيا،
سي ته نقش رنگي ڪٿن لاهيان لاهيان!

عبد جي اولي، ڪير ٿو هولي،
ڳُجهه الهيءَ ڪي ڪير ٿو ڳولي،
خلق ڀُلائي آهي پولي — نه ته آءٌ اهوئي آهيان آهيان.

'ولحن اقرب' ماڳ وجودي،
هر شئي جو اهو آ مسجودي،
هو حق، هو حق، حق موجودي — ناهيان ڏے وچ آهيان آهيان.

چوڙ وي ملا قلم ڪتابان،
هوت نه ملسي، هنر حسابان،
علم و عقل ڏے ٽوڙ حجابان — قرب ڏے اندر ڪاهيان ڪاهيان.

عشق جي منزل آهه اڻانگي،
اينهن ڪري نانگن ڪي نانگي،
'جان علي' ٿيو عشق امامي — سينو ڪهڙو ساهيان ساهيان.

ڏسو عشق جا انصاف، وٽي سر کھوري کھوري.
نينھن نھائينءَ جٽن رک نيھيي، ٻاھر ٻول نہ ٻاڻ،
چپن کي چوري چوري.
ٻات ٻرھ جي اوکي اھنجي، آھ ڪشالو تاڻ،
لھي جو ڏوري ڏوري.
ڏنبا ڏوڙا سکيا سھنجا، لچ ھٽن ٽا لاڻ،
سگر ٻنڌ اوري اوري.
سر سوريءَ تي سڪ ٽي سھائي، سوتشون آھي معاڻ،
کپن کنڌ کوري کوري.
'جان' کي کھورج سؤ سؤ گھمرا، سينا جن جا صاڻ،
ھلن جي ھوري ھوري.

*

آ عشق پڙھايو ڪتاب، ميان ـ
جنھن ۾ سبق سورن جو سرس سمايو.
عشق جي ابدي ازلي مستي،
عقل جي لٽلي ظلي ھستي،
عقل ٽيو عين عذاب، ميان ـ آدم کي جنھن رُلئي آ رلايو.
عشق ۾ ھردم حق جي حضوري،
عقل ۾ دوري ۽ مھجوري،
عقل آ عين حجاب، ميان ـ جنھن حق کي آدم کان لڪايو.
عشق جو مشرب، حق جو ٻڙو،
عقل جو مذھب، جھگڙو جھيڙو،
نہ جنھن ۾ سوال جواب، ميان ـ جنھن کي صوفين صاف سڃاتو.
'ڪُن' کان اڳي کي رنگ ڏناسين،
رنگ اندر ٻي رنگ رھياسين،
ٻي شوق جو شاھي شراب، ميان ـ جنھن اناالحق آواز اڌاريو.
'جان علي'، جي مرد قلندر،
کين ٽا جاڻن، مسجد و مندر،
نہ کو تن لٽي ڏوھ ۽ ثواب، ميان ـ بھشت دوزخ جو ناھ نجھارو.

غزل

●

بار کي هر طرف عيان آ ڏٺم،
جلوهِ ذات لامڪان آ ڏٺم.

معرفت جي نظر جڏهن پئي کُلي، جان ۾ جلوه نهان آ ڏٺم.
عرش اعليٰ کان فرش تائين کل، ذات بيچون ۾ بي نشان آ ڏٺم.
ڪٿي حيرت ۾ ان جي لئي گل آهه، ڪٿي بلبل کي نغمه خوان آ ڏٺم.
ذرّي ذرّي ۾، قطري قطري ۾، ذات واحد سندو نشان آ ڏٺم.
بيعدد بيحساب ڪثرت ۾، حسن باري کي بيگمان آ ڏٺم.
'جان' ڪان جو قريب تر آهي، حسن و خوبي ۾ بي بيان آ ڏٺم.

●

دل جوش ۾ جذبي جي جاگير نظر آئي،
ڪ سوز ۾ سورن لئه لخچير نظر آئي.

هر جا تو ڀجهين جانان، هرهنڌ تو ٻسائين ٿ،
هر جا تي سڄڻ تنهنجي تصوير نظر آئي.

ٻنهنجن ٻه ڇڏيو ٻاسو، ڏاريا ٽه ٽيا ڏاريا،
هن رنگ جفا تي دل دلگير نظر آئي.

عاشق کي طبيبا ڇو، آڇين ٿو دوائون ٻيو،
ڪيئه ٻاڪ ته پيرن جي اکسير نظر آئي.

دامانِ عليءَ ۾ هٿ، اي 'جان علي' هوندو،
قرآن ۾ جنهن جي لئه تطهير نظر آئي.

ڪر 'جان' فدا ٻنهنجي، خاموش مدامي رهه،
تقدير نظر آئي، نه تدبير نظر آئي.





شيخ محمد سومار

محمد سومار شيخ، ۱۹۳۵ع ۾ ڀنهنجي ابائي ڳوٺ پير ڪرهيل پانداريءَ، تعلقي بدين ۾ ڄائو. هن خاندان ۾ سومرن جي ڏينهن ۾ "مائي مرکان" مشهور شاعره ٿي گذري آهي، ان جا "گيتا" يا "گيچ" اڄ ب لاڙ ۾ مشهور آهن. محمد سومار جو والد بزرگوار، جنهن ۱۹۶۲ع ۾ وصال ڪيو، سو پڻ سٽو شاعر هو. سندس ڪلام کي "ڪليات شيخ الهه بچايو" جي نالي سان ڀاڻ ترتيب ڏنو آٿس. محمد سومار جي حياتيءَ جو وڏو عرصو ڀنهنجي والد اڪيان گذريو، تنهنڪري ڀاڻ ٻيتن، ڏوهيڙن ۽ سورٺن جو خاص ملڪو حاصل ڪري ويو، چو ته سندس والد ٻيڙيو شاعر هو، جنهن جو مٿس اثر ٿيو.

محمد سومار، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ڳوٺ گولي منڊري ۾ ميان جي حاجي هاشم، ميان جي عارف ۽ ميان جي يعقوب وٽ ورتي. اتان بالغ ٿيڻ جي ويجهيءَ اوستا ۾ پرائمري سنڊي تعليم ونڊ لاءِ ڳوٺ دينارخان ٽالپر ۾ ۱۹۴۹ع ڪان وڃڻ لڳو. آتي ڀاڻ سُلان جي حيثيت سان پڙهائيندو ٿي هو. ڊبل پرموشن سبب ۱۹۵۲ع ۾ ڳوٺ غلام علي جماليءَ (لڳ ڀڳ تلهار) مان استاد غلام محمد جماليءَ جي رهبريءَ هيٺ فائينل ڏنائين، جنهن ۾ پاس ٿيو ۽ ساڳئي سال سنڊي استاد مقرر ٿيو. ۱۹۵۹ع ۾ ايس. ويءَ جو ۽ ۱۹۶۷ع ۾ اديب فاضل جو امتحان اول درجي ۾ پاس ڪيائين.

ڊاڪٽر لڊير حسين خواجه ۽ شمشيرالحيدريءَ جي صحبت ۾ رهڻ ڪري ادبي ذوق حاصل ڪيائين. ۱۹۵۲ع ڪان لکڻ شروع ڪيائين. سندس همٿائيندڙن ۾ جناب پير عاليشاه جيلاني، جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، خواجه غلام علي الانا، مير حاجي محمد بخش خان ٽالپور ۽ محمد عثمان ڏيپلائي ڪيئه آهن.

ڪيس ڀنهنجي وسيع لئبريري آهي، جنهن جو ٽالو ڀنهنجي بزرگ ۽ مرشد "پير ڪرهيل پانداري" جي نالي آهي. انهيءَ لئبريريءَ ۾ لسانيات ۽ تاريخ تي ڪتابن جو تمام وڏو انداز موجود آهي.

ڀاڻ هيستائين زبان، شاعري، لغت ۽ تاريخ تي ۱۷۸ ڪتاب لکي چڪو آهي، جن مان ۱۶ ڇپيا ڪتاب شايع ٿيا آهن، باقي ڇپيا وڏا ڪتاب قلمي صورت ۾ ونس موجود آهن. ـ ادارو

بيت

(١)

وڃ ڇڏي ويا مون هرين، سڃ ٻسان شال،
جانب بنا جيڏيون، هيٺا منهنجا حال،
وڃي ڪي مٽال، ٻڌايان ڇا ٻار ٿي.

(٢)

ڪڏي ويا گوندرين، سوريءَ ڪيم سات،
الٽ هئي عشق جي، ازل کان اوسات،
ويڻي ٽڪيان وات، ڪڍهن اينڊر کاپڙي.

(٣)

ڪڏي ويا گوندرين، مري اڳي کان موت،
هو حياتيءَ حب ۾، آءٌ نڪر ڪيس نوت،
ور سونهارا هوت، آءٌ اوهان جي آسري.

(٤)

ويا ويچارا نڪري، ساجن ساري رات،
توڪل ڪري تات، ٻيا ٻيادا پنڌ ۾.

(٥)

ويا ويچارا نڪري، چڏي ڀڳڙ ٻول،
وساري ڪُل قول، هيٺا ٿي هو هليا.

(٦)

ماڻ ماري هليا، ڏکي چڏي ڏڏ،
آڻي هي آسُر جو، ڪنهن ڪي ڪندي سڏ،
گوندر ڏيئي ڪڏ، ٻڌاريا ٻرڏيهه ڪي.

(٧)

ستيءَ رکج ستُ، سهڻا رب ستار،
ڪونجن جي قطار، آهي ڏارئين ديس ۾.

(٨)

سونَ نہ سوالي مڱڻو، هيي سونو سوالي،
هڻن آهي خالي، تہ ب سيرن سير هيي.

(٩)

الله ڇو ويا آڪري، آڏي آڏي اوڏ،
لک لهندڙ لوڏ، وساري ڪيٺ ويڙا.

دوها

هنهنجي موڙي خيالن واري، ليڪن منجهه لڪايان.
جهان سڄي ڪان هڪڙي ٻاسي، ليڪا ڏاهيان ناهيان.

مصري تنهنجي ملڪ مٺي ۾، لوڻ نہ آهي ڪارو،
ڇا تو پيار جي ٻڪ ڏني ان کي آهي ڪيو ميٺارو.

اوسيڙي ۾ اهڙي طاقت، حال ٿئي ٿو ماضي،
اسين تہ آهيون ڪڍهن نہ قاضي، حال منجهانرا راضي.

اوسيڙي ۾ رهندي رهندي، گذري ويا ڪيئن سال،
اسان جي ليکي هليو نہ آهي، ساڻيو آهي حال.

جيڪو گذريو ۽ ويو وسري، سو تہ برابر ماضي،
ٻر ناوسري جيڪو دل تان، سو ماضي ناهي قاضي.

منهنجي اڳيان رهندي رهندي، سون کان آهين دور،
ساجن سون کان ڪڍهن نه سهبو، ايڏو سارو سور.

منهنجي من ۾ باهه ٻري ٿي، تون ٻه ته جلندو هوندين،
بره جي باهه ۾ سون جيئن ٻيارا، کلندو، رُنڊو هوندين.

کوڙ ۽ سچ آ چئبو ڪنهن کي، ڪر پيار ۾ ان کان ڀاسو،
جيڪو گذري، وقت ڇڪي سير، آهي سوئي خاصو.

هاريو، هاريو، عمر سڄي سون، سڄي عمر سون هاريو،
تڏهن ٻه منهنجا ڏولڻ توکي، وري وري سون ساريو.

مينڙا سدا نه مينڙا رهندا، اهي ٻه ڪارا ٽينڊا،
زهر جو ڏنگ سي ڪڍهن نه ڪڍهن هڻي نيٺ ڇڏيندا.

ڪنهن کي پنهنجو ڪري نه ڄاڻ، سيني ڏاريان ساز،
وڄڻ جي ويلي، سيکو پنهنجو، ٿو آلاپي آواز.

سورٺا

ٻدليم ٻرات، عيد نه منهنجي اوءِ ٿي،
راتين مڙان رات، سون کي ٻيٺي جيڏيون.

سمجهن ٿا سڀ هاڻ، ڪوڙوءِ جي ڪرت کي،
پر ويچارا اڃاڻ، ليلان جڻ ويا لوڏجي.

ميرو مُنهن ٿيوم، ڏيکاريان ڪيئن ڏيهه کي،
اهو ڪر ڪيوم، جو ڪمينءِ کان ڪين ٿئي.

پرين سندا ٻڌ، چيڻ جي چوپول ۾،
ڪجهه ته اچي ڪيڙ، هاڃي مان منهنجون هنيون.

لڙڪ ڪريم اسين، مارو ڏسي ملڪ جا،
تون ٿو سمجهين وَس، اهو آب اکين جو.

مون سان اڄ مجاز، ڳالهه ڪئي ڪا ڳُجهه جي،
پيچي ڇڏ سڀ ساز، ته ساجن سريکو ٿئين.



غلام حسين رنگريز

غلام حسين رنگريز هن جديد دؤر ۾ نهايت پختو ۽ رنگين ڪلام چوي ٿو. سندس فن تي جديد اثرات نمايان آهن.

گيت، غزل، نظم، آزاد نظم ۽ ڪافي سندس پسنديده صنفون آهن. سندس ڪلام، سنڌي زبان جي سڀني علمي ۽ ادبي رسالن ۾ سالن کان شايع ٿيندو رهي ٿو.

هاڻ مختصر تعارف هن طرح ڪرايو اٿس:

"نالو: غلام حسين، ذات: رنگريز، گوٺ: ميرهور بٹورو.

تعليم: ايم. اي. پوليٽيڪل سائنس (فائنل).

مشغلو: تعليم ڪاتي ۾ ملازمت.

عمر: ۲۳ سال.

اسڪول جي زماني کان وٺي ادبي ڪتابن جي پڙهڻ، مضمونن ۽ شعرن لکڻ سان خاص دلچسپي رهندي آئي آهي. تنقيد، شاعري ۽ فلسفو، علم ۽ فن ۾ پسنديده موضوع آهن. منهنجا مقالا سنڌي زبان جي سڀني اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن."

ڪافي

آتي آتي آڄ جي ماري، هاڻي هاڻي هَوڻي جيئن؛
تيئن ڏي منهنجو من ماندو.

ٿر جي واري آپ ڏانهن آڇلي، هانهون ڪڍي ڪري جيئن:
تيئن ڏي منهنجو من ماندو.

ساهي ساري جاري منجهه، ٿڙپي ڦٽڪي پيئي جيئن:
تيئن ڏي منهنجو من ماندو.

ڊُڪندڙ ڪري ڪاري ڪي، تاڙو تاڙي ويندو جيئن:
تيئن ڏي منهنجو من ماندو.

آزاد نظم

وقت جي بحر هر،
زندگي جا پنور،
ٻڙبون اسان جون،
۽ ٻڏندڙ جون دانهون،
تيز هلندڙ هوا هر ــ
ٿي تحليل ويون!

وقت جي تيز طوفان هر،
زندگي ڏوڙ جيئن؛
۽ اسان تنهن هر تنڪن جيان،
گهلبا ٻيا وڃون؛
اڄ هيتي ۽ سڀاڻي هتي،
گهلجڻ ۽ آڏامڻ مقدر اسان جو!

وقت جي دشت هر،
زندگي ٻڪيل قافلو؛
۽ اسان،
تشنه لب جان بلب،
پيا تڙهون! ڪٿكون ــ

وقت جي وسعتن هر،
زندگي هڪ گهڙيءَ جيئن؛
۽ اسان،
تنهن گهڙي جا غلام،
بس غلامي بهرحال، بنهنجو مقدر!

نظم

دل ٿي چاهي

بادل ٻجي پرجي گرجي گهر گهر وسي وسندو رهان،
ساريءَ پيُونءَ تي ڀال ڪري، ڪر ور ور ڏيئي ورندو رهان؛
نهرن وانگي ورڙا ڪائي، ٽوٽ زمين تي وهندو رهان،
واهڻ واهڻ واءَ بنجي، چپ چپ چمندو رهان؛
هائو ڙي سائين! سچ پچ دلڙي ائين ٿي چاهي.

ٽڏڙي ٽڏڙي هير جيان مان ڪل ڪل رلڪ پريندو رهان،
ٻانڊن هر مان پرت ڪٽي، ڪر در در ڏيئي رندو رهان؛
بن بن ڦولن ڦوهه ۽ سولهن سرهائيون ڏيندو رهان،
ڏيندو ڏيندو جهولا جهلائي لوليون هرڪنهن ڏيندو رهان؛
هائو ڙي سائين! سچ پچ دلڙي ائين ٿي چاهي.

جڳ جڳ جيڪي جاڙون ڪيڙون سور سيئي سلندو رهان،
دل دل جا مان درد ڪٽي، ڪر دنيا اڳيان ڪلندو رهان؛
سينا سيڙي يادون ميڙي، مالها وينو پوئيندو رهان،
ڪولي ڦولي ڦٽ سيئي، وايون ڪانيون لکندو رهان؛
هائو ڙي سائين! سچ پچ دلڙي ائين ٿي چاهي.

جھونڪو جھونڪو بنجي تنھنجن زلفن ڪي مان ڇُھندو رھان،
چوريءَ چوريءَ چپڙن ڪي مان وَر وَر ڏيئي چمندو رھان؛
جوبن جي ھن جھرٽي مان ڪر ٻُڪ پري مان پيئندو رھان،
شل نہ لڳئي ڪو ڪوسو واءُ، ڪري بنجي بيھندو رھان:
ھائو ڙي سائين! سچ پچ دلڙي ائين ٿي چاھي.

اڳرن جھڙي اونده ۾ مان ٽيڙو بنجي ڪڙندو رھان،
يا او ساڻي! ساڻ جي لاءِ چند ٿي آپ تي چڙھندو رھان؛
ساڻيان سائيان ھر ڪنھن سن ۾ محبت سڻ پريندو رھان،
ڏرتي ساري سون ڪري مان ڪوڙ ۽ ڪچ ڪٽيندو رھان:
ھائو ڙي سائين! سچ پچ دلڙي ائين ٿي چاھي.

ٻُھنجو حال

آن وڻ جيھو ٻُھنجو حال ائين آن جيھو ٻُھنجو آھي قصو،
ڏرندا جنھن جا ڏار وڃن ۽ ٿي ويا جنھن جا ٻيلا ٻَن؛
ھلڪو جھونڪو ھيڪ ھَوا جو ڏُوٽي ڏُٽي دم ڪيو،
حال ھي ڏسندي ھَڄندا رھن تا مُڪڙين مُڪڙين مَن.

اُلڪا اُلڪا اوسيئڙا ۽ آھون ھر ڪنھن ھاڻ،
سن جي سُوڙي ملڪيت آھن دردن جا ھي ڏَن؛
اڳ نہ اھڙو حال ھئو ۽ جيءَ لا ڪي جنجال،
ڪالھ رُنا ھي سور الا او ٻاھي وھڪوڙيا ٻَن.

ڏينھن تپن ٻيا ڏينھون ڏينھن ۽ راتيون روز گرم،
ٻَڏَ ٻرايا ٿي ويا ٻر ھي ڇڏندا ھاڻي ڇَن؛
ٻريان ٻريان ڏُنڊ ۾ ڪاني، ڪچ ۾ ٻار ڪٽيو،
رُلندي رھي ٿي لُڙڪ وَھايو ويچاري ڪا رَن.

ساٿيو سنگتيو شاعرا! ھي تہ ڏسو ڙي ڇٽيل ٻَن،
ٻيڙا تن ۾ ٻُوريل آھي، جھڙا مرجھل مَن؛
دُور انڌاري ڪُوھہ مان آ آپريو ڪو آواز،
ڪنھن او ڪُنل جي ڪُوڪ تي ڏبو ڙي ٻُھنجا ڪَن.

غزل

●


لهندڙ سڄ ۾ چڙهندڙ ڪار،
رات ٻڪيڙا ڪارا وار.

سڏڪي سڏڪي مَس سُتا، جذبا منهنجي جيءَ جا يار.
سرهي سڄ سڄي ڪيئي ڪو، ٻارن ڪان پي آهين ٻار.
ٻڳ ٻڳ پيڙا پائيندين تُون، ڪئي جي ڪنهن سان نظرون چار.
ڪوڙ ۾ ڪچ آ قاتل زهر، سچ آ ساڻي ساڪ ۽ لار.
لينهن جو ناتو نازڪ اٽي، سوچي سمجهي هلجان يار.
ڏانڊا ٽيندا ڏولڻيا جي ٻن، ٽٽندا آخر سي ٽي ڏار.

●

سڄ تي چانيل ڪوهيڙي چار،
سهاري ۽ ڪو نيڙو ٻار.

تنهنجو جوڀن جهرڻي جيئن، ساوا ساحل ٻاڻي تار.
انبلڪ جهڙا تنهنجا الڳ، آکر جهڙا تنهنجا آر.
سوچي سمجهي هلجان هت، ٻڳ ٻڳ ٻکڙيل آهن ٻار.
ڏرتي دم ۾ آهي اڄ، شايد طوفان هلندو يار.
ڇوٽو ڪوهين ٻچيءَ ڪنيءَ، ڇوٽو ڪرئين هيڏي ڪار.
ڪس ڪس ڪهتيل دانهن ۾ چيخ، هر ڪنهن ڇاتيءَ هيڏو بار!
ڪاڏو ڳاڙهو بک ۽ ٻاک گهر گهر گيتن جي گونجار.
اڳ ٻڌ انڌارو هو پر اڄ، هانءُ ٿي ڏاري ڪاري ڪار.
اينڊا نڪري اڳتي جي ٻن، هوندا تن ڪي ڦولن هار.





حيدر علي ٽالپر

حيدر علي ٽالپر، ١١-مئي ١٩٤٤ع تي، ٽرپارکر ضلعي جي شهر ٽنڊي جان محمد جي پرسان ڳوٺ مير يار محمد ٽالپر ۾ پيدا ٿيو. سندس خاندان جو تعلق سنڌ جي رُستمائي ٽالپرن سان آهي. ابتدائي تعليم مير حاجي قادر بخش گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊي جان محمد ۾ ورتائين، جتان ١٩٦١ع ۾ مٽرڪ پاس ڪيائين. ١٩٦١ع کان ١٩٦٣ع تائين گورنمنٽ ڪالج حيدرآباد ۾ تعليم ورتائين، جتان ١٩٦٣ع ۾ انٽرسائنس پاس ڪري لياقت ميڊيڪل ڪالج جامشورو ۾ داخل ٿيو ۽ هن وقت آٽي ايم. بي. بي. ايس. جي آخري سال ۾ پڙهندو آهي.

سندس شاعريءَ جو دور مٽرڪ کان شروع ٿيو. سندس پهريان شعر، گورنمينٽ ڪالج مخزن "ڪليلي" ۾ ڇپيا ۽ پوءِ "مهراڻ" رسالي ۾. آنهيءَ کان پوءِ سندس شعر مختلف سنڌي رسالن ۾ ڇپيا آهن. گهٽو ڪري شعر جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. ـــ اداره.

بيت

(١)

هيڏا ڪيس ڪلور ٿيا، تہ بہ مارو رهيا ماڻ،
هوتن هيڏو حال ڏسي، مارئي ڪاڏي مات،
ڪنڊ وهايو ڪات، جيئن لوڻي لڄ رهي اڇي.

(٢)

مارئي ۽ ملير، وجودان ويا،
ٿوڪ ڪلاريا ڪيترا، ختم ڪيت ٿيا،
ڏايائي سان ڏهه ۾، عمر اڇي پيا،
آڻي ڪنڊ ڪپاهه، جيئن سوڻي ملير ماڻين.

(٣)

تڙ ۾ پيٽي ترار، سورن سڙتو ننڊ ۾،
ڪير وهائي وار، عمر آرڏايون ڪري.

(٤)

انگهي پٽي آماس، ننگر سڄو ننڊ ۾،
وهاڻو جي وات لٽي، آرپي ڇڏيو آس،
آڌي رات آڪاس، ڀيڄ ڀنيءَ جو آسرو.

(٥)

لڙيءَ آڌي رات، صُبح سُهاڻو ڏڏرو،
پَري ناهه هريات، آمارو آڪاس ۾.

دوها

پريتم! تنهنجي پريم نظر کيو کيڏو گهرو گهاءُ،
تون ٿي ڇڏ، ڏس آيو کيڏو سون کي تو مان ساءُ.

تنهنجي سونهن جي صدقي ساجن، نيسريا نوان انگور،
سانوڻ آيو، سرلو ساري، سيرکي آيا سُور.

ڪُوٽي ڪان وڌ کومل آهي پيارا سائين! پريت،
تو بن دنيا اوسيڙو آ، آڇ ته ملون او ميت.

پُلي پئين تون پوري ايئن، جيئن سانوڻ جي کا چند،
رُکي رُکي جڙ راتاهي هم لکري هيو آ چند.

سَت جهلي کيئن ٻُهتين سيتا! راوڻ رهن هزار،
بڇجي آهي هر دل خاطر، تنهنجو منهنجو پيار.


غزل


لـ کوئي لڳهه آ نـ بادل پيڇن،
آتـ آس لائي سنگهاريون سڪن:

سُکي ٿوٽ ڏرتي، ڇٽو آسمان، سيون جي سُکي جون ٻار کيئن ٻين؟
پيٽون، ڏهر، پاڻا سيئي سوک هم، پايريون پتاريون کتر ٿي کيڙن.
وري آءُ وسکار، ٿر ٿئي ٿڏو، سهيليون سيئي سُکائون ڏين.
ويٺي آهه گذري سڄي سانوٽي، ککر کونه آيا، ڏُکر ڏايڪن.
وري مند موٽي ۽ پوکون ڪيون، سنگهاريون وري سوک لٽ سانگ کن.
ٻُکن ۽ ڏکڻ جي ٻُري حال هم، ٿريچاڻيون ٿر کي چڏيو ٻيون اچن.
خدا جي خدائي کان کو خوف ناهه، وري چند چهرا ٿا کومائجن.
کهٽا کيت کائي ويا هاراج، سدائين ٻيا ڦوڪ ڦولارجن.
ٿيون ٻند کوڙن هم کئين مارويون، سيکن جي سهاري عمر ڏايڪن.
امن آهه نکري ويو اڄ هتان، ستم جا وري ٻيا چور چاڻڪ کن.

ٻا ٻرُ ۾ آهن سوين سيڪڙو، چُرن چپ تہ زنجر جھڪار ڪن.
سدا جاڻ ڪي جَر لڳي آهر، جھالت ۾ جھانگي اجا ٻيا جين.
مٿي ۾ سلائي مُٽل سڀ ضمير، جواني جا جذبا وري ڪائجن.
ڀُرائا ايوگا هي جھونا نظار، آ ڪوڙي ڦٽائي نوان ناهجن.
نہ ڪوئي وڏو آهر، نڪا اوچ نيچ، سڀين جي ڪمائي، سين جو وطن.

ڪھلي هير 'حيدر' آ آزاد ڪي،
ڪڙا ڪوٽ، زندان سارا ٽُٽن!





«غازي» ڏکڙائي

غازي ڏکڙائي پنهنجو تعارف هن طرح موکليو آهي:

"منهنجو نالو عثمان علي، تخلص 'غازي'، ذات سمون، ڳوٺ ڏکڙ، تعلقو ڏنڊو محمد خان. جنم جي تاريخ ٣- آگسٽ ١٩٣٤ع آهي. ڏکڙ جي پرائمري اسکول مان ١٩٤٨ع ۾ فائنل امتحان پاس کيم. ١٩٥٠ع ۾ ماستري نوکري ملي. ميڊيڪل جي شوق زياده هٿ ڪري ماستري هڪ سال کان وڌيڪ نه ڪري سگهيس. ١٩٥١ع جي آخر ۾ ميڊيڪل ۾ پير پاتم. ١٩٥٤ع ۾ ڊرائيونگ لائسنس ونڊي ڊرائيونگ اختيار کيم ۽ ١٩٦٣ع تائين ڊرائيور رهيس. ڊرائيونگ جي وقت ۾ ئي هڪ ٻئون شوق جاڳيو، اهو شوق هو ريڊيو ميڪينڪ جو، جيڪو ٻون ڊرائيونگ جي عرصي ۾ ئي پرائيويٽ طرح سکي مڪمل کيو. ١٩٦٣ع ۾ ڪن سببن جي ڪري ڊرائيونگ کي خيرباد چئي، ريڊيو ميڪينڪ جو ڏنڊو اختيار کيم، جو اڄ تائين هاڻي اچي. ادب جي شوق هٿ ۽ جناب 'سعيد' ڏکڙائي ۽ جناب امداد حسيني جي امداد ۽ مهربانين سان ١٩٦٦ع کان شاعري شروع کيم."

*　　*　　*

غزل

●

صرف محفل ۾ رهيو آهي هي خالي ساغر،
مئي جي بدلي ٿا پيون خونِ جگر، اي يارو.

جام مئي جو ڏي ڀري ناز و ادا سان ساقي،
جام تي جام هجي شام و سحر، اي يارو.

حرم ۽ ديـر سڄي رات ڪٽايا پيـا هوندا،
ميڪدي جو نہ وڃي بند ٿي در، اي يارو

مست ميخاني ۾ ٿيون دوست، پيون خوب شراب،
رهي ڀنهنجي نڪا دنيا جي خبر، اي يارو.

●

اکڙين جـي ڀٽين سان مـون راه ۾ ٻهاري،
وارن ڪـي کولي هاڻي، ويـٺـي وَسايان واري:

دل جـي انڌيري نگري روشن رکيو اچـان ٿي،
هڪ شمع تـي وساڻي، ٻـي شمع مون تـي ٻاري.

هر گيت هت ڪٽل هو، هر رات هت زڻل هئي،
گهر گهر ۾ شادمانيون، مـون لئہ قيـامر ڪاري!

مـون ٻـاڻ کـي ڪهاڻي ٻـاڻي ڇڏيو سمهاري،
ڪنهن کي خبر نہ پيئي، مون رات ڪيئن گذاري.

چـا تنهنجي بيـوفائي، چـا منهنجي جانـنثاري،
چـا تنهنجي شهنشاهـي، چـا منهنجي خاڪساري.

ڪن جي اکين ۾ شبنم، ڪن جي چپن تي تانبا،
'ڪن جو روڻ ۾ راحت، ڪن جو ڪيـاڻ ۾ خواري'.

دل داءُ تـي لڳائي، هـيءَ زندگيءَ جـي بازي،
تـو هاري هاري جيتي، مـون جيتي جيتي هاري.

'غازي' ڇـڏي نہ سگهندو ٻـلبل گـناهگاري،
ديـر و حـرم اوهان لئہ، هـن لاءِ ميڪساري.





قلب علي "قلب"

خواجا 'قلب' پنهنجي سوانح هن طرح لکي آهي:

"۲۱- نومبر ۱۹۲۶ع تي تلهار ۾ تولد ٿيس. ٽنڊي باگي ۾ مير غلام محمد هاءِ اسکول ۾ پڙهڻ جي دوران شاعريءَ جو اوائلي شوق جاڳيو. مرحوم "مسافر" جي استاديءَ هيٺ حوصلو ۽ ذوق وڌڻ لڳو. هندن جي لڏ پلاڻ بعد سنڌي رسالن جي ڪوٽ محسوس ڪندي، محترم عنايت الله عباسي سان گڏجي حيدرآباد سان سنڌي ماهوار رسالي "فنڪار" جي اشاعت ڪئي، ۽ انهيءَ ۾ "مسٽر ٽڪلو. بي. اي، بار. ايٽ. لنڊن" جي فرضي نالي سان مزاحيه شاعري جو سلسلو شروع ڪيم.

گورنمينٽ ٽرانسپورٽ سروس ۾ ملازمت دوران، روزانه "نواءِ سنڌ" ۾ متين فرضي نالي سان طنزيه شعر لکڻ لڳس. عجب اهو جو منهنجن ڪيترن واقفڪارن کي به اهو معلوم ڪونه هوندو هو ته اهو 'ٽڪلو. بي. اي.' کو آءٌ آهيان. تقريباً ٻن سالن کان، نوڪري ختم ٿيڻ بعد شاعريءَ جو رنگ بدلجڻ لڳو آهي. يقيناً ماحول جو اثر ٿيل ٿو ڏسجي. هن وقت 'خواجا قلب' جي نالي سان غزل لکندو آهيان."

* * *

غزل

●

فرقت ۾ زندگي ٿي سندم اضطراب ۾،
گذري ويو وقت سارو صنم، پيچ و تاب ۾.

آهي خمار مرڪ ۾ محبوب جي ڪهڙو، ناهي نشو ڪو ايترو ساقي شراب ۾.

اي ماهرو! ڏسي تنهنجو رخسار لال فام،
ماتام وهسو مچي اڄ سوٽي گلاب ۾.

ڏس شرمسار ٿي ويا، چهري کان گل سيٽي،
گلشن ۾ وڃ ڀلي تون، مکڙ وڃ نقاب ۾.

هت انتظار ۾ ٿو ٽئي دم سندم تمام،
خاموش وينو آهين، سڃ تون حجاب ۾.

آهي جنون سڙ ۾، خلش 'قلب' ۾ رهي،
ايڏي تپش نه عوندي، ڪڏهن آفتاب ۾.

●

ويل وصل جي آئي، وئي،
آج اهائي، آس آئي ٽي.

سينڌ مٿان جڏ هوتي سرکي،
دريا ۾ جڏ شبنم ٿيئي.

جڏ کو سورهيه سوريءَ چڙهيو،
ٻڙڪ نه نڪتي، ڪڙڪ نه ٿيئي.

تو تان جانب! سيرڙو گهوريان،
شال نه ڪوسو واءُ لڳيئي.

چپ ٽڙيا هر ڳالهه نه نڪتي،
وقت ڏري ويو ڳيتون ڏيئي.

●

اسان عمر آندي وفائون ڪندي،
ٽڪا ڪين هو هر جفائون ڪندي.

ڪٽائڻ کو سر کي اسان کان سگي،
چڙهون دار تي ٽا دعائون ڪندي.

اسان رهبرن کي چڏيو راه ۾،
ٻيا ٻهچنداسون ٻچائون ڪندي.

بچايون اسان بزم جون عظمتون،
آتياسون آيا، هر سخائون ڪندي.

اوهان چو اجايو ٻڌايو ٻيا،
اسان سر وڃايو، سڪائون ڪندي.





رشيد پٽي

رشيد پٽي بنيادي طور افساني نگار آهي، ۽ سندس مزاحيه افسانا سنڌي ادب ۾ دائمي حيثيت حاصل ڪري چڪا آهن. اصل ڪوٽ اروڙ آتس. هاڻ ۶- جولاءِ ۱۹۳۳ع تي سکر ۾ جائو. سکر، خيرپور، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ پڙهيو. بي. اي ۽ ايل. ايل. بي. ڪان پوءِ هن وقت سکر جو مشهور وڪيل آهي. صحافت سان به ڪجهه وقت وابسته رهيو. ۱۹۵۰ع ڪان ليکندڙ آهي. سنڌ جي ادبي ۽ قومي تحريڪن جو سرگرم ڪارڪن آهي. سندس ڪيترائي افسانا يشيائي ۽ يورپي پولين ۾ ترجمو ٿيل آهن. هڪ زنده دل ۽ باذوق اهل قلم ۽ شاعر آهي. سندس طبع ۾ مزاح ۽ ظرافت جو دلچسپ عنصر آهي، جنهن سندس فن، خاص طرح سان شاعريءَ کي نمڪين ۽ رنگين بنائي ڇڏيو آهي. هن شاعرن جي سنجيده ڪلام تي سندس طنزيه ۽ مزاحيه ڪلام پيروڊي طور لکيل آهي، جنهن ۾ لطافت ۽ ظرافت آهي.

تصنيفات: (۱) "ڪوڙيءَ ڪوڙيءَ هڪ ڪهاڻ" (افسانن جو مجموعو ــ ڪلب ڪان انعام يافته ــ ۱۹۶۳ع)؛ (۲) "آڏي ڏال ۾ ڏار" (چونڊ قومي ۽ رزميه شاعريءَ جي ترتيب)؛ (۳) "دنيا جا عظيم افسانا" ــ (ترجمو)؛ (۴) "رياست ۽ آزادي" ــ (ترجمو)؛ (۵) "عاشق زهر پياڪ" ــ (ڊراما).

ان طرح "هاپ ۽ پيڙا" (ناول)؛ "سياري جي رات" (افسانن جو پهريون مجموعو)؛ "باغي" (نذرالاسلام جو سنڌي ترجمو)؛ ۽ "چتر ليکا" (ناول) سندس اڻڇپيل ڪتاب آهن.

ــ ادارو

غزل

•

اچي منزل کي ويجهو، آ وڻي گم راه تي يارو،
پلا هاڻي وڃي ڪاڏي، اسان جي زندگي يارو!
هنا ارسان ڪوڙا ۽ هلڪ پيو آ اسان کي ڇا،
ڪري ويو راه ۾ رهبر اسان سان رهزني يارو!

گلن تي آ آداسي ۽ چمن تي مُردگي چانيل،
اهڙا کوڙي بهار آهي، بڌائي کو اچي يارو!
ڏسي آڏو ۽ منزل کي، پڇي پهچون نڪا تنهن کي،
اسان جي ٻوسي يارو، اسان جي ٻوسي يارو!
چڏي فرزانگيءَ کي سڀ وڻون دامن جنون جي کي،
هتي فرزانگي کي ٿا چون ديوانگي يارو!
پيالڪ رات جا شمشان ٻوميءَ تي رهي وحشت،
انهيءَ وحشت جيان آهي اسان جي زندگي يارو!

●

هليا ساقي هتان ويندا ته ميخانن جو ڇا ٿيندو،
جي ٿيندا بند ميخانا ته مستانن جو ڇا ٿيندو؟
اسان جي آرزو آهي، چمن کي گهر بنائڻ جي،
خزان ٻڌجي بهار آيو، ته ارمانن جو ڇا ٿيندو؟
هزارين داستان هن دل جي گهرائيءَ ۾ مون سانڊيا،
جي منهنجي دلشڪسته ٿي ته افسانن جو ڇا ٿيندو؟
جي هوندي سوز ساماني ته محفل رنگ لائيندي،
وسامي شمع جي ويئي ته پروانن جو ڇا ٿيندو؟

پيرو ڊيون

مزاحيه

(۱)

وري ياد آيا بهالا اوهان جا،
هي ماما اوهان جا، هي نانا اوهان جا.
مون ڏاڙهي چڏي ۽ ڪنڌي سان تسبيح،
ڏسي ناز هي ڪافرانا اوهان جا.
اسان جي حياتي ته ٽيڙهي، بدعيدن،
هي لنڊن، هي پئرس، هي ويانا اوهان جا.
اسان لاءِ ڏمڻيءَ جي ٽڪري آ ڪافي،
هي ڪلبون ۽ هي جيمخانا اوهان جا.

اسان آهيون هڪڙي ٽنڪي جا گداگر،
رهيا، آڏيون پٽليون ۽ آنا اوهان جا.

اسان بوڪي پنڪ تي ڪيون گذارو،
اوهان جا سبو، بادہ خانا اوهان جا.

ابوجهل جو روح تڙڦي اڄي ٿو،
پڌي شعر هي جاهلانا اوهان جا.

(۲)

ٽنهنجي دنيا زيبا ريشم،
مون وٽ ٻوٽ نڪو فل سوٽ الا.

منهنجي دنيا خيران ساران، ٽنهنجي دنيا نيلو شبنم،
مون وٽ ٻوٽ نڪو فل سوٽ الا.

ٽنهنجي دنيا ڳاڙها ڪيلا، منهنجي دنيا ڪوهي شلغم،
مون وٽ ٻوٽ نڪو فل سوٽ الا.

ٽنهنجي دنيا راڻيون باشا، منهنجي دنيا دڪي دم دم،
مون وٽ ٻوٽ نڪو فل سوٽ الا.

ٽنهنجي دنيا ڦرڦر سوٽا، منهنجي دنيا اڪڙم ٽڪڙم،
مون وٽ ٻوٽ نڪو فل سوٽ الا.

ٽنهنجي دنيا عاشي بابا، منهنجي دنيا ڪل جا سم سم،
مون وٽ ٻوٽ نڪو فل سوٽ الا.

ٽنهنجي دليا پچ تہ پچان مان، منهنجي دنيا ڪاڄا بالم،
مون وٽ ٻوٽ نڪو فل سوٽ الا.





دوست محمد چانڊيو

"دوست" پنهنجو تعارف هن طرح لکيو آهي:

"نالو دوست محمد ولد علي حسن چانڊيو. ۱۹۴۸ع ۾ لاڑڪاڻي ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪاهي خان چانڊيي ۾ ڄائو ٿيس. شاعرن جي لسٽ ۾ "دوست" لکندا آهن. اٽڪل هڪ سال ٿيندو جو شعر لکڻ شروع ڪيم. شروع ۾ 'احقر' جمالي کان سکندو هوس. بعد ۾ نظام الدين گوپانگ ۽ مولوي نورالدين 'نور' سان تعارف ٿيو، جن کان ڪجهه شعر اصلاح ڪرايم. پنهنجائين عشق محبت جا شعر لکندو هوس، پر هينئر گهڻو ڪري نظم لکندو آهيان. هينئر سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ انجنيئري جو پنهنجون سال پڙهندو آهيان."

آزاد نظم

شعور

منهنجي جذبن سان جيڏا ڪري راندیون،
منهنجي احساس کي تون ٿو ٽوڪر هڻين!
مون کي شاعر ڏسي،
هڪڙو پرڪيف، پرسوز، طبع رسا،
منهنجي نازڪ لفاظت پسند ذهن کي،
تون ٿو ڪچلي ڇڏين!
منهنجي غيرت تي تون ٿو ڪرين اڄ مذاق،
منهنجي خاموشين جو نه وٺ امتحان:
منهنجي دل ۾ هزارين ٿا جذبا آڻين،

منهنجي دل شعله افزا نظارن جو مرڪز-
منهنجي هرهڪ نظر خونچكان پيش منظر کي
گهوري چڪي،
منهنجي دل ۽ دماغ آهه آماجگاه،
تن جي چٽني طرف،
خونچكان داستان:
تنهنجي ماحول جا ڪئين هزارين لکين:
تن کي جٽن ٿو ڏسان،

سپ ٿو لکندو رهان واقعا حادثا؛
مان بيان ٿو ڪيان پنهنجي طرز بيان ۾:

ائين ٿو جوڙيان مان نظم،
انهيءَ ۾ ته منهنجو ڪو ناهي قصور،

ائين لکان ٿو غزل-
مان مجبور آهيان،

دلڪارن جي لئ،
مان مجبور چا ٻاڻ معذور آهيان،

پنهنجي پيارن جي لئ،
عقل، احساس جو!

صبح خندان جي لئ ۽ بهارن جي لئ؛
اهو منهنجو مذهب، اهو منهنجو مشرب:

ائين ٿو جوڙيان مان نظم،
اهو دين آهي، اهو منهنجو ايمان،

ائين لکان ٿو غزل،
مان مجبور آهيان ۽ معذور آهيان.

جو ته احساس جي چشم آهي ٿي تر،
مان چوندو ٿي رهندس- مان لکندو ٿي رهندس،

جو ته ذهن رسا ۾ اٿم اضطراب:
مان ناچيز سچ جو پرستار آهيان،

جو ته جذبن سان پرپور آ منهنجي دل،
سندم سر بلند آ، تخيل بلند؛

مان ڏسان ٿو پيو،
مون کي شاعر ڏسي،

مان ٻڌان ٿو پيو،
پنهنجي جذبن سان راندين کري،

جيڪو ماحول ۾ پيو وهي واهري!
منهنجي جذبن تي تون ٿو کرين اڄ مذاق!

غزل

•

ياد تنهنجي ٿي ستائي، چا کريان،
چشم ٿي ڇوڙها وهائي، چا کريان.

مون ستيون گارهون گيلائون، دلربا!
تون به وئين سنهڙو سٽائي، چا کريان.

دل ڏسي توکي، ڏنو مون نقد جان،
هيٺ چڏيم سيڪجهه لٽائي، چا کريان.

تون جڏهن کان آن رٺو، سيکو رٺو،
ٿو فلڪ پسي آزمائي، چا کريان.

دل سندو واپس اچڻ چئ سوت آ،
دل ڏنل واپس ورائي، چا کريان.

'دوست' کي لالچ نه آ، هر آرزو،
سا نه جي مولا پڄائي، چا کريان.

گيت

نسيڙا سڙا ٻار— هوري هوري هل،
رستي تي ٿي خار— هوري هوري هل!

منزل تنهنجي ويجهو هلكل،
هنڌ برابر آهن مشكل،
مشكل كي كر هار ــ هوري هوري هل.
قدم قدم كي ناهي تون كل،
همٿ سان چڌ ڏاري وڃ وڻ،
اڳتي ٿي ڏرمار ــ هوري هوري هل.
ليلي مجنون، موهل راڻا،
گل ۽ بلبل ٿي وبا ويراڻا،
وقت جي ڏس رفتار ــ هوري هوري هل.
جيكو وطن جو ويري ٿيندو،
انشاء الله ڏيري ٿيندو،
ٿي ويندو في النار ــ هوري هوري هل.





ميرغلام الله ٹالپر "اميـر"

ميرغلام الله خان ٹالپر ولد ميرحاجي احمد خان ٹالپر، اپريل ۱۹۴۸ع ۾ گوٹ هزهائينس ميرشيرمحمد خان ٹالپر لڏ ميرپورخاص ۾ تولد ٿيو. تعليم انٽرميڊيٽ آٿس. شاعري جي ابتدا ۱۹۶۵ع کان ٿي. تخلص "اميـر" آٿس. اصلاح گرامي صاحب کان ونڊي ٿو. شاعري، افسانه لکڻ، مصوري، گهوڙيسواري ۽ سپ کان وڌيڪ راڳ ۽ روح رهاڻ سندس مشغوليون آهن. ـ ادارو

*　　*　　*

غزل

●

يـار سان ٿيندي ملاقات، ڪر آيـا هين،
آڻـي خوشين سندي بارات، ڪر آيـا هين.

آڻـي ڪنڪهور ڪـهـتـا، چانڇجي آڪـاس ويـو،
ٿـو ڪري تاڙو طلب تـات، ڪر آيـا هين.

نذر جانان مون ڪيا دل، جگر ۽ پيار، خلوص،
وڃـي ٻهتي اتـي سـوغـات، ڪر آيـا هين.

رات سـاري ونڊي تـارن کي ڳڻيندي، اي دل،
سونـ سولي تـي ٿي پـريات، ڪر آيـا هين.

غنچڙ دل آ کليو، آندو صبا آ پيغام،
هر پکي ٻولي مٺي لات، ڪکر آيا هين.

ٿي چيو بلبلِ شيدا کي گان هيٺ مُرڪي،
آهي غم خيز فقط رات، ڪکر آيا هين.

چارسو حسنِ بهاران سنڊو رنگين منظر،
هاءِ! هٿي! عالمِ جذبات، ڪکر آيا هين.

تنهنجي آڏي ٿي سڃڙ عيد ايامن کان ٻوءِ،
ويا ڦيري غم سندا حالات، ڪکر آيا هين.

ڏي ڀري جام مٺي هوش ٽڪن، اي ساقي،
ڏس ته هرسو آهي هيهات، ڪکر آيا هين.

شاعري جذبِ نهانءُ جي آهي تصوير 'اميرُ'،
آهي ڏاتر هي ڏلي ڏات، ڪکر آيا هين.


●

ٻربط آ مون کنيو، ته ٻو نغمو ته تون بـ گاءِ،
دورِ خزان ۾ يارَ، بهارن کي کجهه نچاءِ.

چُپ ڏي ليڪي نه رو، دلِ نادان، نه ڪر فغان،
غمخوار ڳولي، تن ۾ غمن کي ڪٽي ورهاءِ.

مَنَ! دل جو داستان نه ٻين کي هٿي ٻڌاءِ،
جن کي نه ٻنهنجي ڪٿي، جن کي له سُڌ سماءِ.

ٻنهنجي غزل ۾ ٻنهنجي ٿي تصوير آ 'اميرُ'،
کجهه گاءِ، کجهه هنڌاءِ ۽ محفل کي رنگ لاءِ.





محمد يعقوب "آرزو"

محمد يعقوب ولد حاجي عثمان، ڳيل ڪوڪر، ٨- اپريل ١٩٤٨ع تي ڳوٺ ٻنهنجي لڪ تندي الهيار ۾ جائو. هن وقت مسلم ڪاليج حيدرآباد ۾ انٽر سائنس پڙهي رهيو آهي.

١٩٦٨ع ۾ سندي رسالن جي مطالعه دوران ڪيس شاعريءَ جو شوق جاڳيو. "آرزو" تخلص سان ڪافي ڪلام لکيو اٿس. جناب مولانا گرامي صاحب کان اصلاح وٺي ٿو. راڳ رهاڻ، مطالعه ۽ ورزش سان شوق اٿس. افسانه نگاري ۽ ڊرامه نگاري سان به شغف رکي ٿو. "ٻنهنجي ڪرٽي پرٽي آ" ڊرامو ڪتابي صورت ۾ ڇپيل اٿس. -ادارو.

غزل

وري دل رُني، هو وري ياد آيا،
وري منهنجي نيٽن کي مينهڙا وسايا.

مٺا تنهنجي معصوم ماڻ آ ماريو، سڀي ڪير ورنہ هتي ويڙ وايا.
اها دل ٻي کهڙي، ڏکن جا ڏنگي ناهي، نہ ٻاجي سُکن جت ڪڏهن رنگ لايا.

اڃا توکي ساريو، رُڻان ٻيو، جيان ٻيو،
ڏکن ڏيل ۾ تنهنجا ديرا بنايا.

•

آءٌ تہ سائي! اورون، اوريون،
چاهت جو چنگ چوريون چوريون.

هي دنيا نہ رهڻ جي لائق، ڏيهہ نئين ڏي ڏوريون، ڏوريون.

لات جلائي سوز ۾ سيڪ جي، وٽ ڪي ويهي سوريون، سوريون.
سن جي محفل سوج متل آ،
آءُ تہ ڳڏجي ڪهورون، ڪهوريون.

آپ ڪان اڳتي چا چا آهي؟ -
آهي ڪو جو ڪوج لڳائي.

ڏرتي توکي پيارا! پرتئي، اسين ويڙون ٿا آپ ڏي ڪاهي.
سائين! هردم هوش ۾ رهجو، ڏسو ستان کو لات آجهائي.
اهڙو ڪو سُر ساز ملائج، دل ۾ جو پنهنجي پڙڪائي.
اهڙا ڪنڌ ڪُلهن تي سونهن، جن ڪي زور سگهي نہ جهڪائي.
پنڪيل پنڪيل آ هر ماڻهو، ڪٿن ڪو ڪنهن ڪي اڄ دڳ لائي.
درويشن جي درس ڏنا ها،
دليا مي سڀ چڏيا پُلائي.





پرڪاش "ديپ"

پرڪاش 'ديپ' ولد سخاوتراءِ ڪنڊواڻي، ۴-مارچ ۱۹۴۹ع تي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جائو، ۽ اتي ئي پرائمري ۽ مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين. گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ انٽرسائنس ڪرڻ کان پوءِ لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد ۾ داخلا ورتائين، ۽ هينئر جامشوري ۾ ڊاڪٽريءَ جو ٽيون سال پڙهي ٿو.

۱۹۶۵ع کان شعر و شاعريءَ سان دلچسپي پيدا ٿيس. واين، نظم ۽ غزل تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو. نوسٽق شاعر آهي، ۽ مولانا گرامي صاحب کان پنهنجي ڪلام جي اصلاح وٺي ٿو. سندس ڪلام ۽ افسانا ڪيترن سندي رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. —ادارو

* * *

وائي

رات انڌيري، تو بن پيارا، ڪائي ڳالهه نه ڀائي:
تنهنجي ياد ستائي!

ساوڻ جي ڇاتيءَ سان چنبڙي، ڪوئي نير وهائي:
تنهنجي ياد ستائي!

چپ تي سُڏڪا، اک ۾ ڳوڙها، دل ويتر تڙپائي:
تنهنجي ياد ستائي!

مرڪون خوشيون، آس اميدون، سيڪجهه وَس پرائي:
تنهنجي ياد ستائي!

آڌيءَ رات ڪٽي هٿ ٻيٽي، تو ڪي ڪو ٻاڏائي:
تنهنجي ياد ستائي.

گيت

(۱)

منهنجي دل درياھ، او پيارا، منهنجي دل درياھ!

منهنجي لبن تي تنهنجو نالو، تو وٽ لاهي چاھ—او پيارا!
منهنجي دل درياھ!

مان سيني کي پنهنجو سمجهان، مون ۾ سين جي کاھ—او پيارا!
منهنجي دل درياھ!

مون وٽ تو لئه هار گلن جا، تو وٽ مون لئه قاھ—او پيارا!
منهنجي دل درياھ!

منهنجي سوچ نه پوڙي سگهندا، دنيا، تنهنجا واھ—او پيارا!
منهنجي دل درياھ!

تو مسجد ۽ مندر ڪوليا، مون ڪوليو الله—او پيارا!
منهنجي دل درياھ!

(۲)

روئسي رات گذار، او سائي!
سحر اسان جي آخر ٿيندي.

دل جا وهر وسار، او سائي!
سحر اسان جي آخر ٿيندي.

جو مغمور رهي دل تنهنجي،
منزل نيٺ ته اپندي پنهنجي،
همت کين تون هار، او سائي!
سحر اسان جي آخر ٿيندي.

طوفان جي رخ کي ڦيري،
ساگر جي سيني کي چيري،
ٻيڙي ٿيندي پار، او سائي!
سحر اسان جي آخر ٿيندي.

آزاد نظم

انسان

مون کي تون خاموش ڏسي،
لڳاءِ نہ غلط کو اندازو؛
مان توسان وڙهي ٿو سکهان ٿو،
وڙهندي وڙهندي مري ٿو سکهان ٿو؛
توکي گهٽو کجهہ چئي ٿو سکهان ٿو،
ٻر، مان ائين نٿو چاهيان:
کنهن جو مان ويري ناهيان،
رهزن ناهيان، قاتل ناهيان،
پيار جي مان پيدائش آهيان،
چو ته مان هڪ انسان آهيان!

ياد

کوئي اهڙو وقت ٿو ايندو ـ
تون ٿو نہ هوندين،
مان ٿو نہ هوندس؛
تنهنجو منهنجو پيار نہ هوندو،
دنيا جو وهنوار نہ هوندو؛
ٻر جي کا شئي هوندي، رهندي،
تنهنجي منهنجي ياد ئي رهندي.

فرق

هماليہ جبل جي چوٽيءَ تان،
وهندیون رهن ٿيون ٿو ندیون:
هڪ کي چون سنڌو ندي،
ٻيءَ جو نالو ماتا گنگا!
ٻنهي ٻر آهي ساڳيو پاڻي،
ٻنهي جي آهي ساڳي منزل:
گنگا ماتا ٻاپ ٿي لاهي؟
ٻاڻين کي ٻئي سرڳ ڏيکاري!
چو ته گنگا ٻويتر آهي!
ڇا سنڌو ٻويتر نہ آهي؟

غزل

●

وڊيل آ زبان منهنجي، مان فرياد کيان کيئن؟
جا ڳالهہ اٿر دل ٻر، ڏسيان جي ته ڏسيان کيئن؟

رسوا ٿـ کيئن ڏنپ ڏنئن، دل ٿـ ڏکايئن،
سنسار! اجـا توکي سڏيان دوست، ميان کيئن؟

جلوو ٿـ رهـي تنهنجو سدا منهنجي اکين ٻر،
کنهن ڏي جي کڻي اک، ڏسان پي ته ڏسان کيئن؟

هـو کين اچـي ٿـو، نٿـو اميد ٿـ لاهيان،
جيئان ته جيان کيئن، مران جي ته مران کيئن؟

'ديپ' آهيان، مگر وقت جي طوفان کان ڊجان ٿو،
ظلمات جي چاتي تي ٻران جي ته ٻران کيئن؟



علي بخش "رضا"

ميان علي بخش "رضا" ولد محمد يوسف احمد زئي اڄ کان تقريبا ۵۸ سال اڳ حيدرآباد ۾ تولد ٿيو.

۱۳-۱۴ سالن جي عمر ۾ پرائمري تعليم دوران هڪ طرف سندس طبيعت جو لاڙو ٿيو، ۽ پڙهائيءَ کان کناره کشي اختيار کئي ويئي. انگريزي تعليم جاري هئس، مگر انگريزن لاءِ سخت نفرت سبب آها ۽ ترڪ کئي ويئي. ان زماني ۾ خلافت جي هلچل زور وٺي چڪي هئي، ۽ ميان صاحب ننڍي عمر ۾ ئي قومي کارڪن طور مخلصانه ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

۱۹۲۳ع کان پريس لائن سان تعلق پيدا ٿيس. طباعت جي مختلف فن جي سکيا سان کيس مثالي تجربو حاصل آهي. ۱۹۳۹ع ۾ آفتاب پريس جو مئنيجر مقرر ٿيو ۽ ساڻئي سال کان خاکسار تحريڪ سان وابستگي پيدا ٿي. انهيءَ عرصي ۾ تحريڪ جي اخبار "باب الاسلام" (هفتيوار) جي ايڊيٽريءَ جا فرائض ڪڇ وقت بخوبي ادا کندو رهيو.

سنڌي ادبي بورڊ جڏهن حيدرآباد ۾ ٻنهنجو چاپخانو قائم ڪيو. تڏهن ان جي انتظام لاءِ سندس خدمتون حاصل ڪيون ويون. ۱۹۵۲ع کان اڄ تائين ميان صاحب پريس جو مئنيجر رهندو اچي ٿو. بورڊ جي ڪتابن ۽ "مهراڻ" جي معياري ۽ ديده زيب ڇپائي، دلڪش سرورق ۽ گيٽ آپ وغيره، سندس وسيع طباعتي تجربي جو نتيجو آهن.

۱۹۳۲-۳۱ع ۾ شعر و شاعريءَ ڏي سندس طبع جو رجحان ٿيو. ان وقت کان وٺي سندس کافيون ۽ غزل لکيل آهن. "مهراڻ" ۾ سندس گهڻو ڪلام ڇپيل آهي.

'رضا' صاحب هڪ جهاندید، وضعدار، ڪم ڪو، مخلص، محنتي ۽ تنهائي پسند بزرگ آهي. پريس لائن سان سڄي عمر وابستہ رهڻ ڪري مطالعه جو وسيع اٿس ۽ هن وقت به هزار ڪن ڪتاب وٽس موجود آهن. — پروفيسر محبوب علي چنا.

ڪافيون

*

تنهنجي سڃڻ ڪهوڙن ڪهائي آهيان،
دانهن درد جي ڪنهن ڪي ڏيان!

لينهن لهوڙيو لپٽ ليڏر ڪي، ٻيڙ ٻرت واري، نوائي آهيان:
جوش انهيءَ ڪان جي جيان.

سورسڙيءَ ڏي، ڏس او ساجن، فڪر فراق ڪئي فنائي آهيان:
سور سڃڻ جا سوين سهان.

نيٺ 'رضا' تي راضي ٿيندا، "ونحن اقرب" ڏس ڏسائي آهيان:
ڏيڻ اهو ٿو راتو ڏينهان.

*

ڪل اسان ٻيڙو ڪيڇين جي الا، هوت پنهون ڪنهن ويل وڻي ويا!
ويندين، رهي هت آءٌ چا ڪريان، ٿيندين گولي جتن جي الا،
جيري مون سان جاڙ ڪري ويا.

جتن ڏاران ڪشن وران، جهڙي ٿهڙي آهيان تن جي الا،
ڏورڻ مون ڪي ٻنڌ اهي پيا.

جبل تڏهن ٿو جاڙون ڪرين ميان، جڏهن ميار مٺن جي الا،
ڪيچي مٺيءَ سان ٿهر ڪري ويا.

راتيان ڏينهان آءٌ رڙان ٿي، لڙن تان لڳي ٿو، لالن جي الا،
'رضا' ڪي رڙندي سال لنگهي ويا.

*

سدا سڪ مان سڃڻ، ساريان سنيارين،
هنجون هوتن ٻنا هاريان، لهاريان.

وڇوڙي ڪيون وڏيون مٺيءَ سان ڏلگايون،
ٻنا جالب، ڪنگهر ڪهاريان، گذاريان...
ڪڏهن ايندا، سي ڪهڙي قرب وارا،
جنين جي ڪاڻ هيڻن ڪاريان، ٻڪاريان...
مڪرّم اسم اعظم يار تنهنجو،
ڪريو تنهن ورد، ٻڌي واريان، وراريان...

ٻروڙج، آهه نالي کل ٻسارو،
سبق سڄڻ سندو ٻاڙهيان، ٻڙهايان...
کريو جڏيون دعا، جيسين جيان مان،
ٻرين جي ٻرت شل ٻاريان، ٻجايان...
سندءِ سڪ ۾ سدائين يار ٻيارا،
لديون، نارا، لرت واهيان، وهايان...
هنيون هردم ٿو توکي جاڻي هردم،
ٻڌي ٻانهون ٿو ڪنڌ نايان، لمايان...
تسڙ سر تنهنجي جو آهي 'رضا' کي،
سدا چاکر سچو چايان، چوايان...

*

هوت ٻاروچي جي کاڻ، آهيان آءٌ حيران،
لينهن لبيرو نه ڪري، ڪري.
لکڻي لوح قلم جي، ڦهري وهايم کان،
ٻرين ملي، دل نري نري.
ٻگ له چڏيندس ٻير جو، جيسين اٽم جنڊ جان،
ٻرت ٻرين سان ٻري ٻري.
من مولا سون ڪري، محبّن وٽ مهمان،
هوت ٻنهون شل وري وري.
'رضا' سر صدقو کيان، جن آڏي لڏا ارمان،
سڄڻ ٻنا لڏي سري سري.

*

ڪيچي ويڙم ڏور، ڏک ڏکيءَ کي ڏيئي ڏيئي.
اوڏي ويڙم اوچتا، ولهي ڪري وهلور.
جيءَ اندر ۾ جيڏيون، جانب سرجها سور.
آءٌ الهن جي آهيان، گولي، گهايل-گهور.
هن جيڻ کان جيڏيون، مرڻ کيم منظور.
جيسين جيندس سرتيون، تيسين اهو مذکور.
'رضا' کي ايئن سکندي،
سورن کيا ناسور.

راڻا ڪارڻ رب، سار لهج مون سپرين،
موت مران ٿي مينڊرا.
راتيان ڏينهان روح ۾، آهر تات طلب،
ڪانگ اڏايان ڪيترا.
راڻا، جاڻان ڪينڪي، رُنيون ڪوڙي سبب،
پرت پسايا پيچرا.
آسرونديءَ آهيان، ڪري شال ادب،
اينهن ليڀايان ڏينهڙا.
'رضا' ساري سپريون، جن جو عشق عجب،
پرت پَرايا پيرڙا.

*

چوري چاڪ سڃڻ، دل چور ڪيئي،
ڏئي درد، ڏڪي ڇو دور ڪيئي.

هڪ سڪ، ٻيو رڙڻ، ٽيون نيڻ ٽمڻ، اهو سور سندا دستور ڪيم؛
صدا ياد رهن، هنئين منجهه هرن، ڏاڍي مار ڏئي، مذڪور ڪيئي.

هلي وات وندر جي مان ووڙيندين، اهو سور سفر جو منظور ڪيم؛
سر ساه سڃڻ تان هي گهوريندين، ڏئي وره سڻا، وهلور ڪيئي.

جيري شال ميلان، آهي آس اڃان، اچي پيش پوان، جي تصور ڪيم؛
ملي محبن سان، 'رضا' خوش ٿي ڪلان، رکي رمز سڃڻ، گهائي گهور ڪيئي.

*

الائي ڇو ويڻا وساري اباڻا،
ڪيم ڏوه ڪهڙو، اهو ڪين ڄاڻا.

ٽيس قيمه ڪوٽن ۾ باندي بنديائي،
اڪيلي اباڻن سوا هت ويڳاڻي،
ڪٽي منهنجا مارو، ڪريان جن سان ماڻا...

ظلم، زور، ورٿو عمر! تنهنجو آهي،
ويڙهيچن تان مولا، ڏمَرَ ڏڪ لاهي،
قيامت ۾ قهري چا ڏينديين، او راڻا...

وڃن ڪين هرگز تنهنجا محل-ماڙيون،
وجهي بَن تن ڪي ڏئي باهه ساڙيون،
وسايون ويڙهيچن سان پکڙا پراڻا...

پڇي ڪوت ڀاهي، ڪندءِ ڏينگو ڏيري،
ڦرن چوطرف ٻيا پهريدار ٻيري،
عمر! عاجزن جا عرض سڀ اڪهاڻا...

'رضا' شال ڏاتر اهو ڏينهن ڏيکاري،
ڪٽيان قيد قابو، ڪنڌهر ۾ ڪذاري،
ڏسان شال ڏوڻي، سي سانگي سياڻا...

غزل

●

اکيون ٻوس وڃي اڙيون، چڪيءِ جا سڀ ويا چارا،
ڪٽي تو نرگسي ٻني ليڻ، ڪٽي دل آه دوهارا.

ڪري قابو سندم دل، ٻڇ ٻاتا پرت جا پياري،
وري واري تي ٻنهنجي ڏس، ولهيءِ کي کيا وِرَه وارا.

امالڪ هي وڃي ڦائو، بکايل مرغ داڻي تي،
ڪنائون تيغ ابروءَ سان، وجهي تنهن کي ڇڇيءِ ڪارا.

ڏسو صنعان جهڙو سرد، ڪنهن ٻر عشق ڪيو ابتر،
بلاشڪ، بره جي بازي، ڪري ٻوس ڏي وس وآرا.

لهج دلدار، دلبر يار، منهنجي سار تون جيري،
پيس سان سار تنهنجي، تون اچا توڙي رکين ڪارا.

ڏکن مون کي ڪيو بي سرت، سهڻا سار لهه سپرين،
خدا لڳ هي ڪهج ڪانگل، سنيهو مون، ٻرينءِ پارا،

چئي ڏس 'شاهه مصريءِ' وَه! 'رضا' مصرع مٺي آهي،
"اکيون ازخود وڃي اڙيون، ڪري سامان سڪ وارا."

●

سچا عاشق اهي، جي سور سوريتين سان لائيندا،
وڃائي نينهن جي نوبت، بره کي پل پلائيندا.
اسان جشن درد وارا، درد جا دونهان ڪائيندا،
محبّت جي ڪڏي ميدان ۾ سي سچ مچائيندا.
محبت ۾ ڪڏهن ڪن ماڻ، يا ڪن قرب کان ڪيهون،
عجب رنگن سان سهڻا رمز ريبڙ جي رهائيندا.
ڏکن ڏاڍيون ڪيون مون سان ڏنگايون، ڏوجرا، جيڏيون،
رهن جي وصل جا طالب، سي ڏاڍا وس هلائيندا.
سياڻا يار سي سمجهون، جي رانجهن سان رهائن رس،
رڳي دم ۾ دلاسي تي جڏو جيڙو جيارينداً.
دلارا، دام دانائيءَ جو پاتو آ، 'رضا' کي پيچ،
لڳو جن نينهن جو ناتو، نباهيو ٻيا نباهيندا.

●

عشق جي آئي، ڪيو آرام، رم،
بيقراريءَ ات اچي ڪوڙيو عَلَم.

ننگ ۽ ناموس ان هنڌ ڇا رهي، جت رسي ٿو عشق دلبر جو قدم.
مانَ مشفق مهربانُ، مهرونُ ڪري، هيءَ اميد الله ۾ هردم اٿم.
وڻج وڻجارا، ونيي وڻ وڙه جو، آه هيءَ دنيا دورلگي، هڪڙو دم.
ڪونہ ڪو عاشق رکي، هيءَ آرزو، ڏک بنا حاصل ٿئي وصلِ صنم.
سور سيرَ تي ڪي 'رضا' آيا تہ ڇا، غم نہ ڪر، تنهنجي سهد شاهِ امم.

●

سڪ دلدار جي سمهڻ نہ ڏنو،
وره واري، وري، وهڻ نہ ڏنو.
هولد ووڙيان هان وات وندر سندي،
مون کي باري بره بيهڻ نہ ڏنو.
الف زلجيرِ دام ٿيم دمدم،
عذرُ مون کي انهيءَ اچڻ نہ ڏنو.

قرب هن ريت، سان ڪري ڪمزور،
نـاز وارن اڇـيـان ايمَن نہ ڏنو.

اڄ تہ دلبر مَٽان ٽيان ها فدا،
هر رقيبن جي سر رسڻ نہ ڏنو.

خـوبـرون، عـجـيـب خـوڻن وٽ،
ڇو تہ ڪنهن قيد ٿي، هون نہ ڏنو.

تنهنجي نازن سان، منهنجي نيازن ڪي،
قـدر وارن تـہ مَٽ ٿـيـڻ نہ ڏنو.

عـشـق جـي آرزو، ڪـري عـاشـق،
بوالهوس ڪـي تـہ سـڪ سڪڻ نہ ڏنو.

دوسـتـي دردمند دوسـت سـان ٿـئي،
مون ڪي ڏانوڻ جي تند ڇڻ نہ ڏنو.

سڪ 'رضا' ڪي آ دردمند ڪيو،
جنهن ڪي لج لوڪ کان لڪڻ نہ ڏنو.

●

دليون دلبر دلاسو ڏي، ڏکيءَ ڪـي دوست دل لائي.
سدا ساجـن، سڄ هـي عـرض، ٻـانهي ٻيٽي ٻـاڏائي.

وره جي ويڙ کان ورڇي نہ وهنديس، اي ونهيان وارث،
هنيون هوتن جـي حب ۾ ٻيو هميشه ويـر واجهائي.

وڇوڙي ڏس ڪيون ڪيڏيون، نڏر سان جان من جاڙون،
فنا نڪرن ڪيو دل ڪـي، قٽيو فـرقت جـي ڦـوڙائي.

خـدا ڪـارڻ مڇو منهنجي هـي آزي، دلـربـا دلبر،
محبت جـي مـريضن ڪـي نـہ ڇـڏ محبوب مـوڻـائي.

ڪري ناصح نصيحت ڪين ٿـي مون ڪي اثـر تنهنجي،
ويـا سـپ وس ولهيءَ جـا هاڻ، لالـن سان لنؤ لائي.

رهـي ٿـي آرزو هردم، 'رضا' جـي دل انـدر جانان،
ڪـراڻي ڪـل ڪچي ڪريان، ٻرين ڪنهن ٻَر ۾ ٻرجائي.


جان ڪان مون ڪي سڃڻ جي آ ٻاري ٻاري،
ياد ان جي ۾ سون دنيا آ وساري ساري.

سڀ ڪهڻي آهه سڃڻ، ڪانه رکان ڏو ٻي سڏ،
روح ۾ تنهنجي نه الفت آ آڏاري ڏاري.

ڪوڙي دنيا جي هوس، منهنجو ڪيو حال آپر،
ڪين وارث تون ڇڏج پنهنجي نيڪاري ڪاري.

هن حوادث سندي طوفان ۾ ٻيڙي آ لڏيل،
پار ڪر ڪشتي، جيئن نوح آتاري تاري.

ڪر مدد منهنجي خدا، پار پرين ٻچي 'رضا'،
جا رسي ڪين سکهي، آه ويچاري، چاري.





مدد علي "سانگي"

مدد علي ولد الله بخش قريشي، ۱۲- آڪٽوبر ۱۹۵۱ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. اصل ڳوٺ سيوهڻ آهي. هن وقت سچل آرٽس ڪاليج ۾ انٽر پڙهي رهيو آهي.

۱۹۶۳ع ۾ هڪ حسين حادثي جو شڪار ٿيڻ بعد طبيعت ۾ عجيب ڪيفيت رونما ٿيس. ردعمل طور سندس ذهن شاعريءَ طرف موڙ ڪاڌو. ڪافي ڪلام لکيو آهي، جو اصلاح طلب آهي. سندس شعرن ۾ سوز و گداز ۽ زنده دلي موجود آهي. ۱۹۶۸ع کان 'سانگي' تخلص اختيار ڪيل آهي.

راڳ ۽ موسيقيءَ سان بيحد دلچسپي سبب باقاعده سکيا ونڊي رهيو آهي. ڪوهياري، آسا ۽ راڻو سندس پسنديده سُر آهن. ڪلاسيڪي راڳ 'مالڪوس' سان سندس روح جا رابطا قائم ٿيل آهن. پُڌڻ شرط مٿس محويت جي ڪيفيت طاري ٿيندي آهي. صوفين وانگر صافدل ۽ فقير تن جوان آهي. زنده دلي ۽ وفا شعاري زندگيءَ جا آدرش بنايا آهن. —"ناشاد"

* * *

گيت

منزل ناهي دور — او سائي،
متان وڃين وهلور!
مومل جهڙا سارڳ، رڻ جي راڻن ڪان ڪٽن رُسندا،
وڪ جي ٻنهنجي ڪچندي رهندي، نيٺ ته رستا ڪٽندا؛
سانجهيءَ ڪان ٻوءِ رات ٿئي ٿي، تنهن ڪان ٻوءِ آسُور —
او سائي! منزل ناهي دور.

عزم جي آڏو مشڪل هرڪا ٿيندي آ آسان،
جل ٿل سارا وجهي جهڪائي، آڏي جي هي انسان:
ليڪ ٽڻ هي مجبور سمورا ٿي ويندا مسرور-
او ساڻي! منزل لاهي دور.

منزل ماڻي ميلا مڃندا، جهرمر ۽ جنسار،
سونهري سو سڪ جو ڏورو ڏسنداسين ٻيهار:
'سانگي' هرڪو ماڳ ٻڌي ٿو، دنيا جو دستور-
او ساڻي! منزل ناهي دور.

نظم

آءٌ پيارا آءٌ

آءٌ پيارا آءٌ ڏاڍو وياڪل ٿو ڪهاريان،
ساري رات تڪيندي تارا، توکي ٿو ساريان.

آءٌ پيارا آءٌ تن ۾ تنهنجي آهي تات،
ڪين وٺي ٿي مون کي ڪائي دين دنيا جي بات.

آءٌ پيارا آءٌ جڏهن تنهنجي ڏاڍي ساري،
ساعت ساعت دلڙي روئي، توکي ساري ساري.

آءٌ پيارا آءٌ ته ٻيهر ڏٺون ڪڏهن ڪو ڏينهن،
سانوڻ ڇا ڇا ساوڪ ڪئي آ، موتي آيا مينهن.

آءٌ پيارا آءٌ ٻڌايان ڪجهڙيون ڪي ڳالهيون،
تنهنجي خاطر سيڻي ۾ مون صدين کان ساڌيون.

آءٌ پيارا آءٌ اڇي ٻڌ، منهنجا ساڻڙا سيت،
تنهنجي ورونهن لئه سيکيو آهيان ڇا ڇا سُر سنگيت!

آءٌ پيارا آءٌ ٻڌايان ڪافيون ڪيئي وايون،
تنهنجي جڏهن ۽ ۾ اي جاني! روئي جي مون ناهيون.

آءٌ پيارا آءٌ ٻڌايان توکي شعر سمورا،
تن ۾ ڪوبه وڏاءُ نه آهي، تنهنجي پيار تي پورا.



امتياز «خيام»

امتياز حسين قاضي، سنڌيءَ جو نو عمر شاعر، مرحوم قاضي سچيڏني (رٽائرڊ ايڊيشنل ڪمشنر) جو هونهار فرزند ارجمند آهي. هي بلوچ 'هوت' خاندان سان آهن. ڳوٺ لقمان لڳ خيرپور ميرس ۾ رهندڙ انهن هوت بلوچن سان عالمن کي ٽالپرن جي دؤر ۾ فتويٰ ۽ قضا جي خدمت ڪري "قاضي" جو لقب مليو. سندس ولادت ۲-جنوري ۱۹۵۳ع تي جيڪب آباد ۾ ٿي. لنڊ ۾ ڪري، خيرپور ۽ حيدرآباد ۾ پڙهيو. هن وقت باقاعده حيدرآباد ۾ رهي ٿو ۽ گورنمينٽ ڪليلي ڪاليج ۾ انٽر سائنس (بائلاجي) پڙهي رهيو آهي. مطالعه سان شغف ۽ علمي ادبي ذوق ورثي ۾ مليا اٿس. زنده دلي ۽ وفا شعاري سندس طرهٔ امتياز آهي. شاعريءَ سان بيحد چاهه اٿس ۽ ٻن سالن کان "خيام" تخلص سان لکندڙ آهي. سندس شعرن ۾ سادگي ۽ پاکيزگي، سلاست ۽ رنگيني موجود آهي. مشق سخن جاري رهي ته مستقبل ۾ سٺو مقام حاصل ڪري سگهي ٿو.

— "ناشاد"

آزاد نظم

ڪاغذ جا گل،
رنگبرنگي؛
اهڙا سهڻا،
جن لئه ڪا تشبيهه نه آهي؛
اهڙا سندر،
من کي هردم مست بنائن؛
گلدانن ۾ خوب سجايل:

دل ٿي چاهي، ڏسندو رهجي-
هرهڪ لمحي!

ڪاش! سون کي معلوم هجي ها، ٻرين ٻرين،
ڪاغذ جا گل-
روح کي ڪڏهين واس نه ڏيندا،
خوشبو جو احساس نه ڏيندا!

غزل

●

دل جي دنيا هر طرف ويران٬ چو آهي، اي هرين!
چشم فطرت چؤطرف حيران٬ چو آهي، اي هرين!
هر نگاهِ ناز سان بسمل ڪرين ٿو هر ڪڙي،
زندگي ٿنهنجي اکيان ارزان٬ چو آهي، اي هرين!
هت ته روئڻ تي به بندش ۽ ڪيڻ تي ضابطو،
زندگي ساري ٿي زندان٬ چو آهي، اي هرين!
لالـ گون مئي ناب جي ساقي سخا ڏيکار اڄ،
بزم ۾ "خيام" ٿيو مهمان٬ چو آهي، اي هرين!

●


منهنجي دل جو ساغر خالي،
تنهنجي هٿ ۾ پٿر خالي!

يارو آيو هر هر خالي، دل جو داءُ به آخر خالي!
آهوءَ جي اکين جي آڏو، ٻني جڪن جو ساگر خالي!
ڪهڙي ڏيهه وڻي تون آئين، شهر سڀجو ۽ بازار خالي!
سارا شيخ سڀهي ٻيا آهن، مسجد خالي، ممبر خالي!
ميڪش سارا جنت داخل، زاهد جي لئ محشر خالي!
سامي ٻنجي سڀن هنئي سون، مان ڇا ڄاڻان، تو گهر خالي!

●

ڇا لئه ٻيو جهونگارين، راڳي!
ٻنهنجو ٻاڻ ڪي مارين، راڳي!

ٻن ٻن پٽڪين، جهر جهنگ جهاڳين، ڳولهين، ڦولهين، سارين، راڳي!
ڦول ڪنول جهڙي هيءَ جندڙي، ڪاراڻي ٻيو ڳارين، راڳي!
چپي چپي تي چؤواڻو آه، ڪهڙي وات نهارين، راڳي!
لهر لهر ٿيا ڪيت هوا ۾، گيتن ڪي ٻيو وارين، راڳي!
ٻنهنجي ٿي آلاپ سان وٻڻن، سُر ڪي ٻوڙين، تارين، راڳي!



"ناشاد"

ڀريو "ناشاد"، ۱۰- نومبر ۱۹۴۷ع تي ريگستان جي ڳوٺ چيلهار تعلقي ڇاڇري ۾ ڄائو. مشهور اهل قلم ۽ "تاريخ ريگستان" جي مصنف سرڳواسي رائچند جو هونهار فرزند آهي. سندس والد جي علمي لئبرري هڪ نندڙي دماغ جي سڪون لاءِ عجيب ڪشش جو باعث بني: ڀنهنجي والد محترم کي مسلسل تصنيف و تاليف ۾ مشغول ڏسندي، ننڍپڻ ۾ سندس طبيعت ادب ڏي لاشعوري طور رجوع ڪري چڪي هئي. اسڪول ۽ ان جي لازمي راند مان لڳاتار ڪُسائڻ سبب اهو وقت نه سمجهه ۾ ايندڙ ٽُلهن ۽ ڪَرن سنڌي ڪتابن کي گهر ۾ آڻلائڻ پُڻلائڻ ۾ صرف ڪندو رهيو. سڻ اکرن لکڻ ۽ ڊرائنگ ڏي سندس طبع جو خصوصي لاڙو هو، ان ڪري رسالن ۽ ڪتابن مان تصويرون ڪاڙڻ سندس معمول ٻنجي چڪو هو. اسڪول سان سندس دل نه لڳي، لکو حسابي ڪمن ۽ نصابي ڪتابن سان دلچسپي پيدا ڪري سگهيو. سندس طبعي رجحان کي پرکيندي، سندس والد، سندس ذهني پرورش لاءِ "گلستان" رسالو ڪهرائڻ شروع ڪيو، جنهن جي مطالعه کيس خوب چَس ڏني. انسان جي ذهني ارتقا جي سلسلي ۾، لاشعوري دؤر ۾ ۽ جمالياتي عنصر کان متاثر ٿيڻ هڪ لازمي امر آهي. سماهي "مهراڻ" (۱۹۵۵ع) شايع ٿيو تہ ان جي هڪ ديده زيب ۽ دلڪش ۽ رنگين ڪاپي جڏهن سندس والد وٽ پهتي، تڏهن نندڙي نينگر جيئن پئي رسالو آڻلايو پُڻلايو، تيئن کيس عجيب ذهني ۽ روحاني سڪون محسوس ٿيو. شعر پڙهڻ کان پوءِ ٻاڻ انڌا منڊا شعر لکڻ شروع ڪيائين. سندس والد جي پرهوڙ ادبي همت افزائي، نندڙي نينگر جي دل درياهه ڪري وڌي. مطالعه لاءِ ڪهاڻين ۽ افسانن ۽ روزانه اخبارن جو ڪافي انداز ميسر ٿيس، جن کي پڙهندو رهيو. ڳوٺ جي غير ادبي، خشڪ ۽ جهالت واري ماحول ۾، ۱۹۶۳ع ۾ مئٽرڪ ڏيئي، وڌيڪ تعليم لاءِ حيدرآباد آيو. ذهني آڇ آجهائڻ لاءِ "خادم وطن" روزانه ۾ "ٻالڪن جي ٻاريءَ" تي ٽي-چار مهينا ڪم ڪري صحافي دنيا مان ڪجهه نه ڪجهه تجربو حاصل ڪيائين.

ڊسمبر ۱۹۶۳ع ۾، هڪ ڏينهن مولانا غلام محمد "گرامي" صاحب ايڊيٽر "مهراڻ" جي نظر ڪيمیا اثر مٿس ٿيئي. هڪ ادب شناس ناقد ۽ تجربيڪار انسان سندس علمي ۽ ادبي ذوق ۽ فني صلاحيت کي پهرينءَ نظر سان پرکي ورتو. هر وقت ڪيس "مهراڻ" رسالي جي آفيس ۾ ملازمت ڏني ويئي. هورڏ جي علمي ۽ ادبي ماحول ۽ "مهراڻ" جي فکرانگيز مواد ڪيس باقاعده شاعريءَ ڏانهن آندو. اوائل ۾ سندس ٻن-ڇڻ ڪچن-پڪن ڪلامن جي اصلاح محترم شمشيرالحيدري ڪئي. سندس اهو ڪلام ۽ مشاعرن ۾ پسند ڪيو ويو. ڊسمبر ۱۹۶۴ع جي "روح رهاڻ" ۾ سندس پهريون غزل ڇپيو. ۱۹۶۵ع کان جناب گرامي صاحب سندس ڪلام جي باقاعده اصلاح ڪندو آهي. وڏهائي جاري اٿس ۽ هن وقت سنڌي ادب ۾ ايم. اي. ڪري رهيو آهي. اپريل ۱۹۶۴ع کان "مهراڻ" رسالي سان وابسته آهي. سندس ڪلام پسنديدگيءَ جي نظرن سان ڏٺو ويو ٿو. غزل، آزاد نظم، نظم ۽ واڀي تي دلڪش تجربا ڪيا اٿس. رواني، شوخي، دلڪشي ۽ رنگيني سندس ڪلام جي اهم خصوصيت آهي. "مهراڻ" جي علمي ۽ ادبي معيار ۽ سنڌي ادب جي خدمت جي سلسلي ۾ سندس مخلصانا خدمتون تحسين جوڳيون آهن. اولهه جرمنيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر گرڊ ليوڪي، سنڌي شاعريءَ جي جرمن زبان ۾ ترجمن واري ڪتاب ۾ سندس هڪ نظم جو ترجمو ڇاڙ ڏنو آهي. ان کان علاوه سندس چند نظمن جا ترجما ٻريمين، اٽلي ۽ چيڪو سلواڪيه ريڊيو اسٽيشنن تان پڻ نشر ٿيا آهن. تخلص "ناشاد" اٿس، مگر هميشه خوش گذاريندو آهي. ننڍپڻ ۾ ڀاراڻي خيال سان رڪيل اهو تخلص هاڻي ڪيس ڏهه ڏڪو وڻي، پر ڇڏي ڏيڻ سندس لاءِ مشڪل آهي ۽ ناممڪن ٻ. — امتياز حسين قاضي "خيام"

* * *

"ناشاد" جو فن جديد دؤر جي فني قدرن ۽ معيارن جو حامل آهي. سندس فن ۾ ٻيپناهه شوخي، پختگي، رواني ۽ دلڪشي پيدا ٿي چڪي آهي. جذبي ۽ خيال جي ادائگي جنهن انوکي ۽ سهڻي نموني ۾ "ناشاد" ڪري سگهيو آهي، ان کيس معاصر نوجوان شاعرن ۾ وڏو مقام ڏيو آهي. سندس هر فني ۽ تخليقي شهپارو، پنهنجي معنوي ۽ اشاراتي انداز ۾، جديد فڪر ۽ ماحول جي تقاضائن کي سميٽڻ ۽ سهيڑڻ ۾ هڪ اهڙي هيئت اختيار ٿو ڪري، جا جديد ٻ آهي ۽ دلڪش ٻ آهي. زندگيءَ جي گرم سرد مسئلن جي چنڊ چاڻ ۽ تجزيي کندي، "ناشاد" جي نگاهه نهايت قريبي ۽ معمولي واردات کي بہ جذبي ۽ خيال جي لباس ۾ پيش ڪري جا ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، ان کي ڏسي چئي ٿو سگهجي ته شاعر نہ فقط هن دؤر جو ترجمان آهي، پر ان سان گڏ سندس فن جو مستقبل پڻ روشن آهي. آزاد نظم ۽ غزل، نظم ۽ واڀي لکندي جي شاهڪار پيدا ڪيا اٿس، انهن جي افادي ۽ فني حيثيت سنڌي ادب جي تاريخ ۾ امر رهندي. بولي شيرين ۽ پختي ۽ انداز بيان شوخ ۽ دلنشين اٿس. اميد آهي ته هي نڪار ترقي ڪندي، اڳتي هلي جديد ادب جي قابل ستائش باب ۾ اهم مقام حاصل ڪندو. — ادارو

نظم

سچ

هيءَ نينهن جي نرمل نهر آهي،
جت روح ٿو وهنجي هر ويلي؛
مـن مست ٿئي ٿـو سـوجـن ۾،
جـهـومي ۽ نچي ٿـو هـر لمحي!

هي ڏينهن خوشين جي شوخين جا،
هي ڏينهن لـکيل هـا پـاڻن ۾؛
هي ڏينهن وصـال ۽ الفت جـا،
هي ڏينهن ورونهن جي ماڻن ۾!

هيءَ نهر سنڌوءَ جـان نـيـري آ،
من نهر ۾ نـيـارا رنـگ بَسان؛
هيءَ نهر سنڌوءَ جـان جـاري آ،
هـن لهر ۾ راتـو ڏينهن تَران!

ميڙيـان ٿـو محبّت جـا مـوتي،
هـن ساگر جـي هـر چوليءَ مان؛
۽ کيئي گـيـت ٻُڌان ٿـو مان،
هـر لهر جـي منڙي لوليءَ مان!

هيءَ لهر ڏئي سون جڏهين کان،
مـان غائب آهـيـان هستيءَ مان؛
ٿـو تـيـڙڪان تنهن ۾ شام و سحر،
من موج ڪري ٿـو مستيءَ مان!

شل ٻيار جـو دريـا سـوجـن ۾،
بـارهـوئـي هجي، پُر شور هجي؛
۽ روح تنهين جـي ريـلـي سان،
اکٽـي ئـي هـجـي، مَر اور هجي!

آزاد نظم

فرق

تون ٻي شاعر،
مان ٻي شاعر!

خوابن جي وادي ۾ جڏهين،
سرو سَمن، ريحانَ ڏسين ٿو-
لالہ ۽ شهلا کي هسين ٿو؛
کومل کومل مکڙيون، گل قل،
کوئل، قمري، پڙنرو، بابل؛
۽ ٿ ساقي، جام، صراحي-
ميخالي جي موج ڏسين ٿو، تڏهين شايد:
شعر لکين ٿو-
خوب لکين ٿو!

منهنجا ساڻي!
فرق وڏو آ تو ۾، مون ۾:
رستي هلندي هار ڏسان ٿو ٻندا ٻندا؛
لاڏين ۾ معصوم ڏسان ٿو ٻڪيا سمهندا؛
جنگ و جدل جي باهه ڏسان ٿو شعلا شعلا؛
ظلم و ستم جا سَچ ڏسان ٿو دُکندا دُکندا-
تڏهين منهنجو روح رڙي ٿو:
شعر لکان ٿو،
رَت رُڙان ٿو!

احساس

آءٌ لقاش هوس،
روز تصوير ٺاهڻ هو منهنجو عَمل:
اوچتو اوچتو،
فن،
مهراڻ

منهنجي هٿان ٻيو کيري،
هرزا هرزا ٿي وئي-
ٻنهنجي صورتگري؛
دل جي ٻالڪ کي ورچايو مون،
ان کي شعرن جو راندڪو ڏئي!

منهنجي ماحول ۾،
منهنجي چٽني طرف:
واقعا، حادثا ظلم انڌير جا، ۽ تعصب جي آگ
ٻنهنجي افڪار جي وادين جي لئ،
مون چونڊيو جڏهن:
ڪنهن جي افلاس کي،
ان جي احساس کي،
روح تڙپي اٿيو، دل جلي رک ٿي:
۽ قلم کي کڻي جٽن کيم شاعري،
هڪڙو ٻنجي ويو،
اندوهگين داستان-
جنهن کان لرزان رهي غمگسارن جي دل،
نامرادن جي دل، بي‌سهارن جي دل؛
خسته حالن جي دل،
بيقرارن جي دل!
آءٌ شاعر آهيان:
منهنجي گيتن ۾ شعلا لهان،
منهنجي بيتن ۾ شبنم جوان!
منهنجي ماحول ۾،
منهنجي چٽني طرف:
عيش جا واقعا، حادثا-
عشرتن جون هزارين سي رنگينيون؛
منهنجي اکين ڏٺا محل-محلات ٻڻ،

ء انهن جا سجايل ڪاڪ بوس ديوار دَر،
جئن دريچن جي هوءِ ان، مون هائي ليئو، جو ڏئو،
ڪيئي انسان هئا۔
عيش و عشرت ۽ مستيءَ وچان ٿئي ٽپيا،
ين جا ظاهر جُدا، جن جا باطن الڳ؛
ون انهن جي بناوٽ جون رنگينيون،
نهنجي فن لئه جڏهن چونديون،
ي سڙي ڪامي رک ٿي ويون،
ندم آڳ احساس ۾؛
روح تڙڦي اٿيو، دل جلي رک ٿي!
، قلم کي ڪٽي جئن ڪير شاعري،
ي رنگينيون، عيش جون مستيون،
نجي ويون سي بہ دڪ درد جو داستان،
فلسن جي ڪهاڻين کان پڻ بيڪران۔

ڱ شاعر آهيان!
نهنجي ماحول ۾،
نهنجي چٽي طرف،
انعا، حادثا،
ظلم، جا، 'عيش' جا!

وعدو

جن ۾ سدا چنڊ ڪڙندو ٿي رهندو،
دا رات جو روح رڙندو ٿي رهندو؛
تارن جون سيجون سجايل ٿي رهنديون،
مڪڙيون سدا مسڪرايل ٿي رهنديون.

ڪٽ جي ڏڌي هير ڪهلندي ٿي رهندي،
لاڻن جا گل خوب ڦڙندا ٿي رهندا؛
ا باغ ۾ ڦوٽر ميڙندا ٿي رهندا:
خوشبوءِ هن ريت رُلندي ٿي رهندي.

صراحي ۽ ساغر جي راهن ۾ پيلجي۔
مسرّت سان لبريز سينن جون لهرون،
سَرابن جي پٽڙ سان ٽڪرائجي،
ٽڪي ۽ ٽٽي، ساڻيون ٿي جمي،
نيٺ قطبن ڪنان سرد ٿي ويندیون!

سر راه ڪٽين يار ملندائي رهندا،
صدين جا سماچار ڪُلندائي رهندا؛
ائين روز ديدار ٿيندا ٿي رهندا،
ملي ۽ ڪيلي نيٺ ويندا ٿي رهندا!

اڳئ ۾ بهارن جو دعوت بنا خوب ٿيندو اچڻ،
مگر منهنجي دل ۾ خزان آهه مهمان بنيل:
بهارن جي ڪٽن آڃيان مان ڪندس؟
بهارن سان ناتو نباهي نه سگهندس!

مان جاڻان ٿو دنيا جو دستور چاهي،
خزائن جي دنيا، بهارن جي دنيا،
پوڻرن جي دنيا، گلابن جي دنيا،
۽ خوشبو ۽ ساغر ۽ لهرن جي دنيا!
مگر مان کريان ٿو پکو واعدو۔
هي آزرده رنجيده برباد دل،
صدين کان وٺي منهنجي 'ناشاد' دل،
ٽي گوتم جيان شانتيءَ جو صنم:
ائين ٿي صدين تائين خاموش رهندي!

دستور

هن شهر ۾ ڪٽي جلاد رهن،
هن شهر ۾ ڪٽي صيّاد رهن،
هي شهر الا—
هي شهر غضب،
هي شهر عجب!

وک وک تي چمڪن ڪات تکا،
هر موڙ تي ڪيئي دام ڪڙا؛
هر رهگذر، ڪنڌا ۽ ڏنگهر،
هر چونڪ سجايل دار و رسن!

هي بستي آ حيرت جو مڪان،
هن شهر ۾ ڪو آزاد نه آ؛
هر ماڻهو جو آ ذهن، زبان، احساس غلام:
هن شهر جي ماڻهن جي چپڙن تي ڪلف لڳل،
فرياد نه ٿئي،
ڪو داد نه آ!

هي شهر الا ساڃيو ٿي نگر:
هر موڙ تي قاتل ۽ پٿر،
هر چونڪ تي وڃ جا جام پريل،
هر وک تي ڪيئي ڪرت آڏيل،
هر رهگذر ڪاتن جون قطارون اڻ ڪٽنڊڙ!

دستور سدائين پابند آ،
پنهنجي ئي عمل تي صدين کان:
باعزم جوان انسان پيا وڌن-
لعرا پيا لڳن،
مان پيو ٿو ڏسان؛
وڌندو پيو اڇي،
ڪيلندو پيو اڇي،
ٽيلندو پيو اڇي،
هن شهر ڏي ڏوکيندو پيو اڇي،
لٽون ذهن، جمالو ڳائيندو!

خواب

رات رات!
اف!
انڌيري، ٻات، اونداهيءَ جي رات:
چار سؤ خاموشي، هيبت ۽ هراس،
آسمانِ شهر ۾ سرگوشيون-
چند ۽ تارن ۾ خاموشيءَ جو راج:
مون نهاريو، جاچي، ڏسندو ئي رهيس!
آسمان جا سڀ سُٽل تارا ائين جاڳي پيا،
چند جي چانڊاڻ ۾ مانڊاڻ پيو،
۽ خموشي شهر جي تڻندي وئي-
هرڪو ساهن کي ورائي ئي آڻيو،
هر ڪنهين ڪَر موڙي ئي جاڳي ڏٺو،
منهن لٽل، ڳهرائيل، پوساڻيل،
جڙ ته اونداهيءَ غفا مان سُڻهن ڪيڏو راڪاس هو!

رات اونداهيءَ جي پردي ۾ ليڪل،
اوچتو ڪيئي هلاڪوءَ جٽن ڪوڙيا-
لرزه براندام هو سارو شهر:
گريه زاري ۾ ڏَڪيو بغداد ٿي،
ويا لٽي بغداد جي هر سونهن کي،
ٿي رُنو حسنِ ازل!
جاڳ چوڪيدار ۾ پيدا نه ٿي،
شهر لٽبو ٿي رهيو، سڙندو رهيو، سڄ ٿي وئي،
دجلا ساري خاڪ ٿي وهندي رهي!
چند رُئندو ٿي رهيو،
تارا ڏسندا ٿي رهيا-
رات رات!

مارئي

وقت سدائين ساڃيو آهي:
سڄ سدائين تاءُ ۽ ٽيڪ جو ٻج ڇڻي ٿو؛
چند جي منڊ ۾ ڦيرو ناهي؛
واءُ سرءُ ۾ ٻن ڇٽن ٽا ڪڻ ڪڻ ٽيندا؛

هير آسر جي روز کهلي ٿي:
روز اسان سان گس ٿي هر هر ڪنهن جي وڇوڙ
ياد ملي ٿي.

صدين کان آ ساگر ڪارو:
صدين کان سندءِ جو ڇوهو-
ڪائر آهن:
وقت- اڄ ۽ ڪالهه، صبحاڻي- دائر آهن!

ڪوت عمر اڄ عرش ڇهي ٿو:
(۽ هڪ آهي ٻئي ٻه هوندو)،
ساروڻن جي سيل ۽ سٽ جي سهڪ بنائي
مست عمر کي،
ماءِ جي ڇوري هر مقيد اڄ ڀي آهي؛
ها ہر،

لونءِ لونءِ لوري آزاديءِ جي،
ٻئٽ پٽيهر، ست رڇيون سڀ ٽڇ برابر!
وقت سدائين ساڳيو آهي:
مارئي اڄ ڀي هنجون هاري،
مارئن کي ٻئي ساري ساري،
روئي روئي نير وهائي،
حب وطن جي دل هر هردم دود ڏکائي،
آزاديءِ جي منزل ڪارڻ ساعت ساعت سينو ساهي؛
ڪوت عمر هر قوت ئي هوندا،
ڏاڍن هر هرڙوت ئي هوندا—
پيار ڪن هر موتي ايندو،
سچ هميشه ڪهوت ئي ٿيندو!

وايون

(۱)

سُڃنا منهنجا سيڻ،
او ڊولييا- سُڃنا منهنجا سيڻ!
جاني ڪڏهين جاڙ نه جاڻن، هردم نيڙا ٿيڻ:
او ڊولييا- سُڃنا منهنجا سيڻ!
هر هڪ ٻئيءِ جو هري ٻاڪ ڪان ڪڏهن نه ڏيندا ويڻ:
او ڊولييا- سُڃنا منهنجا سيڻ!
پيارا پيارا هوبت جهڙا، نازڪ نازڪ سيڻ:
او ڊولييا- سُڃنا منهنجا سيڻ!

(۲)

روح ڏنو ٿر رياوَ، يار-
گيت متي پيو گيت سڻايان!
سيڪندي ڪيئي سال لنگهي وياَ، محبن سان ٽيهو ميلو، يار:
گيت متي پيو گيت سڻايان!

هر هنڌ ۾، هر ديس آنديس، وڻندڙ ٽيڙو ويلو، يار:
گيت مٺي پيو گيت سڻايان!

سان راڳي ويراڳي آهيان، ساجن! آءٌ سويلو، يار:
گيت مٺي پيو گيت سڻايان!

رمز عجب 'ناشاد' سڃڻ جي، آهه اڃاڻل اربيلو، يار:
گيت مٺي پيو گيت سڻايان!

غزل

●

هڪ عشق ئي جا شعلہ نشان منهنجي غزل هر،
پنهان ٿيا رموزِ دو جهان منهنجي غزل هر!

تعمير جا پهلو ٿيا لهان منهنجي غزل هر،
تخريب جو آهي نہ لشان منهنجي غزل هر!

کولي کو ڏسي ديدهٔ ادراک يقين سان،
هر منظرِ فطرت آ جوان منهنجي غزل هر!

سنڌي کي به انداز بيان جي آ ضرورت،
موجود سو انداز بيان منهنجي غزل هر!

هر شعر آ مجموعہ احساس و صداقت،
هر لفظ آ لشتر جي زبان منهنجي غزل هر!

محدود نہ آ دائرهٔ رنگِ تغزّل،
هر شعبہ هستي آ لهان منهنجي غزل هر!

محبوب جي صورت تي نظر منهنجي سخن جي،
مظلوم جي آهن جي فغان منهنجي غزل هر!

کجهہ ساسلہ چنگ و دف و بربط و مضراب،
کجهہ تذکرهٔ تيغ و سنان منهنجي غزل هر!

آهي نہ مناسب، چوان 'ناشاد' تہ اي يار،
جذبات جا دريا ٿيا روان منهنجي غزل هر!

●

دل تي پٿر ٿو هڻان ساڻ، دوستو!
ڪرچ آئينو سان آهيان، دوستو!

زلف جا زنجير ٽوڙي ٿو چڏيان،
ٻيو ٻُڪاري مون کي زندان، دوستو!

جي ڏسو هڪوار، حيران ٿي وڃو،
روهي تاهان، حسنِ خوبان، دوستو!

ٻي ڪنهين سان ناهه پنهنجي دوستي،
پنهنجو سَر ۽ ڪُوئي جانان، دوستو!

ياد ڇو 'ناشاد' کي محفل نه ڪيو،
هي اوهان جو آهه احسان، دوستو!

●

فضا ٿي لامڪان' تائين معطّر،
ڪنهين جي در جي خاڪِ عنبرين سان!

ماڻِ جنهن کي ٿي ساقيءَ جي لبن سان،
تنهين جو ڇاهي شير و انگبين سان؟

سلامت منهنجو فردوسِ تصوّر،
جو رنگين آه حسنِ همنشين سان!

کهٽي آهي دوامِ بيخودي لٽ،
ملي وئي جا نگاهِ اوّلين سان!

ڪير سجدا جو آن جي آستان' تي،
گهَر آيا سُڙه جي آستين سان!

ٿيا ڪون و مڪان رقصان ۽ ٻيجان،
محبّت جي شرابِ آتشين سان!

کهرّي 'ناشاد' ٿي دل، عمر ساري،
رهان ديوانءِ صحرا نشين سان!

شاعرن جو فرض


پروفيسر ڊاڪٽر گيرڊ ليُوپڪي — اولهه جرمني
(Prof: Dr: H. C. Gerd Lupke- West Germany)

خدا جو حُڪم آهي شاعرن کي:
ته خلقت جي دلين تان ٻار لاهيو؛
ميٽائي درد ۽ دُک آدميءَ جا،
خدا جي حُسن جو جلوو ٻڌايو؛
گناهن جي ۽ ملندي کيءَ معافي،
رکو تختِ محبّت وٺ رَسايو!

ٻُڌا ٿيندي انهن ئي شاعرن جي،
ته کنهن جي سر آهي فرض ادائي؛
ٻُڌاهو، عشق جي گرمي سان کهڙن،
ٿڏي دنيا، محبّت سان رجائي؛
۽ کهڙن شاعرن جي فکر و فن سان،
وَڌي انسان ۾ آهي چڱائي؟

بهرصورت، هي لازم شاعرن تي،
مقامِ روح ماڻهن کي ٻڌائن؛
رهن جنهن جاءِ تي روحاني رهبر،
آڏي جي راه ماڻهن کي ٻڌائن؛
جئين ماڻهو ڪٽيي تي ٿي پشيمان،
مَرم کان ڪنڌ ٻنهنجو سي جهڪائن!

جڏهن ٻنهنجي ٻُري سوچيندا حالت،
تڏهن هلندا سيڌي راهِ آلفت!
[منظوم ترجمو]





غلام محمّد "گرامي"

گرامي صاحب، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ پنهنجي علمي ۽ ادبي خدمت ۽ فڪر و نظر جي تنوع جي حيثيت سان خاص مقام حاصل ڪيو آهي. پير علي محمد راشدي جي لفظن ۾:

"جنهن ٻوليءَ ۾ هن قسم جو قلم آهي، اها ٻولي نه مرندي!"

سون کوشش ڪئي ته سندس حالات ۽ علمي-ادبي تحريرن، مقالن ۽ تقريرن، گذارشن ۽ تبصرن، ڪتابن ۽ مقدمن ۽ تقريظن تي ڪو سير حاصل مقالو لکان؛ سندس اسلوب بيان ۽ طرز تحرير تي ڦني نموني ۾ بحث لکان؛ پر افسوس جو ائين ڪري نه سگهيس. ان متعلق جواب ڏنائين:

"زندگيءَ ۾ ڪنهن زنده لاءِ لکڻ درست ناهي: زندگيءَ ۾ اهي ٻاهو ٻيش ڪيا وڃن ٿا، جي ظاهر ڪرڻ نه گهرجن؛ ڪهڙو ڪري اڃائي تعريف ۽ خوشامد ڪي آهي، ۽ مُئي ڪان ٻوءِ اهي ٻاهو ٻيش ڪجن ٿا، جي زندگيءَ ۾ ٻيش ڪرڻ جهڙا ٿين ٿا."

سندس تحريرن جو دفتر ايڏو ته منتشر آهي جو ڪير سهيڙي ۽ ڪير پڙهي؟ فڪر و نظر جي حيثيت سان فڪر انگيز ۽ انقلابي نظريات جو حامل، ۽ جديد ڪان جديد ترين خيالات جو عالم ۽ مبلغ. علم ۽ فن جي هر موضوع سان واسطو، ۽ دينيات، تصوف، فلسفي، سياست، تنقيد، ادب، تاريخ ۽ شاعريءَ ڪان ويندي راڳ تائين سندس ناقدانه نگاه. خيالات ۽ نظريات جو تنوع ۽ همه گيري ان حد تائين، جو:

زاهدِ تنگ نظر نے مجھے کافر جانا،
اور کافر یہ سمجھتا ہے مسلمان ہوں میں!

جو مصداق. سندس انقلاب آفرين تحريرن سان اختلاف كندي نہ فقط كتابن جا كتاب لكيا ويا آهن، پر مضمونن جا سلسلا هلايا ويا آهن، ۽ سوين قسطون لكيون ويون آهن. ان كان سواء كيس 'فتوائن' سان به نوازيو ويو آهي ــ پر پاڻ پنهنجي نصب العين ۽ فكر و نظر تان تيز جيترو به نہ هٽيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ "مقصد، تحقيق ۽ تصديق جي اهڙي مقام تي پهچڻ گهرجي، جتي هماليہ هٽي سگهي تہ پلي هٽي، باقي پنهنجي عقيدي ۾ كوبہ فرق نہ اچڻ گهرجي."

سنڌي ادب ۾ سندس اسلوب تحرير ۽ انداز بيان، پنهنجي حسن ۽ زيبائش جي سبب انفرادي مقام پيدا كيو آهي. انداز بيان جي ندرت ۽ انفراديت ايتري تہ نمايان آهي، جو سندس تحرير تي پلي سندس ناالو نہ هجي، ان هوندي بہ هركو پڙهندڙ سمجهي وڃي ٿو تہ هيءَ تحرير كنهن جي آهي.

سندس طرز نگارش ۾ صوري ۽ معنوي حسن ۽ لطافت آهي. ائين چوڻ ۾ كوبہ مبالغو نہ آهي تہ سندس طرز نگارش شاعراند آهي. گرامي صاحب نثر ۾ شاعري كري ٿو. سندس تحريرن ۾ خوبصورت ۽ حسين تشبيهون، حسين ۽ دلنشين استعارا، لطيف ۽ معنيٰ خيز كنايا، بي ساخته ۽ پخته تركيبون، برجسته ۽ روح پرور جملا ملن ٿا، جي هوند شاعريءَ لاءِ استعمال كري سگهجن. سندس تحرير ۾ توازن ۽ تسلسل رهي ٿو، جنهن ۾ نظم جي رواني ۽ غزل جي ترنم ريزي محسوس ٿئي ٿي. گرامي صاحب 'مهراڻ' لاءِ جي گذارشون لكيون آهن، اهي 'ادب عاليہ' جو اعليٰ مثال آهن. علم ۽ فن جي گهٽو كري هر مسئلي تي بحث كيو اٿس. انداز بيان ۽ اسلوب تحرير اهڙو حسين ۽ دلنشين، ولولہ انگيز ۽ جاذب نگاه ٿئي ٿو، جو انساني ۽ دراميٰ ناول ۽ كهاڻيءَ كان بہ وڌيڪ دلكش ۽ روح آفرين ٿو محسوس ٿئي. سندس تحرير ۾ فكر انگيز خيال بہ آهي، صوري تناسب بہ آهي، منطقي توازن بہ آهي، دليل جي پختگي بہ آهي، نتيجي جي صحت بہ آهي، ۽ بيناهہ رواني ۽ برجستگي بہ آهي. سندس تحرير جي خصوصيت، جا پڙهندڙ كي متوجه ٿي كري، سا استعارات ۽ تشبيهات، اشارات ۽ كنايات، تلميحات ۽ تمثيلات جي كثرت ۽ فراواني ۽ ان جي ظاهري حسن سان گڏ معنوي حسن بہ آهي؛ جنهن ۾ دلبري ۽ دلاويزي، دلكشي ۽ دلفريبي موجود آهي. سندس نظريات ۽ خيالات سان اختلاف ركندڙ بہ سندس حسن بيان كان متاثر ٿيڻ كان سواهہ رهي نٿو سگهي.

ٻيو تہ سندس تحرير جذبات انگيز لفاظيءَ توڙي لفظن جي طلسم انگيزيءَ تي مشتمل نہ نظر ايندي. پڙهندڙ هك معنوي روح محسوس كندو، جو لفظن جي حسن ۽ تناسب جي لباس ۾ نظر ايندو. اسان وٽ اردوءَ ۾ مولانا 'آزاد' جو نثر ان معيار جو موجود آهي، جنهن اڳيان شاعري بہ هيچ آهي. بقول حسرت موهاني:

جب سے ديكهي ابوالكلام كي نثر،
نظم حسرت مين كچهہ مزہ نہ رها.

خيالات جي تنوع ۽ رنگينيءَ ۾ مقصد ڏانهن جا دعوت آهي، اها سندس وسيع مطالعه ۽ تجربي جي پيداوار آهي. ڇاڪاڻ ته سندس نظر ۾ زندگي ظاهري ۽ آهي ۽ معنوي ۽ آهي، مذهبي ۽ آهي ۽ روحاني ۽ آهي. ذڪر ۽ فڪر سان گڏ سوز ۽ ساز سندس خيال انگيز دنيا کي رنگين ۽ بنايو آهي ۽ حسين ۽. سندس خيالات ۾ روميءَ جو سوز و ساز ۽ آهي ۽ رازيءَ جو پيچ و تاب ۽ آهي؛ لطيف جي وجد انگيزي ۽ آهي ۽ سچل جي سرمستي ۽ آهي بهرحال، سندس شاعري نظم ۽ غزل کان وڌيڪ 'فڪر ۽ خيال' جي آهي ــ اها نثر ۾ موجود آهي. سندس عبارت ۾ نظم جو تسلسل ۽ بندش ۽ غزل جو ترنم آهي. جملي کان ٻوءِ ايند جملو اڻين معلوم ٿيندو، جيئن آبشار جو صاف ۽ شفاف پاڻي ٻنهنجي خوش رفتاريءَ سان روان ۽ دوان هجي. اها آهي سندس "شاعري"! باقي رهي سوانح حيات، اها مختصر هن ريت آهي:

نالو: غلام محمد 'گرامي' بلوچ، والد جو نالو جاڙوخان بلوچ. ولادت: ميهڙ ۾ ۳۰- ڊسمبر ۱۹۲۰ع. تعليم: ڪنهن به اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم نه ورتل. جو ڪجهه به ونس آهي اهو ذاتي مطالعه، تجسّس، تلاش، مشاهدي ۽ تجربي ۽ صحبت سان پيدا ٿيل آهي.

سندس وڏن مان خاندان جو پريو مڙس، برادي خان اول، شورڻ-چوٽي، ديري غازي خان مان آيو ۽ ۱۸۴۰ع ڌاري ميرن جي ڏنل جاگير ڏکڻ بالا (ضلعي دادو) ۾ رهيو ۽ اتي جي لغارين سان مٽي مائٽي ڪيائين. ممڪن آهي ته اها جاگير مائڪائي ميرن وٽان مليل هجي، جي به ڏکڻ بالا ۾ رهندا هنا ۽ ٻوءِ ميرپورخاص ڏي آيا. خانه جنگيءَ ڪري اهو سارو خاندان منتشر ٿي ويو، ۽ لاڙڪاڻي، ميهڙ ۽ ڪنبر تائين وڃي نڪتا. اڄ انهن زمينن تي سندس ڪي عزيز ۽ تر جا مشهور زميندار قابض آهن.

سندس وڏن جو ڪٽنب هن طرح آهي: جاڙوخان بن ماهي خان بن شهداد خان بن مراد خان بن برادي خان اول.

ماهي خان کي هي اولاد ٿيو: لونگ خان ۽ جاڙوخان ۽ ٻي نياڻيون. وڏي نياڻي ٻنهنجي خاندان ۾ پريل خان لغاريءَ کي ڏني وئي؛ ٻي نياڻي ٻٽ سيراين (ميهڙ) ۾ بخاري سادات ۾ ڏنل هئي؛ ۽ ٽين نياڻي به ساڻئي شهر ۾ قريشي خاندان ۾ ڏنل هئي. ٽنهي جو اولاد موجود آهي.

هن خاندان جا باقي سانده عزيز هن وقت جوهي، ڏکڻ بالا، ٻٽ گل محمد، هيروخان جمالي، ميهڙ، ڪنبر ۽ لاڙڪاڻي ۾ رهن ٿا. ڏکڻ بالا مان آيل هڪ شاخ جهڏي (ٿرپارڪر) جي پرسان آباد آهي، سي اثناعشري شيعا آهن ۽ ٻنهنجا گوٺ اٿن.

شادي: سندس شادي ۱۹۳۶ع ۾ سندس استاد بزرگن استادالعلماء حضرت مولانا عبدالڪريم ديروي رحه ۽ جناب سيد حاجي علي اڪبرشاه صاحب، ۽ رئيس ڪالي خان لغاري، رئيس غلام علي لغاري، حاجي عبدالمجيد جتوئي ايم. ايل. اي. مرحوم ۽ رئيس ضياءُالدين ايس. 'بابل' مرحوم جي ڪوششن سان ٻٽن سيراين جي قريشين مان سندس ڀڻات سان ٿي.

نڪاح خود شاه صاحب پڑهايو ۽ ميڙ شهر جي سڀني عالمن ۽ ديندارن، دوستن ۽ عزيزن شرڪت ڪئي.

اولاد: امان الله قريشي اڳ ڄائو فرزند، جنهن جي والد علي محمد مرحوم جي وفات تي چار سال عمر هئي، ان جي پرورش ڪيائين. ڪاليج ۾ پڙهي ٿو ۽ روزانه "هلال پاڪستان" ۾ ڪم ڪري ٿو. ٻيو پٽ محمد شبير انس ۽ ٻه نياڻيون رضيه ۽ ممتاز انس. محمد شبير ۽ رضيه ڪاليج ۾ پڙهن ٿا. ممتاز ستين ڪلاس ۾ آهي.

ناناڻا: سندس نانڻا پڻ پاڻ خاندان مان آهن. ان خاندان مان مشهور درويش رحيم فقير پلي ۽ پوتي (ماڙي تعلقو ميڙ) جي نياڻي (وفات ۱۹۶۷ع) مان گرامي صاحب ڄدا ٿيو. ڪيس ٻيا ڀائر ۽ ڀينر هنريت آهن: علي محمد ۽ غلام رسول زنده آهن. غلام حسين، مائي بصران ۽ مائي عائشه وفات ڪري چڪا آهن.

حيدرآباد ۾ اچڻ: گرامي صاحب حيدرآباد ۾ ۱۹۴۳ع ۾ جامع عربيه تحريڪ ۾ آيو. ان کان پوءِ هت هميشه لاءِ رهيو. ۱۹۵۱ع کان ۱۹۵۴ع تائين ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ فارسي جو استاد رهيو.

صحافت: ۱۹۴۳ع کان قلمي ۽ صحافي زندگي جو آغاز 'هلال پاڪستان' جي افتتاح سان ڪيائين، ۽ 'عبرت' جي ٻئي دور ۾ ڪالم نويس رهيو. ان سلسلي ۾ رسالا 'آفتاب' ڪراچي، 'عرفان لطيف' حيدرآباد، 'پاسبان' هالا، 'الزمان' هالا ۽ 'ترجمان' ميرپورخاص جو ايڊيٽر رهيو. ۱۹۵۵ع ۾ "سندي ادبي بورڊ" ۾ آيو ۽ رسالي 'مهراڻ' جو مئنيجنگ ايڊيٽر ٿيو. ۵۶-۱۹۵۷ع ۾ 'شاعر' حيدرآباد جو ايڊيٽر ٿيو. ۱۹۵۸ع کان اڄ تائين 'مهراڻ' رسالي جو ايڊيٽر آهي. ان طرح سڄي عمر ادب ۽ صحافت سان واسطو رهيو. سندس تعلقات جو سلسلو وسيع آهي. مخدوم محمد زمان صاحب 'طالب المولا' سان محبت ۽ عقيدت وارو تعلق انس. ان طرح اسان سان ۽ تاجپور جي نوابن، خاص طرح نواب نور احمد خان لغاري ۽ ٻين سان عزيزن واڪر تعلقات انس.

ـ راج محمد پلي.

[نوٽ: عزيزم راج محمد پلي پنهنجي ذاتي نوازش سان جو ڪجهه لکيو آهي، اها ان جي مهرباني ـــ ورنه ذره ناچيز جي حيثيت ڇا؟ سندي ادب جي نمائنده شاعرن جي ڪلام کي مطالعه ڪندي شاعريءَ کان ڏور ٿي ويو آهي. هونءَ به پنهنجي شاعري بيرلنگ ۽ بيروح آهي، ان ۾ نه رلڪيني آهي ۽ نه حسن بياني. ڪڏهن ڪڏهن مجبوراً ڪجهه لکيو انس. زياده توجه نثر ڏانهن آهي. حال آهر خدمت ڪئي انس. ڪجهه گذريو آهي، باقي به گذر آهي. رهي نام الله ڪا! شعراءِ سند جي فن تي جو تجزيو ڪيو ويو آهي، ان تي اڪتفا ڪئي وئي آهي: حال حبيبان پيش پيربان!

ـ غلام محمد 'گرامي']

نظم

نغمهٔ حیات

آئینهء مثالِ تعیّن ازل جي ذات،
ٿي ماورائي عقل و خرد، عين ممڪنات.

بي رنگ و بو، جهانِ خودي، عين ممڪنات،
ٿيو عڪسِ ذاتِ حق ۾ نهان حسن ڪائنات.

آهي دمِ خيالِ معاني تخيّلات،
آئينهء مثالِ تجرّد ڪمالِ ذات.

عالَم تمام آه تشابه به اشتراڪ،
مڪلوم آه جو، سو، فقط ٿيو تصوّرات.

هو ماورائے وهم و گمان ۽ بلا صفات،
مظهر ۾ ان جو جلوو ٿيو حسنِ ششِ جهات.

آهي حيات بخش هتي لمحهء حيات،
آهي زمان، مڪان، ڪان متي منبعِ ثبات.

آهي غم و الم ۾ نهان حسنِ ڪائنات،
آهي غمِ حيات ۾ مضمر دمِ حيات.

آهي تنفّس تنفّس ۾ نهان حسنِ ڪائنات،
آهي نظر نظر ۾ عيان، روحِ ڪائنات.

چيڙي ٿو سازِ جذب ڪي مضراب دلفگار،
آواز آه روحِ ترنّم، دمِ حيات.

اي عشق! تنهنجي حسنِ تجاذب ڪي ڇا چوان،
ڪنهن ڪي نه ٿيو سڪون، نه ڪنهين ڪي ملیو ثبات.

واعظ نه ڇيڙ قصّهء خوبان، خموش رهه،
رهندو ڪڏهن نه رند هَٿ منّت ڪشِ نجات.

وارفتگيءِ شوقِ ملاقات ڪي نه پُڇ،
تارن سان همڪلام ڏسم چشمِ واردات.

ڪو وقت هو، جنون ۽ خرد ڪان رهيس بلند،
هو ماورائے عهدِ سندءِ عهدِ التفات.

ٻيدا جڏهن ٿيو حسنِ نظر ۾ جمالِ يار،
بي التفات کي به ڏسڻ عين التفات.

آهي نظر نظر ۾ نهان حسن صد حيات،
زنده ٿيان، ڪرم سان ڪرين جي توجهات.

آهي ’گرامي‘ شعر و سخن ۾ خموش رهڻ،
سڀ آهڪن جي جذبِ نگاهي جي واردات.

آزاد نظم

زمان ۽ مڪان

آءٌ ڇا؟ هستيِ بيڪران!
عالمِ رنگ و بو جي مڪان ۾ سَڪين ۽ مقيد ٻيو تڙپان ٻَران،
آبروئي جهان، منهنجو هر آشيان،
ٻيچ درپيچ ٿيو آهي منهنجو وجود:
ازل منهنجي هڪڙي تَامّل جي حَد-
ابَد منهنجي هڪ دم سند و فاصلو،
عدم منهنجي عنقائي فڪر و نظر جو ڪو مبهم جهان،
هي طلسمِ مڪان، هي طلسمِ جهان، هي طلسمِ زمان،
منهنجي هڪ هڪ نظر ۾ مسخّر، مطيع و روان ۽ دوان،
منهنجو هر فڪر جڏ رفعتن جو جهان،
منهنجي هر فڪر ۾ زندگيءَ جو جهان،
منهنجي هر فڪر جو آه پرواز جڏ عرش بوس،
عرش ڇا؟ واهه بيڪران، رنگ و بو ڪنهن جي محدود حد نظر جو نشان،
منهنجي هر فڪر کي ٿو چمي همنشين، عالمِ بيڪران،
حدِ بالا تان لهندي ۽ جهڪندي ٿو سجدا ڪري،
منهنجو فڪرِ عميق و دقيق و حقيقت رسا،
جنهن ۾ صبح و مسا عقل جا قافلا، عام جا مسئلا، وهم ۽ انسا:
جت نہ ارض و سما!
منهنجي فڪرِ جهان ۾ ڪروڙين تا آيرن لَهن سيجَ، چند:
جت نہ آهي زمان، جت نہ آهي مڪان:

وقت منهنجي قدم سان هلي؟ ڇي سگهي تو ائين؟
وقت، موهوم جڏ تيرورن جو نزول،
وقت، جڏ وهم و تخمين و ظن ۽ گمان،
منهنجي هر فڪر ۾ رفعتن جو نشان، بي نشان،
جت ڪروڙين ستارا، سيارا، ثوابت، گره ٻيا گهمن
۽ ٻيا توڙي تڪن۔
اهي قافلا، گردِ راه،
منهنجي هڪ سير جون منزلون ۽ نشان،
هي خلا بيڪران، وسعتن جو جهان:
منهنجي وسعت جي آغوش ۾ ٿيو ليڪل ذرهِ بي نشان،
جنهن ۾ پڻ رنگ و بو جو ڪو موهوم، مفقود، معدوم ديس،
منهنجي فڪرِ رسا جي نه ڪا حدّ، منزل نه ڪوئي نشان،
تُنهنجو سارو مڪان، تنهنجو سارو زمان،
منهنجي خلوت ۾ موجود ۽ ٻيچ در ٻيچ رقصان، روان،
منهنجي هر فڪر ۾ ڪائناتون نهان،
منهنجي تخليق ۾۔
تُنهنجي فصلِ بهاران جون گلريز ۽ عطر افشان گهڙيون:
تنهنجي چنڊن جون شفّاف ڌارائون ۽ ڪير جهڙيون آڇيون،
تنهنجي ٽارن جا هي ٻهڪندڙ چمڪندڙ چهرا ۽ صورتون،
تنهنجي سيجّن جو هي دلڪش و روح پرور طلوع،
تنهنجي تخليق جو رنگ در رنگ جاذب جهان،
حسين و جميل۔
منهنجي بس ڪُنجِ خلوت جو موهوم نقش،
جهان بيڪران، وسعتن جو جهان، هي مڪان، هي زمان،
سڀ فريبِ نظر۔
هي انسانهٔ روز و شب سڀ فريبِ نظر؛
هي طلوع و غروب ۽ هي رنگين شفق سڀ فريبِ نظر؛
ڪهڪشان جو نظارو، هي جاذب نظر سڀ فريبِ نظر؛
هي رنگين سحر ۽ هي رنگين اُفق سڀ فريبِ نظر؛
تنهنجي ضعفِ رسا جو هي موهوم نقش،

تنهنجي هر عهدِ گذشته ۾ نهان٘ ٿي تاريخ،
اها تاريخ، عيان جنهن کان ايامِ رفته،
کيئي لمحات ۽ کيئي حالات،
کيئي پر عظمت و پر شوکت و رنگين لمحات،
کيئي طوفان حوادث:
کيئي نظرت سندا پر هول حوالا آهن،
تنهنجو هر عهدِ بهاران٘ رهيو طوفان٘ ۾ ڪنڌ،
تنهنجي هر لمحه رنگين تي خزان٘ جو ڇاپو،
تنهنجي هر عهدِ گذشته تي غلاميءَ جي مُهر،
تنهنجي پُر نورجبين تي هو غلاميءَ جو داغ،
کيئي دلدوز ۽ غمناڪ حوالا آهن:
جي سندءِ ياد کي آلوده و نمناڪ ٿا ڪن!
اي وطن، واديءِ سهراڻ وطن، سنڌ وطن:
اي وطن سنڌ، سندءِ خاڪ ۾ تاريخ ٿي نقش:
علم ۽ فڪر جون پر ڪيف ڪئي شمعون سڙيل،
جن جي خاڪسترِ رنگين ادا کي ڪو سينگهي،
جنهن جي هر ذرهٔ بي قدر ۾ قدرون موجود،
علم جون، فڪر جون، تهذيب و تمدن جون ڪئين: مهرون-قدرون، ڪئين تعويذ، ڪئين نقش نقوش،
ڪاش! تنهنجي ڪا هجي ڪامل و اڪمل تصوير،
جامع و روشن تصوير،
اها تصوير جا آئينه نما ماضي بدست:
اها تصوير جنهن جي خال ۽ خط ۾ ڪا هجي،
دورِ ماضي سندي حالات جي ثابت تقدير،
تنهنجي آئينءِ تهذيب سندي هڪڙي جهلڪ:
تنهنجي اطراف ۽ اڪناف جي رخ جو ڇاسو،
ٿا چون هڪڙو دڙو،
يعني تهذيب و تمدّن جو نشانِ رفته،
يعني انسان گذشته سندي پر ڪيف حيات،
ڪئي گاريز و عطر بيز گل نشان٘ راتيون،
ڪئي پر ڪيف حسين زهد شڪن ۽ رنگين،

ڪئي باذوق، مترنم ۽ تبسم افشان،
ڪئي دلدوز گهڙيون:
ڪيئي پياريون ۽ سحرزا گهڙيون،
تنهنجي آغشته و آلوده پري رخ جو قسم:
تنهنجي هڪ ياد بهار آفرين، جڏ جام بہ دست،
دمِ اعجاز سان وابسته سندءِ علم و هنر،
تنهنجي دم ساڻ وئي جيهل جي ظلمات هنجي،
روشني وڏندي رهي عارضِ سيمين جو قسم،
نغمه و نور سان تابنده سندءِ حسن و جمال:
تنهنجي تقدير کي احساس جمالِ فردا،
ڏيندا هي اهلِ خبرَ اهلِ فنون!
تنهنجي آغشته و سيمين نظري ماضيءِ کي،
ياد تا ڪن هتي اربابِ جنون، اهلِ ڪمال،
تنهنجي هر نقشِ ڪفِ پا جي نظاري جا ڏڻي،
تنهنجي پُر نور رهِ علم و هدىٰ جا شائق،
صف بصف شانہ بشانہ اچي وينا آهن:
ڪيئي اربابِ نظر ۽ ڪيئي اربابِ بصر،
ٽوڙي ٿيندا هي سندءِ جيهل جا زنجير گران،
جن جي دل شعلهءِ آهنگ روش جي مسکن،
۽ نگاهن ۾ عيان تن جي مروّت جا چراغ:
جڏ ته نڪتو آ خلائن ۾ ستارن جو هجوم،
راهِ ظلمات کي تابنده ۽ زنده رکندا،
تنهنجا اربابِ جنون ۽ سندءِ اربابِ فنون،
ٿيٽ دوباره سندءِ علم جا ٻرندا کي چراغ:
جيڪي عالم کي آجاريندا، ڪندا روشن تر،
ساري عالم کي وندينداِ سندءِ ارمان جو داغ،
ساري عالم کي سنجيندا، سندءِ رخسار جو رنگ،
ساري عالم تي وسائيندا مئي حسنِ حيات،
تنهنجي لغمن جو گداز:
تنهنجي صهبائي بهار!
تنهنجي پُر ڪيف نگاهه!

هيءَ نظم، سائين ميران محمد شاه جي وفات کان ٻ-چار ڏينهن اڳ لکيو ويو هو. هڪ ڏينهن قاضي عبدالمجيد 'عابد' صاحب مون کي ڀاڻ سان جامشوري وٽي ويو ۽ آٽي سائين ميران محمد شاه سان اسپتال ۾ ملاقات ٿي. سائين ميران محمد شاه اٽي ٻ ڏينهنجي زندگيءَ جا عجيب تجربا ۽ مشاهدا، سير و سفر جا واقعا ۽ قصا ٻڌائيندو رهيو. ان کان پوءِ چيائين تہ "آءٌ چراغِ سحري آهيان—موت کان پوءِ تہ ضرور کجهہ لکندؤ، پر مان چاهيان ٿو تہ هاڻي کجهہ لکو!" سندس رڳو آميز حالت کان متاثر ٿي ان وقت هيءَ نظم لکيو ويو، جنهن ۾ مون ڏينهنجا ذاتي تاثرات پيش کيا آهن. افسوس جو اها اسان جي آخري ملاقات ۽ رهاڻ ثابت ٿي. —گرامي.

تنهنجي هن حالتِ ناگفتہ تي اي مرد عظيم:
تنهنجي هن ضعف ۽ پيريءَ جي پڇاڻيءَ جي قسم،
مون کي اکثر هي خيال آيو آ، اي ميران شاهہ!
زندگي ساري سياست ۾ گذر ٿي ويئي،
زندگي ساري رهي بي‌صدءِ تاب و توان!
مضمحل روح تي حالات جي ڪنڊن جو ڪفن،
تنِ لاغر ٻ خزان ديده بنيو، شاخِ ڪُهن،
ڪيئي ارمانَ، سي افسرده غلافن وانگر،
ڪيئي انسانا، سي ويران نظارن وانگر:
آهہ! غم ديده و افسرده شهامت جا ڪنول،
عمر جي زد ۾ رهيا سارا سياست جا ڪنول،
محفلن ۾ نہ رهيا هاڻ متانت جا ڪنول،
ڪي رهيا ڪين، طرب پاش، ظرافت جا ڪنول؛
گوش محرومِ صدا، جن تہ سماعت نہ رهي،
فڪر ۾ نغمگي، جذبات ۾ شدّت نہ رهي.
دشتِ احساس ۾ آهوئي معاني جي آڇل،
حسرتون، داغ، تمنائون، مروتيل ڪل ڦل،
ولولا سرد، طلب ڪنگ، ارادا خاموش،

نفسِ عمرِ روان، يعني چراغِ انسوس،
مون کي اکثر هي خيال آيو آ، اي مردِ ضعيف،
تنهنجي هن حالتِ ناگفته تي اي ميران شاهه!
دانش و عام و فضيلت سندي مخزن آهين،
دانش و عام و فضيلت جو مليئي چا انعام؟
خونِ دل صَرف ڪيئي، خاکِ وطن جي خاطر،
تو وڃارت ۽ سفارت جو لڏو ڪهڙو صلو؟
هر گهڙي آبدء ٻاڻيء ۾ گذاري ڇڏيئي،
زندگي جڙ ته ٿي صحرائي، گذاري ڇڏيئي.
ڪٿي ٽڪڙ، ڪٿي لندن، ڪٿي لزبن جو سفر،
ڪٿي شملو، ڪٿي بمبئي ۽ دلي، جالندر،
ڪٿي يورپ جا نظارا ۽ هرستانِ حيات،
ڪٿي ٽڪڙ جي زمين شور ۽ سنگين ذرات،
زندگي ساري ته جذبات جي تشڪيل ۾ وئي،
زندگي ساري ته حالات جي تعمير ۾ وئي.
حيف! هڪ ڏينهن، ٿئي ويندو نظامِ هستي:
اڄ سندء ساز ۾ نغمات نه سو سوز نه لئي،
اڄ سندء ڳالهه ۾ آهي نه نزاڪت نه خيال؛
هان مگر تنهنجي نگاهن ۾ آ لرزان ٻيچان،
ڪلهه جي تصوير جا آئينه امروز ۾ آهه،
سو تصوّر سندو رنگين جهان ويندو رهيو،
حيف! هڪ ڏينهن، ٿئي ويندو نظامِ هستي!
ليڪ هڪ ڏينهن تي هن وڏ ڪان وڇڙي ويندين،
نيٺ هڪ ڏينهن نگاهن کان ۽ نڪڙي ويندين،
تنهنجي تصوير، تصوّر ۾ ئي رهجي ويندي،
تنهنجو هي جسم ۽ هي حسن نظر ٿيندو ميٽي!
تنهنجو زربار قلم نوڪ ڪنان ٿي ويندو،
تنهنجو دفتر تنهنجا ڪاغذ، ائين رئندا رهندا.
سرخيون ايندڙون سندء نانء جون اخبارن ۾:
ماهنامن ۾ مقالات ۽ فوٽو ايندا،

تنهنجي ورسيءَ تي ڪيئي اهلِ نظر لڌ ٽيندا،
ڪاوشِ فڪر و سياست تي سڄي سنڌ اندر،
داد و تحسين سان الفاظ ڪي ڏهرائيندا،
چند لمحن لئه سنڌءَ نانءَ جو چرچو ٽيندو؛
ٻو سيڪهو توکي وساري سي ڇڏيندا سڀئي،
ڪاش! ڪو تنهنجي محبّت جو صلو زنده ٿئي،
تنهنجي خدمات سندو ڪو ته نشان قائم ٿئي.

علمِ ۽ فنّ سندي هر صنف جي خدمت تو ڪئي:
تو 'پٽائيءَ' جي ڏنو فڪر ۽ فرمان ڪي فروغ،
تو ثقافت جي اشاعت جو ڪيو ڪم ڪيڏو،
"جامع سنڌ" جو ٻايو تو وڏو ٻڻ ٻڌتو،
"ادبي بورڊ" جي تشڪيل ۾ تنهنجو حصّو،
راڳ ۽ رلڳ جي محفل جو ٿئين روحِ روان،
"سنڌي مسلم سندي سوسائٽي" تنهنجي دم سان،
تو ئي "مهران" رسالي جو وڏو هو ٻايو،
تنهنجي خدمات کان سرسبز ثقافت ٿي آهه،
تنهنجي احسان جو مرهون آهي علم و ادب-
پر هتي تلخ حقيقت ٻ چوڻ ڏي پيارا،
هي حڪايت ۽ شڪايت ٻ ڪرڻ ڏي پيارا،
ويا لنگهي ورهيه محبّت جو صلو ڪونه ٿهيو،
تنهنجي خدمات سندو ڪوبه نشان ڪونه ٿيو.

قوم هيءَ سنڌ سنڌي قوم، سدا مُرده ٻ دست!
قوم! مُردن جي ستائش ۾ سدا رطب‌اللسان:
قوم! جيرن جي رهي آهه سدا دشمنِ جان!
قوم! مُرده ڪي چوي ٿي ته -عليه الرّحمة!
قوم! زنده ڪي سڀاري ته -عليه اللعنة!
قوم اڄ مرده پرستن جو بني آهه هجوم،
تنهنجي خدمات جو صلو، ڪٿي ملندو توکي!
ورسيون ٿيندينون، ڪٿين ايندا، مقالا لکبا،
هر سنڌءَ ياد جي لئه ڪابه دوامي خدمت،

سنڌ وارن کان ڏينڊي ڏ اڳي ڏي آهي:
تنهنجي هن حالتِ نا گفتہ تي اي ميران شاه!
مون کي اکثر هي خيال آيو آهي،
مون تي اکثر هي ملال آيو آهي:
"زندگي ساري رهيي بي صلاءِ تاب و توان!"

غزل

●

آه ڪٿ اهلِ نظر، ذوقِ نظر، حسنِ نظر،
جو ڪري شعبدهِ حسنِ گريزان تي نظر.

آهي ڪعبي ۽ ڪليسا ڏي يڪي راه گذر،
تو هر اي اهلِ نظر، خام ٿيو اندازِ نظر.

تنهنجي هر نيم نظر ٿي ڪري دل روشن تر،
ڪٿي محروم نظر، هي ڏسي اندازِ نظر.

ڪڏ قدم سوچي ۽ سمجهي، اي خداوندِ خيال،
اينڊو هر نڪتهِ موهوم ٻڌ اندازِ نظر.

حيف! آدم ٿي ويو حلقهِ پندار هر گم،
آهي هر نيڪ بڌ، ۽ ٿيو بهڌ، بينظر.

ڪير پيو توکان سوا، ٿو لکي، اڄ شعر و ڪلام،
جنهن هر ٿيو سوزِ جگر، سوزِ نظر، سازِ نظر.

●

نگاه جن جي معنبر ۽ مشڪ جن جي نظر،
انهن جي حسنِ تڪلم ڏني جهان تي خبر.

خمير خاڪ فنا آشنا جو ڇا انداز،
نظر سان آهي ٻڌي ڪيمياي خاڪ اثر.

سڀائي آهي قلندر، نوائے جان افروز،
ته رات ويئي، افق تي ٿو چمڪي نورِ سحر.

عجيب آهي ٿيو نظم، بزم آرائي،
جو سرنگون ڪا رهن صاحبانِ فکر و هنر.

هنر کان کورا سراسر، سڏايوسون اهلِ هنر.
جي بيخبر ٿا رهن، سي ميارسون اهلِ خبر.
اسان جي عقل و نظر جا عجب ٿيا معيار،
جو رهزني ۾ مثال آهي، سوئي ٿيو رهبر.
قري ٿو پنهنجي مرادن تي مرڪز و محور،
پيو پيو! جو اڄا رات آهي: خونِ بشر.

●

راهزن راهبر، راه پيچيده تر، هر قدم پُر خطر،
زندگي مختصر، ڇڻ سفر در سفر، گامزن تيز تر.

ساقيِ ماهوش، ڪڻ ڪا لوري نظر، کو آڻي جام ڀرِ،
عالمِ رنگ و بو، چارسو، ڪُوبڪُو، ٿيو فريبِ نظر.

ساقيِ باهنر، تنهنجي ميخانه در، آيا اهلِ خبر،
آڻ کو ساغر نه ڀر، جنهن ۾ ٿيو موجزن منهنجو خونِ جگر.

بيخبر ساربان، لٽجي ويو کاروان، پٽ تہ شور و فغان،
آيو دورِ خزان، ويڃي ويا بال و پر، ڪنهن کي ڪنهن جي خبر.

حيف! رنج و الم، شور ماتم ۽ غم، کين همدم نہ در،
ساقيِ محتشم، ابنِ آدم جي لڌ کجهہ تہ ٿي چاره گر.

هيڏا دارو رسن، قيد ۾ فکر و فن، زندگي بي کفن،
پنهنجو تن ۽ نہ من، تابکے بيے دهن، لنڊ ۾ ديده ور.

تنهنجو مشڪل ڪيلڻ، تنهنجو ريجهڻ رُسڻ، تنهنجو لوڏڻ سڏڻ،
توتان گهوري وڃان، تنهنجي حسنِ ادا، تنهنجو حسنِ نظر.

●

حريفِ آتشِ جان ٿي نہ چشمِ تر، لہ سهي،
دل و جگر تہ رهيا گرم تر، ٻَهرَ نہ سهي.

خدا جو شڪر، غمِ اين و آن جو آهيان امين،
لہ آهہ پنهنجي مقدّر ۾ سيم و زر، لہ سهي.

لمحہ لمحہ غمِ دوران جو آه حسنِ حيات،
لہ آهہ دامنِ گلچين ۾ برگ و بَر، لہ سهي.

قدم قدم تي هي دار و رسن ٿيا ڪنهن ڪان؟
اوهان ڪان! خُوب! اوهان کي مگر خبر، نہ سهي.
نَظر انَظر ۾ طلسمات فن جا لَظّارا،
جهان٦ پناهه! اوهان جي ڪٽي نظر، نہ سهي.
مسافر آهيون، نہ منزل، نہ راه ۽ نہ سُڪون٦،
اجا وَڏون پيار، ٿيو خضر همسفر، نہ سهي.
اي برق رو، ذرا ڏسجان هي آشيان برباد!
سندءِ بہ حصّو ٿيو ڪجهہ ڪجهہ، تمام تر، نہ سهي.
زبان سان مڃ تہ قصور آهي، ڪجهہ تغافل آهي،
چوي ٿو ڪير؟ تلافي تون ڪر، نہ ڪر، نہ سهي.
اسان تہ ديروحرم ڪان مٿي ڪيا سَجدا،
ڪنهين جو در نہ سهي ۽ ڪو سنگِ در، نہ سهي.
خموشي، نطق و بيان٦ جي ڪيسون مترادف،
اوهين ٻُڌو ٿا، ڪٽي ان جو ڪو اثر، نہ سهي.
قريب آهيون، تصور ۾ ٿا رهون زنده،
اچون وڃون ٿا، بہ ظاهر ڪو، نامہ بر، نہ سهي.
مشامِ جان٦ تہ خيالات کي ٿي اخذ ڪري،
پري تون پير اسان ڪان نہ ڪر گذر، نہ سهي.
مقدّرات جا قائل رهون ٿا، ڇا ٻہ هجي،
جهانِ عشق ۾ پنهنجو ڪو چاره گر، نہ سهي.
وفا شناس رهون ٿا ۽ مطمئن آهيون،
ٿي بوالهوس لہ قدر تي رکيوسون سر، نہ سهي.
وفا جو دم ڀيا پرينداسون جيسين آهيون حيات،
ٻُڌي، ٻُڌي نہ ٻُڌي، آهَ برائر، نہ سهي.
سخن شناس سکوت آشنائي ٿيندو آه،
ادا شناس اکيان لاهيون نوحہ گر، نہ سهي.
دل و نظر ڪان وساري سگهيو نہ تنهنجي ياد،
نہ ڪامران٦ ٿو رهي يارَ، حيلہ گر، نہ سهي،
'گرامي' کو تہ اشارات کي ٻہ سمجهي ٿو،
سخن شناس ڪو آهي، سڄو شهر، نہ سهي.

ضميمو ——— ڈاڪٽر در محمد پٹاڻ

زنده شعراءَ ڪرام جون ولادتون ۽ مرحوم شعراءَ ڪرام جون ولادتون ۽ وفاتون

۱. مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"
ولادت:۵، آڪٽوبر، ۱۹۱۹ع مطابق ۹ محرم ۱۳۳۸هـ

۲. آغا عبدالنبي خان "آغا"
ولادت:۱۶ مارچ ۱۹۰۳ع مطابق ۱۶ ذوالحج ۱۳۲۰هـ
وفات:

۳. ڈاڪٽر اسد الله شاهه "بيخود" حسيني
ولادت:۱۲، اپريل ۱۹۳۱ع مطابق ۲۳ ذوالقعد ۱۳۴۹هـ
وفات:۲۴ جولاءِ ۱۹۸۱ع مطابق ۲۱ رمضان ۱۴۰۱هـ

۴. ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ولادت:۱۶ ڊسمبر ۱۹۱۷ع مطابق ۳۰ صفر ۱۳۳۶هـ

۵. ڈاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل"
ولادت:۲۴ ڊسمبر ۱۹۰۰ع، مطابق ۲ رمضان ۱۳۱۸هـ
وفات:۱۹ نومبر ۱۹۸۲ع مطابق ۲ صفر ۱۴۰۳هـ

۶. رشيد احمد لاشاري "رشيد"
ولادت:۱۸، اپريل ۱۹۲۲ع مطابق ۱۹ شعبان ۱۳۴۰هـ
وفات:۲۰ سيپٽمبر ۱۹۷۰ع مطابق ۱۸ رجب ۱۳۹۰هـ

۷. فيض بخشا پوري
ولادت:۱۹۲۲ع

۸. عبدالله "خواب" حيدرآبادي
ولادت:۲۹ ڊسمبر ۱۹۰۳ع مطابق ۹ شوال ۱۳۲۱هـ
وفات:۲۱ فيبروري ۱۹۸۱ع مطابق ۱۵ ربيع الثاني ۱۴۰۱هـ

۹. سردار علي شاهه "ذاڪر"
ولادت:۱، جنوري ۱۹۲۸ع مطابق ۷ رجب ۱۳۴۶هـ
وفات:

۱۰. ا.ح. جئسنگهاڻي "سامر"
ولادت:۳، جون ۱۹۰۳ع مطابق ۶ ربيع الاول ۱۳۲۱هـ
وفات:

۱۱. شيخ عبدالرزاق "راز"
ولادت:۲۹ جنوري ۱۹۱۹ع مطابق ۲۶ ربيع الثاني ۱۳۳۷هـ
وفات:

۱۲. سليم هالائي
ولادت:۱۲ نومبر ۱۹۱۸ع مطابق ۷ محرم ۱۳۳۷هـ

۱۳. محمد اسماعيل عرساڻي "فدا"
ولادت:۱۷، سيپٽمبر ۱۹۰۶ع مطابق ۲۷ رجب ۱۳۲۴هـ
وفات:

۱۴. مرزا اسد بيگ "اسد"
ولادت:۱۸ سيپٽمبر ۱۹۱۳ع مطابق ۱۶ رمضان ۱۳۳۱هـ
وفات:۱۰، اپريل ۱۹۹۰ع

۱۵. سيد نجف علي شاهه "ڪمتر" نقوي
ولادت:۲۱ اپريل ۱۹۲۳ع مطابق ۴ رمضان ۱۳۴۱هـ
وفات:۱۲ سيپٽمبر ۱۹۸۴ع مطابق ۱۵ ذوالحج ۱۴۰۴هـ

١٦. سيد لطف علي شاه "منظور" نقوي

ولادت:١٧ مئي ١٩٢٤ع مطابق ١٣ شوال ١٣٣٧ھ

١٧. عبدالفتاح "عبد" عاقلي

ولادت:٢٧ اپريل ١٩٠٧ع مطابق ٢٩ جمادي الاول ١٣٢٥ھ

وفات:٢٢ اپريل ١٩٧٣ع مطابق ١٨ ربيع الاول ١٣٩٣ھ

١٨. سيد اظهر گيلاني

ولادت:١١، آكتوبر ١٩١٥ع مطابق ١، ذي القعد ١٣٣٣ھ

١٩. مظفر حسين "جوش"

ولادت:٢٢ دسمبر ١٩١٩ع مطابق ٢٨ ربيع الاول ١٣٣٨ھ

٢٠. عبدالقيوم "صائب"

ولادت:٢٧، جولاءِ ١٩٢٧ع مطابق ٢٧ محرم ١٣٤٦ھ

٢١. بلاول پرديسي

ولادت:٢٩ مارچ ١٩٣١ع مطابق ٩ ذي القعد ١٣٤٩ھ

٢٢. معمور يوسفائي

ولادت:٢٤ جنوري ١٩٢٩ع ١٢ شعبان ١٣٤٧ھ

٢٣. عمرالدين "بيدار"

ولادت:١، اپريل ١٩٢٩ع مطابق ٢٠ شوال ١٣٤٧ھ

٢٤. "قلندر" لكياري

ولادت:١٠، مئي ١٩٤٠ع مطابق ٢ ربيع الاخر ١٣٥٩ھ

٢٥. حبيب الله "حبيب" پتو

ولادت:١، نومبر ١٩١٧ع مطابق ١٥ محرم ١٣٣٦ھ

وفات:١٨ اپريل ١٩٨٠ع مطابق ١ جمادي الثاني ١٤٠٠ھئه

٢٦. نور شاهين

ولادت:١٨، آگست ١٩٤٢ع مطابق ٦ شعبان ١٣٦١ھ

٢٧. رضيه "ناز" پتي

ولادت:٩ مئي ١٩٤٨ع مطابق ٢٩ جمادي الثاني ١٣٦٧ھ

٢٨. مولانا دين محمد "اديب" فيروز شاهي

ولادت:٢١ مارچ ١٨٩٧ع مطابق ١٥ شوال ١٣١٤ھ

وفات:٢٧ فيبروري ١٩٧٣ع مطابق ٢٣ محرم ١٣٩٣ھ

٢٩. حافظ محمد احسن

ولادت:١٢، اپريل ١٩٠٠ع مطابق

وفات:

٣٠. سيد علي اكبر شاهه

ولادت:

وفات:٢٢، جون ١٩٦٩ع مطابق ٦ ربيع الثاني ١٣٨٩ھ

٣١. مولانا حاجي احمد ملاح

ولادت:١٨٧٧ع

وفات:١٩ جولاءِ ١٩٦٩ع مطابق ٣ جمادي الاول ١٣٨٩

٣٢. مولانا محمد عظيم شيدا

ولادت:١٨٨٢ھ

وفات:٦، آكتوبر ١٩٨٨ع

٣٣. مولانا در محمد "خاك" كانڈلوي

ولادت:١٨٩٧ع مطابق ١٢ ربيع الاول ١٣١٣ھ

وفات:٢، سيپٹمبر ١٩٨٥ع مطابق ١٦ ذوالحج ١٤٠٥ع

٣٤. سليم گاڑهوي

ولادت:١٥ مارچ ١٩٢٥ع مطابق ٩ شعبان ١٣٤٣ھ

وفات:٤، سيپٹمبر ١٩٨٧ع

٣٥. مولوي عبدالرحمان "ضيائي"

ولادت:

وفات:

٣٦. مولوي نورالدين "نور"

ولادت:١، مارچ ١٩٢٧ع مطابق ٢٦ شعبان ١٣٤٥ھ

وفات:

٣٧. محمد موسيٰ "راز"

ولادت:٣٠، آگست ١٨٩٨ع مطابق ٢٢ ربيع الثاني ١٣١٧ھ

وفات:١٥ مارچ ١٩٨٧ع مطابق ١٤ رجب ١٤٠٧ھ

٣٨. لطف الله بدوي

ولادت:۴، جولاءِ ۱۹۰۴ع مطابق ۱۹ ربيع الثاي ۱۳۲۲ھ

وفات:۱۹، دسمبر ۱۹۶۸ع مطابق ۲۸ رمضان ۱۳۸۸ھ

۳۹. سليمر سرهندي

ولادت:۱۳۲۷ھ

۴۰. خليل سرهندي

ولادت:۱۰ جولاءِ ۱۹۱۶ع مطابق ۸ رمضان ۱۳۳۶ھ

۴۱. گل حسن شاهه "مجذوب"

ولادت:۱۳۲۹ھ

۴۱. رحيمر بخش "قمر"

ولادت:۲۲، نومبر ۱۹۳۳ع مطابق ۳ شعبان ۱۳۵۲ھ

۴۱. حافظ ضياءُالحق "اسلمر"

ولادت:۲۲ فيبروري ۱۹۳۱ع مطابق ۳ شوال ۱۳۴۹ھ

۴۱. مولوي عبدالله "اثر"

ولادت:۱۶ جولاءِ ۱۹۲۰ع مطابق ۱۸ ذي القعد ۱۳۴۰ھ

وفات:۲۶ دسمبر ۱۹۷۶ع مطابق ۴ محرم ۱۳۹۶ھ

۴. ميوو خان "موج" لغاري

ولادت:۱۹۰۶ع

۴. رحيمداد خان مولائي شيدائي

ولادت:۱۸۹۴ع

وفات:۱۲ فيبروري ۱۹۷۸ع مطابق ۳ ربيع الاول ۱۳۹۸ھ

۴. "اضعف" هالائي

ولادت:۱۴ آگسٹ ۱۸۹۷ع مطابق

۴. منصور ويراڳي

لادت:۸، آڪٽوبر ۱۹۳۰ع مطابق ۱۴ جمادي الاول ۱۳۴۹ھ

۴. مير حاجي محمد بخش خان تالپور "مير"

ولادت:۱۹۲۴ع مطابق ۱۳۴۲ھ

وفات:۳۰، مئي ۱۹۸۵ع مطابق ۱۰ رمضان ۱۴۰۵ھ

۵۰. نواب نور احمد خان لغاري "مسڪين"

ولادت:۱۹۲۰ع مطابق

۵۱. نواب بهاول خان لغاري "بهاول"

ولادت:۱۴ مئي ۱۹۲۱ع، مطابق ۵ رمضان ۱۳۳۹ھ

۵۲. الحاج خليفو محمد اسماعيل "قاسمر" پلي

ولادت:۱۸۹۱ع

۵۳. فقير ولي بخش راجڙ

ولادت:۱۳۳۱ھ

۵۴. "داغ" ٽڪڙائي

ولادت:۲۲، جنوري ۱۹۱۶ع مطابق ۱۶ ربيع الاول ۱۳۳۴ھ

۵۵. محمد عثمان ڏيپلائي "شائق"

ولادت:۳، جولاءِ ۱۹۰۸ع مطابق ۳ جمادي الثاني ۱۳۲۶ھ

وفات:۷، فيبروري ۱۹۸۱ع مطابق ۱ ربيع الثاني ۱۴۰۱ھ

۵۶. مسڪين ملا ڪاتياري

ولادت:۱۹۲۳ع

۵۷. آخوند فضل صديق "فضل"

ولادت:۲۶، جون ۱۹۱۶ع مطابق ۱۰ رجب ۱۳۳۰ھ

۵۸. افضل مصرپوري

ولادت:۵ نومبر ۱۹۳۲ع مطابق ۵ رجب ۱۳۵۱ھ

۵۹. مولوي عبدالحميد منگريو

ولادت:

۶۰. مخدوم محمد امين "فهيمر" صديقي

ولادت:۱۴ آگسٹ ۱۹۳۹ع مطابق ۱۹ جمادي الاخر ۱۳۵۸ھ

۶۱. پير شاهنواز شاه "عارف المولا"

ولادت:آڪٽوبر ۱۹۲۲ع مطابق

۶۲. سيد احسن الهاشمي "احسن"

ولادت:۲۳ سيپٽمبر ۱۹۲۳ع مطابق ۱۱ محرم ۱۳۲۴ھ

٦٣. سيد حافظ شاه "ناطق" حسيني

ولادت:٢٦ فيبروي١٩٢٦ع مطابق١٢ شعبان ١٣٤٤هـ

٦٤. شبير هاتف

ولادت:٤،اپريل١٩٤٠ع مطابق٢٥ صفر ١٣٥٩هـ

٦٥. محبوب سروري

ولادت:٨ جنوري١٩٣٤ع مطابق٢١ رمضان ١٣٥٢هـ

٦٦. راز بلڑائي

ولادت:١٢ دسمبر١٩٢٣ع مطابق٣ جمادي الاول١٣٤٢هـ

٦٧. "نشتر" ناڑن شاهي

ولادت:١٥ مارچ١٩٢٩ع مطابق٤ ذيقعد ١٣٤٧هـ

٦٨. حسين بخش خادم سروري

ولادت:١٥ مارچ١٩٥١ع مطابق٦ جمادي الثاني١٣٧٠هـ

٦٩. جليل سروري

ولادت:١٩٣٢ع

٧٠. ولي سروري

ولادت:١٢ مئي١٩٣٦ع

٧١. "مائل" سروري

ولادت:١٩ آگسٹ١٩٣٧ع مطابق١١ جمادي الثاني١٣٥٦هـ

٧٢. عبدالخالق "شهيد"

ولادت:١٩٣٤ع

٧٣. حامد علي انور احمد زئي

ولادت:١١،آكتوبر١٩٣٦ع مطابق٢٤ رجب١٣٥٥هـ

٧٤. شيخ اياز

ولادت:٢٣ مارچ١٩٢٣ع مطابق٦ رمضان١٣٤١هـ

٧٥. عبدالكريم "گدائي"

ولادت:١،جنوري١٩٠١ع مطابق٩ رمضان١٣١٨هـ

وفات:٢٨،جنوري١٩٧٨ع مطابق١٨ صفر١٣٩٨هـ

٧٦. حيدر بخش جتوئي "حيدر"

ولادت:١٠ آكتوبر١٩٠١ع مطابق٢٦ جمادي الثاني ١٣١٩هـ

وفات:٢١ مئي١٩٧٠ع مطابق١٤ ربيع الاول١٣٩٠هـ

٧٧. تنوير عباسي

ولادت:٧ دسمبر١٩٣٤ع مطابق٢٩ شعبان ١٣٥٣هـ

٧٨. نياز همايوني

ولادت:١،اپريل١٩٣٠ع مطابق١،ذيقعد ١٣٤٨هـ

٧٩. شمشير الحيدري

ولادت:١٥،سيپٹمبر١٩٣٢ع مطابق١٣ جمادي الاول١٣٥١

٨٠. امداد حسيني

ولادت:١٢ مارچ١٩٤٠ع مطابق٢ صفر ١٣٥٩هـ

٨١. محسن ڪڪڑائي

ولادت:٤ جولاءِ١٩٣٧ع مطابق٢٤ ربيع الاخر ١٣٥٦

٨٢. پروانو پنّي

ولادت:١٦ فيبروري١٩٣٤ع مطابق١ ذيقعد ١٣٥٢هـ

٨٣. بردو سنڌي

ولادت:١٥ مارچ١٩٢٢ع مطابق١٥ رجب١٣٤٠هـ

وفات:١٩٨٨ع

٨٤. سروپچند "شاد"

ولادت:٢ جنوري١٩٣٧ع مطابق١٨ شوال١٣٥٥هـ

٨٥. سرويچ سجاولي

ولادت:١٤ مارچ١٩٣٧ع مطابق٣٠ ذوالحج١٣٥٥هـ

٨٦. عبدالكريم "كريم" پلي

ولادت:٢١ آگسٹ١٩٤٠ع مطابق١٦ رجب١٣٥٩هـ

٨٧. فتاح ملڪ

ولادت:٣ مارچ١٩٣٩ع مطابق١١ محرم ١٣٥٨هـ

٨٨. ذوالفقار راشدي

ولادت:١٠،مارچ١٩٣٨ع،مطابق٧محرم ١٣٥٦هـ

وفات:

٨٩. شيخ عبدالحليم "جوش"

ولادت:١،مارچ١٩٣٢ع مطابق٢٢ شوال

٩٠. علي محمد مجروح

ولادت:١٩٢٦ع

٩١. تاج بلوچ

ولادت:٢٥،مئي١٩٤٠ع مطابق١٧ ربيع الاخر ١٣٥٩هـ

٢٩. غلام احمد "بيدم"

ولادت:٢٢ آكتوبر١٩٣٦ع مطابق٥ شعبان ١٣٥٥هـ

٩٣. استاد بخاري

ولادت:١٦ جنوري١٩٣٠ع مطابق١٥ شعبان١٣٤٨هـ

٩٤. انور هالائي

ولادت:١١ دسمبر١٩٢٥ع مطابق٢٤ جمادي الاول١٣٤٤هـ

٩٥. نديم انصاري

ولادت:٨دسمبر١٩٢٧ع مطابق١٣ جمادي الاخر١٣٤٦هـ

٩٦. شفيع محمد "اوج" علوي

ولادت:١٤آكتوبر١٩٢١ع مطابق١٣ ربيع الاول١٣٤٠هـ

وفات:١٩٧٢ع

٩١. مصفطيٰ حيدر جتوئي

ولادت:٢٦ مئي١٩٣٤ع مطابق١١ صفر١٣٥٣هـ

وفات:٢٥ مئي١٩٧٥ع مطابق١٣ جمادي الثاني١٣٩٥هـ

٩٧. عبدالفتاح "عبد" بٹورائي

ولادت:١٩ مارچ١٩٣٣ع مطابق٢١ ذيقعد١٣٥١هـ

٩٧. قيوم طراز

ولادت:سيپٹمبر١٩٣٥ع

١٠٠. قمر شهباز

ولادت:١٣ اپريل١٩٣٨ع مطابق١٠ محرم١٣٥٦هـ

١٠١. جوئيجو عبدالجبار "شامر"

ولادت:٢٦ نومبر١٩٣٥ع مطابق٢٨ شعبان١٣٥٤هـ

١٠٢. محمد علي "جوهر"

ولادت:١٩٣١ع

١٠٣. احمد خان "آصف"

ولادت:٨جولاءِ١٩٢٢ع مطابق١٣ ذيقعد١٣٤٠هـ

وفات:١٥ جولاءِ١٩٨٩ع

١٠٤. احمد خان اختر

ولادت:٢٣،اپريل١٩١٥ع مطابق٧ جمادي الثاني١٣٣٣هـ

١٠٥. محمد عثمان "ناطق"

ولادت:جون١٩٢٨ع

١٠٦. محمد حسين "كاشف"

ولادت:٣،فيبروري١٩٤٠ع مطابق٢٣ ذي الحج ١٣٥٩هـ

١٠٧. عبدالغفور "عابد"

ولادت:٢٥ نومبر١٩٤٢ع مطابق١٧ ذيقعد١٣٦١هـ

١٠٨. آثم ناٹنشاهي

ولادت:١٩٣٧ع

١٠٩. وفا ناٹنشاهي

ولادت:١٥ مئي١٩٤٤ع مطابق٣ جمادي الثاني١٣٦٣هـ

١١٠. راز ناٹنشاهي

ولادت:٧آگست١٩٤٧ع مطابق١٩ رمضان١٣٦٦هـ

١١١. راج محمد "جمال" پلي

ولادت:٢٧ آگست١٩٤٠ع مطابق٢٢ رجب١٣٥٩هـ

١١٢. ولي محمد "وفا"

ولادت:٧دسمبر١٩٤٤ع مطابق٢١ ذوالحج١٣٦٣هـ

۱۱۳. نظير ټکړائي

ولادت:۱،اپريل۱۹۳۰ع مطابق۱ ذيقعد ۱۳۴۸هـ

۱۱۴. نثار بزمي

ولادت:۱۳ جون۱۹۲۴ع مطابق۹ ذيقعد ۱۳۴۲هـ

۱۱۵. صوفي ساجد سرشاري

ولادت:۱۵،اپريل۱۹۲۲ع مطابق۱۶ شعبان۱۳۴۰هـ

۱۱۶. تاج صحرائي

ولادت:۱۴ سيپټمبر۱۹۲۱ع مطابق۱۱ محرم ۱۳۳۹هـ

۱۱۷. مقبول احمد پټي "دانش"

ولادت:۵ جنوري۱۹۲۷ع مطابق۳۰ جمادي الاخره۱۳۴۵هـ

وفات:۲۱ فيبروري۱۹۷۷ع مطابق۲ ربيع الاول۱۳۹۷هـ

۱۱۸. نواب جان علي خان لغاري "جان"

ولادت:۱۹۱۷ع

۱۱۹. شيخ محمد سومار

ولادت:۱،جنوري۱۹۳۵ع مطابق۲۴ رمضان۱۳۵۲هـ

وفات:۲۴ آکټوبر۱۹۸۶ع مطابق۱۹ صفر۱۴۰۷هـ

۱۲۰. غلام حسين رنگريز

ولادت:

۱۲۱. حيدر علي تالپر

ولادت:۱۱،مئي۱۹۴۴ع مطابق۱۹ جمادي الاول۱۳۶۳هـ

۱۲۲. غازي ټکړائي

ولادت:۳ آگسټ۱۹۳۴ع مطابق۲۱ ربيع الاول۱۳۵۳هـ

۱۲۳. قلب علي "قلب"

ولادت:۲۱ نومبر۱۹۲۶ع مطابق۱۴ جمادي الاول۱۳۴۵هـ

۱۲۴. رشيد پټي

ولادت:۶ جولاءِ۱۹۳۳ع مطابق۲۲ ربيع الاول۱۳۵۲

وفات:۱۵ فيبروري۱۹۸۸ع مطابق۲۷ جمادي الثاني۰۸

۱۲۵. دوست محمد چانڈيو

ولادت:۱۹۴۸ع

۱۲۶. مير غلام الله تالپر "امير"

ولادت:اپريل۱۹۴۸ع

۱۲۷. محمد يعقوب "آرزو"

ولادت:۸،اپريل۱۹۴۸ع مطابق۲۸ جمادي الاول۶۷

۱۲۸. پرکاش "ديپ"

ولادت:۴،اپريل۱۹۶۹ع مطابق۴ جمادي الثاني۶۸

۱۲۹. علي بخش "رضا"

ولادت: ۱۹۱۰ع

وفات۲۹ اپريل۱۹۷۴ع مطابق۶ ربيع الثاني۱۳۹۴

۱۳۰. مدد علي "سانگي"

ولادت:۱۲ آکټوبر۱۹۵۱ع مطابق۱۰ محرم۱۳۷۰

۱۳۱. امتياز حسين قاضي "خيام"

ولادت:۲ جنوري۱۹۵۳ع مطابق۳ ربيع الثاني۱۳۷۱

۱۳۲. "ناشاد" (نفيس احمد شيخ)

ولادت:۱۰ نومبر۱۹۴۷ع مطابق۲۵ ذوالحج۱۳۶۶

۱۳۳. غلام محمد گرامي

ولادت: ۳۰ دسمبر۱۹۲۰ع مطابق۱۹ ربيع الثاني۲۹

وفات:۱۵ سيپټمبر۱۹۷۶ع